# يشوع

## تعارف

"يشوع" نالي هن مقدس ڪتاب ۾ بني اسرائيل جي ڪنعان ملڪ کي فتح ڪرڻ جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪو ملڪ هنن موسيٰ نبيءَ جي جاءِنشين يشوع جي اڳواڻيءَ ۾ فتح ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ جيڪي خاص واقعا بيان ڪيل آهن تن ۾ اردن درياءُ پار ڪرڻ، يريحو شهر کي فتح ڪرڻ، عئي شهر واري لڙائي ۽ خدا ۽ سندس قوم جي وچ ۾ عهد جي تجديد شامل آهن. هن ڪتاب ۾ هڪڙي مشهور آيت آهي، جنهن ۾ يشوع بني اسرائيل جي اڳيان اعلان ٿو ڪري ته "هاڻ جيڪڏهن خداوند جي عبادت ڪرڻ اوهان کي چڱي نه ٿي لڳي، ته پوءِ اڄ فيصلو ڪريو ته اوهين ڪنهن جي عبادت ڪندا.... باقي رهيو سوال منهنجو ۽ منهنجي ڪٽنب جو، سو اسين خداوند جي ئي عبادت ڪنداسين." (15:24).

### سِٽاءُ


ڪنعان ملڪ جي فتح 1:1–24:12
زمين جي ورهاست 1:13–45:21
1. اردن درياءَ جي اڀرندي واري زمين 1:13–33
2. اردن درياءَ جي الهندي واري زمين 1:14–51:19
3. پناهه ڏيڻ وارا شهر 1:20–9
4. لاوين جا شهر 1:21–45
اڀرندي وارن قبيلن جو پنهنجن علائقن ڏانهن موٽڻ 1:22–34
يشوع جي الوداعي تقرير 1:23–16
سڪم شهر وٽ عهد جي تجديد 1:24–33


---

## يشوع کي خدا جو حڪم

1 ⑴خداوند جي ٻانهي موسيٰ جي وفات کان پوءِ موسيٰ جي
خادم يشوع ولد نون سان خداوند ڳالهايو. ⑵ڪيس چيائين ته
"منهنجو ٻانهو موسيٰ مري ويو آهي. هاڻي تون ۽ هيءَ سڄي قوم
تيار ٿيو ۽ اردن درياءُ پار ڪري ڪنعان ملڪ ۾ وڃو جيڪو آءٌ بني
اسرائيل کي ڏيڻ وارو آهيان. ⑶جنهن جنهن جاءِ تي اوهان سيني جو
پير پوندو سا آءٌ اوهان کي ڏيندس، جيئن مون موسيٰ سان واعدو ڪيو
هو. ⑷اوهان جون سرحدون ڏکڻ ۾ بيابان تائين، اتر ۾ لبناني جبلن
جي قطار تائين، اوڀر ۾ حتين جي ساري ملڪ سميت وڏي نديءَ فرات
تائين ۽ اولهه ۾ ڀُونوچ سمنڊ تائين ٿينديون. ⑸تنهنجي سڄي زندگيءَ
۾ ڪوبه ماڻهو تنهنجي سامهون بيهي نه سگهندو. جيئن آءٌ موسيٰ
سان هوس، تيئن تو سان به هوندس. آءٌ تو کي نڪي نااميد ڪندس،
نڪي ڇڏي ڏيندس. ⑹مضبوط ۽ همت وارو ٿيءُ، ڇالاءِجو تون ئي
هنن ماڻهن کي اهو ملڪ هٿ ڪرڻ لاءِ وٺي ويندين جنهن جي ڏيڻ
بابت مون هنن جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو. ⑺تون رڳو مضبوط
۽ تمام همت وارو ٿيءُ. ان سڄيءَ شريعت تي ڌيان سان عمل ڪر
جيڪا مون پنهنجي ٻانهي موسيٰ معرفت ڏني. انهيءَ کان ذرو به
ساڄي يا کاٻي پاسي نه ڦر، ته جيئن جيڏانهن به تون وڃين تيڏانهن
ڪامياب ٿئين. ⑻اهو شريعت جو ڪتاب تنهنجي زبان تان لهڻ نه
گهرجي. رات ڏينهن تون انهيءَ تي غور ڪندو رهه ۽ جيڪي منجهس
لکيل آهي تنهن تي خبرداريءَ سان عمل ڪر. تڏهن ئي تون خوشحال
۽ ڪامياب ٿيندين. ⑼ڏس، مون تو کي حڪم ڪيو آهي ته مضبوط
۽ همٿ وارو ٿيءُ. نڪي ڊڄ نڪي بيهمت ٿيءُ، ڇالاءِجو جيڏانهن
به تون ويندين تيڏانهن آءٌ خداوند تنهنجو خدا تو سان گڏ هوندس."

---

1:3–5 شر 24:11–25 1:5 شر 8،6:31، عبر 5:13 1:6 شر 23،7،6:31

## يشوع جو ماڻهن کي حڪم ڏيڻ

10 پوءِ يشوع بني اسرائيل جي اڳواڻن کي حڪم ڏنو تہ 11 ”اوهين
خيمي‌گاهہ جي وچان لنگهندي ماڻهن کي هي حڪم ڏيو تہ ’اوهين
پنهنجي لاءِ سيڌو سامان تيار ڪريو، ڇالاءِجو ٽن ڏينهن کان پوءِ
اسين اردن درياءُ پار ڪري انهيءَ ملڪ تي قبضو ڪرڻ لاءِ هلنداسون
جيڪو خداوند اسان کي ميراث ڪري ڏيڻ وارو آهي.‘ “
12 پوءِ يشوع بني روبن، بني گد ۽ منسيءَ جي اڌ قبيلي کي چيو
تہ 13 ”خداوند جي ٻانهي موسيٰ جنهن ڳالهہ جو اوهان کي حڪم
ڏنو هو سا ياد ڪريو. اُها هيءَ هئي تہ خداوند اوهان جي خدا اوهان
کي اردن درياءَ جي اوڀرندي طرف اورينءَ پر وارو علائقو ڏنو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ اوهين منجهس آرام سان رهو. 14 سو اوهان جون زالون،
ٻار ۽ چوپايو مال پلي هن ئي علائقي ۾ رهن. پر اوهان مان سپيئي
جنگي جوان پنهنجي قوم وارن جي اڳيان هٿيار ٻڌي هن پار ڪنعان
ڏانهن وڃن ۽ اتي پنهنجي پائرن جي ايستائين مدد ڪن، 15 جيستائين
خداوند اوهان جو خدا انهن کي بہ آرام سان رهائي جيئن اوهان کي
رهايو اٿس، يعني جيستائين هو انهيءَ ملڪ تي قبضو ڪن جيڪو
خداوند اوهان جو خدا هنن کي ڏيڻ وارو آهي. تنهن کان پوءِ اهي
پلي موٽي اچي هتي اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي پنهنجي علائقي ۾
رهن، جيڪو خداوند جي ٻانهي موسيٰ اوهان کي ڏنو آهي.“
16 تڏهن هنن يشوع کي ورندي ڏني تہ ”توهان جيئن اسان کي
حڪم ڏنو آهي تيئن اسين ڪنداسين ۽ جيڏانهن توهين اسان کي
موڪليندا تيڏانهن وينداسين. 17 جهڙيءَ طرح اسان هر ڳالهہ ۾
موسيٰ جي فرمانبرداري ڪئي هئي تهڙيءَ طرح توهان جي بہ
فرمانبرداري ڪنداسين. رڳو خداوند توهان جو خدا توهان سان هجي،
جيئن موسيٰ سان هو. 18 جيڪو توهان جي حڪم جي خلاف بغاوت
ڪندو يا توهان جي ڪنهن بہ حڪم کي نہ مڃيندو سو ماريو ويندو.
توهين رڳو مضبوط ۽ همٿ وارا ٿيو.“

## جاسوس موڪلڻ

2 1 پوءِ يشوع شطيم وٽان خيمي‌گاهہ مان ٻہ ماڻهو جاسوس
ڪري موڪليا. هن کين چيو تہ ”اوهين ڳجهيءَ طرح وڃي
ڪنعان ملڪ جي، خاص طور تي يريحو شهر مان جاچ لهي اچو.“
تڏهن هو اتان روانا ٿيا ۽ يريحو شهر ۾ آيا. اتي هو راحب نالي
هڪ ڪسبياڻيءَ جي گهر ۾ وڃي رات اتي ٽڪيا. 2 يريحو شهر
جي بادشاهہ کي ٻڌايو ويو تہ ”اڄ رات بني اسرائيل جا ڪي ماڻهو
جاسوسي ڪرڻ لاءِ هتي آيا آهن.“ 3 سو بادشاهہ راحب ڏانهن چوائي
موڪليو تہ ”جيڪي ماڻهو تنهنجي گهر ۾ آيا آهن تن کي آڻي حاضر
ڪر، ڇالاءِجو هو هن سڄي ملڪ جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ آيا آهن.“
4–6 جيتوڻيڪ اهي وٽس اچا ٽڪيل هئا، تنهن هوندي بہ هن بادشاهہ
جي ماڻهن کي وراڻيو تہ ”مون وٽ ٻہ ماڻهو برابر آيا هئا، پر مون
کي خبر نہ آهي تہ ڪٿان جا هئا ۽ ڪيڏانهن ويا. هو رات جو شهر
جي دروازي بند ٿيڻ وقت هتان هليا ويا. اوهين جيڪڏهن جلدي انهن
جو پيڇو ڪندا تہ هنن کي وڃي پهچندا.“ پر راحب تہ انهن ٻنهي
کي گهر جي ڇت تي وٺي وڃي ڪين سڻيءَ جي ڪاٺين ۾ لڪايو هو،
جيڪي هن اتي ٿاهي جوڙي رکيون هيون. 7 تڏهن بادشاهہ جا ماڻهو
اردن درياءَ جي گهير تائين انهن جاسوسن جي ڳولها ۾ نڪتا. جيئن
ئي هو شهر کان ٻاهر نڪتا تيئن شهر جو دروازو بند ڪيو ويو.
8 انهيءَ کان اڳي جو جاسوس سمهي پون، راحب ڇت تي وٽن
ويئي 9 ۽ کين چيائين تہ ”مون کي خبر آهي تہ خداوند هي ملڪ
اوهان کي ڏيئي ڇڏيو آهي. اوهان جو ڊپ اسان تي ايترو تہ وٺي ويو
آهي جو هن ملڪ جا سڀ رهاڪو اوهان بني اسرائيل جي خوف کان
هيسجي ويا آهن. 10 اسان ٻڌو آهي تہ جڏهن اوهين مصر مان ٿي
نڪتا، تڏهن ڪهڙيءَ طرح خداوند اوهان جي لاءِ ڳاڙهي سمنڊ جو
پاڻي سڪائي ڇڏيو هو. اسان اهو بہ ٻڌو آهي تہ اوهان اردن درياءَ جي
اڀرندي پاسي امورين جي ٻن بادشاهن، سيحون ۽ عوج جون ڪيئن
پاڙون پٽي ڇڏيون. 11 جنهن وقت اسان اهي ڳالهيون ٻڌيون تنهن وقت
اسان جو ساهہ ئي سڪي ويو ۽ اوهان جي سببان اسان مان هر ڪو
همٿ هاري ويٺو، ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا ئي مٿي آسمان جو
۽ هيٺ زمين جو خدا آهي. 12 سو هاڻي مهرباني ڪري انهيءَ خداوند
جو مون سان قسم کڻو تہ جهڙو مهربانيءَ وارو سلوڪ مون اوهان
سان ڪيو آهي تهڙو ئي سلوڪ اوهين بہ منهنجي اباڻي گهر سان
ڪندا. تنهن لاءِ مون کي ڪا اعتبار جوڳي نشاني ڏيو، 13 تہ اوهين
منهنجي پيءُ، ماءُ، ڀائرن، ڀينرن ۽ انهن سڀني جي ڪٽنبن کي جيئرو
ڇڏي ڏيندا ۽ اسان کي موت کان بچائيندا.“ 14 تڏهن انهن وراڻيس
تہ ”شل خدا اسان جي جان وٺي جيڪڏهن اسين ائين نہ ڪريون جيئن
چئون ٿا. جيڪڏهن تون اسان جي هيءَ ڳالهہ ظاهر نہ ڪندينءَ تہ پوءِ
جڏهن خداوند اسان کي هي ملڪ ڏيندو تڏهن اسين تو سان مهربان
۽ وفادار رهنداسين.“ 15 پوءِ راحب درِيءَ مان رسي تي هنن کي هيٺ
لاٿو، ڇالاءِجو جنهن گهر ۾ هوءَ رهندي هئي سو ڪوٽ جي ديوار
منجهہ هو. 16 هن کين چيو هو تہ ”اوهين جبلن ڏانهن هليا وڃجو،
متان اوهان جو پيڇو ڪندڙ بادشاهہ جا ماڻهو اوهان کي ڏسي وٺن.
اتي اوهين ٽي ڏينهن لڪي پئجو، جيستائين اهي پيڇو ڪندڙ موٽي
اچن. تنهن کان پوءِ اوهين پلي پنهنجو رستو وٺي هليا وڃجو.“
17 تڏهن انهن ماڻهن راحب کي چيو تہ ”هي جيڪو واعدو تو اسان
کان ورتو آهي سو اسين پورو ڪنداسين. 18 تنهن لاءِ تو کي هي
ڪرڻو آهي جو جڏهن اسين هن ملڪ ۾ داخل ٿيون، تڏهن جنهن درِيءَ
مان تون اسان کي هيٺ لاهين ٿي، تنهن ۾ تون هيءَ لال ڳاڙهي

---

1:12–15 ڳا 32:28–32، شر 3:18–20، يش 22:1–6 2:1 عبر 11:31، يعقوب 2:25 2:10 خر 14:21، ڳا 21:21–35

رنگ جي ڏوري ٻڌي ڇڏجانءِ ۽ تون پنهنجي پيءُ، ماءُ، ڀائرن ۽
پنهنجي پيءُ جي سڄي گهراڻي کي پنهنجي گهر ۾ آڻي گڏ ڪجانءِ.
⑲ جيڪو بہ تنهنجي گهر مان نڪري ٻاهر ايندو تہ انهيءَ جو خون
انهيءَ مٿان هوندو ۽ اسان جي جوابداري نہ رهندي، پر تنهنجي گهر
اندر جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهہ ٿيو تہ اها اسان جي جوابداري
هوندي. ⑳ پر جيڪڏهن تو اسان جي هيءَ ڳالهہ ظاهر ڪئي تہ پوءِ
جيڪو واعدو تو اسان کان ورتو آهي تنهن کان اسين آجا رهنداسين."
㉑ راحب انهن جي اها ڳالهہ مڃي. پوءِ جڏهن راحب انهن کي روانو
ڪيو تنهن کان پوءِ هن اها لال ڳاڙهي رنگ جي ڏوري دريءَ ۾ ٻڌي
ڇڏي.

㉒ اهي ٻيئي جاسوس اتان جبلن ڏانهن هليا ويا ۽ ٽي ڏينهن اتي پاڻ
کي لڪايائون. سندن پيڇو ڪندڙن هنن کي سيني رستن تي ڳولهيو
پر ڪين لهي نہ سگهيا، سو اهي شهر ڏانهن خالي هٿين موٽي آيا.
㉓ تڏهن ٻيئي جاسوس جبلن تان لهي، نديءَ جي گهير وٺان ٽپي
يشوع ولد نون وٽ موٽي آيا ۽ جيڪي ساڻن وهيو واپريو هو سو سڀ
ڪيس ٻڌايائون. ㉔ هنن يشوع کي وڌيڪ چيو تہ "پڪ سان خداوند
اهو سڄو ملڪ اسان کي ڏيئي ڇڏيو آهي. اتان جا سڀ رهاڪو اسان
جي خوف کان هيسجي ويا آهن."

## اردن درياءُ پار ڪرڻ

3 ① ٻئي ڏينهن صبح جو يشوع ۽ بني اسرائيل جا سڀيئي ماڻهو
شطيم مان اٿي روانا ٿيا ۽ اردن درياءَ وٽ آيا، جتي هو ڪنعان
ملڪ ڏانهن پار وڃڻ کان اڳ خيما کوڙي ترسي پيا. ② ٽن ڏينهن
کان پوءِ عملدار خيمي‌گاهہ جي وچان لنگهيا ③ ۽ ماڻهن کي حڪم
ڏنائون تہ "جڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي عهد واري صندوق
لاوي ڪاهنن کي کڻندي ڏسو تڏهن اوهين منزل ڪٽي انهيءَ جي
پٺيان هلجو. ④ اهو انهيءَ لاءِ تہ جنهن رستي تان اوهان کي هلڻو
آهي تنهن جي اوهان کي خبر پوي، ڇالاءِجو اوهين اڳي ڪڏهن بہ
هن رستي سان نہ لنگهيا آهيو. پر عهد واري صندوق جي ويجهو نہ
وڃجو، اوهان جي ۽ انهيءَ جي وچ ۾ اٽڪل هڪ ڪلوميٽر جيتري
وٿي هجڻ گهرجي."
⑤ پوءِ يشوع ماڻهن کي چيو تہ "اوهين پاڻ کي پاڪ ڪريو،
ڇالاءِجو سڀاڻي خداوند اوهان منجهہ ڪي عجب جهڙا ڪم ڪندو."
⑥ يشوع ڪاهنن کي چيو تہ "عهد واري صندوق کڻو ۽ ماڻهن جي
اڳيان اڳيان هلو." سو هنن اها صندوق کنئي ۽ ماڻهن جي اڳيان هلڻ
لڳا.
⑦ خداوند يشوع کي فرمايو تہ "اڄ آءٌ اهڙو ڪم ڪندس جنهن
مان تون سڄي بني اسرائيل جي نظر ۾ سرفراز ٿيڻ شروع ٿيندين،
تہ جيئن هو ڄاڻن تہ جهڙيءَ طرح آءٌ موسيٰ سان گڏ هوس، تهڙيءَ
طرح تو سان بہ آهيان. ⑧ تون عهد واري صندوق کڻي هلندڙ ڪاهنن
کي حڪم ڏي تہ جڏهن هو اردن درياءَ جي ڪناري تي پهچن تہ هو
پاڻيءَ ۾ لهي هڪ هنڌ بيهي رهن."
⑨ سو يشوع بني اسرائيل کي چيو تہ "ويجهو اچي خداوند پنهنجي
خدا جون ڳالهيون ٻڌو. ⑩-⑪ ڏسو، ساري دنيا جي خداوند جي عهد
واري صندوق اوهان جي اڳيان اڳيان اردن درياءَ ۾ وڃڻ واري آهي.
اوهان کي انهيءَ مان خبر پوندي تہ زنده خدا اوهان جي وچ ۾ موجود
آهي ۽ هو ضرور ڪنعانين، حتين، حوين، فرزين، گرگاشين، امورين
۽ يبوسين کي اوهان جي اڳيان اتان پڃائي ڪيندو. ⑫ سو هاڻ اوهين
بني اسرائيل جي قبيلن مان ٻارهن ڄڻا چونڊيو، هر هڪ قبيلي مان
هڪڙو ڄڻو. ⑬ جنهن وقت ساري دنيا جي خداوند جي عهد واري
صندوق کڻي هلندڙ ڪاهنن جا پير اردن درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لڳندا
انهيءَ ئي وقت اردن درياءَ جي پاڻيءَ جو وهڪرو بند ٿي ويندو ۽
پاڻي هڪ هنڌ ڪنو ٿي بيهي رهندو."
⑭ سو جڏهن ماڻهو اردن درياءَ جي پار وڃڻ لاءِ منزل ڪٽي نڪتا تہ
ڪاهن عهد واري صندوق کڻي ماڻهن جي اڳيان اڳيان هلندا رهيا.
⑮ اردن درياءُ هميشہ وانگر فصل جي موسم ۾ ڪنارن کان ٻاهر وهي
رهيو هو. پر جيئن ئي صندوق کڻي هلندڙ ڪاهن اردن درياءَ تي آيا ۽
سندن پير ڪناري واري پاڻيءَ ۾ پيا، ⑯-⑰ تيئن ئي مٿان ايندڙ پاڻيءَ
جو وهڪرو بند ٿي ويو. گهڻو پري ادم شهر وٽ، جيڪو ضرتان جي
پرسان آهي، پاڻي هڪ هنڌ ڪنو ٿي مٿي چڙهڻ لڳو، جڏهن تہ آرباه
جي سمنڊ يعني کاري سمنڊ ڏانهن وهندڙ پاڻي ڇڇي ڏار ٿي پيو.
عهد واري صندوق کڻي هلندڙ ڪاهن اردن درياءَ جي وچ ۾ سڪيءَ
زمين تي ايستري تائين ڄمي بيهي رهيا جيستري تائين سڄي قوم اردن
درياءَ منجهان سڪيءَ زمين تان لنگهي پار نہ ٿي. سو بني اسرائيل
يريحو شهر جي سامهون لنگهي پار ٿيا.

## يادگيريءَ وارا پٿر

4 ① جڏهن سڄي قوم اردن درياءُ پار ڪري ڪنعان ملڪ ۾ پهتي
تڏهن خداوند يشوع کي چيو تہ ② "مردن مان ٻارهن ڄڻا چونڊي
ڪڍ، يعني هر هڪ قبيلي مان هڪڙو ڄڻو. ③ انهن کي حڪم ڏي تہ
اردن درياءَ جي وچ ۾ جنهن هنڌ ڪاهن بيٺا آهن، تنهن هنڌان ٻارهن
پٿر کڻي اچن. کين ٻڌاءِ تہ اهي پٿر پاڻ سان کڻي ڪنعان جي انهيءَ
هنڌ رکن جتي اوهين اڄ رات وڃي ٽڪندا."
④ پوءِ يشوع ٻارهن ماڻهو چونڊي ڪڍيا ۽ ⑤ کين چيائين تہ "اوهين
اردن درياءَ جي وچ ۾ واپس وڃو جتي ڪاهن عهد واري صندوق
جهليو بيٺا آهن. بني اسرائيل جي قبيلن جي شمار مطابق اوهان مان
هر ڪو ماڻهو اتان هڪڙو هڪڙو پٿر پنهنجي ڪلهي تي کڻي اچو،
⑥ انهيءَ لاءِ تہ اهي پٿر اوهان سيني جي لاءِ هڪڙي يادگيري ٿين.
جڏهن ايندڙ وقت ۾ اوهان جا ٻار اوهان کان پڇن تہ 'هنن پٿرن جو
ڪهڙو مطلب آهي؟' ⑦ تڏهن اوهين انهن کي اهو جواب ڏجو تہ
'جڏهن خداوند جي عهد واري صندوق اردن درياءَ منجهان گذري

تہ درياءَ جو وهڪرو بند ٿي ويو هو.' سو اهي پٿر بني اسرائيل جي
لاءِ هميشہ جي واسطي انهيءَ ڳالهہ جي يادگيريءَ جي نشاني ٿي
رهندا."
8 تڏهن هنن ائين ئي ڪيو جيئن يشوع کين حڪم ڏنو. جهڙيءَ
طرح خداوند يشوع کي فرمايو هو، تهڙيءَ طرح بني اسرائيل جي
قبيلن جي شمار موجب هنن ٻارهن پٿر اردن درياءَ جي وچ مان کنيا.
اُهي پٿر پاڻ سان کڻي انهيءَ هنڌ آندائون جتي بني اسرائيل ٽڪيا ۽
اتي اهي رکي ڇڏيائون. 9 يشوع پڻ ٻيا ٻارهن پٿر اردن درياءَ جي
وچ ۾ انهيءَ هنڌ کوڙي ڇڏيا جتي عهد واري صندوق کڻي هلڻ وارا
ڪاهن بيٺا هئا. اهي پٿر اڄ ڏينهن تائين اتي ئي موجود آهن.
10–13 جيڪي جنگي جوان بني روبن، بني گد ۽ منسيءَ جي اڌ
قبيلي مان جنگ جي لاءِ آيا هئا سي موسيٰ جي چوڻ مطابق هٿيار
ٻڌي ٻين ماڻهن کان اڳ ۾ جلدي جلدي عهد واري صندوق جي
اڳيان لنگهي پار ويا ۽ يريحو شهر جي ويجهو ميدان تي لڙائيءَ لاءِ
آيا. اهي اٽڪل چاليهہ هزار ماڻهو هئا. پوءِ جيستائين سڀ ماڻهو پار
لنگهي نہ ويا ۽ اهو سمورو ڪم پورو نہ ٿيو جنهن جي ڪرڻ جو
خداوند موسيٰ ۽ يشوع کي حڪم ڏنو هو، تيستائين ڪاهن عهد جي
صندوق سميت اردن درياءَ جي وچ ۾ بيٺا رهيا.
14–18 پوءِ خداوند يشوع کي فرمايو تہ "عهد واري صندوق کڻي
هلڻ وارن ڪاهنن کي حڪم ڏي تہ هو اردن درياءَ مان نڪري ٻاهر
اچن." سو يشوع ڪاهنن کي حڪم ڏنو تہ "اوهين اردن درياءَ مان
نڪري ٻاهر اچو." تڏهن خداوند جي عهد واري صندوق کڻي هلڻ
وارا ڪاهن بہ اردن درياءَ مان نڪري ٻاهر آيا ۽ جيئن ئي انهن پنهنجا
پير سڪيءَ زمين تي رکيا، تہ اردن درياءَ جو وهڪرو وري شروع ٿي
ويو ۽ اڳي وانگر پاڻي ڪنارن کان ٻاهر وهڻ لڳو.
انهيءَ ڏينهن خداوند بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن جي نظرن ۾
يشوع کي سرفراز ڪيو ۽ بني اسرائيل سندس سڄي حياتيءَ تائين
ڪانئس اهڙو ڊڄندا رهيا جهڙو موسيٰ کان ڊڄندا هئا.
19 انهن ماڻهن پهرين مهيني جي ڏهين تاريخ اردن درياءُ پار ڪري،
يريحو شهر جي اڀرندي واري سرحد تي گلگال ۾ اچي منزل ڪئي.
20 هنن جيڪي ٻارهن پٿر اردن درياءَ مان کڻي آندا هئا سي يشوع اتي
گلگال ۾ کوڙي ڇڏيا. 21 پوءِ يشوع بني اسرائيل کي چيو تہ "ايندڙ
وقت ۾ جڏهن اوهان جا ٻار اوهان کان پڇن تہ 'هنن پٿرن جو مطلب
ڇا آهي؟' 22 تڏهن اوهين پنهنجن ٻارن کي ٻڌائجو تہ 'بني اسرائيل
هن وهندڙ اردن درياءَ وچان سڪيءَ زمين تان لنگهي پار آيا هئا.'
23 جهڙيءَ طرح خداوند اوهان جي خدا اسان جي اڳيان ڳاڙهو سمنڊ
سڪايو هو، جيستائين اسين لنگهي پار نہ ٿيا هئاسين، تهڙيءَ طرح
هن اوهان جي اڳيان اردن درياءَ جو پاڻي پڻ سڪائي ڇڏيو، جيستائين
اوهين لنگهي پار نہ ٿيا. 24 هن اهو انهيءَ لاءِ ڪيو تہ دنيا جون سڀ
قومون ڄاڻي وٺن تہ خداوند ڪيڏي نہ وڏيءَ قدرت وارو آهي ۽ انهيءَ
لاءِ بہ تہ اوهين هميشہ خداوند پنهنجي خدا جو خوف ڪندا رهو."
5 1 اُمورين جا سڀ بادشاهہ جيڪي اردن درياءَ جي الهندي پاسي
رهندا هئا ۽ ڪنعانين جا سڀ بادشاهہ جيڪي ڀُونوچ سمنڊ جي
ويجهو رهندا هئا، تن جڏهن ٻڌو تہ خداوند اردن درياءَ جو پاڻي بني
اسرائيل جي اڳيان سڪائي ڇڏيو آهي، جيستائين هو لنگهي پار ٿيا،
تڏهن هنن جون دليون گهٻرائجي ويون ۽ بني اسرائيل سان منهن ڏيڻ
جي منجهن ڪا همت ڪانہ رهي.

## نئين نسل جو طهر

2 تنهن وقت خداوند يشوع کي فرمايو تہ "تون چقمقي پٿر جا
چاقو ٺهراءِ ۽ بني اسرائيل جو نئين نسل جو طهر ڪراءِ." 3 يشوع
ائين ئي ڪيو. هن چقمق پٿر جا چاقو ٺهرايا ۽ طهر وارين کلڙين جي
ٽڪريءَ تي بني اسرائيل جو طهر ڪرايو. 4 يشوع ائين انهيءَ ڪري
ڪيو جو اُهي سڀيئي جنگي مرد جيڪي مصر مان نڪري آيا هئا سي
سڀ مصر مان نڪرڻ کان پوءِ بيابان ۾ واٽ تي ئي مري ويا هئا.
5 اهي سڀ طهريل هئا پر جيڪي ماڻهو مصر مان نڪرڻ کان پوءِ
واٽ تي بيابان ۾ ڄاوا هئا، تن جو طهر نہ ٿيو هو. 6 بني اسرائيل
چاليهہ سالن تائين بيابان ۾ پئي رليا ۽ انهيءَ عرصي دوران اهي
سڀ جنگي مرد جيڪي مصر مان نڪتا هئا سي مري کپي ويا، ڇوتہ
هنن خداوند جي نافرماني ڪئي هئي. خداوند بہ ساڻن قسم کنيو
تہ جنهن ملڪ جي ڏيڻ جو هن سندن ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو
۽ جيڪو آسودو ۽ خوشحال ملڪ آهي سو کين ڏسڻ بہ ڪين ڏيندو.
7 انهن جي پٽن جو طهر، جن کي خدا سندن جاءِ تي قائم ڪيو
هو، رستي ۾ نہ ٿيو هو، سو يشوع انهي نئين نسل جو طهر ڪيو.
8 جڏهن سڀني ماڻهن جو طهر ٿي چڪو، تنهن کان پوءِ جيستائين
هو سڀ چڱي چڱا ڀلا نہ ٿيا تيستائين هو خيمي‌گاهہ ۾ ئي رهيا.
9 پوءِ خداوند يشوع کي چيو تہ "اڄ مون مصر جي غلاميءَ واري
ملامت اوهان تان لاهي ڇڏي آهي." اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن
تائين انهيءَ هنڌ کي *گلگال جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.
10 جيئن تہ بني اسرائيل گلگال ۾ منزل ڪيو وينا هئا، سو هنن اتي
ئي يريحو شهر جي ميدان ۾ انهيءَ مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ شام
جو عيد فصح ملهائي. 11 عيد فصح جي ٻئي ڏينهن تي هنن پهريون
دفعو انهيءَ ملڪ ڪنعان جي پيداوار يعني پڪل جَوَ ۽ بيخميريون
مانيون کاڌيون. 12 انهيءَ ملڪ جي پيداوار کائڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن
تي مَنَ ڪرڻ بند ٿي ويئي ۽ بني اسرائيل کي اڳتي مَنَ ڪانہ ملي.
انهيءَ سال کان وٺي هنن ڪنعان جي پيداوار مان کاڌو.

*گلگال: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جو مطلب آهي "لاٿل".

6:5 ڳا 14:28–35   10:5 خر 12:1–13   12:5 خر 16:35

## خداوند جي لشڪر جو سپهہ‌سالار

13 يشوع جڏهن يريحو شهر جي ويجهو اچي پهتو تہ اوچتو ڏٺائين
تہ هڪڙو ماڻهو سندس سامهون پنهنجي هٿ ۾ اگهاڙي تلوار ڪييو
بيٺو آهي. يشوع وٽس ويو ۽ ڪانئس پڇيائين تہ ”تون اسان جي طرف
آهين يا اسان جي دشمنن جي طرف؟“ 14 هن وراڻيو تہ ”ڪنهن جي
بہ طرف نہ. آءٌ هتي هينئر خداوند جي لشڪر جو سپهہ‌سالار ٿي
آيو آهيان.“ تڏهن يشوع ڪيس تعظيمي سجدو ڪيو ۽ چيائينس تہ
”آقا! مون ٻانهي جي لاءِ اوهان جو ڪهڙو حڪم آهي؟“ 15 تڏهن
خداوند جي لشڪر جي سپهہ‌سالار ڪيس چيو تہ ”پنهنجي پيرن مان
جتي لاهہ، ڇالاءِجو جنهن جاءِ تي تون بيٺو آهين سا پاڪ آهي.“
سو يشوع ائين ئي ڪيو.

## يريحو شهر کي فتح ڪرڻ

6 1 يريحو شهر جا دروازا بني اسرائيل جي خوف سبب وڏي
مضبوطيءَ سان بند ڪيا ويا هئا. نہ‌تہ ڪو شهر کان ٻاهر ٿي
آيو ۽ نہ ئي وري ڪو اندر ٿي ويو.
2 پوءِ خداوند يشوع کي چيو تہ ”ڏس، آءٌ يريحو شهر، انهيءَ
جي بادشاهہ ۽ جنگي جوانن سميت تنهنجي هٿ ۾ ڏيان ٿو. 3 تون
پنهنجي سيني جنگي جوانن سميت ڇهن ڏينهن تائين لڳاتار ڏينهن
۾ هڪ دفعو شهر جي چوڌاري ڦيرو ڪر. 4 ست ڪاهن صندوق جي
اڳيان گهٽن جي سڱن جون ست نفيلون کڻي هلن. ستين ڏينهن تي
اوهين شهر کي چوڌاري ست ڦيرا ڏجو ۽ ڪاهن نفيلون وڄائيندا هلن.
5 پوءِ هو نفيلن سان هڪڙو ڊگهو آواز ڪن. جيئن ئي اوهين اهو ٻڌو
تيئن سڀ هڪ وڏو واڪو ڪجو، تہ شهر جو ڪوٽ اتي ئي ڪري
پوندو. پوءِ هر ڪو ڇڙو پنهنجي نڪ سامهون شهر ۾ ڪاهي پوي.“
6 سو يشوع ڪاهنن کي سڏايو ۽ کين چيائين تہ ”عهد واري
صندوق کڻو ۽ اوهان مان ست ڪاهن هڪ هڪ نفيل کڻي خداوند جي
صندوق جي اڳيان هلن.“ 7 پوءِ ماڻهن کي چيائين تہ ”اڳتي وڌو ۽
شهر جي چوڌاري ڦري اچو. جيڪي هٿياربند ماڻهو آهن سي خداوند
جي صندوق جي اڳيان ٿي هلن.“
8 سو جيئن يشوع ماڻهن کي چيو تيئن ست ڪاهن نفيلون کڻي
خداوند جي عهد واري صندوق جي اڳيان وڄائيندا هليا. 9 هٿياربند
ماڻهو نفيلون وڄائيندڙ ڪاهنن جي اڳيان ٿي هليا ۽ باقي ماڻهو
صندوق جي پٺيان لڳا آيا. اهو سمورو وقت نفيلون لڳاتار وڄنديون
رهيون. 10 يشوع ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ ”اوهين واڪا نہ ڪجو ۽
نہ ڏاڍيان ڳالهائجو، مطلب تہ جنهن ڏينهن تائين آءٌ اوهان کي واڪا
ڪرڻ لاءِ نہ چوان، تنهن ڏينهن تائين اوهان جي واتان ڪوبہ آواز
نہ نڪري. پوءِ اوهين واڪا ڪجو.“ 11 اهڙيءَ طرح يشوع خداوند
جي صندوق کي شهر جي چوڌاري هڪڙو ڦيرو ڏيارايو. پوءِ هو سڀ
خيمي‌گاهہ ۾ موٽي آيا ۽ رات اتي گذاريائون. 12 ٻئي ڏينهن يشوع
صبح جو سوير اٿيو ۽ ڪاهنن خداوند جي صندوق کنئي. 13 ست
ئي ڪاهن نفيلون کڻي خداوند جي صندوق جي اڳيان وڄائيندا هليا.
هٿياربند ماڻهو انهن جي اڳيان هئا ۽ باقي ٻيا ماڻهو خداوند جي
صندوق جي پٺيان پئي آيا. اهو سمورو وقت نفيلون لڳاتار وڄنديون
رهيون 14 ۽ ٻئين ڏينهن وانگر وري بہ هنن هڪڙو ڦيرو شهر کي
ڦيرو ڏنو ۽ پوءِ موٽي خيمي‌گاهہ ۾ آيا. اهڙيءَ طرح ڇهن ڏينهن
تائين هو ائين ئي ڪندا رهيا.
15 ستين ڏينهن تي هو پرهہ‌ڦٽيءَ مهل اٿيا ۽ ساڳيءَ طرح هو شهر
جي چوڌاري ڦريا. پر انهيءَ ڏينهن تي هو شهر جي چوڌاري ست ڦيرا
ڦري آيا. 16 ستين ڦيري ڦرندي جڏهن ڪاهن نفيلن مان هڪڙو وڏو
آواز ڪڍڻ وارا هئا، تڏهن يشوع ماڻهن کي چيو تہ ”واڪا ڪريو،
ڇالاءِجو خداوند هي شهر اوهان کي ڏنو آهي. 17 شهر ۽ جيڪي
ڪجهہ منجهس آهي سو سڀ خداوند جي راهہ ۾ فنا ڪرڻ لاءِ
مخصوص آهي. رڳو راحب ڪسٻياڻي ۽ اُهي سڀ جي ساڻس گهر
۾ گڏ آهن، سي ئي جيئرا ڇڏيا ويندا، ڇوتہ هن اسان جي موڪليل
جاسوسن کي پاڻ وٽ لڪايو هو. 18 پر اوهين خداوند جي راهہ ۾
انهن فنا ڪرڻ وارين مخصوص شين کان پاڻ کي پري رکجو، متان
انهن مان ڪا شيءِ کڻي پاڻ تي ۽ بني اسرائيل جي خيمي‌گاهہ تي
تباهي آڻيو. 19 سموري چاندي، سون ۽ اُهي ٿانوَ جيڪي پتل ۽ لوهہ
منجهان ٺهيل آهن سي خداوند لاءِ مخصوص آهن. اهي خداوند جي
خزاني ۾ جمع ڪيا ويندا.“
20 جڏهن ماڻهن نفيلن جو ڊگهو آواز ٻڌو ۽ وڏي آواز سان وٺي
واڪا ڪيائون، تڏهن شهر جو ڪوٽ اتي ئي ڪري پيو. پوءِ ماڻهو
نڪ سامهون شهر ۾ ڪاهي پيا ۽ اهو وڃي هٿ ڪيائون. 21 هنن شهر
اندر سڀني مردن، عورتن، جوانن ۽ پوڙهن کي تلوار جي ڌار سان فنا
ڪري ڇڏيو، ايتري تائين جو ڳائومال، رڍون ۽ گڏهہ بہ ماريائون.
22 پوءِ جيڪي بہ ماڻهو اوڏانهن جاسوسي ڪرڻ لاءِ ويا هئا تن کي
يشوع چيو تہ ”اوهين ان ڪسٻياڻيءَ جي گهر وڃو ۽ پنهنجي ڪنيل
قسم موجب اتان انهيءَ عورت کي ۽ جيڪي وٽس رهيل آهن، تن
سڀني کي ٻاهر ڪڍي اچو.“ 23 سو اُهي جوان ماڻهو جن جاسوسي
ڪئي هئي سي اندر ويا ۽ راحب کي سندس پيءُ، ماءُ، ڀائرن کي ۽
جيڪي وٽس رهيل هئا، تن سڀني کي ٻاهر ڪڍي آيا. هنن انهيءَ جا
سڀ مٽ مائٽ آڻي بني اسرائيل جي خيمي‌گاهہ جي ٻاهر ويهاريا.
24 پوءِ هنن انهيءَ شهر کي ۽ جيڪي منجهس هو تنهن سميت ٻاهہ
ڏيئي ساڙي ڇڏيو. فقط چاندي، سون ۽ اهي ٿانوَ جيڪي پتل ۽ لوهہ
منجهان ٺهيل هئا سي خداوند جي گهر جي خزاني ۾ جمع ڪيائون.
25 پر يشوع راحب ڪسٻياڻيءَ، انهيءَ جي پيءُ جي گهراڻي ۽ جيڪي

---

6:17 لاو 27:28،29   6:20 عبر 11:30   6:25 عبر 11:31

مٿ مائٽ وٺس هئا تن سپني کي جيئرو ڇڏي ڏنو، ڇالاءِجو جيڪي
ماڻهو يشوع يريحو شهر جي جاسوسيءَ لاءِ موڪليا هئا تن کي هن
پاڻ وٽ لڪايو هو. انهيءَ راحب ڪسبياڻيءَ جو نسل اڄ ڏينهن تائين
بني اسرائيل ۾ رهندو اچي. 26 يشوع انهيءَ وقت قسم کڻي خبردار
ڪيو ته

"جيڪو ماڻهو هن شهر يريحو کي وري اڏڻ جي ڪوشش ڪندو،
سو خداوند جي لعنت هيٺ ايندو.
جيڪو انهيءَ جو بنياد وجهندو، سو وڏي پٽ تان هٿ کڻندو.
جيڪو انهيءَ جا در اڏيندو، سو ننڍڙي پٽ تان هٿ کڻندو."

27 سو خداوند يشوع سان گڏ هو ۽ سندس شهرت سڄي ملڪ ۾
پکڙجي ويئي.

## عڪن جي خيانت

7 1 بني اسرائيل *مخصوص ڪيل شين ۾ خيانت ڪئي. هائو،
يهوداه جي قبيلي مان عڪن نالي هڪ شخص، جيڪو ڪرميءَ
جو پٽ، زبديءَ جو پوٽو ۽ جيڪو زارح جي گهراڻي مان هو، تنهن
مخصوص شين مان ڪا شيءِ کنئي. انهيءَ ڪري خداوند جي ڪاوڙ
بني اسرائيل تي پئجي.
2 يشوع يريحو مان عئي شهر ڏانهن ڪجهه ماڻهو موڪليا، جيڪو
بيت‌ايل جي اوڀرندي پاسي بيت‌آون جي ويجهو آهي. هن کين چيو
ته "اوهين وڃي انهيءَ علائقي جي جاسوسي ڪري اچو." سو اهي
ماڻهو ويا ۽ عئي شهر جي جاسوسي ڪيائون. 3 پوءِ انهن موٽي اچي
يشوع کي چيو ته "عئي شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ سڀني ماڻهن جي
وڃڻ جي ضرورت نه آهي. رڳو ٻه يا ٽي هزار ماڻهو وڃي اهو شهر
هٿ ڪن. سو سڀني ماڻهن کي اوڏانهن وڃڻ جي تڪليف نه ڏيو،
ڇوته اتي ٿورا ماڻهو آهن." 4 تڏهن اٽڪل ٽي هزار ماڻهو اوڏانهن
ويا. پر انهن کي عئيءَ جي رهاڪن ڀڄائي ڪڍيو 5 ۽ منجهائن اٽڪل
ڇٽيهه ماڻهو ماري وڌائون. هنن شهر جي دروازي کان وٺي پٿرن جي
کاڻين تائين انهن جو پيڇو ڪيو ۽ لاهيءَ تائين کين ماريندا آيا. پوءِ
ته بني اسرائيل جو ساهه ئي سڪي ويو.
6 تڏهن يشوع ۽ بني اسرائيل جي اڳواڻن ڏک وچان پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙيا ۽ خداوند جي عهد واري صندوق جي اڳيان شام تائين زمين تي
منهن پر پيا رهيا. هنن پنهنجن مٿن ۾ مٽي پڻ وڌي. 7 پوءِ يشوع
چوڻ لڳو ته "آه! اي خداوند خدا! ڇو تو هن قوم کي اردن درياءَ جي
پار آندو؟ ڇا انهيءَ لاءِ ته اسان کي امورين جي حوالي ڪرين؟ يا
انهيءَ لاءِ ته اسين ناس ٿي وڃون؟ جيڪر اسين اردن درياءَ جي هُن
پر ئي راضي ٿي رهي پئون ها! 8 اي مالڪ! بني اسرائيل جي پنهنجي
دشمنن جي اڳيان پٺ ڏيئي ڀڄڻ کان پوءِ آءٌ ڇا چوان؟ 9 ڪنعاني ۽
هن ملڪ جا سڀ رهاڪو هي ٻڌي اسان کي چوڌاري وڪوڙي ويندا ۽
ڌرتيءَ تان اسان جو نالو ئي مٽائي ڇڏيندا. پوءِ تون پنهنجي عظيم
نالي لاءِ ڇا ڪندين؟"
10 تڏهن خداوند يشوع کي چيو ته "اٿي کڙو ٿيءُ. تون ڇو ائين
منهن پر پيو آهين؟ 11 بني اسرائيل گناهه ڪيو آهي. جنهن عهد تي
قائم رهڻ جو مون کين حڪم ڏنو هو سو هنن ٽوڙي مخصوص شين
مان ڪجهه شيون کنيون آهن، يعني هنن چوري ڪئي آهي. انهن
اهي شيون کڻي پنهنجي سامان سان گڏايون آهن ۽ انهيءَ ڳالهه تي
پردو به وڌو اٿن. 12 انهيءَ ڪري ئي بني اسرائيل پنهنجي دشمنن
جي اڳيان بيهي نه ٿا سگهن. هو انهن کي پٺي ڏيئي ڀڄي وڃن
ٿا ڇالاءِجو هنن پاڻ کي تباهيءَ جي لائق بڻايو آهي. هاڻ جيستائين
اوهين پاڻ منجهان انهن مخصوص شين کي ناس نه ڪندا جيڪي
ناس ڪرڻيون آهن، تيستائين آءٌ اوهان سان نه هوندس. 13 سو تون
اُٿ ۽ وڃي ماڻهن کي پاڪ ڪر. کين چئُه ته سڀاڻي منهنجي اڳيان
اچڻ لاءِ هو پاڻ کي پاڪ ڪن. ڇالاءِجو آءٌ خداوند، بني اسرائيل
جو خدا هيئن فرمايان ٿو ته 'اي بني اسرائيل! اوهان وٽ فنا ڪرڻ
لاءِ ڪي مخصوص شيون آهن. جيستائين اوهين اهي پاڻ وٽان ڪڍي
نه ڇڏيندا تيستائين اوهين پنهنجن دشمنن جي اڳيان بيهي ڪين
سگهندا.' 14 سو سڀاڻي صبح جو هو پنهنجي پنهنجي قبيلي موجب
اچي حاضر ٿين. جنهن قبيلي کي آءٌ خداوند ڪڍي ڌار ڪريان سو
پنهنجي پنهنجي گهراڻي موجب اڳتي وڌي اچي. جنهن گهراڻي کي
آءٌ خداوند ڪڍي ڌار ڪريان، سو پنهنجي پنهنجي ڪٽنب موجب
اڳتي وڌي اچي ۽ جنهن ڪٽنب کي آءٌ خداوند ڪڍي ڌار ڪريان، سو
هڪ هڪ ڄڻو ٿي اڳتي وڌي اچي. 15 جيڪو ماڻهو انهن مخصوص
ڪيل شين جي چوريءَ ۾ پڪڙيو ويندو سو ۽ سندس ڪٽنب ۽ سندن
سمورو سامان باهه ۾ ساڙيو ويندو، ڇالاءِجو هن مون خداوند جو
عهد ٽوڙيو آهي ۽ بني اسرائيل ۾ شرمناڪ ڪم ڪيو اٿائين."
16 سو يشوع صبح جو سوير اٿي بني اسرائيل کي قبيلو قبيلو ڪري
حاضر ڪيو، تڏهن يهوداه قبيلو ڪڍي ڌار ڪيو ويو. 17 هن يهوداه
قبيلي کي گهراڻو گهراڻو ڪري اڳتي آندو ته زارح جو گهراڻو ڪڍي
ڌار ڪيو ويو. هن زارح جي گهراڻي کي ڪٽنب ڪٽنب ڪري اڳتي
آندو ته زبديءَ جو ڪٽنب ڪڍي ڌار ڪيو ويو. 18 هن زبديءَ جي
ڪٽنب کي ماڻهو ماڻهو ڪري اڳتي آندو ته ڪرميءَ جو پٽ، زبديءَ
جو پوٽو ۽ زارح جي گهراڻي مان عڪن، جيڪو يهوداه قبيلي جو هو
سو ڪڍي ڌار ڪيو ويو.

---

*مخصوص ڪيل: اهي شيون جيڪي جنگ ۾ هٿ آيل مالِغنيمت مان خداوند جي نالي ۾ فنا ڪرڻ لاءِ هيون. ڏسو يشوع 6:17،18.

26:6 1.با 34:16

19 تڏهن يشوع عڪن کي چيو تہ ”اي پٽ! خداوند، بني اسرائيل
جي خدا جي وڏائي بيان ڪر ۽ سندس اڳيان قبولدار ٿيءُ. جيڪي تو
ڪيو آهي سو مون کي ٻڌاءِ، اهو مون کان نہ لڪاءِ.“
20 تڏهن عڪن يشوع کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”بيشڪ مون خداوند،
بني اسرائيل جي خدا جو گناهہ ڪيو آهي. مون هيئن ڪيو هو جو
21 لُٽ جي مال ۾ مون بابل ملڪ جي هڪڙي سهڻي پوشاڪ، اٽڪل ٻہ
ڪلوگرام چاندي ۽ تقريباً اڌ ڪلو تور جي هڪ سوني سر ڏٺي. مون
کي انهن جي لالچ ٿي، سو مون اهي کڻي ورتيون. هاڻي اهي منهنجي
تنبوءَ ۾ زمين اندر پوريل آهن، چاندي سڀني جي هيٺان آهي.“
22 تڏهن يشوع ڪجهہ ماڻهو موڪليا جيڪي عڪن جي تنبوءَ ۾
ڊوڙي ويا ۽ اهي شيون هن جي تنبوءَ ۾ پوريل لڌائون، چاندي سڀني
جي هيٺان هئي. 23 هنن اهي شيون تنبوءَ مان ڪڍي ٻاهر آنديون ۽
يشوع ۽ سڄي بني اسرائيل جي اڳيان کڻي آيا ۽ اُتي خداوند جي
حضور ۾ رکيائون.
24 پوءِ يشوع ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن زارح جي گهراڻي
واري عڪن کي کڻي سوگهو ڪيو ۽ اها چاندي، پوشاڪ، سوني
سر، عڪن جا پٽ، ڌيئر، ڍور ڍڳا، گڏهہ، رڍون، سندس تنبو ۽
ٻيو جيڪي بہ وٽس هو سو هٿ ڪيو ۽ انهن کي هڪ ماٿريءَ ۾
آندائون. 25 يشوع چيو تہ ”تو اسان تي هيءَ مصيبت ڇو آندي آهي؟
اڄ خداوند تو تي مصيبت آڻيندو.“ پوءِ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن
هن کي ۽ سندس خاندان کي سنگسار ڪيو ۽ بعد ۾ ملڪيت سميت
کين ساڙي ڇڏيائون. 26 هنن انهيءَ جي مٿان پٿرن جو هڪڙو وڏو ڍير
ڪري ڇڏيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين اتي موجود آهي. انهيءَ ڪري اها
ماٿري اڄ ڏينهن تائين *عڪور جي نالي سان سڏجي ٿي. پوءِ خداوند
بني اسرائيل تان پنهنجو غضب هٽايو.

## عئي شهر تي قبضو

8 1 پوءِ خداوند يشوع کي چيو تہ ”ڊڄ نہ ۽ نڪي بي‌همت ٿيءُ.
سڀ جنگي جوان پاڻ سان کڻ ۽ عئي شهر تي وڃي حملو ڪر.
ڏس، مون عئيءَ جو بادشاهہ، سندس قوم، سندس شهر ۽ سندس
علائقو تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. 2 تون عئي شهر ۽ انهيءَ
جي بادشاهہ سان بہ ائين ئي ڪجانءِ جيئن يريحو شهر ۽ ان جي
بادشاهہ سان ڪيو هوءِ، پر هن دفعي اوهين انهي جي لٽ جو مال ۽
چوپايو مال پلي پنهنجي لاءِ رکجو. شهر تي قبضي جي لاءِ اوهين
انهيءَ جي پٺيان لڪي تيار ٿي ويهجو.“
3 سو يشوع ۽ سندس سڀ جنگي مرد عئي شهر تي حملي ڪرڻ
لاءِ تيار ٿيا. يشوع ٽيهہ هزار بهادر جنگي جوان چونڊي ڪڍيا ۽
انهن کي رات جو روانو ڪيائين. 4 روانو ڪرڻ وقت هن کين حڪم
ڏنو تہ ”اوهين شهر جي پٺيان لڪي ويهي رهجو. شهر کان گهڻو
پري نہ وڃجو ۽ سڀ تيار ٿي ويهجو. 5 آءٌ ٻين سڀني ماڻهن کي ساڻ
ڪري شهر جي اڳيان ايندس. پوءِ جڏهن هو اسان سان مقابلي ڪرڻ
لاءِ ٻاهر نڪري ايندا تڏهن اسين اڳي وانگر انهن کي پٺي ڏيئي وٺي
ڀڄنداسين. 6 هو اسان جو پيڇو ڪندا، تان جو اسين انهن کي شهر
کان گهڻو پري ڪڍي ويندا سين. انهيءَ مان هو ائين ئي سمجهندا تہ
’هي تہ اڳي وانگر اسان جي اڳيان ڀڳا ٿا وڃن.‘ سو جڏهن اسين
هنن کان ڀڄون، 7 تڏهن اوهين پنهنجي لڪي ويهڻ واريءَ جاءِ مان
نڪري شهر تي وڃي قبضو ڪجو. خداوند خدا اهو اوهان جي حوالي
ڪندو. 8 جڏهن اوهين شهر تي قبضو ڪري وجو، تڏهن انهيءَ کي
باهہ ڏيئي ڇڏجو. ائين ئي ڪجو جيئن خداوند حڪم ڏنو آهي. ياد
رکو، مون اوهان کي اهو حڪم ٻڌائي ڇڏيو آهي.“ 9 پوءِ يشوع
انهن کي روانو ڪيو. هو لڪي ويهڻ واري جاءِ ڏانهن روانا ٿيا ۽
عئي شهر جي الهندي پاسي، عئي ۽ بيت‌ايل جي وچ ۾ لڪي ويهي
رهيا. يشوع اها رات خيمي‌گاهہ ۾ پنهنجي قوم منجهہ گذاري.
10 ٻئي ڏينهن يشوع صبح جو سوير اٿيو ۽ سڀني ماڻهن کي سڏي
گڏ ڪيائين. پوءِ هو ۽ بني اسرائيل جا اڳواڻ انهن جي اڳيان ٿي عئي
شهر ڏانهن هليا. 11 سڀ جنگي جوان جيڪي يشوع سان گڏ هئا سي
شهر کي آمهون سامهون اچي ويجهو پهتا. هنن عئيءَ شهر جي اتر
واري پاسي پنهنجا تنبو کوڙيا. انهن تنبن ۽ عئي شهر جي وچ ۾
هڪڙي ماٿري هئي. 12 يشوع اٽڪل پنج هزار ماڻهن کي شهر جي
الهندي پاسي، بيت‌ايل ۽ عئيءَ جي وچ ۾ لڪائي ويهاريو. 13 اهڙيءَ
طرح لشڪر کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. هڪڙو حصو شهر جي
اتر واري پاسي کان ۽ باقي ٻيو حصو جيڪي لڪي ويهڻ وارا هئا
سي الهندي پاسي کان. يشوع اها رات ماٿريءَ جي وچ ۾ گذاري.
14 جڏهن عئيءَ جي بادشاهہ کي اها خبر پيئي تڏهن هو پاڻ ۽ سندس
شهر جا ماڻهو صبح جو سوير اٿي تڙتڪڙ ۾ تياري ڪري اردن ماٿريءَ
جي سامهون بني اسرائيل سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪري آيا. پر کين
اها خبر ڪانہ هئي تہ ڪي ماڻهو شهر جي پٺيان بہ لڪا ويٺا آهن.
15 تڏهن يشوع ۽ ٻيا بني اسرائيل هنن جي اڳيان شڪست کاڌل هجڻ
جو ڍونگ ڪري بيابان جو رستو وٺي اٿي ڀڳا. 16 عئي شهر وارن
پنهنجي شهر جي سڀني ماڻهن کي هنن جو پيڇو ڪرڻ لاءِ سڏي گڏ
ڪيو. پوءِ هنن يشوع جو پيڇو ڪيو، تان جو شهر کان پري نڪري
ويا. 17 عئيءَ ۾ توڙي بيت‌ايل ۾ هڪڙو بہ اهڙو ماڻهو ڪونہ رهيو
جو بني اسرائيل جي پٺيان نہ ويو. انهن شهرن کي کليل ئي ڇڏي
ڏنو ۽ پاڻ سمورا بني اسرائيل جي پٺيان ڪاهي پيا.
18 پوءِ خداوند يشوع کي فرمايو تہ ”جيڪو نيزو تنهنجي هٿ ۾
آهي سو عئيءَ شهر ڏانهن ڊگهيڙ، اهو شهر آءٌ تنهنجي حوالي ڪرڻ
وارو آهيان.“ سو يشوع اهو نيزو عئيءَ شهر ڏانهن ڊگهيڙيو. 19 جيئن
ئي هن هٿ ڊگهيڙيو تہ سڀ لڪل ماڻهو هڪدم پنهنجين جاين تان

*عڪور: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جو مطلب آهي ”مصيبت جي ماٿري“.

نڪري پيا ۽ ٻوڙي وڃي شهر تي قبضو ڪيائون ۽ فوراً انهيءَ کي
باهہ ڏنائون. 20 عئيءَ جي ماڻهن جڏهن پوئتي نهاريو تہ ڇا ڏٺائون
تہ شهر جو دونهون آسمان سان پيو ڳالهيون ڪري، تڏهن هنن کي
ڪنهن بہ پاسي بچي نڪرڻ جو وجهہ ڪونہ مليو، ڇوتہ بيابان ڏانهن
ڀڄندڙ بني اسرائيل پڻ پنهنجو پيڇو ڪندڙن تي حملو ڪرڻ لاءِ پوئتي
ڦري پيا. 21 جڏهن يشوع ۽ ساري بني اسرائيل ڏٺو تہ لڪل ماڻهن
وڃي شهر تي قبضو ڪيو آهي ۽ شهر مان دونهون اٿي رهيو آهي،
تڏهن انهن ڦري عئيءَ جي ماڻهن کي مارڻ شروع ڪيو. 22 جيڪي
بني اسرائيل شهر ۾ هئا سي پڻ جنگ ڪرڻ لاءِ شهر مان نڪري
پيا، اهڙيءَ طرح عئي شهر جا ماڻهو بني اسرائيل جي وچ ۾ ڦاسي
پيا. بني اسرائيل جي ماڻهن انهن سڀني کي ماري ڇڏيو. انهن مان
هڪڙو بہ ڪونہ بچيو ۽ نہ ئي وري ڪو ڀڄي نڪتو. 23 پر رڳو عئيءَ
جي بادشاهہ کي هنن جيئرو پڪڙي ورتو ۽ کيس يشوع وٽ وٺي آيا.
24 بني اسرائيل بيابان ۾ ئي عئيءَ شهر جي انهن سڀني ماڻهن
کي قتل ڪري ڇڏيو جن سندن پيڇو ڪيو هو. پوءِ هو عئيءَ شهر
ڏانهن موٽيا ۽ اتي باقي بچيل ماڻهن کي پڻ تلوار جي ڌار سان ماري
ڇڏيائون. 25-26 جيستائين عئي شهر جو هر شخص ماريو نہ ويو
تيستائين يشوع پنهنجو نيزو عئي شهر ڏانهن ڊگهيري رکيو. تنهن
ڏينهن عئي شهر جا سڀ رهاڪو، يعني ٻارهن هزار مرد ۽ عورتون
ماريا ويا. 27 بني اسرائيل چوپايومال ۽ انهيءَ شهر مان هٿ آيل ڦيو
لٽ جو مال پنهنجي لاءِ رکيو، جيئن خداوند يشوع کي چيو هو.
28 يشوع عئيءَ شهر کي ساڙي هميشہ جي لاءِ رک جو ڍير ڪري
ڇڏيو ۽ اُهو اڄ ڏينهن تائين ويران آهي. 29 هن عئيءَ جي بادشاهہ
کي وڻ ۾ ٽنگي ڦاسي ڏني ۽ انهيءَ جو لاش شام تائين اتي ٽنگيو
پيو هو. سج لٿي مهل يشوع جي حڪم سان هنن انهيءَ جو لاش
وڻ تان هيٺ لاهي شهر جي ٻاهرين دروازي جي منهن وٽ اڇلائي
ڇڏيو. انهيءَ جي مٿان پٿرن جو هڪڙو وڏو ڍير ڪري ڇڏيائون جيڪو
اڄ ڏينهن تائين اتي موجود آهي.

## عيبال جبل تي شريعت جو پڙهجڻ

30 پوءِ يشوع عيبال جبل تي خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي
لاءِ هڪڙي قربانگاهہ ٺاهي، 31 جيئن خداوند جي ٻانهي موسيٰ بني
اسرائيل کي حڪم ڏنو هو. هن اها انهيءَ مطابق ٺاهي جيئن موسيٰ
جي شريعت واري ڪتاب ۾ لکيل آهي، يعني تہ ”هڪ اڻگهڙيل
پٿرن واري قربانگاهہ، جنهن تي ڪوبہ لوهي اوزار استعمال نہ
ٿيو هجي.“ انهيءَ تي هنن ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ جون
قربانيون پيش ڪيون. 32 هن موسيٰ جي لکيل شريعت جو هڪڙو
نقل بني اسرائيل جي روبرو اتي پٿرن تي لکيو. 33 سڀ بني اسرائيل
ڌارين سميت پنهنجن اڳواڻن، عملدارن ۽ ججن سان گڏ خداوند جي
عهد واري صندوق جي ٻنهي پاسن کان انهيءَ صندوق جي کڻي
هلندڙ لاوي ڪاهنن ڏانهن منهن ڪيو بيٺا هئا. ماڻهن مان اڌ جيترا
گرزيم جبل جي سامهون بيٺا هئا ۽ اڌ جيترا عيبال جبل جي سامهون.
خداوند جي ٻانهي موسيٰ بني اسرائيل کي برڪت حاصل ڪرڻ جي
وقت ائين ڪرڻ لاءِ اڳي ئي اهڙو حڪم ڏيئي ڇڏيو هو. 34 تنهن کان
پوءِ يشوع شريعت جون اهي سڀ ڳالهيون، برڪتون توڙي لعنتون،
جيئن شريعت جي ڪتاب ۾ لکيل هيون تيئن پڙهي ٻڌايون. 35 سو
جن ڳالهين جو موسيٰ حڪم ڏنو هو، تن مان هڪڙي بہ ڳالهہ اهڙي
نہ رهي جيڪا يشوع بني اسرائيل جي سڄيءَ قوم اڳيان نہ پڙهي
هجي. اتي عورتون، ٻار ۽ قوم ۾ رهندڙ ڌاريا بہ موجود هئا.

## گبعونين جي چالاڪي

9 1 هوڏانهن اهي بادشاهہ جيڪي اردن درياءَ جي الهندي پاسي
تڪرين ۾، هيٺاهن ڊورن ۾ ۽ وڏي سمنڊ جي ڪناري سان لبنان
ملڪ تائين حتين، امورين، ڪنعانين، فرزين، حوين ۽ يبوسين جا
بادشاهہ هئا، تن جڏهن بني اسرائيل جي ڪاميابين جون اهي ڳالهيون
ٻڌيون، 2 تڏهن هو سڀ پاڻ ۾ گڏ ٿيا، انهيءَ لاءِ تہ هڪ صلاح ٿي
يشوع ۽ بني اسرائيل سان جنگ ڪن.
3 پر جڏهن گبعون شهر ۾ رهندڙ حوين ٻڌو تہ يشوع يريحو ۽
عئي شهرن سان ڇا ڇا ڪيو آهي، 4 تڏهن هنن هڪ چالاڪي ڪئي ۽
ڪجهہ ماڻهو چونڊي کين ايلچين جو ويس ڍڪرايائون. هنن پنهنجن
گڏهن تي پراڻا ٻورا ۽ مئي جون پراٽيون، ڦاٽل ۽ ٿوپيو ڏنل سانداريون
رکيون. 5 هنن پراٽيون ۽ چٽيون لڳل جتيون پيرن ۾ پاتيون ۽ پراڻا
ڪپڙا پهريائون. جيڪا ماني پاڻ سان هنن کنئي سا سڀ سڪل ۽
سينواريل هئي. 6 پوءِ هو گلگال واري خيمي‌گاهہ ۾ يشوع وٽ آيا
۽ هن کي ۽ بني اسرائيل جي ماڻهن کي چيائون تہ ”اسين هڪڙي
ڏورانهين ملڪ کان آيا آهيون، انهيءَ لاءِ تہ اوهين اسان سان عهد
ڪريو.“
7 پر بني اسرائيل جي ماڻهن انهن حوين کي چيو تہ ”ٿي سگهي
ٿو تہ اوهين اسان جي ويجهڙائيءَ ۾ رهندا هجو، تہ پوءِ اسين ڪيئن
اوهان سان عهد ڪريون؟“ 8 تڏهن هنن يشوع کي چيو تہ ”اسين
تنهنجا ٻانها آهيون.“ تنهن تي يشوع کائن پڇيو تہ ”اوهين ڪير آهيو
۽ ڪٿان آيا آهيو؟“ 9 هنن وراڻيس تہ ”اسين تنهنجا ٻانها ڏورانهين
ملڪ کان خداوند اوهان جي خدا جي هاڪ ٻڌي آيا آهيون. اسان
اهو سڀ ڪجهہ ٻڌو آهي جيڪو اوهان جي خدا مصر جي ملڪ ۾
ڪيو هو 10 ۽ جيڪي هن اردن درياءَ جي پرينءَ پر امورين جي ٻنهي
بادشاهن سان ڪيو، يعني حشبون جي بادشاهہ سيحون سان ۽ بسن
جي بادشاهہ عوج سان جيڪو عستارات ۾ رهندو هو. 11 سو اسان جي
اڳواڻن ۽ اسان جي ملڪ جي سڀني رهاڪن اسان کي چيو تہ ’اوهين

8:30–32 شر 27:2–8   8:31 خر 20:25   8:33–35 شر 11:29، 27:11–14   9:7 خر 23:32، 34:12، شر 7:2   9:10 گا 21:21–35

سفر جي لاءِ سمر ڪٺي وڃي هنن سان ملو ۽ کين ٻڌايو تہ اسين سندن
ٻانها آهيون، تنهنڪري هو اسان سان سلامتيءَ وارو عهد ڪن.‘ ’’
12 پوءِ هنن يشوع کي چيو تہ ”جنهن ڏينهن اسين اوهان وٽ اچڻ
لاءِ روانا ٿياسين تنهن ڏينهن هيءَ ماني گرم هئي جيڪا اسان پنهنجي
گهران ٻڌي ڪنئي هئي، پر هاڻي ڏسو تہ اُها سڪي، سينوارجي ويئي
آهي. 13 جڏهن اسان هي مئي جون سانداريون ڀريون هيون تڏهن اهي
نيون هيون، پر هاڻي ڏسو تہ اهي ڦاٽي پيون آهن. هي اسان جا ڪپڙا ۽
اسان جون جتيون تمام ڊگهي سفر ڪرڻ ڪري پراڻيون ٿي ويون آهن.“
14 تڏهن بني اسرائيل جي ماڻهن انهن جي کاڌي مان رسمي طور
ڪجهہ کائيندي هنن کي قبول ڪيو، پر انهيءَ باري ۾ خداوند کان
صلاح نہ پڇيائون. 15 پوءِ يشوع ساڻن صلح ڪري کين جيئدان ڏيڻ
جو عهد ڪيو ۽ قوم جي اڳواڻن قسم کڻي انهيءَ عهد جي تائيد
ڪئي.
16 انهيءَ عهد ڪرڻ کان ٽي ڏينهن پوءِ بني اسرائيل کي خبر پيئي
تہ اهي تہ سندن پاڙيسري آهن ۽ سندن ويجهڙائيءَ ۾ ئي رهن ٿا.
17 سو بني اسرائيل اتان روانا ٿيا ۽ ٽئين ڏينهن تي انهن ماڻهن جي
شهرن ۾ اچي پهتا. انهن جا شهر هي هئا: گبعون، ڪفيره، بيروت
۽ قريت‌يعريم. 18 پر بني اسرائيل انهن تي حملو نہ ڪيو، ڇالاءِجو
قوم جي اڳواڻن انهن سان خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو قسم
کنيو هو. انهيءَ ڪري سڀ ماڻهو انهيءَ بابت اڳواڻن خلاف ڪُرڪڻ
لڳا. 19 پر انهن اڳواڻن کين وراڻيو تہ ”اسان هنن سان خداوند، بني
اسرائيل جي خدا جو قسم کنيو آهي، انهيءَ ڪري هاڻي اسين هنن
کي هٿ لائي نہ ٿا سگهون. 20 اسان کي ضرور کين جيئدان ڏيڻ
گهرجي انهيءَ لاءِ تہ اسان ساڻن جيڪو قسم کنيو هو تنهن جي
ٽوڙڻ ڪري اسان تي غضب نازل نہ ٿئي. 21 سو کين جيئرو رهڻ ڏيو،
پر هو سڄيءَ قوم لاءِ ڪاٺير ۽ ماشڪي ٿي رهندا.“ اهڙيءَ طرح
اڳواڻن جي قسم جو ڀرم رکيو ويو.
22 پوءِ يشوع انهن گبعون ۾ رهندڙن کي گهرايو ۽ کين چيائين تہ
”ڇو اوهان هي چئي اسان سان دوکو ڪيو آهي تہ ’اسين اوهان کان
پري ٿا رهون،‘ جڏهن تہ حقيقت ۾ اوهين اسان جي ويجهڙائيءَ ۾
رهو ٿا؟ 23 تنهنڪري هاڻي اوهين لعنتي آهيو. اوهين سڀ هميشہ
غلاميءَ هيٺ رهندا ۽ منهنجي خدا جي پاڪ گهر لاءِ ڪاٺيون وڍيندا
رهندا ۽ پاڻي ڀريندا رهندا.“ 24 هنن يشوع کي جواب ڏنو تہ ”اسان
توهان جن ٻانهن کي پڪيءَ طرح اِها خبر پيئي هئي تہ خداوند توهان
جي خدا پنهنجي ٻانهي موسيٰ کي حڪم ڏنو هو تہ هو اوهان کي
هي سارو ملڪ ڏيندو ۽ انهيءَ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن کي اوهان جي
اڳيان ماري ڇڏيندو. سو اسان کي اوهان کان پنهنجي جان جو ڏاڍو
خوف ٿيو، انهيءَ ڪري ئي اسان ائين ڪيو. 25 هاڻي اسين اوهان
جي هٿ ۾ آهيون. جيئن توهان کي چڱو ۽ مناسب ڏسڻ ۾ اچي تيئن
ڀلي اسان سان ڪريو.“ 26 سو يشوع هيئن ڪيو جو انهن کي بني
اسرائيل جي هٿن مان ڇڏايائين ۽ هنن کين قتل نہ ڪيو. 27 انهيءَ
سان گڏوگڏ يشوع انهن کي قوم جي لاءِ ۽ خداوند جي قربان‌گاهہ
جي لاءِ ڪاٺير ۽ ماشڪيءَ جي ڪم تي مقرر ڪيو. اڄ ڏينهن تائين
هو انهيءَ قربان‌گاهہ واري جاءِ ۾ اهو ڪم ڪندا ٿا اچن، جا خدا
پنهنجي لاءِ چونڊي هئي.

## سج جي رڪجي وڃڻ وارو معجزو

10 1 يروشلم جي بادشاهہ ادوني‌صدق ٻڌو تہ يشوع عئي شهر
هٿ ڪري ورتو آهي ۽ انهيءَ کي صفا ناس ڪري ڇڏيو اٿس
۽ جيئن هن يريحو شهر ۽ ان جي بادشاهہ سان ڪيو، تيئن ئي عئي
شهر ۽ ان جي بادشاهہ سان ڪيو اٿس. هن هي بہ ٻڌو تہ گبعون
جي رهاڪن بني اسرائيل سان صلح ڪيو آهي ۽ انهن جي ويجهڙائيءَ
۾ ئي پيا رهن. 2 تڏهن يروشلم جي بادشاهہ ۽ اتي جي ماڻهن کي
انهيءَ تي ڏاڍو ڊپ لڳو، ڇالاءِجو گبعون شاهي شهرن وانگر هڪ
وڏو شهر هو. اهو عئي شهر کان وڏو هو ۽ اتي جا سڀ ماڻهو سٺا
جنگجو هئا. 3 سو يروشلم جي بادشاهہ ادوني‌صدق هيئن ڪيو جو
حبرون جي بادشاهہ هوهام، يرموت جي بادشاهہ پيرام، لڪيس جي
بادشاهہ يافيع ۽ عجلون جي بادشاهہ دبير ڏانهن هي پيغام ڏياري
موڪليائين تہ 4 ”گبعون شهر تي حملي ڪرڻ ۾ اچي منهنجي مدد
ڪريو، ڇالاءِجو اتي جي رهاڪن يشوع ۽ بني اسرائيل سان صلح ڪيو
آهي.“ 5 تنهنڪري امورين جي پنجن ئي بادشاهن، يعني يروشلم،
حبرون، يرموت، لڪيس ۽ عجلون جي بادشاهن پنهنجون فوجون گڏ
ڪيون. پوءِ هنن وڃي گبعون کي گهيري هيٺ آندو ۽ مٿس حملو
ڪيو.
6 تڏهن گبعون جي رهاڪن يشوع ڏانهن جيڪو گلگال واري
خيمي‌گاهہ رهيل هو تنهن ڏانهن چوائي موڪليو تہ ”پنهنجن ٻانهن
تان هٿ نہ کڻو. جلدي اچو ۽ اسان کي بچايو. اسان جي مدد ڪريو،
ڇالاءِجو جابلو علائقن ۾ رهندڙ امورين جي سڀني بادشاهن اسان جي
خلاف فوجون گڏ ڪيون آهن.“
7 سو يشوع ۽ سندس سڄي فوج جن ۾ بهترين جنگي جوان هئا
گلگال مان روانا ٿيا. 8 خداوند يشوع کي چيو تہ ”انهن کان نہ
ڊڄجانءِ، ڇالاءِجو مون هنن کي تنهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.
هنن مان ڪوبہ ماڻهو تنهنجي اڳيان بيهي نہ سگهندو.“ 9 يشوع ۽
سندس فوج سڄي رات گلگال کان گبعون تائين پنڌ ڪري امورين تي
اوچتو اچي حملو ڪيو. 10 خداوند انهن کي بني اسرائيل جي اڳيان
مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو ۽ گبعون وٽ کين وڏي شڪست ڏنائين.
بني اسرائيل بيت‌حورون شهر جي لنگهہ وٽان ويندي هنن جو پيڇو
ڪيو ۽ ڏکڻ طرف عزيقاهہ ۽ مقيده شهرن تائين کين ماريندا ويا.
11 جيئن هو بني اسرائيل جي اڳيان بيت‌حورون جي لنگهہ وٽان ڀڄندا
ٿي ويا تيئن سڄي واٽ عزيقاهہ تائين خداوند هنن جي مٿان آسمان
مان وڏا وڏا برف جا پٿر ڪيريندو رهيو. بني اسرائيل جي تلوار سان
مرڻ وارن کان وڌيڪ ماڻهو انهن ڳڙن سان مئا.

(12-13) انهيءَ ڏينهن خداوند امورين تي بني اسرائيل کي فتح
بخشي. ساڳئي ڏينهن منجهند ڌاري يشوع خداوند کان دعا گهري
۽ پوءِ جيئن ”آشر جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي، تيئن هن بني اسرائيل
جي روبرو هيئن چيو ته
”اي سج! تون گبعون شهر مٿان رڪجي وڃ،
اي چنڊ! تون ايالون ماٿريءَ تي ترسي پئُه.“
تڏهن سج رڪجي ويو ۽ چنڊ ترسي پيو،
جيستائين بني اسرائيل قوم دشمنن کي شڪست نه ڏني.
سو سج آسمان جي وچ ۾ هڪ ڏينهن جيترو وقت هڪ هنڌ رڪجي
ويو ۽ الهندي ڏانهن نه لڙيو. (14) انهيءَ کان اڳي يا انهيءَ کان پوءِ
انهيءَ جهڙو ڏينهن ڪڏهن به ڪونه ٿيو، جنهن ۾ خداوند انسان جي
ڳالهه مڃي هجي. بيشڪ خداوند بني اسرائيل جي پاران پئي وڙهيو.
(15) پوءِ يشوع بني اسرائيل جي سڄي لشڪر سميت خيمي‌گاهه
ڏانهن گلگال ۾ موٽي آيو.

## پنجن اموري بادشاهن کي قتل ڪرڻ

(16) هوڏانهن دشمن لشڪر جا اهي پنج ئي بادشاهه ڀڄي مقيده شهر
جي هڪڙي غار ۾ وڃي لڪا. (17) سو يشوع کي ڪنهن ٻڌايو ته ”اهي
پنج ئي بادشاهه مقيده جي هڪڙي غار ۾ لڪل ڏٺا ويا آهن.“ (18) تڏهن
يشوع پنهنجي ماڻهن کي چيو ته ”ڪي وڏا پٿر ريڙهي انهيءَ غار
جي منهن تي آڏي ڏيو ۽ غار جي مٿان ڪي ماڻهو پهري ڏيڻ لاءِ
بيهاري ڇڏيو. (19) پر اوهين پاڻ نه ترسجو، بلڪ پنهنجن دشمنن جي
پٺيان پئجو ۽ مٿن پٺيان کان حملو ڪجو. هنن کي سندن شهرن ۾
گهڙڻ نه ڏجو، ڇالاءِجو خداوند اوهان جي خدا هنن کي اوهان جي
هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.“
(20) يشوع ۽ بني اسرائيل ذري گهٽ هنن سڀني کي قتل ڪري ڇڏيو،
تنهن هوندي به انهن مان جيڪي ڪي بچي ويا تن ڪوٽن وارن شهرن
۾ وڃي پناهه ورتي. (21) پوءِ يشوع جا سڀ ماڻهو سلامتيءَ سان موٽي
مقيده جي خيمي‌گاهه ۾ يشوع وٽ آيا.
انهيءَ علائقي مان ڪوبه بني اسرائيل جي خلاف زبان نه چوري
سگهيو.
(22) پوءِ يشوع چيو ته ”غار جو منهن کوليو ۽ انهيءَ مان پنجن ئي
بادشاهن کي ڪڍي مون وٽ وٺي اچو.“ (23) هنن غار جو منهن کوليو
۽ انهن پنجن ئي بادشاهن، يعني يروشلم جي بادشاهه، حبرون جي
بادشاهه، يرموت جي بادشاهه، لڪيس جي بادشاهه ۽ عجلون جي
بادشاهه کي غار مان ڪڍي يشوع وٽ وٺي آيا. (24) تڏهن يشوع بني
اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي سڏايو ۽ لشڪر جا سالار جيڪي ساڻس
گڏ جنگ تي ويا هئا تن کي چيائين ته ”ويجها اچو ۽ پنهنجا پير هنن
بادشاهن جي ڳچين تي رکو.“ سو هنن ويجهو اچي پنهنجا پير انهن
جي ڳچين تي رکيا. (25) پوءِ يشوع انهن سالارن کي چيو ته ”نڪي ڊڄو
نڪي بي‌همت ٿيو. اوهين مضبوط ۽ همت وارا ٿيو، ڇالاءِجو خداوند
اوهان جي سڀني دشمنن سان ائين ئي ڪندو، جن سان اوهين وڙهندا.“
(26) تنهن کان پوءِ يشوع انهن بادشاهن کي قتل ڪرايو ۽ سندن لاش
پنجن وڻن تي لٽڪائي ڇڏرايائين. اهي شام تائين انهن وڻن تي لٽڪيا
پيا هئا. (27) سج لهڻ مهل يشوع جي حڪم تي انهن کي وڻن تان لاٿو
ويو ۽ جنهن غار ۾ هو لڪا هئا، تنهن ۾ ڪين اڇلايو ويو. غار جي
منهن تي ڪي وڏا پٿر آڏي ڏنا ويا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين اتي پيا آهن.

## يشوع جو ڏکڻ طرف وارن شهرن تي قبضو

(28) انهيءَ ڏينهن يشوع مقيده شهر تي قبضو ڪري ورتو. هن اتي
جي بادشاهه کي ۽ جيڪي به ماڻهو منجهس رهندا هئا تن سڀني کي
تلوار جي ڌار سان ماري ڇڏيو، ڪنهن کي به جيئرو نه ڇڏيائين. هن
مقيده جي بادشاهه سان ائين ئي ڪيو جيئن يريحو جي بادشاهه سان
ڪيو هئائين.
(29) تنهن کان پوءِ يشوع بني اسرائيل جي سڄي لشڪر سميت مقيده
کان لبناه شهر ڏانهن ويو ۽ انهيءَ تي حملو ڪيائين. (30) خداوند اهو
شهر به انهيءَ جي بادشاهه سميت بني اسرائيل جي هٿ ۾ ڏنو.
جيڪي ماڻهو انهيءَ منجهه هئا تن سڀني کي يشوع تلوار جي ڌار
سان ماري ڇڏيو، ڪنهن کي به جيئرو نه ڇڏيائين. يشوع انهيءَ شهر
جي بادشاهه سان به ائين ئي ڪيو جيئن يريحو شهر جي بادشاهه
سان ڪيو هئائين.
(31) انهيءَ کان پوءِ يشوع بني اسرائيل جي سڄي لشڪر سميت لبناه
کان لڪيس ڏانهن ويو. هنن انهيءَ شهر جو گهيرو ڪري مٿس حملو
ڪيو. (32) جنگ جي ٻئي ڏينهن تي خداوند انهيءَ شهر کي سندن هٿن
۾ ڏنو ۽ هو مٿس قبضو ڪري ويا. جيڪي به ماڻهو انهيءَ منجهه
هئا تن سڀني کي يشوع تلوار جي ڌار سان ماري ڇڏيو، جيئن هن لبناه
۾ ڪيو هو. (33) انهيءَ وقت گزر جو بادشاهه هورم چڙهائي ڪري
لڪيس شهر جي مدد ڪرڻ لاءِ آيو، پر يشوع سندس لشڪر سميت
کيس اهڙي ته شڪست ڏني جو انهيءَ جو ڪوبه ماڻهو زنده نه بچيو.
(34) انهيءَ کان پوءِ يشوع بني اسرائيل جي سڄي لشڪر سميت
لڪيس کان عجلون شهر ڏانهن ويو. هنن انهيءَ شهر جو گهيرو ڪري
مٿس حملو ڪيو. (35) هنن انهيءَ ساڳئي ئي ڏينهن تي انهيءَ تي قبضو
ڪري ورتو ۽ منجهس جيڪي به ماڻهو هئا تن سڀني کي تلوار جي ڌار
سان ماري ڇڏيائون، جيئن هنن لڪيس سان ڪيو هو. (36) تنهن کان پوءِ
يشوع بني اسرائيل جي سڄي لشڪر سميت عجلون کان حبرون شهر
ڏانهن ويو ۽ انهيءَ تي حملو ڪيائون. (37) هنن انهيءَ تي به قبضو
ڪيو ۽ انهيءَ جي بادشاهه سميت جيڪي به ماڻهو انهيءَ ۾ يا انهيءَ
جي آس‌پاس وارن ڳوٺن ۾ رهندا هئا تن سڀني کي تلوار جي ڌار سان

10:12–13 2.سم 1:18

ماري ڇڏيائون. ڪنهن کي به جيئرو نه ڇڏيائون. جيئن عجلون ۾
ڪيو هئائون، تيئن هن شهر سان به ڪيائون ۽ جيڪي ماڻهو منجهس
هئا، تن سڀني کي ناس ڪري ڇڏيائون. 38 انهيءَ کان پوءِ يشوع بني
اسرائيل جي سڄي لشڪر سميت دبير شهر ڏانهن موٽيو ۽ انهيءَ تي
حملو ڪيائون. 39 هنن انهيءَ تي، انهيءَ جي بادشاهه تي ۽ سڀني
آس‌پاس وارن ڳوٺن تي قبضو ڪيو. جيڪي ماڻهو اتي رهندا هئا تن
سڀني کي تلوار جي ڌار سان ماري ڇڏيائون. يشوع دبير ۽ ان جي
بادشاهه سان ائين ئي ڪيو جيئن هن لبناه شهر ۽ انهيءَ جي بادشاهه
سان ۽ حبرون شهر سان ڪيو هو. 40 سو يشوع سڄو علائقو قبضي
۾ ڪري ورتو، يعني هن جابلو علائقي، ڏاکڻي علائقي، هيٺاهين
علائقي ۽ لاهين واري علائقي جي سڀني بادشاهن کي شڪست ڏني.
هن ڪنهن کي به جيئرو نه ڇڏيو بلڪ سڀني کي ناس ڪري ڇڏيائين،
جيئن خداوند، بني اسرائيل جي خدا فرمايو هو. 41 يشوع قادش‌برنيع
کان وٺي غزه تائين ۽ ڳُشن جي ساري علائقي کان وٺي گبعون تائين
سڀني کي شڪست ڏني. 42 اهي سڀ بادشاهه ۽ انهن جا علائقا،
يشوع هڪڙي ئي ڀيري ۾ قبضي ڪيا، ڇالاءِجو خداوند، بني اسرائيل
جو خدا انهن پاران وڙهيو پئي. 43 پوءِ يشوع بني اسرائيل جي سڄي
لشڪر سميت خيمي‌گاهه ڏانهن گلگال ۾ موٽي آيو.

## اتر طرف وارن بادشاهن جي شڪست

11 1 جڏهن حصور شهر جي بادشاهه يابين اهو ٻڌو تڏهن هن
هنن بادشاهن کي سڏائي ورتو: مدون جو بادشاهه يوباب،
سمرون جو بادشاهه ۽ اڪشاف جو بادشاهه، 2 اتر پاسي جابلو علائقن
وارا بادشاهه، گليل ڍنڍ جي ڏکڻ واري اردن ماٿريءَ ۽ هيٺاهين زمينن
وارا بادشاهه ۽ الهندي ڏي يونوچ سمنڊ جي ڪناري تي دور شهر
جي آس‌پاس وارا بادشاهه. 3 انهيءَ کان علاوه هن اوڀر ۽ اولهه
۾ رهندڙ ڪنعانين، امورين، حتين، فرزين، يبوسين جيڪي جابلو
علائقن ۾ هئا ۽ مصفاه علائقي ۾ حرمون جبل کان هيٺ رهندڙ
حوين کي به سڏائي ورتو. 4 اهي سڀيئي پنهنجون پنهنجون فوجون
وٺي نڪتا. انهن فوجين جو تعداد ايترو ته گهڻو هو جيئن سمنڊ جي
ڪناري تي پيل واريءَ جا ذرا. انهن ساڻ گهڻا ئي گهوڙا ۽ جنگي
گاڏيون به هيون. 5 انهن سڀني بادشاهن پنهنجون پنهنجون فوجون
آڻي گڏ ڪيون ۽ ميروم نديءَ وٽ هڪ هنڌ تنبو کوڙيائون ته جيئن
بني اسرائيل سان گڏجي جنگ ڪن.

6 تڏهن خداوند يشوع کي فرمايو ته ”هنن کان نه ڊڄ، ڇالاءِجو
سڀاڻي هن ئي وقت آءٌ انهن سڀني کي بني اسرائيل جي هٿن ۾ ڏيئي
ڪين مارائي ڇڏيندس. تون هنن جي گهوڙن کي جڏو ڪري ڇڏجانءِ
۽ سندن گاڏيون ساڙي ڇڏجانءِ.“ 7 سو يشوع ۽ سندس سڀ جنگي
جوان ميروم نديءَ وٽ اوچتو مٿن اچي ڪڙڪيا. 8 پوءِ خداوند انهن
کي بني اسرائيل جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو ۽ بني اسرائيل انهن کي
ماريندا ويا ۽ اتر ۾ وڏي صيدا، مسرفات‌المائم ۽ اوڀر ۾ مصفاه جي
ماٿريءَ تائين انهن جو پيڇو ڪيائون، تان جو انهن مان ڪوبه جيئرو
نه بچيو. 9 يشوع انهن سان ائين ئي ڪيو جيئن خداوند فرمايو هوس.
هن انهن جي گهوڙن کي جڏو ڪرايو ۽ سندن گاڏيون ساڙي ڇڏيائون.

10 تڏهن يشوع پوئتي موٽيو ۽ اچي حصور تي قبضو ڪيائين ۽
انهيءَ جي بادشاهه کي تلوار سان مارائي ڇڏيائين. حصور جي
بادشاهت انهن ڏينهن ۾ انهن سڀني بادشاهتن جو سِرُ هئي. 11 انهيءَ
۾ جيڪي به ماڻهو هئا تن سڀني کي تلوار جي ڌار سان ماري
ڇڏيائون، ڪنهن کي به جيئرو نه ڇڏيو ويو ۽ شهر کي باهه ڏيئي
ساڙي ڇڏيائون. 12 اهڙيءَ طرح يشوع انهن سڀني شهرن تي قبضو
ڪيو ۽ اتان جي بادشاهن ۽ رهاڪن کي تلوار جي ڌار سان مارائي
ڇڏيائين، جيئن خداوند جي ٻانهي موسيٰ حڪم ڏنو هو. 13 باقي
جيڪي شهر دڙن تي ٻڌل هئا تن مان ڪنهن کي به بني اسرائيل ڪونه
ساڙيو، سواءِ حصور جي، جنهن کي يشوع ساڙائي ڇڏيو هو. 14 انهن
شهرن جو چوپايومال ۽ ٻيو لٽ جو مال بني اسرائيل پنهنجي لاءِ رکي
ڇڏيو. پر سڀني ماڻهن کي هنن تلوار جي ڌار سان ماري ڇڏيو، ڪنهن
کي به جيئرو نه ڇڏيائون. 15 جيئن خداوند پنهنجي ٻانهي موسيٰ کي
حڪم ڏنو هو، تيئن موسيٰ يشوع کي حڪم ڏنو ۽ يشوع ائين ئي
ڪيو. جيڪي خداوند موسيٰ کي فرمايو هو سو سڀ يشوع پورو ڪيو.

## قبضي ڪيل علائقو

16 سو يشوع هي سارو ملڪ قبضي ڪري ورتو: جابلو علائقو،
سڄو ڏاکڻو علائقو، ڳُشن جو سڄو علائقو، هيٺاهين زمين وارو
علائقو، اردن ماٿريءَ وارو علائقو، اسرائيل جو جابلو علائقو هيٺاهين
زمين سميت، 17-18 خلق جبل، جيڪو ڏکڻ ۾ *ادوم جي علائقي
ڏانهن وڌي ٿو، تنهن کان وٺي بعل‌گد تائين جيڪو اتر ۾ لبنان جي
ماٿريءَ ۾ حرمون جبل هيٺان آهي. يشوع انهن سڀني بادشاهن سان
گهڻي وقت تائين جنگ ڪئي ۽ کين پڪڙي ماري ڇڏيو. 19 حوي
جيڪي گبعون ۾ رهندا هئا تن کان سواءِ ٻيو ڪوبه اهڙو شهر ڪونه
هو جنهن بني اسرائيل سان امن جو معاهدو ڪيو هجي. اهي سڀيئي
علائقا جنگ ۾ فتح ڪيا ويا هئا. 20 ان جو سبب هي هو جو خداوند
ئي هنن جون دليون سخت ڪيون هيون ته جيئن اهي بني اسرائيل
سان اچي جنگ ڪن ۽ بني اسرائيل هنن کي صفا ناس ڪري ڇڏين
۽ سمورا بي‌رحميءَ سان ماريا وڃن، جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو
هو.

*ادوم: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

20:11 شر 16:7

21 انهيءَ ئي وقت يشوع هنن جابلو علائقن ۾ وجي عناق جي
راڪاس جهڙي اولاد کي سندن شهرن سميت ناس ڪري ڇڏيو: حبرون
شهر، دبير شهر، عناب شهر، يهوداه جو سمورو جابلو علائقو ۽ پڻ
اسرائيل جو سمورو جابلو علائقو. 22 عناق جي اولاد مان ڪنهن کي
ٻه بني اسرائيل جي ملڪ ۾ جيئرو نه ڇڏيو ويو، رڳو غزه، گات ۽
اشدود ۾ ڪي وڃي بچيا. 23 اهڙيءَ طرح يشوع سڄو ملڪ قبضي
ڪري ورتو، جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو. يشوع اهو بني
اسرائيل کي سندن قبيلن موجب ورثي طور ورهائي ڏنو. پوءِ ملڪ
کي جنگ کان آرام مليو.

## موسيٰ کان شڪست کاڌل بادشاهه

12 1 هاڻ جيڪو علائقو اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي برساتي
نهر ارنون کان وٺي اتر ۾ حرمون جبل تائين هو ۽ اڀرندي
واري سڄي اردن ماٿري، جنهن تي بني اسرائيل قبضو ڪري ورتو
هو، تنهن جي ٻن بادشاهن کي بني اسرائيل شڪست ڏيئي سندن
ملڪ هٿ ڪيا هئا. 2 هڪڙو امورين جو بادشاهه سيحون هو جيڪو
حشبون ۾ ويهي پنهنجي ملڪ تي راڄ ڪندو هو. سندس بادشاهي
برساتي نهر ارنون جي ڪناري واري شهر عروعير ۽ انهيءَ نهر جي
وچ واري شهر کان وٺي ويندي برساتي نهر يبوق تائين هئي، جيڪا
*عمونين جي سرحد آهي. ان ۾ اڌ گلعاد به شامل هو. 3 هن جي
بادشاهي اردن درياءَ جي اڀرندي ميدان تي پڻ هئي، يعني گليل ڍنڍ
کان کاري سمنڊ تائين بيت‌يسيموت ڏانهن ويندڙ رستي تي ۽ ڏکڻ ۾
وري پسگه جي لاهيءَ جي هيٺ تائين. 4 ٻيو بسن جو بادشاهه عوج
هو، جيڪو باقي بچيل رفاعين مان هو ۽ عستارات ۽ ادرعيءَ ۾ ويهي
پنهنجي ملڪ تي راڄ ڪندو هو. 5 سندس بادشاهي حرمون جبل،
سلڪه ۽ گسورين ۽ معڪاتين جي سرحد تائين سڄي بسن، گلعاد
جي باقي اڌ يعني حشبون شهر جي بادشاهه سيحون جي علائقي جي
سرحد تائين هئي. 6 خداوند جي ٻانهي موسيٰ ۽ بني اسرائيل انهن
ٻنهي بادشاهن کي شڪست ڏني ۽ موسيٰ انهن جو ملڪ بني روبن،
بني گد ۽ منسيءَ جي اڌ قبيلي کي ورثي طور ورهائي ڏنو.

## يشوع کان شڪست کاڌل بادشاهه

7 ڪنعان ملڪ جو جيڪو علائقو اردن درياءَ جي الهندي پاسي
لبنان جي ماٿريءَ ۾ بعل‌گد کان وٺي خلق جبل، جيڪو ڏکڻ ۾ ادوم
جي علائقي ڏانهن ٿو وڃي، تنهن تائين آهي، انهيءَ علائقي جي
بادشاهن کي يشوع ۽ بني اسرائيل شڪست ڏني. انهن جا ملڪ يشوع
بني اسرائيل کي سندن قبيلن موجب ورثي طور ورهائي ڏنا. 8 انهن
ملڪن ۾ هي هنڌ شامل هئا: جابلو علائقو، ڍورا، اردن ماٿري، جبلن
جون لاهيون ۽ ڏکڻ وارو بيابان. ورهاست کان اڳ ۾ انهن هنڌن
تي حتي، اموري، ڪنعاني، فرزي، حوي ۽ يبوسي آباد هئا. 9 بني
اسرائيل هنن بادشاهن کي شڪست ڏني: يريحو جو بادشاهه، بيت‌ايل
جي پرواري شهر عئيءَ جو بادشاهه، 10 يروشلم جو بادشاهه، حبرون
جو بادشاهه، 11 يرموت جو بادشاهه، لڪيس جو بادشاهه، 12 عجلون
جو بادشاهه، گزر جو بادشاهه، 13 دبير جو بادشاهه، گدر جو بادشاهه،
14 حرمه جو بادشاهه، عراد جو بادشاهه، 15 لبناه جو بادشاهه، عدلام
جو بادشاهه، 16 مقيده جو بادشاهه، بيت‌ايل جو بادشاهه، 17 تفوح جو
بادشاهه، حفر جو بادشاهه، 18 افيق جو بادشاهه، لشرون جو بادشاهه،
19 مدون جو بادشاهه، حصور جو بادشاهه، 20 سمرون جو بادشاهه،
اڪشاف جو بادشاهه، 21 تعناڪ جو بادشاهه، مجدو جو بادشاهه،
22 قادس جو بادشاهه، ڪرمل واري يقنعام جو بادشاهه، 23 يونوِچ
سمنڊ جي ڪناري واري شهر دور جو بادشاهه، گلگال جي قومن جو
بادشاهه، 24 ترضه جو بادشاهه. اهي جملي ايڪٽيهه بادشاهه هئا.

## باقي بچيل ملڪ هٿ ڪرڻ

13 1 هاڻ يشوع تمام پيرسن ٿي چڪو هو. خداوند کيس فرمايو
ته ”تون تمام ٻڍو ٿي ويو آهين، پر اڃا گهڻي زمين باقي
بچي پيئي آهي جا هٿ ڪرڻي آهي. 2 جيڪا زمين اڃا رهيل آهي سا
هيءَ آهي: فلستين ۽ گسورين جا سڀ علائقا، 3 سيحور ندي جيڪا
مصر جي اوڀر ۾ آهي تنهن کان وٺي اتر ڏانهن عقرون جي سرحد
تائين، اهو سمورو علائقو ڪنعانين جو ليکيو ويندو آهي يعني فلستين
جي پنجن سردارن غزي، اشدودي، اسقلوني، گاتي ۽ عقروني وارو
علائقو ۽ ڏکڻ ۾ عويم جو علائقو پڻ. 4 هي زمين به رهيل آهي:
ڪنعانين جو سارو علائقو، صيدانين جي شهر مغاره کان وٺي اتر ۾
افيق يعني امورين جي علائقي تائين، 5 گبليون جو سارو علائقو،
اڀرندي ڏانهن سارو لبنان، حرمون جبل جي هيٺان بعل‌گد کان وٺي
حمات لڪ تائين. 6 لبنان کان مسرفات‌المائم تائين جابلو علائقن
جي سيني رهاڪن کي صيدانين سميت، آءٌ بني اسرائيل جي اڳيان
سندن علائقي مان پچائي ڪيندس. تون رڳو اهو ملڪ ورهائي بني
اسرائيل کي ورثي طور ڏي، جيئن مون تو کي حڪم ڏنو آهي. 7 سو
هاڻ اهو ملڪ تون انهن باقي نون قبيلن ۽ منسيءَ جي اڌ قبيلي کي
ورثي طور ورهائي ڏي.“

## اردن جي اڀرندي پاسي واري علائقي جي ورهاست

8 منسيءَ جي ٻئي اڌ قبيلي، بني روبن ۽ بني گد کي اڳ ۾ ئي
ورثو ملي چڪو هو جيڪو خداوند جي ٻانهي موسيٰ کين اردن درياءَ
جي اڀرندي پاسي ڏنو هو. 9 انهيءَ جي پکيڙ هي آهي: عروعير شهر،

*عمونين: انهن جو علائقو ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

12:1–5 گا 21:21–35، شر 2:26–3:11   6:12 گا 32:33، شر 3:12   6:13 گا 33:54   8:13 گا 32:33، شر 3:12

جيڪو برساتي نهر ارنون جي ڪناري تي آهي ۽ جيڪو شهر انهيءَ
نهر جي وچ ۾ آهي تن کان وٺي ويندي ميدبا شهر جي پر واري ساري
ميدان سميت جيڪو ديبون تائين آهي 10 ۽ امورين جي بادشاهه سيحون
جيڪو حشبون تي راڄ ڪندو هو تنهن جا سڀ شهر، ويندي بني عمون
جي سرحد تائين. 11 انهيءَ ۾ گلعاد، گسورين ۽ معڪاتين جا علائقا،
سڄو حرمون جبل ۽ سلڪه تائين سڄو بسن شامل آهن. 12 بسن ۾
عوج بادشاهه جيڪو رفائين جي باقي بچيل نسل مان هو ۽ عستارات
۽ ادرعي تي راڄ ڪندو هو، تنهن جي سڄي بادشاهت انهيءَ ۾
شامل هئي. موسيٰ انهن کي شڪست ڏيئي کين بيدخل ڪري ڇڏيو
هو. 13 پر بني اسرائيل گسورين ۽ معڪاتين کي ڪونه پڇائي ڪڍيو
هو، تنهنڪري اهي اڄ ڏينهن تائين بني اسرائيل منجهه رهندا اچن.
14 پر لاوي قبيلي وارن کي موسيٰ ڪوبه ورثو ڪونه ڏنو هو،
ڇالاءِجو خداوند، بني اسرائيل جي خدا لاءِ ساڙيون ويندڙ قربانيون
ئي انهن جو ورثو هيون، جيئن هن ساڻن واعدو ڪيو هو.

## روبن قبيلي کي ڏنل علائقو

15 جيڪو علائقو موسيٰ روبن قبيلي کي سندن گهراڻن موجب ڏنو
هو سو هي هو:
16 عروعير جيڪو برساتي نهر ارنون جي ڪناري تي آهي ۽ جيڪو
شهر انهيءَ نهر جي وچ ۾ آهي تن کان وٺي ميدبا شهر جي پر واري
ساري ميدان سميت. 17 انهيءَ ۾ حشبون ۽ ان جا ميدان وارا سڀ
شهر شامل آهن يعني ديبون، بامات‌بعل ۽ بيت‌بعل‌معون، 18 يهصاه،
قديمات ۽ مفعت، 19 قريتائم، سبماه ۽ ضرت‌السحر جيڪو ماٿريءَ
۾ ٽڪر تي آهي، 20 بيت‌فغور، پسگه جون لاهيون ۽ بيت‌يسيموت،
21 ميدان جا سڀ شهر، امورين جي بادشاهه سيحون جي سڄي
بادشاهت، جيڪو حشبون تي بادشاهي ڪندو هو. موسيٰ انهيءَ کي
۽ انهيءَ ملڪ ۾ رهندڙ مديان جي قبائلي سردارن اَوي، رقم، صور،
حور ۽ ربع کي شڪست ڏيئي ماري ڇڏيو هو جيڪي سيحون جا امير
هئا. 22 بني اسرائيل جن کي قتل ڪيو هو تن ۾ بعور جو پٽ بلعام
جيڪو فالون وجهندو هو، سو به هو. 23 بني روبن جي سرحد اولهه ۾
اردن درياءَ جو ڪنارو هئي. اهي شهر ۽ ڳوٺ بني روبن جي گهراڻن
جي ميراث ۾ هئا.

## گد قبيلي کي ڏنل علائقو

24 اهو علائقو جيڪو موسيٰ گد قبيلي کي سندن گهراڻن موجب
ميراث ڪري ڏنو هو سو هي هو: 25 يعزير جو علائقو، گلعاد جا سڀ
شهر ۽ بني عمون جي اڌ زمين عروعير تائين، جيڪو ربه جي سامهون
آهي، 26 حشبون کان رامت المصفاه ۽ بطونيم تائين ۽ محنايم کان
دبير جي علائقي تائين، 27 اردن جي ماٿريءَ ۾ بيت هارم، بيت نمره،
سڪات ۽ صفون ۽ حشبون جي بادشاهه سيحون جي باقي بچيل
بادشاهت سميت، اردن درياءَ جي اوڀرندي پاسي گليل ڍنڍ تائين. 28 اهي
شهر ۽ ڳوٺ بني گد جي گهراڻن جي ميراث ۾ هئا.

## منسيءَ جي اوڀرندي واري اڌ قبيلي کي مليل علائقو

29 اهو علائقو جيڪو موسيٰ منسيءَ جي اوڀرندي واري اڌ قبيلي کي
سندن گهراڻن موجب ڏنو هو سو هي هو. 30 اهو علائقو محنايم کان
وٺي شروع ٿيو. انهيءَ ۾ سڄو بسن، بسن جي بادشاهه عوج جي
سڄي بادشاهت ۽ يائير جا سٺيئي سٺ شهر جيڪي بسن ۾ آهن، سي
شامل هئا. 31 منجهس اڌ گلعاد، عستارات ۽ ادرعي، جيڪي بسن
۾ عوج جي بادشاهت جا گاديءَ وارا شهر هئا، سي پڻ شامل هئا.
اهي سڀ منسيءَ جي پٽ مڪير جي اولاد جي اڌ گهراڻن کي ڏنا ويا.
32 اهڙيءَ طرح موسيٰ يريحو شهر جي سامهون اردن درياءَ جي
اوڀر طرف موآب جي ميدان ۾ اِهي علائقا ورثي طور ورهائي ڏنا.
33 پر لاوي قبيلي کي موسيٰ ڪابه زمين ورثي طور نه ڏني، ڇالاءِجو
خداوند، بني اسرائيل جو خدا ئي انهن جو ورثو آهي، جيئن ساڻن
واعدو ڪيو هئائين.

## اردن درياءَ جي الهندي پاسي واري علائقي جي ورهاست

14 1 هي اُهي علائقا آهن جيڪي بني اسرائيل کي ڪنعان جي
ملڪ ۾ ورثي طور مليا. اُهي علائقا اليعزر ڪاهن، يشوع
ولد نون ۽ بني اسرائيل جي قبيلن جي سردارن کين ورهائي ڏنا.
2 سندن اهو ورثو ڪڻن جي ذريعي انهن ساڍن نون قبيلن کي ورهائي
ڏنو ويو، جيئن خداوند موسيٰ جي معرفت حڪم ڏنو هو. 3–4 موسيٰ
باقي اڍائي قبيلن کي اڳ ۾ ئي اردن درياءَ جي اوڀرندي پاسي سندن
ورثو ڏيئي ڇڏيو هو، جن ۾ منسيءَ جو اڌ قبيلو به هو. يوسف جو
اولاد ٻن قبيلن ۾ ورهائجي ويو هو، هڪ منسي ۽ ٻيو افرائيم.
موسيٰ لاوين کي انهيءَ ملڪ ۾ ٻين قبيلن سان گڏ ڪوبه ورثو
ڪونه ڏنو، سواءِ سندن رهڻ لاءِ شهرن جي ۽ انهن پسگرداين جي
جتي سندن رڍن ٻڪرين ۽ ڍورن ڍڳن جي لاءِ چارو هو.
5 جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو، تيئن بني اسرائيل ڪيو ۽
زمين ورهايائون.

## ڪالب کي حبرون ملڻ

6 پوءِ بني يهوداه قبيلي جا ڪي ماڻهو گلگال ۾ يشوع وٽ آيا.
انهن مان ڪالب بن يفنه قنزيءَ کيس چيو ته ”توهان کي خبر آهي
ته قادش‌برنيع ۾ مردِخدا موسيٰ کي منهنجي ۽ توهان جي باري ۾

خداوند چا فرمايو هو. 7 انهيءَ وقت منهنجي عمر چاليهہ سال هئي
جڏهن خداوند جي ٻانهي موسيٰ مون کي قادش‌برنيع مان هن ملڪ
جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. مون موٽي اچي کيس صحيح
صحيح خبر ڏني هئي. 8 منهنجا هم‌قوم ڀائر جيڪي مون سان گڏ
هليا هئا تن تہ ماڻهن جون دليون ئي ڏڪائي ڇڏيون هيون، پر مون
خداوند پنهنجي خدا جي حڪمن جي پوري پيروي ڪئي. 9 تڏهن
انهيءَ ڏينهن موسيٰ قسم کڻي مون کي چيو تہ ’جيڪا زمين تو
لتاڙي آهي سا ضرور تو ۽ تنهنجي اولاد لاءِ هميشہ جو ورثو ٿيندي،
ڇالاءِجو تو خداوند منهنجي خدا جي حڪمن جي پوري پيروي ڪئي
آهي.‘ 10 انهيءَ کي پنجيتاليهہ سال گذري ويا آهن جڏهن خداوند اِها
ڳالهہ موسيٰ سان ڪئي. اهو تڏهن ٿيو جڏهن بني اسرائيل اڃا بيابان
۾ رلندا ٿي رهيا. تنهن وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين خداوند پنهنجي
واعدي موجب مون کي جيئرو رکيو آهي. هاڻ ڏس، اڄ منهنجي عمر
پنجاسي سال آهي. 11 اڄ بہ آءٌ اهڙو ئي مضبوط آهيان جهڙو انهيءَ
ڏينهن هوس، جنهن ڏينهن موسيٰ مون کي موڪليو هو. اڄ بہ مون
کي جنگ لاءِ يا ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ لاءِ اهڙي ئي طاقت آهي جهڙي
اڳي هئي. 12 تنهنڪري هاڻي مون کي اهو جابلو علائقو ڏي جنهن
جو خداوند انهيءَ ڏينهن مون سان واعدو ڪيو هو. انهيءَ ڏينهن
توهان ٻڌو هو تہ اتي عناق جو راڪاس جهڙو اولاد رهي ٿو ۽ اتي
جا شهر وڏا ۽ قلعن وارا آهن. خداوند منهنجي مدد ڪئي تہ پوءِ آءٌ
انهن کي اتان ڀڄائي ڪڍندس، جيئن خداوند فرمايو آهي.“
13 تڏهن يشوع ڪالب کي دعا ڪئي ۽ حبرون شهر کيس ورثي
طور ڏنائين. 14 تنهنڪري حبرون شهر اڄ ڏينهن تائين ڪالب ولد
يفنہ قنزيءَ جي اولاد جي ملڪيت آهي، ڇالاءِجو هن خداوند، بني
اسرائيل جي خدا جي حڪمن جي پوريءَ طرح پيروي ڪئي. 15 حبرون
شهر کي اڳي قريت‌اربع، اربع نالي ماڻهوءَ جي نالي پٺيان سڏيو
ويندو هو، جيڪو عناق جي راڪاس جهڙي اولاد ۾ سڀ کان وڏو
ماڻهو هو. تنهن کان پوءِ انهيءَ ملڪ کي جنگ کان آرام مليو.

## يهوداہ قبيلي کي ڏنل علائقو

15 1 يهوداہ قبيلي کي سندن گهراڻن موجب جيڪو حصو مليو
سو هي هو. سندن علائقو ادوم جي علائقي ڏانهن صين
جي بيابان جي ڏکڻ واري تمام پڇاڙيءَ واري پاڳي تائين هو.
2 سندن ڏاکڻي سرحد کاري سمنڊ جي ڏاکڻي ڇيڙي کان شروع ٿي،
3 عقربيم لڪ جي ڏکڻ کان ٿيندي صين تائين ويئي. اتان وري اها
سرحد قادش‌برنيع جي ڏکڻ کان ٿيندي، حصرون کان لنگهندي، ادار
ڏانهن وڃي قرقع ڏانهن ڦري، 4 عضمون ڏانهن هلي وڃي، مصر
جي سرحدي برساتي نهر کان ٿيندي ڀُونوچ سمنڊ تي وڃي ختم ٿي.
اها انهن جي ڏاکڻي سرحد هئي.
5 اڀرندي واري سرحد کاري سمنڊ جو ڪنارو هئي جيڪا ڏاکڻي
ڇيڙي کان ويندي اردن درياءَ جي ڇوڙ تائين هئي.
اُتر واري سرحد کاري سمنڊ جي اتر واري ڇيڙي کان شروع ٿي،
6 بيت‌حجلہ کان ٿيندي بيت‌العرابہ جي اترئين پاسي کان لنگهندي
روبن جي پٽ بوهن جي پٿر تائين ويئي. 7 پوءِ اها سرحد عڪور جي
ماٿريءَ مان ٿيندي دبير تائين ويئي، جتان وري اتر ڏي گلگال ڏانهن
ڦري جيڪو ادميم جي چاڙهيءَ جي سامهون واري برساتي نهر جي
ڏکڻ پاسي آهي. پوءِ اتان لنگهي عين‌شمس جي چشمن وٽان ٿيندي
عين‌راجل تائين وڃي پهتي. 8 پوءِ اُها سرحد هنوم ماٿريءَ وچان هلي
ڏکڻ پاسي جبل جي لاهيءَ وٽان جتي يبوسين جو شهر يروشلم آهي،
رفائين واديءَ جي اترئين ڇيڙي تي هنوم ماٿريءَ جي سامهون الهندي
طرف بيٺل جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويئي. 9 پوءِ جبل جي چوٽيءَ
تان هيٺ لهي نفتوح جي چشمن وٽان نڪري عفرون جبل جي شهرن
ڏانهن ويئي ۽ اتان لهي بعلہ يعني قريت‌يعريم ڏانهن آئي. 10 پوءِ اُها
بعلہ کان الهندي طرف ادوم جي جابلو علائقي ڏانهن ڦِري ۽ اتان
يعريم جبل يعني ڪسلون جي اترينءَ لاهيءَ کان ٿيندي بيت‌شمس
ڏانهن لهي اڳتي تمنہ ڏانهن ٽپي ويئي. 11 پوءِ اتان عقرون جي اترينءَ
لاهيءَ ڏانهن وڃي سڪرون ڏانهن ڦري ۽ بعلہ جبل وٽان لنگهي
يبني‌ايل وٽ پهتي. اها سرحد ڀُونوچ سمنڊ تي ختم ٿي 12 ۽ اِهو ئي
سمنڊ الهندي سرحد هئي. يهوداہ قبيلي جون اهي سرحدون هيون.

## ڪالب جو حبرون ۽ دبير شهرن کي فتح ڪرڻ
(رهبر 1:11–15)

13 جيئن خداوند يشوع کي حڪم ڏنو هو تيئن ئي هن يفنہ جي پٽ
ڪالب کي يهوداہ قبيلي جي علائقي مان قريت‌اربع يعني حبرون شهر
ڏنو جيڪو اڳ ۾ عناق جي وڏي اربع جو هو. 14 ڪالب ٽن عناقي
قبيلن يعني سيسي، اخيمان ۽ تلمي جيڪي عناق جو اولاد هئا، تن
کي اُتان ڀڄائي ڪڍيو. 15 اُتان وري هو دبير شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ
ويو. اڳي انهيءَ شهر جو نالو قريت‌سِفر هو. 16 تڏهن ڪالب چيو تہ
”جيڪو قريت‌سِفر تي حملو ڪري مٿس قبضو ڪندو تنهن کي آءٌ
پنهنجي ڌيءَ عڪسہ پرڻائيندس.“ 17 پوءِ ڪالب جي ڀاءُ قنز جي پٽ
غتني‌ايل انهيءَ تي قبضو ڪيو، سو ڪالب پنهنجي ڌيءَ عڪسہ
هن کي پرڻائي ڏني. 18 شاديءَ واري ڏينهن عڪسہ پنهنجي مڙس
غتني‌ايل کي پڙڪايو تہ ”منهنجي پيءُ کان ڪا وڏيڪ ٻني گهُرون.“
سو جڏهن هوءَ پنهنجي گڏهہ تان لٿي تہ ڪالب وٽس اچي پڇيس
تہ ”تو کي ڇا کپي؟“ 19 هن ورندي ڏنس تہ ”مون کي بخشش ڏي.
جيئن تہ تو مون کي ڏکڻ واري خشڪ زمين ڏني آهي تنهنڪري مون
کي پاڻيءَ جا چشما بہ ڏي.“ تنهن تي ڪالب حبرون شهر جي ويجهو
مٿيان توڙي هيٺيان چشما کيس ڏيئي ڇڏيا.

7:14 ڳا 1:13–30 9:14 ڳا 24:14 13:15–14 رهہ 20:1

## يهوداه قبيلي کي ورثي ۾ مليل شهر

20 يهوداه قبيلي کي گهراڻن موجب سندن ورثي ۾ مليل 21 ادوم جي
سرحد وارا ڏکڻ پاسي ۾ سڀ کان ڏورانهان شهر هي هئا: قبضي‌ايل،
عيدر، يجور، 22 قينه، ديمونه، عدعده، 23 قادس، حصور، اتنان،
24 زيف، تلم، بعلوت، 25 حصور حدته، قريوت حصرون يعني
حصور. 26 امام، سمع، مولاده، 27 حصارجده، حشمون، بيت‌فلط،
28 حصرسوعال، بيرسبع، بزيوتياه، 29 بعله، عييم، عضم، 30 التولد،
ڪسيل، حُرمه، 31 صِقلاج، مدمنه، سنسناه، 32 لبائوت، سلحيم،
عين ۽ رمون، جملي اوڻٽيهه شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
33 هيناهين علائقي وارا شهر هي هئا: استال، صرعاه، اسناه،
34 زنوح، عين‌جنيم، تفوح، عينام، 35 يرموت، عُدلام، شوڪو،
عزيقه، 36 شعريم، عديتيم، گديره ۽ گديرتيم، ڪل چوڏهن شهر
آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
37 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: ضنان، حداشه، مجدل‌جد،
38 دلعان، مصفاه، يقتي‌ايل، 39 لڪيس، بصقت، عجلون، 40 ڪبون،
لحمام، ڪتليس، 41 گديروت، بيت‌دجون، نعمه ۽ مقيده، ڪل
سورهن شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
42 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: لبناه، عتر ۽ عسن، 43 يفتاح،
اسنه، نصيب، 44 قعيله، اڪزيب ۽ مريسه، ڪل نَوَ شهر آس‌پاس
وارن ڳوٺن سميت.
45 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: عقرون ۽ آس‌پاس وارا ننڍا
شهر ۽ ڳوٺ، 46 عقرون کان وٺي يُونوچ سمنڊ تائين ننڍا شهر ۽ ڳوٺ
جيڪي اشدود جي ويجهو هئا، 47 اشدود ۽ غزه ۽ آس‌پاس وارا ننڍا
شهر ۽ ڳوٺ جيڪي مصر جي سرحد واري برساتي نهر جي ڪناري
۽ يُونوچ سمنڊ جي ڪناري تائين هئا.
48 جابلو علائقي وارا شهر هي هئا: سمير، يتير، شوڪو، 49 دناه،
قريت‌سِفر يعني دبير، 50 عناب، استموه، عنيم، 51 گُشن، حولون ۽
گلوه، ڪل يارهن شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
52 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: اراب، دوماه، اشعان، 53 ينيم،
بيت‌تفوح، افيقه، 54 حمطه، قريت‌اربع يعني حبرون ۽ صيعُور، ڪل
نَوَ شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
55 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: معون، ڪرمل، زيف، يوطه،
56 يزرعيل، يقدعام، زنوح، 57 قين، گبعت ۽ تمنه، ڪل ڏهه شهر
آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
58 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: حلحول، بيت‌صور، گدُور،
59 معرات، بيت‌عنوت ۽ التقون، ڪل ڇهه شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن
سميت.
60 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: قريت‌بعل يعني قريت‌يعريم ۽
ربه، ڪل ٻه شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
61 بيابان وارا شهر هي هئا: بيت‌عرابه، مدين، سڪاڪه، 62 نبسان،
لوڻ جو شهر ۽ عين‌گدي، ڪل ڇهه شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
63 پر بني يهوداه يروشلم جي رهاڪن يعني يبوسين کي سندن شهر
مان ڪڍي نه سگهيا. انهيءَ ڪري يبوسي اڄ ڏينهن تائين يروشلم
۾ بني يهوداه سان گڏ رهندا اچن.

## افرائيم قبيلي کي مليل ورثو

16 1 بني يوسف کي مليل حصي جي سرحد يريحو شهر جي
اردن نديءَ کان يريحو جي چشمن جي اڀرندي کان شروع
ٿي ۽ اتان کان بيابان منجهان لنگهندي بيت‌ايل جي جابلو علائقي ۾
وڃي نڪتي. 2 اها بيت‌ايل يعني لوز کان هلندي ارڪين قوم جي
علائقي عطارات ۾ آئي. 3 اتان الهندي پاسي ڏانهن يفليطين قوم
جي علائقي ڏانهن لهندي وڃي هيٺئين بيت‌حورون تائين پهتي. وري
اها اتان اڳتي هلي گزر کان ٿيندي يُونوچ سمنڊ تي وڃي ختم ٿي.
4 اهڙيءَ طرح يوسف جي اولاد يعني منسيءَ ۽ افرائيم قبيلن کي
پنهنجو اهو ورثو مليو.
5 افرائيم قبيلي جي سندن گهراڻن موجب علائقو هي هو: هنن جي
سرحد اڀرندي پاسي عطارات ادار کان وٺي مٿئين بيت‌حورون تائين
وڃي 6 ۽ اتان کان يُونوچ سمنڊ تائين وڃي. اترئين پاسي مڪمتاه
کان اها اڀرندي پاسي تانت‌سيلا ڏانهن مڙي، انهيءَ جو پاسو ڏيئي
اڀرندي طرف ينوحاه تائين وڃي. 7 ينوحاه کان هيٺ لهي عطارات
۽ نعراته ڏانهن وڃي يريحو شهر تائين پهتي ۽ پوءِ اتان نڪري اردن
درياءَ تي وڃي ختم ٿي. 8 اها سرحد تفوح کان الهندي ڏانهن قاناه
جي برساتي نهر تائين وڃي ۽ يُونوچ سمنڊ تي وڃي ختم ٿي. اهو آهي
افرائيم قبيلي جو سندن گهراڻن موجب ورثو. 9 انهيءَ کان علاوه
ڪجهه شهر ۽ ڳوٺ جيڪي منسي قبيلي جي حدن اندر هئا، سي
پڻ افرائيم قبيلي کي ڏنا ويا. 10 پر انهن گزر ۾ رهندڙ ڪنعانين کي
پڇائي نه ڪڍيو، سو ڪنعاني اڄ ڏينهن تائين بني افرائيم ۾ رهندا
اچن. البت هو ٻانها ٿي انهن جي بيگار جو ڪم ڪندا آهن.

## منسيءَ جي الهندي واري اڌ قبيلي کي مليل ورثو

17 1 يوسف جي پهريتي پٽ منسيءَ جي قبيلي کي سندس
باقي رهيل ورثو ڏنو ويو. جيئن ته منسيءَ جو پهريتو پٽ
مڪير جيڪو گلعاد جو پيءُ هو تنهن جي قبيلي کي اردن درياءَ جي
اڀرندي پاسي گلعاد ۽ بسن وارا علائقا ملي چڪا هئا، ڇاڪاڻ ته هو
جنگي جوڌا هئا، 2 تنهنڪري اهو اردن جو الهندي وارو ورثو بني
منسيءَ مان باقي بچيل گهراڻن جو هو، يعني بني ابيعزر، بني خلق،

---

63:15 ره 1:21، 2.سم 6:5، 1.توا 11:4   10:16 ره 29:1

بني اسري‌ايل، بني سڪم، بني حفر ۽ بني سميدع جو. اهي يوسف
جي پٽ منسيءَ جو نرينہ اولاد هئا جيڪي پنهنجي گهراڻن جا وڏا
هئا. 3 صلافحاد ولد حفر ولد گلعاد ولد مڪير ولد منسيءَ کي پٽ
ڪونہ هو، پر رڳو ڌيئر هيس. انهن جا نالا محلاه، نوعاه، حجلاه،
ملڪاه ۽ ترضاه هئا. 4 اهي اليعزر ڪاهن، يشوع ولد نون ۽ اڳواڻن
جي اڳيان اچي چوڻ لڳيون تہ ”خداوند موسىٰ کي حڪم ڏنو هو تہ
اسان کي بہ اسان جي مائٽن سان گڏ ورثو ڏنو وڃي.“ تنهنڪري
خداوند جي حڪم موجب يشوع سندن پيءُ جي پائرن سان گڏ هنن
کي ورثو ڏنو. 5 اهو ئي سبب آهي جو منسيءَ کي اردن درياءَ جي
اڀرندي پاسي گلعاد ۽ بسن جي زمين کان سواءِ پيا ڏهہ حصا مليا،
6 ڇوتہ منسيءَ قبيلي جي عورتن کي بہ مردن سان گڏ ورثو مليو.
گلعاد جي زمين منسيءَ جي اولاد مان باقي بين *بچي ويلن کي ملي.
7 منسيءَ جي الهندي واري اڌ قبيلي کي مليل ورثي جي سرحد
اتر ۾ آشر کان وٺي ڏکڻ ۾ سڪم شهر جي اڀرندي ۾ مڪمتاه تائين
هئي. انهيءَ کان اڳتي ڏاکڻي پاسي عين‌تفوح جو سارو علائقو انهيءَ
سرحد ۾ شامل هو. 8 اهڙيءَ طرح تفوح جي آس‌پاس واري زمين
منسيءَ کي ملي هئي، پر تفوح شهر جيڪو منسيءَ جي سرحد تي
هو سو بني افرائيم جي ملڪيت هو. 9 پوءِ اها سرحد ڏکڻ ۾ قاناه
جي برساتي نهر تائين ويئي. انهيءَ نهر جي ڏکڻ پاسي منسيءَ جا
ڪجهہ شهر افرائيم جي علائقي ۾ هئا، جڏهن تہ حقيقت ۾ منسيءَ
جي سرحد ان برساتي نهر جي اترئين پاسي کان هئي جا وڃي ڀُونوچ
سمنڊ تي ختم ٿي. 10 سو ڏکڻ پاسي واري زمين افرائيم جي ملڪيت
هئي ۽ اتر پاسي واري زمين منسيءَ جي ملڪيت هئي. ڀُونوچ سمنڊ
منسيءَ جي الهندي سرحد هئي. منسيءَ جي اتر واري سرحد آشر کان
شروع ٿي ۽ اوڀر ۾ اِسڪار بہ سندس اتر واري سرحد هئي. 11 اِسڪار
۽ آشر جي حدن اندر هي شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت منسيءَ جي
ملڪيت هئا: بيت‌شان، ابليعام، عين‌دور، تعناڪ، مجدو ۽ ڀونوچ
سمنڊ جي ڪناري وارو دور. 12 تہ بہ، بني منسي انهن شهرن جي
رهاڪن کي اتان ڪڍي نہ سگهيا، تنهنڪري ڪنعاني اڄ ڏينهن تائين
اتي رهندا اچن. 13 توڙي جو جڏهن بني اسرائيل زور ورتو تڏهن بہ
ڪنعانين کي بلڪل نہ ڪڍيائون، بلڪ ڪانئن بيگار وٺڻ لڳا.

## منسيءَ جي الهندي واري اڌ قبيلي ۽ افرائيم قبيلي جو وڌيڪ زمين لاءِ عرض

14 بني يوسف يشوع کي چيو تہ ”توهان ڇو اسان کي زمين جو
رڳو هڪڙو حصو ورثي طور ڏنو آهي؟ حالانڪ اسين هڪ وڏو قبيلو
آهيون ڇوتہ خداوند اسان ۾ برڪت وڌي آهي.“
15 يشوع کين ورندي ڏني تہ ”جيڪڏهن اوهين ايترا گهڻا آهيو ۽
افرائيم جو جابلو علائقو اوهان لاءِ ننڍو آهي تہ پوءِ ٻيلي ڏي وڃو
۽ اتي فرزين ۽ رفائين جي علائقي ۾ پنهنجي لاءِ جهنگ وڍي جاءِ
ڪريو.“
16 هنن وراڻيو تہ ”اهو جابلو علائقو اسان جي لاءِ ڪافي ناهي ۽
انهيءَ ماٿريءَ واري ملڪ ۾ جيڪي ڪنعاني رهن ٿا يعني بيت‌شان
شهر ۽ آس‌پاس جي ڳوٺن وارا ۽ يزرعيل ماٿريءَ وارا، تن سيني وٽ
لوهہ جون جنگي گاڏيون آهن.“ 17 پر يشوع بني يوسف جي افرائيم ۽
منسي قبيلن کي چيو تہ ”اوهين گهڻا ۽ وڏي طاقت وارا آهيو. اوهان
کي رڳو هڪڙو ئي حصو نہ هوندو، 18 بلڪ اهو ٻيلي وارو جابلو
علائقو بہ اوهان جو ٿيندو. انهيءَ کي وڍي صاف ڪريو ۽ انهيءَ
جون ڏورانهيون حدون اوهان جون ٿينديون ۽ جيتوڻيڪ ڪنعانين وٽ
لوهہ جون جنگي گاڏيون آهن ۽ هو مضبوط آهن تہ بہ اوهين هنن
کي ڀڄائي ڪيندا.“

## باقي بچيل ملڪ جي ورهاست

18 1 بني اسرائيل جي سڄي قوم سيلا شهر ۾ اچي گڏ ٿي
۽ اتي خدا سان ملاقات وارو خيمو کوڙيائون. انهيءَ ملڪ
تي تہ بني اسرائيل قبضي ڪري چڪا هئا، 2 پر انهن مان اڃا ست
قبيلا رهيل هئا جن کي پنهنجو ورثو ورهائجي ڪونہ مليو هو.
3 سو يشوع انهن کي چيو تہ ”جيڪا زمين خداوند اوهان جي ابن
ڏاڏن جي خدا اوهان کي ڏني آهي تنهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيستائين
ترسيا ويٺا هوندا. 4 هر هڪ قبيلي مان ٽي ٽي ماڻهو چونڊي ڏيو. آءٌ
انهن کي موڪليندس تہ وڃي پنهنجي ورثي کي مدنظر رکي ملڪ
جي سروي ڪن، انهيءَ جو بيان لکن ۽ پوءِ مون وٽ واپس اچن.
5 زمين ستن حصن ۾ ورهائي ويندي، ڇالاءِجو يهوداہ جو قبيلو
پنهنجي سرحد اندر ڏکڻ ۾ رهندو ۽ يوسف جا گهراڻا پنهنجي سرحد
اندر اتر ۾ رهندا. 6 اوهين انهن ستن حصن جو بيان لکي مون وٽ
کڻي اچو تہ پوءِ آءٌ خداوند اسان جي خدا جي آڏو اوهان جي لاءِ ڪُڻان
وجهان. 7 پر لاوين کي اوهان سان گڏ حصو نہ ملندو، ڇالاءِجو
خداوند جي ڪهانت هنن جو ورثو آهي. ان کان علاوه گد، روبن ۽
منسيءَ جي اڌ قبيلي کي پنهنجو ورثو اردن درياءَ جي هن پر اڀرندي
پاسي اڳي ئي ملي چڪو آهي. خداوند جي ٻانهي موسىٰ کين اهو
ڏنو هو.“
8 تڏهن اُهي ماڻهو اُٿي روانا ٿيڻ لڳا ۽ يشوع کين تاڪيد ڪري
چيو تہ ”وڃو ۽ انهيءَ ملڪ جي سروي ڪري اُهو بيان لکو. پوءِ مون
وٽ موٽي اچو تہ آءٌ هتي سيلا شهر ۾ خداوند جي آڏو اوهان جي لاءِ
ڪُڻان وجهان.“ 9 سو اُهي ماڻهو روانا ٿيا ۽ بچيل سڄو ملڪ گهمي

*بچي ويلن: يعني مڪير جي اولاد.

4:17 گا 7–1:27 13–12:17 رهہ 28–27:1

ڏنائون. انهن انهيءَ جو بيان ستن حصن ۾ شهر شهر ڪري لکيو
۽ پوءِ يشوع وٽ سيلا واري خيمي‌گاهه ۾ موٽي آيا. 10 تڏهن يشوع
هنن لاءِ سيلا ۾ خداوند جي آڏو ڪُڻا وڌا ۽ اتي هن بني اسرائيل
جي باقي بچيل قبيلن کي اهو ملڪ ورهائي ڏنو.

## بنيامين قبيلي جو ورثو

11 بني بنيامين جي قبيلي جو ڪُڻو سندن گهراڻن موجب هن حصي
تي پيو، جيڪو علائقو ڪين بني يهوداه ۽ بني يوسف جي قبيلن جي
وچ ۾ مليو. 12 انهيءَ حصي جي سرحد اتر پاسي اردن درياءَ کان
شروع ٿي، يريحو شهر جي اترينءَ لاهيءَ کان ٿيندي الهندي طرف
جابلو علائقي منجهان لنگهندي بيت‌آون جي بيابان تائين آئي. 13 اتان
اها لُوز يعني بيت‌ايل جي ڏاکڻي لاهيءَ ڏانهن ٽپي ويئي ۽ اتان لهي
عطارات ادار ڏانهن انهيءَ ٽڪريءَ تائين ويئي جا هيٺاهين بيت‌حورون
جي ڏکڻ ۾ آهي. 14 پوءِ اُها سرحد اتان انهيءَ ٽڪري جي الهندي
پاسي کان ڦري ڏکڻ ڏانهن قريت‌بعل يعني قريت‌يعريم ڏانهن ويئي.
اهو شهر بني يهوداه جي ملڪيت آهي. اها ئي الهندي واري سرحد
هئي.
15 ڏکڻ واري سرحد الهندي کان قريت‌يعريم جي پڇاڙيءَ کان
شروع ٿي نفتوح واري چشمي تائين نڪري ويئي. 16 اها سرحد اتان
لهي انهيءَ جبل جي تري تائين آئي جيڪو هنوم ماٿريءَ جي سامهون
۽ رفائين جي ماٿريءَ جي اترئين پاسي ۾ آهي. پوءِ اُتان لهي هنوم جي
ماٿريءَ وچان ويئي جا ڏکڻ طرف واري يبوسين جي شهر جي لاهيءَ
وٽ آهي ۽ اتان وري لهي عين‌راجل چشمي ڏانهن ويئي. 17 پوءِ اُها
اتر ڏانهن مُڙي عين‌شمس کان ٿيندي گليلوت ڏانهن ويئي جيڪو
ادميم لڪ جي سامهون آهي ۽ اتان لهي روبن جي پٽ بوهن واري
پٿر تائين پهتي. 18 پوءِ اها لنگهندي اترينءَ لاهيءَ کان اردن درياءَ
جي ماٿريءَ کي ٽڪيندي منجهس لهي ويئي، 19 جتي اُها بيت‌حجله
جي اترينءَ لاهيءَ کان ٿيندي کاري سمنڊ جي اترئين ڇيڙي تائين
آئي جتي اردن درياءُ ڇوڙ ڪري ٿو. اها ڏاکڻي سرحد هئي. 20 انهيءَ
حصي جي اڀرندي واري سرحد اردن درياءُ هئي. بنيامين جي گهراڻن
جي ميراث جون چئني پاسن کان حدون اهي ئي هيون.
21 بنيامين قبيلي جا شهر سندن گهراڻن موجب هي هئا: يريحو،
بيت‌حجله، عيمق‌قصيص، 22 بيت‌عرابه، صمريم، بيت‌ايل، 23 عويم،
فاره، عُفره، 24 ڪفرالعموني، عُفني ۽ گبع، ڪل ٻارهن شهر آس‌پاس
وارن ڳوٺن سميت.
25 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: گبعون، رامه، بِيروت،
26 مصفاه، ڪفيره، موضه، 27 رقم، ارفيل، ترالہ، 28 ضلع، الف
۽ يبوسين يعني يروشلم، گبعت ۽ قريت‌يعريم، ڪل چوڏهن شهر
آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت. بنيامين قبيلي جي سندن گهراڻن موجب
اها ئي ميراث هئي.

## شمعون قبيلي جو ورثو

19 1 ٻيو ڪُڻو بني شمعون جي قبيلي جو سندن گهراڻن
موجب ٿيو. سندن ورثو بني يهوداه جي علائقي جي وچ
۾ هو. 2 کين ورثي ۾ هي شهر مليا: بيرسبع، سبع، مولاده،
3 حصار سعول، بالاه، عضم، 4 التولد، بتول، حرمه، 5 صقلاج،
بيت‌مرڪبوت، حصار سوسه، 6 بيت‌بائوت ۽ ساروحن، ڪل تيرهن
شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت.
7 انهيءَ کان علاوه هي شهر هئا: عين، رِمون، عتر ۽ عسن، ڪل
چار شهر. 8 انهيءَ ۾ اهي سڀ ڳوٺ به شامل هئا، جيڪي انهن
شهرن جي آس‌پاس هئا، ويندي بعلات‌بير يا ڏکڻ واري رامه تائين.
بني شمعون جي قبيلي جو سندن گهراڻن موجب ورثو اهو هو. 9 بني
شمعون جو ورثو بني يهوداه جي ورثي مان کنيو ويو هو، ڇالاءِجو
بني يهوداه جو حصو سندن گهرج کان وڌيڪ هو. سو بني شمعون
کي ورثو يهوداه جي علائقي جي وچ ۾ مليو.

## زبولون قبيلي جو ورثو

10 ٽيون ڪُڻو بني زبولون جي قبيلي جو سندن گهراڻن موجب هن
حصي تي پيو: انهن جي ورثي جي سرحد ڏکڻ طرف ساريد شهر تائين
هئي، 11 جتان اها الهندي ڏانهن مرعله تائين ويئي. اتان اها دباست
کان ٿيندي، يقنعام پهاڙيءَ جي اوڀرندي پاسي برساتي نهر تائين وڃي
پهتي. 12 ساريد جي ٻئي پاسي کان اها اڀرندي ڏانهن ڪسلوت‌تبور
جي سرحد تائين ويئي، جتان پوءِ دبرت کان ٿيندي يفيع تائين هلي
ويئي. 13 اُتان اُها اڃا به اڀرندي ڏانهن گات‌حفر ۽ عِته‌رهبرن ڏانهن
ويئي، جتان رمون تائين پهچي پوءِ نيعه ڏانهن ڦري. 14 پوءِ اتان اها
ڦري اتر پاسي حناتون ڏانهن ويئي ۽ افتاح‌ايل ماٿريءَ وٽ وڃي ختم
ٿي. 15 انهيءَ ۾ قطات، نحلال، سمرون، ادالہ ۽ بيت‌لحم شامل
هئا، ڪل ٻارهن شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت. 16 اهي شهر ۽
ڳوٺ بني زبولون جي گهراڻن جي ميراث ۾ هئا.

## اِسڪار قبيلي جو ورثو

17 چوٿون ڪُڻو بني اِسڪار جي قبيلي جو سندن گهراڻن موجب
ٿيو. 18 سندن سرحد اندر هي شهر هئا: يزرعيل، ڪسولوت،
شونيم، 19 حفاريم، شيون، اناخرات، 20 ربيت، قسيون، ابض،
21 ريمت، عين‌جنيم، عين‌حده ۽ بيت‌فصيص. 22 اُها سرحد تبور جبل،
شخصيماه ۽ بيت‌شمس کان ٿيندي وڃي اردن درياءَ تي ختم ٿي.

19:2–8 1 توا 4:28–33

انهن جي حصي ۾ ڪل سورهن شهر ۽ آس‌پاس وارا ڳوٺ مليا.
23 اهي شهر ۽ ڳوٺ بني اِسڪار جي گهراڻن جي ميراث ۾ هئا.

## آشر قبيلي جو ورثو

24 پنجون ڪُڻو بني آشر جي قبيلي جو سندن گهراڻن موجب ٿيو.
25 سندن سرحد اندر هي شهر هئا: خلقت، حلي، بطن، اڪشاف،
26 الملڪ، عماد ۽ مسال. سندن اُها سرحد الهندي ۾ ڪرمل جبل
۽ سيحورلبنات تائين هئي. 27 پوءِ اُها اڀرندي طرف بيت‌دجون ڏانهن
ويئي ۽ زبولون علائقي ۽ افتاح‌ايل ماٿريءَ کان ٿيندي بيت‌العمق
۽ نفي‌ايل تائين ويئي. پوءِ اُها ڪبول شهر جي اڀرندي پاسي وٽان
لنگهندي 28 عبرون، رحوب، حمون، قاناه جي برساتي نهر ۽ وڏي
صيدا تائين ويئي. 29 پوءِ اُها سرحد الهندي طرف رامہ ڏانهن ڦري ۽
قلعي واري شهر صور ڏانهن ويئي. اتان اُها حوسہ ڏانهن ڦري ۽ پوءِ
اتان نڪري ڀونوچ سمنڊ تي وڃي ختم ٿي. انهيءَ ۾ اڪزيب، 30 عمہ،
افيق ۽ رحوب بہ شامل هئا، ڪل ٻاويهہ شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن
سميت. 31 اهي شهر ۽ ڳوٺ آشر قبيلي جي گهراڻن جي ميراث ۾ هئا.

## نفتالي قبيلي جو ورثو

32 ڇهون ڪُڻو بني نفتالي قبيلي جو سندن گهراڻن موجب هن
حصي تي پيو: 33 انهن جي سرحد حلف کان شروع ٿي ۽ ضعننيم
جي شاهبلوط وڻ کان، ادامي‌نقب، يبني‌ايل ۽ لقوم کان ٿيندي
اردن درياءَ تي وڃي ختم ٿي. 34 اتان اها سرحد ڦري الهندي طرف
ازنوت‌تبور جبل ڏانهن ويئي ۽ اتان حقوق ڏانهن ويئي. انهيءَ علائقي
جي ڏکڻ ۾ زبولون علائقو، الهندي ۾ آشر علائقو ۽ اڀرندي ۾
اردن درياءُ اچي وڃي ٿو. 35 قلعن وارا شهر هي هئا: صديم، صير،
حمات، رقت، ڪنرت، 36 ادامہ، رامہ، حصور، 37 قادس، ادرعي،
عين‌حصور 38 ارون، مجدال‌ايل، حريم، بيت‌عنات ۽ بيت‌شمس، ڪل
اوڻيهہ شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت. 39 اهي شهر ۽ ڳوٺ نفتالي
قبيلي جي گهراڻن جي ميراث ۾ هئا.

## دان قبيلي جو ورثو

40 ستون ڪُڻو بني دان قبيلي جو سندن گهراڻن موجب ٿيو. 41 سندن
ورثي ۾ هي شهر آيا: صرعاه، استال، عيرشمس، 42 شعلبين، ايالون،
اتلاه، 43 ايلون، تمنہ، عقرون، 44 التقيہ، گبتون، بعلات، 45 يهود،
بني‌برق، گات‌رمون، 46 مي‌يرقون، رقون، يافہ جي سامهون واري
علائقي سميت. 47 جيئن تہ بني دان کي پنهنجو علائقو پنهنجي
هٿ هيٺ رکڻ ڏکيو هو، تنهنڪري هنن اتر ۾ ليس شهر تي وڃي
حملو ڪيو. اتي جي رهندڙن کي تلوار سان ماري، انهيءَ تي قبضو
ڪيائون. پوءِ هو ليس ۾ ئي آباد ٿيا ۽ انهيءَ جو نالو بدلائي پنهنجي
ابي ڏاڏي جي نالي پٺيان دان رکيائون. 48 اهي شهر ۽ ڳوٺ دان قبيلي
جي گهراڻن جي ميراث ۾ هئا.

## يشوع جو ورثو

49 جڏهن هنن اها زمين ورثي طور ورهائي پوري ڪئي، تڏهن بني
اسرائيل پنهنجي وچ ۾ هڪڙو حصو يشوع بن نون کي ملڪيت ڪري
ڏنو. 50 جيئن خداوند حڪم ڏنو هو تيئن هنن اُهو ئي شهر يشوع کي
ڏنو جيڪو هن گهريو هو يعني تمنت‌سرح، جيڪو افرائيم جي جابلو
علائقي ۾ آهي. هن اهو شهر وري تعمير ڪيو ۽ منجهس رهڻ لڳو.
51 اِهي آهن اُهي علائقا جيڪي اليعزر ڪاهن، يشوع ۽ بني اسرائيل
جي سڀني قبيلن جي گهراڻن جي وڏن سيلا شهر ۾ خداوند جي آڏو
خدا سان ملاقات واري خيمي جي در وٽ ڪُڻا وجهي ورهايا. اهڙيءَ
طرح هنن انهيءَ زمين کي ورهائي پورو ڪيو.

## پناهہ جا شهر

(ڳاڻاٽو 35:9–28، شريعت جو دور 19:1–13)

20 1 پوءِ خداوند يشوع کي فرمايو تہ 2 ”بني اسرائيل کي
چئُہ تہ ’جن پناهہ جي شهرن بابت مون موسيٰ جي معرفت
اوهان کي چيو هو سي مقرر ڪريو. 3 اهو انهيءَ لاءِ تہ جيڪو اتفاق
سان يا بنااِرادي ڪنهن کي ماري وجهي، سو اوڏانهن ڀڄي وڃي
خون جي بدلي وٺڻ واري کان پناهہ ۾ رهي.
4 جڏهن هو انهن شهرن مان ڪنهن هڪڙي ڏانهن ڀڄي وڃي تڏهن
شهر جي ٻاهرين دروازي تي ويهي انهيءَ شهر جي اڳواڻن کي پنهنجو
احوال ٻڌائي. پوءِ هو انهيءَ کي شهر اندر وٺي وڃن ۽ اتي رهڻ لاءِ
ڪيس هڪڙي جاءِ ڏين. 5 جيڪڏهن خون جي بدلي وٺڻ وارو سندس
پيڇو ڪري اچي اتي پهچي تہ شهر جا ماڻهو خونيءَ کي انهيءَ جي
حوالي نہ ڪن. ڇالاءِجو هن اهو خون بنااِرادي ڪيو هو ۽ مقتول سان
اڳ ۾ سندس ڪابہ دشمني ڪانہ هئي. 6 پوءِ هو تيستائين انهيءَ
شهر ۾ رهي جيستائين هن جي ڪُلي عدالت نہ ٿئي ۽ هو *بي‌ڏوهي
ثابت نہ ٿئي. تنهن بعد هو انهيءَ شهر ۾ ئي رهي، جيستائين انهيءَ
وقت وارو سردار ڪاهن نہ مري. ان کان پوءِ هو ڀلي پنهنجي گهر
انهيءَ شهر ڏانهن موٽي وڃي جتان هو ڀڄي نڪتو هو.‘“

*بي‌ڏوهي ثابت نہ ٿئي: جيڪڏهن بي‌ڏوهي ماڻهو سردار ڪاهن جي مرڻ کان اڳ شهر مان ٻاهر نڪري ٿو ۽ بدلي وٺڻ واري هٿان ماريو وڃي ٿو تہ سندس خون سندس ئي سر تي هوندو (ڏسو ڳاڻاٽو 35:26–27). پر جيڪڏهن انهيءَ ماڻهوءَ ڄاڻي‌واڻي خون ڪيو هو تہ شهر جا اڳواڻ عدالت وقت انهيءَ کي پناهہ واري شهر مان آڻائين ۽ بدلو وٺڻ واري جي حوالي ڪن تہ ڀلي هو انهيءَ جي هٿان ماريو وڃي (ڏسو شريعت جو دور 19:1–13).

19:47 رهہ 18:27–29    20:1–9 ڳا 35:9–34، شر 4:41–43، 19:1–13

7 سو هنن اردن درياءَ جي الهندي طرف هي پناهہ جا شهر مقرر
ڪيا: نفتاليءَ واري جابلو علائقي جي گليل صوبي ۾ قادس شهر،
افرائيمہ جي جابلو علائقي ۾ سڪم شهر، يهوداه جي جابلو علائقي
۾ قريت‌اربع يعني حبرون شهر. 8 اردن درياءَ جي اڀرندي طرف يريحو
شهر جي اوڀر واري بياباني ميدان ۾ روبن جي علائقي ۾ بصر شهر،
گد قبيلي واري علائقي گلعاد ۾ رامہ شهر، منسيءَ قبيلي واري
علائقي بسن ۾ گولان شهر. 9 هي آهن اُهي پناهہ جا شهر، جيڪي
بني اسرائيل ۽ منجهن رهندڙ ڌارين لاءِ مقرر ڪيا ويا. اهو انهيءَ
لاءِ تہ جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي اتفاق سان ماري وجهي سو اوڏانهن
ڀڄي وڃي خون جي بدلي وٺڻ واري کان پناهہ ۾ رهي ۽ تيستائين
ڪيس نہ ماريو وڃي، جيستائين سندس ڪُلي عدالت نہ ٿئي.

## لاوين جي لاءِ شهر
(1.تواريخ 6:54–80)

21 1 اليعزر ڪاهن، يشوع ولد نون ۽ بني اسرائيل جي ٻين
قبيلن جي گهراڻن جي وڏن وٽ لاوي گهراڻن جا وڏا آيا.
2 اتي ڪنعان ملڪ جي سيلا شهر ۾ انهن کي چيائون تہ ”خداوند
موسيٰ جي معرفت حڪم ڏنو هو تہ اسان کي رهڻ لاءِ شهر ۽
اسان جي چوپائي مال جي چاري لاءِ آس‌پاس جا چراگاهہ ڏنا وڃن.“
3 تڏهن بني اسرائيل خداوند جي حڪم موجب لاوين کي پنهنجي
ورثي مان هي شهر ۽ چراگاهہ ڏنا:

4 پهريون ڪُڻو بني قهات لاءِ سندن گهراڻن موجب هن حصي
تي پيو. لاوي جيڪي قهات جي نسل مان هارون ڪاهن جو اولاد
هئا تن کي يهوداه قبيلي، شمعون قبيلي ۽ بنيامين قبيلي مان تيرهن
شهر مليا. 5 باقي بچيل بني قهات کي افرائيمہ قبيلي، دان قبيلي ۽
منسيءَ جي الهندي واري اڌ قبيلي جي گهراڻن مان ڏهہ شهر مليا.

6 بني گيرشون کي اِسڪار قبيلي، آشر قبيلي، نفتالي قبيلي ۽
بسن واري منسيءَ جي اڀرندي واري اڌ قبيلي جي گهراڻن مان تيرهن
شهر مليا.

7 بني مراريءَ کي سندن گهراڻن موجب روبن، گد ۽ زبولون قبيلن
مان ٻارهن شهر مليا.

8 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل لاوين کي ڪڻن جي ذريعي اهي شهر
۽ آس‌پاس وارا چراگاهہ ڏنا، جيئن خداوند موسيٰ جي معرفت حڪم
ڏنو هو. 9–10 پهريون ڪُڻو بني قهات گهراڻن مان هارون جي اولاد
جي حصي تي پيو. بني اسرائيل کين يهوداه ۽ شمعون قبيلن مان
جيڪي شهر ڏنا سي هي هئا. 11 هنن کي يهوداه جي جابلو علائقي ۾
قريت‌اربع يعني حبرون شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنو ويو.
اربع بني عناق جو وڏو هو. 12 پر انهيءَ شهر جي آس‌پاس واريون
ٻنيون ۽ ڳوٺ هنن يفنہ جي پٽ ڪالب کي ملڪيت ڪري ڏنا.

13 حبرون، جيڪو خونيءَ جي لاءِ پناهہ جو شهر هو، سو ۽ ان جي
آس‌پاس جي چراگاهن کان علاوه هارون ڪاهن جي اولاد کي هنن
هي شهر بہ ڏنا: لبناه، 14 يتير، استموع، 15 حولون، دبير، 16 عين،
يوطہ، بيت‌شمس ۽ پڻ انهن سڀني شهرن جي آس‌پاس جا چراگاهہ.
انهن ٻنهي قبيلن يعني يهوداه ۽ شمعون مان مليل ڪل نَوَ شهر
هئا. 17 بنيامين جي قبيلي مان کين هي شهر ڏنائون: گبعون، گبع،
18 عنتوت ۽ علمون ۽ پڻ انهن سڀني شهرن جي آس‌پاس جا چراگاهہ.
اهي ڪل چار شهر کين ڏنا ويا. 19 سو هارون جو اولاد، جيڪي ڪاهن
هئا تن کي ڪل تيرهن شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنا ويا.

20 لاوي قبيلي مان باقي بچيل بني قهات جي گهراڻن کي افرائيمہ
قبيلي مان 21 هي چار شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنا ويا:
افرائيمہ جي جابلو علائقي ۾ سڪم جيڪو خونيءَ لاءِ پناهہ جي
شهرن مان هڪ هو، گزر، 22 قبضيم ۽ بيت‌حورون. 23 دان قبيلي مان
کين هي چار شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنا ويا: التقيہ،
گبتون، 24 ايالون ۽ گات‌رمون. 25 الهندي واري منسيءَ جي اڌ قبيلي
مان کين هي ٻہ شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنا ويا: تعناڪ
۽ گات‌رمون. 26 اهي ڏهہ شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت بني
قهات جي باقي گهراڻن کي مليا.

27 لاوي قبيلي جي بني گيرشون گهراڻن کي اڀرندي واري منسيءَ
جي اڌ قبيلي مان هي ٻہ شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت مليا:
بسن جي علائقي ۾ گولان جيڪو خونيءَ لاءِ پناهہ جي شهرن مان
هڪ هو ۽ بعستراه. 28 اِسڪار قبيلي مان کين هي چار شهر آس‌پاس
وارن چراگاهن سميت مليا: قسيون، دبرت، 29 يرموت ۽ عين‌جنيم.
30 آشر قبيلي مان کين هي چار شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت
مليا: مسال، عبدون، 31 خلقت ۽ رحوب. 32 نفتالي قبيلي مان کين
هي ٽي شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت مليا: گليل علائقي ۾
قادس جيڪو خونيءَ لاءِ پناهہ جي شهرن مان هڪ هو، حمات‌دور ۽
قرتان. 33 ڪل تيرهن شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت بني گيرشون
جي گهراڻن کي مليا.

34 باقي رهيل لاوين مان بني مراريءَ جي گهراڻن کي زبولون قبيلي
مان هي چار شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت مليا: يقنعام، قرتاه،
35 دمنہ ۽ نهلال. 36 روبن قبيلي مان کين هي چار شهر آس‌پاس وارن
چراگاهن سميت مليا: بصر، يهصہ، 37 قديمات ۽ مفعت. 38 گد قبيلي
مان کين هي چار شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت گلعاد علائقي
۾ مليا: رامات، جيڪو خونيءَ لاءِ پناهہ جي شهرن مان هڪ هو،
محنايم، 39 حشبون ۽ يعزير. 40 اهي ٻارهن شهر لاوي قبيلي جي بني
مراريءَ گهراڻن کي مليا.

41–42 بني اسرائيل کي مليل علائقن مان لاوين کي جملي اٺيتاليهہ
شهر آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنا ويا.

2:21 گا 35:1–8    12:21 يش 15:13

## بني اسرائيل سان خدا جي واعدي جو پورو ٿيڻ

43 سو خداوند بني اسرائيل کي اُهو سارو ملڪ ڏنو جنهن جي ڏيڻ
جو هنن جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هئائين. اُهو هٿ ڪرڻ کان پوءِ
هو انهيءَ ۾ رهڻ لڳا. 44 خداوند هنن کي هر طرف کان آرام ڏنو،
جيئن هن سندن ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو. سندن سڀني دشمنن
مان ڪو هڪڙو بہ سندن اڳيان نہ بيهي سگهيو، ڇوتہ خداوند کين
سندن سڀني دشمنن تي فتح ڏني. 45 خداوند بني اسرائيل سان اهي
سڀ ئي چڱا واعدا پورا ڪيا جيڪي هن ساڻن ڪيا هئا.

## اوڀرندي وارن قبيلن جو پنهنجن گهرن ڏانهن موٽڻ

22 1 تنهن کان پوءِ يشوع بني روبن، بني گد ۽ اوڀرندي واري
بني منسيءَ جي اڌ قبيلي وارن کي سڏايو. 2 هن کين چيو
تہ ”جيڪي خداوند جي ٻانهي موسيٰ اوهان کي فرمايو هو سو سڀ
اوهان پورو ڪيو آهي ۽ جيڪي مون اوهان کي حڪم ڏنو سو بہ سڀ
اوهان مڃيو آهي. 3 هيترن ڏينهن ۾ اوهان اڄ تائين پنهنجن بني
اسرائيل جي ٻين قبيلن وارن کي هڪ دفعو بہ ڇڏي نہ ڏنو آهي، پر
خداوند پنهنجي خدا جا سونپيل ڪم پئي پورا ڪيا اٿوَ. 4 خداوند
اوهان جي خدا هاڻ اوهان جي بني اسرائيل جي انهن قبيلن کي آرام
ڏنو آهي، جيئن هن ساڻن واعدو ڪيو هو. سو هاڻي اوهين ڀلي پنهنجن
گهرن ڏانهن انهيءَ ملڪ ۾ موٽي وڃو جيڪو موسيٰ اوهان کي اردن
درياءَ جي اوڀرندي پاسي ملڪيت ڪري ڏنو هو. 5 پر خبرداريءَ سان
شريعت جي انهن حڪمن تي عمل ڪجو جن جو خداوند جي ٻانهي
موسيٰ اوهان کي حڪم ڏنو هو، يعني تہ خداوند پنهنجي خدا سان
محبت رکجو، هن جي سڀني راهن تي هلجو، سندس حڪمن جي
تعميل ڪجو، ساڻس چهٽيل رهجو ۽ دل وَ جان سان سندس عبادت
ڪجو.“ 6-8 جڏهن يشوع انهن قبيلن کي واپس روانو ڪيو تڏهن
کين دعا ڏنائين ۽ چيائين تہ ”هاڻي اوهان کي گهڻي دولت آهي، سو
چوپايو مال، چاندي، سون، پتل، لوهہ ۽ ڪپڙا کڻي پنهنجن گهرن
ڏانهن موٽي وڃو. پنهنجي دشمنن وٽان هٿ آيل ڦُر جي مال مان
پنهنجي قوم وارن کي بہ وڃي حصو ڏجو.“ پوءِ يشوع هنن کي
روانو ڪيو ۽ هو پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا.
بني منسيءَ جي هڪڙي اڌ قبيلي کي موسيٰ بسن ۾ زمين ڏني
هئي ۽ ٻئي اڌ قبيلي کي يشوع اردن درياءَ جي الهندي پاسي ٻين بني
اسرائيل جي ڀائرن سان گڏ زمين ڏني.
9 تڏهن بني روبن، بني گد ۽ بني منسيءَ جي اڌ قبيلي وارا پنهنجن
گهرن ڏانهن موٽيا. ٻين بني اسرائيل وارن کي ڪنعان ملڪ جي سيلا
شهر ۾ ڇڏي هو پنهنجي ملڪ گلعاد ڏانهن روانا ٿيا، جيڪو خداوند
جي حڪم موجب موسيٰ جي معرفت کين ملڪيت ٿي مليو هو.

## اردن درياءَ وٽ قربانگاهہ

10 جڏهن بني روبن، بني گد ۽ بني منسيءَ جو اڌ قبيلو ڪنعان
جي ئي ملڪ ۾ اردن درياءَ جي ويجهو جليلوت وٽ پهتا تڏهن انهن
اتي ئي هڪڙي شاندار قربانگاهہ ٺاهي. 11 پر جڏهن ٻين بني اسرائيل
وارن کي پڌايو ويو تہ ”بني روبن، بني گد ۽ بني منسيءَ جي اڌ
قبيلي ڪنعان جي سرحد تي اردن درياءَ جي ويجهو اسان بني اسرائيل
واري پاسي تي قربانگاهہ ٺاهي آهي،“ 12 تڏهن سڄي قوم سيلا ۾
اچي گڏ ٿي، انهيءَ لاءِ تہ انهن سان وڃي جنگ ڪن.
13 سو بني اسرائيل اليعزر ڪاهن جي پٽ فينحاس کي گلعاد جي
ملڪ ۾ اوڀرندي وارن قبيلن ڏانهن موڪليو. 14 هن سان گڏ ڏهہ اڳواڻ
بہ ويا يعني هر هڪ قبيلي مان هڪ ڄڻو، جيڪو پنهنجي اباڻي خاندان
جي ڪٽنب جو وڏو هو. 15 هو گلعاد جي ملڪ ۾ بني روبن، بني گد ۽
بني منسيءَ جي اڌ قبيلي وٽ آيا. 16 هنن خداوند جي سڄي قوم پاران
کين اچي چيو تہ ”اوهان بني اسرائيل جي خدا جي خلاف هي ڪهڙو
ڪم ڪيو آهي؟ اڄ ڪيئن اوهان خداوند جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ
کان منهن موڙيو آهي جو خداوند کان باغي ٿي پنهنجي لاءِ هڪڙي
قربانگاهہ ٺاهي اٿوَ؟ 17 پعور جبل واري بعل ديوتا جي پوڄا اسان
جي لاءِ ڪو ٿورو گناهہ آهي ڇا، جنهن جي ڪري خداوند جي قوم
تي آفت اچي ڪڙڪي؟ اڄ ڏينهن تائين اسين انهيءَ گناهہ جي ڪري
لوڙي رهيا آهيون. 18 توهين ڇو هاڻ خداوند کان منهن موڙي رهيا
آهيو؟ جيڪڏهن اوهين اڄ خداوند کان باغي ٿيندا، تہ سڀاڻي هو بني
اسرائيل جي سڄيءَ قوم تي ڪاوڙبو. 19 جيڪڏهن اها زمين جيڪا
اوهان کي ورثي طور ملي آهي سا ناپاڪ آهي، تہ پوءِ اردن جي اولهہ
طرف خداوند جي زمين ۾ لنگهي اچو، جتي سندس مقدس خيمو لڳل
آهي ۽ زمين ۾ اسان سان گڏ حصو وٺو. پر خداوند اسان جي خدا جي
قربانگاهہ کان سواءِ پنهنجي لاءِ ڪا ٻي قربانگاهہ ٺاهي خداوند ۽
اسان جي خلاف بغاوت نہ ڪريو. 20 جڏهن زارح جي گهراڻي مان
عڪن خداوند جي راهہ ۾ فنا ڪرڻ وارين شين جي باري ۾ نافرماني
ڪئي هئي، تہ ڇا بني اسرائيل جي سڄيءَ قوم تي غضب نازل نہ
ٿيو هو؟ رڳو عڪن ئي پنهنجي گناهہ جي ڪري تہ ناس نہ ٿيو هو.“
21 تڏهن بني روبن، بني گد ۽ بني منسيءَ جي اڌ قبيلي وارن باقي
بني اسرائيل جي گهراڻن جي وڏن کي ورندي ڏني تہ 22 ”خداوند،
قادرِمطلق خدا، هائو، خداوند، قادرِمطلق خدا ڄاڻي ٿو ۽ اوهين بني
اسرائيل بہ ڄاڻي ڇڏيو تہ جيڪڏهن اسان خداوند جي خلاف بغاوت
ڪئي آهي ۽ خداوند جي نافرماني ڪئي اٿئون تہ اڄ اسان کي جيئرو
نہ ڇڏيو. 23 جيڪڏهن خداوند کان منهن موڙڻ لاءِ اسان پنهنجي
قربانگاهہ ٺاهي آهي، يا انهيءَ لاءِ تہ مٿس ساڙڻ واريون قربانيون
۽ اناج جون قربانيون، يا سلامتيءَ واريون قربانيون ڪيون، تہ پوءِ

22:2 ڳا 32:20–32، يش 1:12–15 22:16 شر 12:13–14 22:17 ڳا 25:1–9 22:20 يش 7:1–26

پلي خداوند انهيءَ جو اسان کان حساب وٺي. 24 هرگز نه، اسان
ائين انهيءَ ڪري ڪيو آهي جو سوچيوسين ته متان ڪڏهن اوهان
جو اولاد اسان جي اولاد کي چوي ته ’خداوند، بني اسرائيل جي
خدا سان اوهان جو ڪهڙو واسطو آهي؟ 25 خداوند اسان ۽ اوهان بني
روبن ۽ بني گد جي وچ ۾ اردن درياءُ سرحد ٺهرائي آهي، خداوند
۾ اوهان جو ڪوبه حصو نه آهي.‘ سو اهڙيءَ طرح اوهان جو اولاد
متان اسان جي اولاد کي خداوند جي عبادت کان روڪي ڇڏي. 26 اهو
ئي سبب آهي جو اسان اها قربانگاهه ٺاهي آهي، نه انهيءَ لاءِ ته
ساڙڻ واريون ۽ ٻيون قربانيون ڪريون. 27 بلڪ انهيءَ لاءِ ٺاهي اٿئون
ته اها اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ ۽ اسان کان پوءِ اسان جي پيڙهين ۽
اوهان جي پيڙهين جي وچ ۾ شاهد هجي، ته اسين خداوند جي مقدس
خيمي ۾ پنهنجن ساڙڻ وارين قربانين، ذبح ڪرڻ وارين قربانين ۽
سلامتيءَ وارين قربانين سان سندس عبادت ڪندا رهون. پوءِ اوهان
جو اولاد ايندڙ وقت ۾ اسان جي اولاد کي ائين چئي نه سگهندو ته
’خداوند ۾ اوهان جو ڪوبه حصو ڪونهي.‘ 28 سو اسان سوچيو ته
جيڪڏهن اُهي اسان جي اولاد کي ڪڏهن ائين چون ته اسان جو اولاد
کين جواب ڏيئي سگهي ته ’اِجهو، خداوند جي قربانگاهه جو نمونو
ڏسو جيڪو اسان جي ابن ڏاڏن ٺاهيو هو. اِها قربانگاهه ساڙڻ واري
قرباني يا ذبح ڪرڻ واري قربانيءَ لاءِ نه، پر اسان جي ۽ اوهان جي
وچ ۾ شاهد رهڻ لاءِ تعمير ڪئي ويئي هئي.‘ 29 خدا ائين نه ڪري
جو اسين خداوند کان باغي ٿيون ۽ ڪانئس منهن موڙيون جو اسين
خداوند اسان جي خدا جي جيڪا قربانگاهه سندس مقدس خيمي جي
اڳيان آهي، تنهن کي ڇڏي ساڙڻ واري قرباني، اناج جي قرباني ۽
ٻين قربانين لاءِ ڪا ٻي قربانگاهه ٺاهيون.“

30 جڏهن فينحاس ڪاهن ۽ ساڻس گڏ ڏهن قبيلن جي اڳواڻن اهي
ڳالهيون ٻڌيون، جيڪي بني روبن، بني گد ۽ بني منسيءَ جي اڌ
قبيلي ساڻن ڪيون تڏهن هو مطمئن ٿيا. 31 پوءِ فينحاس ڪاهن کين
چيو ته ”هاڻي اسين ڄاڻون ٿا ته خداوند اسان ساڻ آهي. انهيءَ
ڪري جو اوهان خداوند کان باغي نه ٿيا آهيو ۽ اهڙيءَ طرح اوهان
بني اسرائيل کي خداوند جي سزا کان بچايو آهي.“

32 پوءِ فينحاس ولد اليعزر ۽ اڳواڻ بني روبن ۽ بني گد وٽان گلعاد
جي ملڪ مان واپس وريا ۽ ڪنعان جي ملڪ ۾ بني اسرائيل وٽ اچي
کين سمورو احوال ڏنائون. 33 اُهو احوال ٻڌي بني اسرائيل مطمئن
ٿيا ۽ خدا جو شڪر ڪيائون. سو هنن انهن سان جنگ ڪري انهيءَ
ملڪ کي ناس ڪرڻ جو وري ذڪر ڪونه ڪيو جنهن ۾ بني روبن ۽
بني گد رهندا هئا.

34 بني روبن ۽ بني گد قربانگاهه تي نالو رکيو ته ”هي اسان سڀني
جي وچ ۾ شاهد آهي ته خداوند ئي خدا آهي.“

## يشوع جو آخري خطاب

23 1 گهڻو عرصو گذري چڪو هو ۽ خداوند بني اسرائيل کي
آس‌پاس وارن دشمنن کان آرام ڏنو هو. تنهن وقت ڌاري
يشوع پيرسن ۽ وڏيءَ عمر جو ٿي ويو هو. 2 تڏهن يشوع ساري
بني اسرائيل کي يعني انهن جي سردارن، اڳواڻن، ججن ۽ عملدارن
کي سڏائي چيو ته ”هاڻ آءٌ پيرسن ٿي ويو آهيان. 3 جيڪي خداوند
اوهان جي خدا اوهان خاطر هنن سڀني قومن سان ڪيو آهي سو سڀ
اوهان پاڻ ڏٺو آهي. اهو خداوند اوهان جو خدا ئي آهي جيڪو اوهان
جي پاران وڙهيو آهي. 4 هي قومون جيڪي باقي بچيون آهن تن جي
زمين ۽ پڻ انهن قومن جي زمين جن کي مون فتح ڪيو آهي، اردن
درياءَ کان وٺي الهندي ۾ ڀونوچ سمنڊ تائين، سا اوهان جي قبيلن
کي مون ورثي طور ورهائي ڏني آهي. 5 خداوند اوهان جو خدا پاڻ
انهن کي اتان ڀڄائي ڪڍندو. هو انهن کي اوهان کان پوئتي ڌڪيندو
۽ اوهين انهن جي زمين تي قبضو ڪري ويندا، جيئن خداوند اوهان
جي خدا اوهان سان واعدو ڪيو آهي.

6 تنهنڪري جيڪي موسيٰ جي شريعت جي ڪتاب ۾ لکيل آهي
تنهن جي سڀني حڪمن تي خبرداريءَ ۽ گهڻي همت سان عمل ڪجو،
انهيءَ کان ساڄي يا کاٻي پاسي نه مڙجو. 7 جيڪي قومون اوهان
منجهه باقي وڃي بچيون آهن، تن سان رِلي‌مِلي نه وڃجو، نڪي
انهن جي معبودن جو نالو زبان تي آڻجو، نه سندن قسم کڻجو.
اوهين انهن جي معبودن جي پوڄا نه ڪجو ۽ نڪي انهن کي سجدو
ڪجو. 8 پر خداوند پنهنجي خدا سان چهٽيل رهجو جيئن اڄ ڏينهن
تائين رهيا آهيو. 9 خداوند اوهان جي اڳيان وڏيون ۽ طاقتور قومون
ڀڄائي ڪڍيون آهن ۽ اوهان جي اڳيان اڄ ڏينهن تائين ڪوبه ماڻهو
بيهي نه سگهيو آهي. 10 اوهان مان هڪڙو ئي ماڻهو هزار کي ڀڄائي
سگهي ٿو، ڇوجو خداوند اوهان جو خدا اوهان جي پاران وڙهي ٿو،
جيئن هن اوهان سان واعدو ڪيو آهي. 11 سو اوهين خداوند پنهنجي
خدا سان ئي محبت رکڻ ۾ خبردار رهو.

12 پر جيڪڏهن اوهين ڦري ويندا ۽ اهي باقي بچيل قومون جيڪي
اوهان منجهه رهن ٿيون تن سان گڏجي ويندا ۽ جيڪڏهن اوهين انهن
سان رشتيداريءَ جي ڏي وٺ ڪندا ۽ انهن سان رِلي‌مِلي ويندا، 13 ته
پوءِ پڪ ڄاڻجو ته خداوند اوهان جو خدا اڳي وانگر انهن قومن کي
اوهان وٽان وري ڀڄائي نه ڪڍندو. اٽلندو اهي اوهان جي لاءِ ڦاهي ۽
دام ٿيندا. اهي اوهان جي پٺيءَ تي ڦٽڪا ۽ اوهان جي اکين ۾ ڪنڊا
ٿيندا. تيستائين ائين ٿيندو رهندو جيستائين اوهين انهيءَ سٺيءَ زمين
تان مري کپي نه وڃو جيڪا خداوند اوهان جي خدا اوهان کي ڏني
آهي.

10:23 شر 22:3، 30:32

⑭هاڻ آءٌ اوڏانهن وڃڻ وارو آهيان جتي دنيا جي هر ماڻهوءَ کي
وڃڻو آهي. اوهين سڀيئي پنهنجين دلين ۾ ڄاڻو ٿا ته خداوند خدا
اهي سڀ چڱيون ڳالهيون پوريون ڪيون آهن، جن جو هن اوهان
سان واعدو ڪيو هو. هر هڪ واعدو پورو ٿيو آهي، ڪوبه نه گُسُو
آهي. ⑮جهڙيءَ طرح خداوند اوهان جي خدا جو هر سٺو واعدو پورو
ٿيو آهي، تهڙيءَ طرح هو اهي سڀ خراب ڳالهيون به اوهان تي
آڻيندو جنهن جي هن ڌمڪي ڏني آهي، جيستائين هو اوهان کي هن
چڱيءَ زمين تان ناس نه ڪري ڇڏي، جيڪا هن اوهان کي ڏني آهي.
⑯جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي عهد جي ڀڃڪڙي ڪندا،
جنهن تي قائم رهڻ جو هن اوهان کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ وڃي
غير معبودن جي پوڄا ڪندا ۽ کين سجدو ڪندا، ته پوءِ خداوند جي
ڪاوڙ اوهان تي ڀڙڪندي ۽ اوهين انهيءَ چڱي ملڪ مان جلد ناس
ٿي ويندا جيڪو هن اوهان کي ڏنو آهي.“

## سڪم شهر وٽ تجديد عهد

24 ①يشوع بني اسرائيل جي سڀني قبيلن کي سڪم ۾ آڻي
گڏ ڪيو. هن بني اسرائيل جي سردارن، اڳواڻن، ججن ۽
عملدارن کي گهرايو ۽ اهي خداوند جي حضور ۾ اچي حاضر ٿيا.
②تڏهن يشوع سڀني ماڻهن کي چيو ته ”خداوند، بني اسرائيل جو
خدا فرمائي ٿو ته ’اڳئين زماني ۾، اوهان جا ابا ڏاڏا توڙي تارح،
ابراهيم ۽ نحور جي پيءُ جي وقت تائين فرات نديءَ جي پرينءَ پر
رهندا هئا، جتي هو ٻين معبودن جي پوڄا ڪندا هئا. ③پوءِ مون
اوهان جي ابي ابراهيم کي فرات نديءَ جي پرينءَ پر کان ڪڍي آندو ۽
ڪنعان جي ساري زمين ۾ مون هن جي رهنمائي ڪئي. مون سندس
اولاد وڌائي. مون کيس اسحاق ڏنو ④۽ اسحاق کي يعقوب ۽ عيسو
ڏنو. مون عيسوءَ کي ادوم جو جابلو علائقو ملڪيت ڪري ڏنو، پر
يعقوب پنهنجن ٻارن سميت مصر ڏانهن ويو. ⑤تنهن کان پوءِ مون
موسيٰ ۽ هارون کي موڪليو ۽ مصر تي مصيبتون موڪليم. پوءِ مون
اوهان کي اتان ٻاهر ڪڍي آندو. ⑥جڏهن مون اوهان جي ابن ڏاڏن
کي مصر مان ڪڍيو ۽ هو سمنڊ وٽ پهتا، ته مصرين پنهنجي جنگي
گاڏين ۽ گهوڙي سوارن سان ڳاڙهي سمنڊ تائين سندن پيڇو ڪيو.
⑦تڏهن اوهان جي ابن ڏاڏن مون خداوند کي مدد لاءِ پڪاريو ۽ مون
انهن ۽ مصرين جي وچ ۾ اونداهي آڻي ڇڏي. پوءِ مون سمنڊ کي
اٿلائي مصرين جي مٿان وڌو ته اهي ٻڏي ويا. جيڪي مون مصرين
سان ڪيو سو اوهان پنهنجين اکين سان ڏٺو. پوءِ اوهين گهڻو ئي
وقت بيابان ۾ رهيا پيا هئا.
⑧پوءِ مون اوهان کي امورين جي ملڪ ۾ آندو جنهن جا ماڻهو
اردن درياءَ جي پرينءَ پر اوڀر پاسي رهندا هئا. اهي اوهان سان وڙهيا
پر مون اوهان کي انهن تي سوڀ ڏني. مون انهن کي اوهان جي اڳيان
برباد ڪري ڇڏيو ۽ اوهان انهن جي زمين پنهنجي قبضي ۾ آندي.
⑨پوءِ *موآب جو بادشاهه، بلق ولد صفور، اوهان سان جنگ ڪرڻ
لاءِ تيار ٿيو ۽ هن بعور جي پٽ بلعام کي اوهان تي لعنت وجهڻ لاءِ
گهرايو. ⑩پر مون بلعام جي ڳالهه نه ٻڌي ۽ هن لعنت وجهڻ جي
بجاءِ گهڙيءَ گهڙيءَ اوهان کي دعا ٿي ڏني. اهڙيءَ طرح مون اوهان
کي بلق جي هٿن کان بچايو.
⑪پوءِ اوهين اردن درياءُ پار ڪري يريحو شهر ۾ آيا. انهيءَ شهر
جي ماڻهن کان علاوه اموري، فرزي، ڪنعاني، حتي، گِرگاشي، حوي
۽ يبوسي قوم وارن پڻ اوهان سان جنگ ڪئي. پر مون اوهان کي انهن
سڀني تي فتح ڏني. ⑫مون اوهان جي اڳيان اڳيان ٻن اموري بادشاهن
۾ ٽاڪوڙو وجهي ڇڏيو ۽ اهي اوهان جي اڳيان وٺي ڀڳا. انهن کي
اوهان جي تلوار يا تيرڪمان ڪونه ڀڄايو هو. ⑬مون اوهان کي زمين
ڏني جنهن تي اوهان ڪابه محنت ڪانه ڪئي هئي ۽ اهي شهر به
جيڪي اوهان نه ٻڌا هئا. هاڻ اوهين انهن ۾ رهو ٿا ۽ انهن جي انگورن
جي باغن ۽ زيتون جي وڻن مان ڪائو ٿا جيڪي اوهان نه پوکيا هئا.‘“
⑭يشوع پنهنجي ڳالهه جاري رکندي وڌيڪ چيو ته ”سو هاڻ
اوهين خداوند جو خوف رکو ۽ سچي نيت ۽ وفاداريءَ سان سندس
عبادت ڪريو. جن معبودن جي اوهان جا ابا ڏاڏا فرات نديءَ جي
پرينءَ پر ۽ مصر ۾ پوڄا ڪندا هئا تن کي اوهين اڇلائي ڇڏيو ۽
رڳو خداوند جي عبادت ڪريو. ⑮هاڻ جيڪڏهن خداوند جي عبادت
ڪرڻ اوهان کي چڱي نه ٿي لڳي، ته پوءِ اڄ فيصلو ڪريو ته اوهين
ڪنهن جي عبادت ڪندا، انهن معبودن جي جن جي پوڄا اوهان جا ابا
ڏاڏا فرات نديءَ جي پرينءَ پر ڪندا هئا، يا امورين جي معبودن جي
جن جي ملڪ ۾ اوهين رهو ٿا. باقي رهيو سوال منهنجو ۽ منهنجي
ڪٽنب جو، سو اسين خداوند جي ئي عبادت ڪندا رهنداسين.“
⑯تنهن تي ماڻهن وراڻيو ته ”خدا نه ڪري جو اسين خداوند کي
ڇڏي غير معبودن جي پوڄا ڪريون. ⑰اهو خداوند اسان جو خدا ئي
ته آهي جنهن اسان کي ۽ اسان جي ابن ڏاڏن کي غلاميءَ جي گهر
يعني مصر مان ڪڍي ٻاهر آندو ۽ اسان جي سامهون وڏا وڏا معجزا
ڪيائين. هن سڄي سفر دوران ۽ جن قومن مان ٿي لنگهياسين تن
منجهه اسان جي حفاظت ڪئي. ⑱خداوند اسان جي اڳيان سڀني
قومن کي امورين سميت، جيڪي هتي هن زمين تي رهندا هئا ڀڄائي

---

*موآب: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

2:24 پيد 27:11　3:24 پيد 1:12–9، 1:21–3　4:24 پيد 24:25–26، 8:36، 1:46–7، شر 5:2　5:24 خر 1:3–42:12
7–6:24 خر 1:14–31　8:24 ڳا 21:21–35　9:24–10 ڳا 1:22–25:24　11:24 يش 14:3–17، 1:6–21
12:24 خر 28:23، شر 7:20　13:24 شر 10:6–11

ڪيو. سو اسين پڻ انهيءَ ئي خداوند جي عبادت ڪنداسين.
ڇالاءِجو اهو ئي اسان جو خدا آهي.“
19 تڏهن يشوع ماڻهن کي چيو تہ ”اوهين خداوند جي عبادت ڪري
نہ سگهندا، ڇالاءِجو هو پاڪ خدا آهي. جيئن تہ هو غيرت وارو
خدا آهي، سو هو اوهان جي حڪمعدولي ۽ اوهان جا گناهہ معاف
نہ ڪندو. 20 جيڪڏهن اوهين خداوند کي ڇڏي غير معبودن جي پوڄا
ڪندا، تہ پوءِ هو، جنهن اوهان سان هيتري تائين چڱائي پئي ڪئي
آهي، سو اوهان کان منهن ڦيرائي ويندو ۽ اوهان تي مصيبت آڻيندو.
هو اوهان کي برباد ڪري ڇڏيندو.“
21 پر ماڻهن يشوع کي چيو تہ ”هرگز نہ، اسين خداوند جي عبادت
ڪنداسين.“ 22 تڏهن يشوع کين چيو تہ ”اوهين پنهنجي مٿان انهيءَ
ڳالهہ جا پاڻ شاهد آهيو تہ اوهان خداوند جي عبادت ڪرڻ جو فيصلو
ڪيو آهي.“ هنن وراڻيو تہ ”هائو، اسين شاهد آهيون.“ 23 تنهن تي
هن کين چيو تہ ”چڱو هاڻي اهي ڌاريا معبود جيڪي اوهان وٽ آهن
سي اڇلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي دل خداوند، بني اسرائيل جي خدا سان
لڳايو.“
24 ماڻهن يشوع کي چيو تہ ”اسين خداوند پنهنجي خدا جي عبادت
ڪنداسين ۽ سندس فرمانبرداري ڪنداسين.“ 25 سو يشوع انهيءَ
ڏينهن ماڻهن سان گڏ عهد اقرار ڪيو ۽ سڪم شهر ۾ هنن کي
قاعدا قانون مقرر ڪري ڏنائين. 26 يشوع اهي سڀ خدا جي شريعت
جي ڪتاب ۾ لکيا. پوءِ هن هڪڙو وڏو پٿر ڪٽي، اتي واري خداوند
جي پاڪ جاءِ ۾ شاهہبلوط وڻ جي هيٺان کوڙائي ڇڏيو. 27 پوءِ سيني
ماڻهن کي چيائين تہ ”هي پٿر اسان جو شاهد آهي. جيڪي ڳالهيون
خداوند اسان سان ڪيون آهن سي سڀ هن ٻڌيون آهن. اهو اوهان تي
شاهد ٿيندو، جيڪڏهن اوهين پنهنجي خدا جا انڪاري ٿيندءُ.“
28 ان کان پوءِ يشوع ماڻهن کي روانو ڪيو ۽ هر ڪو پنهنجي
پنهنجي ورثي طور مليل زمين ڏانهن واپس هليو ويو.

## يشوع جي وفات ۽ ڪيس دفنائڻ

29 ڪجهہ وقت کان پوءِ خداوند جو ٻانهو يشوع ولد نون هڪ سؤ
ڏهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. 30 هنن کيس سندس ورثي
طور مليل زمين ۾ تمنتسرح ڳوٺ ۾ دفن ڪيو، جيڪو گعس جبل
جي اترئين پاسي افرائيم جي جابلو علائقي ۾ آهي.
31 جيستائين يشوع جيئرو هو تيستائين بني اسرائيل خداوند جي
عبادت ڪندا رهيا. يشوع جي وفات کان پوءِ بہ هو ائين ئي ڪندا
آيا جيستائين اهي اڳواڻ جيئرا هئا جن اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي اکين
سان ڏٺو هو جيڪي خداوند بني اسرائيل لاءِ ڪيو هو. 32 يوسف جا
هڏا جيڪي بني اسرائيل مصر مان آندا هئا سي بہ هنن سڪم ۾
زمين جي انهيءَ ٽڪري ۾ دفن ڪيا، جيڪو يعقوب سڪم جي پيءُ
حمور جي اولاد کان چانديءَ جي هڪ سؤ سڪن ۾ خريد ڪيو هو.
اها زمين يوسف جي اولاد کي ورثي طور ملي هئي.
33 هارون جي پٽ اليعزر وفات ڪئي ۽ ڪيس انهيءَ ٽڪريءَ تي دفن
ڪيو ويو، جيڪا سندس پٽ فينحاس کي افرائيم جي جابلو علائقي
۾ ڏني ويئي هئي.

---

24:30 يش 19:49–50    24:32 پيد 33:19، 50:24–25، خر 13:19، يو 4:5، رس 7:16

# رهبرَ

## رهبرن جي دور جو ڪتاب

### تعارف

”رهبرَ“ نالي هن مقدس ڪتاب ۾ اهي واقعا ۽ قصا لکيل آهن جيڪي ڪنعان ملڪ جي فتح ٿيڻ کان وٺي بادشاهت جي قائم ٿيڻ تائين بني اسرائيل جي ڇڙواڳيءَ واري دور ۾ ٿيا. انهن واقعن ۽ قصن ۾ قومي هيرن جو بيان آهي جن کي ”رهبرَ“ ڪوٺيو ويندو هو ۽ انهن مان اڪثر فوجي سالار ۽ جنگي جوڌا هئا. انهن مان هڪڙو ڇاتل سڃاتل نالو سمسون جو آهي، جنهن جون ڳالهيون باب 13 کان 16 ۾ بيان ٿيل آهن.

هن ڪتاب مان اهم سبق اهو ٿو ملي تہ بني اسرائيل جي بچاءَ جو دارومدار سندن خدا سان وفاداريءَ ۽ سچائيءَ ۾ هو، جڏهن تہ انهن جي بي‌وفائي ۽ بي‌ايماني هميشہ کين تباهيءَ ڏانهن وٺي ٿي ويئي. ان سان گڏ اهو سبق بہ ملي ٿو تہ جيتوڻيڪ خدا جي قوم ساڻس بي‌وفائي ڪندي هئي جنهن ڪري مٿن تباهي ايندي هئي، تنهن هوندي بہ خدا پنهنجي ماڻهن کي بچائڻ لاءِ هميشہ تيار رهيو ٿي، جڏهن اهي توبهہ‌تائب ٿي ٿيا ۽ وري سندس عبادت ڪرڻ ٿي لڳا.

سِٽاءُ

يشوع جي وفات تائين جا واقعا 1:1–2:10
بني اسرائيل جا رهبر 2:11–16:31
مختلف واقعا 17:1–21:25

---

## بني اسرائيل جي ڪنعانين تي ڪاهہ
(1:1–36)

(بني يهوداہ ۽ بني شمعون جو بزق کي فتح ڪرڻ)

1 ⑴ يشوع جي وفات کان پوءِ بني اسرائيل قوم خداوند کان پڇيو
تہ ”اسان جي قبيلن مان ڪير پهريائين اڳتي وڌي ڪنعانين تي
حملو ڪري؟“
⑵ خداوند جواب ڏنو تہ ”يهوداہ قبيلو وڃي، ڇالاءِجو اهو ملڪ
مون سندن ئي حوالي ڪيو آهي.“
⑶ تڏهن يهوداہ قبيلي وارن پنهنجي شمعون قبيلي وارن ڀائرن کي
چيو تہ ”اسان کي مليل علائقي ۾ ڪنعانين سان وڙهڻ لاءِ اوهين
اسان سان گڏجي هلو ۽ اسين اوهان سان گڏجي اوهان کي مليل
علائقي ۾ هلنداسين.“ سو بني شمعون انهن سان گڏجي ويا. ⑷ تڏهن
انهن ڪاهہ ڪئي ۽ خداوند کين ڪنعانين ۽ فرزين تي فتح ڏني.
هنن انهن جي ڏهہ هزار ماڻهن کي بزق ۾ شڪست ڏني. ⑸ اتي بزق
جو بادشاهہ ادوني‌بزق بہ وڙهيو، ⑹ پر هو اتان ڀڄي نڪتو. پوءِ هو
انهيءَ جي پٺيان پيا ۽ کيس پڪڙي سندس هٿن ۽ پيرن جا آڱوٺا وڍي
ڇڏيائون. ⑺ تڏهن ادوني‌بزق چوڻ لڳو تہ ”ستر بادشاهہ جن جي هٿن
پيرن جا آڱوٺا وڍيل هئا، سي منهنجي دسترخوان تي ڪريل مانيءَ
جا ڀورا گڏ ڪري کائيندا هئا. هاڻ خدا بہ بدلي ۾ مون سان ائين ئي
ڪيو آهي جيئن مون انهن سان ڪيو هو.“ پوءِ کيس يروشلم ۾ آندو
ويو جتي هو مري ويو.

(بني يهوداہ جو يروشلم ۽ حبرون تي قبضو)

⑻ بني يهوداہ يروشلم تي پڻ حملو ڪري مٿس قبضو ڪيو ۽ اتان
جي ماڻهن کي تلوار سان ماري ڇڏيائون ۽ شهر کي باهہ ڏنائون.
⑼ تنهن کان پوءِ بني يهوداہ انهن ڪنعانين سان وڙهڻ لاءِ ڪاهي ويا
جيڪي جابلو علائقي، ڏاکڻي حصي ۽ هيٺاهن ڊورن ۾ رهندا هئا.
⑽ هو انهن ڪنعانين تي پڻ ڪاهي ويا جيڪي حبرون شهر ۾ رهندا
هئا، جنهن کي اڳي قريت‌اربع جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اتي
هنن سيسي، اخيمان ۽ تلمي گهراڻن کي شڪست ڏني.

(غتني‌ايل جو دبير شهر کي فتح ڪرڻ)
(يشوع 15:13–19)

11 اتان بني يهوداه دبير شهر تي ڪاهي ويا، جنهن کي اڳي
قريت‌سفر جي نالي سان سڏيو ويندو هو. 12 تڏهن ڪالب چيو ته
"جيڪو قريت‌سفر تي حملو ڪري مٿس قبضو ڪندو تنهن کي آءٌ
پنهنجي ڌيءَ عڪسه پرڻائي ڏيندس." 13 سو ڪالب جي ننڍي ڀاءُ قنز
جي پٽ غتني‌ايل انهيءَ تي قبضو ڪيو. تڏهن ڪالب پنهنجي ڌيءَ
عڪسه کيس پرڻائي ڏني. 14 شاديءَ واري ڏينهن عڪسه پنهنجي
مڙس غتني‌ايل کي پڙڪايو ته "بابي کان ڪجهه پني گهُرون." سو
هوءَ پنهنجي گڏهه تان لهي پيئي، تڏهن ڪالب ڪانئس پڇيو ته "تو
کي ڇا کپي؟" 15 هن وراڻيو ته "مون کي بخشش ڏي. جيئن ته تو
مون کي ڏکڻ ۾ خشڪ زمين ڏني آهي، سو مون کي پاڻيءَ جا چشما
به ڏي." تڏهن ڪالب کيس مٿيان ۽ هيٺيان چشما ڏيئي ڇڏيا.

(يهوداه ۽ بنيامين قبيلن جي فتح)

16 موسيٰ جي ساهراڻي خاندان مان قينيءَ جو اولاد کجين واري
شهر يريحو مان بني يهوداه سان گڏجي يهوداه جي بيابان ۾ ويو جيڪو
عراد جي ڏکڻ ۾ آهي. هو اتي وڃي عماليقين سان رهڻ لڳا. 17 پوءِ
بني يهوداه قبيلي وارن پنهنجي بني شمعون وارن ڀائرن سان گڏجي
وڃي صفت ۾ رهندڙ ڪنعانين تي حملو ڪيو ۽ شهر کي صفا تباهه
ڪري ڇڏيائون. انهيءَ ڪري انهيءَ شهر جو نالو*حرمه پئجي ويو.
18 بني يهوداه غزه، اسقلون ۽ عقرون شهر به ڀرارڙين سميت قبضي
ڪري ورتا. 19 خداوند بني يهوداه سان گڏ هو، سو هنن جابلو علائقي
تي قبضو ڪري ورتو. پر هو ميداني علائقي جي ماڻهن کي اتان
ڪڍي نه سگهيا، ڇوجو انهن وٽ لوهه جون جنگي گاڏيون هيون.
20 جيئن موسيٰ واعدو ڪيو هو، تيئن حبرون شهر ڪالب کي ڏنو
ويو، جنهن اتان عناق جي ٽنهي قبيلن کي هڪالي ڪڍي ڇڏيو.
21 بني بنيامين يروشلم مان يبوسين کي نه ڪڍيو. سو يبوسي اڄ
ڏينهن تائين يروشلم ۾ بني بنيامين سان گڏ رهندا اچن.

(افرائيم ۽ منسي قبيلن جو بيت‌ايل کي فتح ڪرڻ)

22 يوسف جي گهراڻي يعني بني افرائيم ۽ بني منسيءَ به بيت‌ايل
تي ڪاهه ڪئي ۽ خداوند انهن سان گڏ هو. 23 بيت‌ايل جنهن جو
اڳوڻو نالو لوز هو، تنهن جي جاسوسيءَ لاءِ هنن ڪي ماڻهو موڪليا.
24 جڏهن انهن جاسوسن هڪڙي ماڻهوءَ کي شهر مان ٻاهر ايندي
ڏٺو، تڏهن هنن کيس چيو ته "اسان کي شهر ۾ داخل ٿيڻ جو رستو
ڏيکار، اسين تو سان مهربانيءَ وارو سلوڪ ڪنداسين." 25 سو هن
انهن کي رستو ڏيکاريو. پوءِ بني افرائيم ۽ بني منسيءَ شهر ۾ سيني
رهندڙن کي تلوار سان ماري ڇڏيو، پر انهيءَ ماڻهوءَ کي سندس
ڪٽنب سميت ڇڏي ڏنائون. 26 اهو ماڻهو بعد ۾ حتين جي ملڪ ۾
ويو ۽ اتي هن هڪڙو شهر ٻڌو جنهن جو نالو لوز رکيائين. سو اڄ
تائين انهيءَ شهر جو ساڳيو نالو هليو اچي.

(هڪالي نه ڪڍيل ڪنعاني)

27 منسي قبيلي شهر بيت‌شان، تعناڪ، دور، ابليعام ۽ مجدو ۽
انهن جي آس‌پاس ۾ رهندڙ ڪنعانين کي هڪالي نه ڪڍيو، ڇوته
هنن اتي ئي رهڻ پسند ڪيو. 28 جڏهن بني اسرائيل مضبوط ٿيا،
تڏهن هو ڪنعانين کان بيگر جو ڪم وٺڻ لڳا پر انهن کي صفا
هڪالي نه ڪڍيائون.
29 افرائيم قبيلي وارن به گزر ۾ رهندڙ ڪنعانين کي هڪالي نه
ڪڍيو، سو ڪنعاني اتي انهن سان گڏ رهندا آيا.
30 زبولون قبيلي وارن پڻ قطرون ۽ نهلال ۾ پاڻ سان رهندڙ
ڪنعانين کي هڪالي نه ڪڍيو، پر ڪانئن بيگر جو ڪم وٺڻ لڳا.
31 آشر قبيلي وارن به شهر عڪو، صيدا، احلاب، اڪزيب، حلبه،
افيق ۽ رحوب ۾ رهندڙ ماڻهن کي هڪالي نه ڪڍيو. 32 بني آشر اتي
جي رهندڙ ڪنعانين سان گڏ رهندا آيا، ڇوته هنن ڪين هڪالي ڪونه
ڪڍيو.
33 نفتالي قبيلي وارن پڻ بيت‌شمس ۽ بيت‌عنات جي رهندڙن کي
هڪالي نه ڪڍيو. هو اتي جي رهندڙ ڪنعانين سان گڏ رهندا آيا ۽
ڪانئن بيگر جو ڪم وٺڻ لڳا.
34 امورين بني دان کي زور سان جابلو علائقي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو
۽ ڪين هيٺ ميدان ۾ لهڻ نه ڏنائون. 35 اموري حرس جبل، ايالون ۽
سعلبيم ۾ رهندا آيا، پر يوسف جي گهراڻي يعني بني افرائيم ۽ بني
منسي قبيلن وارن انهن کي پنهنجي هٿ هيٺ آندو ۽ ڪانئن بيگر جو
ڪم وٺڻ لڳا. 36 امورين جي سرحد عقربيم لڪ کان وٺي سيلا کان
به اڳتي تائين هئي.

## خداوند جو ملائڪ بوڪيم ۾

2 1 خداوند جو ملائڪ گلگال مان بوڪيم ۾ آيو ۽ خداوند انهيءَ
ملائڪ جي وسيلي بني اسرائيل کي چيو ته "مون اوهان کي
مصر مان ڪڍي انهيءَ ملڪ ۾ آندو آهي، جنهن جي ڏيڻ جو مون
اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو. مون چيو هو ته 'اوهان سان
ڪيل پنهنجو عهد ڪڏهن به نه ٽوڙيندس. 2 پر اوهين هن ملڪ جي

*حرمه: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي "تباهي".

1:20 يش 13:15–14 1:21 يش 15:63، 2.سمو 6:5، 1.توا 11:4 1:27–28 يش 17:11–13 1:29 يش 16:10
2:2 خر 34:12–13، شر 7:2–5

رهندڙن سان ڪوبہ عهد نہ ڪجو، بلڪ هنن جون قربانگاهون ڊاهي
ڇڏجو.‘ مگر اوهان منهنجو چوڻ نہ مڃيو آهي. اوهان ائين ڇو ڪيو؟
③تنهنڪري هاڻ آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ آءٌ هنن کي اوهان جي
ملڪ مان هڪالي نہ ڪيندس، بلڪ اهي اوهان جي پاسن ۾ ڪنڊا
۽ هنن جا معبود اوهان جي لاءِ ڦندو ٿيندا.“ ④جڏهن خداوند ساري
بني اسرائيل کي ائين چئي بس ڪئي تڏهن بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو
دانهون ڪري روئڻ لڳا. ⑤انهيءَ ڪري انهيءَ جاءِ جو نالو *بوڪيم
پئجي ويو. پوءِ اتي هنن خداوند جي لاءِ قربانيون پيش ڪيون.

## يشوع جي وفات

⑥جڏهن يشوع بني اسرائيل کي موڪل ڏئي روانو ڪيو، تڏهن
انهن مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي ورثي جي زمين هٿ ڪرڻ لاءِ روانو
ٿي ويو. ⑦بني اسرائيل يشوع جي پوري حياتيءَ ۾ ۽ ڪانئس پوءِ وارن
انهن اڳواڻن جي حياتيءَ ۾ بہ خداوند جي عبادت ڪندا آيا، جن اهي
وڏا ڪم ڏٺا هئا جيڪي خداوند بني اسرائيل جي لاءِ ڪيا. ⑧خداوند
جي ٻانهي يشوع ولد نون هڪ سؤ ڏهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.
⑨ڪيس گعس جبل جي اتر ۾ بني افرائيم جي جابلو علائقي ۾ تمنت
حرس منجهہ سندس ورثي واري زمين ۾ دفن ڪيو ويو. ⑩انهيءَ
پيڙهيءَ جا سمورا ماڻهو پڻ وفات ڪري پنهنجن ابن ڏاڏن سان وڃي
گڏيا. ان کان پوءِ جيڪا پيڙهي ساماڻي سا خداوند کان ۽ سندس انهن
ڪمن کان بيخبر هئي جيڪي خداوند بني اسرائيل لاءِ ڪيا هئا.

## بني اسرائيل جو خداوند جي عبادت کي ڇڏي ڏيڻ

⑪پوءِ بني اسرائيل اهي ڪم ڪيا جي خداوند جي نظر ۾ برا هئا ۽
هو بعل ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. ⑫هنن خداوند، پنهنجي ابن ڏاڏن
جي خدا کي ڇڏي ڏنو، جنهن سندن ابن ڏاڏن کي مصر مان ڪڍي
آندو هو. هو پنهنجي آسپاس وارين ٻين قومن جي معبودن جي پٺيان
لڳي انهن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. هنن انهن کي سجدو ڪري خداوند کي
ڪاوڙايو. ⑬هو خداوند کي ڇڏي بعل ديوتائن ۽ عستارات ديوين جي
پوڄا ڪرڻ لڳا. ⑭تنهن تي خداوند جو غضب بني اسرائيل تي ڀڙڪيو
۽ هن کين ڦورن جي حوالي ڪري ڇڏيو جن کين ڦري لٽي ڇڏيو. هن
انهن کي سندن آسپاس وارن دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو، جنهن
ڪري هو وري پنهنجي دشمنن جي اڳيان بيهي نہ سگهيا. ⑮پوءِ
جڏهن بہ بني اسرائيل جنگ ڪرڻ لاءِ نڪري ويندا هئا تڏهن خداوند
جو هٿ سندن خلاف رهندو هو. سو هو ڪيترن ئي مشڪلاتن ۾ پئجي
ويا ڇالاءِجو خداوند پنهنجي قسم موجب انهن جي خلاف ٿيو.
⑯پوءِ خداوند انهن لاءِ رهبر مقرر ڪيا، جن انهن کي ڦورن جي
هٿن مان ڇڏايو. ⑰پر بني اسرائيل پنهنجن رهبرن ڏانهن بہ ڌيان
ڪونہ ڏنو. هو خداوند سان بيوفائي ڪري غير معبودن جي پٺيان
لڳي کين پوڄڻ لڳا. جنهن رستي تي انهن جا ابا ڏاڏا خداوند جي
حڪمن جي فرمانبرداري ڪندي هلندا هئا، تنهن کان هو جلدي ڦري
ويا ۽ انهن وانگر نہ هليا. ⑱جڏهن خداوند هنن جي لاءِ ڪو رهبر
مقرر ڪندو هو تڏهن هو انهيءَ رهبر سان هوندو هو ۽ جيستائين رهبر
جيئرو هوندو هو تيستائين خداوند بني اسرائيل کي سندن دشمنن جي
هٿن کان بچائيندو رهندو هو. خداوند کي مٿن رحم ايندو هو، ڇوتہ
هو ظلم ۽ تڪليف هيٺ دانهون ڪندا هئا. ⑲پر جڏهن اهو رهبر مري
ويندو هو تڏهن هو وري ڦري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن کان بہ وڌيڪ
برائي ڪندا هئا. هو غير معبودن جي پٺيان لڳي انهن جي پوڄا ڪندا
هئا ۽ کين سجدو ڪندا هئا. هو پنهنجن برن ڪمن ۽ هوڏ واري رستي
کان باز نہ ايندا هئا. ⑳انهيءَ ڪري خداوند جو غضب بني اسرائيل
تي ڀڙڪيو ۽ چيائين تہ ”هن قوم جي ابن ڏاڏن سان مون جيڪو عهد
ڪيو هو سو هنن ٽوڙيو آهي ۽ منهنجي نافرماني ڪئي اٿن. ㉑سو آءٌ
بہ انهن قومن، جيڪي يشوع جي وفات وقت اڃان بہ انهيءَ ملڪ ۾
رهيون ٿي، تن مان ڪنهن هڪڙيءَ کي بہ اتان هڪالي نہ ڪيندس.
㉒آءٌ انهن جي ذريعي بني اسرائيل کي آزمائيندس ۽ ڏسندس تہ
جهڙيءَ طرح سندن ابا ڏاڏا مون خداوند جي راهہ تي هلندا هئا تهڙيءَ
طرح هي بہ انهيءَ تي هلن ٿا يا نہ.“ ㉓سو خداوند انهن قومن کي
انهيءَ ملڪ ۾ رهڻ ڏنو. هن نڪي انهن کي يشوع جي هٿ ۾ ڏنو ۽
نہ وري يشوع جي وفات کان جلد پوءِ انهن کي اتان هڪالي ڪڍيائين.

## ملڪ ۾ باقي ڇڏيل قومون

3 ①سو خداوند اتي ڪجهہ قومون ڇڏي ڏنيون، انهيءَ لاءِ تہ
انهن جي ذريعي بني اسرائيل جي انهن سڀني ماڻهن کي آزمائي
جن ڪنعان ۾ جنگيون نہ ڏٺيون هيون. ②اهو انهيءَ ڪري ڪيائين
تہ جيئن هو بني اسرائيل جي هر پيڙهيءَ کي جنگ ڪرڻ سيکاري
جن کي جنگ جو تجربو ڪونہ هو. ③جن قومن کي ڇڏيو ويو سي
هي هيون: فلستين جا پنج سردار، سمورا ڪنعاني، صيداني ۽ حوي
جيڪي لبنان جبلن جي قطار ۾ بعلحرمون جبل کان وٺي حمات لڪ
تائين رهندا هئا. ④اهي بني اسرائيل جي آزمائش لاءِ ڇڏيا ويا هئا تہ
جيئن خبر پوي تہ هو خداوند جا اهي حڪم مڃين ٿا يا نہ، جيڪي
هن موسيٰ جي معرفت هنن جي ابن ڏاڏن کي ڏنا هئا. ⑤اهڙيءَ
طرح بني اسرائيل ڪنعانين، حتين، امورين، فرزين، حوين ۽ يبوسين
منجهہ آباد ٿي ويا. ⑥انهن سان رشتيداريءَ جي ڏي وٺ ڪيائون ۽
انهن جي معبودن کي پوڄڻ لڳا.

---

*بوڪيم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”دانهون ڪري روئيندڙ“.

9:2 يش 49:19–50

## رهبر غتني ايل

7 بني اسرائيل اهي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا.
هنن خداوند پنهنجي خدا کي وساري ڇڏيو ۽ بعل ديوتائن ۽ عستارات
ديوين جي پوڄا ڪرڻ لڳا. 8 تڏهن خداوند جو غضب بني اسرائيل
تي ڀڙڪيو ۽ هن انهن کي *ارام علائقي جي هڪ بادشاهه ڪوشن
رسعتيم جي هٿ ڏيئي ڇڏيو. سو بني اسرائيل اٺن سالن تائين ڪوشن
رسعتيم جي غلامي هيٺ رهيا. 9 پوءِ جڏهن بني اسرائيل خداوند
کي پڪاريو، تڏهن هن هڪڙو ڇڏائيندڙ بني اسرائيل لاءِ اٿاريو، جنهن
کين ڇڏايو. اهو ڪالب جي ننڍي ڀاءُ قنز جو پٽ غتني ايل هو.
10 خداوند جو روح هن تي نازل ٿيو ۽ هو بني اسرائيل جو رهبر ٿيو.
تڏهن غتني ايل جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتو ۽ خداوند کيس بادشاهه ڪوشن
رسعتيم تي فتح ڏني. 11 سو ڪنعان ملڪ ۾ چاليهن سالن تائين امن
وَ سڪون رهيو. پوءِ غتني ايل وفات ڪئي.

## رهبر اهود

12 ان کان پوءِ بني اسرائيل وري به اهڙا ڪم ڪرڻ لڳا جيڪي
خداوند جي نظر ۾ برا هئا. سو انهن جي برائيءَ جي ڪري خداوند
†موآب جي بادشاهه عجلون کي انهن کان وڌيڪ زور وٺرايو. 13 عمون
۽ عماليق قبيلن کي عجلون پاڻ سان ملايو ۽ پوءِ انهن وڃي بني
اسرائيل کي شڪست ڏني ۽ کجين واري شهر يريحو تي قبضو
ڪيائون. 14 سو بني اسرائيل ارڙهن سالن تائين موآب جي بادشاهه
عجلون جي غلامي هيٺ رهيا.
15 تڏهن بني اسرائيل وري خداوند کي پڪاريو. سو هن سندن لاءِ
هڪڙو ڇڏائيندڙ اٿاريو جنهن جو نالو اهود ولد گيرا هو. هو کاٻڙيو هو
۽ بنيامين قبيلي مان هو. بني اسرائيل هن جي هٿان موآب جي بادشاهه
عجلون ڏانهن ڏنُ ڏياري موڪليو. 16 اهود پنهنجي لاءِ هڪڙي ٻه
منهين تلوار ناهي جيڪا اٽڪل اڌ ميٽر ڊگهي هئي. اها هن پنهنجي
ڪپڙن جي هيٺان ساڄيءَ ران تي ٻڌي ڇڏي. 17 پوءِ هو اهو ڏنُ عجلون
بادشاهه ڏانهن کڻي ويو. عجلون تمام ٿلهو ماڻهو هو. 18 جڏهن اهود
ڏنُ ڏيئي چڪو، تڏهن پاڻ سان گڏ ڏنُ کڻي ايندڙ ماڻهن کي چيائين
ته ”اچو ته واپس هلون.“ 19 مگر پاڻ گلگال وارين پٿر جي مورتين
وٽان موٽي عجلون بادشاهه وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته ”اي بادشاهه!
مون کي هڪڙو ڳجهو پيغام توهان کي ڏيڻو آهي.“ بادشاهه چيو ته
”نويڪلائي ٿئي.“ تڏهن بادشاهه جا سڀ درباري ٻاهر نڪري ويا.
20 جيئن ته بادشاهه ان وقت پنهنجي هوادار ماڙيءَ ۾ اڪيلو ويٺو
هو، سو اهود سندس ويجهو آيو ۽ کيس چيائين ته ”مون کي توهان
لاءِ خدا جي طرفان هڪڙو پيغام مليو آهي.“ تنهن تي بادشاهه
پنهنجي جاءِ تان اٿي بيٺو. 21 تڏهن اهود پنهنجو کاٻو هٿ ڊگهيري
پنهنجي ساڄي ران تي ٻڌل تلوار ڪڍي ۽ بادشاهه جي پيٽ ۾ هنئي.
22 ايتري قدر جو سڄي تلوار هٿئي سميت پيٽ ۾ گهڙي ويس ۽ پٺيءَ
مان نڪري آيس. جيئن ته هٿئي تي چربي چڙهي ويئي سو اهود اها
بادشاهه جي پيٽ مان ٻاهر نه ڪڍي. 23 پوءِ اهود ٻاهر نڪري آيو ۽
ماڙيءَ جي درن کي ڪنجي هڻي بند ڪري ڇڏيائين.
24 جڏهن اهود هليو ويو تڏهن بادشاهه جا نوڪر آيا. هنن ڏٺو ته
ماڙيءَ جا دروازا بند پيا آهن. سو هنن سمجهيو ته بادشاهه اندران
بند ڪري ماڙيءَ ۾ ڪاڪوس ڪري رهيو آهي. 25 پوءِ هنن ايترو ته
انتظار ڪيو جو آخر پريشان ٿيڻ لڳا، پر پوءِ به جڏهن هن ماڙيءَ جا
در نه کوليا، تڏهن هنن ڪنجي کڻي هڪڙو در کوليو ۽ ڇا ڏٺائون ته
سندن آقا زمين تي مئو پيو آهي.
26 جڏهن نوڪرن انتظار پئي ڪيو، تنهن وچ ۾ اهود ڀڄي نڪري
ويو ۽ پٿر جي مورتين کان لنگهي سعيرت ۾ وڃي نڪتو. 27 جڏهن
هو افرائيم جي جابلو علائقي ۾ آيو تڏهن هن جنگ لاءِ نفيل وڄائي
بني اسرائيل کي سڏيو. پوءِ بني اسرائيل اهود جي اڳواٽيءَ ۾ جابلو
علائقي مان لهي هيٺ آيا. 28 اهود کين چيو ته ”منهنجي پٺيان هليا
اچو، ڇالاءِجو خداوند اوهان جي دشمن موآبين کي اوهان جي هٿ
۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.“ سو هو انهيءَ جي پٺيان لهي ويا ۽ وڃي اردن
درياءَ جي گهيرن وٽ موآبين جا گهٽ جهليائون ۽ هڪڙي ماڻهوءَ
کي به پار لنگهڻ نه ڏنائون. 29 انهيءَ ڏينهن هنن موآبين جا ڏهه
هزار سُورهيه مرد ماري ڇڏيا ۽ انهن مان هڪڙو به بچي نه نڪتو.
30 تنهن ڏينهن بني اسرائيل موآب قوم تي قبضو ڪري ورتو ۽ اسي
سالن تائين ملڪ ۾ امن وَ سڪون رهيو.

## رهبر شمجر

31 اهود کان پوءِ شمجر ولد عنات اڀريو، جنهن بني اسرائيل کي
فلستين کان بچايو. هن فلستين جا ڇهه سؤ ماڻهو ڏاندن هڪلڻ
واريءَ لٺ سان ماريا.

## رهبر دبوره ۽ برق

4 1 اهود جي وفات کان پوءِ بني اسرائيل وري به اهڙا ڪم ڪرڻ
لڳا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. 2 تنهنڪري خداوند انهن
کي ڪنعان جي بادشاهه يابين جي حوالي ڪري ڇڏيو جيڪو حصور
شهر ۾ راڄ ڪندو هو. انهيءَ جي فوج جو سپهه‌سالار سيسرا هو
جيڪو هروسيت هگوئيم ۾ رهندو هو. 3 يابين بادشاهه کي نو سؤ
لوهه جون جنگي گهوڙي گاڏيون هيون. هن ويهن سالن تائين بني

---

*ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ۽ عراق ملڪن جي ڪن حصن تي مشتمل هو.

†موآب ۽ عمون: اهي علائقا ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

اسرائيل سان ڏاڍي سختي ڪئي، تڏهن بني اسرائيل خداوند کي مدد
لاءِ پڪاريو.
4 انهن ڏينهن ۾ دبوره نالي هڪڙي نبياڻي بني اسرائيل جي رهبر
هئي، جيڪا لفيدوت جي زال هئي. 5 هوءَ افرائيم جي جابلو علائقي
۾، رامہ ۽ بيت‌ايل شهرن جي وچ ۾ هڪڙي کجيءَ جي وڻ هيٺان
ويهندي هئي ۽ بني اسرائيل اتي وٽس اچي فيصلا ڪرائيندا هئا.
6 هڪڙي ڏينهن هن برق ولد ابي‌نوعم کي نفتالي قبيلي واري علائقي
جي قادس شهر مان گهرائي کيس چيو تہ ”خداوند، بني اسرائيل
جو خدا تو کي اهو حڪم ڏئي ٿو تہ ’تون نفتالي ۽ زبولون قبيلن
منجهان ڏهہ هزار ماڻهو پاڻ سان وٺي تبور جبل ڏانهن وڃ. 7 آءٌ
يابين بادشاهہ جي فوج جي سپهہ‌سالار سيسرا کي دلبو ڏئي برساتي
نهر قيسون تائين تو وٽ جنگ ڪرڻ لاءِ وٺي ايندس. هن کي جنگي
گاڏيون ۽ لشڪر ساڻ هوندو، پر آءٌ تو کي هن تي فتح ڏيندس.‘“
8 پر برق کيس وراڻيو تہ ”جيڪڏهن تون مون سان گڏجي هلندينءَ
تہ آءٌ ويندس. پر جيڪڏهن تون مون سان گڏجي نہ هلندينءَ تہ آءٌ
ڪونہ ويندس.“ 9 تڏهن دبوره چيس تہ ”ٺيڪ آهي، آءٌ تو سان گڏجي
هلنديس، پر سوڀ ۾ تنهنجو نالو نہ ٿيندو، ڇالاءِجو خداوند سيسرا
سپهہ‌سالار کي هڪڙي عورت جي حوالي ڪري ڇڏيندو.“ پوءِ دبوره
اٿي ۽ برق سان گڏجي قادس شهر ڏانهن ويئي. 10 پوءِ برق زبولون ۽
نفتالي قبيلن کي گهرائي قادس شهر ۾ گڏ ڪيو ۽ ڏهہ هزار ماڻهو
سندس پٺيان ٿي هليا. دبوره بہ ساڻس گڏ ويئي.
11 هوڏانهن حبر قيني جيڪو موسيٰ جي سالي حباب جي اولاد مان
هو، تنهن ٻين قينين کان الڳ ٿي، قادس شهر جي ويجهو ضعننيم
۾ وڃي هڪڙي شاهہ‌بلوط جي وڻ وٽ پنهنجو خيمو کوڙيو.
12 جڏهن سيسرا کي خبر پيئي تہ ابي‌نوعم جو پٽ برق، تبور جبل
ڏانهن چڙهي ويو آهي. 13 تڏهن هن پنهنجون سڀ نو سؤ ئي لوهہ
جون جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ پنهنجا سپيئي ماڻهو گڏ ڪري حروست
هگوئيم کان برساتي نهر قيسون تائين آندا.
14 تڏهن دبوره برق کي چيو تہ ”اٿي وڃ! ڇالاءِجو اڄوڪي ڏينهن
خداوند سيسرا کي تنهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي. ڏس، خداوند
تنهنجي اڳيان هلندو.“ سو برق پنهنجن ڏهہ هزار ماڻهن سان تبور
جبل تان لٿو. 15 برق جي حملي سان خداوند سيسرا، سندس سيني
جنگي گهوڙي گاڏين ۽ سڄي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڇڏيو. سيسرا
پنهنجي جنگي گهوڙي گاڏيءَ تان لهي پيرين پيادو وٺي ڀڳو. 16 پر
برق حروست هگوئيم تائين سندس گاڏين ۽ لشڪر جو پيڇو ڪيو.
سو سيسرا جو سڄو لشڪر تلوار جي ڌار سان مارجي ويو ۽ هڪڙو
بہ ماڻهو نہ بچيو.
17 هيڏانهن سيسرا پيادو ڀڄندو اچي حبر قينيءَ جي زال ياعيل جي
تنبوءَ وٽ پهتو، ڇالاءِجو حصور جي بادشاهہ يابين ۽ حبر قينيءَ
جي گهراڻي جي وچ ۾ صلح هو. 18 ياعيل سيسرا سان ملڻ لاءِ ٻاهر
نڪري آئي ۽ کيس چيائين تہ ”اچو منهنجا آقا، اندر اچو. ڊپ نہ
ڪريو.“ سو هو تنبوءَ منجهہ گهڙي ويو ۽ ياعيل مٿس ڪپڙو وجهي
کيس لڪائي ڇڏيو. 19 تڏهن سيسرا چيس تہ ”مهرباني ڪري مون
کي پيئڻ لاءِ ٿورو پاڻي ڏي، آءٌ اڃايل آهيان.“ سو هن کير جي
سانداري کولي ۽ کيس کير پياري وري لڪائي ڇڏيائينس. 20 پوءِ
سيسرا چيس تہ ”تون تنبوءَ جي در تي بيهي رهہ، جيڪڏهن ڪو
ماڻهو اچي تو کان پڇي تہ ’هتي ڪو ماڻهو آيو آهي؟‘ تڏهن تون
چئجانس تہ ’نہ.‘“ 21 گهڻي ٿڪاوٽ ڪري جڏهن سيسرا کي گهري
ننڊ اچي ويئي، تڏهن حبر جي زال ياعيل تنبوءَ جي هڪڙي ڪلي ۽
هٿڙو مترڪو پنهنجي هٿ ۾ کڻي آهستي آهستي هن وٽ ويئي ۽
اها ڪلي هن جي لونڊڙيءَ ۾ ٺوڪي هنيائين، ايتري قدر جو اها آرپار
لنگهي وڃي زمين ۾ کتي ۽ هو مري ويو.
22 برق بہ سيسرا جو پيڇو ڪندو اتي اچي نڪتو. تڏهن ياعيل ٻاهر
نڪري اچي ساڻس ملي ۽ کيس چيائين تہ ”اچ تہ آءٌ تو کي اهو ماڻهو
ڏيکاريان جنهن کي تون ڳولهين ٿو.“ سو هو ساڻس گڏ اندر ويو ۽
ڇا ڏٺائين تہ سيسرا مئو پيو آهي ۽ تنبوءَ جي ڪلي سندس لونڊڙيءَ
۾ لڳي پيئي آهي.
23 سو انهيءَ ڏينهن خداوند ڪنعان جي بادشاهہ يابين کي بني
اسرائيل جي اڳيان زير ڪري ڇڏيو. 24 انهيءَ کان پوءِ بادشاهہ يابين
تي بني اسرائيل جي پڪڙ وڌندي وئي، تان جو هنن کيس صفا ناس
ڪري ڇڏيو.

## دبوره ۽ برق جو گيت

5 1 تڏهن انهيءَ ئي ڏينهن برق ولد ابي‌نوعم سان گڏجي دبوره
هي گيت ڳايو تہ

2 ”خداوند جي واکاڻ ڪريو.

جڏهن بني اسرائيل جي پيشوائن عوام جي اڳواڻي ڪئي،
تڏهن ماڻهو خوش خوش پرتي ٿيا.
3 اي بادشاهؤ ۽ سردارؤ! اوهين ڪن ڏيئي ٻڌو،
ڇالاءِجو آءٌ خداوند لاءِ گيت ڳائيندس،
هائو، آءٌ بني اسرائيل جي خدا جي واکاڻ ڪنديس.
4 اي خداوند! جڏهن تون *ادوم جي جبلن کان هلي اڳتي وڌئين،
تڏهن ڌرتي لرزي ويئي ۽ آسمان پڻ اٿلي پيو هو،
هائو، تڏهن ڪڪرن بہ ڏاڍو پاڻي وسايو هو.

*ادوم: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

5 اي خداوند! تون جيڪو سينا جبل تي لٿو هئين،
تنهن جي آڏو پهاڙ به ڏڪڻ لڳا هئا،
هائو، تو خداوند، بني اسرائيل جي خدا کان اهي ڏڪڻ لڳا هئا.

6 رهبر شمجر جي ڏينهن ۾ ياعيل نالي هڪ عورت هئي.
تن ڏينهن ۾ شاهي رستن تي سفر ڪرڻ ۾
بيحد خطرو هوندو هو،
سو هر ماڻهو وروڪڙ پيچرن تان سفر ڪندو هو.
7 انهن حالتن سبب بني اسرائيل جا سمورا ڳوٺ
ويران ٿي ويا هئا.
تڏهن مون دبوره اختيار سنڀالي
بني اسرائيل کي ائين بچائي ورتو،
جيئن ڪا ماءُ پنهنجي ٻارن کي بچائيندي آهي.
8 بني اسرائيل جڏهن نوان نوان معبود چونڊي ڪيا هئا،
تڏهن هڪ غير قوم شهرن تي چڙهائي ڪئي هئي.
جڏهن ته ملڪ جي چاليهه هزار جنگي جوڌن وٽ مقابلي لاءِ
ڪا ڍال يا ڪو ڀالو ئي ڪونه هو.
9 پوءِ به آءٌ بيحد شڪر ڪريان ٿي
بني اسرائيل جي انهن سالارن ۽ سپاهين لاءِ،
جيڪي پنهنجي رضا خوشيءَ سان لشڪر ۾ اچي ڀرتي ٿيا.
خداوند جي واکاڻ هجي.
10 اي اڇن گڏهن تي قيمتي گدن مٿان سواري ڪرڻ وارؤ!
۽ رستي تي پنڌ هلڻ وارؤ!
اوهين سڀيئي انهيءَ جو ذڪر ڪريو.
11 اي ٻڌڻ وارؤ! اوهين کوهن وٽ ڳائڻ وارن جو آواز ٻڌو،
اهي به خداوند جي سوڀ بيان ٿا ڪن،
هائو، اها ئي سوڀ جيڪا اسان جي جنگي جوڌن حاصل ڪئي.

اها سوڀ ان وقت ملي جڏهن خداوند جي قوم اٿي کڙي ٿي،
۽ شهر جي دروازن کان هيٺ لهي آئي.
12 هنن اسان کي سڏيندي چيو ته
’جاڳ، اي دبوره! جاڳ، اچ ۽ ڳاءِ ڪو راڳ!
اٿ، اي برق! اٿ، اي ابيِنوعم جا پٽ! اٿ!
هل، تون پنهنجي دشمنن کي قيد ڪرڻ لاءِ هل!‘
13 ان وقت جيڪي باقي بچيل عام ماڻهو هئا،
سي به لشڪر جي سالارن وٽ ماٿريءَ ۾ لهي آيا.
هائو، خداوند جا ماڻهو زورآورن سان وڙهڻ لاءِ
برق وٽ لهي آيا.

14 بنيامين قبيلي وارن کان پوءِ افرائيم قبيلي وارا به لهي آيا،
بلڪ مڪير ولد منسي گهراڻي جا سردار،
۽ زبولون جا سالار پڻ هيٺ لهي آيا.
15 مون دبوره سان گڏ اِسڪار جا امير آيا،
جيئن برق آيو هو تيئن ئي اِسڪار وارا آيا،
برق جي پٺيان پٺيان هو واديءَ ۾ اچي پهتا.

پر اي بني روبن! اوهان جي قبيلي مان ڇو ڪوبه نه آيو؟
16 اوهين ڇو پنهنجي رڍن جي واڙن ۾ ويٺي ڌنارن جا آواز پيا ٻڌو؟
آه! اوهان جو قبيلو ڪيڏو نه مونجهاري ۾ هو!
17 اوهين به اي گلعاد علائقي جا گهراڻؤ!
ڇو اردن جي هُن پار ئي رهيئُه؟
اي دان قبيلي وارؤ! ڇو سمنڊ ۾ ٻيڙين تي ئي رهجي ويئُه؟
۽ اي آشر جي قبيلي وارؤ!
سمنڊ ڪناري تي ڇو ماٺ ڪيو ويٺا رهيئُه؟
ڇو پنهنجين سمنڊ وارين ڪارين وٽ ئي رهي پيئُه؟
18 جڏهن ته بني زبولون ۽ بني نفتالي
جنگ جي ميدان ۾ اچي نڪتا،
بيشڪ اهي موت سان ڪيڏڻ وارا جوڌا هئا.

19 تڏهن ڪنعان جا بادشاهه اسان تي حملو ڪرڻ آيا.
هو تعناڪ شهر جي ڀرسان مجدو جي چشمن وٽ اچي وڙهيا.
پر اسان کي لُٽڻڦُرڻ سندن نصيب ۾ ئي نه هو،
20 چوجو آسمان مان تارا لهي سپهه‌سالار سيسرا سان اچي وڙهيا.
هائو، انهن پنهنجي منزلن کان لهي اچي ساڻن جنگ جوٽي.
21 سو دشمن لشڪر برساتي نهر قيسون ۾ لڙهي ويو،
هائو، اها ئي برساتي نهر جيڪا ڏاڍي قديمي آهي.

آءٌ زور سان ڌوڪيندي اڳتي هلنديس،
22 چوجو دشمنن جي لشڪر جا گهوڙا ڀڄا ٿا وڃن،
هائو، سندن گهوڙن جي تيز ڊوڙڻ جو ڌمڪو پيو ٻڌجي.

23 خداوند جي ملائڪ چيو ته ’*ميروز ڳوٺ تي لعنت هجي،
هائو، ميروز جي رهاڪن تي بيشمار لعنت هجي.‘
چوجو هنن خداوند جو ساٿ ڪين ڏنو،
جڏهن هن زورآورن سان جنگ ٿي ڪئي.

24 پر سڀاڳي آهي حبر قينيءَ جي زال ياعيل،

*ميروز: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”تباهي“.

5:5 خر 18:19 6:5 رهه 31:3

هائو، خيمن ۾ رهندڙ عورتن کان،
بلڪ سڀني عورتن کان اها وڌيڪ سڀاڳي آهي.
25 سيسرا هن کان پاڻي گهريو پر هن کيس کير پياريو،
بلڪ هن اميراڻي رڪابيءَ ۾ کيس ملائي پڻ آڻي ڏني.
26 پوءِ هن پنهنجي کاٻي هٿ ۾ ڪِلي ڪٺي ورتي،
۽ ساڄي هٿ ۾ واڍڪي مترڪي ڪنيائين.
هن انهيءَ مترڪيءَ سان سيسرا جي لونڊڙيءَ ۾ ڪِلي لنگهائي،
هائو، هن ڏڪ هڻي سندس کوپڙي ڀڃي وڌي.
27 تڏهن سيسرا جهڪندي اچي سندس پيرن ۾ ڪريو،
هائو، سندس پيرن ۾ هو اونڌو ٿي پئجي رهيو.
جتي هو جهڪي ڪريو هو اتي ئي مري چٽ ٿي ويو.

28 سيسرا جي ماءُ
پنهنجي محل جي ڇاريءَ واري دريءَ مان ڏسندي
پڪاري هيئن چيو تہ
’چو سيسرا جي جنگي گهوڙي گاڏين جو
اچا آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي؟
چو سندس گهوڙي گاڏين اچڻ ۾ دير ڪئي آهي؟‘
29 تڏهن سندس ڏاهين عورتن کيس هيءَ ورندي ڏني،
بلڪ هن پاڻ بہ اهو ئي سوچيو تہ
30 ’پڪ هو مالِغنيمت قبضي ڪري پاڻ ۾ ورهائيندا هوندا،
هر مرد کي هڪ هڪ،
بلڪ ٻہ ٻہ جوان ڇوڪريون مليون هونديون.
سيسرا کي رنگ برنگي ۽ ڀرت ڀريل ڪپڙا مليا هوندا،
هائو، منهنجي پائڻ لاءِ عمدا ڀرت ڀريل رنگين وڳا.‘

31 اي خداوند! پِل تنهنجا سڀ دشمن ائين برباد ٿين.
تو کي پيار ڪرڻ وارا پِل انهيءَ سج جيان هجن،
جيڪو پوري آب وَ تاب سان اُڀري ٿو."

پوءِ ملڪ ۾ چاليهن سالن تائين امن وَ امان رهيو.

## گدعون

6 1 بني اسرائيل وري بہ اهي ئي ڪم ڪرڻ لڳا جيڪي خداوند
جي نظر ۾ برا هئا، تنهنڪري خداوند انهن کي ستن سالن تائين
مديانين جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو. 2 مديانين جي ظالمانہ سلوڪ جي
ڪري بني اسرائيل وڃي جبلن جي چرن، غارن ۽ ٻين مضبوط هنڌن
تي پنهنجي لاءِ اجها جوڙيا. 3 جڏهن بہ بني اسرائيل ڪجهہ پوکيندا
هئا تہ مدياني، عماليقي ۽ اڀرندي وارا ماڻهو اچي مٿن حملو ڪندا
هئا. 4 هو انهن جي سامهون خيما کوڙيندا هئا ۽ غزا تائين سندن
فصل تباهہ ڪري ڇڏيندا هئا. هو سندن سمورا جاندار يعني رڍون
ٻڪريون، ڍور ڍڳا ۽ گڏهہ ڪاهي هليا ويندا هئا ۽ بني اسرائيل جي
گذران لاءِ ڪابہ شيءِ نہ ڇڏيندا هئا. 5 هو پنهنجي چوپائي مال
۽ تنبن سميت مڪڙن جي ڪٽڪ وانگر ايندا هئا ۽ ملڪ کي اجاڙي
ڇڏيندا هئا. هو پاڻ توڙي سندن اٺ ڳڻڻ کان ٻاهر هوندا هئا. 6 سو
مديانين بني اسرائيل کي اهڙو تہ بدحال بڻائي ڇڏيو جو هو خداوند
کي مدد لاءِ پڪارڻ لڳا.
7 جڏهن بني اسرائيل مديانين جي ظلم ڪري خداوند کي پڪاريو،
8 تڏهن هن بني اسرائيل وٽ هڪڙو نبي موڪليو. انهيءَ نبيءَ کين
چيو تہ "خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ’مون اوهان کي
غلاميءَ واري ملڪ مصر مان ٻاهر ڪڍي آندو. 9 مون اوهان کي
مصرين جي هٿن مان ۽ انهن سڀني ماڻهن کان ڇڏايو جيڪي اوهان
کي ستائيندا هئا. مون انهن کي اوهان جي اڳيان سندن ملڪ مان
هڪالي ڪڍيو ۽ اهو ملڪ اوهان کي ڏنم. 10 مون اوهان کي چيو تہ
آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان، سو اوهين امورين جي ملڪ ۾ جتي
اوهين رهو ٿا، تن جي معبودن جي پوڄا نہ ڪريو. پر اوهان مون
ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو.‘"
11 هڪڙي ڏينهن خداوند جو ملائڪ عفره ڳوٺ ۾ آيو ۽ يوآس
ابيعزريءَ واري شاهبلوط وڻ هيٺ ويهي رهيو. اتي يوآس جو پٽ
گدعون انهيءَ وقت انگورن جي چيچڙي ۾ مديانين کان لڪي ڪڻڪ
پئي ڳاهي. 12 تڏهن خداوند جي ملائڪ اتي کيس ڏيکاري ڏني ۽
چيائينس تہ "خداوند تو ساڻ آهي، اي طاقت وارا بهادر مرد."
13 گدعون انهيءَ کي چيو تہ "اي منهنجا سائين! جيڪڏهن خداوند
اسان سان آهي تہ پوءِ هي سڀ ڪجهہ اسان سان ڇو ٿيو آهي؟ هن جا
اهي سڀ معجزا ڪٿي آهن جن بابت اسان جي ابن ڏاڏن اسان کي ٻڌايو
هو تہ خداوند ڪيئن کين مصر مان ڪڍي آندو؟ پر هاڻي تہ خداوند اسان
کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ اسان کي مديانين جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو اٿس."
14 تڏهن خداوند پنهنجي ملائڪ جي وسيلي گدعون کي حڪم ڏنو
تہ "پنهنجي طاقت سان وڃي بني اسرائيل کي مديانين جي هٿن مان
ڇڏاءِ. آءٌ پاڻ تو کي موڪليان ٿو."
15 گدعون وراڻيو تہ "اي سائين! آءٌ بني اسرائيل کي ڪيئن ڇڏايان؟
منسي قبيلي ۾ منهنجو خاندان بلڪل خسيس آهي ۽ آءٌ پنهنجي
ڪٽنب ۾ ڪمتر پاتي آهيان." 16 تڏهن خداوند جواب ڏنس تہ "آءٌ تو
ساڻ هوندس ۽ تون مديانين کي ائين مارينديں جو چڻ تہ هو هڪڙو
ئي ماڻهو هجن."
17 پوءِ گدعون وراڻيس تہ "هاڻ جيڪڏهن مون تي تنهنجي
مهربانيءَ جي نظر ٿي آهي تہ مون کي نشاني ڏي تہ تون خداوند
ئي آهين جيڪو مون سان ڳالهائين ٿو. 18 مهرباني ڪري تيستائين
هتي ئي ترس جيستائين آءٌ موٽي اچان ۽ پنهنجو نذرانو آڻي تنهنجي
اڳيان نہ رکان." خداوند جي ملائڪ چيس تہ "جيستائين تون موٽي
نہ ايندين تيستائين آءٌ هتي ئي ترسندس."

19 تڏهن گدعون گهر ويو ۽ هڪڙو ڇيلو ڪُهي تيار ڪيائين ۽ ڏهه
ڪلوگرام اٽي مان بي‌خميري مانيون پچايائين. اهو گوشت هن هڪڙي
ٽوڪريءَ ۾ وڌو ۽ شوروو هڪڙي ٿانوَ ۾ وڌائين. پوءِ هن اهي اُتي
شاهه‌بلوط وڻ هيٺ خداوند جي ملائڪ جي اڳيان پيش ڪيا. 20 خدا
جي ملائڪ کيس چيو ته ”اهي بي‌خميري مانيون ۽ گوشت کڻي هن
ٽڪريءَ تي رک ۽ شوروو انهن جي مٿان پٽتي ڇڏ.“ سو گدعون ائين
ئي ڪيو. 21 تڏهن خداوند جي ملائڪ انهيءَ لٺ جي ڇهنب سان
جيڪا سندس هٿ ۾ هئي، گوشت ۽ بي‌خميري مانين کي ڇهيو. تڏهن
ٽڪر مان باهه پڙڪو ڪائي نڪتي ۽ انهيءَ گوشت ۽ بي‌خميري مانين
کي ساڙي ڇڏيائين. پوءِ خداوند جو ملائڪ غائب ٿي ويو. 22 تڏهن
گدعون سمجهي ويو ته اهو برابر خداوند جو ملائڪ هو. سو هن
دهشت وچان چيو ته ”آه! اي خداوند خدا! مون تنهنجي ملائڪ کي
روبرو ڏٺو آهي.“ 23 پر خداوند کيس چيو ته ”تون سلامت هوندين.
ڊڄ نه، تون مرڻ تي نه آهين.“ 24 تڏهن گدعون اتي خداوند جي لاءِ
هڪڙي قربان‌گاهه ٺاهي ۽ انهيءَ جو نالو *يهوواه‌سلوم رکيائين. اها
اڄ ڏينهن تائين ابيعزر واري گهراڻي جي ڳوٺ عفره ۾ موجود آهي.
25 انهيءَ ئي رات خداوند گدعون کي چيو ته ”پنهنجي پيءُ جو
اُهو ٻيو ڏاند جيڪو ستن سالن جو آهي سو ڪاهي وڃ. تنهنجي پيءُ
جي جيڪا بعل ديوتا واري قربان‌گاهه آهي سا ڊاهي ڇڏ ۽ انهيءَ جي
پاسي واري يسيره مورتيءَ واري ٿنڀي کي وڍي ڪيرائي ڇڏ. 26 پوءِ
خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ انهيءَ ڊاهيل قربان‌گاهه جي دڙي جي
چوٽيءَ تي قاعدي موجب هڪڙي قربان‌گاهه ٺاهه. تنهن بعد يسيره
مورتين واري ٿنڀي جي وڍيل ڪاٺين سان انهيءَ ڏاند جي ساڙڻ واري
قرباني پيش ڪر.“ 27 سو گدعون پنهنجي نوڪرن مان ڏهه ڄڻا وٺي
ائين ئي ڪيو جيئن خداوند فرمايو هوس. پر جيئن ته هو پنهنجي
ڪٽنب ۽ شهر جي ماڻهن کان ڏينهن ڏٺي جو ائين ڪرڻ کان ڊنو ٿي،
تنهنڪري رات جو ائين ڪيائين.
28 صبح جو سوير جڏهن شهر جا ماڻهو اٿيا تڏهن ڇا ڏٺائون ته
بعل ديوتا جي قربان‌گاهه ڊٺي پيئي آهي ۽ ان جي پاسي وارو يسيره
مورتيءَ جو ٿنڀو وڍيو ويو آهي ۽ هڪڙي نئين ٺهيل قربان‌گاهه تي
ڏاند قرباني ٿيل آهي. 29 تڏهن هو هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا ته ”هي
ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟“ جاچ ڪرڻ کان پوءِ کين معلوم ٿيو ته هي
ڪم يوآس جي پٽ گدعون ڪيو آهي. 30 پوءِ شهر جي ماڻهن يوآس
کي چيو ته ”پنهنجي پٽ کي ٻاهر ڪڍي اچ ته اسين کيس قتل
ڪريون. هن بعل ديوتا جي قربان‌گاهه ڊاهي ڇڏي آهي ۽ انهيءَ جي
پاسي وارو يسيره ديويءَ جو ٿنڀو به وڍيو اٿس.“
31 يوآس پنهنجي خلاف چوڌاري بيٺل ماڻهن کي چيو ته ”ڇا اوهين
بعل ديوتا جي طرفداري ٿا ڪريو؟ ڇا اوهين کيس بچائڻ ٿا گهرو؟
جيڪو به انهيءَ جي طرفداري ڪندو سو صبح ٿيڻ کان اڳ ئي
ماريو ويندو. جيڪڏهن بعل واقعي خدا آهي ته پوءِ هو پاڻ پنهنجي
طرفان وڙهي، ڇالاءِجو جيڪا قربان‌گاهه ڊاهي ويئي آهي سا سندس
ئي آهي.“ 32 سو انهيءَ ڏينهن گدعون جو نالو †يربعل پئجي ويو،
ڇوته يوآس چيو هو ته ”جنهن بعل جي قربان‌گاهه ڊاٺي آهي، تنهن
سان بعل پاڻ پڇي.“
33 تڏهن سڀ مدياني، عماليقي ۽ اڀرندي جا ماڻهو اچي پاڻ ۾
گڏ ٿيا ۽ اردن درياءُ پار ڪري يزرعيل جي ماٿريءَ ۾ وڃي خيما
کوڙيائون. 34 خداوند جو روح گدعون تي نازل ٿيو ۽ هن نفيل وڄائي
ابيعزر وارن ماڻهن کي پنهنجي پٺيان وٺي هلڻ لاءِ سڏيو. 35 هن
منسي قبيلي جي ٻنهي حصن ڏانهن ۽ آشر، زبولون ۽ نفتالي قبيلن
ڏانهن پڻ قاصد موڪليا ۽ اهي به نڪري اچي ساڻس گڏيا.
36 تڏهن گدعون خدا کي چيو ته ”جيڪڏهن تون پنهنجي قول مطابق
بني اسرائيل کي منهنجي هٿان ڇڏائڻ ٿو گهرين، 37 ته پوءِ عرض آهي
ته آءٌ ڳاهه جي پِڙ تي رڍن واري اُنَ وجهان ٿو. صبح جو جيڪڏهن ماڪ
رڳو انهيءَ اُنَ تي هوندي ۽ باقي آس‌پاس واري ساري زمين سڪل
هوندي ته پوءِ مون کي پڪ ٿيندي ته تون پنهنجي قول مطابق بني
اسرائيل کي منهنجي هٿان ڇڏائيندين.“ 38 بلڪل ائين ئي ٿيو. گدعون
جڏهن صبح جو سوير اٿيو ۽ اُنَ کي نچوڙي ماڪ ڪڍيائين ته پيالو
پاڻيءَ سان ڀرجي ويو. 39 تڏهن گدعون خدا کي چيو ته ”جيڪڏهن تون
مون تي ناراض نه ٿئين، ته آءٌ هڪڙو دفعو وري عرض ڪرڻ چاهيان
ٿو. مهرباني ڪري هڪڙو دفعو وري به مون کي هن اُنَ سان آزمائش
وٺڻ ڏي. هن دفعي اُنَ سڪل رهي ۽ باقي آس‌پاس واري ساري زمين
تي ماڪ پوي.“ 40 سو خدا انهيءَ رات ائين ئي ڪيو. صبح جو رڳو
اُنَ سڪل هئي، باقي آس‌پاس واري ساري زمين ماڪ سان آلي هئي.

## گدعون جو مديانين کي شڪست ڏيڻ

7 1 هڪڙي ڏينهن گدعون ۽ ٻيا ماڻهو جيڪي ساڻس گڏ هئا سي
سڀ صبح جو سوير اٿيا ۽ حرود چشمي جي پرسان وڃي پنهنجا
خيما کوڙيائون. مديانين جي خيمي‌گاهه هنن جي اتر طرف موره
ٽڪريءَ جي پرسان ماٿريءَ ۾ هئي.
2 تڏهن خداوند گدعون کي چيو ته ”جيڪي ماڻهو تو سان گڏ
آهن سي ايترا ته گهڻا آهن جو آءٌ مديانين کي انهن جي هٿ ۾ ڏيڻ
نه ٿو گهران. ڇوته متان بني اسرائيل منهنجي اڳيان ٻٽاڪ هڻي چون
ته ’اسان پنهنجي طاقت سان پاڻ کي ڇڏايو آهي.‘ 3 تنهنڪري تون

*يهوواه‌سلوم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”خداوند سلامتي آهي“.
†يربعل: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”بعل پاڻ پڇي“.

3:7 شر 8:20

هاڻي ئي وڃي چٽيءَ طرح اعلان ڪر تہ ’جيڪو بہ ڊڄي ۽ ڏڪي رهيو
هجي سو ڀلي گلعاد جبل تان لهي پنهنجي گهر موٽي وڃي.‘ “ سو
انهن مان ٻاويهہ هزار ڄڻا موٽي ويا ۽ باقي ڏهہ هزار اتي وڃي بچيا.
4 پوءِ خداوند گدعون کي چيو تہ ”اڃا بہ ماڻهو گهڻا آهن. سو
تون انهن کي هيٺ چشمي وٽ وٺي اچ ۽ اتي آءٌ انهن کي تنهنجي
لاءِ الڳ ڪندس. جنهن جي لاءِ آءٌ تو کي چوان تہ هي تو سان
هلي، سو هلندو ۽ جنهن جي لاءِ آءٌ تو کي چوان تہ هي تو سان نہ
هلي، سو نہ هلندو.“ 5 تڏهن گدعون ماڻهن کي هيٺ چشمي وٽ
وٺي آيو ۽ خداوند کيس چيو تہ ”جيڪو ڪتي وانگر پنهنجي زبان
سان پاڻي لَڪي پيئي تنهن کي گوڏن ڀر جهڪي ٻُڪ سان پاڻي پيئڻ
واري کان ڌار ڪر.“ 6 سو اهڙا ٽي سؤ ماڻهو هئا جن پاڻي لَڪي
پيتو، باقي ٻين سڀني گوڏن ڀر جهڪي ٻُڪ سان پاڻي پيتو. 7 تڏهن
خداوند گدعون کي چيو تہ ”جن ٽن سَون ماڻهن پاڻي لَڪي پيتو آهي،
تن جي وسيلي آءٌ اوهان کي ڇڏائيندس ۽ مديانين کي تنهنجي هٿ
۾ ڏيندس. باقي ٻيا سڀيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر هليا وڃن.“
8 سو گدعون ٻين سڀني ماڻهن کان سندن سيڌو سامان ۽ نفيلون وٺي
کين گهرن ڏانهن روانو ڪيو، پر انهن ٽي سؤ ماڻهن کي پاڻ وٽ
رهايائين. مديانين جي خيمي گاهہ سندن هيٺان ماٿريءَ ۾ هئي.
9 انهيءَ ئي رات خداوند گدعون کي چيو تہ ”اٿ ۽ هيٺ لهي
خيمي گاهہ تي حملو ڪر، آءٌ تو کي مٿس سوڀ ڏيندس. 10 پر
جيڪڏهن تون حملي ڪرڻ کان ڊڄين ٿو تہ پنهنجي نوڪر فُوراہ
کي ساڻ ڪري هيٺ خيمي گاهہ ڏانهن وڃ. 11 جيڪي هو چون ٿا
سو تون ٻُڌ. تنهن کان پوءِ حملي ڪرڻ لاءِ تو کي همٿ ٿيندي.“
گدعون پنهنجي نوڪر فوراہ سان گڏجي دشمن فوج جي خيمي گاهہ
جي آخري حصي ڏانهن ويو. 12 مدياني، عماليقي ۽ سڀ اڀرندي وارا
ماڻهو ماٿريءَ ۾ مڪڙن وانگر ميڙ ڪيو لٿا پيا هئا. سندن اٺ سمنڊ
جي ڪناري تي واريءَ جي ذرڙن وانگر بي شمار هئا.
13 جڏهن گدعون اتي پهتو تڏهن هن هڪڙي ماڻهوءَ کي پنهنجي
سنگتيءَ کي خواب ٻڌائيندي ٻڌو. هن چيو پئي تہ ”مون خواب ۾
ڏٺو تہ جَون جي اٽي مان پڪل هڪڙو ڊوڊو اوچتو اچي اسان مديانين
جي خيمي گاهہ تي ڪريو ۽ هڪڙي تنبوءَ کي اهڙي تہ زور سان اچي
لڳو جو اهو تنبو ڪلٽي ڪائي ڪري پيو.“
14 هن جي سنگتيءَ وراڻيو تہ ”پڪ سان اها بني اسرائيل جي انهيءَ
شخص گدعون ولد يوآس جي تلوار آهي، انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪا
شيءِ ناهي. خدا مديانين ۽ سڄي خيمي گاهہ کي انهيءَ جي هٿن ۾
ڏيئي ڇڏيو آهي.“
15 گدعون جڏهن اهو خواب ۽ انهيءَ جو تعبير ٻڌو تڏهن سجدي
۾ ڪري پيو. پوءِ هو موٽي بني اسرائيل جي خيمي گاهہ ۾ آيو ۽ چوڻ
لڳو تہ ”اُٿو، خداوند مديانين جو خيمي گاهہ اوهان جي هٿن ۾ ڏيئي
ڇڏيو آهي.“ 16 هن پنهنجا ٽي سؤ ماڻهو ٽن ٽولين ۾ ورهايا. هن انهن
سڀني جي هٿن ۾ نفيلون ۽ خالي دلا ڏنا. هر هڪ دلي ۾ هڪ مشعل
هئي. 17 هن کين چيو تہ ”جڏهن آءٌ دشمن جي خيمي گاهہ جي ٻاهرين
پاسي وٽ پهچان، تڏهن مون ڏانهن نهارجو ۽ جيئن آءٌ ڪريان تيئن
اوهين بہ ڪجو. 18 جڏهن آءٌ ۽ منهنجي ٽوليءَ وارا نفيلون وڄائين،
تڏهن اوهين بہ خيمي گاهہ جي چوڌاري هر طرف کان نفيلون وڄائجو
۽ هي نعرو هڻجو تہ ’خداوند جي لاءِ! گدعون جي لاءِ!‘ “
19 سو گدعون ۽ سندس ٽوليءَ جا هڪ سؤ ماڻهو اڌ رات جو
دشمن جي خيمي گاهہ ۾ تازن پهريدارن جي بيهڻ کان ٿورو ئي پوءِ
خيمي گاهہ جي ٻاهرئين پاڳي وٽ آيا. تڏهن انهن پنهنجون نفيلون
وڄايون ۽ جيڪي دلا سندن هٿن ۾ هئا سي ڀڃي ڇڏيائون. 20 اهڙيءَ
طرح ٽنهي ٽولين نفيلون وڄايون ۽ دلا ڀڳا. انهن پنهنجي کاٻي هٿ ۾
مشعلون ۽ ساڄي هٿ ۾ وڄائڻ لاءِ نفيلون جهليندي نعرو هڻي چيو تہ
”تلوار خداوند جي! تلوار گدعون جي!“ 21 هر ڪو ماڻهو خيمي گاهہ
جي چوڌاري پنهنجي پنهنجي جاءِ وٺي بيهي رهيو ۽ مديانين جو
سڄو لشڪر رڙيون ڪندو ڀڄي ويو. 22 جڏهن گدعون جي ٽي سؤ
ماڻهن نفيلون وڄايون تڏهن خداوند مدياني لشڪر کان پاڻ ۾ هڪ
ٻئي تي تلوار هلرائي. هو اتان صريرات جي پاسي بيت سطہ تائين ۽
طبات جي سامهون ابيل محولہ جي سرحد تائين ڀڄي ويا.
23 تڏهن بني اسرائيل جا ٻيا ماڻهو جيڪي نفتالي ۽ آشر قبيلن ۽
منسي قبيلي جي ٻنهي حصن مان هئا، تن کي گڏ ڪيو ويو ۽ پوءِ
هو مديانين جي ڀنيان ڪاهي پيا. 24 گدعون افرائيم جي سڄي جابلو
علائقي ۾ قاصدن وسيلي چوائي موڪليو تہ ”مديانين سان وڙهڻ لاءِ
نڪري اچو ۽ بيت بره تائين اردن درياءَ جا سمورا گهٽ هٿ ڪريو تہ
جيئن مدياني ٽپي نہ وڃن.“ سو افرائيم جا سڀيئي ماڻهو اچي گڏ ٿيا
۽ بيت بره تائين اردن درياءَ جا گهٽ قبضي ڪيائون. 25 هنن مديانين
جي ڀيڄي ڪرڻ دوران ٻن مدياني سردارن عوريب ۽ زئيب کي گرفتار
ڪيو. هنن عوريب کي عوريب ٽڪريءَ تي ۽ زئيب کي، زئيب جي
انگورن واري چيچڙي وٽ قتل ڪري ڇڏيو. هنن عوريب ۽ زئيب جون
سسيون اردن درياءَ پار ڪري اڀرندي پاسي گدعون وٽ آنديون.

## مديانين جي آخري شڪست

8 1 تنهن بعد افرائيم جي ماڻهن گدعون کي چيو تہ ”تو اسان
سان ائين ڇو ڪيو جو جڏهن تون مديانين سان وڙهڻ لاءِ وئين
تڏهن اسان کي سڏ بہ نہ ڪيئہ؟“ هو انهيءَ ڳالهہ بابت ساڻس تکو
ڳالهائڻ لڳا. 2 تڏهن هن کين چيو تہ ”اوهان ايڏا تہ وڏا ڪم ڪيا
آهن جو انهن جي ڀيٽ ۾ مون ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. اوهان جي
قبيلي افرائيم جا عمل اهڙا تہ اعليٰ آهن جو چڻ اوهان جي انگورن
جي هڪڙيءَ ول جا داڻا منهنجي گهراڻي ابيعزر جي انگورن جي

سڄي فصل کان بهتر آهن. 3 خدا مديانين جا اڳواڻ عوريب ۽ زئيب
اوهان جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيا آهن. اوهان جي ڀيٽ ۾ مون ڇا ڪيو
آهي.“ تڏهن هن جي ايتري چوڻ تي هنن جي جيڪا ڪاوڙ مٿس هئي
سا جهڪي ٿي.
4 پوءِ گدعون ۽ ساڻس گڏ جيڪي ٽي سؤ ماڻهو هئا سي ٿڪل
هجڻ جي باوجود دشمن جو پيڇو ڪندي اردن درياءَ تي آيا ۽ اتان
ايرندي پار لنگهيا. 5 جڏهن هو سڪات ۾ پهتا، تہ گدعون اتان جي
ماڻهن کي چيو تہ ”مهرباني ڪري منهنجي لشڪر جي ماڻهن کي
ڪاڌو ڏيو، هو ڏاڍا ٿڪل آهن ۽ آءٌ مديانين جي بادشاهن زبح ۽ ضلمنع
جو پيڇو ٿو ڪريان.“
6 پر سڪات جي اڳواڻن چيس تہ ”ڇا زبح ۽ ضلمنع تنهنجي
قبضي ۾ اچي چڪا آهن جو اسين تنهنجي لشڪر کي ماني ڏيون؟“
7 تڏهن گدعون وراڻيو تہ ”چڱو ڀلا، جڏهن خداوند زبح ۽ ضلمنع
کي منهنجي حوالي ڪندو، تڏهن آءٌ بيابان جي ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن
سان اوهان جو ماس چچريندس.“ 8 پوءِ گدعون اتان مٿي فنوايل
ڏانهن چڙهي ويو ۽ اتي جي ماڻهن کي ساڳيو ئي عرض ڪيائين، پر
انهن بہ سڪات جي ماڻهن وارو ئي جواب ڏنس. 9 سو هن فنوايل
جي ماڻهن کي بہ چيو تہ ”جڏهن آءٌ سوڀارو ٿي موٽي ايندس تڏهن
آءٌ اوهان جو هي ٿُلهہ ڪيرائي ڇڏيندس.“
10 هوڏانهن زبح ۽ ضلمنع پنهنجي لشڪرن سميت قرقور ۾ هئا.
ايرندي جي ماڻهن جي لشڪرن مان رڳو اهي اٽڪل پندرهن هزار
ماڻهو وڃي بچيا هئا، جڏهن تہ هڪ لک ويهہ هزار تلوارباز قتل ٿي
ويا هئا. 11 سو گدعون نبح ۽ يگبهاہ شهر جي ايرندي ۾ خانہبدوشن
وارو رستو وٺي وڃي اوچتو لشڪر تي حملو ڪري ڏنو، ڇالاءِجو
اهي بيفڪر ويٺا هئا. 12 تڏهن مديان جا ٻئي بادشاهہ زبح ۽ ضلمنع
وٺي ڀڳا، پر هن پٺيان پئي کين پڪڙي ورتو ۽ سندن سڄي لشڪر ۾
ٽاڪوڙو وجهي ڇڏيائين.
13 پوءِ جڏهن گدعون حرس لڪ وٽان جنگ تان موٽيو ٿي آيو،
14 تڏهن سڪات جي ماڻهن مان هڪڙي نوجوان کي پڪڙي ڪانئس
پڇا ڳاڇا ڪيائين. انهيءَ نوجوان گدعون کي سڪات جي سترهن
اڳواڻن ۽ سردارن جا نالا لکي ڏنا. 15 پوءِ گدعون سڪات جي ماڻهن
وٽ آيو ۽ کين چيائين تہ ”ڏسو، هي آهن اهي زبح ۽ ضلمنع، جن
جي باري ۾ توهان مون تي ٺٺولي ڪري چيو هو تہ ’ڇا زبح ۽ ضلمنع
تنهنجي قبضي ۾ اچي ويا آهن جو اسين تنهنجي ٿڪل لشڪر کي
ڪاڌو ڏيون؟‘“ 16 تڏهن هن سڪات جي انهن اڳواڻن کي گرفتار ڪيو
۽ بيابان جا ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا ڪٽي انهن سان کين مار ڏنائين. 17 هن
فنوايل جو ٿُلهہ بہ ڊاهي ڇڏيو ۽ ان شهر جي ماڻهن کي ماري
ڇڏيائين.
18 پوءِ هن زبح ۽ ضلمنع کان پڇيو تہ ”جن ماڻهن کي اوهان تبور
۾ قتل ڪيو هو سي ڪيئن هئا؟“ هنن وراڻيو تہ ”اهي تو جهڙا هئا.
انهن مان هر ڪو بادشاهزادو پئي لڳو.“ 19 تڏهن گدعون کين چيو
تہ ”اهي منهنجا ڀائر هئا، منهنجي ماءُ جا پٽ. جيئري خداوند جو
قسم آهي تہ جيڪڏهن اوهان انهن کي جيئرو ڇڏي ڏيو ها تہ آءٌ بہ
اوهان کي قتل نہ ڪريان ها.“ 20 پوءِ هن پنهنجي وڏي پٽ يتر کي
چيو تہ ”اٿي هنن کي قتل ڪر.“ پر يتر ڊپ وچان پنهنجي تلوار نہ
ڪڍي، ڇالاءِجو هو اڃا ننڍي عمر جو هو.
21 تڏهن زبح ۽ ضلمنع گدعون کي چيو تہ ”تون پاڻ اسان تي وار
ڪر، ڇوتہ مرد ئي مرداڻو ڪم ڪندا آهن.“ تڏهن گدعون اٿيو ۽ زبح
۽ ضلمنع کي قتل ڪري ڇڏيائين ۽ سندن اٺن جي ڳچين ۾ جيڪي
نئين چنڊ جي شڪل جا پنڙا پيل هئا سي لاهي هٿ ڪيائين.

## گدعون جو مجسمو ٺاهڻ

22 تنهن بعد بني اسرائيل جي ماڻهن گدعون کي چيو تہ ”تون اسان
تي حڪومت ڪر ۽ تو کان پوءِ تنهنجا پٽ ۽ پوٽا اسان تي حڪومت
ڪن. ڇالاءِجو تو اسان کي مديانين جي هٿان ڇڏايو آهي.“
23 پر گدعون کين چيو تہ ”نڪي آءٌ اوهان تي حڪومت ڪندس ۽
نہ وري منهنجو پٽ، بلڪ خداوند ئي اوهان تي حڪومت ڪندو.“
24 گدعون کين وڌيڪ چيو تہ ”البت، آءٌ اوهان کي هڪڙو عرض ٿو
ڪريان تہ اوهان مان هر ڪو ڇٽو لٽ جي مال مان پنهنجي پنهنجي
مليل حصي منجهان مون کي هڪ هڪ والي ڏئي.“ مديانين ۾
اسماعيل جو گهراڻو ئي هو جنهن ۾ سونيون واليون پائڻ جو رواج
هو ۽ اهي ڪانئن لٽيون ويون هيون.
25 هنن جواب ڏنو تہ ”اسين اهي خوشيءَ سان ڏينداسين.“ پوءِ
هنن هڪڙي چادر وڇائي ۽ هر ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي لٽ جي مال مان
هڪ هڪ والي انهيءَ ۾ اڇلائي وڌي. 26 اهي سونيون واليون جيڪي
هن گهريون هيون تن جو وزن اٽڪل ويهہ ڪلوگرام ٿيو، سواءِ انهن
نئين چنڊ جي شڪل وارن پنڙن، ٻين زيورن ۽ واڱڻائي پوشاڪن جي،
جيڪي مديانين جي بادشاهن کي پهريل هيون ۽ انهن زنجيرن جي
جيڪي انهن جي اٺن جي ڳچيءَ ۾ پيل هيون. 27 گدعون انهيءَ مان
هڪڙو مجسمو ٺهرايو جيڪو پنهنجي شهر عفره ۾ کوڙي ڇڏيائين.
تڏهن بني اسرائيل جا سڀيئي ماڻهو خدا سان بيوفائي ڪندي انهيءَ
جي پوڄا ڪرڻ لڳا. سو اهو مجسمو گدعون ۽ سندس گهراڻي لاءِ
هڪڙو ڦندو بڻجي پيو.
28 اهڙيءَ طرح مديانين بني اسرائيل جي هٿان شڪست کاڌي ۽
وري پنهنجا منهن مٿي نہ کيائون. انهيءَ ملڪ ۾ گدعون جي
حياتيءَ ۾ چاليهہ سال امن وَ سڪون رهيو.

## گدعون جي وفات

(29) گدعون موٽي وڃي پنهنجي گهر ۾ رهڻ لڳو. (30) هن کي ستر
سڳا پٽ هئا، ڇالاءِجو کيس گهڻيون ئي زالون هيون. (31) سندس
هڪڙي سريت جيڪا سڪم شهر ۾ رهندي هئي تنهن مان بہ کيس
هڪڙو پٽ ڄائو جنهن جو نالو ابيملڪ رکيائين. (32) گدعون چڱي وڏي
عمر ۾ وفات ڪئي ۽ کيس بني ابيعزر واري عفره شهر ۾ سندس
پيءُ يوآس جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.
(33) گدعون جي مرڻ شرط بني اسرائيل وري خدا کان ڦري وڃي
بعل ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. هنن بعل‌بريت ديوتا کي پنهنجو
معبود بڻايو. (34) بني اسرائيل قوم خداوند پنهنجي خدا کي وساري
ڇڏيو جنهن کين هر طرف وارن سيني دشمنن جي هٿان کين ڇڏايو
هو. (35) گدعون جيڪي بني اسرائيل سان ڀلايون ڪيون هيون تن لاءِ
هو نڪي وري سندس گهراڻي جا شڪرگذار ئي رهيا.

## ابيملڪ جو ظلم

9 (1) تڏهن ابيملڪ ولد گدعون پنهنجي مامن وٽ سڪم شهر ۾
ويو ۽ انهن کي ۽ پنهنجي ناناڻن جي سڄي گهراڻي کي چيائين
تہ (2) ”سڪم جي سيني رهاڪن کان پڇي ڏسو تہ ڇا اوهان جي لاءِ
اها ڳالهہ بهتر آهي تہ گدعون جا سڀيئي يعني ستر ئي پٽ اوهان تي
حڪومت ڪن يا اها ڳالهہ تہ هڪڙو ئي ماڻهو اوهان تي حڪومت
ڪري؟ اهو پڻ ياد رکو تہ آءٌ اوهان جو هڏ رت آهيان.“ (3) جڏهن
هن جي مامن اهي سڀ ڳالهيون سڪم جي سيني رهاڪن کي چئي
ٻڌايون، تڏهن هنن جي دل ابيملڪ جي پٺيان لڳڻ تي مائل ٿي،
ڇالاءِجو هنن چيو تہ ”هو اسان جو ڀاءُ آهي.“ (4) هنن بعل‌بريت ديوتا
جي مندر مان *ستر چانديءَ جا سڪا ڪڍي آڻي ابيملڪ کي ڏنا،
جن سان هن ڪي لچالفنگا ماڻهو ڀاڙي ڪيا جيڪي سندس پوئلڳ
ٿيا. (5) پوءِ هو عفره ۾ پنهنجي پيءُ جي گهر ويو ۽ پنهنجي ماٽيلن
ڀائرن يعني گدعون جي ستر ئي پٽن کي هڪڙي ئي پٿر تي ڪُٺائين.
پر گدعون جو سڀ کان ننڍو پٽ يوتام بچي ويو، ڇالاءِجو هن وڃي
پاڻ کي لڪايو هو. (6) تڏهن سڪم ۽ بيت‌ملو جا سڀ رهاڪو سڪم
۾ شاهہ‌بلوط وڻ جي پر واري مذهبي ٿنڀي وٽ گڏ ٿيا ۽ اتي ابيملڪ
کي پنهنجو بادشاهہ بڻايائون.
(7) جڏهن يوتام کي اها خبر پيئي تڏهن هو گرزيم جبل جي چوٽيءَ
تي چڙهي بيٺو ۽ وڏي آواز سان سڏ ڪري هنن کي چوڻ لڳو تہ ”اي
سڪم جا رهاڪؤ! منهنجي ڳالهہ ٻڌو تہ خدا بہ اوهان جي ٻڌي.
(8) ڪنهن زماني ۾ وڻ اٿي هليا تہ ڪنهن کي مسح ڪري پنهنجي
مٿان بادشاهہ بڻائين. سو انهن زيتون جي وڻ کي اچي چيو تہ ’تون
اسان تي بادشاهي ڪر.‘ (9) پر زيتون جي وڻ کين چيو تہ ’وڻن مٿان
لهرائڻ خاطر ڇا آءٌ پنهنجو سٽپ ڇڏي ڏيان، جنهن سان معبودن ۽
انسانن کي تعظيم ڏني ويندي آهي؟‘ (10) تڏهن وڻن انجير جي وڻ کي
چيو تہ ’تون اچي اسان تي بادشاهي ڪر.‘ (11) پر انجير جي وڻ کين
چيو تہ ’وڻن مٿان لهرائڻ خاطر ڇا آءٌ پنهنجو مٺاڻ ۽ پنهنجو سٺو
ميوو ڇڏي ڏيان؟‘ (12) تڏهن وڻن انگورن جي وَل کي چيو تہ ’تون
اچي اسان تي بادشاهي ڪر.‘ (13) پر انگورن جي ول کين چيو تہ ’وڻن
مٿان لهرائڻ خاطر ڇا آءٌ پنهنجو رس ڇڏي ڏيان، جيڪو معبودن ۽
انسانن کي خوش ٿو ڪري؟‘ (14) تڏهن سيني وڻن ڪنڊيءَ جي ٻوٽي
کي چيو تہ ’تون ئي اچي اسان تي بادشاهي ڪر.‘ (15) ڪنڊيءَ جي
ٻوٽي کين چيو تہ ’جيڪڏهن سچپچ اوهين مون کي مسح ڪري پاڻ
تي بادشاهہ ٿا ڪريو، تہ پوءِ اچو ۽ منهنجيءَ ڇانوَ ۾ پناهہ وٺو. پر
جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ ڀلي مون ڪنڊيءَ مان باهہ نڪري ۽ لبنان جي
ديال جي وڻن کي ساڙي چٽ ڪري ڇڏي.‘“
(16) يوتام وڌيڪ چيو تہ ”هاڻي جڏهن تہ اوهان ابيملڪ کي بادشاهہ
ڪيو آهي تہ ڇا اوهان اها سچائي ۽ خلوص جي هلت ڪئي آهي؟ ڇا
گدعون ۽ ان جي گهراڻي سان سٺو سلوڪ ڪيو اٿوَ؟ ڇا انهيءَ جي
ڪيل احسانن موجب هليا آهيو؟ (17) ياد رکو تہ منهنجو پيءُ اوهان
جي خاطر وڙهيو، پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي اوهان کي مديانين
جي هٿن مان ڇڏايائين. (18) پر اوهان اڄ منهنجي پيءُ جي گهراڻي جي
خلاف بغاوت ڪري، سندس ستر پٽن کي ساڳئي ئي پٿر تي ڪُنو
آهي ۽ منهنجي پيءُ جي ويهاريل ٻانهيءَ جي پٽ ابيملڪ کي سڪم
جو بادشاهہ ڪيو اٿوَ، رڳو انهيءَ ڪري جو هو اوهان جو مائٽ آهي.
(19) سو جيڪڏهن اوهان اڄ گدعون ۽ سندس گهراڻي سان سچائي ۽
خلوص جي هلت ڪئي آهي تہ ڀلي اوهين ابيملڪ مان خوش رهو ۽
هو بہ اوهان مان خوش رهي. (20) پر جي نہ، تہ پوءِ ڀلي ابيملڪ مان
باهہ نڪري سڪم جي ماڻهن ۽ بيت‌ملو جي گهراڻي کي ساڙي ناس
ڪري ڇڏي ۽ ڀلي تہ سڪم جي ماڻهن ۽ بيت‌ملو جي گهراڻي مان
باهہ نڪري ابيملڪ کي ساڙي ناس ڪري ڇڏي.“ (21) پوءِ يوتام اتي
بير ڏانهن وڃي ڀڄڻو ۽ پنهنجي ڀاءُ ابيملڪ جي خوف کان اتي ئي رهڻ
لڳو.

## سڪم جي رهاڪن جي سازش

(22) ابيملڪ بني اسرائيل مٿان ٽي سال بادشاهي ڪئي. (23) تڏهن خدا
ابيملڪ ۽ سڪم جي اڳواڻن جي دلين ۾ نفاق وڌو ۽ هنن ابيملڪ
سان دغا ڪئي. (24) خدا ائين انهيءَ لاءِ ڪيو تہ جيئن گدعون جي
ستر پٽن جي خون جو بدلو سندن ڀاءُ ابيملڪ کان ورتو وڃي، جنهن
هنن کي مارايو هو ۽ سڪم جي ماڻهن کان بہ بدلو ورتو وڃي جن
سندس ڀائرن جي مارڻ ۾ ابيملڪ جي مدد ڪئي هئي. (25) سو سڪم
جي اڳواڻن ابيملڪ جي خلاف جبلن جي چوٽين تي ماڻهو لڪائي

*ستر چانديءَ جا سڪا: اٽڪل اٺ سؤ گرام.

ويهاري ڇڏيا. اهي انهيءَ رستي سان لنگهندڙ سڀني ماڻهن کي ڦيا
لٽيندا ڦريندا هئا. اها ڳالهہ ابيملڪ کي ٻڌائي ويئي.
26 تڏهن گعل ولد عبد پنهنجي گهراڻي وارن سميت سڪم شهر
۾ آيو ۽ اتان جي ماڻهن مٿس اعتماد ڪيو. 27 هنن ٻنين ۾ وڃي
انگور پٽي گڏ ڪيا ۽ انهن مان رس ڪڍي مئي ٺاهي پيتائون ۽ جشن
ملهايائون. هو پنهنجي معبود جي مندر ۾ ويا اتي کاڌائون پيتائون ۽
ابيملڪ تي لعنتون وسايائون. 28 پوءِ گعل چيو تہ ”ابيملڪ جو سڪم
سان ڪهڙو واسطو؟ ڇو اسين انهيءَ جي اطاعت ڪريون؟ ڇا هو
گدعون جو پٽ ناهي! ڇا زبول هن جو عملدار ناهي! اوهين سڪم
جي وڏي حمور جي اولاد جي ئي اطاعت ڪريو. اسين ڇو ابيملڪ
جي اطاعت ڪريون؟ 29 جيڪر اهي ماڻهو منهنجي هٿ هيٺ هجن
ها! تہ پوءِ آءٌ ابيملڪ کي معزول ڪري ڇڏيان ها! آءٌ ابيملڪ کي
چوان ها تہ ’پنهنجو لشڪر وٺي ميدان ۾ نڪري اچ.‘ “
30 جڏهن شهر جي گورنر زبول، گعل جون هي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن
تپي باهہ ٿي ويو. 31 هن ابيملڪ ڏانهن ارومہ ۾ قاصدن سان چوائي
موڪليو تہ ”گعل ولد عبد ۽ سندس گهراڻو سڪم ۾ آيو آهي ۽ هو
شهر کي توهان جي خلاف اڀارين ٿا. 32 تنهنڪري هاڻي توهين ۽ ٻيا
ماڻهو جيڪي توهان سان گڏ آهن سي رات جو وڃي ٻنيءَ ۾ لڪي
ويهي رهو. 33 صبح جو سج اڀرڻ شرط اٿي شهر تي حملو ڪريو.
جڏهن گعل پنهنجن ماڻهن سميت توهان سان وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪري
اچي تڏهن توهان کان جيڪي پڄي سگهي سو ساڻن ڪريو.“
34 سو ابيملڪ ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس هئا سي سڀ رات جو اٿيا ۽
چار ٽوليون ٺاهي سڪم جي ويجهو تاڙ ۾ ويهي رهيا. 35 جڏهن گعل
ٻاهر نڪري سڪم شهر جي دروازي وٽ اچي بيٺو، تڏهن ابيملڪ ۽
ٻيا جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا سي پنهنجي لِڪڻ وارين جاين تان
اٿيا. 36 گعل هنن ماڻهن کي ڏٺو تڏهن زبول کي چيائين تہ ”ڏس،
هو لشڪر جبلن جي چوٽين تان هيٺ لهي رهيو آهي.“ زبول کيس
وراڻيو تہ ”اهو جبلن جو پاڇو آهي جيڪو تو کي ماڻهن وانگر نظر ٿو
اچي.“ 37 پر گعل وري چيس تہ ”ڏس، ميدان جي بلڪل وچان ماڻهو
لهندا ٿا اچن ۽ هڪڙو ٽولو تہ فال ڪڍندڙن جي شاهہ بلوط وڻ واري
رستي کان ٿو اچي.“ 38 تڏهن زبول کيس چيو تہ ”هاڻي تنهنجي
بڪواس ڪٿي آهي؟ تو ئي تہ چيو ٿي تہ ’ابيملڪ ڪير آهي جو اسين
انهيءَ جي اطاعت ڪريون؟‘ ڇا هي اهي ئي ماڻهو نہ آهن جن تي
تو ٺٺوليون ٿي ڪيون؟ هاڻي ٻاهر نڪري انهن سان وڙهي تہ ڏيکار!“
39 تنهن تي گعل سڪم شهر جي ماڻهن جي اڳيان ٿي نڪتو ۽ وڃي
ابيملڪ سان وڙهيو. 40 ابيملڪ هن جو پيڇو ڪيو ۽ هو ابيملڪ جي
اڳيان وٺي ڀڳو. گهڻا ئي ماڻهو انهيءَ ڀاڄ ۾ شهر جي دروازي واري
لنگهہ تائين زخمي ٿي ڪري پيا. 41 تنهن بعد ابيملڪ واپس موٽي
اچي ارومہ ۾ ترسي پيو. گعل ۽ سندس گهراڻي وارن کي زبول سڪم
شهر مان تڙي ڪڍي ڇڏيو، تہ جيئن هو اڳتي لاءِ اتي نہ رهن.
42 ابيملڪ کي خبر پيئي تہ ٻئي ڏينهن تي صبح جو ماڻهو سڪم
شهر مان نڪري ٻنيءَ ڏانهن ويندا. 43 سو ابيملڪ پنهنجو لشڪر
وٺي انهيءَ کي ٽن ٽولن ۾ ورهايو ۽ ٻنيءَ ۾ لڪي ويهي رهيو.
جڏهن هن ڏٺو تہ ماڻهو شهر مان نڪري پيا اچن تڏهن هو کين مارڻ
لاءِ اتي سامهون ٿيو. 44 ابيملڪ هڪ ٽولي سان گڏ ڊوڙي شهر جي
دروازي جي لنگهہ تي گهٽ وٺي بيٺو ۽ جيڪي ماڻهو ٻنيءَ ۾ هئا
تن سڀني تي ابيملڪ جي ٻين ٻن ٽولن ڪاهہ ڪري کين ماري وڌو.
45 ابيملڪ اهو سڄو ڏينهن شهر وارن سان وڙهندو رهيو، آخرڪار
شهر تي قبضو ڪري منجهس جيڪي ماڻهو هئا تن کي قتل ڪيائين.
پوءِ هن شهر کي ڊاهي ميدان ڪرائي مٿس لوڻ ڇٽرائي ڇڏيو.
46 جڏهن سڪم جي ٺُلهہ وارن سڀني مُکيہ ماڻهن اهو ٻڌو، تڏهن
بعل‌بريت ديوتا جي مندر واري قلعي ۾ گهڙي پناهہ ورتائون. 47 جيئن
ئي ابيملڪ کي خبر پيئي تہ سڪم جي ٺُلهہ وارا سڀ مُکيہ ماڻهو
اتي هڪ هنڌ وڃي گڏ ٿيا آهن، 48 تيئن ئي هو پنهنجي لشڪر سميت
ضلمون جي جبل تي چڙهي ويو. تڏهن ابيملڪ پنهنجي هٿ ۾ ڪهاڙو
کڻي وڻ مان هڪڙي ٽاري وڍي ۽ اها مٿي کڻي پنهنجي ڪلهي تي
رکيائين. پوءِ پنهنجي لشڪر کي چيائين تہ ”جيئن اوهان مون کي
ڪندي ڏٺو آهي سو اوهين بہ جلدي ائين ئي ڪريو.“ 49 تڏهن هر
هڪ ڄڻي اهڙيءَ طرح هڪڙي هڪڙي ٽاري وڍي ۽ ابيملڪ جي پٺيان
لڳي پيا. انهن اهي قلعي جي چوڌاري رکيون ۽ پوءِ انهيءَ قلعي کي
کڻي باهہ ڏنائون. سو سڪم جي ٺُلهہ مان نڪتل سڀ مُکيہ ماڻهو
سڙي مري ويا جيڪي اٽڪل هڪ هزار مرد ۽ عورتون هئا.

## ابيملڪ جو موت

50 تنهن کان پوءِ ابيملڪ تيبض ڏانهن ويو ۽ انهيءَ شهر کي گهيرو
ڪري مٿس قبضو ڪري ورتائين. 51 انهيءَ شهر جي اندر هڪڙو
تمام مضبوط ٺُلهہ هو. شهر جا سڀ ماڻهو، مرد توڙي عورتون اتي
اوڏانهن ڀڳا، انهيءَ ۾ گهڙي اندران دروازو بند ڪري ٺُلهہ جي ڇت
تي چڙهي ويا. 52 ابيملڪ ٺُلهہ وٽ اچي ان جو گهيرو ڪري اڳتي
وڌيو. جڏهن هو ٺُلهہ جي در کي تمام ويجهو وڃي ٿيو تان‌تہ انهيءَ
کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏي، 53 تڏهن ڪنهن عورت جنڊ جو مٿيون پُڙ
کڻي ابيملڪ جي مٿي تي اڇلائي ڏنو ۽ سندس کوپڙي ڀڃي وڌائين.
54 تنهن تي هن جلدي پنهنجي هٿياربردار جوان کي سڏي چيو تہ
”پنهنجي تلوار ڪڍي مون کي مار، تہ جيئن منهنجي باري ۾ ائين
چوڻ ۾ نہ اچي تہ ’هڪڙي عورت هن کي ماري وڌو.‘ “ سو سندس
هٿياربردار تلوار منجهس ٽُنبي ڏني ۽ هو مري ويو. 55 جڏهن بني
اسرائيل جي ماڻهن ڏٺو تہ ابيملڪ مري ويو آهي، تڏهن اهي سڀ

53:9 2.سم 21:11

پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا. 56 اهڙيءَ طرح خدا ابيملڪ کي انهيءَ
برائيءَ جو بدلو ڏنو، جيڪا هن پنهنجي ستر ڀائرن کي ماري پنهنجي
پيءُ سان ڪئي هئي. 57 خدا سڪم جي ماڻهن کان پڻ سندن برائيءَ
جو بدلو ورتو. يوتام ولد گدعون جي لعنت انهن تي سچي ثابت ٿي.

## رهبر تولع

10 1 ابيملڪ کان پوءِ بني اسرائيل کي ڇڏائڻ لاءِ اِسڪار قبيلي
مان تولع اٿيو، جيڪو فوه جو پٽ ۽ دودي جو پوٽو هو. هو
افرائيم جي جابلو علائقي ۾ سمير شهر منجهه رهندو هو. 2 هو
ٽيويهه سال بني اسرائيل جو رهبر رهيو. پوءِ هن وفات ڪئي ۽ کيس
سمير شهر ۾ دفن ڪيو ويو.

## رهبر يائير

3 تولع کان پوءِ يائير گلعادي اٿيو، جيڪو ٻاويهه سال بني اسرائيل
جو رهبر رهيو. 4 يائير کي ٽيهه پٽ هئا ۽ انهن سڀني کي سواريءَ
لاءِ پنهنجو پنهنجو گڏهه هو. انهن کي گلعاد علائقي ۾ ٽيهه شهر
هئا جيڪي اڄ ڏينهن تائين يائير جا ڳوٺ سڏبا آهن. 5 جڏهن يائير
وفات ڪئي تڏهن کيس قامون شهر ۾ دفن ڪيو ويو.

## بني عمون جو ظلم

6 بني اسرائيل وري به اهڙا ڪم ڪرڻ لڳا جيڪي خداوند جي نظر
۾ برا هئا. هو بعل ۽ عستارات معبودن ۽ *ارام، صيدا، موآب، بني
عمون ۽ فلستين جي معبودن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. هنن خداوند کان
منهن موڙيو ۽ سندس عبادت ڪرڻ ڇڏي ڏنائون. 7 تڏهن خداوند جو
غضب بني اسرائيل تي ڀڙڪيو ۽ کين فلستين ۽ بني عمون جي هٿن ۾
ڏيئي ڇڏيائين. 8 اهي انهيءَ سال کان وٺي لاڳيتو ارڙهن سالن تائين
گلعاد علائقي ۾ اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي جتي اموري پڻ رهندا
هئا، بني اسرائيل تي ظلم ڪندا ۽ کين ستائيندا رهيا. 9 ان کان
علاوه بني عمون اردن درياءَ جي پار وڃي يهوداه، بنيامين ۽ افرائيم
قبيلن سان پڻ وڙهيا. انهيءَ ڪري بني اسرائيل ڏاڍا تنگ ٿيا.
10 تڏهن بني اسرائيل خداوند کي پڪاري چوڻ لڳا ته ”بيشڪ اسان
تنهنجو گناهه ڪيو آهي جو اسان تو پنهنجي خدا کي ڇڏي بعل
ديوتائن جي پوڄا پئي ڪئي آهي.“ 11 خداوند بني اسرائيل کي وراڻيو
ته ”جڏهن مصرين، امورين، بني عمون ۽ فلستين، 12 صيدانين،
عماليقين ۽ ماعونين پڻ اوهان کي ستايو ۽ اوهان مون کي مدد لاءِ
پڪاريو، تڏهن ڇا مون اوهان کي هنن جي هٿن مان ڪونه ڇڏايو؟
13 پوءِ به اوهان مون کي ڇڏي غير معبودن جي پوڄا پئي ڪئي آهي.
سو هاڻ آءٌ اوهان کي وري ڪونه ڇڏائيندس. 14 وڃي پنهنجن انهن
معبودن کي پڪاريو جن جي اوهان ڪڍ لڳا آهيو. ڀلي ته مصيبت
جي وقت هو اوهان کي ڇڏائين.“
15 تڏهن بني اسرائيل خداوند کي چيو ته ”اسان برابر گناهه ڪيو
آهي. تنهنڪري جيڪي تو کي مناسب نظر اچي سو اسان سان ڪر، پر
مهرباني ڪري اڄ اسان کي بچاءِ.“ 16 پوءِ هو پنهنجن ڌارين معبودن
کان جند ڇڏائي خداوند جي عبادت ڪرڻ ۾ لڳي ويا. بني اسرائيل
جو برو حال خداوند کان وڌيڪ ڏٺو نه ٿيو.
17 پوءِ بني عمون جنگ لاءِ تيار ٿي گلعاد ۾ اچي خيما کوڙيا.
بني اسرائيل به گڏ ٿي گلعاد جي ويجهو مصفاه ۾ اچي خيما کوڙيا.
18 تڏهن گلعاد جي ماڻهن جا اڳواڻ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته ”اُهو
ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو بني عمون سان جنگ ۾ اڳواڻي ڪندو؟
جيڪو ائين ڪندو اهو ئي گلعاد جي سڀني رهاڪن جو سردار مقرر
ڪيو ويندو.“

## رهبر افتاح

11 1 افتاح گلعادي هڪڙو ڏاڍو همٿ وارو ۽ بهادر شخص هو.
هو هڪڙي ڪسبياڻيءَ کي گلعاد نالي شخص مان ڄائو هو.
2 گلعاد کي پنهنجيءَ زال مان به پٽ هئا. جڏهن اهي وڏا ٿيا تڏهن
هنن افتاح کي گهر مان ڌڪا ڏيئي ڪڍي ڇڏيو. هنن کيس چيو ته ”تو
کي اسان جي پيءُ جي گهر مان ڪوبه ورثو ڪونه ملندو، ڇالاءِجو
تون ٻيءَ عورت جو پٽ آهين.“ 3 تڏهن افتاح پنهنجن ڀائرن وٽان
ڀڄي وڃي طوب علائقي ۾ رهڻ لڳو. اتي هن ڪن لڇڻ‌لفنگن کي
پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ اهي ساڻس گڏجي ٻاهر وارداتون ڪندا هئا.
4 جڏهن بني عمون بني اسرائيل سان جنگ جوٽي، 5 تڏهن گلعاد
جا اڳواڻ افتاح کي طوب جي علائقي مان وٺي اچڻ لاءِ روانا ٿيا.
6 هنن افتاح کي چيو ته ”هلي اسان جو سپهه‌سالار ٿيءُ ته اسين بني
عمون سان وڙهون.“ 7 افتاح گلعاد جي اڳواڻن کي چيو ته ”اوهان
مون کان نفرت ڪري مون کي پنهنجي پيءُ جي گهر مان ڪڍي ڇڏيو
هو. هاڻي جڏهن مشڪلات ۾ اچي پيا آهيو تڏهن مون وٽ ڇو آيا
آهيو؟“ 8 تڏهن گلعاد جي اڳواڻن افتاح کي چيو ته ”اسان انهيءَ لاءِ
تو ڏانهن رخ ڪيو آهي ته تون اسان سان گڏجي هل ۽ بني عمون سان
وڙهڻ ۾ اسان جي اڳواڻي ڪر. پوءِ تون اسان گلعاد جي سڀني رهاڪن
جو سردار ٿيندين.“ 9 تنهن تي افتاح گلعاد جي اڳواڻن کي چيو ته
”جيڪڏهن اوهين مون کي بني عمون سان وڙهڻ لاءِ موٽائي گهر وٺي
ٿا هلو ۽ خداوند مون کي انهن تي سوڀ ڏئي، ته ڇا پوءِ آءٌ واقعي
اوهان جو سردار ٿيندس؟“ 10 گلعاد جي اڳواڻن افتاح کي ورندي ڏيئي
چيو ته ”انهيءَ لاءِ خداوند اسان جي وچ ۾ شاهد آهي ته جيئن تون
چوين ٿو تيئن ئي اسين ڪنداسين.“ 11 پوءِ افتاح گلعاد جي اڳواڻن

*ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ۽ عراق ملڪن جي ڪن حصن تي مشتمل هو.

سان گڏ ويو ۽ اتان جي ماڻھن افتاح کي پنھنجو اڳواڻ ۽ سردار بڻايو.
افتاح مصفاه شھر ۾ خداوند جي آڏو سردار مقرر ٿيڻ وارا شرط ٻڌايا.
12 پوءِ افتاح بني عمون جي بادشاھہ ڏانھن ايلچين سان چوائي
موڪليو تہ ”تنھنجو اسان سان ڪھڙو جھڳڙو آھي جو تون اسان
جي ملڪ تي ڪاھي آيو آھين؟“ 13 تنھن تي بني عمون جي بادشاھہ
افتاح جي ايلچين کي جواب ڏنو تہ ”جڏھن بني اسرائيل مصر مان
نڪري آيا ھئا تڏھن انھن برساتي نهر ارنون کان وٺي برساتي نهر
يبوق ۽ اردن درياءَ تائين منھنجي زمين قبضي ڪئي ھئي. سو ھاڻ
اھا صلح سانت ۾ مون کي موٽائي ڏيو.“
14 افتاح وري بني عمون جي بادشاھہ ڏانھن ايلچين سان ھي جواب
ڏياري موڪليو تہ 15 ”بني اسرائيل نڪا موآب جي زمين قبضي ڪئي
ھئي نہ وري بني عمون جي. 16 پر ڳالھہ ھيءَ آھي تہ جڏھن بني
اسرائيل مصر مان نڪري آيا ۽ ھو بيابان مان پنڌ ڪري ڳاڙھي سمنڊ
کان قادش ۾ آيا، 17 تڏھن ھنن ادوم جي بادشاھہ ڏانھن ايلچيءَ
ھٿان چوائي موڪليو تہ ’مھرباني ڪري اسان کي پنھنجي ملڪ مان
لنگھڻ ڏي.‘ پر ادوم جي بادشاھہ ھنن جي ڳالھہ نہ مڃي. تڏھن
ساڳيءَ طرح ھنن موآب جي بادشاھہ ڏانھن بہ چوائي موڪليو پر
ھن بہ انڪار ڪيو. سو بني اسرائيل قادش ۾ ئي ترسي پيا. 18 تنھن
کان پوءِ ھو بيابان مان لنگھي ادوم ۽ موآب ملڪن کان وڪڙ ڪري
موآب ملڪ جي اڀرندي پاسي کان آيا ۽ برساتي نهر ارنون جي ھُنَ پر
اچي تنبو ھنيائون. جيئن تہ ارنون جي برساتي نهر موآب ملڪ جي
سرحد ھئي، تنھنڪري ھو اھا پار ڪري موآب ملڪ ۾ نہ آيا. 19 پوءِ
بني اسرائيل اموري بادشاھہ سيحون ڏانھن، جيڪو حشبون شھر ۾
رھندو ھو، ايلچين سان چوائي موڪليو تہ ’مھرباني ڪري اسان
کي اجازت ڏي تہ تنھنجي ملڪ مان لنگھي پنھنجي علائقي ڏانھن
وڃون.‘ 20 پر سيحون جو بني اسرائيل تي ايترو ڀروسو نہ ٿيو جو
پنھنجي حد مان کين لنگھڻ ڏئي. اٿلندو ھن پنھنجا سڀ ماڻھو گڏ
ڪري يھص ۾ اچي تنبو کوڙيا ۽ بني اسرائيل تي حملو ڪري ڏنائين.
21 تڏھن خداوند، بني اسرائيل جي خدا سيحون ۽ سندس سڄي لشڪر
کي بني اسرائيل جي ھٿن ۾ ڏنو ۽ کين انھن تي فتح حاصل ٿي. سو
اموري، جيڪي انھيءَ ملڪ ۾ رھندا ھئا، تن جي سڄي ملڪ تي
بني اسرائيل قبضو ڪري ورتو. 22 ھنن ڏکڻ طرف برساتي نهر ارنون
کان وٺي اتر ۾ برساتي نهر يبوق تائين ۽ اوڀر طرف بيابان کان وٺي
اولھہ ۾ اردن درياءَ تائين امورين جو سڄو علائقو قبضي ڪيو.
23 سو اي بني عمون جا بادشاھہ! ھاڻ جڏھن خداوند، بني اسرائيل
جي خدا امورين کي پنھنجي قوم بني اسرائيل جي لاءِ تڙي ڪڍيو آھي
تہ پوءِ تون انھن جي ملڪ تي قبضو ڪري سگھندين ڇا؟ 24 تنھنجو
معبود ڪموس جيڪي تو کي ورثو ڪري ڏئي، تون اھو ھٿ نہ ڪندين
ڇا؟ ساڳيءَ طرح جن کي خداوند اسان جي خدا اسان جي لاءِ تڙي
ڪڍيو آھي تن جي ملڪ تي اسان قبضو نہ ڪيون ڇا؟ 25 ڀلا تون
موآب جي بادشاھہ بلق ولد صفور کان بھتر آھين ڇا؟ ھن ڪڏھن
بني اسرائيل سان ڪو جھڳڙو ڪيو ڇا يا انھن سان جنگ ڪيائين؟
26 جڏھن تہ بني اسرائيل حشبون، عروعير ۽ انھن جي آس‌پاس وارن
ڳوٺن ۽ برساتي نهر ارنون جي ڪناري وارن سڀني شھرن ۾ ٽي سؤ
سالن کان رھيا پيا آھن، تڏھن ڇو ايتري عرصي ۾ اوھان انھن کان
اھي موٽائي نہ ورتا آھن؟ 27 مون تنھنجو ڪو ڏوھہ نہ ڪيو آھي پر
تون جنگ ڪري مون سان بدي ٿو ڪرين. ڀلي تہ اڄ منصف خداوند
بني اسرائيل ۽ بني عمون جي وچ ۾ فيصلو ڪري.“ 28 ليڪن بني
عمون جي بادشاھہ انھن ڳالھين ڏانھن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو جيڪي
افتاح کيس چوائي موڪليون.
29 تڏھن خداوند جو روح افتاح تي نازل ٿيو. سو ھو گلعاد ۽
منسيءَ کان لنگھي، گلعاد ملڪ جي مصفاه شھر ۾ آيو ۽ اتان بني
عمون ڏانھن رخ ڪيائين. 30 افتاح خداوند جي آڏو ھڪ باس باسي
تہ ”جيڪڏھن تون بني عمون تي مون کي سوڀ ڏيندين، 31 تہ جڏھن
آءٌ بني عمون وٽان صحيح سلامت موٽي ايندس تڏھن منھنجي گھر
جي دروازي مان پھريون جيڪو بہ مون سان ملڻ لاءِ نڪري ايندو سو
تو خداوند جو ٿيندو. آءٌ انھيءَ کي ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش
ڪندس.“ 32 پوءِ افتاح بني عمون سان وڙھڻ لاءِ پار ويو ۽ خدا کيس
سوڀ ڏني. 33 ھن انھن کي عروعير کان وٺي منيت تائين ويھن ئي
شھرن ۾ ۽ ويندي ابيل‌ڪراھيم تائين ماريو. ھن تمام وڏو کوس
ڪيو. اھڙيءَ طرح بني عمون بني اسرائيل جي ھٿان شڪست کاڌي.

## افتاح جي ھڪڙي ئي ڌيءَ

34 پوءِ افتاح مصفاه ۾ پنھنجي گھر موٽي آيو، تڏھن ڇا ٿيو جو
سندس ڌيءَ دف وڄائيندي ناچ ڪندي سندس استقبال لاءِ نڪري
آئي. کيس اھا ھڪڙي ئي ڌيءَ ھئي، ٻيو ڪوبہ پٽ يا ڌيءَ ڪونہ
ھيس. 35 جڏھن ھن انھيءَ کي ڏٺو تڏھن پنھنجا ڪپڙا ڦاڙي چيائينس
تہ ”ھاءِ! اي منھنجي ڌيءَ! تو مون کي ڏاڍو ڏکائي وڌو، ٻين وانگر
تون تہ مون کي ڏک نہ ڏئين ھا. مون خداوند کي پنھنجي زبان ڏني
آھي، جنھن کان آءٌ ڦري نہ ٿو سگھان.“
36 تڏھن ھن وراڻيس تہ ”اي بابا! جيڪڏھن تو خداوند کي پنھنجي
زبان ڏني آھي تہ جيڪي تو پنھنجي زبان سان چيو آھي سو ڀلي
مون سان ڪر، ڇوتہ خداوند تنھنجي دشمنن بني عمون کان تنھنجو
وير ورتو آھي.“ 37 ڌيئس کيس وڌيڪ چيو تہ ”منھنجي رڳو ھڪڙي
ڳالھہ مڃ، مون کي موڪل ڏي تہ آءٌ ٻہ مھينا پنھنجين سھيلين سان
گڏجي وڃي جبلن تي ڦران ۽ پنھنجي ڪنئارپڻي تي روئان ۽ رڙان.“
38 تڏھن پڻس چيس تہ ”ڀلي وڃ.“ ھن کيس ٻن مھينن لاءِ روانو ڪري
ڇڏيو. ھوءَ پنھنجين ساھيڙين سميت جبلن ڏانھن ھلي ويئي ۽ اتي

17:11 ڳا 20:14–21 18:11 ڳا 21:4 19:11–22 ڳا 21:21–24 25:11 ڳا 22:1–6 35:11 ڳا 30:2

پنهنجي ڪنئارپڻي تي روئندي رڙندي رهي. 39 ٻن مهينن گذرڻ کان
پوءِ هوءَ پنهنجي پيءُ وٽ موٽي آئي. تڏهن هن جيڪا باس باسي هئي
تنهن موجب ساڻس هلت ڪيائين. سو هوءَ مرڻ تائين ڪنواري رهي.
تنهن بعد بني اسرائيل ۾ اهو دستور ٿي ويو 40 ته هر سال بني
اسرائيل جون جوان ڇوڪريون چار ڏينهن افتاح گلعاديءَ جي ڌيءَ
جي يادگيريءَ ۾ سوڳ ملهائينديون هيون.

## افتاح ۽ بني افرائيم

12 1 تڏهن افرائيم جا ماڻهو جنگ ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. هو
اردن درياءُ پار ڪري صفون علائقي ڏانهن ويا ۽ اتي افتاح
کي چيائون ته ”تون اسان کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ سڏڻ کان سواءِ
ڇو بني عمون سان وڙهڻ لاءِ وئين؟ هاڻي اسين تو کي تنهنجي گهر
سميت ساڙيون ٿا.“
2 افتاح کين ورندي ڏني ته ”آءٌ ۽ منهنجي قوم بني عمون سان
سخت جهيڙي ۾ رڌل هئاسين، حالانڪ مون اوهان کي سڏيو به هو،
تڏهن به اوهان مون کي انهن جي هٿان ڪونه ڇڏايو. 3 پوءِ
جڏهن مون ڏٺو ته اوهان مدد لاءِ نه ايندءُ، تڏهن آءٌ پنهنجو سر ترئيءَ
تي رکي بني عمون سان وڙهڻ لاءِ پار ويس، تڏهن خداوند مون کي
انهن تي سوڀ ڏني. هاڻ ڇو اوهين اڄ مون سان وڙهڻ لاءِ آيا آهيو؟“
4 تڏهن افرائيمين کيس چيو ته ”اوهين گلعادي جيڪي بني افرائيم
۽ بني منسيءَ منجهه رهو ٿا سي افرائيم جا ئي ڀڳوڙا آهيو.“ تنهن
تي افتاح گلعاد ملڪ جا سڀ ماڻهو گڏ ڪري بني افرائيم سان جنگ
ڪئي ۽ کين شڪست ڏنائون. 5 گلعادين افرائيمين کي روڪڻ لاءِ
اردن درياءَ جا گهٽ وڃي جهليا ۽ جڏهن ڪنهن افرائيمي ڀڳوڙي
اچي ٿي چيو ته ”مون کي پار ٽپڻ ڏيو،“ تڏهن گلعاد جي ماڻهن
کانئس پڇيو ٿي ته ”تون افرائيمي آهين ڇا؟“ جيڪڏهن هن ٿي چيو
ته ”نه،“ 6 تڏهن گلعادين چيس ٿي ته ”چڱو، ڀلا چئُه ’شبلت.‘“
تنهن تي هن ٿي چيو ته ”سبلت،“ ڇالاءِجو افرائيمي ماڻهو انهيءَ
لفظ جو اچار صحيح طرح چئي نه ٿي سگهيا. اهڙيءَ طرح گلعادي
افرائيمين کي پڪڙي اردن درياءَ جي گهٽن تي قتل ڪندا ٿي ويا. سو
انهيءَ وقت افرائيم جا ٻائيتاليهه هزار ماڻهو قتل ٿي ويا. 7 افتاح
گلعادي ڇهه سال بني اسرائيل جو رهبر رهيو. پوءِ هن وفات ڪئي
۽ گلعاد جي شهرن مان هڪ ۾ کيس دفن ڪيو ويو.

## رهبرَ ابصان، ايلون ۽ عبدون

8 افتاح کان پوءِ بيت‌لحم وارو ابصان بني اسرائيل جو رهبر ٿيو.
9 هن کي ٽيهه پٽ ۽ ٽيهه ڌيئر هيون. هن پنهنجون سڀ ڌيئر ڌارين
۾ پرڻايون ۽ پنهنجن پٽن لاءِ ٽيهه ڇوڪريون ڌارين مان ورتائين.
ابصان ست سال بني اسرائيل جو رهبر رهيو. 10 پوءِ هن وفات ڪئي
۽ کيس بيت‌لحم ۾ دفن ڪيو ويو.
11 انهيءَ کان پوءِ زبولون وارو ايلون ڏهه سال بني اسرائيل جو
رهبر رهيو. 12 پوءِ ايلون وفات ڪئي ۽ زبولون علائقي جي ايالون
شهر ۾ کيس دفن ڪيو ويو.
13 انهيءَ کان پوءِ فرعاتون شهر واري هليل جو پٽ عبدون اٺ
سال بني اسرائيل جو رهبر رهيو. 14 هن کي چاليهه پٽ ۽ ٽيهه پوٽا
هئا ۽ انهن سڀني کي سواريءَ لاءِ پنهنجو پنهنجو گڏهه هو. 15 پوءِ
هن وفات ڪئي ۽ کيس عماليقين جي جابلو علائقي ۾ افرائيم جي
فرعاتون شهر ۾ دفن ڪيو ويو.

## رهبر سمسون جي پيدائش

13 1 بني اسرائيل وري به اهي ساڳيائي ڪم ڪرڻ لڳا جيڪي
خداوند جي نظر ۾ برا هئا. سو خداوند هنن کي چاليهن
سالن تائين فلستين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو.
2 تنهن وقت ۾ منوحه نالي هڪڙو شخص هو جيڪو صرعه شهر
جو رهاڪو هو ۽ سندس تعلق دان قبيلي سان هو. هن جي زال سنڍ
هئي. 3 هڪ ڏينهن خداوند جي ملائڪ انهيءَ عورت کي ڏيکاري
ڏني ۽ چيائينس ته ”جيتوڻيڪ تون سنڍ آهين ۽ ٻار ڪونه ٿي ڄڻين،
پر تون جلد پيٽ سان ٿيندينءَ ۽ پٽ ڄڻيندينءَ. 4 سو هاڻ خبردار
ٿيءُ، ڪنهن به قسم جي مئي يا ڪا ٻي نشي واري شيءِ نه پيءُ، ۽
نه وري ڪابه ناپاڪ شيءِ کاءُ. 5 ڇالاءِجو تون پيٽ سان ٿي جيڪو
پٽ ڄڻيندينءَ سو ڄائي ڄم کان ناذير يعني خدا لاءِ وقف ٿيندو،
تنهنڪري سندس مٿي ۾ منهن جا وار ڪڏهن به نه ڪوڙايا وڃن.
هو بني اسرائيل کي فلستين جي هٿن مان ڇڏائڻ شروع ڪندو.“
6 تڏهن انهيءَ عورت اچي پنهنجي مڙس کي ٻڌايو ته ”هڪڙو
خدا جو ٻانهو مون وٽ آيو. هن جي شڪل خدا جي ملائڪ جهڙي
بيحد خوفائتي هئي. نڪي مون کانئس پڇيو ته هو ڪٿان تو اچي،
نه ئي وري هن مون کي پنهنجو نالو ٻڌايو. 7 مون کي رڳو ايترو
چيائين ته ’تون پيٽ سان ٿيندينءَ ۽ پٽ ڄڻيندينءَ. سو هاڻي تون
ڪنهن به قسم جي مئي يا ڪا ٻي نشي واري شيءِ نه پيءُ، ۽ نه
وري ڪابه ناپاڪ شيءِ کائج، ڇوجو اهو ٻار ماءُ جي پيٽ کان ئي
مرڻ تائين خدا جو ناذير ٿيندو.‘“
8 تڏهن منوحه خداوند کان دعا گهري ته ”اي مالڪ! جنهن ماڻهوءَ
کي تو موڪليو هو، مهرباني ڪري تنهن کي وري به اسان وٽ
موڪل، ته اچي اسان کي ٻڌائي ته ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ اسين ان
ٻار سان ڪهڙي هلت ڪريون.“
9 خدا منوحه جي دعا قبول ڪئي ۽ سندس ملائڪ وري به انهيءَ
عورت وٽ آيو جنهن وقت هوءَ ٻنيءَ ۾ ويٺي هئي. تڏهن سندس

---

5:13 گا 5–1:6

مڙس منوحہ ساڻس گڏ نہ هو. 10 سو هوءَ تکڙي ڊوڙي پنھنجي
مڙس وٽ ويئي ۽ کيس ٻڌايائين تہ ”جيڪو ماڻھو تنھن ڏينھن مون
وٽ آيو هو، تنھن وري مون کي ڏيکاري ڏني آهي.“
11 تڏهن منوحہ اٿي پنھنجيءَ زال جي پٺيان هليو. هو انهيءَ ماڻھوءَ
وٽ آيو ۽ پڇيائينس تہ ”ڇا تون اهو ئي ماڻھو آهين جنھن هن عورت
سان ڳالهايو هو؟“ هن وراڻيو تہ ”هائو، آءٌ اهو ئي آهيان.“ 12 تڏهن
منوحہ کانئس وڌيڪ پڇيو تہ ”جيئن تون چوين ٿو تيئن جڏهن ٿئي
تڏهن اهو ٻار ڇا ڪري ۽ سندس رهڻي ڪهڻي ڪهڙي قسم جي
هجي؟“ 13 خداوند جي ملائڪ منوحہ کي وراڻيو تہ ”جيڪي ڳالهيون
مون تنھنجيءَ زال کي ٻڌايون آهن تن تي هوءَ عمل ڪري. 14 هوءَ
انگوري ول جي ڪابہ پيداوار نہ کائي، نڪي مئي پيئي، نہ وري ڪا
ٻي نشي واري شيءِ پيئي ۽ نڪي ڪا ناپاڪ شيءِ کائي. جن ڳالهين
بابت مون کيس حڪم ڏنو آهي سي سڀ پوريون ڪري.“
15 تڏهن منوحہ خداوند جي ملائڪ کي چيو تہ ”مھرباني ڪري
تون ڪجھہ دير اسان وٽ ترس تہ آءٌ تنھنجي لاءِ هڪڙو ڇيلو تيار
ڪري وٺان.“ 16 خداوند جي ملائڪ منوحہ کي وراڻيو تہ ”جيڪڏهن
تون مون کي ترسائيندين بہ، تڏهن بہ آءٌ تنھنجو کاڌو ڪين کائيندس.
پر جيڪڏهن تون اهو تيار ڪرڻ گهرين ٿو تہ پوءِ اهو خداوند جي
لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪر.“ منوحہ کي اها خبر ڪانہ
هئي تہ هو ڪو خداوند جو ملائڪ آهي. 17 پوءِ منوحہ خداوند جي
ملائڪ کان پڇيو تہ ”تنھنجو نالو ڇا آهي؟ آءٌ چاهيان ٿو تہ جڏهن
تنھنجون چيل ڳالهيون پوريون ٿين تڏهن اسين تنھنجي نالي جي
تعظيم ڪريون.“ 18 خداوند جي ملائڪ وراڻيس تہ ”تون منھنجو
نالو نہ پڇين تہ چڱو، ڇوتہ منھنجو نالو نھايت حيرت انگيز آهي.“
19 پوءِ منوحہ هڪ ڇيلو اناج جي قربانيءَ سميت خداوند جي لاءِ
ٽڪر تي قرباني ڪيو. تڏهن هڪ عجب جهڙو ڪم ٿيو جڏهن تہ
منوحہ ۽ سندس زال ٻئي نھاريندا رهيا. 20 جڏهن قربانگاهہ مان
شعلو آسمان ڏانھن چڙهيو، تڏهن خداوند جو ملائڪ بہ انهيءَ شعلي
۾ مٿي چڙهي ويو. اهو ڏسندي منوحہ ۽ سندس زال سجدي ۾
ڪري پيا. 21 جڏهن خداوند جي ملائڪ منوحہ ۽ سندس زال کي
ٻيهر ڏيکاري نہ ڏني تڏهن منوحہ کي خبر پيئي تہ اهو خداوند جو
ملائڪ هو. 22 پوءِ منوحہ پنھنجيءَ زال کي چيو تہ ”اسين پڪ مري
وينداسين، ڇالاءِجو اسان خدا کي ڏٺو آهي.“ 23 پر سندس زال چيس
تہ ”جيڪڏهن خدا اسان کي مارڻ گهري ها تہ هيءَ ساڙڻ واري
قرباني ۽ اناج جي قرباني اسان جي هٿان قبول نہ ڪري ها ۽ نہ هي
سڀڪجھہ اسان کي ڏيکاري ها، نڪي وري هن وقت هھڙيون ڳالهيون
اسان کي ٻڌائي ها.“
24 پوءِ انهيءَ عورت کي پٽ ڄائو ۽ سندس نالو سمسون رکيائين.
اهو ٻار وڌي وڏو ٿيو ۽ خداوند انهيءَ کي برڪت ڏني. 25 جڏهن هو
دان جي خيمي‌گاهہ ۾ هو، جيڪو صرعہ ۽ استال جي وچ ۾ آهي،
تڏهن خداوند جي روح هن کي بيدار ڪرڻ شروع ڪيو.

## سمسون ۽ فلستي ڇوڪري

14 1 هڪڙي ڏينھن سمسون تمنت شھر ڏانھن ويو جتي هن
هڪڙي فلستي ڇوڪري ڏٺي. 2 جڏهن هو موٽي پنھنجي
ماءُپيءُ وٽ آيو تڏهن کين چيائين تہ ”مون تمنت ۾ هڪ فلستي
ڇوڪري ڏٺي آهي، سو اوهين اها مون کي پرڻايو.“ 3 تڏهن سندس
ماءُپيءُ کيس چيو تہ ”تنھنجي مائٽن ۾ يا پنھنجي سڄيءَ قوم ۾
ڪا عورت ڪانهي ڇا، جو تون اڻطھريل فلستين مان پرڻجڻ ٿو
چاهين؟“ پر سمسون پنھنجي پيءُ کي چيو تہ ”مون کي اها وٺي
ڏيو، ڇالاءِجو اها مون کي پسند آهي.“ 4 سمسون جي ماءُپيءُ کي
اها خبر ڪانہ هئي تہ اها ڳالهہ خداوند وٽان آهي، جنھن فلستين
سان وڙهڻ جو موقعو پئي تلاش ڪيو، ڇاڪاڻتہ انهيءَ وقت فلستي
بني اسرائيل تي حڪمراني ڪندا هئا.
5 سو سمسون پنھنجي ماءُپيءُ سان تمنت ڏانھن ويو. جڏهن هو
تمنت جي انگورن جي باغ جي ويجهو اچي پھتا، تڏهن سمسون ڏٺو
تہ هڪڙو جوان شينھن مٿس گجڪار ڪري چڙهندو پيو اچي. 6 تڏهن
خداوند جو روح هن تي طاقت ساڻ نازل ٿيو ۽ هن انهيءَ شينھن کي
خالي هٿين هوندي بہ ائين چيڙي ڦاڙي وڌو جيئن ڪنھن ڇيلي کي
چيڙيو ڦاڙيو ويندو آهي. پر هن جيڪي ڪجھہ ڪيو سو نڪي پنھنجي
پيءُ کي ٻڌايائين ۽ نڪي پنھنجي ماءُ کي. 7 پوءِ هن وڃي انهيءَ
ڇوڪريءَ سان ڳالهايو، اها کيس ڏاڍي پسند آئي. 8 ٿوري عرصي
کان پوءِ جڏهن هو ان ڇوڪريءَ کي پرڻائي وٺي اچڻ لاءِ ويو پئي،
تڏهن هو رستي تان ڦري انهيءَ شينھن جو لاش ڏسڻ لاءِ هيٺ لهي
ويو. اتي ڏٺائين تہ شينھن جي لاش ۾ ماکيءَ جي مکين جو هجوم
آهي ۽ ماناري ۾ ماکي بہ آهي. 9 هن اها پنھنجي هٿن ۾ ڪنئي ۽
کائيندو اڳتي هليو. جڏهن پنھنجي ماءُپيءُ وٽ پھتو، تڏهن انھن
کي پڻ ڏنائين ۽ انھن بہ اها کاڌي. پر انھن کي اهو نہ ٻڌايائين تہ
اها ماکي شينھن جي لاش مان ڪڍي هئائين.

## سمسون جي ڳجھارت

10 هن جو پيءُ انهيءَ ڇوڪريءَ جي گهر ويو. سمسون اتي هڪ
دعوت ڪئي، ڇوتہ رواج موجب گهوٽ ائين ڪندا هئا. 11 جڏهن
فلستين هن کي ڏٺو تڏهن ٽيھہ ڄڻا هن جي سنگت لاءِ آندائون تہ
جيئن هن سان گڏ رهن. 12 سمسون انھن کي چيو تہ ”آءٌ اوهان
کي هڪڙي ڳجھارت ٿو ڏيان. جيڪڏهن اوهين اها دعوت وارن ستن
ڏينھن جي اندر پيچي ويا تہ آءٌ اوهان کي ٽيھہ عمدي سٽيءَ جون
پوشاڪون ۽ ٽيھہ ڪپڙن جا وڳا ڏيندس. 13 پر جيڪڏهن اوهين اها نہ

18:13 پيد 29:32

پڇي سگهيا تہ اوهين مون کي ٽيهہ عمدي سٽيءَ جون پوشاڪون
۽ ٽيهہ ڪپڙن جا وڳا ڏجو.“ هنن چيس تہ ”ٺيڪ آهي، اسان کي
پنهنجي ڳجهارت ٻڌاءِ.“ 14 هن کين چيو تہ

”کائيندڙ مان کاڌو نڪتو،
زورآور مان مناڻ نڪتو.“

هو ٽن ڏينهن تائين اها ڳجهارت نہ پڇي سگهيا. 15 چوٿين ڏينهن
تي هنن سمسون جي زال کي چيو تہ ”پنهنجي مڙس کي ڏتاري اسان
لاءِ انهيءَ ڳجهارت جو مطلب پڇيس، نہ تہ اسين تو کي ۽ تنهنجي
پيءُ جي گهر کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏينداسين. اوهان اسان کي هتي
لٽڻ ڦرڻ لاءِ سڏايو آهي ڇا؟“ 16 تڏهن سمسون جي زال پنهنجي
مڙس وٽ روئندي ويئي ۽ کيس چوڻ لڳي تہ ”تون مون کان نفرت
ٿو ڪرين، مون کي سچپچ پيار نہ ٿو ڪرين. تو منهنجيءَ قوم جي
ماڻهن کي ڪا ڳجهارت ڏني آهي، پر انهيءَ جو مطلب تو مون کي
بہ نہ ٻڌايو آهي.“
هن وراڻيس تہ ”اها تہ مون پنهنجي ماءُپيءُ کي بہ ڪين ٻڌائي
آهي، پوءِ آءٌ تو کي ڪيئن ٻڌائيندس؟“ 17 تنهن تي دعوت واري ستين
ڏينهن تائين هوءَ پنهنجي مڙس اڳيان روئندي رهي. آخر ستين ڏينهن
سمسون کيس اها ڳجهارت ٻڌائي، ڇوتہ سندس زال کيس گهڻو تنگ
ڪيو. پوءِ هن جي زال وڃي اها ڳجهارت پنهنجي قوم کي ٻڌائي.
18 ستين ڏينهن سج لهڻ کان اڳي شهر جي ماڻهن سمسون کي وڃي
چيو تہ

”ماکيءَ کان وڌيڪ ڪا ڀي بہ مٺي شيءِ آهي ڇا؟
شينهن کان وڌيڪ زورآور ڪو ٻيو بہ آهي ڇا؟“

تنهن تي سمسون کين وراڻيو تہ

”جيڪڏهن اوهين منهنجي ڳابيءَ سان هر نہ ڪاهيو ها،
تہ اوهين منهنجي ڳجهارت هرگز نہ پڇي سگهو ها.“

19 تڏهن خداوند جو روح هن تي طاقت ساڻ نازل ٿيو. هو اسقلون
شهر ڏانهن ويو، اتي ٽيهہ ماڻهو ماري انهن جو مال ڦريائين ۽ جن
ڳجهارت پڇي هئي تن کي اهي ڪپڙن جا وڳا ڏنائين. بعد ۾ ڪاوڙ ۾
باهہ ٿي هو پنهنجي گهر موٽي ويو. 20 تڏهن سمسون جي زال سندس
انهيءَ سنگتيءَ کي ڏني ويئي جيڪو سندس شاديءَ ۾ اُنر بڻيو هو.

## سمسون جو فلستين کان وير وٺڻ

15 1 ٿوري عرصي کان پوءِ، ڪڻڪن جي لاباري وقت، سمسون
هڪڙو ڇيلو ڪٺي پنهنجيءَ زال سان ملڻ لاءِ ويو. هن
پنهنجي سهري کي چيو تہ ”آءٌ پنهنجي زال جي ڪوٺيءَ ۾ ويندس.“
پر هن کيس اندر وڃڻ نہ ڏنو. 2 سندس سهري چيس تہ ”مون کي
تہ پڪ ٿي ويئي هئي تہ تون هن کان بيزار ٿي ويو آهين، تنهنڪري
مون اها تنهنجي اُنر کي ڏيئي ڇڏي. پر هن جي ننڍي ڀيڻ جا هن کان
وڌيڪ سهڻي آهي، مهرباني ڪري تون اها هن جي بدران وٺي وڃ.“
3 سمسون کين چيو تہ ”هن دفعي جيڪڏهن آءٌ فلستين کي ڪو
نقصان پهچايان تہ مون تي ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي.“ 4 سو سمسون
وڃي ٽي سؤ لومڙيون پڪڙيون ۽ ٻن ٻن لومڙين جا پڇ گڏي ٻڌي انهن
جي وچ ۾ هڪڙي هڪڙي اُماڙي ٻڌي ڇڏيائين. 5 پوءِ هن انهن اُماڙين
کي باهہ ڏيئي انهن لومڙين کي فلستين جي پوک ۾ ڇڏي ڏنو. اهڙيءَ
طرح هن نہ رڳو سندن لٽيل پوک بلڪ بيٺل پوک، انگورن جي باغن
۽ زيتون جي باغن کي بہ ساڙي ڇڏيو. 6 جڏهن فلستين پڇا ڪئي
تہ ”هي ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟“ تڏهن کين ٻڌايو ويو تہ ”اهو ڪم
تمنيءَ جي نائي سمسون ڪيو آهي، ڇوجو سندس سهري انهيءَ جي
زال هن کان ڇني هن جي اُنر کي ڏيئي ڇڏي آهي.“ سو فلستين اچي
انهيءَ عورت ۽ سندس پيءُ کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو.
7 سمسون انهن کي چيو تہ ”جيئن تہ اوهان ائين ڪيو آهي، سو
جيستائين آءٌ اوهان کان وير نہ وٺندس، تيستائين بس نہ ڪندس.“
8 تڏهن هو مٿن اچي ڪڙڪيو ۽ منجهن ڏاڍو ڪوس وڌائين. پوءِ هو
وڃي ايتام واري ٽڪر جي غار ۾ رهڻ لڳو.
9 انهيءَ کان پوءِ فلستين چڙهائي ڪري اچي يهوداہ جي علائقي
۾ پنهنجا تنبو کوڙيا ۽ لحيءَ جي هنڌ وٽ پکڙجي ويا. 10 يهوداہ
جي ماڻهن کائن پڇيو تہ ”اوهين ڇو اسان تي چڙهي آيا آهيو؟“ هنن
جواب ڏنو تہ ”اسين سمسون کي پڪڙڻ لاءِ آيا آهيون، انهيءَ لاءِ تہ
جيئن هن اسان سان ڪيو آهي، تيئن ئي اسين بہ ساڻس ڪريون.“
11 تڏهن يهوداہ جا ٽي هزار ماڻهو ايتام واري ٽڪر جي غار ڏانهن
ويا ۽ سمسون کي وڃي چيائون تہ ”ڇا تو کي اهو خيال ڪونہ ٿو
ٿئي تہ فلستي اسان جي مٿان حاڪم آهن؟ تو اسان سان هي ڇا ڪيو
آهي؟“ هن کين جواب ڏنو تہ ”مون هنن سان اهو ئي ڪجهہ ڪيو
آهي جيڪي هنن مون سان ڪيو.“
12 هنن چيس تہ ”اسين آيا آهيون تہ تو کي ٻڌي فلستين جي حوالي
ڪريون.“ تڏهن سمسون کين چيو تہ ”مون سان قسم کڻو تہ اوهين
پاڻ مون کي قتل نہ ڪندا.“ 13 هنن وراڻيس تہ ”ٺيڪ آهي، اسين
تو کي رڳو ٻڌي هنن جي حوالي ڪنداسين. اسين تو کي هرگز نہ
مارينداسين.“ پوءِ هنن سمسون کي ٻن نون رسن سان ٻڌو ۽ ٽڪر
واري غار مان موٽائي وٺي آيس.
14 جڏهن هو لحيءَ جي هنڌ وٽ اچي پهتو تڏهن فلستي رڙيون
ڪندي مٿس چڙهي آيا. تڏهن خداوند جو روح هن تي زور ساڻ نازل
ٿيو ۽ جيڪي رسا هن جي ٻانهن ۽ هٿن جي چوڌاري ٻڌل هئا تن کي
هن ٽوڙي ڇڏيو، ڄڻ تہ اُهي سڙيل سٽيءَ مان نهيل هئا. 15 هن اُتي
هڪڙي گڏهہ جي تازي ڄاڙهہ پيل ڏٺي جيڪا جهپٽ ڏيئي کنيائين ۽
انهيءَ سان هڪ هزار ماڻهن کي ماريائين. 16 پوءِ سمسون چيو تہ

”گڏهہ جي هڪڙي ڄاڙهہ سان مون هزار ماڻهو ماريا،
گڏهہ جي هڪڙي ڄاڙهہ سان مون لاشن جا ڍير لڳائي ڇڏيا.“

17 انهيءَ کان پوءِ اُها ڄاڙهه پري اڇلائي ڇڏيائين. تڏهن کان
انهيءَ جو نالو *رامت‌لحي پئجي ويو.
18 پوءِ سمسون کي ڏاڍي اڃ لڳي، سو خداوند کي پڪاري چوڻ
لڳو تہ ”تو پنهنجي ٻانهي کي هيڏي وڏي سوڀ ڏني آهي. هاڻ ڀلا
آءٌ اڃ کان مران ڇا ۽ هنن اڻ‌طهريلن جي قبضي ۾ اچي وڃان ڇا؟“
19 تڏهن خدا اُتي هڪ کڏ ۾ ڦاڙ ڪيو تہ انهيءَ منجهان پاڻي نڪري
آيو. پاڻي پيئڻ کان پوءِ سمسون ۾ ساهہ پيو ۽ هو وري تازو توانو
ٿي پيو. تنهنڪري انهيءَ هنڌ جو نالو †عين‌هقوري پئجي ويو. اُهو
اڄا تائين لحيءَ جي هنڌ وٽ آهي.
20 فلستين جي حڪمرانيءَ وارن ڏينهن ۾ سمسون ويهہ سال بني
اسرائيل جو رهبر رهيو.

## سمسون جي پهلواني

16 1 هڪڙي ڏينهن سمسون غزه شهر ڏانهن ويو. اُتي هن هڪ
ڪسبياڻي ڏٺي، سو هو وٽس رات گذارڻ لاءِ ويو. 2 غزه
جي ماڻهن کي جڏهن خبر پيئي تہ سمسون هتي آيو آهي، تڏهن هنن
انهيءَ جاءِ کي گهيري ۾ آندو ۽ سڄي رات شهر جي ٻاهرين دروازي
وٽ هن جي لاءِ ترسي ويٺا. رات جو هنن ڪابہ چرپر ڪانہ ڪئي جو
چيائون تہ ”پرهہ ڦٽيءَ مهل هن کي ماري ڇڏينداسون.“ 3 سمسون
اڌ رات تائين ليٽيو رهيو، تنهن کان پوءِ هو اٿيو ۽ شهر جي ٻاهرين
دروازي جا طاق، ٻئي ٻانهيون، گزن سميت اُکيڙي ٻاهر ڪڍيائين. پوءِ
هن اهي پنهنجن ڪلهن تي رکيا ۽ حبرون جي سامهون جيڪا ٽڪري
آهي تنهن جي چوٽيءَ تي کڻي ويو.

## سمسون ۽ دليلہ

4 ڪجهہ وقت کان پوءِ سورق جي برساتي نهر پرسان رهندڙ دليلہ
نالي هڪڙيءَ عورت سان سمسون جو عشق ٿي ويو. 5 فلستين جا
سردار انهيءَ عورت وٽ آيا ۽ کيس چيائون تہ ”تون سمسون کي
ڌتاري ڪانئس پڇ تہ سندس هيتري طاقت جو راز ڇا آهي. اسين
ڪهڙيءَ طرح مٿس غالب پئون ۽ کيس ٻڌي بي‌وس بڻايون. تڏهن
اسان مان هر هڪ تو کي ‡يارهن سؤ چانديءَ جا سڪا ڏيندو.“
6 سو دليلہ سمسون کي چيو تہ ”تنهنجي هيتري طاقت جو راز
ڇا آهي ۽ ڪهڙيءَ طرح تو کي ٻڌي بي‌وس بڻائي ٿو سگهجي؟“
7 سمسون جواب ڏنس تہ ”جيڪڏهن مون کي تازي چم جي ستن
پٽن سان ٻڌو وڃي، جيڪي اڃا سڪا نہ هجن، تہ پوءِ آءٌ ڪمزور ٿي
عام ماڻهوءَ جهڙو ٿي پوندس.“ 8 سو فلستين جي سردارن ست تازي
چم جا پٽا جيڪي اڃا سڪا نہ هئا دليلہ وٽ آندا ۽ دليلہ انهن سان
سمسون کي ٻڌو. 9 انهيءَ عورت اندرين ڪوٺيءَ ۾ ماڻهو لڪائي
ويهاري ڇڏيا هئا. پوءِ هن رڙ ڪري چيو تہ ”اي سمسون! فلستي تو
تي چڙهي آيا آهن.“ تڏهن سمسون اُهي پٽا ائين ڇڇي ڇڏيا جيئن ڪو
ڌاڳو باهہ لڳڻ سان ٽٽي پوندو آهي. سو هن دفعي هن جي طاقت
جو راز معلوم ٿي نہ سگهيو.
10 تڏهن دليلہ سمسون کي چيو تہ ”تو مون کي بي‌وقوف بڻايو
آهي ۽ مون سان ڪوڙ ڳالهايو اٿيئي. سو مهرباني ڪري هاڻي مون
کي ٻڌاءِ تہ تو کي ڇا سان ٻڌي سگهجي ٿو.“ 11 سمسون وراڻيس
تہ ”جيڪڏهن مون کي نون رسن سان ٻڌو وڃي جيڪي اڳي ڪڏهن
بہ ڪم ۾ نہ آندا ويا هجن، تہ آءٌ ڪمزور ٿي عام ماڻهوءَ جهڙو ٿي
پوندس.“ 12 تنهن تي دليلہ نوان رسا وٺي انهن سان سمسون کي
ٻڌو ۽ جيئن تہ اندرين ڪوٺيءَ ۾ ماڻهو لڪا ويٺا هئا، سو سمسون
کي چيائين تہ ”اي سمسون! فلستي تو تي چڙهي آيا آهن.“ تڏهن
هن اُهي رسا ڌاڳي وانگر ڇني ڇڏيا.
13 پوءِ دليلہ کيس چيو تہ ”تون اڃا تائين مون کي بي‌وقوف پيو
بڻائين ۽ ڪوڙ ٿو ڳالهائين. مون کي ٻڌاءِ تہ ڇا سان تو کي ٻڌي
سگهجي ٿو؟“ سمسون وراڻيس تہ ”جيڪڏهن تون منهنجي مٿي جي
وارن جون ست چڳون آڏاڻي ۾ اُڻندي، انهن کي ڪاٺ ۾ ڦاسائي،
ڪاٺ کي ڀيچ سان ڪسي منجهس ڪلي وجهي ڇڏيندينءَ تہ آءٌ
ڪمزور ٿي عام ماڻهوءَ جهڙو ٿي پوندس.“ 14 سو جڏهن سمسون
ننڊ پيو هو تڏهن دليلہ هن جون ست چڳون آڏاڻي ۾ اُڻندي، انهن کي
ڪاٺ ۾ ڦاسائي، ڪاٺ کي ڀيچ سان ڪسي منجهس ڪلي وجهي
ڇڏي. پوءِ دليلہ کيس سڏي چيو تہ ”اي سمسون! فلستي تو تي
چڙهي آيا آهن.“ هو ننڊ مان جاڳي پيو ۽ ڪليءَ ۽ ڪاٺ سان گڏ
آڏاڻو ئي پٽي ڪڍيائين. 15 تڏهن هن چيس تہ ”تون ڪيئن چوين ٿو
تہ تنهنجي مون سان محبت آهي؟ جڏهن تہ تنهنجي دل مون سان
آهي ئي نہ. تو هي ٽيون دفعو مون کي بي‌وقوف بڻايو آهي ۽ مون
کي پنهنجي هيڏي وڏي طاقت جو راز نہ ٻڌايو اٿيئي.“
16 هوءَ کيس روز بروز پنهنجي ڳالهين سان تنگ ڪرڻ لڳي.
اهڙيءَ طرح هن کيس نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو. 17 تڏهن سمسون کيس
دل جي ڳالهہ کولي ٻڌائي تہ ”منهنجي مٿي ۾ منهن تي ڪڏهن
بہ پاڪي نہ گهمي آهي، ڇالاءِجو ڄائي ڄم کان آءٌ ¶خدا جو ناذير
آهيان. سو جيڪڏهن منهنجا وار ڪوڙيا ويندا تہ منهنجي طاقت مون

*رامت‌لحي: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ڄاڙهہ جي ٽڪري“.
†عين‌هقوري: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”پڪاريندڙ جو چشمو“.
‡يارهن سؤ چانديءَ جا سڪا: اٽڪل 13 ڪلوگرام چاندي.
¶خدا جو ناذير: يعني خدا جي لاءِ وقف. ڏسو ڳڻ 6:1–5.

17:16 رهہ 5:13

مان نڪري ويندي ۽ آءٌ ڪمزور ٿي عام ماڻهوءَ جهڙو ٿي پوندس.“
18 جڏهن دليلہ ڏٺو تہ هن ڪيس پنهنجي دل جي ڳالهہ کولي ٻڌائي
آهي، تڏهن فلستين جي سردارن ڏانهن چوائي موڪليائين تہ ”هڪ
دفعو وري مون وٽ اچو. هن مون کي پنهنجي دل جي ڳالهہ کولي
ٻڌائي آهي.“ تڏهن فلستين جا سردار پاڻ سان پيسا کڻي دليلہ وٽ
آيا. 19 دليلہ سمسون کي پنهنجي گوڏن تي سمهاريو، جڏهن ڪيس
ننڊ اچي ويئي تڏهن هن هڪڙو ماڻهو گهرايو، جنهن سمسون جي
مٿي جون ست چڳون ڪوڙيون. اهڙيءَ طرح هو تابع ٿي ويو، ڇوجو
هن جي طاقت منجهانئس نڪري ويئي هئي. 20 پوءِ هن رڙ ڪري
چيس تہ ”اي سمسون! فلستي تو تي چڙهي آيا آهن.“ هو ننڊ مان
جاڳيو ۽ سوچيائين تہ ”آءٌ اڳي وانگر ٻاهر نڪري پاڻ کي لوڏي آزاد
ڪندس.“ پر ڪيس اها خبر ڪانہ هئي تہ خداوند وٽانئس هليو ويو
آهي. 21 پوءِ فلستين اچي پڪڙيس ۽ سندس اکيون ڪڍي ورتائون.
هو هن کي غزہ شهر ۾ وٺي آيا، ڪيس پتل جون ٻيڙيون هنيائون ۽
قيدخاني ۾ جنڊ پيهڻ جي ڪم تي لڳائي ڇڏيائونس. 22 پر هن جي
مٿي جا وار ڪوڙجڻ کان پوءِ وري وڌڻ لڳا.

## سمسون جو موت

23 تڏهن فلستين جا سردار پنهنجي معبود دجون جي لاءِ هڪڙي
وڏي قرباني پيش ڪرڻ ۽ جشن ملهائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. اهو انهيءَ
ڪري جو چيائون تہ ”اسان جي معبود اسان جي دشمن سمسون کي
اسان جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.“ 24-25 جڏهن هنن جون دليون
خوشيءَ سان ڀرجي ويون تڏهن چيائون تہ ”سمسون کي وٺي اچو
تہ ساڻس مسخريون ڪري پاڻ کي وندرايون.“ جڏهن سمسون کي
قيدخاني مان وٺي آيا تڏهن ڪيس ٿنڀن جي وچ ۾ کڻي بيهاريائونس
۽ ساڻس مسخريون ڪري پاڻ کي وندرايائون. جڏهن ماڻهن سمسون
کي ڏٺو تڏهن هو پنهنجي معبود جي تعريف ڪري چوڻ لڳا تہ

”بيشڪ اسان جي ديوتا اهو دشمن اسان جي هٿ ۾ ڏنو آهي،
جنهن اسان جي ملڪ کي تباهہ ڪيو هو،
۽ پڻ گهڻن ماڻهن کي ماريو هئائين.“

26 جيڪو نوڪر سمسون کي هٿ کان جهليو بيٺو هو تنهن کي
سمسون چيو تہ ”جن ٿنڀن تي هي پوڄا گهر بيٺل آهي، مون کي اتي
هلي بيهار تہ آءٌ انهن تي ٽيڪ ڏيئي بيهان.“ 27 اهو پوڄا گهر مردن
۽ عورتن سان ڀريل هو. فلستين جا سڀ سردار بہ اتي هئا ۽ ڇت تي
اٽڪل ٽي هزار مرد ۽ عورتون هيون جن سمسون جو تماشو پئي ڏٺو.
28 تڏهن سمسون خداوند کي پڪاري چيو تہ ”اي خداوند خدا!
مهرباني فرمائي مون کي ياد ڪر. اي خدا! مهرباني ڪري هڪڙو
دفعو وري مون کي طاقت بخش تہ هڪڙي ئي وار ۾ آءٌ فلستين
کان پنهنجين ٻن اکين جو وير وٺان.“ 29 پوءِ سمسون وچ وارن انهن
ٻنهي ٿنڀن ڏانهن هٿ وڌايا جن تي پوڄا گهر بيٺل هو. هن انهن سان
ٽيڪ ڏيندي، ساڄو هٿ هڪڙي تي ۽ کاٻو هٿ ٻئي تي رکيو. 30 پوءِ
سمسون چيو تہ ”فلستين سان گڏ ڀلي تہ آءٌ بہ مري وڃان.“ ان
بعد پنهنجي سموري طاقت سان انهن کي ڌڪو ڏنائين تہ پوڄا گهر
انهن سردارن ۽ ٻين سڀني ماڻهن تي ڪري پيو جيڪي انهيءَ ۾ هئا.
اهڙيءَ طرح سمسون پنهنجي مرڻ مهل جيترا ماڻهو ماريا سي انهن
کان وڌيڪ هئا جيڪي پنهنجي جيئري ماريا هئائين.
31 تنهن کان پوءِ هن جا ڀائر ۽ ٻيا سندس گهر جا ڀاتي هن جو لاش
کڻڻ لاءِ اُتي آيا. هنن ڪيس اتان کڻي اچي صرعہ ۽ استال شهرن جي
وچ ۾ سندس پيءُ منوحہ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو. هو بني اسرائيل
جو ويهہ سال رهبر رهيو.

## ميڪاہ جا بت

17 1 ميڪاہ نالي هڪڙو شخص هو جيڪو افرائيم جي جابلو
علائقي جو رهاڪو هو. 2 هن پنهنجيءَ ماءُ کي چيو تہ
”تنهنجا *يارهن سؤ چانديءَ جا سڪا جيڪي چوري ٿي ويا هئا ۽
انهن بابت تو کي پٽ پاراتو ڪندي ٻڌو هوم، سي مون وٽ آهن.
اُهي مون ئي کنيا هئا.“ تڏهن ماڻس چيس تہ ”منهنجا پٽ! شل
خداوند تو کي برڪت ڏئي.“ 3 پوءِ هن اُهي يارهن سؤ چانديءَ جا
سڪا پنهنجيءَ ماءُ کي موٽائي ڏنا. تڏهن ماڻس دعا گهرندي چيو تہ
”اي خداوند! پنهنجي پٽ لاءِ آءٌ اها چاندي تنهنجي نذر ٿي ڪريان،
جنهن مان اُڪريل ۽ مٿس چاندي پلتيل هڪڙو بت ٺهرايو ويندو.
اهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجي پٽ کي تو ڏانهن موٽائي ٿي آڇيان.“
4 سو جڏهن هن اهي سڪا پنهنجي ماءُ کي موٽائي ڏنا، تڏهن
ماڻس انهن مان †ٻہ سؤ چانديءَ جا سڪا کڻي هڪڙي ڪاريگر کي
ڏنا، جنهن انهن چانديءَ جي سڪن مان اُڪريل ۽ مٿس چاندي پلتيل
هڪڙو بت ٺاهيو. اُهو ميڪاہ جي گهر ۾ رکيو ويو. 5 ميڪاہ هڪڙو
ٻيو مجسمو ۽ ننڍڙا بت ٺاهيا ۽ اهي بہ پنهنجي بت‌خاني ۾ رکيائين.
هن پنهنجي پٽن مان هڪڙي کي مخصوص ڪري پنهنجي ڪاهن
طور مقرر ڪيو. 6 انهن ڏينهن ۾ بني اسرائيل تي ڪوبہ بادشاهہ
ڪونہ هو. سو جنهن کي جيڪي وڻيو ٿي تنهن سو ئي ڪيو ٿي.
7 تن ڏينهن ۾ هڪڙو جوان بني لاوي يهوداہ جي بيت‌لحم شهر
۾ رهندو هو. 8 اُهو جوان ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهڻ لاءِ اتان روانو

*يارهن سؤ چانديءَ جا سڪا: اٽڪل 13 ڪلوگرام چاندي.

†ٻہ سؤ چانديءَ جا سڪا: اٽڪل سوا ٻہ ڪلوگرام چاندي.

6:17 رهہ 25:21

ٿيو. هو سفر ڪندو افرائيم جي جابلو علائقي ۾ ميڪاه جي گهر
آيو. 9 ميڪاه پڇيس تہ ”تون ڪٿان ٿو اچين؟“ هن وراڻيس تہ ”آءٌ
يهوداہ واري بيت‌لحم شهر جو لاوي آهيان ۽ رهڻ لاءِ ڪنهن جاءِ
جي تلاش ۾ نڪتو آهيان.“ 10 تڏهن ميڪاه کيس چيو تہ ”تون مون
سان گڏجي هڪڙي پيءُ ۽ ڪاهن طور ٿي رهہ تہ آءٌ تو کي سال ۾
*ڏهہ چانديءَ جا سڪا، بلڪ ڪپڙا ۽ کاڌو بہ ڏيندس.“ 11 اهو جوان
لاوي ميڪاه سان گڏ رهڻ تي راضي ٿيو ۽ هو ميڪاه لاءِ سندس پٽن
مان هڪڙي پٽ وانگر هو. 12 ميڪاه انهيءَ لاويءَ کي بطور ڪاهن
مقرر ڪيو ۽ هو ميڪاه جي گهر ۾ رهڻ لڳو. 13 تڏهن ميڪاه چيو تہ
”هاڻي مون کي يقين آهي تہ خداوند مون سان چڱائي ڪندو، ڇوتہ
هڪڙو لاوي منهنجو ڪاهن آهي.“

## بني دان ۽ ميڪاه جا بت

18 1 انهن ڏينهن ۾ بني اسرائيل ۾ ڪوبہ بادشاهہ ڪونہ هو.
انهن ئي ڏينهن ۾ دان قبيلي وارا انهيءَ ڳولها ۾ هئا تہ
پنهنجي رهائش لاءِ ڪو علائقو هٿ ڪن ڇالاءِجو هنن کي اڃا تائين
بني اسرائيل جي قبيلن منجهہ ڪو علائقو ڪونہ مليو هو. 2 سو بني
دان صرعہ ۽ استال شهرن مان پنهنجي قبيلي جا پنج بهادر ماڻهو
جاسوسي ڪرڻ لاءِ موڪليا تہ وڃي ملڪ ۾ نظر ڊوڙائي ڪو چڱو
علائقو ڳولهي اچن. سو انهن کي چيو ويو تہ ”وڃي ملڪ ۾ ڪو
چڱو علائقو ڳولهي اچو.“ تڏهن هو افرائيم جي جابلو علائقي ۾ آيا
۽ ميڪاه جي گهر ۾ رات ٽڪيا. 3 جڏهن هو ميڪاه جي گهر ۾ هئا
تہ اتي هنن انهيءَ جوان لاويءَ جو آواز سڃاتو. سو هو ڦري وٽس
آيا ۽ کانئس پڇيائون تہ ”تو کي هتي ڪنهن آندو؟ تون هتي ڇا ٿو
ڪرين؟ تنهنجو هتي ڪهڙو ڪم آهي؟“ 4 تنهن تي هن کين ميڪاه
جي سلوڪ بابت ٻڌايو ۽ چيو تہ ”هن مون کي پگهار تي ڪاهن
ڪري رکيو آهي.“ 5 تڏهن هنن چيس تہ ”مهرباني ڪري خدا کان
پڇي اسان کي ٻڌاءِ تہ اسان جو پنڌ سجايو ٿيندو يا نہ.“ 6 ڪاهن
هنن کي چيو تہ ”سلامتيءَ سان هليا وڃو. اوهان جي انهيءَ سفر ۾
خداوند جي رضامندي شامل آهي.“

7 سو اهي پنج ئي ڄڻا اُتان روانا ٿيا ۽ ليس شهر ۾ آيا. اُتي
ڏٺائون تہ صيدانين وانگر ماڻهن امن ۽ آرام ۾ پيئي گذاريو. انهن
جي ملڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي ڪانہ هئي، تنهنڪري هو
ڏاڍا خوشحال هئا. هو صيدانين کان گهڻو پري هئا ۽ ٻئي ڪنهن سان
بہ ڪو واسطو نہ هون. 8 جڏهن اُهي پنج ئي ماڻهو صرعہ ۽ استال
شهرن ۾ موٽي آيا تڏهن سندن ڀائرن کانئن اُتان جو احوال ورتو.
9 هنن وراڻيو تہ ”هلو تہ هلي ليس شهر تي حملو ڪريون. اسان ان
ملڪ کي ڏٺو جيڪو ڏاڍو سنو آهي. اوهين ڇو ماٺ ڪيو ويٺا آهيو؟
سستي نہ ڪريو، هلو تہ هلي مٿس قبضو ڪريون. 10 جڏهن اوهين
اتي پهچندا تڏهن هڪڙي بي‌خوف وَ خطر قوم ڏسندا. سندن ملڪ
ڪشادو آهي جيڪو خداوند اوهان جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي، جنهن
۾ ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي نہ آهي.“

11 سو دان قبيلي مان ڇهہ سؤ ماڻهو جنگ جا هٿيار ٻڌي صرعہ
۽ استال شهرن مان روانا ٿيا. 12 هنن وڃي يهوداہ جي قريت‌يعريم
شهر ۾ منزل ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ جاءِ کي اڄ ڏينهن
تائين †منحہ‌دان سڏيندا آهن. اها جاءِ قريت‌يعريم شهر جي اولهہ
۾ آهي. 13 اتان هلي هو افرائيم جي جابلو علائقي ۾ آيا جتي ميڪاه
جو گهر هو.

14 تڏهن جيڪي پنج ماڻهو ليس جي ملڪ جو حال معلوم ڪرڻ
ويا هئا تن پنهنجن ساٿين کي چيو تہ ”ڇا اوهان کي خبر آهي تہ
هتي هڪڙي گهر ۾ مجسمو، ننڍڙا بت ۽ اُڪريل ۽ مٿس چاندي پلٽيل
هڪڙو بت رکيل آهي؟ تنهنڪري هاڻي سوچو تہ اسان کي ڇا ڪرڻ
گهرجي؟“ 15 تڏهن هو انهيءَ پاسي ڦري ميڪاه جي گهر ۾ انهيءَ
جوان لاويءَ جي رهائش‌گاهہ تي آيا ۽ ساڻس سلام دعا ڪرڻ لڳا.
16 جڏهن تہ دان قبيلي جا ڇهہ سؤ مرد گهر جي ٻاهرين دروازي وٽ
هٿيارن سان بيٺا هئا.

17 تڏهن ملڪ جو حال معلوم ڪرڻ وارا اهي پنج ماڻهو گهر ۾
اندر ويا ۽ اهو اُڪريل ۽ مٿس چاندي پلٽيل بت، مجسمو ۽ ننڍڙا بت
کنيائون، جڏهن تہ ڪاهن انهن ڇهہ سؤ ماڻهن وٽ بيٺو هو، جيڪي
جنگ جا هٿيار ٻڌيو گهر جي ٻاهرين دروازي وٽ بيٺا هئا.
18 جڏهن اهي ميڪاه جي گهر اندر ويا ۽ اتان اُڪريل ۽ مٿس
چاندي پلٽيل بت، مجسمو ۽ ننڍڙا بت کنيائون تڏهن ڪاهن هنن کي
چوڻ لڳو تہ ”اوهين اهو ڇا ٿا ڪريو؟“ 19 هنن چيس تہ ”ماٺ ڪر،
پنهنجو وات بند رک. اسان سان هل ۽ اسان لاءِ ڪاهن ۽ پيءُ وانگر
ٿي رهُہ. ڇا هڪڙي خاندان جو ڪاهن ٿيڻ بدران تنهنجي لاءِ اهو
بهتر نہ آهي تہ تون بني اسرائيل جي هڪڙي سڄي قبيلي جو ڪاهن
ٿئين؟“ 20 تڏهن ڪاهن ڏاڍو خوش ٿيو. هن اهو مجسمو، ننڍڙا بت
۽ اُڪريل ۽ مٿس چاندي پٽيل بت کنيو ۽ انهن سان گڏ هليو ويو.
21 پوءِ هو پنهنجا ٻار ٻچا، چوپايو مال ۽ ٻيو سامان پنهنجي اڳيان
ڪري روانا ٿيا. 22 جڏهن هو ميڪاه جي گهر کان چڱو پنڌ پري نڪري
ويا، تڏهن ميڪاه پنهنجي پاڙيسرين کي انهن سان وڙهڻ لاءِ سڏي
گڏ ڪيو. هو بني دان جو پيڇو ڪندي کين وڃي پهتا 23 ۽ کين هڪل
ڏنائون. سو بني دان پوئتي ڦري ميڪاه کان پڇيو تہ ”ڪهڙي ڳالهہ
آهي جو هيڏو ٽولو وڙهڻ لاءِ وٺي آيو آهين؟“ 24 هن کين وراڻيو تہ
”اوهان منهنجو ڪاهن ۽ منهنجا جوڙيل بت بہ پاڻ سان کڻي آيا
آهيو. هاڻي باقي مون وٽ ڇا ڇڏيو اٿوَ؟ پوءِ بہ اوهين مون کان ٿا

*ڏهہ چانديءَ جا سڪا: اٽڪل 110 گرام چاندي.
†منحہ‌دان: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جو مطلب آهي ”دان جو خيمي‌گاهہ.“

پڇو تہ ’ڪهڙي ڳالھہ آهي؟‘“ 25 بني دان ڪيس چيو تہ ”تنهنجي
لاءِ بهتر آهي تہ ٻڙڪ بہ نہ ڪُڇ، متان اسان مان ڪن کي ڪاوڙ
لڳي ۽ تو تي حملو ڪري ڏين ۽ تون پنهنجي گهراڻي سميت پنهنجي
جان وڃائي ويهين.“ 26 ائين چئي بني دان پنهنجي واٽ وٺي هليا
ويا. ميڪاہ جڏهن ڏٺو تہ هو ڪانئس ڏاڍا آهن تڏهن هو موٽي پنهنجي
گهر هليو ويو.

27-28 پوءِ بني دان ميڪاہ جي ٺاهيل شين ۽ سندس ڪاهن سميت
بيت‌رحوب واري ماٿريءَ جي شهر ليس ۾ بي‌خوف وَ خطر ۽ امن ۾
رهندڙ ماڻهن جي مٿان اچي ڪڙڪيا. انهن کي تلوار جي ڌار سان
ماريائون ۽ پوءِ سندن شهر کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيائون. ڪوبہ
انهن کي ڇڏائڻ وارو ڪونہ هو، ڇالاءِجو صيدا کان سندن شهر ليس
پري هو ۽ انهن ماڻهن جو ڪنهن ٻئي سان بہ ڪو واسطو ئي ڪونہ
هو. بني دان اهو شهر وري ٻڌو ۽ منجهس رهڻ لڳا. 29 هنن انهيءَ
شهر جو نالو ليس مان ڦيرائي دان رکيو، يعني پنهنجي وڏي دان
جي نالي پٺيان، جيڪو يعقوب جو پٽ هو. 30 اتي بني دان پنهنجي
لاءِ اُهو بت ڪوڙي ڇڏيو ۽ پوءِ جيستائين اهو ملڪ *جلاوطنيءَ وقت
ٻين جي قبضي ۾ آيو تيستائين گيرشوم جو پٽ يعني موسيٰ جو پوٽو
يونتن ۽ سندس اولاد دان قبيلي جا ڪاهن ٿي رهيا. 31 اهڙيءَ طرح
جيستائين خدا جو گهر سيلا شهر ۾ هو، تيستائين ميڪاہ جو ٺاهيل
بت هنن ڪوڙي رکيو.

## هڪڙو بني لاوي ۽ سندس سُريت

19 1 جن ڏينهن ۾ بني اسرائيل تي ڪوبہ بادشاهہ ڪونہ هو،
تن ڏينهن جي ڳالھہ آهي تہ افرائيم جي جابلو علائقي جي
پرانهين پنڌ تي هڪڙو لاوي رهندو هو، جنهن يهوداہ واري بيت‌لحم
شهر مان هڪڙي عورت †سُريت ڪري پاڻ وٽ رکي هئي. 2 هڪڙي
ڏينهن هوءَ ڪانئس ناراض ٿي هن وٽان نڪري يهوداہ واري بيت‌لحم
شهر ۾، پنهنجي پيءُ جي گهر هلي ويئي. اُتي هوءَ چار مهينا ڪن
رهي پيئي هئي. 3 پوءِ هن جو مڙس ڪيس پرچائي واپس وٺي اچڻ لاءِ
هن جي پٺيان ويو. هن پاڻ سان پنهنجو نوڪر ۽ ٻہ گڏهہ بہ ڪاهيا.
هو اتي پهتو تہ اها عورت ڪيس پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ وٺي ويئي.
جڏهن انهيءَ عورت جي پيءُ ڪيس ڏٺو تڏهن خوشيءَ سان سندس
آڌرڀاءُ ڪيائين. 4 سندس سهري ڪيس پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. هو وٽس
ٽي ڏينهن رهيو، هن اتي کاڌو پيتو ۽ ننڊون ڪيون. 5 چوٿين ڏينهن
صبح جو سوير هو اٿيا ۽ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. پر سندس سهري
چيس تہ ”ماني ٽڪي کائي تازو توانو ٿيو، پوءِ پلي هليا وڃجو.“
6 تڏهن هو ٻئي ڄڻا ويهي رهيا ۽ گڏجي کاڌائون پيتائون. تنهن
کان پوءِ سندس سهري چيس تہ ”جي مناسب سمجهين تہ اڄ رات
بہ هتي ترسي پئُہ ۽ مزا ماڻ.“ 7 جڏهن هو وڃڻ لاءِ اٿيو تہ سندس
سهري وري زور لاتس، سو هو اها رات بہ اتي ٽڪي پيو. 8 پنجين
ڏينهن صبح جو سوير هو وڃڻ لاءِ اٿيو، تڏهن سندس سهري چيس
تہ ”ڪجهہ تازو توانو ٿيءُ ۽ مهرباني ڪري شام تائين ترسي پئُہ.“
پوءِ هنن ٻنهي گڏجي ماني کاڌي.

9 شام جو جڏهن اهو ماڻهو پنهنجي سريت ۽ پنهنجي نوڪر سان
گڏ وڃڻ لاءِ اٿيو تڏهن سندس سهري چيس تہ ”ڏس، هاڻي سج لهڻ
تي آهي، سو رات هتي ترسي پئُہ ۽ مزا ماڻ. سڀاڻي سوير اٿي پلي
پنهنجي گهر هليو وڃجانءِ.“ 10 پر هو اها رات اتي ٽڪڻ تي راضي
نہ ٿيو، سو هو اٿيو ۽ يبوس يعني يروشلم ڏانهن روانو ٿيو. هن سان
گڏ زين پيل ٻہ گڏهہ ۽ سندس سريت هئي.

11 جڏهن هو يبوس يعني يروشلم کي ويجهو اچي پهتا تہ سج لهڻ
تي هو. سو سندس نوڪر جيڪو ساڻس گڏ هو، تنهن ڪيس چيو تہ
”چو نہ اسين لڙي هلي رات يبوسين جي هن شهر ۾ ٽڪون؟“ 12 هن
جي مالڪ وراڻيو تہ ”نہ، اسين ڪنهن ڌارئي شهر ۾ نہ ٽڪنداسين،
جتي جا رهاڪو بني اسرائيل منجهان نہ هجن. اسين اِتان لنگهي
گبعت شهر ڏانهن هلنداسين.“ 13 هن وڌيڪ چيو تہ ”هلو تہ گبعت
يا رامہ ٻنهي شهرن مان ڪنهن هڪ ۾ هلي رات گذاريون.“ 14 سو
هو اڳتي هلندا هليا، جڏهن بنيامين جي علائقي ۾ گبعت شهر جي
ويجهو پهتا تڏهن ڪين سج لهي ويو. 15 اُتي هو گبعت ۾ رات ٽڪڻ
لاءِ لڙي ويا. هو چونڪ تي وڃي ويٺا پر ڪنهن بہ ڪين رات ٽڪائڻ
لاءِ پنهنجي گهر نہ نيو.

16 هو اڃا اتي ويٺا ئي هئا تہ هڪڙو پوڙهو مرد پنهنجي ٻنيءَ مان
ڪم تان موٽيو پئي آيو. اهو ماڻهو اصل ۾ افرائيم جي جابلو علائقي
جو هو، پر پوءِ هو گبعت ۾ اچي رهيو هو، جڏهن تہ گبعت جا ٻيا
رهاڪو بني بنيامين هئا. 17 اُنهيءَ پوڙهي مرد جڏهن مسافرن کي
چونڪ تي ويٺل ڏٺو تڏهن ڪانئن پڇيائين تہ ”اوهين ڪٿان آيا آهيو ۽
ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“

18 انهيءَ بني لاويءَ وراڻيس تہ ”اسين يهوداہ واري بيت‌لحم کان
آيا آهيون ۽ افرائيم جي جابلو علائقي جي پرانهين هنڌ ڏانهن پنهنجي
گهر پيا وڃون. هتي اهڙو ڪوبہ ماڻهو ڪونهي جيڪو اسان کي پاڻ
وٽ ٽڪائي. 19 اسان کي پنهنجي گڏهن لاءِ گاهہ ۽ داڻو آهي، ان
کان سواءِ اسان تنهنجي خادمن وٽ ماني ۽ مئي پڻ موجود آهي.
اسان کي ڪنهن بہ شيءِ جي گهرج ڪانهي.“

20 تڏهن ان پوڙهي مرد چيس تہ ”اوهين منهنجي گهر هلو. اوهان
کي جيڪي گهربو سو آءٌ اوهان کي ڏيندس. رڳو ايترو ڪريو جو رستي
تي رات نہ گذاريو.“ 21 سو هو انهن کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ انهن
جي گڏهن کي گاهہ ڏنائين. هنن هٿ منهن ڌوئڻ کان پوءِ ماني کاڌي.

*جلاوطنيءَ وقت: اٽڪل سن 733 قبل مسيح اشوري قوم اتر واري ملڪ اسرائيل جي اپرندي توڙي الهندي واري سڄي علائقي تي قبضو ڪيو ۽ اتان جي ماڻهن کي قيد ڪري وٺي ويا. ڏسو 2.بادشاهہ 15:29.

†سُريت: تنهن دور ۾ سُريت کي زال ئي سمجهيو ويندو هو، چوتہ ڪيس زال جا ڪجهہ حق حاصل هوندا هئا.

22 انهيءَ کان پوءِ جڏهن هو ارام سان ويٺا هئا، تڏهن اوچتو شهر
جا ڪي بدڪار ماڻهو ان گهر کي وڪوڙي ويا. هنن در تي سٽڪا
لائي ڏنا ۽ گهر جي مالڪ کي چوڻ لڳا تہ ”ڪو ماڻهو تنهنجي گهر
۾ آيو آهي تنهن کي ٻاهر ڪڍي اچ تہ اسين ساڻس برو فعل ڪريون.“
23 تڏهن گهر جي مالڪ ٻاهر نڪري کين چيو تہ ”نہ، اي منهنجا
ڀائرؤ! مهرباني ڪري اهڙو بڇڙو ڪم نہ ڪريو. جيئن تہ اهو ماڻهو
منهنجو مهمان آهي سو اهڙو ڪُڌو ڪم ساڻس نہ ڪريو. 24 ڏسو،
منهنجي ڪنواري ڌيءَ ۽ هن جي عورت ٻئي موجود آهن. آءٌ انهن کي
ٻاهر اوهان وٽ وٺي ٿو اچان، اوهين اهي وٺو ۽ جيڪي اوهين چاهيو
سو ساڻن ڪريو. پر هن ماڻهوءَ سان اهڙو ڪُڌو ڪم نہ ڪريو.“ 25 پر
هنن سندس ڳالهہ نہ مڃي. سو انهيءَ بني لاويءَ پنهنجي سريت
کي پڪڙي گهر کان ٻاهر ڪڍي هنن جي حوالي ڪئي. هنن انهيءَ
سان زوريءَ زنا ڪئي ۽ سڄي رات ساڻس بڇڙي هلت ڪيائون. جڏهن
پرهہ ڦٽڻ لڳي تڏهن هنن کيس ڇڏي ڏنو. 26 پوءِ اها عورت پرهہ ڦٽيءَ
مهل ان ماڻهوءَ جي گهر ڏانهن موٽي جتي سندس مڙس رهيل هو.
هوءَ در تي اچي ڪري پيئي ۽ روشني ٿيڻ تائين اتي ئي پيئي رهي.
27 صبح جو جڏهن هن جو ڌڻي اٿيو ۽ پنهنجو رستو وٺي وڃڻ
لاءِ دروازو کوليائين تہ ڇا ڏسي تہ سندس سريت چائنٺ تي پنهنجا
هٿ رکيو ڪري پيئي آهي. 28 هن کيس چيو تہ ”اُٿ تہ هلون.“ پر
ڪوبہ جواب ڪونہ مليس. پوءِ هن انهيءَ کي ڪٺي گڏهہ تي رکيو ۽
پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو. 29 جڏهن هو گهر پهتو، تڏهن هڪڙي
ڇُري ڪٺي پنهنجي سريت جي لاش کي عضوو عضوو ڪري ٻارهن
حصن ۾ ڪپيائين ۽ بني اسرائيل جي ٻارهن ئي قبيلن ڏانهن هڪ
هڪ عضوو ڏياري موڪليائين. 30 جن کي بہ انهيءَ بابت معلوم ٿيو
تن چيو تہ ”جنهن ڏينهن کان اسين بني اسرائيل مصر جي ملڪ مان
نڪري آيا آهيون تنهن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، اسان اهڙو
ڪم نہ ڪيو آهي، نہ ٻڌو ۽ نہ ڏٺو آهي. انهيءَ بابت غور ڪريو،
ويچاريو ۽ ٻڌايو تہ ڇا ڪجي!“

## بني بنيامين کان بدلو وٺڻ

(48–1:20)

### (بني اسرائيل جي جنگ لاءِ تياري)

20 1 تڏهن سمورا بني اسرائيل اوپر ۾ گلعاد علائقي کان ۽
اتر ۾ دان شهر کان وٺي ڏکڻ ۾ بيرسبع شهر تائين هڪ
دل ٿي ٻاهر نڪتا. هو مصفاه شهر ۾ خداوند جي حضور ۾ اچي گڏ
ٿيا. 2 خدا جي قوم بني اسرائيل جا اڳواڻ ۽ سڀني قبيلن جا ماڻهو
هن گڏجاڻيءَ ۾ موجود هئا، جيڪي چار لک پيادا تلوار بردار جنگي
مرد هئا. 3 جڏهن تہ بني بنيامين کي خبر پيئي تہ هنن کان سواءِ
ٻيا سمورا بني اسرائيل مصفاه شهر ۾ وڃي گڏ ٿيا آهن.
مصفاه شهر ۾ بني اسرائيل هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا تہ ”اسان ۾ اها
برائي ڪيئن ٿي؟“ 4 تنهن تي اهو لاوي جنهن جي سريت قتل ڪئي
ويئي هئي، تنهن وراڻيو تہ ”آءٌ ۽ منهنجي سريت بنيامين جي علائقي
واري گبعت شهر ۾ رات ٽڪڻ لاءِ آياسين. 5 گبعت شهر جا ماڻهو
اچي منهنجي پٺيان پيا ۽ جنهن گهر ۾ آءٌ ٽڪيل هوس تنهن کي رات
جو وڪوڙي ويا. هنن مون کي قتل ڪرڻ گهريو، پر پوءِ منهنجي
سريت سان زوريءَ ايتري تہ زنا ڪيائون جو هوءَ مري ويئي. 6 پوءِ
مون پنهنجي سُريت جي لاش کي وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ بني اسرائيل
جي ٻارهن ئي قبيلن ڏانهن هڪ هڪ ٽڪر ڏياري موڪليم، ڇالاءِجو
هنن اسان منجهہ هڪ بڇڙو ۽ شرمناڪ ڪم ڪيو آهي. 7 هاڻي اي
بني اسرائيل وارؤ! اوهين سڀ هتي پنهنجي صلاح ۽ فيصلو ڏيو.“
8 تڏهن سڀيئي ماڻهو يڪراءِ ٿي چوڻ لڳا تہ ”اسان مان ڪوبہ
پنهنجي گهر ڏانهن موٽي ڪونہ ويندو. 9 بلڪ هاڻي اسين هيئن
ڪنداسين جو گبعت شهر تي حملو ڪرڻ لاءِ اسين ڪٺا وجهي ماڻهو
چونڊي لشڪر تيار ڪنداسون. 10 پوءِ اسين بني اسرائيل جي سڀني
قبيلن مان هڪ سؤ مان ڏهہ مرد، هڪ هزار مان هڪ سؤ ۽ ڏهن
هزارن مان هڪ هزار مرد ڌار ڪنداسين تہ جيئن اهي لشڪر کي
کاڌو خوراڪ پهچائين. جڏهن لشڪر بنيامين واري گبعت شهر وٽ
پهچي، تڏهن بني اسرائيل ۾ جيڪا برائي هنن ڪئي آهي تنهن جو
کين پورو پورو بدلو ڏيون.“ 11 سو بني اسرائيل جا سڀيئي مرد انهيءَ
شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ يڪراءِ ٿي گڏ ٿيا.
12 بني اسرائيل جي قبيلن بنيامين جي ساري قبيلي وارن ڏانهن
ماڻهن هٿان چوائي موڪليو تہ ”هي ڪهڙي برائي اوهان ۾ ٿي چڪي
آهي؟ 13 سو هاڻ اوهين انهن گبعت شهر جي رهاڪو بدڪار ماڻهن
کي اسان جي حوالي ڪريو تہ اسين کين قتل ڪريون ۽ اهڙيءَ طرح
بني اسرائيل مان برائي ڪڍي ڇڏيون.“ پر بني بنيامين پنهنجي بني
اسرائيل جي ٻين قبيلن وارن جي ڳالهہ نہ مڃي. 14 اٿلندو هو پنهنجي
پنهنجي ڳوٺ مان اچي گبعت ۾ گڏ ٿيا تہ جيئن انهن ٻين قبيلن
سان جنگ ڪن. 15 انهيءَ ڏينهن بني بنيامين جيڪي ڳوٺن مان اچي
گڏ ٿيا سي ڇويهہ هزار ماڻهو هئا، انهن سڀني کي تلوارون هيون.
انهن کان سواءِ گبعت جا رهاڪو پڻ هئا، جيڪي شمار ۾ ست سؤ
چونڊ ماڻهو هئا. 16 اهي ست سؤ چونڊ ماڻهو کاٻڙيا هئا، انهن مان
هر هڪ اهڙو تہ نشاني باز هو جو ڪانياٽيءَ سان پٿر اڇلائڻ ۾ وار
برابر بہ ان جو نشانو خطا نہ ٿيندو هو. 17 بني بنيامين کان سواءِ
بني اسرائيل جا چار لک تلوارباز هئا. اهي سڀ جنگ جا ڄاڻو هئا.

---

24–22:19 پيد 19:5–8 29:19 1.سم 11:7

### (بني بنيامين تي حملو)

18 پوءِ بني اسرائيل بيت‌ايل شهر ۾ مقدس هنڌ تي ويا ۽ خدا کان
ڪٿا وجهي صلاح پڇيائون تہ ”بني بنيامين سان وڙهڻ لاءِ اسان
مان پهريائين ڪير چڙهائي ڪري؟“ خداوند چيو تہ ”يهوداہ قبيلو
پهريائين وڃي.“
19 سو بني اسرائيل صبح جو اٿيا ۽ اتان روانا ٿي گبعت شهر جي
ٻاهران اچي پنهنجا تنبو کوڙيائون. 20 پوءِ هو بني بنيامين سان جنگ
ڪرڻ واسطي گبعت جي سامهون صفون ٻڌي بيهي رهيا. 21 تڏهن
بني بنيامين گبعت مان نڪري آيا ۽ انهيءَ ئي ڏينهن بني اسرائيل
جا ٻاويهہ هزار ماڻهو ماري ڇڏيائون. 22-23 سو بني اسرائيل مقدس
هنڌ تي موٽي وڃي شام تائين خداوند جي آڏو رنا. هنن شام جو
خداوند کان پڇيو تہ ”ڇا اسين پنهنجن همقوم بني بنيامين سان
جنگ ڪرڻ لاءِ وري اڳتي وڌون يا نہ؟“ خداوند وراڻيو تہ ”ڀلي هنن
تي چڙهائي ڪريو.“ تڏهن بني اسرائيل جا ماڻهو همت ٻڌي جنهن
هنڌ پهرين ڏينهن صفون ٻڌي بيٺا هئا، انهيءَ ساڳئي هنڌ وري بہ
جنگ لاءِ صفون ٻڌي بيٺا 24 ۽ ٻئي ڏينهن تي هو بني بنيامين سان
وڙهڻ لاءِ هنن کي ويجهو ويا. 25 انهيءَ ڏينهن تي وري بني بنيامين
گبعت مان نڪري هنن تي ڪاهہ ڪئي ۽ وري بہ بني اسرائيل جا
ارڙهن هزار ماڻهو ماري وڌائون، جيڪي سڀ تلوارباز هئا. 26 تڏهن
بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو بيت‌ايل ڏانهن موٽي ويا ۽ اتي خداوند
اڳيان ويهي رنائون. هنن اهو سڄو ڏينهن روزو رکيو ۽ ساڙڻ واريون
قربانيون ۽ سلامتيءَ واريون قربانيون پيش ڪيون. 27-28 جيئن تہ
خدا جي عهد واري صندوق انهن ڏينهن ۾ اُتي ئي هئي ۽ فينحاس
جيڪو هارون جو پوٽو ۽ اليعزر جو پٽ هو سو انهيءَ جي سنڀال
ڪندو هو، تنهنڪري بني اسرائيل اتي وڃي خداوند کان پڇيو تہ ”ڇا
اسين پنهنجي همقوم بني بنيامين سان هڪ دفعو وري جنگ ڪرڻ
لاءِ نڪري وڃون يا نہ؟“ تڏهن خداوند کين ورندي ڏني تہ ”وڃو،
ڇالاءِجو سڀاڻي آءٌ اوهان کي هنن تي فتح ڏيندس.“
29 پوءِ بني اسرائيل گبعت جي چوڌاري ڪجهہ ماڻهو لڪائي
ويهاري ڇڏيا. 30 ان کان پوءِ هنن ٽئين ڏينهن تي وري بني بنيامين
تي چڙهائي ڪئي ۽ اڳي وانگر گبعت جي سامهون صفون ٻڌي بيهي
رهيا. 31 بني بنيامين هنن تي ڪاهہ ڪري آيا ۽ بني اسرائيل کي
پٺندو ڏسي سندن پٺيان شهر کان گهڻو پري نڪري آيا. هنن اڳي
وانگر بني اسرائيل کي مارڻ شروع ڪيو، ايتري قدر جو بني اسرائيل
جا اٽڪل ٽيهہ ماڻهو ميدان ۽ رستن تي ڪيري وڌائون، جن مان هڪ
رستو بيت‌ايل ڏانهن ٿي ويو تہ ٻيو گبعت ڏانهن. 32 بني بنيامين
سمجهن پيا تہ ”اسين اڳي وانگر کين شڪست ڏيون پيا.“ پر جڏهن
تہ بني اسرائيل جو خيال هو تہ ”اتان پٺي انهن کي شهر مان ڪڍي
شاهي رستن تي وٺي اچون.“ 33 بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو پوئتي
هٽيا ۽ بعل‌تمر واري هنڌ وٽ گڏ ٿي وري صفون ٻڌي بيهي رهيا.
هوڏانهن گبعت شهر جي اولهہ ۾ جيڪي بني اسرائيل لڪا ويٺا هئا
سي نڪري نروار ٿيا. 34 پوءِ بني اسرائيل مان ڏهہ هزار چونڊ ماڻهن
گبعت شهر تي سامهون ڪاهہ ڪئي. جنگ ڏاڍي سخت هئي. پر
بني بنيامين نہ ٿي ڄاتو تہ ڪا مصيبت مٿن ڪڙڪڻي آهي.

### (بني اسرائيل جي فتح)

35 خداوند بني بنيامين کي بني اسرائيل جي هٿان شڪست ڏني ۽
انهيءَ ڏينهن بني اسرائيل بني بنيامين جا پنجويهہ هزار هڪ سؤ
ماڻهو ماري ناس ڪيا، جيڪي سڀئي جنگي جوڌا هئا. 36 پوءِ بني
بنيامين سمجهيو تہ ”اسين شڪست کائي چڪا آهيون.“
بني اسرائيل جي ماڻهن اهڙيءَ طرح جنگ ڪئي جو هو بني بنيامين
جي اڳيان پوئتي هٽيا، انهيءَ لاءِ تہ هنن انهن ماڻهن تي ڀاڙيو پئي
جيڪي گبعت جي چوڌاري لڪائي ويهاريا هئائون. 37 تڏهن انهن
لڪي ويٺل ماڻهن اوچتو گبعت تي حملو ڪيو ۽ سڄي شهر کي تلوار
جي ڌار سان ماري وڌائون. 38 بني اسرائيل جي ماڻهن لڪي ويٺل
ماڻهن سان اها نشاني مقرر ڪري ڇڏي هئي تہ هو شهر مان هڪ
وڏو دونهين جو ڪڪر مٿي چاڙهيندا، 39 تڏهن بني اسرائيل جا ماڻهو
جنگ ۾ پٺتي هٽيا.
انهيءَ دوران بني بنيامين هنن جا ٽيهہ ماڻهو ماري چڪا هئا. تڏهن
بني بنيامين سمجهڻ لڳا تہ ”اسان اڳي وانگر هنن کي وري شڪست
ڏيون ٿا.“ 40 پر جڏهن شهر مان دونهين جو ٿنڀو ڪڪر جيان مٿي
چڙهڻ لڳو، تڏهن بني بنيامين پٺتي نهاريو ۽ ڇا ڏٺائون تہ سڄي شهر
مان دونهون آسمان تائين پيو چڙهي. 41 پوءِ بني اسرائيل جي ماڻهن
بني بنيامين تي موٽ ڪئي ۽ بني بنيامين جون مٽيون ئي منجهي
ويون، ڇالاءِجو ڏٺائون تہ مصيبت اچي مٿن ڪڙڪي آهي. 42 سو هو
بني اسرائيل جي ماڻهن کي پٺ ڏيئي بيابان واري رستي سان وٺي ڀڳا.
تڏهن بہ بني اسرائيل انهن جو پيڇو نہ ڇڏيو ۽ جيڪي بني اسرائيل
شهر ۾ پهچي چڪا هئا سي بہ ٻاهر نڪري مٿن اچي ڪڙڪيا ۽ انهن
کي اتي ئي ناس ڪندا ويا. 43 اهڙيءَ طرح هنن بني بنيامين کي
گهيري هيٺ آڻي انهن جو پيڇو ڪيو ۽ ايرندي ۾ گبعت جي آس‌پاس
تائين کين آسانيءَ سان ڪچلي ڇڏيائون. 44 سو بني بنيامين جا ارڙهن
هزار ماڻهو مئا، جيڪي سڀ جنگي جوڌا هئا. 45 بني بنيامين جا ٻيا
ماڻهو موٽ کائي بيابان طرف رمون جي ٽڪر ڏانهن ڀڄي ويا. تن
مان پنج هزار ماڻهن کي رستن ۾ ماري ڇڏيائون. بني اسرائيل گدوم
تائين باقي بچيلن جو پيڇو ڪندا ويا ۽ انهن مان ٻہ هزار ماڻهو ٻيا
بہ ماري وڌائون. 46 سو انهيءَ ڏينهن بني بنيامين جا ڪل پنجويهہ
هزار تلوارباز ماڻهو مري ويا، جيڪي سڀ جنگي جوڌا هئا.
47 پر ڇهہ سؤ ماڻهو بيابان طرف رمون جي ٽڪر ڏانهن ڀڄي وڃڻ
۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ هو اتي چار مهينا رهي پيا. 48 بني اسرائيل جي
ماڻهن موٽي بني بنيامين جي شهر تي وري ڪاهہ ڪئي ۽ سڀيئي
مرد، عورتون ۽ ٻار توڙي جانور تلوار جي ڌار سان ماري ڇڏيائون.

تنهن کان سواءِ ان علائقي ۾ سندن جيڪي بہ شهر هئا سي سڀ
ساڙي ڇڏيائون.

## بني بنيامين لاءِ زالون

21 1 بني اسرائيل جا ماڻهو جڏهن مصفاه شهر ۾ گڏ ٿيا هئا
تڏهن قسم کڻي چيو هئائون تہ ”اسان مان ڪوبہ پنهنجي
ڌيءَ بني بنيامين کي پرڻائي نہ ڏيندو.“ 2 پر هاڻ هو بيت‌ايل ۾ آيا
جتي هو شام تائين خدا جي آڏو ويٺا رهيا ۽ دانهون ڪري زارزار پئي
رنائون. 3 هنن رڙيون ڪري پئي چيو تہ ”اي خداوند، بني اسرائيل جا
خدا! ائين ڇو ٿيو؟ ڇو بني اسرائيل مان هڪڙو قبيلو گھٽ ٿي ويو.“
4 ٻئي ڏينهن ماڻهو صبح جو سوير اٿيا ۽ اُتي هڪڙي قربان‌گاهہ
ناهيائون ۽ انهيءَ تي ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ واريون
قربانيون پيش ڪيائون. 5-7 انهيءَ دوران بني اسرائيل پنهنجي
همقوم بني بنيامين لاءِ هر هر ڏاڍو افسوس ڪندي پئي چيو تہ ”اڄ
بني اسرائيل مان هڪ قبيلو ڪٽجي ويو آهي. پر جيڪي باقي بچيا
آهن هاڻي تن کي پرڻائڻ جي باري ۾ اسين ڇا ڪريون؟ اسان تہ
خداوند جو قسم کنيو آهي تہ اسين پنهنجون ڌيئرون هنن کي پرڻائي
نہ ڏينداسين.“

جيئن تہ هنن پڪو قسم کڻي چيو هو تہ ”جيڪو بہ خداوند جي
حضور ۾ اچي حاضر نہ ٿيندو تنهن کي ضرور ماريو ويندو.“ 8 سو
هاڻي هو هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا تہ ”ڇا بني اسرائيل مان ڪو اهڙو
گھراڻو آهي جيڪو مصفاه ۾ خداوند جي حضور ۾ حاضر نہ ٿيو
هجي؟“ تڏهن کين معلوم ٿيو تہ گلعاد جي يبيس شهر مان ڪوبہ
اتي ڪونہ آيو هو، 9 ڇالاءِجو جڏهن اتي حاضري لڳائي ويئي تہ
يبيس جي رهاڪن مان ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنو هو. 10 تڏهن هنن
ٻارهن هزار نهايت بهادر ماڻهن کي هي حڪم ڏيئي اوڏانهن موڪليو
تہ ”وڃي يبيس جي رهاڪن کي عورتن ۽ ٻارن سميت تلوار جي ڌار
سان ماري ڇڏيو. 11 اوهين هيئن ڪجو جو سڀني مردن ۽ پرڻيل عورتن
کي ماري ڇڏجو پر ڪنوارين کي نہ مارجو.“ 12 اهڙيءَ طرح يبيس
جي رهاڪن مان هنن کي چار سؤ ڪنواريون ڇوڪريون هٿ آيون. هو
انهن کي سيلا شهر واري لشڪرگاهہ ۾ وٺي آيا، جيڪو اتي ڪنعان
ملڪ ۾ ئي آهي.

13 پوءِ قوم وارن بني بنيامين ڏانهن صلح جو پيغام موڪليو،
جيڪي رمون جي ٽڪر تي رهيل هئا. 14 تڏهن بني بنيامين موٽي آيا ۽
اهي ڇوڪريون کين ڏنيون ويون جيڪي جيئريون ڇڏيون ويون هيون.
پر اهي انهن لاءِ پوريون نہ پيون.

15 بني اسرائيل جي ماڻهن کي بني بنيامين لاءِ ڏک ٿيو، ڇالاءِجو
خداوند بني اسرائيل قوم جو هڪڙو ٻاڙو وڍي ڇڏيو هو. 16 سو بني
اسرائيل جي اڳواڻن چيو تہ ”جڏهن تہ بني بنيامين جون سموريون
عورتون ماريون ويون آهن، تڏهن هاڻي باقي رهيل مردن لاءِ اسين
زالون ڪٿان آڻيون؟“ 17 هنن وڌيڪ چيو تہ ”بني بنيامين مان جيڪي
ماڻهو باقي بچيا آهن، تن لاءِ پنيان ڪو وارث هئڻ ضروري آهي تہ
جيئن بني اسرائيل مان هڪڙو قبيلو مِٽجي نہ وڃي. 18 پر اسين هنن
کي پنهنجون ڌيئرون پرڻائي نہ ٿا ڏيئي سگھون، ڇالاءِجو اسان بني
اسرائيل قسم کڻي چيو هو تہ ’لعنت هجي انهيءَ تي جيڪو ڪنهن
بني بنيامين کي پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ڏئي.‘“

19-20 سيلا شهر بيت‌ايل جي اتر ۾، لبونہ شهر جي ڏکڻ ۾ ۽
بيت‌ايل کان سڪم ڏانهن ويندڙ انهيءَ شاهي رستي جي اوڀر ۾ آهي.
سو هنن سوچ ويچار ڪري بني بنيامين کي چيو تہ ”جيئن تہ سيلا
شهر ۾ خداوند جي سالياني عيد اچڻ واري آهي، تنهنڪري اوهين
وڃو ۽ انگورن جي باغ ۾ لڪي تاڙ ۾ ويهي رهو. 21 تاڙ ڪريو تہ
جڏهن سيلا شهر جون ڇوڪريون ناچ ۾ حصو وٺڻ لاءِ نڪري اچن
تڏهن اوهين بہ انگورن جي باغ مان نڪري اچجو. اوهان مان هر
ڪو سيلا جي انهن ڇوڪرين مان هڪڙي هڪڙي پنهنجي زال ڪري
زوريءَ کڻي پنهنجي علائقي ڏانهن هليو وڃي. 22 پوءِ جڏهن انهن
جا پيئر يا ڀائر اسان وٽ دانهن کڻي ايندا تڏهن هنن کي چونداسين
تہ ’اسان جي خاطر اهي ڇوڪريون کين ڏيئي ڇڏيو، ڇاڪاڻ‌تہ هنن
اوهان جون ڇوڪريون جنگ ۾ تہ ڪونہ کنيون آهن، نڪي اوهان
پاڻيهي اهي کين ڏنيون آهن، تنهنڪري اوهان واعدي خلافي ڪرڻ
جا ڏوهاري نہ آهيو.‘“

23 سو بني بنيامين ائين ئي ڪيو جو جڏهن ڇوڪريون نچي رهيون
هيون تڏهن هر ڪنهن ماڻهوءَ هڪڙي هڪڙي ڇوڪري وڃي پڪڙي
۽ ان کي کڻي وڃي ساڻس شادي ڪئي. پوءِ هو پنهنجي موروثي
علائقي ۾ موٽي آيا ۽ نئين سر شهر ٻڌي انهن ۾ رهڻ لڳا. 24 تنهن
کان پوءِ بني اسرائيل اتان روانا ٿيا. هر ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي
قبيلي، ڪٽنب ۽ پنهنجي ورثي واري علائقي ڏانهن موٽيو.
25 انهن ڏينهن ۾ بني اسرائيل تي ڪوبہ بادشاهہ ڪونہ هو، هر
ڪو ماڻهو جيئن هن کي مناسب نظر ايندو هو تيئن ئي ڪندو هو.

25:21 رهہ 6:17

# رُوت

## تعارف

”رُوت“ نالي ڪتاب ۾ بيان ڪيل هي پُرامن واقعو انهيءَ زور زبردستيءَ واري دور ۾ ٿيو، جنهن دور جو بيان ”رهبرَ“ جي مقدس ڪتاب ۾ لکيل آهي. رُوت هڪ موآبي عورت هئي، جنهن بني اسرائيل جي هڪ ماڻهوءَ سان شادي ڪئي. جڏهن سندس مڙس مري ويو تہ رُوت پنهنجي سس سان غير رسمي وفاداري ڏيکاري ۽ پاڻ کي پوريءَ طرح بني اسرائيل جي خدا لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. آخر ۾ هوءَ پنهنجي اڳئين مڙس جي خاندان جي هڪڙي فرد سان شادي ڪري ٿي ۽ انهيءَ شاديءَ جي وسيلي هوءَ بني اسرائيل جي هڪ بيحد عظيم بادشاهہ دائود جي پڙڏاڏي بڻجي ٿي.

”رهبرَ“ نالي ڪتاب جي واقعن ۾ انهن تباهين جي نازل ٿيڻ جو بيان آهي، جيڪي خدا جي طرفان انهن ماڻهن تي اينديون هيون جڏهن اهي خدا کان منهن موڙي ڇڏيندا هئا. پر ”رُوت“ نالي مقدس ڪتاب ۾ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪيئن هڪ ڌاري عورت تي خدا جون برڪتون نازل ٿين ٿيون، جڏهن هوءَ بني اسرائيل جي خدا ڏانهن رجوع ڪري ٿي ۽ اهڙيءَ طرح خدا جي وفادار ماڻهن مان هڪ بڻجي ٿي.

### سِٽاءُ

نعوميہ جو رُوت سان گڏ بيت‌لحم شهر ڏانهن موٽڻ 1:1–22
رُوت جو بوعز سان ملڻ 2:1–3:18
بوعز جو رُوت سان شادي ڪرڻ 4:1–22

---

### اِليملڪ ۽ سندس ڪٽنب جو موآب ڏانهن وڃڻ

1 1 جنهن زماني ۾ *رهبر بني اسرائيل تي راڄ ڪندا هئا، تنهن
زماني جي ڳالهہ آهي تہ بني اسرائيل جي ملڪ ۾ اچي ڏڪار
پيو. سو يهوداہ واري علائقي جي شهر بيت‌لحم مان هڪڙو ماڻهو
پنهنجيءَ زال ۽ ٻن پٽن سميت اهو وقت گذارڻ لاءِ †موآب ملڪ
ڏانهن روانو ٿيو. 2 انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو اِليملڪ هو ۽ سندس زال
جو نالو نعوميہ ۽ پٽن جا نالا محلون ۽ ڪليون هيس. اهي يهوداہ جي
شهر بيت‌لحم جي افراتي گهراڻي سان تعلق رکندا هئا. جڏهن اهي
موآب جي ملڪ ۾ ٿي رهيا 3 تڏهن نعوميہ جو مڙس اِليملڪ وفات
ڪري ويو ۽ هوءَ پنهنجن پٽن سميت اڪيلي وڃي بچي. 4 سندس
ٻنهي پٽن موآبي ڇوڪرين سان شادي ڪئي، جن مان هڪڙيءَ جو
نالو عرفہ ۽ ٻيءَ جو نالو رُوت هو. انهن اٽڪل ڏهہ سال اُتي گذاريا.
5 تڏهن اهي ٻئي ڀائر محلون ۽ ڪليون بہ وفات ڪري ويا. سو
نعوميہ پنهنجي مڙس ۽ ٻنهي پٽڙن کان بغير اڪيلي رهجي ويئي.

### نعوميہ ۽ رُوت جو بيت‌لحم ڏانهن موٽڻ

6 ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن نعوميہ موآب ملڪ ۾ ٻڌو تہ
خداوند سندس قوم کي سٺو فصل ڏيئي کين برڪت عطا ڪئي
آهي، تڏهن هوءَ پنهنجي ٻنهي ننهن سميت موٽي اوڏانهن رواني
ٿي. 7 سو هوءَ پنهنجين ننهن کي ساڻ ڪري رهڻ واري جاءِ کان
نڪري يهوداہ جي ملڪ ڏانهن موٽي وڃڻ لاءِ پنڌ پيئي. پر رستي
۾ 8 هن ٻنهي ننهن کي چيو تہ ”اوهين پنهنجي پنهنجي سڳين
مائرن وٽ موٽي وڃو. شل خداوند اوهان سان بہ اهڙي ئي مهرباني
ڪري، جهڙي اوهان پنهنجي مري ويل مڙسن ۽ مون سان ڪئي
آهي. 9 خداوند شل ائين ڪري جو اوهان ٻنهي جي وري شادي ٿئي
۽ اوهين پنهنجي پنهنجي مڙس جي گهر وڃي سکيون ٿيو.“
پوءِ نعوميہ موڪلائڻ لاءِ ساڻن ڀاڪر پائڻ لڳي. پر هنن وڏي
آواز سان روئڻ شروع ڪري ڏنو 10 ۽ ٻيئي کيس چوڻ لڳيون تہ ”نہ،
اسين تو سان گڏ موٽي تنهنجيءَ قوم ۾ هلنديونسين.“

---

*رهبر بني اسرائيل تي راڄ ڪندا هئا: هي دور بادشاهن جي دور کان اڳ جو هو. ڏسو ”رهبرَ“ جو ڪتاب.

†موآب: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

11 پر نعوميہ کين چيو تہ ”اي ڌيئرون، موٽي وڃو. مون سان
گڏ هلڻ چو ٿيون گهرو؟ ڇا اوهين سمجهو ٿيون تہ آءٌ ڪي ٻيا پٽ
ڄڻينديس، جيڪي اوهان سان پرڻبا؟ 12 منهنجون ڌيئرون موٽي وڃو،
آءٌ پوڙهي ٿي ويئي آهيان ۽ ٻئي مڙس ڪرڻ جهڙي ناهيان. جيڪڏهن
اڃا بہ آسرو هجي ها تہ اڄ رات ئي ڪٽي شادي ڪريان ها ۽ پٽ ڄڻيان
ها، 13 تہ پوءِ ڇا اوهين انهن جي وڏي ٿيڻ تائين ترسنديون؟ ڇا اوهين
ڪنهن ٻئي سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪنديون؟ نہ منهنجون
ڌيئرون، نہ. اها حالت اوهان کان وڌيڪ منهنجي لاءِ ڏکوئيندڙ
آهي، ڇالاءِجو خداوند پنهنجي قدرت جو هٿ منهنجي خلاف ڪنيو
آهي.“ 14 تنهن تي هو وري بہ رڙيون ڪري روئڻ لڳيون. پوءِ عرفہ
پنهنجيءَ سس کان پاڪر پائي موڪلايو، پر رُوت پنهنجيءَ سس کي
چنبڙي پيئي. 15 نعوميہ چيس تہ ”ڏس، تنهنجي ڏيرياڻي پنهنجي
قوم ۽ پنهنجي مذهب ڏانهن موٽي وڃي ٿي. تون بہ ساڻس موٽي
وڃ.“ 16 پر رُوت وراڻيو تہ

”مون کي ائين نہ چئُہ تہ آءٌ تو کي ڇڏي وڃان،
مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ کان نہ موٽاءِ.
جيڏانهن تون وينديئہ اوڏانهن آءٌ بہ وينديس،
جتي تون رهندينءَ آءٌ بہ اتي ئي رهنديس.
جيڪا قوم تنهنجي آهي سا منهنجي بہ ٿيندي،
جيڪو خدا تنهنجو آهي سو ئي منهنجو بہ ٿيندو.
17 جتي تون مرندينءَ آءٌ بہ اتي ئي مرنديس،
جتي تون دفن ٿيندينءَ آءٌ بہ اتي ئي دفن ٿينديس.
جيڪڏهن موت کان سواءِ آءٌ تو کان جدا ٿيان،
تہ خداوند مون کي ان جي سزا ڏئي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ.“

18 جڏهن نعوميہ رُوت جو ساڻس گڏ هلڻ جو پڪو ارادو ڏٺو،
تڏهن ڪٽي ماٺ ڪيائين. 19 پوءِ ٻيئي ڄڻيون وري هليون ۽ بيت‌لحم
۾ اچي پهتيون. انهن جي پهچڻ تي سڄو شهر حيرت ۾ پئجي ويو
۽ عورتن کان رڙيون نڪري ويون تہ ”ڇا سچ‌پچ اها نعوميہ آهي؟“
20 هن کين چيو تہ ”مون کي *نعوميہ نہ سڏيو، بلڪ مون کي ماره
سڏيو، ڇالاءِجو قادرِمطلق منهنجي زندگي ڏکي ڪري ڇڏي آهي.
21 آءٌ ڀريل ڀاهر ويئي هئس پر خداوند مون کي خالي هٿين موٽائي
آندو آهي. جڏهن خداوند قادرِمطلق منهنجي خلاف ٿيو آهي ۽ مون
تي مصيبت آندي اٿس تہ پوءِ مون کي نعوميہ ڇو ٿيون سڏيو؟“
22 اهڙيءَ طرح نعوميہ پنهنجي موآبي ننهن رُوت سان گڏ موآب
کان بيت‌لحم ۾ موٽي آئي. انهن ڏينهن ۾ جوَن جي فصل جي
لاباري جي شروعات هئي.

## رُوت جو بوعز جي ٻنيءَ مان سنگ ميڙڻ

2 1 نعوميہ جي مڙس اِليملڪ جو سندس ئي گهراڻي مان هڪڙو
مائٽ هو، جيڪو وڏو زميندار ۽ اثر وَ رسوخ وارو ماڻهو هو
۽ ان جو نالو بوعز هو. 2 هڪڙي ڏينهن رُوت نعوميہ کي چيو
تہ ”مون کي اجازت ڏي تہ آءٌ ٻنيءَ ۾ وڃان ۽ جيڪو مون تي
مهربانيءَ جي نظر ڪري تنهن جي پٺيان لڳي سنگ ميڙي گڏ
ڪريان.“ نعوميہ ورندي ڏنس تہ ”اي منهنجي ڌيءَ! ڀلي وڃ.“
3 سو هوءَ ويئي ۽ وڃي ٻنيءَ ۾ لابارو ڪرڻ وارن جي پٺيان رهيل
سنگ ميڙڻ لڳي. اتفاق سان ٻنيءَ جو اهو ٽڪرو بوعز جو هو، جيڪو
اِليملڪ جي گهراڻي مان هو. 4 ڪجهہ وقت کان پوءِ بوعز پاڻ بہ
بيت‌لحم شهر کان اچي پهتو ۽ لاباري ڪرڻ وارن کي سلام ڪندي
چيائين تہ ”خداوند شل اوهان جو ساٿي هجي.“ هنن کيس وراڻيو تہ
”خداوند شل تو کي برڪت عطا ڪري.“ 5 تڏهن بوعز لاباري ڪرڻ
وارن مٿان مقرر ڪيل پنهنجي رکوالي کان پڇيو تہ ”هيءَ نوجوان
عورت ڪير آهي؟“ 6 رکوالي ورندي ڏيئي چيو تہ ”اها هڪڙي ڌاري
نوجوان عورت آهي، جا موآب جي ملڪ مان نعوميہ سان گڏجي
آئي آهي. 7 هن مون کي چيو تہ ’مهرباني ڪري مون کي لاباري
ڪرڻ وارن جي پٺيان ٻڌل سٿرين جي وچان ڪريل سنگ ميڙي گڏ
ڪرڻ جي اجازت ڏي.‘ سو هن اچي صبح کان وٺي هن وقت تائين
ساندهہ ڪم پئي ڪيو آهي. رڳو ٿوري دير لاءِ ڇپري هيٺان ساهہ
پٽيو اٿس.“ 8 تڏهن بوعز رُوت کي چوڻ لڳو تہ ”اي منهنجي ڌيءَ!
منهنجي ڳالهہ ٻڌ. تون هن ٻنيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻنيءَ ۾
سنگ ميڙڻ نہ وڃ، بلڪ هتي منهنجي نوڪرياڻين سان گڏجي ڪم
ڪر. 9 تون انهيءَ ٻنيءَ جي نظرداري پيئي ڪر جنهن ۾ منهنجا
ماڻهو لابارو پيا ڪن ۽ تون سندن پٺيان لڳي رهہ. آءٌ هنن ماڻهن
کي تاڪيد ٿو ڪريان تہ هو تو کي تنگ نہ ڪن. جڏهن بہ تو کي اڃ
لڳي، تڏهن انهن جي ڀريل دلن مان وڃي پاڻي پيجانءِ.“ 10 تڏهن
رُوت منهن ڀر جهڪي کيس تعظيم ڏيئي چيو تہ ”جڏهن تہ آءٌ
ڌاري آهيان تہ پوءِ ڪهڙي سبب توهان مون تي مهربانيءَ جي نظر
ڪئي آهي، جو منهنجي ايتري سار لڌي اٿوَ؟“ 11 بوعز کيس ورندي
ڏيئي چوڻ لڳو تہ ”تو پنهنجي مڙس جي مُئي کان پوءِ جيڪي بہ
پنهنجيءَ سس سان ڪيو آهي، سو سمورو مون کي ٻڌايو ويو آهي،
تہ ڪيئن نہ تون پنهنجي ماءُپيءُ ۽ پنهنجي وطن کي ڇڏي انهيءَ
قوم ۾ آئي آهين جنهن کي تون اڳي نہ ڄاڻيندي هئينءَ.

12 شال خداوند تو کي تنهنجي ڪم جو اجورو ڏئي،
شال خداوند، بني اسرائيل جي خدا کان تو کي پورو انعام ملي،
هائو، انهيءَ کان جنهن جي پرن جي ڇاپي هيٺ

*نعوميہ ... ماره: متن جي اصلي ٻولي عبرانيءَ ۾ نعوميہ جي معنيٰ سُکي ۽ ماره جي معنيٰ ڏُکي آهي.

2:2 لاو 19:9–10، شر 24:19

تو اچي پناهہ ورتي آهي."
13 رُوت وراڻيس تہ "منهنجا وڏيرا! شال توهان جي مهربانيءَ جي
نظر مون تي رهي. توهان پنهنجي ٻانهيءَ سان مهربانيءَ سان
ڳالهائي دلداري ڏني آهي، توڻي جو آءٌ توهان جي نوڪرياڻين مان
ڪنهن هڪڙيءَ جهڙي بہ ناهيان." 14 مانيءَ مهل بوعز رُوت کي
چيو تہ "هيڏانهن اسان وٽ اچ، اچي چرهاڻ سان ماني کاءُ." سو
هوءَ لاباري ڪرڻ وارن سان وڃي ويٺي ۽ بوعز کيس ڪجهہ پڪل
اناج ڏنو. هن ڍءُ ڪري کاڌو ۽ ڪجهہ بچايائين بہ. 15 جڏهن هوءَ
سنگ چونڊڻ لاءِ اٿي هلي ويئي تڏهن بوعز پنهنجن ماڻهن کي چيو
تہ "توڙي جو هوءَ سٿرين جي وچ مان سنگ چونڊي تڏهن بہ نہ
جهليوس، 16 بلڪ سٿرين مان ڪجهہ تِيلا ڪيرائي بہ ڏيوس تہ هوءَ
اهي بہ ڪٺي ۽ چينڀيوس نہ."
17 اهڙيءَ طرح رُوت شام تائين سنگ چونڊيندي رهي. پوءِ هن
انهن جوَن جي سنگن کي سٽي ان ڪڍيو جيڪو اٽڪل ڏهہ ڪلوگرام
ٿيو. 18 هوءَ اُهو شهر ڏانهن کڻي آئي ۽ جيترو گڏ ڪيو هئائين سو
پنهنجي سس کي ڏيکاريائين. ڍءُ ڪري کائڻ کان پوءِ جيڪو کاڌو
بچايو هئائين سو بہ کيس ڏنائين. 19 سندس سس کانئس پڇيو تہ
"اڄ ڪٿان سنگ چونڊيا اٿيئي؟ ڪنهن جي ٻنيءَ ۾ ڪم پئي ڪيئہ؟
خدا شال انهيءَ شخص کي برڪت ڏئي جنهن تنهنجو خيال رکيو."
پوءِ رُوت پنهنجي سس کي انهيءَ شخص جي باري ۾ ٻڌايو جنهن
وٽ ڪم پئي ڪيائين. رُوت کيس ٻڌايو تہ "جنهن ماڻهوءَ وٽ اڄ
مون ڪم ڪيو تنهن جو نالو آهي بوعز." 20 نعوميہ پنهنجي ننهن
کي چيو تہ "خداوند شل انهيءَ شخص کي برڪت ڏئي جيڪو اسان
جيئرن توڙي اسان جي مئلن تي مهرباني ٿو ڪري." نعوميہ کيس
وڌيڪ چيو تہ "اهو ماڻهو اسان جو *عيوضو پرڻ جو ذميوار عزيز
آهي." 21 پوءِ رُوت چيو تہ "خوشيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن
مون کي ائين بہ چيو آهي تہ 'جيستائين منهنجا ماڻهو منهنجو
سڄو لابارو لاهين تيستائين تون ساڻن سنگ چونڊيندي رهہ.'"
22 نعوميہ پنهنجي ننهن کي چيو تہ "منهنجي ڌيءَ! تنهنجي لاءِ
چڱو آهي تہ تون هن جي نوڪرياڻين سان گڏجي ويندي ڪر، انهيءَ
لاءِ تہ ڪنهن ٻئي جي ٻنيءَ ۾ متان تو سان ڪو ڇيڙڇاڙ ڪري."
23 سو رُوت بوعز جي نوڪرياڻين سان گڏ تيستائين سنگ چونڊڻ لاءِ
ويندي رهي جيستائين جوَن ۽ ڪڻڪ جا لابارا نہ لٿا ۽ هوءَ پنهنجي
سس سان گڏ گذاريندي رهي.

## رُوت کي شاديءَ لاءِ نعوميہ جي صلاح

3 1 هڪڙي ڏينهن رُوت جي سس نعوميہ چيس تہ "اي منهنجي
ڌيءَ! آءٌ تنهنجي شادي ڪرڻ چاهيان ٿي، انهيءَ لاءِ تہ تو کي
پناهہ ملي. 2 سو بوعز، جنهن جي نوڪرياڻين سان گڏجي تو ڪم
پئي ڪيو آهي، سو ئي اسان جو ويجهو مائٽ آهي. جيئن تہ اڄ
رات هو ڳاهہ واري پڙ ۾ جوَ واءرائيندو، 3 تنهنڪري تون وهنجي
سهنجي، خوشبوءِ لڳائي عمدا ڪپڙا پائي ڳاهہ واري پڙ تي هلي
وڃ. پر تيستائين تون پاڻ کي مٿس ظاهر نہ ڪج، جيستائين هو
کائي پي بس نہ ڪري. 4 جڏهن هو سمهڻ وڃي تڏهن تون سندس
سمهڻ واري جاءِ ڌيان ۾ رکي ڇڏج. پوءِ جڏهن هو سمهي پوي
تڏهن تون اٿي وڃي سندس پيرن تان †چادر هٽائي اتي سندس پيرن
وٽ ئي ليٽي پئج. پوءِ هو پاڻيهي تو کي ٻڌائيندو تہ تو کي ڇا ڪرڻو
آهي." 5 تڏهن رُوت وراڻيس تہ "جيئن تون چوين ٿي، آءٌ تيئن ئي
ڪنديس."

## رُوت جو بوعز وٽ وڃڻ

6 سو رُوت ڳاهہ واري پڙ ڏانهن ويئي ۽ سڀ ڪجهہ ائين ئي
ڪيائين جيئن سسڻس چيو هوس. 7 جڏهن بوعز کائي پي بس ڪئي
تڏهن هو سٺي مزاج ۾ هو. پوءِ هو اناج جي ڍار جي پرسان وڃي
ستو. رُوت بہ آهستي آهستي اچي سندس پيرن تان چادر هٽائي اتي
ئي ليٽي پيئي. 8 اڌ رات ڌاري بوعز ڇرڪ پريو ۽ پاسو ورايائين.
تڏهن جان ڪٿي ڏسي تہ هڪڙي عورت سندس پيرن وٽ ليٽي پيئي
آهي. 9 هن کانئس پڇيو تہ "تون ڪير آهين؟" تڏهن هن ورندي
ڏنس تہ "آءٌ توهان جي ٻانهي رُوت آهيان. جيئن تہ اسان جو عيوضو
پرڻ جا ذميوار عزيز اوهين ئي آهيو، تنهنڪري مون تي پنهنجي
‡چادر جو پلئُہ وجهو."
10 هن وراڻيس تہ "خداوند تو کي برڪت ڏئي. تو هيءَ پوئين
مهرباني پنهنجي سس تي ڪيل مهربانيءَ کان بہ وڌيڪ ڏيکاري
آهي. اُها هيءَ تہ تون ڪنهن نوجوان، پوءِ اهو امير هجي يا غريب،
تنهن جي پٺيان نہ ويئي آهين. 11 سو تون ڪابہ ڳڻتي نہ ڪر. تون
جيڪي چوندينءَ سو آءٌ ڪندس. منهنجا سڀ شهرواسي ڄاڻن ٿا تہ
تون سٺي ڪردار واري عورت آهين. 12 اهو سچ آهي تہ آءٌ تنهنجو
عيوضو پرڻ جو ذميوار عزيز آهيان پر مون کان بہ وڌيڪ ويجهو
تنهنجو هڪڙو ٻيو اهڙو عزيز آهي. 13 باقي رات هتي ترسي پئُہ.

*عيوضو پرڻ جو ذميوار عزيز: ان دور ۾ هيءَ هڪ قانوني ذميواري هئي، جنهن موجب ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ويجهي مائٽ کي مصيبت کان بچائڻ لاءِ عيوضو پري کيس ڇڏائي ٿو. انهيءَ جي خاص اهميت اها آهي تہ هو هڪ وارث جي حيثيت سان پنهنجي خانداني ملڪيت کي خاندان ۾ ئي رهڻ ڏئي.

†چادر هٽائي ... ليٽي پئج: انهيءَ جو مطلب آهي اشارتاً پناهہ وٺڻ.

‡چادر جو پلئُہ وجهو: چادر جو پلئُہ مٿان وجهڻ جو مطلب آهي "پناهہ ۾ وٺڻ".

2:20 لاو 25:25 3:12 رُوت 2:20

صبح جو جيڪڏهن انهيءَ تنهنجو عيوضو پريو تہ سٺو. جيڪڏهن
نہ، تہ پوءِ آءٌ جيئري خداوند جو قسم کڻي ٿو چوان تہ آءٌ تنهنجو
عيوضو پري تو تي هٿ رکندس. هاڻ صبح تائين هتي ئي ليٽي پئہ.“
14 سو هوءَ صبح تائين هن جي پيرن وٽ ليٽي رهي. پر هوءَ منهن
انڌاري جو اٿي، ڇالاءِجو بوعز نہ ٿي چاهيو تہ ڪنهن کي خبر پوي
تہ ڪا عورت ڳاهہ جي پڙ تي آئي هئي. 15 تڏهن بوعز کيس چيو
تہ ”جيڪا چادر پاتل اٿيئي سا اچي جهل.“ هُن اُها آڻي جهلي ۽
بوعز جَون جا ڇهہ ماپا انهيءَ ۾ وجهي سندس مٿي تي رکيا. پوءِ
هوءَ شهر ڏانهن موٽي ويئي.
16 جڏهن هوءَ پنهنجيءَ سس وٽ آئي تڏهن هن کانئس پڇيو تہ
”منهنجي ڌيءَ! ڇا وهيو واپريو؟“ تڏهن هن اهو سڀ ڪجهہ کيس
ٻڌايو جيڪي بوعز ڪيو. 17 رُوت کيس وڌيڪ چيو تہ ”هن هي ڇهہ
ماپا جَون جا بہ ڏنا ۽ چيائين تہ ’پنهنجيءَ سس وٽ خالي هٿين
نہ وڃ.‘“ 18 تڏهن نعوميہ کيس چيو تہ ”منهنجي ڌيءَ ماٺ ڪري
ويهہ جيستائين تو کي خبر پوي تہ ڳالهہ ڪيئن ٿي بيهي. انهيءَ
شخص کي تيستائين آرام نہ ملندو جيستائين هو اڄ ئي انهيءَ
معاملي کي طئي نہ ڪندو.“

## بوعز جو رُوت سان شادي ڪرڻ

4 1 انهيءَ کان پوءِ بوعز شهر جي *ٻاهرين دروازي وٽ وڃي
ويٺو. جڏهن نعوميہ جي مڙس اِليملڪ جو وڌيڪ ويجهو مائٽ،
جنهن جو بوعز ذڪر ڪيو هو، سو اتان اچي لنگهيو تہ بوعز کيس
سڏي چيو تہ ”اي فلاڻا! هيڏانهن اچ ۽ هتي اچي ويهہ.“ سو هو اچي
وٽس ويٺو. 2 پوءِ بوعز شهر جي اڳواڻن مان ڏهن ڄڻن کي سڏائي
کين چيو تہ ”اوهين بہ هتي اچي ويهو.“ سو هو بہ اتي ويهي رهيا.
3 تڏهن هن انهيءَ شخص کي چيو تہ ”نعوميہ، جيڪا موآب جي
ملڪ مان موٽي آئي آهي سا اسان جي مائٽ اِليملڪ جي حصي واري
ٻني وڪڻ گهري ٿي. 4 تنهنڪري مون سوچيو تہ اها ڳالهہ تو کي
ٻڌائي ڇڏيان ۽ اهو بہ چوان تہ تون هنن سيني ويٺل ماڻهن، يعني
اسان جي قوم جي اڳواڻن جي روبرو اها ٻني خريد ڪر. جيڪڏهن
تون اها پيسا ڏيئي ڇڏائڻ گهرين ٿو تہ پلي ڇڏاءِ. پر جيڪڏهن
تون اها ڇڏائڻ نہ ٿو چاهين تہ ٻڌائي ڇڏ تہ مون کي خبر پوي،
ڇالاءِجو انهيءَ کي ڇڏائڻ جو پهريون حق تنهنجو آهي ۽ تو کان
پوءِ منهنجو.“ انهيءَ ماڻهوءَ چيو تہ ”آءٌ اها ڇڏائيندس.“ 5 تڏهن
بوعز کيس چيو تہ ”جنهن ڏينهن تون اها ٻني نعوميہ کان خريد
ڪري وٺندين، تنهن ڏينهن تو کي رُوت موآبڻ کي بہ وٺڻو پوندو،
ڇالاءِجو هوءَ فوتيءَ جي زال آهي، انهيءَ لاءِ تہ فوتيءَ جو نالو
سندس ميراث تي قائم رهي.“ 6 تنهن تي انهيءَ ويجهي مائٽ چيو
تہ ”آءٌ پاڻ اها ٻني ڇڏائي نہ ٿو سگهان، متان اها منهنجي پنهنجي
ميراث لاءِ نقصانڪار ٿئي. سو جيئن تہ آءٌ انهيءَ کي ڇڏائي نہ ٿو
سگهان تنهنڪري آءٌ پنهنجو ڇڏائڻ وارو حق تو کي ٿو ڏيان.“
7 هاڻي اڳيئين زماني ۾ بني اسرائيل ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي ڇڏائڻ
۽ مٽا سٽا ڪرڻ واري معاملي کي بحال رکڻ لاءِ اها رسم هوندي
هئي جو سودو ڪندڙن مان هڪ ماڻهو پنهنجي جتي لاهي ٻئي کي
ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح بني اسرائيل ۾ انهيءَ دستور سان ڪنهن
معاملي جي تصديق ڪئي ويندي هئي. 8 سو انهيءَ ماڻهوءَ جڏهن
بوعز کي چيو تہ ”تون اها ٻني پنهنجي لاءِ خريد ڪر،“ تڏهن هن
پنهنجي جتي لاٿي. 9 تڏهن بوعز انهن اڳواڻن ۽ اتي موجود ٻين
سيني ماڻهن کي چيو تہ ”اڄ اوهين سڀ شاهد آهيو تہ اِليملڪ ۽
سندس پٽن محلون ۽ ڪليون جي جيڪا بہ ملڪيت هئي، سا مون
نعوميہ جي هٿان خريد ڪئي. 10 انهيءَ کان علاوه محلون جي بيوه
رُوت موآبڻ کي بہ آءٌ پنهنجي زال ڪري وٺان ٿو، انهيءَ لاءِ تہ
فوتيءَ جو نالو سندس ميراث تي قائم رهي، تانتہ سندس نالو
سندس مائٽن مان ۽ سندس گهر جي دروازي تان ميٽجي نہ وڃي.
اوهين اڄ انهيءَ جا شاهد آهيو.“
11 تڏهن اڳواڻن ۽ شهر جي دروازي وٽ موجود ٻين ماڻهن چيو
تہ ”اسين شاهد آهيون.
شل انهيءَ عورت کي جيڪا تنهنجي گهر ٿي اچي،
هائو، انهيءَ کي خداوند
شل يعقوب جي زالن راحل ۽ لياه جهڙو ڪري،
جن ٻنهي بني اسرائيل جو نسل وڌايو.
شل تون افراتي گهراڻي ۾ خوشحال ٿئين،
۽ بيت‌لحم ۾ تنهنجو نالو ٿئي.
12 شال تنهنجو اولاد،
جيڪو خداوند تو کي انهيءَ زال مان ڏئي،
سو پڻ فارص جي گهر جهڙو پنهنجو گهر ٺاهي،
هائو، اهو فارص جيڪو يهوداه کي تامار مان ڄائو هو.“

## دائود جو نسب‌نامو

13 سو بوعز رُوت کي پنهنجو ڪيو ۽ ساڻس شادي ڪيائين. پوءِ
هو وٽس ويو ۽ خداوند رُوت کي پيٽ سان ڪيو ۽ انهيءَ پٽ ڄڻيو.
14 تڏهن عورتن نعوميہ کي چيو تہ ”تعريف انهيءَ خداوند جي آهي،
جنهن تو کي اڄ پٽ عطا ڪري تنهنجو عيوضو پريندڙ هڪ عزيز
تو کي ڏنو آهي. شال سندس نالو بني اسرائيل جي ساري ملڪ
۾ مشهور ٿئي! 15 هو تنهنجي زندگيءَ کي نئون ڪندو ۽ تنهنجي
پيڇاڙيءَ ۾ تنهنجو سهارو ٿيندو. انهيءَ لاءِ جو تنهنجي ننهن

*ٻاهرين دروازي: انهن ڏينهن ۾ شهر جا اڳواڻ اڪثر شهر جي ٻاهرين دروازي وٽ ويهي فيصلا ڪندا هئا.

4:7–8 شر 25:9   4:10 شر 25:5–6   4:11 پيد 29:31   4:12 پيد 38:27–30

جنهن جي تو سان محبت آهي ۽ جيڪا تنهنجي لاءِ ستن پٽن کان
بہ وڌيڪ آهي، تنهن انهيءَ کي ڄڻيو آهي.” 16 پوءِ نعوميہ ٻارڙو
پنهنجي گود ۾ کنيو ۽ انهيءَ کي پالڻ لڳي. 17 پاڙي وارين عورتن
ٻار جو نالو عوبيد رکيو. انهن هر ڪنهن کي ٻڌايو تہ ”نعوميہ کي
پٽ ڄائو آهي.”

اهو عوبيد يسيءَ جو پيءُ هو ۽ يسي وري دائود جو پيءُ هو.
18 فارص جون پيڙهيون هي آهن: فارص مان حصرون، 19 حصرون
مان رام، رام مان عميناداب، 20 عميناداب مان نحسون، نحسون
مان سلمون، 21 سلمون مان بوعز، بوعز مان عوبيد، 22 عوبيد مان
يسي ۽ يسيءَ مان دائود پيدا ٿيو.

# 1. سموئيل

## سموئيل نبيءَ جو پهريون ڪتاب

### تعارف

حضرت سموئيل جي هن پهرين مقدس ڪتاب ۾ تبديليءَ وارا اهي واقعا بيان ڪيل آهن، جيڪي بني اسرائيل ۾ رهبرن جي دور کان وٺي بادشاهت جي دور تائين ٿيا. بني اسرائيل جي قومي زندگيءَ ۾ اها تبديلي ٽن مکيه ماڻهن جي ڪري آئي. پهريون حضرت سموئيل، جيڪو وڏن رهبرن مان آخري فرد هو. ٻيو سائول، جيڪو بني اسرائيل جو پهريون بادشاهه بڻيو. ٽيون حضرت دائود، جنهن جو پنهنجي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ حضرت سموئيل ۽ سائول ٻنهي سان لاڳاپو رهيو.

هن ڪتاب جو مکيه متن به اهو ساڳيو ئي آهي، جيڪو پراڻي عهدنامي ۾ تاريخي لکڻين جو مول متن آهي ته خدا سان وفاداري ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي، جڏهن ته نافرماني تباهي آڻي ٿي. اهو 2:30 آيت ۾ صاف طور بيان ڪيل آهي، جڏهن خداوند عيلي ڪاهن سان ڳالهائي ٿو ته “جيڪي مون کي تعظيم ٿا ڏين، تن کي آءٌ عزت ڏيندس ۽ جيڪي مون کان منهن موڙين ٿا، سي بي‌آبرو ڪيا ويندا.”

هي ڪتاب بادشاهت جي قائم ٿيڻ جي باري ۾ مليل جليل احساسات بيان ڪري ٿو. خداوند کي ئي بني اسرائيل جو حقيقي بادشاهه سمجهيو ويندو هو، پر ماڻهن جي عرض ڪرڻ ڪري خداوند انهن مان سندن لاءِ هڪڙو بادشاهه چونڊيو. انهيءَ ۾ اهم نقطو اهو هو ته بادشاهه توڙي بني اسرائيل جا ماڻهو ٻيئي خدا جي حاڪميت ۽ عدل تحت رهن (ڏسو 2:7–10). ڪتاب ۾ هن ڳالهه جي به پنيرائي ڪيل آهي ته خدا جي قانون مطابق سيني ماڻهن جي حقن جو هڪجهڙو خيال رکيو وڃي، پوءِ اهو امير هجي توڙي غريب.

### سِتاءُ

حضرت سموئيل بني اسرائيل جي رهبر طور 1:1–7:17
سائول جو بادشاهه بڻجڻ 8:1–10:27
سائول جي بادشاهيءَ جا پهريان سال 11:1–15:35
حضرت دائود ۽ سائول 16:1–30:31
سائول ۽ سندس پٽن جو موت 31:1–13

---

### القانه ۽ سندس خاندان

1 ① افرائيم جي جابلو علائقي جي رامه شهر ۾ افرائيم قبيلي
جي صوف گهراڻي جو القانه نالي هڪڙو شخص رهندو هو.
سندس پيءُ جو نالو يروحام ولد اليهو ولد توحو ولد صوف هو.
② القانه کي ٻه زالون هيون، جن مان هڪڙيءَ جو نالو حنه ۽ ٻيءَ
جو نالو فننه هو. فننه اولاد واري هئي، مگر حنه کي ڪو اولاد
ڪونه ٿيو.
③ القانه هر سال قادرِمطلق خداوند جي مقدس خيمي آڏو عبادت
ڪرڻ ۽ قرباني ڪرڻ واسطي پنهنجي شهر مان نڪري سيلا شهر
ڏانهن ويندو هو. اتي عيليءَ جا ٻه پٽ حفني ۽ فينحاس خداوند جا
ڪاهن مقرر ٿيل هئا. ④ جڏهن به القانه قرباني ڪندو هو، تڏهن
انهيءَ جي گوشت مان پنهنجيءَ زال فننه ۽ منجهانئس ڄاول پنهنجن
پٽن ۽ ڌيئرن کي هڪ هڪ حصو ڏيندو هو. ⑤ جيتوڻيڪ خداوند حنه
کي سنڍ ڪيو هو، ته به القانه ساڻس بيحد محبت ڪندو هو ۽
کيس ٻيڻو حصو ڏيندو هو. ⑥ حنه جي پهاڄ فننه کيس ستائڻ لاءِ
ڏاڍو چيڙائيندي هئي، جو خداوند کيس سنڍ ڪيو هو. ⑦ هر سال
جڏهن به اهي خداوند جي مقدس خيمي ڏانهن ويندا هئا، تڏهن فننه
کيس چيڙائيندي هئي. تنهنڪري حنه روئندي هئي ۽ ماني به ڪين
کائيندي هئي. ⑧ اهو ڏسي سندس مڙس القانه کيس تسلي ڏيئي
چوندو هو ته “اي حنه! تون ڇو ٿي روئين ۽ ماني ڇو نه ٿي کائين؟

تنهنجي دل ڇو غمگين آهي؟ ڇا آءٌ تنهنجي واسطي ڏهن پٽن کان
بهتر ناهيان؟"

## حنه ۽ عيلي

9 هڪڙي ڏينهن سيلا شهر ۾ جڏهن هنن کائي پي بس ڪئي،
تڏهن حنه اٿي ۽ خداوند جي حضور ۾ وڃي بيٺي. ان وقت عيلي
ڪاهن خداوند جي مقدس خيمي جي دروازي وٽ ڪرسيءَ تي ويٺو
هو. 10 جيئن ته حنه ڏاڍي ڏکويل هئي، سو زاروزار روئي خداوند
کان دعا گهرڻ لڳي. 11 هن باس باسيندي چيو ته "اي قادرِمطلق
خداوند! پنهنجي ٻانهيءَ جي دکي حال تي نظر ڪر، پنهنجي ٻانهيءَ
کي ياد ڪر، وساري نه ڇڏ. جيڪڏهن تون پنهنجي ٻانهيءَ کي
هڪڙو پٽ عطا ڪندين ته آءٌ انهيءَ کي سڄي حياتيءَ لاءِ تو خداوند
جي وقف ڪنديس ۽ انهيءَ جي *مٿي ۽ منهن تي ڪڏهن به پاڪي
نه گهمندي."

12 حنه جڏهن خداوند جي حضور ۾ دعا گهرندي پئي رهي، تڏهن
عيليءَ سندس چپن ڏانهن غور سان ويٺي ڏٺو. 13 جيئن ته حنه
پنهنجيءَ دل ۾ دعا ٿي گهري ۽ هن جا رڳو چپ پئي چريا، پر
آواز ٻڌڻ ۾ ڪين ٿي آيو، سو عيليءَ سمجهيو ته هوءَ نشي ۾
آهي. 14 تڏهن عيليءَ چيس ته "ڪيستائين تون نشي ۾ هونديينءَ؟
پنهنجو نشو مِٽائي هوش ۾ اچ." 15 حنه ورندي ڏيئي چيس ته "نه،
منهنجا سائين! نه. مون نڪي مئي پيتي آهي ۽ نه ئي وري ڪا ٻي
نشي واري شيءِ. آءٌ ته هڪڙي ڏکويل عورت آهيان ۽ خداوند اڳيان
پنهنجي اندر جو حال پيئي اوريان. 16 تون پنهنجي ٻانهيءَ کي خبيث
عورتن مان نه ڄاڻ، ڇوته هي سڄو وقت مون پنهنجي ڏک ۽ رنج
جي گهڻائيءَ ڪان ائين پئي ڪيو آهي." 17 تڏهن عيليءَ ورندي ڏيئي
چيس ته "سلامتيءَ سان وڃ. شل بني اسرائيل جو خدا تنهنجي اها
مراد پوري ڪري جيڪا تو ڪانئس گهري آهي." 18 تنهن تي حنه
چيس ته "شل تنهنجي هن ٻانهيءَ تي هميشه تنهنجي مهربانيءَ
جي نظر هجي." پوءِ هوءَ موٽي ويئي ۽ وڃي ماني کاڌائين. ان کان
پوءِ سندس چهرو غمگين نه رهيو.

## سموئيل جو ڄمڻ ۽ وقف ٿيڻ

19 ٻئي ڏينهن القانه ۽ سندس ڪٽنب وارا صبح جو سوير اٿيا ۽
خداوند جي حضور ۾ سجدو ڪيائون. پوءِ هو رامه شهر ۾ پنهنجي
گهر موٽي آيا. القانه پنهنجيءَ زال حنه وٽ ويو ۽ خداوند حنه جي
دعا پوري ڪئي. 20 سو هوءَ پيٽ سان ٿي ۽ ڪيس پٽ ڄائو. حنه
انهيءَ جو نالو †سموئيل رکيو، ڇالاءِجو چيائين ته "مون اهو خداوند
کان گهري ورتو آهي."

21 جڏهن القانه وري پنهنجي سڄي ڪٽنب سميت خداوند جي
آڏو ساليانو ۽ باسيل قرباني پيش ڪرڻ لاءِ سيلا شهر ڏانهن روانو
ٿيو، 22 تڏهن حنه اوڏانهن نه ويئي. هن پنهنجي مڙس کي چيو
ته "جيستائين ٻار جو ٿڃ نه ڇڏائيندس تيستائين اوڏانهن ڪين
وينديس. پوءِ آءٌ ٻار کي وٺي اوڏانهن وينديس ته جيئن هو خداوند
جي آڏو حاضر ٿئي ۽ هميشه اتي ئي رهي." 23 سندس مڙس القانه
چيس ته "نيڪ آهي. جيئن تون مناسب سمجهين تيئن ڪر. ڀلي ٻار
جي ٿڃ ڇڏائڻ تائين تون گهر ۾ ترس. شل خداوند پنهنجو سخن
پورو ڪري." سو حنه گهر ۾ ترسي پيئي ۽ ٿڃ ڇڏائڻ تائين ٻار جي
پالنا ڪندي رهي. 24 پوءِ جڏهن انهيءَ جو ٿڃ ڇڏايائين، تڏهن انهيءَ
ننڍڙي ٻار کي ساڻ ڪري، هڪ ٽسالو وهڙو، ڏهه ڪلوگرام اٽو ۽
مئي سان ڀريل هڪڙي مشڪ پاڻ سان کڻي سيلا شهر ۾ خداوند جي
مقدس خيمي وٽ آئي. 25 پوءِ هنن اهو وهڙو ذبح ڪيو ۽ ٻار کي
عيليءَ وٽ آندائون. 26 حنه عيليءَ کي چيو ته "اي منهنجا سائين!
تنهنجي سر جو قسم ته آءٌ اها ئي عورت آهيان جنهن هتي تنهنجي
پر ۾ بيهي خداوند کان دعا گهري هئي. 27 مون اها دعا هن ٻار جي
لاءِ گهري هئي. خداوند کان جيڪا مراد گهري هيم، سا هن پوري
ڪئي آهي. 28 تنهنڪري آءٌ هن کي خداوند جي لاءِ وقف ٿي ڪريان.
هن کي سندس سڄي حياتيءَ لاءِ خداوند کي ٿي ڏيان."
پوءِ هوءَ سموئيل کي اتي خداوند جي حضور ۾ ڇڏي هلي ويئي.

## حنه جي دعا

2 1 حنه دعا گهرندي چيو ته
"خداوند منهنجيءَ دل کي خوشيءَ سان ڀرپور ڪيو آهي،
خداوند منهنجي طاقت کي زور وٺايو آهي.
آءٌ پنهنجي دشمنن مٿان خوشيءَ وچان ڪلان ٿي پئي،
ڇوجو مون کي بچائڻ سان هن منهنجو من سرهو ڪيو آهي.
2 خداوند جهڙو ڪو ٻيو پاڪ ڪونهي،
نڪي اسان جي خدا جهڙو ڪو ٻيو محافظ آهي،
هائو، هن کان سواءِ ٻيو ڪو ئي به ڪونهي.

3 اي انسانؤ!
اوهين مغروريءَ مان ايترو گهڻو نه ڳالهايو،
اوهين پنهنجي وات مان تڪبر واري ڳالهه نه ڪڍو.
جيئن ته خداوند خدا هر ڳالهه ڄاڻي ٿو،

---

*مٿي ۽ منهن تي ڪڏهن به پاڪي نه گهمندي: هي خداوند جي لاءِ وقف ٿيڻ جي هڪڙي نشاني آهي.
†سموئيل: عبرانيءَ ۾ انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي "خدا جو نالو" ۽ جيڪو ٻئي لفظ سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "گهرڻ".

11:1 ڳا 5:6 10–1:2 لو 1:46–55

سو هو ئي آهي جيڪو سڀني جي عملن کي توريندو.
4 زور وارن جا تيرڪمان هاڻي ٽُٽي پيا آهن،
۽ جيڪي ڪمزور هئا تن طاقت سان سندرو ٻڌو آهي.
5 جيڪي ڍاوَل هئا سي مانيءَ خاطر وڃي مزدور ٿيا،
۽ جيڪي بکايل هئا تن ڪائي ڍءُ ڪيو آهي.
جيڪا عورت سنڍ هئي سا ستن ٻارن جي ماءُ بڻي،
۽ جيڪا جهجهن ٻارن جي ماءُ هئي سا اڪيلي وڃي بچي.
6 بيشڪ خداوند ئي ماري ٿو ۽ هو ئي جياري ٿو،
هو ئي قبر ۾ داخل ڪري ٿو ۽ هو ئي ٻاهر ڪڍي ٿو.
7 هو ئي شاهوڪارن کي ڪنگال ٿو بڻائي،
۽ ڪنگالن کي شاهوڪار،
هو ئي لاهي هيٺ ڪري ٿو ۽ هو ئي بلند ٿو ڪري.
8 هو مسڪينن ۽ محتاجن کي ڪچري جي ڍير مان ڪڍي
کين شان وَ شوڪت سان شهزادن سان گڏ تخت تي ويهاري ٿو.
هو اهو ئي خداوند آهي جنهن ڌرتيءَ جا ٿنڀا کوڙيا آهن،
جن جي مٿان هن هي جهان قائم ڪيو آهي.

9 هو پنهنجي نيڪ بندن جي حفاظت ڪندو رهي ٿو،
۽ بدڪارن کي اونداهيءَ ۾ فنا ڪريو ڇڏي.
ڪوبه انسان پنهنجي قوت سان سوڀارو ڪين ٿو ٿئي،
10 پر خداوند پنهنجي مسح ڪري چونڊيل بادشاهه کي
طاقت عطا ڪري سوڀارو ڪندو.
خداوند آسمان منجهان گجگوڙ ڪري
پنهنجي مخالفن کي پڃي پورا پورا ڪندو.
بيشڪ هو ئي پوريءَ دنيا جي عدالت ڪندڙ آهي."

11 پوءِ القانہ موٽي رامہ شهر ڏانهن پنهنجي گهر ويو، پر اهو ٻار
عيلي ڪاهن جي اڳيان خداوند جي خدمت ڪندو رهيو.

## عيليءَ جا بدڪار پٽ

12 عيليءَ جا پٽ بدڪار هئا ۽ اهي خداوند جي ڪا پرواهہ نہ ڪندا
هئا. 13 ڪاهنن جو ماڻهن سان اهو دستور هو تہ جڏهن ڪو ماڻهو
پنهنجي قرباني پيش ڪندو هو، تڏهن گوشت رجهندي ڪاهن جو
نوڪر ٽيانگهي هٿ ۾ کڻي ايندو هو. 14 اها هو ڪڙاهي، ديگڙي،
ديگ يا ڪُنيءَ ۾ هڻندو هو، پوءِ جيڪو گوشت ٽيانگهيءَ ۾ اٽڪي
پوندو هو سو سڀ ڪاهن کڻندو هو. اهڙيءَ طرح سيلا شهر ۾
جيڪي بہ بني اسرائيل مقدس خيمي وٽ ايندا هئا تن سڀني سان هو
ائين ئي ڪندا هئا. 15 پر عيليءَ جا پٽ ان جي ابتڙ چربي ساڙڻ کان
اڳ ۾ ئي نوڪر کي موڪليندا هئا جيڪو قرباني ڪندڙ کي چوندو
هو تہ "ڪاهن جي لاءِ ڪباب ڪرڻ واسطي گوشت ڏي، هن کي
اُبريل گوشت نہ بلڪ ڪچو گهرجي." 16 پوءِ جيڪڏهن اهو ماڻهو
کيس چوندو هو تہ "ترس، پهريائين چربي ساڙڻ ڏي، پوءِ جيترو
تون چاهين اوترو گوشت کڻي وڃ،" تنهن تي هو چوندو هو تہ "نہ،
مون کي هينئر ئي ڏي نہ تہ آءٌ زوريءَ کڻي ويندوسانءِ." 17 عيليءَ
جي انهن جوان پٽن جو هي گناهہ خداوند جي آڏو تمام وڏو هو،
ڇالاءِجو اهي خداوند جي قربانيءَ جي بيحرمتي ڪندا هئا.

## سموئيل سيلا شهر ۾

18 انهن ڏينهن ۾ سموئيل جيڪو اڃا ٻار هو، سو سڻيءَ جي ڪپڙي
جو مذهبي وڳو پهري خداوند جي خدمت ڪندو هو. 19 سندس ماءُ
سال بسال جڏهن بہ پنهنجي مڙس سان ساليانی قرباني ڪرڻ لاءِ
اتي ايندي هئي، تڏهن هڪڙو ننڍو جبو ٺاهي هن لاءِ کڻي ايندي
هئي. 20 پوءِ عيلي القانہ ۽ سندس زال کي دعا ڪندي چوندو هو تہ
"شل خداوند تو کي هن عورت مان انهيءَ ٻار جي عيوض ٻيا ٻار
عطا ڪري، جيڪو تو خداوند کي وقف ڪري ڏنو آهي."
انهيءَ کان پوءِ هو ٻئي موٽي گهر هليا ويندا هئا. 21 خداوند حنہ
تي مهربانيءَ جي نظر ڪئي ۽ کيس ٽي وڌيڪ پٽ ۽ بہ ڌيئر ڄاپون.
ڇوڪرو سموئيل بہ خداوند جي خدمت ڪندي وڏو ٿيندو ويو.

## عيلي ۽ سندس پٽ

22 عيلي هاڻي تمام پوڙهو ٿي ويو هو. هن اهو سڀ ڪجهہ ٻڌو،
جيڪي سندس پٽن بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن سان ٿي ڪيو ۽ اهو
بہ ٻڌائين تہ جيڪي عورتون خدا سان ملاقات واري انهيءَ مقدس
خيمي جي در تي خدمت ڪنديون هيون تن سان هو سمهندا هئا.
23 تنهنڪري هن پٽن کي چيو تہ "اوهين اهڙا ڪم ڇو ٿا ڪريو؟
سڀڪو ماڻهو اوهان جي بڇڙي هلت جي مون سان شڪايت ٿو ڪري.
24 نہ اي منهنجا فرزندؤ! جيڪي اوهان جي گناهن جون خبرون آءٌ
سڀني ماڻهن جي واتان ٻڌان پيو سي چڱيون ناهن. 25 جيڪڏهن
هڪڙو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ جو ڏوهہ ڪندو تہ خداوند انهن جي وچ ۾
پئي انصاف ڪري سگهي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو خود خداوند
جو گناهہ ڪندو تہ ڪير انهيءَ جي وچ ۾ پوندو؟"
ان جي باوجود بہ هنن پنهنجي پيءُ جو چيو نہ مڃيو، ڇوتہ
خداوند هنن کي مارڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.
26 هوڏانهن سموئيل ڇوڪرو وڌندو رهيو. خداوند توڙي انسان
ٻئي کيس پسند ڪندا هئا.

---

26:2 لو 52:2

## عليءَ جي گھراڻي بابت اڳڪٿي

27تڏهن خدا جو هڪڙو ٻانهو عليءَ وٽ آيو ۽ کيس خداوند جو
هي فرمان ٻڌايائين تہ ”ڇا جڏهن تنهنجي ڏاڏي هارون جو گھراڻو
مصر ۾ *فرعون جي غلاميءَ ۾ هو، تڏهن مون هارون کي ڏيکاري
نہ ڏني هئي؟ 28ڇا بني اسرائيل جي سڀني قبيلن مان مون هن کي
پنهنجي ڪاهن ٿيڻ لاءِ، پنهنجي قربان‌گاهہ جي خدمت لاءِ، لوبان
ساڙڻ لاءِ ۽ پنهنجي حضور ۾ مذهبي وڳو پهرڻ لاءِ چونڊي نہ ڪديو
هو؟ ڇا بني اسرائيل جون سموريون ساڙيون ويندڙ قربانيون مون
تنهنجي ابي ڏاڏي جي گھراڻي کي نہ ڏنيون هيون؟ 29اي عيلي! تون
پنهنجن پٽن کي مون کان وڌيڪ عزت ڇو ٿو ڏئين؟ اوهين منهنجيءَ
قوم بني اسرائيل جي سڀني قربانين مان عمدا حصا کائي پاڻ کي
ٿلهو متارو ڪريو ٿا. منهنجي انهن قربانين ۽ نذرانن، جن لاءِ مون
حڪم ڪيو هو تہ اهي منهنجي گھر ۾ پيش ڪيا وڃن، تن ۾ اوهين
ڇو ٿا اکيون وجهو؟ 30تنهنڪري آءٌ خداوند، بني اسرائيل جو خدا
چوان ٿو تہ مون برابر واعدو ڪيو هو تہ تنهنجو گھراڻو ۽ تنهنجي
پيءُ جو گھراڻو منهنجي حضور ۾ ڪاهن طور هميشہ خدمت ڪندو
رهي. پر هاڻي مون کان ائين ڪڏهن نہ ٿيندو، ڇالاءِجو جيڪي مون
کي تعظيم ٿا ڏين، تن کي آءٌ عزت ڏيندس ۽ جيڪي مون کان منهن
موڙين ٿا، سي بي‌آبرو ڪيا ويندا. 31ياد رک، اهي ڏينهن اچي رهيا
آهن جڏهن آءٌ تنهنجي خاندان بلڪ تنهنجي نسل مان سڀني نوجوان
ماڻهن کي ماري ڇڏيندس، جنهن ڪري تنهنجي گھراڻي ۾ ڪنهن
جي بہ عمر وڏي نہ ٿيندي. 32اها ساري برڪت جيڪا آءٌ بني اسرائيل
کي عطا ڪندس تنهن کي اوهين پريشان ٿي حسد وچان ڏسندا
رهندا، پر اها اوهان کي حاصل نہ ٿيندي ۽ اوهان جي گھراڻي ۾
هميشہ جي لاءِ ڪنهن جي بہ عمر وڏي نہ ٿيندي. 33تنهن هوندي
بہ تنهنجي اولاد مان ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ کي آءٌ جيئرو رهڻ
ڏيندس، جيڪو منهنجي قربان‌گاهہ جي خدمت ڪندو رهندو. پر اهو
هن جي اکين کي ڳارڻ ۽ سندس دل کي ڏک ڏيڻ لاءِ هوندو ڇالاءِجو
تنهنجي گھراڻي ۾ باقي جيڪو اولاد ڄمندو سو جوانيءَ ۾ ئي مري
ويندو. 34جڏهن تنهنجا پٽ حفني ۽ فينحاس ٻئي هڪڙي ئي ڏينهن
مري ويندا، تڏهن اها تنهنجي لاءِ نشاني هوندي تہ منهنجيون چيل
ڳالهيون سچيون ثابت ٿينديون. 35آءٌ پنهنجي لاءِ هڪڙو پيو ايماندار
ڪاهن مقرر ڪندس جيڪو منهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪندو. آءٌ
انهيءَ جي گھراڻي کي قائم ڪندس ۽ اهي منهنجي مسح ڪرائي
چونڊيل بادشاهہ جي اڳيان هميشہ خدمت ڪندا رهندا. 36تنهنجي
اولاد مان باقي جيڪي بچيل هوندا سي چانديءَ جي هڪڙي سڪي يا
مانيءَ جي هڪڙي ٽڪري لاءِ اچي انهيءَ جي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندا
۽ کيس منٿ ڪري چوندا تہ ’اسان کي ڪهانت جي ڪنهن بہ
خدمت لاءِ مقرر ڪر تہ اسين مانيءَ ٽڪر کائون.‘“

## خداوند جو سموئيل کي سڏڻ

3 1جن ڏينهن ۾ اهو ڇوڪرو سموئيل عليءَ جي هدايت هيٺ
خداوند جي خدمت ڪندو هو، تن ڏينهن ۾ خداوند جو ڪلام
اڻلڀ هو ۽ رويا اڪثر ڪري ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي. 2هڪڙيءَ رات
عيلي جنهن جي نظر هاڻي تمام گھٽجي ويئي هئي، سو پنهنجي
ڪمري ۾ ستو پيو هو. 3خداوند جو مقدس خيمو، جتي خدا جي
عهد واري صندوق رکيل هئي، تنهن ۾ سموئيل پڻ ستو پيو هو.
اڃا خدا جو †ڏيئو وسايو ئي نہ ويو هو، 4تہ خداوند سموئيل کي
سڏ ڪيو. هن وراڻيو تہ ”اِجهو آءٌ حاضر آهيان.“ 5پوءِ هو ڊوڙي
عيليءَ وٽ آيو ۽ چيائينس تہ ”توهان مون کي سڏ ڪيو ڇا؟ سو
اِجهو آءٌ حاضر آهيان.“ تنهن تي عيليءَ چيس تہ ”مون تہ تو کي
ڪونہ سڏيو. وڃ ۽ وڃي سمهي رهہ.“ سو هو وري وڃي ليٽيو. 6-
7خداوند وري کيس سڏ ڪيو تہ ”اي سموئيل!“ جيئن تہ سموئيل
خداوند کي اڃا ڪين سڃاڻيندو هو ۽ نڪي خداوند جو ڪلام اڃا
مٿس ظاهر ٿيو هو، سو هو اٿي وري عيليءَ وٽ ويو ۽ چيائينس تہ
”توهان مون کي سڏ ڪيو ڇا؟ سو اِجهو آءٌ حاضر آهيان.“ تڏهن
عيليءَ ورندي ڏنس تہ ”منهنجا پٽ! مون تو کي ڪونہ سڏيو.
موٽي وڃي سمهي رهہ.“ 8خداوند وري ٽيون ڀيرو سموئيل کي سڏ
ڪيو. هو وري بہ اٿي عيليءَ وٽ ويو ۽ چيائينس تہ ”توهان مون
کي سڏ ڪيو ڇا؟ سو اِجهو آءٌ حاضر آهيان.“ تڏهن عيليءَ سهي
ڪيو تہ خداوند ئي هن ڇوڪر کي سڏي رهيو آهي. 9تنهنڪري
عيليءَ سموئيل کي چيو تہ ”وڃي سمهي رهہ. جيڪڏهن هو تو کي
وري سڏي تہ چئجانءِ تہ ’اي خداوند! حڪم ڪر، تنهنجو ٻانهو
ٻڌي رهيو آهي.‘“ تڏهن سموئيل وڃي پنهنجيءَ جاءِ تي ليٽي پيو.
10پوءِ خداوند اچي بيٺو ۽ اڳي وانگر سڏ ڪري چيائينس تہ
”سموئيل! اي سموئيل!“ تنهن تي سموئيل ورندي ڏنس تہ ”حڪم
ڪر، تنهنجو ٻانهو ٻڌي رهيو آهي.“ 11تڏهن خداوند سموئيل کي
چيو تہ ”آءٌ بني اسرائيل ۾ هڪڙو اهڙو ڪم ڪرڻ وارو آهيان، جنهن
کي جيڪو بہ ٻڌندو تنهن جا ڪن وڃي ويندا. 12انهيءَ ڏينهن آءٌ
عيليءَ جي گھراڻي بابت پنهنجين سمورين چيل ڳالهين کي شروع
کان وٺي آخر تائين عمل ۾ آڻيندس. 13مون کيس اڳي ئي ٻڌائي
ڇڏيو آهي تہ آءٌ سندس پٽن جي بدڪاريءَ جي ڪري جنهن جي کيس
خبر هئي پر هن ڪين ڪين روڪيو، سندس گھراڻي کي هميشہ جي

---

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

† ڏيئو وسايو ئي نہ ويو هو: يعني ڏينهن نہ ٿيو هو. ڏسو خروج 27:20،21 آيت.

28:2 خر 1:28–4، لاو 35:7–36    34:2 1.سمو 11:4

لاءِ سزا ڏيڻ وارو آهيان. ڇالاءِجو سندس پٽن منهنجي غضب کي
پنهنجو پاڻ سڏيو آهي. 14 تنهنڪري ئي عيليءَ جي گهراڻي بابت
مون قسم کنيو ته عيليءَ جي گهراڻي جي بدڪاريءَ جو ڪفارو
قربانين يا نذرانن وسيلي ڪڏهن به قبول نه پوندو."

15 سموئيل صبح تائين سمهيو پيو هو ۽ پوءِ هن اتي خداوند جي
گهر جا دروازا کوليا. هو عيليءَ کي انهيءَ رويا جي باري ۾ ٻڌائڻ
کان ڊنو ٿي، 16 پر عيليءَ کيس سڏي چيو ته "اي سموئيل! منهنجا
پٽ!" سموئيل وراڻيس ته "اِجهو آءٌ حاضر آهيان." 17 عيليءَ پڇيس
ته "اها ڪهڙي ڳالهه آهي جا خداوند تو کي ٻڌائي آهي؟ ڀلائي
ڪري اها مون کان نه لڪاءِ. جيڪڏهن خدا جي چيل انهن سڀني
ڳالهين مان ڪابه مون کان لڪائيندين ته خدا شل تو سان سختيءَ
وارو سلوڪ ڪري، بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ." 18 تڏهن سموئيل
هن کي سڀ ڪجهه ٻڌايو ۽ ڪائنس ڪجهه به نه لڪايائين. تنهن
تي عيليءَ چيو ته "هو خداوند آهي ۽ جيڪي هن جي نظر ۾ چڱو
لڳي سو هو ڀلي ڪري."

19 سموئيل وڏو ٿيندو رهيو ۽ جيئن ته خداوند ساڻس گڏ هو، سو
هن جي چيل ڪابه ڳالهه مٽيءَ ۾ ملڻ نه ڏنائين. 20 تنهنڪري
سڄي بني اسرائيل کي، دان کان وٺي بيرسبع تائين خبر پئجي ويئي
ته سموئيل خداوند جو نبي مقرر ٿيو آهي. 21 خداوند سيلا شهر
۾ ظاهر ٿيندو رهيو. هن اتي پنهنجو پاڻ کي سموئيل تي پنهنجي
ڪلام جي وسيلي ظاهر ڪيو.

سموئيل جون اهي ڳالهيون بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن تائين
وڃي پهتيون.

## فلستين جو عهد واري صندوق تي قبضو ڪرڻ

4 1 انهن ڏينهن ۾ بني اسرائيل فلستين سان جنگ ڪرڻ لاءِ
نڪري وڃي عبن‌عزر هنڌ وٽ تنبو کوڙيا ۽ فلستين پنهنجا تنبو
افيق علائقي ۾ وڃي هنيا. 2 فلستين بني اسرائيل جي سامهون
صفون ٻڌيون ۽ جنگ شروع ڪيائون. سخت جنگ کان پوءِ هنن
بني اسرائيل کي شڪست ڏني ۽ جنگ جي ميدان ۾ بني اسرائيل
جا اٽڪل چار هزار ماڻهو ماري ڇڏيائون. 3 جڏهن بني اسرائيل جا
باقي ماڻهو لشڪرگاهه ۾ موٽي آيا تڏهن انهن جي اڳواڻن چيو ته
"خداوند اڄ اسان کي فلستين جي اڳيان ڇو شڪست ڏياري؟ اچو
ته خداوند جي عهد واري صندوق سيلا شهر مان هتي پاڻ وٽ کڻي
اچون، انهيءَ لاءِ ته اها اسان وٽ هجي ته جيئن اسين پنهنجن
دشمنن کان بچايا وڃون."

4 سو انهن سيلا شهر ڏانهن ماڻهو موڪليا جيڪي اُتان اها عهد
واري صندوق، جنهن تي پردار آسماني مخلوق جي مجسمن جي وچ
۾ قادرِمطلق خداوند تخت‌نشين هو، سا کڻي آيا. عيليءَ جا ٻئي پٽ
حفني ۽ فينحاس خدا جي عهد واري صندوق سان گڏ هئا.

5 جڏهن خداوند جي عهد واري صندوق لشڪرگاهه ۾ اچي
پهتي، تڏهن بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن خوشيءَ مان ايڏا ته زور
سان واڪا ڪيا جو زمين ڏڏڻ لڳي. 6 فلستين جڏهن انهن واڪن
جو آواز ٻڌو تڏهن هو چوڻ لڳا ته "عبرانين جي لشڪرگاهه ۾ هيڏن
وڏن واڪن جو مطلب ڇا آهي؟" پوءِ جڏهن کين خبر پيئي ته خداوند
جي عهد واري صندوق لشڪرگاهه ۾ آئي آهي، 7 تڏهن هو ڊڄي
ويا ۽ چوڻ لڳا ته "هنن جا معبود هنن جي لشڪرگاهه ۾ آيا آهن.
هاڻي اسان سان ويل ٿيو! هن کان اڳ ته اسان جو ههڙو حال ڪڏهن
ڪونه ٿيو هو. 8 اسان سان ويل ٿيو! ڪير اسان کي هنن طاقت
وارن معبودن جي هٿان ڇڏائيندو. هي ته اُهي ئي معبود آهن، جن
مصرين کي هر قسم جي آفتن سان بيابان ۾ ماريو. 9 اي فلستيؤ!
مضبوط ٿيو ۽ مڙسي ڪريو، متان اوهين عبرانين جا غلام نه بڻجي
وڃو جيئن هو اوهان جا ٻانها هئا. سو مڙس ٿي وڙهو."

10 تڏهن فلستين سخت جنگ ڪئي ۽ بني اسرائيل کي شڪست
ڏنائون. پوءِ بني اسرائيل جا سپيئي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن
ڏانهن وٺي ڀڳا. تمام گهڻي خونريزي ٿي ۽ بني اسرائيل جا ٽيهه
هزار ماڻهو مارجي ويا. 11 خدا جي عهد واري صندوق کسجي ويئي
۽ عيليءَ جا ٻئي پٽ حفني ۽ فينحاس مارجي ويا.

## عيليءَ جو موت

12 تڏهن بنيامين قبيلي جو هڪڙو ماڻهو جنگ جي ميدان کان
ڀڄندو ساڳئي ئي ڏينهن اچي سيلا ۾ پهتو. هن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا
هئا ۽ مٿي ۾ مٽي وڌي هئائين. 13 ان وقت عيلي جيڪو خدا جي عهد
واري صندوق لاءِ تمام گهڻو فڪرمند هو، سو رستي وٽ ڪرسيءَ
تي ويٺي انتظار ڪري رهيو هو. جڏهن اهو ماڻهو شهر ۾ آيو ۽
اچي اها خبر ٻڌايائين، تڏهن سڄو شهر رڙيون ڪري روئڻ لڳو.
14–15 عيلي جنهن جي عمر ان وقت اٺانوي سال هئي ۽ جنهن جي
نظر بلڪل ختم ٿي ويئي هئي، تنهن جڏهن اهو روئڻ جو آواز ٻڌو
تڏهن پڇيائين ته "هي روج راڙو ڇا جو آهي؟" تڏهن اهو خبر آڻيندڙ
ماڻهو تڪڙو تڪڙو اچي عيليءَ وٽ پهتو ۽ کيس جنگ جو احوال
ڏيئي چيائين ته 16 "آءٌ جنگ مان بچي اڄ ئي لشڪر مان ڀڄندو
اچي هتي پهتو آهيان." عيليءَ پڇيس ته "منهنجا ٻچا! جنگ جو
ڪهڙو حال آهي؟" 17 تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ ٻڌايس ته "بني اسرائيل
فلستين جي هٿان شڪست کاڌي ۽ ماڻهن ۾ تمام گهڻي خونريزي
ٿي آهي. تنهنجا ٻئي پٽ حفني ۽ فينحاس به مارجي ويا آهن ۽ خدا
جي عهد واري صندوق به کسجي ويئي آهي." 18 جيئن ئي هن خدا
جي عهد واري صندوق جو ذڪر ڪيو ته عيلي ڪرسيءَ جي پٺئين

---

4:4 خر 22:25

پاسي دروازي وٽ وڃي ڪريو. جيئن ته هو پوڙهو ۽ ڳرو مڙس هو
سو ڪرڻ سان سندس ڪنڌ ڀڄي پيو ۽ هو مري ويو. هو چاليهن
سالن تائين بني اسرائيل جو رهبر رهندو آيو هو.

## عيليءَ جي نُنهن جو موت

19 عيليءَ جي نُنهن، يعني فينحاس جي زال پيٽ سان هئي ۽ بلڪل
ويم تي هئي. جڏهن هن اها خبر ٻڌي ته خدا جي عهد واري صندوق
ڪسجي ويئي آهي ۽ سندس سهرو ۽ مڙس ٻئي مارجي ويا آهن، تڏهن
اوچتو ڪيس ويم جا اهڙا ته سور اچي لڳا جو هوءَ جهڪي پيئي ۽ ٻار
ڄڻي وڌائين. 20 پر پوءِ به هوءَ مرڻ تي هئي ته وٽس بيٺل عورتن ڪيس
چيو ته ”گهٻراءِ نه، ڇالاءِجو تو پٽ ڄڻيو آهي.“ پر هن نه ڪا ڪين
ورندي ڏني ۽ نه ڪو ڌيان ڏنائين. 21 هن پنهنجي پٽ جو نالو يڪبود
يعني ”بني اسرائيل مان حشمت هلي ويئي“ رکيو، ڇالاءِجو خدا جي
عهد واري صندوق ڪسجي ويئي هئي ۽ سندس سهرو ۽ مڙس به
مارجي ويا هئا. 22 هوءَ ائين چوڻ لڳي ته ”بني اسرائيل مان حشمت
هلي ويئي، ڇالاءِجو خدا جي صندوق ڪانئن ڪسجي ويئي آهي.“

## عهد واري صندوق فلستين جي شهرن ۾

5 1 فلستين خدا جي عهد واري صندوق هٿ ڪرڻ ڪان پوءِ، اها
عبن‌عزر مان کڻي اشدود شهر ۾ آندي. 2 پوءِ هنن اها پنهنجي
ديوتا دجون جي مندر ۾ آندي ۽ دجون جي بت جي پاسي ۾ رکي
ڇڏيائون. 3 ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جڏهن اشدود جا ماڻهو اٿيا،
ته ڇا ڏسن ته دجون بت خداوند جي عهد واري صندوق جي اڳيان
منهن ڀر زمين تي ڪريو پيو آهي. تڏهن هنن دجون بت کي کڻي وري
پنهنجيءَ جاءِ تي رکي ڇڏيو. 4 وري ٻئي ڏينهن صبح جو سوير
اٿي ڇا ڏسن ته دجون بت خداوند جي عهد واري صندوق جي اڳيان
منهن ڀر زمين تي ڪريو پيو آهي ۽ سندس سسي ۽ ٻئي هٿ در جي
چائنٺ تي ودِيا پيا آهن. رڳو سندس ڌڙ باقي بچيل هو. 5 اهو ئي
سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين دجون ديوتا جا پوڄاري توڙي اشدود
۾ دجون جي مندر منجهه داخل ٿيندڙ ٻيا سڀيئي ماڻهو انهيءَ در
جي چائنٺ تي پير نه رکندا آهن.
6 پر خداوند پنهنجو ڳرو هٿ اشدود جي ماڻهن تي کڻي انهن تي
آفت نازل ڪئي جو اشدود ۽ ان جي آس‌پاس وارا ڪيترائي ماڻهو
ڳوڙهين جي بيماريءَ وچان مرڻ لڳا. 7 اشدود جي ماڻهن جڏهن
اهو حال ڏٺو تڏهن چوڻ لڳا ته ”بني اسرائيل جي خدا جي عهد
واري صندوق هاڻ اسان وٽ وڌيڪ نه رهڻ گهرجي، ڇالاءِجو اسان
تي ۽ اسان جي معبود دجون تي خدا پنهنجو ڳرو هٿ کنيو آهي.“
8 سو هنن ماڻهو موڪلي فلستين جي پنجن ئي سردارن کي پاڻ وٽ
گهرائي گڏجاڻي ڪئي ۽ کانئن پڇيائون ته ”بني اسرائيل جي خدا
جي عهد واري صندوق کي اسين ڇا ڪريون؟“ هنن کين ورندي ڏني
ته ”بني اسرائيل جي خدا جي عهد واري صندوق کڻي گات شهر
۾ پهچائي وڃي.“ تڏهن هو اها صندوق اوڏانهن کڻي ويا. 9 پر
جڏهن اها صندوق گات شهر ۾ آندي ويئي تڏهن انهيءَ شهر تي
به خداوند جو هٿ اهڙيءَ ته سختيءَ سان پيو جو شهر ۾ وڏو ٽرٽلو
مچي ويو. خداوند انهيءَ شهر جي ننڍن توڙي وڏن سڀني ماڻهن
کي ڳوڙهين جي بيماريءَ سان مارڻ لڳو. 10 تڏهن وري هنن خدا
جي عهد واري صندوق عقرون شهر ڏانهن موڪلي ڏني. جيئن ئي
اها عقرون ۾ پهتي ته اُتي جا ماڻهو رڙيون ڪري چوڻ لڳا ته ”هنن
بني اسرائيل جي خدا جي عهد واري صندوق اسان کي ۽ اسان جي
قوم کي مارڻ لاءِ اسان وٽ آندي آهي.“ 11 سو هنن ماڻهو موڪلي
فلستين جي سڀني سردارن کي پاڻ وٽ گهرائي گڏجاڻي ڪئي ۽ پوءِ
کين چيائون ته ”بني اسرائيل جي خدا جي عهد واري صندوق کي
ان جي اصلوڪي جاءِ ڏانهن واپس موڪلي ڏيو، انهيءَ لاءِ ته متان
اها اسان کي ۽ اسان جي قوم کي ماري نه ڇڏي.“ جيئن ته خداوند
جو هٿ اُتي ايتري ته سختيءَ سان اچي پيو هو جو سڄي شهر ۾
موتمار ٽرٽلو پئجي ويو هو. 12 شهر وارا سڀيئي ماڻهو ڳوڙهين جي
بيماريءَ ۾ وڪڙجي ويا ۽ ڪيترائي ماڻهو مرڻ لڳا. جيڪي اجا بچيل
هئا تن جون دانهون آسمان تائين ٿي پهتيون.

## عهد واري صندوق جي واپسي

6 1 سو جڏهن خداوند جي عهد واري صندوق کي فلستين جي
ملڪ ۾ رهندي ست مهينا گذريا، 2 تڏهن فلستين پنهنجي
مذهبي اڳواڻن ۽ نجومين کي گهرائي کانئن پڇيو ته ”خداوند
جي عهد واري صندوق کي اسين ڇا ڪريون؟ اسان کي ٻڌايو ته
اسين انهيءَ کي سندس جاءِ تي ڪيئن پهچايون؟“ 3 هنن چين ته
”جيڪڏهن اوهين بني اسرائيل جي خدا جي عهد واري صندوق
موڪليو ٿا ته اها خالي نه موڪلجو، بلڪ ڏوهه جي معافيءَ لاءِ
نذراني سميت موٽائي موڪلجو. تڏهن ئي اوهين ڇٽي چڱا ڀلا ٿيندا
۽ اوهين ڄاڻي وٺندا ته هن جو ڳرو هٿ اوهان تان ڇو نه پئي کڄيو.“
4 فلستين کانئن پڇيو ته ”اسين ڏوهه جي معافيءَ لاءِ ڪهڙو نذرانو
ڏيون؟“ هنن وراڻيو ته ”فلستين جي سردارن جي تعداد موجب پنج
سون مان ٺهيل ڳوڙهيون ۽ پنج سون مان ٺهيل ڪوئا موڪليو،
ڇالاءِجو اوهين سڀيئي ۽ اوهان جا سردار انهيءَ هڪڙيءَ ئي آفت ۾
ڦاٿل آهيو. 5 سو اوهين پنهنجي بيماريءَ وارين ڳوڙهين ۽ جيڪي
ڪوئا اوهان جي فصل ۾ تباهي آندي آهي تن جون شڪليون سون
مان ٺاهجو. اهڙيءَ طرح اوهين بني اسرائيل جي خدا جي تعظيم
ڪريو ته من هو اوهان تان، اوهان جي معبودن تان ۽ اوهان جي ملڪ
تان پنهنجو هٿ هلڪو ڪري. 6 اوهين ڇو پنهنجيون دليون سخت ٿا
ڪريو، جيئن مصرين ۽ فرعون پنهنجيون دليون سخت ڪيون هيون؟
پوءِ جڏهن خدا انهن تي پنهنجيون آفتون نازل ڪيون تڏهن ڇا هنن
انهيءَ قوم کي وڃڻ نه ڏنو؟ ڇا اهي هليا نه ويا؟ 7 تنهنڪري هاڻي
اوهين هڪڙي نئين گاڏي تيار ڪريو، جنهن ۾ ڪير ڏيندڙ اهڙيون

بہ ڳئون جوٽيو جن جي ڳچيءَ ۾ اجا پاڃاري ڪين پيئي هجي.
انهن ڳئن جي ڦرن کي گھر ۾ آڻي بند ڪريو. 8 خداوند جي عهد
واري صندوق کڻي آڻي انهيءَ گاڏيءَ تي رکو ۽ سون جون جيڪي
شيون اوهين ڏوهہ جي معافيءَ لاءِ نذراني طور خدا کي ڏيو ٿا سي
هڪڙي پيتيءَ ۾ وجهي انهيءَ جي پرسان آڻي رکو. پوءِ انهيءَ کي
روانو ڪري ڇڏيو تہ پلي وڃي. 9 ڌيان ڏجو، جيڪڏهن اها پنهنجي
سرحد واري رستي کان بيت‌شمس شهر ڏانهن وڃي، تہ ڄاڻجو تہ
بني اسرائيل جي خداوند ئي اسان تي هيءَ وڏي آفت آندي آهي، نہ
تہ اسين سمجھنداسين تہ انهيءَ ۾ هن جو هٿ ڪين هو. اهو رڳو
هڪڙو اتفاق هو جو اسان سان ٿيو.“

10 سو ماڻهن ائين ئي ڪيو جو کير ڏيندڙ ٻہ ڳئون هٿ ڪري گاڏيءَ
۾ جوٽيائون ۽ انهن جا ڦر گھر ۾ بند ڪري ڇڏيائون. 11 هنن خداوند
جي عهد واري صندوق سان گڏ اها پيتي بہ گاڏيءَ ۾ رکي، جنهن ۾
ڪوئن ۽ سندن بيماريءَ وارين ڦوڙهين جون سون مان ٺهيل شڪليون
رکيل هيون. 12 تڏهن اهي ڳئون سنئون سڌو رستو وٺي بيت‌شمس
ڏانهن هليون. اهي شاهي رستي سان رنڀنديون ٿي ويون ۽ نہ ساڄي
پاسي ڦريون نہ وري کاٻي پاسي. فلستين جا سردار انهن جي پٺيان
بيت‌شمس جي سرحد تائين ويا. 13 بيت‌شمس جي ماڻهن ماٿريءَ ۾
ڪڻڪ جو لابارو پئي ڪيو، تہ اکيون کڻي ڇا ڏسن تہ ڪين عهد واري
صندوق نظر آئي. اها ڏسي هو نهايت خوش ٿيا. 14 گاڏي بيت‌شمس
شهر ۾ رهندڙ هڪڙي شخص يشوع جي ٻنيءَ ۾ اچي بيهي رهي،
جتي هڪڙو وڏو پٿر پيو هو. ماڻهن ڪاٺ جي اها گاڏي ٽڪرا ٽڪرا
ڪري ڇڏي ۽ ڳئن کي خداوند جي لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ طور قربان
ڪيائون. 15 لاوين خداوند جي عهد واري صندوق ۽ ان سان گڏ رکيل
اها پيتي بہ هيٺ لاٿي، جنهن ۾ سون جون شيون پيل هيون. هنن
اُهي انهيءَ وڏي پٿر تي کڻي رکيون. پوءِ انهيءَ ساڳئي ئي ڏينهن
بيت‌شمس جي ماڻهن خداوند جي لاءِ ساڙڻ واريون قربانيون ۽ ٻيون
قربانيون پيش ڪيون. 16 فلستين جي پنجن ئي سردارن ڪين اهو سڀ
ڪندي ڏٺو ۽ پوءِ هو انهيءَ ساڳئي ڏينهن عقرون ڏانهن موٽي ويا.
17 فلستين سون مان ٺهيل جيڪي پنج ڦوڙهيون خداوند جي ڏوهہ
جي معافيءَ لاءِ نذراني طور موڪليون هيون، سي پنجن شهرن
يعني اشدود، غزه، اسقلون، گات ۽ عقرون جي لاءِ هڪڙي هڪڙي
ڪري موڪلي هئائون. 18 هنن پنهنجي انهن ڪوٽ وارن شهرن جي
تعداد جيترا سون مان ٺهيل ڪوئا پڻ موڪليا هئا. اهي سڀئي شهر
ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن سميت انهن پنجن ئي سردارن جي ملڪيت هئا.
انهيءَ ڳالهہ جي شاهديءَ طور اهو وڏو پٿر جنهن تي خداوند جي
عهد واري صندوق رکي ويئي هئي، سو اڄ ڏينهن تائين بيت‌شمس
جي رهاڪو يشوع جي ٻنيءَ ۾ موجود آهي.

## عهد واري صندوق قريت‌يعريم ۾

19 خداوند بيت‌شمس جي ستر ماڻهن کي ماري ڇڏيو، انهيءَ لاءِ
جو هنن خداوند جي عهد واري صندوق اندر نهاريو هو. سو ماڻهن ۾
روڄ راڙو پئجي ويو، ڇوتہ خداوند منجھن تباهي آڻي ڪين ماريو هو.
20 تڏهن بيت‌شمس جا ماڻهو چوڻ لڳا تہ ”ڪير آهي جو خداوند،
هن پاڪ خدا جي آڏو بيهي سگھندو؟ اسين پاڻ وٽان ڪيس ڪيڏانهن
ٿا موڪلي سگھون؟“ 21 سو هنن قريت‌يعريم جي رهاڪن ڏانهن
قاصد موڪلي چوايو تہ ”فلستي خداوند جي عهد واري صندوق
موٽائي کڻي آيا آهن. تنهنڪري اوهين اچو ۽ اها پاڻ وٽ کڻي وڃو.“
7 1 تڏهن قريت‌يعريم جا ماڻهو آيا ۽ خداوند جي عهد واري
صندوق کي کڻي وڃي ابيناداب جي گھر ۾ رکيائون، جيڪو
ٽڪريءَ تي هو. هنن سندس پٽ اليعزر کي خداوند جي عهد واري
صندوق جي سنڀال ڪرڻ لاءِ ڪاهن طور مخصوص ڪيو.

## مصفاه ۾ سموئيل جو فلستين کي مارائي مات ڪرڻ

2 عهد واري صندوق کي قريت‌يعريم ۾ رکئي ويهن سالن جو
ڊگھو عرصو گذري ويو. انهيءَ عرصي دوران بني اسرائيل جا
سڀئي ماڻهو مدد لاءِ خداوند کي ٻاڏائيندا رهيا. 3 تڏهن سموئيل
بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي چيو تہ ”جيڪڏهن اوهين پوريءَ
دل سان خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿا ٿيو، تہ پوءِ ڌارين معبودن ۽
عستارات ديويءَ جي مورتين کي پاڻ وٽان ڪڍي اڇلائي ڇڏيو ۽
پنهنجو پاڻ کي دل سان خداوند جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ رڳو انهيءَ
جي ئي عبادت ڪريو. تڏهن ئي هو اوهان کي فلستين جي هٿن
مان ڇڏائيندو.“ 4 سو بني اسرائيل پنهنجن معبودن بعل ديوتائن ۽
عستارات ديويءَ جون مورتيون ڪڍي اڇلائي ڇڏيون ۽ رڳو خداوند
جي عبادت ڪرڻ لڳا.
5–6 سموئيل مصفاه ۾ بني اسرائيل جو رهبر مقرر هو. سو هن
بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي مصفاه ۾ گھرايو تہ جيئن هو انهن
جي معافيءَ لاءِ خداوند کان دعا گھري. تڏهن اهي سڀئي مصفاه
۾ اچي گڏ ٿيا. هنن پاڻي ڀري خداوند جي آڏو هاريو ۽ انهيءَ ڏينهن
روزو رکيائون. اُتي هنن قبول ڪيو تہ ”اسان خداوند جو گناهہ ڪيو
آهي.“
7 فلستين جڏهن ٻڌو تہ بني اسرائيل مصفاه ۾ اچي گڏ ٿيا آهن،
تڏهن سندن پنج ئي سردار بني اسرائيل تي ڪاهہ ڪري آيا. بني
اسرائيل جي ماڻهن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن هو فلستين کان ڊڄي
ويا. 8 هنن سموئيل کي چيو تہ ”تون خداوند اسان جي خدا کي
اسان جي لاءِ ٻاڏائيندو رهہ، تہ جيئن هو اسان کي فلستين جي هٿن
کان بچائي.“ 9 تڏهن سموئيل هڪڙو کير پياڪ گھيٽو وٺي اهو سڄو

---

1:7 2.سمو 6:2–4، 1.توا 13:5–7

سارو بني اسرائيل جي لاءِ خداوند جي حضور ۾ ساڙڻ واري قربانيءَ
طور قربان ڪيو ۽ بني اسرائيل جي لاءِ دعا گهريائين. خداوند هن
جي دعا قبول ڪئي. 10 جڏهن سموئيل ساڙڻ واري قرباني پيش ڪري
رهيو هو، تڏهن فلستي بني اسرائيل سان جنگ ڪرڻ لاءِ ويجها
آيا. پوءِ خداوند انهيءَ ئي مهل ايڏي ته وڏي گجگوڙ سان فلستين
تي گجيو، جو انهن ۾ ڙرتلو پئجي ويو ۽ اهي پٺي ڏيئي وٺي ڀڳا.
11 تڏهن بني اسرائيل جا ماڻهو مصفاه مان نڪري فلستين جي پٺيان
پيا ۽ بيت‌ڪر جي هيٺاهين تائين ڪين ماريندا ويا. 12 پوءِ سموئيل
هڪڙو پٿر کڻي مصفاه ۽ شين نالي ٽڪريءَ جي وچ ۾ کوڙي ڇڏيو
۽ انهيءَ جو نالو *عبن‌عزر رکيائين ۽ چيائين ته ”هيستائين خداوند
اسان جي مدد ڪئي آهي.“

13 اهڙيءَ طرح فلستي شڪست کائي ويا ۽ وري ڪڏهن به بني
اسرائيل جي سرحد اندر نه آيا. جيستائين سموئيل جيئرو هو تيستائين
خداوند جو هٿ فلستين جي خلاف رهيو. 14 عقرون کان وٺي گات
تائين جيڪي به شهر فلستين بني اسرائيل کان کسيا هئا، سي بني
اسرائيل کي وري موٽي مليا. بني اسرائيل پنهنجون سرحدون فلستين
جي هٿان ڇڏائي ورتيون. بني اسرائيل ۽ امورين جي وچ ۾ صلح
ٿيو. 15 سموئيل پنهنجي حياتيءَ جا سڀيئي ڏينهن بني اسرائيل ۾
رهبر ٿي رهيو. 16 هو هر سال بيت‌ايل، گلگال ۽ مصفاه ڏانهن گشت
ڪرڻ ويندو هو ۽ انهن سڀني جاين تي هو بني اسرائيل ۾ عدالت
ڪندو هو. 17 پوءِ هو رامه شهر ۾ موٽي ايندو هو، ڇالاءِجو سندس
گهر اُتي هو. اتي پڻ هو بني اسرائيل ۾ عدالت ڪندو هو ۽ اتي
خداوند جي لاءِ هڪڙي قربان‌گاهه جوڙيائين.

## بادشاهه مقرر ڪرڻ لاءِ سموئيل کي عرض

8 1 جڏهن سموئيل پوڙهو ٿي ويو تڏهن هن پنهنجن پٽن کي بني
اسرائيل لاءِ جج طور مقرر ڪيو. 2 سندس پهريتي پٽ جو نالو
يوئيل ۽ ٻئي پٽ جو نالو ابياه هو. اهي ٻئي بيرسبع شهر ۾ جج هئا.
3 پر هن جا پٽ سندس راهه تي نه هليا، بلڪ هو لالچ ۾ پئجي
گمراهه ٿي ويا ۽ رشوتون وٺي بي‌انصافي ڪرڻ لڳا.

4 تڏهن بني اسرائيل جا سمورا اڳواڻ گڏ ٿي رامه شهر ۾ سموئيل
وٽ آيا. 5 کيس چيائون ته ”عرض آهي ته جيئن ته تون پوڙهو ٿي
ويو آهين ۽ تنهنجا پٽ تنهنجيءَ راهه تي پڻ ڪونه ٿا هلن، تنهنڪري
ٻين قومن وانگر تون هاڻي اسان تي ڪو بادشاهه مقرر ڪر ته هو
اسان جي اڳواڻي ڪري.“ 6 پر هنن جي انهيءَ ڳالهه سموئيل کي
رنج پهچايو جڏهن هنن چيو ته ”اسان تي هڪڙو بادشاهه مقرر ڪر
ته اهو اسان جي اڳواڻي ڪري.“ تڏهن سموئيل خداوند کان دعا
گهري. 7 خداوند سموئيل کي فرمايو ته ”اهي ماڻهو جيڪي به تو
کي چون ٿا سو تون ڪر، ڇالاءِجو هنن تو کي نه، بلڪ مون کي
رد ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته آءٌ هنن جو بادشاهه نه رهان. 8 جنهن
ڏينهن مون هنن کي مصر مان ڪڍي آندو، تنهن کان وٺي اڄ ڏينهن
تائين هو مون کي ڇڏي غير معبودن جي پوڄا ڪندا رهيا آهن. هنن
جيڪي مون سان ڪيو آهي سو ئي هاڻي تو سان ڪري رهيا آهن.
9 تنهنڪري هاڻي تون انهن جي ڳالهه مڃ، پر هنن کي پوريءَ طرح
خبردار ڪري ڇڏ ۽ کين ٻڌائي ڇڏ ته ڪهڙي قسم جو بادشاهه هنن
تي حڪومت هلائيندو.“

10 سو سموئيل خداوند جون اهي سڀ ڳالهيون انهن ماڻهن کي
ٻڌايون جن بادشاهه ٿي گهريو. 11 هن کين ٻڌايو ته ”جيڪو بادشاهه
اوهان تي حڪمراني ڪندو، سو هن قسم جو هوندو جو هو اوهان جي
اولاد مان ڪن کي پنهنجي لشڪر جي جنگي گهوڙي گاڏين لاءِ،
ڪن کي گهوڙن لاءِ نوڪر ڪري رکندو ۽ ڪي سندس گهوڙي گاڏين
جي اڳيان ڊوڙندا هلندا. 12 انهن مان ڪن کي هو پنهنجي لاءِ هزار
هزار ماڻهن جو سالار ۽ ڪن کي پنجاهه پنجاهه ماڻهن جو سالار
مقرر ڪندو. ڪن کي هو هر هلائڻ، فصل لڻڻ، جنگ جي هٿيارن
جوڙڻ ۽ پنهنجي جنگي گهوڙي گاڏين جي اوزارن ٺاهڻ لاءِ مقرر
ڪندو. 13 هو اوهان جي ڌيئرن کي عطر ٺاهڻ، کاڌو رڌڻ ۽ مانين
پچائڻ جي ڪم تي لڳائيندو. 14 هو اوهان جون تمام ڀليون ٻنيون،
اوهان جا انگورن جا باغ ۽ اوهان جا زيتونن جا باغ اوهان کان کسي
پنهنجي خدمتگارن کي ڏيئي ڇڏيندو. 15 هو اوهان جي اناج ۽ انگورن
جي فصل جو ڏهون حصو وٺي پنهنجي عملدارن ۽ خدمتگارن کي
ڏيندو. 16 هو اوهان جا ٻانها، ٻانهيون، چڱا ڍور ڍڳا ۽ اوهان جا گڏهه
ڪسي پنهنجي ڪم آڻيندو. 17 هو اوهان جي رڍن ٻڪرين جو ڏهون
حصو وٺندو ۽ اوهين پاڻ سندس غلام ٿيندا. 18 تڏهن اوهين انهيءَ
بادشاهه جي ڪري، جنهن کي اوهان پنهنجي لاءِ چونڊيو هوندو
دانهون ڪندا. پر انهيءَ ڏينهن خداوند اوهان جي ڪين ٻڌندو.“

19 مگر ماڻهن سموئيل جي ڳالهه ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽
چوڻ لڳا ته ”هرگز نه، بلڪ اسان کي ضرور پنهنجي مٿان بادشاهه
گهرجي. 20 پوءِ اسين به ٻين سڀني قومن جهڙا ٿينداسين. اسان جو
بادشاهه اسان جي اڳواڻي ڪندو، اسان جي اڳيان ٿي هلندو ۽ اسان
جي طرفان جنگيون وڙهندو.“ 21 سموئيل انهن ماڻهن جون سموريون
ڳالهيون ٻڌي اهي خداوند جي حضور ۾ پهچايون. 22 تڏهن خداوند
سموئيل کي فرمايو ته ”تون هنن جو عرض قبول ڪر ۽ کين هڪڙو
بادشاهه مقرر ڪري ڏي.“ پوءِ سموئيل بني اسرائيل جي ماڻهن کي
چيو ته ”اوهين سڀيئي پنهنجي پنهنجي شهر ڏانهن موٽي وڃو.“

*عبن‌عزر: عبرانيءَ ۾ انهيءَ جو مطلب آهي ”مدد جو پٿر“.

5:8 شر 14:17

## سائول ۽ سموئيل جي ملاقات

9 1 بنيامين قبيلي ۾ هڪڙو وڏو اثررسوخ وارو ماڻهو هو، جنهن
جو نالو قيس بن ابي‌ايل بن صرور بن بڪورت بن افيخ هو.
2 ڪيس هڪڙو جوان ۽ خوبصورت پٽ هو، جنهن جو نالو سائول
هو. بني اسرائيل ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ پُرڪشش ماڻهو
ڪونہ هو. هو ايترو تہ ڊگهو هو جو ٻيا ماڻهو سندس ڪلهن تائين
پهچندا هئا.
3 هڪ ڏينهن سائول جي پيءُ قيس جا ڪجهہ گڏهہ گم ٿي ويا.
سو قيس پنهنجي پٽ سائول کي چيو تہ ”اُٿ، هڪڙو نوڪر پاڻ
سان وٺي وڃي گڏهہ ڳولهہ.“ 4 تڏهن اهي افرائيم جي ڪوهستان
مان ٿيندا سليسہ جي علائقي مان لنگهيا، پر گڏهہ نہ لڌائون. پوءِ
هو سعليم جي علائقي مان لنگهيا، پر اتي بہ گڏهہ نہ ملين. تنهن
کان پوءِ هو بنيامين جي علائقي مان لنگهيا، اتي بہ گڏهہ ڪونہ
لڌن. 5 جڏهن هو صوف جي علائقي ۾ آيا تڏهن سائول نوڪر کي
چيو تہ ”هاڻي اچ تہ موٽي هلون، متان بابو گڏهن جي ڳڻتي ڇڏي
اسان جي ڳڻتيءَ ۾ نہ پوي.“ 6 پر نوڪر ورندي ڏنس تہ ”سائين،
هن شهر ۾ هڪڙو خدا جو ٻانهو آهي جنهن جي وڏي عزت ڪئي
وڃي ٿي، چوتہ هو جيڪي چوندو آهي سو سڀ پورو ٿيندو آهي. سو
هاڻي هل تہ وٽس هلون، شايد هو اسان کي ٻڌائي ڇڏي تہ اسين
ڪهڙو رستو وٺون.“ 7 تڏهن سائول پنهنجي نوڪر کي چيو تہ ”ڀلا
جيڪڏهن اسين وٽس هلون تہ انهيءَ ماڻهوءَ جي لاءِ ڇا کڻي هلون؟
اسان جي هڙ مان تہ ماني بہ ختم ٿي ويئي آهي، نہ ئي وري اسان
وٽ ڪا اهڙي سوکڙي آهي جا انهيءَ خدا جي ٻانهي کي ڏيون. ڇا
اسان وٽ ڪجهہ آهي؟“ 8 تڏهن نوڪر سائول کي ورندي ڏني تہ
”سائين، مون وٽ ٽي گرام چانديءَ جو هڪ ننڍو سڪو آهي. اهو
کڻي آءٌ انهيءَ خدا جي ٻانهي کي ڏيندس تہ جيئن هو اسان کي ڪو
رستو ٻڌائي.“ 9–11 تڏهن سائول پنهنجي نوڪر کي چيو تہ ”چڱي
ڳالهہ ڪئي اٿيئي. اچ تہ هلون.“ سو هو انهيءَ شهر ڏانهن ويا
جتي اهو خدا جو ٻانهو رهندو هو. جڏهن هو شهر ڏانهن مٿي چڙهي
رهيا هئا، تڏهن هنن کي ڪجهہ ڇوڪريون مليون جيڪي پاڻي ڀرڻ
لاءِ ٻاهر وڃي رهيون هيون. هنن انهن ڇوڪرين کان پڇيو تہ ”ڇا
غيبدان هتي آهي؟“ اڳيئن زماني ۾ ائين ٿيندو هو جو بني اسرائيل
مان جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي خدا جي مرضي معلوم ڪرڻي هوندي
هئي تہ هو غيبدان وٽ ويندو هو. ڇالاءِجو جنهن کي هاڻي نبي ٿو
سڏجي تنهن کي اڳي غيبدان سڏيو ويندو هو. 12–13 ڇوڪرين ورندي
ڏيئي چيو تہ ”هائو، هو هتي آهي ۽ بلڪل اوهان جي سامهون آهي.
اوهين شهر ۾ داخل ٿيڻ شرط ساڻس ملي سگهندا. هو اڄ ئي شهر
۾ آيو آهي، ڇالاءِجو ٽڪر واري قربان‌گاهہ تي ماڻهن کي قرباني
ڪرڻي آهي. انهيءَ کان اڳ جو هو ٽڪر واري قربان‌گاهہ تي دعوت
کائڻ لاءِ نڪري وڃي اوهين جلدي ساڻس وڃي ملو. ماڻهو تيستائين
کائڻ شروع نہ ڪندا جيستائين هو نہ پهچي، ڇالاءِجو هو قربانيءَ
تي دعا گهرندو آهي، تنهن کان پوءِ دعوت ۾ آيل مهمان کائيندا
آهن. تنهنڪري اوهين هينئر ئي مٿي چڙهي ويندا تہ هو اوهان کي
ملي ويندو.“ 14 تڏهن هو ٻئي مٿي شهر ڏانهن چڙهي ويا. جيئن ئي
هو شهر ۾ داخل ٿيا، تيئن ئي سموئيل کي پنهنجي سامهون ايندو
ڏٺائون، جيڪو ٽڪر واري قربان‌گاهہ ڏانهن وڃي رهيو هو.
15 جڏهن تہ سائول جي اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳي خداوند سموئيل
تي ظاهر ڪري ڇڏيو هو تہ 16 ”سڀاڻي هن وقت ڌاري آءٌ بنيامين
جي ملڪ مان هڪڙو ماڻهو تو ڏانهن موڪليندس. تون انهيءَ
کي منهنجيءَ قوم بني اسرائيل جي مٿان اڳواڻ ٿيڻ لاءِ تيل سان
مسح ڪجانءِ. هو منهنجيءَ قوم کي فلستين جي هٿان ڇڏائيندو،
ڇالاءِجو مون پنهنجيءَ قوم تي آيل مصيبت ڏسندي سندن دانهن
ٻڌي آهي.“
17 سو سموئيل جڏهن سائول کي ڏٺو تڏهن خداوند کيس چيو تہ
”هي اهو ئي ماڻهو آهي، جنهن جو مون تو سان ذڪر ڪيو هو.
اهو ئي ماڻهو منهنجيءَ قوم تي حڪمراني ڪندو.“ 18 تڏهن سائول
شهر جي ٻاهرين ئي در تي سموئيل جي ويجهو اچي کانئس پڇيو
تہ ”ڀلائي ڪري مون کي ٻڌاءِ تہ غيبدان جو گهر ڪٿي آهي؟“ 19–
20 سموئيل کيس ورندي ڏني تہ ”اهو غيبدان آءٌ ئي آهيان. سو اوهين
منهنجي اڳيان ٿي هن ٽڪر واري قربان‌گاهہ ڏانهن چڙهندا هلو.
اوهين اڄ مون سان گڏ ماني کائيندا. باقي تنهنجا گڏهہ جيڪي ٽيون
ڏينهن گم ٿي ويا هئا، تن جو تون ڪو خيال نہ ڪر، ڇالاءِجو اهي
لڌا آهن. سڀاڻي صبح جو آءٌ اوهان کي وڃڻ ڏيندس ۽ جيڪي ٻيو
ڪجهہ تنهنجي دل ۾ آهي سو آءٌ تو کي ٻڌائيندس. پر بني اسرائيل
جي جيڪا اميد آهي سا ڪنهن ۾ پوري ٿيندي؟ اها تو ۾ ۽ تنهنجي
پيءُ جي ساري گهراڻي ۾ پوري ٿيندي.“ 21 پر سائول ورندي ڏنس
تہ ”ڇا آءٌ اسرائيل جي سڀ کان ننڍي قبيلي بنيامين جو ناهيان؟ پر
منهنجو گهراڻو تہ بنيامين قبيلي جي ٻين سڀني گهراڻن کان بہ ننڍو
آهي، پوءِ اوهان مون سان اهڙي ڳالهہ ڪيئن ٿا ڪريو؟“
22 پوءِ سموئيل سائول ۽ سندس نوڪر کي وٺي مهمانن واريءَ
جاءِ ۾ آيو. مهمان جيڪي اٽڪل ٽيهہ ڄڻا هئا، تن کان هن انهن کي
مٿاهين جاءِ تي ويهاريو. 23 سموئيل بورچيءَ کي چيو تہ ”گوشت
جو جيڪو ٽڪرو مون تو کي ڌار ڪري رکڻ لاءِ ڏنو هو سو کڻي
اچ.“ 24 تڏهن بورچيءَ ران جو عمدو ٽڪرو ۽ جيڪي انهيءَ تي هو
سو کڻي، آڻي سائول جي اڳيان رکيو. سموئيل چيو تہ ”ڏس، هي
اهو ٽڪرو آهي جيڪو تنهنجي لاءِ رکيو ويو هو. اهو پنهنجي اڳيان
رکي کاءُ، ڇالاءِجو مون اهو هن ئي مقرر ٿيل وقت تي تنهنجي کائڻ
لاءِ اڳي ئي بچائي رکيو هو، تہ جيئن تون ٻين مدعو ڪيل ماڻهن
سان گڏ ويهي کائين.“ سو انهيءَ ڏينهن سائول سموئيل سان گڏجي
ماني کاڌي.

25 جڏهن هو انهيءَ ٽڪر واري قربان‌گاهه کان لهي شهر ۾ آيا،
تڏهن سموئيل رات جي وقت گهر جي ڇت تي ويهي سائول سان
گفتگو ڪيو. 26 صبح جو پرهه ڦٽڻ مهل هو سجاڳ ٿيا. تڏهن
سموئيل سائول کي ڇت تي سڏ ڪري چيو تہ ”هلو، تہ آءٌ توهان کي
اڳيرو ڪري اچان.“ پوءِ هو اٿيا ۽ سموئيل سان گڏ ٻاهر نڪري ويا.
27 جڏهن هو لهي شهر کان ٻاهر اچي پهتا، تڏهن سموئيل سائول کي
چيو تہ ”پنهنجي نوڪر کي چئُہ تہ هو اسان کان ٿورو اڳتي هلي.“
تڏهن نوڪر ائين ئي ڪيو. پوءِ سموئيل وڌيڪ چيس تہ ”هاڻي تون
ڪجهہ دير هتي بيهہ تہ آءٌ تو کي خدا جو پيغام ٻڌايان.“

## سائول کي مسح ڪرڻ

10 1 پوءِ سموئيل تيل جي دنگي ڪٽي سائول جي مٿي تي هاري
۽ کيس چمي ڏيئي چيائين تہ ”خداوند ئي تو کي تيل سان
مسح ڪرائي چونڊيو آهي تہ جيئن تون سندس قوم بني اسرائيل جو
حڪمران ٿئين. تون ئي خداوند جي قوم تي حڪمراني ڪندي کين
آس‌پاس جي دشمنن کان بچائيندين. خداوند تو کي تيل سان مسح
ڪرائي پنهنجي قوم جو حڪمران مقرر ڪيو آهي. تو لاءِ انهيءَ
ڳالهہ جي نشاني هيءَ آهي تہ 2 اڄ جڏهن تون مون کان موڪلائي
روانو ٿيندين تڏهن بنيامين جي سرحد اندر ضلضحہ شهر ۾ راحل
جي قبر وٽ تو کي ٻہ ماڻهو ملندا. اهي تو کي چوندا تہ جن گڏهن
کي تون ڳولهڻ ويو هئين سي لڌا آهن. سو تنهنجو پيءُ هاڻي گڏهن
جي ڳڻتي ڇڏي تنهنجي ڳڻتيءَ ۾ آهي. هو چوندو رهي ٿو تہ ’آءٌ
پنهنجي پٽ لاءِ ڇا ڪريان؟‘ 3 پوءِ تون جڏهن اڳتي وڌندين ۽ تبور
واري شاهہ‌بلوط وڻ وٽ پهچندين، تہ اتي تو کي ٽي ماڻهو ملندا
جيڪي قرباني ڪرڻ واسطي بيت‌ايل ڏانهن مٿي چڙهندا خدا جي
حضور ۾ ويندا هوندا. انهن مان هڪڙي وٽ ٽي ڇيلا، ٻئي وٽ ٽي
مانيون ۽ ٽئين وٽ مئي سان ڀريل هڪڙي مشڪ هوندي. 4 اهي تو
کي سلام ڪندا ۽ ٻہ مانيون پڻ ڏيندا. تون اهي کائن وٺجانءِ.
5 انهيءَ کان پوءِ تون خدا واري گبعت شهر ڏانهن ڇڙهي وڃجانءِ،
جتي فلستي سپاهين جو پهرو آهي. جڏهن تون اتي شهر ۾ داخل
ٿيندين تڏهن تو کي نبين جي هڪڙي ٽولي گڏبي، جيڪا سُرندو،
دف، بانسري ۽ دنبورو وڄائيندي انهيءَ ٽڪر واري عبادت‌گاهہ کان
هيٺ لهندي ايندي هوندي ۽ اهي خدا جي ڳالهين ۾ مست ٿي ايندا
هوندا. 6 تڏهن خداوند جو روح تو تي ايترو تہ زور سان نازل ٿيندو
جو تون بہ هنن سان گڏ اڳڪٿيون ڪرڻ لڳندين ۽ تو ۾ وڏي تبديلي
اچي ويندي. 7 جڏهن اهي نشانيون تو تي اچن، تڏهن جيئن انهيءَ
وقت تو کي مناسب لڳي تيئن ڪجانءِ، ڇالاءِجو خداوند تو سان
گڏ آهي. 8 تون مون کان اڳ ۾ گلگال شهر ڏانهن لهي وڃجاءِ،
اتي آءٌ تو سان اچي ملندس، انهيءَ لاءِ تہ ساڙڻ واريون قربانيون ۽
سلامتيءَ واريون قربانيون پيش ڪريان. تون ستن ڏينهن تائين اتي
ترسجانءِ، جيستائين آءٌ تو وٽ اچان. اتي آءٌ تو کي ٻڌائيندس تہ تو
کي ڇا ڇا ڪرڻو آهي.“
9 پوءِ جڏهن سائول سموئيل کان موڪلائي روانو ٿيو، تڏهن خدا
سندس دل کي بدلائي ڇڏيو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن اهي ٻڌايل سڀيئي
نشانيون پوريون ٿيون. 10 جڏهن سائول ۽ سندس نوڪر گبعت شهر
۾ انهيءَ ٽڪريءَ وٽ اچي پهتا، تڏهن نبين جي هڪڙي ٽولي کين
گڏي. اتي خدا جو روح مٿس ايترو تہ زور سان نازل ٿيو جو هو انهن
سان گڏ خدا جي ڳالهين ۾ مست ٿي ويو. 11 جڏهن انهن سڀني
ماڻهن جيڪي کيس اڳي کان سڃاڻيندا هئا، اهو ڏٺو تہ هو نبين
سان گڏ خدا جي ڳالهين ۾ مست ٿي ويو آهي، تڏهن اهي هڪ ٻئي
کي چوڻ لڳا تہ ”قيس جي پٽ کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڇا سائول بہ
نبين منجهان آهي؟“ 12 تڏهن اتان جي رهاڪن مان هڪڙي ماڻهوءَ
ورندي ڏيئي چيو تہ ”بلڪ هنن جو وڏو ڪير آهي؟“ انهيءَ کان پوءِ
اهو پهاڪو ٻڌجي ويو تہ ”واهہ! سائول بہ نبين مان ٿي ويو آهي!“
13 پوءِ جڏهن سائول کان اها مستي ڍري ٿي تڏهن هو انهيءَ ٽڪر
واري عبادت‌گاهہ ڏانهن ويو.
14 جڏهن سائول جي چاچي سائول ۽ سندس نوڪر کي ايندي ڏٺو،
تڏهن کائن پڇيائين تہ ”اوهين ڪيڏانهن ويا هئا؟“ هنن وراڻيس تہ
”گڏهہ ڳولهڻ. پر جڏهن اهي اسان کان نہ لڌا تڏهن اسين سموئيل
وٽ وياسين.“ 15 سائول جي چاچي چيو تہ ”ڀلائي ڪري مون کي
ٻڌايو تہ سموئيل اوهان کي ڇا چيو؟“ 16 تڏهن سائول پنهنجي چاچي
کي وراڻيو تہ ”هن اسان کي پڪ ڏياري تہ گڏهہ لڌا آهن.“ پر
بادشاهت واري ڳالهہ جيڪا سموئيل هن کي چئي هئي سا چاچي
کي نہ ٻڌايائين.

## سائول جو بادشاهہ مقرر ٿيڻ

17 پوءِ سموئيل بني اسرائيل قوم کي مصفاہ شهر ۾ خداوند جي
حضور ۾ سڏائي گڏ ڪيو. 18 هن کين خداوند، بني اسرائيل جي
خدا جو هي فرمان ٻڌايو تہ ”مون اوهان بني اسرائيل کي مصر مان
ڪڍي آندو ۽ اوهان کي مصرين ۽ ٻين سڀني حڪومتن جي هٿن مان
ڇڏايم، جيڪي اوهان تي ظلم ڪنديون هيون. 19 پر هاڻ اوهان مون
خدا کي رد ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو اوهان کي سڀني آفتن ۽ مصيبتن
کان بچائيندو آهيان. اوهان مون کي چيو آهي تہ ’اسان تي هڪڙو
بادشاهہ مقرر ڪر.‘ تنهنڪري هاڻي اوهين پنهنجن پنهنجن قبيلن
۽ گهراڻن موجب الڳ ٿي مون خداوند جي آڏو بيهو.“
20 پوءِ سموئيل بني اسرائيل جي سڀني قبيلن کي اڳتي آڻي ڪڍو
وڌو جيڪو بنيامين جي قبيلي جو نڪتو. 21 هن وري بنيامين جي
قبيلي کي سندن گهراڻن موجب اڳتي آڻي ڪڍو وڌو تہ اهو مطرين

جي گھراڻي جو نڪتو. پوءِ مطرين جي گھراڻي کي اڳتي آڻي سموئيل
ڪڍو وڌو ته اهو قيس جي پٽ سائول جو نڪتو. پر جڏهن هنن انهيءَ
کي ڳولهيو ته ڪيس نه لڌائون. 22 سو خداوند کان وري پڇيو ويو ته
"ڇا اهو ماڻهو اڃا هتي نه آهي؟" تڏهن خداوند جي طرفان ورندي
ڏني ويئي ته "ڏسو، هو سامان جي وچ ۾ لڪو ويٺو آهي." 23 تڏهن
هنن ڊوڙي وڃي هن کي اتان ڪڍي آندو. جڏهن هو ماڻهن منجهه
اچي بيٺو ته هنن ڏٺو ته سندس قد ايترو ته ڊگهو هو جو سڀيئي
ماڻهو سندس ڪلهن تائين ٿي آيا. 24 تڏهن سموئيل سڀني ماڻهن
کي چيو ته "اوهين ڏسو ٿا ته جنهن ماڻهوءَ کي خداوند چونڊيو
آهي، تنهن جهڙو سڄيءَ قوم ۾ ٻيو ڪوبه ڪونهي." تڏهن سڀني
ماڻهن نعرو هڻي چيو ته "شل بادشاهه سلامت رهي."
25 پوءِ سموئيل ماڻهن کي بادشاهت جا قاعدا قانون بيان ڪري
ٻڌايا ۽ اهي هڪڙي ڪتاب ۾ لکي ڇڏيائين. اهو ڪتاب هن خداوند
جي مقدس خيمي ۾ رکي ڇڏيو. پوءِ سڀيئي ماڻهو پنهنجن پنهنجن
گهرن ڏانهن هليا ويا. 26 سائول به گبعت شهر ڏانهن پنهنجي گهر
هليو ويو. اهي بهادر ماڻهو به ساڻس گڏ هليا جن جي دلين ۾ خدا
جذبو وڌو هو. 27 پر ڪن خبيث ماڻهن چيو ته "هي ماڻهو ڀلا ڪيئن
اسان کي بچائي سگهندو؟" انهن هن کي حقير ڄاتو ۽ وٽس ڪوبه
نذرانو نه آندائون. پر سائول خاموش ئي رهيو.

## سائول جو عمونين کي شڪست ڏيڻ

11 1 اٽڪل هڪ مهيني کان پوءِ *عمون جو بادشاهه ناحس
لشڪر وٺي گلعاد علائقي جي شهر يبيس تي چڙهائي ڪري
آيو ۽ شهر کي اچي گهيرو ڪيائين. تڏهن يبيس شهر جي ماڻهن
ناحس کي چيو ته "اسان سان معاهدو ڪر ته پوءِ اسين تنهنجي
حڪمراني مڃينداسين." 2 عموني بادشاهه ناحس کين چيو ته
"انهيءَ شرط تي آءٌ اوهان سان معاهدو ڪندس جو آءٌ اوهان سڀني
جون ساڄيون اکيون ڪڍائي ڇڏيان ۽ اهو خواريءَ جو داغ سڄي
بني اسرائيل کي لڳايان." 3 تڏهن يبيس شهر جي اڳواڻن چيس ته
"اسان کي ستن ڏينهن جي مهلت ڏي، ته اسين بني اسرائيل جي
سڀني قبيلن ڏانهن قاصد موڪليون. پوءِ جيڪڏهن ڪوبه اسان کي
بچائڻ وارو ڪونه ٿيو ته اسين نڪري تنهنجي پيش پونداسين."
4 جڏهن انهن جا قاصد گبعت شهر ۾ اچي پهتا جتي سائول رهندو
هو، تڏهن انهن ماڻهن کي اهي ڳالهيون ٻڌايائون جنهن تي سڀيئي
ماڻهو رڙيون ڪري روئڻ لڳا. 5 انهيءَ ئي وقت سائول پنهنجي
ڏاندن پٺيان ٻنيءَ کان اچي رهيو هو. هن پڇيو ته "ماڻهن کي ڇا
ٿيو آهي جو هو روئي رهيا آهن؟" ماڻهن کيس يبيس جي قاصدن
جون ڳالهيون ٻڌايون. 6 اهي ڳالهيون ٻڌندي ئي سائول تي خدا جو
روح ايترو ته زور سان نازل ٿيو جو سائول ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي
ويو. 7 پوءِ هن ڏاندن جي هڪڙي جوڙي کي ڪهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري
ڇڏيو. اهي ٽڪرا هن قاصدن جي هٿان بني اسرائيل جي سڀني قبيلن
ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ کين چوائي موڪليائين ته "جيڪو سائول ۽
سموئيل جي پٺيان نڪري نه ايندو تنهن جي ڏاندن جو به اهو ئي
حال ڪيو ويندو." تڏهن ماڻهن ۾ خداوند جو خوف اچي پيو، سو
اهي سڀيئي گڏجي هڪ ٿي سائول ڏانهن روانا ٿيا. 8 سائول انهن
کي بزق شهر ۾ گڏ ڪري سندن شمار ڪيو ته بني اسرائيل جي
يهوداه قبيلي جا ماڻهو ٽيهه هزار ٿيا ۽ باقي قبيلن جا ٽي لک.
9 هنن يبيس شهر کان آيل قاصدن کي چيو ته "اوهين يبيس جي
ماڻهن کي وڃي چئو ته 'سڀاڻي جڏهن سج تپندو تنهن مهل اوهان
کي ڇوٽڪارو ملندو.'" سو قاصدن اچي يبيس شهر جي ماڻهن
کي اها ڳالهه ٻڌائي ته هو ڏاڍا خوش ٿيا. 10 تڏهن هنن ناحس
بادشاهه کي چوائي موڪليو ته "سڀاڻي اسين نڪري اوهان جي پيش
پونداسين. پوءِ جيئن اوهان کي وڻي تيئن اسان سان ڪجو."
11 ٻئي ڏينهن صبح جو سوير سائول پنهنجن ماڻهن جون ٽي ٽوليون
ٺاهيون ۽ پرهه ڦٽيءَ مهل دشمنن جي لشڪرگاهه تي اچي حملو
ڪيائين. جيستائين ڏينهن گرم ٿيو تيستائين هو عمونين کي ماريندا
رهيا. پوءِ جيڪي عموني باقي بچيا سي پڇي ڪٽو ڪٽو ٿي ويا،
ايتري قدر جو انهن مان ٻه ڄڻا به ڪٿي گڏجي ڪين رهيا.
12 تڏهن بني اسرائيل جي ماڻهن سموئيل کي چيو ته "اهي ڪير
آهن جن چيو هو ته 'سائول اسان تي حڪومت نه ڪري'؟ اهي ماڻهو
اسان جي حوالي ڪر ته اسين انهن کي قتل ڪريون." 13 پر سائول
چيو ته "اڄ اوهان مان ڪنهن کي به قتل نه ڪيو ويندو، ڇالاءِ جو
اڄ خداوند بني اسرائيل کي بچايو آهي."
14 پوءِ سموئيل ماڻهن کي چيو ته "اچو ته گلگال شهر ڏانهن
هلون ۽ اتي بادشاهه سان نئين سر اقرار ڪريون." 15 سو اهي سڀيئي
ماڻهو گلگال ڏانهن ويا ۽ اتي هنن خداوند جي حضور ۾ سائول
جي بادشاهيءَ کي تسليم ڪيو. اتي ئي هنن خداوند جي حضور
۾ سلامتيءَ جون قربانيون پيش ڪيون ۽ سائول ۽ بني اسرائيل جي
سڀني ماڻهن اتي ڏاڍيون خوشيون ملهايون.

## سموئيل جو الوداعي پيغام

12 1 پوءِ سموئيل بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي چيو ته
"جيڪي اوهان مون کي چيو، سو سڀ مون مڃيو ۽ اوهان
جي مٿان بادشاهه مقرر ڪيم. 2 هاڻي ڏسو، اوهان کي بادشاهه
آهي جيڪو اوهان جي اڳواڻي ڪندو. آءٌ پوڙهو ٿي ويو آهيان ۽
منهنجو مٿو به اڇو ٿي ويو آهي. پر منهنجا پٽ اوهان سان گڏ آهن.
مون ننڍپڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اوهان جي اڳواڻي پئي ڪئي
آهي. 3 اِجهو آءٌ حاضر آهيان. سو اوهين خداوند ۽ سندس مسح

*عمون: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

ڪرائي چونڊيل بادشاهه جي اڳيان پلي مون تي شاهدي ڏيو ته ڇا
مون ڪنهن کان ڪو ڏاند يا گڏهه کسيو آهي؟ ڇا مون ڪنهن سان
ڪا ٺڳي ڪئي آهي؟ يا ڪنهن تي ڪو ظلم ڪيو اٿم؟ ڇا مون
ڪنهن کان رشوت وٺي ڪنهن جو ڏوهه نظرانداز ڪيو آهي؟ ٻڌايو،
جيڪڏهن مون انهن مان ڪوبه ڪم ڪيو آهي ته اهو موٽائي ڏيڻ
لاءِ آءٌ حاضر آهيان.“ 4 تڏهن هنن ورندي ڏنس ته ”تو اسان کي
نڪي ٺڳيو آهي، نڪي اسان تي ڪو ظلم ڪيو آهي ۽ نه وري تو
ڪنهن ماڻهوءَ کان ڪا شيءِ ورتي آهي.“ 5 تنهن تي سموئيل کين
چيو ته ”خداوند ۽ سندس مسح ڪرائي چونڊيل بادشاهه اڄ اوهان
تي شاهد آهن ته اوهان مون کي بلڪل بيداغ ڏٺو.“ هنن چيو ته
”بيشڪ خداوند ۽ بادشاهه اسان تي شاهد آهن.“

6 پوءِ سموئيل ماڻهن کي چيو ته ”اهو خداوند ئي آهي جنهن
موسىٰ ۽ هارون کي مقرر ڪيو ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن کي مصر جي
ملڪ مان ڪڍي آندائين. 7 تنهنڪري هاڻي ٻيان ڏيئي ٻڌو، ته آءٌ
اهي نيڪيءَ جا ڪم جيڪي خداوند اوهان سان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن
سان ڪيا تن کي اوهان وساري ڇڏيو، سي ئي ڪم آءٌ خداوند جي
روبرو اوهان تي ثابت ڪريان ٿو. 8 جڏهن يعقوب پنهنجي گهراڻي
سميت مصر ۾ آيو ۽ مصري کين ستائڻ لڳا، تڏهن اوهان جي
ابن ڏاڏن خداوند وٽ فرياد ڪيو. سو خداوند موسىٰ ۽ هارون کي
موڪليو، جن اوهان جي ابن ڏاڏن کي مصر مان ڪڍي آڻي هتي اچي
آباد ڪيو. 9 پر هنن خداوند پنهنجي خدا کي وساري ڇڏيو. سو
خداوند انهن کي حصور شهر جي فوج جي سپهه‌سالار سيسرا جي
هٿان، فلستين جي هٿان ۽ *موآب جي بادشاهه جي هٿان شڪست
ڏياري کين انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو. 10 پوءِ هنن خداوند کي
فرياد ڪيو ۽ چيو ته ’بيشڪ اسان گناهه ڪيو آهي، جو تو خداوند
کي ڇڏي بعليم ۽ عستارات ديوتائن جي پوڄا ڪئي اٿئون. پر هاڻي
تون اسان کي اسان جي دشمنن جي هٿان ڇڏاءِ ته اسين تنهنجي
ئي عبادت ڪريون.‘ 11 تڏهن خداوند جدعون، برق، افتاح ۽ آخر ۾
مون سموئيل کي موڪليو. اسان مان هر ڪنهن اوهان کي اوهان
جي دشمنن، جيڪي اوهان جي چوڌاري هئا، تن جي هٿان ڇڏايو ۽
اوهين سلامتيءَ سان رهندا آيا. 12 پوءِ جڏهن اوهان ڏٺو ته بني عمون
جو بادشاهه ناحس اوهان تي چڙهائي ڪري آيو، تڏهن اوهان مون
کي چيو ته ’اسان تي به هڪڙو بادشاهه بادشاهي ڪري،‘ جيتوڻيڪ
خداوند اوهان جو خدا اوهان جو بادشاهه هو.

13 سو هاڻي اهو ئي اوهان جو بادشاهه آهي، جنهن کي اوهان
چونڊيو آهي ۽ جيڪو اوهان گهُري ورتو آهي. ڏسو، خداوند اوهان
تي هڪڙو بادشاهه مقرر ڪيو آهي. 14 تنهنڪري جيڪڏهن اوهين
خداوند جو خوف ڪندا رهندا، سندس عبادت ڪندا، انهيءَ جا ئي
حڪم مڃيندا ۽ سندس خلاف باغي نه ٿيندا، هائو، جيڪڏهن اوهين
توڙي اهو بادشاهه جيڪو اوهان تي بادشاهي ٿو ڪري، ٻئي خداوند
پنهنجي خدا جي حڪمن جي پوري پيروي ڪندا ته اهو اوهان ۽ اوهان
جي بادشاهه لاءِ چڱو ٿيندو. 15 پر جيڪڏهن اوهين خداوند جي ڳالهه
نه مڃيندا، بلڪ خداوند جي حڪمن جي خلاف ٿيندا، ته پوءِ خداوند
اوهان جي ۽ اوهان جي بادشاهه جي خلاف ٿيندو. 16 سو هاڻي اوهين
ماٺ ڪري بيهو ۽ اهو وڏو ڪم ڏسو جيڪو خداوند اوهان جي اکين
اڳيان ڪرڻ وارو آهي. 17 ڇا هيءَ ڪڻڪ جي لاباري واري خشڪ
موسم نه آهي؟ پر آءٌ خداوند کي عرض ڪندس ته هو گجگوڙون ۽
مينهن موڪلي. پوءِ اوهين ڄاڻيندا ۽ ڏسندا ته پنهنجي لاءِ بادشاهه
گهُري اوهان خداوند جي نظر ۾ ڪيڏي نه وڏي بڇڙائي ڪئي آهي.“

18 پوءِ سموئيل خداوند کي عرض ڪيو ته خداوند انهيءَ ئي ڏينهن
گجگوڙون ۽ مينهن موڪليا. تڏهن سڀيئي ماڻهو خداوند ۽ سموئيل
کان تمام گهڻو ڊنا. 19 سو سڀني ماڻهن سموئيل کي چيو ته ”تون
اسان پنهنجن ٻانهن جي لاءِ خداوند پنهنجي خدا کان دعا گهُر، ته
اسين مري نه وڃون، ڇالاءِجو اسان پنهنجن سمورن گناهن مٿان هيءَ
بڇڙائي به وڌائي ڇڏي آهي، جو پنهنجي لاءِ بادشاهه گهُريو اٿئون.“

20 تڏهن سموئيل ماڻهن کي چيو ته ”ڊڄو نه. هيءَ سموري
بڇڙائي ته اوهان برابر ڪئي آهي، پر تنهن هوندي به خداوند جي
حڪمن جي پيروي ڪرڻ کان نه ڦرو، بلڪ اوهين پنهنجي دل وَ جان
سان خداوند جي عبادت ڪريو. 21 اوهين ٻين معبودن جي پٺيان نه
لڳو، جيڪي نه ته اوهان کي ڪو فائدو ٿا ڏيئي سگهن ۽ نه اوهان
کي بچائي ٿا سگهن، ڇالاءِجو اهي ڪوڙا آهن. 22 خداوند پنهنجي
عظيم نالي جي سببان، پنهنجيءَ قوم کي ڇڏي ڪين ڏيندو،
ڇالاءِجو خداوند پنهنجي مرضيءَ موجب اوهان کي پنهنجي قوم
بڻايو آهي. 23 باقي رهيس آءٌ، سو خدا شل ائين نه ڪري جو اوهان
جي حق ۾ دعا گهُرڻ کان آءٌ بس ڪري خداوند جو گنهگار ٿيان،
بلڪ آءٌ اوهان کي چڱي ۽ سنئين رستي جي تعليم ڏيندو رهندس.
24 اوهين رڳو ايترو ڪريو جو خداوند جا فرمانبردار رهو ۽ دل وَ جان
سان ۽ سچائيءَ سان سندس عبادت ڪريو. ويچار ڪري ڏسو ته
هن اوهان جي لاءِ ڪيڏا نه وڏا ڪم ڪيا آهن! 25 پر جيڪڏهن اڃا
به اوهين بڇڙائيءَ وارا ڪم ڪندا رهندا، ته اوهين توڙي اوهان جو
بادشاهه سڀيئي چٽ ٿي ويندا.“

---

*موآب: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

6:12 خر 26:6 8:12 خر 23:2 9:12 رهه 12:3، 2:4، 1:13 10:12 رهه 10:10–15 11:12 رهه 6:4، 1:7، 29:11، 1.سم 20:3
12:12 1.سم 19:8

## سموئيل جو سائول کي ڇينڻ

13 1 سائول ٽيهن سالن جي عمر ۾ بادشاهہ مقرر ٿيو ۽ هن
*ٻائيتاليهن سالن تائين بني اسرائيل تي حڪومت ڪئي.
2 سائول بني اسرائيل مان ٽي هزار ماڻهو پنهنجي لاءِ چونڊيا،
جن مان ٻہ هزار ماڻهو مڪماس ۽ بيت‌ايل جي جابلو علائقي ۾
ساڻس گڏ هئا ۽ هڪ هزار ماڻهو سندس پٽ يونتن سان گڏ بنيامين
قبيلي جي علائقي ۾ گبعت شهر ۾ هئا. باقي ٻين ماڻهن کي هن
پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.
3 يونتن گبع شهر ۾ فلستين جي پهريدارن تي حملو ڪري کين
ماري ڇڏيو ۽ فلستين کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پيئي. تڏهن سائول
سڄي ملڪ ۾ اعلانِ جنگ لاءِ نفيلون وڄرائيون تہ جيئن ٻلي سڀيئي
†عبراني ٻڌي جنگ لاءِ تيار ٿين. 4 سو جڏهن بني اسرائيل جي
سڀني ماڻهن کي اها خبر پيئي تہ سائول فلستين جي پهريدارن کي
مارائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي فلستين کي بني اسرائيل کان نفرت ٿي
ويئي آهي، تڏهن ماڻهو جنگ لاءِ سائول وٽ گلگال ۾ اچي گڏ
ٿيا.
5 فلستي بہ بني اسرائيل سان جنگ ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. انهن
۾ ٽيهہ هزار جنگي گاڏيون، ڇهہ هزار گهوڙي سوار ۽ ايترا تہ
بي‌شمار ماڻهو هئا جيترا سمنڊ جي ڪناري تي واريءَ جا ذرڙا.
انهن بيت‌آون جي اوڀر طرف مڪماس وٽ اچي پنهنجا خيما کوڙيا.
6 پوءِ جڏهن هنن بني اسرائيل جي لشڪر تي حملو ڪيو تڏهن
هو گهٻرائجي غارن، گهاٽن جهنگن، ٽڪرين، ڏرن ۽ کڏن ۾ وڃي
لڪا. 7 انهن مان ڪي اردن درياءُ پار ڪري گد ۽ گلعاد جي
علائقي ڏانهن هليا ويا. پر سائول اڃا بہ گلگال ۾ ئي رهيل هو
۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا سي خوف کان ڏڪندا ٿي رهيا.
8 سائول اتي سموئيل جي مقرر ڪيل وقت موجب ستن ڏينهن تائين
ترسيو، مگر سموئيل گلگال ۾ نہ آيو. تڏهن ماڻهو سائول وٽان ٽڙڻ
پکڙڻ لڳا. 9 سو سائول ماڻهن کي چيو تہ ”ساڙڻ واري قربانيءَ
۽ سلامتيءَ واري قربانيءَ جا جانور مون وٽ آڻيو.“ پوءِ هن ساڙڻ
واري قرباني پيش ڪئي. 10 جيئن ئي هن ساڙڻ واري قرباني ڪري
بس ڪئي تہ اوچتو سموئيل اچي پهتو. سائول سندس استقبال
ڪرڻ ۽ ساڻس ملڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويو. 11 تڏهن سموئيل کيس
چيو تہ ”تو هي ڇا ڪيو آهي؟“ سائول وراڻيو تہ ”جڏهن مون ڏٺو
تہ فلستي مڪماس ۾ اچي گڏ ٿي رهيا آهن ۽ ماڻهو مون وٽان
ٽڙي پکڙي رهيا آهن ۽ توهان بہ مقرر ڪيل وقت اندر ڪين پهتا،
12 تڏهن مون سوچيو تہ هاڻي فلستي هتي گلگال ۾ اچي مون تي
حملو ڪندا ۽ مون اڃا تائين خداوند جي فضل لاءِ کيس منٿ بہ
نہ ڪئي آهي. تنهنڪري مون مجبور ٿي ساڙڻ واري قرباني پيش
ڪئي.“
13 سموئيل سائول کي چيو تہ ”تو بي‌وقوفيءَ وارو ڪم ڪيو
آهي. جيڪڏهن تون خداوند پنهنجي خدا جي ڏنل حڪم تي پوريءَ
طرح عمل ڪرين ها تہ اڄ خداوند تنهنجي بادشاهي بني اسرائيل تي
هميشہ جي لاءِ قائم ڪري ڇڏي ها. 14 پر هاڻي تنهنجي بادشاهي
قائم نہ رهندي، ڇالاءِجو جيڪو حڪم خداوند تو کي ڏنو هو، تنهن
تي تو عمل نہ ڪيو. سو خداوند پنهنجيءَ دل جي پسند موجب
هڪڙو ماڻهو ڳولهي ڪڍيو آهي، جنهن کي هن پنهنجيءَ قوم جو
اڳواڻ مقرر ڪيو آهي.“ 15 پوءِ سموئيل اٿيو ۽ گلگال مان نڪري
بنيامين جي گبعت شهر ڏانهن ويو. تڏهن سائول پاڻ سان باقي بچيل
ماڻهن کي شمار ڪيو تہ اهي اٽڪل ڇهہ سؤ ٿيا.

## بي‌هٿيار بني اسرائيل

16 سائول، سندس پٽ يونتن ۽ جيڪي ماڻهو ساڻن گڏ هئا، سي
بنيامين جي گبع شهر ۾ وڃي رهيا، جڏهن تہ فلستي مڪماس
۾ ئي خيما کوڙيو رهيا پيا هئا. 17 تڏهن فلستين جي خيمي‌گاهہ
مان ٽي ٽوليون حملي ڪرڻ وارن جون نڪتيون، جن مان هڪڙي
ٽوليءَ انهيءَ رستي ڏانهن رخ ڪيو، جيڪو سعال جي علائقي
۾ عفراه شهر تائين ٿو وڃي. 18 ٻي ٽوليءَ ڦري بيت‌حورون جو
رستو ورتو ۽ ٽين ٽولي انهيءَ سرحد واري رستي سان وڃڻ لڳي،
جتان هيٺ ضبوعيم جي ماٿري بيابان واري طرف ڏسڻ ۾ پئي
آئي.
19 بني اسرائيل جي سڄي ملڪ ۾ ڪوبہ لوهار هٿ نہ ٿي آيو،
ڇالاءِجو فلستين اها دوانديشي ڪئي هئي تہ ڪوبہ بني اسرائيل
لوهار نہ هجي تہ جيئن عبراني ماڻهو پنهنجي لاءِ تلوارون يا ڀالا نہ
ٺهرائين. 20 تنهنڪري بني اسرائيل جا سڀيئي ماڻهو پنهنجا گهوٻا،
ٽيڪم، کهاڙا ۽ ڏاٽا فلستين وٽ ڪٽي وڃي تکا ڪرائيندا هئا.
21 پر هو گهوٻن ۽ ٽيڪمن کي تکي ڪرڻ لاءِ ٻہ ‡چانديءَ جا سڪا
۽ کهاڙن، رنبين ۽ ٽيانگهين کي تکي ڪرڻ لاءِ هڪ چانديءَ جو
سڪو وٺندا هئا. 22 تنهنڪري جنگ واري ڏينهن سائول ۽ سندس
پٽ يونتن کان سواءِ ٻيا جيڪي بہ ماڻهو ساڻن هئا، تن مان ڪنهن
کي بہ تلوار يا ڀالو هٿ ۾ ڪين هو.

---

*ٻائيتاليهن: اصل متن ۾ ٽيهن ۽ ٻائيتاليهن جو عدد واضح نہ آهي.

†عبراني: بني اسرائيل کي ”عبراني“ بہ سڏيو ويندو آهي.

‡چانديءَ جا سڪا: چانديءَ جو هڪ سڪو اٽڪل چار گرام وزن جيترو هو ۽ انهيءَ زماني ۾ اهو تمام مهانگو هو.

8:13 1.سم 8:10 14:13 رس 22:13

## يونتن جي بهادري

23 هوڏانهن فلستين پنهنجي سپاهين جي هڪڙي ٽولي مڪماس
14 جي لڪ جي حفاظت لاءِ رواني ڪئي. 1 سو هڪڙي ڏينهن
سائول جي پٽ يونتن پنهنجي پيءُ کي ٻڌائڻ کان سواءِ
پنهنجي هٿياربردار جوان کي چيو تہ ”اچ تہ هُن پار فلستين جي
پهريدارن ڏانهن هلون.“ 2 جڏهن تہ سائول گبعت جي سرحد تي
مجرون ۾ هڪڙي ڏاڙهونءَ جي وڻ هيٺان رهيو پيو هو. ساڻس گڏ
اٽڪل ڇهہ سؤ ماڻهو هئا. 3 انهن ۾ اخياه بہ مذهبي وڳو پايو ويٺو
هو. هو يڪبود جي ڀاءُ اخيطوب بن فينحاس بن عيلي جو پٽ هو.
عيلي سيلا شهر ۾ خداوند جو ڪاهن هو.
ماڻهن کي اها خبر ئي ڪانہ هئي تہ يونتن هليو ويو آهي. 4 جبلن
وارن جن لڪن جي وچان يونتن فلستين جي پهريدارن ڏانهن وڃڻ ٿي
گهريو، اتي هڪڙي پاسي بوصيص نالي هڪڙي اُڀي ٽڪري هئي تہ
ٻئي پاسي سنہ نالي ٻي اُڀي ٽڪري هئي. 5 هڪڙي ٽڪري اتر طرف
مڪماس جي سامهون هئي تہ ٻي ڏکڻ طرف گبع جي سامهون.
6 يونتن پنهنجي هٿياربردار جوان کي وري چيو تہ ”اچ تہ هنن
اڻطهريلن جي پهريدارن ڏانهن هلون. من خداوند اسان جي لاءِ ڪم
ڪري، ڇالاءِجو ڇڏائڻ جي لاءِ خداوند کي گهڻن يا ٿورن جي ڪابہ
رڪاوٽ ڪانهي.“ 7 سندس هٿياربردار وراڻيس تہ ”جيئن تنهنجي
دل چاهي تيئن ڪر. ڀلي اڳتي هل، آءٌ دل وَ جان سان تو سان گڏ
آهيان.“ 8 تڏهن يونتن چيس تہ ”چڱو، هاڻي اسين هن پار هلون
تہ جيئن هو اسان کي ڏسن. 9 پوءِ جيڪڏهن هنن اسان کي چيو تہ
’جيستائين اسين ايڏانهن اچون تيستائين اتي ترسجو،‘ تہ پوءِ اسين
پنهنجيءَ جاءِ تي بيهي رهنداسين ۽ انهن تائين نہ هلنداسين. 10 پر
جيڪڏهن هنن چيو تہ ’اسان وٽ اچو‘ تہ پوءِ اسين چڙهي هلنداسين
۽ اها ئي اسان جي لاءِ نشاني ٿيندي تہ خداوند انهن کي اسان جي
هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.“
11 سو هو ٻئي ڄڻا فلستين جي پهريدارن وٽ ويا ۽ هنن کين ڏٺو.
تڏهن فلستي چوڻ لڳا تہ ”ڏسو، ڪي عبراني انهن ٻرن مان نڪتا
ٿا اچن، جن ۾ وڃي لڪا هئا.“ 12 پهريدار سپاهين يونتن ۽ سندس
هٿياربردار کي سڏي چيو تہ ”اسان وٽ چڙهي اچو تہ اوهان کي
هڪڙي شيءِ ڏيکاريون.“ تڏهن يونتن پنهنجي هٿياربردار کي چيو
تہ ”منهنجي پٺيان هلندو اچ، چوتہ خداوند هنن کي بني اسرائيل
جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.“ 13 پوءِ يونتن پنهنجن هٿن ۽ پيرن
سان رڙهندو مٿي چڙهيو. سندس هٿياربردار بہ سندس پٺيان لڳو
آيو. تڏهن يونتن حملو ڪري فلستين کي هيٺ ڪيرائيندو ويو ۽
سندس هٿياربردار سندس پٺيان هنن کي قتل ڪندو ويو. 14 اها پهرين
خونريزي هئي، جيڪا يونتن ۽ سندس هٿياربردار ڪئي ۽ انهيءَ ۾
اٽڪل ويهہ ماڻهو اڌ ايڪڙ زمين جي ٽڪري ۾ مارجي ويا. 15 تڏهن
خيمي‌گاهہ ۽ ميدان وارن سڀني فلستين ۾ اچي ڏڪٽي پيئي. پهريدار
۽ حملي ڪرڻ وارا بہ ڊپ ۾ ڏڪيا. زمين بہ پئي ڏڪي. اها ڏڪٽي خدا
جي طرفان موڪلي ويئي هئي.

## فلستين جي شڪست

16 سائول جا چوڪيدار جيڪي بنيامين قبيلي جي گبعت شهر ۾
هئا، تن ڏٺو تہ فلستين جو ميڙ ٽڙي پکڙي ڪٿو ڪٿو ٿيندو پيو وڃي.
17 تڏهن سائول انهن ماڻهن جيڪي ساڻس گڏ هئا، تن کي چيو تہ
”ماڻهن کي گڏ ڪري جاچيو تہ ڪير اسان مان نڪري ويو آهي.“
جڏهن هنن ائين ڪيو تڏهن ڏٺائون تہ يونتن ۽ سندس هٿياربردار تہ
آهن ئي ڪونہ. 18 انهيءَ ڏينهن خدا جي عهد واري صندوق اتي بني
اسرائيل وٽ آندي ويئي هئي. سو سائول اخياه ڪاهن کي چيو تہ
”خدا جي صندوق هتي ڪٺي اچ.“ 19 سائول اجا اخياه سان ڳالهائي
ئي رهيو هو تہ فلستين جي خيمي‌گاهہ ۾ جيڪو گوڙ هو سو جيئن
پوءِ تيئن وڌندو ويو. تنهنڪري سائول ڪاهن کي چيو تہ ”بس، ڇڏ
انهيءَ ڳالهہ کي.“ 20 پوءِ سائول پنهنجي لشڪر سميت تيار ٿي
جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتو. حيرت جي ڳالهہ اها هئي جو هر فلستيءَ
جي تلوار سندس ئي ساٿيءَ مٿان ٿي پيئي، نهايت گهڻي افراتفري
پئجي ويئي هئي. 21 اهي عبراني جيڪي اڳي فلستين سان گڏ هئا
۽ آس‌پاس وارن علائقن مان انهن سان گڏجي سندن خيمي‌گاهہ ۾
آيا هئا، سي بہ ڦري بني اسرائيل جي انهن ماڻهن سان اچي مليا
جيڪي سائول ۽ يونتن سان هئا. 22 ساڳيءَ طرح بني اسرائيل جا اهي
سڀ ماڻهو، جيڪي افرائيم جي جابلو علائقي ۾ وڃي لڪا هئا،
تن جڏهن ٻڌو تہ فلستي شڪست کائي ڀڳا ٿا وڃن تڏهن اهي بہ
اچي فلستين تي ڪڙڪيا. 23 اهڙيءَ طرح خداوند انهيءَ ڏينهن بني
اسرائيل کي فتح بخشي.

## يونتن جو ماکي کائڻ

جنگ بيت‌آون جي هن پار تائين وڃي پهتي 24 ۽ سائول جي لشڪر
۾ اٽڪل ڏهہ هزار ماڻهو گڏ ٿي ويا. جڏهن جنگ افرائيم جي جابلو
علائقي ۾ هر شهر تائين پکڙجي ويئي، تڏهن سائول هڪڙي وڏي
غلطي ڪئي جو ماڻهن کي قسم ڏيئي چيائين تہ ”جيستائين شام
نہ ٿئي ۽ آءٌ پنهنجن دشمنن کان وير نہ وٺان، تيستائين جيڪو ڪاڌو
کائيندو سو لعنتي ٿيندو.“ تنهنڪري ماڻهن مان ڪنهن بہ ڪا شيءِ
چکي بہ ڪونہ. 25 پوءِ سڀيئي ماڻهو هڪڙي اهڙيءَ ٻيلي ۾ وڃي
پهتا، جتي هر طرف ماکي ئي ماکي هئي. 26 سو ماڻهو جڏهن ٻيلي
۾ اندر ويا تہ ڇا ڏسن تہ اتي ماکي پيئي ٽمي، تنهن هوندي بہ
ڪنهن بہ ماڻهوءَ انهيءَ مان ذرو بہ نہ چکيو، ڇالاءِجو هو قسم کان
ڊنا ٿي. 27 پر يونتن اهو ڪونہ ٻڌو هو تہ پٽس ماڻهن کي قسم ڏنو
آهي. سو هن پنهنجي هٿ واريءَ لٺ جو چيڙو ماکيءَ جي ماناري ۾
ٽُنبي، انهيءَ مان ڪجهہ ماکي کاڌي تہ سندس اکيون کلڻ لڳيون.
28 تڏهن انهن ماڻهن مان هڪڙي ٻڌايس تہ ”تنهنجي پيءُ ماڻهن

کي سخت قسم ڏيئي چيو هو تہ ’جيڪو اڄ ڪجهہ بہ کائيندو، سو
لعنتي ٿيندو.‘ اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو سخت ماندا آهن.“
29 تڏهن يونتن ڪين وراڻيو تہ ”بابي ماڻهن کي تڪليف ۾ وڌو
آهي. ڏسو تہ ٿوري ماکي چکڻ سان منهنجيون اکيون ڪيئن نہ کلي
پيون آهن. 30 ڪيترو نہ وڌيڪ چڱو ٿئي ها جو جيڪڏهن اڄوڪي
ڏينهن ماڻهو آزاديءَ سان پنهنجن دشمنن جي هٿ ڪيل لٽ جي
مال مان کائي پئي ڍءُ ڪن ها، پوءِ ڇا هن وقت فلستين ۾ وڌيڪ
وڏي خونريزي نہ ٿئي ها؟“
31 انهيءَ ڏينهن بني اسرائيل مڪماس کان وٺي ايالون تائين
فلستين کي ماريو ۽ ماڻهو تمام ماندا ٿي پيا. 32 تڏهن هنن جيڪو
لٽ جو مال هٿ ڪيو هو تنهن تي اچي ٽٽا ۽ رڍن ٻڪرين ۽ ڍورن
ڍڳن کي اتي ئي زمين تي ذبح ڪري انهن جو گوشت رت سميت
کائڻ لڳا. 33 پوءِ سائول کي خبر ڏني ويئي تہ ”ماڻهو خداوند جو
گناهہ ٿا ڪن، جو گوشت رت سميت ٿا کائين.“ تڏهن سائول چيو
تہ ”هنن اهو دغابازيءَ وارو ڪم ڪيو آهي. هاڻي اوهين هڪڙو وڏو
پٿر ريڙهي مون وٽ آڻيو.“ 34 سائول وڌيڪ چين تہ ”اوهين ماڻهن
منجهہ ڦهلجي وڃو ۽ کين چئو تہ هر ڪو ماڻهو پنهنجو پنهنجو ڍور
هتي مون وٽ آڻي ۽ هن پٿر تي ئي کهي کائي. پر انهن جو گوشت
رت سميت کائي خداوند جو گناهہ نہ ڪن.“ سو سڀني ماڻهن ائين
ئي ڪيو ۽ انهيءَ رات پنهنجو پنهنجو ڍور آڻي اتي ئي ذبح ڪيو.
35 سائول خداوند جي لاءِ هڪڙي قربانگاهہ ٺهرائي. اها ئي پهرين
قربانگاهہ هئي، جيڪا هن خداوند جي لاءِ ٺهرائي.
36 پوءِ سائول پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ ”هلو تہ رات جو فلستين
تي حملو ڪريون ۽ صبح جو سوجهري ٿيڻ تائين کين ڦريون لٽيون
۽ انهن مان ڪنهن کي بہ جيئرو نہ ڇڏيون.“ هنن وراڻي ڏنس تہ
”جيئن اوهين مناسب سمجهو تيئن ڪريو.“ پر ڪاهن چيو تہ ”اچو
تہ پهريائين خدا سان صلاح مصلحت ڪريون.“ 37 تڏهن سائول خدا
کان صلاح پڇي تہ ”آءٌ فلستين جي پٺيان وڃان يا نہ؟ تون هنن کي
بني اسرائيل جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندين يا نہ؟“ پر خدا انهيءَ ڏينهن
کيس ڪا ورندي نہ ڏني. 38 تڏهن سائول چيو تہ ”اي فوج جا سالارؤ!
اوهين سڀيئي هتي ويجها ٿيو ۽ جاچ ڪري ڏسو تہ اڄوڪي ڏينهن
ڪهڙو گناهہ ٿيو آهي. 39 مون کي انهيءَ جيئري خداوند جو قسم
آهي، جنهن بني اسرائيل کي بچايو آهي، تہ جيڪڏهن اهو گناهہ
منهنجي پٽ يونتن بہ ڪيو هوندو تہ اهو ضرور ماريو ويندو.“ پر
ماڻهن مان ڪنهن بہ هن کي ورندي ڪانہ ڏني.
40 تڏهن سائول بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي چيو تہ ”اوهين
هڪڙي پاسي تي بيهو ۽ آءٌ ۽ منهنجو پٽ يونتن ٻئي پاسي تي
بيهنداسين.“ ماڻهن کيس ورندي ڏيئي چيو تہ ”جيئن اوهين مناسب
سمجهو تيئن ڪريو.“ 41 پوءِ سائول خداوند کان دعا گهري تہ ”اي
بني اسرائيل جا خدا! تو اڄ پنهنجي ٻانهي کي ورندي ڇو نہ ڏني؟ اي
خداوند، بني اسرائيل جا خدا! مون کي اڄ ٻڌاءِ تہ حقيقت ڇا آهي.“
تڏهن ڪُٽي وجهڻ سان يونتن ۽ سائول جا نالا نڪتا ۽ ٻيو ڪو بہ ماڻهو
ڏوهاري ثابت نہ ٿيو. 42 پوءِ سائول چيو تہ ”منهنجي ۽ منهنجي
پٽ يونتن جي وچ ۾ بہ ڪُٽا وجهو.“ تڏهن يونتن جو نالو نڪتو.
43 تنهن تي سائول يونتن کي چيو تہ ”مون کي ٻڌاءِ تہ تو ڇا ڪيو
آهي؟“ يونتن کيس ٻڌايو تہ ”جيڪا لٺ منهنجي هٿ ۾ هئي، تنهن
جي چيڙي سان مون بيشڪ ماکيءَ جو ذرو چکيو هو. سو هاڻي آءٌ
مرڻ جي لاءِ تيار آهيان.“ 44 سائول چيو تہ ”اي يونتن! جيڪڏهن
تون ماريو نہ وڃين تہ شل خدا مون سان ائين ڪري، بلڪ انهيءَ
کان بہ وڌيڪ.“ 45 تڏهن ماڻهن سائول کي چيو تہ ”يونتن، جنهن
بني اسرائيل ۾ هي وڏو ڇوٽڪاري جو ڪم ڪيو آهي، سو ماريو
ويندو ڇا؟ هرگز نہ، جيئري خداوند جو قسم آهي تہ هن جي مٿي
جو هڪڙو وار بہ زمين تي ڪونہ ڪرندو، ڇالاءِجو هن جيڪو بہ
ڪم ڪيو سو خدا جي مرضيءَ سان ڪيو آهي.“ اهڙيءَ طرح ماڻهن
يونتن کي بچائي ورتو ۽ هن کي نہ ماريو ويو.
46 انهيءَ کان پوءِ سائول فلستين جو پيڇو ڪرڻ کان بس ڪري
موٽيو ۽ فلستي بہ پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي ويا.

## سائول جي بادشاهي ۽ خاندان

47 جڏهن کان سائول بني اسرائيل مٿان پنهنجي بادشاهي قائم
ڪئي، تڏهن کان هو پنهنجي آس‌پاس وارن سڀني دشمنن يعني
*موآبين، عمونين، ادومين، ضوباہ جي بادشاهن ۽ فلستين سان
جنگ ڪندو رهيو. هن جنهن پاسي منهن ٿي ڪيو، تنهن پاسي انهن
کي شڪست ٿي ڏنائين. 48 هو بهادريءَ سان وڙهيو ۽ عماليقين کي
بہ شڪست ڏنائين. هن بني اسرائيل کي ڦر ڪرڻ وارن جي هٿان
ڇڏايو.
49 سائول جي پٽن جا نالا يونتن، اسوي ۽ ملڪيشوع هئا. کيس
ٻہ ڌيئر هيون جن مان وڏيءَ جو نالو ميرب ۽ ننڍيءَ جو نالو ميڪل
هو. 50 سائول جي زال جو نالو اخي‌نوم هو، جيڪا اخي‌معض جي
ڌيءَ هئي. سندس فوج جي سپهہ‌سالار جو نالو ابنير هو، جيڪو
سائول جي چاچي نير جو پٽ هو. 51 سائول جو پيءُ قيس ۽ ابنير جو
پيءُ نير، ٻئي ابي‌ايل جا پٽ هئا.
52 سائول جي سڄي عمر فلستين سان سخت جنگيون ڪندي
گذري. هو جڏهن بہ ڪنهن زورآور يا بهادر شخص کي ڏسندو هو
تہ انهيءَ کي آڻي پاڻ وٽ مقرر ڪندو هو.

---

*موآبين، عمونين، ادومين: هنن قبيلن جا علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

33:14 پيد 4:9، لاو 7:26–27، 17:10–14، 19:26، شر 12:16،23، 15:23 41:14 گا 27:21، 1.سم 28:6

## سائول جي نافرماني

15 1 سموئيل سائول کي چيو تہ ”خداوند مون کي ئي موڪليو
هو تہ آءٌ تو کي مسح ڪريان، انھيءَ لاءِ تہ تون سندس
قوم بني اسرائيل جو بادشاھہ ٿئين. تنھنڪري ھاڻي تون خداوند جو
فرمان ٻڌ. 2 خداوند قادرِمطلق فرمائي ٿو تہ ’جڏھن بني اسرائيل
مصر مان نڪتا ھئا، تڏھن عماليقي ڪيئن نہ ساڻن جنگ ڪرڻ لاءِ
رستي ۾ اچي بيٺا ھئا. سو ھنن جيڪي بني اسرائيل سان ڪيو ھو
تنھن جي آءٌ ڪين سزا ڏيندس. 3 سو ھاڻي تون وڃي عماليقين تي
حملو ڪري ڪين ماري ڇڏ ۽ جيڪي بہ وٽن آھي سو سڀ تباھہ ڪر
۽ اصل نہ ڇڏين. سندن مردن، عورتن، ٻارن ۽ کير پياڪن سان گڏ
سندن سڀني ڍورن ڍڳن کي قتل ڪري ڇڏ.‘“
4 تڏھن سائول سڀني ماڻھن کي گھرايو ۽ طلائم واري ھنڌ تي
انھن جو شمار ڪرايائين. يھوداہ جا ڏھہ ھزار پيادا سپاھي ٿيا ۽ باقي
ٻين قبيلن جا ٻہ لک ٿيا. 5 پوءِ سائول لشڪر ساڻ ڪري عماليقين
جي شھر ڏانھن ويو ۽ ٻاھر برساتي نھر ۾ اچي لڪي ويھي رھيو.
6 ھن قينين ڏانھن چوائي موڪليو تہ ”جيئن تہ اوھان جا ابا ڏاڏا
بني اسرائيل جي مصر مان نڪرڻ وقت ساڻن مھربانيءَ سان پيش آيا
ھئا، تنھنڪري اوھين ھتان ھليا وڃو ۽ عماليقين مان نڪري وڃو،
تہ متان آءٌ اوھان کي بہ انھن سان گڏ تباھہ نہ ڪري ڇڏيان.“ تڏھن
قيني قبيلي وارا عماليقين مان نڪري ھليا ويا.
7 پوءِ سائول عماليقين کي حويلہ کان وٺي شور تائين، جيڪو
مصر جي اوڀر پاسي آھي، ماريندو آيو. 8 ھن عماليقين جي بادشاھہ
اجاج کي جيئرو پڪڙيو ۽ باقي سڀني ماڻھن کي تلوار جي ڌار سان
ماري ڇڏيائين. 9 پر سائول ۽ سندس ماڻھن اجاج کي ۽ تمام چڱين
رڍن ٻڪرين، ڍورن ڍڳن، ٿلھن متارن ڇيلن ۽ گھيٽن کي ۽ ٻيو
جيڪي چڱو ھو تنھن کي ڇڏي ڏنو ۽ انھن کي بلڪل برباد ڪرڻ نہ
گھريائون. مگر جيڪا شيءِ بيملھہ ۽ بيڪار ھئي، تنھن کي اصل
چٽ ڪري ڇڏيائون.

## سائول جي بادشاھي رد ٿيڻ

10 تڏھن سموئيل تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو تہ 11 ”سائول
کي بادشاھہ بڻائي مون کي افسوس ٿيو آھي، ڇالاءِجو ھو منھنجي
حڪمن جي پيروي ڪرڻ کان ڦري ويو آھي ۽ منھنجي حڪمن جي
تعميل نہ ڪئي اٿس.“ تنھن تي سموئيل اچي پريشان ٿيو ۽ سڄي
رات خداوند جي آڏو ٻاڏائيندو رھيو. 12 سائول سان ملڻ جي لاءِ
سموئيل صبح جو سوير اٿيو. سموئيل کي خبر پيئي تہ سائول ڪرمل
شھر ۾ آيو، جتي ھن پنھنجي لاءِ ھڪڙو يادگار کڙو ڪيو ۽ پوءِ ھو
موٽي گشت ڪندو گلگال ڏانھن ھيٺ لھي ويو آھي.

13 جڏھن سموئيل سائول وٽ اچي پھتو تہ سائول کيس چيو تہ
”شل خداوند جي توھان تي برڪت ھجي. مون خداوند جو حڪم
بجا آندو آھي.“ 14 سموئيل پڇيس تہ ”پوءِ ھي جو منھنجي ڪنن
۾ رڍن ٻڪرين جي ٻيڪڻ ۽ ڍورن ڍڳن جي رنڀڻ جو آواز پيو اچي،
انھيءَ جو مطلب ڇا آھي؟“ 15 سائول کيس ورندي ڏني تہ ”لشڪر
جا ماڻھو اھي عماليقين وٽان ڪاھي آيا آھن. جيڪي تمام چڱيون
رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا ھئا سي ماڻھن بچائي آندا آھن، انھيءَ لاءِ
تہ خداوند خدا جنھن جا اوھين خاص ٻانھا آھيو، تنھن جي اڳيان
انھن کي قربان ڪن ۽ باقي ٻيو سڀ ڪجھہ اسان بلڪل چٽ ڪري
ڇڏيو آھي.“
16 تڏھن سموئيل سائول کي چيو تہ ”ترس، آءٌ تو کي ٻڌايان تہ
رات خداوند مون کي ڇا چيو آھي.“ سائول چيس تہ ”ٻڌايو.“
17 سموئيل چيس تہ ”جيتوڻيڪ تون پنھنجيءَ ئي نظر ۾ تمام خسيس
ھئين، تڏھن بہ ڇا تو کي بني اسرائيل جي قبيلن جو اڳواڻ مقرر نہ
ڪيو ويو؟ بلڪ خداوند تو کي چونڊي مسح ڪرائي بني اسرائيل جي
مٿان بادشاھہ بڻايو. 18 خداوند تو کي اھو حڪم ڏيئي ھن مقصد
لاءِ موڪليو تہ وڃي گنھگار عماليقين کي چٽ ڪرين ۽ جيستائين
اھي سڀ مري کپي نہ وڃن تيستائين ساڻن وڙھندو رھين. 19 پوءِ ڇو
تو خداوند جو حڪم نہ مڃيو؟ بلڪ لٽ جي مال تي ڪاھي پئين.
اھو اھڙو ڪم ڪيو اٿيئي جيڪو خداوند جي نظر ۾ برو آھي.“
20 تڏھن سائول سموئيل کي چيو تہ ”مون تہ پاڻ خداوند جو حڪم
مڃيو آھي. جنھن مقصد لاءِ خداوند مون کي موڪليو ھو، تنھن
تي ئي آءٌ ھليو آھيان. مون عماليقين کي بلڪل برباد ڪري ڇڏيو
آھي ۽ سندن بادشاھہ اجاج کي پڪڙي آيو آھيان. 21 پر ماڻھن لٽ
جي مال مان تمام چڱيون رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا، جيڪي ماري
ڇڏڻا ھئا، سي رڳو انھيءَ لاءِ بچائي ھتي گلگال ۾ آندا، تہ جيئن
انھن کي خداوند خدا جنھن جا اوھين خاص ٻانھا آھيو، تنھن جي
آڏو قربان ڪن.“
22 پر سموئيل کيس وراڻيو تہ
”خداوند کي جھڙي خوشي
سندس حڪمن تي عمل ڪرڻ مان ٿيندي آھي،
تھڙي سندس لاءِ قرباني ڪرڻ مان ٿيندي اٿس ڇا؟
ياد رک، فرمانبرداري قربانيءَ کان بھتر آھي،
۽ حڪم تي عمل ڪرڻ گھٽن جي نذراني کان افضل آھي.
23 بغاوت ۽ جادوگريءَ جو گناھہ ھڪجھڙو ئي آھي،
سرڪشي بتن جي پوڄا ڪرڻ برابر آھي.
سو جيئن تہ تو خداوند جو حڪم نہ مڃيو آھي،
تنھنڪري ھن بہ تنھنجي بادشاھيءَ کي رد ڪري ڇڏيو آھي.“

1:15 1.سم 1:10 2:15 خر 8:17–41، شر 17:25–19

24 تڏهن سائول سموئيل کي چيو تہ ”مون برابر گناهہ ڪيو آهي.
مون خداوند جي حڪم ۽ توهان جي هدايتن جي نافرماني ڪئي آهي،
چوتہ آءٌ ماڻهن کان ڊنس پئي ۽ انهن جي ڳالهہ مڃيم. 25 سو هاڻي
آءٌ منٿ ٿو ڪريان تہ منهنجو گناهہ معاف ڪري ۽ مون سان گڏجي
موٽي هلو تہ آءٌ خداوند جي آڏو سجدو ڪريان.“ 26 سموئيل وراڻي
ڏنس تہ ”آءٌ تو سان گڏجي موٽي نہ هلندس، ڇالاءِجو تو خداوند جو
حڪم نہ مڃيو آهي ۽ خداوند بني اسرائيل تي تنهنجي بادشاهيءَ کي
رد ڪيو آهي.“ 27 پوءِ جيئن ئي سموئيل منهن ڦيرائي هلڻ لڳو، تيئن
سائول سندس جبي جي دامن کي پڪڙيو تہ اهو ڦاٽي پيو. 28 تڏهن
سموئيل چيس تہ ”اڄ خداوند بني اسرائيل جي بادشاهي تو کان ڇني
ڦاڙي کسي ورتي ۽ اها ڪنهن ٻئي کي ڏيئي ڇڏيائين، جيڪو تو
کان چڱو آهي. 29 بني اسرائيل جو عظمت وارو خدا، نڪي ڪوڙ
ڳالهائيندو آهي ۽ نڪي وري پنهنجو فيصلو بدلائيندو آهي، ڇوتہ هو
انسان ناهي جو پنهنجو فيصلو بدلائي ڇڏي.“ 30 تڏهن سائول چيس
تہ ”مون گناهہ ڪيو آهي، پر آءٌ اوهان کي منٿ ٿو ڪريان تہ منهنجي
قوم جي اڳواڻن ۽ بني اسرائيل جي اڳيان منهنجي آبرو رکو. اوهان
مون سان گڏجي موٽي هلو تہ آءٌ خداوند خدا جنهن جا اوهين خاص
ٻانها آهيو، تنهن کي سجدو ڪريان.“ 31 تڏهن سموئيل ساڻس گڏ
موٽي گلگال ڏانهن ويو، جتي سائول خداوند کي سجدو ڪيو.

32 پوءِ سموئيل چيو تہ ”عماليقين جي بادشاهہ اجاج کي هتي مون
وٽ وٺي اچو.“ تڏهن اجاج ٻڏندو ترندو هن وٽ آيو ۽ دل ۾ چيائين
تہ ”موت جي تلخي ضرور اچي ويئي هوندي.“ 33 پر سموئيل چيس
تہ ”جيئن تنهنجي تلوار ڪيترين ئي مائرن کي بياولاد ڪري ڇڏيو
آهي، تيئن تنهنجي ماءُ بہ بياولاد ٿيندي.“ پوءِ سموئيل اجاج کي
گلگال ۾ قربانگاهہ وٽ قتل ڪري سندس لاش ٽڪرا ٽڪرا ڪري
ڇڏيو.

34 ان کان پوءِ سموئيل رامہ شهر ڏانهن هليو ويو ۽ سائول پنهنجي
گهر گبعت شهر ڏانهن روانو ٿيو. 35 پوءِ سموئيل پنهنجي مرڻ
گهڙيءَ تائين وري سائول سان ملڻ نہ ويو، تنهن هوندي بہ سائول
لاءِ افسوس ڪندو رهيو. جڏهن تہ سائول کي بني اسرائيل تي
بادشاهہ بنائڻ ۾ خداوند کي رنج پهتو هو.

## سموئيل جو دائود کي مسح ڪرڻ

16 1 خداوند سموئيل کي چيو تہ ”تون ڪيستائين پيو سائول
جي لاءِ افسوس ڪندين؟ جڏهن تہ مون پاڻ هن کان بني
اسرائيل جي بادشاهي کسي ورتي آهي. سو هاڻي تون هڪڙي سڱ
۾ زيتون جو ڪجهہ تيل کڻ ۽ وڃ. آءٌ تو کي بيتلحم جي يسي نالي
هڪڙي ماڻهوءَ ڏانهن موڪليان ٿو، ڇالاءِجو مون هن جي پٽن مان
هڪڙي کي پنهنجي طرفان بادشاهہ مقرر ڪيو آهي.“ 2 سموئيل
وراڻيو تہ ”آءٌ ڪيئن وڃان؟ ڇالاءِجو جيڪڏهن سائول اها ڳالهہ ٻڌي
تہ هو مون کي ماري ڇڏيندو.“ خداوند چيس تہ ”هڪڙي ڳابي پاڻ
سان ڪاهہ ۽ چئج تہ ’آءٌ خداوند جي لاءِ قرباني ڪرڻ آيو آهيان.‘
3 قربانيءَ تي يسيءَ کي بہ دعوت ڏجانءِ. پوءِ آءٌ تو کي ٻڌائيندس
تہ تو کي ڇا ڇا ڪرڻو آهي. جنهن ماڻهوءَ جي نالي آءٌ تو کي چوان
تنهن کي تون بادشاهہ ٿيڻ لاءِ منهنجي طرفان مسح ڪجانءِ.“

4 سموئيل ائين ئي ڪيو جيئن خداوند فرمايو هوس. هو جڏهن
بيتلحم ۾ آيو تہ شهر جا اڳواڻ ڏڪندا سندس استقبال لاءِ آيا ۽
پڇيائونس تہ ”تون خير سان تہ آيو آهين؟“ 5 هن وراڻيو تہ ”هائو،
آءٌ خير سان آيو آهيان. آءٌ خداوند جي لاءِ قرباني پيش ڪرڻ آيو
آهيان. سو اوهين پاڻ کي پاڪ صاف ڪريو ۽ مون سان گڏ قرباني
ڪرڻ هلو.“ اهڙيءَ طرح هن يسيءَ ۽ سندس پٽن کي بہ پاڪ ڪرايو
۽ کين قربانيءَ جي دعوت ڏنائين.

6 جڏهن اهي اتي اچي پهتا تڏهن يسيءَ جي پٽ الياب ڏانهن
نهاري سموئيل دل ۾ چيو تہ ”پڪ سان خداوند جو مقرر ڪيل اهو
آهي جيڪو خداوند اڳيان بيٺو آهي.“ 7 پر خداوند سموئيل کي چيو
تہ ”هن جي چهري يا قد جي اوچائيءَ تي نظر نہ ڪر. آءٌ هن کي
لائق نہ ٿو سمجهان، ڇالاءِجو آءٌ خداوند انسان وانگر نہ ڏسندو
آهيان. انسان ظاهري صورت کي ٿو ڏسي پر آءٌ خداوند دل تي نظر ٿو
ڪريان.“ 8 تڏهن يسيءَ پنهنجي ٻئي پٽ ابيناداب کي سڏي سموئيل
جي اڳيان آندو. پر سموئيل چيو تہ ”خداوند هن کي بہ ڪين چونڊيو
آهي.“ 9 تڏهن يسيءَ ٽئين پٽ سمہ کي اڳيان آندو. پر سموئيل چيو
تہ ”هن کي بہ خداوند ڪين چونڊيو آهي.“ 10 اهڙيءَ طرح يسيءَ
پنهنجن ستن پٽن کي سموئيل جي اڳيان پيش ڪيو. مگر سموئيل
چيس تہ ”هنن مان خداوند ڪنهن کي بہ ڪين چونڊيو آهي.“
11 تڏهن سموئيل يسيءَ کان پڇيو تہ ”تنهنجا سمورا پٽ اهي ئي
آهن ڇا؟“ يسيءَ وراڻيو تہ ”سڀني کان ننڍو اڃا باقي آهي، جيڪو
رڍون چارڻ ويو آهي.“ تڏهن سموئيل چيس تہ ”انهيءَ کي گهرائي
وٺ، ڇالاءِجو جيستائين هو هتي نہ ايندو تيستائين اسين ڪجهہ نہ
ڪنداسين.“ 12 سو يسيءَ هن کي گهرائي ورتو ۽ اندر وٺي آيس.
هن جو رنگ ڳاڙهو هو، سندس اکيون خوبصورت هيون ۽ هو سهڻو
هو. تڏهن خداوند سموئيل کي چيو تہ ”اُٿ، هن کي بادشاهہ ٿيڻ
لاءِ مسح ڪر، ڇوتہ هي اهو ئي آهي.“ 13 پوءِ سموئيل سڱ ۾ پيل
زيتون جو تيل کنيو ۽ هن کي سندس ڀائرن جي روبرو مسح ڪيائين.
انهيءَ ڏينهن کان وٺي خداوند جو روح دائود تي هميشہ نازل ٿيندو
رهيو. پوءِ سموئيل اٿيو ۽ رامہ شهر ڏانهن روانو ٿيو.

---

28–27:15 1.سمر 17:28، 1.با 11:30–31

## دائود سائول جي خدمت ۾

14 هيڏانهن وري خداوند جو روح سائول کي ڇڏي ويو ۽ خداوند
جي طرفان موڪليل هڪڙو ستائيندڙ روح اچي کيس ستائڻ لڳو.
15 سائول جي نوڪرن کيس چيو تہ ”جيئن تہ خدا جي طرفان موڪليل
ستائيندڙ روح اچي توهان کي ستائي ٿو، 16 سو اي آقا! اسين اوهان
جا نوڪر، جيڪي توهان جي اڳيان حاضر آهيون، تن کي حڪم
ڪريو تہ ڪو اهڙو ماڻهو ڳولهي وٺي اچون جيڪو سُرندو وڄائڻ ۾
ماهر هجي. پوءِ جڏهن اهو ستائيندڙ روح خدا وٽان توهان تي ايندو،
تڏهن اهو ماڻهو پنهنجي هٿ سان سُرندو وڄائيندو تہ توهين چڱا
ڀلا ٿي پوندا.“ 17 تڏهن سائول پنهنجن نوڪرن کي چيو تہ ”هڪڙو
سٺو سُرندو وڄائڻ وارو ماڻهو منهنجي لاءِ ڳولهي ڪيس مون وٽ
وٺي اچو.“ 18 سندس نوڪرن مان هڪڙي وراڻيو تہ ”مون بيت‌لحم
واري يسيءَ جو پٽ ڏٺو آهي، جيڪو سُرندي وڄائڻ ۾ تمام ماهر
آهي. هو ڏاڍو بهادر ۽ جنگي جوان آهي. هو ڳالهائڻ ۾ هوشيار،
هڪ خوبصورت ماڻهو آهي ۽ خداوند هن ساڻ آهي.“

19 سو سائول يسيءَ ڏانهن قاصدن جي هٿان چوائي موڪليو تہ
”تنهنجو پٽ دائود جيڪو رڍن ٻڪرين سان هوندو آهي، تنهن کي
مون وٽ موڪلي ڏي.“ 20 تڏهن يسيءَ هڪڙي گڏهہ تي مانيون،
پراڻي مئي جي سانداري ۽ هڪڙو ڇيلو رکي اهو پنهنجي پٽ دائود
جي هٿان سائول ڏانهن ڏياري موڪليو. 21 جڏهن دائود سائول وٽ
پهچي سندس خدمتگار بڻيو، تڏهن هو سائول کي ايترو تہ وڻيو جو
هن کيس پنهنجو هٿياربردار مقرر ڪيو. 22 پوءِ سائول يسيءَ ڏانهن
چوائي موڪليو تہ ”جيئن تہ دائود مون کي پسند آيو آهي، تنهنڪري
تون کيس مون وٽ رهڻ ڏي.“

23 انهيءَ ڪان پوءِ جڏهن بہ ستائيندڙ روح خدا وٽان سائول تي
ايندو هو تڏهن دائود سُرندو کڻي وڄائيندو هو، تہ سائول کي راحت
ملندي هئي ۽ هو چڱو ڀلو ٿي پوندو هو، ڇالاءِ‌جو ستائيندڙ روح
کيس ڇڏي ويندو هو.

## دائود ۽ جالوت

(58–1:17)

### (جالوت جو بني اسرائيل کي للڪارڻ)

17 1 فلستي جنگ ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا لشڪر وٺي يهوداه
جي شهر شوڪو ۾ اچي گڏ ٿيا. هنن پنهنجا خيما
افس‌دميم نالي هڪڙي هنڌ اچي کوڙيا، جيڪو شوڪہ ۽ عزيقہ
شهرن جي وچ ۾ هو. 2 سائول ۽ بني اسرائيل جا ماڻهو بہ اچي
گڏ ٿيا ۽ ايلہ جي ماٿريءَ ۾ اچي خيما کوڙيائون. هنن فلستين
سان جنگ ڪرڻ لاءِ صفون ٻڌيون. 3 هڪڙي پاسي واري جبل تي
فلستي تہ ٻئي پاسي واري جبل تي بني اسرائيل بيٺا هئا. سندن وچ
۾ هڪڙي ماٿري هئي.

4 تڏهن فلستين جي لشڪر مان گات شهر جو رهندڙ هڪڙو چونڊ
پهلوان نڪتو، جنهن جو نالو جالوت هو. سندس قد نون فوٽن کان
بہ وڌيڪ هو. 5 سندس مٿي تي پتل جو هڪڙو ٽوپ هو ۽ جسم تي
پتل جي زرهہ پيل هئس جنهن جو وزن اٽڪل ستونجاهہ ڪلوگرام
هو. 6 سندس ٽنگن تي پتل جا جهاڙولا پيل هئا ۽ پٺيءَ تي هڪڙي
پتل جي ٻڇي رکيل هئي. 7 سندس نيزي جي ڏانگ، ڪوريءَ جي
آڏاڻي مٿان جيڪا لٺ هوندي آهي تنهن جيتري ٿلهي هئي ۽ نيزي
جي لوهي ڦر جو وزن اٽڪل ست ڪلوگرام هوس. هڪڙو سپاهي
ڍال کنيو سندس اڳيان هلندو پئي آيو.

8 جالوت اچي بيٺو ۽ بني اسرائيل کي للڪاري چوڻ لڳو تہ
”اوهين جنگ جي لاءِ رڳو صفون ٻڌي ڇو بيهي رهيا آهيو؟ ڇا آءٌ
فلستي ناهيان؟ ۽ ڇا اوهين سائول جا غلام ڪين آهيو؟ اوهين پاڻ
منجهان هڪڙو ماڻهو چونڊي ڪڍو، جيڪو مون سان اچي مقابلو
ڪري. 9 جيڪڏهن اهو مون سان وڙهي سگهي ۽ مون کي ماري
ڇڏي تہ اسين اوهان جا غلام ٿينداسين. پر جيڪڏهن آءٌ هن تي
غالب ٿيس ۽ کيس ماري ڇڏيم، تہ پوءِ اوهين اسان جا غلام ٿيندا
۽ اسان جي خدمت چاڪري ڪندا. 10 اڄ آءٌ بني اسرائيل جي لشڪر
کي للڪاريان ٿو تہ منهنجي لاءِ ڪو مرد موڪليو جيڪو مون سان
مقابلو ڪري.“ 11 سائول ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن جڏهن
انهيءَ فلستيءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن ڪين دهشت وٺي
ويئي ۽ هو تمام گهڻو ڊنا.

### (دائود سائول جي خيمي‌گاهہ ۾)

12 دائود يهوداه جي بيت‌لحم شهر ۾ رهندڙ يسيءَ نالي هڪڙي
افراتيءَ جو پٽ هو. يسيءَ کي اٺ پٽ هئا. سائول بادشاهہ جي
زماني ۾ يسي پوڙهو ۽ عمررسيده ٿي چڪو هو. 13 يسيءَ جا ٽي
وڏا پٽ يعني پهريتو پٽ الياب، ٻيو ابينداب ۽ ٽيون سمہ سائول سان
گڏجي جنگ ڪرڻ لاءِ ويا هئا. 14 دائود جا اهي ٽيئي وڏا ڀائر سائول
جي لشڪر ۾ وڃي شامل ٿيا هئا، پر دائود جيئن تہ سڀني کان ننڍو
هو، 15 سو انهن ڏينهن ۾ هو بيت‌لحم ۾ پنهنجي پيءُ جون رڍون
ٻڪريون چارڻ لاءِ سائول جي لشڪر کان ايندو ويندو هو.

16 هوڏانهن اهو فلستي جالوت چاليهن ڏينهن تائين صبح توڙي
شام بني اسرائيل کي للڪاريندو رهيو. 17 هڪڙي ڏينهن يسيءَ
پنهنجي پٽ دائود کي چيو تہ ”ڀُڳل اناج جا ڏهہ ڪلوگرام ۽ هي ڏهہ
مانيون کڻ ۽ جلدي وڃي لشڪرگاهہ ۾ پنهنجي ڀائرن کي ڏيئي اچ.
18 سندن دستي جي سالار لاءِ بہ پنير جون هي ڏهہ ٽڪيون کڻي وڃ
۽ ڏسي بہ اچ تہ تنهنجا ڀائر ڪيئن پيا گذارين، انهن کان ڪا نشاني
وٺي اچجانءِ. 19 اهي سائول بادشاهہ ۽ بني اسرائيل جي ٻين سڀني
ماڻهن سان گڏ ايلہ جي ماٿريءَ ۾ فلستين سان جنگ ٿا ڪن.“

20 ٻئي ڏينهن دائود صبح جو سوير اٿيو ۽ رڍون ٻڪريون هڪڙي
ڌنار جي حوالي ڪري، يسيءَ جي حڪم موجب اهي سڀ شيون کڻي
روانو ٿيو. جنهن مهل هو لشڪرگاهه ۾ پهتو، تنهن مهل فوجون
جنگ ڪرڻ لاءِ نعرا هڻنديون وڃي رهيون هيون. 21 بني اسرائيل ۽
فلستي پنهنجون پنهنجون صفون ٻڌي بيٺا هئا ۽ لشڪر کي لشڪر
جي سامهون پئي بيهاريو ويو. 22 تڏهن دائود پنهنجو سامان، لشڪر
جي سامان جي نگهباني ڪندڙ جي حوالي ڪري ڊوڙي لشڪر ۾
ويو ۽ پنهنجي ڀائرن کان خيرعافيت پڇڻ لڳو. 23 اڃا هو انهن سان
ڳالهائي ئي رهيو هو ته گات شهر وارو جالوت فلستين جي صفن
مان نڪري آيو ۽ اڳي وارا لفظ ورجائڻ لڳو. دائود سندس اهي
لفظ ٻڌا. 24 بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو انهيءَ کي ڏسي بيحد ڊنا
۽ سندس اڳيان وٺي ڀڳا. 25 هو هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته ”تون
انهيءَ ماڻهوءَ کي ڏسين ٿو جيڪو نڪري آيو آهي؟ ڀڪ سان اهو
بني اسرائيل کي ذليل ڪرڻ لاءِ آيو آهي. سو جيڪو ماڻهو انهيءَ
کي ماري ڇڏيندو تنهن کي سائول بادشاهه دولت سان مالامال ڪري
ڇڏيندو ۽ پنهنجي ڌيءَ به کيس پرڻائيندو. ان کان علاوه سندس
گهراڻو بني اسرائيل ۾ هر ڪنهن ڳالهه کان آزاد رهندو.“
26 تڏهن دائود پنهنجي ڀرسان بيٺل ماڻهن کان پڇيو ته ”جيڪو
ماڻهو هن فلستيءَ کي ماري ۽ بني اسرائيل تان اهو داغ دور ڪري
تنهن کي ڇا ڏنو ويندو؟ ڇالاءِجو هي اڻطهريل فلستي ٿيندو ڪير
آهي جو جيئري خدا جي لشڪر کي اچي ذليل ڪري.“ 27 ماڻهن
کيس جواب ۾ اهي ئي ڳالهيون ٻڌائي چيو ته جيڪو ماڻهو هن کي
ماريندو تنهن کي ڇا ڇا انعام ڏنو ويندو.
28 سندس وڏي ڀاءُ الياب ماڻهن سان اهي ڳالهيون ڪندي کيس
ٻڌي ورتو، سو هو دائود تي ڏاڍو اچي ڪاوڙيو. هو کيس چوڻ لڳو
ته ”تون هتي ڇو آيو آهين؟ پنهنجون رڍون ٻڪريون جهنگ ۾ ڪنهن
وٽ ڇڏي آيو آهين؟ تنهنجي مغروريءَ ۽ شرارت کي آءٌ ڄاڻان ٿو،
ها، تون جنگ ڏسڻ لاءِ ئي هتي آيو آهين.“ 29 تڏهن دائود چيس
ته ”مون هاڻي ڇا ڪيو آهي؟ ڇا آءٌ ڳالهه به نه ڪريان؟“ 30 پوءِ
دائود انهيءَ کان ڦري ٻئي ماڻهوءَ وٽ ويو ۽ اهي ئي ڳالهيون پڇڻ
لڳو ته هر ڪنهن وري به کيس پهريون واري ورندي ڏني. 31 ڪن
ماڻهن دائود جون چيل ڳالهيون ٻڌي اُهي سائول بادشاهه جي اڳيان
وڃي بيان ڪيون ۽ هن دائود کي پاڻ وٽ گهرايو.
32 تڏهن دائود سائول کي چيو ته ”انهيءَ ماڻهوءَ جي ڪري ڪنهن
جي به دل نه گهٻرائي، آءٌ اوهان جو ٻانهو انهيءَ فلستيءَ سان وڃي
وڙهندس.“ 33 سائول دائود کي چيو ته ”تو ۾ ايتري طاقت ناهي
جو تون انهيءَ فلستيءَ سان وڃي مقابلو ڪرين، ڇالاءِجو تون اڃا
ڇوڪرو آهين ۽ هو ننڍپڻ کان ئي جنگي جوڌو آهي.“ 34 پر دائود
سائول کي چيو ته ”اوهان جو ٻانهو پنهنجي پيءُ جون رڍون ٻڪريون
چاريندو آهي ۽ جڏهن به ڪو شينهن يا رڇ اچي ڌڻ مان ڪو گهيٽو
کڻي ويندو آهي، 35 تڏهن آءٌ انهيءَ جي پٺيان ويندو آهيان ۽ انهيءَ
کي ماري، سندس وات مان اهو ڇڏائيندو آهيان. جڏهن هو مون تي
اُلر ڪري ايندو آهي، تڏهن آءٌ هن کي ڪاڏيءَ کان پڪڙي ماري ماري
ختم ڪري ڇڏيندو آهيان. 36 اوهان جي هن ٻانهي شينهن توڙي رڇن
کي ماريو آهي. سو هي اڻطهريل فلستي به انهن مان ئي هڪڙي
وانگر ٿيندو، ڇوته هن جيئري خدا جي لشڪر کي اچي ذليل ڪيو
آهي.“ 37 دائود وڌيڪ چيو ته ”جنهن خداوند مون کي شينهن توڙي
رڇن جي چنبن کان بچائي ورتو، سو ئي مون کي هن فلستيءَ جي
هٿان به بچائيندو.“ تڏهن سائول چيس ته ”وڃ، شل خداوند تو ساڻ
هجي.“
38 پوءِ سائول پنهنجي پوشاڪ دائود کي پهرائي ۽ پتل جو ٽوپ
سندس مٿي تي رکيائين ۽ زرهه به ڍڪيائينس. 39 دائود سائول جي
تلوار پنهنجي پوشاڪ مٿان چيلهه سان ٻڌي ۽ هلڻ جي ڪوشش
ڪيائين، پر هلي نه سگهيو، ڇوته هن کي اڳي ڪوبه آزمودو ڪونه
هو. تڏهن هن سائول کي چيو ته ”آءٌ هنن سان هلي نه ٿو سگهان،
ڇالاءِجو مون کي انهن جو ڪو آزمودو ڪونهي.“ سو دائود اهي
لاهي ڇڏيا. 40 پوءِ هن پنهنجي لٺ هٿ ۾ کنئي ۽ برساتي نهر مان
پنج لسا پٿر چونڊي کڻيائين ۽ پنهنجي سامان رکڻ لاءِ وٽس جيڪا
ڌنارن واري ڳوٿري هئي تنهن ۾ اهي وڌائين. هن پنهنجي ڪانپاٽي
هٿ ۾ کنئي ۽ پوءِ هو انهيءَ فلستيءَ ڏانهن وڌي ويو.

### (دائود جو جالوت کي شڪست ڏيڻ)

41 ايتري ۾ اهو فلستي جالوت جنهن جي اڳيان سندس ڍالبردار
هليو ٿي، سو وڌي دائود جي ويجهو آيو. 42 جالوت دائود کي ڇتائي
ڏٺو. هن دائود کي حقير ڄاتو، ڇوته سندس نظر ۾ هو رڳو ڳاڙهي
گوري رنگ وارو خوبصورت ڇوڪرو هو. 43 پوءِ جالوت دائود کي
چيو ته ”آءٌ ڪو ڪتو آهيان ڇا جو تون مون تي لٺ کڻي آيو آهين؟“
جالوت پنهنجي معبود جا نالا کڻي دائود تي لعنت وجهڻ لڳو.
44 پوءِ هن دائود کي چيو ته ”مون وٽ اچ ته آءٌ تنهنجو ماس پکين
۽ جهنگلي جانورن ڏانهن اڇلايان.“
45 تڏهن دائود جالوت کي ورندي ڏني ته ”تون مون تي تلوار،
نيزو ۽ ٻڇي کنيو پيو اچين. پر آءٌ تو تي قادرِمطلق خداوند، بني
اسرائيل جي لشڪر جي خدا جي نالي سان پيو اچان، جنهن کان تو
حقارت ڪئي آهي. 46 اڄوڪي ڏينهن خداوند تو کي منهنجي هٿ ۾
ڏيندو ۽ آءٌ تو کي ماري تنهنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪندس. اڄوڪي
ڏينهن آءٌ فلستين جي لشڪر جا لاشا پکين ۽ جهنگلي جانورن ڏانهن
اڇلائيندس. اهڙيءَ طرح سڄيءَ دنيا کي خبر پوندي ته بني اسرائيل
جو هڪڙو خدا آهي 47 ۽ هنن سڀني ماڻهن کي اها به خبر پوندي ته
خداوند تلوار ۽ نيزي سان نه ٿو بچائي، ڇالاءِجو جنگ جي فتح يا
شڪست ته خداوند جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو ئي اوهان کي اسان جي
هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندو.“

48 پوءِ جڏهن جالوت اڳتي وڌي دائود تي حملي ڪرڻ لاءِ ويجهو
آيو، تڏهن دائود جالوت سان مقابلي ڪرڻ لاءِ فلستين جي لشڪر
ڏانهن تيزيءَ سان ڊوڙيو. 49 دائود پنهنجي ڳوٿريءَ ۾ هٿ وجهي
اتان هڪڙو پٿر ڪڍيو ۽ ڪانياٺيءَ ۾ رکي اڇلائي جالوت جي پيشانيءَ
۾ هنيائين، تہ اهو سندس پيشانيءَ ۾ گهڙي ويو ۽ هو زمين تي
اونڌو ٿي ڪري پيو. 50 اهڙيءَ طرح دائود بنا ڪنهن تلوار جي، رڳو
ڪانياٺيءَ مان هڪڙي پٿر اڇلائڻ سان جالوت کي شڪست ڏيئي ماري
ڇڏيو. 51 پوءِ هو ڊوڙي وڃي جالوت جي پرسان بيٺو ۽ سندس مياڻ
مان تلوار ڪڍي سسي وڍي ڌار ڪري ڇڏيائينس. فلستين جڏهن
ڏٺو تہ سندن وڏو پهلوان بہ مارجي ويو آهي، تڏهن هو وٺي ڀڳا.
52 تڏهن يهوداہ قبيلي جا توڙي بني اسرائيل جي ٻين قبيلن جا
ماڻهو اٿيا ۽ للڪاريندا فلستين جي پٺيان ڪاهي پيا، ايتري تائين جو
گات ۽ عقرون شهرن جي دروازن تائين کين ڀڄائيندا ويا. فلستين
مان جيڪي ڦٽجي پيا هئا، سي شعريم جي راهہ ۾ گات ۽ عقرون
شهرن تائين ڪرندا ويا. 53 پوءِ جڏهن بني اسرائيل فلستين جي
پيڇي ڪرڻ کان واپس موٽيا تہ اچي انهن جي لشڪرگاهہ ۾ ڦرلُٽ
ڪيائون. 54 پوءِ دائود انهيءَ فلستي جالوت جي سسي کڻي يروشلم
۾ آيو. پر انهيءَ جا هٿيار هن پنهنجي خيمي ۾ ئي رکي ڇڏيا.
55 جنهن وقت دائود جالوت سان وڙهڻ لاءِ وڃي رهيو هو، تڏهن
سائول بادشاهہ کيس ڏسي پنهنجي لشڪر جي سپهہ‌سالار ابنير کان
پڇيو تہ ”اي ابنير! هي ڇوڪر ڪنهن جو پٽ آهي؟“ ابنير وراڻيس
تہ ”اي بادشاهہ سلامت! مون کي خبر نہ آهي.“ 56 بادشاهہ چيس
تہ ”پتا ڪر تہ هي ڇوڪر ڪنهن جو پٽ آهي.“ 57 سو جڏهن دائود
جالوت کي قتل ڪري موٽي آيو تڏهن ابنير انهيءَ کي بادشاهہ وٽ
وٺي آيو. ان وقت جالوت جي سسي اڃا سندس هٿ ۾ ئي هئي.
58 تڏهن سائول هن کان پڇيو تہ ”اي جوان مرد! تون ڪنهن جو پٽ
آهين؟“ دائود ورندي ڏنس تہ ”آءٌ اوهان جي ٻانهي بيت‌لحم واري
يسيءَ جو پٽ آهيان.“

## سائول جو دائود سان حسد ڪرڻ

18 1-2 دائود جڏهن سائول سان ڳالهائي بس ڪئي، تنهن
ڏينهن کان وٺي سائول دائود کي پاڻ وٽ رکيو ۽ کيس
سندس پيءُ جي گهر ڏانهن موٽي وڃڻ نہ ڏنائين. هوڏانهن سائول
جي پٽ يونتن جي دائود سان ايتري تہ دل اٽڪي ويئي جو هو
دائود سان پنهنجيءَ جان جيان محبت ڪرڻ لڳو 3 ۽ ساڻس دائمي
دوستيءَ جو عهد اقرار ڪيائين. 4 يونتن پنهنجو چوغو، جيڪو بدن
تي هوس، سو لاهي پنهنجي زرهہ سميت دائود کي ڏنو، ايتري قدر
جو پنهنجي تلوار، تيرڪمان ۽ ڪمربند بہ کيس ڏنائين.
5 سائول جيڏانهن بہ دائود کي موڪليندو هو، اوڏانهن هو ويندو
هو ۽ ڪامياب ٿي موٽي ايندو هو. انهيءَ ڪري سائول کيس فوج ۾
هڪ اعليٰ رتبو ڏنو. اها ڳالهہ سڀني ماڻهن ۽ سائول جي سالارن
کي پسند آئي.
6 دائود جي فلستي جالوت کي قتل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن لشڪر
پنهنجن گهرن ڏانهن واپس اچي رهيو هو، تڏهن بني اسرائيل جي
سڀني شهرن مان عورتون خوشيءَ جا گيت ڳائينديون، نچنديون ۽
دف ۽ تار وارا ساز وڄائينديون سائول بادشاهہ جي استقبال لاءِ ٻاهر
نڪري آيون. 7 انهن عورتن نچندي هيئن ٿي ڳايو تہ
”سائول تہ ماريو هزارن کي،
پر دائود ماريو لکن کي.“

8 سائول کي اها ڳالهہ نہ وڻي، سو هو ڏاڍو اچي ڪاوڙيو. هو
دل ۾ چوڻ لڳو تہ ”دائود جي نسبت ۾ تہ هو لک ٿيون چون ۽
منهنجي نسبت ۾ رڳو هزار! سو بادشاهيءَ کان سواءِ هن کي باقي
ٻيو ڇا ملڻ لاءِ وڃي بچيو آهي؟“ 9 انهيءَ ڏينهن کان وٺي سائول
دائود کي حسد جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳو.
10 ٻئي ڏينهن هڪڙو ستائيندڙ روح خدا جي طرفان سائول تي نازل
ٿيو ۽ هو پنهنجي گهر ۾ هل مچائڻ لڳو. تنهن تي دائود روزانو
وانگر سُرندو وڄائڻ لڳو. ان وقت سائول جي هٿ ۾ نيزو هو. 11 سو
هن ائين دل ۾ چوندي پنهنجو نيزو اڇلايو تہ ”آءٌ دائود کي ڀت ۾
ٽُنبي ڇڏيندس.“ پر دائود بہ دفعا سندس نشانو گسائي ويو.
12 تڏهن سائول دائود کان ڊنو، ڇالاءِجو خداوند دائود سان هو
۽ سائول کي ڇڏي ڏنو هئائين. 13 تنهنڪري سائول دائود کي پاڻ
وٽان ڪڍي ڇڏيو ۽ کيس هڪ هزار سپاهين جو سالار مقرر ڪري
ڇڏيائين. هو انهيءَ لشڪر جي اڳواٽي ڪندو هو. 14 دائود هر ڪم
۾ ڪاميابي ماڻيندو هو ڇوتہ خداوند ساڻس گڏ هو. 15 سائول هن
جي ڪاميابيون ڏسي ويتر ڪانئس ڊڄڻ لڳو. 16 پر يهوداہ ۽ ٻين بني
اسرائيل وارن جا سڀئي ماڻهو دائود کي پيار ڪندا هئا، ڇالاءِجو
هو سندن ڪاميابيءَ سان اڳواٽي ڪندو رهندو هو.

## دائود جو سائول جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ

17 پوءِ سائول دائود کي چيو تہ ”ڏس، آءٌ پنهنجي وڏي ڌيءَ
ميرب تو کي پرڻائي ٿو ڏيان. پر تون رڳو منهنجي لاءِ بهادريءَ جا
ڪم ڪر ۽ خداوند لاءِ جنگيون وڙهندو رهہ.“ سائول سوچيو ٿي
تہ ”دائود منهنجي هٿان نہ، پر ڀلي تہ هو فلستين جي هٿان ماريو
وڃي.“ 18 دائود سائول کي وراڻيو تہ ”آءٌ ڪير آهيان ۽ منهنجي پيءُ
جو گهراڻو بني اسرائيل ۾ ڪهڙي حيثيت ٿو رکي جو آءٌ بادشاهہ

50:17 2.سمو 19:21 51:17 2.سمو 29:21 7:18 1.سمو 11:12، 5:29

جو نائي ٿيان؟“ 19 پر پوءِ شاديءَ وقت سائول پنهنجي ڌيءَ ميرب
دائود سان پرڻائڻ بجاءِ اها عدري‌ايل محولاتيءَ کي پرڻائي ڏني.
20 هوڏانهن سائول جي ٻي ڌيءَ ميڪل دائود سان محبت ڪندي
هئي. جڏهن سائول کي اهو ٻڌايو ويو تہ کيس اها ڳالهہ پسند آئي.
21 هن سوچيو تہ ”آءٌ اها دائود کي ئي ڏيندس تہ پلي اها هن جي
لاءِ ڦندو ٿئي ۽ هو فلستين هٿان مارجي وڃي.“ تڏهن هن ٻئي ڀيري
دائود کي چيو تہ ”تون هاڻي منهنجو نائي ٿيندين.“ 22 پوءِ سائول
پنهنجي عملدارن کي حڪم ڏنو تہ ”دائود کي ڳجهيءَ طرح ڳالهيون
ڪندي چئو تہ ’ڏس، بادشاهہ تو مان خوش آهي ۽ سندس سڀيئي
عملدار تو کي پيار ٿا ڪن. تنهنڪري هاڻي تون بادشاهہ جو نائي
ٿيءُ.‘“ 23 سائول جي عملدارن اهي ڳالهيون وڃي دائود جي ڪن ۾
وڌيون. دائود کين ورندي ڏني تہ ”مون جهڙي غريب ۽ حقير ماڻهوءَ
لاءِ بادشاهہ جو نائي ٿيڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي.“ 24 تڏهن عملدارن
وڃي سائول کي وڃي ٻڌايو تہ ”دائود هيئن ٿو چوي.“ 25 سائول کين
چيو تہ ”اوهين دائود کي وڃي چئو تہ ’بادشاهہ ڪوبہ ڪابين وٺڻ
نہ ٿو گهري. هو رڳو پنهنجي دشمن فلستين کان بدلي وٺڻ طور
هڪ سؤ مئل فلستين جون طهر واريون کلڙيون وٺندو.‘“ اهڙيءَ طرح
سائول منصوبو ٺاهيو تہ جيئن دائود فلستين جي هٿان مارجي وڃي.
26 جڏهن سندس عملدارن دائود کي اهو نياپو وڃي ٻڌايو، تڏهن هو
بادشاهہ جي نائي ٿيڻ تي راضي ٿيو. شاديءَ لاءِ مقرر ٿيل ڏينهن
کان اڳ ۾ ئي، 27 دائود اٿيو ۽ پنهنجن ماڻهن کي ساڻ ڪري فلستين
جا ٻہ سؤ ماڻهو ماري، انهن جون طهر واريون کلڙيون ڪٽي آيو.
هنن اهي پوريون ڳڻي وڃي بادشاهہ کي ڏنيون تہ جيئن دائود سندس
نائي ٿئي. تڏهن سائول پنهنجي ڌيءَ ميڪل دائود کي پرڻائي ڏني.
28 جڏهن سائول پوريءَ طرح ڄاڻي ورتو تہ خداوند دائود سان آهي ۽
سندس ڌيءَ ميڪل بہ هن سان محبت ٿي ڪئي، 29 تڏهن هو دائود
کان اجا بہ وڌيڪ ڊڄڻ لڳو ۽ هميشہ جي لاءِ دائود جو دشمن ٿي پيو.
30 پوءِ جڏهن بہ فلستين جا سردار نڪري اچي حملو ڪندا هئا،
تڏهن دائود سائول جي ٻين سڀني سالارن کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل
ڪندو هو. اهڙيءَ طرح سندس نالو تمام مشهور ٿي ويو.

## دائود کي مارائڻ لاءِ سائول جون ڪوششون

19 1 سائول پنهنجي پٽ يونتن ۽ پنهنجي نوڪرن کي چيو تہ
”دائود کي ماري ڇڏيو.“ پر يونتن جيئن تہ دائود سان بيحد
محبت ڪندو هو، 2 سو هن دائود کي وڃي ٻڌايو تہ ”منهنجو پيءُ
تو کي مارائڻ ٿو گهري. تنهنڪري هاڻي آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان
تہ تون پنهنجي هوشياري ڪر ۽ سڀاڻي سوير تون ڪنهن ٻنيءَ ۾
وڃي لڪي ويهہ. 3 جتي تون لڪل هوندين، تنهن جي ويجهو آءٌ
ٻاهر نڪري وڃي پنهنجي پيءُ سان تو بابت گفتگو ڪندس. پوءِ
جيڪي ڪجهہ مون کي معلوم ٿيو سو آءٌ تو کي اچي ٻڌائيندس.“
4 پوءِ يونتن پنهنجي پيءُ سائول وٽ وڃي دائود جي تعريف ڪئي
۽ چيائينس تہ ”بادشاهہ سلامت پنهنجي ٻانهي دائود سان بدي نہ
ڪري، ڇوتہ هن اوهان جو ڪوبہ گناهہ ڪونہ ڪيو آهي، بلڪ هن
تہ اوهان لاءِ تمام چڱا ڪم پئي ڪيا آهن. 5 هن پنهنجو سِر تريءَ
تي رکي وڃي انهيءَ فلستي جالوت کي ماريو، جنهن تي خداوند
ساري بني اسرائيل کي هڪ وڏي فتح حاصل ڪرائي. توهان پاڻ اها
ڏٺي ۽ ڏاڍا خوش ٿيا. تڏهن ڇو هن بي‌گناهہ جو رت بي‌سبب هاري
اوهين گنهگار ٿيڻ ٿا گهرو؟“ 6 سائول ڌيان سان يونتن جي ڳالهہ
ٻڌي ۽ قسم کڻي چيائين تہ ”جيئري خداوند جو قسم آهي تہ هن
کي قتل نہ ڪيو ويندو.“ 7 تڏهن يونتن دائود کي سڏايو ۽ اهي
سڀ ڳالهيون کيس بيان ڪري ٻڌايائين. پوءِ هو دائود کي سائول
وٽ وٺي آيو ۽ اڳي وانگر دائود سائول جي حاضريءَ ۾ رهڻ لڳو.
8 جڏهن وري ٻيهر جنگ شروع ٿي تہ دائود نڪري وڃي فلستين
تي ايترو تہ زور سان حملو ڪيو جو هو سندس اڳيان وٺي ڀڳا.
9 پوءِ هڪڙي ڏينهن وري خداوند جي طرفان هڪڙو ستائيندڙ روح
سائول تي اچي نازل ٿيو. انهيءَ وقت هو پنهنجي گهر ۾ نيزو هٿ ۾
ڪنيو ويٺو هو ۽ دائود سُرندو ويٺي وڄايو. 10 سائول ارادو ڪيو تہ هو
نيزي سان دائود کي پيٽ ۾ ٽُنبي ڇڏي، پر دائود سندس اڳيان ڪسڪي
نڪري ويو ۽ نيزو وڃي پيٽ ۾ لڳو. دائود ڀڄي ويو ۽ بچي نڪتو.
11 پوءِ انهيءَ ساڳئي رات سائول دائود جي گهر ڏانهن ڪي ماڻهو
موڪليا تہ جيئن مٿس پهرو رکن ۽ صبح جو کيس ماري ڇڏين.
تڏهن دائود جي زال ميڪل کيس ٻڌايو تہ ”جيڪڏهن اج رات تون
هتان نڪري نہ ويندين، تہ سڀاڻي تون قتل ٿيندين.“ 12 پوءِ ميڪل
دائود کي دريءَ مان هيٺ لاهي ڇڏيو. سو هو هليو ويو ۽ ڀڄي جند
ڇڏايائين. 13 تڏهن ميڪل هڪڙو بت کڻي دائود جي بستري تي ليٽائي
ڇڏيو ۽ ٻڪرين جي ڏاس جو ويهاڻو انهيءَ جي مٿي هيٺان رکي، بت
کي چادر سان ڍڪي ڇڏيائين. 14 سائول جڏهن دائود جي پڪڙڻ لاءِ
ماڻهو موڪليا، تڏهن ميڪل کين چيو تہ ”هو بيمار آهي.“ 15 تڏهن
سائول وري پنهنجا ماڻهو موڪليا تہ هو وڃي دائود کي ڏسن ۽ کين
چيائين تہ ”هن کي بستري ۾ پيل ئي مون وٽ کڻي اچو تہ آءٌ کيس
قتل ڪريان.“ 16 پوءِ جڏهن سائول جا ماڻهو اندر لنگهي آيا تڏهن
ڏٺائون تہ بستري ۾ هڪڙو بت پيو هو ۽ ان جي مٿي هيٺان ٻڪرين
جي ڏاس جو ويهاڻو هو. 17 پوءِ سائول ميڪل کان پڇيو تہ ”تو مون
سان ههڙي ٺڳي ڇو ڪئي، جو منهنجي دشمن کي ڀڄائي ڇڏيئہ ۽
هو بچي ويو؟“ ميڪل سائول کي ورندي ڏني تہ ”هن مون کي چيو
تہ ’مون کي وڃڻ ڏي نہ تہ آءٌ تو کي ماري ڇڏيندس.‘“

11:19 زب 59 عنوان

18 اهڙيءَ طرح دائود جان بچائي ڀڄي نڪتو ۽ رامہ شهر ۾
سموئيل وٽ اچي پهتو. ڪيس اهو سڀ جيڪو سائول ساڻس ڪيو هو،
سو بيان ڪري ٻڌايائين. پوءِ هو ۽ سموئيل نيوت نالي هنڌ ڏانهن ويا
۽ اتي ئي رهڻ لڳا. 19 سائول کي جڏهن اها خبر ملي تہ دائود رامہ
شهر جي نيوت واري جاءِ ۾ رهي ٿو، 20 تڏهن هن کيس پڪڙڻ لاءِ
پنهنجا ماڻهو موڪليا. پر جڏهن انهن اچي ڏٺو تہ نبين جي جماعت
بيخوديءَ ۾ نچي واڪا ڪري رهي آهي ۽ سموئيل سندن اڳواڻ بڻيو
بيٺو آهي، تڏهن سائول جي ماڻهن تي بہ خدا جو روح نازل ٿيو ۽ اهي
بہ بيخوديءَ ۾ نچي واڪا ڪرڻ لڳا. 21 انهيءَ ڳالهہ جي جڏهن
سائول کي خبر پيئي تڏهن هن ٻيا ماڻهو روانا ڪيا جيڪي بہ اچي
بيخوديءَ ۾ نچي واڪا ڪرڻ لڳا. وري هن ٽيون پيرو بہ پنهنجا
ماڻهو موڪليا تہ اُهي بہ اچي بيخوديءَ ۾ نچي واڪا ڪرڻ لڳا.
22 تڏهن سائول پاڻ رامہ شهر ڏانهن روانو ٿيو ۽ انهيءَ وڏي کوهہ
وٽ اچي پهتو جيڪو سيڪو ڳوٺ ۾ آهي. اتي هن پڇا ڪئي تہ
سموئيل ۽ دائود ڪٿي آهن. ڪيس ٻڌايو ويو تہ اهي رامہ شهر جي
نيوت واري جاءِ ۾ آهن. 23 پوءِ هو اوڏانهن روانو ٿيو. تڏهن خدا
جو روح هن تي بہ نازل ٿيو ۽ هو بہ بيخوديءَ ۾ نچي واڪا ڪندو
رامہ شهر جي نيوت واري جاءِ ۾ اچي پهتو. 24 هن بہ پنهنجا ڪپڙا
لاهي ڦٽا ڪيا ۽ سموئيل جي اڳيان بيخوديءَ ۾ نچي واڪا ڪرڻ
لڳو. اهو سارو ڏينهن ۽ ساري رات هو اگهاڙو پيو هو. تنهنڪري
ئي اها چوڻي ٿي ويئي تہ "واهہ! سائول بہ نبين مان ٿي ويو آهي!"

## يونتن جو دائود جي مدد ڪرڻ

20 1 پوءِ دائود رامہ شهر جي نيوت واري جاءِ کان ڀڄي نڪتو
۽ يونتن وٽ آيو. کيس چيائين تہ "مون ڇا ڪيو آهي؟
منهنجو ڪهڙو قصور آهي؟ تنهنجي پيءُ جو مون ڪهڙو گناهہ
ڪيو آهي جو هو مون کي مارڻ ٿو چاهي؟" 2 يونتن چيس تہ "خدا
نہ ڪري جو تون مرين! ڏس، منهنجو پيءُ ڪوبہ وڏو يا ننڍو ڪم
مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪين ڪندو آهي. پوءِ ڀلا اها ڳالهہ مون
کان ڇو لڪائيندو؟ ائين ڪين هوندو." 3 پر دائود وري قسم کڻي
چيس تہ "تنهنجو پيءُ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ تنهنجي مون تي
مهربانيءَ جي نظر آهي. سو هن سوچيو هوندو تہ 'يونتن کي انهيءَ
ڳالهہ جي خبر نہ پوي تہ چڱو، نہ تہ متان ڏک ٿئيس.' پر جيئري
خداوند ۽ تنهنجي جان جو قسم تہ پڪ منهنجي ۽ موت جي وچ ۾
رڳو هڪڙي قدم جو مفاصلو آهي." 4 تڏهن يونتن دائود کي چيو
تہ "جيئن تون چاهيندين تيئن ئي آءٌ تنهنجي لاءِ ڪندس." 5 دائود
وراڻيس تہ "ڏس، سڀاڻي نئين چنڊ جي عيد آهي ۽ انهيءَ ڪري
مون کي بادشاهہ سان گڏجي ماني کائڻي پوندي. سو مون کي ڇڏ
تہ آءٌ وڃان ۽ ٽئين ڏينهن جي شام تائين وڃي جهنگ ۾ لڪان.
6 جيڪڏهن تنهنجو پيءُ منهنجي پڇاڳاڇا ڪري، تہ تون چئجانس
تہ 'دائود ڏاڍي اڪير سان پنهنجي شهر بيت‌لحم ڏانهن وڃڻ جي
موڪل گهري، ڇالاءِجو اتي سندس سموري خاندان جي لاءِ ساليانی
قرباني ٿيڻي آهي.' 7 پوءِ جيڪڏهن هو چوي تہ 'نيڪ آهي،' تہ پوءِ
آءٌ تنهنجو ٻانهو صحيح سلامت رهندس، پر جيڪڏهن هو ڪاوڙيو،
تہ پوءِ ڄاڻي ڇڏجانءِ تہ مون کي نقصان پهچائڻ جو پڪو ارادو
ڪري ڇڏيو اٿس. 8 تنهنڪري تون پنهنجي ٻانهي سان مهربانيءَ
وارو سلوڪ ڪر، ڇوتہ تو پنهنجي ٻانهي سان خداوند جي آڏو عهد
اقرار ڪيو آهي. پر جيڪڏهن مون کان ڪو قصور ٿيو هجي تہ تون
پاڻ ڀلي مون کي قتل ڪري ڇڏ، مگر تون مون کي پنهنجي پيءُ
جي هٿ ۾ ڇو ٿو ڏئين؟" 9 تڏهن يونتن چيس تہ "اهڙي ڳالهہ تون
سوچ بہ نہ، ڇالاءِجو جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها تہ منهنجي
پيءُ تو کي نقصان پهچائڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي تہ ڇا آءٌ
تو کي ٻڌائي نہ ڇڏيان ها؟"

10 پوءِ دائود يونتن کان پڇيو تہ "جيڪڏهن تنهنجو پيءُ تو کي
سخت جواب ڏئي تہ مون کي ڪير اچي ٻڌائيندو؟" 11 يونتن دائود
کي چيو تہ "هل تہ ٻاهر نڪري هلون." تڏهن هو ٻئي ٻاهر نڪري
ٻنين ڏانهن هليا ويا. 12 اتي يونتن دائود کي چيو تہ "خداوند، بني
اسرائيل جو خدا شاهد رهي تہ سڀاڻي يا پرينهن هن ئي وقت آءٌ
پنهنجي پيءُ کان جاچ لهي وٺندس. پوءِ جيڪڏهن تنهنجي حق ۾
ڪا چڱائي هوندي تہ انهيءَ دم آءٌ ماڻهو موڪلي تو کي اطلاع
ڏيندس. 13 پر جيڪڏهن منهنجي پيءُ تو کي نقصان پهچائڻ جو
ارادو ڪيو هوندو، تہ خداوند مون سان شل ائين ئي ڪري بلڪ
انهيءَ کان بہ وڌيڪ، جيڪڏهن آءٌ تو کي انهيءَ جو اطلاع نہ ڏيان
۽ تو کي روانو نہ ڪري ڇڏيان جو تون صحيح سلامت هليو وڃين.
شل خداوند تو سان هجي جيئن منهنجي پيءُ ساڻ هو. 14 جيستائين
آءٌ جيئرو رهان، تيستائين تون مون سان وفادار رهہ. پوءِ جيڪڏهن آءٌ
ماريو وڃان، 15 تہ بہ تون منهنجي گهر سان مهرباني ڪري وفادار
رهجانءِ، انهيءَ ئي وقت تائين جڏهن خداوند تنهنجي سڀني دشمنن
کي ساري ڌرتيءَ تان ناس ڪري ڇڏيو هوندو." 16 اهڙيءَ طرح يونتن
دائود جي گهراڻي سان عهد اقرار ڪيو ۽ چيائين تہ "شل خداوند
دائود جي دشمنن کان انهيءَ جو بدلو وٺي." 17 يونتن دائود کان
انهيءَ محبت منجهان جيڪا هن سان هيس وري بہ قسم کڻايو،
ڇالاءِجو يونتن ساڻس پنهنجي ساهہ جهڙو پيار ڪندو هو.

18 پوءِ يونتن چيس تہ "سڀاڻي نئين چنڊ جي عيد آهي. تون ڀلي
نہ اچجانءِ ۽ تنهنجي جاءِ خالي هئڻ ڪري تنهنجي پڇا ٿيندي.
19 پرينهن تون شام ٿيندي ئي روانو ٿجانءِ ۽ انهيءَ هنڌ ڏانهن
وڃجانءِ جتي تون اڳ ۾ بہ لڪو هئين. اتي تون پٿرن جي ڍير جي
پنيان لڪي ويهجانءِ. 20 آءٌ انهيءَ پاسي ٽي تير هڻندس، ڄڻ تہ ڪو

24:19 1.سم 11:10–12 5:20 ڳا 11:28 15:20 2.سم 1:9

نشان چٽي رهيو هوندس. 21 پوءِ آءٌ هڪڙي ڇوڪر کي موڪليندس ۽
چوندوسانس تہ ’وڃي تير ڳولهي ڪٽي اچ.‘ پوءِ جيڪڏهن آءٌ ڇوڪر
کي چوان تہ ’ڏس، تون پري نڪري ويو آهين. پر تير تو کان اوريان
آهن. اهي وڃي ڪٽي اچ،‘ تڏهن تون مون وٽ هليو اچجانءِ، ڇالاءِ جو
جيئري خداوند جو قسم تہ تنهنجي لاءِ سلامتي آهي ۽ ڪوبہ جوکو
ڪونهي. 22 پر جيڪڏهن آءٌ ڇوڪر کي چوان تہ ’ڏس، تير تو کان
اڃا پري آهن،‘ تڏهن تون پنهنجو رستو وٺي هليو وڃجانءِ، ڇالاءِ جو
اها خداوند جي مرضي آهي تہ تون هتان نڪري وڃ. 23 باقي جنهن
ڳالهہ بابت تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ عهد اقرار ٿيو آهي، تنهن جي
لاءِ خداوند هميشہ واسطي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ شاهد آهي.“
24 سو دائود وڃي ٻنيءَ ۾ لڪو. جڏهن نئين چنڊ جي عيد جو
ڏينهن ٿيو تڏهن سائول بادشاهہ ماني کائڻ ويٺو. 25 بادشاهہ پنهنجي
دستور موجب پٽ جي پرسان وڃي ويٺو، يونتن بادشاهہ جي سامهون
ويٺو ۽ ابنير بادشاهہ جي پاسي ۾ ويهي رهيو. پر دائود جي جاءِ
خالي رهي. 26 سائول انهيءَ ڏينهن ڪجهہ ڪين ڪڇيو، ڇالاءِ جو
هن سمجهيو تہ دائود ڪنهن سبب ناپاڪ ٿي پيو هوندو، تنهنڪري
ڪونہ آيو آهي. 27 نئين چنڊ جي عيد جي ٻئي ڏينهن بہ دائود جي جاءِ
خالي رهي. تڏهن سائول پنهنجي پٽ يونتن کان پڇيو تہ ”ڪهڙي
سبب يسيءَ جو پٽ نہ ڪالهہ ماني کائڻ آيو ۽ نہ اڄ؟“ 28 يونتن
سائول کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”دائود ڏاڍي نيزاريءَ سان مون کان
بيت‌لحم ڏانهن وڃڻ جي موڪل گهري هئي. 29 هن چيو تہ ’آءٌ
منٿ ٿو ڪريان تہ مون کي وڃڻ ڏي، ڇالاءِ جو اسان جي گهراڻي
کي شهر ۾ هڪڙي قرباني ڪرڻي آهي ۽ منهنجي ڀاءُ مون کي اتي
حاضر رهڻ لاءِ چيو آهي. هاڻي جيڪڏهن تنهنجي مون تي مهربانيءَ
جي نظر ٿئي تہ مون کي ڇڏ تہ آءٌ وڃي پنهنجن ڀائرن سان ملان.‘
اهو ئي سبب آهي جو هو توهان جي دسترخوان تي حاضر نہ آهي.“
30 تڏهن سائول يونتن تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ کيس چوڻ لڳو تہ ”اي
فسادي عورت جا پٽ! هاڻ مون کي خبر پيئي تہ تون يسيءَ جي
پٽ جي طرفداري ٿو ڪرين ۽ پاڻ کي ۽ جنهن تو کي ڄڻيو آهي
تنهن کي بہ ذليل ٿو ڪرين. 31 جيستائين يسيءَ جو پٽ هن ڌرتيءَ
تي جيئرو آهي تيستائين نڪي تون بادشاهہ ٿيندين ۽ نڪي تنهنجي
حڪومت قائم ٿيندي. تنهنڪري هاڻي جلد هن کي گهرائي مون وٽ
آڻ، ڇاڪاڻ‌تہ هن جو مرڻ ضروري آهي.“ 32 يونتن پنهنجي پيءُ
سائول کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”هن کي ڇو ٿو قتل ڪيو وڃي؟ هن
ڇا ڪيو آهي؟“ 33 تنهن تي سائول هن کي مارڻ لاءِ پنهنجو نيزو
اڇلائي هنيو. انهيءَ مان يونتن سمجهيو تہ پڪ دائود کي مارڻ جو
پڪو ارادو ڪيو آهي. 34 سو يونتن ڏاڍيءَ ڪاوڙ مان دسترخوان تان
اٿي هليو ويو. هن نئين چنڊ جي عيد جي انهيءَ ٻئي ڏينهن تي دائود
لاءِ غمگين هئڻ سبب ماني بہ ڪانہ کاڌي، ڇالاءِ جو پڪ دائود کي
بدنام ڪيو هو. 35 صبح جو يونتن مقرر ڪيل وقت تي دائود سان ملڻ
لاءِ ٻاهر ٻنيءَ ڏانهن نڪري ويو. هو پاڻ سان هڪڙو ننڍو ڇوڪرو بہ
وٺي ويو. 36 هن انهيءَ ڇوڪر کي چيو تہ ”جيڪي تير آءٌ هڻان ٿو سي
ڊوڙي وڃي ڪٽي اچ.“ جيئن اهو ڇوڪر ڊوڙڻ لڳو تيئن هن هڪ تير
ڪانئس پري اڇلايو. 37 جڏهن اهو ڇوڪر انهيءَ جاءِ تي پهتو جتي
يونتن تير اڇلايو هو، تڏهن يونتن انهيءَ ڇوڪر کي سڏ ڪري چيو
تہ ”هڪ تير تنهنجي پريان بہ پيو آهي.“ 38 هن ڇوڪر کي وڏي سڏ
چيو تہ ”جلدي ڪر، تڪڙو ٿيءُ، ترس نہ.“ تڏهن ڇوڪر يونتن جا
تير گڏ ڪري وٽس ڪٽي آيو. 39 ڇوڪر کي اصل ڳالهہ جي خبر ڪانہ
هئي، رڳو يونتن ۽ دائود کي ئي هئي. 40 پوءِ يونتن پنهنجا هٿيار
انهيءَ ڇوڪر کي ڏنا ۽ چيائينس تہ ”اهي شهر ڏانهن ڪٽي وڃ.“
41 جڏهن ڇوڪر هليو ويو، تڏهن دائود پٿرن جي ڍير پٺيان نڪري
آيو ۽ ٽي ڀيرا گوڏن ڀر جهڪي يونتن کي سلام ڪيائين. پوءِ هنن
ٻنهي روئندي هڪ ٻئي کي چميو ۽ دائود هن کان وڌيڪ رنو. 42 تڏهن
يونتن دائود کي چيو تہ ”خير سان روانو ٿيءُ، ڇالاءِ جو اسان ٻنهي
خداوند جي نالي جو قسم کنيو آهي ۽ چيو اٿئون تہ خداوند منهنجي
۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ منهنجي اولاد ۽ تنهنجي اولاد جي وچ ۾ هميشہ
لاءِ شاهد رهندو.“ پوءِ دائود اٿي روانو ٿيو ۽ يونتن شهر ڏانهن
موٽي ويو.

## دائود جو نذراني وارا روٽ کائڻ

21 1 پوءِ دائود نوب شهر ۾ اخيملڪ ڪاهن وٽ آيو. اخيملڪ
ڏڪندي دائود سان ملڻ لاءِ نڪري آيو ۽ ڪانئس پڇيائين تہ
”تون ڇو اڪيلو آيو آهين؟ ڇو تو سان ٻيو ڪوبہ ڪونهي؟“ 2 دائود
کيس وراڻيو تہ ”بادشاهہ مون تي هڪڙو ڪم رکيو آهي ۽ مون
کي چيو اٿس تہ ’جنهن ڪم لاءِ آءٌ تو کي موڪليان ٿو ۽ جيڪو
حڪم مون تو کي ڏنو آهي، تنهن بابت ٻئي ڪنهن کي بہ خبر نہ
پوي.‘ سو پنهنجي ماڻهن کي مون ڪنهن ٻئي هنڌ ترسايو آهي.
3 ڇا تو وٽ کائڻ لاءِ ڪجهہ آهي؟ جيڪڏهن تو وٽ پنج مانيون يا
ٻيو جيڪي ڪجهہ بہ موجود هجي سو مون کي آڻي ڏي.“ 4 تڏهن
ڪاهن دائود کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”مون وٽ ٻي عام رواجي
ماني تہ ڪانهي، پر رڳو خدا لاءِ نذراني وارا روٽ حاضر آهن، پر
رڳو اهي ماڻهو انهن روٽن کي کائي سگهن ٿا جن پاڻ کي عورتن
کان پري رکيو هجي.“ 5 دائود ڪاهن کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”آءٌ
سچ ٿو چوان تہ گذريل چند ڏينهن کان اسين عورتن کان پري آهيون.
جڏهن اسين رڳو عام رواجي سفر لاءِ ٻاهر نڪرندا آهيون تڏهن بہ
اسين پاڻ کي پاڪ رکندا آهيون. پر اڄ جڏهن تہ هي اسان جو خاص
سفر آهي، تڏهن اسان پاڻ کي پاڪ رکڻ لاءِ ڪيترو نہ وڌيڪ خيال
رکيو هوندو!“ 6 تڏهن ڪاهن کيس نذراني وارا اهي روٽ آڻي ڏنا،

6–1:21 مت 3:12–4، مر 2:25–26، لو 6:3 6:21 لاو 24:5–9

چالاءِجو هن وٽ خداوند لاءِ مخصوص انهن روٽن کان سواءِ ٻي
ڪابہ ماني ڪانہ هئي. اهي روٽ نذراني وارن روٽن جي ميز تان
اڳ ۾ ئي کنيا ويا هئا، تان‌تہ انهن جي جاءِ تي تازا روٽ رکيا وڃن.
7 ان ڏينهن سائول جي نوڪرن مان هڪڙو اتي خداوند جي
عبادت‌گاهہ وٽ ترسيل هو، جنهن جو نالو دوئيگ ادومي هو. هو
سائول جي ڌنارن جو وڏو هو.
8 پوءِ دائود اخيملڪ کان پڇيو تہ ”ڇا هتي تو وٽ ڪو ڀالو يا
ڪا تلوار آهي؟ جيئن تہ بادشاهہ جي ڪم جي تڪڙ هئي، سو آءٌ پاڻ
سان پنهنجي تلوار يا ڪي ٻيا هٿيار آڻي نہ سگهيو آهيان.“ 9 ڪاهن
وراڻيس تہ ”جالوت فلستي، جنهن کي تو ايلاہ جي ماٿريءَ ۾ قتل
ڪيو هو، تنهن جي تلوار هتي مذهبي وڳي جي پٺيان ڪپڙي ۾ ويڙهي
رکي آهي. جيڪڏهن تون اها کڻڻ گهرين تہ کڻ. باقي انهيءَ کان
سواءِ ٻي ڪابہ تلوار هتي ڪانهي.“ تڏهن دائود چيس تہ ”انهيءَ
جهڙي ٻي تلوار تہ ڪا آهي ئي ڪانہ. اها مون کي ڏي.“

## دائود جو پاڻ کي ديواني جيان بنائڻ

10 پوءِ ساڳئي ڏينهن دائود سائول جي ڊپ کان ڀڄي گات جي
بادشاهہ اڪيس وٽ آيو. 11 اڪيس جي نوڪرن چيو تہ ”ڇا هي
پنهنجي ملڪ جو بادشاهہ دائود تہ نہ آهي؟ انهيءَ بابت ئي عورتن
نچندي ائين ڳايو هو تہ

‘سائول تہ ماريو هزارن کي،
پر دائود ماريو لکن کي.’“

12 انهن لفظن دائود جي دل ۾ فڪر وجهي ڇڏيو ۽ هو گات جي
بادشاهہ اڪيس کان ڏاڍو ڊڄڻ لڳو. 13 تڏهن هن انهن جي اڳيان
پنهنجي هلت چلت ڦيرائي ڇڏي ۽ پاڻ کي ديواني جيان بڻايو. هو
دروازي جي طاقن تي ليڪا ڪڍڻ لڳو ۽ پنهنجيءَ ڏاڙهيءَ تي ڳِگَ
وهائڻ لڳو. 14 تڏهن اڪيس پنهنجن نوڪرن کي چيو تہ ”اوهين
ڏسو نہ ٿا تہ هي ماڻهو چريو آهي؟ پوءِ ڇو اوهين هن کي مون وٽ
وٺي آيا آهيو؟ 15 ڇا اسان وٽ اڳي چريا ٿورا آهن جو اوهان هن کي
بہ آندو آهي تہ منهنجي اڳيان چريائيءَ جا ڪم ڏيکاري؟ ڇا اهڙي
ماڻهوءَ کي منهنجي گهر ۾ آڻڻ ڪو ضروري هو؟“

## دائود عدلام ۽ مصفاہ شهرن ۾

22 1 پوءِ دائود گات شهر کان ڀڄي نڪتو ۽ عدلام شهر جي
پر واري غار ۾ آيو. جڏهن هن جي ڀائرن ۽ سندس ڀيءُ
جي سڄي گهراڻي اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن اهي اتي وٽس اچي پهتا.
2 جيڪي ماڻهو ستايل هئا، جيڪي قرضدار هئا ۽ جيڪي باغي ٿي
ويا هئا، سي سڀ اچي وٽس گڏ ٿيا ۽ هو انهن جو سردار ٿيو. اهڙيءَ
طرح اٽڪل چار سؤ ماڻهو ساڻس اچي شامل ٿيا.
3 تڏهن دائود اتان موآب ملڪ جي مصفاہ شهر ڏانهن روانو ٿيو
۽ موآب جي بادشاهہ کي اچي چيائين تہ ”مهرباني ڪري منهنجي
ماءُپيءُ کي تيستائين پاڻ وٽ رهڻ ڏي، جيستائين مون کي خبر پوي
تہ خدا منهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري.“ 4 پوءِ هو انهن کي موآب جي
بادشاهہ وٽ ڇڏي ويو ۽ جيستائين دائود انهيءَ پهاڙي غار ۾ لڪل
هو تيستائين اهي بادشاهہ وٽ ئي رهيا پيا هئا. 5 پوءِ جاد نبيءَ
اچي دائود کي چيو تہ ”انهيءَ پهاڙي غار ۾ نہ رهہ، بلڪ هتان
نڪري يهوداہ جي ملڪ ڏانهن وڃ.“ تڏهن دائود اتان روانو ٿيو ۽
حارت جي ٻيلي ۾ اچي پهتو.

## ڪاهنن ۾ ڪوس

6 هڪڙي ڏينهن جڏهن سائول گبعت شهر جي پهاڙيءَ تي نيزو
هٿ ۾ ڪنيو لئي جي وڻ هيٺ ويٺو هو ۽ سندس سڀ سالار آس‌پاس
بيٺا هئا، تڏهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ دائود ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ
آهن، تن جو پتو پئجي ويو آهي. 7 پوءِ سائول پنهنجي آس‌پاس
بيٺل سالارن کي چيو تہ ”اي بنيامينيؤ! ٻڌو، ڇا يسيءَ جو پٽ دائود
اوهان سڀني کي ٻنيون ۽ انگورن جا باغ ڏيندو؟ ڇا هو اوهان سڀني
کي پنهنجي فوج ۾ هزارن ۽ سون جو سالار مقرر ڪندو؟ 8 پوءِ ڇو
اوهان منهنجي خلاف سازش ڪئي، جو جڏهن منهنجي پٽ يسيءَ
جي پٽ سان عهد ٿي ڪيو، تڏهن ڪنهن بہ مون کي اها ڳالهہ ظاهر
ڪري نہ ٻڌائي؟ ڪنهن جو بہ هڏ منهنجي لاءِ نہ ڏکيو؟ ڪنهن بہ
مون کي نہ ٻڌايو تہ منهنجي پٽ منهنجي نوڪر کي لڪ چوريءَ
منهنجي خلاف ڪڙو ڪيو آهي، ايتري قدر جو اهو منهنجي مارڻ لاءِ
وجهہ وٺي لڪو ويٺو آهي، جيئن اڄوڪي ڏينهن اوهين ڏسو ٿا.“
9 تڏهن دوئيگ ادومي، جيڪو سائول جي سالارن سان گڏ بيٺو
هو، تنهن ورندي ڏني تہ ”مون يسيءَ جي پٽ کي نوب شهر ۾
اخيملڪ ولد اخيطوب وٽ ايندو ڏٺو آهي. 10 اخيملڪ هن جي باري
۾ خداوند کان معلوم ڪيو. پوءِ کيس ماني ڏنائين ۽ جالوت فلستيءَ
جي تلوار بہ ڏنائينس.“
11 تڏهن ڪاهن اخيملڪ ولد اخيطوب ۽ سندس ڀيءُ جي گهراڻي
وارا ڪاهن جيڪي نوب شهر ۾ رهندا هئا تن سڀني کي بادشاهہ
ماڻهو موڪلي پاڻ وٽ گهرايو. سو اهي سڀيئي بادشاهہ وٽ آيا.
12 تڏهن سائول اخيملڪ کي چيو تہ ”اي اخيطوب جا پٽ! ٻُڌُ.“
اخيملڪ وراڻيو تہ ”اِجهو، منهنجا سائين! آءٌ حاضر آهيان.“ 13 پوءِ
سائول چيس تہ ”تو ۽ يسيءَ جي پٽ، اوهان ٻنهي ڇو منهنجي
خلاف سازش ڪئي آهي؟ تو هن کي ماني ۽ تلوار ڏني ۽ هن جي

---

21:9 1.سم 17:51 21:11 1.سم 18:7، 29:5 21:12 زب 56 عنوان 21:13 زب 34 عنوان 22:1 زب 57 عنوان، زب 142 عنوان
22:9–10 1.سم 21:7–9، زب 52 عنوان

باري ۾ خداوند کان معلوم ڪيو، انهيءَ لاءِ ته منهنجي خلاف
ڪڙو ٿئي ۽ منهنجي مارڻ لاءِ وجهه وٺي لڪي ويهي، جيئن اڄوڪي
ڏينهن آهي."
14 تڏهن اخيملڪ بادشاهه کي ورندي ڏيئي چيو ته "اوهان جي
سيني سالارن مان دائود جيڪو اوهان بادشاهه جو ناٺي ۽ اوهان جي
ذاتي محافظن جو سالار پڻ آهي، تنهن جهڙو ايماندار ڪير آهي؟ هو
اوهان جي فرمانبرداريءَ لاءِ هر دم تيار ۽ اوهان جي محل ۾ عزت
وارو آهي. 15 پر ڇا انهيءَ ڏينهن مون پهريون دفعو هن جي باري ۾
خداوند کان معلوم ڪيو هو؟ هرگز نه. بادشاهه پنهنجي هن ٻانهي
تي يا منهنجي پيءُ جي سڄي گهراڻي تي ڪوبه الزام نه هڻي،
ڇالاءِجو اوهان جي ٻانهي کي انهيءَ سڄي معاملي جي ڪابه خبر
ڪانهي، نه ٿوري نه گهڻي." 16 پر بادشاهه چيس ته "اي اخيملڪ!
اڄ تون ۽ تنهنجي پيءُ جي گهراڻي وارا سڀيئي ضرور ماريا ويندا."
17 پوءِ بادشاهه پنهنجي آس‌پاس بيٺل پهري وارن کي چيو ته "اٿو
۽ خداوند جي ڪاهنن کي قتل ڪري ڇڏيو، ڇالاءِجو دائود سان گڏ
سازش ۾ هنن جو به هٿ آهي، جو هنن کي خبر هئي ته هو ڀڳل
آهي. تڏهن به هنن اها ڳالهه مون کي نه ٻڌائي." پر بادشاهه جي
نوڪرن خداوند جي ڪاهنن تي پنهنجو هٿ کڻڻ نه چاهيو. 18 تڏهن
بادشاهه دوئيگ کي چيو ته "تون اُٿ ۽ ڪاهنن تي حملو ڪر."
پوءِ دوئيگ ادوميءَ اُٿي ڪاهنن تي حملو ڪيو. انهيءَ ڏينهن هن
پنجاسي ڪاهن ماريا، جيڪي سٽيءَ جي ڪپڙي جو مذهبي وڳو
پائيندا هئا. 19 ڪاهنن جي شهر نوب جي رهاڪن کي مردن توڙي
عورتن کي، ٻارن توڙي کير پياڪ معصومن کي سندن ڍورن ڍڳن
سميت سائول تلوار جي ڌار سان قتل ڪرائي ڇڏيو.
20 مگر اخيملڪ ولد اخيطوب جو هڪڙو پٽ، جنهن جو نالو
ابي‌ياتر هو سو بچي ويو ۽ ڀڄي دائود وٽ اچي نڪتو. 21 ابي‌ياتر
دائود کي ٻڌايو ته "سائول خداوند جي ڪاهنن کي مارائي ڇڏيو
آهي." 22 دائود ابي‌ياتر کي چيو ته "مون انهيءَ ڏينهن ئي ڄاتي ورتو
هو، جنهن ڏينهن دوئيگ ادومي اتي هو، ته هو ضرور سائول کي
وڃي ٻڌائيندو. سو آءٌ ئي تنهنجي پيءُ جي گهر جي سيني ماڻهن جي
مارجڻ جو سبب بڻيو آهيان. 23 تون مون سان رهه، ڊڄ نه، ڇالاءِجو
جيڪو منهنجي حياتيءَ جي پٺيان آهي سو ئي تنهنجي حياتيءَ جي
به پٺيان آهي. تون مون سان گڏ صحيح سلامت رهندين."

## دائود جو قعيله شهر کي بچائڻ

23 1 دائود کي ٻڌايو ويو ته فلستين قعيله شهر تي حملو ڪيو
آهي ۽ اهي اناج جي ديرن کي لٽي رهيا آهن. 2 تڏهن دائود
خداوند کان پڇيو ته "آءٌ وڃي انهن فلستين کي ماريان يا نه؟"
خداوند وراڻيس ته "وڃ ۽ وڃي فلستين کي مار ۽ قعيله شهر کي
بچاءِ."
3 پر دائود کي سندس ماڻهن چيو ته "اسين ته هتي يهوداه ۾
ئي ويٺا ڊڄون، سو جيڪڏهن اسين قعيله ڏانهن وڃي فلستي لشڪر
جي مقابلي ۾ بيهنداسين ته اسان کي ڪيترو نه وڌيڪ ڊپ ٿيندو؟"
4 تڏهن دائود وري خداوند کان پڇيو، تنهن تي خداوند وراڻي ڏنس
ته "اُٿ، قعيله شهر ڏانهن لهي وڃ، ڇالاءِجو آءٌ تو کي فلستين مٿان
فتح ڏيندس." 5 تڏهن دائود ۽ سندس ماڻهو قعيله ڏانهن ويا ۽ وڃي
فلستين سان وڙهيا. انهن ۾ ڏاڍي خونريزي ڪيائون ۽ سندن چوپايو
مال ڪاهيائون. اهڙيءَ طرح دائود قعيله جي ماڻهن کي بچايو.
6 جڏهن ابي‌ياتر ولد اخيملڪ ڀڄي دائود وٽ قعيله ۾ آيو هو ته
پاڻ سان مذهبي وڳو به کڻي آيو هو.

## دائود کي پڪڙڻ جو منصوبو

7 سائول کي جڏهن خبر پيئي ته دائود قعيله شهر ۾ آيو آهي،
تڏهن هو چوڻ لڳو ته "خدا دائود کي منهنجي چنبي ۾ آندو آهي،
ڇالاءِجو هو اهڙي شهر ۾ اچي گهڙيو آهي جنهن کي چوڌاري ڪوٽ
آهي، سو هو هاڻي قيد ۾ آهي." 8 پوءِ سائول سيني ماڻهن کي
سڏايو ته جيئن قعيله شهر ۾ لهي دائود ۽ سندس ماڻهن کي گهيرو
ڪن.
9 دائود کي جڏهن اها خبر پيئي ته سائول ڪيس نقصان پهچائڻ
جا منصوبا پيو جوڙي، تڏهن هن ابي‌ياتر ڪاهن کي چيو ته "مذهبي
وڳو کڻي اچ." 10 پوءِ دائود چوڻ لڳو ته "اي خداوند، بني اسرائيل
جا خدا! تنهنجي هن ٻانهي ٻڌو آهي ته سائول قعيله ۾ اچي منهنجي
ڪري شهر کي برباد ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. 11 پوءِ ڇا قعيله جا
ماڻهو مون کي هن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندا؟ ڇا جيئن تنهنجي
هن ٻانهي ٻڌو آهي، تيئن سائول هيڏانهن ايندو؟ اي خداوند، بني
اسرائيل جا خدا! آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان ته پنهنجي ٻانهي کي
اها خبر ڏي." خداوند وراڻيو ته "هو ايندو." 12 دائود وري پڇيو
ته "ڇا قعيله جا ماڻهو مون کي ۽ منهنجي ماڻهن کي سائول جي
هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندا؟" خداوند فرمايو ته "هو توهان کي هن جي
هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندا." 13 تڏهن دائود ۽ سندس ماڻهو، جيڪي اٽڪل
ڇهه سؤ هئا، سي اٿيا ۽ قعيله شهر مان نڪري جيڏانهن منهن آين
تيڏانهن هليا ويا. سائول کي جڏهن اها خبر پيئي ته دائود قعيله مان
ڀڄي ويو آهي، تڏهن هو اوڏانهن ڪونه ويو.

## دائود زيف جي بيابان ۾

14 دائود زيف شهر جي ويجهو بيابان واري جابلو علائقي ۾ وڃي
لڪي رهڻ لڳو. سائول روزانو دائود جي ڳولها ڪندو پئي رهيو،
پر خدا ڪيس سندس هٿن ۾ نه ڏنو. 15 دائود ڏٺو ته سائول سندس
جان جي پٺيان آهي.
جڏهن دائود زيف جي بيابان جي ٻيلي منجهه هو، 16 تڏهن سائول
جو پٽ يونتن ٻيلي ۾ دائود وٽ آيو ۽ ڪيس خدا جي يقيني حفاظت

بابت همٿايائين. 17 کيس چيائين ته ”ڊڄ نه، ڇالاءِجو منهنجي پيءُ
سائول جو هٿ تو تائين ڪين پهچندو، بلڪ تون بني اسرائيل جو
بادشاهه ٿيندين ۽ تو کان پوءِ منهنجو درجو ٿيندو. انهيءَ ڳالهه جي
منهنجي پيءُ سائول کي به خبر آهي.“ 18 پوءِ انهن ٻنهي خداوند
جي آڏو پاڻ ۾ عهد اقرار ڪيو، جنهن بعد دائود پيلي ۾ ئي رهي
پيو ۽ يونتن پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو.

19 ان کان پوءِ زيف شهر جا ڪي ماڻهو گبعت شهر ڏانهن سائول
وٽ ويا ۽ چيائونس ته ”دائود اسان جي علائقي جي ڏکڻ واري بيابان
جي حڪيله ٽڪر واري پيلي ۾ لڪل آهي. 20 تنهنڪري اي بادشاهه
سلامت! توهان پنهنجي دل جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ اسان جي
علائقي ۾ هلو. اهو اسان جو ذمو آهي ته اسين دائود کي آڻي توهان
جي هٿن ۾ ڏينداسين.“

21 سائول کين وراڻيو ته ”شل خداوند جي اوهان تي برڪت هجي،
جو اوهان مون تي ايڏي مهرباني ڪئي آهي. 22 پر پلائي ڪري وڃو
۽ وڃي وڌيڪ پڪ ڪريو. جتي هو اڪثر رهي ٿو اها جاءِ ڏسو ۽ خبر
رکو ته ڪنهن هن کي اتي ڏٺو آهي، ڇالاءِجو مون کي ٻڌايو ويو
آهي ته هو ڏاڍي چالاڪيءَ سان ٿو هلي. 23 تنهنڪري ڏسو، هن جي
لڪڻ واريون سڀ جايون معلوم ڪريو ۽ پڪي معلومات ڪٺي ڪري
مون وٽ اچو، ته پوءِ آءٌ اوهان سان گڏجي هلندس ۽ جيڪڏهن هو
يهوداه ملڪ ۾ هوندو ته آءٌ انهيءَ پوري ملڪ مان هن کي ڳولهي
ڪيندس.“ 24 تڏهن هو اٿيا ۽ سائول کان اڳ ۾ زيف شهر ڏانهن
روانا ٿيا.

هوڏانهن دائود ۽ سندس ماڻهو معون بيابان ۾ هئا، جيڪو زيف
واري بيابان جي ڏکڻ طرف ميدان ۾ آهي. 25 تڏهن سائول ۽ سندس
ماڻهو دائود کي ڳولهڻ لاءِ روانا ٿيا. جڏهن دائود کي اها خبر ڏني
ويئي تڏهن هو انهيءَ ٽڪريءَ واري پاسي آيو جيڪا معون جي بيابان
۾ ئي هئي. جڏهن سائول اهو ٻڌو تڏهن هو معون جي بيابان ۾ دائود
جي پٺيان پيو. 26 سائول جبل جي هڪڙي پاسي هو ته دائود ۽ سندس
ماڻهو جبل جي ٻئي پاسي تي هئا. سائول کان پڇي وڃڻ لاءِ دائود
تڪڙو تڪڙو ٿي هليو، جڏهن ته سائول ۽ سندس ماڻهو دائود ۽ سندس
ماڻهن کي پڪڙڻ جي لاءِ هنن کي چوڌاري وڪوڙيندا ٿي ويا. 27 ان
وقت ئي سائول وٽ هڪڙو قاصد آيو جنهن اچي چيس ته ”جلدي
موٽي هل، ڇالاءِجو ملڪ تي فلستين اچي ڪاهه ڪئي آهي.“ 28 سو
سائول دائود جو پيڇو ڇڏي فلستين جي مقابلي لاءِ موٽي آيو. انهيءَ
سبب انهيءَ جاءِ جو نالو ”ٻچي نڪرڻ جو ٽڪر“ پئجي ويو. 29 پوءِ
دائود اتان نڪري عين‌گديءَ جي پهاڙي علائقي ۾ وڃي رهڻ لڳو.

## دائود جو سائول کي جيئدان ڏيڻ

24 1 سائول جڏهن فلستين سان جنگ ڪرڻ کان پوءِ موٽيو،
تڏهن ماڻهن ٻڌايس ته ”دائود عين‌گديءَ جي رڻپٽ ۾
آهي.“ 2 تڏهن سائول سڄي بني اسرائيل مان ٽي هزار چونڊ جوان
ورتا، دائود ۽ سندس ماڻهن جي ڳولها ۾ جهنگلي ٻڪرين وارين
ٽڪرين جي اوڀر پاسي ويو.

3 رستي ۾ هو رڍن جي واڙن وٽ اچي پهتو جتي هڪڙي غار
هئي. سائول حاجت رفع ڪرڻ لاءِ انهيءَ غار ۾ گهڙي ويو. اتفاق
سان انهيءَ ئي غار جي اندرين حصي ۾ دائود پنهنجي ماڻهن سميت
لڪو ويٺو هو. 4 تڏهن دائود کي سندس ماڻهن چيو ته ”اڄ اهو
ڏينهن اچي ويو آهي، جنهن بابت خداوند تو کي فرمايو هو ته ’آءٌ
تنهنجو دشمن تنهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس، پوءِ جيئن تو کي وڻي
تيئن ساڻس ڪجاءِ.‘“ سو دائود اٿي چپ چاپ وڃي سائول جي
جبي جو دامن ڪپي ڪٽي آيو.

5 پر دائود جو ضمير کيس ملامت ڪرڻ لڳو، جو هن سائول
جي جبي جو دامن ڪپي ڇڏيو هو. 6 تڏهن هن پنهنجن ماڻهن کي
چيو ته ”خداوند شل ائين نه ڪري جو آءٌ پنهنجي آقا تي هٿ کڻان
جيڪو خداوند جو مسح ڪرايل بادشاهه آهي ۽ جنهن کي خداوند
پاڻ چونڊيو آهي.“ 7 پوءِ هن پنهنجن ماڻهن کي به روڪي ڇڏيو
ته هو سائول تي حملو نه ڪن.

هوڏانهن سائول اٿيو ۽ غار مان نڪري پنهنجي واٽ وٺي هليو ويو.
8 تڏهن دائود به اٿيو ۽ غار مان نڪري اچي سائول کي سڏي چيائين
ته ”اي منهنجا آقا بادشاهه!“ سائول منهن ورائي پٺتي نهاريو ته
دائود منهن زمين تي رکي کيس تعظيم ڏني 9 ۽ چيائينس ته ”توهين
انهن ماڻهن جي ڳالهه ڇو ٿا ٻڌو، جيڪي چون ٿا ته ’دائود توهان
کي نقصان پهچائڻ ٿو گهري‘؟ 10 ڏسو، توهان پاڻ پنهنجين اکين
سان ڏٺو آهي ته خداوند توهان کي اڄ هن غار ۾ منهنجي هٿن ۾
ڏيئي ڇڏيو هو. منهنجي ڪن ماڻهن ائين به چيو ته توهان کي ماري
ڇڏيان، پر مون توهان کي جيئدان ڏنو. مون چيو ته ’آءٌ پنهنجي آقا
تي هٿ نه کڻندس، ڇالاءِجو هو خداوند جو مسح ڪرايل بادشاهه
آهي.‘ 11 سو اي منهنجا پيءُ! ڏسو، هائو ڏسو، ته توهان جي جبي
جو دامن منهنجي هٿ ۾ آهي. جيئن ته مون رڳو اوهان جي جبي جو
دامن ڪپيو، پر توهان کي قتل نه ڪيم. انهيءَ ڳالهه مان ڄاڻو ۽
ڏسو ته منهنجي دل ۾ ڪا بدي يا بغاوت ڪانهي ۽ نڪي مون اوهان
جو ڪو گناهه ڪيو آهي. تنهن هوندي به توهين منهنجي جان وٺڻ
لاءِ منهنجي پٺيان پيا آهيو. 12 شل خداوند منهنجي ۽ اوهان جي وچ
۾ انصاف ڪري ۽ توهان کان منهنجو وير وٺي. باقي منهنجو هٿ
توهان تي ڪين کڄندو. 13 جيئن اڳئين زماني جي ماڻهن جو پهاڪو

---

18:23 1.سم 3:18   19:23 زب 54 عنوان   3:24 زب 57 عنوان، زب 142 عنوان   6:24 1.سم 11:26

آهي تہ ’ٻچڙن کان ئي بڇڙائي ٿئي ٿي.‘ سو منهنجو هٿ توهان تي
ڪين کڄندو. 14 بني اسرائيل جو بادشاهہ ڪنهن جي پٺيان نڪري
آيو آهي؟ اوهين ڪنهن جي پٺيان پيا آهيو؟ هڪڙي مئل ڪتي جي
پٺيان، يا هڪڙي جيتامڙي جي پٺيان؟ 15 سو شل خداوند ئي منصف
ٿئي ۽ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري. شل هو انهيءَ
ڳالهہ کي ڏسي مون کي بي‌ڏوهي ٺهرائي ۽ اوهان جي هٿان ڇڏائي.“
16 جڏهن دائود اهي ڳالهيون سائول کي چئي بس ڪئي، تڏهن
سائول چيس تہ ”اي منهنجا پٽ دائود! ڇا اهو سچ‌پچ تون ئي آهين؟“
پوءِ سائول رڙيون ڪري روئڻ لڳو. 17 ان کان پوءِ هو دائود کي چوڻ
لڳو تہ ”تون مون کان وڌيڪ سچار آهين، ڇالاءِجو تو مون سان
چڱائي ڪئي آهي، توڙي جو مون تو سان برائي ڪئي هئي. 18 تو
اڄ ظاهر ڪري ڏيکاريو آهي تہ تو مون سان ڪيڏي نہ چڱائي ڪئي
آهي، ڇوتہ جڏهن خداوند مون کي تنهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو، تڏهن
بہ تو مون کي ڪين ماريو. 19 ڀلا ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو دشمن
هٿ اچي تہ ڇا اهو ڪيس سلامتيءَ سان وڃڻ ڏيندو؟ تنهنڪري شل
خداوند تو کي انهيءَ چڱائيءَ جو چڱو بدلو ڏئي جيڪا تو اڄوڪي
ڏينهن مون سان ڪئي آهي. 20 هاڻي مون کي يقين آهي تہ تون
ضرور بادشاهہ ٿيندين ۽ بني اسرائيل جي حڪومت تنهنجي ئي هٿ
۾ قائم ٿيندي. 21 تنهنڪري هاڻي خداوند جو قسم کڻي مون سان
واعدو ڪر تہ مون کان پوءِ تون منهنجي نسل کي قتل نہ ڪندين
۽ منهنجي پيءُ جي گهراڻي مان منهنجو نالو مٽائي نہ ڇڏيندين.“
22 تڏهن دائود سائول سان قسم کڻي واعدو ڪيو. پوءِ سائول گهر
روانو ٿي ويو، جڏهن تہ دائود پنهنجي ماڻهن سميت چڙهي انهيءَ
پهاڙي علائقي ۾ هليو ويو.

## سموئيل جي وفات

**25** 1 سموئيل وفات ڪئي تہ سارو بني اسرائيل اچي گڏ ٿيو
۽ هن لاءِ سوڳ ڪيائون. هنن سندس وطن رامہ شهر ۾
ئي کيس دفن ڪيو.

## دائود ۽ ابيجيل

انهن ڏينهن ۾ دائود معون جي بيابان ڏانهن روانو ٿي ويو. 2-
3 اُتي ڪالب جي گهراڻي جو هڪڙو ماڻهو رهندو هو، جنهن جو
نالو نابال هو. نابال کي ڪرمل شهر جي آس‌پاس ۾ گهڻي ملڪيت
هئي ۽ هو وڏو شاهوڪار ماڻهو هو. کيس ٽي هزار رڍون ۽ هڪ
هزار ٻڪريون هيون. نابال جي زال جو نالو ابيجيل هو ۽ هوءَ ڏاڍي
سمجهہ واري ۽ خوبصورت عورت هئي. پر سندس مڙس نابال
بدمزاج ۽ ڪميڻو هو. نابال جڏهن ڪرمل شهر ۾ پنهنجي رڍن جي
اُن پئي ڪتري. 4 دائود بيابان ۾ ٻڌو تہ نابال پنهنجي رڍن جي
اُن پيو ڪتري. 5 سو دائود پنهنجا ڏهہ نوڪر ڪرمل شهر ڏانهن
موڪليا ۽ کين چيائين تہ ”نابال کي وڃي منهنجي پاران سلام چئو.
6 کيس چئجو تہ ’شال تون، تنهنجو گهراڻو ۽ جيڪي بہ تو وٽ آهي
سو سڀ سلامت هجي. 7 مون ٻڌو آهي تہ هي ڏينهن تنهنجي رڍن
جي اُن ڪترڻ جا آهن. تنهنجا ڌنار اسان وٽ رهي ويا آهن ۽ اسان
انهن کي ڪوبہ نقصان نہ پهچايو هو. اهي جيترو وقت بہ ڪرمل
جي آس‌پاس ۾ هئا اوتري وقت تائين سندن ڪابہ شيءِ گم نہ ٿي.
8 تون انهن کان پڇندين تہ اهي تو کي ٻڌائيندا. تنهنڪري منهنجا
هي نوڪر تو وٽ مان لهن، ڇوتہ اسين سٺن ڏينهن ۾ تو وٽ آيا
آهيون. سو آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ جيڪي بہ تو وٽ ٿي سگهي سو
پنهنجن ٻانهن ۽ مون پنهنجي پٽ دائود کي ڏيئي ڇڏ.‘“
9 دائود جا نوڪر اهو پيغام کڻي نابال وٽ آيا. هنن نابال کي دائود
جون چيل سموريون ڳالهيون ٻڌايون ۽ پوءِ خاموش ٿي بيٺا. 10 تڏهن
نابال دائود جي نوڪرن کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”اهو دائود ڪير
ٿيندو آهي؟ اهو يسيءَ جو پٽ ڪير ٿيندو آهي؟ اڄڪلهہ ڪيترائي
اهڙا نوڪر آهن، جيڪي پنهنجن مالڪن وٽان ڀڄي ٿا نڪرن. 11 پوءِ
ڇا آءٌ پنهنجي ماني، پاڻي ۽ جانورن جو گوشت، جيڪي مون پنهنجي
اُن ڪترڻ وارن جي لاءِ گڏ ڪيا آهن، سي کڻي انهن ماڻهن کي
ڏيئي ڇڏيان جن کي آءٌ سڃاڻان بہ ڪونہ ٿو تہ ڪٿان جا آهن؟“
12 تنهن تي دائود جا نوڪر پنهنجو رستو وٺي موٽي هليا ويا ۽ دائود
وٽ پهچي کيس اهي سموريون ڳالهيون ٻڌايائون. 13 تڏهن دائود
پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ ”هر ڪو ماڻهو پنهنجي تلوار چيلهہ
سان ٻڌي.“ سو هر ڪنهن پنهنجي تلوار ٻڌي. دائود بہ پنهنجي
تلوار ڪنئي. اهڙيءَ طرح اٽڪل چار سؤ ماڻهو دائود سان گڏ روانا
ٿيا ۽ ٻہ سؤ ماڻهو سامان وٽ رهي پيا.
14 هوڏانهن نابال جي نوڪرن مان هڪڙي نابال جي زال ابيجيل
کي ٻڌايو تہ ”دائود بيابان مان اسان جي آقا ڏانهن سلام ڪرڻ لاءِ
قاصد موڪليا هئا پر هن انهن جي بي‌عزتي ڪئي. 15 جڏهن تہ اهي
ماڻهو اسان سان تمام چڱيءَ طرح هليا هئا ۽ اسان کي ڪوبہ نقصان
نہ پهچايو هئائون. جڏهن اسين بيابان ۾ هئاسين، تڏهن جيستائين
اسان جو هنن سان گڏ گذران هو، تيستائين اسان جي ڪابہ شيءِ
گم ڪين ٿي. 16 جيترو عرصو اسين انهن سان گڏ رڍون چاريندا
رهياسون، اوتري عرصي ۾ هو رات توڙي ڏينهن اسان جي چوڌاري
ڄڻ هڪڙي ڀت هئا. 17 تنهنڪري هاڻي تون سوچ ۽ ويچار ڪر تہ تو
کي ڇا ڪرڻو آهي، ڇالاءِجو اسان جي آقا ۽ سندس ساري گهراڻي
تي آفت نازل ٿيڻ واري آهي. باقي نابال تہ اهڙو خبيث ماڻهو آهي
جو ڪوبہ ساڻس ڳالهائي ئي نہ ٿو سگهي.“
18 تڏهن ابيجيل تڪڙ ڪري ٻہ سؤ مانيون، ٻہ مئي جون
سانداريون، پنج پڪل رڍون، پنج ماپا ڀُڳل اَناج جا، هڪ سؤ ڪشمش

14:24 1.سم 20:26

جا چڳا ۽ ٻہ سؤ سڪل انجير جون ٽڪيون ڪٽي گڏهن تي رکرايون.
19 پوءِ هن پنهنجي نوڪرن کي چيو تہ ”اوهين منهنجي اڳيان هلو،
آءٌ اوهان جي پٺيان ٿي هلان.“ انهيءَ بابت هن پنهنجي مڙس نابال
کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو.
20 جڏهن هوءَ پنهنجي گڏهہ تي سوار ٿي جبل جي اوٽ وٽ پهتي،
تڏهن دائود ۽ سندس ماڻهو بہ ٻئي پاسي کان لهندا ٿي آيا ۽ اتي هو
اوچتو هڪ ٻئي سان مليا. 21 ان کان اڳ دائود ڪاوڙ مان سوچي رهيو
هو تہ ”مون اهڙي ماڻهوءَ جي سموري مال جي، بيابان ۾ اجايو سنڀال
پئي ڪئي، ايتري قدر جو سندس ملڪيت مان ڪابہ شيءِ گم نہ
ٿي. پر هن چڱائيءَ جي عيوض مون سان برائي ڪئي آهي. 22 صبح
جي سوجهري ٿيڻ تائين آءٌ هن جا سڀيئي ماڻهو ماري ڇڏيندس ۽ ڪو
هڪڙو ڇوڪرو بہ جيئرو نہ ڇڏيندس. جيڪڏهن آءٌ ائين نہ ڪريان
تہ شل خدا مون سان ائين ئي بلڪ انهيءَ کان بہ وڌيڪ ڪري.“
23 جڏهن ابيجيل دائود کي ڏٺو تڏهن جهٽ ڪري گڏهہ تان لهي
اچي دائود جي اڳيان زمين تي منهن رکي کيس تعظيم ڏنائين.
24 پوءِ هن کي پيرين پئي چوڻ لڳي تہ ”اي منهنجا آقا! اهو ڏوهہ
منهنجو ئي ليکيو وڃي. آءٌ منٿ ٿي ڪريان تہ پنهنجي ٻانهيءَ کي
ڪجهہ چوڻ جي اجازت ڏيو ۽ پنهنجي ٻانهيءَ جي ڳالهہ ٻڌو. 25 آءٌ
منٿ ٿي ڪريان تہ منهنجو آقا هن خبيث ماڻهوءَ نابال ڏانهن ڪو
ڌيان نہ ڏئي، ڇوتہ جهڙو سندس نالو آهي تهڙو ئي هو پاڻ *احمق
آهي. پر مون توهان جي ٻانهيءَ پنهنجي آقا جي موڪليل نوڪرن
کي نہ ڏٺو هو. 26 پر اي منهنجا آقا! جڏهن تہ خداوند توهان کي
خونريزيءَ کان ۽ پنهنجي هٿن سان پنهنجو وير وٺڻ کان روڪيو
آهي، سو هاڻ خداوند جيئري جو قسم ۽ توهان جي جان جو قسم
آهي تہ شل توهان جا دشمن ۽ اهي سڀيئي جيڪي اوهان جا بدخواہ
آهن تن سان بہ نابال جهڙي ٿئي.
27 هاڻي هي نذرانو جيڪو توهان جي ٻانهيءَ پنهنجي آقا لاءِ آندو
آهي، سو ڀلي تہ اوهين پنهنجي نوڪرن کي ڏيو. 28 آءٌ عرض ٿي
ڪريان تہ اوهان جي هن ٻانهيءَ کي ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻ جي خطا
جي معافي ڏني وڃي. جيئن تہ منهنجو آقا خداوند لاءِ جنگيون
ٿو ڪري، سو يقيناً خداوند منهنجي آقا جي گهراڻي کي جٽادار
بادشاهي ڏيندو، ۽ سڄيءَ عمر ۾ توهان کان ڪابہ برائي ڪين
ٿيندي. 29 توڙي جو ڪو ماڻهو اٿي توهان جو پيڇو ڪري ۽ توهان
جي جان وٺڻ گهري، تڏهن بہ توهان جي جان خداوند توهان جي خدا
جي مهربانيءَ سان حياتيءَ جي ڳنڍ ۾ ٻڌل رهندي، پر توهان جي
دشمنن جي جانين کي هو ڇڻ ڪانڀاٽيءَ جي پيچ ۾ رکي پري اڇلائي
ڇڏيندو. 30 جڏهن خداوند منهنجي آقا کي اهي چڱيون شيون عطا
ڪندو، جن بابت توهان سان واعدو ڪيو اٿائين ۽ توهان کي بني
اسرائيل مٿان بادشاهہ مقرر ڪندو، 31 تڏهن اها ڳالهہ توهان جي لاءِ
ڏک جو سبب نہ ٿيندي ۽ نڪي اوهان جي دل کي رنج پهچائيندي
تہ توهان بيسبب رت وهايو هو يا اوهان پنهنجو وير ورتو هو. سو
جڏهن خداوند منهنجي آقا تي اها مهرباني ڪري، تڏهن پنهنجي
هن ٻانهيءَ کي نہ وسارجو.“
32 تڏهن دائود ابيجيل کي چيو تہ ”شل واکاڻ هجي انهيءَ خداوند،
بني اسرائيل جي خدا جي، جنهن تو کي اڄ مون سان ملڻ لاءِ
موڪليو آهي. 33 شل تنهنجي عقلمنديءَ جي ڪري تون برڪت واري
هجين. تو اڄ مون کي خون جهڙي ڏوهہ کان ۽ پنهنجي هٿن سان
وير وٺڻ کان بچايو آهي. 34 خداوند، بني اسرائيل جي جيئري خدا
جو قسم آهي، جنهن تو کي نقصان رسائڻ کان مون کي روڪيو
آهي، تہ جيڪڏهن تون تڪڙ ڪري مون سان اچي نہ ملين ها تہ
يقيناً صبح جي سوجهري ٿيڻ تائين نابال وٽ هڪڙو ڇوڪر بہ جيئرو
نہ بچي ها.“ 35 پوءِ جيڪي بہ ابيجيل آندو هو سو دائود قبول ڪيو
۽ چيائينس تہ ”سلامتيءَ سان پنهنجي گهر ڏانهن هلي وڃ. مون
تنهنجي ڳالهہ مڃي ۽ تنهنجو عرض قبول ڪيو اٿم.“
36 تنهن کان پوءِ ابيجيل موٽي نابال وٽ آئي ۽ ڏٺائين تہ هن
پنهنجي گهر ۾ بادشاهي دعوت جهڙي هڪڙي دعوت ڪئي هئي.
گهٽي مئي پيئڻ ڪري نشي سبب سندس دل سرور ۾ هئي. تنهنڪري
هن صبح جي سوجهري ٿيڻ تائين کيس ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌائي.
37 جڏهن صبح ٿيو ۽ نابال جو نشو لٿو تڏهن سندس زال کيس اُهي
ڳالهيون ٻڌايون. اُهي ڳالهيون ٻڌندي ئي هن جي دل اندر ئي اندر
وسامي ويئي ۽ کيس اڌرنگو ٿي پيو. 38 اٽڪل ڏهن ڏينهن کان پوءِ
نابال تي خداوند جو غضب نازل ٿيو ۽ هو مري ويو.
39 جڏهن دائود ٻڌو تہ نابال مري ويو آهي تڏهن چوڻ لڳو
تہ ”واکاڻ هجي انهيءَ خداوند جي، جنهن نابال کان منهنجي
بيعزتيءَ جو بدلو ورتو ۽ پنهنجي ٻانهي کي بديءَ کان بچايو.
اٿلندو نابال جي شرارت سندس ئي گردن ۾ وڌائين.“
پوءِ دائود ابيجيل ڏانهن ساڻس شادي ڪرڻ جو پيغام موڪليو.
40 دائود جا نوڪر ڪرمل شهر ۾ ابيجيل وٽ آيا ۽ کيس چيائون تہ
”دائود اسان کي تو ڏانهن موڪليو آهي، انهيءَ لاءِ تہ تون اسان
سان گڏ هلي ساڻس شادي ڪر.“ 41 تڏهن هوءَ اٿي ۽ پيشاني زمين
تي رکي تعظيم ڪري چوڻ لڳي تہ ”آءٌ پنهنجي آقا جي نوڪرن
جي پيرن ڌوئڻ واري ٻانهي آهيان.“ 42 پوءِ ابيجيل تڪڙي ٿي اٿي ۽
پنهنجي گڏهہ تي چڙهي ويٺي. ساڻس گڏ پنج ٻانهيون بہ هليون.
اهڙيءَ طرح دائود جي قاصدن سان گڏجي رواني ٿي ۽ اچي دائود
سان شادي ڪيائين.

*احمق: عبراني ٻوليءِ ۾ نابال جي معنيٰ احمق آهي.

43 دائود يزرعيل شهر واري اخي‌نوعم سان بہ شادي ڪئي هئي.
سو اهي ٻئي سندس زالون هيون. 44 هوڏانهن سائول پنهنجي ڌيءَ
ميڪل، جيڪا دائود جي زال پڻ هئي، سا ليس جي پٽ فلطيءَ کي
ڏيئي ڇڏي، جيڪو گليم ڳوٺ جو رهندڙ هو.

## دائود جو سائول کي ٻيهر جيئدان ڏيڻ

26 1 پوءِ زيف شهر جا ڪي ماڻهو سائول وٽ گبعت شهر ۾
آيا ۽ کيس ٻڌايائون تہ ”دائود حڪيلہ ٽڪر تي لڪو ويٺو
آهي، جيڪو بيابان جي پرسان آهي.“ 2 تڏهن سائول بني اسرائيل جا
ٽي هزار چونڊ ماڻهو ساڻ ڪري، دائود کي ڳولهڻ لاءِ هڪدم زيف
جي بيابان ڏانهن روانو ٿيو. 3 هن بيابان وارو رستو وٺي حڪيلہ جي
ٽڪر تي اچي رستي جي پرسان پنهنجا خيما کوڙيا. دائود جيڪو اڃا
تائين بيابان ۾ رهيل هو، تنهن جڏهن ٻڌو تہ سائول سندس پيڇو
ڪندي بيابان ۾ آيو آهي، 4 تڏهن هن جاسوس موڪلي خاطري ڪئي
تہ سائول برابر آيو آهي. 5 پوءِ دائود نڪري انهيءَ هنڌ آيو جتي
سائول جا خيما لڳل هئا. هن اها جاءِ بہ ڏٺي جتي سائول ۽ سندس
سپہ‌سالار ابنير ولد نير ستل هئا. سائول خيمي‌گاهہ جي وچ واري
جاءِ ۾ ستو پيو هو ۽ سندس ماڻهو سندس چوڌاري وارن خيمن ۾
ستا پيا هئا.

6 تڏهن اخيملڪ حتيءَ ۽ يوآب جي ڀاءُ ابي‌شيءَ جنهن جي ماءُ
ضروياه هئي، تن ٻنهي کان دائود پڇيو تہ ”سائول جي خيمي‌گاهہ
۾ مون سان گڏجي ڪير هلندو؟“ تنهن تي ابي‌شيءَ ورندي ڏنس
تہ ”آءٌ توهان سان گڏجي هلندس.“

7 سو انهيءَ رات دائود ۽ ابي‌شي سائول جي خيمي‌گاهہ ۾ داخل
ٿيا ۽ ڏٺائون تہ سائول خيمي اندر ستو پيو هو. سندس نيزو سندس
سيرانديءَ کان زمين ۾ کتو پيو هو. ابنير ۽ لشڪر جا ٻيا ماڻهو
سندس چوڌاري ستا پيا هئا. 8 تڏهن ابي‌شيءَ دائود کي چيو تہ
”خدا اڄ تنهنجو دشمن تنهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي، تنهنڪري
مون کي اجازت ڏي تہ آءٌ سندس ئي نيزي جي هڪڙي ئي ڌڪ سان
کيس ڌرتيءَ ۾ ٽُنبي ڇڏيان. آءٌ ٻيو ڀيرو ڌڪ نہ هڻندوسانس.“ 9 پر
دائود چيس تہ ”هن کي نہ مار، ڇالاءِجو ڪير آهي جيڪو خداوند
جي مسح ڪرائي چونڊيل بادشاهہ تي پنهنجو هٿ کڻي ۽ پوءِ بہ
بي‌گناهہ رهي؟“ 10 دائود وڌيڪ چيس تہ ”خداوند جيئري جو قسم
آهي تہ خداوند پاڻ ئي انهيءَ کي ماريندو. هي پنهنجي زندگيءَ جا
ڏينهن پورا ڪري پاڻمرادو مري ويندو، يا جنگ ۾ ماريو ويندو. 11 پر
خداوند ائين نہ ڪري جو آءٌ سندس مسح ڪرائي چونڊيل بادشاهہ
تي پنهنجو هٿ کڻان. سو هاڻي سندس سيرانديءَ کان کتل اهو نيزو
۽ پاڻيءَ جي گهُگهي کڻ تہ هليا هلون.“ 12 پوءِ دائود اهو نيزو ۽
پاڻيءَ جي گهُگهي سائول جي سيرانديءَ کان کڻائي ورتي ۽ ٻئي
ڄڻا روانا ٿي ويا. ڪين ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو، نڪا ڪنهن کي خبر
پيئي ۽ نہ وري ڪو جاڳيو ئي. هو سڀ ستا پيا هئا، ڇالاءِجو خداوند
انهن سڀني تي گهري ننڊ موڪلي هئي.

13 تڏهن دائود اتان ٻئي پاسي هليو ويو ۽ پري وڃي جبل جي
چوٽيءَ تي ويٺو تہ جيئن سندن وچ ۾ گهڻو مفاصلو رهي. 14 پوءِ
دائود اتان سائول جي لشڪر ۽ ابنير ولد نير کي واڪو ڪري چوڻ
لڳو تہ ”اي ابنير! منهنجي ڳالهہ ٻڌ ۽ ان جو جواب ڏي.“ ابنير
ورندي ڏيئي پڇيس تہ ”تون آهين ڪير، جيڪو بادشاهہ کي واڪا
ڪري ٿو جاڳائين؟“

15 تڏهن دائود ابنير کي چيو تہ ”ڇا تون بهادر مرد نہ آهين؟ ڇا
بني اسرائيل ۾ ڪو ٻيو بہ تو جهڙو آهي؟ تہ پوءِ تو ڇو پنهنجي
آقا بادشاهہ جي حفاظت نہ ڪئي، ڇالاءِجو هينئر ئي ڪو ماڻهو
تنهنجي آقا بادشاهہ کي مارڻ لاءِ اندر گهڙي آيو هو. 16 سو تو اهو
ڪم چڱو نہ ڪيو آهي. خداوند جيئري جو قسم آهي تہ اوهين سڀ
موت جا حقدار آهيو، ڇالاءِجو اوهان پنهنجي آقا، خداوند جي مسح
ڪرائي چونڊيل بادشاهہ جي نگهباني نہ ڪئي آهي. هاڻي ڏسو،
ڪٿي آهي بادشاهہ جو نيزو ۽ پاڻيءَ جي اها گهُگهي جا سندس
سيرانديءَ کان رکيل هئي؟“

17 ان وقت سائول دائود جو آواز سڃاڻي ورتو. سو چوڻ لڳس تہ
”اي منهنجا پٽ دائود! ڇا اهو تنهنجو ئي آواز آهي؟“ دائود وراڻيس
تہ ”اي منهنجا آقا بادشاهہ! اهو منهنجو ئي آواز آهي.“ 18 دائود
وڌيڪ چيس تہ ”اي منهنجا آقا! توهين ڇو پنهنجي ٻانهي جي پٺيان
پيا آهيو؟ مون ڇا ڪيو آهي؟ منهنجي هٿان ڪهڙو قصور ٿيو آهي؟
19 سو اي منهنجا آقا بادشاهہ! هاڻي پنهنجي هن ٻانهي جي ڳالهہ
ٻڌو. جيڪڏهن توهان کي خداوند منهنجي خلاف ڪڙو ڪيو آهي تہ
پوءِ منهنجي ڏوهہ کي معاف ڪرڻ لاءِ شل هو نذرانو قبول ڪري.
پر جيڪڏهن اهو ڪن انسانن جو ڪم آهي تہ شل اهي خداوند جي
آڏو لعنتي ٿين، ڇالاءِجو انهن مون کي ملڪ مان پڄائي ڪڍيو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ خداوند جي قوم ۾ منهنجو ڪو حصو نہ رهي ۽ مون
کي چون ٿا تہ ’وڃي غير معبودن جي پوڄا ڪر.‘ 20 سو هاڻي ائين
نہ ٿئي تہ منهنجو رت خداوند جي حضور کان پري زمين تي وهايو
وڃي. ڇو بني اسرائيل جو بادشاهہ مون جيتامڙي کي مارڻ لاءِ ائين
نڪتو آهي، جيئن ڪو ماڻهو جبلن ۾ تترن جي شڪار لاءِ نڪرندو
آهي؟“

21 تڏهن سائول وراڻيو تہ ”مون گناهہ ڪيو آهي. اي منهنجا
پٽ دائود! موٽي اچ. آءٌ تو کي اڳتي ڪڏهن بہ ڪو نقصان نہ
پهچائيندس، ڇوتہ اڄوڪي ڏينهن تو منهنجي حياتيءَ کي قيمتي
سمجهي مون کي جيئدان ڏنو آهي. بيشڪ مون بي‌وقوفيءَ جو ڪم
ڪيو آهي ۽ ڏاڍي غلطي ڪئي اٿم.“

---

44:25 2.سم 3:14–16 1:26 زب 54 عنوان 11:26 1.سم 26:24

22 دائود ورندي ڏيئي چيس تہ ”اي بادشاھہ! ھي آھي توھان
جو نيزو، پنھنجي نوڪرن مان ڪنھن کي موڪليو تہ اچي کڻي
وڃي. 23 خداوند پاڻھي سڀ ڪنھن ماڻھوءَ کي پنھنجي سچائيءَ ۽
ايمانداريءَ جو بدلو ڏيندو. خداوند اڄ تو کي منھنجي ھٿن ۾ ڏيئي
ڇڏيو ھو، پر خداوند جي مسح ڪرائي چونڊيل بادشاھہ تي مون
پنھنجو ھٿ کڻڻ نہ گھريو. 24 اڄ جھڙيءَ طرح توھان جي حياتي
منھنجي نظر ۾ قيمتي ھئي، تھڙيءَ طرح شل منھنجي حياتي بہ
خداوند جي نظر ۾ قيمتي ھجي ۽ شل ھو مون کي سڀني تڪليفن
کان بچائي.“ 25 تڏھن سائول دائود کي چيو تہ ”اي منھنجا پٽ
دائود! شل تون برڪت وارو ھجين. تون وڏا وڏا ڪم ڪندين ۽ ضرور
فتحياب ٿيندين.“ پوءِ دائود پنھنجو رستو وٺي ھليو ويو ۽ سائول
پنھنجي گھر ڏانھن موٽي آيو.

## دائود فلستين جي ملڪ ۾

27 1 پوءِ دائود سوچڻ لڳو تہ ”ڪنھن نہ ڪنھن ڏينھن آءٌ
سائول جي ھٿان ماريو ويندس. سو منھنجي لاءِ انھيءَ کان
بھتر ٻي ڳالھہ ڪانھي تہ آءٌ فلستين جي ملڪ ڏانھن ھليو وڃان.
پوءِ ھو نااميد ٿي مون کي اسرائيل جي سرحدن ۾ وري نہ ڳولھيندو.
اھڙيءَ طرح آءٌ سندس ھٿان بچي ويندس.“ 2 تڏھن دائود پنھنجن
ڇھہ سؤ ماڻھن سميت نڪري گات شھر جي بادشاھہ اڪيس ولد
معوڪ وٽ آيو. 3 دائود ۽ سندس ماڻھو پنھنجن پنھنجن ڪٽنبن
سان اڪيس بادشاھہ وٽ گات شھر ۾ ئي رھڻ لڳا. دائود پنھنجي
ٻنھي زالن، يعني يزرعيل شھر واري اخينوعم ۽ ڪرمل شھر واري
نابال جي بيوہ ابيجيل سان رھڻ لڳو. 4 سائول کي جڏھن خبر پيئي
تہ دائود گات ڏانھن ڀڄي ويو آھي، تڏھن ھن سندس پيڇو ڪرڻ
ڇڏي ڏنو.

5 پوءِ دائود اڪيس کي چيو تہ ”جيڪڏھن اوھان جي مون تي
مھربانيءَ جي نظر آھي تہ مون کي ڪنھن ننڍي شھر ۾ جاءِ ڏيو
تہ آءٌ اتي وڃي رھان، ڇالاءِ جو اوھان جو ٻانھو ڇو شاھي شھر ۾
توھان سان گڏ رھي؟“ 6 تڏھن اڪيس انھيءَ ڏينھن کيس صقلاج
شھر عطا ڪيو. اھو ئي سبب آھي تہ صقلاج اڄ ڏينھن تائين يھوداہ
جي بادشاھن جو شھر آھي.

7 دائود فلستين جي ملڪ ۾ ڪل ھڪ سال ۽ چار مھينا رھيو.
8 انھيءَ عرصي ۾ دائود ۽ سندس ماڻھو نڪري *گسورين، گزرين
۽ عماليقين تي حملا ڪندا رھندا ھئا، جيڪي قديم زماني کان وٺي
شور واري رستي مصر جي سرحد تائين واري علائقي ۾ رھندا ھئا.
9 دائود جڏھن بہ سندن علائقو فتح ڪندو ھو تڏھن ڪنھن بہ مرد
يا عورت کي جيئرو نہ ڇڏيندو ھو. ھو انھن جون رڍون ٻڪريون،
ڍور ڍڳا، گڏھہ، اٺ ۽ سندن ڪپڙا کڻي موٽي اڪيس وٽ ايندو
ھو. 10 پر جڏھن اڪيس ڪائنس پڇندو ھو تہ ”اڄ اوھان ڪيڏانھن
ڪاھہ ڪئي ھئي؟“ تڏھن دائود ڦيرائي ٻڌائيندو ھوس تہ †يھوداہ
جي ڏکڻ يا يرحمئيلين جي ڏکڻ يا قينين جي ڏکڻ ڏانھن. 11 دائود
انھن مان ڪنھن بہ مرد يا عورت کي جيئرو نہ ڇڏيندو ھو، انھيءَ
لاءِ تہ متان ھو گات شھر ۾ وڃي سندس پول نہ پڌرا ڪن تہ دائود
ھيئن ھيئن ڪيو آھي. دائود جيڪو بہ وقت فلستين ۾ رھيو، سو ھو
ائين ئي ڪندو رھيو. 12 پر اڪيس مٿس ڀروسو ڪندو ھو ۽ دل ۾
سوچيندو ھو تہ ”ھن پنھنجو پاڻ کي پنھنجيءَ قوم بني اسرائيل ۾
بلڪل نفرت جوڳو بڻائي ڇڏيو آھي. تنھنڪري ھو ھميشہ جي لاءِ
منھنجو ٻانھو ٿي رھندو.“

## سائول ۽ عين‌دور ڳوٺ جي ھڪ عورت

28 1 ڪجھہ عرصي کان پوءِ فلستين بني اسرائيل سان جنگ
ڪرڻ لاءِ پنھنجا لشڪر گڏ ڪيا. تڏھن اڪيس دائود کي
چيو تہ ”تو کي ۽ تنھنجي ماڻھن کي ضرور مون سان گڏجي لشڪر
سان ھلڻو پوندو.“ 2 دائود ورندي ڏيئي چيس تہ ”ضرور، ھاڻي
اوھان کي معلوم ٿيندو تہ اوھان جو ٻانھو اوھان لاءِ ڇا ٿو ڪري
سگھي.“ تنھن تي اڪيس دائود کي چيو تہ ”پوءِ تہ آءٌ تو کي
ھميشہ جي لاءِ پنھنجي جان جو محافظ مقرر ڪندس.“

3 انھيءَ عرصي دوران سموئيل وفات ڪري چڪو ھو ۽ بني
اسرائيل جي سڀني ماڻھن سندس لاءِ سوڳ ڪندي کيس سندس ئي
شھر رامہ ۾ دفن ڪري ڇڏيو ھو. ان وچ ۾ سائول سڀني ڀوپن ۽
مئل ماڻھن جي روحن سان ڳالھائيندڙن کي ملڪ مان ختم ڪرائي
ڇڏيو ھو. 4 پوءِ جڏھن فلستي گڏ ٿيا ۽ اچي شونيم ڳوٺ جي ڀرسان
خيما کوڙيائون، تڏھن سائول بني اسرائيل جي سڀني ماڻھن کي گڏ
ڪري گلبوعہ جي جابلو علائقي ۾ اچي خيما کوڙيا. 5 سائول جڏھن
فلستين جو لشڪر ڏٺو، تہ اچي ڊنو ۽ سندس دل تمام گھڻو ڌڪڻ
لڳي. 6 سو ھن خداوند کان پڇيو، پر خداوند کيس ڪوبہ جواب
ڪونہ ڏنو، نہ خوابن جي رستي، نہ ‡اُوريم ۽ ٿُميم جي ذريعي ۽
نہ ئي نبين جي وسيلي. 7 تڏھن سائول پنھنجن عملدارن کي چيو
تہ ”مون کي اھڙي عورت ڳولھي ڏيو جيڪا مئلن جي روحن سان

*گسورين، گزرين ۽ عماليقين: اھي بني اسرائيل جون دشمن قومون ھيون.

†يھوداہ جي ڏکڻ يا يرحمئيلين جي ڏکڻ يا قينين جي ڏکڻ ڏانھن: اھي علائقا بني اسرائيل جا ھئا.

‡اُوريم ۽ ٿُميم: ھي پٿر جھڙيون بہ ننڍڙيون شيون ھيون، جن کي ڪاھن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو ھو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجھاڻي“ ڏسو.

3:28 لاو 27:20، شر 18:10–11، 1.سم 1:25    6:28 ڳا 21:27

ڳالهائيندي هجي، تہ آءٌ وٽس وڃي ڪائنس پڇاڳاڇا ڪريان.“ سندس
عملدارن ٻڌايس تہ ”عين‌دور ڳوٺ ۾ هڪڙي اهڙي عورت آهي.“
8 سو سائول ويس بدلائي ٻيا ڪپڙا پاتا ۽ ٻہ ماڻهو پاڻ سان وٺي
رات جو انهيءَ عورت وٽ اچي پهتو. کيس چيائين تہ ”تون روحن
جي وسيلي مون کي غيب جي خبر ڏي ۽ جنهن جو آءٌ نالو وٺان تنهن
جي روح کي مون وٽ هتي گهرائي وٺ.“ 9 تڏهن انهيءَ عورت
چيس تہ ”ڏس، تو کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ ڪيئن نہ سائول
بادشاهہ سيني پوين ۽ مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن کي
ختم ڪرائي ڇڏيو آهي. پوءِ ڇو تون منهنجي مارائڻ لاءِ ڦاهي
پيو وجهين؟“ 10 تڏهن سائول قسم کڻي چيس تہ ”جيئري خداوند جو
قسم آهي تہ انهيءَ ڪم جي ڪري تو کي ڪابہ سزا نہ ملندي.“
11 تنهن تي انهيءَ عورت پڇيس تہ ”ڪنهن جي روح کي تو وٽ
گهرايان؟“ سائول چيس تہ ”سموئيل جي روح کي.“ 12 جڏهن انهيءَ
عورت سموئيل کي ڏٺو، تڏهن وڏي آواز سان رڙ ڪري سائول کي
چيائين تہ ”تون تہ سائول بادشاهہ آهين! پوءِ تو مون سان ڇو دوکو
ڪيو آهي؟“ 13 بادشاهہ هن کي چيو تہ ”ڊڄ نہ، بلڪ ٻڌاءِ تہ تون
ڇا ڏسي رهي آهين؟“ تڏهن انهيءَ عورت سائول کي ٻڌايو تہ ”آءٌ
هڪڙي روح کي زمين منجهان نڪري مٿي ايندي ڏسي رهي آهيان.“
14 سائول پڇيس تہ ”اهو ڪهڙيءَ شڪل جو آهي؟“ عورت وراڻيس
تہ ”اهو هڪڙو پوڙهو ماڻهو آهي جو مٿي چڙهندو پيو اچي، ڪيس
هڪڙو جبو پيل آهي.“ تڏهن سائول سهي ڪيو تہ اهو سموئيل آهي.
سو هن زمين تي پيشاني رکي کيس تعظيم ڏني.
15 تڏهن سموئيل سائول کي چيو تہ ”تو ڇو منهنجو آرام ڦٽايو
آهي جو مون کي مٿي سڏايو اٿيئي؟“ سائول ورندي ڏنس تہ ”آءٌ
ڏاڍي پريشانيءَ ۾ آهيان، ڇالاءِجو فلستي مون سان جنگ ڪرڻ لاءِ
اچي رهيا آهن ۽ خدا بہ مون کي ڇڏي ڏنو آهي. هو مون کي ڪابہ
ورندي نہ ٿو ڏئي، نہ نبين جي وسيلي ۽ نہ وري خوابن جي رستي.
تنهنڪري مون تو کي سڏايو آهي تہ مون کي ٻڌاءِ تہ آءٌ هاڻي ڇا
ڪريان؟“
16 سموئيل چيس تہ ”مون کان ڇو ٿو پڇين، جڏهن تہ تون ڄاڻين
ٿو تہ خداوند تو کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ تنهنجو دشمن بڻجي ويو آهي؟
17 خداوند تو سان اهو ئي ڪجهہ ڪيو آهي، جيڪو هن منهنجي
معرفت چيو هو. خداوند تو کان بادشاهي کسي تنهنجي ويجهي
ساٿي دائود کي ڏيئي ڇڏي آهي. 18 جيئن تہ تو خداوند جو حڪم نہ
مڃيو هو ۽ عماليقين کي سندس ڪاوڙ موجب پوريءَ طرح برباد نہ
ڪيو هو، تنهنڪري ئي خداوند اڄ تو سان ائين ڪيو آهي. 19 تنهن
کان سواءِ خداوند بني اسرائيل کي بہ تو سان گڏ فلستين جي هٿ
۾ ڏيئي ڇڏيندو ۽ سڀاڻي تون ۽ تنهنجا پٽ مون سان گڏ قبرستان ۾
هوندا. خداوند بني اسرائيل جو لشڪر بہ فلستين جي هٿن ۾ ڏيئي
ڇڏيندو.“
20 تڏهن سائول سموئيل جي ڳالهين کان ڏاڍو ڊنو ۽ هڪدم زمين
تي ڌڳهو ٿي ڪري پيو. منجهس ڪابہ طاقت ڪانہ رهي هئي،
ڇالاءِجو هن سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات ماني اصل نہ کاڌي هئي.
21 پوءِ اها عورت سائول وٽ آئي ۽ کيس بيحد پريشان ڏسي چيائينس
تہ ”ڏسو، توهان جي ٻانهيءَ توهان جي ڳالهہ مڃي آهي. مون
پنهنجو ساهہ تريءَ تي رکي اوهان جو چوڻ مڃيو آهي. 22 تنهنڪري
توهان پنهنجي ٻانهيءَ جو عرض ٻڌو ۽ مون کي موڪل ڏيو تہ آءٌ
ڪجهہ ماني آڻي اوهان جي اڳيان رکان ۽ توهان اها کائو، انهيءَ
لاءِ تہ توهان کي ڪا طاقت ملي تہ جيئن توهان سفر ڪري سگهو.“
23 پر هن انڪار ڪري چيو تہ ”آءٌ ڪين ڪائيندس.“ تڏهن سندس
ساٿين انهيءَ عورت سان گڏجي کيس گهڻو زور ڀريو، تنهن کان
پوءِ هن انهن جي ڳالهہ مڃي ۽ زمين تان اٿي کٽ تي ويٺو.
24 پوءِ انهيءَ عورت جهٽ‌پٽ ۾ هڪڙو ٿلهو متارو ڳابو جيڪو
سندس گهر ۾ موجود هو سو ڪهائي ورتو ۽ اٽو ڳوهي انهيءَ مان
بي‌خميري مانيون پچايائين. 25 پوءِ اهي کڻي آڻي سائول ۽ سندس
ساٿين جي اڳيان رکيائين، جن اهو کاڌو. تنهن کان پوءِ هو ساڳيءَ
ئي رات اتان روانا ٿي ويا.

## فلستين جو دائود کي نہ قبولڻ

29 1 فلستين پنهنجا سمورا لشڪر آڻي افيق شهر وٽ گڏ
ڪيا، جڏهن تہ بني اسرائيل پنهنجا خيما يزرعيل جي
ماٿريءَ ۾ چشمي وٽ کوڙيا هئا. 2 جڏهن فلستين جا پنج ئي سردار
پنهنجن سون ۽ هزارن جي ٽولن سان وڏي اڳتي هليا ۽ دائود پنهنجي
ماڻهن سميت اڪيس بادشاهہ سان گڏ انهن جي پٺيان هليو، 3 تڏهن
فلستي لشڪرن جي سالارن چيو تہ ”هي *عبراني هتي ڇو آيا آهن؟“
اڪيس کين وراڻيو تہ ”ڇا هي بني اسرائيل جي بادشاهہ سائول جو
اعليٰ عملدار دائود نہ آهي، جيڪو مون سان هيترا ڏينهن بلڪ هيترا
سال گڏ رهيو آهي؟ جڏهن کان هو مون وٽ ڀڄي آيو آهي، تڏهن
کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مون هن ۾ ڪوبہ فرق محسوس ڪونہ
ڪيو آهي.“
4 پر فلستين جا سالار اڪيس تي ڪاوڙيا ۽ کيس چيائون تہ
”انهيءَ ماڻهوءَ کي موٽايو تہ هو انهيءَ جاءِ تي موٽي وڃي جيڪا
توهان هن جي لاءِ مقرر ڪئي آهي. هو اسان سان گڏ جنگ تي نہ
هلي، متان جنگ هلندي هو ڦري اسان جو دشمن ٿي پوي، ڇالاءِجو
هو پنهنجي آقا سان هنن ماڻهن جي سسين کان سواءِ ڪيئن ٺاهہ

*عبراني: بني اسرائيل کي ”عبراني“ بہ سڏيو ويندو آهي.

17:28 1.سم 28:15   18:28 1.سم 3:15–9

ڪري ٿو سگهي؟ 5 ڇا هي اهو ئي دائود ناهي، جنهن بابت نچندي
ڳائيندي چيو ويو هو تہ
'سائول تہ ماريو هزارن کي
پر دائود ماريو لکن کي'؟"

6 تڏهن اڪيس دائود کي سڏي چيو تہ "جيئري خداوند جو قسم
آهي تہ تون وفادار ماڻهو آهين ۽ مون سان گڏ تنهنجو لشڪر سان
گڏجي هلڻ منهنجي نظر ۾ چڱو آهي، ڇالاءِجو جنهن ڏينهن تون
مون وٽ آيو هئين، تنهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مون تو ۾ ڪوبہ
فرق محسوس ڪونہ ڪيو آهي. انهيءَ هوندي بہ سالار تو مان
راضي نہ آهن. 7 تنهنڪري هاڻي تون سلامتيءَ سان موٽي هليو وڃ
۽ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪر جنهن سان فلستين جا سالار ناراض
ٿين." 8 تڏهن دائود اڪيس کي چيو تہ "مون ڇا ڪيو آهي؟ جيترو
وقت آءٌ توهان وٽ رهيو آهيان، اوتري وقت ۾ اڄ ڏينهن تائين توهان
پنهنجي هن ٻانهي ۾ ڇا ڏٺو آهي جو آءٌ پنهنجي آقا، توهان بادشاهہ
جي دشمنن سان جنگ ڪرڻ نہ وڃان؟" 9 اڪيس دائود کي ورندي
ڏيئي چيو تہ "آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تون منهنجي نظر ۾ خدا جي فرشتن
جهڙو نيڪ آهين. مگر فلستين جي سالارن چيو آهي تہ تون اسان
سان جنگ تي نہ هل. 10 تنهنڪري هاڻي تون ۽ تنهنجي آقا سائول
جا نوڪر، جيڪي تو سان گڏ آيا هئا سي صبح جو اٿي سوجهري
ٿيڻ مهل روانا ٿي وڃو."
11 سو دائود پنهنجي ماڻهن سميت فلستين جي ملڪ ڏانهن موٽي
وڃڻ لاءِ صبح جو سوير اٿيو ۽ فلستي يزرعيل جي ماٿريءَ ڏانهن
روانا ٿي ويا.

## عماليقين جو صقلاج شهر کي لٽڻ

30 1 ٽئين ڏينهن تي جڏهن دائود ۽ سندس ماڻهو پنهنجي شهر
صقلاج ۾ پهتا، تڏهن ڏٺائون تہ عماليقين ڌاڪٽي علائقي
۽ صقلاج شهر تي حملو ڪري شهر کي ڦري لٽي باهہ ڏيئي ڇڏي
هئي. 2 عورتون ۽ جيڪي بہ ننڍا وڏا اتي هئا، تن سڀني کي قيد
ڪيو هئائون. هنن ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪيو هو، بلڪ ڪين پاڻ سان
وٺي هليا ويا هئا. 3 سو جڏهن دائود ۽ سندس ماڻهو شهر ۾ آيا،
تڏهن ڇا ڏٺائون تہ شهر باهہ سان سڙيو پيو آهي ۽ سندن عورتون،
ٻار ننڍا توڙي وڏا قيدي بڻائي وٺي ويا هئا. 4 تڏهن دائود ۽ سندس
ماڻهو ايترو تہ زور سان رنا، جو وڌيڪ روئڻ جي طاقت نہ رهين.
5 دائود جون ٻئي زالون اخينوعم، جيڪا يزرعيل شهر جي هئي ۽
ابيجيل، جيڪا اڳي ڪرمل شهر واري نابال جي زال هئي، اهي بہ
قيد ٿي ويون هيون. 6 دائود کي ڏاڍي پريشاني ٿي، ڇالاءِجو سڀيئي
ماڻهو پنهنجن وڃايل ٻچن ۽ ڌيئرن جي ڪري تمام ڏکويل هئا ۽ ڪيس
سنگسار ڪري مارڻ پئي چاهيائون. پر دائود کي خداوند پنهنجي
خدا همت عطا ڪئي هئي.

## دائود جو عماليقين کان بدلو وٺڻ

7 پوءِ دائود اخيملڪ جي پٽ ابيياتر ڪاهن کي چيو تہ "مون
کي مذهبي وڳو آڻي ڏي." تڏهن ابيياتر اهو ڪڻي دائود وٽ آيو.
8 دائود خداوند کان پڇيو تہ "جيڪڏهن آءٌ انهيءَ لشڪر جو پيڇو
ڪريان تہ انهيءَ کي پهچي سگهندس يا نہ؟" خداوند ورائيس تہ
"پيڇو ڪر، تون ضرور انهن کي وڃي پهچندين ۽ ڪانئن سڀ ڪجهہ
ڇڏائي وٺندين." 9-10 تڏهن دائود ۽ سندس ڇهہ سؤ ماڻهو اتي هليا
۽ بسور جي برساتي نهر وٽ اچي پهتا. انهن مان ٻہ سؤ ماڻهو،
جيڪي ٿڪجي پيا هئا سي نهر پار ڪري نہ سگهيا ۽ اتي ئي ترسي
پيا. پر دائود پنهنجي باقي چئن سؤن ماڻهن سان پيڇو جاري رکيو.
11 دائود جي ماڻهن هڪڙي مصري ماڻهوءَ کي ميدان ۾ پيل ڏٺو،
جنهن کي هو دائود وٽ ڪڻي آيا. کيس ماني کارايائون ۽ پاڻي
پيارِيائون. 12 هنن کيس سڪل انجير جون ڪجهہ ٽڪيون ۽ ڪشمش
جا ٻہ ڇڳا ڏنا. جڏهن هن ڪائي بس ڪئي تڏهن سندس بدن ۾
ساهہ پيو، ڇالاءِجو هن پورا ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون نڪا ماني ڪاڌي
هئي، نڪو پاڻي پيتو هئائين. 13 پوءِ دائود هن کان پڇيو تہ "تون
ڪنهن جو ماڻهو آهين ۽ ڪٿان ٿو اچين؟" انهيءَ ماڻهوءَ ورائيو
تہ "آءٌ مصري آهيان ۽ هڪڙي عماليقيءَ جو غلام آهيان. منهنجو
مالڪ مون کي ٽي ڏينهن اڳ ڇڏي هليو ويو آهي، ڇوتہ آءٌ بيمار ٿي
پيو هوس. 14 اسان ڪريتين جي ڏکڻ واري پاسي تي، يهوداہ جي
علائقي تي ۽ ڪالب جي علائقي جي ڏکڻ تي چڙهائي ڪئي هئي ۽
صقلاج شهر کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو." 15 تڏهن دائود چيس
تہ "تون مون کي انهيءَ لشڪر وٽ وٺي هلندين؟" هن ورائيو تہ
"خدا جو قسم کڻي واعدو ڪر، تہ تون مون کي نہ قتل ڪندين ۽
نہ مون کي منهنجي مالڪ جي حوالي ڪندين، تہ پوءِ آءٌ تو کي
انهيءَ لشڪر وٽ وٺي هلندس."
16 پوءِ جڏهن هو دائود کي اتي وٺي آيو، تڏهن ڏٺائون تہ عماليقي
سڄيءَ زمين تي پکڙيا پيا آهن. هو انهيءَ گهڻي مال جي ڪري ڏاڍا
خوش هئا، جيڪو هنن فلستين ۽ يهوداہ جي ملڪ مان لٽي ڦري آندو
هو ۽ ڪائي پي مزا پئي ماڻيائون.
17 پوءِ دائود رات جي پهرين پهر کان وٺي ٻئي ڏينهن جي شام
تائين انهن کي پئي ماريو. ايتري قدر جو انهن مان هڪڙو بہ ماڻهو
نہ بچيو، سواءِ انهن چئن سؤن ماڻهن جي جيڪي اٺن تي چڙهي
ڀڄي نڪتا. 18 اهڙيءَ طرح دائود اهو سڀ ڪجهہ ڇڏائي ورتو جيڪي
عماليقي ڪڻي ويا هئا. دائود پنهنجون ٻئي زالون بہ ڇڏايون. 19 هنن
جي ڪابہ شيءِ گم نہ ٿي، نہ ننڍي نہ وڏي، نہ پٽ نہ ڌيءَ، نہ

5:29 1.سم 18:7، 21:11   5:30 1.سم 25:42–43   7:30 1.سم 22:20–23

لٽ جو مال، نڪا وري ٻي ڪا شيءِ جا هو کڻي ويا هئا، بلڪ سڀ
جو سڀ دائود موٽائي آندو. 20 دائود ٻيون بہ رڍون ٻڪريون ۽ ڍور
ڍڳا هٿ ڪيا، جيڪي سندس ماڻهن پنهنجي چوپائي مال جي اڳيان
ڪاهي آندا ۽ چيائون تہ ”هي دائود جو لٽيل مال آهي.“

## دائود جي انصاف واري ورهاست

21 پوءِ دائود انهن ٻن سون ماڻهن وٽ موٽي آيو، جيڪي گهڻي
ٿڪ جي ڪري ساڻس گڏ هلي نہ سگهيا هئا ۽ جن کي هو بسور جي
برساتي نهر وٽ ڇڏي ويا هئا. اهي دائود ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ
هئا، تن سان ملڻ لاءِ اڳتي نڪري آيا. دائود جڏهن انهن ماڻهن جي
ويجهو آيو تہ ساڻن گرمجوشيءَ سان مليو. 22 تڏهن دائود سان گڏ
ويل ماڻهن مان ڪن شرير ۽ خبيث ماڻهن چيو تہ ”هي اسان سان
گڏجي نہ هليا هئا. تنهنڪري جيڪو لٽيل مال اسان ڇڏائي آيا آهيون
تنهن مان اسين کين ڪجهہ بہ نہ ڏينداسون. اسين کين رڳو سندن
زالون ۽ ٻار ڏينداسين، تہ هو انهن کي وٺي هليا وڃن.“ 23 پر دائود
کين چيو تہ ”اي منهنجا ڀائرؤ! جيڪي بہ خداوند اسان کي عطا
ڪيو آهي، تنهن سان اوهان کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي، ڇالاءِجو
انهيءَ ئي اسان کي بچايو آهي ۽ اسان تي ڪاهہ ڪري آيل لشڪر
کي اسان جي هٿن ۾ ڏنو اٿس. 24 سو اوهان جي اها ڳالهہ ڪير
ٻڌندو؟ ڇالاءِجو جنگ تي وڃڻ واري کي بہ اوترو ئي حصو ملندو
جيترو سامان وٽ ترسي پوڻ واري کي. ٻنهي کي هڪجهڙو حصو
ملندو.“ 25 سو انهيءَ ڏينهن کان وٺي اڄ تائين بني اسرائيل ۾ اهو
ئي قاعدو ۽ دستور هلندو اچي.
26 جڏهن دائود صقلاج شهر ۾ موٽي آيو، تڏهن هن لٽ جي مال
مان ڪجهہ بني يهوداہ جي سردارن ڏانهن بہ موڪليو، جيڪي
سندس دوست هئا. کين چوائي موڪليائين تہ ”اِجهو، خداوند جي
دشمنن جي لٽ جي مال مان هي اوهان جي لاءِ سوکڙي آهي.“
27 هن اهي انهن ماڻهن ڏانهن موڪليا، جيڪي هنن شهرن ۾ رهندا
هئا: بيت‌ايل، يهوداہ جو ڏکڻ وارو شهر رامات، يتير، 28 عروعير،
سِفموت، اِستموع، 29 رڪِل، يرحمئيلين جا شهر، قينين جا شهر،
30 حرمہ، بورعاشان، عتاڪ 31 ۽ حبرون. دائود انهن سڀني جاين جي
ماڻهن ڏانهن بہ لٽ جي مال مان موڪليو جتي هو پاڻ ۽ سندس
ماڻهو اڪثر گهمندا ڦرندا هئا.

## سائول ۽ سندس پٽن جو موت
(1.تواريخ 10:1–12)

31 1 هوڏانهن فلستين گلبوعہ جي جابلو علائقي ۾ بني
اسرائيل سان جنگ ڪئي. اتي بني اسرائيل جا گهڻا ماڻهو
مارجي ويا ۽ ڪجهہ ڀڄي نڪتا. 2 فلستين سائول ۽ سندس پٽن جي
پٺيان پئي کين سوڙهو ڪيو، نيٺ سائول جي پٽن يونتن، ابيناداب ۽
ملڪيشوع کي ماري وڌائون. 3 ويڙهہ سائول کي وڪوڙي ويئي،
تيرانداز وجي کيس پهتا ۽ کيس سخت زخمي ڪري وڌائون. 4 تڏهن
سائول پنهنجي هٿياربردار کي چيو تہ ”پنهنجي تلوار ڪڍي مون کي
ماري ڇڏ، انهيءَ لاءِ تہ متان اڻطهريل اچي مون کي قتل ڪن ۽
مون کي بيعزت ڪن.“ پر هن جي هٿياربردار ائين ڪرڻ کان انڪار
ڪيو، ڇالاءِجو هو ڊنو ٿي. تنهنڪري سائول پاڻ پنهنجي تلوار ڪڍي
۽ انهيءَ تي ئي ڪري پيو. 5 جڏهن سائول جي هٿياربردار ڏٺو تہ
سائول مري ويو آهي، تڏهن هو پاڻ بہ پنهنجي تلوار تي ڪري پيو
۽ ساڻس گڏ مئو. 6 اهڙيءَ طرح سائول، سندس ٽي پٽ، سندس
هٿياربردار ۽ سندس سڀيئي ماڻهو ساڳئي ئي ڏينهن گڏ مئا.
7 بني اسرائيل جا جيڪي ماڻهو يزرعيل ماٿريءَ جي ٻئي طرف ۽
جيڪي اردن درياءَ جي اوڀر طرف رهندا هئا، تن جڏهن ٻڌو تہ بني
اسرائيل جا ماڻهو ڀڄي نڪتا آهن ۽ سائول ۽ سندس پٽ بہ مارجي
ويا آهن، تڏهن هو بہ پنهنجا شهر ڇڏي ڀڄي ويا. پوءِ فلستي اچي
انهن تي قبضو ڪري رهڻ لڳا.
8 ٻئي ڏينهن جڏهن فلستي قتل ٿيل ماڻهن کي لٽڻ لاءِ آيا،
تہ هنن گلبوعہ جبل تي سائول ۽ سندس ٽن پٽن جا لاش ڏٺا.
9 تڏهن هنن سائول جي سسي وڍي ڌار ڪئي ۽ سندس بدن تان
زرهہ بہ لاٿائونس. پوءِ هنن پنهنجي ملڪ فلستيا ڏانهن قاصدن کي
موڪليو، تہ جيئن اهي سندن بتخانن ۾ ۽ ماڻهن کي اها خوشخبري
ٻڌائين. 10 هنن اها زرهہ عستارات ديويءَ جي مندر ۾ رکي ۽ سائول
جو لاش بيت‌شان شهر جي ديوار سان سوگهو ٻڌي ڇڏيائون.
11 جڏهن گلعاد علائقي جي يبيس شهر جي رهاڪن ٻڌو تہ فلستين
سائول سان ڪهڙي حالت ڪئي آهي، 12 تڏهن انهن جا سمورا بهادر
ماڻهو اٿيا ۽ راتون رات پنڌ ڪري بيت‌شان شهر ۾ وڃي پهتا، جتان
چوريءَ سائول ۽ سندس پٽن جا لاش ديوار تان لاٿائون ۽ يبيس شهر
۾ موٽي اچي انهن کي ساڙي ڇڏيائون. 13 پوءِ انهن جون هڏيون
کڻي يبيس شهر ۾ هڪڙي لئي جي وڻ هيٺ دفن ڪري ڇڏيائون ۽
ستن ڏينهن تائين ڪجهہ بہ نہ کاڌائون.

# 2.سموئيل

## سموئيل نبيءَ جو ٻيو ڪتاب

### تعارف

حضرت سموئيل جي هن ٻئي مقدس ڪتاب ۾ به پهرين ڪتاب جي واقعن جو سلسلو هلندڙ آهي. هي ڪتاب بادشاهه طور حضرت دائود جي حڪمرانيءَ جي هڪ تواريخ آهي، پهريائين ڏکڻ ۾ يهوداه قبيلي تي بادشاهي ڪرڻ (باب 1–4)، ۽ پوءِ سڄيءَ قوم مٿان اترئين علائقي سميت جنهن ۾ بني اسرائيل جا ڏهه قبيلا شامل هئا، تن تي به بادشاهي ڪرڻ (باب 5–24). انهيءَ تواريخ ۾ اهو چٽيءَ طرح بيان ڪيل آهي ته حضرت دائود پنهنجي بادشاهت وڌائڻ ۽ پاڻ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي اندرين توڙي ٻاهرين دشمنن سان ڪيئن پيش آيو ۽ ساڻن ڪهڙي هلت هليو. هن ڪتاب ۾ حضرت دائود کي پختي ايمان وارو ۽ خدا لاءِ وقف ڪيل انسان طور پيش ڪيو ويو آهي ۽ اهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي ته هو پنهنجي عوام جي دلين تي حڪمراني ڪرڻ جي لائق هو. تنهن هوندي به ڪٿي ڪٿي هن کي کهرو ڪٺو ۽ پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ وارو ڪري پيش ڪيو ويو آهي، يعني پنهنجي نفساني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏي گناهه ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو هو. پر جڏهن خداوند جي نبيءَ حضرت ناتن سندس ڪيل گناهه سندس آڏو آندا، تڏهن حضرت دائود اهي ٻاسيا ۽ هر انهيءَ سزا کي قبول ڪيو جيڪا خدا ڪيس ڏني.

حضرت دائود جي زندگيءَ ۾ سندس بهادريءَ وارن ڪمن ۽ سندس ڪاميابين بني اسرائيل جي ماڻهن کي ايترو ته متاثر ڪيو جو جڏهن به ڪا قومي مصيبت ايندي هئي ۽ اهي ڪنهن ٻئي بادشاهه بنائڻ لاءِ سوچيندا هئا ته هر دفعي سندن نظر انتخاب "دائود جي اولاد" تي پوندي هئي، يعني انهيءَ کي به پنهنجي وڏي حضرت دائود جهڙو بادشاهه هجڻ گهرجي.

### سِٽاءُ


حضرت دائود جي يهوداه قبيلي تي حڪمراني 1:1–12:4

حضرت دائود جي سڄي بني اسرائيل تي حڪمراني 1:5–25:24

1. حضرت دائود جي بادشاهيءَ جا شروعاتي سال 1:5–19:10
2. حضرت دائود ۽ بت‌سبع عورت 1:11–25:12
3. تڪليفون ۽ مشڪلاتون 26:12–26:20
4. حضرت دائود جي پڇاڙيءَ وارا سال 1:21–25:24

## دائود جو سائول لاءِ سوڳ ڪرڻ

1 1 سائول جي مرڻ کان پوءِ هيئن ٿيو جو دائود جڏهن عماليقين
ڪي شڪست ڏيئي موٽي اچي صقلاج شهر ۾ رهيل هو تہ اجا
بہ ڏينهن مس گذريا تہ 2 ٽئين ڏينهن تي هڪڙو ماڻهو سائول جي
لشڪرگاهہ کان آيو، جنهن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا هئا ۽ مٿي ۾
مٽي وڌي هئائين. هو جڏهن دائود وٽ پهتو تہ زمين تي پيشاني
رکي ڪيس تعظيم ڏنائين.
3 دائود هن کان پڇيو تہ ”تون ڪٿان ٿو اچين؟“ هن وراڻيو تہ
”آءٌ بني اسرائيل جي لشڪرگاهہ مان جان بچائي نڪري آيو آهيان.“
4 تڏهن دائود پڇيس تہ ”مون کي ٻڌاءِ تہ ڳالهہ ڇا آهي؟“ هن
ورندي ڏني تہ ”اسان جا ماڻهو جنگ مان ڀڄي ويا ۽ انهن مان
گهڻا ئي ڪيري ماريا ويا. سائول ۽ سندس پٽ يونتن بہ مارجي ويا
آهن.“ 5 دائود انهيءَ خبر ڏيندڙ جوان کان وري پڇيو تہ ”تو ڪيئن
ڄاتو تہ سائول ۽ سندس پٽ يونتن مارجي ويا آهن؟“
6 انهيءَ جوان وراڻيو تہ ”اتفاق سان جڏهن آءٌ گلبوعہ جبل تي
هوس، تہ ڏٺم تہ سائول پنهنجي نيزي کي ٽيڪ ڏيو بيٺو آهي ۽
دشمنن جون جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ گهوڙي سوار سندس پيڇو
ڪندا پيا اچن. 7 جڏهن هن منهن ورائي نهاريو تہ مون کي ڏسي سڏ
ڪيائين. مون ورندي ڏيئي چيومانس تہ ’اِجهو، آءٌ حاضر آهيان.‘
8 هن مون کان پڇيو تہ ’تون ڪير آهين؟‘ مون ڪيس ورندي ڏني
تہ ’آءٌ عماليقي آهيان.‘ 9 تڏهن هن مون کي چيو تہ ’منهنجي
ويجهو اچ ۽ مون کي قتل ڪر، ڇالاءِجو آءٌ سخت تڪليف ۾ آهيان پر
اجا منهنجو ساهہ نہ ٿو نڪري.‘ 10 تڏهن مون سندس ويجهو وڃي
ڪيس قتل ڪيو، ڇوجو مون ڄاتو ٿي تہ ڪري پوڻ کان پوءِ هو جيئرو
رهي نہ سگهندو. پوءِ مون سندس مٿي تان تاج ۽ سندس ٻانهن مان
ڪنگڻ لاهي ورتو، جيڪي آءٌ هتي پنهنجي آقا وٽ کڻي آيو آهيان.“
11 تڏهن دائود ڏک وچان وٺي پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا ۽ جيڪي ٻيا
ماڻهو ساڻس گڏ هئا تن بہ ائين ئي ڪيو. 12 هنن سائول، سندس
پٽ يونتن، خداوند جي لشڪر ۽ سڄي بني اسرائيل لاءِ سوڳ ڪيو
۽ رنا ۽ شام تائين ڪجهہ بہ نہ کاڌائون، ڇالاءِجو اهي مارجي ويا
هئا. 13 تڏهن جنهن جوان ماڻهوءَ اها خبر آندي هئي تنهن کان دائود
پڇيو تہ ”تون ڪٿان جو آهين؟“ هن جواب ڏنو تہ ”آءٌ عماليقي
آهيان، هڪڙي غير ماڻهوءَ جو پٽ.“ 14 دائود چيس تہ ”تون خداوند
جي مسح ڪرائي چونڊيل بادشاهہ کي قتل ڪرڻ کان ڇو نہ ڊنين؟“
15 پوءِ دائود پنهنجي جوانن مان هڪڙي کي سڏي چيو تہ ”ويجهو
وڃي هن ماڻهوءَ تي حملو ڪر.“ سو هن انهيءَ کي ڌڪ هڻي ماري
وڌو. 16 دائود انهيءَ عماليقيءَ کي چوندو رهيو تہ ”تنهنجو خون
تنهنجي گردن تي هجي، ڇالاءِجو تو پاڻ پنهنجي شاهدي ڏيئي چيو
آهي تہ ’مون خداوند جي مسح ڪرائي چونڊيل بادشاهہ کي قتل
ڪيو آهي.‘“

## سائول ۽ يونتن لاءِ دائود جو مرثيو

17 پوءِ دائود سائول ۽ سندس پٽ يونتن جي سوڳ ۾ هي مرثيو
ڳايو. 18 هن ماڻهن کي حڪم ڪيو تہ اهو تيرڪمان واري راڳ جي
سُرَ ۾ بني يهوداہ کي سيکارين. هي مرثيو پوءِ ”ياشر جو ڪتاب“
۾ لکيو ويو.

19 ”آہ! اي بني اسرائيل! ٻئي سُورهيہ، جيڪي اسان جو شان هئا،
سي ڪيئن نہ اسان جي پهاڙن تي شڪست کائي ڪريا آهن!
20 ڪوبہ ماڻهو اها خبر فلستيءَ جي شهر گات ۾ نہ ٻڌائي،
نڪي ڪو اسقلون جي گهٽين اندر اها پڌري ڪري،
متان فلستين جون ڌيئرون اها ڳالهہ ٻڌي خوشيون ملهائين،
هائو، متان اڻطهريلن جون ڌيئرون شادمانا ڪن.

21 اي گلبوعہ جا جبلؤ! اي موت جا پهاڙؤ!
شل اوهان تي نہ ڪڏهن ماڪ پوي نہ وري مينهن وسي،
شل نذرانن جي شين واريون نڪي پوکون ئي ٿين،
ڇوجو اوهان تي بهادرن جون ڍالون اجلائي ڦٽو ڪيون ويون.
انهن ۾ سائول جي ڍال بہ هئي،
افسوس! جنهن تي هاڻي تيل مکڻ وارو ناهي.
22 ڪڏهن تہ يونتن جي ڪمان مان نڪتل تير ۽ سائول جي تلوار
زورآور دشمنن جي رت ۽ چربيءَ کان سواءِ خالي نہ ٿي موٽيا.

23 سائول ۽ يونتن ڏاڍا وڻندڙ ۽ پيارا هئا،
جيئري توڙي مرندي اهي هڪٻئي کان جدا ڪين ٿيا.
هو عقابن کان تيز ۽ شينهن کان وڌ طاقتور هئا.

24 اي بني اسرائيل جون ڌيئرؤ! سائول جو سوڳ ڪريو،
جنهن اوهان کي نفيس ڪُهنبا ڪپڙا پهرايا هئا،
جنهن سونن زيورن سان اوهان کي سينگاريو هو.

25 آہ! اسان جا سُورهيہ ڪيئن نہ جنگ ۾ مارجي ويا!
افسوس! يونتن اسرائيل ملڪ جي پهاڙن تي قتل ٿيو.
26 اي يونتن، منهنجا پيارا ڀاءُ!
مون کي تنهنجو ڏاڍو ڏک آهي.
تون مون کي ڏاڍو وڻندو هُئين،
جڏهن تہ تنهنجي بہ مون سان عجيب الفت هئي،
هائو، عورت جي محبت کان بہ وڌ

1:6–10 1.سمو 31:1–6، 1.توا 10:1–6 1:18 يش 10:13

تنهنجي مون سان محبت هئي.
27 افسوس، صد افسوس!
اسان جا جنگ جا هٿيار، اسان جا سُورهيه،
ڪيئن نہ شڪست کائي نابود ٿي ويا آهن!"

## دائود جو يهوداہ قبيلي جو بادشاهہ بڻجڻ

2 1 تنهن کان پوءِ دائود خداوند کان پڇيو تہ "ڇا آءٌ يهوداہ
جي ڪنهن شهر ۾ هليو وڃان؟" خداوند چيس تہ "ڀلي وڃ."
دائود وري پڇيو تہ "ڪيڏانهن وڃان؟" خداوند وراڻيس تہ "حبرون
ڏانهن." 2 تڏهن دائود پنهنجي ٻنهي زالن اخينوعم، جا يزرعيل
شهر جي هئي ۽ ٻي ابيجيل، جا نابال ڪرمليءَ جي بيوهہ هئي، تن
کي ساڻ ڪري اوڏانهن ويو. 3 جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، تن
مان هر هڪ کي سندس گهراڻي سميت دائود حبرون شهر ۾ وٺي
آيو ۽ اهي شهر ۾ ۽ ان جي آس‌پاس رهڻ لڳا. 4 پوءِ يهوداہ جا
ماڻهو حبرون ۾ آيا ۽ اتي هنن دائود کي مسح ڪري کيس يهوداہ
جي قبيلي مٿان بادشاهہ بڻايو.
جڏهن دائود کي ٻڌايو ويو تہ گلعاد علائقي جي يبيس شهر جي
ماڻهن ئي سائول کي دفن ڪيو هو، 5 تڏهن هن يبيس جي ماڻهن
ڏانهن قاصد موڪليا. ڪين چوائي موڪليائين تہ "خداوند شل اوهان
کي برڪت وارو ڪري، ڇالاءِجو اوهان پنهنجي آقا سائول تي اها
مهرباني ڪئي جو کيس دفن ڪيو اٿوَ. 6 هاڻي شل خداوند اوهان
کي مهربانيءَ ۽ وفاداريءَ جو اجر ڏئي. انهيءَ ڪم ڪرڻ ڪري
اوهان کي آءٌ بہ انهيءَ نيڪيءَ جو عيوض ڏيندس. 7 سو هاڻي
اوهين مضبوط ۽ همت وارا ٿيو، ڇالاءِجو اوهان جو آقا سائول مري
ويو آهي ۽ يهوداہ جي قبيلي مون کي مسح ڪري پنهنجي مٿان
بادشاهہ بڻايو آهي."

## اشبوست جو بني اسرائيل تي بادشاهہ بڻجڻ

8 هوڏانهن سائول جو سپهہ‌سالار ابنير ولد نير سائول جي پٽ
اشبوست کي ساڻ ڪري پچي وچي اردن درياءَ جي اوڀر واري شهر
محنايم ۾ آيو. 9 اتي گلعاد، آشر، يزرعيل، افرائيم ۽ بنيامين جي
علائقن بلڪ بني اسرائيل جي ڏهن قبيلن جي باقي علائقن جي
مٿان کيس بادشاهہ بڻايائين. 10 سائول جي پٽ اشبوست کي جڏهن
بادشاهہ بڻايو ويو، تڏهن سندس عمر چاليهہ سال هئي ۽ هن ٻہ
سال بادشاهي ڪئي. پر يهوداہ جي قبيلي دائود جي پيروي ڪئي.
11 دائود حبرون ۾ يهوداہ جي قبيلي جي مٿان ست سال ۽ ڇهہ مهينا
بادشاهي ڪئي.

## يهوداہ ۽ ٻين بني اسرائيل وارن ۾ جنگ

12 ابنير ولد نير ۽ سائول جي پٽ اشبوست جا چونڊ ماڻهو محنايم
شهر مان نڪري گبعون ڏانهن ويا. 13 هيڏانهن يوآب، جنهن جي ماءُ
جو نالو ضروياہ هو، سو دائود جي ٻين چونڊ ماڻهن سان گڏ نڪري
آيو. اهي ٻئي ٽولا گبعون واري پهاڙي ڪوهہ وٽ اچي مليا. پوءِ
هڪڙو ٽولو ڪوهہ جي هڪڙي پاسي رهي پيو ۽ ٻيو ٽولو ٻئي پاسي.
14 تڏهن ابنير يوآب کي چيو تہ "ڪجهہ جوانن کي ڪڍ تہ اهي
اسان جي اڳيان ڏوبدو مقابلو ڪن." يوآب وراڻيس تہ "ڀلي ڪن."
15 تڏهن ٻارهن ماڻهو بنيامين ۽ اشبوست ولد سائول جي طرفان
۽ ٻارهن ماڻهو دائود جي چونڊ ماڻهن مان نڪري آيا. 16 انهن مان
هر هڪ پنهنجي سامهون ٿيندڙ کي منڍيءَ کان جهلي پنهنجي
تلوار انهيءَ جي پاسي ۾ لنگهائي ڏني، تہ اهي چوويهہ ئي ڄڻا
هڪ ئي وقت ڪري پيا. تنهنڪري گبعون واري انهيءَ جاءِ کي
*حلقت‌هصوريم جو نالو ڏنو ويو. 17 پوءِ انهيءَ ڏينهن ڏاڍي سخت
جنگ لڳي، جنهن ۾ ابنير ۽ بني اسرائيل جي ماڻهن دائود جي
ماڻهن هٿان شڪست کاڌي. 18 ضروياہ جا ٽي پٽ يوآب، ابي‌شي ۽
عساهيل اتي هئا. عساهيل ڊوڙڻ ۾ اهڙو تہ تکو هو جهڙو جهنگلي
هرڻ. 19 سو عساهيل ابنير جي پٺيان پيو ۽ بنا ڪيڏانهن مڙڻ جي
سندس پيڇو ڪندو رهيو. 20 تڏهن ابنير پٺتي نهاري چوڻ لڳو تہ
"عساهيل! اهو تون آهين ڇا؟" هن ورندي ڏنس تہ "هائو، اهو
آءٌ آهيان." 21 ابنير چيس تہ "مون کان پاسو ڪر ۽ جوانن مان
ڪنهن کي پڪڙي وڃي سندس هٿيار هٿ ڪر." پر عساهيل هن
جو پيڇو ڪرڻ کان ڪين مڙيو. 22 تڏهن ابنير وري عساهيل کي
خبردار ڪندي چيو تہ "منهنجي پٺيان نہ اچ، ٻئي پاسي وڃ. تون
مون کي ڇو ٿو مجبور ڪرين جو آءٌ تو کي ماري زمين تي ڪيرائي
وجهان؟ پوءِ آءٌ تنهنجي ڀاءُ يوآب جي اڳيان ڪيئن منهن مٿي ڪٽي
سگهندس؟" 23 پر عساهيل سندس پيڇو ڇڏڻ کان انڪار ڪيو.
تڏهن ابنير نيزي جي پٺئين ڇيڙي سان هن کي پيٽ ۾ اهڙو ڌڪ هنيو
جو نيزو منجهانئس لنگهي پٺيان نڪري ويو. هو اتي ئي ڪري پيو
۽ مري ويو. پوءِ جنهن هنڌ عساهيل مئو پيو هو، انهيءَ هنڌ جيڪي
ماڻهو ايندا ٿي ويا سي ماٺ ڪري بيهندا ٿي ويا.
24 پر يوآب ۽ ابي‌شي ابنير جي پٺيان پيا. هو سج لٿي اچي امہ
جي ٽڪر وٽ پهتا، جيڪو گبعون جي بيابان واري رستي تي گياح
هنڌ جي اوڀر ۾ آهي. 25 هوڏانهن بنيامين قبيلي جا ماڻهو ابنير سان
اچي مليا ۽ هڪ ٽولي ٿي هڪڙي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي بيهي
رهيا. 26 تڏهن ابنير يوآب کي سڏي چيو تہ "ڇا تلوار هميشہ تائين
پيئي کُهندي رهي؟ ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ انهيءَ جو انجام تلخي

*حلقت‌هصوريم: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ "تلوارن جي ٻني" آهي.

2:2 1.سم 42:25–43   4:2 1.سم 11:31–13

ئي نڪرندو؟ پوءِ ڪيستائين تون ماڻهن کي منع نہ ڪندين تہ هو
پنهنجن ڀائرن جو پيڇو ڪرڻ ڇڏي ڏين؟"
27 يوآب چيو تہ "زنده خدا جو قسم آهي تہ جيڪڏهن تون ايترو
نہ چوين ها تہ هر ڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ جو صبح ٿيڻ تائين پيڇو
ڪندو رهي ها." 28 پوءِ يوآب نفيل وڄائي تہ يهوداہ جا سڀيئي ماڻهو
بس ڪري بيهي رهيا ۽ وڌيڪ ڀين بني اسرائيل وارن جي پٺيان نہ
پيا ۽ نہ وري انهن سان وڙهيا.
29 ابنير ۽ سندس ماڻهو اها سڄي رات بيابان ۾ پنڌ ڪندا رهيا ۽
اردن درياءُ لنگهي پار ٿيا. هو ڪڏن ڪوہن واري سڄي علائقي مان
لنگهي محنايم شهر ۾ اچي پهتا.
30 يوآب ابنير جو پيڇو ڇڏي واپس موٽيو. هن سڀني ماڻهن کي
گڏ ڪري ڏٺو تہ عساهيل کان علاوه دائود جي جنگجو ماڻهن مان
اوڻيهہ ڄڻا گهٽ هئا. 31 پر دائود جي ماڻهن بنيامين جي قبيلي مان
۽ ابنير جي ماڻهن مان ٽي سؤ سٺ ڄڻا ماريا هئا. 32 تڏهن يوآب
۽ سندس ماڻهن عساهيل کي کڻي بيت‌لحم ۾ سندس پيءُ جي
قبرستان ۾ آڻي دفن ڪيو. پوءِ اهي سڄي رات پنڌ ڪندا پرهہ ڦٽيءَ
مهل اچي حبرون شهر ۾ پهتا.
3 1 ساؤل جي پٽ اشبوست ۽ دائود جي وچ ۾ گهڻي عرصي
تائين جنگيون هلنديون رهيون. ان دوران دائود ڏينهون ڏينهن
ويو زور وٺندو، جڏهن تہ اشبوست ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو ويو.

## دائود جا پٽ

2 حبرون ۾ دائود کي ڇهہ پٽ ڄاوا. سندس پهريتو پٽ امنون هو
جنهن جي ماءُ جو نالو اخي‌نوعم هو ۽ اها يزرعيل شهر جي هئي.
3 هن جو ٻيو پٽ ڪلياب هو جنهن جي ماءُ جو نالو ابيجيل هو ۽
اها نابال ڪرمليءَ جي بيوه هئي. ٽيون پٽ ابي‌سلوم هوس جنهن
جي ماءُ جو نالو معڪہ هو ۽ اها گسور جي بادشاهہ تلميءَ جي
ڌيءَ هئي. 4 سندس چوٿون پٽ ادونياہ هو جنهن جي ماءُ جو نالو
حگيت هو. پنجون پٽ سفطياہ هوس جنهن جي ماءُ جو نالو ابيطال
هو. 5 دائود جو ڇهون پٽ اترعام هو جنهن جي ماءُ عجلاہ هئي.
اهي سڀيئي دائود کي حبرون شهر ۾ ڄاوا هئا.

## ابنير جو دائود سان اچي گڏجڻ

6 جڏهن ساؤل جي پٽ اشبوست ۽ دائود جي وچ ۾ جنگيون هلي
رهيون هيون، تڏهن ساؤل جي گهراڻي جي لشڪر ۾ ابنير جو اثر
وڌندو ويو. 7 ساؤل جي رصفاہ نالي هڪڙي سريت هئي، جيڪا
اياہ جي ڌيءَ هئي. هڪڙي ڏينهن ساؤل جي پٽ اشبوست ابنير کي
چيو تہ "تون منهنجي پيءُ جي سريت سان ڇو ستو آهين؟" 8 ابنير
اشبوست جي انهيءَ ڳالهہ تي ڏاڍو اچي ڪاوڙيو ۽ ڪيس چوڻ لڳو
تہ "آءٌ ڪو يهوداہ جي بادشاهہ دائود جو وفادار ڪتو آهيان ڇا؟
اڄ تائين آءٌ تنهنجي پيءُ ساؤل جي گهراڻي، سندس مٽن مائٽن ۽
دوستن سان وفاداريءَ سان پيش ايندو رهيو آهيان. مون تو کي پڪڙي
دائود جي حوالي ڪين ڪيو آهي، تنهن هوندي بہ اڄ تون مون تي
هن عورت جي بنسبت بدڪاريءَ جو الزام ٿو لڳائين! 9–10 خداوند
دائود سان قسم کڻي واعدو ڪيو آهي تہ هو ساؤل جي گهراڻي کان
بادشاهت کسي اسرائيل ۽ يهوداہ مٿان دائود کي بادشاهہ بڻائيندو.
اتر ۾ دان کان وٺي ڏکڻ ۾ بيرسبع تائين سندس بادشاهت هوندي.
هاڻي جيڪڏهن آءٌ ابنير انهيءَ ڳالهہ کي سچ نہ ڪري ڏيکاريان تہ
خدا شل مون کي ماري ختم ڪري ڇڏي." 11 تڏهن اشبوست ابنير
کان ايترو تہ ڊڄي ويو جو هو سندس جواب ۾ هڪڙو اکر بہ ڪڇي
ڪين سگهيو.
12 پوءِ ابنير دائود ڏانهن پنهنجا قاصد موڪليا، جيڪو ان وقت
حبرون ۾ هو. هن کيس چوائي موڪليو تہ "هن ملڪ تي ڪير حاڪم
ٿيندو؟ تون مون سان معاهدو ڪر تہ آءٌ ساري بني اسرائيل کي
تنهنجي پاسي آڻڻ ۾ تنهنجي مدد ڪندس." 13 دائود وراڻي ڏنس
تہ "چڱو، آءٌ تو سان هڪڙيءَ شرط تي معاهدو ڪندس تہ جڏهن
تون مون سان ملڻ ايندين، تڏهن ساؤل جي ڌيءَ ميڪل کي ضرور
پاڻ سان مون وٽ آڻيندين." 14 پوءِ دائود اشبوست ڏانهن قاصدن
هٿان چوائي موڪليو تہ "مون کي منهنجي زال ميڪل پهچائي ڏي،
جنهن سان آءٌ فلستين جي طهر جون سؤ ڪلڙيون ڏيئي پرڻيو هوس."
15 تڏهن اشبوست ماڻهو موڪلي ميڪل کي سندس مڙس فلطي‌ايل
ولد ليس کان کسي ورتو. 16 پر سندس مڙس ساڻس گڏ اٿي هليو ۽
بحوريم شهر تائين هن جي پٺيان روئندو آيو. پوءِ جڏهن ابنير چيس
تہ "موٽي وڃ،" تڏهن هو موٽي ويو.
17 پوءِ ابنير بني اسرائيل جي اڳواڻن جي گڏجاڻي سڏائي کين
چيو تہ "گهڻن ئي ڏينهن کان اوهان اهو ٿي چاهيو تہ دائود اوهان
جو بادشاهہ ٿئي. 18 سو هاڻي اوهين ائين ڪريو، ڇالاءِجو خداوند
دائود جي باري ۾ فرمايو آهي تہ 'آءٌ پنهنجي ٻانهي دائود جي هٿان
پنهنجي قوم بني اسرائيل کي فلستين ۽ ٻين دشمنن جي هٿن مان
ڇڏائيندس.'" 19 ابنير بنيامين قبيلي وارن جي ڪنن ۾ بہ وجي اها
ڳالهہ وڌي. پوءِ هو حبرون شهر ڏانهن ويو، انهيءَ لاءِ تہ دائود
کي وڃي ٻڌائي تہ بني اسرائيل ۽ سارو بنيامين جو قبيلو ائين ڪرڻ
چاهي ٿو.
20 سو ابنير پاڻ سان ويهہ ماڻهو ساڻ ڪري دائود وٽ پهتو، تہ
دائود سندن مهماني ڪئي. 21 پوءِ ابنير دائود کي چيو تہ "هاڻي
آءٌ موٽي ويندس ۽ سڄي بني اسرائيل کي آڻي پنهنجي آقا بادشاهہ
وٽ گڏ ڪندس، تہ جيئن اهي توهان سان عهد ڪن ۽ توهين انهن

10–9:3 1.سم 28:15   14:3 1.سم 27:18

سيني تي پنهنجي مرضيءَ موجب بادشاهي ڪريو.” سو دائود ابنير
کي روانو ڪيو ۽ هو سلامتيءَ سان هليو ويو.

## يوآب جو ابنير کي قتل ڪرڻ

22 انهيءَ عرصي دوران دائود جا ماڻهو ۽ يوآب لڙائيءَ تان موٽي
آيا ۽ پاڻ سان گهڻو ئي لٽ جو مال آندائون. ابنير انهيءَ وقت حبرون
۾ دائود وٽ ڪين هو، ڇالاءِجو هن کيس روانو ڪري ڇڏيو هو ۽ هو
سلامتيءَ سان هليو ويو هو. 23 جڏهن يوآب ۽ جيڪو لشڪر ساڻس
گڏ هو سي آيا، تڏهن يوآب کي ٻڌايو ويو ته ابنير ولد نير بادشاهه
وٽ آيو هو ۽ هن کيس روانو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو سلامتيءَ سان
هليو ويو آهي. 24 تڏهن يوآب بادشاهه وٽ آيو ۽ چيائينس ته ”اوهان
هي ڇا ڪيو؟ ابنير اوهان وٽ آيو هو ته اوهان کيس ڇو روانو ڪري
ڇڏيو، جو هو هليو ويو؟ 25 اوهين نه ٿا ڄاڻو ته نير جو پٽ ابنير
ٺڳي ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ آيو هو؟ هو اوهان جي اچڻ وڃڻ ۽ جيڪي
ڪجهه اوهين ڪريو ٿا تنهن جو ڳجهه لهڻ لاءِ آيو هو.”
26 پوءِ دائود وٽان نڪري اچڻ بعد يوآب ابنير جي پٺيان ماڻهو
موڪليا، جيڪي هن کي سيره جي کوهه وٽان موٽائي وٺي آيا.
پر دائود کي انهيءَ وچ جي ڪا به خبر ڪانه هئي. 27 جڏهن ابنير
حبرون ۾ موٽي آيو، تڏهن يوآب ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جي
بهاني کيس هڪ پاسي دروازي واري وچين حصي ۾ وٺي ويو ۽ اتي
پنهنجي ڀاءُ عساهيل جي خون جي عيوض هن کي پيٽ ۾ خنجر
هڻي ماري وڌائين. 28 پوءِ جڏهن دائود اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن چيائين
ته ”آءٌ ۽ منهنجي بادشاهت ابنير ولد نير جي خون کان هميشه جي
لاءِ خداوند جي آڏو بي‌ڏوها آهيون. 29 ڀلي ته اهو ڏوهه يوآب جي
سر تي ۽ سندس پيءُ جي سڄي گهراڻي تي پوي. ڀلي ته يوآب جي
گهراڻي ۾ ڪونه ڪو اهڙو ماڻهو رهندو اچي جنهن کي جريان يا
ڪوڙهه جهڙي بيماري هجي، يا جيڪو لٺ تي هلي، يا جيڪو تلوار
سان قتل ٿئي يا جيڪو مانيءَ لاءِ محتاج هجي.”
30 سو اهڙيءَ طرح يوآب ۽ سندس ڀاءُ ابيشي ابنير کان بدلو
ورتو، ڇاڪاڻ‌ته ابنير جنگ گبعون دوران سندن ڀاءُ عساهيل کي
قتل ڪيو هو.

## ابنير جو دفنائجڻ

31 پوءِ دائود يوآب کي ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا تن سڀني
کي چيو ته ”اوهين پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيو ۽ ڪٿا ڍڪيو ۽ ابنير جي
جنازي اڳيان روئندا هلو.” دائود بادشاهه پاڻ جنازي جي پٺيان هلڻ
لڳو. 32 هنن ابنير کي حبرون ۾ آڻي دفن ڪيو. تڏهن ابنير جي قبر
تي دائود بادشاهه وڏي آواز سان رنو ۽ ٻين سڀني ماڻهن به ساڻس
گڏ رنو. 33 تڏهن هن ابنير جي لاءِ سوڳ ڪندي هي مرثيو چيو ته

”هاءِ! اي ابنير! تون ڏوهارين جهڙو موت ڇو مُئين؟
34 تنهنجي هٿن ۾ ڏوهارين جيان هٿڪڙي نه پيل ڪين هئي،
نڪي تنهنجي پيرن ۾ ڪو زنجير پيل هو،
پوءِ به جيئن ڪو بڇڙن جي هٿان مري،
هاءِ! تيئن تون مري وئين.”

تڏهن سڀيئي ماڻهو هن تي وري به رنا. 35 جيئن ته اڃا ڪجهه
سج بيٺو هو، سو سڀيئي ماڻهو دائود وٽ آيا ته جيئن کيس ماني
کارائين. پر دائود قسم کڻي چيو ته ”جيڪڏهن سج لٿي کان اڳي
آءٌ ماني يا ڪا ٻي شيءِ چکان، ته خدا مون سان به ائين ئي ڪري،
بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ.”
36 هاڻي جڏهن سڀني ماڻهن انهيءَ ڳالهه تي ڌيان ڏنو، ته اها
کين وڻي ۽ جيڪي به بادشاهه ڪيو هو سو سڀني ماڻهن کي پسند
آيو. 37 اهڙيءَ طرح دائود جي سڀني ماڻهن ۽ سڄي بني اسرائيل
انهيءَ ڏينهن ڄاتي ورتو ته ابنير ولد نير جي مارجڻ ۾ بادشاهه جو
هٿ نه هو. 38 تڏهن بادشاهه پنهنجي ماڻهن کي چيو ته ”اوهين نه
ٿا ڄاڻو ڇا ته اڄ بني اسرائيل ۾ هڪڙو سردار ۽ مکيه ماڻهو قتل ٿي
ويو آهي؟ 39 جيتوڻيڪ آءٌ مسح ٿيل چونڊيل بادشاهه آهيان، تڏهن به
اڄوڪي ڏينهن آءٌ ڪمزور آهيان. جڏهن ته هي قاتل، ضروياه جا پٽ
مون کان ڏاڍا آهن. خداوند شل بڇڙائي ڪندڙ کي سندس بڇڙائيءَ
موجب بدلو ڏئي.”

## اشبوست جو قتل

4 1 جڏهن سائول جي پٽ اشبوست ٻڌو ته ابنير حبرون ۾ مارجي
ويو آهي، تڏهن هن جا ڍرا ڍرا ٿي ويا ۽ سڀيئي بني اسرائيل
جيڪي وٽس هئا سي پريشان ٿي ويا.
2 اشبوست وٽ به ماڻهو هئا جيڪي لشڪرن جا سالار هئا،
هڪڙي جو نالو بعنه ۽ ٻئي جو ريڪاب هو. اهي ٻئي رمون بيروتيءَ
جا پٽ هئا، جيڪو بنيامين قبيلي مان هو. ان وقت بيروت شهر
کي بنيامين قبيلي جو حصو شمار ٿي ڪيو ويو. 3 بيروت جا اصل
رهاڪو گتيم شهر ڏانهن ڀڄي ويا هئا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين اتي
ڌاريا ٿي رهندا پيا اچن.
4 سائول جي ٻئي پٽ يونتن کي هڪڙو منڊو پٽ هو، جنهن جو
نالو مفيبوست هو. جڏهن سائول ۽ يونتن جي مرڻ جي خبر يزرعيل
شهر ۾ پهتي هئي ته ان وقت هو پنجن سالن جو هو. تڏهن سندس
دائي کيس کڻي اٿي ڀڳي هئي ۽ جيئن ئي هوءَ تکڙي ٿي ڊوڙي تيئن
هو ڪري پيو ۽ ٻنهي ٽنگن کان منڊو ٿي پيو هو.
5 هاڻي رمون بيروتيءَ جا پٽ ريڪاب ۽ بعنه اشبوست جي گهر
ڏانهن روانا ٿيا ۽ ڏينهن ٽني مهل جڏهن اشبوست ٻن پهرن جو آرام

4:4 2.سم 9:3

۾ هو تڏهن سندس گهر اچي پهتا. 6-7 اتي هو ڪڻڪ وٺڻ جي
بهاني سندس گهر ۾ اندر گهڙي آيا. ان وقت اشبوست پنهنجي
ڪمري ۾ پلنگ تي ستو پيو هو، تہ کيس ڌڪ هڻي ماري وڌائون.
پوءِ سندس سسي لاهي، اها کڻي ٻيئي پائر اتان ڀڄي نڪتا. هو ساري
رات ميدان واري رستي پنڌ ڪندا رهيا. 8 هنن اشبوست جي سسي
حبرون شهر ۾ دائود بادشاهہ وٽ آندي ۽ کيس چيائون تہ ”اِجها،
هيءَ اشبوست جي سسي آهي، جيڪو توهان جي دشمن سائول جو
پٽ هو، جنهن توهان کي مارڻ تي گهريو. اڄ خداوند اسان جي آقا
بادشاهہ جو وير سائول ۽ سندس اولاد کان ورتو آهي.“
9 تڏهن دائود ريڪاب ۽ سندس ڀاءُ بعنہ کي چيو تہ ”زنده خداوند
جو قسم، جنهن منهنجي روح کي سڀني تڪليفن کان بچايو آهي،
10 تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو تہ سائول مري ويو آهي
۽ هن سمجهيو ٿي تہ مون وٽ ڪا خوشخبري آندي اٿس، تڏهن
مون هن کي پڪڙي صقلاج شهر ۾ قتل ڪري ڇڏيو. سندس انهيءَ
خوشخبريءَ جو مون کيس اهو ئي بدلو ڏنو. 11 تہ پوءِ جڏهن ڪن
بدڪار ماڻهن، جن هڪڙي بيگناهہ ماڻهوءَ کي هن جي گهر ۾
گهڙي سندس پلنگ تي ماريو آهي، تن کي ڪيترو نہ وڌيڪ بدلو
ڏيان. هاڻي ڇا آءٌ انهيءَ جي خون جو بدلو اوهان کان نہ وٺان؟ ڇا
اوهان کي زمين تان نيست وَ نابود نہ ڪري ڇڏيان؟“ 12 پوءِ دائود
پنهنجي جوانن کي حڪم ڏنو ۽ انهن هنن ٻنهي کي قتل ڪري
ڇڏيو. سندن هٿ پير وڍي، حبرون جي ڍنڍ جي پاسي ۾ لٽڪائي
ڇڏيائون. پر هنن اشبوست جي سسي کڻي حبرون ۾ انهيءَ هنڌ
پوري ڇڏي، جتي ابنير دفن ٿيل هو.

## دائود جو سڄي بني اسرائيل مٿان بادشاهہ بڻجڻ
(1.تواريخ 11:1–3)

5 1 تنهن کان پوءِ بني اسرائيل جي سڀني قبيلن مان ماڻهو حبرون
۾ دائود وٽ آيا ۽ کيس چوڻ لڳا تہ ”ڏس، اسين تنهنجو هڏ
رت آهيون. 2 گذريل ڏينهن ۾ جڏهن سائول اسان جو بادشاهہ هو،
تڏهن بہ تون ئي جنگين ۾ بني اسرائيل جي اڳواڻي ڪندو هئين.
تڏهن خداوند تو کي چيو تہ ’تون منهنجي قوم بني اسرائيل جي
نگهباني ڪندين ۽ انهن جو بادشاهہ ٿيندين.‘“ 3 تڏهن دائود اتي
خداوند جي آڏو حلف کنيو ۽ بني اسرائيل جا سڀيئي اڳواڻ جيڪي
حبرون ۾ آيا هئا، تن دائود کي مسح ڪري بني اسرائيل جي مٿان
بادشاهہ مقرر ڪيو. 4 دائود جي عمر ان وقت ٽيهہ سال هئي جڏهن
هو بادشاهہ ٿيو. هن چاليهہ سال بادشاهي ڪئي. 5 هن حبرون ۾
يهوداہ تي ست سال ۽ ڇهہ مهينا بادشاهي ڪئي ۽ يروشلم ۾ ساري
بني اسرائيل ۽ يهوداہ تي ٽيٽيهہ سال بادشاهي ڪيائين.

## دائود جو يروشلم کي فتح ڪرڻ
(1.تواريخ 11:4–9، 14:1–7)

6 پوءِ دائود بادشاهہ پنهنجن ماڻهن سميت يروشلم جي قبضي
ڪرڻ لاءِ يبوسين ڏانهن چڙهائي ڪري ويو، جيڪي اتي رهندا هئا.
هنن دائود کي چيو تہ ”تون هتي اندر اچي ڪين سگهندين، هتان جا
تہ انڌا ۽ منڊا ئي تو کي داخل ٿيڻ ڪونہ ڏيندا.“ هنن سمجهيو ٿي
تہ دائود اتي اچي ڪين سگهندو. 7 انهيءَ هوندي بہ دائود صيئون
جو اهو مضبوط قلعو يعني يروشلم قبضي ڪري ورتو، جيڪو بعد
۾ ”دائود جو شهر“ سڏجڻ لڳو.
8 دائود انهيءَ ڏينهن چيو تہ ”جيڪو بہ يبوسين کي مارڻ وڃي
سو ڀلي تہ هيٺان نهر جي رستي چڙهي اندر وڃي انهن انڌن ۽ منڊن
کي ماري، جيڪي منهنجي جان جا دشمن آهن.“ انهيءَ سبب اها
چوڻي مشهور ٿي تہ ”انڌا ۽ منڊا گهر ۾ اچي ڪين سگهندا.“
9 پوءِ دائود انهيءَ شهر يروشلم ۾ رهڻ لڳو ۽ انهيءَ جو نالو
”دائود جو شهر“ رکيائين. هن دڙي جي چوڌاري ڀت ٺائين انهيءَ
شهر کي وڌايو. 10 دائود جيئن پوءِ تيئن زور وٺندو ويو، ڇالاءِجو
خداوند قادرِمطلق خدا ساڻس هو.
11 صور جي بادشاهہ حيرام دائود ڏانهن قاصد موڪليا، جن سان
گڏ ديال جو ڪاٺ، واڍا ۽ رازا بہ موڪليائين. انهن دائود جي لاءِ
هڪڙو محل جوڙيو. 12 تڏهن دائود کي پڪ ٿي تہ ”خداوند مون کي
بني اسرائيل جي مٿان بادشاهہ طور قائم ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي
بادشاهيءَ کي پنهنجي قوم بني اسرائيل جي خاطر سرفراز ڪيو
اٿس.“
13 حبرون مان اچڻ کان پوءِ دائود يروشلم ۾ پنهنجي لاءِ ڪيتريون
ئي سريتون رکيون ۽ زالون پرڻيو، جن مان کيس وڌيڪ پٽ ۽ ڌيئرون
ڄايون. 14 جيڪي ٻار هن کي يروشلم ۾ ڄاوا تن جا نالا هي هئا:
سموعہ، سوباب، ناتن، سليمان، 15 ابحار، السوع، نفج، يفيعہ،
16 اليسمع، اليدع ۽ اليفلط.

## دائود جي فلستين تي فتح
(1.تواريخ 14:8–17)

17 فلستين جڏهن ٻڌو تہ دائود کي مسح ڪري بني اسرائيل جي
مٿان بادشاهہ بڻايو اٿن، تڏهن سڀ فلستي گڏجي دائود کي ڳولهي
پڪڙڻ لاءِ نڪتا. دائود کي جڏهن اها خبر پيئي تہ هو قدرتي طور
نهيل هڪڙي قلعي ۾ لهي ويو. 18 فلستي اچي رفائين جي ماٿريءَ
۾ پکڙجي اُتي رهي پيا. 19 تڏهن دائود خداوند کان پڇيو تہ ”ڇا آءٌ
فلستين تي چڙهائي ڪريان؟ ڇا تون انهن کي منهنجي هٿن ۾ ڏيئي

10:4 2.سمہ 1:1–16    4:5–5 1.با 2:11، 1.توا 3:4، 27:29    5:6 يش 15:63، رهہ 1:21

چڙهندين؟“ خداوند دائود کي وراڻيو تہ ”ڀلي چڙهائي ڪري وڃ. آءٌ
فلستين کي ضرور تنهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس.“
20 سو دائود هڪڙي هنڌ تي آيو ۽ اتي فلستين کي شڪست ڏنائين.
تڏهن دائود چوڻ لڳو تہ ”خداوند منهنجي دشمنن کي ائين ڀڄي
وڌو آهي، جيئن اوچتو پاڻيءَ جو بند ڀڃي پوندو آهي.“ انهيءَ سبب
ئي انهيءَ هنڌ جو نالو *بعل‌پراضيم پئجي ويو. 21 فلستي پنهنجا
بت اتي ئي ڇڏي ڀڄي ويا هئا. دائود ۽ سندس ماڻهو اهي کڻي آيا.
22 پوءِ فلستي هڪ دفعو وري چڙهائي ڪري آيا ۽ رفائين جي
ماٿريءَ ۾ رهي پيا. 23 سو جڏهن دائود خداوند کان پڇا ڪئي، تہ
انهيءَ کيس وراڻيو تہ ”تون مٿن هتان چڙهائي نہ ڪر، بلڪ سندن
پٺيان گهيرو ڪري توتن جي وڻن جي سامهون اچي مٿن حملو ڪر.
24 پر جڏهن تون توتن جي وڻن جي چوٽين تي قدمن جو آواز ٻڌين،
تڏهن ئي تون حملو ڪجانءِ، ڇالاءِجو انهيءَ وقت آءٌ خداوند تنهنجي
اڳيان فلستين جي لشڪر کي مارڻ لاءِ نڪري ايندس.“ 25 سو دائود
ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو هو. اهڙيءَ طرح هو گبع
کان وٺي جزر تائين فلستين کي ماريندو ويو.

## عهد واري صندوق يروشلم ۾ آڻڻ

(1.تواريخ 13:1–14، 15:25–16:6،43)

6 1 دائود هڪڙو ڀيرو وري بني اسرائيل جا ٽيهہ هزار چونڊ جوان
گڏ ڪيا. 2 هو انهن سڀني کي ساڻ ڪري يهوداہ جي بعلہ شهر
ڏانهن روانو ٿيو، انهيءَ لاءِ تہ اتان خدا جي عهد واري صندوق کڻي
اچي، جيڪا قادرِمطلق خداوند جي نالي سان سڏبي آهي، جيڪو پردار
آسماني مخلوق جي ٻن مجسمن جي وچ ۾ صندوق تي تخت‌نشين
آهي. 3 سو هنن اها صندوق ابيناداب جي گهر مان ڪڍي، جيڪو
ٽڪريءَ تي اڏيل هو. هنن اها هڪڙي نئين گاڏيءَ تي آڻي رکي.
پوءِ ابيناداب جا پٽ عُزه ۽ اخيو انهيءَ نئين گاڏيءَ کي ڪاهي آيا.
4 اخيو صندوق جي اڳيان اڳيان پئي هليو. 5 دائود ۽ بني اسرائيل
جا سڀئي ماڻهو دف، ڪنجريون، ٽليون ۽ تارن وارا ساز وڄائيندا،
جوش وَ خروش سان خداوند جي حضور ۾ نچندا ۽ ڳائيندا پئي هليا.
6 جيئن ئي اهي نڪون نالي هڪ شخص جي اَن ڳاهڻ واري پڙ
تي پهتا، تہ ڏاندن ٺاپو کاڌو ۽ عُزه پنهنجو هٿ ڊگهو ڪري خدا جي
عهد واري صندوق کي قابو ڪيو. 7 تڏهن خداوند عُزه تي بيحد
ڪاوڙيو ۽ صندوق جي انهيءَ بي‌حرمتيءَ ڪرڻ ڪري خدا اتي ئي
کيس ماري ڇڏيو. سو هو خدا جي عهد واري صندوق جي ڀرسان
مري ويو. 8 دائود انهيءَ ڳالهہ جي ڪري سخت ڪاوڙيو، ڇالاءِجو
خداوند عُزه کي ماري ڇڏيو. انهيءَ ڪري هن انهيءَ هنڌ جو نالو
†پرض‌عُزه رکيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين سڏبو پيو اچي.
9 انهيءَ ڏينهن دائود خداوند کان ڊڄي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ
”هاڻي آءٌ ڪيئن خداوند جي عهد واري صندوق پاڻ سان کڻي
وڃي سگهندس؟“ 10 سو دائود خداوند جي عهد واري صندوق کي
پنهنجي شهر يروشلم ۾ رکڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو، بلڪ رستي
کان ڦري اها صندوق عوبيدادوم گاتيءَ جي گهر کڻي ويو 11 ۽ اها
ٽن مهينن تائين اتي ئي رهي. خداوند عوبيدادوم ۽ سندس سڄي
گهراڻي کي برڪت عطا ڪئي.
12 جڏهن دائود بادشاهہ کي ٻڌايو ويو تہ عوبيدادوم جي گهراڻي
۽ ساڻس واسطو رکندڙ سڀني شين کي خداوند پنهنجي عهد واري
صندوق جي ڪري برڪت عطا ڪئي آهي، تڏهن هو ويو ۽ عوبيدادوم
جي گهر مان خدا جي عهد واري صندوق خوشيون ملهائيندي
پنهنجي شهر يروشلم ۾ کڻي آيو. 13 هيئن ٿيو جو جڏهن خداوند جي
عهد واري صندوق کڻي هلڻ وارا اڃا ڇهہ قدم هليا تہ دائود هڪڙو
ڏاند ۽ هڪڙو ٿلهو متارو ڳابو قربان ڪيو. 14 دائود کي انهيءَ مهل
سٺيءَ جو مذهبي وڳو پيل هو ۽ هو خداوند جي حضور ۾ پنهنجي
سڄي طاقت سان نچندو پئي هليو. 15 اهڙيءَ طرح دائود ۽ سڄي
بني اسرائيل جي ماڻهن خوشيءَ جا نعرا هڻندي ۽ نفيلون وڄائيندي
خداوند جي صندوق آندي.
16 جيئن ئي خداوند جي عهد واري صندوق دائود جي شهر يروشلم
۾ آئي، تيئن ئي سائول جي ڌيءَ ميڪل دريءَ مان ٻاهر نهاريو ۽
جڏهن هن دائود بادشاهہ کي خداوند جي حضور ۾ نچندو ٽپندو ڏٺو
تڏهن سندس دل ۾ هن لاءِ حقارت ٿيڻ لڳي.
17 پوءِ خداوند جي عهد واري صندوق کي اندر آڻي انهيءَ خيمي
جي وچ ۾ سندس جاءِ تي رکيو ويو، جيڪو دائود انهيءَ جي لاءِ
ئي کوڙيو هو. دائود خداوند جي حضور ۾ ساڙڻ واريون قربانيون ۽
سلامتيءَ واريون قربانيون پيش ڪيون. 18 جڏهن هن اهي قربانيون
پيش ڪري بس ڪئي، تڏهن قادرِمطلق خداوند جي نالي سان ماڻهن
کي دعا ڪيائين. 19 ان بعد هن بني اسرائيل قوم جي سڄي ميڙ
۾ ڪاڏو ورهايو ۽ مردن توڙي عورتن مان هر هڪ کي هڪ ماني،
گوشت جو هڪڙو ٽڪر ۽ ڪشمش جي هڪ هڪ ٽڪي ڏني. پوءِ هر
ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو.
20 انهيءَ کان پوءِ دائود بہ پنهنجي گهر موٽيو تہ جيئن پنهنجي
ڪٽنب جي سار سنڀال لهي. تڏهن سائول جي ڌيءَ ميڪل دائود
سان ملڻ لاءِ ٻاهر نڪري آئي ۽ کيس چوڻ لڳي تہ ”بني اسرائيل
جي بادشاهہ اڄ ڪهڙو نہ پنهنجو نالو ڪڍيو آهي، جو هن پاڻ

*بعل‌پراضيم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ڀڃي ڇڏڻ وارو خداوند“.

†پرض‌عُزه: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”عُزه تي قضا جو ڪڙڪڻ“.

2:6 خر 25:22 3:6 1.سم 7:1–2 11:6 1.توا 26:4–5 19:6–20 1.توا 16:43

ڪي پنهنجن نوڪرن جي ٻانهين جي اڳيان اگھاڙو ڪيو، جيئن ڪو
خسيس ماڻهو بيشرم ٿي پاڻ کي اگھاڙو ڪري.“ 21 دائود ميڪل
کي وراڻيو تہ ”منهنجو اهو حال خداوند جي آڏو هو، جنهن تنهنجي
پيءُ ۽ سندس سڄي گھراڻي جي مقابلي ۾ مون کي پسند ڪيو ۽
پنهنجي قوم بني اسرائيل جي مٿان مون کي بادشاهہ مقرر ڪيائين.
تنهنڪري آءٌ خداوند جي آڏو ضرور نچندس ٽپندس. 22 بلڪ آءٌ پاڻ
کي انهيءَ کان بہ وڌيڪ حقير ڪندس ۽ پنهنجي نظر ۾ پاڻ کي
گھٽ ڪندس. مگر جن ٻانهين جو تو ذڪر ڪيو آهي تن جي نظر
۾ آءٌ عزت وارو ٿيندس.“
23 سو سائول جي ڌيءَ ميڪل مرڻ گھڙيءَ تائين بياولاد ئي رهي.

## ناتن نبيءَ جي وسيلي خدا جو واعدو

(1.تواريخ 17:1–15)

7 1 هاڻي جڏهن دائود بادشاهہ پنهنجي محل ۾ ئي ٿي رهيو ۽
خداوند سندس سيني آسپاس وارن دشمنن کان کيس آرام ڏنو،
2 تڏهن بادشاهہ ناتن نبيءَ کي چيو تہ ”ڏس، آءٌ ديال جي ڪاٺين
مان جُڙيل محل ۾ رهان ٿو، پر خدا جي عهد واري صندوق تنبوءَ
هيٺ رهي ٿي.“ 3 تنهن تي ناتن نبيءَ بادشاهہ کي وراڻيو تہ ”ڀلي
جيڪي توهان جيءَ دل ۾ آهي سو وڃي ڪريو، ڇالاءِجو خداوند
توهان سان گڏ آهي.“
4 پر انهيءَ ئي رات ناتن تي خداوند جو هيءُ ڪلام نازل ٿيو
تہ 5 ”وڃ، منهنجي ٻانهي دائود کي مون خداوند جو هي فرمان
وڃي ٻڌاءِ تہ ’منهنجي رهڻ لاءِ گھر بنائڻ وارو تون ئي آهين ڇا؟
6 جنهن ڏينهن مون بني اسرائيل کي مصر مان ڪڍي آندو، تنهن
ڏينهن کان وٺي اڄ تائين آءٌ ڪنهن گھر ۾ ڪين رهيو آهيان، بلڪ
مختلف هنڌن تي خيمي واري مقدس جاءِ ۾ رهيو آهيان. 7 جن جن
جاين تي آءٌ بني اسرائيل سان گڏ هوس، اتي بني اسرائيل جي جن
بہ رهبرن کي مون پنهنجي قوم بني اسرائيل جي رهبريءَ لاءِ مقرر
پئي ڪيم، تن مان ڪنهن هڪ کي بہ ڪڏهن ائين چيو اٿم ڇا تہ
هنن منهنجي لاءِ ديال جي ڪاٺيءَ جو گھر ڇو نہ جوڙيو آهي؟‘
8 تنهنڪري اي ناتن! هاڻي تون منهنجي ٻانهي دائود کي مون
قادرِمطلق خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ ’مون تو کي رڍن ٻڪرين
هلندڙ ريڊار مان ڦيرائي پنهنجي قوم بني اسرائيل مٿان حاڪم مقرر
ڪيو آهي. 9 جيڏانهن بہ تون ويندو هئين، اوڏانهن آءٌ تو سان گڏ
پئي رهيو آهيان ۽ تنهنجا سڀ دشمن تنهنجي تابع ڪيا اٿم. هاڻي
آءٌ تو کي دنيا جي وڏن وڏن اڳواڻن جيان مشهور ڪندس. 10 آءٌ
پنهنجي قوم بني اسرائيل لاءِ هڪڙي جاءِ مقرر ڪندس ۽ انهن
کي اتي اهڙو تہ ڄمائيندس جو هو انهيءَ جاءِ تي ئي رهندا ايندا ۽
وري اتان ڪين چرندا. بدڪار ماڻهو انهن کي وري اهڙيون تڪليفون
نہ ڏيئي سگھندا، جهڙيون شروعاتي ڏينهن ۾ ڏيندا هئا. 11 هائو،
انهن ڏينهن ۾ جڏهن مون پنهنجي قوم بني اسرائيل مٿان رهبر
مقرر ڪيا هئا. آءٌ تو کي تنهنجي سيني دشمنن کان آرام ڏيندس.
تنهن کان سواءِ آءٌ تو تي پڌرو ٿو ڪريان تہ آءٌ خداوند تو مان هڪڙو
گھراڻو قائم ڪندس. 12 جڏهن تنهنجا ڏينهن پورا ٿيندا ۽ تون وفات
ڪري وڃي پنهنجي ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيندين، تڏهن تو کان پوءِ
تنهنجي اولاد مان هڪڙي کي آءٌ ڪڙو ڪندس ۽ هن جي بادشاهت
بہ قائم ڪندس. 13 هو ئي منهنجي نالي هڪڙو گھر جوڙيندو ۽
آءٌ هن جي بادشاهت جو تخت هميشہ لاءِ قائم ڪندس. 14 آءٌ هن
جو پيءُ ٿيندس ۽ هو منهنجو پٽ ٿيندو. جيڪڏهن هو ڪو ڏوهہ
ڪندو تہ آءٌ کيس ائين سزا ڏيندس جيئن ڪو پيءُ پنهنجي پٽ کي
سزا ڏئي ٿو. 15 منهنجي رحمت هن کان جدا نہ ٿيندي، جيئن مون
سائول کان اها جدا ڪئي هئي، جنهن کي مون تنهنجي اڳيان هٽائي
ڇڏيو. 16 تنهنجو گھر ۽ تنهنجي بادشاهت هميشہ منهنجي نظر هيٺ
رهندي ۽ تنهنجو تخت هميشہ جي لاءِ قائم ڪيو ويندو.‘“
17 سو ناتن اهي سموريون ڳالهيون ۽ اهو سڄو الهام دائود کي
بيان ڪري ٻڌايو.

## شڪرگذاريءَ لاءِ دائود جي دعا

(1.تواريخ 17:16–27)

18 تڏهن دائود بادشاهہ خيمي اندر لنگھي وڃي عهد واري صندوق
وٽ خداوند جي حضور ۾ ويٺو ۽ هي دعا گھري چوڻ لڳو تہ ”اي
خداوند خدا! تو مون کي جنهن درجي تي آندو آهي، آءٌ انهيءَ
جي لائق ناهيان، نہ ئي وري منهنجو خاندان انهيءَ لائق آهي.
19 تنهنجي نظر ۾ تہ اها خسيس ڳالهہ آهي، اي خداوند خدا! تڏهن
ئي تہ تو پنهنجي هن ٻانهي جي گھراڻي بابت آئينده جي گھڻي
عرصي جو ذڪر پڻ ڪيو آهي ۽ اي خداوند خدا! تو پنهنجي هن
ٻانهي تي عام ماڻهن ونگر مهرباني ڪئي.
20 ٻيو وڌيڪ دائود تو کي ڇا ٿو چئي سگھي؟ ڇالاءِجو اي
خداوند خدا! تون پنهنجي هن ٻانهي کي ڄاڻين ٿو. 21 تو پنهنجي
واعدي خاطر ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب اهي سڀ عظيم ڪم ڪيا
آهن، انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي ٻانهي کي انهن کان واقف ڪرين.
22 اي خداوند خدا! تون عظيم آهين، ڇالاءِجو جيڪي ڳالهيون اسان
پنهنجن ڪنن سان ٻڌيون آهن، تن سيني موجب تو جهڙو ٻيو ڪوبہ
ڪونهي، نڪي تو کان سواءِ ڪو ٻيو خدا آهي. 23 دنيا ۾ تنهنجي
قوم بني اسرائيل جهڙي ٻي ڪهڙي قوم آهي؟ يعني اهي ماڻهو
جن کي تو خدا پاڻ پنهنجي قوم بنائڻ لاءِ غلاميءَ مان ڇڏايو. تو
پنهنجي انهيءَ قوم لاءِ جيڪي وڏا وڏا ۽ هيبتناڪ ڪم ڪيا، تن
سڄيءَ دنيا ۾ تنهنجو نالو ظاهر ڪيو، جڏهن تو انهيءَ قوم کي

12:7 زب 89:3–4، 132:11، يو 7:42، رس 2:30 14:7 زب 89:26–27، 2.ڪر 6:18، عبر 1:5 16:7 زب 89:36–37 23:7 شر 4:34

پنهنجي قوم بنائڻ لاءِ اتي جي قومن ۽ سندن معبودن جي غلاميءَ
مان ڇڏائي مصر منجهان ٻاهر ڪڍي آندو. 24 تو پنهنجي قوم بني
اسرائيل کي هميشه جي واسطي پنهنجي قوم بڻايو ۽ تون، اي
خداوند! انهن جو خدا بڻيو آهين.
25 هاڻي اي خداوند خدا! جيڪو واعدو تو هن پنهنجي ٻانهي ۽
سندس گهراڻي جي باري ۾ ڪيو آهي، سو هميشه لاءِ قائم ڪر
۽ جيئن چيو اٿيئي تيئن ئي ڪر، 26 انهيءَ لاءِ ته تنهنجي نالي
جي هميشه لاءِ وڏائي ٿئي، جو ماڻهو چون ته ’خداوند قادرِمطلق،
بني اسرائيل جو خدا آهي،‘ ۽ تنهنجي هن ٻانهي دائود جو گهراڻو
تنهنجي حضور ۾ قائم دائم رهي.
27 اي قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جا خدا! تو ئي ته پنهنجي
هن ٻانهي کي ظاهر ڪري ٻڌايو آهي ته تون منهنجي لاءِ هڪڙو
بادشاهي گهراڻو قائم ڪندين. اهو ئي سبب آهي جو تنهنجي هن
ٻانهي جي دل ۾ همت آئي ته تو کان هيءَ دعا گهري. 28 هاڻي اي
خداوند خدا! تون ئي خدا آهين ۽ تنهنجيون ڳالهيون سچ آهن. تو
پنهنجي هن ٻانهي سان انهن چڱين ڳالهين جو واعدو ڪيو آهي.
29 تنهنڪري هاڻي مهرباني ڪري پنهنجي هن ٻانهي جي گهراڻي
کي برڪت ڏي، ته اهو تنهنجي حضور ۾ هميشه تائين قائم رهي،
ڇالاءِجو اي خداوند خدا! تو اهو واعدو فرمايو آهي. بيشڪ تنهنجي
برڪت سان تنهنجي ٻانهي جو گهراڻو هميشه لاءِ سڀاڳو رهندو.“

## جنگين ۾ دائود جون سوڀون
(1.تواريخ 18:1-17)

8 1 ڪجهه عرصي کان پوءِ دائود فلستين کي شڪست ڏيئي
پنهنجي تابع ڪيو ۽ گاديءَ واري شهر جي واڳ فلستين جي
هٿن مان کسي ورتائين.
2 هن موآبين کي پڻ شڪست ڏني ۽ انهن کي زمين تي قطار ۾
سمهاري رسيءَ سان انهن جي ماپ ورتائين. هر ٻن رسين جي ماپ
وارا ماڻهو هن مارائي ڇڏيا ۽ ٽين رسيءَ جي ماپ وارا جيئرا ڇڏي
ڏنائين. اهڙيءَ طرح موآبي دائود جا محصول ڀريندڙ تابعدار ٿيا.
3 دائود، *ضوباه جي بادشاهه هددعزر ولد رحوب کي به ان
وقت شڪست ڏني، جڏهن هددعزر فرات نديءَ واري ملڪ کي
موٽائي هٿ ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو. 4 دائود انهيءَ جا هڪ هزار
ست سؤ گهوڙي سوار ۽ ويهه هزار پيادا پڪڙي ورتا. هن هڪ سؤ
جنگي گهوڙي گاڏين لاءِ ڪافي گهوڙا رکيا ۽ باقي سڀني گهوڙن
کي جڏو ڪري ڇڏيائين. 5 جڏهن دمشق جا †ارامي ضوباه جي
بادشاهه هددعزر جي مدد ڪرڻ آيا، تڏهن دائود انهن مان ٻاويهه
هزار ارامي قتل ڪري ڇڏيا. 6 پوءِ هن دمشق جي آس‌پاس واري
ارامين جي علائقي ۾ فوجي چونڪيون قائم ڪيون. اهڙيءَ طرح
ارامي به دائود جا محصول ڀريندڙ تابعدار ٿيا. سو دائود جيڏانهن
به ٿي ويو، اوڏانهن خداوند کيس فتح ٿي بخشي. 7 هددعزر جي
فوجي عملدارن وٽ جيڪي سون جون ڍالون هيون، سي کائڻ کسي
دائود يروشلم ۾ آنديون. 8 هددعزر جي شهرن بطاه ۽ بيروتي مان
دائود بادشاهه تمام گهڻو پتل هٿ ڪيو.
9 جڏهن حمات جي بادشاهه توغيءَ ٻڌو ته دائود هددعزر جي
ساري فوج کي شڪست ڏيئي ڇڏي آهي، 10 تڏهن توغيءَ پنهنجي
پٽ يورام کي دائود بادشاهه ڏانهن موڪليو ته کيس وڃي سلام
چوي ۽ هددعزر کي جنگ ۾ شڪست ڏيڻ جي کيس مبارڪ ڏئي،
ڇالاءِجو هددعزر توغيءَ سان وڙهندو رهندو هو. يورام پاڻ سان گڏ
چانديءَ، سون ۽ پتل جا ٿانوَ آندا. 11 دائود بادشاهه اهي به انهيءَ
چانديءَ ۽ سون سان گڏ خداوند لاءِ وقف ڪيا، جيڪي هن سڀني
فتح ڪيل قومن مان هٿ ڪيا هئا، 12 يعني ‡ادومين، موآبين، بني
عمون، فلستين، عماليقين ۽ ضوباه جي بادشاهه هددعزر ولد رحوب
جي لٽ جي مال مان پڻ.
13 جڏهن دائود ڪلر واري ماٿريءَ ۾ ادومين جي ارڙهن هزار
ماڻهن کي ماري موٽيو، تڏهن سندس نالو وڏيڪ مشهور ٿي ويو.
14 هن سڄي ادوم ۾ فوجي چونڪيون قائم ڪيون ۽ سڀ ادومي
دائود جا تابعدار ٿيا. سو دائود جيڏانهن ٿي ويو، اوڏانهن خداوند
کيس فتح ٿي بخشي.
15 دائود ساري بني اسرائيل تي بادشاهي ڪئي. هو پنهنجي سڄي
رعيت سان عدل ۽ انصاف ڪندو هو. 16 يوآب جنهن جي ماءُ جو
نالو ضروياه هو، سو فوج جو سپهه‌سالار هو ۽ يهوسفط ولد اخيلود
شاهي منتظم هو. 17 صدوق ولد اخيطوب ۽ اخيملڪ ولد ابي‌ياتر
ڪاهن هئا ۽ شراياه شاهي محرر هو. 18 بناياه ولد يهويدع خاص
محافظن جي مٿان سالار هو ۽ دائود جا پٽ ڪاهن مقرر هئا.

## دائود ۽ مفيبوست

9 1 هڪڙي ڏينهن دائود پڇيو ته ”ڇا سائول جي گهراڻي مان ڪو
باقي بچيو آهي؟ جي آهي، ته آءٌ انهيءَ تي يونتن جي خاطر
مهرباني ڪريان.“ 2 تڏهن سائول جي گهراڻي جو هڪڙو ٻانهو جنهن
جو نالو ضيبا هو، تنهن کي وٺي دائود وٽ آندو ويو. دائود بادشاهه
انهيءَ کان پڇيو ته ”ڇا تون ضيبا آهين؟“ هن وراڻيو ته ”هائو، آءٌ

*ضوباه: موجوده شام ملڪ جي دمشق شهر جو اتر وارو علائقو.

†ارامي: ان دور ۾ انهن جو علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهه حصي تي مشتمل هو.

‡ادومين، موآبين، بني عمون: انهن جا علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

13:8 زب 60 عنوان   1:9 1.سم 20:15-17

اوهان جو ٻانهو اهو ئي آهيان.“ 3 بادشاهه وڌيڪ پڇيس ته ”ڇا
سائول جي گهراڻي مان ڪو باقي بچيو آهي ته آءٌ انهيءَ تي خدا جي
نالي مهرباني ڪريان؟“ تنهن تي ضيبا بادشاهه کي ٻڌايو ته ”يونتن
جو هڪڙو پٽ باقي بچيو آهي، جيڪو ٻنهي ٽنگن کان جڏو آهي.“
4 بادشاهه پڇيس ته ”اهو ڪٿي آهي؟“ ضيبا بادشاهه کي وراڻيو
ته ”اهو لودبار شهر ۾ عمي‌ايل جي پٽ مڪير جي گهر ۾ آهي.“
5 تڏهن دائود بادشاهه ماڻهو موڪلي انهيءَ کي لودبار شهر
مان عمي‌ايل جي پٽ مڪير جي گهران گهرائي ورتو. 6 جڏهن
سائول جو پوٽو، يونتن جو پٽ مفيبوست دائود وٽ اچي پهتو، تڏهن
ڪنڌ جهڪائي تعظيم ڪيائين. دائود چيس ته ”اي مفيبوست!“ هن
ورندي ڏنس ته ”اِجهو، اوهان جو ٻانهو حاضر آهي.“ 7 تڏهن دائود
چيس ته ”ڊڄ نه، ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي پيءُ يونتن جي ڪري ضرور تو
تي مهرباني ڪندس ۽ تنهنجي ڏاڏي سائول جي سموري زمين تو کي
موٽائي ڏيندس. تون هميشه منهنجي دسترخوان تي ماني کائيندين.“
8 تڏهن هن تعظيم ڏيئي چيس ته ”اوهان جو ٻانهو ڪهڙي شيءِ
آهي جو توهين مون جهڙي خسيس ماڻهوءَ تي مهر جي نظر ڪريو؟“
9 پوءِ بادشاهه سائول جي ٻانهي ضيبا کي سڏي چيو ته ”سائول
۽ سندس گهراڻي جي جيڪا به ملڪيت هئي، سا مون تنهنجي آقا
جي پوٽي کي ڏيئي ڇڏي. 10 سو تون پنهنجن پٽن ۽ نوڪرن سميت
هن جي لاءِ زمين آباد ڪري پيداوار ڪٽي اچي ڪيس ڏجانءِ، ته
جيئن تنهنجي آقا جي پوٽي جو گذران ٿئي. باقي تنهنجي آقا جو
پوٽو مفيبوست پاڻ هميشه منهنجي دسترخوان تي ماني کائيندو.“
ضيبا کي پندرهن پٽ ۽ ويهه نوڪر هئا. 11 سو ضيبا بادشاهه کي
چيو ته ”جيڪي به منهنجي آقا بادشاهه پنهنجي ٻانهي کي حڪم
ڪيو آهي، اوهان جو ٻانهو سو ئي ڪندو.“ مفيبوست بادشاهه جي
دسترخوان تي ائين ماني کائيندو هو، ڄڻ ته بادشاهه جي پٽن مان
هڪڙو آهي.

12 مفيبوست کي هڪڙو ننڍڙو پٽ هو، جنهن جو نالو ميڪا هو.
ضيبا جي گهراڻي ۾ رهندڙ سڀيئي ماڻهو مفيبوست جا نوڪر هئا.
13 اهڙيءَ طرح مفيبوست جيڪو ٻنهي پيرن کان منڊڪائيندو هو،
سو يروشلم ۾ رهڻ لڳو ۽ هميشه بادشاهه جي دسترخوان تي ماني
کائيندو هو.

## دائود جو بني عمون ۽ ارامين کي شڪست ڏيڻ
(1.تواريخ 19:1–19)

10 1 ڪجهه عرصي کان پوءِ بني عمون جي بادشاهه وفات
ڪئي ۽ سندس پٽ حنون سندس جاءِ تي بادشاهي ڪرڻ
لڳو. 2 تڏهن دائود چيو ته ”آءٌ ناحس جي پٽ حنون سان اهڙي
مهربانيءَ سان پيش ايندس، جهڙي مهرباني سندس پيءُ مون سان
ڪئي هئي.“ سو دائود پنهنجي قاصدن هٿان سندس پيءُ جي
عذرخواهي چوائي موڪلي.
جڏهن دائود جا قاصد بني عمون جي ملڪ ۾ اچي پهتا، 3 تڏهن
بني عمون جي اڳواڻن پنهنجي آقا حنون کي چيو ته ”ڇا اوهين
ائين سمجهيو ٿا ته دائود عذرخواهي ڪرڻ لاءِ اوهان ڏانهن پنهنجا
ماڻهو موڪلي اوهان جي پيءُ جو مان ڪري رهيو آهي؟ ڇا دائود
پنهنجا قاصد اوهان ڏانهن انهيءَ ڪم لاءِ نه موڪليا آهن ته هو
شهر جو حال‌احوال لهي، انهيءَ جي جاسوسي ڪري ۽ پوءِ انهيءَ
کي ناس ڪري ڇڏي؟“ 4 تڏهن حنون دائود جي قاصدن کي پڪڙي،
هر هڪ جي اڌ ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي. سندن ڪپڙا ويهڪ جي جاءِ
تائين ڪپائي پوءِ کين روانو ڪري ڇڏيائين.
5 جڏهن دائود کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پيئي، تڏهن هن انهن
قاصدن سان ملڻ لاءِ ماڻهو موڪليا. جيئن ته هو ڏاڍا شرمندا هئا،
سو بادشاهه چوائي موڪلين ته ”جيستائين اوهان جون ڏاڙهيون نه
وڌن تيستائين اوهين يريحو شهر ۾ ئي ترسي پئو، پوءِ اوهين موٽي
اچجو.“
6 جڏهن بني عمون ڏٺو ته دائود سان سندن دشمني ٿي پيئي آهي،
تڏهن هنن ماڻهو موڪلي بيت‌رحوب جي ارامين ۽ ضوباه جي ارامين
مان ويهه هزار پيادن کي، معڪه جي بادشاهه کي هڪ هزار سپاهين
سميت ۽ طوب جي ٻارهن هزار ماڻهن کي، ڪرائي تي گهرائي ورتو.
7 دائود جڏهن اها ڳالهه ٻڌي تڏهن هن يوآب کي بهادرن جي ساري
لشڪر سميت اوڏانهن موڪلي ڇڏيو. 8 تڏهن بني عمون پنهنجي
گاديءَ واري شهر ربه کان ٻاهر نڪري شهر جي دروازي جي لنگهه
وٽ جنگ جي لاءِ صفون ٻڌڻ لڳا، جڏهن ته ضوباه ۽ رحوب جا
ارامي ۽ طوب ۽ معڪه جا ماڻهو الڳ کليل ميدان ۾ بيٺل هئا.
9 هاڻي جڏهن يوآب ڏٺو ته سندس اڳيان توڙي پٺيان هو جنگ
لاءِ صفون ٻڌي بيٺا آهن، تڏهن هن بني اسرائيل جي ڪجهه مکيه
بهادرن کي چونڊي ڪڍيو ۽ کين ارامين سان وڙهڻ لاءِ سندن
سامهون تيار ڪري بيهاريو. 10 باقي ٻيا سڀ ماڻهو هن پنهنجي ڀاءُ
ابي‌شيءَ جي هٿ هيٺ ڏنا، جنهن انهن کي بني عمون سان مقابلو
ڪرڻ لاءِ سندن سامهون تيار ڪري بيهاريو. 11 پوءِ يوآب پنهنجي
ڀاءُ کي چيو ته ”جيڪڏهن ارامي مون کان ڏاڍا ٿي وڃن ته تون
منهنجي مدد ڪجانءِ، پر جي بني عمون تو کان ڏاڍا ٿي ويا ته آءٌ
اچي تنهنجي مدد ڪندس. 12 تون رڳو همت ٻڌُ، ته اسين پنهنجي
قوم ۽ پنهنجي خدا جي شهرن لاءِ بهادري ڏيکاريون. پوءِ جيئن
خداوند کي وڻي تيئن ئي ٿيندو.“
13 تڏهن يوآب ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، سي ارامين سان
وڙهڻ لاءِ اڳتي وڌيا، ته اهي سندن اڳيان وٺي ڀڳا. 14 جڏهن بني
عمون ڏٺو ته ارامي ڀڄي ويا آهن، تڏهن هو به ابي‌شيءَ جي اڳيان

3:9 2.سمـ 4:4

ونئي ڀڳا ۽ شهر ۾ گھڙي ويا. پوءِ يوآب بني عمون سان جنگ ڪرڻ
ڪان پوءِ موٽي يروشلم ۾ آيو.
15 جڏهن ارامين ڏٺو تہ هو بني اسرائيل جي هٿان شڪست کائي
چڪا آهن، تڏهن هو سڀ وري گڏ ٿيا. 16 هددعزر بادشاهہ ماڻهو
موڪلي انهن ارامي جنگي جوڌن کي گهرائي ورتو، جيڪي فرات
نديءَ جي اڀرندي پاسي هئا. اهي حلام ۾ هددعزر جي فوج جو
سپہ‌سالار سوبڪ جي هٿ هيٺ اچي گڏ ٿيا. 17 جڏهن دائود کي اها
ڳالهہ ٻڌائي ويئي تڏهن هن ساري بني اسرائيل کي گڏ ڪيو. پوءِ
هو اردن درياءُ پار ڪري اڀرندي پاسي حلام وٽ اچي پهتو. تڏهن
ارامين دائود جي سامهون صفون ٻڌيون ۽ ساڻس جنگ ڪيائون.
18 آخرڪار ارامي بني اسرائيل جي اڳيان ونئي ڀڳا. دائود ارامين جا
ست سؤ گاڏين وارا ۽ چاليهہ هزار پيادا قتل ڪيا ۽ سندن لشڪر
جي سپہ‌سالار سوبڪ کي اهڙو ڌڪ هنيو جو هو اتي ئي مري
ويو. 19 جيڪي ٻيا بادشاهہ هددعزر جي هٿ هيٺ وڙهي رهيا هئا،
تن جڏهن ڏٺو تہ هو بني اسرائيل جي اڳيان شڪست کائي چڪا
آهن، تڏهن هنن صلح ڪيو ۽ تابعداري قبول ڪيائون. سو ارامي
بني عمون کي وري مدد ڏيڻ کان ڊڄندا رهيا.

## دائود ۽ بت‌سبع

11 1 جيئن تہ بهار جي موسم ۾ بادشاهہ اڪثر جنگ تي ويندا
آهن، سو ايندڙ بهار جي موسم ۾ دائود پنهنجن سالارن
۽ بني اسرائيل جي سڄي لشڪر کي يوآب سان گڏ جنگ تي روانو
ڪيو. هنن بني عمون کي ماري چٽ ڪري ڇڏيو ۽ سندن شهر ربہ
کي گهيرو ڪيائون. پر دائود پاڻ يروشلم ۾ ئي رهيو.
2 هڪڙي ڏينهن شام جو دائود جڏهن پنهنجي پلنگ تان اٿي
شاهي محل جي ڇت تي ٽهلڻ لڳو، تہ ڇت تان هن هڪڙيءَ عورت
کي وهنجندي ڏٺو. اها عورت ڏاڍي خوبصورت هئي. 3 تڏهن دائود
ماڻهو موڪلي انهيءَ عورت بابت پڇاڳاڇا ڪرائي. ڪيس ٻڌايو ويو
تہ اها العام جي ڌيءَ ۽ اورياہ حتيءَ جي زال بت‌سبع آهي. 4 تڏهن
دائود ماڻهو موڪلي انهيءَ کي گهرايو. هوءَ تازو ئي ماهواريءَ کان
پاڪ صاف ٿي هئي. جڏهن هوءَ وٽس آئي تہ هو ساڻس سمهيو.
تنهن بعد هوءَ پنهنجي گهر هلي ويئي. 5 پوءِ انهيءَ عورت کي
پيٽ ٿي ويو. هن دائود کي چوائي موڪليو تہ ”مون کي پيٽ ٿي
ويو آهي.“
6 دائود يوآب ڏانهن چوائي موڪليو تہ ”اورياہ حتيءَ کي مون
ڏانهن ڏياري موڪل.“ سو يوآب اورياہ کي دائود ڏانهن ڏياري
موڪليو. 7 جڏهن اورياہ دائود وٽ اچي پهتو، تڏهن دائود کانئس
يوآب، ٻين ماڻهن ۽ جنگ جي باري ۾ حال‌احوال ورتو. 8 پوءِ دائود
اورياہ کي چيو تہ ”پنهنجي گهر وڃ ۽ وڃي ڪجهہ آرام ڪر.“
تڏهن اورياہ بادشاهہ جي محل مان نڪتو ۽ سندس پٺيان بادشاهہ
وٽان سوکڙي موڪلي ويئي.
9 پر اورياہ بادشاهہ جي محل جي دروازي وٽ پنهنجي آقا
بادشاهہ جي سڀني نوڪرن سميت سمهي پيو ۽ پنهنجي گهر نہ ويو.
10 جڏهن دائود کي ٻڌايو ويو تہ اورياہ پنهنجي گهر نہ ويو آهي،
تڏهن دائود اورياہ کان پڇيو تہ ”جيئن تہ تون گهڻو سفر ڪري آيو
آهين، پوءِ تون پنهنجي گهر ڇو ڪين وئين؟“ 11 تڏهن اورياہ دائود
کي وراڻيو تہ ”يهوداہ بلڪ سڄي بني اسرائيل جا ماڻهو ۽ عهد
واري صندوق جنگ جي ميدان ۾ هجي، منهنجو سپہ‌سالار يوآب
۽ منهنجي آقا بادشاهہ جا سالار کليل ميدان تي منزل ڪيو لٿا پيا
هجن ۽ آءٌ پنهنجي گهر وڃي کاوان، پيئان ۽ پنهنجيءَ زال سان وڃي
سمهان؟ هرگز نہ، اوهان جي سر جو ۽ اوهان جي جان جو قسم
آهي تہ مون کان اهو ڪم ڪين ٿيندو.“ 12 پوءِ دائود اورياہ کي چيو
تہ ”تون اڄوڪو ڏينهن بہ هتي ترس، سڀاڻي آءٌ تو کي واپس روانو
ڪندس.“ سو اورياہ اهو ڏينهن ۽ ٻيو ڏينهن بہ يروشلم ۾ ترسي
پيو. 13 رات جي مانيءَ تي دائود هن کي سڏايو ۽ پوءِ ڪيس مئي
پيئاري مدهوش ڪيائين. تڏهن هو ٻاهر نڪري پنهنجي آقا بادشاهہ
جي نوڪرن سان گڏ پنهنجي هنڌ تي وڃي ستو ۽ پنهنجي گهر وري
بہ ڪين ويو.

## اورياہ جو موت

14 جڏهن صبح ٿيو تہ دائود يوآب ڏانهن هڪڙو خط لکيو ۽
اورياہ جي هٿان اهو ڏياري موڪليائينس. 15 انهيءَ خط ۾ يوآب کي
لکيائين تہ ”جتي سخت لڙائي هلندي هجي اتي تون اورياہ کي سڀني
جي اڳيان بيهارجانءِ ۽ کانئس پري هٽي بيهجو تہ ڀلي هو ڦٽجي
مري وڃي.“ 16 سو جڏهن يوآب شهر جو گهيرو ٿي ڪيو تڏهن هن
اورياہ کي انهيءَ هنڌ بيهاريو جتي خبر هيس تہ دشمن جا بهادر
جوان بيٺل آهن. 17 جڏهن دشمن سپاهي شهر مان نڪري آيا ۽ اچي
يوآب سان جنگ ڪيائون، تڏهن دائود جي سپاهين مان ڪي مارجي
ويا، جن ۾ اورياہ حتي بہ مارجي ويو.
18 پوءِ يوآب جنگ جو سمورو احوال دائود ڏانهن چوائي موڪليو.
19 يوآب قاصد کي تاڪيد ڪري چيو تہ ”جڏهن جنگ جو سمورو
احوال بادشاهہ کي ٻڌائي بس ڪرين، 20 پوءِ جيڪڏهن بادشاهہ کي
ڪاوڙ اچي وڃي ۽ هو تو کي چوي تہ ’وڙهڻ جي لاءِ شهر جي
ايترو ويجهو ڇو ويئُہ؟ ڇا اوهان ايترو بہ ڪين ٿي ڄاتو تہ هو ديوار
تان اوهان کي تير هڻندا؟ 21 جدعون جو پٽ ابيملڪ بہ تہ ائين ئي
مئو هو جو هڪڙيءَ عورت تيض شهر جي پٽ تان جنڊ جو پُڙ مٿس
اڇلايو هو ۽ هو اتي ئي مري ويو هو. پوءِ ڇو اوهين پٽ کي ايترو

1:11 1.توا 1:20 21:11 رهہ 53:9

ويجهو ويا؟' تڏهن تون ٻڌائجانس تہ 'توهان جو نوڪر اورياہ حتي
بہ مارجي ويو آهي.'"
22 سو قاصد روانو ٿيو ۽ جيڪو پيغام يوآب ڏنو هوس سو دائود
کي اچي ٻڌايائين. 23 قاصد دائود کي چيو تہ "دشمن سپاهي اسان
تي غالب پئجي ويا ۽ شهر مان نڪري اسان تائين ميدان ۾ آيا. پر
اسين جڏهن هنن تي ڪاهہ ڪري کين واپس شهر جي دروازي تائين
پڄائي وياسين، 24 تڏهن تيراندازن پٽ تان اوهان جي ٻانهن تي تير
وسايا ۽ بادشاهہ جا ڪي ٻانها مري ويا، جن ۾ اوهان جو ٻانهو
اورياہ حتي بہ مري ويو." 25 تنهن تي دائود قاصد کي چيو تہ "تون
وڃي يوآب کي همت ڏياري چئجانءِ تہ 'انهيءَ ڳالهہ جي ڪري
تون دلگير نہ ٿيءُ، ڇالاءِ جو جنگ ۾ ڪير بہ مري سگهي ٿو. شهر
تي وڌيڪ زور سان حملو ڪر ۽ انهيءَ کي برباد ڪري ڇڏ.'"
26 جڏهن اورياہ جي زال ٻڌو تہ سندس مڙس مري ويو آهي، تڏهن
هوءَ پنهنجي مڙس لاءِ روئڻ ۽ سوڳ ڪرڻ لڳي. 27 جڏهن سُوءَ جا
ڏينهن پورا ٿيس، تڏهن دائود هن کي گهرائي پنهنجي گهر آندو.
هوءَ سندس زال ٿي ۽ دائود منجهان هڪڙو پٽ ڄايس. اهو ڪم
جيڪو دائود ڪيو سو خداوند جي نظر ۾ برو هو.

## ناتن نبيءَ جي معرفت خداوند جو دائود کي ڇينڀڻ

12 1 سو خداوند ناتن نبيءَ کي دائود ڏانهن موڪليو. هو وٽس
آيو ۽ چيائينس تہ "هڪڙي شهر ۾ ٻہ ماڻهو رهندا هئا، جن
مان هڪڙو شاهوڪار هو ۽ ٻيو غريب. 2 شاهوڪار ماڻهوءَ وٽ تمام
گهڻيون رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا هئا. 3 پر غريب ماڻهوءَ وٽ ڪي
ڪين هو، سواءِ هڪڙي ننڍي رڍ جي، جيڪا هن خريد ڪري پالي
هئي. اها رڍ ساڻس ۽ سندس ٻارن سان گڏ رهي وڏي ٿي هئي. اها
ساڻس گڏ هڪڙي ئي ٿانوَ مان کائيندي ۽ پيئندي هئي ۽ سمهندي بہ
سندس هنج ۾ هئي. اها هن کي ڌيءَ وانگر هوندي هئي. 4 هڪڙي
ڏينهن انهيءَ شاهوڪار ماڻهوءَ وٽ هڪڙو مسافر آيو. سو هن پاڻ
وٽ آيل انهيءَ مسافر جي ماني تيار ڪرڻ لاءِ پنهنجي رڍن ٻڪرين
۽ ڍورن ڍڳن مان ڪنهن کي بہ هٿ نہ لاتو، بلڪ انهيءَ غريب
ماڻهوءَ جي رڍ ڪٺي وڃي انهيءَ مسافر لاءِ کهي تيار ڪيائين."
5 تڏهن دائود کي انهيءَ شاهوڪار ماڻهوءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي.
سو هن ناتن کي چيو تہ "زنده خدا جو قسم آهي تہ جنهن ماڻهوءَ
اهڙو ڪم ڪيو آهي، سو موت جي سزا جي لائق آهي. 6 انهيءَ
ماڻهوءَ کي ان رڍ جي چئوڻي ملهہ جيترو پري ڏيڻو پوندو، ڇالاءِ جو
هن کي اهڙو ڪم ڪندي ڪوبہ قياس ڪونہ آيو."
7 تڏهن ناتن دائود کي چيو تہ "اهو ماڻهو تون ئي آهين. خداوند،
بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ 'مون ئي تو کي مسح ڪري بني
اسرائيل جو بادشاهہ بڻايو ۽ تو کي سائول جي هٿان ڇڏايم. 8 تو
کي تنهنجي آقا جو گهر عطا ڪيم ۽ تنهنجي آقا جون زالون تنهنجي
هنج ۾ ڏنم. مون تو کي يهوداہ بلڪ سڄو بني اسرائيل عطا ڪيو.
جيڪڏهن اهو ٿورو هو، تہ آءٌ تو کي ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ ڏيان ها.
9 تہ پوءِ تو ڇو مون خداوند جي ڪلام کي خسيس ڄاڻيندي اهڙو
ڪم ڪيو، جيڪو منهنجي نظر ۾ برو آهي؟ تو اورياہ حتيءَ کي
جنگ ۾ مارايو. هائو، تو هن کي بني عمون جي هٿان قتل ڪرائي
ڇڏيو آهي ۽ سندس زال کي پنهنجي زال بڻايو آهي. 10 تنهنڪري،
هاڻي تنهنجي گهراڻي تان تلوار اصل ڪانہ ٽرندي، ڇالاءِ جو تو مون
کي خسيس ڄاتو آهي جو تو اورياہ حتيءَ جي زال کي پنهنجي زال
بڻايو آهي.
11 آءٌ تنهنجي ئي گهراڻي مان تنهنجي خلاف بڇڙائي اٿاريندس ۽
تنهنجي اکين آڏو تنهنجيون زالون تنهنجي ڪنهن ويجهي ماڻهوءَ
جي حوالي ڪندس. اهو ماڻهو ڏينهن ڏٺي جو تنهنجي زالن سان
سمهندو. 12 تو تہ اهو ڪم ڳجهيءَ طرح ڪيو هو، پر آءٌ هيءُ ڪم
سڄي بني اسرائيل جي اکيان ۽ ڏينهن ڏٺي جو ڪندس.'"
13 تڏهن دائود ناتن کي چيو تہ "بيشڪ مون خداوند جو گناهہ
ڪيو آهي." ناتن دائود کي چيو تہ "پوءِ خداوند بہ تنهنجو گناهہ
معاف ڪري ڇڏيو، سو تون مرندين ڪين. 14 تنهن هوندي بہ جيئن
تہ اهو ڪم ڪري تو خداوند جي نالي کي خسيس سمجهيو آهي.
سو جيڪو ٻار تو کي ڄائو آهي سو ضرور مرندو." 15 پوءِ ناتن
پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو.

## دائود جي پٽ جو مرڻ

تڏهن جيڪو ٻار اورياہ جي زال مان دائود کي ٿيو هو، تنهن کي
خداوند سٽي وڌو ۽ هو سخت بيمار ٿي پيو. 16 سو جيستائين ٻار
بيمار هو تيستائين دائود انهيءَ ٻار جي لاءِ خدا کي منٿون ڪيون،
روزا رکيا ۽ رات ڏينهن ڪمري اندر زمين تي ليٽندي ٻاڏائيندو رهيو.
17 سندس درٻار جا امير وٽس آيا ۽ کيس زمين تان اٿارڻ لڳا، پر هو
نہ اٿيو ۽ انهن سان گڏ ماني کائڻ کان بہ انڪار ڪيائين.
18 ستين ڏينهن اهو ٻار مري ويو ۽ دائود جا نوڪر کيس ٻار جي
مرڻ جي خبر ٻڌائڻ کان ڊڄڻ لڳا ڇالاءِ جو هو چوڻ لڳا تہ "جڏهن ٻار
اڃا جيئرو هو ۽ اسين ساڻس ڳالهائيندا هئاسين، تڏهن هو اسان جي
ڳالهہ ئي نہ ٻڌندو هو. سو جيڪڏهن هاڻي اسين کيس چونداسين تہ
ٻار مري ويو آهي، تہ هو ڪا نقصان واري ڳالهہ نہ ڪري وجهي."
19 پر جڏهن دائود ڏٺو تہ سندس نوڪر پيا پاڻ ۾ سس پس ڪن،
تڏهن سهي ڪيائين تہ ٻار مري ويو آهي. سو نوڪرن کان پڇيائين تہ
"ڇا ٻار مري ويو آهي؟" هنن وراڻيو تہ "هائو، هو مري ويو آهي."
20 تڏهن دائود زمين تان اٿيو ۽ غسل ڪري تيل لڳائي ڪپڙا
بدلايائين. پوءِ هو انهيءَ خيمي ۾ ويو جتي خداوند جي عهد واري

1:12 زب 51 عنوان 12–11:12 2.سم 22:16

صندوق رکيل هئي ۽ اتي عبادت ڪيائين. تنهن بعد هو پنهنجي
گهر موٽي آيو ۽ ماني گهريائين، تہ اها سندس اڳيان رکي ويئي،
جا هن کاڌي. 21 تڏهن سندس نوڪرن پڇيس تہ "توهان هي ڪهڙو
ڪم ڪيو آهي؟ جڏهن ٻار جيئرو هو تڏهن توهان هن لاءِ روزا رکيا
۽ روئندا رهيا. پر جڏهن ٻار مئو تہ توهان اٿي ماني کاڌي!" 22 دائود
وراڻيو تہ "جڏهن ٻار اڃا جيئرو هو تڏهن مون روزا رکيا ۽ رنس بہ،
ڇالاءِجو مون سوچيو تہ ڪهڙي خبر تہ خدا مون تي مهربان ٿئي ۽
ٻار کي جيئرو رهڻ ڏئي. 23 پر هاڻي جڏهن هو مري ويو آهي، تڏهن
آءٌ ڇو روزا رکان؟ آءٌ ڪو هن کي موٽائي آڻي سگهان ٿو ڇا؟ آءٌ هن
وٽ تہ وڃي ٿو سگهان، پر هو مون وٽ موٽي اچي نہ سگهندو."

## سليمان جو ڄمڻ

24 پوءِ دائود پنهنجيءَ زال بتسبع کي دلاسو ڏنو. تنهن کان
پوءِ جڏهن هو وٽس وڃي ساڻس همبستر ٿيو تہ انهيءَ مان کيس
پٽ ڄائو، جنهن جو نالو هن سليمان رکيو. خداوند انهيءَ ٻار سان
محبت رکي. 25 سو خداوند ناتن نبيءَ جي معرفت پيغام موڪليو،
جنهن انهيءَ ٻار جو نالو خداوند خاطر *يديدياه رکيو.

## دائود جو ربہ تي قبضو ڪرڻ

(1.تواريخ 20:1–3)

26 هوڏانهن يوآب عمونين جي گاديءَ واري شهر ربہ وٽ جنگ
جاري رکي ۽ شهر کي گهيرو ڪري ورتو. 27 پوءِ يوآب دائود ڏانهن
قاصد موڪلي چوايو تہ "آءٌ ربہ خلاف جنگ ڪٽڻ وارو آهيان ڇوتہ
شهر جي پاڻيءَ تي مون قبضو ڪري ورتو آهي. 28 تنهنڪري هاڻي
باقي رهيل ماڻهو گڏ ڪري انهيءَ شهر جي سامهون اچي منزل
ڪريو ۽ انهيءَ کي پاڻ قبضي ۾ ڪري وٺو. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن
مون انهيءَ تي قبضو ڪيو تہ اهو منهنجي نالي سان سڏبو."
29 تڏهن دائود سڀني ماڻهن کي گڏ ڪري ربہ شهر تي چڙهائي
ڪئي ۽ جنگ ڪري انهيءَ تي قبضو ڪيائين. 30 هن عمونين جي
ديوتا مولڪ جي مٿي تان سونو تاج لاهي ورتو، جنهن جو وزن
چوٽيهہ ڪلوگرام هو ۽ انهيءَ ۾ هڪ قيمتي هيرو جڙيل هو. اهو
هيرو دائود جي تاج ۾ لڳايو ويو. هن شهر مان تمام گهڻو لُٽ جو
مال پڻ هٿ ڪيو. 31 هن شهر جي ماڻهن کي ٻاهر وٺي وڃي ڪرٽن،
لوهي ڏاندارين ۽ ڪهاڙن جي ڪم تي لڳايو ۽ ڀٽن ۾ سرن ٺاهڻ
جي بيگر ۾ هنيو. هن بني عمون جي سڀني شهرن جو اهو ئي حال
ڪيو. پوءِ دائود ۽ سندس سڀيئي ماڻهو يروشلم ۾ موٽي آيا.

## امنون ۽ تمر

13 1 دائود جي پٽ ابيسلوم کي هڪڙي خوبصورت ڀيڻ هئي،
جنهن جو نالو تمر هو. ڪجهہ عرصي گذرڻ بعد هيئن ٿيو
جو دائود جي ٻئي پٽ امنون جي پنهنجي انهيءَ ماٽيلي ڀيڻ سان
عشق ٿي ويو. 2 امنون تمر جي ڪري اهڙو تہ بيقرار رهڻ لڳو، جو
هو بيمار ٿي پيو، ڇالاءِجو جيئن تہ هوءَ ڪنواري هئي سو امنون کي
وٽس پهچي ساڻس ڪجهہ ڪرڻ مشڪل ٿي نظر آيو. 3 امنون جو
هڪڙو دوست هوندو هو، جنهن جو نالو يوندب هو. هو دائود جي
ڀاءُ سمعہ جو پٽ هو ۽ ڏاڍو چالاڪ ماڻهو هو. 4 هڪڙي ڏينهن هن
امنون کي چيو تہ "اي شهزادا! ڪهڙي ڳالهہ آهي، جو تون روزبروز
ڏٻرو ٿيندو پيو وڃين؟ ڇا تون مون کي نہ ٻڌائيندين؟" امنون کيس
وراڻيو تہ "مون کي پنهنجي ڀاءُ ابيسلوم جي ڀيڻ تمر سان عشق
ٿي ويو آهي." 5 يوندب کيس چيو تہ "تون بيماريءَ جو بهانو ڪري
وڃي پنهنجي هنڌ تي سمهي رهہ. جڏهن تنهنجو پيءُ تو کي ڏسڻ
اچي تڏهن چئجانس تہ 'ڀلائي ڪري منهنجي ڀيڻ تمر کي مون
ڏانهن موڪلي ڏيو، تہ اچي مون کي ماني کارائي. هوءَ منهنجي
سامهون کاڌو تيار ڪري تہ آءٌ ڏسان ۽ پوءِ سندس هٿان کاوان.'"
6 سو امنون بيماريءَ جو بهانو ڪري وڃي سمهي پيو. جڏهن
دائود بادشاهہ کيس ڏسڻ آيو، تڏهن هن بادشاهہ کي چيو تہ "ڀلائي
ڪري منهنجي ڀيڻ تمر کي ڇڏيو تہ اچي منهنجي روبرو ٻہ لوليون
پچائي تہ آءٌ سندس هٿان کاوان." 7 تڏهن دائود تمر جي گهر چوائي
موڪليو تہ "تون پنهنجي ڀاءُ امنون جي گهر وڃ ۽ وڃي سندس لاءِ
کاڌو تيار ڪر." 8 تنهنڪري تمر پنهنجي ڀاءُ امنون جي گهر ويئي،
جتي ڏٺائين تہ هو هنڌ ۾ ستو پيو هو. هن اٽو ڪٽي ڳوهيو ۽ سندس
روبرو لوليون ٺاهي پچايائين. 9 پوءِ هن اهي تئي تان لاهي سندس
اڳيان آڻي رکيون. پر هن کائڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائينس تہ "مون
وٽان سڀني ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏ." سو سڀ ماڻهو وٽانئس
نڪري ويا. 10 تڏهن امنون تمر کي چيو تہ "ماني منهنجي ڪمري ۾
کڻي اچ تہ آءٌ تنهنجي هٿان کاوان." سو تمر جيڪي لوليون پچايون
هيون، سي کڻي پنهنجي ڀاءُ امنون وٽ سندس ڪمري ۾ آئي. 11 پوءِ
جيئن ئي هوءَ اهي کارائڻ لاءِ سندس ويجهو آئي تہ هن کڻي پڪڙيس
۽ چوڻ لڳس تہ "اچ، اچي مون سان سمهہ." 12 تڏهن تمر چيس
تہ "نہ ادا، مون کي اهڙي ڪم لاءِ زور نہ ڀر، جيڪو بني اسرائيل
۾ ٿيڻ نہ گهرجي. اهڙي بيحيائي نہ ڪر. 13 ائين پوءِ آءٌ پنهنجي
خواري کڻي ڪيڏانهن وينديس؟ تون پڻ بني اسرائيل ۾ بدڪار احمقن
مان هڪڙو شمار ڪيو ويندين. تنهنڪري هاڻي آءٌ تو کي منٿ ٿي
ڪريان تہ انهيءَ بابت بادشاهہ کي چئُہ، ڇالاءِجو هو مون کي تو

*يديدياه: عبراني ٻوليءَ ۾ هن نالي جي معنيٰ آهي "خداوند جو پيارو".

سان پرٽجڻ کان ڪين روڪي رکندو.“ 14 پر هن سندس ڳالهه نه
مڃي ۽ ڪانئس وڌيڪ طاقتور هئڻ ڪري، ساڻس زوريءَ زنا ڪيائين.
15 انهيءَ کان پوءِ امنون کي تمر کان تمام گهڻي نفرت پيدا ٿي.
کيس جيترو اڳي هن سان عشق هوس، تنهن کان وڌيڪ ساڻس نفرت
پيدا ٿيس. سو امنون چيس ته ”اُٿ ۽ هلي وڃ.“ 16 تڏهن تمر چيس
ته ”نه ادا، مون کي ڪيڏي نه ڇڏ، ڇالاءِجو اها ڪيڏي ڇڏڻ واري
بڇڙائي ته انهيءَ کان به وڌيڪ خراب آهي، جيڪا تو مون سان ڪئي
آهي.“ پر هن سندس ڳالهه نه ٻڌي. 17 پوءِ امنون پنهنجي هڪڙي
نوڪر کي سڏيو ۽ کيس چيائين ته ”هن عورت کي مون وٽان ٻاهر
ڪڍي اندران در بند ڪري ڇڏ.“ 18 سو سندس نوڪر تمر کي ٻاهر
ڪڍي اندران در بند ڪري ڇڏيو. تمر کي ان وقت خاص نقشدار
گهگهرو پيل هو، ڇوته انهن ڏينهن ۾ ڪنواريون بادشاهزاديون اهڙي
پوشاڪ ڍڪينديون هيون. 19 تڏهن تمر پنهنجي مٿي ۾ رک وڌي ۽
بت تي پهريل خاص نقشيدار گهگهرو ڦاڙي ڇڏيائين. پوءِ پنهنجا هٿ
مٿي تي رکي، وڏي آواز سان روئندي رڙندي رستو وٺي هلي ويئي.
20 تڏهن سندس ڀاءُ ابي‌سلوم کيس چيو ته ”تنهنجي ڀاءُ امنون
تو سان زيادتي ڪئي آهي ڇا؟ چڱو، اي منهنجي ڀيڻ! هاڻي ماٺ
ڪر. هو تنهنجو ماٽيلو ڀاءُ آهي، سو انهيءَ ڳالهه جو دل ۾ فڪر
نه ڪر.“ پوءِ تمر پنهنجي ڀاءُ ابي‌سلوم جي گهر ۾ دل شڪسته
رهندي آئي. 21 جڏهن دائود بادشاهه اهي سڀ ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن
هو ڏاڍو ڪاوڙيو. پر هن پنهنجي پٽ امنون کي سزا ڏيڻ نه ٿي
چاهي، ڇالاءِجو هو سندس سڪيلڌو پٽ هو جنهن سان هو محبت
ڪندو هو. 22 جڏهن ته ابي‌سلوم امنون کي ان وقت ڪوبه ڀلو يا
برو ته نه چيو، پر هو ڪانئس نفرت ڪرڻ لڳو، ڇالاءِجو هن سندس
ڀيڻ تمر جي بي‌حرمتي ڪئي هئي.

## ابي‌سلوم جو انتقام وٺڻ

23 ٻن سالن گذرڻ کان پوءِ جڏهن افرائيم جي علائقي جي پرسان
بعل‌حصور واري هنڌ تي ابي‌سلوم وٽ رڍن جي اُن جي ڪاتر ٿي
رهي هئي، تڏهن ابي‌سلوم بادشاهه جي ٻين سڀني پٽن کي دعوت
ڏيئي گهرايو. 24 ابي‌سلوم بادشاهه وٽ پڻ ويو ۽ کيس چيائين ته
”هن وقت تنهنجي ٻانهي وٽ رڍن جي اُن جي ڪاتر ٿي رهي آهي،
سو آءٌ عرض ٿو ڪريان ته بادشاهه سلامت پنهنجن عملدارن سميت
هن ٻانهي سان گڏجي هلي دعوت ۾ شريڪ ٿئي.“ 25 تڏهن بادشاهه
ابي‌سلوم کي وراڻيو ته ”نه منهنجا پٽ! اسين سڀ نه هلون ته
چڱو، ڇاڪاڻ‌ته متان تو تي بار ٿي پئون.“ تنهن هوندي به ابي‌سلوم
کيس زور ڀريو. پر بادشاهه وڃڻ جي نه ڪئي، البت کيس خير
جي دعا ڪيائين. 26 تڏهن ابي‌سلوم چيس ته ”ڀلا جي ائين نه، ته
پوءِ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڀاءُ امنون کي ته اسان سان گڏ هلڻ
جي اجازت ڏي.“ تنهن تي بادشاهه پڇيس ته ”هو تو سان گڏ ڇو
هلي؟“ 27 پر ابي‌سلوم کيس اهڙو ته زور ڀريو جو هن امنون ۽ ٻين
سڀني شهزادن کي به ساڻس گڏ وڃڻ ڏنو.
28 پوءِ ابي‌سلوم پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڏيئي چيو ته ”هاڻي
نظر رکجو ته جڏهن امنون مئي پي مست ٿئي ۽ آءٌ اوهان کي چوان
ته امنون کي ماريو، تڏهن اوهين انهيءَ کي قتل ڪري ڇڏجو، ڊڄجو
نه. آءٌ پاڻ اوهان کي اهو حڪم ڏيان ٿو. سو همت وارا ۽ بهادر
ٿجو.“ 29 سو ابي‌سلوم جي نوڪرن سندس حڪم مطابق امنون کي
قتل ڪري ڇڏيو. تڏهن ٻيا سڀيئي شهزادا اٿي ڪڙا ٿيا ۽ هر ڪو
پنهنجي خچر تي چڙهي وٺي ڀڳو.
30 جڏهن هو اجا رستي ۾ ئي هئا ته دائود کي خبر ڏني ويئي، ته
ابي‌سلوم بادشاهه جي سڀني پٽن کي قتل ڪرائي ڇڏيو آهي ۽ انهن
مان هڪڙو به ڪونه بچيو آهي. 31 تڏهن بادشاهه اٿي بيٺو ۽ ڏک
وچان پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي پاڻ کي زمين تي ڪٽي اڇلايائين. سندس
جيڪي به عملدار وٽس بيٺا هئا تن سڀني به پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا.
32 پر دائود جي ڀاءُ سمعه جي پٽ يوندب چيو ته ”منهنجا آقا!
اوهين ائين نه سمجهو ته سڀيئي شهزادا ماريا ويا آهن، بلڪ رڳو
امنون کي قتل ڪيو ويو آهي. ڇالاءِجو ابي‌سلوم ان ڏينهن ئي اهو
فيصلو ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڏينهن امنون سندس ڀيڻ تمر جي
بي‌حرمتي ڪئي هئي. 33 تنهنڪري هاڻي منهنجي آقا بادشاهه کي
اهو سمجهي غم نه ڪرڻ گهرجي ته سڀيئي شهزادا مارجي ويا آهن،
پر رڳو امنون ئي مارجي ويو آهي.“
34 انهيءَ وچ ۾ ابي‌سلوم ڀڄي نڪتو.
هوڏانهن جنهن ماڻهوءَ پهرو ٿي ڏنو تنهن جڏهن ڏٺو ته جبل واري
پاسي کان ماڻهن جو هڪڙو وڏو ميڙ پيو اچي، تڏهن هن اها ڳالهه
بادشاهه کي وڃي ٻڌائي. 35 تنهن تي يوندب بادشاهه کي چيو ته
”ڏسو، شهزادا اچي رهيا آهن، جيئن اوهان جي ٻانهي چيو، تيئن
ئي آهي.“ 36 جيئن ئي هن ڳالهائي بس ڪئي ته شهزادا به اچي
نڪتا. هنن اچي رڙيون ڪري روئڻ شروع ڪيو ته بادشاهه ۽ سندس
عملدار به زاروزار روئڻ لڳا.
37–38 هيڏانهن ابي‌سلوم ڀڄي ارام ملڪ جي گسور شهر ۾ وڃي
نڪتو ۽ اتي جي بادشاهه تلمي ولد عميهود وٽ ٽن سالن تائين
رهيو. دائود پنهنجي پٽ امنون لاءِ گهڻي عرصي تائين سوڳ ڪندو
رهيو. 39 پوءِ امنون جي موت کان جڏهن کيس آٿت آئي، تڏهن دائود
بادشاهه جي دل ۾ پنهنجي پٽ ابي‌سلوم ڏانهن وڃڻ جي سڪ پيدا
ٿي.

---

13:37–38 2.سم 3:3

## ابي سلوم جي واپسي

14 1 سو يوآب جنهن جي ماءُ ضروياه هئي، تنهن سهي
ڪري ورتو ته بادشاهه جي دل ابي سلوم ڏانهن مائل آهي.
2 تڏهن هن تقوع شهر ڏانهن ماڻهو موڪلي اتان هڪڙي سياڻي
عورت گهرائي ۽ کيس چيائين ته ”تون سوڳ ڪرڻ واريءَ جو ويس
ڪري ماتمي ڪپڙا پاءِ ۽ پاڻ کي تيل نه مک، بلڪ اهڙي عورت
وانگر ٿيءُ، جنهن گهڻن ڏينهن تائين ڪنهن مئل جي لاءِ سوڳ ڪيو
هجي. 3 پوءِ تون بادشاهه وٽ وڃي کيس اهي ڳالهيون چئُه جيڪي
آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو.“ يوآب هن کي اهي ڳالهيون سيکاري ڇڏيون.
4 جڏهن تقوع شهر واري اها عورت بادشاهه وٽ پهتي، تڏهن
سندس اڳيان زمين تي منهن پر ڪري سندس تعظيم ڪري کيس
چوڻ لڳي ته ”اي بادشاهه! منهنجي واهر ڪريو.“ 5 بادشاهه هن
کان پڇيو ته ”تو کي ڇا ٿيو آهي؟“ تڏهن هن ورندي ڏيئي چيو
ته ”هاءِ! آءٌ هڪڙي رن‌زال آهيان، منهنجو مڙس مري ويو آهي.
6 جيئن ته اوهان جي ٻانهيءَ کي ٻه پٽ هئا، هڪڙي ڏينهن اهي ٻئي
جهنگ ۾ وڙهي پيا. کين ٻيو ڪو ڇڏائڻ وارو ڪونه هو، سو انهن
مان هڪڙي ٻئي کي ڌڪ هڻي ماري وڌو. 7 هاڻي، سارو گهراڻو
اوهان جي ٻانهيءَ سان وڙهڻ لاءِ سنپري آيو آهي. اهي چون ٿا ته
’جنهن پنهنجي ڀاءُ کي ماريو آهي، سو اسان جي حوالي ڪر ته
اسين سندس ڀاءُ جي خون جي عيوض ۾ کيس قتل ڪريون.‘ اهڙيءَ
طرح اهي وارث کي به ماري ختم ڪري ڇڏيندا. پوءِ جيڪو منهنجو
ٽانڊو باقي بچيو آهي سو به اجهائي ڇڏيندا ۽ ڌرتيءَ تان منهنجي
مڙس جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيندا.“
8 بادشاهه انهيءَ عورت کي چيو ته ”تون پنهنجي گهر موٽي
وڃ. آءٌ تو بابت حڪم ڏيندس.“ 9 تڏهن تقوع شهر واري عورت
بادشاهه کي چيو ته ”اي منهنجا آقا بادشاهه! اوهين جيڪي به
ڪندا، تنهن جو ڏوهه پلي مون تي ۽ منهنجي پيءُ جي گهراڻي تي
پوي ۽ بادشاهه ۽ سندس تخت بي‌قصور رهي.“ 10 بادشاهه چيس ته
”جيڪو به ماڻهو تو کي ڪجهه چوي ته انهيءَ کي مون وٽ وٺي
اچجانءِ، پوءِ هو وري تو کي تنگ نه ڪندو.“ 11 تڏهن عورت چيو
ته ”اي بادشاهه! آءٌ منٿ ٿي ڪريان ته خداوند خدا جنهن جا اوهين
خاص ٻانها آهيو، تنهن کان دعا گهرو ته خون جي بدلي وٺڻ وارو
متان منهنجي پٽ کي ماري نه وجهي.“ تنهن تي بادشاهه چيس ته
”زنده خدا جو قسم آهي ته تنهنجي پٽ جو هڪڙو وار به زمين تي نه
ڪرندو.“ 12 تڏهن ان عورت چيو ته ”منهنجو آقا بادشاهه پنهنجي
ٻانهيءَ کي اجازت ڏئي ته آءٌ هڪڙو ٻيو عرض به ڪريان.“ بادشاهه
چيس ته ”پلي چئُه.“ 13 انهيءَ عورت کيس چيو ته ”پوءِ توهان
ڪهڙي سبب خدا جي قوم جي خلاف اهڙي ڳالهه ڪئي آهي؟ جيئن
ته بادشاهه پنهنجي پٽ کي شهر نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي ۽ کيس
وري گهرائي به نه ٿو وٺي ۽ انهيءَ ڳالهه ڪرڻ ڪري بادشاهه پاڻ
کي ڏوهاري ٿو بڻائي. 14 جيئن ته اسان سڀني کي ضرور مرڻو آهي
۽ اسين انهيءَ پاڻيءَ وانگر آهيون جيڪو زمين تي هاريو ويو هجي
۽ وري گڏ ٿي نه سگهي. سو ڪنهن جي حياتيءَ کي ختم ڪرڻ
کان اڳ خدا اهڙا اپاءَ ٿو وٺي ته جنهن کي شهر نيڪالي ملي آهي
سو هميشه جي لاءِ ڪانئس رد ڪيل نه رهي. 15 تنهنڪري هاڻي جو
آءٌ پنهنجي آقا بادشاهه کي هيءَ ڳالهه چوڻ آئي آهيان، سو انهيءَ
ڪري ته ماڻهن مون کي ڊيڄاري ڇڏيو آهي. تڏهن اوهان جي ٻانهيءَ
سوچيو ته آءٌ پاڻ بادشاهه کي وڃي عرض ڪنديس، ٿي سگهي ٿو
ته بادشاهه پنهنجي ٻانهيءَ جو عرض قبول ڪري. 16 تڏهن بادشاهه
منهنجي ڳالهه ٻڌي پنهنجي ٻانهيءَ کي انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿان
ڇڏائي، جيڪو مون کي ۽ منهنجي پٽ کي خدا جي ڏنل ميراث
مان بي‌دخل ڪرڻ ٿو گهري. 17 سو اوهان جي ٻانهي سمجهي ٿي
ته پنهنجي آقا بادشاهه جي ڳالهه تسليءَ جهڙي هوندي، ڇالاءِجو
منهنجو آقا بادشاهه چڱي ۽ بڇڙي جي پرکڻ ۾ خدا جي ملائڪ
جهڙو آهي. شل خداوند اوهان جو خدا اوهان ساڻ هجي.“
18 تڏهن بادشاهه انهيءَ عورت کي ورندي ڏيئي چيو ته ”جيڪا
ڳالهه آءٌ تو کان پڇان سا مون کان بلڪل نه لڪائجانءِ.“ عورت
چيس ته ”منهنجو آقا بادشاهه فرمائي.“ 19 بادشاهه پڇيس ته
”انهيءَ ساريءَ ڳالهه ۾ تو سان گڏ يوآب جو به هٿ آهي ڇا؟“
عورت ورندي ڏيئي چيو ته ”اي منهنجا آقا بادشاهه! اوهان جي سر
جو قسم آهي ته آءٌ بادشاهه جي فرمان کان ساڄي يا کاٻي پاسي
ڪين ڦرنديس. حقيقت ۾ اوهان جي ٻانهي يوآب ئي مون کي ائين
ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ ئي اوهان جي ٻانهيءَ
کي سيکاريون هيون. 20 ڳالهه جو رخ مٽائڻ لاءِ اوهان جي ٻانهي
يوآب ائين ڪيو آهي. منهنجو آقا خدا جي ملائڪ جهڙو عقلمند
آهي، جو ملڪ ۾ جيڪي ڳالهيون ٿين ٿيون سي سڀ ڄاڻي ٿو.“
21 تڏهن يوآب جي اچڻ تي بادشاهه کيس چيو ته ”نيڪ آهي،
مون کي تنهنجي ڳالهه منظور آهي. سو هاڻي تون وڃ ۽ انهيءَ
جوان ابي‌سلوم کي موٽائي وٺي اچ.“ 22 تڏهن يوآب منهن پر زمين
تي ڪري بادشاهه کي تعظيم ڏني ۽ کيس دعا ڪري چيائين ته
”اي آقا بادشاهه! اڄ اوهان جي ٻانهي ڄاڻي ورتو ته مون اوهان جي
نظر ۾ مان لڌو آهي، ڇالاءِجو بادشاهه پنهنجي ٻانهي جو عرض
قبول ڪيو آهي.“ 23 پوءِ يوآب اٿيو ۽ گسور شهر ڏانهن روانو ٿيو ۽
ابي‌سلوم کي يروشلم ۾ موٽائي وٺي آيو. 24 پر بادشاهه چيو ته ”هو
پلي پنهنجي گهر وڃي، مگر منهنجي منهن نه چڙهي.“ تنهنڪري
ابي‌سلوم پنهنجي گهر هليو ويو ۽ بادشاهه جي منهن نه چڙهيو.

17:14 2.سم 27:19

## دائود ۽ ابيسلوم ۾ صلح

25 سڄي بني اسرائيل ۾ ابيسلوم جهڙو ٻيو ڪوبہ ماڻهو
خوبصورتيءَ جي لحاظ کان تعريف جوڳو ڪونہ هو. پيرن جي ترين
کان وٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين هن ۾ ڪوبہ عيب ڪونہ هو. 26 هن
جي مٿي جا وار تمام گھاٽا هوندا هئا. هر سال جي پڇاڙيءَ ۾
جڏهن هو پنهنجي مٿي جا وار ڪٽائيندو هو، تہ انهن وارن جو وزن
سرڪاري تور موجب اٽڪل اڍائي ڪلوگرام ٿيندو هو. 27 ابيسلوم
کي ٽي پٽ ڄاوا ۽ هڪڙي ڌيءَ. سندس ڌيءَ جو نالو تمر هو، جيڪا
تمام خوبصورت عورت هئي.
28 ابيسلوم پورا ٻہ سال يروشلم ۾ رهيو، پر هو بادشاهہ جي
منهن نہ چڙهيو. 29 پوءِ هن يوآب کي سڏايو انهيءَ لاءِ تہ کيس
بادشاهہ ڏانهن موڪلي، پر يوآب وٽس اچڻ کان انڪار ڪيو. تڏهن
هن وري ٻيهر کيس سڏايو، پر يوآب وري بہ وٽس اچڻ کان انڪار
ڪيو. 30 تنهنڪري ابيسلوم پنهنجي نوڪرن کي چيو تہ ”ڏسو،
يوآب جي ٻني منهنجي ٻنيءَ جي پرسان آهي ۽ انهيءَ ۾ جَوَ پوکيل
آهن. اوهين وڃي انهن کي باهہ ڏيئي ڇڏيو.“ سو ابيسلوم جي
نوڪرن وڃي انهيءَ پوک کي باهہ ڏني. 31 تڏهن يوآب اٿيو ۽
ابيسلوم وٽ سندس گھر آيو. کيس چيائين تہ ”چو تنهنجي نوڪرن
منهنجي پوک کي باهہ ڏني آهي؟“ 32 ابيسلوم يوآب کي ورندي
ڏيئي چيو تہ ”انهيءَ جو سبب هي آهي تہ جڏهن مون تو ڏانهن
چوائي موڪليو تہ مون وٽ اچ، تڏهن تو اچڻ کان انڪار ڪيو.
مون چاهيو ٿي تہ تو کي بادشاهہ ڏانهن موڪليان، جيئن تون کيس
چوين تہ آءٌ گسور کان ڇو آيو آهيان. انهيءَ کان چڱو هو تہ آءٌ
اتي ئي هجان ها. تنهنڪري هاڻي تون مون کي بادشاهہ جي منهن
چڙهڻ ڏي. پوءِ جيڪڏهن منهنجو ڪو قصور هجي تہ ڀلي هو مون
کي ماري ڇڏي.“
33 تڏهن يوآب بادشاهہ وٽ ويو ۽ جيڪي ابيسلوم چيو هوس
سو کيس ٻڌايائين. پوءِ بادشاهہ ابيسلوم ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ
هو بادشاهہ وٽ آيو ۽ سندس اڳيان زمين تي جهڪي کيس تعظيم
ڏنائين. تڏهن بادشاهہ ابيسلوم کي چميو.

## ابيسلوم جي بغاوت

15 1 انهيءَ کان پوءِ ابيسلوم پنهنجي لاءِ گاڏي، گھوڙا ۽
پنجاهہ ماڻهو تيار ڪيا، جيڪي سندس اڳيان ڊوڙندا
هلن. 2 هاڻي ابيسلوم صبح جو سوير اٿندو هو ۽ شهر جي دروازي
وٽ هڪ پاسي تي بيهي رهندو هو. پوءِ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو
ڪو مقدمو بادشاهہ وٽ فيصلي لاءِ کڻي وڃڻ چاهيندو هو، تڏهن
ابيسلوم انهيءَ کي سڏي ڪائنس پڇندو هو تہ ”تون ڪٿان جو
آهين؟“ تہ جيئن اها خبر پئجي سگھي تہ اهو بني اسرائيل جي
ڪهڙي قبيلي منجهان آهي. 3 تڏهن ابيسلوم انهيءَ کي چوندو
هو تہ ”تنهنجون ڳالهيون تہ چڱيون ۽ صحيح آهن، پر بادشاهہ وٽ
اهڙو ڪو نائب مقرر ڪيل ئي ڪونهي جيڪو تنهنجي دانهن ٻڌي.“
4 ابيسلوم وڌيڪ ائين بہ چوندو هو تہ ”جيڪر آءٌ هن ملڪ ۾ جج
مقرر هجان ها تہ چڱو هو، جو جنهن بہ ماڻهوءَ جو ڪو مقدمو
يا معاملو هجي ها، سو مون وٽ اچي ها تہ آءٌ انهيءَ جو انصاف
ڪريان ها.“ 5 سو جڏهن بہ ڪو ماڻهو هن کي تعظيم ڏيڻ لاءِ
ويجهو ايندو هو، تڏهن هو پنهنجو هٿ ڊگھيڙي انهيءَ ماڻهوءَ کي
وٺي چمندو هو. 6 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل جا جيڪي بہ ماڻهو
بادشاهہ وٽ عدالت جي لاءِ ايندا هئا، تن سان ابيسلوم ائين ئي
هلندو هو. اهڙيءَ طرح ابيسلوم بني اسرائيل جي ماڻهن جون دليون
موهي ورتيون.
7 چئن سالن گذرڻ کان پوءِ ابيسلوم بادشاهہ کي چيو تہ ”ڀلائي
ڪري مون کي موڪل ڏيو تہ آءٌ حبرون ۾ وڃي خداوند وٽ باسيل
باس ڏيئي اچان. 8 جڏهن آءٌ ارام ملڪ جي گسور شهر ۾ رهندو
هوس، تڏهن اوهان جي ٻانهي هڪڙي باس باسي هئي تہ جيڪڏهن
خداوند مون کي وري يروشلم ۾ پهچائيندو تہ آءٌ خداوند جي عبادت
ڪندس.“ 9 تڏهن بادشاهہ کيس چيو تہ ”ڀلي، تون سلامتيءَ سان
هليو وڃ.“ سو ابيسلوم اٿيو ۽ حبرون ڏانهن روانو ٿيو. 10 پر هن بني
اسرائيل جي سڀني قبيلن ڏانهن ڳجها قاصد موڪلي کين چوايو تہ
”جڏهن اوهين نفيلن جو آواز ٻڌو تڏهن نعرا هڻي چئجو تہ ’ابيسلوم
حبرون ۾ بادشاهہ ٿيو آهي.‘“ 11 ابيسلوم ٻہ سؤ ماڻهن کي دعوت
ڏني، جيڪي ساڻس گڏ يروشلم کان روانا ٿيا. اهي بلڪل نيڪ نيتيءَ
سان ويا هئا ۽ کين ڪنهن بہ منصوبي جي خبر نہ هئي. 12 جڏهن
ابيسلوم قربانيون ادا پئي ڪيون تڏهن هن دائود جي صلاحڪار
اخيتفل گلونيءَ کي سندس شهر گلوه مان گھرائي ورتو. سازش
وڌندي ويئي ۽ ابيسلوم جي پوئلڳن جو تعداد جيئن پوءِ تيئن وڌندو
ويو.

## دائود جو يروشلم مان ڀڄي نڪرڻ

13 تڏهن هڪڙي قاصد دائود کي اچي خبر ڏني تہ بني اسرائيل
جي ماڻهن جون دليون ابيسلوم ڏانهن مائل ٿي ويون آهن. 14 سو
دائود پنهنجن سڀني عملدارن، جيڪي ساڻس گڏ يروشلم ۾ هئا، تن
کي چيو تہ ”هلو تہ ڀڄي هلون، نہ تہ اسان مان ڪوبہ ابيسلوم
کان ڀڄي ڪين سگھندو. جلدي ڪري نڪري هلو، متان هو تڪڙو
اچي اسان تي ڪڙڪي ۽ اسان تي مصيبت آڻي ۽ شهر تي حملو
ڪري سڀني کي ناس ڪري ڇڏي.“ 15 تڏهن بادشاهہ جي عملدارن
کيس چيو تہ ”اسان جي آقا بادشاهہ جيڪي فرمايو آهي سو ڪرڻ
لاءِ اوهان جا ٻانها تيار آهن.“ 16 پوءِ بادشاهہ نڪتو ۽ سندس سارو
گھراڻو سندس پٺيان لڳو. بادشاهہ محلات جي سنڀال لاءِ پنهنجون
ڏهہ سريتون پوئتي ڇڏيون. 17 بادشاهہ ۽ سڀ ماڻهو شهر مان روانا
ٿي آخري گھر ۾ اچي ترسيا. 18 تڏهن سندس سڀ عملدار سندس

خاص محافظن ۽ گاتين سميت، جيڪي ڇهه سؤ ماڻهو هئا ۽ گات
شهر مان سندس پٺيان آيا هئا، سي بادشاهه جي پاسي کان ٿي اڳيان
اڳي لنگهيا. 19 تڏهن بادشاهه گاتين جي اڳواڻ اِتيءَ کي چيو ته
”تون اسان سان گڏ ڇو ٿو هلين؟ موٽي وڃي نئين بادشاهه سان رهه.
جيئن ته تون ڌاريو آهين ۽ جلاوطن به ٿيل آهين، سو موٽي پنهنجي
جاءِ تي وڃ. 20 اڃا ڪالهه ئي ته تون اسان وٽ آيو آهين، پوءِ اڄ
تو کي آءٌ پاڻ سان هيڏي هوڏي ڇو رلائيندو وتان؟ آءٌ ته جيڏانهن
وڃي سگهندس اوڏانهن هليو ويندس. سو تون موٽي وڃ ۽ پنهنجي
ساٿين کي به موٽائي وٺيو وڃ. شل خداوند جي رحمت ۽ سچائي
تو ساڻ هجي.“ 21 پر اِتيءَ بادشاهه کي ورندي ڏيئي چيو ته ”زنده
خدا جو ۽ منهنجي آقا بادشاهه جي سر جو قسم آهي ته جنهن به
هنڌ منهنجو آقا بادشاهه هوندو، موت ۾ توڙي زندگيءَ ۾ اوهان
جو ٻانهو به اوهان سان ضرور گڏ هوندو.“ 22 تڏهن دائود اِتيءَ کي
چيو ته ”ڇڱو، هل پار لنگهي هل.“ پوءِ اِتي گاتي، سندس سڀ
ساٿي ۽ جيڪي ٻار ٻچا ساڻن گڏ هئا، سي سڀيئي پار لنگهي ويا.

## عهد واري صندوق کي يروشلم ڏانهن موٽائڻ

23 جڏهن دائود جا پوئلڳ پار لنگهيا ٿي ويا، تڏهن سڄي ملڪ جا
ماڻهو رڙيون ڪري پئي رنا. پوءِ بادشاهه به قدرون جي برساتي نهر
پار ڪئي ۽ ٻيا سڀ ماڻهو به پار لنگهي بيابان جو رستو ڏيئي هليا.
24 صدوق ڪاهن ۽ ابي‌ياتر به انهن سڀني لاوين سان گڏ آيا، جيڪي
خدا جي عهد واري صندوق کڻي هليا هئا. هنن خدا جي عهد واري
صندوق تيستائين اتي رکي ڇڏي، جيستائين سڀ ماڻهو شهر مان
نڪري پار نه ٿيا. 25 تڏهن بادشاهه صدوق کي چيو ته ”خدا جي
عهد واري صندوق شهر ڏانهن موٽائي کڻي وڃ. جيڪڏهن خداوند
جي مهربانيءَ جي نظر مون تي هوندي ته هو مون کي موٽائي
وري آڻيندو ۽ اها صندوق ۽ پنهنجي رهڻ جي جاءِ ٻيهر مون کي
ڏيکاريندو. 26 پر جيڪڏهن هن چيو ته ’آءٌ تو مان خوش نه آهيان،‘
ته پوءِ اِجهو، آءٌ تيار آهيان. جيئن ڪيس وڻي تيئن مون سان ڪري.“
27 بادشاهه صدوق ڪاهن کي اهو به چيو ته ”تون سنو سمجهدار
آهين، سو تون پنهنجي پٽ اخيمعض ۽ ابي‌ياتر پنهنجي پٽ يونتن
سان گڏ، يعني اوهين ٻيئي پنهنجن پٽن سميت سلامتيءَ سان شهر
ڏانهن موٽي وڃو. 28 ڏس، جيستائين تنهنجي طرفان مون کي ڪو
اطلاع نه ملندو، تيستائين آءٌ بيابان ۾ درياءَ جي گهاٽن وٽ ترسيل
هوندس.“ 29 سو صدوق ۽ ابي‌ياتر خدا جي عهد واري صندوق
يروشلم ڏانهن موٽائي کڻي ويا ۽ پوءِ هو اتي ئي رهڻ لڳا.
30 پر دائود زيتون جي ٽڪر واري چاڙهيءَ تي چڙهي ويو. هو مٿي
چڙهندي روئندو ٿي ويو. ڏک وچان سندس مٿو ڍڪيل ۽ پير اگهاڙا
هئا. جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، تن جا به مٿا ڍڪيل هئا ۽ اهي
به مٿي چڙهندي روئندا ٿي ويا. 31 جڏهن دائود کي ٻڌايو ويو ته
اخيتفل ابي‌سلوم سان گڏ بغاوت ۾ شامل هو، تڏهن هن دعا گهري
ته ”اي خداوند! آءٌ منٿ ٿو ڪريان ته اخيتفل جي صلاح مصلحت
کي بيعقليءَ ۾ بدلاءِ.“
32 پوءِ جڏهن دائود جبل جي چوٽيءَ تي اچي پهتو، جتي خدا جي
عبادت ڪئي ويندي هئي، تڏهن ڏٺائين ته ارڪي قبيلي وارو سندس
دوست حوسي ڦاٽل ڪپڙن سان، مٿي ۾ مٽي وجهي ساڻس گڏجڻ
لاءِ اچي پهتو آهي. 33 دائود ڪيس چيو ته ”جيڪڏهن تون مون سان
گڏ پار هلندين ته مون تي بار ٿي پوندين. 34 پر جيڪڏهن تون موٽي
شهر ڏانهن ويندين ۽ وڃي ابي‌سلوم کي چوندين ته ’اي بادشاهه!
آءٌ اوهان جو ٻانهو آهيان، گذريل وقت ۾ جيئن آءٌ اوهان جي پيءُ جو
ٻانهو ٿي رهيو آهيان، تيئن هاڻي آءٌ اوهان جو ٻانهو ٿي رهندس،‘
تڏهن تون اخيتفل جي صلاح مصلحت کي رد ڪري منهنجي مدد
ڪري سگهندين. 35 اتي صدوق ۽ ابي‌ياتر ٻئي ڪاهن تو سان گڏ
هوندا. تنهنڪري جيڪا به ڳالهه تون بادشاهه جي محلات مان
ٻڌين، سا صدوق ۽ ابي‌ياتر ڪاهنن کي ٻڌائي ڇڏجانءِ. 36 اتي هنن
سان سندن ٻه پٽ به گڏ آهن، هڪڙو اخيمعض ولد صدوق ۽ ٻيو يونتن
ولد ابي‌ياتر. سو جيڪا به ڳالهه اوهين ٻڌو، سا انهن جي هٿان مون
ڏانهن چوائي موڪلجو.“ 37 ان ڪان پوءِ جيئن ئي دائود جو دوست
حوسي شهر ۾ آيو، تيئن ابي‌سلوم به يروشلم شهر ۾ پهچي ويو.

## دائود ۽ ضيبا

16 1 جڏهن دائود جبل جي چوٽيءَ تان ٿورو اڳتي وڌيو، تڏهن
مفيبوست جو ٻانهو ضيبا ساڻس اچي مليو. ضيبا سان گڏ
ٻه زين پيل گڏهه هئا، جن تي ٻه سؤ مانيون، هڪ سؤ ڪشمش جا
ڇڳا، هڪ سؤ تازا ميوا ۽ هڪڙي سانداري مئي جي رکيل هئي.
2 بادشاهه ضيبا کان پڇيو ته ”هي شيون ڇا جي لاءِ آهن؟“ ضيبا
وراڻيو ته ”گڏهه بادشاهه جي گهر جي ڀاتين جي سواريءَ لاءِ آهن،
ماني ۽ تازا ميوا جوانن جي کائڻ لاءِ آهن ۽ مئي انهيءَ لاءِ آهي ته
جيڪي بيابان ۾ ٿڪجي پون سي پيئن.“ 3 بادشاهه کانئس پڇيو ته
”تنهنجي آقا سائول جو پوٽو مفيبوست ڪٿي آهي؟“ ضيبا وراڻيو
ته ”هو يروشلم ۾ رهي ٿو، ڇالاءِجو ڪيس پڪ آهي ته هاڻي بني
اسرائيل وارا مون کي پنهنجي ڏاڏي جي بادشاهي موٽائي ڏيندا.“
4 تڏهن بادشاهه ضيبا کي چيو ته ”مفيبوست جي جيڪا به شيءِ
آهي سا سڀ هاڻي تنهنجي آهي.“ ضيبا وراڻي ڏيندي چيو ته ”آءٌ
تعظيم بجا ٿو آڻيان، اي منهنجا آقا بادشاهه! شل آءٌ تنهنجي نظر
۾ مان لهان.“

1:16 2.سم 9:9–10 3:16 2.سم 19:25–27

## شمعيءَ جي لعنت ڪرڻ

5 جڏهن دائود بادشاهه بحوريم شهر ۾ پهتو، تڏهن سائول جي
گهراڻي جي ماڻهن مان هڪڙو شخص نڪري آيو جنهن جو نالو
شمعي ولد گيرا هو. هو لعنتون وجهندو ٿي آيو. 6 هن دائود بادشاهه
۽ سندس سڀني عملدارن تي پٿر اڇلايا. ان وقت سڀ ماڻهو ۽ بهادر
مرد بادشاهه جي ساڄي ۽ کاٻي طرف هئا. 7 شمعيءَ لعنت وجهندي
هيئن ٿي چيو ته ”اي خوني! اي خبيث! نڪري وڃ، نڪري وڃ.
8 سائول جنهن جي جاءِ تي تو بادشاهي پئي ڪئي آهي، تنهن جي
گهراڻي جو سمورو خون خداوند تو تي ئي آڻي وڌو آهي. سو خداوند
بادشاهي تنهنجي پٽ ابيسلوم جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏي آهي ۽ تون
پنهنجي بڇڙائيءَ ۾ پاڻ ڦاٿو آهين، ڇالاءِجو تون خوني آهين.“
9 تڏهن دائود بادشاهه جي پيڻ ضروياه جي پٽ ابيشيءَ بادشاهه
کي چيو ته ”هي ڪتو منهنجي آقا بادشاهه تي ڇو ٿو پونڪي؟
مهرباني ڪري مون کي اجازت ڏيو ته آءٌ وڃي ڪري سندس سسي
لاهيان.“ 10 پر بادشاهه ابيشيءَ ۽ سندس ڀاءُ يوآب کي چيو ته ”اي
ضروياه جا فرزندؤ! انهيءَ ڳالهه ۾ اوهان جو ڇا وڃي؟ هو لعنت
انهيءَ ڪري ٿو ڪري جو خداوند هن کي چيو آهي ته ’دائود تي
لعنت ڪر.‘ تڏهن پوءِ ڪير آهي جو هن کي چوي ته ’ائين ڇو ٿو
ڪرين؟‘“ 11 پوءِ دائود ابيشيءَ ۽ پنهنجن سڀني عملدارن کي چيو
ته ”ڏسو، منهنجو پنهنجو پٽ جيڪو منهنجو ئي تخم آهي، سو ئي
مون کي مارڻ جي ڪوشش ۾ آهي، تڏهن پوءِ هي بنياميني انهيءَ
کان وڌيڪ ڇا نه ٿو ڪري سگهي؟ ڇڏي ڏيوس، ته ڀلي پيو لعنت
وجهي، ڇالاءِجو خداوند هن کي حڪم ڏنو آهي. 12 ٿي سگهي ٿو
ته مون کي ڀهتل هن رنج تي خداوند نظر ڪري ۽ اڄوڪي لعنت
جي عيوض هو منهنجو ڀلو ڪري.“ 13 پوءِ دائود پنهنجن ماڻهن
سميت پنهنجي واٽ وٺي هلندو رهيو ۽ شمعي سندس سامهون ٽڪر
جي ڪناري سان هلندي هن تي لعنتون وجهندو، ڪيس پٿر هڻندو
۽ مٽس مٽي اڇلائيندو هلندو ٿي رهيو. 14 بادشاهه ۽ سڀ ماڻهو
جيڪي ساڻس گڏ آيا هئا، سي بيحد ٿڪجي پيا هئا. سو اردن درياءَ
وٽ پهچي آرام ڪري هو تازا توانا ٿيا.

## حوسيءَ جو ابيسلوم وٽ پهچڻ

15 هوڏانهن ابيسلوم ۽ جيڪي بني اسرائيل وارا ساڻس گڏ هئا،
سي سڀ يروشلم ۾ آيا. اخيتفل به ساڻن گڏ هو. 16 پوءِ جڏهن دائود
جو دوست حوسي ارڪي ابيسلوم وٽ آيو، تڏهن ابيسلوم کي
چيائين ته ”خدا شل بادشاهه کي سلامت رکي! خدا شل بادشاهه کي
سلامت رکي!“ 17 تڏهن ابيسلوم حوسيءَ کي چيو ته ”ڇا تنهنجي
پنهنجي دوست دائود سان اها ئي مهرباني آهي؟ تون پنهنجي دوست
سان گڏجي ڇو نه وئين؟“ 18 حوسيءَ ابيسلوم کي وراڻيو ته ”ائين
ناهي، بلڪ جنهن کي خداوند، هنن ماڻهن بلڪ سڄي بني اسرائيل
چونڊيو آهي، آءٌ انهيءَ جو ئي هوندس ۽ انهيءَ سان ئي گڏ رهندس.
19 ڀلا پنهنجي آقا جي پٽ کان سواءِ آءٌ ٻيو ڪنهن جي خدمت
ڪريان؟ جيئن مون اوهان جي پيءُ جي اڳيان خدمت پئي ڪئي آهي،
تيئن آءٌ اوهان جي اڳيان به ڪندس.“

## اخيتفل جي صلاح

20 پوءِ ابيسلوم اخيتفل کي چيو ته ”تون صلاح ڏي ته اسين ڇا
ڪريون؟“ 21 اخيتفل ابيسلوم کي چيو ته ”اوهين پنهنجي پيءُ جي
سريتن سان وڃي همبستر ٿيو، جن کي هو محلات جي سنڀال لاءِ
ڇڏي ويو آهي. اهڙيءَ طرح اوهان جي پيءُ کي اوهان کان نفرت
ٿيندي ۽ پوءِ جڏهن بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو اها ڳالهه ٻڌندا تڏهن
جيڪي ماڻهو اوهان سان آهن تن جي همت وڌي ويندي.“ 22 سو
ابيسلوم جي لاءِ محل جي ڇت تي خيمو لڳايو ويو ۽ سڄي بني
اسرائيل ڏٺو ته هو ڪليو ڪلايو اندر وڃي پنهنجي پيءُ جي سريتن
سان همبستر ٿي ٿيو.
23 انهن ڏينهن ۾ اخيتفل جيڪا به صلاح ڏيندو هو سا ائين
سمجهي ويندي هئي ڄڻ ڪنهن خدا کان پڇي ڏني هجي. سو اخيتفل
جي سڀڪا صلاح دائود توڙي ابيسلوم ٻنهي لاءِ اهڙي ئي هوندي
هئي.

## حوسيءَ جو ابيسلوم کي گمراهه ڪرڻ

17 1 انهيءَ کان علاوه اخيتفل ابيسلوم کي هي به چيو
ته ”مون کي اجازت ڏيو ته هاڻي آءٌ ٻارهن هزار ماڻهو
چونڊي ڪيان ۽ اڄ رات ئي دائود جي پٺيان پوان. 2 هو اڃا ٿڪل ۽
بيهمت ئي هوندو ته آءٌ وڃي مٿان ڪڙڪندوسانس ۽ ٿرٿلو وجهي
ڇڏيندوسانس. پوءِ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ آهن سي سڀ ڀڄي
ويندا، تڏهن آءٌ رڳو بادشاهه کي ماري ڇڏيندس. 3 پوءِ آءٌ سندس
سڀني ماڻهن کي موٽائي اوهان وٽ وٺي ايندس، جيئن ڪا ڪنوار
پنهنجي گهوٽ وٽ موٽي ايندي آهي. اوهين پڻ رڳو هڪڙي ئي
ماڻهوءَ کي مارڻ گهرو ٿا، سو باقي سڀ صحيح سلامت رهندا.“
4 اها ڳالهه ابيسلوم ۽ بني اسرائيل جي سڀني اڳواڻن کي ڏاڍي
وڻي.
5 پوءِ ابيسلوم چيو ته ”هاڻي حوسي ارڪيءَ کي به سڏيو ته
هن جي به ٻڌون ته هو ڇا ٿو چوي.“ 6 جڏهن حوسي ابيسلوم
وٽ اچي پهتو تڏهن ابيسلوم چيس ته ”اخيتفل اسان کي هيءَ
صلاح ڏني آهي، هاڻي تون ٻڌاءِ ته اسين ائين ڪريون يا نه؟ جي
نه، ته پوءِ تون ٻڌاءِ ته ڇا ڪريون؟“ 7 تڏهن حوسيءَ ابيسلوم

22:16 2.سم 12–11:12

ڪي چيو تہ ”هن ڀيري اخيتفل جيڪا صلاح ڏني آهي سا چڱي نہ
آهي.“ 8 حوسيءَ وڌيڪ چيس تہ ”اوهين ڄاڻو ٿا تہ اوهان جو پيءُ
۽ سندس ماڻهو وڏا بهادر آهن. هن وقت اهي اهڙا تہ غضبناڪ ٿي
ويا آهن جهڙي ڪا جهنگلي رڇڻ هجي، جنهن جا ٻچا چورائجي ويا
هجن. جيئن تہ اوهان جو پيءُ تجربيڪار جنگي مرد آهي، سو هو
رات جو ماڻهن سان گڏ نہ ٿو رهي. 9 هن وقت بہ هو ڪنهن غار
۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ لڪل هوندو. پوءِ جڏهن دائود جي پهرين ئي
حملي ۾ اوهان جا ڪي ماڻهو مارجي ويندا، تہ جيڪو اها ڳالهہ
ٻڌندو سو چوندو تہ ’ابيسلوم جي پوئلڳن جي خونريزي ٿي رهي
آهي.‘ 10 تڏهن جيڪو بهادر ماڻهو هوندو ۽ سندس دل شينهن جي
دل جهڙي هوندي، سو بہ بلڪل دل هاري ويهندو. ڇالاءِجو ساري
بني اسرائيل کي خبر آهي تہ اوهان جو پيءُ وڏو بهادر آهي ۽ جيڪي
ساڻس گڏ آهن سي بہ بهادر ماڻهو آهن. 11 تنهنڪري منهنجي
صلاح اها آهي تہ دان کان وٺي بيرسبع تائين سمورا بني اسرائيل،
جيڪي سمنڊ جي واريءَ جيان بيشمار آهن، تن کي گڏ ڪريو ۽
اوهين پاڻ هلي جنگ ۾ انهن جي اڳواڻي ڪريو. 12 پوءِ جنهن هنڌ
دائود هٿ آيو، اتي مٿس حملو ڪنداسين ۽ ائين مٿس وڃي پونداسين
جيئن ماڪ زمين تي پوندي آهي. تڏهن اسين هن کي ۽ جيڪي ماڻهو
ساڻس گڏ آهن تن مان هڪڙي کي بہ جيئرو ڪين ڇڏينداسين. 13 پر
جيڪڏهن هو ڪنهن شهر ۾ هوندو تہ اسين بني اسرائيل جا سڀ
ماڻهو رسا آڻي انهيءَ شهر جي چوگرد ٻڌي انهيءَ شهر کي گهلي
نهر منجهہ اڇلائينداسين، ايتري قدر جو انهيءَ جو هڪڙو ننڍڙو پٿر
بہ اُتي باقي نہ رهندو.“
14 تنهن تي ابيسلوم ۽ جيڪي بني اسرائيل وارا ساڻس گڏ هئا،
تن چيو تہ ”حوسي ارڪيءَ جي صلاح اخيتفل جي صلاح کان بهتر
آهي.“ هي انهيءَ ڪري ٿيو جو خداوند اهو ارادو ڪري ڇڏيو هو تہ
اخيتفل جي چڱي صلاح بہ اجائي ٿئي، انهيءَ لاءِ تہ هو ابيسلوم
تي آفت نازل ڪري.

## دائود جو بچي نڪرڻ

15 پوءِ حوسيءَ صدوق ۽ ابياتر ڪاهنن کي ٻڌايو تہ ابيسلوم ۽
بني اسرائيل جي اڳواڻن کي اخيتفل ڪهڙي صلاح ڏني ۽ هن انهن
کي ڪهڙي صلاح ڏني. 16 حوسيءَ کين وڌيڪ چيو تہ ”هاڻي اوهين
جلدي ڪريو ۽ دائود کي چوائي موڪليو تہ هو اڄ رات بيابان ۾
درياءَ جي گهاٽن وٽ ٽڪي نہ پوي، بلڪ جلدي پار لنگهي هليو
وڃي، انهيءَ لاءِ تہ متان دائود بادشاهہ ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ
آهن سي سڀ ڳڙڪائجي نہ وڃن.“
17 ابياتر جو پٽ يونتن ۽ صدوق جو پٽ اخيمعض، ٻئي يروشلم
جي ٻاهران عين‌راجل چشمي وٽ رهيا پيا هوندا هئا، انهيءَ لاءِ تہ
جيئن ڪو کين شهر ۾ ايندو نہ ڏسي. هڪڙي نوڪرياڻي وڃي انهن
کي خبرچار ڏيندي هئي ۽ هو وڃي اها دائود بادشاهہ کي ٻڌائيندا
هئا. 18 پر هن دفعي هڪڙي ڇوڪر هنن کي ڏسي ورتو ۽ انهيءَ
وڃي ابيسلوم کي ٻڌايو. مگر هو ٻئي ڄڻا تڪڙا هلي بحوريم
شهر ۾ هڪڙي واقف ماڻهوءَ جي گهر آيا، جنهن جي اڱڻ ۾ هڪڙو
کوهہ هو. سو هو انهيءَ ۾ اندر لهي ويا. 19 انهيءَ ماڻهوءَ جي
زال هڪڙي چادر کڻي کوهہ جي منهن تي وڇائي ڇڏي ۽ انهيءَ جي
مٿان ڏريل ان پکيڙي ڇڏيائين، انهيءَ لاءِ تہ ڪنهن کي بہ ڪا خبر
نہ پوي. 20 جڏهن ابيسلوم جا نوڪر انهيءَ گهر ۾ آيا ۽ انهيءَ
عورت کان پڇيائون تہ ”اخيمعض ۽ يونتن ڪٿي آهن؟“ تڏهن هن
کين ورندي ڏني تہ ”اُهي نهر کان پار ٽپي ويا.“ پوءِ هنن انهن
جي ڳولها ڪئي، پر جڏهن کين ڪين لڌائون تڏهن موٽي يروشلم
ڏانهن هليا ويا. 21 انهن جي وڃڻ کان پوءِ هو ٻئي کوهہ مان نڪري
روانا ٿيا ۽ وڃي دائود بادشاهہ وٽ پهتا. پوءِ جيڪا صلاح اخيتفل
ابيسلوم کي ڏني هئي سا کيس ٻڌايائون ۽ وڌيڪ چيائون تہ ”اٿو
۽ جلدي درياءُ پار ڪري هليا وڃو.“ 22 تڏهن دائود ۽ جيڪي ماڻهو
ساڻس گڏ هئا سي سڀ اٿيا ۽ اردن درياءُ لنگهي پار ٿيا. صبح جي
سوجهري ٿيڻ تائين انهن مان هڪڙو بہ پوئتي ڪين رهيو.
23 اخيتفل جڏهن ڏٺو تہ سندس صلاح تي عمل نہ ڪيو ويو آهي،
تڏهن هن پنهنجي گڏهہ تي آئر رکيو ۽ اٿي پنهنجي شهر ڏانهن روانو
ٿيو. گهر پهچي پنهنجي گهر جي انتظام بابت وصيت ڪيائين. پوءِ
پاڻ کي ڦاهي ڏيئي ماري ڇڏيائين ۽ کيس پنهنجي خانداني قبرستان
۾ دفن ڪيو ويو.
24 جنهن وقت دائود محنايم شهر ۾ وڃي پهتو، تنهن وقت
ابيسلوم ۽ بني اسرائيل جا جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، سي اردن
درياءُ ٽپي پار ٿيا. 25 ابيسلوم يوآب جي بدران عماسا کي لشڪر
جي مٿان سالار مقرر ڪيو. عماسا اِترا نالي هڪڙي شخص جو پٽ
هو جيڪو اسماعيل جي اولاد مان هو. اِترا جي زال جو نالو ابيجيل
هو، جا ناحس جي ڌيءَ ۽ يوآب جي ماءُ ضرو ياه جي ڀيڻ هئي.
26 ابيسلوم ۽ بني اسرائيل جي ماڻهن گلعاد جي علائقي ۾ اچي
خيما کوڙيا.
27 جڏهن دائود محنايم شهر ۾ پهتو تڏهن سوبي ولد ناحس جيڪو
بني عمون جي علائقي جي شهر ربہ جو ويٺل هو، مڪير ولد عمي‌ايل
جيڪو لودبار شهر جو ويٺل هو ۽ برزلي گلعادي جيڪو راجليم جو
ويٺل هو، سي ساڻس ملڻ آيا. 28-29 اهي پاڻ سان کٽولا، پيالا ۽
نڪر جا ٿانوَ کڻي آيا، ۽ دائود ۽ سندس ماڻهن جي کائڻ لاءِ ڪڻڪ،
جَوَ، اٽو، سنون، چونرا، داليون، ڀُڳڙا، ماکي، ڏهي، پنير ۽ ڪجهہ
رڍون بہ کڻي آيا. ڇالاءِجو هنن ڄاتو ٿي تہ دائود ۽ سندس ماڻهو
بيابان ۾ بکايل، اڃايل ۽ ٿڪل آهن.

## ابيسلوم جي شڪست

18 1 دائود پنهنجن انهن ماڻهن مان جوان ماڻهن کي هڪ هنڌ
گڏ ڪيو. پوءِ هن انهن جا هزار هزار جا ٽولا ۽ انهن ۾

وري سؤ سؤ جون ٽوليون ٺاهي مٿن مختلف سالار مقرر ڪيا. 2 پوءِ
دائود انهن کي ٽن ٽولن ۾ روانو ڪيو. هن هڪڙو ٽولو يوآب جي
هٿ هيٺ، ٻيو ٽولو يوآب جي ڀاءُ ابيشيءَ جنهن جي ماءُ ضروياه
هئي، تنهن جي هٿ هيٺ ۽ ٽيون ٽولو اِتي نالي هڪڙي گاتيءَ جي
هٿ هيٺ روانو ڪري ڇڏيو. بادشاهه جوانن کي چيو ته ”آءٌ پاڻ به
اوهان سان گڏ هلندس.“ 3 پر انهن چيس ته ”اوهان اسان سان گڏ
نه هلو، ڇالاءِجو جيڪڏهن اسين ڀڄي نڪتاسين ته هو اسان جي
ڪابه پرواهه نه ڪندا، يا جيڪڏهن اسان مان اڌ جيترا ڪٽجي مئا ته
به هو اسان جي ڪابه پرواهه نه ڪندا. پر اوهين اسان جهڙن ڏهن
هزارن جي مٽ آهيو. تنهنڪري هاڻي بهتر ائين آهي ته اوهين شهر
۾ ئي رهو ۽ اتان اسان ڏانهن مدد موڪلجو.“
4 تڏهن دائود بادشاهه انهن کي وراڻيو ته ”جيئن اوهان کي چڱو
لڳي تيئن ئي آءٌ ڪندس.“ پوءِ بادشاهه شهر جي دروازي جي پاسي
۾ ٿي بيٺو ۽ هزار هزار جي ٽولن وارا سپ جوان سَون سَون جي
ٽولين ۾ قطارون ٺاهي لنگهندا رهيا. 5 پوءِ بادشاهه يوآب، ابيشي
۽ اِتيءَ کي حڪم ڏيئي چيو ته ”منهنجي خاطر انهيءَ جوان ماڻهوءَ
ابيسلوم سان نرميءَ وارو سلوڪ ڪجو.“ ابيسلوم جي باري ۾
سالارن کي ڏنل بادشاهه جو اهو حڪم سڀني جنگي جوانن ٻڌو.
6 تڏهن دائود جو لشڪر ٻين بني اسرائيل وارن سان جنگ ڪرڻ
لاءِ نڪري ميدان تي آيو ۽ افرائيم جي ٻيلي ۾ جنگ لڳي. 7 اتي
بني اسرائيل جي انهن جوانن دائود جي لشڪر کان شڪست کاڌي.
انهيءَ ڏينهن اتي وڏي خونريزي ٿي، جنهن ۾ ويهه هزار ماڻهو قتل
ٿي ويا. 8 جنگ سڄي پسگردائيءَ ۾ پکڙجي ويئي ۽ انهيءَ ڏينهن
تلوار سان ايترا جوان قتل نه ٿيا جيترا ٻيلي ۾ مري کپي ويا.

## ابيسلوم جو قتل

9 اتفاق سان ابيسلوم دائود جي ڪجهه جوانن جي منهن پئجي
ويو. هو هڪڙي خچر تي چڙهيل هو. اهو خچر جڏهن هڪڙي
گهاٽي شاهبلوط وڻ جي ٽارين هيٺان لنگهيو ته ابيسلوم جو مٿو
شاهبلوط ۾ ڦاسي پيو ۽ هو زمين کان مٿي لٽڪي پيو، جڏهن
ته سندس خچر هيٺان نڪري اڳتي هليو ويو. 10 سو هڪڙي ماڻهوءَ
ڪيس ڏسي ورتو ۽ وڃي يوآب کي ٻڌايائين ته ”مون ابيسلوم کي
شاهبلوط جي هڪڙي وڻ ۾ لٽڪندو ڏٺو آهي.“ 11 تڏهن يوآب
انهيءَ کي چيو ته ”جڏهن تو هن کي ڏٺو، تڏهن ڇو نه ڪيس اتي
ئي ماري ڇڏيئِه؟ جيڪڏهن تون ائين ڪرين ها ته *ڏهه چانديءَ جا
سڪا ۽ هڪڙو ڪمربند مون تي تنهنجو حق ٿئي ها.“
12 پر انهيءَ ماڻهوءَ يوآب کي ورندي ڏني ته ”جيڪڏهن منهنجي
هٿ تي ڏهه سؤ چانديءَ جا سڪا به رکيا وڃن ها، ته به آءٌ بادشاهه
جي پٽ تي پنهنجو هٿ نه کڻان ها. ڇالاءِجو اسان جي روبرو
بادشاهه تو کي، ابيشيءَ کي ۽ اِتيءَ کي تاڪيد ڪري چيو هو
ته ’منهنجي خاطر انهيءَ جوان ابيسلوم جو بچاءُ ڪجو.‘ 13 پوءِ
جيڪڏهن آءٌ هن جي جان کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪا دغابازي ڪريان
ها ۽ جڏهن ته ڪابه ڳالهه بادشاهه کان لڪل نه ٿي رهي، تڏهن
بادشاهه جي ان بابت ٻڌڻ کان پوءِ تون پاڻ به منهنجي مدد ڪرڻ
کان هٽي بيهين ها.“ 14 تنهن تي يوآب چيس ته ”آءٌ تو وٽ ترسي
وڌيڪ وقت وڃائي نه ٿو سگهان.“ پوءِ هو شاهبلوط وڻ وٽ آيو،
جتي ابيسلوم جيئرو ٽنگيل هو. اتي هن ابيسلوم جي سيني ۾ ٽي
نيزا هڻي وڌا. 15 تڏهن يوآب جا ڏهه هٿياربند محافظ به ابيسلوم
جي چوڌاري ڦري آيا ۽ ڪيس وڌيڪ ڌڪ هڻي ماري وڌائون.
16 پوءِ يوآب جنگ کي روڪڻ لاءِ نفيل وڄرائي ته بني اسرائيل جو
پيڇو ڪندڙ جوان موٽي آيا. 17 هنن ابيسلوم جو لاش کڻي ٻيلي ۾
هڪڙي وڏيءَ کڏ ۾ اڇلايو ۽ مٿانئس پٿرن جو هڪڙو وڏو ڍير ڪري
ڇڏيائون. تنهن وچ ۾ بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو پنهنجن پنهنجن
گهرن ڏانهن ڀڄي ويا.
18 ابيسلوم پنهنجي جيئري ئي بادشاهن جي ماٿريءَ ۾ پنهنجي
لاءِ هڪڙو ٿنڀو اڏيو هو، ڇالاءِجو هن سوچيو ٿي ته ”مون کي ڪو
پٽ ڪونهي جيڪو منهنجي نالي جي يادگيري قائم رکي.“ سو
هن انهيءَ ٿنڀي تي پنهنجو نالو رکيو هو. اهو ٿنڀو اڄ ڏينهن تائين
ابيسلوم جي يادگار سڏبو آهي.

## ابيسلوم لاءِ دائود جو سوڳ ڪرڻ

19 تنهن کان پوءِ صدوق جي پٽ اخيمعض يوآب کي چيو ته ”مون
کي موڪل ڏي ته ڊوڙي وڃي آءٌ بادشاهه کي خوشخبري ڏيان ته
ڪيئن نه خداوند سندس دشمنن کان بدلو ورتو آهي.“ 20 يوآب کيس
چيو ته ”نه، اڄ تون ڪابه خوشخبري نه ٻڌائڻ وڃ، تون ڪنهن ٻئي
ڏينهن ڪا ٻي خوشخبري ٻڌائڻ وڃجانءِ، پر اڄ نه، ڇوته بادشاهه
جو پٽ مري ويو آهي.“ 21 پوءِ يوآب هڪڙي †سوڊانيءَ کي چيو ته
”جيڪي تو ڏٺو آهي سو وڃي بادشاهه کي ٻڌاءِ.“ تڏهن ان سوڊانيءَ
جهڪي يوآب کي تعظيم ڏني ۽ اٿي ڀڳو. 22 تنهن تي صدوق جي
پٽ اخيمعض وري به يوآب کي چيو ته ”ڇا به ٿي پوي، آءٌ منٿ ٿو
ڪريان ته مون کي ڇڏ ته آءٌ به سوڊانيءَ جي پٺيان ڊوڙي وڃان.“
يوآب پڇيس ته ”اي منهنجا پٽ! جڏهن ته تون ڄاڻين ٿو ته انهيءَ
خبر جي عيوض تو کي ڪوبه انعام نه ملندو، تڏهن تون ڇو ٿو
وڃڻ چاهين؟“ 23 پر هن چيس ته ”ڪجهه به ٿي پوي، آءٌ ويندس.“
تڏهن يوآب چيس ته ”ڀلي وڃ.“ سو اخيمعض اردن ماٿريءَ وارو
رستو ڏيئي اٿي ڀڳو ۽ سوڊانيءَ کان اڳي نڪري ويو.

*ڏهه چانديءَ جا سڪا: اٽڪل هڪ سؤ ڏهه گرام.

†سوڊاني: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوشي“ لکيل آهي، انهن ڏينهن ۾ هنن ماڻهن جو علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪُجھ حصي تي مشتمل هو.

24 هوڏانهن دائود ڪوٽ جي اندرين ۽ ٻاهرين درن جي وچ ۾ ويٺو
هو. ان وقت پهريدار ڪوٽ واري دروازي جي ڇت تي چڙهي ويو ۽
چا ڏنائين ته هڪڙو ماڻهو اڪيلو ڊوڙندو پيو اچي. 25 تڏهن هن رڙ
ڪري بادشاهه کي اها خبر ٻڌائي. بادشاهه چيو ته ”جيڪڏهن هو
اڪيلو آهي ته ضرور ڪا خوشخبري آڻي رهيو آهي.“ ايتري ۾ هو
ڊوڙندو اچي ويجهو پهتو. 26 تڏهن پهريدار هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ کي
به ڊوڙندو ايندي ڏٺو، سو هن دربان کي سڏي چيو ته ”ڏس، هڪڙو
ٻيو ماڻهو به اڪيلو ڊوڙندو پيو اچي.“ تنهن تي بادشاهه چيو ته
”هو به ضرور ڪا خوشخبري آڻي رهيو آهي.“ 27 پهريدار چيو ته
”منهنجي خيال ۾ جيڪو اڳ ۾ ڊوڙندو پيو اچي سو صدوق جي
پٽ اخيمعض وانگر پيو لڳي.“ بادشاهه چيو ته ”هو چڱو ماڻهو
آهي، سو ضرور ڪا چڱي خبر پيو آڻي.“ 28 تڏهن اخيمعض رڙ
ڪري بادشاهه کي چيو ته ”بادشاهه سلامت رهو.“ پوءِ زمين تي
منهن رکي بادشاهه کي تعظيم ڏنائين ۽ چوڻ لڳو ته ”واکاڻ هجي
خداوند خدا جي جنهن جا اوهين خاص ٻانها آهيو، تنهن اسان کي
انهن ماڻهن تي فتح بخشي جن منهنجي آقا بادشاهه سان بغاوت
ڪئي هئي.“ 29 تنهن تي بادشاهه پڇيس ته ”اهو جوان ابيسلوم
ته سلامت آهي نه؟“ اخيمعض ورندي ڏنس ته ”جڏهن يوآب اوهان
جي هن ٻانهي کي روانو ڪيو، تڏهن مون هڪڙو وڏو گوڙ شور ڏٺو،
پر مون کي خبر نه پيئي ته ڇا ٿيو.“ 30 تڏهن بادشاهه چيس ته ”هن
پاسي ٿي بيهي رهه.“ سو هو پاسي ٿي ماٺ ڪري بيهي رهيو.
31 ايتري ۾ اهو سوڊاني به اچي پهتو ۽ چوڻ لڳو ته ”منهنجي
آقا بادشاهه جي لاءِ خوشخبري آهي ته خداوند اڄوڪي ڏينهن انهن
سڀني ماڻهن کان تنهنجو بدلو ورتو آهي، جن تنهنجي خلاف بغاوت
ڪئي هئي.“ 32 بادشاهه سوڊانيءَ کان پڇيو ته ”اهو جوان ماڻهو
ابيسلوم ته سلامت آهي نه؟“ سوڊانيءَ ورندي ڏني ته ”منهنجي
آقا بادشاهه جا دشمن ۽ جيڪي تو کي نقصان رسائڻ لاءِ تنهنجي
خلاف اٿي کڙا ٿين، تن جو شل اهڙو حال ٿئي جهڙو انهيءَ جوان
ماڻهوءَ جو ٿيو آهي.“
33 تڏهن بادشاهه جي حالت خراب ٿي ويئي. پوءِ هو انهيءَ ڪمري
ڏانهن جيڪو دروازي جي مٿان هو، روئندو ويو ۽ هيئن چوندو ويو
ته ”او منهنجا پٽ ابيسلوم! هاءِ منهنجا پٽ! او منهنجا پٽ
ابيسلوم! شل آءٌ تنهنجي بدران مران ها ته چڱو هو. هاءِ منهنجا
پٽ ابيسلوم! او منهنجا پٽ!“

## يوآب جو دائود کي ڇينڀڻ

19 1 يوآب کي ٻڌايو ويو ته بادشاهه ابيسلوم لاءِ روئي ٿو
۽ سوڳ ٿو ڪري. 2 انهيءَ ڏينهن سڄي لشڪر جي لاءِ
به فتح جي خوشي سوڳ ۾ بدلجي ويئي، ڇالاءِجو هنن ٻڌو هو ته
بادشاهه پنهنجي پٽ جي سوڳ ۾ آهي. 3 سو ان ڏينهن لشڪر وارا
اهڙيءَ طرح چپ چاپ شهر ۾ داخل ٿيا، جهڙيءَ طرح کي ماڻهو
جنگ مان ڀڄي ويندا آهن ۽ پوءِ شرم وچان چپ چاپ ايندا آهن.
4 جڏهن ته بادشاهه پنهنجو منهن ڍڪي رڙيون ڪري پئي چيو ته
”او ابيسلوم منهنجا پٽ! هاءِ ابيسلوم منهنجا پٽ! او منهنجا
پٽ!“
5 تڏهن يوآب بادشاهه جي گهر ۾ گهڙي آيو ۽ کيس چوڻ لڳو
ته ”تو اڄ پنهنجي انهن سڀني لشڪر وارن کي شرمندو ڪيو آهي،
جن تنهنجي حياتي، تنهنجي پٽن ۽ ڌيئرن جون حياتيون ۽ تنهنجين
زالن ۽ سريتن جون حياتيون بچايون. 6 تون انهن کي پيار ٿو ڪرين
جيڪي تو کي ڌڪارين ٿا ۽ انهن کي ڌڪارين ٿو جيڪي تو کي پيار
ٿا ڪن. اڄوڪي ڏينهن تو اهو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته سالار توڙي
تنهنجا سپاهي، تنهنجي اڳيان ڪجهه به ڪين آهن، ڇالاءِجو اڄ
آءٌ ڏسان ٿو ته جيڪڏهن ابيسلوم جيئرو هجي ها ۽ اسين سڀ مري
وڃون ها ته جيڪر تون ڏاڍو خوش ٿئين ها. 7 تنهنڪري هاڻي تون
اُٿ، ٻاهر هلي پنهنجي لشڪر جي همت افزائي ڪر، نه ته آءٌ خداوند
جو قسم کڻي ٿو چوان ته جيڪڏهن تون ٻاهر نه هلندين ته اڄ رات
ٿيڻ تائين تو وٽ هڪڙو به ماڻهو ڪين رهندو ۽ اها ڳالهه تنهنجي
لاءِ انهن سڀني آفتن کان وڌيڪ خراب هوندي، جيڪي جوانيءَ کان
وٺي هن وقت تائين تو تي نازل ٿيون آهن.“
8 تڏهن بادشاهه اٿيو ۽ شهر جي دروازي ۾ وڃي ويٺو. پوءِ جڏهن
ساري لشڪر کي ٻڌايو ويو ته بادشاهه شهر جي دروازي ۾ ويٺو
آهي، تڏهن اهي سڀ بادشاهه جي اڳيان اچي گڏ ٿيا.

## دائود جو يروشلم ڏانهن موٽڻ

انهيءَ وچ ۾ بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن
ڏانهن ڀڄي هليا ويا هئا. 9 هاڻي بني اسرائيل جي سڀني قبيلن جي
ماڻهن ۾ تڪرار شروع ٿي ويو. هو هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته ”دائود
بادشاهه اسان کي اسان جي دشمنن جي هٿان ڇڏايو ۽ اسان کي
فلستين جي هٿن کان بچايو. پر هو ابيسلوم جي ڪري ملڪ مان
ڀڄي ويل آهي. 10 جڏهن ته ابيسلوم جنهن کي اسان مسح ڪري
پنهنجي مٿان بادشاهه مقرر ڪيو، سو جنگ ۾ مري ويو آهي. تڏهن
هاڻي اوهين دائود بادشاهه کي موٽائي وٺي اچڻ جي ڳالهه ڇو نه
ٿا ڪريو؟“
11 جڏهن اها خبر دائود بادشاهه کي پيئي، تڏهن هن صدوق ۽
ابياتر ڪاهن جي هٿان بني يهوداه جي سردارن کي چوائي موڪليو
ته ”چو اوهين بادشاهه کي پنهنجي تخت تي موٽائي آڻڻ ۾ سڀني
کان پٺتي پئجي ويا آهيو؟ جڏهن ته بادشاهه تائين اها خبر پهچي
ويئي آهي ته سڄو بني اسرائيل چوي ٿو ته بادشاهه کي موٽائي
پنهنجي تخت تي آڻجي. 12 جنهن صورت ۾ اوهين ته بادشاهه جا
پنهنجا ۽ سندس هڏ رت آهيو، ته پوءِ ڇو اوهين کيس موٽائي آڻڻ
۾ پٺتي پئجي ويا آهيو؟“ 13 دائود هنن جي هٿان عماسا کي به
چوائي موڪليو ته ”تون منهنجو هڏ رت ناهين ڇا؟ سو هاڻي کان

آءٌ پنهنجي اڳيان تو کي يوآب جي بدران هميشه جي لاءِ فوج جو
سپهه‌سالار بڻايان ٿو. جيڪڏهن آءٌ ائين نه ڪريان ته شل خدا مون
سان ائين ئي بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ ڪري." 14 دائود جي انهن
ڳالهين بني يهوداه جي سڀني ماڻهن جون دليون پاڻ ڏانهن اهڙيون
ته موڙي ڇڏيون، جو هنن ڏانهنس چوائي موڪليو ته "تون پنهنجي
ساري اٿالي سميت موٽي اچ." 15 تڏهن بادشاهه موٽي اردن درياءَ
تي اچي پهتو ۽ بني يهوداه بادشاهه جو استقبال ڪرڻ ۽ کيس اردن
درياءَ کان پار وٺي وڃڻ لاءِ گلگال شهر تائين آيا.
16 بنيامين قبيلي جو شمعي ولد گيرا، جيڪو بحوريم شهر جو
ويٺل هو، سو به دائود بادشاهه جو استقبال ڪرڻ لاءِ تڪڙو اچي بني
يهوداه جي ماڻهن سان گڏيو. 17 انهيءَ سان بنيامين قبيلي جا هڪ
هزار ماڻهو ۽ سائول جي گهراڻي جو نوڪر ضيبا پنهنجي پندرهن
پٽن ۽ ويهن ٻانهن سميت گڏ هو. اهي اردن درياءَ تي بادشاهه جي
سامهون اچي پهتا. 18 تڏهن هو بادشاهه جي گهراڻي کي پار ٽپائي
آڻڻ لاءِ ۽ جيڪي هو چاهي سو ڪرڻ لاءِ پتڻ ٽپي درياءَ جي پار آيا.

## دائود جو شمعيءَ سان ڀلائي ڪرڻ

پوءِ جيئن ئي بادشاهه اردن درياءُ ٽپڻ وارو هو، تيئن شمعي ولد
گيرا سندس اڳيان منهن پر هيٺ ڪري کيس تعظيم ڏني 19 ۽ بادشاهه
کي چوڻ لڳو ته "منهنجو آقا مون تي ڪو قصور نه رکي ۽ جيڪا
بڇڙائي هن ٻانهي اوهان آقا سان اوهان جي يروشلم مان نڪرڻ واري
ڏينهن تي ڪئي هئي، تنهن کي منهنجو آقا بادشاهه ياد نه ڪري ۽
نڪي انهيءَ کي پنهنجي دل ۾ رکي. 20 جيئن ته تنهنجو هي ٻانهو
ڄاڻي ٿو ته مون گناهه ڪيو آهي، تنهنڪري ئي اڄ آءٌ اتر وارن ڏهن
قبيلن مان سڀني کان پهريائين پنهنجي آقا بادشاهه جي استقبال لاءِ
آيو آهيان."
21 تڏهن ابيشيءَ جنهن جي ماءُ ضروياه هئي، ورندي ڏني ته "ڇا
انهن ڳالهين جي ڪري شمعيءَ کي قتل نه ڪيو ويندو؟ جڏهن ته
هن خداوند جي مسح ڪرائي چونڊيل بادشاهه تي لعنت وڌي هئي."
22 پر دائود ابيشيءَ ۽ سندس ڀاءُ يوآب کي چيو ته "اي ضروياه جا
فرزندؤ! اوهان جو انهيءَ ۾ ڪهڙو واسطو، جو اڄ اوهين منهنجا
مخالف ٿا بڻجو؟ ڇا آءٌ اهو نه ٿو ڄاڻان ته اڄ آءٌ سڄي بني اسرائيل
جي مٿان بادشاهه ٿيو آهيان؟ پوءِ ڇا اڄوڪي ڏينهن بني اسرائيل
مان ڪو ماڻهو قتل ڪيو وڃي؟" 23 بادشاهه شمعيءَ کي چيو ته
"آءٌ قسم تي تو سان انجام ٿو ڪريان ته تو کي نه ماريو ويندو."

## دائود جو مفيبوست سان ڀلائي ڪرڻ

24 پوءِ سائول جو پوٽو مفيبوست بادشاهه جي استقبال ڪرڻ لاءِ
هيٺ لهي آيو. جنهن ڏينهن بادشاهه يروشلم کي ڇڏي نڪتو هو،
تنهن ڏينهن کان وٺي بادشاهه جي وري سلامت موٽي اچڻ واري
ڏينهن تائين مفيبوست نه پنهنجا پير ڌوتا هئا، نه پنهنجي ڏاڙهي
ڪتري هئي ۽ نه وري پنهنجا ڪپڙا ئي ڌوتا هئائين. 25 جڏهن هو
يروشلم کان بادشاهه سان ملڻ لاءِ آيو تڏهن بادشاهه کيس چيو ته
"اي مفيبوست! تون مون سان گڏ ڇو نه هليو هئين؟" 26 مفيبوست
ورندي ڏني ته "اي منهنجا آقا بادشاهه! جيئن ته اوهان جو هي
ٻانهو منڊو آهي، سو اوهان جي ٻانهي پنهنجي نوڪر کي چيو ته
'گڏهه تي آتر رک، انهيءَ لاءِ ته ان تي چڙهي آءٌ بادشاهه سان
گڏ وڃان،' پر منهنجي نوڪر ضيبا مون سان دوکو ڪيو. 27 اٿلندو
هن منهنجي آقا بادشاهه وٽ اچي اوهان جي ٻانهي تي تهمت هنئي
آهي. پر جيئن ته منهنجو آقا بادشاهه پرکڻ ۾ خدا جي فرشتي جهڙو
آهي، تنهنڪري جيئن اوهين مناسب سمجهو تيئن ڪريو. 28 منهنجي
پيءُ جو سارو گهراڻو منهنجي آقا بادشاهه جي اڳيان موت جي لائق
هو. تنهن هوندي به اوهان پنهنجي ٻانهي کي انهن ماڻهن ۾ شامل
ڪيو، جيڪي اوهان جي دسترخوان تي ماني ٿا کائين. تڏهن پوءِ
مون کي ڪهڙو حق آهي جو آءٌ بادشاهه وٽ دانهين ٿيان." 29 تڏهن
بادشاهه هن کي چيو ته "انهن ڳالهين جو وڌيڪ ذڪر ڇو ٿو ڪرين؟
مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته تون ۽ ضيبا سائول بادشاهه جي
زمين پاڻ ۾ ورهايو." 30 مفيبوست بادشاهه کي وراڻيو ته "هو ڀلي
سموري ئي زمين کڻي. منهنجي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته منهنجو
آقا بادشاهه صحيح سلامت پنهنجي گهر موٽي آيو آهي."

## دائود جو برزليءَ سان ڀلائي ڪرڻ

31 برزلي گلعادي راجليم به شهر کان لهي آيو، انهيءَ لاءِ ته
بادشاهه سان گڏجي وڃي کيس اردن درياءَ کان روانو ڪري موٽي
اچي. 32 برزلي اسي سالن جي عمر جو تمام پوڙهو ماڻهو هو. جيئن
ته هو تمام دولتمند ماڻهو هو، سو جڏهن بادشاهه محنايم شهر ۾
رهيل هو تڏهن هن بادشاهه کي کاڌخوراڪ پهچائي هئي.
33 بادشاهه برزليءَ کي چيو ته "تون مون سان گڏجي اردن درياءَ
جي پار يروشلم ۾ هل، ته آءٌ پاڻ وٽ تنهنجي پرورش ڪندس."
34 پر برزليءَ بادشاهه کي وراڻيو ته "منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن ئي
ڪيترا آهن، جو آءٌ بادشاهه سان گڏجي يروشلم ڏانهن هلان؟ 35 اڄ
آءٌ اسي سالن جو آهيان. ڇا آءٌ چڱي ۽ بڇڙي جي وچ ۾ تميز ڪري
سگهان ٿو؟ ڇا اوهان جي هن ٻانهي کي کائڻ يا پيئڻ مان ڪو مزو
اچي سگهي ٿو؟ ڇا آءٌ ڪو هاڻي ڳائيندڙ مردن ۽ عورتن جو آواز ٻڌي
سگهان ٿو؟ ته پوءِ ڇو اوهان جو ٻانهو پنهنجي آقا بادشاهه تي بار
ٿي پوي؟ 36 اوهان جو ٻانهو بادشاهه سان گڏ اردن درياءُ پار ڪري
رڳو ٿوري پنڌ تائين هلندو، پوءِ انهيءَ جي عيوض ۾ بادشاهه مون
کي ڇو اهڙو انعام عطا ڪري؟ 37 سو پنهنجي ٻانهي کي موٽي وڃڻ

16:19 2.سمو 5:16–13   24:19 2.سمو 9:1–13، 16:1–4   29:19 2.سمو 7:9   31:19 2.سمو 17:27–29

جي اجازت ڏيو، تہ آءٌ پنهنجي شهر ۾ وڃي زندگيءَ جا باقي ڏينهن
پورا ڪريان، جتي منهنجي ماءُپيءُ جي قبر آهي. باقي منهنجو آقا
بادشاهہ پنهنجي هن ٻانهي جي پٽ ڪمهام کي پاڻ سان گڏ وٺي
وڃي رهائي ۽ جيڪي اوهان کي وڻي سو انهيءَ لاءِ ڪريو.“
38 بادشاهہ کيس وراڻيو تہ ”ڪمهام ڀلي مون سان گڏجي هلي
رهي. آءٌ هن لاءِ اهو ئي ڪندس جيڪي تنهنجي نظر ۾ چڱو هوندو.
تون مون کان جيڪي بہ چاهيندين، سو آءٌ ڪندس.“ 39 تڏهن بادشاهہ
سان گڏ سڀيئي ماڻهو اردن درياءُ ٽپي پار آيا. پوءِ بادشاهہ برزليءَ
کي چمي ڏيئي کيس دعا ڪئي ۽ برزلي پنهنجي گهر ڏانهن موٽي
هليو ويو.

## بني يهوداہ ۽ بني اسرائيل جي باقي ٻين قبيلن جي بادشاهہ بابت حجت ڪرڻ

40 اهڙيءَ طرح بادشاهہ پار لنگهي گلگال ڏانهن روانو ٿيو.
ڪمهام، بني يهوداہ جو سارو قبيلو ۽ ٻين بني اسرائيل وارن جا اڌ
ماڻهو بہ ساڻس گڏ پار لنگهي هليا. 41 تڏهن بني اسرائيل جي اتر
وارن قبيلن جا سمورا ماڻهو بادشاهہ وٽ آيا ۽ بادشاهہ کي چيائون
تہ ”چو اسان جا قوم وارا، بني يهوداہ جا ماڻهو اوهان کي لڪ
چوريءَ وٺي آيا آهن؟ هو چو بادشاهہ کي سندس گهراڻي ۽ سندس
سڀني ماڻهن سميت اردن درياءُ پار ٽپائي وٺي آيا آهن؟“ 42 تنهن
تي بني يهوداہ جي سڀني ماڻهن ٻين بني اسرائيل وارن ماڻهن کي
ورندي ڏيئي چيو تہ ”اسان انهيءَ ڪري ائين ڪيو جو بادشاهہ اسان
جو ويجهو مائٽ آهي. پر اوهين انهيءَ ڳالهہ تي چو ٿا ڪاوڙجو؟
ڇا اسان بادشاهہ جو ڪجهہ کاڌو آهي؟ يا ڇا هن اسان کي ڪا
بخشش ڏيئي ڇڏي آهي؟“ 43 تڏهن بني يهوداہ جي ماڻهن کي ٻين
بني اسرائيل وارن ماڻهن ورندي ڏيئي چيو تہ ”اسان جا ڏهہ قبيلا
هئڻ ڪري دائود بادشاهہ تي اوهان کان وڌيڪ اسان جو حق آهي،
تڏهن اوهان چو اسان کي حقير سمجهيو، جو اسان جي بادشاهہ کي
موٽائي آڻڻ ۾ اوهان پهريائين اسان کان صلاح نہ ورتي؟“ پر بني
يهوداہ جي ماڻهن ٻين بني اسرائيل وارن ماڻهن کي وڌيڪ سختيءَ
سان جواب ٿي ڏنا.

## سبع جي بغاوت

20 1 اتفاق سان بنيامين قبيلي جو هڪڙو خبيث ماڻهو سبع
ولد بڪري اتي گلگال ۾ هو. انهيءَ نفيل وڄائي رڙ ڪري
چيو تہ
”يسيءَ جي پٽ دائود ۾ اسان جو ڪوبہ حصو پتي ڪونهي،
نڪي وري هاڻ هن سان ڪو اسان جو واسطو آهي.
تنهنڪري اي اسان جي قبيلن وارؤ!
هلو تہ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي هلون.“

2 تڏهن اهي سڀيئي ماڻهو دائود کي ڇڏي سبع جي پٺيان لڳي
پيا. پر بني يهوداہ جا ماڻهو اردن درياءَ کان وٺي يروشلم تائين
پنهنجي بادشاهہ سان گڏ آيا.
3 دائود جڏهن يروشلم ۾ پنهنجي محلات ۾ آيو، تڏهن هن
پنهنجي انهن ڏهن سريتن، جن کي هو محلات جي سنڀال لاءِ ڇڏي
ويو هو، تن کي هڪڙي گهر ۾ ڪٽي بند ڪيو. هن انهن جي کاڌي
خوراڪ جو انتظام ڪري ڇڏيو، پر ساڻن همبستر نہ ٿيو. اهڙيءَ
طرح اهي مرڻ گهڙيءَ تائين بند رهيون ۽ رنن‌زالن جهڙي زندگي
گذاريندي‌ون رهيون.

## عماسا جو قتل ٿيڻ

4 تڏهن بادشاهہ پنهنجي سپهہ‌سالار عماسا کي چيو تہ ”ٽن
ڏينهن جي اندر مون وٽ بني يهوداہ جا جوان مرد آڻي گڏ ڪر ۽ تون
پاڻ بہ حاضر ٿج.“ 5 سو عماسا بني يهوداہ جي جوان مردن کي آڻي
گڏ ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. پر جيڪو وقت سندس لاءِ مقرر ڪيو ويو
هو، تنهن کان وڌيڪ وقت لڳي ويس. 6 تڏهن دائود ابيشيءَ کي
چيو تہ ”سبع ولد بڪري اسان کي ابي‌سلوم کان بہ وڌيڪ نقصان
پهچائيندو. سو تون منهنجو لشڪر وٺي انهيءَ جي پٺيان ڪاهي
پئہ، متان هو قلعي وارا شهر هٿ ڪري ۽ اسان کان بچي وڃي.“
7 تڏهن يوآب جا محافظ، شاهي محافظ ۽ سڀيئي بهادر ماڻهو
ابيشيءَ سان گڏ يروشلم مان نڪري سبع ولد بڪريءَ جي پٺيان
ڪاهي پيا. 8 جڏهن اهي انهيءَ وڏي پٿر وٽ پهتا جيڪو گبعون ۾
آهي، تڏهن عماسا انهن سان ملڻ لاءِ آيو. يوآب کي ان وقت جنگ
واري پوشاڪ پهريل هئي، جنهن جي مٿان هڪڙو ڪمربند چيلهہ
سان ٻڌل هوس ۽ انهيءَ سان هڪڙي تلوار مياڻ ۾ پيل هئي. جيئن ئي
هو اڳتي وڌيو تہ اها مياڻ مان نڪري زمين تي اچي ڪري. 9 يوآب
عماسا کي چيو تہ ”اي منهنجا ڀاءُ! تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟“ پوءِ
يوآب عماسا کي ساڄي هٿ سان ڏاڙهيءَ کان جهلي کيس چمي ڏيڻ
لاءِ اڳتي وڌيو. 10 پر عماسا انهيءَ تلوار ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ
ڏنو جيڪا يوآب وري کڻي ڪري کاٻي هٿ ۾ جهلي. تڏهن هن اها
عماسا جي پيٽ ۾ اهڙي تہ لنگهائي جو سندس آنڊا نڪري زمين تي
اچي ڪريا. هو هڪدم مري ويو، سو يوآب مٿس ٻيو وار نہ ڪيو.
پوءِ يوآب ۽ سندس ڀاءُ ابيشيءَ، سبع جو پيڇو جاري رکيو.
11 يوآب جي محافظن مان هڪڙو عماسا جي لاش وٽ ٿي بيٺو ۽
چوڻ لڳو تہ ”جيڪو يوآب سان راضي آهي ۽ جيڪو دائود جي پاسي
آهي، سو يوآب جي پٺيان لڳي پئي.“ 12 جيئن تہ عماسا جو رت ۾
ٻڏل لاش رستي جي وچ ۾ پيو هو، سو انهيءَ محافظ ڏٺو تہ سڀ

1:20 1.با 16:12، 2.توا 16:10 3:20 2.سم 22:16 4:20 2.سم 13:19

ماڻهو ماٺ ڪيو بيٺا آهن ۽ جيڪو به انهيءَ هنڌ وٽ آيو ٿي سو
به ماٺ ڪري اچي بيهندو ٿي ويو. تڏهن هو عماسا جي لاش کي
رستي کان هٽائي پاسي ڏانهن گهلي ويو ۽ انهيءَ جي مٿان ڪپڙو
وجهي ڇڏيائين. 13 جڏهن لاش رستي تان هٽايو ويو تڏهن سڀيئي
ماڻهو سبع جو پيڇو ڪرڻ لاءِ يوآب جي پٺيان روانا ٿيا.

## بغاوت جو خاتمو

14 سبع ولد بڪريءَ ٻين بني اسرائيل وارن جي سڀني قبيلن جي
علائقن وچان لنگهندو بيت‌معڪه واري ابيل شهر وٽ آيو ۽ سندس
سڄي گهراڻي وارا ڪٺا ٿي سندس پٺيان شهر ۾ آيا. 15 سو يوآب جي
لشڪر بيت‌معڪه جي ابيل شهر ۾ سبع کي اچي گهيرو ڪيو. هنن
شهر جي سامهون هڪڙو وڏو دِڪو ٻڌو، جيڪو چاڙهيءَ جي صورت
۾ وڃي قلعي جي پٽ سان ٿي لڳو. پوءِ سڀ ماڻهو قلعي جي پٽ
کي ڪيرائڻ لاءِ پٽ کي ڌڪ هڻڻ لڳا. 16 تڏهن شهر مان هڪڙي
عقلمند عورت رڙ ڪري چوڻ لڳي ته ”ڪن ڏيئي ٻڌو. اوهين يوآب
کي چئو ته هو هيڏي منهنجي ويجهو اچي جو آءٌ ساڻس ڪجهه
ڳالهائينديس.“ 17 سو يوآب انهيءَ عورت جي ويجهو آيو. عورت
پڇيس ته ”ڇا تون ئي يوآب آهين؟“ هن وراڻيو ته ”هائو، آءٌ ئي
آهيان.“ تڏهن عورت چيس ته ”پنهنجي ٻانهيءَ جي ڳالهه ٻڌ.“ هن
وراڻيس ته ”آءٌ ٻڌان ٿو.“ 18 تڏهن اها عورت چوڻ لڳي ته ”اڳئين
زماني ۾ ائين چيو ويندو هو ته ‘وڃي ابيل شهر مان صلاح مصلحت
وٺو،’ اهڙيءَ طرح ڳالهه جو فيصلو ٿيندو هو. 19 اسين هن شهر
وارا ساري بني اسرائيل ۾ صلح پسند ۽ ديانتدار آهيون ۽ تون وري
اسان جو ئي شهر جيڪو بني اسرائيل ۾ هڪڙي ماءُ جي حيثيت ٿو
رکي تنهن کي برباد ڪرڻ ٿو گهرين! تون ڇو خداوند جي ميراث کي
ڳڙڪائڻ ٿو چاهين؟“ 20 يوآب ورندي ڏيئي چيس ته ”هرگز نه! خدا
نه ڪري جو آءٌ ائين ڪريان ۽ هن شهر کي برباد ڪريان. 21 حقيقت
ائين ناهي، بلڪ افرائيم جي جابلو علائقي جو هڪڙو ماڻهو، جنهن
جو نالو سبع ولد بڪري آهي، تنهن دائود بادشاهه جي خلاف بغاوت
ڪئي آهي. سو اوهين رڳو اهو منهنجي حوالي ڪريو ته آءٌ شهر
کان هليو ويندس.“ تڏهن انهيءَ عورت يوآب کي چيو ته ”ڏس،
انهيءَ جي سسي پٽ تان اڇلائي تو کي ڏني ويندي.“ 22 اها عورت
پنهنجي سياڻپ واري صلاح سڀني ماڻهن وٽ کڻي ويئي ۽ هنن سبع
جي سسي وڍي ٻاهر يوآب کي اڇلائي ڏني. تڏهن يوآب نفيل وڄرائي
۽ سندس سڀيئي ماڻهو شهر وٽان ٽڙي پکڙي پنهنجن پنهنجن گهرن
ڏانهن موٽڻ لڳا. پوءِ يوآب به موٽي يروشلم ۾ بادشاهه وٽ آيو.

## دائود جا عملدار

23 يوآب بني اسرائيل جي ساري لشڪر جو سپهه‌سالار هو. بناياه
ولد يهويدع شاهي محافظن جو سالار هو. 24 ادورام بيگارين جو
نگران هو ۽ يهوسفط ولد اخيلود شاهي منتظم هو. 25 سوا شاهي
محرر هو ۽ صدوق ۽ ابي‌ياتر ڪاهن هئا. 26 ان کان علاوه يائر گهراڻي
جو عيرا پڻ دائود جو هڪڙو ڪاهن هو.

## گبعونين جي هٿان سائول جي گهراڻي جو قتلام

21 1 دائود جي حڪومت جي ڏينهن ۾ ٽي سال ساندهه ڏڪار
پيو. سو دائود انهيءَ بابت خداوند کان پڇا ڪئي. خداوند
کيس فرمايو ته سائول ۽ سندس خوني گهراڻي جي ڪري اهو حال
ٿيو آهي، ڇالاءِجو هنن گبعونين کي قتل ڪيو هو. 2 تڏهن دائود
بادشاهه گبعونين کي گهرائي ساڻن ڳالهايو. اهي گبعوني بني
اسرائيل مان نه هئا بلڪ اهي باقي بچيل امورين مان هئا ۽ بني
اسرائيل هنن جي حفاظت ڪرڻ جو ساڻن قسم کڻي واعدو ڪيو
هو. پر سائول بني يهوداه ۽ باقي بني اسرائيل وارن جي جوش ۾
هنن سڀني کي قتل ڪرڻ ٿي گهريو. 3 سو دائود گبعونين کي چيو
ته ”آءٌ اوهان جي لاءِ ڇا ڪريان؟ ڪهڙيءَ طرح انهيءَ گناهه جي
تلافي ڪريان، ته جيئن اوهين خداوند جي قوم لاءِ دعا گهرو؟“
4 گبعونين وراڻيو ته ”اسان ۽ سائول يا سندس گهراڻي جي وچ ۾
ڪو سون يا چانديءَ جي عيوض تڪرار نه نبرندو، نڪي وري اسان
کي بني اسرائيل مان ڪنهن کي مارڻ جو حق حاصل آهي.“ تڏهن
دائود کين چيو ته ”پوءِ اوهين ٻڌايو ته آءٌ اوهان جي لاءِ ڇا ڪريان؟“
5 تنهن تي هنن بادشاهه کي چيو ته ”جنهن ماڻهوءَ اسان کي برباد
ڪيو ۽ اهو منصوبو ٺاهيو هو ته اسين اهڙا ته ناس ٿي وڃون جو بني
اسرائيل جي ڪنهن به حد ۾ باقي نه رهون، 6 تنهن جي اولاد مان
ست ڄڻا اسان جي حوالي ڪيا وڃن، ته انهن کي اسين انهيءَ جي ئي
گبعت شهر ۾، خداوند جي فيصلي موجب ڦاسي ڏيئي لٽڪايون.“
بادشاهه کين چيو ته ”آءٌ اهي اوهان جي حوالي ڪندس.“
7 دائود سائول جي پوٽي، يعني يونتن جي پٽ مفيبوست کي
جيئدان ڏنو، ڇالاءِجو دائود بادشاهه ۽ سائول جي پٽ يونتن جي وچ
۾ خداوند جو قسم کنيل هو. 8-9 پر دائود بادشاهه سائول جي ٻي
اولاد مان ستن ڄڻن کي پڪڙائي گبعونين جي حوالي ڪيو. انهن
۾ سائول جا ٻه پٽ ارموني ۽ مفيبوست هئا، جيڪي کيس سندس
سريت رصفه جنهن جي ماءُ اياه هئي، تنهن مان ڄاوا هئا. باقي پنج
ڄڻا سائول جي ڌيءَ ميرب جا پٽ هئا، جيڪي کيس عدري‌ايل ولد
برزلي محولاتيءَ مان ڄاوا هئا. گبعونين انهن کي جبل تي خداوند

2:21 يش 9:3–15 7:21 1.سم 20:15–17، 2.سم 9:1–7 8:21–9 1.سم 18:19

جي آڏو ڦاسيءَ تي چاڙهيو ۽ اهي ست ئي ڄڻا گڏ مئا. انهن کي
جَوَن جي فصل لهڻ وارن ڏينهن جي شروعات ۾ قتل ڪيو ويو.
10 تڏهن اياه جي ڌيءَ رصفه جبل تي انهن لاشن وٽ پنهنجي
لاءِ ڪٿو وڇايو ۽ فصل لهڻ جي شروعات کان وٺي برسات جي
موسم تائين، ڏينهن رات انهن لاشن جي پکين ۽ جهنگلي جانورن
کان حفاظت ڪندي رهي. 11 جڏهن دائود کي ٻڌايو ويو ته سائول
جي رصفه نالي سريت هيئن ڪيو آهي، 12 تڏهن دائود وڃي گلعاد
علائقي جي يبيس شهر جي ماڻهن کان سائول ۽ سندس پٽ يونتن
جا هڏا ورتا، جيڪي هنن بيت‌شان جي چونڪ مان چورايا هئا، جتي
فلستين هنن کي انهيءَ ڏينهن ڦاسيءَ تي چاڙهيو هو جنهن ڏينهن
سائول کي گلبوعه ۾ قتل ڪيو هئائون. 13 سو دائود اتان سائول ۽
سندس پٽ يونتن جا هڏا آڻايا ۽ جن ٻين ستن ڄڻن کي ڦاسي ڏني
ويئي هئي تن جا هڏا به گڏ ڪرايا ويا. 14 پوءِ بنيامين جي علائقي
جي ضيلع شهر ۾ سائول جي پيءُ قيس جي قبرستان ۾، سائول ۽
سندس پٽ يونتن جا هڏا دفن ڪيا ويا. سو بادشاهه جيڪو به حڪم
ڪيو سو سڀ بجا آندو ويو. تنهن کان پوءِ خدا بني اسرائيل وارن
جي پنهنجي ملڪ جي باري ۾ دعا ٻڌي.

## راڪاس جهڙن طاقتور فلستين سان جنگ ڪرڻ

(1.تواريخ 20:4–8)

15 فلستين بني اسرائيل سان وري جنگ شروع ڪري ڏني. سو
دائود پنهنجي ماڻهن سميت لهي وڃي فلستين سان وڙهيو. وڙهندي
وڙهندي دائود ٿڪجي پيو. 16 تڏهن اشبي‌بنوب نالي هڪڙي راڪاس
جهڙي طاقتور فلستي جنهن جي پتل واري نيزي جي تور اٽڪل
ساڍا ٽي ڪلوگرام هئي ۽ هڪڙي نئين تلوار سندس چيلهه سان ٻڌل
هئي، تنهن دائود کي مارڻ جو ارادو ڪيو. 17 پر ابي‌شي جنهن جي
ماءُ ضروياه هئي، تنهن اچي دائود جي مدد ڪئي ۽ انهيءَ راڪاس
جهڙي طاقتور فلستيءَ کي شڪست ڏيئي قتل ڪري ڇڏيائين. تنهن
کان پوءِ دائود جي ماڻهن کيس قسم ڏيئي چيو ته ”اڳتي اوهين
اسان سان جنگ تي نه هلو، انهيءَ لاءِ ته اوهان جي ختم ٿيڻ سان
متان بني اسرائيل جو ڏيئو اجهامي نه وڃي.“
18 انهيءَ کان علاوه وري جوب ۾ فلستين سان ٻي جنگ لڳي،
جنهن ۾ سبڪي حوساتيءَ سف نالي راڪاس جهڙي هڪڙي طاقتور
فلستيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو. 19 جوب ۾ وري به فلستين سان هڪ
ٻي جنگ لڳي، جنهن ۾ بيت‌لحم شهر واري الحنان ولد يعريءَ
گات شهر واري جوليت نالي فلستيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو، جنهن
جو نيزو ڪوريءَ جي آڏاڻي جي لٺ جهڙو هو. 20 ان کان پوءِ وري
گات شهر ۾ جنگ لڳي، جتي هڪڙو وڏي قد وارو ماڻهو به هو،
جنهن جي هٿن ۽ پيرن ۾ ڇهه ڇهه آڱريون هيون. ڪيس جملي
چوويهه آڱريون هيون ۽ هو به راڪاس جهڙن طاقتور فلستين مان
هو. 21 جڏهن هن بني اسرائيل جي ماڻهن کي للڪاريو، تڏهن دائود
جي ڀاءُ سمعيءَ جي پٽ يونتن انهيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو. 22 اهي
چار ئي ڄڻا گات شهر جي راڪاس جهڙن طاقتور فلستين مان هئا
۽ اهي دائود ۽ سندس ماڻهن جي هٿان مارجي ويا.

## دائود جو فتحمنديءَ جو گيت

(زبور 18)

22 1 جڏهن خداوند دائود کي سندس سڀني دشمنن ۽ سائول
جي هٿان بچائي آرام ڏنو، تڏهن هن خداوند جي حضور ۾
هي گيت ڳايو ته

2 ”خداوند منهنجو حفاظت ڪندڙ آهي،
هو منهنجو ڇڏائيندڙ ۽ منهنجو قلعو آهي.
3 خدا ئي منهنجو محافظ آهي، جنهن وٽ آءٌ پناهه وٺان ٿو.
هو منهنجي حفاظت ڪري مون کي بچائي ٿو،
هائو، هو ئي منهنجي جاءِپناهه آهي.
اهو ئي ظالمن جي هٿان منهنجو بچائيندڙ آهي.
4 خداوند جيڪو تعريف جي لائق آهي،
تنهن کي جڏهن پڪاريان ٿو،
تڏهن آءٌ پنهنجي دشمنن کان بچايو ٿو وڃان.

5 موت جي ڇولين مون کي وڪوڙي ڇڏيو هو،
هائو، بربادِيءَ جي ٻوڏ مون کي ٻوڙي ڇڏيو هو.
6 منهنجي چوڌاري پاتال جا رسا پيل هئا،
منهنجي مٿان موت جا ڦندا اچي پيا هئا.
7 پوءِ مون پنهنجي انهيءَ مصيبت ۾
خداوند پنهنجي خدا کي مدد لاءِ پڪاريو.
منهنجي انهيءَ آواز کي هن پنهنجي مقدس جاءِ ۾ ٻڌو،
ائين منهنجو فرياد سندس ڪنن تائين وڃي پهتو.

8 پوءِ ڌرتي ڌڏي ويئي ۽ ڏڪڻ لڳي،
جبلن جي بنيادن ۾ پڻ جنبش اچي ويئي،
هائو، جڏهن خداوند ڪاوڙيو ته اهي به لرزڻ لڳا.
9 پوءِ ڪاوڙ سببان هن جي ناسن مان دونهون نڪرڻ لڳو.
هن جي واتان ناس ڪندڙ باهه ۽ ٻرڪندڙ ٽانڊا ٿي نڪتا.
10 پوءِ خداوند آسمان کي چيري اچي نازل ٿيو،
هن جي پيرن هيٺان طوفاني ڪڪر هئا.
11 هو پردار آسماني مخلوق تي سوار ٿي اڏامندو آيو،
هائو، هو واءُ جي بازن تي پرواز ڪندو آيو.

12:21 1.سم 31:8–13    17:21 1.با 11:36، زب 132:17

12 هن پنهنجي چوڌاري اونداهيءَ جو پردو ڪڙو ڪيو،
هائو، هن پاڻ کي پُرآب ڪارن ڪڪرن سان ڪٽي ڍڪيو.
13 تڏهن به هن جي حضور واري تجليءَ
ٽانڊن کي به ٻرڪائي ٿي ڇڏيو.

14 تڏهن خدا تعاليٰ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو،
هائو، خداوند آسمان مان گجيو.
15 هن پنهنجا تير هلائي منهنجي دشمنن کي ڪٿو ڪٿو ڪيو،
هائو، هن وڄ مٿان وڄ جو چمڪو موڪلي کين شڪست ڏني.
16 پوءِ خداوند جي ڇينڀڻ سان،
۽ قهر مان ڪڍيل طوفاني ڦوڪ سان
ڌرتيءَ جا بنياد کُلي ويا ۽ سمنڊ جو ترو ظاهر ٿيو.

17 انهيءَ وقت آءٌ جڻ ڪنهن اونهيءَ ٻوڏ ۾ ڦاٿل هوس،
جنهن مان خداوند بلنديءَ تان هٿ وڌائي
مون کي ڇڪي ڪڍي ورتو.
18 هائو، منهنجا زورآور دشمن جن مون کان نفرت ٿي ڪئي،
تن جي هٿان هن مون کي ڇڏائي ورتو.
19 هنن حملو ڪري مون کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو هو،
پر خداوند منهنجو سهارو بڻيو.
20 هائو، جيئن ته هو مون مان راضي هو سو مون کي ڇڏايائين،
ائين هن مون کي خطري مان ڪڍي ٻاهر آندو.

21 خداوند منهنجي سچائيءَ موجب مون کي اجر ڏنو،
هائو، منهنجي بيقصور هئڻ ڪري هن مون کي انعام ڏنو.
22 چالاءِجو آءٌ خداوند جي ئي راهن تي هلندو رهيو آهيان،
۽ برائي ڪري ڪڏهن پنهنجي خدا کان ڦري پري نه ٿيو آهيان.
23 انهيءَ ڪري جو
مون هن جا سڀ قاعدا قانون پنهنجي اڳيان رکيا،
۽ انهن کان ڪڏهن به پاسيرو نه ٿيس.
24 آءٌ هن جي حضور ۾ بيڏوهي رهندو آيس،
هائو، مون پنهنجو پاڻ کي گناهن کان روڪي رکيو.
25 سو منهنجي سچائيءَ موجب خداوند مون کي اجر ڏنو،
هائو، منهنجي ان بيقصوريءَ موجب،
جيڪا هن جي نظر آڏو هئي.

26 اي خداوند! جيڪي تو سان وفادار آهن،
تن سان تون وفا ٿو ڪرين،
۽ جيڪي بيڏوهي آهن تن سان تنهنجو سلوڪ بي‌مثال آهي.
27 پاڪ ماڻهن سان تون پاڪائيءَ واري هلت ٿو ڪرين،
پر جيڪي ڏنگا ماڻهو آهن تن سان تون به ڏنگو ٿو هلين.
28 نماڻن ماڻهن کي تون ئي بچائين ٿو،
۽ مغروريءَ سان هلڻ وارن کي هيٺ ڪيرائين ٿو.

29 اي خداوند! تون ئي مون کي روشني ڏين ٿو،
هائو، منهنجي اونداهيءَ کي تون ئي دور ڪرين ٿو.
30 تنهنجيءَ مدد سان آءٌ لشڪرن تي ڪاهه ڪريان ٿو،
هائو، تنهنجيءَ مدد سان ئي قلعا به ٽپي وڃي حملو ڪريان ٿو.

31 بيشڪ خدا جي راهه ڪيڏي نه ڪامل آهي!
۽ خداوند جو ڪلام ڪيڏو نه پرکيل آهي!
جيڪي هن جي پناهه ۾ اچن ٿا تن سڀني کي هو بچائي ٿو.
32 ڇا خداوند کان سواءِ ڪو ٻيو به خدا آهي؟
ڇا اسان جي خدا کان سواءِ ڪو ٻيو محافظ به آهي؟
33 خدا ئي منهنجو مضبوط قلعو آهي،
منهنجيءَ راهه کي هو ئي سنئون سڌو ٿو بڻائي.
34 هن منهنجا پير هرڻيءَ جي پيرن جهڙا بڻايا آهن،
جن سان آءٌ اوچين جاين تي به تيزيءَ ۽ سلامتيءَ سان هلان ٿو.
35 هُن منهنجي هٿن کي جنگ جي سکيا ڏني آهي،
جنهن ڪري منهنجون ٻانهون پتل جو تيرڪمان به ڇڪيو ڇڏين.

36 اي خداوند! تو منهنجي حفاظت ڪري مون کي بچايو آهي،
بلڪ تنهنجي مهربانيءَ مون کي بلنديءَ تي پهچايو آهي.
37 تو منهنجي قدمن کي ڪشاديءَ راهه تي هلايو آهي،
تنهنڪري ئي منهنجا پير ڪڏهن به نه ٿاٻڙيا آهن.
38 مون پنهنجي دشمنن جي پٺيان پئي کين ناس ڪري ڇڏيو،
آءٌ تيستائين ڪين موٽيس جيستائين اهي چٽ نه ٿي ويا.
39 هائو، مون کين اهڙو چڪناچور ڪيو
جو اُهي اٿي ئي نه سگهيا،
بلڪ سندن لاش اچي منهنجي پيرن ۾ ڪريا.
40 تو ئي جنگ جي لاءِ منهنجي ڪمر پختي ٻڌي،
۽ حملو ڪري آيلن کي تو آٽي مون آڏو ڪيرايو.
41 تو منهنجي اڳيان انهن دشمنن کي پٺ ڏياري ڀڄائي ڪڍيو،
تانته آءٌ انهن کي نابود ڪريان جن مون کي ڌڪاريو ٿي.
42 تڏهن هو مدد لاءِ رڙڻ لڳا پر ڪوبه سندن پرجهلو نه ٿيو،
هنن تو خداوند کي به پڪاريو پر تو کين ڪو جواب ڪونه ڏنو.
43 مون کين ڪُٽي ڪُٽي دز جيان سنهو ڪري ڇڏيو،
هائو، مون کين گهٽين جي گپ وانگر لتاڙي ڇڏيو.

34:22 حبق 19:3

44 اي خداوند! تو مون کي نہ رڳو
منهنجي قوم جي جهيڙن کان بچايو آهي،
بلڪ غير قومن جو بہ سردار بڻائي ڇڏيو اٿيئي.
هائو، جن کي مون ڄاتو بہ نہ ٿي سي منهنجي تابع ٿيا آهن.
45 اهي منهنجو نالو ٻڌڻ سان ئي منهنجا فرمانبردار ٿي ويا آهن،
۽ ڊڄندي ڊڄندي اچي مون آڏو جهڪيا آهن.
46 هائو، اهي همت هاري ڏڪندي ڏڪندي
پنهنجن قلعن مان نڪري اچي پيش پيا هئا.

47 انهيءَ زنده خداوند کي سڳورو چئو،
جيڪو منهنجو محافظ ۽ منهنجو بچاءُ آهي.
شال خدا جي واکاڻ پئي ٿئي!
48 اهو خدا، جنهن مون کي بدلي وٺڻ جي سگهہ ڏني،
۽ جنهن غير قومن کي مات ڪري منهنجي تابع ڪيو،
49 تنهن جي شل واکاڻ پيئي ٿئي!
ڇالاءِجو هن ئي مون کي دشمنن کان بچايو آهي.

اي خداوند! مخالفن جي ظلم کان
تو ئي مون کي بچائي ورتو آهي،
بلڪ مون کي انهن مٿان سرفراز ڪيو اٿيئي.
50 سو اي خداوند! آءٌ قومن ۾ تنهنجي واکاڻ پيو ڪندس،
آءٌ تنهنجي نالي جي ساراهہ پيو ڳائيندو رهندس.
51 تو پنهنجي هن چونڊيل بادشاهہ کي
عظيم سوڀون بخشيون آهن،
هائو، پنهنجي دائمي شفقت هن مسح ڪيل کي ڏيکاري اٿيئي،
يعني مون دائود کي ۽ منهنجي نسل کي، هميشہ هميشہ لاءِ."

## دائود جون آخري ڳالهيون

23 1 يسيءَ جو پٽ دائود، جنهن تي بني اسرائيل جي قادر خدا
مِهر ڪري کيس سربلند ڪيو آهي ۽ مسح ڪري بادشاهہ
مقرر ڪيو اٿس، تنهن پنهنجيون آخري ڳالهيون ڪندي چيو تہ
2 "خداوند جي روح منهنجي معرفت ڳالهايو،
هائو، هن جو ئي ڪلام منهنجي زبان تي آهي.
3 بني اسرائيل جو خدا جيڪو اسان جو محافظ آهي،
تنهن مون کي هي فرمايو آهي تہ
'جيڪو بادشاهہ سچائيءَ سان حڪم هلائي ٿو،
۽ مون خدا کان ڊڄندي بادشاهي ڪري ٿو،
4 سو صبح جي انهيءَ روشنيءَ مثل آهي،
جيڪا سج اڀرڻ مهل بنا ڪڪر جي ظاهر ٿئي ٿي،
يا جيڪا روشني مينهن بعد
ڌرتيءَ جي نرم گاهہ تي پيل ڦڙن کي چمڪائي ٿي.'

5 مون دائود جي گهراڻي جي بادشاهي خداوند آڏو اهڙي ئي آهي،
ڇالاءِجو هن مون سان دائمي عهد ڪيو آهي.
هائو، اهڙو عهد ڪيو اٿس جيڪو هر ڳالهہ ۾
مڪمل، مستحڪم ۽ محفوظ آهي.
سو منهنجو مڪمل بچاءُ ۽ منهنجي پوري مراد اهو ئي آهي،
۽ بيشڪ خداوند اهو عهد پورو ڪندو.
6 پر بدڪار ماڻهو اهڙن نقصانڪار ڪنڊن جيان آهن،
جن کي هٿن سان ڪٺي نہ ٿو سگهجي.
7 سو جيڪو بہ شخص انهن کي برباد ڪرڻ چاهي ٿو،
تنهن کي لوهہ جي لٺ يا نيزو استعمال ڪرڻو پوندو،
تڏهن ئي انهن کي باهہ اندر اڇلائي ساڙي سگهبو."

## دائود جا ٽي وڏا بهادر

(1.تواريخ 11:10–21)

8 دائود وٽ جيڪي بهادر سپاهي هئا، تن مان ٽن جا نالا هي آهن:
يوشيب‌بشيبت تحڪموني، جيڪو "ٽن جو ٽولو" جي وڏن بهادرن
مان مکيہ بهادر هو، جنهن نيزو کڻي هڪڙي ئي مقابلي ۾ اٺ
سؤ ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا هئا. 9 انهيءَ کان پوءِ ٻيو بهادر اليعزر
ولد دودو هو، جيڪو اخوحي گهراڻي جو هو. انهن "ٽن جو ٽولو"
جي بهادرن مان هن دائود سان گڏجي جنگ لاءِ گڏ ٿيل فلستين
کي للڪاريو هو. جيتوڻيڪ دائود جو ٻيو سارو لشڪر پٺي ويو هو،
10 تنهن هوندي بہ اليعزر ميدان ۾ لهي ايترا تہ فلستي ماريا جو
هن جو هٿ ٿڪجي پيو ۽ تلوار سندس هٿ سان چنبڙي پيئي. انهيءَ
ڏينهن خداوند کين وڏي فتح ڏني. پوءِ دائود جو لشڪر رڳو ڦرلٽ
ڪرڻ لاءِ موٽي اليعزر وٽ آيو.
11 انهن "ٽن جو ٽولو" مان ٽيون بهادر سمہ ولد اجي هراري هو.
جنهن وقت فلستين جو لشڪر هڪڙي هنڌ اچي گڏ ٿيو، جتي ٻنيءَ
جي هڪڙي ٽڪري ۾ مُهريءَ جي دال جي پوک بيٺل هئي ۽ دائود
جو لشڪر فلستين کي ڏسي اتان پٺي ويو هو، 12 تڏهن سمہ پوک
کي بچائڻ لاءِ ان جي وچ ۾ ٿي بيهي رهيو ۽ فلستين کي قتل ڪري
ڇڏيائين. خداوند کيس وڏي فتح بخشي.
13 لاباري جي شروعات واري موسم ۾ "ٽيهن جو ٽولو" ۾ شامل
اهي ٽيئي وڏا بهادر عدلام جي غار ۾ دائود وٽ آيا، جڏهن تہ
فلستين جو لشڪر رفائين جي ماٿريءَ ۾ خيما کوڙي رهي پيو هو.
14 دائود انهيءَ مهل قدرتي ٺهيل قلعي ۾ هو، جڏهن تہ بيت‌لحم
تي فلستين جا سپاهي قبضو ڪيو بيٺا هئا. 15 تڏهن دائود وطن

50:22 رو 9:15

جي سک مان آهہ پريندي چيو تہ ”ڪاش! ڪو مون کي بيت‌لحم
جي کوهہ، جيڪو دروازي جي پرسان آهي تنهن مان پاڻي پيئاري.“
16 تنهن تي اهي ٽيئي بهادر فلستي لشڪر جي خيمي‌گاهہ جي وچان
هوشياريءَ سان لنگهي وڃي بيت‌لحم جي دروازي واري کوهہ مان
پاڻي پري دائود وٽ کڻي آيا. پر دائود اهو پيئڻ نہ گهريو بلڪ اهو
خداوند جي حضور ۾ نذراني طور هاري ڇڏيائين. 17 پاڻي هاريندي
هن چيو تہ ”اي خداوند! ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو آءٌ اهو پيئان؟
اهو تہ انهن ماڻهن جي رت پيئڻ جي مثال آهي، جيڪي پنهنجون
جانيون خطري ۾ وجهي اهو کڻي آيا آهن.“ سو هن اهو پاڻي نہ
پيتو. انهن ٽنهي وڏن بهادرن جا اهي ئي ڪارناما هئا.

18 انهن ”ٽيهن جو ٽولو“ جي بهادرن مٿان يوآب جو ڀاءُ ابي‌شي
اڳواڻ هو، جنهن جي ماءُ ضروياه هئي. هن پنهنجي نيزي سان ٽي
سؤ ماڻهن تي ڪاهہ ڪري ڪين قتل ڪيو ۽ انهن ”ٽن جو ٽولو“
وارن بهادرن جهڙو نالي وارو ٿيو. 19 هو انهن ”ٽيهن جو ٽولو“ ۾
وڌيڪ معزز هو، تڏهن ئي سندن اڳواڻ ٿيو. انهيءَ هوندي بہ هو
پهرين ”ٽن جو ٽولو“ جي رتبي کي نہ پهتو.

## بهادرن جو ”ٽيهن جو ٽولو“

(1.تواريخ 11:22–41)

20 انهيءَ کان علاوه بناياه ولد يهويدع هو، جيڪو قبضيل نالي
شهر جو بهادر شخص هو، جنهن وڏا وڏا ڪم ڪيا هئا. هن موآب
جي ٻن بهادرن کي قتل ڪيو ۽ برف پوندڙ ڏينهن ۾ هڪڙيءَ کڏ
۾ لهي هڪڙي شينهن کي بہ وڃي ماريو هئائين. 21 هن مصر جي
هڪڙي قداور ماڻهوءَ کي بہ قتل ڪيو. جيتوڻيڪ انهيءَ مصريءَ
جي هٿ ۾ هڪڙو نيزو بہ هو، پر بناياه لٺ کڻي مٿس ڪاهہ ڪئي
۽ مصريءَ جي هٿ مان نيزو کسي، سندس ئي نيزي سان کيس قتل
ڪري ڇڏيائين. 22 اهڙا ئي بهاديءَ وارا ڪم بناياه ولد يهويدع ڪيا
۽ انهن ”ٽن جو ٽولو“ جي وڏن بهادرن جهڙو نالو ڪڍيائين. 23 هو
”ٽيهن جو ٽولو“ ۾ وڏي نالي وارو هو مگر پهرين ”ٽن جو ٽولو“
جي وڏن بهادرن جي رتبي کي نہ پهتو. دائود انهيءَ کي پنهنجي
ذاتي محافظن تي نگران مقرر ڪيو.

24 ”ٽيهن جو ٽولو“ وارن بهادرن ۾ هي شامل هئا: يوآب جو
ڀاءُ عساهيل، بيت‌لحم کان الحنان ولد دودو، 25 سمہ حرودي،
القہ حرودي، 26 خلص فلطي، عيرا ولد عقيس تقوعي، 27 ابي‌عزر
عنتوتي، مبوني حوساتي، 28 ضلمون اخوحي، مهري نطوفاتي،
29 حلب ولد بعنہ نطوفاتي، اِتي ولد ربي جيڪو بنيامين جي علائقي
گبعت جو هو، 30 بناياه فرعاتوني، هدي جيڪو گعس جي برساتي
نهرن واري علائقي جو وينل هو، 31 ابي‌علبون عرباتي، عزماوت
برحومي، 32 اليحبہ سعلبوني، يسين جا پٽ، يونتن، 33 سمہ هراري،
اخي‌آم ولد سرار هراري، 34 اليفلط ولد احسبي جيڪو معڪاتي شهر
وارن جو اولاد هو، الي‌عام ولد اخيتفل گلوني، 35 حصرو ڪرملي،
فعري اربي، 36 اجال ولد ناتن ضوباه شهر وارو، باني گدي، 37 صلق
عموني، نحري بيروتي جيڪو دائود جي پيڻ ضروياه جي پٽ يوآب
جو هٿيار‌بردار هو، 38 عيرا اتري، گاريب اتري 39 ۽ اورياه حتي. انهن
”ٽيهن جو ٽولو“ ۾ ڪل ستٽيهہ ڄڻا هئا.

## دائود جو مردم شماري ڪرائڻ

(1.تواريخ 21:1–6)

24 1 جڏهن تہ خداوند بني اسرائيل تي وري بہ ڏاڍو ڪاوڙيو.
سو هن دائود کي انهن جي خلاف اڀاريو ۽ چيائينس تہ
”وڃي بني يهوداه ۽ ٻين بني اسرائيل وارن جو شمار ڪر.“ 2 تڏهن
دائود بادشاهہ پنهنجي لشڪر جي سپهہ‌سالار يوآب کي، جيڪو
ساڻس گڏ هو چيو تہ ”تون اتر واري دان شهر کان وٺي ڏکڻ واري
بيرسبع شهر تائين سڄي ملڪ ۾ بني اسرائيل جي سڀني قبيلن وٽ
وڃ ۽ جوان مردن جو شمار ڪر تہ مون کي خبر پوي تہ جنگ
جي لائق ڪل ڪيترا آهن.“ 3 تنهن تي يوآب بادشاهہ کي چيو تہ
”خداوند خدا جنهن جا اوهين خاص ٻانها آهيو، سو شل اوهان جا
ماڻهو وڌائي. جيترا هينئر آهن تنهن کان شل سؤ ڀيرا زياده ٿين ۽
شل منهنجو آقا بادشاهہ اهو ڏسي. پر منهنجي آقا بادشاهہ انهيءَ
ڳالهہ جو ارادو ڇو ڪيو آهي؟“ 4 تنهن هوندي بہ بادشاهہ جي
ڳالهہ يوآب ۽ لشڪر جي سالارن کي مڃڻي پيئي. سو اهي سندس
حضور مان نڪري بني اسرائيل جي قوم جو شمار ڪرڻ لاءِ روانا
ٿيا. 5 پوءِ انهن اردن درياءُ پار ڪري عروعير شهر جي ويجهو
برساتي نهر جي وچ واري شهر جي ڏاکڻي طرف اچي خيما کوڙيا.
اتان ٿيندا گد جي رستي يعزير ڏانهن ويا. 6 پوءِ گلعاد علائقي ۾
پهتا، جتان تحتيم‌حتيءَ جي علائقي ۾ آيا. پوءِ هو دان‌يعن کان ڦيرو
ڪري صيدا ڏانهن آيا. 7 ان کان پوءِ ڏکڻ طرف هلندي هو صور
جي قلعي کان ٿيندا حوين ۽ ڪنعانين جي سڀني شهرن ۾ آيا. پوءِ
اڳتي هلي هو يهوداه جي بيرسبع تائين اچي پهتا. 8 انهيءَ طرح
هو نوَن مهينن ۽ ويهن ڏينهن تائين ساري ملڪ ۾ گهمڻ کان پوءِ
يروشلم ۾ موٽي آيا. 9 تڏهن يوآب جوان مردن جي شمار جو ڪل
تعداد بادشاهہ کي ڏنو، جنهن موجب بني يهوداه ۾ پنج لک ۽ ٻين
بني اسرائيل وارن ۾ اٺ لک جنگي جوان موجود هئا.

## مردم شماريءَ جي سزا

(1.تواريخ 21:7–15)

10 پر ماڻهن جي شمار ڪرڻ کان پوءِ دائود جي دل بي‌چين ٿيڻ
لڳي. سو هن خداوند کي چيو تہ ”جيڪي مون ڪيو آهي، سو هڪڙو
وڏو گناهہ ڪيو اٿم. پر هاڻي، اي خداوند! آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ
تون پنهنجي ٻانهي جو گناهہ معاف ڪر، ڇالاءِ‌جو مون هي ڏاڍو
بي‌عقليءَ وارو ڪم ڪيو آهي.“ 11 سو جڏهن دائود صبح جو اٿيو،
تڏهن خداوند جاد نبيءَ سان همڪلام ٿيو، جيڪو دائود جو غيبدان

هو. خداوند چيس تہ 12 "وڃي دائود کي منھنجو ھي فرمان ٻڌاءِ
تہ 'آءٌ خداوند تنھنجي اڳيان ٽي آفتون رکان ٿو، انھن مان ھڪڙي
چونڊي ڪڻ تہ اھا آءٌ تو تي نازل ڪريان.'"
13 تڏھن جاد دائود وٽ آيو ۽ کيس خداوند جو فرمان ٻڌايائين.
پوءِ کانئس پڇيائين تہ "ڇا اوھان جي ملڪ ۾ ٽن سالن تائين ڏڪار
پوي؟ يا اوھين ٽن مھينن تائين پنھنجي دشمنن کان ڀڄندا رھو ۽
ھو اوھان جو پيڇو ڪندا رھن؟ يا اوھان جي ملڪ ۾ ٽن ڏينھن
تائين وبا جي بيماري پوي؟ ھاڻي اوھين دل ۾ ويچار ڪري ٻڌايو
تہ جنھن مون کي موڪليو آھي تنھن کي آءٌ ڪھڙو جواب ڏيان؟"
14 دائود جاد کي وراڻيو تہ "آءٌ ڏاڍي مصيبت ۾ آھيان. ھاڻي اسان
جو خداوند جي ھٿ ۾ ھلي پوڻ ئي بھتر آھي، ڇالاءِجو ھن جون
وڏيون رحمتون آھن. آءٌ ماڻھن جي ھٿن ۾ نہ پوان تہ چڱو."
15 تڏھن خداوند صبح کان وٺي مقرر ڪيل وقت تائين بني اسرائيل
تي وبا موڪلي، جنھن ۾ دان کان وٺي بيرسبع تائين ستر ھزار ماڻھو
مري ويا. 16 پر ملائڪ جڏھن يروشلم جي تباھيءَ لاءِ ان ڏانھن
پنھنجو ھٿ ڊگھيريو، تڏھن خداوند کي انھن جي مصيبت تي ترس
اچي ويو. سو جنھن ملائڪ ماڻھن کي ماريو پئي تنھن کي چيائين
تہ "بس، ھاڻي پنھنجو ھٿ جھل." ان وقت خداوند جو ملائڪ
اُروناہ يبوسيءَ جي اَن ڳاھڻ واري پِڙ وٽ بيٺو ھو.

## وبا ٽارڻ لاءِ دائود جو قربان‌گاھہ جوڙڻ
(1.تواريخ 21:16–27)

17 ان دوران دائود جڏھن ماڻھن کي مارڻ واري ملائڪ کي ڏٺو،
تڏھن خداوند کي چيائين تہ "ڏس، مون ئي گناھہ ڪيو آھي ۽ آءٌ
ئي ڏنگي ھلت ھليو آھيان، پر ھنن مسڪينن جو ڪھڙو قصور آھي؟
سو آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ تنھنجو ھٿ منھنجي ۽ منھنجي پيءُ جي
گھراڻي جي ئي خلاف ٿئي."

18 انھيءَ ئي ڏينھن جاد دائود وٽ آيو ۽ چيائينس تہ "وڃ ۽ وڃي
اُروناہ يبوسيءَ جي اَن ڳاھڻ واري پِڙ ۾ خداوند جي لاءِ ھڪڙي
قربان‌گاھہ جوڙ." 19 تڏھن دائود جاد جي معرفت خداوند جي ڏنل
حڪم موجب اوڏانھن روانو ٿي ويو. 20 اُروناہ جڏھن ڏٺو تہ بادشاھہ
پنھنجي نوڪرن سميت ڏانھس اچي رھيو آھي، تڏھن ھو ٻاھر نڪري
آيو ۽ بادشاھہ جي اڳيان منھن زمين تي رکي کيس تعظيم ڏنائين.
21 پوءِ اُروناہ چوڻ لڳو تہ "منھنجو آقا بادشاھہ پنھنجي ٻانھي وٽ
ڪيئن آيو آھي؟" دائود وراڻيس تہ "آءٌ انھيءَ لاءِ آيو آھيان تہ تو
کان اَن ڳاھڻ وارو پِڙ خريد ڪريان ۽ اتي خداوند جي لاءِ ھڪڙي
قربان‌گاھہ جوڙيان، تہ جيئن خلق تان وبا ٽري وڃي." 22 تڏھن اُروناہ
دائود کي چيو تہ "اي منھنجا آقا بادشاھہ! ڀلي وٺو ۽ جيڪي اوھان
کي وڻي سو قربان ڪريو. ڏسو، ساڙڻ واري قربانيءَ جي لاءِ ڏاند ۽
ٻارڻ لاءِ ڳاھڻ جا اوزار ۽ ڏاندن جون پاڃاريون حاضر آھن." 23 اُروناہ
وڌيڪ چيس تہ "اي بادشاھہ! اھي سڀ مون اوھان بادشاھہ کي
ڏيئي ڇڏيا. خداوند خدا جنھن جا اوھين خاص ٻانھا آھيو، سو ﺷﻞ
اوھان سان راضي ٿئي."
24 تنھن تي بادشاھہ اُروناہ کي چيو تہ "ائين نہ ٿيندو، بلڪ آءٌ
مُلھہ ڏيئي اھي تو کان خريد ڪندس. آءٌ خداوند پنھنجي خدا جي
لاءِ اھڙيون ساڙڻ واريون قربانيون پيش نہ ڪندس، جن لاءِ مون
ڪجھہ بہ خرچ نہ ڪيو ھجي." سو دائود اَن ڳاھڻ وارو اھو پِڙ ۽
ڏاند *چانديءَ جي پنجاھہ سڪن ۾ خريد ڪيا. 25 پوءِ دائود اتي
خداوند جي لاءِ ھڪڙي قربان‌گاھہ جوڙائي ۽ ساڙڻ واريون قربانيون
۽ سلامتيءَ جون قربانيون پيش ڪيائين. اھڙيءَ طرح خداوند انھيءَ
ملڪ جي لاءِ دعا ٻڌي ۽ بني اسرائيل قوم تان اھا وبا ٽري ويئي.

*چانديءَ جي پنجاھہ سڪن: اٽڪل ڇھہ سؤ گرام چاندي.

# 1. بادشاهَہ

## بادشاهن جو پهريون ڪتاب

### تعارف

”بادشاهَہ“ نالي هي پهريون مقدس ڪتاب بني اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ کي اڳتي وڌائي ٿو، جيڪا حضرت سموئيل جي مقدس ڪتابن کان شروع ٿئي ٿي. هن ڪتاب کي هيٺين ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: 1. ڏاکڻي ۽ اترين ٻنهي علائقن، يعني پوري بني اسرائيل تي حضرت سليمان جو بادشاهہ ٿيڻ لاءِ جاءِنشين مقرر ٿيڻ ۽ سندس والد حضرت دائود جي وفات. 2. حضرت سليمان جي بادشاهي ۽ سندس ڪارناما، خاص طور يروشلم ۾ مقدس هيڪل جي اڏاوت. 3. بني اسرائيل قوم جو اترينءَ بادشاهت يعني اسرائيل ۽ ڏاکڻي بادشاهت يعني يهوداہ ۾ ورهائجڻ ۽ انهن ٻنهي بادشاهتن جي بادشاهن جا واقعا، جيڪي نائين صدي قبل مسيح جي وچ تائين مٿن بادشاهي ڪندا آيا.

”بادشاهَہ“ نالي ٻنهي ڪتابن ۾ هر هڪ حڪمران کي انهيءَ ڳالهہ تي پرکيو ويو تہ هو خدا سان ڪيتري قدر سچو ۽ وفادار آهي ۽ قومي ڪاميابيءَ کي پڻ انهيءَ جي ئي سچائي ۽ وفاداريءَ سان پرکيو ويو. جڏهن تہ انهن جي بت‌پرستي ۽ نافرماني ڪين تباهيءَ ڏانهن وٺي ويون. اتر طرف وارين بادشاهتن جي سڀني بادشاهن مان ڪوبہ انهيءَ پرک ۾ ڪامياب نہ ٿيو، جڏهن تہ يهوداہ جي بادشاهن جو حال گڏيل سڏيل هو.

”بادشاهَہ“ نالي پهرين ڪتاب جا مکيہ ماڻهو خداوند جا نبي هئا. اهي ئي خدا جا باهمت مبلغ هئا، جن ماڻهن کي خبردار ڪيو تہ اهي بتن جي پوڄا نہ ڪن ۽ نہ وري خدا جي نافرماني ڪن. انهن نبين مان هڪڙو حضرت الياس هو، جنهن بعل ديوتا جي پوڄارين جي اڳواڻن سان مقابلو ڪيو (باب 18).

حضرت سليمان کان پوءِ اسرائيل ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو، جن مان اتر وارن ڏهن قبيلن تي مشتمل علائقي کي ”اسرائيل“ ملڪ سڏيو ويو ۽ ڏکڻ وارن يهوداہ ۽ بنيامين ٻن قبيلن تي مشتمل علائقي کي ”يهوداہ“ ملڪ چيو ويو. جڏهن تہ حضرت سليمان جي وقت ۾ ۽ ان کان اڳ واري وقت ۾ انهيءَ سڄي ملڪ کي ”اسرائيل“ سڏيو ٿي ويو. هن ترجمي ۾ جيڪي ڏکڻ واري علائقي جا رهاڪو هئا، تن کي ”يهوداہ وارا“ لکيو ويو آهي، جڏهن تہ اتر واري علائقي جي رهاڪن کي ”اسرائيل وارا“ لکيو ويو آهي. پر جڏهن پوريءَ قوم جو ذڪر ٿئي ٿو تڏهن ”بني اسرائيل“ لکيو وڃي ٿو.

### سِٽاءُ


حضرت دائود بادشاهہ جي حڪومت جي پڄاڻي 1:1—2:12
حضرت سليمان جو بادشاهہ بنجڻ 2:13—46
حضرت سليمان جي بادشاهي 3:1—11:43
1. شروعاتي سال 3:1—4:34
2. هيڪل جي اڏاوت 5:1—8:66
3. پوءِ وارا سال 9:1—11:43
ورهايل بادشاهت 12:1—22:53
1. اترين قبيلن جو انقلاب 12:1—14:20
2. يهوداہ ۽ اسرائيل جا بادشاهہ 14:21—16:34
3. الياس نبي 17:1—19:21
4. اسرائيل جو بادشاهہ اخي‌اب 20:1—22:40
5. يهوداہ جو بادشاهہ يهوشفط ۽ اسرائيل جو بادشاهہ اخزياہ 22:41—53

## ادونياہ جي سازش

1 ① هاڻ دائود بادشاهہ ٻڍو ۽ عمر رسيده ٿي چڪو هو. توڙي جو
سندس نوڪر کيس سوڙيون ويڙهيندا هئا تہ بہ هو پاڻ کي گرم
نہ رکي سگهندو هو. ② تنهنڪري عملدارن کيس چيو تہ ”قبلا،
اوهان جي لاءِ ڪا ڪنواري ڇوڪري ڳولهي هٿ ڪجي، جيڪا اوهان
جي خدمت ۾ رهي ۽ اوهان جي سنڀال ڪري. اها اوهان جي ڪڇ ۾
سمهي تہ جيئن اوهان کي گرم رکي.“ ③ پوءِ هنن سڄي بني اسرائيل
۾ خوبصورت ڇوڪريءَ جي ڳولها ڪئي ۽ شونيم ڳوٺ ۾ ابيشاگ
نالي هڪ ڇوڪري لهي هٿ ڪيائون جنهن کي بادشاهہ وٽ آڻي
پيش ڪيائون. ④ اها ڇوڪري نهايت حسين هئي. هوءَ بادشاهہ جي
سار سنڀال لهندي ۽ سندس خدمت چاڪري ڪندي رهي، پر بادشاهہ
ساڻس صحبت نہ ڪئي.
⑤–⑥ ابيسلوم جي موت کان پوءِ ادونياہ جيڪو دائود کي حگيت
نالي زال مان ڄاول پٽ هو ۽ ٻين سڀني پٽن کان وڏو هو، سو ڳاٽ مٿي
ڪري چوڻ لڳو تہ ”آءٌ بادشاهہ ٿيندس.“ هن پنهنجي لاءِ گهوڙي
گاڏيون، سوار ۽ پنهنجي اڳيان ڊوڙندا هلڻ لاءِ پنجاهہ محافظ بہ تيار
ڪيا. هو خوبصورت بہ تمام گهڻو هو ۽ سندس پيءُ هن کي ڄمڻ
کان وٺي ڪڏهن ائين چئي بہ نہ رنجايو هو تہ هن هيئن ڪي هونئن
ڇو ڪيو آهي. ⑦ پوءِ ادونياہ وڃي يوآب، جنهن جي ماءُ ضروياہ
هئي تنهن سان ۽ ابياتر ڪاهن سان صلاح مصلحت ڪئي ۽ هو
ٻئي سندس مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. ⑧ پر صدوق ڪاهن، بناياہ ولد
يهويدع، ناتن نبي، شمعي، ريعي ۽ دائود جي محافظن ادونياہ جو
ساٿ نہ ڏنو.
⑨ ادونياہ عين‌راجل جي چشمي جي پرسان زحلت پٿر وٽ رڍون،
ڏاند ۽ متارا وهڙا قربان ڪيا. هن بادشاهہ جي ٻين پٽن يعني پنهنجي
ڀائرن ۽ بني يهوداہ جي انهن سڀني ماڻهو جي دعوت ڪئي جيڪي
بادشاهہ جا عملدار هئا. ⑩ پر هن ناتن نبيءَ، بناياہ، بادشاهہ جي
محافظن ۽ پنهنجي ويڳي ڀاءُ سليمان کي نہ سڏايو.
⑪ تڏهن ناتن سليمان جي ماءُ بت‌سبع کي چيو تہ ”تو نہ ٻڌو آهي ڇا
تہ حگيت جو پٽ ادونياہ پاڻ کي بادشاهہ بڻائي ويٺو آهي؟ اسان جي
آقا دائود بادشاهہ کي انهيءَ باري ۾ ڪابہ خبر ڪانهي. ⑫ سو هاڻ
اچ تہ آءٌ تو کي صلاح ڏيان تہ جيئن تنهنجي ۽ تنهنجي پٽ سليمان
جي زندگي بچي سگهي. ⑬ تون بادشاهہ دائود وٽ وڃ ۽ کيس چئُہ
تہ ’قبلا سائين! ڇا اوهان مون پنهنجي ٻانهيءَ سان قسم کڻي نہ
چيو هو تہ منهنجو پٽ سليمان اوهان کان پوءِ ضرور بادشاهي ڪندو
۽ اوهان جي تخت تي ويهندو؟ تہ پوءِ ادونياہ ڇو بادشاهہ بڻجي ويٺو
آهي؟‘ ⑭ تون اڃا بادشاهہ سان ڳالهائيندي ئي پيئي هوندينءَ تہ آءٌ
بہ تنهنجي پٺيان اچي ويندس ۽ تنهنجي ڳالهہ جي تصديق ڪندس.“

⑮ تڏهن بت‌سبع بادشاهہ وٽ ڪوٺيءَ ۾ ويئي، جتي شونيم ڳوٺ
واري ڇوڪريءَ ابيشاگ ضعيف بادشاهہ جي خدمت چاڪري پئي
ڪئي. ⑯ بت‌سبع ڪنڌ جهڪائي بادشاهہ کي تعظيم ڏني ۽ بادشاهہ
کانئس پڇيو تہ ”تو کي ڇا گهرجي؟“ ⑰ هن کيس وراڻيو تہ ”قبلا
سائين! توهان مون پنهنجي ٻانهيءَ سان خداوند خدا جنهن جا اوهين
خاص ٻانها آهيو، تنهن جو قسم کڻي چيو هو تہ ’مون کان پوءِ
تنهنجو پٽ سليمان ضرور بادشاهي ڪندو ۽ منهنجي تخت تي
ويهندو.‘ ⑱ پر ادونياہ اڳي ئي بادشاهہ بڻجي ويٺو آهي ۽ منهنجا آقا
بادشاهہ، توهان کي انهيءَ جي ڪابہ خبر ڪانهي. ⑲ هن وڏي تعداد
۾ ڏاند، متارا وهڙا ۽ رڍون قرباني ڪيون آهن ۽ توهان جن سڀني
پٽن کي، ابياتر ڪاهن کي ۽ يوآب سپهہ‌سالار کي دعوت ڏيئي
گهرايو اٿس، پر توهان جي پٽ سليمان کي نہ سڏيو اٿائين. ⑳ قبلا
سائين! هينئر سڄي بني اسرائيل جون اکيون توهان تي آهن تہ توهان
کين ٻڌايو تہ توهان منهنجي آقا بادشاهہ کان پوءِ ڪير توهان جي
تخت تي ويهندو. ㉑ نہ تہ جڏهن توهان وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان
سمهندا تڏهن آءٌ ۽ منهنجو پٽ سليمان مجرم ليکيا ويندا سون.“
㉒ هن اڃا بادشاهہ سان ڳالهايو ئي پئي تہ ناتن نبي بہ اتي اچي
پهتو. ㉓ بادشاهہ کي ٻڌايو ويو تہ ناتن نبي آيو آهي. جڏهن ناتن
نبي بادشاهہ جي اڳيان آيو، تڏهن ڪنڌ جهڪائي بادشاهہ کي تعظيم
ڏنائين. ㉔ پوءِ ناتن چيو تہ ”منهنجا آقا بادشاهہ! اوهان ائين چيو
آهي ڇا تہ ’مون کان پوءِ ادونياہ بادشاهي ڪري ۽ منهنجي تخت
تي ويهي‘؟ ㉕ ڇالاءِجو هن اڄ وڃي گهڻي تعداد ۾ ڏاند، متارا وهڙا
۽ رڍون قربان ڪيون آهن. هن سڀني شهزادن، تنهنجي لشڪر جي
سپهہ‌سالار ۽ ابياتر ڪاهن جي دعوت ڪئي آهي. هينئر هو ساڻس
گڏ کائن پيئن ٿا ۽ چون ٿا تہ ’ادونياہ بادشاهہ زنده باد.‘ ㉖ پر مون
تنهنجي ٻانهي کي، صدوق ڪاهن کي، بناياہ ولد يهويدع کي ۽
سليمان کي هن نہ سڏيو آهي. ㉗ ڇا اهو ڪم منهنجي ڌڻي بادشاهہ
ڪيو آهي؟ پنهنجي ٻانهن کي ٻڌايو بہ نہ اٿوَ تہ اوهان کان پوءِ ڪير
اوهان جي تخت تي ويهندو.“

## سليمان جو بادشاهہ مقرر ٿيڻ

㉘ تڏهن دائود بادشاهہ چيو تہ ”بت‌سبع کي مون آڏو آڻيو.“ سو
هوءَ وري اچي بادشاهہ جي اڳيان بيٺي. ㉙ تڏهن بادشاهہ قسم کڻي
چيو تہ ”زنده خداوند جو قسم آهي، جنهن منهنجي جان کي هر
مصيبت کان بچايو آهي، ㉚ تہ جيئن خداوند، بني اسرائيل جي خدا
جو قسم کڻي مون تو کي چيو هو تہ تنهنجو پٽ سليمان مون کان
پوءِ ضرور بادشاهي ڪندو ۽ منهنجي تخت تي ويهندو، تيئن اڄ آءٌ
ضرور ڪندس.“ ㉛ تڏهن بت‌سبع ڪنڌ جهڪائي بادشاهہ کي تعظيم
ڏيئي چيو تہ ”شل منهنجو آقا بادشاهہ دائود سدائين سلامت رهي!“

---

5:1–6 2.سم 4:3، 15،14:18    11:1 2.سم 24:12

32 پوءِ بادشاهہ دائود صدوق ڪاهن، ناتن نبيءَ ۽ بناياہ ولد يهويدع
ڪي پاڻ وٽ سڏايو. جڏهن هو وٽس آيا، 33 تڏهن بادشاهہ ڪين چيو
تہ ”اوهين منهنجا عملدار پاڻ سان وٺي وڃو ۽ منهنجي پٽ سليمان
کي منهنجي خچر تي چاڙهي گيحون چشمي ڏانهن روانا ٿيو. 34 اُتي
صدوق ڪاهن ۽ ناتن نبي سليمان کي بني اسرائيل جي مٿان بادشاهہ
بڻجڻ لاءِ مسح ڪن. پوءِ اوهين نفيلون وڄائي چئجو تہ ’بادشاهہ
سليمان زنده‌باد!‘ 35 تنهن کان پوءِ اوهين هيڏانهن هن جي پٺيان
لڳي اچو ۽ هو اچي منهنجي تخت تي ويهي ۽ منهنجي جاءِ تي هو
بادشاهي ڪري. مون هن کي بني يهوداہ، بلڪ سڄي بني اسرائيل
تي بادشاهہ مقرر ڪيو آهي.“
36 تڏهن بناياہ ولد يهويدع جواب ۾ وراڻيو تہ ”آمين، خداوند،
منهنجي آقا بادشاهہ جو خدا شل ائين ئي ڪري. 37 جيئن خداوند
منهنجي آقا بادشاهہ سان گڏ رهيو آهي تيئن شل هو سليمان سان
بہ رهي ۽ هن جي تخت کي منهنجي آقا بادشاهہ جي تخت کان بہ
وڌائي.“
38 سو صدوق ڪاهن، ناتن نبي، بناياہ ولد يهويدع ۽ شاهي محافظ
سليمان کي بادشاهہ دائود جي خچر تي ويهاري کيس گيحون چشمي
ڏانهن وٺي ويا. 39 صدوق ڪاهن خداوند جي عهد جي صندوق واري
تنبوءَ مان جيڪو زيتون جي تيل وارو سڱ آندو هو تنهن مان تيل ڪڍي
سليمان کي بادشاهہ ٿيڻ لاءِ مسح ڪيائين. تڏهن هنن نفيلون وڄايون
۽ سڀني ماڻهن وڏي آواز سان چيو تہ ”بادشاهہ سليمان زنده‌باد!“
40 پوءِ اهي سڀ ماڻهو موٽ تي ڏاڍيون خوشيون ڪندي ۽ بانسريون
وڄائيندي سندس پٺيان لڳي آيا، ايتري قدر جو انهن جي آواز سان
زمين ڏُڏِي تي ويئي.
41 هوڏانهن ادونياہ ۽ جيڪي مهمان ساڻس گڏ هئا، سي جڏهن
دعوت ڪائي بس ڪرڻ وارا هئا، تڏهن اهو آواز ٻڌائون. نفيلن جي
آواز ٻڌڻ تي يوآب چوڻ لڳو تہ ”شهر ۾ هي گوڙ شور ڇا لاءِ آهي؟“
42 اڃا هن ايترو مس ڳالهايو تہ ابي‌ياتر ڪاهن جو پٽ يونتن اچي
نڪتو. ادونياہ کيس چيو تہ ”اچ، هلي اچ، تون لائق ماڻهو آهين سو
خبر بہ ڪا چڱي آندي هوندءِ.“ 43 تڏهن يونتن کيس ورندي ڏيئي
چيو تہ ”نہ. اسان جي آقا بادشاهہ دائود سليمان کي بادشاهہ بڻايو
آهي. 44 بادشاهہ دائود صدوق ڪاهن، ناتن نبي، بناياہ ولد يهويدع
۽ شاهي محافظ هن سان گڏ موڪليا ۽ هنن کيس بادشاهہ جي خچر
تي سوار ڪيو. 45 صدوق ڪاهن ۽ ناتن نبيءَ هن کي گيحون چشمي
وٽ بادشاهہ ٿيڻ لاءِ مسح ڪيو آهي. اُتان کان هو خوشيون ڪندا آيا
آهن، جنهنڪري شهر ۾ هُل مچي ويو آهي. هي گوڙ جو اوهان ٻڌو
آهي سو اهو ئي آهي. 46 سليمان تہ بادشاهي تخت تي بہ وڃي ويٺو
آهي. 47 تنهن کان سواءِ بادشاهہ جا عملدار اسان جي آقا بادشاهہ
دائود کي مبارڪ باد ڏيئي چوڻ لڳا تہ ’شل اوهان جو خدا سليمان
کي اوهان کان وڌيڪ نالي وارو ڪري ۽ هن جي بادشاهي اوهان جي
بادشاهيءَ کان وڌيڪ وڏي ويجهي.‘ تڏهن بادشاهہ پنهنجي پلنگ
تي سجدو ڪري 48 دعا گهري چيو تہ ’شل خداوند، بني اسرائيل جي
خدا جي واکاڻ هجي جنهن اڄ مون کي منهنجي تخت تي منهنجو
وارث ويهندي ڏيکاريو آهي.‘“
49 تڏهن ادونياہ جا سڀ مهمان ڊڄي اُٿيا ۽ هر ڪو پنهنجو پنهنجو
رستو وٺي هليو ويو. 50 پر ادونياہ سليمان جي ڊپ کان پڻ اُٿي ڪڙو ٿيو
۽ عهد واري صندوق جي تنبوءَ ۾ جوڙيل *قربان‌گاهہ جي سڱن کي
وڃي جهليائين. 51 تڏهن سليمان بادشاهہ کي ٻڌايو ويو تہ ”ادونياہ
اوهان کان ڊڄي ٿو. هو قربان‌گاهہ جي سڱن کي چنبڙيو پيو آهي ۽
چوي ٿو تہ ’پهريائين سليمان بادشاهہ مون سان قسم کڻي تہ هو
پنهنجي هِن ٻانهي کي قتل نہ ڪرائيندو.‘“
52 تڏهن سليمان چيو تہ ”جيڪڏهن هو پاڻ کي لائق ماڻهو ثابت
ڪندو تہ پوءِ هن جو هڪڙو وار بہ زمين تي نہ ڪرندو، پر جيڪڏهن
هن ۾ ڪا شرارت ڏٺي ويئي تہ پوءِ هو ماريو ويندو.“ 53 پوءِ بادشاهہ
سليمان ماڻهو موڪليا جيڪي هن کي قربان‌گاهہ کان وٺي آيا. ادونياہ
آيو ۽ اچي سليمان بادشاهہ کي ڪنڌ جهڪائي تعظيم ڏنائين. تڏهن
سليمان کيس چيو تہ ”تون پنهنجي گهر هليو وڃ.“

## دائود جي سليمان کي وصيت

2 1 جڏهن دائود جي مرڻ جا ڏينهن اچي ويجها ٿيا تڏهن پنهنجي
پٽ سليمان کي وصيت ڪري چيائين تہ 2 ”منهنجا ڏينهن اچي
پورا ٿيا آهن، سو تون مضبوط ۽ مڙس ماڻهو ٿيءُ. 3 خداوند پنهنجي
خدا جي حڪمن جو خيال ڪجانءِ. انهيءَ جي واٽ تي هلجانءِ.
سندس حڪمن ۽ قاعدن قانونن تي عمل ڪجانءِ، جيڪي موسيٰ
جي شريعت ۾ لکيل آهن، انهيءَ لاءِ تہ جيئن جيڪي بہ تون ڪرين
۽ جيڏانهن بہ تون وڃين، ڪاميابي حاصل ڪرين. 4 انهيءَ لاءِ
تہ خداوند منهنجي باري ۾ مون سان ڪيل واعدو پورو ڪري تہ
’جيڪڏهن تنهنجو اولاد پنهنجي پوريءَ دل وَ جان سان منهنجي
حڪمن تي هلندو تہ ڪڏهن بہ تو وٽ بني اسرائيل جي تخت تي
ويهڻ لاءِ وارثن جي ڪمي نہ ٿيندي.‘
5 تنهن کان سواءِ تون اهو بہ ڄاڻين ٿو تہ يوآب جنهن جي ماءُ
ضروياہ هئي، تنهن مون سان ڇا ڪيو، يعني بني اسرائيل جي لشڪرن
جي ٻن سپهہ‌سالارن ابنير ولد نير ۽ عماسا ولد يتر سان ڇا ڇا نہ
ڪيائين. هن کين قتل ڪيو، صلح جي وقت جنگ وارو رت وهايائين

*قربان‌گاهہ جي سڱن کي وڃي جهليائين: قربان‌گاهہ جي چئني ڪنڊن ۾ سڱ ٺهيل هئا ۽ جيڪي بہ ماڻهو جيستائين سڱن کي وڃي جهليو بيٺا هوندا هئا تيستائين کين جان جي امان هوندي هئي.

39:1 2.سم 17:6  5:2 2.سم 27:3، 10:20

۽ انهيءَ رت سان پنهنجو ڪمر پٽو ۽ پنهنجي جتي رڱيائين. 6 سو
تون پنهنجي سمجهه ڪان ڪم وٺجانءِ ۽ هن جي اڇي مٿي کي
سلامتيءَ سان قبر ۾ وڃڻ نه ڏجانءِ.“
7 ”پر گلعاد واري برزليءَ جي پٽن سان مهربانيءَ سان پيش
اچجانءِ. هو تنهنجي دسترخوان تي ماني کائڻ وارن مان ٿين،
ڇالاءِجو جڏهن آءٌ تنهنجي ڀاءُ ابي‌سلوم کان ڀڄو هوس تڏهن هنن
منهنجو ساٿ ڏنو هو.
8 ٻيو ياد رک ته گيرا جو پٽ شمعي جيڪو بني بنيامين جي علائقي
واري شهر بحوريم جو رهاڪو آهي، تنهن محنايم شهر ڏانهن وڃڻ
واري ڏينهن مون تي سخت لعنت وڌي هئي. پر پوءِ جڏهن هو اردن
درياءَ وٽ منهنجي استقبال لاءِ آيو هو تڏهن مون ساڻس خداوند جو
قسم کڻي کيس چيو هو ته ’آءٌ تو کي نه مارائيندس.‘ 9 پر تون
هن کي بي‌گناهه نه سمجهه. تون سياڻو ماڻهو آهين. تو کي پاڻيهي
معلوم ٿي ويندو ته هن سان ڇا ڪرڻ گهرجي. تون هن جو اڇو مٿو
رتو رت ڪري کيس قبر ۾ لاهجانءِ.“

## دائود جي وفات

10 دائود وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان سُتو. کيس
*سندس ئي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. 11 هن چاليهه سال بني اسرائيل تي
بادشاهي ڪئي، ست سال حبرون ۾ ۽ ٽيتيهه سال يروشلم ۾. 12 سو
سليمان پنهنجي پيءُ دائود جي تخت تي ويٺو ۽ سندس بادشاهت
نهايت مضبوط ٿي.

## ادونياه جو موت

13 هڪڙي ڏينهن حگيت مان دائود جو پٽ ادونياه سليمان جي ماءُ
بت‌سبع وٽ آيو. هن پڇيس ته ”خير مان تو اچين؟“ ادونياه وراڻيو
ته ”هائو خير مان.“ 14 ادونياه وڌيڪ چيس ته ”مون کي ڪجهه تو
کي چوڻو آهي.“ تڏهن بت‌سبع وراڻيس ته ”ڀلي چئُه.“ 15 هن چيس
ته ”تون ته ڄاڻين ٿي ته بادشاهت منهنجي هئي. ساري بني اسرائيل
قوم مون ڏانهن پئي ڏٺو ته آءٌ بادشاهي ڪريان. پر معاملو ڦري ويو ۽
بادشاهت منهنجي ڀاءُ جي ٿي پيئي، ڇالاءِجو اها خداوند جي طرفان
کيس ملي آهي. 16 هاڻي آءٌ تو کي هڪڙو عرض ٿو ڪريان، مون
کان انڪار نه ڪجانءِ.“ بت‌سبع چيس ته ”بيشڪ چئُه.“ 17 تڏهن
ادونياه چيس ته ”جيئن ته سليمان بادشاهه تو کان انڪار نه ڪندو،
سو مهرباني ڪري کيس چئُه ته هو شونيم ڳوٺ واري ڇوڪري
ابي‌شاگ مون کي پرڻائي ڏئي.“ 18 بت‌سبع کيس چيو ته ”چڱو، آءٌ
تنهنجي لاءِ بادشاهه سان ڳالهائيندس.“
19 سو بت‌سبع بادشاهه سليمان وٽ ادونياه جي لاءِ ڳالهائڻ ويئي.
بادشاهه اٿي ٻيهي کيس ڪيڪاريو ۽ سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي
کيس تعظيم ڏنائين. پوءِ هو پنهنجي تخت تي ويهي رهيو. بادشاهه
پنهنجي ماءُ جي لاءِ هڪڙو ٻيو تخت رکايو ۽ هوءَ بادشاهه جي
ساڄي پاسي انهيءَ تي ويهي رهي. 20 پوءِ هوءَ چوڻ لڳي ته ”آءٌ تو
کي هڪڙو ننڍڙو عرض ٿي ڪريان، مهرباني ڪري مون کان انڪار
نه ڪجانءِ.“ بادشاهه وراڻيو ته ”اما ڀلي چئُه، آءٌ تو کان انڪار
نه ڪندس.“ 21 تڏهن هن چيس ته ”شونيم ڳوٺ واري ڇوڪري
ابي‌شاگ تنهنجي ڀاءُ ادونياه کي پرڻائي ڏني وڃي.“ 22 بادشاهه
سليمان ڪاوڙ وچان پنهنجي ماءُ کي جواب ڏنو ته ”تون ادونياه لاءِ
رڳو شونيم ڳوٺ واري ابي‌شاگ ڇو ٿي گهرين؟ تون ته هن لاءِ
بادشاهي به گهر، آخر هو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. بلڪ ابي‌ياتر ڪاهن
۽ منهنجي پيءُ جي پيڻ ضروياه جي پٽ يوآب لاءِ به ڪجهه نه
ڪجهه گهر.“ 23 پوءِ بادشاهه سليمان خداوند جو قسم کڻي چيو
ته ”جيڪڏهن ادونياه هن عرض جي قيمت پنهنجي جان سان ادا نه
ڪري ته پوءِ خدا مون سان ائين ئي بلڪ ان کان به وڌيڪ ڪري.
24 هاڻ جيئري خدا جو قسم آهي جنهن مون کي منهنجي پيءُ دائود
جي تخت تي قائم ڪيو آهي ۽ پنهنجي واعدي مطابق منهنجو گهراڻو
آباد ڪيو اٿائين، ته ادونياه اڄ ئي ضرور قتل ڪيو ويندو.“ 25 سو
بادشاهه سليمان يهويدع جي پٽ بناياه کي حڪم ڏيئي روانو ڪيو ۽
هن وڃي ادونياه کي قتل ڪيو.

## ابي‌ياتر جي شهر نيڪالي ۽ يوآب جو موت

26 پوءِ بادشاهه سليمان ابي‌ياتر ڪاهن کي چيو ته ”تون عنتوت ڏي
پنهنجين ٻنين ۾ وڃي رهه. تون واجب‌القتل آهين، پر في‌الحال آءٌ تو
کي نه مارائيندس ڇالاءِجو تون منهنجي پيءُ دائود جي اڳيان خداوند
جي صندوق کڻي هلندو هئين ۽ منهنجي پيءُ تي پيل سڀني مشڪلاتن
۾ تون برابر جو شريڪ هوندو هئين.“ 27 اهڙيءَ طرح سليمان ابي‌ياتر
کي خداوند جي ڪهانت واري عهدي تان لاهي ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان
هن خداوند جو اهو ڪلام پورو ڪيو جيڪو خداوند سيلا ۾ عيليءَ
جي گهراڻي بابت ڪيو هو.
28 اها خبر يوآب تائين وڃي پهتي، جنهن ابي‌سلوم سان نه پر
ادونياه سان ملي‌ڀڳت ڪئي هئي. سو هو خداوند جي خيمي ڏانهن
ڀڄي ويو ۽ وڃي †قربان‌گاهه جا سڱ جهلي بيٺو. 29 بادشاهه سليمان

*سندس ئي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

†قربان‌گاهه جا سڱ جهلي بيٺو: ڏسو 1.بادشاهه 1:50.

7:2 2.سم 17:27–29   8:2 2.سم 16:5–13، 19:16–23   11:2 2.سم 5:4–5، 1.توا 3:4   12:2 1.توا 29:23   17:2 1.با 1:3–4

26:2 1.سم 22:20–23، 2.سم 15:24   27:2 1.سم 2:27–36

کي پڏايو ويو تہ يوآب پچي خداوند جي خيمي وٽ قربان‌گاهہ جي
پر ۾ وچي بيٺو آهي. تڏهن سليمان يهويدع جي پٽ بناياہ کي حڪم
ڏيئي موڪليو تہ ”وڃي کيس ماري ڇڏ.“
30 سو بناياہ خداوند جي خيمي ۾ ويو ۽ يوآب کي چيائين تہ
”بادشاهہ فرمائي ٿو تہ ٻاهر نڪري اچ.“ پر هن وراڻيو تہ ”نہ، آءٌ
هتي ئي مرندس.“ بناياہ موٽي وڃي بادشاهہ کي ٻڌايو تہ يوآب هيئن
ٿو چوي.
31 تنهن تي بادشاهہ بناياہ کي حڪم ڏنو تہ ”جيئن هن چيو آهي
تيئن ئي ڪر. تون کيس ماري ڪٽي وڃي دفن ڪرينس. اهڙيءَ طرح
جيڪو ناحقي رت يوآب وهايو هو، تنهن جو گناهہ مون تان ۽ منهنجي
پيءُ جي گهراڻي تان لاهي ڇڏ. 32 جيڪو رت هن وهايو هو تنهن
جو کيس خداوند بدلو ڏيندو، ڇاڪاڻ‌تہ هن منهنجي پيءُ دائود جي
بي‌خبريءَ ۾ ٻن ڄڻن تي حملو ڪري کين تلوار سان ماري ڇڏيو
هو. اهي ٻيئي ڄڻا، عماسا ولد يتر جيڪو بني يهوداہ جي لشڪر جو
سپهہ‌سالار هو ۽ ابنير ولد نير جيڪو باقي بني اسرائيل جي لشڪر
جو سپهہ‌سالار هو، سي هن کان بهتر ۽ سچار هئا. 33 انهيءَ طرح
هنن جي خون جو گناهہ يوآب ۽ سندس اولاد جي سر تي هميشہ
پوندو. پر دائود، سندس اولاد، سندس گهراڻي ۽ سندس تخت لاءِ
خداوند وٽان هميشہ لاءِ سلامتي هوندي.“
34 سو يهويدع جي پٽ بناياہ وڃي قربان‌گاهہ وٽ ئي يوآب تي
حملو ڪري کيس ماري وڌو. کيس بيابان ۾ سندس ئي گهر ۾ دفن
ڪيو ويو. 35 سليمان بادشاهہ يهويدع جي پٽ بناياہ کي يوآب جي
جاءِ تي لشڪر جو سپهہ‌سالار مقرر ڪيو ۽ ابي‌ياتر جي جاءِ تي
صدوق ڪاهن کي رکيائين.

## شمعيءَ جو موت

36 تنهن کان پوءِ سليمان بادشاهہ شمعيءَ کي گهرائي چيو تہ
”پنهنجي لاءِ يروشلم ۾ هڪڙو گهر ٺهرائي انهيءَ ۾ رهہ ۽ شهر
کان ٻاهر ٻئي ڪنهن بہ پاسي نہ وڃ. 37 جنهن ڏينهن تون شهر کان
ٻئي پاسي ويندين ۽ قدرون جي برساتي نهر پار ڪندين، تہ پڪ ڄاڻ
تہ انهيءَ ڏينهن ضرور ماريو ويندين ۽ تنهنجو خون تنهنجي ئي
سر تي پوندو.“ 38 شمعيءَ بادشاهہ کي وراڻيو تہ ”اها ڳالهہ چڱي
آهي. جيئن منهنجي آقا بادشاهہ فرمايو آهي تيئن ئي اوهان جو ٻي
ٻانهو ڪندو.“ سو شمعي گهڻا ئي ڏينهن يروشلم ۾ رهيو.
39 پر ٽن سالن کان پوءِ شمعيءَ جا ٻہ غلام گات جي بادشاهہ
اڪيس ولد معڪاہ ڏانهن ڀڄي ويا. شمعيءَ کي ٻڌايو ويو تہ ”تنهنجا
غلام گات شهر ۾ آهن.“ 40 تنهن تي شمعي اٿيو ۽ پنهنجي گڏهہ
تي هنو وڌائين ۽ گات شهر ڏانهن پنهنجي غلامن کي ڳولهڻ لاءِ
اڪيس وٽ ويو. هن اتي انهن کي لڌو ۽ کين پاڻ سان واپس وٺي
آيو. 41 جڏهن سليمان کي خبر پيئي تہ شمعي يروشلم کان نڪري
گات شهر ڏانهن ويو هو ۽ اتان موٽي آيو آهي، 42 تڏهن هن کي
گهرائي چيائين تہ ”ڇا مون تو کان خداوند جو قسم نہ کڻايو هو ۽
تو کي چتاءُ نہ ڏنو هوم تہ پڪ ڄاڻ تہ جنهن ڏينهن تون شهر کان
ڪنهن ٻئي پاسي نڪري ويندين، تنهن ڏينهن ضرور ماريو ويندين؟
تنهن وقت تو مون کي چيو هو تہ ’اها ڳالهہ چڱي آهي. آءٌ پابند
رهندس.‘ 43 تہ پوءِ ڇو تو خداوند جي قسم ۽ منهنجي حڪم جو
خيال نہ رکيو؟“ 44 بادشاهہ شمعيءَ کي وڌيڪ چيو تہ ”تو منهنجي
پيءُ دائود سان جيڪا تمام خراب هلت ڪئي هئي سا تو کي پنهنجي
دل ۾ معلوم آهي. هاڻ خداوند تو کي تنهنجي خراب هلت جو بدلو
ڏيندو. 45 پر خداوند مون کي برڪت وارو ڪندو ۽ دائود جي تخت
کي پنهنجي آڏو هميشہ لاءِ قائم رکندو.“
46 پوءِ بادشاهہ بناياہ کي حڪم ڏنو، جنهن وڃي شمعيءَ تي حملو
ڪري کيس ماري ڇڏيو.
اهڙيءَ طرح سليمان جا هٿ بادشاهت تي مضبوط ٿي ويا.

## دانائيءَ لاءِ سليمان جي دعا
(2.تواريخ 1:3–12)

3 1 سليمان مصر جي بادشاهہ جي ڌيءَ سان شادي ڪري ساٽس
مائٽي ڳنڍي. جيستائين سليمان پنهنجو محل ۽ هيڪل نہ جوڙايو
۽ يروشلم جي چوڌاري پٽ نہ تعمير ڪرائي، تيستائين انهيءَ زال
کي پنهنجي پيءُ *دائود جي شهر ۾ آڻي رهايائين. 2 ماڻهو تڏهن
مختلف هنڌن تي وڃي قربانيون پيش ڪندا هئا، ڇوتہ انهن ڏينهن
تائين خداوند جي عبادت لاءِ اڃا ڪوبہ مستقل هيڪل نہ ٺاهيو ويو
هو. 3 سليمان پنهنجي پيءُ جي نصيحتن تي عمل ڪري خداوند
سان محبت جو اظهار تہ ڪندو هو، پر مختلف هنڌن تي وڃي ساڙڻ
لاءِ قربانيون پڻ پيش ڪندو هو.
4 گبعون شهر ۾ هڪ خاص قربان‌گاهہ هئي، جنهن تي بادشاهہ
سليمان سوين قربانيون پيش ڪيون هيون. هڪ دفعي جڏهن بادشاهہ
اوڏانهن قرباني پيش ڪرڻ ويو، 5 تڏهن اتي خداوند سليمان کي رات
جو خواب ۾ ڏيکاري ڏيئي چيو تہ ”جيڪي گهُرڻو اٿيئي سو گهُر تہ
آءٌ تو کي ڏيان.“
6 سليمان جواب ڏنو تہ ”تون پنهنجي ٻانهي منهنجي پيءُ دائود
تي هميشہ ڏاڍو مهربان رهيو آهين، ڇالاءِجو هو تو سان سچار،
وفادار ۽ دل جو سچو هو. تو هن سان اها وڏي مهرباني قائم رکندي
سندس تخت تي ويهڻ لاءِ کيس هڪڙو پٽ ڏنو، جيئن اڄوڪي ڏينهن
ظاهر آهي. 7 هاڻ، اي خداوند منهنجا خدا! تو مون پنهنجي ٻانهي
کي منهنجي پيءُ دائود جي جاءِ تي بادشاهہ ڪيو آهي. پر آءٌ تہ
هڪڙي ننڍڙي ٻار مثل آهيان ۽ خبر ڪانہ اٿم تہ ڪيئن اٿان ويهان.

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

8 آءٌ تنهنجو ٻانهو تنهنجي ئي چونڊيل قوم مان آهيان، جيڪا ايڏي تہ وڏي قوم آهي جنهن کي ڳڻي نہ ٿو سگهجي. 9 سو مون پنهنجي ٻانهي کي سمجهہ ڀري دل عطا ڪر، جنهن سان آءٌ تنهنجي قوم مٿان انصاف سان حڪمراني ڪريان ۽ چڱي ۽ بري جي وچ ۾ تميز ڪري سگهان. نہ تہ ڪير آهي جيڪو تنهنجي هن وڏيءَ قوم تي حڪمراني ڪري سگهي؟"

10 خداوند انهيءَ ڳالهہ ڪري خوش ٿيو جو سليمان اها شيءِ گهري. 11 سو کيس چيائين تہ "جيئن تہ تو نہ پنهنجي لاءِ وڏي حياتي گهُري آهي ۽ نہ دولت، نہ ئي وري پنهنجي دشمن لاءِ موت گهريو اٿيئي، بلڪ تو انصاف ڪرڻ لاءِ سمجهہ گهري آهي، 12 تنهنڪري ڏس، جيئن تو چيو آهي تيئن ئي آءٌ ڪريان ٿو. آءٌ تو کي عقل ۽ سمجهہ واري اهڙي دل ڏيان ٿو جيڪا ڪنهن ٻئي کي نہ تو کان اڳ ۾ ملي هئي ۽ نہ وري تو کان پوءِ ڪنهن کي ملندي. 13 انهيءَ کان سواءِ جيڪي تو نہ گهريو آهي سو بہ آءٌ تو کي ڏيان ٿو، يعني دولت ۽ عزت، انهيءَ ڪري تہ تنهنجي هوندي ٻيو ڪوبہ بادشاهہ تو جهڙو نہ هجي. 14 جيڪڏهن تون منهنجيءَ راهہ تي هلندي منهنجي قانونن ۽ حڪمن تي عمل ڪندين، جيئن تنهنجو پيءُ دائود ڪندو هو، تہ پوءِ آءٌ تنهنجي عمر وڌائيندس."

15 پوءِ سليمان جاڳيو ۽ محسوس ڪيائين تہ خداوند اهو سڀ ڪجهہ ساڻس خواب ۾ ڪيو. تنهن کان پوءِ هو يروشلم ڏانهن موٽي آيو ۽ اچي خداوند جي عهد واري صندوق جي اڳيان ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ واريون قربانيون پيش ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ هن پنهنجي سڀني عملدارن جي دعوت ڪئي.

## سليمان جو دانائيءَ وارو فيصلو

16 هڪ ڏينهن بہ ڪسبياڻيون اچي بادشاهہ سليمان جي اڳيان بيٺيون. 17 انهن مان هڪڙيءَ چيو تہ "اي منهنجا آقا! آءٌ ۽ هيءَ عورت ٻئي هڪڙي ئي گهر ۾ رهنديون آهيون. مون کي گهر ۾ هڪڙو پٽ ڄائو، تنهن مهل هيءَ بہ اتي هئي. 18 منهنجي ٻار ڄڻڻ کان ٽئين ڏينهن تي هن عورت کي بہ پٽ ڄائو. اسين اڪيليون هيونسين ۽ گهر ۾ اسان ٻن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو. 19 پوءِ هڪ رات هن عورت جو ٻار هن جي هيٺان دٻجي مري ويو. 20 تڏهن هن اڌ رات جو اٿي منهنجو پٽ منهنجي پاسي مان کنيو، تنهن مهل آءٌ تنهنجي ٻانهي ننڊ پيئي هيس. هن انهيءَ کي کڻي وڃي پنهنجي پاسي ۾ سمهاريو ۽ پنهنجو مئل پٽ منهنجي پاسي ۾ سمهاري ويئي. 21 جڏهن آءٌ صبح جو پنهنجي ٻار کي ٿڃ پيئارڻ لاءِ اٿيس تڏهن ڇا ڏسان تہ اهو مئو پيو آهي. پر جڏهن چٽو ڏينهن ٿيو ۽ مون چتائي نهاريو تڏهن ڏٺم تہ اهو منهنجو ڄڻيل پٽ نہ آهي." 22 تنهن تي ٻيءَ عورت چيو تہ "نہ، ائين ناهي، هي جيئرو منهنجو پٽ آهي ۽ هو مئل تنهنجو پٽ آهي." پر پهرين عورت ورائيو تہ "نہ، هي مئل تنهنجو پٽ آهي ۽ هو جيئرو منهنجو پٽ آهي." انهيءَ طرح هنن بادشاهہ جي اڳيان پنهنجي پنهنجي ڳالهہ بيان ڪئي.

23 تڏهن بادشاهہ سليمان چيو تہ "توهان مان هڪڙي چوي ٿي تہ 'هي جيئرو منهنجو پٽ آهي ۽ هو مئل تنهنجو پٽ آهي،' جڏهن تہ ٻي ٿي چوي تہ 'نہ، مئل پٽ تنهنجو آهي ۽ جيئرو منهنجو پٽ آهي.'" 24 پوءِ بادشاهہ چيو تہ "مون کي تلوار آڻي ڏيو." سو بادشاهہ کي تلوار آڻي ڏني ويئي. 25 ان کان پوءِ هن حڪم ڏنو تہ "هن جيئري ٻار کي بہ ٽڪر ڪري اڌ هڪڙيءَ کي ڏيو ۽ اڌ ٻيءَ کي." 26 تڏهن جيئري ٻار جي حقيقي ماءُ جي آندن ٻار لاءِ ڇڪي ڪاڌي ۽ چيائين تہ "منهنجا آقا، انهيءَ کي قتل نہ ڪريو پر ڀلي هن کي ئي ڏيئي ڇڏيو." مگر ٻيءَ چيو تہ "اهو نہ تو کي ملي نہ مون کي. ڀلي تہ کيس وڍي بہ ٽڪر ڪيو وڃي." 27 تڏهن بادشاهہ پنهنجو فيصلو ڏنو تہ "انهيءَ جيئري ٻار کي قتل نہ ڪريو ۽ اهو پهرينءَ عورت کي ڏيو. اها ئي سندس ماءُ آهي." 28 جڏهن سڄي بني اسرائيل بادشاهہ جو اهو فيصلو ٻڌو تڏهن هو سندس بيحد تعظيم ڪرڻ لڳا، ڇالاءِجو هنن ڏٺو تہ عدالت ڪرڻ لاءِ هن ۾ خدا جي دانائي آهي.

## سليمان جا عملدار

4 1 بادشاهہ سليمان سڄي بني اسرائيل تي بادشاهي ڪندو هو. 2 هن وٽ هي عملدار هئا: صدوق جو اولاد عزرياہ جيڪو ڪاهن هو، 3 سيسہ جا پٽ اليحورف ۽ اخياہ جيڪي منشي هئا، اخيلود جو پٽ يهوسفط جيڪو شاهي منتظم هو، 4 يهويدع جو پٽ بناياہ جيڪو سپهہ‌سالار هو، صدوق ۽ ابي‌ياتر جيڪي ڪاهن هئا، 5 ناتن جو پٽ عزرياہ جيڪو ضلعي عملدارن جو نگران هو، ناتن جو پٽ زبود جيڪو ڪاهن ۽ بادشاهہ جو مشير هو، 6 اخيسر جيڪو شاهي محل جو نگران هو ۽ عبدا جو پٽ ادونرام جيڪو بيگارين جو نگران هو.

7 بادشاهہ سليمان جا ٻيا ٻارهن عملدار پڻ ساري بني اسرائيل جي مختلف علائقن مٿان مقرر هئا، جيڪي بادشاهہ ۽ سندس گهراڻي لاءِ سيڌو سامان موجود ڪري ڏيندا هئا. هر هڪ کي سال ۾ هڪ مهيني جي لاءِ سيڌو سامان موجود ڪري ڏيڻو هوندو هو. 8 انهن جا نالا ۽ سندن علائقا هي آهن:

بن‌حور: افرائيم جي جابلو علائقي مٿان.

9 بن‌دقر: مقص، سعلبيم، بيت‌شمس، ايلون ۽ بيت‌حنان شهرن مٿان.

10 بن‌حصد: اربوت ۽ شوڪو جي شهرن سميت حفر جي ساري علائقي مٿان.

11 بن‌ابينداب، جنهن جي زال سليمان جي ڌيءَ طافت هئي: ڪناري واري شهر دور جي آس‌پاس واري علائقي مٿان.

12 اخيلود جو پٽ بعنم: تعناڪ ۽ مجدو شهرن ۾ ۽ بيت‌شان جي پرسان واري انهيءَ سڄي علائقي مٿان، جيڪو ضرتان

ڳوٺ جي ويجهو، يزرعيل ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ ويندي ابيل
محولہ ۽ يقمعام شهرن تائين آهي.
13 بن‌جبر: گلعاد واري رامات شهر مٿان ۽ گلعاد جي انهن ڳوٺن
مٿان جيڪي منسيءَ جي اولاد مان يائير جي نسل جا آهن
۽ بسن واري ارجوب علائقي مٿان، جتي جملي سٺ شهر
ڪوٽن سان آهن، جن جي ٻاهرين دروازن تي پتل جا گز
لڳل آهن.
14 عدو جو پٽ اخينداب: محنايم شهر مٿان.
15 اخيمعض، جنهن جي زال سليمان جي ڌيءَ بسمت هئي:
نفتاليءَ جي علائقي مٿان.
16 حوسيءَ جو پٽ بعنہ: آشر جي علائقي ۽ يعلوت ڳوٺ مٿان.
17 فروح جو پٽ يهوسفط: اِسڪار جي علائقي مٿان.
18 ايلا جو پٽ شمعي: بنيامين جي علائقي مٿان.
19 اوريءَ جو پٽ گبر: گلعاد علائقي مٿان، جنهن تي امورين جي
بادشاهہ سيحون ۽ بسن جي بادشاهہ عوج بادشاهي ڪئي.

پر ساري يهوداه علائقي تي هڪڙو ئي عملدار مقرر هو.

## سليمان جي خوشحال بادشاهت

20 بني اسرائيل قوم جا ماڻهو ايترا تہ گهڻا هئا جيترا سمنڊ جي
ڪناري جي واريءَ جا ذرڙا. هو ڪائيندا، پيئندا ۽ مزا ماڻيندا وتندا
هئا. 21 فرات نديءَ کان وٺي فلستين جي ملڪ، ويندي مصر جي
سرحد تائين جيڪي بہ بادشاهتون هيون تن سڀني تي سليمان حڪمراني
ڪندو هو. هو سليمان کي محصول ڏيندا هئا ۽ انهيءَ جي سڄي
حياتيءَ تائين سندس راڄ ٿي رهيا.
22 سليمان جي سڄي محل جي هڪڙي ڏينهن جو راشن هي هو:
پنج هزار ڪلوگرام ميدو، ڏهہ هزار ڪلوگرام اٽو، 23 ڏهہ ٿانَهن تي
پليل ڏاند، ويهہ چراگاهہ وارا ڏاند، هڪ سؤ رڍون. تنهن کان سواءِ
ڇانگها، هرڻيون، ننڍا هرڻ ۽ پسنديده پکي بہ راشن ۾ شامل هئا.
24 فرات نديءَ جي الهندي پاسي تفسح شهر کان وٺي غزه شهر تائين
سليمان حڪمراني ڪندو هو. فرات نديءَ جي الهندي پاسي جيڪي
بہ بادشاهہ هئا سي سليمان بادشاهہ جو راڄ هئا ۽ هو انهن سڀني
سان صلح سان رهندو هو. 25 سليمان بادشاهہ جي سڄي حياتيءَ جي
ڏينهن ۾، دان کان وٺي بيرسبع تائين، بني يهوداه بلڪ سڄي بني
اسرائيل جو هر هڪ ڪٽنب پنهنجي پنهنجي انگورن ۽ انجيرن جي
باغن سميت امن وَ سڪون سان رهندو هو.
26 سليمان جي شاهي طنبيلن ۾ سندس گهوڙي گاڏين جي گهوڙن
لاءِ چاليهہ هزار گهوڙن جي گنجائش هئي. هن جا ٻارهن هزار گهوڙي
سوار بہ هئا. 27 جيڪي ٻارهن عملدار هئا تن مان هر هڪ پنهنجي
پنهنجي واري مهيني ۾ سليمان بادشاهہ جي لاءِ ۽ جيڪي
سندس دسترخوان تي ايندا هئا تن سڀني جي لاءِ کاڌو موجود ڪري
ڏيندا هئا. هنن ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي نہ ٿي ٿيڻ ڏني. 28 انهن
مان هر هڪ پنهنجي مقرر واري موجب گهوڙي گاڏيءَ وارن گهوڙن
۽ گهوڙي سواريءَ وارن گهوڙن لاءِ جَوَ ۽ گاهہ بہ، انهيءَ هنڌ
پهچائيندو هو جتي اهي جانور ٻڌل هوندا هئا.

## سليمان جي دانائي

29 خدا سليمان کي دانائي ۽ سمجهہ تمام گهڻي ڏني ۽ کيس اڻميو
علم عطا ڪيو. 30 سليمان جي دانائي اڀرندي جي سڀني ماڻهن جي
سياڻپ کان ۽ مصر جي سڀني ماڻهن جي دانائيءَ کان وڌيڪ هئي.
31 هو سڀني ماڻهن کان وڌيڪ داناءُ هو، بلڪ ايتان ازراخي ۽ محول
جي پٽن هيمان، ڪلڪول ۽ دردع کان بہ وڌيڪ داناءُ هو ۽ هن
جي هاڪ آس‌پاس وارين سڀني قومن ۾ پکڙجي ويئي. 32 هن ٽي هزار
چوڻيون چيون ۽ سندس راڳن جو تعداد هڪ هزار پنج هو. 33 هن وڻن
جو بيان ڪيو، لبنان ۾ ٿيندڙ ديال وڻ کان وٺي زوفا ٻوٽي تائين،
جيڪو ڀتين مان اپري ٿو. هن جانورن، پکين، سرندڙ جيتن ۽ مڇين
بابت پڻ بيان ڪيو. 34 دنيا جي سڀني بادشاهن سليمان جي دانائيءَ
جي هاڪ ٻڌي هئي، سو هو ماڻهن کي موڪليندا هئا جيڪي اچي
سليمان جي دانائيءَ وارا گفتا ٻڌندا هئا.

## هيڪل ٺاهڻ جي تياري
(2.تواريخ 2:1–18)

5 1 صور ملڪ جو بادشاهہ حيرام جيڪو هميشہ دائود جو دوست
رهيو هو، تنهن جڏهن ٻڌو تہ سليمان کي مسح ڪري سندس پيءُ
دائود جي جاءِ تي بادشاهہ بڻايو ويو آهي، تڏهن هن سليمان ڏانهن
پنهنجا ايلچي موڪليا. 2 سليمان موٽ ۾ حيرام بادشاهہ ڏانهن هي
پيغام موڪليو تہ 3 ”تون ڄاڻين ٿو تہ منهنجي پيءُ دائود خداوند
پنهنجي خدا جي عبادت لاءِ انهيءَ ڪري هيڪل جوڙائي نہ سگهيو
جو آس‌پاس وارن علائقن ۾ ايستائين ساڻس جنگيون هلنديون رهيون،
جيستائين خداوند انهيءَ جي دشمنن کي سندس پيرن هيٺ نہ ڪيو.
4 پر هاڻ خداوند منهنجي خدا مون کي هر ڪنهن پاسي کان سڪون
ڏنو آهي ۽ منهنجو ڪوبہ مخالف ڪونهي ۽ نہ ڪنهن مصيبت جو
مارو آهي. 5 سو هاڻ منهنجو ارادو آهي تہ خداوند پنهنجي خدا
جي عبادت لاءِ آءٌ هڪڙو هيڪل تعمير ڪرايان جيئن خداوند منهنجي
پيءُ دائود کي چيو هو تہ ’تنهنجو پٽ جنهن کي آءٌ تنهنجي جاءِ تي
تخت تي وهاريندس سو ئي منهنجي عبادت لاءِ هڪ گهر ٺهرائيندو.‘

21:4 پيد 15:18، 2.توا 26:9   26:4 1.با 10:26، 2.توا 1:14، 9:25   31:4 زب 89 عنوان   32:4 مثل 1:1، 10:1، 25:1، را 1:1
5:5 2.سمر 7:12–13، 1.توا 17:11–12

6 سو هاڻي حڪم جاري ڪر تہ منهنجي لاءِ لبنان جي علائقي ۾ ديال
جا وڻ وڍيا وڃن. منهنجا مزور تنهنجي مزورن سان همراهي ڪرائيندا
۽ آءٌ تنهنجي مزورن جي تو کي اوتري ئي اجرت ڏيندس جيتري تون
مقرر ڪندين. تو کي تہ خبر آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ اهڙو ڪوبہ
ڪونهي جيڪو ڪاٺ وڍڻ جي هنر ۾ اوهان صيدانين جهڙو هجي."
7 جڏهن سليمان جو پيغام حيرام بادشاهہ ٻڌو تڏهن ڏاڍو خوش
ٿيو ۽ چيائين تہ "اڄوڪي ڏينهن خداوند جي واکاڻ هجي، جنهن
دائود کي هن وڏيءَ قوم تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ هڪڙو داناءُ پٽ عطا
ڪيو آهي." 8 پوءِ بادشاهہ حيرام سليمان ڏانهن چوائي موڪليو تہ
"جيڪو پيغام تو مون ڏانهن موڪليو آهي سو مون کي مليو. ديال ۽
صنوبر جي ڪاٺ جي باري ۾ جيئن تون چاهين ٿو تيئن آءٌ ڪندس.
9 منهنجا مزور اهو ڪاٺ لبنان کان سمنڊ تائين آڻيندا ۽ هو انهن
کي پاڻ ۾ ٻڌي ٻيڙين وانگر سمنڊ جي رستي انهيءَ هنڌ تائين لوڙهي
آڻيندا، جيڪو هنڌ تون مقرر ڪندين. اتي هو انهن کي کولي رکندا
۽ پوءِ تون اتان کڻائي وڃج. باقي تون ان جي عيوض منهنجي محل
جي لاءِ گهربل سيڌو سامان موڪلي ڏج."
10 اهڙيءَ طرح بادشاهہ حيرام سليمان کي سندس خواهش موجب
ديال ۽ صنوبر جو ڪاٺ پهچائيندو رهيو. 11 سليمان حيرام بادشاهہ
کي سندس محل جي لاءِ سيڌي سامان طور سوا پنجٽيهہ لک
ڪلوگرام ڪڻڪ ۽ چار لک چاليهہ هزار ليٽر زيتون جو نج تيل ڏياري
موڪليو. انهيءَ طرح سال بسال سليمان حيرام ڏانهن سيڌو سامان
موڪليندو رهيو. 12 خداوند سليمان کي دانائي بخشي، جيئن ساڻس
واعدو ڪيو هئائين. حيرام ۽ سليمان ۾ صلح قائم رهيو ۽ هنن ٻنهي
پاڻ ۾ هڪڙو معاهدو ڪيو.

13 بادشاهہ سليمان بني اسرائيل جي سڄي قوم مان ٽيهہ هزار
ماڻهو بيگار لاءِ گڏ ڪيا. 14 هو انهن مان واري واري سان ڏهہ
هزار ماڻهن کي لبنان ڏانهن موڪليندو هو. اهڙيءَ طرح اهي هڪ
مهينو لبنان ۾ رهندا هئا ۽ ٻہ مهينا پنهنجي گهرن ۾. ادونرام انهن
بيگاري ماڻهن جو نگران هو. 15 سليمان بادشاهہ جبلن ۾ پٿر ٽڪڻ
لاءِ اسي هزار ماڻهو ۽ اهي پٿر ڍوئڻ لاءِ ستر هزار ماڻهو لڳايا.
16 انهن کان علاوه وٽس ٽي هزار ۽ ٽي سؤ ڄڻا اهي بہ هئا جيڪي
ڪم ۾ انهن ماڻهن جي نگراني ۽ رهنمائي ڪندا هئا. 17 بادشاهہ
سليمان جي حڪم تي هنن وڏا وڏا ۽ سنا پٿر هيڪل جو بنياد وجهڻ
لاءِ ٽڪي ڪڍيا. 18 اهڙيءَ طرح سليمان بادشاهہ ۽ حيرام بادشاهہ
جي ڪاريگرن ۽ گيبل شهر وارن هيڪل جي لاءِ پٿرن ۽ ڪاٺ کي
گهڙي تيار ڪيو.

## هيڪل جي تعمير

6 1 بني اسرائيل جي مصر ملڪ مان نڪري اچڻ کان چار سؤ اسي
سال پوءِ، سليمان بني اسرائيل تي پنهنجي بادشاهيءَ جي چوٿين
سال دوران، زيو مهيني، جيڪو سال جو ٻيو مهينو هو تنهن ۾ هيڪل
تعمير ڪرائڻ شروع ڪيو. 2 بادشاهہ سليمان جيڪو هيڪل تعمير
ڪرايو تنهن جي ڊيگهہ ستاويهہ ميٽر هئي، ويڪر نوَ ميٽر ۽ اوچائي
ساڍا تيرهن ميٽر هئي. 3 هيڪل ۾ گهڙڻ سان جيڪو ورانڊو هو تنهن
جي ڊيگهہ هيڪل جي ويڪر جيتري يعني نوَ ميٽر هئي ۽ ويڪر ساڍا
چار ميٽر هئس. 4 هيڪل ۾ هن سوڙهيون هوادار دريون ٺهرايون.
5 هيڪل جي ٻاهرين پٽين سان هيڪل جي پٺيان ۽ ٻنهي پاسن کان
هن ٽي منزلہ حجرا ٺهرايا. 6 سڀ کان هيٺين منزل ۾ هر حجرو سوا
ٻہ ميٽر ويڪرو هو، وچين منزل ۾ پوڻا ٽي ميٽر ۽ سڀ کان مٿين منزل
۾ ٽي ميٽر ويڪرو هو. هن هيڪل جي ٻاهران چوڌاري پٽ ۾ ٽيڪون
ڏياريون انهيءَ لاءِ تہ شهتيرَ هيڪل جي پٽين ۾ لڳل نہ هجن.
7 جڏهن هيڪل تعمير ڪيو ٿي ويو تڏهن اتي ڪنهن بہ مُترڪي،
ڇيڻيءَ يا ڪنهن ٻئي لوهہ جي اوزار جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ پئي آيو،
ڇالاءِجو جيڪي پٿر استعمال ڪيا ٿي ويا سي جبلن مان ڪڍڻ وقت
ئي گهڙي تيار ڪيا ويا هئا.
8 سڀ کان هيٺين منزل ۾ وڃڻ جو رستو هيڪل جي ڏاکڻي پاسي
کان هو. اتان ڏاڪڻ وچين منزل تي ۽ اتان پوءِ سڀ کان مٿين منزل
ڏانهن وئي پئي. 9 اهڙيءَ طرح هن هيڪل کي تعمير ڪرايو ۽ ديال
جي شهتيرن ۽ تختن جي ڇت وجهرائي ڪيس پورو ڪيو. 10 هيڪل
جي ٽن طرفن کان جيڪي ٽي منزلہ جايون حجرن لاءِ ٺهرايون ويون
هيون، تن جا شهتير هيڪل جي پٽين جي ٽيڪن تي رکيل هئا. هر
هڪ حجري جي اوچائي سوا ٻہ ميٽر هئي.
11 خداوند سليمان سان واعدو ڪندي چيو تہ 12 "تون جيڪو هي
هيڪل جوڙي رهيو آهين، سو جيڪڏهن تون منهنجي قاعدن قانونن
تي هلندين ۽ منهنجا سڀ حڪم مڃي انهن تي عمل ڪندين تہ پوءِ
جيڪو واعدو تنهنجي پيءُ دائود سان مون ڪيو هو سو آءٌ تو سان
پورو ڪندس. 13 آءٌ پنهنجيءَ قوم بني اسرائيل منجهہ رهندس ۽
کين ڇڏي نہ ڏيندس."
14 سو سليمان هيڪل ٺهرائي پورو ڪيو.

## هيڪل جي اندرين سجاوٽ

(2.تواريخ 3:8–14)

15 هيڪل جي پٽين تي اندران فرش کان وٺي ڇت تائين چوڌاري
ديال جا تختا هڻايا ويا ۽ هيڪل جي فرش تي صنوبر جا تختا هڻايا
ويا. 16 هيڪل جي پٺئين پاسي نوَن ميٽرن جي فاصلي تي هڪ پٽ

14:5 1.با 18:12   16:6 خر 33:26–34

نهرائي ويئي تہ جيئن الهامگاهہ يعني مقدس ترين جاءِ ڌار ٿي پوي.
انهيءَ جي پٿ تي بہ فرش کان وٺي ڇت تائين ديال جا تختا ڪوڙايا
ويا. 17 ان مقدس ترين جاءِ جي سامهون وارو هال يعني مقدس جاءِ
ارڙهن ميٽر ڊگهي هئي. 18 هيڪل جي اندرين پاسي جيڪو ديال جو
ڪاٺ لڳل هو تنهن تي لاٺون ۽ ٽڙيل گل اُڪريل هئا. اندر سڄو هال
ديال جي ڪاٺ سان ڍڪيل هو جنهن ڪري پٿين جو پٿر اصل ڏسڻ
۾ نہ ٿي آيو. 19 هيڪل جي پٺين پاسي مقدس ترين جاءِ ۾ خداوند
جي عهد واري صندوق رکڻي هئي. 20-22 سڄي هيڪل کي اندران نج
سون سان ڍڪيو ويو ۽ مقدس ترين جاءِ جي اڳيان سون جا زنجير ٻڌا
ويا. اها مقدس ترين جاءِ اندران نوَ ميٽر ڊگهي، نوَ ميٽر ويڪري ۽ نوَ
ميٽر اوچي هئي. انهيءَ تي بہ اندران نج سون چڙهايو ويو. مقدس
ترين جاءِ جي اڳيان لوبان ساڙڻ واري قربانگاهہ کي ديال جي ڪاٺ
سان ڍڪيو ويو ۽ مٿس بہ سون چاڙهيو ويو.
23 مقدس ترين جاءِ ۾ زيتون جي ڪاٺ مان پردار آسماني مخلوق
جا ٻہ مجسما ٺهرايا ويا جيڪي ساڍا چار ميٽر اوچا هئا. 24-26 پردار
آسماني مخلوق جا ٻيئي مجسما هڪڙيءَ ئي ماپ ۽ هڪڙيءَ ئي شڪل
جا ٺهيل هئا. هر هڪ پردار آسماني مخلوق جا ٻيئي پَر سوا ٻہ ٻہ ميٽر
ڊگها هئا. هر هڪ مجسمي جي هڪڙي پَر جي چوٽيءَ کان ٻئي پَر جي
چوٽيءَ تائين وٿي ساڍا چار ميٽر هئي. 27 مقدس ترين جاءِ ۾ رکيل
پردار آسماني مخلوق جي مجسمن جا پَر پکڙيل هئا. انهن جي پکڙيل
پَرن جون ٻاهريون چوٽيون پاسي وارين پٿين سان ٿي لڳيون ۽ اندريون
پَرن جون چوٽيون ڪمري جي وچ ۾ هڪ ٻئي سان ٿي لڳيون. 28 انهيءَ
پردار آسماني مخلوق جي ٻنهي مجسمن تي پڻ سون چاڙهيو ويو.
29 هيڪل جي اندران چوڌاري يعني مقدس جاءِ ۽ مقدس ترين جاءِ
جي سيني پٿين تي پردار آسماني مخلوق، کجيءَ جي وڻن ۽ ٽڙيل
گلن جون شڪليون اُڪرائي ڇڏيون ويون. 30 هيڪل جي مقدس جاءِ
توڙي مقدس ترين جاءِ جا فرش پڻ سون سان ڍڪرايا ويا.
31 مقدس ترين جاءِ ۾ گهڙڻ جي دروازي لاءِ زيتون جي ڪاٺ جا
تاڪ ٺهرايا ويا، ان دروازي جون پنج ڪنڊون هيون. 32 زيتون جي
ڪاٺ وارن ٻن تاڪن تي پڻ پردار آسماني مخلوق، کجيءَ جي وڻن ۽
ٽڙيل گلن جون شڪليون اڪرايون ويون ۽ مٿن سون چاڙهيو ويو. اهو
سون پردار آسماني مخلوق ۽ کجيءَ جي وڻن جي مجسمن تي اهڙي
نموني چاڙهيو ويو تہ جيئن اهي مجسما چٽا نظر اچن. 33 ساڳيءَ
طرح مقدس جاءِ ۾ گهڙڻ واري دروازي جي چوڪاٺ بہ زيتون جي
ڪاٺ مان ٺهرائي ويئي. 34 انهيءَ چوڪاٺ لاءِ صنوبر جي ڪاٺ مان
ٻہ طاق ٺهرايا ويا جيڪي ٻٽا ٿي ويا ٿي. 35 انهن تي پردار آسماني
مخلوق، کجين جا وڻ ۽ ٽڙيل گلن جون شڪليون اڪرايون ويون ۽
انهيءَ اُڪر جي ڪم تي بہ سون چاڙهيو ويو. اهو سون اهڙيءَ طرح
چاڙهيو ويو تہ جيئن اهي مجسما چٽا نظر اچن. 36 هيڪل جي اڳيان
اڱڻ جوڙايو ويو جنهن جي پٿين ۾ تراشيل پٿرن جي هر ٽئين بار کان
پوءِ ديال جي ڪاٺ جو شهتير پيل هو.
37 سليمان جي بادشاهيءَ جي چوٿين سال، زيوِ مهيني ۾ جيڪو
سال جو ٻيو مهينو هو، هيڪل جو بنياد وڌو ويو. 38 سليمان جي
بادشاهيءَ جي يارهين سال بُول مهيني ۾ جيڪو سال جو اٺون مهينو
آهي، رٿيل نقشي تحت هيڪل پوريءَ طرح جڙي راس ٿيو. اهڙيءَ
طرح سليمان کي انهيءَ جي ٺهرائڻ ۾ ست سال لڳي ويا.

## سليمان جي محل جي تعمير

7 1 سليمان پنهنجي لاءِ محل تعمير ڪرايو جنهن جي اڏاوت
۾ تيرهن سال لڳي ويا. 2-3 هن لبنان جي ٻيلي واري ڪاٺ
مان محل جو هال ٺهرايو جنهن جي ڊيگهہ چائيتاليهہ ميٽر، ويڪر
ٽيويهہ ميٽر ۽ اوچائي ساڍا تيرهن ميٽر هئي. محل جو هال ديال
ڪاٺ جي ٿنڀن جي چئن قطارن تي بيٺل هو ۽ ٿنڀن جي مٿان ديال
جا پنجيتاليهہ شهتير رکيل هئا، هر هڪ قطار جي لوُئي ۾ پندرهن
پندرهن شهتير هئا. هال جي ڇت ديال جي ڪاٺ مان ٺهيل هئي.
4 آمهون سامهون وارين ديوارن ۾ ٽي ٽي قطارون درين جون هيون.
5 ٻين آمهون سامهون وارين ديوارن ۾ ٽي ٽي دروازا هئا جن جون
چوڪائيون چورس هيون.
6 هن هڪڙو ٻيو هال ٺهرايو جنهن جي ڇت ٿنڀن تي بيٺل هئي ۽
هال جي ڊيگهہ ٽيويهہ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا تيرهن ميٽر هئي. انهيءَ
جي اڳيان هڪ ڍڪيل ورانڊو بہ ٺهرايو ويو جنهن جي ڇت بہ ٿنڀن
تي بيٺل هئي.
7 هن هڪڙو تخت وارو هال يعني عدالتگاهہ پڻ ٺهرائي جتي
ويهي هو عدالت ڪندو هو. ان کي فرش کان وٺي ڇت تائين ديال
جي ڪاٺ سان ڍڪرائي ڇڏيائين. 8 سليمان جي رهائشگاهہ جيڪا
عدالت واري انهيءَ هال جي پٺيان ٻئي صحن ۾ هئي تنهن تي بہ
ساڳئي قسم جو ڪم ٿيل هو. سليمان پنهنجي زال جيڪا *فرعون
جي ڌيءَ هئي، تنهن لاءِ بہ عدالت جي انهيءَ هال جهڙو گهر ٺهرايو.
9 اهي سڀ جايون وڏي صحن سميت بنياد کان وٺي ڇت تائين
وڏن وڏن ۽ سٺن پٿرن جون ٺهيل هيون. پٿر ماپ موجب اندران ۽
ٻاهران ڪاراين سان ڪٽيا ويا هئا. 10 بنياد سٺن وڏن پٿرن جو پيل هو
جن مان ڪن پٿرن جي ماپ ساڍا چار ميٽر هئي تہ ڪن جي ساڍا
ٽي ميٽر. 11 انهن جي مٿان بہ سٺا پٿر لڳل هئا جيڪي ماپ موجب
ڪٽيل هئا ۽ ديال جو ڪاٺ پڻ وڌو ويو هو. 12 محل جي وڏي صحن
جي چوڌاري جيڪي پٿيون هيون تن ۾ ڪٽيل پٿرن جي هر ٽئين بار

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

22–20:6 خر 30:1–3   28–23:6 خر 18:25–20   8:7 1.با 1:3

ڪان پوءِ هڪ بار ديال جي شهتيرن جو هو، جهڙيءَ طرح هيڪل جو
اندريون اڱڻ ۽ ورانڊو ٺاهيو ويو هو.

## هيڪل جا پہ پتل جا ٿنڀا ٺاهڻ
(2.تواريخ 3:15–17)

13 بادشاهہ سليمان حورام ناليءَ هڪ شخص کي صور شهر مان
گهرائي ورتو. 14 هو نفتالي قبيلي جي هڪ رنڙال جو پٽ هو ۽ هن
جو پيءُ صور شهر جو رهاڪو هو ۽ اهو بہ پتل جي ڪم جو ڪاريگر
هو. حورام پتل جي هر قسم جي ڪم ۾ تمام ماهر ۽ تجربيڪار
هو. هو سليمان وٽ آيو ۽ جيڪو بہ ڪم کيس ڏنو ٿي ويو سو پورو
ٿي ڪيائين.
15 هن پتل جا بہ ٿنڀا ٺاهيا جيڪي اٺ اٺ ميٽر اوچا هئا ۽ انهن
مان هر هڪ جي گولائي پنج ميٽر هئي. 16 هن پلٽيل پتل جا بہ چٽ
انهن ٿنڀن جي چوٽين تي رکڻ لاءِ بہ جوڙيا. ٻنهي چٽن جي اوچائي
سوا بہ ميٽر هئي. 17 اهي چٽ جيڪي ٿنڀن جي چوٽين تي رکيل هئا
تن جي لاءِ چونڪڙين تي ڄاريون ۽ زنجيرن جهڙا هار ٺاهي ٻڌا ويا،
ست هڪڙي چٽ لاءِ ۽ ست ٻئي چٽ لاءِ. 18 انهيءَ کان علاوه هن
ٻنهي ٿنڀن جي ڄارين جي چوڌاري ٻہ ٻہ قطارون پتل جي ڏاڙهن جون
بہ ٺاهيون تہ جيئن اهي چٽ سينگاريل هجن. 19 ورانڊي وارن ٻنهي
ٿنڀن جي چوٽين تي جيڪي چٽ هئا، سي سوسن گُل جي شڪل جهڙا
هئا ۽ سندن اوچائي پوڻا بہ ميٽر هئي. 20 انهن ٻنهي ٿنڀن جي چوٽين
تي ڄارين جي پاسي ۾ گولائيءَ جي مٿان هر هڪ چٽ جي چوڌاري
ٻن قطارن ۾ بہ سؤ پتل جا ڏاڙهون ٺهيل هئا. 21 حورام ڪاريگر اهي
بہ پتل جا ٿنڀا هيڪل جي دروازي جي اڳيان کڙا ڪيا. ڏاکڻي ٿنڀي
تي حورام *ياڪن نالو اُڪريو ۽ اترئين ٿنڀي تي †بوعز نالو اُڪريائين.
22 اهي سوسن گل جي شڪل جهڙا ٺهيل چٽ ٿنڀن جي چوٽين تي
رکيا ويا هئا. اهڙيءَ طرح ٿنڀن جو ڪم پورو ٿيو.

## پتل جو وڏو حوض
(2.تواريخ 4:2–5)

23 پوءِ حورام ڪاريگر گول پلٽيل پتل جو هڪ وڏو حوض ٺاهيو،
جنهن جي ماپ هڪڙي ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين ساڍا چار
ميٽر، اوچائي سوا بہ ميٽر ۽ گولائي ساڍا تيرهن ميٽر هئي. 24 انهيءَ
حوض جي ٻاهران چوڌاري ڪناري جي هيٺان لاٽن جون ٻہ قطارون
هيون جيڪي حوض سان گڏ ئي پلٽيا ويا هئا. 25 اهو حوض ٻارهن
پتل جي ٺهيل ڏاندن جي پٺين تي رکيو ويو جن جا پنيان پاسا اندر
حوض طرف هئا. انهن مان ٽن ڏاندن جو منهن اتر ڏانهن، ٽن جو
اولهہ ڏانهن، ٽن جو ڏکڻ ڏانهن ۽ ٽن جو اوڀر ڏانهن هو. 26 انهيءَ
حوض جي ٿولهہ چار آڱر هئي ۽ سندس ڪنارو پيالي جي ڪناري
وانگر هو جيڪو ٻاهرين پاسي سوسن گل وانگر وريل هو. حوض ۾
چوئيتاليهہ هزار ليٽر ماپي ٿي سگهيا.

## ‡پتل جون ريڑهيون

27 حورام ڪاريگر ڏهہ پتل جون ريڙهيون پڻ ٺاهيون، هر هڪ
ريڙهيءَ جي ڊيگهہ ۽ ويڪر هڪ جيتري يعني پوڻا بہ ميٽر هئي ۽
اوچائي سوا ميٽر هئي. 28 اُهي ريڙهيون هن طرح جڙيل هيون جو انهن
کي پاسن کان تختا هئا ۽ تختا فريمن جي وچ ۾ هئا. 29 فريمن جي وچ
وارن تختن تي شينهن، ڏاند ۽ پردار آسماني مخلوق جا مجسما ٺهيل
هئا. فريمن تي تختن جي مٿان ۽ هيٺان هٿ جا جوڙيل هار لڳل هئا.
30 هر هڪ ريڙهيءَ کي چار پتل جا ڦيٿا ۽ پتل جون ئي سرايون هيون.
هر هڪ ريڙهيءَ ۾ هڪ ننڍو حوض رکڻ لاءِ هيٺان چئني ڪنڊن تي
پلٽيل ٽيڪون هنيون ويون. هر هڪ ٽيڪ تي هار ٺاهيا ويا. 31 هر هڪ
ريڙهيءَ جي مٿان هڪ گول فريم ٺاهيو ويو جيڪو منو ميٽر ويڪرو هو
۽ انهيءَ ويڪر مان اڌ ميٽر ريڙهيءَ جي ڪناري کان مٿي ٻيٺل هو.
ان تي چوڌاري اُڪر جو ڪم ٿيل هو. جڏهن تہ ريڙهين جون ڪناريون
گول نہ پر چورس ٺاهيون ويون. 32 فريم جي تختن جي هيٺان چار ڦيٿا
لڳايا ويا. ڦيٿن جي سرائي ٽيڪن سان جوڙي وئي. هر هڪ ڦيٿي جي
اوچائي منو ميٽر هئي. 33 اهي ڦيٿا جنگي گهوڙي گاڏين جي ڦيٿن
جهڙا ٺاهيا ويا. انهن جون سرايون، پاٽا، آرا ۽ وچ جا ٽڪرا سڀ پلٽيل
پتل جا ٺاهيا ويا. 34 هر هڪ ريڙهيءَ جي هيٺان چئني ڪنڊن تي ٽيڪون
هنيون ويون. ريڙهي ۽ اهي ٽيڪون هڪڙي ئي ٽڪر مان ٺاهيا ويا.
35 ريڙهيءَ جي ڪناري جي چئني پاسن جي ڪنڊن تي گولايون ٺاهيون
ويون جن مان هر هڪ جي اوچائي ميٽر جو چوٿون حصو هئي. هر
هڪ ريڙهيءَ جا تختا ۽ فريم ريڙهيءَ سان جوڙيا ويا. 36 انهن فريمن
۽ تختن تي وٽيءَ آهر پردار آسماني مخلوق، شينهن ۽ کجيءَ جا وڻ
اُڪرايا ويا ۽ انهن جي چوڌاري هار اُڪرايا ويا. 37 اهڙيءَ طرح ڏهہ
ريڙهيون ٺاهيون ويون ۽ سڀيئي ماپ ۽ شڪل ۾ هڪجهڙيون هيون.
38 پوءِ حورام ڪاريگر پتل جا ڏهہ ننڍا حوض ٺاهيا، هر هڪ
ريڙهيءَ ۾ هڪ حوض رکڻو هو. هر هڪ ننڍي حوض ۾ پوڻا نوَ
سؤ ليٽر ماپيا ٿي ۽ هر هڪ حوض پوڻا بہ ميٽر ويڪرو هو. 39 پنج

*ياڪن: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”خدا قائم ڪري ٿو“.

†بوعز: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”خدا جي قوت سان“.

‡پتل جون ريڙهيون: ريڙهين تي اهي ننڍا حوض رکيا ويا جن جو ذڪر 1.بادشاهہ 7:38 ۾ ڪيل آهي. انهن ۾ ساڙڻ وارين قربانين جا حصا ڌوتا ويندا هئا. ڏسو لاوي سرشتو 1:9، 13، 2.تواريخ 4:6.

7:38 خر 30:17–21

ريڙهيون هيڪل جي ڏاکڻي پاسي رکيون ويون ۽ پنج اترئين پاسي. وڏو
حوض هيڪل جي اوڀر پاسي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ وٽ رکيو ويو. 40 حورام
ڪاريگر ٿانوَ، ڪوڏريون ۽ ٿالهہ پڻ ٺاهيا.
اهڙيءَ طرح حورام ڪاريگر اُهو سمورو پتل جو ڪم پورو ڪيو
جيڪو ڪيس سليمان بادشاهہ جي حڪم مطابق خداوند جي هيڪل ۾
ڪرڻو هو يعني
41 ٻہ ٿنڀا،
ٻہ پيالي نما چٽ جيڪي انهن ٿنڀن جي مٿان هئا،
ٿنڀن جي چوٽين وارن ٻن پيالي نُما چٽن کي ڍڪڻ لاءِ ٻہ ڄاريون،
42 انهن ٻن ڄارين لاءِ چار سؤ ڏاڙهون، يعني هر هڪ ڄاريءَ لاءِ
ڏاڙهن جون ٻہ قطارون،
43 ڏهہ ريڙهيون،
انهن ريڙهين جي مٿان ڏهہ ننڍا حوض،
44 هڪڙو وڏو حوض،
ٻارهن ڏاند جيڪي انهيءَ حوض هيٺان بيٺل هئا،
45 تغاريون، ڪوڏريون ۽ ٿالهہ.

اهي سڀ شيون جيڪي حورام ڪاريگر سليمان بادشاهہ جي حڪم
مطابق خداوند جي هيڪل ۾ ٺاهيون سي چمڪندڙ پتل جون هيون.
46 بادشاهہ انهن شين کي اردن جي ماٿريءَ واري ميدان ۾، سڪات
۽ ضرتان ڳوٺن جي وچ واري علائقي ۾ چيڪي مٽيءَ واري ٻڪل
ڪالب ۾ پلٽرايو. 47 سليمان بادشاهہ انهن سڀني شين جي تور نہ
ڪرائي، ڇالاءِ جو اهي تمام گهڻيون هيون. سو انهن جي پتل جي
وزن جي پوري خبر پئجي نہ سگهي.
48 سليمان بادشاهہ خداوند جي هيڪل لاءِ سون جو هي سامان
ٺهرايو: لوبان ساڙڻ لاءِ قربانگاهہ، نذراني وارا روٽ رکڻ لاءِ ميز،
49 مقدس ترين جاءِ جي اڳيان رکڻ لاءِ ڏهہ شمعدان، پنج ڏاکڻي پاسي
۽ پنج اترئين پاسي لاءِ، گُل، ڏيئا ۽ ٽانڊن لاءِ چمٽا، 50 پيالا، ڦلن لاهڻ
لاءِ چمٽا، رت ڪٽڻ لاءِ رڪابيون ۽ ٽانڊن رکڻ لاءِ منگالا، مقدس
ترين جاءِ جي دروازن لاءِ ۽ هيڪل جي دروازن لاءِ پڻ انجيسون.
51 اهڙيءَ طرح خداوند جي هيڪل لاءِ جنهن ڪم جو سليمان
بادشاهہ حڪم ڏنو هو سو پورو ٿيو. پوءِ سليمان اُهي شيون ڪٽائي
آيو جيڪي سندس پيءُ دائود خداوند لاءِ مخصوص ڪيون هيون،
يعني چاندي، سون ۽ ٻيو سمورو سامان. اُهي هن خداوند جي هيڪل
جي گدامن ۾ آڻي رکايا.

## عهد واري صندوق جو هيڪل ڏانهن ڪڄي اچڻ
(2.تواريخ 5:2–6:2)

8 1 پوءِ سليمان بادشاهہ بني اسرائيل جي سڀني قبيلن جي سردارن
۽ گهراڻن جي وڏن کي پاڻ وٽ يروشلم ۾ سڏايو، انهيءَ لاءِ تہ
خداوند جي عهد واري صندوق *دائود جي شهر يعني صيئون مان
هيڪل ۾ آندي وڃي. 2 سو ايتانيم جيڪو سال جو ستون مهينو آهي،
تنهن ۾ اهي سڀئي ماڻهو تنبن جي عيد جي موقعي تي بادشاهہ
سليمان وٽ اچي گڏ ٿيا.
3 جڏهن بني اسرائيل جا اهي سڀئي اڳواڻ اچي گڏ ٿيا تڏهن
ڪاهن اچي عهد واري صندوق کي کنيو. 4 هنن خداوند جي
عهد واري صندوق، خدا سان ملاقات وارو خيمو ۽ ان جو سمورو
مخصوص ڪيل سامان هيڪل ۾ آندو. اهي سڀ شيون ڪاهن ۽
لاوين کڻي آنديون. 5 بادشاهہ سليمان ۽ ساڻس گڏ بني اسرائيل جي
سڄي قوم جيڪا وٽس عهد واري صندوق اڳيان گڏ ٿي هئي، تنهن
ايتريون تہ رڍون، ٻڪريون ۽ ڏاند قرباني ڪيا جو گهڻائيءَ جي ڪري
اُهي ڳڻڻ کان ٻاهر هئا. 6 پوءِ ڪاهن خداوند جي عهد واري صندوق
کڻي الهامگاهہ يعني مقدس ترين جاءِ ۾ سندس مقرر جاءِ يعني
پردار آسماني مخلوق جي مجسمن جي بلڪل پرن هيٺ آڻي رکي.
7 پردار آسماني مخلوق جا ٻئي مجسما صندوق جي جاءِ جي مٿان
پنهنجا پر پکيڙيو بيٺا هئا ۽ صندوق ۽ ان کي کڻي هلڻ وارين ٻانهين
کي ڍڪيو بيٺا هئا. 8 اهي ٻانهيون ايتريون تہ ڊگهيون هيون جو انهن
جا ڇيڙا مقدس ترين جاءِ جي اڳيان مقدس جاءِ وٽان ڏسڻ ۾ ٿي آيا،
جڏهن تہ اهي مقدس جاءِ جي ٻاهران ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيا ۽ اڄ ڏينهن
تائين اهي اتي ئي آهن. 9 انهيءَ صندوق ۾ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ
هو، سواءِ پٿر جي انهن ٻن تختين جي جيڪي موسيٰ سينا جبل وٽ
منجهس رکيون هيون، جڏهن خداوند بني اسرائيل سان، سندن مصر
جي ملڪ مان نڪري اچڻ کان پوءِ عهد ڪيو هو.
10 جڏهن ڪاهن مقدس جاءِ مان ٻاهر نڪري آيا تڏهن خداوند جو
گهر ڪڪر جي صورت ۾ سندس جلوي سان ڀرجي ويو. 11 سو انهيءَ
ڪڪر جي ڪري ڪاهن ٻيهر موٽي وڃي خدمت ڪري نہ سگهيا،
ڇالاءِ جو خداوند جو گهر سندس جلوي سان ڀرجي ويو هو. 12 تڏهن
سليمان چيو تہ ”اي خداوند! تو فرمايو آهي تہ ’آءٌ اونداهي ڪڪر ۾
رهندس،‘ 13 مون تنهنجي لاءِ هڪڙو شاندار گهر جوڙايو آهي، هڪ
اهڙو گهر جيڪو هميشہ لاءِ تنهنجو ئي رهندو.“

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

48:7 خر 30:1–3، 23:25–30   49:7 خر 25:31–40   51:7 2.سم 8:11، 1.توا 18:11   1:8 2.سم 6:12–16، 1.توا 15:25–29
2:8 لاو 23:24   9:8 شر 10:5   10:8–11 خر 40:34–35   12:8 زب 18:11، 97:2

## بني اسرائيل کي سليمان جي دعا ڪرڻ
(2.تواريخ 6:3-11)

⑭ انهيءَ دوران بني اسرائيل جي سڄي قوم اتي ئي بيٺي رهي.
پوءِ بادشاهہ سليمان پٺتي ڦري ماڻهن ڏانهن نهاريو ۽ کين دعا ڏني.
⑮ هن چيو تہ ”خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي واکاڻ هجي، جنهن
پنهنجي زبان سان منهنجي پيءُ دائود سان ڪيل واعدو پورو ڪيو
آهي، جو کيس چيو هئائين تہ ⑯ ’جنهن ڏينهن مون پنهنجي قوم بني
اسرائيل کي مصر مان ڪڍي آندو، انهيءَ ڏينهن کان وٺي منهنجو
اهڙو ڪوبہ ارادو ڪو نہ هو تہ بني اسرائيل جي قبيلن جي ڪنهن
شهر ۾ منهنجي نالي تي ڪو گهر جوڙيو وڃي. پر مون تہ رڳو تو
دائود کي چونڊيو تہ تون منهنجي قوم بني اسرائيل تي راڄ ڪرين.‘“
⑰ سليمان وڌيڪ چيو تہ ”منهنجي پيءُ دائود جي دل ۾ اهو خيال
هو تہ خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي نالي تي هڪڙو گهر جوڙجي.
⑱ پر خداوند منهنجي پيءُ دائود کي چيو تہ ’جيئن تہ تنهنجي دل
۾ اهو خيال آهي تہ تون منهنجي نالي تي هڪڙو گهر جوڙائين، سو
تنهنجو اهو خيال چڱو آهي. ⑲ تنهن هوندي بہ تون اهو گهر جوڙائي
نہ سگهندين، بلڪ تنهنجو پٽ جيڪو تنهنجو ئي هڏ رت هوندو سو
منهنجي نالي تي هڪڙو گهر جوڙائيندو.‘
⑳ سو خداوند هاڻ پنهنجو ڪيل واعدو پورو ڪري ڏيکاريو آهي.
آءٌ پنهنجي پيءُ دائود جو جاءِنشين بڻيو آهيان ۽ بني اسرائيل جي
تخت تي ويٺو آهيان. مون خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي نالي
تي اهو گهر جوڙايو آهي. ㉑ مون انهيءَ ۾ عهد واري صندوق مقرر
ڪيل جاءِ تي رکرائي آهي جنهن ۾ انهيءَ عهد واريون پٿر جون تختيون
آهن. اهو عهد خداوند اسان جي ابن ڏاڏن سان ان وقت ڪيو هو
جڏهن انهن کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو هئائين.“

## هيڪل جي مخصوصيت وقت سليمان جي دعا
(2.تواريخ 6:12-42)

㉒ پوءِ سليمان بني اسرائيل جي سڄي قوم جي موجودگيءَ ۾
خداوند جي قربانگاهہ جي اڳيان وڃي بيٺو ۽ آسمان ڏانهن پنهنجا
هٿ کڻي ㉓ دعا گهريائين تہ ”اي خداوند، بني اسرائيل جا خدا!
مٿي آسمان ۾ ۽ هيٺ زمين تي تو جهڙو ٻيو ڪو معبود ڪونهي.
تون پنهنجي انهن ٻانهن سان پنهنجو عهد قائم رکندي ساڻن دائمي
شفقت رکين ٿو، جيڪي پنهنجي پوريءَ دل سان تنهنجي فرمانبرداري
ڪن ٿا. ㉔ تو پنهنجي ٻانهي منهنجي پيءُ دائود سان ڪيل واعدو
پورو ڪيو آهي. هائو، تو پنهنجي زبان سان واعدو ڪيو هو ۽ پنهنجي
قدرت سان اُهو پورو ڪيو آهي، جيئن اڄوڪي ڏينهن ظاهر آهي.
㉕ هاڻي، اي خداوند، بني اسرائيل جا خدا! تو پنهنجي ٻانهي
منهنجي پيءُ دائود سان جيڪو ٻيو واعدو ڪيو هو سو بہ پورو ڪر،
جو چيو هوءِ تہ ’تنهنجي واسطي منهنجي حضور ۾ بني اسرائيل
جي تخت تي ويهڻ لاءِ هرگز تنهنجي اولاد مان ماڻهوءَ جي ڪمي
نہ ٿيندي بشرطيڪ هو سڌيءَ راهہ تي هلندي منهنجي اهڙي ئي
فرمانبرداري ڪري جهڙي تون ڪندو رهيو آهين.‘ ㉖ سو هاڻي، اي
بني اسرائيل جا خدا! تنهنجو اهو واعدو جيڪو تو پنهنجي ٻانهي
منهنجي پيءُ دائود سان ڪيو هو سو بہ پورو ٿئي.
㉗ پر اي خدا! ڇا تون سچپچ زمين تي رهندين؟ تون تہ آسمانن
بلڪ عرش عظيم ۾ بہ سمائجي نہ ٿو سگهين، تہ پوءِ هي گهر
جيڪو مون جوڙايو آهي تنهن ۾ ڀلا تون ڪيئن سمائجي سگهندين؟
㉘ انهيءَ هوندي بہ اي خداوند منهنجا خدا! تون پنهنجي هن ٻانهي
جي دعا ۽ عرض اگهاءِ. اڄ تنهنجي اڳيان تنهنجو ٻانهو جيڪا دانهن
ڪري ٿو ۽ دعا گهري ٿو سا قبول ڪر. ㉙ هي گهر جنهن جي نسبت
۾ تو فرمايو آهي تہ ’انهيءَ تي مون خداوند جو نالو رهندو،‘ تنهن
تي ڏينهن رات تنهنجي نگاهہ رهي، انهيءَ لاءِ تہ جيڪا دعا تنهنجو
ٻانهو انهيءَ جاءِ ڏانهن منهن ڪري گهري سا تون ٻڌندين. ㉚ آءٌ
تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجي قوم بني اسرائيل جڏهن بہ هن هيڪل ڏانهن
منهن ڪري دعا گهرون، تڏهن تون پنهنجي عرش عظيم ۾ اها ٻڌي
اسان جا گناهہ معاف ڪج.
㉛ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي قوم واري ڪنهن ماڻهوءَ تي گناهہ
ڪرڻ جو الزام هڻي ۽ پوءِ کيس هن گهر ۾ تنهنجي قربانگاهہ اڳيان
آڻي قسم کڻڻ لاءِ چيو وڃي، ㉜ تڏهن تون عرش عظيم مان ٻڌي
پنهنجن ٻانهن جو انصاف ڪج. گناهگار کي سندس افعالن جي
جوڳي سزا ڏج ۽ سچار کي بيڏوهي ٺهرائي سندس سچائيءَ موجب
اجر ڏج.
㉝ جڏهن تنهنجي قوم بني اسرائيل تنهنجو ڪو گناهہ ڪرڻ ڪري
پنهنجي دشمنن کان شڪست کائي ۽ جيڪڏهن هو تو آڏو توبهہتائب
ٿين ۽ تو کي مڃيندي تنهنجي هن گهر ۾ تو کان معافيءَ لاءِ دعا
گهرن، ㉞ تڏهن تون عرش عظيم ۾ انهن جي ٻڌج. تون پنهنجي قوم
بني اسرائيل کي انهيءَ گناهہ جي معافي ڏج ۽ جيڪو ملڪ تو سندن
ابن ڏاڏن کي ڏنو آهي تنهن ۾ کين موٽائي آڻج.
㉟ جڏهن تنهنجي قوم تنهنجو ڪو گناهہ ڪري ۽ انهيءَ سبب
آسمان بند ٿي وڃي ۽ مينهن نہ پوي، تڏهن جيڪڏهن هو هن جاءِ
ڏانهن منهن ڪري دعا گهرن ۽ تو کي مڃيندي پنهنجي مٿان آيل
مصيبت جي ڪري پنهنجي گناهہ کان باز اچن، ㊱ تہ تون عرش
عظيم ۾ انهن جي ٻڌج. تون پنهنجن ٻانهن يعني بني اسرائيل قوم

---

16:8 2.سمہ 7:4-11، 1.توا 17:3-10   17:8-18 2.سمہ 7:1-3، 1.توا 17:1-2   19:8 2.سمہ 7:12-13، 1.توا 17:11-12
25:8 1.با 2:4   27:8 2.توا 6:2   29:8 شر 11:12

جو گناهہ معاف ڪج. تون ڪين سڌي راهہ تي هلڻ سيکارج ۽ جيڪو
ملڪ تو پنهنجي قومہ کي ورثو ڪري ڏنو آهي تنهن تي مينهن وسائج.
37 جڏهن انهيءَ ملڪ ۾ ڏڪار پوي، يا وبا پوي، يا جهولو لڳي
يا فصلن ۾ رتي پوي، ماڪڙ ڪائي يا جيت لڳي، يا جڏهن سندن
دشمن سندن شهرن کي گهيري هيٺ آڻين، مطلب تہ ڪهڙي بہ آفت
يا ڪهڙي بہ بيماري اچي پوي، 38 تہ تون ماڻهن جي دعا ٻڌج.
هائو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا تنهنجي ساري بني اسرائيل قومہ ڏکايل
دل سان دعا يا دانهن ڪري پنهنجا هٿ هن گهر ڏانهن ڪڍي، 39 تہ
تون پنهنجي عرش عظيم مان ٻڌج ۽ سندن گناهہ معاف ڪج. تون
ئي آهين جيڪو دلين جا راز ڄاڻين ٿو. سو تون ماڻهوءَ جي دل
کي ڄاڻيندي جيڪو جهڙي هلت هلي تنهن سان تهڙيءَ طرح هلج،
40 انهيءَ لاءِ تہ جيڪو ملڪ تو اسان جي ابن ڏاڏن کي ڏنو آهي تنهن
۾ رهندي هو هر وقت تنهنجو خوف ڪندا رهن.
41–42 تنهن کان سواءِ جيڪڏهن ڪو ڌارئين ملڪ جو ماڻهو جيڪو
تنهنجي قومہ بني اسرائيل مان ناهي، سو جڏهن تنهنجي عظيم نالي،
تنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت جي هاڪ ٻڌي انهيءَ پرانهين
ملڪ مان هتي اچي تنهنجي هن گهر ڏانهن هٿ ڪڍي دعا گهري،
43 تڏهن تون پنهنجي عرش عظيم مان هن جي ٻڌج. اهو ماڻهو تو
کي جهڙو عرض ڪري سو سندس پورو ڪج، تہ جيئن ڌرتيءَ جون
سڀ قومون تنهنجي قومہ بني اسرائيل وانگر تو کي سڃاڻن ۽ تنهنجو
خوف رکن. پوءِ انهن کي خبر پوندي تہ هي گهر جيڪو مون جوڙايو
آهي سو تنهنجي ئي نالي آهي.
44 جڏهن تون پنهنجي قومہ کي ڪيڏانهن سندن دشمنن سان جنگ
ڪرڻ لاءِ موڪلين ۽ هو جتي بہ هجن، اتان تنهنجي هن چونڊيل شهر
۽ تنهنجي نالي جوڙايل هن گهر ڏانهن منهن ڪري تو خداوند کان
دعا گهرن، 45 تڏهن عرش عظيم ۾ هنن جي دعا ٻڌي سندن عرض
اگهائج ۽ ڪين سوڀ ڏج.
46 جيئن تہ ڪوبہ اهڙو انسان ڪونهي جيڪو گناهہ نہ ٿو ڪري،
سو جڏهن هن قومہ وارا تنهنجو گناهہ ڪن ۽ پوءِ تون ساڻن ڪاوڙجي
کين دشمن جي حوالي ڪري ڇڏين جيڪي کين قيدي بڻائي پري يا
اوري پنهنجي ملڪ ڏانهن وٺي وڃن 47–48 تہ تون هنن جي دعا ٻڌج.
هائو، دشمنن جي انهيءَ ملڪ ۾ جتي هو قيدي آهن، اتي جڏهن هنن
جي دل ڦيرو کائي ۽ هو پشيمان ٿي پنهنجي پوريءَ دل وَ جان سان تو
آڏو توبهہتائب ٿين ۽ سندن ابن ڏاڏن کي ڏنل ملڪ، تنهنجي چونڊيل
شهر ۽ تنهنجي نالي جوڙايل هن گهر ڏانهن منهن ڪري منٿ ڪري
چون تہ ’اسان گناهہ ڪيو آهي، اسان غلط ڪمہ ڪيو آهي، اسان
بڇڙائي ڪئي آهي،‘ 49 تہ تون انهن جي دعا ۽ منٿ پنهنجي عرش
عظيم ۾ ٻڌج ۽ انهن جي مدد ڪج. 50 پنهنجي قومہ کي تنهنجي
ڪيل گناهہ جي معافي ڏج، جيڪي خطائون ڪيون اٿائون سي سڀ
کين معاف ڪر ۽ جن کين قيد ڪيو هجي تن جي اڳيان مٿن رحم
ڪج تہ جيئن اهي بہ مٿن ترس کائين. 51 ڇالاءِجو اهي بني اسرائيل
تنهنجي قومہ ۽ تنهنجي ميراث آهن جن کي تون اڳي مصر مان هڪ
لوهہ جي ڀٺيءَ وچان ڪڍي آندو آهي.
52 اي خداوند! هاڻي منهنجي ۽ تنهنجي هن قومہ بني اسرائيل جي
اها دعا قبول ڪر تہ جيئن آئينده جڏهن بہ هو تو کي پڪارين تڏهن
تون انهن جي ٻڌين. 53 ڇالاءِجو اي خداوند خدا! تو هنن کي ڌرتيءَ
جي سڀني قومن مان چونڊي ڌار ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ اهي تنهنجي
ميراث ٿين، جيئن تو پنهنجي ٻانهي موسيٰ جي معرفت فرمايو هو
جڏهن تو اسان جي ابن ڏاڏن کي مصر مان ٻاهر ڪڍي آندو هو.“

## سليمان جو بني اسرائيل کي برڪت جي دعا ڪرڻ

54 جڏهن سليمان هيءَ ساري دعا ۽ منٿ خداوند جي حضور ۾
ڪري بس ڪئي تڏهن هو خداوند جي قربانگاهہ جي اڳيان اٿي بيٺو،
جتي هو گوڏا کوڙيو آسمان ڏانهن هٿ کنيو ويٺو هو. 55 اُٿي بيهي
هن وڏي آواز سان بني اسرائيل جي سڄيءَ قومہ کي هنن لفظن سان
دعا ڪئي تہ 56 ”خداوند جي واکاڻ هجي جنهن پنهنجي قومہ بني
اسرائيل کي پنهنجي ڪيل واعدي موجب آرامہ ڏنو آهي. جيڪي بہ
چڱا واعدا هن پنهنجي ٻانهي موسيٰ جي معرفت ڪيا هئا تن مان
هڪڙو لفظ بہ نہ کٽو آهي. 57 شل خداوند اسان جو خدا اسان ساڻ بہ
ائين ئي هجي جيئن اسان جي ابن ڏاڏن سان هو. شال هو اسان کي نہ
ڇڏي ۽ نہ ڦٽو ڪري. 58 شل هو اسان جي دلين کي پاڻ ڏانهن ڦيري
تہ جيئن اسين سندس فرمانبرداري ڪريون ۽ سندس انهن حڪمن ۽
قاعدن قانونن تي عمل ڪريون جيڪي هن اسان جي ابن ڏاڏن کي
ڏنا. 59 منهنجون هي سڀ ڳالهيون جيڪي مون هاڻي خداوند جي آڏو
عرض ڪيون آهن سي شال خداوند اسان جي خدا وٽ هميشہ لاءِ قبول
پون. شال هو هر وقت ڏکيءَ مهل مون پنهنجي ٻانهي ۽ پنهنجي قومہ
بني اسرائيل جي مدد ڪري، 60 انهيءَ لاءِ تہ دنيا جون سڀ قومون
ڄاڻن تہ خداوند ئي خدا آهي ۽ ٻيو ڪوبہ ڪونهي. 61 سو اوهين
خداوند پنهنجي خدا سان مڪمل وفادار رهو، هن جي قانونن تي هلو
۽ سندس حڪمن تي عمل ڪريو، جيئن اڄڪلهہ اوهين ڪريو ٿا.“

## هيڪل کي خداوند لاءِ مخصوص ڪرڻ

(2.تواريخ 7:4–10)

62 پوءِ بادشاهہ سليمان ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن خداوند
جي حضور ۾ قربانيون پيش ڪيون. 63 سليمان خداوند جي حضور
۾ سلامتيءَ جون قربانيون پيش ڪيون، جن ۾ هن ٻاويهہ هزار ڍور
ڍڳا ۽ هڪ لک ويهہ هزار رڍون ٻڪريون ذبح ڪيون. اهڙيءَ طرح
بادشاهہ ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن خداوند جو گهر مخصوص

56:8 شر 10:12، يش 44:21–45

کيو. 64 انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي اڱڻ جو وچ وارو حصو جيڪو
خداوند جي گهر جي اڳيان هو تنهن کي بادشاهہ مخصوص ڪيو ۽
اتي هن ساڙڻ واريون قربانيون، اناج جون قربانيون ۽ سلامتيءَ جي
قربانين جي چربي پيش ڪئي، ڇاڪاڻتہ پتل جي قربانگاهہ جيڪا
خداوند جي حضور ۾ هئي سا انهن قربانين لاءِ تمام ننڍي هئي.
65 انهيءَ وقت اتي خداوند جي هيڪل وٽ سليمان ۽ ساڻس گڏ
بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن تنبن واري عيد بہ ملهائي. اتر طرف
حمات لڪ کان وٺي ڏکڻ طرف مصر جي سرحد واري برساتي نهر
کان تمام گهڻا ماڻهو آيا هئا. هنن اها عيد ست ڏينهن هڪڙا ۽ ست
ڏينهن ٻيا، ڪُل چوڏهن ڏينهن ملهائي. 66 آخري ڏينهن تي سليمان
ماڻهن کي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موڪليو. سو اهي بادشاهہ
کي دعائون ڪندا هليا ويا ۽ جيڪي ڀلايون خداوند پنهنجي ٻانهي
دائود ۽ پنهنجيءَ قوم بني اسرائيل سان ڪيون تن جي ڪري هو دل
۾ بيحد خوش ۽ سرها هئا.

## خداوند جو سليمان کي ٻيهر ڏيکاري ڏيڻ

(2.تواريخ 7:11–22)

9 1 جڏهن بادشاهہ سليمان هيڪل ۽ شاهي محل جوڙائي پورو
ڪيو ۽ ٻيو جيڪي ڪجهہ ڪرڻ ٿي گهريو سو بہ سڀ پورو
ٿيو، 2 تڏهن خداوند ٻيو ڀيرو هن کي ڏيکاري ڏني، جيئن اڳي گبعون
شهر ۾ هن کي ڏيکاري ڏني هئائين. 3 خداوند کيس چيو تہ ”جيڪا
دعا ۽ منٿ تو منهنجي حضور ۾ ڪئي آهي سا مون ٻڌي آهي. هيءُ
هيڪل جيڪو تو هميشہ جي لاءِ منهنجي نالي تي جوڙايو آهي تنهن
کي مون پاڻ لاءِ مخصوص ڪيو آهي. منهنجون اکيون ۽ منهنجي
دل سدائين ان تي لڳا رهندا. 4 باقي رهين تون، سو جيڪڏهن تون
پنهنجي پيءُ دائود وانگر پنهنجي دل جي خلوص ۽ سچائيءَ سان
منهنجي فرمانبرداري ڪندين ۽ منهنجي حڪمن تي هلندي منهنجي
قاعدن قانونن جي تعميل ڪندين، 5 تہ آءٌ بني اسرائيل تي تنهنجي
بادشاهيءَ جو تخت هميشہ لاءِ قائم ڪندس، جيئن مون تنهنجي
پيءُ دائود سان واعدو ڪيو هو. ڇالاءِجو مون کيس چيو هو تہ
’تنهنجي اولاد مان بني اسرائيل جي تخت تي ويهڻ لاءِ ماڻهوءَ جي
ڪمي نہ ٿيندي.‘ 6 پر اي سليمان! جيڪڏهن تون ۽ تنهنجو اولاد
مون کان ڦري ويندا ۽ جيڪي حڪم ۽ قاعدا قانون مون اوهان کي
ڏنا آهن تن تي عمل نہ ڪندا ۽ وڃي غير معبودن جي پوڄا ڪندا
۽ انهن اڳيان سر جهڪائيندا، 7 تہ پوءِ آءٌ بني اسرائيل کي انهيءَ
ملڪ مان ڪڍي ڇڏيندس جيڪو مون کين ڏنو آهي، ۽ هي هيڪل
جنهن کي مون پنهنجي نالي تي مخصوص ڪيو آهي، تنهن کي
رد ڪري ڇڏيندس. بني اسرائيل پوءِ سڀني قومن ۾ هڪڙو ٺٺولي

۽ ٺوڪنهاب ٿي پوندا. 8 انهيءَ وقت هيءُ هيڪل اهڙيءَ طرح تہ
ڊاهيو ويندو جو جيڪي انهيءَ وٽان لنگهندا سي دهلجي ويندا ۽
حيرت جو اظهار ڪري چوندا تہ ’خداوند هن ملڪ سان ۽ هن هيڪل
سان ائين ڇو ڪيو آهي؟‘ 9 ماڻهو کين جواب ڏيندا تہ ’هن ڪري
جو بني اسرائيل خداوند پنهنجي خدا کي ڇڏي ڏنو جنهن هنن جي
ابن ڏاڏن کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو هو. هنن غير معبودن
جي اطاعت ڪئي ۽ انهن کي سجدو ڪري پوڄڻ لڳا. اهو ئي سبب
آهي جو خداوند هنن تي اها سموري مصيبت آندي آهي.‘“

## سليمان جا ٻيا ڪارناما

(2.تواريخ 8:1–18)

10 هيڪل ۽ شاهي محل جوڙائڻ ۾ سليمان کي ويهہ سال لڳي
ويا. 11 جيئن تہ صور جي بادشاهہ حيرام سليمان کي ديال ۽ صنوبر
جو ڪاٺ ۽ سون سندس ضرورت مطابق ڏنو هو، تنهنڪري سليمان
بادشاهہ کيس گليل جي علائقي ۾ ويهہ شهر ڏنا. 12 پر جڏهن
بادشاهہ حيرام صور کان اهي شهر ڏسڻ لاءِ ويو جيڪي کيس سليمان
ڏنا هئا تہ اُهي کيس نہ وڻيا. 13 هن سليمان کان پڇيو تہ ”اي منهنجا
ڀاءُ! هي ڪهڙي قسم جا شهر آهن جيڪي تو مون کي ڏنا آهن؟“
هن انهيءَ جو نالو *ڪبول رکيو ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن جو اهو ئي
نالو آهي. 14 حيرام بادشاهہ جيڪو سون سليمان ڏانهن موڪليو هو
تنهن جو وزن چار هزار ڪلوگرام کان بہ وڌيڪ هو.
15 سليمان بادشاهہ هيڪل ۽ پنهنجي محل جوڙائڻ، صيئون جبل
جي هيٺاهينءَ کي هڪ ڪرو ڪرائڻ ۽ يروشلم جي چوڌاري ڪوٽ
ڪڍرائڻ ۽ حصور، مجدو ۽ گزر شهرن کي نئين سر تعمير ڪرائڻ
لاءِ ماڻهن کي بيگار ۾ لڳايو. 16 انهيءَ کان اڳ مصر جي بادشاهہ
فرعون گزر تي ڪاهہ ڪري قبضو ڪيو هو. هن انهيءَ کي باهہ
ڏيئي ساڙائي اتان جي رهاڪن کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو ۽ بعد ۾ اهو
شهر پنهنجي ڌيءَ سليمان جي زال کي ڏاج ۾ ڏيئي ڇڏيو هئائين.
17 پوءِ سليمان گزر شهر، هيٺيون بيتحورون، 18 بعلات شهر ۽ بيابان
۾ تدمور نالي شهر بہ نئين سر جوڙايا. 19 گدامن جا سڀ شهر،
پنهنجين جنگي گهوڙي گاڏين ۽ گهوڙي سوارن وارا شهر ۽ ٻيو سڀ
جيڪي هن يروشلم ۾، لبنان ۾ ۽ پنهنجي بادشاهيءَ جي ساري ملڪ
۾ تعمير ڪرڻ گهريو سو بہ جوڙايائين.
20–21 سليمان ڪنعان جي انهن بچي ويل ماڻهن جو اهو اولاد بيگر
۾ لڳايو، جن کي سندن ملڪ تي قبضي ڪرڻ وقت بني اسرائيل
نہ ماريو هو. انهن ۾ اموري، حتي، فرزي، حوي ۽ يبوسي شامل
هئا جن جو اولاد اڄ ڏينهن تائين اتي غلاميءَ ۾ رهندو اچي. 22 پر
سليمان بني اسرائيل مان ڪنهن کي بہ بيگار ۾ نہ لڳايو، بلڪ کين

*ڪبول: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”بيڪار علائقو“.

2:9 1.با 3:5، 2.توا 1:7 5:9 1.با 4:2 8:9 2.با 25:9، 2.توا 36:19

پنهنجا فوجي، عملدار، سالار، جنگي گهوڙي گاڏين جا نگران ۽
گهوڙي سوار مقرر ڪيائين. 23 جيڪي ماڻهو مختلف اڏاوتي ڪمن
تي لڳايل هئا تن جي مٿان نظرداري ڪرڻ لاءِ جيڪي عملدار مقرر
هئا تن جو تعداد پنج سؤ پنجاهه هو.
24 جڏهن فرعون جي ڌيءَ *دائود جي شهر مان نڪري پنهنجي
انهيءَ گهر ۾ اچي رهڻ لڳي جيڪو سليمان سندس لاءِ تعمير ڪرايو
هو، تڏهن سليمان هيناهين دڙي جي سنوت ڪرائي.
25 سليمان سال ۾ ٽي دفعا ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ جون
قربانيون انهيءَ قربان‌گاهه تي پيش ڪندو هو جيڪا هن خداوند لاءِ
ٺهرائي هئي. انهن کان علاوه هو خداوند لاءِ لوبان بہ ساڙيندو هو.
اهڙيءَ طرح هن هيڪل جا فرائض پورا ڪيا.
26 بادشاهه سليمان سامونڊي جهازن جو بيڙو پڻ عصيون‌جابر شهر
۾ ٺهرايو، جيڪو †ادوم جي ملڪ ۾ خليج عقبه جي ڪناري تي
ايلات شهر جي ويجهو آهي. 27 حيرام پنهنجا ڪجهه تجربيڪار ملاح
سليمان ڏانهن موڪليا جيڪي سندس ملاحن سان گڏ انهن جهازن ۾
28 اوفير علائقي ڏانهن روانا ٿيا. اُهي اتان اٽڪل ساڍا چوڏهن هزار
ڪلوگرام سون کڻي بادشاهه سليمان وٽ موٽي آيا.

## شبا جي راڻي
(2.تواريخ 9:1–12)

10 1 جڏهن شبا ملڪ جي راڻيءَ سليمان کي خداوند جي طرفان
مليل ڏاهپ جي هاڪ ٻڌي تڏهن هوءَ ڏکين سوالن سان هن
جي آزمائش وٺڻ لاءِ يروشلم ۾ آئي. 2 هوءَ هڪڙي وڏي اٺالي سان
يروشلم ۾ داخل ٿي. پاڻ سان مصالحن، تمام گهڻي سون ۽ قيمتي
هيرن جواهرن سان اٺ لڏي کڻي آئي. هوءَ سليمان وٽ آئي ۽ جيڪي
ڪجهه سوچي آئي هئي، تنهن بابت هن کان پڇا ڳاڇا ڪيائين.
3 سليمان هن جي سڀني سوالن جا جواب ڏنا. ڪنهن بہ سوال جو
جواب ڏيڻ بادشاهه لاءِ ڏکيو نہ هو. 4 جڏهن شبا ملڪ جي راڻي
سليمان جي ساري ڏاهپ ڏٺي ۽ جيڪو گهر سليمان ٺهرايو هو سو
ڏٺائين، 5 سندس دسترخوان جا طعام، سندس عملدارن جو ويهڻ،
سندس خدمتگارن جو پنهنجي وردي ۾ حاضر رهڻ، سندس ساقي
۽ خداوند جي هيڪل ۾ جيڪي سليمان ساڙڻ واريون قربانيون پيش
ڪيون ٿي سي سڀ ڏٺائين تہ هوش هواس اڏامي ويس.
6 راڻيءَ بادشاهه کي چيو تہ ”مون پنهنجي ملڪ ۾ تنهنجي
ڪارنامن ۽ تنهنجي سياڻپ بابت جيڪي ٻڌو هو سو سڀ سچ آهي.
7 پر جيستائين آءٌ پاڻ نہ آيس ۽ سڀ ڪجهه پنهنجين اکين سان
نہ ڏٺم تيستائين انهن ڳالهين تي اعتبار نہ ٿي آيم. مون کي تہ
اڌ بہ نہ ٻڌايو ويو هو. تنهنجي سياڻپ ۽ اقبالمندي انهيءَ ناموس
کان وڌيڪ آهي جيڪا مون ٻڌي هئي. 8 تنهنجون زالون ڪيڏيون نہ
خوش‌نصيب آهن! تنهنجا عملدار ڪيڏا نہ خوش‌نصيب آهن، جيڪي
هر وقت تو وٽ حاضر رهن ٿا ۽ تنهنجون ڏاهپ جون ڳالهيون ٻڌن
ٿا! 9 خداوند تنهنجي خدا جي واکاڻ هجي جيڪو تو مان راضي آهي
۽ تو کي بني اسرائيل جي تخت تي ويهاريو اٿائين. جيئن تہ خداوند
کي بني اسرائيل سان دائمي پيار آهي تنهنڪري هن تو کي انهن جو
بادشاهه بڻايو آهي تہ جيئن تون انصاف ۽ سچائي قائم رکين.“
10 پوءِ راڻيءَ بادشاهه سليمان کي چار هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ
سون، مصالحن جو وڏو مقدار ۽ قيمتي هيرا جواهر ڏنا. اهي مصالحا
جيڪي شبا ملڪ جي راڻيءَ بادشاهه سليمان کي ڏنا تنهن جيترو
گهڻو مقدار ڪيس وري ڪڏهن ڪٿان بہ ڪونہ مليو. 11–13 شبا ملڪ
جي راڻي جيڪي ڪجهه بادشاهه سليمان کان گهريو سو هن کيس
ڏنو، بلڪ بادشاهه پنهنجي شاهي روايت موجب هن کي گهڻو ڪجهه
وڌيڪ ڏنو. پوءِ هوءَ پنهنجي خدمتگارن سميت پنهنجي ملڪ ڏانهن
موٽي ويئي.
حيرام جي سامونڊي جهازن اوفير مان سون سان گڏوگڏ اتان چندن
جي ڪاٺ ۽ قيمتي پٿرن جو بہ وڏو مقدار آندو. بادشاهه چندن جي
ڪاٺ مان خداوند جي گهر لاءِ ۽ بادشاهي محل لاءِ ٿنيا ۽ ڳائڻ لاءِ
تار وارا ساز بہ ٺهرايا. اهڙو چندن جو ڪاٺ وري اڄ ڏينهن تائين
ڪڏهن بہ ملڪ ۾ ڪونہ آندو ويو ۽ نہ ڪڏهن ڏٺو ويو.

## بادشاهه سليمان جي دولت
(2.تواريخ 9:13–29)

14 جيڪو سون سال بسال بادشاهه سليمان کي ملندو هو سو تور ۾
اٽڪل ٽيويهه هزار ڪلوگرام ٿيندو هو. 15 محصول انهيءَ کان علاوه
هئا جيڪي سوداگر ۽ واپاري ڏيندا هئس. سمورا عرب بادشاهه ۽
اسرائيل ملڪ جا حاڪم بہ سون ڏيندا هئا. 16 بادشاهه سليمان بہ سؤ
وڏيون ڍالون ٺهرايون جن جي مٿان سون جا پٽ چاڙهيائين. هر هڪ
ڍال تي ساڍا ٽي ڪلوگرام سون لڳو. 17 هن ٽي سؤ ننڍيون ڍالون پڻ
ٺهرايون جن جي مٿان سون جا پٽ چاڙهيائين. هر هڪ ڍال تي پوڻا
بہ ڪلوگرام سون لڳو. اُهي بادشاهه لبنان جي ٻيلي واري ڪاٺ
مان ٺهيل محل ۾ رکرائيون.
18 تنهن کان علاوه بادشاهه عاج جو هڪڙو وڏو تخت ٺهرايو ۽
انهيءَ جي مٿان تمام عمدو سون چاڙهيائين. 19 اُنهيءَ تخت کي
ڇهه ڏاڪا هئا ۽ تخت جي چوٽي پٺيان گول هئي. تخت کي ٻنهي
پاسن کان ٻانهيون هيون ۽ انهن ٻنهي ٻانهين جي پرسان ٻن شينهن جا

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.
†ادوم: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

9:25 خر 17:23، 23:34، شر 16:16    10:1–10 مت 12:42، لو 11:31    10:17 1.باد 2:7–3

مجسما بيٺل هئا. 20 انهن ڇهن ڏاڪن تي شينهن جا ٻارهن مجسما
لڳل هئا. هر هڪ ڏاڪي جي ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ شينهن بيٺل
هو. اهڙو تخت ٻي ڪنهن به بادشاهت ۾ ڪونه هو. 21 بادشاهه
سليمان جي پيئڻ جا سڀ پيالا سون جا هئا ۽ لبنان جي ٻيلي واري
ڪاٺ مان ٺهيل محل جا سڀ ٿانوَ به نج سون جا هئا. ڪابه شيءِ
چانديءَ جي ٺهيل نه هئي ڇالاءِجو سليمان جي ڏينهن ۾ چانديءَ
جو ڪو قدر ڪونه هو. 22 بادشاهه کي حيرام جي ساموندي جهازن
سان گڏ تجارتي ساموندي جهاز به هئا. ٽن سالن ۾ هڪڙو ڀيرو اُهي
جهاز سون، چاندي ۽ عاج، باندر ۽ مور کڻي موٽندا هئا.
23 بادشاهه سليمان دنيا جي سڀني بادشاهن کان وڌيڪ دولتمند ۽
داناءُ هو. 24 سڄي دنيا سليمان جي حضور ۾ اچڻ گهرندي هئي، ته
جيئن اُها دانائي ٻڌن جا خدا کيس ڏني هئي. 25 سال بسال جيڪو به
ايندو هو سو پاڻ سان نذرانو آڻيندو هو. نذرانن ۾ چانديءَ ۽ سون
جا ٿانوَ، جبا، هٿيار، مصالحا، گهوڙا ۽ خچر هوندا هئا.
26 سليمان جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ گهوڙي سوار گڏ ڪرايا. وٽس
هڪ هزار چار سؤ جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ ٻارهن هزار گهوڙي سوار
هئا، جيڪي هن مختلف شهرن ۾ ۽ ڪجهه پاڻ وٽ يروشلم ۾ رهايا
هئا. 27 بادشاهه يروشلم ۾ چانديءَ کي ائين عام ڪري ڇڏيو جيئن
پٿر هوندا آهن ۽ ديال جو ڪاٺ ايترو ته جهججهو ڪري ڇڏيائين جيترا
اتان جي هيٺاهين علائقي ۾ انجير جا وڻ هوندا آهن. 28 سليمان وٽ
جيڪي گهوڙا هئا سي مصر ۽ ڪيوُ ملڪ مان گهرايا ويا هئا. شاهي
سوداگر اُهي ڪيوُ مان مقرر ڪيل قيمت تي خريد ڪندا هئا. 29 اهي
مصر مان هر هڪ جنگي گهوڙي گاڏي *ڇهه سؤ چانديءَ جي سڪن
۾ ۽ هر هڪ گهوڙو †ڏيڍ سؤ چانديءَ جي سڪن ۾ خريد ڪندا هئا.
هو اهي گاڏيون ۽ گهوڙا حتين ۽ ‡ارام جي بادشاهن کي پڻ برآمد
ڪندا هئا.

## سليمان جو خدا کان ڦرڻ

11 1 بادشاهه سليمان فرعون جي ڌيءَ کان سواءِ ٻين به گهڻين
ڌارين عورتن سان پيار ڪندو هو جن ۾ ¶موآبي، عموني،
ادومي، صيداني ۽ حتي عورتون شامل هيون. 2 اهي انهن قومن جون
عورتون هيون جن جي باري ۾ خداوند بني اسرائيل کي چيو هو ته
”اوهين انهن سان رشتيداريءَ جي ڏي وٺ نه ڪجو، نه ته هو ضرور
اوهان جون دليون پنهنجن معبودن ڏانهن ڦيرائينديون.“ تنهن هوندي
به سليمان انهن جي عشق ۾ ڦاسي پيو. 3 هن کي ست سؤ زالون
هيون جيڪي شهزاديون هيون ۽ ٽي سؤ سريتيون هيس. هن جي زالن
سندس دل کي ڦيرائي ڇڏيو. 4 جڏهن سليمان پوڙهو ٿيو تڏهن سندس
زالن سندس دل ڦيرائي غير معبودن ڏانهن ڪري ڇڏي. جيئن سندس
پيءُ دائود جي دل خداوند پنهنجي خدا سان لڳل هئي، تيئن هن جي
دل خدا سان پوري طرح لڳل نه رهي. 5 هو صيدانين جي ديوي
عستارات ۽ عمونين جي ڪراهت جهڙي بت مولڪ جي پنيان لڳو.
6 سو سليمان اهي ڪم ڪرڻ لڳو جيڪي خداوند جي نظر ۾ بُرا هئا
۽ پنهنجي پيءُ دائود وانگر پوريءَ طرح خداوند جو وفادار نه رهيو.
7 يروشلم جي اوڀر ۾ هڪ جبل تي سليمان موآب جي ڪراهتي بت
ڪموس لاءِ ۽ بني عمون جي ڪراهتي بت مولڪ لاءِ جدا جدا پوڄا
گهر جوڙايا. 8 هن اهڙا به پوڄا گهر ٺهرايا جتي سندس ڌاريون زالون
پنهنجي پنهنجي معبودن جي لاءِ لوبان ساڙينديون هيون ۽ قربانيون
پيش ڪنديون هيون.
9 تڏهن خداوند سليمان تي ڪاوڙيو، ڇالاءِجو سندس دل خداوند،
بني اسرائيل جي خدا کان ڦري ويئي هئي، جنهن به ڀيرا کيس ڏيکاري
ڏني هئي. 10 حالانڪ خداوند کيس منع ڪئي هئي ته ”غيرمعبودن
جي پنيان نه لڳجانءِ.“ پر سليمان خدا جي انهيءَ حڪم تي عمل
نه ڪيو. 11 سو خداوند سليمان کي چيو ته ”جيئن ته تو ڄاڻي واڻي
منهنجو عهد ٽوڙيو آهي ۽ منهنجي قاعدن قانونن تي نه هليو آهين
جن جو مون تو کي حڪم ڏنو هو، تنهنڪري آءٌ يقيناً تو کان اها
بادشاهت کسي تنهنجي عملدار کي ڏيندس. 12 انهيءَ هوندي به آءٌ
تنهنجي حياتيءَ جي ڏينهن ۾ تنهنجي پيءُ دائود جي خاطر، ائين نه
ڪندس. آءٌ اها تنهنجي پٽ جي هٿان کسيندس. 13 پوءِ به آءٌ ڪانئس
سڄي بادشاهت کسي نه وٺندس، پر پنهنجي ٻانهي دائود جي خاطر
۽ پنهنجي چونڊيل شهر يروشلم جي خاطر تنهنجي پٽ کي آءٌ هڪڙو
قبيلو ڏيندس.“

## سليمان جا دشمن

14 پوءِ خداوند سليمان جو هڪڙو دشمن هدد ادومي کڙو ڪيو جيڪو
ادوم جي شاهي نسل مان هو. 15 هن کان گهڻو اڳ، جڏهن دائود
ادوم کي فتح ڪري ورتو هو، تڏهن فوج جو سپهه‌سالار يوآب،
جيڪو قتل ٿيلن کي دفنائڻ لاءِ ويو هو، تنهن ادوم ۾ سڀني مرد
ماڻهن کي ماري ڇڏيو هو. 16 يوآب ۽ بني اسرائيل جو سڄو لشڪر
اتي ادوم ۾ ڇهه مهينا رهيو پيو هو، جيستائين يوآب سڀئي مرد قتل
نه ڪري ڇڏيا. 17 پر تڏهن هدد جيڪو اجا ننڍو ٻار هو، سو پنهنجي

*ڇهه سؤ چانديءَ جي سڪن: اٽڪل ست ڪلوگرام.

†ڏيڍ سؤ چانديءَ جي سڪن: اٽڪل پوڻا به ڪلوگرام.

‡ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهه حصي تي مشتمل هو.

¶موآبي، عموني، ادومي: انهن جا علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

26:10 1.با 26:4 28:10 شر 16:17 1:11 شر 17:17 2:11 خر 16:34، شر 7:3–4

پيءُ جي ڪن ادومي عملدارن سميت مصر ملڪ ڏانهن ڀڄي ويو هو.
18 هو مديان مان روانا ٿيا ۽ فاران ۾ آيا. اتان ماڻهو پاڻ سان ڪٺي
مصر ۾ اُتي جي بادشاهه فرعون وٽ آيا، جنهن هدد کي هڪڙو گهر
۽ کجهه ٻني ڏني ۽ کيس کاڌو به مهيا ڪري ڏنو.
19 هدد فرعون جي نظر ۾ ايترو ته مان لڌو جو فرعون پنهنجي
سالي يعني راڻي تحفنيس جي ڀيڻ کيس پرڻائي ڏني. 20 تحفنيس جي
ڀيڻ مان هدد کي گنوبت نالي پٽ ڄائو جنهن جي پرورش شاهي محل
۾ ٿي. گنوبت اتي فرعون جي پٽن سان گڏ رهندو هو.
21 جڏهن هدد مصر ۾ هو تڏهن ٻڌائين ته دائود مري ويو آهي ۽
پنهنجن ابن ڏاڏن واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو آهي ۽ يوآب فوج
جو سپهه‌سالار به مري ويو آهي. تڏهن هدد فرعون کي چيو ته ”مون
کي ڇڏيو ته آءٌ پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي وڃان.“ 22 تڏهن فرعون
کانئس پڇيو ته ”هتي تو کي کهڙي شيءِ جي کمي آهي جو تون
پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي وڃڻ ٿو گهرين؟“ هدد وراڻيو ته ”ڪنهن
شيءِ جي به نه، پر تڏهن به مون کي موڪل ڏيو.“
23 خدا سليمان جي خلاف هڪڙو ٻيو دشمن ڪڙو ڪيو، جنهن جو
نالو رزون ولد اليدع هو. هو پنهنجي مالڪ هدد عزر جيڪو *ضوباه
ملڪ جو بادشاهه هو تنهن کان ڀڄي نڪتو هو. 24 هن آس‌پاس جا
ماڻهو پاڻ سان گڏ ڪيا ۽ ان ٽولي جو سردار بڻيو. جڏهن دائود
ضوباه جي ماڻهن کي قتل ڪيو تڏهن رزون پنهنجي ماڻهن سان
دمشق ڏانهن هليو ويو ۽ اتي ئي رهڻ لڳو. پوءِ رزون کي ارام جو
بادشاهه بڻايو ويو. 25 جيستائين سليمان جيئرو رهيو تيستائين هدد
جي دشمنيءَ کان وڌيڪ رزون پڻ بني اسرائيل جو دشمن رهيو. رزون
ارام ۾ حڪومت ڪندو هو ۽ کيس بني اسرائيل کان نفرت هئي.

## سليمان خلاف يربعام جي بغاوت

26 سليمان بادشاهه جي هڪڙي عملدار يربعام ولد نباط پڻ سندس
خلاف بغاوت ڪئي. هو صريده ۾ رهندڙ هڪڙو افرائيمي هو ۽
صروعه نالي هڪڙي رن‌زال جو پٽ هو. 27 بادشاهه خلاف هن جي
بغاوت جو قصو هن طرح آهي ته جڏهن سليمان يروشلم جي اڀرندي
پاسي هيٺاهين دڙي جي سنوت پئي ڪرائي ۽ †دائود جي شهر جي
ڪوٽ جي مرمت پئي ڪرائي، 28 انهيءَ وقت هن جي نظر يربعام
تي پيئي جيڪو هڪ همٿ ڀريو ماڻهو هو ۽ ڏاڍي محنت سان ڪم
ڪري رهيو هو. سو سليمان هن کي بني افرائيم ۽ بني منسيءَ جي
سڄي بيگاري ماڻهن جو نگران مقرر ڪيو.
29 هڪڙي ڏينهن، جڏهن يربعام يروشلم کان ٻاهر ڪيڏانهن ويو
پئي، تڏهن سيلا شهر جو اخياه نالي هڪ نبي جنهن کي نئين چادر
ڍڪيل هئي سو ساڻس جهنگ جي رستي ۾ مليو. اهي ٻيئي ڄڻا
اڪيلا هئا. 30 تڏهن اخياه پنهنجي بدن تي پيل نئين چادر لاٿي ۽ ان
کي ونئي ڦاڙي ٻارهن ٽڪر ڪيا. 31 پوءِ هن يربعام کي چيو ته ”هي
ڏهه ٽڪر تون وٺ، ڇالاءِجو خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي
ٿو ته ’آءٌ سليمان کان بادشاهي کسڻ وارو آهيان ۽ ڏهه قبيلا تو کي
ڏيندس. 32 پر منهنجي ٻانهي دائود جي خاطر ۽ يروشلم شهر جي
خاطر جنهن جي زمين مون بني اسرائيل جي سڀني قبيلن جي علائقن
مان چونڊي آهي ‡هڪڙو قبيلو دائود جي نسل هيٺ رهندو. 33 اهو
انهيءَ ڪري جو هن مون کي ڇڏي صيدانين جي ديوي عستارات،
موآب جي ديوتا ڪموس ۽ بني عمون جي ديوتا مولڪ جي پوڄا
ڪئي. هو منهنجين واٽن تي ڪونه هليو نڪي اُهو ڪيائين جيڪو
منهنجي نظر ۾ چڱو آهي ۽ نڪي منهنجي قاعدن قانونن تي عمل
ڪيائين جيئن سندس پيءُ دائود ڪندو رهيو.
34-35 انهيءَ هوندي به سليمان سڄي حياتي بادشاهه رهندو. اهو
انهيءَ ڪري جو سندس پيءُ منهنجو ٻانهو دائود جنهن کي مون
چونڊيو هو، سو منهنجي قاعدن قانونن تي قائم رهيو. پر آءٌ هن جي
پٽ کان بادشاهي کسيندس ۽ انهيءَ مان ڏهه قبيلا تو کي ڏيندس.
آءٌ سليمان جي خاندان کان سڄي بادشاهت نه کسيندس 36 پر هن جي
پٽ کي آءٌ هڪڙو قبيلو ڏيندس، ته جيئن يروشلم جو شهر جيڪو
مون پنهنجي نالي قائم رکڻ لاءِ چونڊيو آهي تنهن ۾ منهنجي ٻانهي
دائود جو ڏيئو منهنجي اڳيان هميشه روشن رهي. 37 اي يربعام! آءٌ
تو کي بني اسرائيل جي انهن ڏهن قبيلن جي مٿان بادشاهه بڻائيندس.
هائو، ائين ڪرڻ سان جيڪا تنهنجي دل جي خواهش آهي سا پوري
ٿي ويندي. 38 جيڪو حڪم آءٌ تو کي ڏيان تنهن تي جيڪڏهن تون
عمل ڪندين ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪندين، منهنجي قاعدن قانونن
۽ منهنجي حڪمن تي قائم رهندين، جيئن منهنجو ٻانهو دائود قائم
رهيو هو، ته پوءِ آءٌ تو سان گڏ هوندس. آءٌ بني اسرائيل جي انهن ڏهن
قبيلن مٿان تنهنجي بادشاهت قائم رکندس ۽ تو کان پوءِ تنهنجي اولاد
حڪمراني ڪندي، جيئن دائود لاءِ ڪيو هوم. 39 سليمان جي گناهه
جي ڪري آءٌ بني دائود کي سزا ته ڏيندس، پر هميشه جي لاءِ نه.‘“
40 سليمان يربعام کي مارڻ جي پٺيان پيو، پر يربعام مصر جي
بادشاهه سيساق ڏانهن ڀڄي ويو ۽ سليمان جي وفات تائين اتي ئي
رهيو.

*ضوباه: موجوده شام ملڪ جي دمشق شهر جو اتر وارو علائقو.

†دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

‡هڪڙو قبيلو: هن مان مراد يهوداه جو قبيلو آهي جنهن ۾ بنيامين قبيلو به شامل سمجهيو وڃي ٿو.

## سليمان جي وفات
(2.تواريخ 9:29–31)

41 سليمان جا ٻيا سمورا ڪم جيڪي هن ڪيا ۽ سندس سياڻپ
جيڪا هن ڏيکاري، سي سڀ ”سليمان جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾
لکيل آهن. 42 سليمان يروشلم ۾ رهي بني اسرائيل تي چاليهہ سال
حڪومت ڪئي. 43 تنهن بعد هو وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن
سان ستو ۽ کيس پنهنجي پيءُ دائود جي شهر ۾ دفنايو ويو. پوءِ
سندس پٽ رحبعام سندس تخت تي ويٺو.

## رحبعام خلاف اترادي ڏهن قبيلن جي بغاوت
(2.تواريخ 10:1–19)

12 1 رحبعام سڪم شهر ڏانهن ويو، جتي ڏهن ئي اترادي
قبيلن جا ماڻهو کيس بادشاهہ بنائڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا.
2 يربعام ولد نباط مصر ۾ رهندي اها سڄي ڳالهہ ٻڌي پر هو اتي
ئي رهي پيو جتي سليمان بادشاهہ وٽان ڀڄي وڃي رهيو هو. 3 سو
ماڻهو موڪلي هن کي اتان گهرايو ويو. پوءِ يربعام اترادي قبيلن جي
ماڻهن سان گڏ اچي رحبعام کي چيو تہ 4 ”توهان جي پيءُ اسان سان
سخت سلوڪ ڪيو هو ۽ اسان تي ڳري پاڃاري رکيائين. جيڪڏهن
توهان اهي ڳرا بوجهہ هلڪا ڪندا تہ اسين توهان جي خدمت ڪندا
رهنداسين.“ 5 تنهن تي رحبعام کين وراڻيو تہ ”اوهين في الحال هليا
وڃو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ مون وٽ موٽي اچجو.“ سو ماڻهو هليا ويا.
6 پوءِ بادشاهہ رحبعام انهن ماڻهن سان صلاح ڪئي جيڪي هن
جي پيءُ سليمان جي حياتيءَ ۾ سندس خدمت ڪندا هئا. هن ڪائن
پڇيو تہ ”اوهان مون کي ڪهڙي صلاح ٿا ڏيو تہ هنن ماڻهن کي
ڪهڙو جواب ڏيان؟“ 7 هنن چيس تہ ”جيڪڏهن توهين اڄ هنن ماڻهن
سان نرمي ڪندا، ساڻن بهتر هلت هلندا ۽ کين سٺي موٽ ڏيندا تہ
هو هميشہ توهان جا خادم ٿي رهندا.“
8 پر رحبعام انهن ماڻهن جي صلاح کي رد ڪيو ۽ انهن نوجوانن
سان صلاح مشورو ڪيائين جيڪي ساڻس گڏ وڏي وڏا ٿيا هئا ۽
سندس خدمت ۾ رهندا هئا. 9 هن ڪائن پڇيو تہ ”اوهان جي ڪهڙي
صلاح آهي؟ هنن ماڻهن کي ڪهڙي ورندي ڏيڻ گهرجي جيڪي چون
ٿا تہ ’جيڪا پاڃاري تنهنجي پيءُ اسان تي رکي هئي سا هلڪي
ڪر.‘“ 10 نوجوان کيس چيو تہ ”اهي ماڻهو جن اوهان کي چيو آهي
تہ ’اوهان جي پيءُ ڳري پاڃاري اسان تي رکي هئي سا توهين اسان
تان هلڪي ڪريو،‘ تن کي توهين چئو تہ ’منهنجي چيچ منهنجي
پيءُ جي چيلهہ کان ٿلهي آهي. 11 سو منهنجي پيءُ اوهان تي جيڪا
ڳري پاڃاري رکي هئي، آءٌ انهيءَ کي اڃا بہ وڌيڪ ڳرو ڪندس.
منهنجو پيءُ اوهان کي چهبڪن سان سزا ڏيندو هو، پر آءٌ اوهان کي
ڪوڙن سان سزا ڏيندس.‘“
12 جيئن رحبعام چيو هو، تيئن ئي يربعام ۽ ٻيا سڀ ماڻهو ٽئين
ڏينهن تي وٽس موٽي آيا. 13 رحبعام پنهنجي پيءُ جي صلاحڪارن
جي صلاح کي رد ڪندي انهن ماڻهن کي شوخيءَ سان جواب ڏنو.
14 هن جوان ماڻهن جي صلاح پٺيان لڳي هنن کي چيو تہ ”منهنجي
پيءُ اوهان جي پاڃاري ڳري ڪئي هئي پر آءٌ انهيءَ کي اڃا بہ وڌيڪ
ڳرو ڪندس. منهنجو پيءُ اوهان کي چهبڪن سان سزا ڏيندو هو پر
آءٌ اوهان کي ڪوڙن سان سزا ڏيندس.“ 15 سو رحبعام ماڻهن جي
هڪ بہ نہ ٻڌي، ڇوتہ اها ڳالهہ خداوند جي طرفان طئي ٿيل هئي،
تہ جيئن خداوند جيڪي اخياه سيلائيءَ جي معرفت يربعام ولد نباط
سان ڳالهايو هو سو پورو ٿئي.
16 جڏهن بني اسرائيل جي انهن ڏهن قبيلن ڏٺو تہ دائود جو پوٽو
رحبعام انهن جي هڪ بہ نہ ٿو ٻڌي تڏهن انهن کيس جواب ۾ چيو تہ

”دائود ۾ هاڻ اسان جو ڪوبہ حصو پتي ڪونهي،
هائو، يسيءَ جي پٽ سان اسان جو ڪو واسطو نہ آهي.
اي اسان جي قبيلن وارؤ! هلو تہ موٽي هلون،
اي دائود جو اولاد! هاڻ هلاءِ پنهنجي بادشاهت.“

پوءِ اسرائيل وارا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي هليا ويا.
17 يهوداه جي علائقي ۾ رهندڙ بني اسرائيل جي رڳو ٻن قبيلن تي
ئي رحبعام جي بادشاهي وڃي بچي.
18 پوءِ بادشاهہ رحبعام بيگارين جي نگران ادونرام کي انهن ڏهن
قبيلن ڏانهن موڪليو. پر انهن کيس سنگسار ڪري ماري ڇڏيو.
انهيءَ تي بادشاهہ رحبعام تڙ تڪڙ ۾ پنهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهي
يروشلم ڏانهن ڀڄي ويو. 19 سو انهن ڏهن قبيلن دائود جي گهراڻي
کان بغاوت ڪئي ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن کان باغي آهن.
20 پوءِ جڏهن اتر وارن ڏهن قبيلن ٻڌو تہ يربعام مصر مان موٽي
آيو آهي، تڏهن هنن ماڻهو موڪلي انهيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس
پنهنجو بادشاهہ بڻايائون. دائود جي گهراڻي سان رڳو سندن قبيلو
يهوداه ئي وفادار رهيو.

## سمعياه نبيءَ جي اڳڪٿي
(2.تواريخ 11:1–4)

21 هوڏانهن جڏهن رحبعام يروشلم ۾ پهتو تڏهن هن يهوداه ۽
بنيامين قبيلن مان هڪ لک اسي هزار چونڊ جنگي جوڌا گڏ ڪيا،
انهيءَ لاءِ تہ بني اسرائيل جي ٻين قبيلن وارن سان جنگ ڪري
وري پنهنجي سڄي بادشاهت بحال ڪري. 22 پر خدا پنهنجي ٻانهي
سمعياه کي 23 رحبعام ۽ يهوداه ۽ بنيامين جي قبيلن جي سيني

16:12 2.سم 1:20

ماڻهن ڏانهن موڪليو تہ کين وڃي چوي تہ 24 ”خداوند فرمائي ٿو تہ
’اوهين پنهنجن بني اسرائيل ڀائرن سان جنگ ڪرڻ نہ وڃجو. اوهان
مان هر ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن موٽي وڃي، ڇالاءِجو
اهو ڪم منهنجو ڪيل آهي.‘“ تڏهن هنن خداوند جو حڪم مڃيو
۽ پنهنجي پنهنجي گهر موٽي ويا.

## يربعام جا ٺهرايل سونا ڳابا

25 تنهن کان پوءِ اسرائيل جو بادشاهہ يربعام افرائيم جي جابلو
علائقي ۾ سڪم شهر کي ڪوٽ ٻڌرائي اُتي رهڻ لڳو. بعد ۾ هو
اتان هليو ويو ۽ وڃي فنوايل شهر کي ڪوٽ ٻڌرايائين.
26 پوءِ يربعام پنهنجي دل ۾ چيو تہ ”هاڻي بادشاهي گهڻو ڪري
وري دائود جي گهراڻي ڏانهن موٽي ويندي. 27 جيڪڏهن هي ماڻهو
يروشلم ۾ وڃي خداوند جي گهر ۾ قربانيون پيش ڪندا، تہ هنن جون
دليون وري پنهنجي مالڪ يهوداہ جي بادشاهہ رحبعام ڏانهن ڦري
وينديون ۽ پوءِ هو مون کي ماري وري رحبعام کي پنهنجو بادشاهہ
بڻائيندا.“
28 انهيءَ ڪري بادشاهہ صلاح مصلحت کان پوءِ سون جا ٻہ ڳابا
ٺهرايا. پوءِ ماڻهن کي چيائين تہ ”اي اسرائيل وارؤ! يروشلم تائين
وڃڻ ۾ اوهان کي گهڻي تڪليف ٿئي ٿي. سو اِجهو، هي آهن اوهان
جا معبود جن اوهان کي مصر مان ڪڍي آندو هو.“ 29 پوءِ هن انهن
سونن ڳابن مان هڪڙو ڏکڻ ۾ بيت‌ايل شهر ۾ رکيو ۽ ٻيو اتر ۾ دان
شهر ۾. 30 اهڙيءَ طرح اها ڳالهہ ماڻهن لاءِ گناهہ جو سبب بڻي،
ڇوجو ماڻهو دان شهر تائين بہ وڃي سوني ڳابي کي پوڄڻ لڳا.
31 يربعام مختلف هنڌن تي پوڄا گهر پڻ تعمير ڪرايا ۽ انهن ۾
مذهبي اڳواڻ مقرر ڪيائين جيڪي لاوي قبيلي مان نہ هئا.

## بيت‌ايل ۾ پوڄا تي ملامت

32-33 يربعام پنهنجي مرضيءَ موجب اٺين مهيني جي پندرهين
تاريخ هڪڙي عيد مقرر ڪئي، جهڙي عيد يهوداہ ۾ ٿيندي هئي.
پوءِ هو ساڳئي ڏينهن تي بيت‌ايل ڏانهن ويو جتي سوني ڳابي اڳيان
قربان‌گاهہ تي قربانيون پيش ڪيائين ۽ اتي بہ هن جيڪي مختلف
هنڌن تي پوڄا گهر ٺهرايا هئا تن ۾ پڻ مذهبي اڳواڻ مقرر ڪيا.

13 1 تڏهن خدا جو هڪڙو ٻانهو خداوند جي حڪم سان يهوداہ
مان بيت‌ايل ۾ آيو. ان وقت يربعام قربان‌گاهہ جي پاسي
۾ بيٺي قربانيون پيش ڪري رهيو هو. 2 اُهو ماڻهو خدا جي حڪم
سان قربان‌گاهہ خلاف وڏي واڪي چوڻ لڳو تہ ”اي قربان‌گاهہ! اي
قربان‌گاهہ! خداوند فرمائي ٿو تہ ’ڏس، دائود جي گهراڻي ۾ هڪڙو
ٻار يوسياہ نالي ڄمندو. اُهو غير معبودن وارن پوڄا گهرن جي انهن
مذهبي اڳواڻن کي تو تي قرباني ڪندو جيڪي اڄ تو تي قربانيون پيش
ڪن ٿا. هائو، انساني هڏا تو تي ساڙيا ويندا.‘“ 3 هن وڌيڪ چيو
تہ ”انهيءَ لاءِ هيءَ نشاني هوندي تہ هيءَ قربان‌گاهہ ڦاٽي پوندي
۽ جيڪا رک انهيءَ تي آهي سا هارجي ويندي.“
4 جڏهن بادشاهہ يربعام انهيءَ خدا جي ٻانهي جي اها ڳالهہ ٻڌي
جيڪا هن قربان‌گاهہ خلاف چئي، تڏهن يربعام قربان‌گاهہ تان هٿ
ڊگهيري حڪم ڏنو تہ ”انهيءَ شخص کي پڪڙيو.“ پر جيڪو هٿ
هن انهيءَ خدا جي ٻانهي ڏانهن ڊگهيريو هو سو اهڙو تہ سڪي ويو
جو هو وري انهيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نہ سگهيو. 5 قربان‌گاهہ
پڻ ڦاٽي پيئي ۽ ان تان رک هيٺ هارجي ويئي جيئن خدا جي ٻانهي
خداوند جي حڪم سان چيو هو.
6 تڏهن بادشاهہ يربعام خدا جي ٻانهي کي چيو تہ ”مهرباني
ڪري خداوند خدا جنهن جو تون خاص ٻانهو آهين، تنهن کان منهنجي
لاءِ دعا گهر ۽ کيس سوال ڪر تہ منهنجو هٿ وري ٺيڪ ٿي پوي.“
سو انهيءَ خدا جي ٻانهي خداوند کان دعا گهري تہ بادشاهہ جو هٿ
وري ٺيڪ ٿي ويو ۽ جهڙو اڳي هو تهڙو ئي ٿي پيو.
7 پوءِ بادشاهہ انهيءَ خدا جي ٻانهي کي چيو تہ ”مون سان گڏجي
منهنجي گهر هل ۽ ڪجهہ کاءُ پيءُ ۽ آءٌ تو کي انعام بہ ڏيندس.“
8 پر خدا جي ٻانهي بادشاهہ کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”جيڪڏهن
تون مون کي پنهنجي ملڪيت جو اڌ بہ ڏيندين تہ بہ آءٌ تو سان
نہ هلندس، نہ ئي وري هتي ماني کائيندس ۽ نڪي پاڻي پيئندس.
9 ڇاڪاڻ‌تہ خداوند مون کي حڪم ڏنو هو تہ ’نہ ماني کائجانءِ
نہ پاڻي پيئجانءِ، نڪي انهيءَ رستي سان موٽجانءِ جنهن سان آيو
هئين.‘“ 10 سو هو ٻيو رستو وٺي هليو ويو، جنهن رستي سان بيت‌ايل
۾ آيو هو تنهن سان نہ موٽيو.
11 اُتي بيت‌ايل ۾ نبي سڏائيندڙ هڪڙو پوڙهو رهندو هو، جنهن
کي سندس پٽن اچي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو جيڪو تنهن ڏينهن خدا
جي انهيءَ ٻانهيءَ ڪيو هو. جيڪي هن بادشاهہ کي چيو هو سو بہ
هنن پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو. 12 سندن پيءُ کانئن پڇيو تہ اهو ماڻهو
ڪهڙو رستو وٺي ويو. سندس پٽن اهو رستو کيس ڏيکاريو جنهن سان
يهوداہ کان آيل اهو خدا جو ٻانهو ويو هو. 13 تڏهن هن پنهنجن پٽن
کي چيو تہ ”مون کي گڏهہ پلاڻي ڏيو.“ جڏهن هنن گڏهہ کي پلاڻيو
تڏهن هو گڏهہ تي چڙهيو 14 ۽ انهيءَ خدا جي ٻانهي جي پٺيان ويو.
هن انهيءَ کي شاهہ‌بلوط جي هڪڙي وڻ هيٺ ويٺل ڏٺو ۽ پڇيائينس
تہ ”جيڪو خدا جو ٻانهو يهوداہ کان آيو هو سو تون ئي آهين؟“ هن
وراڻيو تہ ”هائو، آءٌ ئي آهيان.“ 15 تڏهن انهيءَ نبي سڏائيندڙ پوڙهي
کيس چيو تہ ”مون سان گڏجي منهنجي گهر هل ۽ هلي ماني کاءُ.“
16 پر خدا جي ٻانهي کيس وراڻيو تہ ”آءٌ تو سان موٽي هلي نہ ٿو
سگهان ۽ نہ ئي وري هن هنڌ تو سان ماني کائي سگهان ٿو يا پاڻي پي
سگهان ٿو. 17 مون کي خداوند جو حڪم آهي تہ ’نہ ماني کائجانءِ،

28:12 خر 32:4    32:12–33 لاو 23:33–34    13:2 2.با 23:15–16

نہ اتي پاڻي پيئجانءِ، نہ وري انهيءَ رستي سان موٽجانءِ جنهن سان
وڃين.’” 18 تڏهن انهيءَ نبي سڏائيندڙ پوڙهي ڪوڙ ڳالهائيندي ڪيس
چيو تہ ”جهڙو خدا جو ٻانهو تون آهين تهڙو آءٌ بہ آهيان. خداوند جي
حڪم سان هڪڙي ملائڪ مون کي چيو آهي تہ ’هن کي پاڻ سان گڏ
پنهنجي گهر وٺي اچ تہ هو ماني کائي ۽ پاڻي پيئي.’” 19 سو خدا جو
اهو ٻانهو انهيءَ سان گڏ موٽي آيو ۽ سندس گهر ۾ کاڌائين پيتائين.
20 جيئن تہ هو اڃا دسترخوان تي ويٺا ئي هئا تہ خداوند جو ڪلام
انهيءَ نبي سڏائيندڙ پوڙهي تي نازل ٿيو، جيڪو خدا جي ٻانهي کي
موٽائي وٺي آيو هو. 21 هن رڙ ڪري يهوداه کان آيل خدا جي ٻانهي
کي چيو تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ تو خداوند جي ڪلام جي نافرماني
ڪئي آهي ۽ جيڪو حڪم خداوند تنهنجي خدا تو کي ڏنو هو تنهن
جي تو تعميل نہ ڪئي آهي. 22 تون موٽي آئين ۽ جنهن هنڌ بابت هن
تو کي چيو هو تہ ’اتي نہ ماني کائجانءِ ۽ نہ پاڻي پيئجانءِ‘ تنهن
هنڌ تو ماني کاڌي آهي ۽ پاڻي پيتو آهي. تنهنڪري هاڻي تون جلدي
ئي ماريو ويندين ۽ تنهنجو لاش تنهنجي ابن ڏاڏن جي قبرستان تائين
نہ پهچي سگهندو جو تو کي اتي دفن ڪيو وڃي.”

23 جڏهن خداوند جي ٻانهي کائي پي بس ڪئي، تڏهن انهيءَ نبي
سڏائيندڙ هن لاءِ پنهنجو گڏهہ پلاڻيو. 24 جيئن تہ هو رستي سان ويو
پئي تہ هڪ شينهن گڏيس جنهن ڪيس ماري وڌو. هن جو لاش رستي
تي ئي پيو رهيو ۽ گڏهہ انهيءَ جي پر ۾ بيهي رهيو، شينهن بہ لاش
جي پاسي ۾ بيهي رهيو. 25 جڏهن اتان ڪي ماڻهو اچي لنگهيا ۽ لاش
کي رستي تي پيل ۽ شينهن کي لاش جي پرسان بيٺل ڏٺائون، تڏهن
هنن اچي انهيءَ شهر ۾ اها ڳالهہ ٻڌائي جتي اهو پوڙهو رهندو هو.
26 جڏهن انهيءَ نبي سڏائيندڙ پوڙهي اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن چيائين
تہ ”اهو خدا جو اهو ئي ٻانهو آهي جنهن خداوند جي ڪلام جي
نافرماني ڪئي هئي. تنهنڪري خداوند هن کي شينهن جي حوالي
ڪيو جنهن ڪيس چيري ڦاڙي ماري ڇڏيو، جيئن خداوند کيس چتاءُ
ڏنو هو.”

27 پوءِ انهيءَ پوڙهي پنهنجي پٽن کي چيو تہ ”مون کي گڏهہ
پلاڻي ڏيو.” هنن اُهو پلاڻي ڏنس. 28 تڏهن هو روانو ٿيو ۽ ڏٺائين تہ
انهي ماڻهوءَ جو لاش رستي تي پيو آهي ۽ گڏهہ ۽ شينهن لاش جي
پرسان بيٺا آهن. شينهن نڪي لاش کي کاڌو آهي ۽ نہ وري گڏهہ
کي ئي ڦاڙيو اٿائين. 29 پوءِ انهيءَ پوڙهي خدا جي ان ٻانهي جو لاش
کڻي گڏهہ تي رکيو ۽ سندس واسطي سوڳ ڪرڻ ۽ کيس دفن ڪرڻ
لاءِ پنهنجي شهر بيت‌ايل ڏانهن موٽائي کڻي آيو. 30 هن انهيءَ جو
لاش پنهنجي قبرستان ۾ دفن ڪيو ۽ مٿس روئيندي چيو تہ ”آه! اي
منهنجا ڀاءُ! افسوس، صد افسوس!”

31 هن جي دفن ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ پوڙهي پنهنجن پٽن کي چيو
تہ ”جڏهن آءٌ مران تڏهن مون کي انهيءَ قبرستان ۾ دفن ڪجو جنهن
۾ اهو خدا جو ٻانهو دفن ڪيل آهي ۽ منهنجو لاش هن جي قبر جي
پرسان پورجو. 32 ڇالاءِجو خداوند جي حڪم موجب جيڪي ڳالهيون
هن بيت‌ايل ۾ قربان‌گاهہ بابت ۽ سامريہ جي ڳوٺن ۾ سڀني پوڄا
گهرن جي باري ۾ ڪيون هيون سي ضرور پوريون ٿينديون.”
33 انهيءَ جي باوجود بہ بادشاهہ يربعام پنهنجي بڇڙي رستي کان
باز نہ آيو، بلڪ هڪ دفعو وري هن مختلف هنڌن تي قائم ڪيل
پوڄا گهرن ۾ عام ماڻهن مان مذهبي بزرگ مقرر ڪيا جيڪي لاوي
قبيلي جا نہ هئا. جنهن بہ مذهبي بزرگ ٿيڻ گهريو ٿي تہ هن ان
کي مخصوص ڪري مقرر ٿي ڪيو. 34 يربعام جو اهو گناهہ سندس
گهراڻي لاءِ تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو سبب بڻيو.

## يربعام جي پٽ جو موت

14 1 انهن ڏينهن ۾ بادشاهہ يربعام جو پٽ ابياه بيمار ٿي پيو.
2 يربعام پنهنجيءَ زال کي چيو تہ ”پنهنجو ويس مٽاءِ تہ
جيئن تو کي ڪوبہ سڃاڻي نہ سگهي تہ تون منهنجي زال آهين.
پوءِ سيلا شهر ڏانهن وڃ جتي اخياه نالي اهو نبي رهي ٿو، جنهن
مون کي چيو هو تہ ’تون بني اسرائيل جي ڏهن قبيلن جو بادشاهہ
ٿيندين.‘ 3 تون پاڻ سان ڏهہ مانيون، ڪجهہ روٽ ۽ ماکيءَ جي
گهُگهي کڻي وٽس وڃ. هو تو کي ٻڌائيندو تہ اسان جي پٽ سان ڇا
ٿيڻ وارو آهي.” 4 سو يربعام جي زال ائين ئي ڪيو ۽ سيلا شهر
ڏانهن اخياه جي گهر ويئي.

جيئن تہ وڏيءَ عمر جي ڪري اخياه جون اکيون ويهجي ويون
هيون سو هو ڏسي نہ ٿي سگهيو. 5 تنهنڪري خداوند اخياه کي
ٻڌائي ڇڏيو تہ يربعام جي زال کانئس پنهنجي بيمار پٽ بابت پڇڻ
ٿي اچي، پر جڏهن هوءَ پهچندي تڏهن پاڻ کي ڪا ٻي عورت ڪري
پيش ڪندي. سو خداوند اخياه کي ٻڌايو تہ کيس ڇا چوڻ گهرجي.
6 سو جڏهن يربعام جي زال دروازي ۾ داخل ٿي تڏهن اخياه هن
جي پيرن جو آواز ٻڌي ڪيس چيو تہ ”اي يربعام جي زال! هلي اچ،
چو ٿي پاڻ کي ٻي عورت ڪري پيش ڪرين؟ مون وٽ تنهنجي لاءِ
تمام بري خبر آهي. 7 وڃ، وڃي يربعام کي ٻڌاءِ تہ خداوند، بني
اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ’مون تو کي ٻين ماڻهن ۾ عزت وارو
ڪيو ۽ پنهنجي قوم بني اسرائيل جي ڏهن قبيلن مٿان تو کي اسرائيل
جو بادشاهہ بڻايم. 8 دائود جي گهراڻي کان بادشاهي کسي تو کي
ڏنم، تڏهن بہ تون منهنجي ٻانهي دائود جهڙو نہ ٿئين. هو منهنجي
حڪمن جي تعميل ڪندو هو ۽ دل وَ جان سان منهنجو وفادار هو
۽ جيڪي منهنجي نظر ۾ چڱو هو فقط سو ئي ڪندو هو. 9 پر
تو انهن کان بہ وڌيڪ بڇڙائي ڪئي آهي جيڪي تو کان اڳي هئا.
مون کان ڦري پنهنجي لاءِ غير معبود ۽ پلتيل بت بڻائي تو مون کي
ڪاوڙايو آهي. هائو، تو مون کي پنهنجي پٺيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو

آهي. 10 تنهنڪري آءٌ تنهنجي گهراڻي تي مصيبت آڻيندس ۽ تنهنجو
سڀ نرينہ اولاد ماري ڇڏيندس، توڙي جو اهو غلام هجي يا آزاد.
آءٌ تنهنجي نسل کي ڇيڻي وانگر ساڙي ڇڏيندس، ايستائين جو اهي
سڙي رک ٿي وڃن. 11 تنهنجي ڪٽنب جو جيڪو بہ ماڻهو شهر ۾
مرندو تنهن کي ڪتا کائي ويندا ۽ جيڪو جهنگ ۾ مرندو تنهن کي
ڳجهون کائي وينديون. آءٌ خداوند ائين ئي ٿو فرمايان.'''

12 اخياه ڪيس وڌيڪ چيو تہ ”هاڻ، اٿ ۽ پنهنجي گهر وڃ.
جڏهن تون پنهنجي شهر ۾ پير رکندينءَ، تڏهن ڇوڪرو مري ويندو.
13 اسرائيل جا سڀ ماڻهو انهيءَ لاءِ روئندا ۽ سوڳ ڪندا ۽ ڪيس دفن
ڪندا. يربعام جي گهراڻي مان اهو ئي هڪڙو قبر ۾ پوريو ويندو،
ڇالاءِجو يربعام جي گهراڻي منجهان خداوند، بني اسرائيل جي خدا،
انهيءَ ۾ ئي ڪا چڱي ڳالهہ ڏٺي آهي. 14 خداوند اسرائيل تي هڪڙو
بادشاهہ مقرر ڪندو جيڪو يربعام جي گهراڻي جو خاتمو آڻيندو.
هو جلد اچڻ وارو آهي. 15 خداوند اسرائيل کي مار ڏيئي اهڙو ڪري
ڇڏيندو، جيئن پاڻيءَ ۾ بيٺل ڪانو لڏندو رهندو آهي. هو اسرائيل
وارن جون پاڙون هن چڱي ملڪ مان پٽي ڇڏيندو جيڪو هن سندن ابن
ڏاڏن کي ڏنو هو. هو انهن کي فرات نديءَ جي هن پر ڇڙوڇڙ ڪري
ڇڏيندو ڇاڪاڻ تہ هنن يسيره ديويءَ جا ٿنڀا ٺاهي خداوند کي ڪاوڙايو
هو. 16 جيڪي گناهہ يربعام پاڻ ڪيا آهن ۽ اسرائيل وارن کان ڪرايا
آهن، تن جي ڪري خداوند اسرائيل وارن کي ضرور سزا ڏيندو.“

17 پوءِ يربعام جي زال اٿي رواني ٿي ۽ ترضہ شهر ۾ موٽي آئي.
جيئن ئي هن پنهنجي گهر جي چائنٺ تي پير رکيو تہ ڇوڪرو مري
ويو. 18 هن کي دفن ڪيو ويو ۽ اسرائيل جي سڀني ماڻهن هن لاءِ
رنو ۽ سوڳ ڪيو. جيئن خداوند پنهنجي ٻانهي اخياه جي معرفت
فرمايو هو تيئن ئي ٿيو.

## يربعام جو موت

19 يربعام جا باقي ٻيا ڪم، تہ ڪيئن هن جنگ ڪئي ۽ ڪيئن
بادشاهي ڪيائين سي سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو
ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 20 يربعام ٻاويهہ سال بادشاهي ڪئي پوءِ
وفات ڪري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ سندس پٽ ندب
سندس جاءِنشين ٿيو.

## رحبعام يهوداه جو بادشاهہ

(2.تواريخ 11:5–12:15)

21 هوڏانهن رحبعام ولد سليمان يهوداه جو بادشاهہ هو. جڏهن هو
بادشاهہ ٿيو، تڏهن سندس عمر ايڪيتاليهہ سال هئي. يروشلم جو
شهر جيڪو خداوند پنهنجي نالي قائم ڪرڻ لاءِ بني اسرائيل جي
سڀني قبيلن جي شهرن مان چونڊيو هو، تنهن ۾ هن سترهن سال
بادشاهي ڪئي. سندس ماءُ جو نالو نعمہ هو جا بني عمون مان هئي.

22 يهوداه وارن اهي ڪم ڪيا جيڪي خدواند جي نظر ۾ برا هئا.
پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڪمن کان بہ وڌيڪ برا ڪم ڪري هنن خداوند
کي ڪاوڙايو. 23 هنن پنهنجي لاءِ غير معبودن وارا پوڄا گهر ٺاهيا.
هنن ٽڪرين تي ۽ وڏي ڇانوري وارن وڻن هيٺ پٿر جا ٿنڀا ۽ يسيره
ديويءَ جون مورتيون بہ لڳايون. 24 سڀ کان بدترين ڳالهہ هيءَ هئي
تہ ڪي مرد انهن پوڄا گهرن ۾ بدفعلي ڪرڻ لاءِ موجود رهندا هئا.
يهوداه وارا بہ اهي ساڳيا ئي بي‌حيائيءَ وارا ڪم ڪرڻ لڳا، جيڪي
اهي ماڻهو ڪندا هئا جن کي خداوند بني اسرائيل جي اچڻ وقت
هڪالي ڪڍي ڇڏيو هو.

25 رحبعام جي بادشاهيءَ جي پنجين سال مصر جي بادشاهہ
سيساق يروشلم تي ڪاهہ ڪئي. 26 هو خداوند جي گهر جا خزانا ۽
بادشاهہ جي گهر جا خزانا لٽي ڪٽي ويو. هو سڀ ڪجهہ ڪٽي ويو،
جيڪي سون جون ڍالون سليمان ٺهرايون هيون سي بہ ڪٽي ويو.
27 تڏهن بادشاهہ رحبعام انهن جي بدران پتل جون ڍالون ٺهرايون ۽
جيڪي سپاهي سندس شاهي محل تي پهرو ڏيندا هئا تن جي سالارن
کي اهي ڏيئي ڇڏيائين. 28 جڏهن بہ بادشاهہ خداوند جي گهر ۾
ويندو هو تڏهن پهري وارا اهي ڍالون کڻي ساڻس گڏ هلندا هئا ۽ پوءِ
موٽائي پهري واري ڪوٺيءَ ۾ آڻي رکي ڇڏيندا هئا.

29 رحبعام جا باقي ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا سي سڀ ”يهوداه جي
بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 30 رحبعام ۽ يربعام
جي وچ ۾ هميشہ جنگ پيئي هلندي هئي. 31 رحبعام وفات ڪري
وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ ڪيس *دائود جي شهر ۾ دفن
ڪيو ويو. سندس پٽ ابياه سندس جاءِنشين ٿيو.

## ابياه يهوداه جو بادشاهہ

(2.تواريخ 13:1–14:1)

15 1 اسرائيل جي بادشاهہ يربعام ولد نباط جي حڪومت جي
ارڙهين سال، ابياه يهوداه جو بادشاهہ ٿيو. 2 ابياه يروشلم
۾ اٽڪل ٽي سال بادشاهي ڪئي. هن جي ماءُ جو نالو معڪہ هو جيڪا
ابي‌سلوم جي ڌيءَ هئي. 3 هو اهي سمورا گناهہ ڪندو هو جيڪي
هن کان اڳي سندس پيءُ ڪيا هئا. جيئن سندس ابي ڏاڏي دائود جي
دل خداوند پنهنجي خدا سان لڳل هئي، تيئن هن جي دل خدا سان
پوري طرح لڳل نہ رهي. 4 انهيءَ هوندي بہ دائود جي خاطر، خداوند
سندس خدا ابياه کي هڪ پٽ ڏنو تہ جيئن ڪانئس پوءِ هو يروشلم ۾

---

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

10:14 1.با 29:15 23:14 2.با 9:17–10 24:14 شر 17:23 26:14 1.با 10:16–17، 2.توا 9:15–16 4:15 1.با 36:11

بادشاهي ڪري ۽ يروشلم کي مضبوط رکي. 5 ڇالاءِجو دائود اهي
ڪم ڪيا هئا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا. اورياه حتيءَ جي
ڳالهہ کان سواءِ هو پنهنجي سڄي عمر ۾ خداوند جي ڏنل ڪنهن
بہ حڪم کان نہ ڦريو هو. 6-7 جيڪا جنگ رحبعام ۽ يربعام جي
وچ ۾ شروع ٿي هئي، سا ابياه جي بادشاهي دوران بہ هلندي رهي.
ابياه جي حڪومت ۾ جيڪي واقعا ٿيا ۽ ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا سي
”يهوداه جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن.
8 ابياه وفات ڪري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس
دائود جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس جاءِ تي سندس پٽ آسا
تخت‌نشين ٿيو.

## آسا يهوداه جو بادشاهہ

(2.تواريخ 15:16–6:16)

9 اسرائيل جي بادشاهہ يربعام جي بادشاهيءَ جي ويهين سال،
آسا يهوداه تي بادشاهي ڪرڻ لڳو. 10 هن يروشلم ۾ ايڪيتاليهہ سال
بادشاهي ڪئي. هن جي ڏاڏيءَ جو نالو معڪہ هو جا ابي‌سلوم جي
ڌيءَ هئي. 11 آسا پنهنجي ڏاڏي دائود وانگر اهي ڪم ڪيا، جيڪي
خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا. 12 هن غير معبودن وارين عبادت‌گاهن
تي بدفعلي ڪندڙ سيني مردن کي ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ جيڪي
بت هن جي وڏن ٺهرايا هئا سي ختم ڪرائي ڇڏيائين. 13 هن پنهنجي
ڏاڏيءَ معڪہ کي سندس راڻي امان واري مرتبي تان هٽائي ڇڏيو،
ڇوتہ هن يسيره ديويءَ جي ڪراهت جهڙي مورتي ٺهرائي هئي. آسا
اها مورتي ڀڃي ڪيرائي ۽ قدرون جي برساتي نهر ۾ ساڙي ڇڏيائين.
14 جيتوڻيڪ آسا غير معبودن جا سڀ پوڄا گھر نہ ڊهرايا، تنهن هوندي
بہ هن جي دل سڄي عمر خداوند سان پوريءَ طرح لڳل رهي. 15 هن
اهي سڀ شيون خدا جي گھر ۾ آڻي رکيون، جيڪي هن جي پيءُ ابياه
۽ هن پاڻ وقف ڪيون هيون يعني چاندي، سون ۽ ٿانوَ.
16 آسا ۽ اسرائيل جي بادشاهہ بعشا ۾ سندن بادشاهيءَ دوران
جنگ پئي هلي. 17 اسرائيل جو بادشاهہ بعشا يهوداه تي ڪاهي آيو
۽ رامہ شهر تي قبضو ڪري ان جي چوڌاري ڪوٽ ڪڍائڻ لڳو تہ
جيئن ڪوبہ يهوداه ڏانهن نہ وڃي سگھي ۽ نہ وري اتان اندر اچي
سگھي. 18 تڏهن هيڪل ۾ ۽ شاهي محل ۾ جيڪو سون ۽ چاندي بچيو
هو، سو آسا پنهنجي عملدارن جي هٿ ارام جي بادشاهہ بن‌هدد،
جيڪو طابرمون جو پٽ ۽ حزيون جو پوٽو هو تنهن ڏانهن دمشق
شهر ۾ ڏياري موڪليو. هي نياپو پڻ موڪليائينس تہ 19 ”اسين پاڻ
۾ اهڙو معاهدو ڪريون، جيئن منهنجي ۽ تنهنجي پيءُ جي وچ ۾
هو. اِجهو، آءٌ تو ڏانهن سون ۽ چاندي تحفو ڪري موڪليان ٿو. سو
تون اسرائيل جي بادشاهہ بعشا سان پنهنجو اتحاد ختم ڪر تہ جيئن
هو منهنجي ملڪ مان پنهنجون فوجون ڪڍي وڃي.“ 20 بن‌هدد آسا
بادشاهہ جي ڳالهہ مڃي ۽ پنهنجا سالار لشڪرن سميت اسرائيل
ملڪ جي شهرن تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ موڪليائين. هنن عيون، دان،
ابيل بيت‌معڪہ، گليل ڍنڍ جي آس‌پاس وارو علائقو ۽ نفتاليءَ جو
سڄو علائقو قبضي ڪري ورتو. 21 جڏهن بادشاهہ بعشا اها ڳالهہ
ٻڌي تڏهن رامہ شهر کي ڪوٽ ڪڍائڻ ڇڏي ڏنائين ۽ ترضہ شهر
ڏانهن موٽي ويو. 22 پوءِ بادشاهہ آسا سڄي يهوداه ۾ حڪم جاري
ڪيو ۽ ڪنهن کي بہ نہ بخشيائين، تہ اهي رامہ مان اهي پٿر ۽
اهو ڪاٺ جيڪو بادشاهہ بعشا رامہ کي ڪوٽ ڪڍائڻ لاءِ ڪم تي
آندو، سو کڻي اچن. انهيءَ سامان مان بادشاهہ آسا گبع شهر جيڪو
بنيامين جي علائقي ۾ آهي ۽ مصفاه شهر کي ڪوٽ ڪڍايو.
23 آسا جو باقي احوال، سندس ڪارناما، سندس سوڀون ۽ اهي
شهر جيڪي هن تعمير ڪرايا سي سڀ ”يهوداه جي بادشاهن جي
تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. سندس پيريءَ ۾ هن کي پيرن جو
مرض ٿي پيو. 24 پوءِ آسا وفات ڪري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي
ٿيو ۽ کيس پنهنجي ڏاڏي دائود جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس
پٽ يهوسفط سندس جاءِ تي تخت‌نشين ٿيو.

## ندب اسرائيل جو بادشاهہ

25 يهوداه جي بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي ٻئي سال ۾ ندب
ولد يربعام اسرائيل جو بادشاهہ ٿيو ۽ هن اسرائيل تي اٽڪل ٻہ سال
بادشاهي ڪئي. 26 هن پنهنجي پيءُ وانگر اهي ڪم ڪيا، جيڪي
خداوند جي نظر ۾ برا هئا ۽ سندس جيان هن اسرائيل وارن کان بہ
ساڳيا ڪم ڪرايا.
27 بعشا ولد اخياه جيڪو اِسڪار جي گھراڻي مان هو تنهن ندب جي
خلاف سازش سٽي ۽ جڏهن ندب ۽ سندس لشڪر فلستين جي شهر
گبتون کي گھيرو ڪيو ويٺا هئا، تڏهن بعشا اُتي ئي کيس ماري ڇڏيو.
28 بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي ٽئين سال بعشا ندب کي ماري پاڻ
هن جي جاءِ تي اسرائيل ملڪ تي بادشاهي ڪرڻ لڳو. 29 بادشاهہ ٿيڻ
شرط هن يربعام جي سڄي خاندان کي مارائي ڇڏيو ۽ سندس نسل
مان ڪنهن هڪڙي کي بہ جيئرو نہ ڇڏيائين، جيئن خداوند پنهنجي
ٻانهي اخياه سيلائيءَ جي معرفت فرمايو هو. 30 اهو سڀ انهيءَ ڪري
ٿيو جو يربعام پاڻ بہ گناهہ ڪري ۽ اسرائيل وارن کان بہ گناهہ
ڪرائي خداوند، بني اسرائيل جي خدا کي چڙ ڏياري ڪاوڙايو هو.
31 ندب جو باقي احوال ۽ ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا سي ”اسرائيل
جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 32 يهوداه جي
بادشاهہ آسا ۽ اسرائيل جي بادشاهہ بعشا جي وچ ۾ سڄي حياتي
جنگ هلندي رهي.

---

5:15 2.سم 11:1–27 29:15 1.با 10:14

## بعشا اسرائيل جو بادشاهہ

33 يهوداہ جي بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي ٽئين سال ۾ بعشا
ولد اخياہ ترضہ شهر ۾ اسرائيل ملڪ تي بادشاهي ڪرڻ لڳو، هن
اٽڪل چوويهہ سال بادشاهي ڪئي. 34 بادشاهہ يربعام وانگر هن اهي
ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا ۽ سندس جيان هن
اسرائيل وارن کان بہ ساڳيا ڪم ڪرايا.

16 1 تڏهن ييهو ولد حنانيءَ جي معرفت خداوند بعشا کي
چيتائيندي چيو تہ 2 ”جيتوڻيڪ مون تو کي مٽيءَ مان ڪڍي
مٿي ڪيو ۽ پنهنجي قوم بني اسرائيل جي ڏهن قبيلن مٿان تو کي
اسرائيل جو بادشاهہ بڻايم، تنهن هوندي بہ تون يربعام جي رستي
تي هليو آهين، جو منهنجي قوم بني اسرائيل کان گناهہ ڪرائي مون
کي ڪاوڙايو اٿيئي. 3 سو آءٌ تو کي ۽ تنهنجي خاندان کي بلڪل ناس
ڪري ڇڏيندس، جيئن يربعام ولد نباط سان ڪيو هوم. 4 تنهنجي
خاندان جو جيڪو بہ ماڻهو شهر ۾ مرندو تنهن کي ڪتا کائيندا ۽
جيڪو جهنگ ۾ مرندو تنهن کي ڳجهون کائينديون.“
5 بعشا جو باقي احوال ۽ ٻيا ڪم ۽ ڪارناما جيڪي هن ڪيا، سي
سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن.
6 بعشا وفات ڪري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس ترضہ
شهر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس پٽ ايلہ سندس جاءِ تي تخت‌نشين ٿيو.
7 بعشا ۽ سندس خاندان خلاف ييهو نبيءَ تي خداوند جو اهو
ڪلام انهيءَ ڪري نازل ٿيو جو هن خداوند جي نظر ۾ گهڻا ئي
برا ڪم ڪيا هئا. هن خداوند کي نہ رڳو پنهنجي برن ڪمن ڪري
ڪاوڙايو هو، جيئن کانئس اڳي بادشاهہ يربعام ڪيو هو، بلڪ هن
ڪري بہ جو بعشا يربعام جي سڄي خاندان کي مارائي ڇڏيو هو.

## ايلہ اسرائيل جو بادشاهہ

8 يهوداہ جي بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي ڇويهين سال ايلہ
ولد بعشا اسرائيل تي بادشاهي ڪرڻ لڳو ۽ هن ترضہ شهر ۾ رهي
اٽڪل ٻہ سال بادشاهي ڪئي. 9 تڏهن هن جو سالار جنهن جو نالو
زمري هو ۽ جيڪو جنگي گهوڙي گاڏين مان اڌ حصي جو نگران هو،
تنهن هن خلاف بغاوت ڪئي. هڪ ڏينهن ترضہ ۾ ايلہ پنهنجي
محل جي نگران ارضہ جي گهر ۾ گهڻي پيئڻ ڪري نشي ۾ ٻڏو پيو
هو. 10 تڏهن زمري اندر گهڙي اچي هن کي ڌڪ هڻي ماري وڌو. اهو
واقعو يهوداہ جي بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي ستاويهين سال ۾
ٿيو. تنهن بعد زمري هن جي جاءِ تي تخت‌نشين ٿيو.
11 جڏهن زمري بادشاهي ڪرڻ لڳو تڏهن تخت تي ويهڻ شرط هن
بعشا جي سڄي ڪٽنب کي مارائي ڇڏيو. هن ڪنهن بہ نر کي نہ
ڇڏيو، نہ سندس مائٽن مان ۽ نہ سندس دوستن مان. 12 سو ييهو
نبيءَ جي معرفت بعشا جي خلاف خداوند جيڪي فرمايو هو، تنهن
موجب زمريءَ بعشا جي خاندان کي ناس ڪري ڇڏيو. 13 اهو سڀ
هن ڪري ٿيو جو بعشا ۽ سندس پٽ ايلہ گهڻا گناهہ ڪيا ۽ اسرائيل
وارن کان بہ گناهہ ڪرايائون. اهڙيءَ طرح پنهنجي بت‌پرستيءَ وارن
ڪمن سان هنن خداوند، بني اسرائيل جي خدا کي ڪاوڙايو.
14 ايلہ جو باقي احوال ۽ ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا، سي سڀ
”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن.

## زمري اسرائيل جو بادشاهہ

15 يهوداہ جي بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي ستاويهين سال ۾،
زمري ترضہ شهر ۾ رهي ست ڏينهن بادشاهي ڪئي. تن ڏينهن ۾
اسرائيل جو لشڪر فلستين جي شهر گبتون کي گهيري هيٺ رکيو
وينو هو. 16 انهيءَ لشڪر جڏهن ٻڌو تہ زمريءَ بادشاهہ ايلہ جي
خلاف بغاوت ڪري کيس ماري ڇڏيو آهي، تڏهن هنن ساڳئي ڏينهن
خيمي‌گاهہ ۾ پنهنجي سپهہ‌سالار عمريءَ کي اسرائيل جو بادشاهہ
بڻايو. 17 پوءِ عمري اسرائيل جي سڄي لشڪر سان گبتون شهر جو
گهيرو ختم ڪري وڃي ترضہ شهر کي گهيري هيٺ آڻي مٿس حملو
ڪيو. 18 زمريءَ جڏهن ڏٺو تہ شهر تي قبضو ٿي ويو آهي، تڏهن هو
شاهي محل جي اندرين قلعي ۾ ويو ۽ محل کي باهہ ڏنائين. اهڙيءَ
طرح هو پاڻ بہ سڙي مري ويو. 19 اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيو جو هن
خداوند جي نظر ۾ برا ڪم ڪري گناهہ ڪيو هو، انهيءَ ڪري بہ
تہ هو يربعام جي رستي تي هليو هو ۽ اسرائيل وارن کان بہ گناهہ
ڪرايا هئائين.
20 زمريءَ جو باقي احوال ۽ جيڪا بغاوت هن ڪئي، سي سڀ
”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن.

## عمري اسرائيل جو بادشاهہ

21 تنهن کان پوءِ اسرائيل وارا ٻن ڌرين ۾ ورهائجي ويا، هڪڙي ڌر
تبني ولد گينت کي بادشاهہ بنائڻ جي حق ۾ هئي، تہ ٻي ڌر عمريءَ
جي حق ۾ هئي. 22 پر عمريءَ جا ماڻهو تبنيءَ جي ماڻهن تي غالب
آيا. تبني مري ويو ۽ عمري بادشاهہ ٿيو.
23 اهڙيءَ طرح يهوداہ جي بادشاهہ آسا جي بادشاهيءَ جي
ايڪٽيهين سال ۾ عمري اسرائيل ملڪ تي بادشاهہ ٿيو ۽ اٽڪل ٻارهن
سال بادشاهي ڪيائين. پهريائين هن ترضہ شهر ۾ ڇهن سالن تائين
بادشاهي ڪئي. 24 پوءِ هن سمر نالي هڪ شخص کان ستر ڪلوگرام
چانديءَ جي عيوض سامريہ جي ٽڪري خريد ڪئي. هن انهيءَ
ٽڪريءَ تي هڪ شهر اڏايو ۽ اتان ئي بادشاهي ڪرڻ لڳو. هن ٽڪريءَ
جي اڳين مالڪ سمر جي نالي پٺيان ان شهر جو نالو سامريہ رکيو.
25 عمريءَ اهي ڪم ڪيا جي خداوند جي نظر ۾ برا هئا ۽ جيڪي
بادشاهہ کانئس اڳي ٿي گذريا هئا تن کان بہ وڌيڪ گناهہ ڪيائين.
26 يربعام ولد نباط جي راهہ تي هلندي هن پاڻ بہ گناهہ ڪيا ۽
اسرائيل وارن کان بہ گناهہ ۽ بت‌پرستي ڪرايائين. اهڙيءَ طرح هن
خداوند، بني اسرائيل جي خدا کي ڪاوڙايو.

27 عمريءَ جو باقي احوال ۽ سندس ٻيا ڪم ۽ ڪارناما جيڪي هن
ڪيا، سي سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل
آهن. 28 عمري وفات ڪري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس
سامريه شهر ۾ دفنايو ويو. سندس پٽ اخي‌اب هن جي تخت تي ويٺو.

## اخي‌اب اسرائيل جو بادشاهه

29 يهوداه جي بادشاهه آسا جي بادشاهيءَ جي اٺٽيهين سال،
اخي‌اب ولد عمري اسرائيل جو بادشاهه ٿيو. هن سامريه شهر ۾ رهي
اٺکل ٻاويهه سال اسرائيل تي بادشاهي ڪئي. 30 خداوند جي نظر
۾ اخي‌اب پاڻ کان اڳي وارن بادشاهن کان به وڌيڪ برا ڪم ڪيا.
31 يربعام ولد نباط جي گناهن تي هلڻ هن کي چڻ ته خسيس ڳالهه
نظر تي آئي. سو هن صيدونين جي بادشاهه اتبعل جي ڌيءَ اِيزبل سان
شادي ڪئي ۽ بعل ديوتا کي پوڄڻ شروع ڪري ڏنائين. 32 هن سامريه
شهر ۾ جيڪو بعل ديوتا جو پوڄا گهر ٺهرايو هو، تنهن ۾ بعل جي لاءِ
هڪڙي قربان‌گاهه به ٺهرايائين. 33 هن يسيره ديويءَ جي مورتيءَ وارو
ٿنڀو پڻ ٺهرايو. هن ٻيا به اهڙا ڪم ڪيا جن سان اسرائيل جي اڳين
بادشاهن کان به وڌيڪ خداوند، بني اسرائيل جي خدا کي ڪاوڙايائين.
34 اخي‌اب جي ڏينهن ۾ بيت‌ايل جي رهاڪو حي‌ايل يريحو شهر
وري تعمير ڪرايو. هن جڏهن يريحو شهر جو بنياد وڌو ته سندس
پهريتو پٽ ابيرام مري ويو ۽ جڏهن انهيءَ جا در اڏيائين ته سندس
سڀني کان ننڍو پٽ سجُوب به مري ويو. سو جيئن خداوند يشوع ولد
نون جي معرفت فرمايو هو تيئن ئي ٿيو.

## الياس نبي ۽ خشڪ سالي

17 1 الياس تشبي جيڪو گلعاد علائقي جو رهاڪو هو، تنهن
بادشاهه اخي‌اب کي چيو ته ”جيئري خداوند، بني اسرائيل
جي خدا جو قسم آهي جنهن جو آءٌ ٻانهو آهيان ته ايندڙ ڪجهه سالن
۾ نه ماڪ پوندي ۽ نه ئي وري مينهن وسندو جيسين آءٌ نه چوان.“
2 تڏهن خداوند الياس کي چيو ته 3 ”هتان هليو وڃ ۽ اڀرندي
ڏانهن ڦري اردن درياءَ جي اوڀر ۾ ڪريت نالي برساتي نهر ۾ وڃي
پاڻ کي لڪاءِ. 4 تون انهيءَ برساتي نهر مان پاڻي پيئجانءِ. مون
جابلو ڪانوَن کي حڪم ڏنو آهي ته اهي تو کي اتي کاڌو پهچائين.“
5 سو هن ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس چيو هو. هو برساتي نهر
ڪريت ڏانهن ويو جيڪا اردن درياءَ جي اوڀر ۾ آهي ۽ اتي ئي رهڻ
لڳو. 6 جابلو ڪانوَ هن کي صبح شام ماني ۽ گوشت آڻي ڏيندا هئا
۽ هو ان برساتي نهر مان پاڻي پيئندو هو.

## صارپت شهر جي رنڙال

7 ٿوري وقت کان پوءِ اها برساتي نهر سڪي وئي، ڇالاءِجو ملڪ
۾ مينهن نه پيو هو. 8 تڏهن خداوند کيس چيو ته 9 ”اُٿ ۽ صيدا
شهر جي ويجهو صارپت شهر ڏانهن وڃ ۽ اُتي وڃي رهه. مون اتان
جي هڪڙي رنڙال کي حڪم ڏنو آهي ته تو کي کارائي پيئاري.“
10 سو هو صارپت ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن هو شهر جي دروازي وٽ
آيو، تڏهن ڏٺائين ته هڪڙي رنڙال ڪاٺيون پيئي ميڙي. هن انهيءَ
عورت کي سڏي چيو ته ”مهرباني ڪري ڪنهن ٿانوَ ۾ مون کي
ٿورو پاڻي آڻي ڏي ته پيئان.“ 11 جڏهن هوءَ پاڻي آڻڻ لاءِ هلي، تڏهن
هن سڏي چيس ته ”مهرباني ڪري مانيءَ جو ٽڪر به مون لاءِ کڻي
اچجانءِ.“ 12 انهيءَ عورت وراڻيس ته ”خداوند جيئري خدا جنهن
جا اوهين خاص ٻانها آهيو، تنهن جو قسم آهي ته مون وٽ پڪل
ماني ڪانهي، رڳو اٽي لپ چاڏيءَ ۾ ۽ دنگيءَ ۾ ٿورو تيل اٿم. آءٌ
به چار ڪاٺيون ميڙڻ لاءِ هتي آيس، موٽي وڃي اُهو پنهنجي لاءِ ۽
پنهنجي پٽ لاءِ پچائيندس. اهو ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ اسين بک
وگهي مري ويندا‌سين.“
13 تنهن تي الياس کيس چيو ته ”گهبراءِ نه. گهر وڃ ۽ تون ڀلي
ائين ئي ڪر جيئن چوين ٿي. پر پهريائين مون لاءِ انهيءَ مان هڪڙي
لولي پچائي کڻي اچ ۽ پوءِ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي پٽ لاءِ پچائج.
14 ڇالاءِجو خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو ته ’انهيءَ چاڏيءَ
مان اٽو کين کٽندو، نڪي انهيءَ دنگيءَ مان تيل کٽندو، جيستائين
اهو ڏينهن نه اچي، جڏهن خداوند زمين تي مينهن وسائيندو.‘“
15 تڏهن هوءَ وئي ۽ جيئن الياس کيس چيو هو تيئن ئي ڪيائين.
سو انهن سڀني کي گهڻي عرصي تائين کاڌو ملندو رهيو. 16 الياس
جي معرفت خداوند جي چوڻ موجب نه انهيءَ چاڏي مان اٽو کپي
ويو ۽ نه وري انهيءَ دنگي مان تيل.

## الياس جو ٻار کي زنده ڪرڻ

17 هڪڙي موقعي تي جڏهن الياس هڪڙي عورت جي گهر ۾ رهيل
هو ته انهيءَ عورت جو پٽ بيمار ٿي پيو. هن جي بيماري ڏينهون
ڏينهن اهڙي ته خراب ٿيندي وئي جو آخرڪار هن جو ساهه بند ٿي
ويو. 18 تڏهن انهيءَ عورت الياس کي چيو ته ”اي خدا جا ٻانها! هي
تو مون سان ڇا ڪيو آهي؟ تون هتي مون وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهين
ڇا ته خدا کي منهنجا گناهه ياد ڏيارين ۽ منهنجو پٽ مارائين؟“
19 الياس کيس چيو ته ”پنهنجو پٽ مون ڏانهن کڻي اچ.“ تڏهن
الياس انهيءَ ڇوڪري کي عورت جي هٿن مان وٺي مٿي ماڙيءَ ۾
کڻي ويو جتي هو پاڻ رهندو هو. هن انهيءَ کي اتي پنهنجي هنڌ
تي کڻي سمهاريو. 20 پوءِ هن خداوند کي وڏي واڪي سڏي چيو ته

34:16 يش 6:26 1:17 يع 5:17 9:17 لو 4:25–26

”اي خداوند منهنجا خدا! جنهن رنزال وٽ آءٌ رهان ٿو تنهن جو
پٽ ماري انهيءَ تي ئي مصيبت آڻي ڇڏيئِہ؟“ 21 پوءِ الياس ٽي ڀيرا
انهيءَ ڇوڪر مٿان ڇانئجي خداوند کي پڪاري چيو تہ ”اي خداوند
منهنجا خدا! هن ڇوڪر ۾ وري ساهہ وجهہ.“ 22 خداوند الياس جي
پڪار ٻڌي، سو ڇوڪر ساهہ کڻڻ لڳو ۽ بچي ويو. 23 تڏهن الياس
ڇوڪر کي کڻي هيٺ لهي آيو. هن اهو ٻار ماڻس کي ڏنو ۽ کيس
چيائين تہ ”ڏس، تنهنجو پٽ جيئرو آهي.“
24 تڏهن انهيءَ عورت الياس کي چيو تہ ”هاڻي مون ڄاتي ورتو
تہ تون خدا جو چونڊيل ٻانهو آهين ۽ خداوند واقعي تنهنجي معرفت
ڳالهائي ٿو.“

## الياس ۽ عبدياه

18 1 گهڻن ڏينهن کان پوءِ، خشڪ ساليءَ جي ٽئين سال،
خداوند الياس کي چيو تہ ”وڃ، وڃي اخي‌اب بادشاهہ وٽ
حاضر ٿيءُ. هاڻي آءٌ زمين تي مينهن وسائيندس.“ 2 سو الياس
اخي‌اب وٽ پيش ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو.
انهن ڏينهن ۾ سامريہ ۾ ڏڪار ڏاڍو سخت هو. 3 اخي‌اب پنهنجي
محل جي نگران عبدياه کي سڏايو. عبدياه هڪ وڏو خدا ترس انسان
هو. 4 جڏهن اخي‌اب جي زال ايزبل خداوند جي نبين کي ماريو ٿي،
تڏهن عبدياه هڪ سؤ نبين کي ٻن غارن ۾ لڪايو هو، هر هڪ غار
۾ پنجاهہ پنجاهہ ڄڻا هئا. هن انهن کي اتي کاڌو پيتو بہ پئي ڏنو.
5 اخي‌اب عبدياه کي چيو تہ ”اچ تہ ملڪ جي سڀني برساتي نهرن ۽
پاڻيءَ جي چشمن وٽ هلون. ٿي سگهي ٿو اسان کي پنهنجن گهوڙن
۽ خچرن کي جيئري رکڻ لاءِ ڪجهہ گاهہ هٿ اچي وڃي تہ جيئن
اسان پنهنجا ڪجهہ جانور وڃائي نہ ويهون.“ 6 سو پوري ملڪ ۾
چاري جي ڳولها لاءِ انهن ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهايو، اخي‌اب
پاڻ هڪڙي پاسي ويو ۽ عبدياه ٻئي پاسي.
7 جنهن رستي سان عبدياه پئي ويو تہ تنهن رستي ۾ کيس الياس
گڏجي ويو. عبدياه کيس سڃاتو ۽ جهڪي ڪانئس پڇيو تہ ”اي
منهنجا سائين! توهين الياس ئي آهيو؟“ 8 الياس وراڻيو تہ ”هائو.
وڃ، وڃي پنهنجي مالڪ کي ٻڌاءِ تہ ’الياس آيو آهي.‘“
9 عبدياه چيو تہ ”مون ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي جو اوهين پنهنجي
هن ٻانهي کي اخي‌اب جي هٿ ۾ ٿا ڏيو تہ جيئن هو مون کي مارائي
ڇڏي؟ 10 خداوند جيئري خدا جنهن جا اوهين خاص ٻانها آهيو، تنهن
جو قسم آهي تہ اهڙي ڪابہ قوم يا بادشاهت ڪانهي جيڏانهن
منهنجي مالڪ اوهان کي ڳولهڻ لاءِ ماڻهو نہ موڪليا هجن. جڏهن
انهيءَ قوم يا بادشاهت چيو تہ ’الياس هتي اسان وٽ ڪونهي‘ تڏهن
هن انهن کان قسم کڻائي ٿي پڇيو تہ واقعي ئي اوهين انهن وٽ ڪين
هئا. 11 پر هاڻي اوهين مون کي ٿا چئو تہ آءٌ پنهنجي مالڪ وٽ وڃي
کيس ٻڌايان تہ ’الياس هتي آيو آهي.‘ 12 هاڻ جڏهن آءٌ اوهان وٽان
هليو ويندس تڏهن خبر ناهي تہ خداوند جو روح اوهان کي ڪيڏانهن
کڻي وڃي. جيڪڏهن آءٌ اخي‌اب کي وڃي ٻڌايان ۽ هو اوهان کي لهي
نہ سگهي تہ پوءِ هو مون کي مارائي ڇڏيندو. پر آءٌ اوهان جو خادم
ننڍي هوندي کان خداپرست رهيو آهيان. 13 منهنجا سائين! اوهان نہ
ٻڌو آهي ڇا تہ جڏهن ايزبل خداوند جي نبين کي ماريو ٿي تہ مون ڇا
ڪيو هو؟ مون خداوند جي هڪ سؤ نبين کي ٻن غارن ۾ لڪايو هو، هر
هڪ غار ۾ پنجاهہ پنجاهہ ڄڻا هئا ۽ اتي مون کين کاڌو پيتو پهچايو
هو. 14 هاڻ اوهين مون کي چئو ٿا تہ وڃي پنهنجي مالڪ کي ٻڌايان
تہ اوهين هتي آهيو. پوءِ هو تہ مون کي مارائي ڇڏيندو!“ 15 الياس
چيو تہ ”قادرِمطلق جيئري خداوند جو قسم آهي جنهن جو آءٌ ٻانهو
آهيان تہ اڄ ضرور منهنجي ۽ تنهنجي مالڪ جي ملاقات ٿيندي.“

## الياس ڪرمل جبل تي

16 پوءِ عبدياه اخي‌اب بادشاهہ کي وڃي ٻڌايو ۽ اخي‌اب الياس سان
ملڻ آيو. 17 جڏهن اخي‌اب الياس کي ڏٺو تڏهن کيس چيائين تہ ”اي
اسرائيل کي آزاريندڙ! تون هتي آهين؟“ 18 الياس ورندي ڏيئي کيس
چيو تہ ”مون اسرائيل کي نہ آزاريو آهي. پر تو ۽ تنهنجي پيءُ عمريءَ
جي گهراڻي اسرائيل کي آزاريو آهي. تو خداوند جي حڪمن کي مڃڻ
ڇڏي ڏنو آهي ۽ بعل ديوتا جي پٺيان لڳو آهين. 19 هاڻ اسرائيل جي
سڀني ماڻهن کي ڪرمل جبل تي گهرائي مون وٽ گڏ ڪر. بعل ديوتا
جي ساڍن چئن سون نبي سڏائيندڙن ۽ يسيره ديويءَ جي چئن سون
نبي سڏائيندڙن کي بہ گهراءِ جن جي راڻي ايزبل حمايت ڪري ٿي.“
20 سو اخي‌اب بادشاهہ سڀني اسرائيل وارن کي ۽ سڀني نبي
سڏائيندڙن کي ڪرمل جبل تي گهرايو. 21 تڏهن الياس سڀني ماڻهن
جي اڳيان بيهي چوڻ لڳو تہ ”اوهين ڪيستائين بہ دليا ٿي رهندا؟
جيڪڏهن خداوند ئي خدا آهي تہ انهيءَ جي پٺيان لڳو، پر جيڪڏهن
بعل خدا آهي تہ پوءِ انهيءَ جي پٺيان لڳو.“ پر ماڻهن ڪجهہ بہ نہ
ڪُڇيو.
22 تڏهن الياس کين چيو تہ ”خداوند جي نبين مان فقط آءٌ ئي هڪڙو
نبي وڃي بچيو آهيان، پر بعل ديوتا جا نبي سڏائيندڙ ساڍا چار سؤ
آهن. 23 هاڻ هيئن ڪريو جو بہ ڍڳا آڻيو. بعل ديوتا جا نبي سڏائيندڙ
انهن مان هڪڙو چونڊين، انهيءَ کي ڪهي ٽڪرا ٽڪرا ڪن ۽ اهو
ڪاٺين تي رکن، پر کيس باهہ نہ ڏين. ٻئي ڍڳي سان آءٌ بہ ائين ئي
ڪندس ۽ ڪاٺين تي آڻي رکندس، پر کيس باهہ نہ ڏيندس. 24 پوءِ
اهي پنهنجي معبود جو نالو وٺي انهيءَ کي سڏين ۽ آءٌ پنهنجي معبود
خداوند جو نالو وٺي انهيءَ کي سڏيندس. پوءِ جنهن جي معبود باهہ
لڳائي ورندي ڏني، سو ئي حقيقي معبود آهي.“ تڏهن سڀني ماڻهن
چيو تہ ”تون جيڪي چوين ٿو سو ٺيڪ آهي.“

25 الياس بعل ديوتا جي نبي سڏائيندڙن کي چيو تہ ”اوهين تہ گهڻا
آهيو، سو پهريائين اوهين پنهنجي لاءِ هڪڙو ڍڳو ڪڍي تيار ڪريو،
پر ڪاٺين کي باهہ نہ لڳايو. پوءِ اوهين پنهنجي معبود کي سڏيو.“
26 تڏهن هنن هڪڙو ڍڳو ورتو ۽ انهيءَ کي تيار ڪيائون. پوءِ هنن
صبح کان وٺي منجهند تائين پئي بعل ديوتا کي سڏيو ۽ رڙيون ڪري
پئي چيائون تہ ”اي بعل! اسان کي سڏ ڏي.“ پر ڪوبہ جواب، بہ ڪا
ورندي ڪانہ آئي. جيڪا قربان‌گاهہ ٺاهي هئائون تنهن جي چوڌاري
هو نچندا پئي رهيا. 27 جڏهن منجهند ٿي تہ الياس هنن تي ٺٺوليون
ڪري چوڻ لڳو تہ ”اچا وڏي آواز سان سڏيوس. واهہ جو هو معبود
آهي! شايد ڪنهن گهري سوچ ۾ آهي، يا ڪنهن ڪم ۾ رڌل آهي،
يا ڪنهن سفر تي ويو آهي، يا شايد هو سمهيو پيو هجي، سو ڪيس
جاڳڻ گهرجي.“ 28 تڏهن هنن وڏيون رڙيون ڪيون ۽ پنهنجي دستور
موجب تلوارن ۽ ڀالن سان پاڻ کي چيهہ ڏنائون، تان جو سندن جسمن
مان رت وهڻ لڳو. 29 شام جو قرباني ڪرڻ جي وقت تائين هو بڪ
بڪ ڪندا رهيا، پر ڪوبہ جواب نہ آيو، نہ وري ڪو آواز ئي ٻڌو ويو.
30 تڏهن الياس سڀني ماڻهن کي چيو تہ ”منهنجي ويجهو اچو.“
سو سڀيئي ماڻهو ڪيس ويجهو ٿي ويا ۽ خداوند جي قربان‌گاهہ جيڪا
ڊٺل هئي تنهن جي مرمت لاءِ 31 الياس ٻارهن پٿر ڪنيا، جيڪي يعقوب
جي نسل يعني بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن جي تعداد موجب هئا.
هي يعقوب اهو هو جنهن کي خداوند چيو هو تہ ”تنهنجو نالو اسرائيل
ٿيندو.“ 32 انهن پٿرن سان هن خداوند جي نالي تي مخصوص انهيءَ
قربان‌گاهہ جي مرمت ڪئي ۽ قربان‌گاهہ جي چوڌاري هن ايتري وڏي
هڪڙي کڏ کوٽي، جنهن ۾ اٽڪل پندرهن ليٽر پاڻي ماپي سگهي.
33 پوءِ هن ڪاٺيون ٺاهي رکيون ۽ ڍڳي کي ڪهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري
انهن ڪاٺين تي رکيائين. پوءِ چيائين تہ ”چار دلا پاڻيءَ سان ڀريو ۽
اهي ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ ڪاٺين تي هاريو.“ هنن ائين ئي ڪيو.
34 هن وري چيو تہ ”ٻيو ڀيرو بہ ائين ڪريو“ ۽ انهن ٻيو ڀيرو بہ ائين
ئي ڪيو. هن چيو تہ ”ٽيون ڀيرو بہ ائين ڪريو“ ۽ هنن ٽيون ڀيرو بہ
ائين ئي ڪيو. 35 پاڻي قربان‌گاهہ جي چوڌاري وهڻ لڳو تان جو اُها
کڏ ڀرجي ويئي.

36 شام جو قرباني پيش ڪرڻ وقت الياس نبي قربان‌گاهہ جي
ويجهو اچي دعا گهرندي چيو تہ ”اي خداوند! اي ابراهيم، اسحاق
۽ يعقوب جا خدا! اڄوڪي ڏينهن اهو ثابت ڪر تہ تون ئي بني
اسرائيل جو خدا آهين ۽ اهو بہ تہ آءٌ تنهنجو ٻانهو آهيان. مون هي
جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو سڀ تنهنجي حڪم سان ڪيو اٿم. 37 اي
خداوند! مون کي سڏ ڏي، مون کي سڏ ڏي، تہ جيئن هي ماڻهو
ڄاڻي وٺن تہ اي خداوند! تون ئي خدا آهين ۽ تون وري هنن جون
دليون پاڻ ڏانهن ڦيرائڻ وارو آهين.“ 38 تڏهن خداوند باهہ موڪلي ۽
ساڙڻ واري قربانيءَ جي جانور، ڪاٺين ۽ پٿرن کي ساڙي ڇڏيائين،
زمين کي لهس پهچايائين ۽ کڏ ۾ جيڪو پاڻي هو سو بہ سڪي ويو.
39 جڏهن انهن سڀني ماڻهن اهو ڏٺو تڏهن سجدي ۾ ڪري پيا ۽ چوڻ
لڳا تہ ”بيشڪ خداوند ئي خقيقي معبود آهي.“ 40 پوءِ الياس حڪم
ڏنو تہ ”بعل ديوتا جي نبي سڏائيندڙن کي پڪڙيو ۽ ڪنهن کي بہ
ڀڄڻ نہ ڏيو.“ ماڻهن انهن سڀني کي پڪڙي ورتو. پوءِ الياس انهن
کي قيسون جي برساتي نهر ۾ وٺي آيو ۽ اُتي کين مارائي ڇڏيائين.

## خشڪ ساليءَ جو خاتمو

41 پوءِ الياس نبيءَ اخي‌اب بادشاهہ کي چيو تہ ”تون هاڻي اٿي
کاءُ پيءُ، ڇالاءِ‌جو مون کي گهڻي مينهن جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي.“
42 سو اخي‌اب کائڻ پيئڻ لاءِ اٿيو، پر الياس ڪرمل جبل جي چوٽيءَ
تي چڙهي ويو، جتي هو پنهنجن گوڏن ۾ منهن وجهي زمين تي
جهڪي ويهي رهيو. 43 پوءِ الياس پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو تہ ”وڃ
۽ سمنڊ ڏانهن ڏس.“ تڏهن هو ويو ۽ سمنڊ ڏانهن نهاريائين. موٽي
اچي چيائين تہ ”مون تہ ڪجهہ بہ نہ ڏٺو.“ ست دفعا الياس هن کي
چيو تہ ”وڃ ۽ ڏس.“ 44 ستين ڀيري نوڪر اچي کيس ٻڌايو تہ ”سمنڊ
مان هڪڙو ننڍڙو ڪڪر ٿو اچي جيڪو ماڻهوءَ جي هٿ جيڏو آهي.“
تڏهن الياس پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو تہ ”وڃي اخي‌اب بادشاهہ کي
چئُہ تہ ’جلدي پنهنجيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي هيٺ لهي وڃ متان مينهن
تو کي هيٺ لهڻ کان روڪي ڇڏي.‘“
45 ٿوري وقت ۾ آسمان ڪڪرن سان ڪارو ٿي ويو، هوا گهلڻ لڳي
۽ ڏاڍو مينهن پوڻ لڳو. اخي‌اب پنهنجي گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي
يزرعيل شهر ڏانهن هليو ويو. 46 خداوند جو هٿ الياس نبيءَ تي هو.
سو هن چادر سان پنهنجو سندرو ٻڌو ۽ يزرعيل شهر تائين اخي‌اب
جي گاڏيءَ اڳيان ڊوڙندو ويو.

## الياس جو سينا جبل ڏانهن ڀڄڻ

19 1 بادشاهہ اخي‌اب پنهنجيءَ زال ايزبل کي اهو سڀ ڪجهہ
ٻڌايو جيڪي الياس ڪيو هو ۽ اهو بہ تہ ڪيئن هن بعل ديوتا
جي سڀني نبي سڏائيندڙن کي مارايو. 2 تڏهن راڻي ايزبل هڪڙي
قاصد جي هٿان الياس کي چوائي موڪليو تہ ”جيڪڏهن سڀاڻي هن
وقت ذاري مون تو سان ائين نہ ڪيو جيئن تو بعل جي انهن نبين
سان ڪيو هو تہ پوءِ ڀلي تہ ديوتا مون کي ماري ڇڏين.“ 3 الياس
ڊڄي ويو ۽ پنهنجي جان بچائڻ خاطر اُتي ڀڄي ويو. جڏهن هو يهوداہ
واري بيرسبع شهر ۾ آيو تڏهن پنهنجي ماڻهوءَ کي اتي ڇڏي ڏنائين،
4 پر پاڻ هڪڙي ڏينهن جي پنڌ تي بيابان ۾ هليو ويو. اُتي هو لئيءَ
جي هڪڙي وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهيو ۽ خدا کان پنهنجي مرڻ جي
دعا گهريائين تہ ”اي خداوند! هاڻي بس، منهنجا ڏينهن پورا ڪر.

31:18 ڀيد 28:32، 10:35 42:18–45 يع 18:5 4:19 يون 3:4

آءٌ پنهنجن ابن ڏاڏن کان بهتر ناهيان جو نه مران.“ 5 پوءِ هو انهيءَ
وڻ هيٺ ليٽي پيو ۽ ننڊ وٺي ويس.
تڏهن اوچتو هڪ ملائڪ کيس هٿ لائي جاڳائي چيس ته ”اُٿ ۽
ماني کاءُ.“ 6 هن اکيون کڻي نهاريو ته ڇا ڏسي ته سندس مٿي کان
ٽاندن تي پڪل هڪڙو ڍوڍو ۽ پاڻيءَ جو دلو رکيو آهي. هن اٿي کاڌو
پيتو ۽ وري سمهي پيو. 7 خداوند جو ملائڪ وري ٻيو ڀيرو وٽس آيو
۽ کيس هٿ لائي جاڳائي چيائينس ته ”اٿ ماني کاءُ، ڇوته تو کي
وڏو سفر ڪرڻو آهي.“ 8 سو هن اٿي کاڌو ۽ پيتو. انهيءَ کاڌي جي
طاقت سان هو چاليهه ڏينهن ۽ چاليهه راتيون سفر ڪري خدا جي
جبل سينا وٽ اچي پهتو. 9 اتي هو هڪڙي غار ۾ گهڙي ويو ۽ رات
اتي ئي گذاريائين. تڏهن اوچتو خداوند ساڻس ڳالهايو ته ”اي الياس!
تون هتي ڇا ٿو ڪرين؟“ 10 الياس ورندي ڏيئي چيو ته ”آءٌ تو خداوند،
قادرِمطلق خدا لاءِ تمام سرگرم رهيو آهيان، جڏهن ته اسرائيل وارن
تنهنجي عهد کي ڇڏي ڏنو آهي، تنهنجون قربان‌گاهون ڊاهي ڇڏيون
اٿن ۽ تنهنجي نبين کي تلوار سان ماري ڇڏيو اٿائون. انهن نبين مان
رڳو آءٌ ئي وڃي بچيو آهيان ۽ هاڻ هو مون کي به مارڻ پٺيان آهن.“
11 خداوند کيس چيو ته ”ٻاهر نڪر ۽ جبل تي مون خداوند جي
حضور ۾ هلي بيهه. آءٌ خداوند اتان لنگهڻ وارو آهيان.“ انهيءَ ئي
مهل سخت زوردار طوفان لڳڻ ڪري جبل ڦاٽي پيا ۽ ٽڪرَ پورا پورا
ٿي ويا، پر خداوند طوفان ۾ ڪونه هو. طوفان کان پوءِ زلزلو آيو،
پر خداوند زلزلي ۾ به ڪونه هو. 12 زلزلي کان پوءِ باهه آئي، پر
خداوند باهه ۾ به ڪونه هو. باهه کان پوءِ هڪڙو سس پس جهڙو
هلڪو آواز آيو. 13 جڏهن الياس اهو ٻڌو تڏهن چادر سان پنهنجو
منهن ڍڪي نڪري اچي غار جي منهن وٽ اندران ئي بيهي رهيو.
تڏهن انهيءَ آواز کيس چيو ته ”اي الياس! تون هتي ڇا ٿو ڪرين؟“
14 الياس وراڻيو ته ”آءٌ تو خداوند، قادرِمطلق خدا لاءِ تمام سرگرم
رهيو آهيان، جڏهن ته اسرائيل وارن تنهنجي عهد کي ڇڏي ڏنو آهي،
تنهنجون قربان‌گاهون ڊاهي ڇڏيون اٿن ۽ تنهنجي نبين کي تلوار سان
ماري ڇڏيو اٿائون. انهن نبين مان رڳو آءٌ ئي وڃي بچيو آهيان ۽ هاڻ
هو مون کي به مارڻ پٺيان آهن.“
15 خداوند کيس چيو ته ”پوئتي موٽ ۽ بيابان منجهان دمشق ڏانهن
وڃ. جڏهن تون اتي پهچين تڏهن حزائيل کي مسح ڪري ارام ملڪ
جو بادشاهه مقرر ڪر. 16 نمشيءَ جي پوٽي ييهوءَ کي پڻ مسح ڪري
اسرائيل جو بادشاهه مقرر ڪر ۽ ابيل محولاه واري اليشع ولد شافاط
کي مسح ڪر ته هو تنهنجي جاءِ تي نبي ٿئي. 17 جيڪو حزائيل جي
تلوار کان بچي نڪرندو تنهن کي ييهو ماريندو ۽ جيڪو ييهوءَ جي
تلوار کان بچي نڪرندو تنهن کي اليشع ماريندو. 18 انهيءَ هوندي
به آءٌ پنهنجي لاءِ اسرائيل ملڪ ۾ ست هزار ماڻهو ڇڏيندس يعني
اهي سڀيئي جن جا گوڏا بعل ديوتا اڳيان سجدي ڪرڻ لاءِ نه جهڪيا
آهن ۽ جن جي چپن انهيءَ کي نه چميو آهي.“

## اليشع کي ڪوٺ

19 سو الياس اتان روانو ٿيو ۽ وڃي اليشع ولد شافاط کي لڌائين
جيڪو زمين ۾ هر ڪاهي رهيو هو. ڪل ٻارهن جوٽون هيون. ٻارهن
جوٽون کانئس اڳيان هيون، هو پاڻ ٻارهين يعني آخري جوٽ سان هو.
الياس وٽس ويو ۽ پنهنجي چادر لاهي هن جي مٿان اڇلائي وڌائين.
20 تڏهن اليشع ڏاند ڇڏي الياس جي پٺيان ڊوڙيو ۽ کيس چوڻ لڳو
ته ”مهرباني ڪري مون کي پنهنجي ماءُپيءُ کي پيرين پئي الوداع
چوڻ ڏيو. پوءِ مان توهان جي پٺيان هليو هلندس.“ تڏهن الياس کيس
چيو ته ”ڀلي ڀلي جهليئي! پر مون جيڪي تو سان ڪيو سو سمجهه
۾ نه آيئه؟“ 21 تنهن تي اليشع موٽي وڃي پنهنجو ڏاندن جو جوڙو
ڪٺي ڪُنو. هن هر ۽ پاڃاري کي باهه ڏئي گوشت پچايو ۽ اهو ماڻهن
کي ڏنائين، جن اهو کاڌو. تنهن کان پوءِ هو الياس جي پٺيان روانو
ٿيو ۽ سندس خدمتگار بڻيو.

## بن‌هدد جي سامريه شهر تي ڪاهه

20 1 ارام جي بادشاهه بن‌هدد پنهنجو سارو لشڪر گڏ ڪيو.
ٻين ٻٽيهن حاڪمن جي حمايت سان، جن کي جنگي گاڏيون
۽ گهوڙا هئا، هن سامريه شهر تي چڙهائي ڪري مٿس حملي ڪرڻ
لاءِ ان کي گهيرو ڪيو. 2 هن اسرائيل جي بادشاهه اخي‌اب ڏانهن
شهر ۾ قاصد موڪلي کانئس گهر ڪئي ته 3 ”پنهنجي چاندي،
پنهنجو سون، پنهنجون سهڻيون عورتون ۽ پنهنجا صحتمند ٻار مون
بن‌هدد جي حوالي ڪر.“
4 اسرائيل جي بادشاهه ورندي ڏياري موڪليس ته ”اي بادشاهه،
منهنجا آقا! جيئن اوهان جو حڪم، آءٌ ۽ جيڪي ڪجهه مون وٽ
آهي سو سڀ اوهان جو آهي.“ 5 بعد ۾ قاصد وري اخي‌اب وٽ
موٽي آيا ۽ بن‌هدد جو نياپو ڏنائونس ته ”مون تو کي نه چيو هو ڇا
ته ’پنهنجي چاندي، پنهنجو سون، پنهنجون عورتون ۽ پنهنجا ٻار
منهنجي حوالي ڪر‘؟ 6 سو سڀاڻي هن وقت ڌاري آءٌ پنهنجا سالار
موڪليندس جيڪي تنهنجي محل ۽ تنهنجي عملدارن جي گهرن جي
تلاشي وٺندا. هنن کي جيڪا به شيءِ وڻندي سا هو کڻي ايندا.“
7 تڏهن اسرائيل جي بادشاهه اخي‌اب ملڪ جي سڀني اڳواڻن کي
گهرايو ۽ کين چيائين ته ”ڏسو ته هي ماڻهو ڪيڏي نه شرارت تي
لهي آيو آهي. هن ماڻهو موڪلي مون کان منهنجون عورتون، منهنجا
ٻار، منهنجي چاندي ۽ منهنجو سون گهريو ۽ مون سندس تابعداري
مڃي.“ 8 تنهن تي انهن اڳواڻن ۽ ٻين ماڻهن کيس چيو ته ”انهيءَ
ماڻهوءَ ڏانهن ڌيان نه ڏيو ۽ هار نه مڃيو.“ 9 سو اخي‌اب بن‌هدد جي

قاصدن کي ورندي ڏني تہ ”منهنجي آقا بادشاهہ کي چئو تہ ’جيڪي
توهان پهريائين مون پنهنجي ٻانهي کان گهريو هو سو آءٌ ڪرڻ لاءِ تيار
آهيان. پر اوهان جي هيءَ زبردستي مون کان برداشت نہ ٿيندي.‘ “
قاصد ورندي کڻي بن‌هدد ڏانهن روانا ٿيا. 10 پوءِ بن‌هدد وري ٻيو
پيغام اخي‌اب ڏانهن موڪليو تہ ”آءٌ تنهنجي شهر سامريہ کي تباهہ
ڪرڻ لاءِ ايترا تہ ماڻهو وٺي ايندس جو هو جيڪڏهن سامريہ شهر
جي مٽيءَ مان هڪ هڪ مٺ بہ کڻندا تہ مٽي کپي ويندي. جيڪڏهن
آءٌ ائين نہ ڪريان تہ پل تہ منهنجا ديوتا مون کي ماري ڇڏين.“
11 بادشاهہ اخي‌اب جواب ڏنو تہ ”وڃي بن‌هدد کي ٻڌايو تہ
’جنگي جوڌا جنگ کان پوءِ ٻٽاڪون هڻندا آهن، جنگ کان اڳ ۾
نہ.‘ “ 12 جڏهن بن‌هدد اها ورندي ٻڌي تڏهن هو ٻين حاڪمن سان
گڏ تنبن ۾ مئي پي رهيو هو. انهيءَ وقت بن‌هدد پنهنجي لشڪر کي
حڪم ڏنو تہ ”حملي لاءِ تيار ٿيو.“ سو هو تيار ٿي بيٺا.

## اخي‌اب جو بن‌هدد کي هارائڻ

13 انهيءَ وچ ۾ اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب وٽ هڪڙو نبي آيو
۽ کيس چيائين تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’تون هي هيڏو سارو لشڪر
ڏسين ٿو؟ اهو اڄ آءٌ تنهنجي هٿن ۾ ڏيندس ۽ پوءِ تو کي خبر پوندي تہ
آءٌ ئي خداوند آهيان.‘ “ 14 اخي‌اب پڇيو تہ ”لشڪر مان اڳ ۾ ڪير
وڙهندو؟“ نبيءَ وراڻيو تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’پرڳڻن جي اعليٰ
عملدارن جي هٿ هيٺ جوان سپاهي وڙهندا.‘ “ وري اخي‌اب پڇيو
تہ ”جنگ جي اڳواٽي ڪير ڪري؟“ نبيءَ ورندي ڏنس تہ ”تون.“
15 تڏهن اخي‌اب پرڳڻن جي اعليٰ عملدارن جا جوان سپاهي گهرايا،
جيڪي بہ سؤ ٻٽيهہ هئا. تنهن کان پوءِ هن اسرائيل جي باقي فوج
گهرائي جيڪي جملي ست هزار ڄڻا هئا. 16 اخي‌اب جو لشڪر منجهند
جو حملي لاءِ روانو ٿيو، تنهن وقت بن‌هدد پنهنجن ٻين ٻٽيهہ حمايتي
حاڪمن سان گڏ تنبن ۾ پيئندي پيئندي نشي ۾ مدهوش لڳو پيو هو.
17 پرڳڻن جي اعليٰ عملدارن جا جوان سپاهي اڳ ۾ ٿي هليا. تڏهن
بن‌هدد کي ٻڌايو ويو تہ ”فوج جو هڪڙو جٿو سامريہ مان اچي رهيو
آهي.“ 18 تنهن تي بن‌هدد حڪم ڏنو تہ ”کين جيئرو گرفتار ڪريو،
پوءِ ڪٿي هو جنگ لاءِ ايندا هجن يا صلح لاءِ.“ 19 پرڳڻن جي اعليٰ
عملدارن جا نوجوان سپاهي شهر مان اڳ ۾ روانا ٿيا ۽ پٺيان لشڪر
سندن پٺيان هليو. 20 انهن حملو ڪري پنهنجي پنهنجي مقابلي ڪندڙ
کي ماري ڇڏيو. انهيءَ تي ارامي اٿي ڀڳا ۽ اسرائيل جا ماڻهو انهن
جو پيڇو ڪرڻ لڳا. پر بادشاهہ بن‌هدد گهوڙي تي سوار ٿي ڪجهہ
گهوڙي سوار سپاهين سان گڏ جان بچائي ڀڄي ويو. 21 اسرائيل جو
بادشاهہ اخي‌اب جنگ جي ميدان ۾ آيو، گهوڙن ۽ جنگي گهوڙي
گاڏين کي قبضي ۾ ورتائين ۽ ارامين کي وڏي شڪست ڏنائين.
22 تنهن بعد اُهو نبي بادشاهہ اخي‌اب وٽ آيو ۽ چيائينس تہ ”هاڻ
موٽي وڃ ۽ پنهنجي فوجي قوت وڌاءِ ۽ چڱيءَ طرح سان منصوبابندي
ڪر، ڇالاءِجو ايندڙ سال ارام جو بادشاهہ وري تو تي حملو ڪندو.“

## بن‌هدد جي ٻي ڪاهہ

23 ارام جي بادشاهہ بن‌هدد کي سندس عملدارن چيو تہ ”اسرائيل
وارن جا معبود جابلو علائقن جا ديوتا آهن. اهو ئي سبب آهي جو
هو اسان کان ڏاڍا ٿيا. پر جيڪڏهن اسين هنن سان ميداني علائقن ۾
وڙهون تہ يقيناً هن دفعي اسان هنن کان ڏاڍا ٿينداسين. 24 هاڻ هيئن
ڪريو جو ٻٽيهن ئي حاڪمن کي سپهہ‌سالاريءَ تان هٽائي انهن جي
جاءِ تي ٻيا سپهہ‌سالار مقرر ڪريو. 25 اوهان جو جيترو لشڪر مارجي
ويو هو اوترو ئي لشڪر وري تيار ڪريو، گهوڙن ۽ گهوڙي گاڏين
جو تعداد بہ اوترو ئي وڌايو. پوءِ اسين اسرائيل وارن سان ميدان ۾
وڙهنداسين ۽ يقيناً هن دفعي اسان هنن کان ڏاڍا ٿينداسين.“ بن‌هدد
هنن جي ڳالهہ مڃي ۽ ائين ئي ڪيائين.
26 ٻئي سال هن پنهنجو ارامي لشڪر ڪٺو ڪيو ۽ اسرائيل وارن
سان وڙهڻ لاءِ افيق شهر ڏانهن ويو. 27 هوڏانهن اسرائيل وارن کي
گڏ ڪيو ويو ۽ اهي هٿيار پنهوار ڪٺي هنن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ
نڪتا. اسرائيل وارا ارامين جي اڳيان خيما کوڙي ويٺا تہ ائين ٿي لڳو
ڄڻ ٻڪرين جا بہ ننڍڙا ڌڻ هجن. هوڏانهن ارامي ساري علائقي ۾
پکڙيا پيا هئا.
28 تڏهن هڪڙو خدا جو ٻانهو اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب وٽ
آيو ۽ کيس چيائين تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’جيئن تہ ارامي سوچين
ٿا تہ آءٌ خداوند جبلن جو ديوتا آهيان نہ ميدانن جو، تنهنڪري هيڏو
سارو وڏو لشڪر آءٌ تنهنجي هٿن ۾ ڏيندس ۽ تو کي خبر پوندي تہ
آءٌ ئي خداوند آهيان.‘ “
29 ستن ڏينهن تائين اسرائيل وارا ۽ ارامي هڪ ٻئي جي سامهون
خيما کوڙي جنگ لاءِ تيار پيا ٿيا. ستين ڏينهن تي اچي دوبدو جنگ
لڳي ۽ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ اسرائيل وارن ارامين جا هڪ لک پيادا
ماري ڇڏيا. 30 باقي ٻيا جيڪي بچيا سي افيق شهر ۾ اندر ڀڄي ويا
جتي انهن بچي ويلن مان ستاويهہ هزار ماڻهن مٿان ڀت ڪري پيئي.
بن‌هدد پڻ شهر ۾ ڀڄي هڪڙي گهر جي اندرين ڪوٺيءَ ۾ وڃي لڪو.
31 بن‌هدد جا عملدار وٽس ويا ۽ کيس چيائون تہ ”اسان ٻڌو آهي تہ
اسرائيل جا بادشاهہ رحمدل هوندا آهن. سو اسان کي موڪل ڏيو تہ
اسين پنهنجن چيلهن تي ڪٿا ويڙهي ۽ پنهنجين ڳچين ۾ ڳارا وجهي
اسرائيل جي بادشاهہ وٽ وڃون. ٿي سگهي ٿو تہ هو اوهان کي
جيئدان ڏئي.“ 32 سو هو پنهنجين چيلهن سان ڪٿا ويڙهي ۽ ڳچين ۾
ڳارا وجهي اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب وٽ ويا ۽ کيس چيائون تہ
”اوهان جو ٻانهو بن‌هدد عرض ڪري چوي ٿو تہ ’مهرباني ڪري
مون کي جيئدان ڏيو.‘ “ اخي‌اب بادشاهہ وراڻيو تہ ”ڇا هو اڃان
جيئرو آهي؟ ٺيڪ آهي، هينئر هو منهنجو ڀاءُ آهي.“ 33 جيئن تہ هو
نهايت ڌيان ڏيئي رهيا هئا تہ بادشاهہ جي نيت معلوم ڪري وٺن، سو
سندس ڳالهہ ٻڌندي ئي هڪدم ورجايائون تہ ”هائو، بن‌هدد اوهان جو
ڀاءُ آهي.“ پوءِ بادشاهہ اخي‌اب کين چيو تہ ”وڃو ۽ انهيءَ کي وٺي

اچو." جڏهن بن‌هدد وٽس آيو تڏهن اخي‌اب کيس پاڻ سان پنهنجي
گهوڙي گاڏيءَ ۾ چاڙهي ويهاريو. 34 بن‌هدد اخي‌اب کي چيو ته
"جيڪي شهر منهنجي پيءُ تنهنجي پيءُ کان کسيا هئا سي آءٌ اوهان
کي موٽائي ڏيندس ۽ پوءِ توهين ڀلي دمشق شهر ۾ واپار لاءِ بازاريون
ٺهرايو جيئن منهنجي پيءُ سامريه شهر ۾ ٺهرايون هيون." تڏهن
اخي‌اب کيس چيو ته "انهن شرطن تي آءٌ تو کي ڇڏي ڏيندس." سو
بن‌هدد اخي‌اب سان اهو معاهدو ڪيو، پوءِ اخي‌اب کيس موڪل ڏني.

## نبيءَ جو اخي‌اب کي ننديڻ

35 نبين جي ٽولي مان هڪڙي ڄڻي خداوند جي حڪم سان ٻئي کي
چيو ته "مون کي ڌڪ هڻي زخمي ڪر." پر انهيءَ ائين ڪرڻ کان
انڪار ڪيو. 36 تڏهن هن انهيءَ انڪار ڪندڙ کي چيو ته "جيئن ته
تو خداوند جو حڪم نه مڃيو آهي تنهنڪري جيئن ئي تون مون وٽان
ويندين تيئن هڪڙو شينهن تو کي ماري ڇڏيندو." سو هو جيئن ئي
انهيءَ وٽان روانو ٿيو ته رستي ۾ شينهن به اچي پهتس ۽ کيس
ماري وڌائين.
37 پوءِ انهيءَ ساڳئي نبيءَ هڪڙي ٻئي کي چيو ته "مهرباني ڪري
مون کي ڌڪ هڻي زخمي ڪر." سو انهيءَ ماڻهوءَ کيس ڌڪ هڻي
زخمي ڪري وڌو. 38 تڏهن اهو نبي وڃي رستي تي بيهي اسرائيل
جي بادشاهه جي گذرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي اڌ منهن
تي پٽي ٻڌي ڇڏي ته جيئن ڪو کيس سڃاڻي نه سگهي. 39 جڏهن
بادشاهه اتان اچي لنگهيو ته انهيءَ نبيءَ سڏ ڪري چيس ته "اوهان
جو ٻانهو جنگ هلندي اتي ويو هو، تڏهن اُتي هڪڙو ماڻهو هڪڙي
جنگي قيديءَ کي مون وٽ وٺي آيو ۽ چيائين ته 'هن ماڻهوءَ کي
قابو ڪر. جيڪڏهن ڪنهن به طرح هو غائب ٿي ويو ته پوءِ هن
جي جان جي بدلي ۾ تنهنجي جان ورتي ويندي، يا تو کي چانديءَ
جا پنجٽيهه ڪلوگرام ڀري ڏيڻا پوندا.' 40 پر جڏهن آءٌ ڪن ڪمن
۾ مصروف هيس ته اهو ماڻهو ڀڄي ويو." تنهن تي اسرائيل جي
بادشاهه کيس وراڻيو ته "تو پنهنجو فيصلو پاڻ ڪري ڇڏيو آهي.
سو تو کي هرجاڻو ڀري ڏيڻو پوندو."
41 تڏهن انهيءَ نبي جلديءَ ۾ پنهنجي منهن تان پٽي لاٿي ۽
اسرائيل جي بادشاهه هن کي ڏسي سڃاتو ته هي ته نبين جي ٽولي
مان هڪ نبي آهي. 42 پوءِ انهي نبيءَ چيس ته "خداوند فرمائي ٿو ته
'تو هڪ واجب‌القتل ماڻهوءَ کي ڇڏي ڏنو آهي، تنهنڪري هن جي
جان جي عيوض تنهنجي جان ورتي ويندي ۽ تنهنجي فوج کي هن
جي فوج جي عيوض تباهه ڪندس.'"
43 تڏهن اسرائيل جو بادشاهه ٽپي باهه ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ سامريه
شهر ڏانهن پنهنجي محل ۾ موٽي آيو.

## نابوت جو انگورن جو باغ

21 1 نابوت نالي هڪ شخص جو هڪڙو انگورن جو باغ هو،
جيڪو يزرعيل شهر ۾ بادشاهه اخي‌اب جي محل جي لڳو
لڳ هو. 2 هڪڙي ڏينهن اخي‌اب نابوت کي چيو ته "جيئن ته
تنهنجو انگورن جو باغ منهنجي محل جي لڳو لڳ آهي، سو اهو
مون کي ڏي ته انهيءَ کي ڀاڄين جو باغ بڻايان. انهيءَ جي عيوض
آءٌ تو کي انهيءَ کان بهتر انگورن جو باغ ڏيندس، يا جيڪڏهن تون
چاهين ته آءٌ تو کي انهيءَ جي رقم ڏيان." 3 پر نابوت اخي‌اب کي
چيو ته "اهو خدا جي حڪم جي خلاف آهي جو آءٌ پنهنجن ابن ڏاڏن
جو ورثو توهان کي ڏيان."
4 سو اخي‌اب ٽپي باهه ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ پنهنجي گهر ڏانهن
هليو ويو، ڇوته نابوت کيس چيو هو ته "آءٌ پنهنجن ابن ڏاڏن جو
ورثو تو کي نه ڏيندس." سو هو پنهنجي بستري تي منهن ورائي
سمهي پيو ۽ ماني به نه کاڌائين. 5 پوءِ جڏهن سندس زال ايزبل
وٽس آئي تڏهن کانئس پڇيائين ته "تون ايترو غمگين ڇو آهين جو
ماني به نه ٿو کائين؟" 6 هن کيس ورندي ڏني ته "هن ڪري جو
مون نابوت کي چيو ته 'پنهنجو انگورن جو باغ پيسن سان مون کي
ڏي، يا جيڪڏهن چاهين ته آءٌ تو کي انهيءَ جي عيوض ٻيو انگورن
جو باغ ڏيان.' مگر هن جواب ڏنو ته 'آءٌ پنهنجو انگورن جو باغ
تو کي نه ڏيندس.'" 7 تڏهن سندس زال ايزبل کيس چيو ته "تون
اسرائيل ملڪ جو بادشاهه ناهين ڇا؟ هاڻ اٿي ماني کاءُ ۽ دلجاءِ ڪر.
نابوت کان انگورن جو باغ تو کي آءٌ وٺي ڏيندس."
8 پوءِ سندس زال ايزبل اخي‌اب جي نالي سان خط لکيا جن تي
اخي‌اب جي مُهر هنيائين. هن اهي خط انهن اڳواڻن ۽ اميرن ڏانهن
موڪليا جيڪي يزرعيل شهر ۾ رهندا هئا جتي نابوت پڻ رهندو هو.
9 انهن خطن ۾ هن لکيو ته "روزي رکڻ جي ڏينهن جو اعلان ڪريو،
ماڻهن کي گڏ ڪريو ۽ انهن ۾ نابوت کي خاص جاءِ تي ويهاريو.
10 ٻه بدمعاش ماڻهو هن جي سامهون ويهاريو ۽ انهن کان نابوت
خلاف شاهدي ڏياريو ته نابوت خدا ۽ بادشاهه جي شان ۾ گستاخي
ڪئي آهي. تنهن کان پوءِ انهيءَ کي ٻاهر وٺي وڃي سنگسار ڪري
ماري ڇڏيو."
11 سو انهيءَ شهر جي اڳواڻن ۽ اميرن ائين ئي ڪيو جيئن ايزبل
کين خطن ۾ لکي موڪليو هو. 12 هنن روزي رکڻ جي ڏينهن جو
اعلان ڪيو ۽ ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ نابوت کي تن ۾ خاص جاءِ تي
ويهاريو. 13 پوءِ ٻه بدمعاش ماڻهو اچي نابوت جي سامهون ويٺا ۽
انهيءَ جي خلاف شاهدي ڏيندي چيائون ته "نابوت خدا ۽ بادشاهه
جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي." تڏهن نابوت کي شهر کان ٻاهر آندو

36:20 1.با 24:13   3:21 لاو 23:25–28

ويو ۽ کيس سنگسار ڪري ماريو ويو. 14 تنهن کان پوءِ ايزبل ڏانهن
چوائي موڪليو ويو تہ ”نابوت کي سنگسار ڪري ماريو ويو آهي.“
15 جڏهن ايزبل ٻڌو تہ نابوت کي سنگسار ڪري ماريو ويو آهي،
تڏهن بادشاهہ اخي‌اب کي چيائين تہ ”نابوت مري چڪو آهي. سو
اٿ ۽ انگورن جي انهيءَ باغ تي قبضو ڪر جيڪو هن تو کي پيسن
تي بہ ڏيڻ نہ ٿي چاهيو.“ 16 جڏهن اخي‌اب نابوت جي مرڻ جي
ڳالهہ ٻڌي تڏهن وڃي سندس انگورن جي باغ تي قبضو ڪيائين.
17 پوءِ خداوند الياس تشبيءَ کي چيو تہ 18 ”اسرائيل جو بادشاهہ
اخي‌اب جيڪو سامريہ ۾ رهي ٿو تنهن وٽ وڃ. هن وقت هو يزرعيل
شهر ۾ نابوت جي انگورن جي باغ ۾ آهي، جنهن تي هو قبضو ڪرڻ
لاءِ ويو آهي. 19 انهيءَ کي وڃي مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ
’تو ماڻهوءَ جو خون ڪيو آهي ۽ ان جي ملڪيت بہ ڦري اٿيئي. سو
هاڻ آءٌ خداوند چوان ٿو تہ جنهن جاءِ تي نابوت جو رت ڪتن چٽيو
آهي، انهيءَ ساڳي جاءِ تي تنهنجو رت بہ ڪتا چٽيندا.‘“
20 جڏهن اخي‌اب الياس کي ڏٺو تڏهن کيس چيائين تہ ”اي منهنجا
دشمن! تو مون کي هتي بہ اچي ڳولهي لڌو؟“ الياس کيس وراڻيو
تہ ”هائو، مون تو کي ڳولهي لڌو آهي. تو پاڻ مڪمل طرح اهو ئي
ڪم ڪيو آهي جيڪو خداوند جي نظر ۾ برو آهي. 21 سو خداوند
تو کي فرمائي ٿو تہ ’آءٌ تو تي مصيبت آڻيندس ۽ تنهنجي گهراڻي
کي ناس ڪري ڇڏيندس. آءٌ تنهنجي نرينہ اولاد جو خاتمو آڻيندس،
پوءِ اها آزاد هجي يا غلام. 22 آءٌ تنهنجو گهراڻو يربعام ولد نباط ۽
بعشا ولد اخياہ جي گهراڻن جهڙو ڪري ڇڏيندس، ڇوتہ تو مون کي
ڇڙ ڏياري ڪاوڙايو آهي ۽ اسرائيل وارن کان گناهہ ڪرايو اٿيئي.‘
23 ايزبل جي باري ۾ پڻ خداوند فرمائي ٿو تہ ’يزرعيل شهر جي
ڪوٽ جي پرسان ايزبل جي لاش کي ڪتا چيري ڦاڙي کائي ڇڏيندا.
24 تنهنجو جيڪو بہ مائٽ شهر ۾ مرندو تنهن کي ڪتا کائيندا ۽
جيڪو جهنگ ۾ مرندو تنهن کي ڳجهون کائينديون.‘“
25 اهو ائين چو نہ ٿئي، ڇوجو اخي‌اب جهڙو ٻيو ڪوبہ اهڙو ماڻهو
اڳ ڪونہ ٿيو هو جنهن پاڻ مڪمل طرح اهڙو ڪم ڪيو هجي جيڪو
خدا جي نظر ۾ برو هجي، سو بہ پنهنجي زال جي چوڻ تي! 26 هن
بتن جي پوڄا ڪري تمام ڪراهت جهڙو ڪم ڪيو هو، جيئن اموري
ڪندا هئا، جن کي خداوند بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي ڪڍيو هو.
27 الياس جي انهن ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ اخي‌اب پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙيا، جسم تي ڪٿو ڍڪيائين ۽ روزو رکيائين. هو ڪٿي تي سمهڻ
لڳو ۽ اداس رهڻ لڳو.
28 تڏهن خداوند الياس تشبيءَ کي چيو تہ 29 ”ڏس، اخي‌اب ڪيئن
نہ منهنجي اڳيان عاجزيءَ ۾ ٿو رهي. جيئن تہ هو منهنجي اڳيان
عاجزيءَ ۾ ٿو رهي تنهنڪري هن جي ڏينهن ۾ آءٌ اها مصيبت نہ
آڻيندس، پر آءٌ اها مصيبت سندس گهراڻي تي هن جي پٽ جي ڏينهن
۾ آڻيندس.“

## ميڪاياہ نبي ۽ ٻيا نبي سڏائيندڙ

(2.تواريخ 18:2–27)

22 1 تنهن کان پوءِ ٽن سالن تائين ارام ۽ اسرائيل جي وچ ۾
امن رهيو. 2 ٽئين سال يهوداہ جو بادشاهہ يهوسفط اسرائيل
جي بادشاهہ وٽ آيو. 3 اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب يهوسفط جي
روبرو پنهنجن عملدارن کي چيو تہ ”اوهان کي خبر ناهي ڇا تہ گلعاد
علائقي جو رامات شهر اسان جو آهي؟ پر انهيءَ هوندي بہ اسين
ماٺ ڪيو ويٺا آهيون ۽ اهو ارام جي بادشاهہ جي قبضي مان نہ ٿا
ڇڏايون.“ 4 تڏهن هن يهوسفط کان پڇيو تہ ”ڇا توهان مون سان
گڏجي رامات شهر تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ هلندا؟“ اسرائيل جي بادشاهہ
کي يهوسفط ورندي ڏني تہ ”جڏهن اوهين چئو تہ آءٌ، منهنجو لشڪر
۽ منهنجا گهوڙي سوار اوهان سان هلڻ لاءِ تيار آهيون. 5 پر اڃو تہ
اڳ ۾ خداوند جي مرضي معلوم ڪريون.“
6 سو اخي‌اب چار سؤ نبي سڏائيندڙن کي گڏ ڪيو ۽ ڪائن پڇيائين
تہ ”آءٌ رامات شهر تي ڪاهہ ڪريان يا نہ؟“ هنن وراڻيس تہ ”ڀلي
وڃو، ڌڻي توهان کي فتح ڏيندو.“ 7 پر يهوسفط چيو تہ ”هتي ڪو
خداوند جو نبي ڪونهي ڇا، جنهن کان اسين پڇون؟“ 8 اخي‌اب
وراڻيو تہ ”هائو هڪڙو نبي باقي آهي جيڪو املہ جو پٽ ميڪاياہ
آهي. انهيءَ کان اسين خداوند جي مرضي معلوم ڪري سگهون ٿا
پر مون کي ڪائنس نفرت آهي، ڇالاءِجو هو منهنجي حق ۾ ڪڏهن
بہ ڪا چڱي پيشن‌گوئي نہ ٿو ڪري، بلڪ هميشہ منهنجي خلاف ٿو
ڪري.“ يهوسفط کيس چيو تہ ”اوهان کي ائين چوڻ نہ گهرجي.“
9 پوءِ بادشاهہ اخي‌اب پنهنجي هڪڙي عملدار کي چيو تہ ”جلد
وڃي ميڪاياہ ولد املہ کي وٺي اچ.“
10 اسرائيل جو بادشاهہ اخي‌اب ۽ يهوداہ جو بادشاهہ يهوسفط
پنهنجي پنهنجي شاهاڻي پوشاڪ پهريو ڪرسين تي سامريہ شهر جي
ٻاهرين دروازي وٽ ڳاهہ جي پڙ جي پرسان ويٺا هئا ۽ سيني نبي
سڏائيندڙن سندن اڳيان اڳڪٿيون ٿي ڪيون. 11 انهن مان صدقياہ
ولد ڪنعانہ لوهہ جا سڱ ناهيا ۽ اخي‌اب کي چيائين تہ ”خداوند
فرمائي ٿو تہ ’هنن سان توهين ارامين کي اهڙو تہ ٽڪر هڻندا جو
اهي مڪمل طور ناس ٿي ويندا.‘“ 12 ٻين سيني نبي سڏائيندڙن بہ
اهڙي ئي اڳڪٿي پئي ڪئي تہ ”رامات شهر تي ڪاهہ ڪريو، فتح
اوهان جي ٿيندي. خداوند اوهان کي سوپ ڏيندو.“
13 هوڏانهن جيڪو عملدار ميڪاياہ کي سڏڻ ويو هو، تنهن وڃي
ميڪاياہ کي چيو تہ ”ڏس، سڀيئي نبي يڪ زبان ٿي بادشاهہ کي
ڪاميابيءَ جي خوشخبري ٿا ڏين، سو ڀلائي ڪري تون بہ انهن

19:21 1.با 38:22   23:21 2.با 36:9

جهڙي ڳالهہ ڪج ۽ بادشاهہ کي فتح جي خوشخبري ڏج.“ ⑭تنهن
تي ميڪاياہ چيو تہ ”جيئري خداوند جو قسم آهي تہ جيڪي خداوند
مون کي فرمائيندو سو ئي آءٌ چوندس.“
⑮جڏهن هو اخي‌اب وٽ آيو تڏهن هن ڪانئس پڇيو تہ ”اي
ميڪاياہ! اسين رامات شهر تي ڪاهہ ڪريون يا نہ؟“ هن وراڻيو تہ
”ها، چو نہ، ڀلي وڃ ۽ ماڻ ڪاميابي. خداوند تو کي سوڀ ڏيندو.“
⑯پر اخي‌اب ميڪاياہ کي چيو تہ ”ڪيترا ڀيرا آءٌ تو کي قسم ڏيان
تہ خداوند جي نالي تي مون کي بلڪل سچ ٻڌاءِ؟“ ⑰تڏهن ميڪاياہ
وراڻيو تہ ”مون اسرائيل وارن کي جبلن جي مٿان ائين پکڙيل ڏٺو
جيئن ڌنار کان سواءِ رڍون هونديون آهن. خداوند فرمايو تہ ’هنن جو
ڪوبہ ڌڻي سائين ڪونهي، سو چڱائي انهيءَ ۾ اٿن جو هو پنهنجي
پنهنجي گهر سلامتيءَ سان موٽي وڃن.‘“ ⑱تنهن تي اسرائيل جي
بادشاهہ اخي‌اب يهوداہ جي بادشاهہ يهوسفط کي چيو تہ ”مون
توهان کي نہ چيو هو تہ هو منهنجي حق ۾ ڪا چڱي پيشن‌گوئي نہ
ڪندو، بلڪ منهنجي خلاف ڪندو!“
⑲تڏهن ميڪاياہ چوڻ لڳو تہ ”هاڻ ٻڌو تہ خداوند ڇا ٿو فرمائي.
مون خداوند کي سندس تخت تي ويٺل ڏٺو، آسمان جا سمورا ملائڪ
ٻنهي پاسن کان سندس پر ۾ بيٺل هئا. ⑳خداوند ڪانئن پڇيو تہ ’ڪير
اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب کي ڦُٽاريندو تہ جيئن هو وڃي رامات
شهر تي ڪاهہ ڪري ۽ اتي ماريو وڃي؟‘ پوءِ ڪن ڇا چيو تہ ڪن ڇا.
㉑ايتري ۾ هڪڙو روح اچي خداوند جي آڏو بيٺو ۽ چيائين تہ ’آءٌ هن
کي ڦُٽاريندس.‘ ㉒خداوند انهيءَ کان پڇيو تہ ’ڪهڙيءَ طرح؟‘ هن
وراڻيو تہ ’آءٌ نڪري وڃي اخي‌اب جي سڀني نبي سڏائيندڙن کان ڪوڙ
ڳالهرائيندس.‘ تڏهن خداوند کيس چيو تہ ’وڃ، وڃي کيس ڦُٽار،
تون ڪامياب ٿي ويندين.‘ ㉓سو اي اخي‌اب بادشاهہ! خداوند انهيءَ
روح کي موڪلي تنهنجي هنن نبي سڏائيندڙن کان ڪوڙ ڳالهرايو
آهي. بلڪ خداوند تو تي مصيبت آڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.“
㉔تڏهن نبي سڏائيندڙن مان صدقياہ ولد ڪنعانہ ويجهو اچي
ميڪاياہ کي چماٽ هنئي ۽ ڪانئس پڇيو تہ ”خداوند جو روح مون
مان ڪيئن نڪري تو سان ڳالهائڻ لاءِ آيو؟“ ㉕ميڪاياہ کيس وراڻيو
تہ ”اهو تو کي انهيءَ ڏينهن معلوم ٿي ويندو جنهن ڏينهن تون پاڻ
کي لڪائڻ لاءِ اندرين ڪوٺيءَ ۾ ويندين.“
㉖پوءِ بادشاهہ اخي‌اب حڪم ڏيندي چيو تہ ”ميڪاياہ کي پڪڙيو
۽ کيس وٺي وڃي شهر جي گورنر امُون ۽ شهزادي يوآس جي حوالي
ڪريو ㉗۽ کين منهنجو هي حڪم ٻڌايو تہ ’هن ماڻهوءَ کي جيل
۾ وجهو ۽ کيس تنگيءَ سان ماني ۽ پاڻي ڏيو، جيستائين بادشاهہ
سلامتيءَ سان موٽي نہ اچي.‘“ ㉘تڏهن ميڪاياہ اخي‌اب کي چيو
تہ ”جيڪڏهن تون ڪنهن بہ طرح صحيح سلامت موٽي آئين تہ پوءِ
ڄاڻبو تہ خداوند منهنجي معرفت ڳالهايو ئي ناهي.“ پوءِ هن اتي
موجود سڀني ماڻهن کي چيو تہ ”اوهين سڀ اهو ٻڌي ڇڏيو.“

## بادشاهہ اخي‌اب جو موت

(2.تواريخ 18:28–34)

㉙پوءِ اسرائيل جو بادشاهہ اخي‌اب ۽ يهوداہ جو بادشاهہ يهوسفط
رامات شهر تي ڪاهي ويا. ㉚اخي‌اب يهوسفط کي چيو تہ ”آءٌ ويس
مٽائي جنگ ڪندس، پر توهين ڀلي پنهنجي شاهي پوشاڪ پهري
رکو.“ سو اخي‌اب ويس بدلائي لڙائي ڪرڻ نڪتو.
㉛هوڏانهن ارام جي بادشاهہ پنهنجي جنگي گهوڙي گاڏين جي
ٻٽيهن سالارن کي حڪم ڏيئي ڇڏيو تہ ”اوهين اسرائيل جي بادشاهہ
کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي بہ حملو نہ ڪجو.“ ㉜سو جڏهن انهن
سالارن يهوداہ جي بادشاهہ يهوسفط کي ڏٺو تڏهن سمجهيائون تہ
اهو ئي اسرائيل جو بادشاهہ آهي. هو مٿس حملي ڪرڻ لاءِ ڦريا،
پر جڏهن يهوسفط وٺي رڙيون ڪيون، ㉝تڏهن هنن سمجهيو تہ اهو
اسرائيل جو بادشاهہ نہ آهي. سو مٿس حملو نہ ڪيائون.
㉞هوڏانهن اوچتو ئي ارام جي هڪڙي سپاهيءَ ائين ئي ڪٿي
پنهنجي تيرڪمان سان تير هنيو جيڪو زرهہ جي جوڙن مان لنگهي
وڃي اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب کي لڳو. بادشاهہ پنهنجي جنگي
گهوڙي گاڏي هلائڻ واري کي چيو تہ ”جنگ مان گاڏي ڪڍي مون
کي ٻاهر وٺي هل، ڇالاءِجو آءٌ زخمي ٿي پيو آهيان.“ ㉟انهيءَ
ڏينهن وڏي گهمسان جي جنگ لڳي. زخمي هوندي بہ اسرائيل جي
بادشاهہ اخي‌اب کي ارامين جي سامهون جنگي گهوڙي گاڏي ۾
سنڀالي بيهاريو ويو. پر سندس زخم مان رت وهي گاڏيءَ جي تري
۾ پرجي ويو ۽ هو شام جو مري ويو. ㊱سج لهڻ ڌاري اسرائيل ۽
يهوداہ جي سڄي لشڪر کي حڪم مليو تہ ”هر ڪو ماڻهو پنهنجي
پنهنجي گهر ڏانهن موٽي وڃي.“
㊲سو بادشاهہ اخي‌اب مري ويو. هن جو لاش سامريہ شهر ۾
آندو ويو ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو. ㊳سندس جنگي گهوڙي گاڏي
سامريہ جي تلاءَ وٽ ڌوتي ويئي. اتي ڪسبياڻين سندس رت سان تڙ
ڪيو ۽ ڪتن هن جو رت چٽيو، جيئن خداوند فرمايو هو. ㊴اخي‌اب
جو باقي احوال ۽ ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا، عاج سان سينگاريل گهر
جيڪو هن ٺهرايو ۽ سڀ شهر جيڪي هن تعمير ڪرايا، سي سڀ
”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. ㊵نيٺ
اخي‌اب مري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ سندس پٽ اخزياہ
سندس تخت تي ويٺو.

17:22 ڳا 17:27، مت 36:9، مر 34:6　19:22 يس 1:6، ايو 6:1　38:22 1.با 19:29

## يهوداه جو بادشاهہ يهوسفط

(2.تواريخ 20:31–21:1)

41 اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب جي بادشاهيءَ جي چوٿين سال،
يهوسفط ولد آسا يهوداه جو بادشاهہ مقرر ٿيو. 42 يهوسفط پنجٽيهن
سالن جي عمر ۾ بادشاهہ بڻيو ۽ هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل پنجويهہ
سال بادشاهي ڪئي. هن جي ماءُ جو نالو عزوبہ هو جيڪا شلحيءَ
جي ڌيءَ هئي. 43 هن پنهنجي پيءُ آسا وانگر اُهي ئي ڪم ڪيا
جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا. انهيءَ هوندي بہ غير معبودن
وارا پوڄا گهر ڪونہ ڊهرايائين. سو ماڻهو اتي اڃان تائين قربانيون
پيش ڪندا رهيا ۽ لوبان ساڙيندا رهيا. 44 هو پڻ اسرائيل جي بادشاهہ
سان صلح سانت ۾ رهيو.

45 يهوسفط جا باقي ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا، جيڪا بهادري
هن ڏيکاري ۽ جيڪي جنگيون هن ڪيون، سي سڀ ”يهوداه جي
بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 46 غير معبودن وارين
عبادت‌گاهن تي اهي بدفعلي ڪندڙ جيڪي سندس پيءُ آسا جي ڏينهن
۾ رهجي ويا هئا، تن سڀني کان هن ملڪ کي پاڪ ڪري ڇڏيو.

47 انهن ڏينهن ۾ ادوم ملڪ ۾ ڪوبہ بادشاهہ ڪونہ هو، پر ان
تي يهوداه جي بادشاهہ طرفان هڪ نائب مقرر ٿيل هو.

48 بادشاهہ يهوسفط سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز عصيون‌گابر بندر ۾
ٺهرايا تہ جيئن اوفير کان سون ڪڻڻ لاءِ اوڏانهن وڃن، پر اهي وڃي نہ
سگهيا ۽ اتي ئي ڀڄي پيا. 49 ڪجهہ وقت کان پوءِ اخزياه ولد اخي‌اب
يهوسفط کي آڇ ڪئي تہ ”منهنجا ماڻهو تنهنجي ماڻهن سان گڏ
ساموندي جهاز ڪاهي وڃن.“ پر هن انڪار ڪيو. 50 يهوسفط وفات
ڪري وڃي پنهنجن وڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس *دائود جي شهر ۾
دفن ڪيو ويو. پوءِ سندس پٽ يهورام سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

## اخزياه اسرائيل جو بادشاهہ

51 يهوداه جي بادشاهہ يهوسفط جي بادشاهيءَ جي سترهين سال
اخزياه ولد اخي‌اب اسرائيل جو بادشاهہ مقرر ٿيو ۽ هن اسرائيل تي
اٽڪل ٻہ سال بادشاهي ڪئي. 52 هن اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند
جي نظر ۾ برا هئا. هو پنهنجي پيءُ، پنهنجي ماءُ ۽ يربعام ولد نباط
جي نقش قدم تي هليو، جن اسرائيل وارن کان گناهہ ڪرايا هئا.
53 هن بعل ديوتا جي اڳيان سجدو ڪري پنهنجي پيءُ وانگر خداوند،
بني اسرائيل جي خدا کي ڇڙ ڏياري ڪاوڙايو.

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

# 2. بادشاهَہ

## بادشاهن جو ٻيو ڪتاب

### تعارف

”بادشاهَہ“ نالي هي ٻيو مقدس ڪتاب بني اسرائيل جي ٻنهي بادشاهتن جي تواريخ جي پهرين ڪتاب کان اڳتي بيان ڪري ٿو. هي ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: 1. پهرين حصي ۾ ٻنهي بادشاهتن جي تواريخ، جيڪا نائين صدي قبل مسيح جي وچ ڌاري شروع ٿئي ٿي ۽ سن 722 قبل مسيح ۾ اترينءَ بادشاهت جي پڄاڻيءَ تي ختم ٿئي ٿي، جڏهن ان جي گاديءَ جي هنڌ سامريہ جو زوال ٿيو. 2. ٻئي حصي ۾ يهوداه جي بادشاهت جي تواريخ اسرائيل جي بادشاهت جي پڄاڻيءَ کان وٺي سن 586 قبل مسيح ۾ بابل جي نبوڪدنضر بادشاهہ هٿان يروشلم جي تباهيءَ تي پوري ٿئي ٿي.

هن ڪتاب جي پڄاڻي بابل جي بادشاهہ پاران يروشلم ۾ مقرر ڪيل گورنر گدلياه جي ڪارگذارين ۽ يهوداه جي بادشاهہ يهوياڪين جي بابل جي قيد مان آزاديءَ واري بيان تي پوري ٿئي ٿي.

اهي قومي تباهيون انهيءَ ڪري آيون جو اسرائيل ۽ يهوداه جا بادشاهہ توڙي اتي جو عوام خدا جا نافرمان ٿي ويا هئا. يروشلم جي تباهي ۽ يهوداه جي ڪيترن ئي ماڻهن جي جلاوطني بني اسرائيل جي تواريخ ۾ هڪ وڏو موڙ آهي.

”بادشاهَہ“ نالي هن ٻئي ڪتاب جي نمايان شخصيت اليشع نبي آهي، جيڪو الياس نبيءَ جو جاءِنشين بڻيو.

### سِٽاءُ

ورهايل بادشاهت 1:1–41:17
1. اليشع نبي 1:1–15:8
2. يهوداه ۽ اسرائيل جا بادشاهہ 16:8–4:17
3. سامريہ شهر جو زوال 5:17–41

يهوداه جي بادشاهت 1:18–20:24
1. حزقياه بادشاهہ کان يوسياه بادشاهہ تائين 1:18–26:21
2. يوسياه بادشاهہ جي حڪومت 1:22–30:23
3. يهوداه جا آخري بادشاهہ 31:23–20:24

يروشلم شهر جي تباهي 1:25–30

## الياس نبي ۽ اخزياه بادشاهہ

1 1 اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب جي وفات کان پوءِ *موآب وارن
اسرائيل جي خلاف بغاوت ڪئي.
2 اخزياه جيڪو پنهنجي پيءُ اخي‌اب جي وفات کان بعد بادشاهہ
ٿيو، سو سامريہ شهر ۾ پنهنجي ماڙيءَ جي چاريدار پلوڙي تان هيٺ
ڪري پيو ۽ سخت زخمي ٿي پيو. سو هن ڪن قاصدن کي موڪليو
تہ وڃي فلستين جي شهر عقرون ۾ معبود بعل‌زبوب کان پڇي اچن
تہ ”آءٌ وري چڱو ڀلو ٿيندس يا نہ؟“
3 پر هوڏانهن خداوند جي ملائڪ الياس تشبيءَ کي چيو تہ
”اُٿ، وڃي اسرائيل جي بادشاهہ جي قاصدن کي پهچ ۽ کين چئُہ
تہ ’اسرائيل ۾ خدا ڪونهي ڇا جو اوهين عقرون شهر جي معبود
بعل‌زبوب کان پڇا ڪرڻ ٿا وڃو؟ 4 تنهنڪري هاڻ بادشاهہ کي وڃي
خداوند جو هي فرمان ٻڌايو تہ جنهن کٽ تي بادشاهہ پيو آهي تنهن
تان وري هيٺ نہ لهندو، هو ضرور مرندو.‘“ سو الياس اٿي روانو
ٿيو.
5 پوءِ جڏهن قاصد بادشاهہ وٽ موٽي آيا، تڏهن هن کائن پڇيو
تہ ”اوهين ڇو موٽي آيا آهيو؟“ 6 هنن وراڻيو تہ ”هڪڙو ماڻهو اچي
اسان سان مليو، جنهن اسان کي اوهان ڏانهن خداوند جو هي پيغام
ٻڌائڻ لاءِ موٽائي روانو ڪيو تہ ’اسرائيل ملڪ ۾ ڪو معبود ڪونهي
ڇا جو تون عقرون شهر جي معبود بعل‌زبوب کان پڇي اچڻ لاءِ ماڻهو
موڪلين ٿو؟ تنهنڪري جنهن کٽ تي تون پيو آهين تنهن تان هيٺ
نہ لهندين، پر تون ضرور مرندين.‘“ 7 بادشاهہ کائن پڇيو تہ ”اهو
ماڻهو ڪهڙي منهن مهانڊي جو هو جيڪو اوهان کي اچي گڏيو ۽
اها ڳالهہ ڪيائين؟“ 8 هنن وراڻيو تہ ”هن کي جسم تي گهڻا وار
هئا ۽ چيلهہ سان هڪڙو چم جو پٽو ٻڌل هوس.“ بادشاهہ چيو تہ
”اهو پڪ الياس تشبي آهي.“
9 تڏهن بادشاهہ پنجاهہ سپاهين جي هڪڙي سالار کي سندس
سپاهين سميت هن ڏانهن موڪليو. ان وقت الياس ٽڪريءَ جي چوٽيءَ
تي ويٺو هو، سو سالار وڃي کيس چيو تہ ”اي خدا جا ٻانها! بادشاهہ
چوئي ٿو تہ ’هيٺ لهي اچ.‘“ 10 الياس ان سالار کي وراڻيو تہ
”جيڪڏهن آءٌ خدا جو ٻانهو آهيان تہ پوءِ آسمان مان باهہ لهي اچي
۽ تو کي ۽ تنهنجي پنجاهہ ئي ماڻهن کي ساڙي ڇڏي.“ تڏهن آسمان
مان باهہ لٿي، جنهن سالار ۽ سندس پنجاهہ ماڻهن کي ساڙي ڇڏيو.
11 تنهن کان پوءِ بادشاهہ وري هڪ ٻيو پنجاهہ سپاهين جو سالار
سندس سپاهين سميت الياس ڏانهن موڪليو. انهيءَ سالار کيس
چيو تہ ”اي خدا جا ٻانها! بادشاهہ چوئي ٿو تہ ’جلد هيٺ لهي
اچ.‘“ 12 الياس کيس وراڻيو تہ ”جيڪڏهن آءٌ خدا جو ٻانهو آهيان
تہ آسمان مان باهہ لهي اچي ۽ تو کي ۽ تنهنجي پنجاهہ ئي ماڻهن
کي ساڙي ڇڏي.“ تڏهن آسمان مان خدا باهہ موڪلي ۽ سالار کي
سندس پنجاهہ ماڻهن سميت ساڙي ڇڏيائين.
13 بادشاهہ وري ٽيون پنجاهہ سپاهين جو سالار سندس سپاهين
سميت هن ڏانهن موڪليو. ٽيون سالار مٿي چڙهي ويو ۽ الياس جي
اڳيان گوڏا کوڙي، منٿ ڪندي کيس چيائين تہ ”اي خدا جا ٻانها!
مون تي ۽ هنن پنجاهہ ماڻهن تي رحم جي نظر ڪريو. اسين توهان جا
ٻانها آهيون سو اسان کي جيئدان ڏيو. 14 جيئن تہ اڳين ٻنهي سالارن
کي پنهنجن پنجاهہ پنجاهہ سپاهين سوڌو آسمان مان باهہ لهي اچي
ساڙي ڇڏيو، پر اسان تي رحم جي نظر ڪريو.“ 15 تڏهن خداوند جي
ملائڪ الياس کي چيو تہ ”هنن سان گڏ هيٺ لهي وڃ، کائن نہ
ڊڄ.“ سو الياس اٿيو ۽ انهن سان گڏ لهي بادشاهہ ڏانهن ويو.
16 هن بادشاهہ کي چيو تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’تو ڇو عقرون
جي معبود بعل‌زبوب کان پڇا ڪرڻ لاءِ قاصد موڪليا آهن؟ ڇا
اسرائيل ملڪ ۾ اهڙو ڪو معبود ڪونهي جنهن کان پڇا ڪجي؟
تنهنڪري جنهن کٽ تي تون پيو آهين تنهن تان هيٺ نہ لهندين، پر
تون ضرور اتي ئي مرندين.‘“ 17 سو جيئن خدا الياس جي معرفت
فرمايو هو تيئن ئي بادشاهہ اخزياه مري ويو.
جيئن تہ اخزياه کي ڪو پٽ ڪونہ هو، انهيءَ ڪري يهوداه جي
بادشاهہ يهورام ولد يهوسفط جي بادشاهيءَ جي ٻئي سال ۾، اخزياه
جو ڀاءُ يورام سندس تخت تي ويٺو. 18 ٻيو جيڪي ڪجهہ بادشاهہ
اخزياه ڪيو سو ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾
لکيل آهي.

## الياس جو آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ

2 1 انهيءَ وقت جڏهن خداوند الياس کي هڪڙي وڏي واچوڙي ۾
مٿي آسمان ڏانهن کڻي وڃڻ وارو هو، تنهن وقت الياس ۽ اليشع
گلگال شهر کان روانا ٿيا. 2 الياس واٽ تي اليشع کي چيو تہ ”تون
هتي ترسي پئُہ. مون کي خداوند بيت‌ايل ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو
آهي.“ پر اليشع چيس تہ ”جيئري خداوند ۽ تنهنجي سر جو قسم آهي
تہ آءٌ تو کي ڇڏي نہ ويندس.“ سو هو ٻيئي ڄڻا بيت‌ايل ڏانهن ويا.
3 جيڪي نبي بيت‌ايل ۾ رهندا هئا سي نڪري اليشع وٽ آيا ۽
کانئس پڇيائون تہ ”ڇا تو کي خبر آهي تہ خداوند اڄ تنهنجي مالڪ
کي تو وٽان مٿي کڻي ڇڏڻ وارو آهي؟“ اليشع وراڻيو تہ ”هائو، مون
کي خبر آهي. اوهين ماٺ ۾ رهو.“ 4 پوءِ الياس اليشع کي چيو تہ
”اي اليشع! تون هتي ترسي پئُہ. مون کي خداوند يريحو شهر ڏانهن
وڃڻ جو حڪم ڏنو آهي.“ پر اليشع کيس وراڻيو تہ ”جيئري خداوند

*موآب: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

8:1 مت 4:3، مر 6:1 12–10:1 لو 34:9

۽ تنهنجي سر جو قسم آهي تہ آءٌ تو کي ڇڏي نہ ويندس.“ سو هو
بيئي ڄڻا يريحو شهر ڏانهن ويا.
5 تڏهن جيڪي نبي يريحو ۾ رهندا هئا سي اليشع وٽ آيا ۽ کانئس
پڇيائون تہ ”ڇا تو کي خبر آهي تہ خداوند اڄ تنهنجي مالڪ کي تو
وٽان مٿي کڻي ڇڏڻ وارو آهي؟“ اليشع وراڻيو تہ ”هائو، مون کي
خبر آهي، پر اوهين ماٺ ۾ رهو.“ 6 پوءِ الياس کيس چيو تہ ”تون
هتي ترسي پئُہ. مون کي خداوند اردن درياءَ ڏانهن وڃڻ جو حڪم
ڏنو آهي.“ پر اليشع کيس وراڻيو تہ ”جيئري خداوند ۽ تنهنجي سر
جو قسم آهي تہ آءٌ تو کي ڇڏي نہ ويندس.“ پوءِ هو بيئي اڳتي هليا.
7 نبين مان پنجاهہ ڄڻا اردن درياءَ ڏانهن انهن جي پٺيان ويا.
الياس ۽ اليشع اردن درياءَ جي پرسان بيهي رهيا ۽ اهي پنجاهہ
نبي پريرو سندن سامهون بيهي رهيا. 8 الياس پنهنجي چادر لاٿي
۽ ويڙهي سيڙهي پاڻيءَ تي هنيائين تہ پاڻي بہ حصا ٿي پيو. پوءِ هو
بيئي ڄڻا اتان سڪيءَ مان لنگهي درياءَ جي هُن پر ويا.
9 جڏهن هو ٽپي هُن پر ٿيا تڏهن الياس اليشع کي چيو تہ ”انهيءَ
کان اڳ جو آءٌ تو وٽان مٿي کنيو وڃان، ٻڌاءِ تہ آءٌ تنهنجي لاءِ
ڇا ڪريان.“ اليشع وراڻيس تہ ”مون کي پنهنجي روحانيت جي ٻن
حصن جو وارث ڪريو.“ 10 الياس کيس چيو تہ ”تو ڏکيو سوال ڪيو
آهي. انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن تو مون کي مٿي کڄي وڃڻ مهل
ڏٺو تہ تو کي اهو ملندو، پر جيڪڏهن تو مون کي نہ ڏٺو تہ پوءِ تو
کي اهو نہ ملندو.“
11 جيئن هو ڳالهائيندا ۽ هلندا ٿي هليا، تيئن اوچتو ئي اوچتو باهہ
جي هڪڙي گاڏي ۽ باهہ جا گهوڙا ظاهر ٿيا، جن هنن ٻنهي کي هڪ
ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ الياس هڪڙي واچوڙي ۾ آسمان ڏانهن
کڄي ويو. 12 اليشع اهو ڏسي رڙيون ڪري چوڻ لڳو تہ ”اي منهنجا
ابا! اي منهنجا ابا! اي اسرائيل جا محافظ!“ جڏهن الياس اليشع جي
نظرن کان غائب ٿي ويو، تڏهن اليشع پنهنجن ڪپڙن کي ونئي ڦاڙيو.
13 پوءِ هن اها چادر کنئي جيڪا الياس تان ڪري پيئي هئي ۽ موٽي
وڃي اردن درياءَ جي ڪناري تي بيهي رهيو. 14 تڏهن هن الياس جي
چادر جهلي پاڻيءَ تي هنئي ۽ چيائين تہ ”خداوند، الياس جو خدا
ڪٿي آهي؟“ جڏهن هن پاڻيءَ کي ڌڪ هنيو تڏهن پاڻي چيرجي بہ
حصا ٿي پيو ۽ اليشع پار لنگهي ويو. 15 يريحو شهر جي نبين جي
ٽولي، جن اتي اهو بيٺي ڏٺو تن چيو تہ ”الياس جو روح اليشع تي
اچي پيو آهي.“ سو هو سندس استقبال ڪرڻ لاءِ وڌي آيا ۽ سندس
اڳيان جهڪي کيس تعظيم ڏنائون. 16 پوءِ هنن کيس چيو تہ ”اسين
تنهنجا ٻانها پنجاهہ زورآور ماڻهو آهيون. سو اسان کي موڪل ڏي
تہ وڃي تنهنجي مالڪ کي ڳولهيون. شايد خداوند جي روح هن کي
ڪٿي وڃي ڪنهن جبل تي يا ڪنهن ماٿريءَ ۾ اڇلايو هجي.“ تنهن
تي اليشع وراڻيو تہ ”نہ، اوهين نہ وڃو.“ 17 جڏهن هنن گهڻو زور
ڀريس تڏهن کيس وڌيڪ انڪار ڪندي شرم ٿي آيو، تنهنڪري کين
چيائين تہ ”ڀلي وڃو.“ پوءِ اهي پنجاهہ ئي ڄڻا ويا ۽ ٽن ڏينهن تائين
گهڻو ئي الياس کي ڳولهيائون، پر کيس نہ لڌائون. 18 تڏهن اهي
اليشع وٽ موٽي آيا جيڪو يريحو شهر ۾ ئي ترسيو پيو هو. اليشع
کين چيو تہ ”مون اوهان کي چيو نہ هو تہ نہ وڃو؟“

## اليشع جا معجزا

(2:19–25)

(پاڻيءَ کي صاف سٿرو ڪرڻ)

19 تنهن وقت يريحو شهر جا ڪي ماڻهو اليشع وٽ آيا ۽ کيس
چيائون تہ ”اي سائين! جيئن تہ اوهان کي خبر آهي تہ هي شهر هڪ
سني هنڌ تي ٻڌل آهي، مگر هتان جو پاڻي نقصانڪار آهي ۽ زمين
بہ غير آباد آهي.“ 20 تڏهن اليشع کين چيو تہ ”هڪڙي ڪوري پيالي
۾ لوڻ وجهي اهو مون وٽ کڻي اچو.“ سو هنن اُهو هن کي آڻي
ڏنو. 21 پوءِ هو نڪري پاڻيءَ جي چشمي وٽ ويو ۽ انهيءَ ۾ اُهو لوڻ
اڇلائي چيائين تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’مون هن پاڻيءَ کي صاف
سٿرو بڻايو آهي، اڄ کان پوءِ وري ڪڏهن بہ انهيءَ سان موت يا غير
آبادي نہ ٿيندي.‘“ 22 اهڙيءَ طرح اليشع جي چوڻ موجب اڄ ڏينهن
تائين پاڻي صاف سٿرو رهيو آهي.

(ڇوڪرن کي پٽ پاراتو)

23 پوءِ اليشع اتان نڪري بيت‌ايل ڏانهن روانو ٿيو. جيئن ئي هو
واٽ وٺيو پئي ويو، تيئن ڪجهہ ننڍا ڇوڪرا شهر مان نڪري آيا
۽ مٿس ٺٺوليون ڪري چوڻ لڳا تہ ”هل ٽڙي گنجا! هل ٽڙي گنجا!“
24 هن پٺ تي منهن ورائي انهن کي ڏٺو ۽ خداوند جو نالو وٺي کين
پٽيائين. تڏهن ٻيلي مان ٻہ رڇڻيون نڪري آيون جن انهن ڇوڪرن مان
ٻائيتاليهن ڄڻن کي چيري ڦاڙي ڇڏيو. 25 پوءِ هو اتان نڪري ڪرمل
جبل ڏانهن ويو ۽ اتان موٽي سامريہ شهر ۾ آيو.

## اسرائيل ۽ موآب ملڪن وچ ۾ جنگ

3 1 يهوداہ جي بادشاهہ يهوسفط جي بادشاهيءَ جي ارڙهين سال،
يورام ولد اخي‌اب سامريہ شهر ۾ اسرائيل تي بادشاهي ڪرڻ
لڳو، جيڪا اٽڪل ٻارهن سال هلي. 2 هن خداوند جي نظر ۾ بڇڙائي
ڪئي، پر اهڙي نہ جهڙي سندس پيءُ ۽ ماءُ ايزبل ڪئي هئي، ڇالاءِجو
بعل ديوتا کي پوڄڻ لاءِ پٿر جيڪو ٿنڀو جوڙايو هو سو هن ڊهرائي
ڇڏيو هو. 3 تنهن هوندي بہ هو پاڻ کان اڳ واري بادشاهہ يربعام
ولد نباط وانگر هو، جنهن اسرائيل وارن کي گناهن ۾ ڏکي ڇڏيو
هو. يورام بہ انهن گناهن کان باز نہ آيو.

9:2 شر 17:21 12:2 2.با 14:13

4 موآب جي بادشاهہ ميشا کي گھيٽون ئي رڍون هيون. سو هو
اسرائيل جي بادشاهہ کي هر سال هڪ لک گھيٽن کان علاوه هڪ لک
گهٽن جي اُن پڻ ڍل طور پهچائي ڏيندو هو. 5 پر اخي‌اب جي موت
کان پوءِ موآب جو بادشاهہ اسرائيل جي بادشاهہ کان باغي ٿي ويو.
6 تڏهن بادشاهہ يورام سامريہ مان نڪتو ۽ اسرائيل ملڪ جي ڪنڊ
ڪڙڇ مان جنگي جوڌن کي تيار ڪيائين. 7 هن يهوداه جي بادشاهہ
يهوسفط ڏانهن هي پيغام پڻ موڪليو تہ ”موآب جو بادشاهہ مون
کان باغي ٿي ويو آهي. ڇا تون موآب سان جنگ ڪرڻ لاءِ مون سان
گڏجي هلندين؟“ هن وراڻيو تہ ”هائو، آءٌ هلندس. آءٌ ۽ تون هڪ
آهيون ۽ منهنجا ۽ تنهنجا ماڻهو ۽ گهوڙا بہ هڪ آهن.“ 8 تڏهن
هن پڇيس تہ ”اسين ڪهڙي رستي کان هلي ڪاهہ ڪريون؟“ يورام
ورندي ڏنس تہ ”*ادوم جي بيابان واري رستي کان.“ 9 سو اسرائيل
جو بادشاهہ يهوداه جي بادشاهہ ۽ ادوم جي بادشاهہ سان گڏجي
روانو ٿيو. بيابان کان ڦرندي ستن ڏينهن جي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وٽائن
پاڻي کپي ويو. سو سندن لاءِ، سندن لشڪر لاءِ ۽ سندن جانورن
لاءِ پاڻي ڪونہ بچيو. 10 تڏهن اسرائيل جي بادشاهہ يورام چيو تہ
”گهوڙا ڙي! خداوند تہ اسان ٽنهي بادشاهن کي موآب جي بادشاهہ
جي رحم وَ ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي.“ 11 پر يهوسفط پڇيو تہ ”ڇا
هتي ڪو خداوند جو نبي ڪونهي جنهن جي وسيلي اسين خداوند
کان پڇا ڪريون؟“ تنهن تي اسرائيل جي بادشاهہ يورام جي هڪڙي
سالار وراڻيو تہ ”شافاط جو پٽ اليشع هتي آهي. هو الياس نبيءَ
جا هٿ ڌئاريندو هو.“ 12 يهوسفط چيو تہ ”هو سچو نبي آهي.“ سو
اهي ٽيئي بادشاهہ اليشع وٽ آيا. 13 اليشع اسرائيل جي بادشاهہ کي
چيو تہ ”تنهنجو مون سان ڪهڙو واسطو آهي؟ تون پنهنجي پيءُ ۽
پنهنجي ماءُ جي نبين وٽ وڃ.“ تنهن تي اسرائيل جي بادشاهہ وراڻيو
تہ ”نہ ائين نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ‌تہ خداوند ئي اسان ٽنهي کي گڏ ڪيو
آهي تہ جيئن هو اسان کي موآب جي بادشاهہ جي حوالي ڪري.“
14 اليشع چيو تہ ”جيئري خداوند قادرِمطلق جو قسم آهي جنهن جو
آءٌ ٻانهو آهيان، تہ جيڪڏهن يهوداه جو بادشاهہ يهوسفط هتي حاضر
نہ هجي ها تہ جيڪر آءٌ تو ڏانهن نهاريان بہ نہ ها، نڪي تو ڏانهن
ڌيان ئي ڏيان ها. 15 پر هاڻ مون وٽ هڪڙو سُرندائي وٺي اچ.“
جڏهن سُرندائيءَ پنهنجو سرندو وڄايو پئي تڏهن خداوند جو هٿ
اليشع تي آيو. 16 اليشع چيو تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’هن سڪل
برساتي نهر ۾ کڏون ئي کڏون کوٽي ڇڏيو. 17 ڇالاءِ‌جو توڙي جو
اوهين نڪي واءُ ڏسندا نڪي مينهن، انهيءَ هوندي بہ اها نهر پاڻيءَ
سان پرجي ويندي ۽ اوهين توڙي اوهان جو چوپايو مال ۽ اوهان جا وهٽ
سڀيئي اتان پاڻي پيئندا.‘“ 18 اليشع وڌيڪ چيو تہ ”ائين ڪرڻ خداوند
جي لاءِ تمام آسان آهي، هو موآبين کي بہ اوهان جي هٿن ۾ ڏيندو.
19 اوهين انهن جا سڀيئي ڪوٽن وارا وڏا شهر فتح ڪندا. اوهين
انهن جا سڀ ڪارائتا وڻ وڍي ڇڏيندا، انهن جا سڀ چشما بند ڪري
ڇڏيندا ۽ انهن جون زرخيز ٻنيون پٿر اڇلائي ويران ڪري ڇڏيندا.“
20 ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڇا ٿيو جو قرباني پيش ڪرڻ مهل
ادوم ملڪ جي طرف کان پاڻي وهي آيو ۽ سڄو علائقو پاڻيءَ سان
پرجي ويو.
21 هوڏانهن جڏهن سڀني موآبين ٻڌو تہ ٽي بادشاهہ ساڻن جنگ
ڪرڻ لاءِ ڪاهي آيا آهن، تڏهن ٻڍا توڙي جوان جيڪي هٿيار ڪٽي ٿي
سگهيا، تن سڀني کي گڏ ڪيو ويو ۽ ڪين سرحد تي بيهاريو ويو.
22 ٻئي ڏينهن جڏهن اهي موآبي اٿيا تہ ڇا ڏسن تہ سج پاڻيءَ تي
چمڪي رهيو آهي ۽ اهو پاڻي انهن کي اهڙو تہ ڳاڙهو ڏسڻ ۾ آيو
جهڙو رت. 23 تڏهن هنن چيو تہ ”هي تہ رت آهي. انهن بادشاهن
جا لشڪر ضرور هڪ ٻئي سان وڙهيا آهن ۽ هڪ ٻئي کي ماري وڌو
اٿن. سو اٿو تہ هلي لٽ ڦر ڪريون.“ 24 پر جڏهن موآبي اسرائيل جي
لشڪرگاهہ وٽ آيا تڏهن اسرائيل وارا ساڻن وڙهيا ۽ موآبي سندن
اڳيان وٺي ڀڳا. اسرائيل جو لشڪر انهن جي ملڪ اندر ڪاهي پيو
۽ موآبين ۾ ڪوس وڌائون. 25 هنن شهرن جا شهر ناس ڪري ڇڏيا
۽ هر ماڻهوءَ پوک وارين ٻنين ۾ پٿر اڇلائي انهن کي ڀري ڇڏيو.
هنن پاڻيءَ جا سڀ چشما بند ڪري ڇڏيا ۽ سڀ ڪارائتا وڻ وڍي
ڇڏيائون. آخرڪار رڳو موآبين جي گاديءَ جو هنڌ قيرحراست وڃي
بچيو هو، پر فوج جي ڪاٺياٽي‌بازن انهيءَ جو بہ وڃي گهيرو ڪيو ۽
مٿس حملو ڪيائون.
26 جڏهن موآب جي بادشاهہ جنگ ۾ پنهنجي شڪست ٿيندي
ڏٺي، تڏهن هن پاڻ سان ست سؤ تلوارباز ماڻهو ڪنيا ۽ دشمنن جي
صفن کي چيريندي ادوم جي بادشاهہ ڏانهن پهچي وڃڻ جي ڪوشش
ڪيائين، پر هو ڪامياب ڪونہ ٿي سگهيو. 27 تڏهن هن پنهنجي وڏي
پٽ، جيڪو ڪانئس پوءِ بادشاهہ ٿيڻو هو، تنهن کي شهر جي پٽ تي
موآب جي معبود لاءِ قربانيءَ طور پيش ڪيو. تنهن تي اسرائيل جي
لشڪر تي دهشت ڇانئجي ويئي ۽ هو شهر کي ڇڏي پنهنجي ملڪ
ڏانهن هليا ويا.

## اليشع جا ٻيا معجزا

(7:6–1:4)

### (بيوه عورت جو تيل)

4 1 هڪڙي عورت اليشع وٽ آئي جنهن جو مڙس نبين جي ٽولي
مان هو ۽ مري ويو هو. انهيءَ عورت اليشع کي چيو تہ ”اوهان
جو ٻانهو منهنجو مڙس مري ويو آهي؛ توهان کي خبر آهي تہ هو خدا
جو خوف رکڻ وارو ماڻهو هو. پر هاڻ انهيءَ جو هڪڙو لهڻيدار آيو
آهي، جيڪو پنهنجي قرض ۾ منهنجا بہ پٽ غلام ڪري وٺي وڃڻ

*ادوم: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

چاهي ٿو.“ 2 اليشع ڪيس وراڻيو ته ”آءٌ تنهنجي لاءِ ڇا ڪريان؟
مون کي ٻڌاءِ، تو وٽ گهر ۾ ڇا آهي؟“ ان ٻيوه جواب ڏنو ته ”اوهان
جي ٻانهيءَ وٽ گهر ۾ دنگيءَ ۾ ٿوري زيتون جي تيل کان سواءِ ٻيو
ڪجهه به ڪونهي.“ 3 تڏهن اليشع ڪيس چيو ته ”وڃي پنهنجن
پاڙيسرين کان جيترا ٿي سگهن اوترا خالي ٿانوَ وٺي اچ. 4 پوءِ تون
۽ تنهنجا پٽ گهر اندر وڃو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيو. تون انهن
ٿانون کي تيل سان ڀرڻ شروع ڪر. جيڪو ٿانو ڀربو وڃي تنهن کي
پاسي تي رکندي وڃ.“ 5 تڏهن هوءَ اليشع وٽان هلي ويئي ۽ وڃي
ائين ئي ڪيائين. پوءِ هوءَ پاڻ ۽ سندس پٽ گهر ۾ اندر گهڙي ويا
۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائون. هوءَ انهن ٿانون ۾ تيل ڀريندي رهي
جيڪي سندس پٽ کيس ڏيندا رهيا. 6 جڏهن سمورا ٿانوَ ڀرجي ويا
تڏهن هن پنهنجي هڪڙي پٽ کي چيو ته ”جيڪڏهن اڃا به ڪو
ٿانو آهي ته مون وٽ کڻي اچ.“ پر هن وراڻيس ته ”نه، ٻيو ڪوبه
ڪونهي.“ تڏهن سندس دنگيءَ مان تيل وهڻ بند ٿي ويو.
7 تنهن کان پوءِ هن اچي خدا جي ٻانهي اليشع کي ٻڌايو. اليشع
ڪيس چيو ته ”وڃي تيل وڪڻي قرض ادا ڪر ۽ باقي جيڪي بچي
تنهن تي تون ۽ تنهنجا پٽ گذران ڪجو.“

### (شاهوڪار عورت جي پٽ کي بچائڻ)

8 هڪڙي ڏينهن اليشع شونيم ڳوٺ ڏانهن ويو. اتي هڪڙي
شاهوڪار عورت رهندي هئي جنهن اليشع تي زور ڀريو ته ”اسان جي
دعوت کاءُ.“ انهيءَ کان پوءِ جڏهن به اليشع شونيم ڳوٺ ڏانهن
ويندو هو ته انهيءَ عورت وٽ ماني کائيندو هو. 9 انهيءَ عورت
پنهنجي مڙس کي چيو ته ”آءٌ ڄاڻان ٿي ته هي ماڻهو جيڪو اڪثر
هتي ايندو آهي سو خدا جو خاص ٻانهو آهي. 10 سو ڇو نه پنهنجي
جاءِ مٿان هن لاءِ هڪڙي ڪوٺڙي ٺهرايون ۽ انهيءَ ۾ سندس لاءِ
هڪڙي کٽ، ميز، ڪرسي ۽ ڏيئو رکون. پوءِ هو جڏهن به اسان وٽ
اچي ته اتي ئي رهي.“
11 هڪڙي ڏينهن اليشع شونيم ڳوٺ ۾ آيو ۽ انهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾
وڃي ليٽي پيو. 12 هن پنهنجي خدمتگار گيحازيءَ کي چيو ته ”انهيءَ
شونيمي عورت کي سڏي اچ.“ هو انهيءَ عورت کي سڏي آيو ۽
اُها سندس اڳيان اچي بيٺي. 13 اليشع پنهنجي خدمتگار کي چيو ته
”هن کي چئُه ته ’تو جو اسان جي لاءِ هيتري ساري تڪليف ڪئي
آهي، سو ٻڌاءِ ته آءٌ تنهنجي لاءِ ڇا ڪريان؟ ڇا آءٌ بادشاهه کي يا
فوج جي سپهه‌سالار کي اوهان جي سفارش ڪريان؟‘“ تڏهن انهيءَ
عورت وراڻيو ته ”هتي پنهنجن جي وچ ۾ رهندي مون وٽ سڀ
ڪجهه آهي.“
14 اليشع گيحازيءَ کان پڇيو ته ”پوءِ هن عورت لاءِ ڇا ڪجي؟“
گيحازيءَ کيس ورندي ڏني ته ”هن کي ڪو پٽ ڪونهي ۽ سندس
مڙس به پوڙهو ٿي ويو آهي.“ 15 تڏهن اليشع ڪيس چيو ته ”سڏ
ڪرينس.“ گيحازيءَ ڪيس سڏي آيو ۽ هوءَ در وٽ اچي بيٺي.
16 اليشع ڪيس چيو ته ”ايندڙ سال هن وقت تنهنجو پٽ تنهنجي
جهوليءَ ۾ هوندو.“ تڏهن انهيءَ عورت ڪيس رڙ ڪري چيو ته ”نه،
اي منهنجا آقا! توهين خدا جا ٻانهو آهيو، پنهنجي هن ٻانهيءَ سان
ڪوڙ نه ڳالهايو.“ 17 پر انهيءَ عورت کي پيٽ ٿيو ۽ ايندڙ سال
انهيءَ ئي ٻڌايل وقت تي ڪيس پٽ ڄائو، جيئن اليشع ڪيس چيو هو.
18 جڏهن اهو ٻار وڏو ٿيو تڏهن هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي پيءُ
ڏانهن پنيءَ تي ويو جتي سندس پيءُ لاباري ڪندڙن سان گڏ ڪم پئي
ڪيو. 19 اوچتو هن رڙ ڪري پنهنجي پيءُ کي چيو ته ”هاءِ! منهنجو
مٿو! هاءِ! منهنجو مٿو!“ تڏهن سندس پيءُ پنهنجي نوڪر کي چيو
ته ”هن کي سندس ماءُ وٽ کڻي وڃ.“ 20 نوڪر ڪيس کڻي ماڻس
وٽ آندو. ڇوڪرو منجهند تائين پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ پيو رهيو
۽ پوءِ مري ويو. 21 تڏهن هن ٻار کي مٿي کڻي وڃي انهيءَ خدا جي
ٻانهي جي کٽ تي سمهاريو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري در بند ڪري هلي آئي.
22 پوءِ پنهنجي مڙس کي سڏائي چيائين ته ”مهرباني ڪري پنهنجو
هڪڙو نوڪر ۽ هڪڙو گڏهه مون ڏانهن ڏياري موڪل ته آءٌ هن خدا
جي ٻانهي ڏانهن تڪڙي وڃان ۽ موٽي اچان.“ 23 هن کانئس پڇيو ته
”اڄ ڇو ٿي انهيءَ وٽ وڃين؟ اڄ نڪو نئون چنڊ آهي نه وري سبت
آهي.“ انهيءَ عورت وراڻيس ته ”بس، انهيءَ ۾ ڪا ڳڻتي آهي.“
24 تنهن کان پوءِ اها عورت هڪڙي گڏهه تي آٽر رکي چڙهي ويئي
۽ پنهنجي نوڪر کي چيائين ته ”هڪليندو هل، جيستائين آءٌ نه چوانءِ
تيستائين رفتار ۾ ڍر نه ڪجانءِ.“ 25 سو هوءَ رواني ٿي ۽ ڪرمل
جبل تي انهيءَ خدا جي ٻانهي وٽ آئي.
جڏهن انهيءَ خدا جي ٻانهي هن کي پري کان ايندو ڏٺو تڏهن
پنهنجي خدمتگار گيحازيءَ کي چيائين ته ”ڏس، هوءَ شونيمي عورت
پيئي اچي. 26 ڊوڙي وڃي گڏجينس ۽ پڇينس ته ’تو ڏانهن، تنهنجي
مڙس ڏانهن ۽ تنهنجي پٽ ڏانهن ته خير آهي؟‘“ تنهن تي انهي
عورت ورندي ڏيئي چيو ته ”سڀ خير آهي.“ 27 جڏهن هوءَ انهيءَ
ٽڪر تي خدا جي ٻانهي وٽ آئي تڏهن هوءَ ڪري پيئي ۽ سندس پيرن
کان پڪڙيائين. گيحازي هن کي ڌڪي پري ڪرڻ لاءِ ويجهو آيو، پر
انهيءَ خدا جي ٻانهي چيس ته ”هن کي ڇڏي ڏي. هوءَ ڏاڍي ڏکايل
آهي. خداوند مون کان اها ڳالهه لڪائي آهي ۽ الائي ڇو مون کي
نه ٻڌائي اٿس.“ 28 تڏهن عورت اليشع کي چيو ته ”اي سائين! مون
توهان کان پٽ گهريو هو ڇا؟ بلڪ مون ته اوهان کي منع ڪئي هئي
ته مون کي اجايو دلاسو نه ڏيو.“
29 تنهن تي اليشع گيحازيءَ کي چيو ته ”جلدي ڪر، منهنجي
لٺ پنهنجي هٿ ۾ کڻ ۽ ڊوڙندو وڃ. جيڪڏهن ڪو ماڻهو تو کي
گڏجي ته انهيءَ کي سلام نه ڪج ۽ جيڪڏهن ڪو تو کي سلام

16:4 پيد 14:18

ڪري تہ انھيءَ کي سلام جو جواب نہ ڏج. سڌو ھن عورت جي
گھر وڃ ۽ وڃي منھنجي لٺ ٻار جي منھن تي رکج.“ 30 پر ٻار جي
ماءُ اليشع کي چيو تہ ”جيئري خداوند ۽ توھان جي سر جو قسم آھي
تہ آءٌ اوھان کي وٺي وڃڻ کان سواءِ ڪين ويندس.“ تڏھن اليشع
اٿي انھيءَ عورت سان گڏ روانو ٿيو. 31 گيحازي ھنن کان اڳ ۾
ھليو ويو ۽ وڃي ٻار جي منھن تي اھا لٺ رکيائين، پر ٻار نہ ڪو
آواز ڪڍيو نہ ئي وري ڪا چرپر ڪيائين. سو گيحازي موٽندي اليشع
سان گڏيو ۽ کيس ٻڌايائين تہ ”ٻار تہ ڪين اٿيو.“
32 پوءِ جڏھن اليشع انھيءَ عورت جي گھر ۾ پھتو تڏھن ڏٺائين
تہ ٻار سندس کٽ تي مئو پيو آھي. 33 ھن اندران دروازو بند ڪيو ۽
خداوند کان دعا گھرڻ لڳو. 34 پوءِ ھو انھيءَ ٻار جي مٿان ليٽي پيو،
پنھنجو وات ھن جي وات تي، اکيون ھن جي اکين تي ۽ ھٿ ھن
جي ھٿن تي رکيائين. جيئن ھو ٻار جي مٿان ليٽيو تہ ٻار جو جسم
گرم ٿي ويو. 35 تڏھن ھو ٻار تان لٿو ۽ ڪمري ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن
ڦيرا ڏيڻ لڳو ۽ پوءِ وري وڃي ٻار جي مٿان جھڪيو، تڏھن ٻار ست
ڀيرا نڇون ڏنيون ۽ پوءِ اکيون کوليائين. 36 اليشع گيحازيءَ کي سڏي
چيو تہ ”انھيءَ شونيمي عورت کي سڏ ڪر.“ ھن کيس سڏ ڪيو.
جڏھن ھوءَ آئي تڏھن اليشع کيس چيو تہ ”پنھنجو پٽ کڻ.“ 37 تڏھن
ھوءَ وڏي وڃي اليشع جي پيرن تي منھن ڀر ڪري پيئي ۽ پوءِ اٿي
پنھنجو پٽ کڻي ٻاھر نڪري آئي.

(ديڳڙي مان زھر جو اثر ختم ڪرڻ)

38 جڏھن اليشع گلگال ۾ موٽي آيو تڏھن انھيءَ ملڪ ۾ ڏڪار
پيو ھو. نبين جي ھڪ ٽولي ھن سان ملاقات ڪري رھي ھئي. ھن
پنھنجي خدمتگار کي چيو تہ ”وڏو ديڳڙو ڪٽي چاڙھہ ۽ ھنن لاءِ
ڪاڌو تيار ڪري وٺ.“ 39 سو ھڪڙو ماڻھو ٻنيءَ ڏانھن ڀاڄين گڏ
ڪرڻ لاءِ ويو جتي ھڪڙي ول ڏٺائين، جنھن جو ميوو پٽي جھولي
ڀري کڻي آيو. پوءِ ھن اھي وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪاڌي جي ديڳڙي
۾ وڌا، ڪنھن بہ نہ ٿي ڄاتو تہ اُھي آھن ڇا. 40 پوءِ اُھو ڪاڌو سيني
کي کائڻ لاءِ ڏنو ويو. پر جيئن ئي کائڻ شروع ڪيائون تہ رڙ ڪري
چوڻ لڳا تہ ”اي خدا جا ٻانھا! ھن ديڳڙي ۾ تہ زھر آھي.“ سو ھنن
ڪاڌو کائڻ ڇڏي ڏنو. 41 تڏھن اليشع ڪجھہ اٽو گھرائي ڪاڌي جي
ديڳڙي ۾ کڻي وڌو. پوءِ چيائين تہ ”ھاڻ ورھائي ماڻھن کي ڏيو تہ
کائين،“ ڇالاءِجو اھو ڪاڌو کائڻ جھڙو ٿي پيو ھو.

(ھڪ سؤ ماڻھن کي ڪاڌو کارائڻ)

42 ٻئي موقعي تي بعل‌شاليشہ مان ھڪڙو ماڻھو اتي آيو. ھن انھيءَ
خدا جي ٻانھي لاءِ جَون جي پھرين فصل مان ويھہ ڦڪل مانيون ۽
اناج جا تازا سنگ آندا. اليشع پنھنجي خدمتگار کي چيو تہ ”اھي
ماڻھن کي ورھائي ڏي تہ کائين.“ 43 سندس خدمتگار کانئس پڇيو
تہ ”ھي آءٌ ھڪ سؤ ماڻھن جي اڳيان ڪيئن رکان؟“ پر اليشع وري بہ
کيس چيو تہ ”ماڻھن کي ڏي تہ کائين، ڇالاءِجو خداوند فرمائي ٿو
تہ ھو اھو کائيندا ۽ بچائي بہ ڇڏيندا.“ 44 تڏھن ھن انھن جي اڳيان
ڪاڌو رکيو ۽ ھنن اھو کاڌو ۽ بچايائون بہ، جيئن خداوند فرمايو ھو.

(نعمان کي شفا ملڻ)

5 1 *ارام جي بادشاھہ جو ھڪڙو سپھہ‌سالار ھو جنھن جو نالو
نعمان ھو. پنھنجي مالڪ جي نظر ۾ ھو وڏو ڳُڻن ڀريو ماڻھو
ھو ۽ سندس وڏي عزت ھئي، ڇالاءِجو انھيءَ جي وسيلي خداوند
ارام ملڪ کي فتح ڏني ھئي. ھو ھڪ بھادر سپاھي ھو، پر کيس
ڪوڙھہ جھڙي چمڙيءَ جي بيماري ھئي.
2 اسرائيل وارن سان جھڙپ دوران ارامي لشڪر وارا سندن ھڪڙي
ننڍي ڇوڪري قيد ڪري وٺي آيا ھئا، جيڪا نعمان جي زال جي
نوڪرياڻي بڻائي ويئي. 3 انھيءَ ڇوڪريءَ ھڪڙي ڏينھن پنھنجي
سائڻ کي چيو تہ ”جيڪڏھن منھنجو مالڪ سامريہ ۾ رھندڙ نبيءَ
سان وڃي ملي تہ ھو کيس بيماريءَ مان ڇٽائي چڱو ڀلو ڪري سگھي
ٿو!“
4 جڏھن نعمان اھا ڳالھہ ٻڌي تڏھن ھو بادشاھہ وٽ ويو ۽ اسرائيل
جي ڇوڪريءَ جيڪي چيو ھو سو کيس ٻڌايائين. 5 تڏھن بادشاھہ
کيس وراڻيو تہ ”ڀلي وڃ. آءٌ تو کي اسرائيل جي بادشاھہ ڏانھن خط
بہ ڏيان ٿو.“ سو نعمان پاڻ سان ٽي سؤ پنجاھہ ڪلوگرام چاندي،
ستر ڪلوگرام سون ۽ ڏھہ جوڙا ڪپڙن جا کڻي روانو ٿيو. 6 جيڪو
خط ھن اسرائيل جي بادشاھہ ڏانھن آندو ھو تنھن ۾ لکيل ھو تہ
”ھن خط سان آءٌ پنھنجي نوڪر نعمان کي موڪليان ٿو، انھيءَ لاءِ
تہ توھين کيس ڪوڙھہ جھڙي چمڙيءَ جي بيماريءَ مان ڇٽائي چڱو
ڀلو ڪرايو.“
7 جيئن ئي اسرائيل جي بادشاھہ خط پڙھيو تيئن ئي پنھنجا ڪپڙا
ڦاڙي چيائين تہ ”آءٌ ڪو خدا آھيان ڇا جو ماريان ۽ جياريان! ھي
بادشاھہ ڇو ھڪڙي ڪوڙھہ جھڙي چمڙي جي بيماريءَ ۾ ورتل
ماڻھوءَ کي ڇٽائي چڱو ڀلو ڪرڻ لاءِ مون ڏانھن ٿو موڪلي؟ ڏسو تہ
ڪيئن نہ ھو مون سان جنگ ڪرڻ لاءِ وجھہ ٿو ڳولھي.“ 8 جڏھن
خدا جي ٻانھي اليشع ٻڌو تہ اسرائيل جي بادشاھہ پنھنجا ڪپڙا ڦاڙيا
آھن، تڏھن ھن ڏانھن چوائي موڪليائين تہ ”تو ڇو پنھنجا ڪپڙا
ڦاڙيا آھن؟ انھيءَ ماڻھوءَ کي مون ڏانھن موڪل تہ کيس خبر پوي
تہ اسرائيل ۾ ڪو نبي آھي.“

*ارام: ان دور ۾ ھي علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجھہ حصي تي مشتمل ھو.

4:34–35 1.با 17:21 5:1–14 لو 4:27

9 سو نعمان پنهنجي گهوڙي گاڏين سميت اليشع جي در تي اچي
بيٺو. 10 اليشع هن ڏانهن قاصد جي هٿان چوائي موڪليو تہ ”وڃي
اردن درياءَ ۾ ست ڀيرا غسل ڪر، پوءِ تو کي اها بيماري صفا ڇڏي
ويندي ۽ تون پاڪ صاف ٿي پوندين.“ 11 پر نعمان کي ڪاوڙ لڳي ۽
چيائين تہ ”مون سوچيو هو تہ هو ضرور مون وٽ ٻاهر نڪري ايندو
۽ بيهي خداوند پنهنجي خدا جو نالو وٺي، انهيءَ بيماريءَ جي مٿان
پنهنجو هٿ ڦيري مون کي چڱو ڀلو ڪندو. 12 نہ تہ دمشق جون
نديون ابانہ ۽ فرفر اسرائيل جي سڀني ندين کان بهتر نہ آهن ڇا؟
آءٌ انهن ۾ غسل ڪري پاڪ صاف نہ ٿو ٿي سگهان ڇا؟“ سو هو
ڪاوڙ ۾ اتان موٽيو.
13 تڏهن نعمان جا نوڪر وٽس آيا ۽ کيس چيائون تہ ”اي سائين!
جيڪڏهن نبي اوهان کي ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ لاءِ چوي ها تہ اوهين
اهو نہ ڪريو ها ڇا؟ تہ پوءِ ڇو توهين هن جي چوڻ مطابق غسل نہ ٿا
ڪريو، تہ ڇٽي ڇڱا ڀلا ٿي پئو؟“ 14 سو هن لهي وڃي اردن درياءَ ۾
ست ٽٻيون ڏنيون، جيئن خدا جي ٻانهي کيس چيو هو. تڏهن هن جي
چمڙي ڇٽي ٻار جي چمڙيءَ جيان ٿي پيئي ۽ هو پاڪ صاف ٿي پيو.
15 پوءِ نعمان ۽ سندس سمورا نوڪر چاڪر خدا جي ٻانهي وٽ
موٽي آيا. نعمان سندس اڳيان بيهي چيو تہ ”هاڻ مون ڄاتي ورتو تہ
خدا جيڪو اسرائيل ۾ آهي تنهن کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ معبود
ڪونهي. سو مهرباني ڪري هاڻي اوهين پنهنجي ٻانهي کان تحفو
قبول ڪريو.“
16 اليشع نبيءَ وراڻيس تہ ”خداوند جيئري جو قسم آهي جنهن جو
آءٌ ٻانهو آهيان، تہ آءٌ تو کان ڪجهہ بہ نہ وٺندس.“ توڙي جو ڪٽي
نعمان زور ڪيس تہ بہ هن انڪار ڪيو. 17 تڏهن نعمان کيس چيو تہ
”جيڪڏهن اوهين تحفو نہ ٿا وٺو تہ پوءِ هڪڙي مهرباني ڪريو جو
مون پنهنجي ٻانهي کي اجازت ڏيو تہ آءٌ هتان ٻہ خچر مٽيءَ جا ڀري
پاڻ سان پنهنجي گهر کڻي وڃان، ڇالاءِجو آءٌ توهان جو ٻانهو اڄ کان
وٺي اڳتي ڪنهن بہ ٻئي معبود جي اڳيان نہ ساڙڻ واري قرباني پيش
ڪندس ۽ نہ وري ڪا ٻي قرباني، پر رڳو خداوند جي حضور ۾ قرباني
پيش ڪندس. 18 پر خداوند شال مون کي رڳو هن هڪڙي ڳالهہ جي
معافي ڏئي جو جڏهن آءٌ بادشاهہ سان گڏجي سندس معبود رمون اڏو
وڃان ۽ کيس سهارو ڏيندي سندس اڏو جهڪان، تڏهن شل خداوند
توهان جي هن ٻانهي کي انهيءَ ڳالهہ جي معافي ڏئي.“ 19 اليشع
کيس چيو تہ ”تون دلجاءِ ڪري هليو وڃ.“ پوءِ هو وٽانئس هليو ويو.
جڏهن نعمان اڃان ٿوري ئي پنڌ تائين ويو هو تہ 20 خدا جي ٻانهي
اليشع جي خدمتگار گيحازيءَ پنهنجي دل ۾ چيو تہ ”منهنجي مالڪ
هن نعمان اراميءَ کي ائين ئي ڇڏي ڏنو ۽ جيڪي هن آندو هو سو
ڪانئس نہ ورتائين. جيئري خداوند جو قسم آهي تہ آءٌ هن جي پٺيان
ڊوڙي وڃي ڪانئس ڪجهہ نہ ڪجهہ وٺندس.“
21 سو گيحازي نعمان جي پٺيان ويو. جڏهن نعمان کيس پنهنجي
پٺيان ڊوڙندو ايندي ڏٺو، تڏهن هو پنهنجي گاڏيءَ تان هيٺ لهي پيو
۽ ڪانئس پڇيائين تہ ”ٻيو تہ سڀ خير آهي؟“ 22 گيحازيءَ وراڻيو
تہ ”هائو، ٻيو سڀ خير آهي. منهنجي مالڪ مون کي موڪليو آهي
۽ چوايو اٿس تہ ’بلڪل هينئر، افرائيم جي جابلو علائقي مان مون
وٽ نبين جي جماعت مان ٻہ ڄڻا آيا آهن. مهرباني ڪري انهن جي
لاءِ پنجٽيهہ ڪلوگرام چاندي ۽ ٻہ وڳا ڪپڙن جا ڏي.‘“ 23 نعمان
وراڻيس تہ ”مهرباني ڪري سٺ ڪلوگرام چانديءَ جا ڪٽي وڃ.“
هن گيحازيءَ تي زور ڀريو ۽ سٺ ڪلوگرام چاندي ۽ ٻہ وڳا ڪپڙن
جا ٻن ڳوٿرن ۾ وڌائين. هن اهي پنهنجي ٻن نوڪرن کي ڏنا ۽ اُهي
گيحازيءَ جي اڳيان کڻي هليا. 24 جڏهن گيحازي ٽڪريءَ وٽ پهتو
تڏهن هن اُهي نعمان جي نوڪرن کان ورتا ۽ پنهنجي گهر ۾ ئي رکي
ڇڏيائين. پوءِ گيحازي انهن نوڪرن کي موڪل ڏني ۽ هو هليا ويا.
25 تنهن بعد هو اندر اچي پنهنجي مالڪ اليشع جي اڳيان بيٺو.
اليشع کانئس پڇيو تہ ”اي گيحازي! تو ڪيڏانهن ويو هئين؟“
گيحازيءَ وراڻيو تہ ”اوهان جو ٻانهو ڪيڏانهن بہ ڪين ويو هو.“
26 اليشع چيس تہ ”منهنجو روح ان وقت تو سان نہ هو ڇا جڏهن اهو
ماڻهو تو سان گڏجڻ لاءِ پنهنجي گاڏيءَ تان هيٺ لٿو هو؟ هي ڪو
چاندي وٺڻ، ڪپڙن وٺڻ، يا زيتون ۽ انگورن جي باغن، ڍورن ڍڳن،
رڍن ٻڪرين، ٻانهن يا ٻانهين جي وٺڻ جو وقت آهي ڇا؟ 27 تنهنڪري
نعمان واري ڪوڙهہ جهڙي چمڙيءَ جي بيماري تو کي ۽ تنهنجي
اولاد کي هميشہ لاءِ لڳندي.“ پوءِ گيحازي جڏهن وٽانئس نڪتو تہ
کيس اهڙي ئي بيماري اچي لڳي ۽ سندس کل بلڪل اڇي ٿي وئي.

## (ڪهاڙيءَ جي ڦر جو ترڻ)

6 1 اليشع جي نبين جي جماعت کيس چيو تہ ”هيءَ جاءِ جتي
اسين توهان سان ملندا آهيون سا تمام سوڙهي آهي. 2 سو اسان
کي اجازت ڏيو تہ اسين اردن درياءَ ڏانهن وڃون ۽ اتان هڪڙو هڪڙو
ڇپر ڪٽي اتي پنهنجي رهڻ لاءِ هڪڙي جاءِ ٺاهيون.“ هن کين وراڻيو
تہ ”ڀلي وڃو.“ 3 انهن مان هڪڙي اليشع کي عرض ڪندي چيو
تہ ”مهرباني ڪري توهين بہ اسان ٻانهن سان گڏجي هلو.“ تڏهن
اليشع وراڻيو تہ ”هائو، آءٌ بہ هلان ٿو.“ 4 پوءِ هو انهن سان گڏجي
ويو. اردن درياءَ تي پهچي هنن وڻ وڍڻ شروع ڪيا.
5 وڻ وڍيندي هڪڙي جي ڪهاڙيءَ جو ڦر پاڻيءَ ۾ ڪري پيو.
تڏهن هن اليشع کي رڙ ڪري چيو تہ ”الاڙي! اي منهنجا سائين!
اها ڪهاڙي تہ اڌاري آندل هئي.“ 6 خدا جي بندي کانئس پڇيو
تہ ”انهيءَ جو ڦر ڪٿي ڪريو آهي؟“ هن اها جاءِ ڏيکاريس. تڏهن
اليشع هڪڙي ڪاٺي وڍي انهيءَ هنڌ اڇلائي تہ ڪهاڙيءَ جو ڦر ٻاهر
نڪري ترڻ لڳو. 7 اليشع کيس چيو تہ ”اهو کڻ.“ تڏهن هن هٿ
ڊگهو ڪري اُهو کڻي ورتو.

## اليشع جو ارامي لشڪر کي شڪست ڏيارڻ

8 ارام جو بادشاهہ اسرائيل سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتو. هن
پنهنجي سالارن سان صلاح مصلحت ڪرڻ کان پوءِ منزل ڪرڻ جا
هنڌ مقرر ڪيا. 9 تڏهن خدا جي بندي اليشع اسرائيل جي بادشاهہ
ڏانهن چوائي موڪليو تہ ”خبردار ٿج، متان فلاڻي هنڌ تان لنگهين،
ڇالاءِجو ارامي اتي اوهان جو اڳ وٺيو ويٺا آهن.“ 10 سو اسرائيل جي
بادشاهہ خدا جي بندي طرفان ٻڌايل هنڌ ڏانهن ماڻهو موڪلي جاچ
ڪرائي. اهڙيءَ طرح بار بار اليشع بادشاهہ کي خبردار ڪندو رهيو
تہ جيئن هو اهڙن هنڌن کان هوشيار رهي. 11 انهيءَ ڳالهہ جي ڪري
ارام جو بادشاهہ ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو. هن پنهنجي سالارن کي
گهرائي کانئن پڇيو تہ ”توهان مان اهڙو ڪير آهي جيڪو اسرائيل
جي بادشاهہ سان ٻڌل آهي؟“ 12 سندس سالارن مان هڪڙي وراڻيو
تہ ”اي منهنجا آقا بادشاهہ! اسان مان ڪوبہ ناهي. پر اليشع نبي
جيڪو اسرائيل ملڪ ۾ رهي ٿو، سو اسرائيل جي بادشاهہ کي اُهي
بہ ڳالهيون ٻڌائي ٿو جيڪي توڙي جو توهين پنهنجي سمهڻ واري
ڪمري ۾ اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن سان ڪريو ٿا.“
13 تڏهن بادشاهہ حڪم ڏنو تہ ”معلوم ڪريو تہ هو ڪٿي آهي تہ
آءٌ ماڻهو موڪلي کيس پڪڙائي وٺان.“ هنن معلوم ڪري اچي کيس
ٻڌايو تہ ”هو دوتين شهر ۾ آهي.“ 14 تڏهن بادشاهہ اوڏانهن هڪ
وڏو لشڪر گهوڙي گاڏين سان ڏياري موڪليو. هنن رات جو وڃي
شهر کي گهيرو ڪيو.
15 صبح جو سوير جڏهن انهيءَ خدا جي بندي جو خدمتگار اُٿي
ٻاهر نڪتو، تڏهن ڏٺائين تہ هڪڙو لشڪر گهوڙي گاڏين سميت شهر
کي وڪوڙيو بيٺو آهي. هو اليشع وٽ موٽي ويو ۽ کيس رڙ ڪري
چيائين تہ ”اي منهنجا آقا! هاڻ اسين ڇا ڪنداسين؟“ 16 اليشع کيس
وراڻيو تہ ”ڊڄ نہ، ڇالاءِجو جيترا اسان سان آهن سي انهن کان وڌيڪ
آهن جيترا هنن سان آهن.“ 17 پوءِ اليشع دعا گهرندي چيو تہ ”اي
خداوند! مهرباني ڪري هن جون اکيون کول تہ هي ڏسي.“ تڏهن
خداوند انهيءَ خدمتگار جون اکيون کوليون ۽ هن ڇا ڏٺو تہ اليشع
جي چوڌاري وارو ٽڪر سندس حفاظت لاءِ باهہ جي گهوڙن ۽ گاڏين
سان ڀريو پيو آهي.
18 جڏهن ارام وارو دشمن لشڪر لهي اليشع کي ويجهو آيو، تڏهن
اليشع خداوند کان دعا گهري تہ ”هنن ماڻهن جي نظر کي منڌي
ڇڏ.“ سو خداوند اليشع جي چوڻ موجب انهن جي نظر کي منڌي
ڇڏيو. 19 تڏهن اليشع انهن ارامين کي چيو تہ ”هي اُهو رستو نہ
آهي، نڪي هي اُهو شهر آهي. منهنجي پٺيان اچو تہ آءٌ اوهان کي
انهيءَ ماڻهوءَ وٽ وٺي هلان جنهن کي اوهين ڳولهيو ٿا.“ پوءِ هو
انهن کي سامريہ شهر ڏانهن وٺي ويو.
20 جڏهن هو سامريہ شهر ۾ داخل ٿيا تڏهن اليشع دعا گهري تہ
”اي خداوند! هنن جون اکيون کول تہ هي ڏسن.“ پوءِ خداوند انهن
جون اکيون کوليون تہ ڇا ڏسن تہ هو سامريہ منجهہ پهچي چڪا هئا.
21 جڏهن اسرائيل جي بادشاهہ انهن کي ڏٺو تڏهن اليشع کان پڇيائين
تہ ”اي منهنجا سائين! ڇا آءٌ هنن کي مارائي ناس ڪري ڇڏيان؟“
22 هن ورندي ڏنس تہ ”نہ، هنن کي نہ ماراءِ. ڇا تون جيڪر
انهن کي مارائي ڇڏيندين جن کي تون مقابلي دوران پڪڙي اچين؟
بلڪ هنن جي اڳيان ماني ۽ پاڻي رکراءِ تہ جيئن اهي کائن پيئن. پوءِ
هنن کي موڪل ڏي تہ ڀلي پنهنجي مالڪ وٽ موٽي وڃن.“ 23 سو
بادشاهہ انهن لاءِ هڪڙي وڏي دعوت جو انتظام ڪيو. جڏهن انهن
کائي پي ڍءُ ڪيو تڏهن انهن کي موڪل ڏنائين ۽ هو پنهنجي مالڪ
ڏانهن موٽي هليا ويا. تنهن کان پوءِ ارامين اسرائيل تي ڪاهہ ڪرڻ
ڇڏي ڏني.

## سامريہ شهر جو گهيري هيٺ اچڻ

24 ڪجهہ وقت کان پوءِ ارام جي بادشاهہ بن‌هدد پنهنجو سارو
لشڪر گڏ ڪيو ۽ چڙهائي ڪري وڃي سامريہ شهر کي گهيري هيٺ
آندائين. 25 گهيري جي ڪري سامريہ ۾ اهڙو تہ اچي ڏڪار پيو جو
هڪڙي گڏهہ جي سسي چانديءَ جي *اسي سڪن تي وڪامڻ لڳي ۽
بہ سؤ گرام ٻيرن جا پلڙا چانديءَ جي †پنجن سڪن تي وڪامڻ لڳا.
26 هڪڙي ڏينهن اسرائيل جو بادشاهہ پٽ تي گهمندي لنگهيو ٿي
ويو تہ هڪڙيءَ عورت کيس پڪاري چيو تہ ”اي منهنجا آقا بادشاهہ!
منهنجي ڪا واهر ڪر.“ 27 بادشاهہ کيس وراڻيو تہ ”جيڪڏهن
خداوند تنهنجي واهر نہ ٿو ڪري تہ پوءِ آءٌ ڪيئن تنهنجي واهر
ڪري سگهندس؟ مون وٽ ڪا ڪٽڪ يا مئي رکي آهي ڇا؟“ 28 پوءِ
بادشاهہ انهيءَ عورت کان پڇيو تہ ”تو کي ڪهڙي تڪليف آهي؟“
هن ٻي عورت ڏانهن اشارو ڪندي وراڻيو تہ ”هن عورت مون کي
چيو تہ ’تون پنهنجو پٽ ڏي تہ اڄ اسين گڏجي انهيءَ کي کائون ۽
سڀاڻي آءٌ پنهنجو ڏيندس.‘ 29 سو انهيءَ ڏينهن منهنجو پٽ اسان
ٻنهي رڌي کاڌو. ٻئي ڏينهن مون هن کي چيو تہ ’هاڻي پنهنجو پٽ
ڏي تہ اُهو کائون.‘ پر هن پنهنجو پٽ لڪائي ڇڏيو.“
30 جڏهن بادشاهہ انهيءَ عورت جي اها ڳالهہ ٻڌي تہ پنهنجا
ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيائين. پوءِ جيئن هو پٽ تي لنگهيو ٿي ويو تہ ماڻهن
ڏانهنس نهاري ڏٺو تہ هن کي اندران ٻت تي ڪٿو پهريل هو. 31 تڏهن
بادشاهہ چيو تہ ”جيڪڏهن اڄ اليشع ولد سافط جي سسي نہ لهرايان

---

*اسي سڪن: يعني اٽڪل هڪ ڪلوگرام چاندي.

†پنجن سڪن: يعني اٽڪل پنجاهہ گرام چاندي.

29:6 شر 57:28، زار 10:4

تہ خدا شل مون سان ائين ئي ڪري بلڪ انهيءَ کان بہ وڌيڪ.“
32 پوءِ هن اليشع کي وٺي اچڻ لاءِ هڪ ماڻهو موڪليو.
هوڏانهن اليشع گهر ۾ ڪن اڳواڻن سان گڏ وينو هو. بادشاهہ جي
قاصد جي پهچڻ کان اڳ اليشع انهن اڳواڻن کي چيو تہ ”هن خونيءَ
بادشاهہ منهنجي سسي لهرائڻ لاءِ هڪ ماڻهو موڪليو آهي. هاڻ،
جڏهن هو هتي پهچي تہ دروازو بند ڪري ڇڏجو ۽ کيس اندر اچڻ نہ
ڏجو. بادشاهہ پاڻ بہ هن جي پنيان اچي پيو.“ 33 اڃا هن انهن سان
ڳالهايو ئي پئي تہ اهو قاصد وٽس آيو ۽ اچي کيس چيو تہ ”بادشاهہ
چوي ٿو تہ ’هيءَ آفت تہ خداوند ئي موڪلي آهي. پوءِ آءٌ ڇو وڌيڪ
خدا جي مدد جو انتظار ڪريان؟‘“
7 1 تڏهن اليشع وراڻيو تہ ”خدا جيڪي فرمائي ٿو سو ٻڌ. هو
چوي ٿو تہ ’سڀاڻي هن ئي وقت ڏاري سامريہ شهر جي دروازي
تي ميدي جا ٽي ڪلوگرام ۽ جَوَن جا ڇهہ ڪلوگرام چانديءَ جي
*هڪ هڪ سڪي تي وڪامندا.‘“ 2 تنهن تي بادشاهہ جي ماڻهوءَ
خدا جي بندي کي چيو تہ ”جيڪڏهن خداوند آسمان جون دريون کولي
ڇڏي تہ بہ ائين ٿي نہ سگهندو.“ تنهن تي اليشع کيس وراڻيو تہ
”تون اهو پنهنجين اکين سان ڏسندين پر انهيءَ مان کائيندين ڪين.“

## سامريہ جو گهيرو ختم ٿيڻ

3 سامريہ شهر جي ٻاهرئين دروازي وٽ ڪوڙهہ جهڙي بيماريءَ
۾ ورتل چار ماڻهو ويٺا هئا جن هڪ ٻئي کي چيو تہ ”اسين مرڻ
گهڙيءَ تائين هتي ڇو ويٺا هجون. 4 جيڪڏهن شهر ۾ ٿا هلون تہ
اتي تہ اڳ ۾ ئي ڏڪار آهي، سو اسين بک سبب مري وينداسين، پر
جي هتي ماٺ ڪيو ويٺا هونداسين تہ بہ مري وينداسين. تنهنڪري
هاڻي هلي ٿا ارامين جي خيمي‌گاهہ ۾ گهڙون. جيڪڏهن هنن اسان
کي جيئرو ڇڏيو تہ ٺيڪ آهي، نہ تہ بہ ماري ڇڏيندا پيو ڇا.“
5 هو شام جو منهن انڌاري مهل ارامين جي خيمي‌گاهہ ڏانهن
وڃڻ لاءِ اٿيا. جڏهن هو خيمي‌گاهہ وٽ پهتا تہ ڇا ڏسن تہ ڪوبہ
ماڻهو اتي ڪونهي. 6 خداوند جي قدرت سان ارامين جي لشڪر
گهوڙي گاڏين سميت هڪ وڏي لشڪر جي اچڻ جو آواز ٻڌو هو ۽
سمجهيو هئائون تہ ”حتين ۽ مصرين جي بادشاهن کي اسرائيل جي
بادشاهہ ڀاڙي ڪيو آهي تہ اسان سان اچي وڙهن.“ 7 تنهنڪري هو
شام جو ئي پنهنجا تنبو، گهوڙا ۽ گڏهہ، مطلب تہ هر شيءِ جيئن
جو تيئن خيمي‌گاهہ ۾ ڇڏي جان بچائي اتي ڀڳا.
8 جڏهن اهي ڪوڙهہ جهڙي بيماريءَ وارا ماڻهو خيمي‌گاهہ ۾
پهتا تڏهن هڪڙي تنبوءَ ۾ گهڙي ويا. هنن اتي کاڌو پيتو ۽ سون،
چاندي ۽ ڪپڙا کڻي وڃي لڪايائون. هو اتان نڪري ٻئي تنبوءَ ۾
گهڙيا ۽ اتان بہ ڪجهہ شيون کڻي وڃي لڪايائون.
9 پوءِ هو هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ ”اسين اهو چڱو ڪم نہ ٿا
ڪريون. اڄ خوشخبريءَ جو ڏينهن آهي پر اسين ڪنهن کي بہ ڪونہ
ٿا ٻڌايون. جيڪڏهن ڏينهن ٿيڻ تائين هتي ترسنداسين تہ اسان کي
سزا ملندي. تنهنڪري هاڻي هلي اها خبر شاهي محل ۾ ٻڌايون.“
10 تڏهن هو واپس موٽيا ۽ اچي شهر جي دربانن کي سڏ ڪري کين
ٻڌايائون تہ ”اسين ارامين جي خيمي‌گاهہ ۾ ويا هئاسون ۽ ڏٺوسون
تہ اتي ڪوبہ ڪونہ هو. هائو، ڪوبہ انساني آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿي
آيو. رڳو گهوڙا ۽ گڏهہ ٻڌا بيٺا هئا ۽ تنبو بہ جيئن جو تيئن کوڙيل
هئا.“ 11 دربانن انهيءَ خبر جو وڏي واڪي اعلان ڪيو ۽ انهيءَ
ڳالهہ جو شاهي محل ۾ اطلاع ڏنو ويو.
12 تڏهن اڃا رات ئي هئي جو بادشاهہ اٿيو ۽ پنهنجي عملدارن
کي چيائين تہ ”آءٌ اوهان کي ٻڌايان تہ ارامين ڇا رٿيو آهي! هنن کي
خبر آهي تہ هتي اسان وٽ ڏڪار آهي، تنهنڪري هو خيمي‌گاهہ مان
نڪري جهنگ ۾ وڃي لڪا آهن. سندن خيال آهي تہ پڪ اسان کاڌي
جي تلاش ۾ شهر مان نڪرنداسين، تڏهن هو اچي اسان کي جيئرو
پڪڙيندا ۽ شهر تي قبضو ڪندا.“ 13 سندس عملدارن مان هڪڙي
چيو تہ ”هن شهر جي ماڻهن جي حالت اهڙي ئي ٿي وئي آهي، جيئن
ڪي مئل ماڻهو هجن. سو هاڻ ڇونہ باقي وڃي بچيل گهوڙن مان
پنجن گهوڙن تي ڪجهہ ماڻهو موڪليون تہ وڃي معلوم ڪري اچن
تہ ٿيو ڇا آهي.“ 14 سو هنن ڪجهہ ماڻهو چونڊيا جن کي بادشاهہ
ٻن گهوڙي گاڏين ۾ موڪليو تہ وڃي ارامين جي لشڪر بابت جاچ
لهي اچن. 15 هو ارامين جي پنيان اردن درياءَ تائين ويا ۽ ڏٺائون تہ
سڄي واٽ ۾ ڪپڙا ۽ ٿانوَ ٽڙيا پکڙيا پيا هئا جيڪي ارامين کان تڙ تڪڙ
۾ ڪري پيا هئا. سو قاصدن موٽي اچي بادشاهہ کي ٻڌايو. 16 تنهن
کان پوءِ سامريہ جا ماڻهو ارامين جي خيمي‌گاهہ ڏانهن ڪاهي پيا
۽ ان کي وڃي لٽيائون. هنن ايترو تہ مال هٿ ڪيو جو جيئن خداوند
فرمايو هو تيئن ئي ٿيو ۽ ميدي جا ٽي ڪلوگرام ۽ جَوَن جا ڇهہ
ڪلوگرام هڪ هڪ چانديءِ جي سڪي تي وڪاڻا.
17 بادشاهہ پنهنجي انهيءَ ذاتي خدمتگار کي شهر جي دروازي
تي مقرر ڪيو هو جيڪو اتي ماڻهن جي پيرن ۾ لتاڙجي مري ويو،
جيئن خدا جي بندي اليشع اڳڪٿي ڪندي چيو هو، جڏهن بادشاهہ
ساڻس ملڻ ويو هو. 18 هائو، اليشع بادشاهہ کي ٻڌايو هو تہ سڀاڻي
سامريہ جي دروازي تي هن وقت ڏاري ميدي جا ٽي ڪلوگرام ۽
جَوَن جا ڇهہ ڪلوگرام هڪ هڪ چانديءَ جي سڪي تي وڪاڻبا.
19 تنهن تي بادشاهہ جي انهيءَ ذاتي خدمتگار کيس وراڻيو هو تہ
”جيڪڏهن خداوند آسمان جون دريون کولي بہ ڇڏي تڏهن بہ ائين
ٿي نہ سگهندو.“ تڏهن اليشع کيس ورندي ڏني هئي تہ ”تون اهو
پنهنجين اکين سان ڏسندين پر انهيءَ مان کائيندين ڪين.“ 20 انهيءَ

*هڪ هڪ سڪي: سڪي ۾ اٽڪل يارهن گرام چاندي هئي.

خدمتگار سان ٿيو بہ ائين ئي، ڇالاءِجو ماڻهن ڪيس لتاڙي ڇڏيو ۽
هو مري ويو.

## شونيم ۾ رهندڙ عورت جي واپسي

8 ① اليشع جنهن عورت جي پٽ کي وري جيئرو ڪيو هو، تنهن
کي چيائين تہ ”اُٿ، پنهنجي خاندان سميت ڪنهن ٻي هنڌ وڃي
رهہ، ڇالاءِجو خداوند هن ملڪ ۾ ڏڪار موڪلڻ وارو آهي، جيڪو
هتي ستن سالن تائين هلندو.“ ② تڏهن اها عورت اُٿي ۽ جيئن خدا
جي بندي چيو هوس تيئن ئي ڪيائين. هوءَ پنهنجي خاندان سميت
اتان رواني ٿي ۽ فلستين جي ملڪ ۾ ستن سالن تائين وڃي رهي.
③ ستن سالن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ هوءَ فلستين جي ملڪ کان
اسرائيل ملڪ ۾ موٽي آئي ۽ پنهنجي گهر ۽ پنهنجي زمين جي موٽي
ملڻ واسطي عرض ڪرڻ لاءِ بادشاهہ ڏانهن رواني ٿي. ④ انهيءَ
وقت بادشاهہ خدا جي بندي جي خدمتگار گيحازيءَ سان پئي ڳالهايو
تہ ”مهرباني ڪري اليشع جيڪي وڏا ڪم ڪيا آهن سي مون کي
ٻڌاءِ.“ ⑤ گيحازي بادشاهہ کي ٻڌائي ئي رهيو هو تہ ڪهڙيءَ طرح
اليشع مردي کي وري جيئرو ڪيو آهي، تہ ان وقت اُها عورت جنهن
جو پٽ اليشع وري جيئرو ڪيو هو سا بادشاهہ وٽ پنهنجي گهر ۽
پنهنجي زمين جي موٽي ملڻ واسطي عرض ڪرڻ لاءِ آئي.
تڏهن گيحازيءَ چيو تہ ”اي منهنجا آقا بادشاهہ! اجها، هي آهي
اها عورت ۽ سندس اهو پٽ جنهن کي اليشع جيئرو ڪيو هو.“
⑥ بادشاهہ ان عورت کان اها ڳالهہ پڇي تہ هن اها بيان ڪري
ٻڌايس. تڏهن بادشاهہ پنهنجي هڪڙي عملدار کي سڏي ڪيس حڪم
ڏنو تہ ”هن عورت جي جيڪا بہ ملڪيت آهي سا ڪيس واپس ڏني
وڃي ۽ جنهن ڏينهن کان هوءَ هي ملڪ ڇڏي هلي ويئي هئي تنهن
ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سندس ٻنيءَ جي جيڪا اپت آهي سا
بہ ڪيس موٽائي ڏني وڃي.“

## حزائيل جو ارامين جي بادشاهہ بن‌هدد کي مارڻ

⑦ اليشع جڏهن دمشق ڏانهن آيو، تڏهن ارام جو بادشاهہ بن‌هدد
بيمار هو. سو بادشاهہ کي ٻڌايو ويو تہ خدا جو بندو هتي آيو آهي.
⑧ تڏهن بادشاهہ حزائيل کي چيو تہ ”پاڻ سان تحفو کڻي وڃي خدا
جي بندي جو استقبال ڪر. کيس چئُہ تہ خداوند کان معلوم ڪري
ٻڌائي تہ آءٌ هن بيماريءَ مان ڇٽندس يا نہ؟“ ⑨ تڏهن حزائيل هن جي
استقبال لاءِ نڪري آيو ۽ پاڻ سان دمشق جي سيني عمدين شين جا
چاليهہ اٺ ڀري تحفي طور کڻي آيو. جڏهن هو اليشع سان مليو تڏهن
کيس چيائين تہ ”تنهنجي خادم ارام جي بادشاهہ بن‌هدد مون کي
تو ڏانهن موڪليو آهي ۽ پڇيو اٿس تہ ’آءٌ هن بيماريءَ کان ڇٽندس
يا نہ؟‘“ ⑩ اليشع کيس وراڻيو تہ ”خداوند مون کي الهام ڪيو آهي
تہ هو ضرور مرندو، پر تون کيس وڃي چئُہ تہ ’تون ڇٽي چڱو ڀلو
ٿيندين.‘“ ⑪ ان بعد اليشع نظر کپائي حزائيل کي ڏسندو رهيو تان
جو حزائيل شرمندو ٿيڻ لڳو. پوءِ خدا جو بندو روئڻ لڳو. ⑫ تڏهن
حزائيل کانئس پڇيو تہ ”منهنجا سائين! ڇو ٿا روئو؟“ هن ورندي
ڏنس تہ ”مون کي انهيءَ نقصان جي خبر آهي جيڪو تون اسرائيل
وارن کي پهچائيندين. هنن جا مضبوط ڪوٽ تون باهہ ڏيئي ساڙي
ڇڏيندين، هنن جا جوان ماڻهو تون تلوار سان قتل ڪندين، هنن جا
ننڍڙا ٻار زمين تي اڇلائي اڇلائي ماري ڇڏيندين ۽ هنن جي پيٽ
وارين عورتن جا تون پيٽ ڦاڙيندين.“ ⑬ تڏهن حزائيل کيس چيو تہ
”آءٌ اوهان جو ٻانهو تہ خسيس ماڻهو آهيان، سو آءٌ ايڏو ڪم ڪيئن
ڪري سگهندس؟“ پر اليشع کيس وراڻيو تہ ”خداوند مون کي ڄاڻايو
آهي تہ تون ارام جو بادشاهہ ٿيندين.“
⑭ پوءِ حزائيل اليشع وٽان روانو ٿيو ۽ پنهنجي مالڪ وٽ موٽي
آيو. تڏهن بن‌هدد کانئس پڇيو تہ ”اليشع تو کي ڇا چيو؟“ هن
وراڻيس تہ ”مون کي چيائين تہ توهين ضرور ڇٽي چڱا ڀلا ٿيندا.“
⑮ ٻئي ڏينهن صبح جو حزائيل هڪڙي سوڙ کڻي پاڻيءَ ۾ پسائي ۽ اُها
بادشاهہ جي مٿان وجهي کيس ٻوساٽي ماري ڇڏيائين. پوءِ حزائيل
سندس جاءِ تي ارام جو بادشاهہ بڻجي وينو.

## يهوداه جو بادشاهہ يهورام
(2.تواريخ 21:1‏-20)

⑯ اسرائيل جي بادشاهہ يورام ولد اخي‌اب جي بادشاهيءَ جي
پنجين سال يهوسفط کان پوءِ سندس پٽ يهورام يهوداه ملڪ جو
بادشاهہ ٿيو. ⑰ جڏهن هن جي بادشاهي شروع ٿي تڏهن سندس عمر
ٻٽيهہ سال هئي. هن اٺکل اٺ سال يروشلم ۾ رهي بادشاهي ڪئي.
⑱ جيئن تہ يهورام اخي‌اب جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي، سو هُو
بہ بدڪردار اخي‌اب جي گهراڻي وانگر اسرائيل جي بادشاهن جي
رستي تي هليو ۽ اهي ئي ڪم ڪيائين جيڪي خداوند جي نظر ۾
برا هئا. ⑲ انهيءَ هوندي بہ خداوند پنهنجي ٻانهي دائود جي خاطر
يهوداه کي ناس ڪرڻ نہ چاهيو، ڇوتہ خداوند دائود سان واعدو ڪيو
هو تہ ”تنهنجي اولاد مان هڪڙي جي حڪمراني هميشہ رهندي.“
⑳ يهورام جي حڪومت دوران ادوم ملڪ يهوداه خلاف بغاوت
ڪئي ۽ هڪ الڳ ملڪ ٺهي پيو هو. ㉑ سو يهورام پنهنجي سيني
جنگي گهوڙي گاڏين سان صعير ڏانهن روانو ٿيو، جتي ادومين سندن
گهيرو ڪيو. پر هو رات جو اٿيا ۽ ادومين جو گهيرو ٽوڙي ڀڄي ويا ۽
سپاهي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا. ㉒ اهڙيءَ طرح ادوم
يهوداه کان باغي ٿي اڄ ڏينهن تائين هڪ الڳ ملڪ آهي. لبناه شهر
وارن بہ انهيءَ ساڳئي ئي وقت بغاوت ڪئي هئي.

1:8 2.با 4:8‏-37 13:8 1.با 19:15 19:8 1.با 11:36 20:8 پيد 27:40

(23) يهورام جو ٻيو احوال ۽ جيڪي ڪجهہ هن ڪيو سو ”يهوداه
جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. (24) سو يهورام
وڃي پنهنجي ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ ڪيس انهن جي پرسان *دائود
جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس پٽ اخزياه انهيءَ جي جاءِ تي
بادشاهہ ٿيو.

## يهوداه جو بادشاهہ اخزياه
(2.تواريخ 22:1–6)

(25) اسرائيل جي بادشاهہ يورام ولد اخي‌اب جي بادشاهيءَ جي
ٻارهين سال اخزياه ولد يهورام يهوداه تي بادشاهي ڪرڻ لڳو.
(26) جڏهن اخزياه بادشاهي ڪرڻ لڳو تڏهن سندس عمر ٻاويهہ سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل هڪ سال بادشاهي ڪئي. هن جي
ماءُ جو نالو عتلياه هو جيڪا اسرائيل جي بادشاهہ عمريءَ جي پوٽي ۽
اخي‌اب جي ڌيءَ هئي. (27) هو بہ اخي‌اب گهراڻي جي رستي تي هليو
۽ انهن وانگر اهڙا ڪم ڪيائين جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا،
چوتہ اخي‌اب جو گهراڻو سندس ناناڻ هو. (28) هو يورام ولد اخي‌اب
سان گڏجي ارام جي بادشاهہ حزائيل سان جنگ ڪرڻ لاءِ گلعاد جي
علائقي ۾ رامات شهر ڏانهن ويو، جتي يورام جنگ ۾ زخمي ٿي
پيو. (29) سو يورام بادشاهہ يزرعيل شهر ۾ موٽي آيو انهيءَ لاءِ تہ
جيڪي زخم کيس ارامين جي هٿان رسيا هئا تن جو علاج ڪرائي.
تڏهن يهوداه جو بادشاهہ اخزياه ولد يهورام کانس پڇڻ لاءِ اتي آيو.

## ييهوءَ جو اسرائيل ملڪ تي بادشاهہ بڻجڻ

9 (1) هوڏانهن نبين جي ٽولي مان هڪڙي کي اليشع نبيءَ گهرائي
چيو تہ ”تياري ڪر ۽ زيتون جي تيل جي هيءَ دنگي کڻي رامات
شهر ڏانهن وڃ. (2) جڏهن تون اتي پهچين تڏهن نمشيءَ جي پوٽي
ييهو ولد يهوسفط کي ڳولهي هٿ ڪج. پوءِ وٽس وڃي کيس ساٿين
کان اٿاري اندرين ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃجانءِ. (3) پوءِ اها دنگي ڪڍي
هن جي مٿي تي تيل پئتي خداوند جو هي فرمان ٻڌائجانس تہ ’مون
تو کي مسح ڪري اسرائيل ملڪ تي بادشاهہ بڻايو آهي.‘ پوءِ تون
دروازو کولي وٺي ڀڄجانءِ ۽ ترسجانءِ نہ.“
(4) سو اهو جوان نبي رامات شهر ڏانهن روانو ٿي ويو. (5) جڏهن
هو اتي پهتو تڏهن اتي فوج جي سالارن کي ويٺل ڏٺائين. هن چيو
تہ ”اي سالارؤ! مون وٽ اوهان مان هڪڙي لاءِ پيغام آهي.“ ييهوءَ
پڇيس تہ ”اسان مان ڪنهن جي لاءِ؟“ هن وراڻيس تہ ”اي سائين!
تنهنجي لاءِ.“ (6) ييهو اٿيو ۽ انهيءَ نبيءَ سان گڏ اندر گهر ۾
گهڙي ويو. تڏهن نبيءَ اهو تيل هن جي مٿي تي وڌو ۽ چيائينس تہ
”خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ’مون خداوند تو کي
مسح ڪري پنهنجي قوم بني اسرائيل جي ڏهن قبيلن مٿان اسرائيل
جو بادشاهہ بڻايو آهي. (7) تون پنهنجي مالڪ اخي‌اب جي گهراڻي
کي تباهہ ڪندين. اهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجن ٻانهن نبين ۽ پنهنجن
ٻين سڀني ٻانهن جي خون جو وير وٺندس، جيڪو ايزبل جي هٿان
ٿيو هو. (8) ايتري قدر جو اخي‌اب جو سڄو گهراڻو ناس ٿيندو. آءٌ
سندس گهراڻي مان هر مرد کي ختم ڪري ڇڏيندس، پوءِ اهو غلام
هجي توڙي آزاد. (9) آءٌ اخي‌اب جي گهراڻي کي يربعام ولد نباط
جي گهراڻي ۽ بعشا ولد اخياه جي گهراڻي جهڙو ڪري ڇڏيندس.
(10) رهيو سوال اخي‌اب جي زال ايزبل جو، تنهن جي لاش کي يزرعيل
جي علائقي ۾ ڪتا کائيندا ۽ کيس ڪوبہ دفن ڪرڻ وارو ڪونہ
هوندو.‘“ اهو ٻڌائي نبي دروازو کولي وٺي ڀڳو.
(11) جڏهن ييهو پنهنجي ساٿين وٽ موٽي آيو، تڏهن هڪڙي کانئس
پڇيو تہ ”ٻيو تہ خير آهي؟ اهو چريو ماڻهو تو وٽ ڇو آيو هو؟“ تنهن
تي ييهوءَ کين وراڻيو تہ ”ڇا اوهان کي انهيءَ ماڻهوءَ جي ۽ جيڪي
هن چيو تنهن جي خبر آهي؟“ (12) هنن کيس وراڻيو تہ ”نہ، اسان کي
خبر ناهي. تون ٻڌاءِ تہ هن ڇا چيو.“ تڏهن ييهوءَ انهيءَ ماڻهوءَ جي
چيل هي ڳالهہ کين ٻڌائي تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’مون تو کي
مسح ڪري اسرائيل تي بادشاهہ مقرر ڪيو آهي.‘“ (13) تڏهن انهن
مان هر هڪ تڙ تڪڙ ۾ پنهنجي پنهنجي چادر لاهي سندس هيٺان
ڏاڪڻ تي وڇائي. پوءِ هنن نفيلون وڄائي وڏي واڪي چيو تہ ”ييهو
بادشاهہ آهي.“

## ييهوءَ جو اسرائيل جي بادشاهہ يورام کي قتل ڪرڻ

(14)–(15) پوءِ ييهوءَ يورام بادشاهہ جي خلاف منصوبو رٿيو. هوڏانهن
يورام يزرعيل شهر ۾ هو جتي هو انهن زخمن جي علاج لاءِ ويو هو
جيڪي کيس اسرائيل جي لشڪر سان گڏ رامات شهر جي حفاظت
ڪندي ارام جي بادشاهہ حزائيل خلاف جنگ ۾ رسيا هئا. سو ييهوءَ
پنهنجي ساٿين کي چيو تہ ”جيڪڏهن اوهين مون سان گڏ آهيو تہ پوءِ
خيال ڪريو تہ مٿان ڪو ڪٿان نڪري وڃي يزرعيل شهر وارن کي اها
خبر ٻڌائي.“ (16) پوءِ ييهو هڪ لشڪر ساڻ ڪري گهوڙي گاڏيءَ ۾
سوار ٿي يزرعيل ڏانهن روانو ٿيو، ڇالاءِجو يورام اتي آرام لاءِ ترسيل
هو ۽ يهوداه جو بادشاهہ اخزياه يورام کان پڇڻ لاءِ اتي آيل هو.
(17) يزرعيل ۾ ٺُلهہ تي بيٺل هڪڙي پهريدار جڏهن ييهوءَ جي لشڪر
کي ايندي ڏٺو، تڏهن پڪاري چيائين تہ ”هڪڙو لشڪر ايندو ڏسڻ
۾ اچي ٿو.“ تڏهن يورام حڪم ڏنو تہ ”هڪڙي گهوڙي سوار کي
گهرايو. کيس موڪليو تہ وڃي واٽ تي انهن سان ملي کانئن پڇي
تہ ’ڇا توهان جو اچڻ خيري آهي؟‘“ (18) تڏهن هڪڙو سوار گهوڙي
تي چڙهي ييهوءَ سان گڏجڻ لاءِ ويو ۽ کيس چيائين تہ ”بادشاهہ

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

6:9 1.با 16:19    10:9 1.با 23:21

پڇي ٿو تہ ’ڇا توهان جو اچڻ خيري آهي؟‘“ تنهن تي ييهوءَ کيس
وراڻيو تہ ”تنهنجو خير سان ڪهڙو واسطو؟ منهنجي پٺيان هل.“
تڏهن هڪڙي پهريدار وڃي بادشاهہ کي اطلاع ڏنو تہ ”قاصد
لشڪر تائين پهتو تہ آهي پر واپس ڪونہ ٿو اچي.“ 19 سو بادشاهہ
وري ٻيو گهوڙي سوار موڪليو. جڏهن هو وٽن آيو تڏهن کين چيائين
تہ ”بادشاهہ چوي ٿو تہ ’ڇا توهان جو اچڻ خيري آهي؟‘“ ييهوءَ
کيس وراڻيو تہ ”تنهنجو خير سان ڪهڙو واسطو؟ منهنجي پٺيان تي
هل.“
20 تڏهن پهريدار وري وڃي بادشاهہ کي اطلاع ڏنو تہ ”قاصد
لشڪر وٽ پهتو تہ آهي پر هو موٽي ڪونہ ٿو اچي. اها سواري
نمشيءَ جي پوٽي ييهوءَ جي سواريءَ جهڙي آهي ڇوتہ هو وڏي
جوش مان هڪليندو آهي.“ 21 تنهن تي يورام حڪم ڏنو تہ ”منهنجي
گهوڙي گاڏي تيار ڪئي وڃي.“ هن لاءِ گهوڙي گاڏي تيار ڪئي
ويئي. تڏهن اسرائيل جو بادشاهہ يورام ۽ يهوداہ جو بادشاهہ اخزياہ
پنهنجي پنهنجي گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي ييهوءَ جي استقبال لاءِ
نڪري آيا. هو ساڻس انهيءَ زمين جي ٽڪري وٽ گڏيا جيڪو نابوت
يزرعيليءَ جي ملڪيت هو.
22 جڏهن يورام ييهوءَ سان مليو تڏهن کانئس پڇيائين تہ ”اي
ييهوءَ! خير سان تہ آيو آهين؟“ تنهن تي ييهوءَ وراڻيس تہ ”جيسين
تنهنجي ماءُ ايزبل جي بت‌پرستي ۽ جادوگري ايتريون وڌيل هونديون
تيسين خير ڇا جو.“ 23 تڏهن يورام پويان پير ڪري وٺي ڀڳو ۽ پڇندي
اخزياہ کي چيو تہ ”اخزياہ! بغاوت ٿي ويئي آهي!“ 24 تڏهن ييهوءَ
پنهنجو تيرڪمان کڻي يورام کي تير هنيو جيڪو سندس پٺيءَ ۾
وڃي لڳو ۽ دل منجهان پار هليو ويس. يورام پنهنجي گاڏيءَ ۾ ئي
ڪري مري ويو. 25 ييهو پنهنجي لشڪر جي سالار بدقر کي چيو تہ
”هن کي کڻي نابوت يزرعيليءَ جي پٽيءَ ۾ اڇلائي ڇڏ. تو کي ياد
هوندو تہ جڏهن آءٌ ۽ تون يورام جي پيءُ اخي‌اب جي پٺيان گڏ پئي
وياسين، تڏهن خداوند اخي‌اب جي خلاف هي لفظ چيا هئا تہ 26 ’مون
ڪالهہ نابوت ۽ سندس پٽن جو خون ڏٺو. سو آءٌ بہ واعدو ٿو ڪريان
تہ تو کان بہ هن ساڳي ئي هنڌ تي بدلو وٺندس.‘“ ييهوءَ پنهنجي
ساٿيءَ کي وڌيڪ چيو تہ ”سو هاڻي هن جو لاش کڻي انهيءَ زمين
۾ اڇلائي ڇڏ تہ جيئن جيڪي خداوند فرمايو هو سو پورو ٿئي.“

## ييهوءَ جو اخزياہ بادشاهہ کي قتل ڪرائڻ

27 جڏهن يهوداہ جي بادشاهہ اخزياہ اهو حال ڏٺو تہ باغ واري گهر
جو رستو ڏيئي وٺي ڀڳو. ييهو ان جو پيڇو ڪيو ۽ رڙيون ڪندي
چوندو ٿي ويو تہ ”انهيءَ کي بہ ماريو.“ تڏهن گور جي چاڙهي،
جيڪا ابليعام شهر جي ڀرسان آهي، تنهن وٽ ماڻهن هن کي زخمي
ڪري وڌو پر هو مجدو شهر ڏانهن ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽
اتي ئي مري ويو. 28 سندس نوڪرن هن جي لاش کي گهوڙي گاڏيءَ
تي کڻي يروشلم ۾ آندو ۽ دائود جي شهر ۾ کيس شاهي قبرستان ۾
سندس ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ڪيو ويو.
29 اسرائيل جي بادشاهہ يورام ولد اخي‌اب جي بادشاهيءَ جي
يارهين سال، اخزياہ يهوداہ تي بادشاهي ڪرڻ لڳو.

## ايزبل راڻيءَ جو موت

30 پوءِ ييهو جنگي گهوڙي گاڏيءَ تي يزرعيل شهر ۾ آيو. جڏهن
ايزبل راڻيءَ کي اها سڀيئي ڳالهيون ٻڌايون ويون تڏهن هوءَ پنهنجين
اکين ۾ ڪجل پائي ۽ سينڌ ڪڍي دريءَ مان ٻاهر نهارڻ لڳي. 31 جيئن
ئي ييهو در مان اندر داخل ٿيو تہ هن کانئس پڇيو تہ ”اي *زمري!
پنهنجي مالڪ جا قاتل، خير تہ آهي؟“ 32 ييهوءَ دريءَ ڏانهن نهاري
هڪل ڪري چيو تہ ”منهنجي پاسي ڪير ڪير آهي؟“ تڏهن ٻہ يا ٽي
محلاتي ڪدڙا هن ڏانهن دريءَ مان نهارڻ لڳا. 33 ييهوءَ کين چيو تہ
”انهيءَ عورت کي هيٺ کڻي اڇلايو.“ سو هنن ايزبل راڻيءَ کي کڻي
هيٺ اڇلايو تہ سندس رت ديوار ۽ ييهوءَ جي گهوڙن کي وڃي لڳو.
تڏهن ييهوءَ راڻيءَ کي گهوڙن سان لتاڙي ڇڏيو. 34 پوءِ هو محل ۾
اندر گهڙي آيو ۽ اتي ڪاڌائين پيتائين. پوءِ چيائين تہ ”انهيءَ لعنتي
عورت جي لاش کي کڻي وڃي دفن ڪريو، آخر تہ هوءَ بادشاهہ جي
ڌيءَ آهي.“ 35 پر جڏهن هو کيس دفن ڪرڻ لاءِ ويا تڏهن کين هن
جي کوپڙي، هٿن ۽ پيرن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ هٿ ڪين آيو. 36 هنن
موٽي وڃي ييهوءَ کي ٻڌايو. تنهن تي هن چيو تہ ”اهو ئي خداوند
جو ڪلام آهي جيڪو هن پنهنجي ٻانهي الياس تشبيءَ جي واتان
ڪيو هو تہ ’يزرعيل شهر جي زمين تي ايزبل جو ماس ڪتا کائيندا.
37 ايزبل جو لاش يزرعيل جي زمين تي گند ڪچري وانگر پيو هوندو
ايتري قدر جو ڪوبہ سڃاڻي نہ سگهندو تہ هيءَ ايزبل آهي.‘“

## اخي‌اب جي اولاد جو قتلام

10 1 سامريہ شهر ۾ بادشاهہ اخي‌اب جي اولاد مان ستر ڄڻا
رهندا هئا. ييهوءَ سامريہ جي اڳواڻن، يزرعيل شهر جي
عملدارن ۽ جن اخي‌اب جي اولاد مان انهن ستر ڄڻن کي پاليو ٿي تن
ڏانهن خط لکي موڪليا. انهن ۾ لکيائين تہ 2 ”اوهان جي مالڪ جو
اولاد اوهان وٽ رهي ٿو ۽ اوهان وٽ جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ گهوڙا
بہ آهن. ان کان علاوہ اوهان جو شهر قلعي وارو آهي ۽ هٿيار بہ اٿوَ.
سو جنهن وقت هي خط اوهان وٽ پهچي تنهن وقت 3 اوهين ڀلي
پنهنجي مالڪ جي اولاد مان ڪنهن تمام چڱي ۽ لائق کي چوندي

---

*زمري: هو هڪ اسرائيل جو سالار هو، جنهن پنهنجي مالڪ، اسرائيل جي بادشاهہ کي قتل ڪيو هو، ڏسو 1.با 16:8–12.

9:26 1.با 21:19   9:36 1.با 21:23

سندس پيءُ جي تخت تي ويهاريو. پوءِ ڀلي اوهين پنهنجي مالڪ
جي گهراڻي جي پاران منهنجي خلاف وڙهو.“
4 پر سامريه شهر وارا ڏاڍا ڊڄي ويا ۽ چوڻ لڳا ته ”جڏهن ته ٻه
بادشاهه يورام ۽ اخزياه هن کي منهن نه ڏيئي سگهيا ته پوءِ اسين
ڪيئن هن سان وڙهنداسون؟“ 5 سو شاهي محل جي ناظم، شهر جي
گورنر، اتان جي اڳواڻن ۽ اخي‌اب بادشاهه جي اولاد کي پالڻ وارن به
ييهوءَ ڏانهن چوائي موڪليو ته ”اسين اوهان جا ٻانها آهيون، جيئن
اوهين چوندا تيئن ئي ڪنداسين. اسين ڪنهن کي به بادشاهه نه
بڻائينداسون. باقي توهان کي جيڪي وڻي سو ڀلي ڪريو.“ 6 تڏهن
ييهوءَ هنن ڏانهن ٻيو خط لکيو ته ”جيڪڏهن اوهين منهنجي طرف
آهيو ۽ منهنجا فرمانبردار آهيو، ته پوءِ پنهنجي مالڪ جي اولاد جون
سسيون ڀاڻ لاهي سڀاڻي هن ئي وقت ڌاري مون وٽ يزرعيل شهر ۾
کڻي اچو.“
جيئن ته بادشاهه اخي‌اب جي اولاد مان ستر ئي ڄڻا سامريه جي
درٻاري اميرن جي سنڀال هيٺ هئا جن جي هنن پالنا پئي ڪئي، 7 سو
جڏهن اهو خط کين مليو تڏهن هنن بادشاهه جي اولاد مان ستر ئي
ڄڻن جون سسيون لاهي ڇڏيون. هنن اهي سسيون ٽوڪرين ۾ وجهي
ييهوءَ ڏانهن يزرعيل شهر ۾ ڏياري موڪليون.
8 جڏهن ييهوءَ کي ٻڌايو ويو ته اخي‌اب بادشاهه جي اولاد جون
سسيون آنديون ويون آهن، تڏهن ييهوءَ حڪم ڏنو ته ”اهي سسيون
شهر جي ٻاهرئين دروازي وٽ ٻه ڍڳيون ڪري صبح تائين رکي
ڇڏيو.“ 9 ٻئي ڏينهن صبح جو ييهو شهر جي ٻاهرين دروازي ڏانهن
نڪري ويو. هو اتي بيهي موجود ماڻهن کي چوڻ لڳو ته ”اوهين
بي‌گناهه آهيو. مون پنهنجي مالڪ يورام جي خلاف سٽ سٽي ۽
ان کي ماريم، پر هنن سڀني کي ڪنهن ماريو؟ 10 ڏسو، هاڻي ثابت
ٿيو ته جيڪو ڪلام خداوند اخي‌اب جي گهراڻي جي باري ۾ ڪيو
آهي سو سڀ سچو ثابت ٿيندو، ڇالاءِجو خداوند اهو ئي ڪجهه ڪيو
آهي جيڪو پنهنجي نبيءَ الياس جي معرفت چيو هئائين.“ 11 اهڙيءَ
طرح يزرعيل ۾ اخي‌اب بادشاهه جي گهراڻي مان جيڪي بچيا هئا تن
سڀني کي به ييهوءَ مارائي ڇڏيو. ييهوءَ انهيءَ گهراڻي جي سڀني
مک ماڻهن کي، سندن گهاٽن دوستن کي ۽ سندن مذهبي اڳواڻن کي
به مارائي ڇڏيو، ايتري تائين جو انهن مان هڪڙو به نه بچيو.

## اخزياه بادشاهه جي مائٽن جو قتلام

12 پوءِ ييهو اتان روانو ٿي سامريه شهر ڏانهن ويو. جڏهن هو رستي
۾ ريڍارن جي اُن ڪترڻ واري جاءِ تي پهتو، 13 تڏهن اتي يهوداه
جي بادشاهه اخزياه جا ڪجهه مائٽ کيس گڏيا. هن کائن پڇيو ته
”اوهين ڪير آهيو؟“ تنهن تي هنن وراڻيس ته ”اسين اخزياه جا مائٽ
آهيون. اسين يزرعيل ۾ بادشاهه ۽ راڻيءَ جي ٻارن کي سلام ڪرڻ
ٿا وڃون.“ 14 ييهوءَ حڪم ڏنو ته ”هنن کي جيئرو ئي پڪڙيو.“ سو
هنن کي جيئرو ئي پڪڙيو ويو ۽ کين اُن ڪترڻ واري جاءِ جي حوض
وٽ قتل ڪيو ويو. اهي ڪل ٻائيتاليهه ڄڻا هئا جن مان ڪنهن کي
به جيئرو نه ڇڏيو ويو.

## اخي‌اب جي باقي بچيل مائٽن جو قتلام

15 پوءِ ييهو اتان روانو ٿيو ۽ رستي ۾ کيس يهوناداب ولد
ريڪاب گڏيو، جيڪو سندس استقبال ڪرڻ لاءِ آيو پئي. ييهوءَ کيس
ڪيڪاريندي چيو ته ”جيئن منهنجي دل تو سان سچي آهي تيئن
تنهنجي دل به مون سان آهي يا نه؟“ يهوناداب وراڻيس ته ”بلڪل
آهي.“ تڏهن ييهوءَ کيس چيو ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ مون کي
پنهنجو هٿ ڏي.“ هن کيس هٿ ڏنو ۽ ييهوءَ کيس ڇڪي پنهنجي
جنگي گهوڙي گاڏيءَ ۾ ويهاريو. 16 ييهوءَ کيس چيو ته ”مون سان
گڏجي هل ۽ ڏس ته خداوند لاءِ مون کي ڪيتري نه غيرت آهي.“
پوءِ هو ساڻس گڏ سندس جنگي گهوڙي گاڏيءَ ۾ روانو ٿيو.
17 جڏهن ييهو سامريه شهر ۾ آيو تڏهن اتي اخي‌اب جي گهراڻي
مان جيڪي ماڻهو بچيا هئا تن سڀني کي هن مارائي ناس ڪري ڇڏيو.
ائين ڪرڻ سان الياس نبيءَ سان خداوند جو ڪيل ڪلام سچو ثابت
ٿيو.

## بعل ديوتا جي پوڄارين کي مارائڻ

18 پوءِ ييهوءَ سامريه شهر جي سڀني ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ کين
چيائين ته ”اخي‌اب بعل ديوتا جي ٿوري پوڄا ڪندو هو، پر آءٌ
انهيءَ جي گهڻي پوڄا ڪندس. 19 سو هاڻي اوهين بعل جا سڀ نبي
سڏائيندڙ، سندس سڀ پوڄيندڙ ۽ سندس سڀ مذهبي اڳواڻ سڏي
مون وٽ آڻيو. ڏسجو متان ڪو رهجي وڃي، ڇوته مون کي بعل جي
لاءِ هڪڙي وڏي قرباني ڪرڻي آهي. سو جيڪو نه ايندو تنهن کي
جيئرو نه ڇڏيندس.“ ييهوءَ اها چالاڪي ٿي ڪئي ته جيئن بعل جا
سڀ پوڄيندڙ مارائي چٽ ڪري ڇڏي.
20 پوءِ ييهوءَ حڪم ڏنو ته ”بعل ديوتا جي پوڄا لاءِ سڀني ماڻهن
کي گهرايو وڃي.“ تڏهن سڄي اسرائيل ملڪ ۾ اهڙو اعلان ڪيو
ويو. 21 سو بعل جا سڀ پوڄاري اچي گڏ ٿيا، اهڙو ڪوبه نه بچيو
جيڪو نه آيو. هو بعل جي پوڄا گهر ۾ داخل ٿيا ته پوڄا گهر هڪڙي
ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ڀرجي ويو. 22 پوءِ ييهو لباس‌خاني جي ناظم
کي حڪم ڏنو ته ”بعل جي سڀني پوڄيندڙن لاءِ مخصوص پوشاڪون
کڻي اچ.“ سو هو انهن لاءِ مخصوص پوشاڪون کڻي آيو.
23 تنهن کان پوءِ ييهو ۽ يهوناداب ولد ريڪاب بعل جي پوڄا گهر
۾ اندر گهڙي ويا. اتي هنن سڀني پوڄارين کي چيو ته ”جاچي ڏسو ته
اوهان منجهه خداوند جي عبادت ڪندڙن مان ته ڪو موجود ڪونهي،

11:10 هوس 4:1

هتي رڳو بعل جا ئي پوڄيندڙ هجن.“ 24 پوءِ ييهو ۽ يهوناداب بعل
ديوتا واسطي جانورن جون قربانيون ۽ ساڙڻ واريون قربانيون پيش
ڪرڻ لڳا. ان کان اڳ ۾ ييهو ٻاهر دروازي تي اسي ماڻهو بيهاري
ڇڏيا هئا، جن کي حڪم ڏنو هئائين تہ ”اوهان کي هنن سڀني ماڻهن
کي مارڻو آهي. جيڪڏهن ڪوبہ ڪنهن کان ڀڄي ويو تہ انهيءَ جي
عيوض هو پنهنجي جان وڃائيندو.“
25 جڏهن هنن ساڙڻ واريون قربانيون ڪري بس ڪئي، تڏهن ييهوءَ
پنهنجي پهريدارن ۽ سالارن کي حڪم ڏنو تہ ”اندر گهڙي وڃي سڀني
کي قتل ڪري ڇڏيو، ڪنهن کي بہ بچي نڪرڻ نہ ڏيو.“ سو هو
اندر گهڙي ويا ۽ انهن کي تلوارن سان ماري ڇڏيائون. پوءِ پهريدارن
۽ سالارن انهن جي لاشن کي گهلي ٻاهر اڇلايو ۽ بعل جي پوڄا گهر
جي اندرين ڪوٺيءَ ۾ ويا. 26 هو اتان ٿنڀي جيان کوڙيل بت ڪڍي آيا
۽ ان کي ساڙي ڇڏيائون. 27 سو هنن بعل جو ٿنڀي جيان نهيل بت
تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ پوڄا گهر بہ ڊاهي ڇڏيائون. سو اڄ ڏينهن تائين
ماڻهو ان کي پائخاني طور استعمال ڪندا ٿا اچن.
28 اهڙيءَ طرح ييهوءَ اسرائيل مان بعل جي پوڄا جي پاڙ پٽي ڇڏي.
29 انهيءَ هوندي بہ ييهوءَ يربعام ولد نباط جي انهيءَ گناهہ کان
منهن نہ موڙيو جيڪو يربعام اسرائيل وارن کان ڪرايو هو، يعني
بيت‌ايل ۽ دان ۾ سونن گابن جي پوڄا.
30 خداوند ييهوءَ کي چيو تہ ”جيڪي منهنجي نظر ۾ چڱو هو
تنهن جي تو سٺي تعميل ڪئي آهي ۽ اخي‌اب جي گهراڻي سان
اهو ڪجهہ ڪيو اٿيئي جيڪي مون چاهيو پئي. تنهنڪري هاڻ تو
سان منهنجو واعدو آهي تہ تنهنجي اولاد مان چوٿين پيڙهيءَ تائين
اسرائيل جي تخت تي ڪونہ ڪو ويهندو ايندو.“ 31 تنهن هوندي بہ
ييهو خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي شريعت تي دل وَ جان سان
نہ هليو. هن يربعام جي گناهہ کان منهن نہ موڙيو جيڪو يربعام
اسرائيل وارن کان ڪرايو هو.

## ييهوءَ جو موت

32 انهن ڏينهن ۾ خداوند اسرائيل جو علائقو گهٽائڻ لڳو. ارام
جي بادشاهہ حزائيل اسرائيل ملڪ جي هن سموري علائقي تي فتح
حاصل ڪئي: 33 اردن درياءَ جي اوڀر ۾ ڏاکڻو شهر عروعير، جيڪو
برساتي نهر ارنون وٽ آهي، تنهن کان وٺي اتر ۾ گلعاد علائقي کان
ويندي بسن علائقي تائين جيڪي گد، روبن ۽ ايرندي واري منسي
قبيلن جا علائقا هئا.
34 ييهوءَ جو باقي احوال جيڪي ڪجهہ هن ڪيو، سو سندس
ڪارنامن ۽ سوڀن سميت ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو
ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 35 نيٺ ييهو وفات ڪري وڃي پنهنجي وڏن
سان آرامي ٿيو ۽ کيس سامريہ شهر ۾ دفنايو ويو ۽ سندس پٽ يهوآخز
سندس جاءِ تي بادشاهہ ٿيو. 36 ييهوءَ سامريہ ۾ رهي اسرائيل تي
اٽڪل اٺاويهہ سال بادشاهي ڪئي.

## يهوداه جي راڻي عتلياه

(2.تواريخ 22:10–23:15)

11 1 جڏهن اخزياه جي ماءُ عتلياه ڏٺو تہ سندس پٽ ماريو ويو
آهي تڏهن هن دائود جي سڄي شاهي گهراڻي کي ماري
ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. 2 پر بادشاهہ يهورام جي ڌيءَ يهوسبع، جيڪا
اخزياه جي ڀيڻ هئي تنهن اخزياه جي پٽ يوآس کي بچائي ورتو،
جيڪو بادشاهہ جي ٻي اولاد سان گڏ قتل ٿيڻ وارو هو. هن يوآس
۽ سندس دائيءَ کي سمهڻ واري ڪمري ۾ وٺي وڃي لڪائي ڇڏيو.
اهڙيءَ طرح هو مرڻ کان بچي ويو. 3 انهيءَ کان پوءِ هو پنهنجي
دائيءَ سان خداوند جي هيڪل ۾ ڇهہ سال لڪل رهيو جڏهن تہ
عتلياه ملڪ تي بادشاهي پئي ڪئي.
4 پوءِ ستين سال ۾ يهويدع ڪاهن شاهي محافظن ۽ محل جي
پهريدارن جي سالارن کي گهرائي کين خداوند جي هيڪل ۾ اچڻ
لاءِ چيو. اتي هن سندن وفاداريءَ لاءِ قسم کڻائي کانئن عهد ورتو،
تنهن کان پوءِ هنن کي بادشاهہ جو پٽ يوآس ڏيکاريائين. 5 انهن
کي حڪم ڏيئي چيائين تہ ”جڏهن اوهان سبت جي ڏينهن تي پنهنجي
پنهنجي ڪم تي اچو، تڏهن اوهان پاڻ کي ٽن حصن ۾ ورهايو. اوهان
مان هڪ حصو محل تي پهرو ڏئي، 6 هڪ حصو صور جي دروازي
تي پهرو ڏئي ۽ هڪ حصو دروازي تي پهري وارن جي پٺيان بيهي.
7 اوهان جا بہ ٽولا جيڪي سبت جي ڏينهن ڪم تان لهي وڃن سي
هيڪل ۾ بادشاهہ يوآس جي حفاظت لاءِ پهرو ڏين. 8 اوهين سڀيئي
پنهنجا پنهنجا هٿيار هٿ ۾ ڪڍي بادشاهہ جي چوڌاري بيهي وڃجو.
جيڪو بہ اوهان جي قطارن جي ويجهو اچي تنهن کي ماري ڇڏجو.
بادشاهہ ڪيڏانهن بہ وڃي تہ اوهين ساڻس گڏ رهجو.“
9 تڏهن انهن سالارن ائين ئي ڪيو جيئن يهويدع ڪاهن کين حڪم
ڏنو هو. هر ڪو پنهنجا پنهنجا ماڻهو جيڪي سبت جي ڏينهن تي
ڪم تان لهڻا هئا يا جيڪي ڪم تي چڙهڻا هئا، سي يهويدع ڪاهن
وٽ وٺي آيو. 10 تڏهن ڪاهن انهن سالارن کي بادشاهہ دائود جا نيزا
۽ ڍالون آڻي ڏنيون جيڪي خداوند جي گهر ۾ رکيون هيون. 11 سڀيئي
پهري وارا پنهنجا پنهنجا هٿيار هٿ ۾ ڪڍي هيڪل جي اڳيان جتي
قربان‌گاهہ آهي، ساڄي پاسي کان وٺي کاٻي پاسي تائين بادشاهہ
جي حفاظت لاءِ چوڌاري بيهي رهيا. 12 تنهن کان پوءِ يهويدع ڪاهن
بادشاهہ جي پٽ يوآس کي ٻاهر وٺي آڻي مٿس تاج رکيو ۽ بادشاهي
ڪرڻ جي قاعدن قانونن جو ڪتاب سندس حوالي ڪيو. پوءِ يوآس
کي مسح ڪري بادشاهہ مقرر ڪيو ويو ۽ ماڻهن تاڙيون وڄائي چيو
تہ ”خدا شل بادشاهہ کي سلامت رکي!“

---

10:29 1.با 12:28–30

13 راڻي عتلياه جڏهن پهريدارن ۽ ٻين ماڻهن جو هل ٻڌو، تڏهن هوءَ
هيڪل جي اڳيان ماڻهن وٽ آئي. 14 هن نهاري ڏٺو تہ نئون بادشاهہ
دستور موجب ٿنڀي جي پاسي ۾ بيٺو هو. سالار ۽ توتارا وڄائڻ وارا
بادشاهہ جي پر ۾ بيٺا هئا. سڀيئي ماڻهو خوشيون پيا ڪن ۽ شرنايون
پيا وڄائين. تڏهن عتلياه جوش وچان پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي رڙيون ڪري
چوڻ لڳي تہ ”غداري! غداري! غداري!“ 15 يهويدع ڪاهن سالارن
کي حڪم ڏيئي چيو تہ ”هن عورت کي گهلي محافظن جي گهيري
۾ ٻاهر وٺي وڃو ۽ جيڪو بہ هن کي ڇڏائڻ لاءِ اچي تنهن کي ماري
ڇڏيو.“ جيئن تہ ڪاهن کين اهو بہ حڪم ڏنو هو تہ هو کيس خداوند
جي هيڪل ۾ قتل نہ ڪن، 16 سو هنن ان کي پڪڙي ورتو ۽ محل
ڏانهن گهلي ڪٺي ويس جتي گهوڙن جي لنگهڻ واري دروازي وٽ
هنن کيس ماري ڇڏيو.

## يهويدع ڪاهن جا سڌارا
(2.تواريخ 23:16–21)

17 پوءِ يهويدع ڪاهن بادشاهہ يوآس ۽ سندس قوم جو خداوند سان
عهد اقرار ڪرايو تہ هو خداوند جي قوم ٿي رهندا. هن بادشاهہ ۽
سندس قوم جي وچ ۾ بہ عهد اقرار ڪرايو. 18 تنهن کان پوءِ سڀيئي
ماڻهو بعل ديوتا جي پوڄا گهر ڏانهن ويا ۽ ان کي ڊاهي ڇڏيائون.
انهيءَ جون سڀيئي قربان‌گاهون ۽ سندس مورتيون بہ ڀڃي ڀورا ڀورا
ڪري ڇڏيائون ۽ بعل ديوتا جي متان نالي مذهبي اڳواڻ کي اتي ئي
قربان‌گاهن جي اڳيان ماري ڇڏيائون.
پوءِ يهويدع ڪاهن خداوند جي هيڪل تي پهريدار مقرر ڪيا.
19 تنهن کان بعد يهويدع، سالار، شاهي محافظ، محل جا پهريدار
۽ ٻيا سڀيئي ماڻهو بادشاهہ يوآس سان گڏجي هيڪل کان محل تائين
آيا. بادشاهہ کي محافظن واري دروازي کان اندر آندو ويو ۽ هو اچي
شاهي تخت تي ويٺو. 20 سڀيئي ماڻهو خوشيءَ سان پرجي ويا ۽ شهر
۾ امن وَ سڪون ٿي ويو، ڇالاءِجو عتلياه کي محل ۾ قتل ڪيو ويو
هو.
21 جڏهن يوآس بادشاهي ڪرڻ لڳو تڏهن سندس عمر ست سال
هئي.

## يهوداه جو بادشاهہ يوآس
(2.تواريخ 24:1–16)

12 1 اسرائيل جي بادشاهہ ييهوءَ جي بادشاهيءَ جي ستين
سال، يوآس يهوداه تي بادشاهہ بڻيو ۽ هن اٽڪل چاليهہ
سال يروشلم ۾ رهي بادشاهي ڪئي. هن جي ماءُ جو نالو ضبياه هو،
جيڪا بيرسبع شهر جي هئي. 2 يوآس پنهنجي حياتيءَ جي ڏينهن
۾ اُهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا، ڇوتہ
يهويدع ڪاهن سندس رهنمائي ڪندو هو. 3 انهيءَ هوندي بہ غير
معبودن جا سمورا پوڄا گهر ڪين ڊاٺا ويا. ماڻهو اڃا بہ اتي ساڙڻ
لاءِ قربانيون پيش ڪندا هئا.
4 بادشاهہ يوآس سڀني ڪاهنن کي گهرائي حڪم ڏنو تہ ”اهي
پيسا جيڪي خداوند جي هيڪل ۾ نذراني طور آندا وڃن ٿا، يعني
باقاعدي قربانين وارا پيسا ۽ خوشيءَ وارين قربانين جا پيسا سي
اوهين گڏ ڪريو. 5 پوءِ اهي پيسا پلي جيڪو بہ ڪاهن وصول ڪري،
سو انهن مان خداوند جي هيڪل ۾ جتي جتي بہ ڀڳ‌ٽٽ نظر اچي
ان جي مرمت ڪرائي.“
6 پر يوآس بادشاهہ جي بادشاهيءَ جي ٽيويهين سال تائين ڪاهنن
هيڪل جي ڪابہ مرمت ڪانہ ڪرائي. 7 سو بادشاهہ يوآس يهويدع
ڪاهن ۽ ٻين ڪاهنن کي سڏائي کين چيو تہ ”اوهين خداوند جي
گهر جي مرمت ڇو نہ ٿا ڪرايو؟ اڳتي اوهان کي جيڪي پيسا ملن
سي پاڻ وٽ نہ رکو، بلڪ هيڪل جي مرمت لاءِ مقرر ڪيل ماڻهن
کي ڏيئي ڇڏيندا ڪريو.“ 8 ڪاهنن اها ڳالهہ قبول ڪئي تہ ”اسين
اڳتي ماڻهن کان پيسا نہ وٺنداسين ۽ نہ وري پنهنجي سر هيڪل جي
مرمت ڪرائينداسين.“
9 پوءِ يهويدع ڪاهن هڪڙي پيتي ڪٺي انهيءَ جي ڍڪ ۾ هڪڙو
سوراخ ڪري هيڪل ۾ قربان‌گاهہ جي پرسان ايندڙ ماڻهن جي ساڄي
پاسي ۾ رکي ڇڏي. جيڪي ڪاهن دربان مقرر هئا سي هيڪل لاءِ
ماڻهن کان ملندڙ پيسا انهيءَ پيتيءَ ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. 10 جڏهن
بہ پيتي پيسن سان پرجي ويندي هئي، تڏهن بادشاهہ جو محرر ۽
سردار ڪاهن ايندا هئا ۽ اهي پيسا ڳڻي ڳوٿرين ۾ وجهي ڇڏيندا هئا.
11 تنهن کان پوءِ اهي ڳڻيل پيسا هيڪل ۾ ڪم جي نگراني ڪندڙن
کي ڏنا ويندا هئا. هو وري اهي ڪم ڪندڙن کي ڏيندا هئا، يعني
واڍن، رازن، 12 اوساري ڪرڻ وارن ۽ سنگ تراشن کي. هو ڪاٺ ۽
تراشيل پٿر بہ انهن پيسن مان خريد ڪندا هئا. ٻيو جيڪو ڪجهہ بہ
خرچ هيڪل جي مرمت تي لڳندو هو تنهن لاءِ پڻ هو پيسا ڏيندا هئا.
13 پر هيڪل جي چانديءَ جي پيالن، ڦلن لاهڻ جي چمٽن، ٿالهين،
توتارن ۽ سون يا چانديءَ جي ڪنهن بہ ٿانو ٺهرائڻ تي انهن پيسن
مان ڪجهہ بہ خرچ نہ ڪيو ويندو هو. 14 اهي پيسا خداوند جي گهر
جي رڳو مرمت لاءِ ڪم ڪندڙن کي ڏنا ويندا هئا. 15 ڪم ڪرڻ وارن
کي پيسا ڏيڻ لاءِ جيڪي ماڻهو مقرر هئا تن کان ڪوبہ حساب ڪتاب
نہ ورتو ويندو هو، ڇالاءِجو هو ايمانداريءَ سان هلندا هئا. 16 قصور
جي تلافي واسطي قربانين ۽ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانين جا پيسا پيتيءَ
۾ نہ وڌا ويندا هئا. پر اهي پيسا ڪاهنن جي مِلڪ ڪيا ويندا هئا.
17 انهيءَ دوران ارام جي بادشاهہ حزائيل، گات شهر تي حملو
ڪري مٿس قبضو ڪري ورتو. تنهن کان پوءِ هو يروشلم تي حملي
ڪرڻ لاءِ ڦريو. 18 يهوداه جي بادشاهہ يوآس اهي سڀ نذرانا جيڪي

---

14:11 2.با 3:23   4:12 خر 30:11–16   15:12 2.با 22:7   16:12 لاو 7:7

هن جي ابن ڏاڏن يهوسفط، يهورام ۽ اخزياه ۽ هن پاڻ خداوند لاءِ
وقف ڪيا هئا ۽ جيڪو به سون هيڪل ۽ محل جي خزانن ۾ موجود
هو سو سڀ هن ارام جي بادشاهه حزائيل ڏانهن تحفي طور ڏياري
موڪليو. تنهن کان پوءِ هو يروشلم کي ڇڏي موٽي ويو.

## يوآس جو قتل

19 بادشاهه يوآس جو باقي احوال ”يهوداه جي بادشاهن جي تواريخ
جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 20 يوآس جي عملدارن سندس خلاف سازش
ڪئي ۽ کيس مِلو واري محل ۾ قتل ڪيائون، جيڪو سِله شهر ڏانهن
ويندڙ رستي تي لاهيءَ ۾ آهي. 21 جن عملدارن هن کي قتل ڪيو
سي يوسڪار ولد سماعت ۽ يهوزبد ولد شومير هئا. سندس لاش
کي *دائود جي شهر ۾ سندس ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ڪيو ويو. پوءِ
سندس پٽ امصياه سندس جاءِ تي بادشاهه مقرر ٿيو.

## اسرائيل جو بادشاهه يهوآخز

13 1 يهوداه جي بادشاهه يوآس ولد اخزياه جي بادشاهيءَ جي
ٽيويهين سال يهوآخز ولد ييهو اسرائيل جو بادشاهه بڻيو ۽
هن سامريه شهر ۾ رهي اٺڪل سترهن سال بادشاهي ڪئي. 2 هن
خداوند جي نظر ۾ بڇڙا ڪم ڪيا ۽ بادشاهه يربعام ولد نباط جي
گناهن جي پيروي ڪيائين، جنهن سان هن اسرائيل وارن کان گناهه
ڪرايا هئا. سو هو انهيءَ رستي تي هلندو آيو. 3 تنهنڪري خداوند
جي ڪاوڙ اسرائيل وارن تي پڙڪي اُٿي ۽ هن انهن کي بار بار ارام جي
بادشاهه حزائيل ۽ پوءِ سندس پٽ بن‌هدد بادشاهه جي هٿن ۾ ڏيئي
ڇڏيو. 4 تڏهن يهوآخز خداوند کي عرض ڪيو ۽ خداوند سندس
عرض اگهايو، ڇاڪاڻ‌ته خداوند ڏٺو پئي ته ڪيئن نه اسرائيل وارا
ارامين جي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا هئا. 5 خداوند اسرائيل
وارن کي هڪڙو ڇڏائڻ وارو ڏنو، جنهن کين ارامين جي ظلم مان
ڇڏايو ۽ اهڙيءَ طرح اسرائيل وارا اڳي وانگر پنهنجن گهرن ۾ امن وَ
سڪون سان رهڻ لڳا. 6 انهيءَ هوندي به هو انهن گناهن کان باز
نه آيا جن ۾ يربعام کين آڻي وڌو هو، پر انهن کي جاري رکندا آيا،
بلڪ سامريه ۾ يسيره ديويءَ جي مورتي به رکي رهي.
7 يهوآخز جي فوج ۾ پنجاهه گهوڙي سوارن، ڏهن جنگي گهوڙي
گاڏين ۽ ڏهه هزار پيادن کان سواءِ ٻيو ڪي به ڪين بچيو هو،
ڇالاءِجو ارامين انهن جا ڪيترائي فوجي ماري ڇڏيا هئا. ڪين اهڙو
ڪري ڇڏيو هئائون جهڙي اَن ڳاهڻ واري پِڙ ۾ مٽي.
8 يهوآخز جو باقي احوال جيڪي ڪجهه هن ڪيو، سو سندس
ڪارنامن ۽ سورهين سميت ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو
ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 9 يهوآخز وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن
سان آرامي ٿيو ۽ کيس سامريه ۾ دفن ڪيو ويو. سندس پٽ يهوآس
سندس جاءِ تي تخت‌نشين ٿيو.

## اسرائيل جو بادشاهه يهوآس

10 يهوداه جي بادشاهه يوآس جي بادشاهيءَ جي سٽيهين سال ۾
يهوآس ولد يهوآخز اسرائيل جو بادشاهه بڻيو ۽ سامريه شهر ۾ رهي
هن اٺڪل سورهن سال بادشاهي ڪئي. 11 هن خداوند جي نظر ۾ بڇڙا
ڪم ڪيا. هو يربعام ولد نباط جي رستي تي هلندي انهن سڀني
گناهن کان باز نه آيو جن سان هن اسرائيل وارن کان گناهه ڪرايا هئا.
12 يهوآس جو باقي احوال جيڪي ڪجهه هن ڪيو، سو سندس
ڪارنامن ۽ انهيءَ جنگ سميت جا هن يهوداه جي بادشاهه امصياه
سان ڪئي، سي سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“
۾ لکيل آهن. 13 يهوآس وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان
آرامي ٿيو ۽ سندس پٽ يربعام ثاني سندس تخت تي ويٺو. يهوآس
کي سامريه ۾ اسرائيل جي بادشاهن سان گڏ دفن ڪيو ويو.

## اليشع جو موت

14 اليشع موتمار بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويو هو. اسرائيل جو بادشاهه
يهوآس وٽس آيو ۽ پاسي کان ويهي روئي چوڻ لڳس ته ”اي منهنجا
ابا! اي منهنجا ابا! اي اسرائيل جا محافظ!“ 15 اليشع کيس چيو ته
”تيرڪمان ۽ ڪجهه تير کڻي اچ.“ تڏهن هن ائين ئي ڪيو. 16 پوءِ
اليشع اسرائيل جي بادشاهه کي چيو ته ”تيرڪمان ۾ پنهنجي هٿ
سان تير وجهه.“ هن جڏهن انهيءَ ۾ تير وڌو تڏهن اليشع پنهنجو
هٿ بادشاهه جي هٿ تي رکيو 17 ۽ کيس چيائين ته ”اوپر واري دري
کول.“ هن اها کولي. تڏهن اليشع کيس چيو ته ”تير هڻ.“ هن تير
هنيو. تنهن تي اليشع چيو ته ”خداوند جي فتح جو تير، ارام تي فتح
جو تير! تون افيق ۾ ارامين کي پوريءَ طرح تباهه ڪري ڇڏيندين.“
18 اليشع وري کيس چيو ته ”تير کڻ“ ۽ بادشاهه اهي کنيا. تڏهن
اليشع کيس چيو ته ”اهي زمين تي هڻ.“ هن اهي ٽي ڀيرا زمين
تي هڻي بس ڪئي. 19 تنهن تي خدا جو بندو مٿس ڪاوڙيو ۽ کيس
چوڻ لڳو ته ”تو کي اهي پنج يا ڇهه ڀيرا زمين تي هڻڻ گهربا هئا،
پوءِ تون ارامين کي پوريءَ طرح تباهه ڪري ڇڏين ها. پر هاڻي تون
ارامين کي رڳو ٽي ڀيرا شڪست ڏيندين.“
20 پوءِ اليشع وفات ڪئي ۽ کيس دفنايو ويو.
هر سال بهار جي موسم ۾ موآبين جا ٽولا اسرائيل ملڪ تي ڪاهه
ڪري ايندا هئا. 21 هڪ دفعي جڏهن اسرائيل جا ڪي ماڻهو هڪڙو
لاش دفن ڪري رهيا هئا تڏهن هنن هڪڙو ڪاهه ڪندڙن جو ٽولو
ڏٺو. تنهنڪري هو ان لاش کي اليشع جي قبر ۾ اڇلائي ڀڄي ويا.

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

14:13 2.با 12:2

جنهن وقت اهو لاش اليشع جي هڏن کي وڃي لڳو، انهيءَ دم اهو
ماڻهو وري جيئرو ٿي پيو ۽ پيرن ڀر اٿي بيهي رهيو.

## اسرائيل وارن جون ارامين سان جنگيون

22 يهوآخز جي بادشاهيءَ دوران ارام جي بادشاهہ حزائيل اسرائيل
وارن تي ڏاڍا ظلم ڪيا. 23 پر خداوند هنن تي مهربان ٿيو ۽ مٿن رحم
ڪيائين ۽ ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان پنهنجي ڪيل عهد جي
ڪري هنن تي ٻاجهہ ڪيائين. اڄ ڏينهن تائين هن ڪين تباهہ ڪرڻ
يا پنهنجي حضور مان تڙي ڪڍڻ نہ چاهيو.
24 ارام جي بادشاهہ حزائيل جي وفات کان پوءِ سندس پٽ بن‌هدد
سندس جاءِ تي تخت‌نشين ٿيو. 25 بن‌هدد جي بادشاهيءَ دوران يهوآس
ولد يهوآخز اهي شهر ڪانئس ڪسي ورتا جيڪي هن جنگ ۾ سندس
پيءُ يهوآخز کان قبضي ڪيا هئا. يهوآس ٽي ڀيرا هن کي شڪست
ڏني ۽ اسرائيل جا شهر هن کان موٽائي هٿ ڪيائين.

## يهوداہ جو بادشاهہ امصياہ
(2.تواريخ 25:1–24)

14 1 اسرائيل جي بادشاهہ يهوآس ولد يهوآخز جي بادشاهيءَ
جي ٻئي سال، يهوداہ جي بادشاهہ يوآس جو پٽ امصياہ
بادشاهي ڪرڻ لڳو. 2 هو پنجويهن سالن جي عمر ۾ بادشاهہ ٿيو
۽ اٺتيهہ سال يروشلم ۾ رهي بادشاهي ڪيائين. هن جي ماءُ
جو نالو يهوعدان هو جيڪا يروشلم جي ئي هئي. 3 هن اهي ڪم
ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا، تنهن هوندي بہ پنهنجي
وڏي دائود جهڙا نہ. هو هر ڳالهہ ۾ پنهنجي پيءُ يوآس جي نقش
قدم تي هليو. 4 هن جي ڏينهن ۾ غير معبودن جا پوڄا گهر ڪونہ
ڊاٺا ويا. ماڻهو اڃا بہ اتي ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪندا هئا.
5 جيئن ئي امصياہ جي بادشاهت مضبوط ٿي، تہ هن انهن
عملدارن کي مارائي ڇڏيو جن سندس پيءُ يوآس کي قتل ڪيو هو.
6 پر هن انهن قاتلن جي پٽن کي ڪين مارايو، بلڪ هن ائين ئي ڪيو
جيئن موسيٰ جي شريعت جي ڪتاب ۾ خداوند حڪم فرمايو آهي تہ
”پٽ جي بدلي پيءُ کي موت جي سزا نہ ڏني وڃي، نڪي پيءُ جي
بدلي پٽ کي. هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي گناهہ لاءِ موت
جي سزا ڏني وڃي.“
7 امصياہ لوڻ واري ماٿريءَ ۾ ڏهہ هزار ادومين کي مارائي ڇڏيو
۽ انهيءَ جنگ ۾ هن سلع شهر قبضي ڪري ورتو ۽ انهيءَ جو نالو
يقتي‌ايل رکيائين جيڪو اڄ ڏينهن تائين سڏبو اچي.
8 پوءِ امصياہ اسرائيل جي بادشاهہ يهوآس ولد يهوآخز ولد ييهو
ڏانهن قاصدن جي هٿان چوائي موڪليو تہ ”اچ تہ هڪ ٻئي جو
مقابلو ڪريون.“ 9 پر يهوآس يهوداہ جي بادشاهہ امصياہ ڏانهن
چوائي موڪليو تہ ”لبنان جي ڪانڊيري لبنان جي ديال ڏانهن چوائي
موڪليو تہ ’پنهنجي ڌيءَ منهنجي پٽ کي پرڻائي ڏي.‘ ايتري ۾
لبنان جو هڪڙو جهنگلي جانور اتان اچي لنگهيو ۽ ڪانڊيري کي
لتاڙي هليو ويو. 10 سو اي امصياہ! تو برابر ادوم کي شڪست ڏني
آهي، تنهنڪري ئي هاڻ تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي. پنهنجي انهيءَ
هاڪ تي خوش ٿي گهر ۾ ئي ويهي رهہ. چو ٿو پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي
ملڪ يهوداہ لاءِ مصيبت کي سڏين؟“
11 پر امصياہ سندس ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏنو ۽ پنهنجي ارادي تي
قائم رهيو. سو اسرائيل جو بادشاهہ يهوآس پنهنجو لشڪر وٺي
روانو ٿيو ۽ يهوداہ ملڪ جي بيت‌شمس شهر وٽ امصياہ سان
جنگ ڪيائين. 12 امصياہ جي لشڪر کي شڪست ملي ۽ سندس
سپاهي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ڀڄي ويا. 13 يهوآس امصياہ
کي بيت‌شمس مان جنگي قيدي بڻائي يهوداہ جي گاديءَ واري شهر
يروشلم ڏانهن وٺي آيو. هن اتي يروشلم جي ٻاهران نڪتل ڪوٽ
جي پٽ کي افرائيم دروازي کان وٺي ڪنڊ واري دروازي تائين اٽڪل
ٻہ سؤ ميٽر ڊيگهہ ۾ ڊاهي ڇڏيو. 14 اتان يهوآس خداوند جي گهر
جو سون، چاندي ۽ سمورو سامان ۽ بادشاهي محل جو سمورو خزانو
کڻي سامريہ شهر ۾ موٽي آيو. اتان هو ڪجهہ ماڻهو بہ قيدي بڻائي
وٺي آيو.
15 يهوآس جو باقي ٻيو احوال، سندس ڪارناما ۽ يهوداہ جي
بادشاهہ امصياہ سان ڪيل جنگ، اهي سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن
جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 16 يهوآس وفات ڪري وڃي
پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس سامريہ ۾ اسرائيل جي
بادشاهن سان گڏ دفنايو ويو. سندس جاءِ تي سندس پٽ يربعام ثاني
تخت‌نشين ٿيو.

## يهوداہ جي بادشاهہ امصياہ جي وفات
(2.تواريخ 25:25–28)

17 يهوداہ جو بادشاهہ امصياہ ولد يوآس، اسرائيل جي بادشاهہ
يهوآس ولد يهوآخز جي مرڻ کان پوءِ پندرهن سال جيئرو هو.
18 امصياہ جو باقي ٻيو احوال ”يهوداہ جي بادشاهن جي تواريخ جو
ڪتاب“ ۾ لکيل آهي.
19 يروشلم ۾ امصياہ جي خلاف سازش ڪئي ويئي، تنهنڪري هو
ليڪس شهر ڏانهن ڀڄي ويو. پر دشمنن اوڏانهن بہ سندس پيڇو ڪيو
۽ اتي کيس قتل ڪري ڇڏيائون. 20 هن جو لاش گهوڙي تي يروشلم ۾
آندو ويو ۽ کيس دائود جي شهر ۾ سندس ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ڪيو
ويو. 21 پوءِ يهوداہ جي سڀني ماڻهن عُزياہ کي سندس پيءُ امصياہ
جي جاءِ تي بادشاهہ بڻايو. ان وقت سندس عمر سورهن سال هئي.

---

14:6 شر 24:16

22 عُزياہ پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ايلات شهر تي پيهر قبضو
ڪري يهوداہ ملڪ ۾ شامل ڪيو ۽ ان جي نئين سر تعمير ڪرايائين.

## اسرائيل جو بادشاهہ يربعام ثاني

23 يهوداہ جي بادشاهہ امصياہ ولد يوآس جي بادشاهيءَ جي
پندرهين سال اسرائيل جو بادشاهہ يربعام ثاني سامريہ شهر ۾ رهي
بادشاهي ڪرڻ لڳو ۽ اٽڪل ايڪيتاليهہ سال بادشاهي ڪيائين. 24 هن
اهي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. هو يربعام ولد
نباط وارن انهن سڀني گناهن کان نہ مڙيو جيڪي يربعام اسرائيل
وارن کان ڪرايا هئا. 25 هن اسرائيل جا اڳيان علائقا وري فتح ڪيا،
جيڪي اتر ۾ حمات لڪ کان وٺي ڏکڻ ۾ کاري سمنڊ تائين هئا.
اهو ائين ٿي ٿيو جيئن خداوند، بني اسرائيل جي خدا پنهنجي ٻانهي
گات‌حفر شهر واري نبي يونس ولد اَمتيءَ جي معرفت فرمايو هو.
26 خداوند ڏٺو تہ اسرائيل وارا غلام توڙي آزاد، ڪيڏيءَ نہ مصيبت
۾ هئا ۽ سندن ڪوبہ مددگار ڪونہ هو. 27 جيئن تہ خداوند نہ ٿي
چاهيو تہ اسرائيل وارا مڪمل طرح تباهہ ٿي وڃن، تنهنڪري هن
انهن کي يربعام ثانيءَ جي وسيلي بچايو.
28 يربعام ثانيءَ جو باقي احوال جيڪي ڪجهہ هن ڪيو، سو
سندس ڪارنامن ۽ سوڀن سميت، جن ۾ دمشق ۽ حمات شهرن
جي اسرائيل ۾ واپسي شامل آهي، اهي سڀ ڳالهيون ”اسرائيل جي
بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 29 يربعام ثاني وفات
ڪري ويو ۽ کيس پنهنجي ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ڪيو ويو. پوءِ
سندس پٽ زڪرياہ بادشاهہ بڻيو.

## يهوداہ جو بادشاهہ عُزياہ

(2.تواريخ 26:1–23)

15 1 اسرائيل جي بادشاهہ يربعام ثانيءَ جي بادشاهيءَ جي
ستاويهين سال، عُزياہ ولد امصياہ يهوداہ تي بادشاهي ڪرڻ
لڳو. 2 جڏهن هو بادشاهہ ٿيو تہ سندس عمر سورهن سال هئي.
هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل ٻاونجاهہ سال بادشاهي ڪئي. سندس ماءُ
جو نالو يڪولياہ هو جيڪا يروشلم جي رهاڪو هئي. 3 هن پنهنجي
پيءُ امصياہ وانگر اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا
هئا. 4 انهيءَ هوندي بہ غير معبودن جي پوڄا گهرن کي ڪين ڊاٿو
ويو. ماڻهو اڃا بہ اتي ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪندا هئا. 5 خداوند
عُزياہ بادشاهہ کي ڪوڙهہ جهڙي بيماريءَ سان سٽي وڌو، جيڪا
باقي ساري زندگي کيس لڳي رهي. هو ڌار گهر ۾ رهندو هو ۽
سندس پٽ يوتام شاهي محل جو ڪاروبار سنڀاليندو هو ۽ ملڪ جو
انتظام هلائيندو هو.
6 عُزياہ جو باقي احوال ۽ ٻيو جيڪي ڪم هن ڪيو سو ”يهوداہ
جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 7 عُزياہ وفات
ڪري ويو ۽ کيس پنهنجي ابن ڏاڏن سان گڏ دائود جي شهر ۾ دفن
ڪيو ويو. سندس پٽ يوتام سندس جاءِ تي بادشاهہ ٿيو.

## اسرائيل جو بادشاهہ زڪرياہ

8 يهوداہ جي بادشاهہ عُزياہ جي بادشاهيءَ جي اٺٽيهين سال،
زڪرياہ ولد يربعام ثاني ولد نباط سامريہ شهر ۾ رهي اسرائيل تي
بادشاهي ڪرڻ لڳو ۽ ڇهہ مهينا بادشاهي ڪيائين. 9 هن پنهنجن
ابن ڏاڏن وانگر اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا
هئا. هن بادشاهہ يربعام وارن گناهن کان پاسو نہ ڪيو جن سان
يربعام اسرائيل وارن کان گناهہ ڪرايا هئا. 10 سلوم ولد يبيس هن
جي خلاف سازش ڪئي ۽ کيس ماڻهن جي روبرو ڌڪ هڻي ماري
وڌائين. پوءِ انهيءَ جي جاءِ تي هو پاڻ بادشاهہ بڻيو. 11 زڪرياہ جو
باقي ٻيو احوال ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾
لکيل آهي. 12 اهڙيءَ طرح خداوند جيڪو واعدو ييهوءَ سان ڪيو هو
سو پورو ٿيو تہ ”تنهنجو اولاد *چوٿين پيڙهيءَ تائين اسرائيل جي
تخت تي ويهندو ايندو.“

## اسرائيل جو بادشاهہ سلوم

13 يهوداہ جي بادشاهہ عُزياہ جي بادشاهيءَ جي اوڻيتاليهين سال
سلوم ولد يبيس بادشاهي ڪرڻ لڳو. هن سامريہ شهر ۾ رهي هڪڙو
مهينو بادشاهي ڪئي. 14 مناحم ولد گادي ترضہ شهر کان ڪاهہ
ڪري سامريہ شهر ۾ آيو ۽ سلوم ولد يبيس کي قتل ڪري سندس
جاءِ تي پاڻ بادشاهہ بڻيو. 15 سلوم جو باقي احوال ۽ جيڪا سازش
ڪيائين، سي سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾
لکيل آهن. 16 مناحم جڏهن ترضہ کان ڪاهہ ڪيون پئي آيو تڏهن هن
رستي تي تفسح شهر کي ۽ سندس رهاڪن ۽ ان جي آس‌پاس وارن
کي بلڪل تباهہ ڪري ڇڏيو، ايستائين جو هن پيٽ وارين عورتن جا
بہ پيٽ ڦاڙي ڇڏيا. هن اهو انهيءَ ڪري ڪيو جو اتان جي ماڻهن
هن لاءِ دروازو کولڻ کان انڪار ڪيو هو.

## اسرائيل جو بادشاهہ مناحم

17 يهوداہ جي بادشاهہ عُزياہ جي بادشاهيءَ جي اوڻيتاليهين سال،
مناحم ولد گادي اسرائيل تي بادشاهي ڪرڻ لڳو. هن سامريہ شهر
۾ رهي اٽڪل ڏهہ سال بادشاهي ڪئي. 18 هن اهي ئي ڪم ڪيا
جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. هن پنهنجي بادشاهيءَ جي ڏينهن
۾ بادشاهہ يربعام ولد نباط وارن گناهن کان پاسو نہ ڪيو، جن سان

*چوٿين پيڙهيءَ تائين: زڪرياہ ييهوءَ جي چوٿين پيڙهيءَ هو.

25:14 يون 1:1    7:15 يس 1:6    12:15 2.با 30:10

يربعام اسرائيل وارن کان گناهہ ڪرايا هئا. 19 انهن ڏينهن ۾ اشور
جي شهنشاهہ تگلت پلاسر عرف پول جو لشڪر اسرائيل ملڪ تي
حملو ڪرڻ لاءِ ڪاهي آيو. تنهنڪري مناحم بادشاهہ پنهنجي ماڻهن
جي هٿان چوٽيهہ هزار ڪلوگرام چاندي پول ڏانهن ڏياري موڪليو
تہ جيئن هو سندس ملڪ تي حملو نہ ڪري ۽ مناحم جي بادشاهي
مضبوط ٿيڻ ۾ سندس مدد ڪري. 20 مناحم اهي پيسا اسرائيل جي
دولتمندن کان ڪيا. هر هڪ امير ماڻهوءَ کي *پنجاهہ چانديءَ جا
سڪا اشور جي شهنشاهہ لاءِ ڏيڻا پيا. پوءِ اهو لشڪر پوٺتي موٽي ويو
۽ اسرائيل ملڪ ۾ وڌيڪ نہ ترسيو. 21 مناحم جو باقي احوال ۽ پيو
جيڪي ڪجهہ هن ڪيو سو سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ
جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 22 مناحم وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن
ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ سندس پٽ فقحياه سندس جاءِ تي بادشاهہ ٿيو.

## اسرائيل جو بادشاهہ فقحياه

23 يهوداه جي بادشاهہ عُزياه جي بادشاهيءَ جي پنجاهين سال
فقحياه ولد مناحم سامريہ شهر ۾ رهي اسرائيل تي بادشاهي ڪرڻ
لڳو ۽ اٽڪل ٻہ سال بادشاهي ڪيائين. 24 فقحياه اهي ئي ڪم ڪيا
جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. هن بادشاهہ يربعام ولد نباط
وارن گناهن کان پاسو نہ ڪيو، جن سان يربعام اسرائيل وارن کان
گناهہ ڪرايا هئا. 25 سندس مکيہ سالارن مان هڪڙي فقحہ ولد
رملياه نالي هن جي خلاف سازش ڪئي. هن پنجاهہ گلعادين سان
گڏجي سامريہ جي شاهي محل واري قلعي ۾ فقحياه کي قتل ڪيو
۽ سندس جاءِ تي پاڻ بادشاهہ بڻيو. 26 فقحياه جو باقي احوال ۽ پيو
جيڪي ڪجهہ هن ڪيو سو سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ
جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي.

## اسرائيل جو بادشاهہ فقحہ

27 يهوداه جي بادشاهہ عُزياه جي ٻاونجاهين سال، فقحہ ولد رملياه
سامريہ شهر ۾ رهي اسرائيل تي بادشاهي ڪرڻ لڳو ۽ اٽڪل ويهہ
سال بادشاهي ڪيائين. 28 هن اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي
نظر ۾ برا هئا. هن بادشاهہ يربعام ولد نباط وارن گناهن کان پاسو
نہ ڪيو، جن سان يربعام اسرائيل وارن کان گناهہ ڪرايا هئا.
29 فقحہ جي ڏينهن ۾ اشور جو شهنشاهہ تگلت پلاسر اسرائيل
ملڪ تي ڪاهہ ڪري آيو ۽ عيون، ابيل بيت‌معڪہ، ينوحاه، قادس ۽
حصور شهر، گلعاد جو علائقو، گليل ۽نڊ جي آس‌پاس وارو علائقو
۽ نفتاليءَ جو سڄو علائقو قبضي هيٺ ڪيائين ۽ هو ماڻهن کي
پڻ قيد ڪري اشور ڏانهن وٺي ويو. 30 پوءِ فقحہ ولد رملياه خلاف
هوسيع ولد ايلہ سازش ڪئي ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيائين. يوتام ولد
عُزياه جي بادشاهيءَ جي ويهين سال هوسيع پاڻ اسرائيل جو بادشاهہ
بڻيو. 31 فقحہ جو باقي احوال ۽ پيو جيڪي ڪجهہ هن ڪيو، سو
سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي.

## يهوداه جو بادشاهہ يوتام

(2.تواريخ 27:1–9)

32 اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ ولد رملياه جي بادشاهيءَ جي ٻئي
سال، يوتام ولد عُزياه يهوداه تي بادشاهي ڪرڻ لڳو. 33 جڏهن هو
بادشاهہ ٿيو تڏهن سندس عمر پنجويهہ سال هئي ۽ يروشلم ۾ رهي
هن اٽڪل سورهن سال بادشاهي ڪئي. سندس ماءُ جو نالو يروسا هو،
جيڪا صدوق جي ڌيءَ هئي. 34 هن پنهنجي پيءُ عُزياه وانگر اهي ئي
ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا. 35 انهيءَ هوندي بہ غير
معبودن جا پوڄا گهر نہ ڊاٺا ويا ۽ ماڻهو اجا بہ اتي ساڙڻ لاءِ قربانيون
پيش ڪندا هئا. يوتام خداوند جي گهر جو مٿيون دروازو ٺهرايو.
36 يوتام جو باقي احوال ۽ جيڪي ڪجهہ هن ڪيو سو سڀ ”يهوداه
جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 37 انهن ڏينهن
۾ خداوند ارام جي بادشاهہ رضين ۽ اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ
ولد رملياه کي يهوداه تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. 38 يوتام وفات
ڪري ويو ۽ کيس پنهنجن ابن ڏاڏن سان گڏ دائود جي شهر ۾ دفن
ڪيو ويو. يوتام جو پٽ آخز سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

## يهوداه جو بادشاهہ آخز

(2.تواريخ 28:1–27)

16 1 فقحہ ولد رملياه جي بادشاهيءَ جي سترهين سال، آخز
ولد يوتام يهوداه تي بادشاهي ڪرڻ لڳو. 2 بادشاهہ ٿيڻ
وقت آخز جي عمر ويهہ سال هئي ۽ هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل سورهن
سال بادشاهي ڪئي. هن اهي ڪم نہ ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾
چڱا هئا، جيئن سندس وڏي دائود چڱا ڪم ڪيا هئا. 3 اٽلندو هو
اسرائيل جي بادشاهن جي رستن تي هليو. جن غير قومن کي خداوند
بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي ڪڍيو هو، تن جي ڪراهت جهڙين ريتن
رسمن تي عمل ڪندي هن پنهنجي پٽ کي ساڙڻ واري قربانيءَ طور
پيش ڪيو. 4 هو غير معبودن جي پوڄا گهرن ۾، ٽڪرين جي چوٽين
تي ۽ چانوري واري هر وڻ هيٺ ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪندو هو.
5 بعد ۾ ارام جي بادشاهہ رضين ۽ اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ
ولد رملياه يروشلم تي ڪاهہ ڪري ڪيس گهيري هيٺ آندو پر مٿس
قبضو ڪري نہ سگهيا. 6 انهيءَ وقت ڏاري ارام جي بادشاهہ رضين
ايلات شهر موٽائي هٿ ڪيو، جتان يهوداه وارن کي هڪالي ڪڍي

*پنجاهہ چانديءَ جا سڪا: اٽڪل ڇهہ سؤ گرام.

3:16 شر 31:12  5:16 يس 1:7

چڏيائين. پوءِ ادومي ايلات شهر ۾ وڃي رهڻ لڳا جتي هو اڄ تائين
رهندا ٿا اچن.
(7) هوڏانهن آخز بادشاهہ اشور جي شهنشاهہ تگلت پلاسر ڏانهن
قاصدن جي هٿان چوائي موڪليو تہ ”جيئن تہ آءٌ اوهان جو نوڪر ۽
تابعدار آهيان، سو اچي مون کي ارام ۽ اسرائيل جي بادشاهن جي
هٿن کان بچايو، جيڪي مون تي ڪاهيون ٿا اچن.“ (8) آخز خداوند
جي گهر مان ۽ شاهي محل جي خزانن مان سون ۽ چاندي تحفي طور
اشور جي شهنشاهہ ڏانهن ڏياري موڪليو. (9) اشور جي شهنشاهہ
آخز جي اها ڳالهہ مڃي ۽ دمشق تي چڙهائي ڪري مٿس قبضو
ڪيائين. هو اتان جا ماڻهو قيد ڪري قير ملڪ ڏانهن وٺي ويو ۽
ارام جي بادشاهہ رضين کي قتل ڪري ڇڏيائين.
(10) آخز بادشاهہ اشور جي شهنشاهہ تگلت پلاسر سان ملڻ لاءِ
دمشق ويو. هن اتي هڪ قربان‌گاهہ ڏٺي. آخز بادشاهہ انهيءَ
قربان‌گاهہ جو نقشو ۽ ان جي ٺاهڻ جو طريقو تفصيل سان اورياہ
ڪاهن ڏانهن ڏياري موڪليو. (11) سو اورياہ ڪاهن آخز بادشاهہ جي
موٽي اچڻ کان اڳ ۾ ئي اها قربان‌گاهہ ان طريقي موجب ٺاهي راس
ڪئي. (12) جڏهن بادشاهہ دمشق مان موٽي آيو تڏهن اها قربان‌گاهہ
ڏٺائين (13) ۽ هن انهيءَ تي پنهنجي ساڙڻ واري قرباني ۽ اناج جي
قرباني پيش ڪئي، مٿس اوتڻ واري قرباني پئتيائين ۽ سلامتيءَ
واري قربانيءَ جو رت ڇٽڪاريائين. (14) خداوند لاءِ مخصوص ڪيل
پتل واري قربان‌گاهہ هيڪل جي مقدس جاءِ ۽ نئين قربان‌گاهہ جي
وچ ۾ هئي، سو هن اها اتان سوري نئين قربان‌گاهہ جي اترئين پاسي
رکرائي ڇڏي.
(15) پوءِ بادشاهہ آخز اورياہ ڪاهن کي حڪم ڏنو تہ ”نئين وڏي
قربان‌گاهہ تي مون بادشاهہ جي ۽ ملڪ جي سڀني ماڻهن جي صبح
جو ساڙڻ واري قرباني ۽ شام جو اناج جي قرباني پيش ڪندو ڪر.
ان کان علاوہ ماڻهن جي اوتڻ واري قرباني بہ پيش ڪندو ڪر.
ساڙڻ وارين قربانين بلڪ سڀني جانورن وارين قربانين جو سمورو
رت قربان‌گاهہ تي ڇٽڪاريندو ڪر. پر پتل واري قربان‌گاهہ خدا کان
منهنجي سوال پڇڻ لاءِ رکجو مون لاءِ ڇڏي ڏي.“ (16) اورياہ ڪاهن
ائين ئي ڪيو جيئن بادشاهہ آخز کيس حڪم ڏنو هو.
(17) بادشاهہ آخز پتل جي ريڙهين جا تختا ڌار ڪرائي ڇڏيا ۽ انهن
تان ننديا حوض هٽرائي ڇڏيائين. هن پتل جي ڏاندن جي پٺيءَ تان
وڏو حوض ڪٺائي اهو پٿر جي ٿلهي تي رکرائي ڇڏيو. (18) اشور جي
شهنشاهہ کي خوش ڪرڻ لاءِ آخز محل ۾ شاهي تخت لاءِ ٺاهيل
ٿلهي کي ڪٺائي ڇڏيو ۽ هيڪل ۾ گهڙڻ وارو بادشاهہ جو لنگهہ بہ
بند ڪرائي ڇڏيائين.
(19) آخز جا ٻيا باقي ڪم جيڪي هن ڪيا سي ”يهوداہ جي بادشاهن
جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. (20) آخز وفات ڪري ويو ۽ کيس
*دائود جي شهر ۾ پنهنجن وڏن سان گڏ دفن ڪيو ويو ۽ سندس پٽ
حزقياہ سندس جاءِ تي بادشاهہ ٿيو.

## اسرائيل جو بادشاهہ هوسيع

17 (1) يهوداہ جي بادشاهہ آخز جي بادشاهيءَ جي ٻارهين سال،
هوسيع ولد ايلہ سامريہ شهر ۾ رهي اسرائيل تي بادشاهي
ڪرڻ لڳو ۽ هن اٽڪل نَوَ سال بادشاهي ڪئي. (2) هن اهي ئي ڪم
ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ بُرا هئا، پر اهڙا نہ جيڪي هن کان
اڳي اسرائيل جي ٻين بادشاهن ڪيا هئا.
(3) اشور جو شهنشاهہ سلمنيسر مٿس ڪاهہ ڪري آيو، هوسيع
سندس آڻ مڃي ۽ هر سال کيس ڍل ڀڄائڻ لڳو. (4) پر هڪڙي سال
هوسيع مصر جي ”سو“ نالي بادشاهہ ڏانهن مدد لاءِ پنهنجا قاصد
موڪليا ۽ اشور جي شهنشاهہ کي آئندہ لاءِ ڍل ڏيڻ بہ بند ڪري
ڇڏيائين. جڏهن سلمنيسر کي انهيءَ ڳالهہ جو پتو پيو تڏهن هوسيع
کي گرفتار ڪرائي قيد ۾ وجهي ڇڏيائين. (5) پوءِ سلمنيسر اسرائيل
جي سڄي ملڪ تي چڙهائي ڪئي ۽ سامريہ شهر کي گهيري هيٺ
آندائين. هن انهيءَ شهر کي اٽڪل ٽي سال گهيري هيٺ رکيو.
(6) هوسيع جي بادشاهيءَ جي نائين سال اندر، †اشور جي شهنشاهہ
سامريہ تي قبضو ڪري ورتو ۽ اسرائيل وارن کي قيد ڪري اشور
ڏانهن وٺي ويو. هن انهن مان ڪن کي خلح شهر ۾ تہ ڪن کي
گوزان علائقي جي خابور نديءَ ويجهو ۽ ڪن کي مادئين جي شهرن
۾ آباد ڪيو.

## اسرائيل وارن جو گناهہ جنهن سبب جلاوطن ٿيا

(7) اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ٿيو جو اسرائيل وارن خداوند
پنهنجي خدا جو گناهہ ڪيو، جنهن خدا هنن کي مصر جي بادشاهہ
‡فرعون جي هٿن مان ڪڍي ٻاهر آندو. هنن غير معبودن جي پوڄا
ڪئي (8) ۽ جن قومن کي خداوند بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي ڪڍيو
هو، تن جي ۽ اسرائيل ملڪ جي بادشاهن جي جوڙيل ريتن رسمن تي
هليا. (9) اسرائيل وارن ڳجهہ ڳوهہ ۾ اهڙا ڪم ڪيا جيڪي خداوند
سندن خدا جي نظر ۾ چڱا نہ هئا. هنن پنهنجن سڀني شهرن ٺوڙي
ڳوٺن ۾ يعني هر هنڌ غير معبودن جا پوڄا گهر ٺاهيا. (10) هنن هر

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

†اشور جي شهنشاهہ: انهيءَ سامريہ جي گهيري دوران گهٽو ڪري سلمنيسر جي جاءِ تي سرگون ثاني اشور جو شهنشاهہ ٿيو.

‡فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

14:16 خر 27:1–8، 2.توا 1:4 17:16 1.با 7:23–39، 2.توا 4:2–6 20:16 يس 28:14 10:17 1.با 14:23

مٿاهين ٽڪريءَ تي ۽ چانوري واري هر وڻ هيٺ يسيره ديويءَ جا ٿنڀ
جيان بت کوڙيا ۽ مورتيون رکي ڇڏيون. 11-12 اتي غير معبودن وارين
قربان‌گاهن تي هو ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪندا هئا، جيئن غير قومون
ڪنديون هيون جن کي خداوند بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي ڪڍي
ڇڏيو هو. هنن بتن جي پوڄا ڪئي توڙي جو خداوند کين ائين ڪرڻ
کان روڪيو هو. هنن خداوند کي ڪاوڙائڻ وارا ٻيا برا ڪم به ڪيا.
13 خداوند پنهنجن سڀني نبين ۽ غيبدانن جي وسيلي اسرائيل وارن
توڙي يهوداه وارن کي تنبيهه ڪئي هئي ته ”پنهنجن بڇڙن رستن
کان باز اچو ۽ منهنجي حڪمن ۽ قاعدن قانونن تي هلو جيڪي مون
اوهان جي ابن ڏاڏن کي ڏنا هئا ۽ انهيءَ کان پوءِ به پنهنجن نبي
ٻانهن جي وسيلي اوهان کي ڏنا هئا.“
14 پر هنن ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجا ڳاٽ اوچا رکيائون، جهڙا سندن
ابن ڏاڏن جا هئا جن خداوند پنهنجي خدا تي ايمان نه آندو هو. 15 هنن
سندس حڪمَ مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهو عهدنامو برقرار نه
رکيائون جيڪو خداوند سندن ابن ڏاڏن سان ڪيو هو. هنن سندس
تنبيهن تي به ڪو ڌيان نه ڏنو، بلڪ ڪين جهڙن بتن جي پٺيان لڳي
پاڻ به ڪين جهڙا ٿي پيا. سندن آس‌پاس جيڪي قومون هيون تن
جي پيروي ڪيائون، حالانڪ خداوند کين تنبيهه ڪندو رهيو ته انهن
جهڙا ڪم نه ڪن.
16 هنن خداوند پنهنجي خدا جا سمورا حڪم وساري ڇڏيا ۽
پنهنجي لاءِ ٻه پلٽيل ڳابا ۽ يسيره ديويءَ جا ٿنڀا ناهيائون. هو آسمان
جي ستارن اڳيان سر جهڪائڻ لڳا ۽ بعل ديوتا کي پوڄڻ لڳا. 17 هنن
پنهنجا پٽ ۽ پنهنجون ڌيئر قربانيءَ طور باهه ۾ ساڙي ڇڏيون ۽
فالن ۽ جادوگرين کان ڪم ورتائون. هنن پاڻ کي اهڙن ڪمن جي
حوالي ڪيو جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا ۽ اهڙيءَ طرح هن کي
ڪاوڙايائون.
18 انهيءَ ڪري خداوند اسرائيل وارن تي ڏاڍو ڪاوڙيو، سو انهن
کي پنهنجي حضور مان تڙي جلاوطن ڪري ڇڏيائين. رڳو يهوداه
وارا ئي پنهنجي ملڪ ۾ رهيا. 19 يهوداه وارن به خداوند پنهنجي خدا
جي حڪمن جو خيال نه رکيو بلڪ هو اسرائيل وارن جي ريتن رسمن
تي هلندا آيا. 20 تنهنڪري خداوند بني اسرائيل جي سڄي نسل کي
ڌڪاري ڇڏيو، انهن تي تڪليفون آنديائين ۽ انهن کي ڦرلٽ ڪندڙن
جي حوالي ڪري ڇڏيائين، ايستائين جو هنن کي پنهنجي حضور مان
تڙي جلاوطن ڪري ڇڏيائين.
21 جڏهن خداوند اسرائيل ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽
دائود جي گهراڻي کان ڏهن قبيلن وارو حصو کسيو هئائين، تڏهن
انهن ڏهن قبيلن وارن يربعام ولد نباط کي پنهنجي مٿان بادشاهه
بڻايو. يربعام انهن کي خداوند جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ کان
ڦيرائي ڪانئن وڏا گناهه ڪرايا. 22 اسرائيل وارا يربعام جي ڪيل
گناهن کي ڇهتيل رهيا ۽ انهن کان منهن نه موڙيائون، 23 ايستائين
جو خداوند کين پنهنجي حضور مان تڙي ڪڍي ڇڏيو. اهو ائين ئي
ٿيو جيئن خداوند پنهنجي ٻانهن نبين جي معرفت کين چتاءُ ڏنو هو.
سو اسرائيل وارا پنهنجي ملڪ مان جلاوطن ٿي اشور ۾ آيا، جتي
اڄ ڏينهن تائين رهندا ٿا اچن.

## سامريه علائقي جو وري آباد ٿيڻ

24 پوءِ اشور جي شهنشاهه بابل، ڪوته، عوا، حمات ۽ سفروائم
شهرن مان ماڻهن کي جلاوطن ڪري سامريه علائقي جي شهرن ۾
اسرائيل وارن جي جاءِ تي آباد ڪيو. سو هو انهن شهرن ۾ قبضو وٺي
رهڻ لڳا. 25 سامريه علائقي ۾ رهڻ جي شروعات ۾ انهن ماڻهن
خداوند جو خوف نه رکيو، تنهنڪري خداوند منجهن شينهن موڪليا
جن انهن مان ڪن کي ماري وڌو. 26 تڏهن اشور جي شهنشاهه کي
ٻڌايو ويو ته ”جيڪي قومون اوهان آڻي سامريه جي شهرن ۾ آباد
ڪيون آهن تن کي ته انهيءَ ملڪ جي معبود جي قانونن جي به
ڪا خبر ڪانهي، تنهنڪري هن منجهن شينهن موڪليا آهن جيڪي
کين مارين پيا.“ 27 تنهن تي اشور جي شهنشاهه حڪم ڏنو ته ”جن
ڪاهنن کي اوهان اتان قيدي بڻائي وٺي آيا آهيو تن مان هڪڙو اوڏانهن
ڏياري موڪليو ته اتي وڃي رهي ۽ هنن کي انهيءَ ملڪ جي معبود
جا قانون سيکاري.“ 28 سو سامريه مان قيد ڪري آندل هڪڙو ڪاهن
بيت‌ايل ڏانهن موڪليو ويو. هو اتي رهي انهن ماڻهن کي سيکارڻ
لڳو ته خداوند جي عبادت ڪيئن ڪجي.
29 تنهن هوندي به هر قوم پنهنجي پنهنجي رهڻ وارن شهرن ۾
پنهنجي لاءِ بت ناهي سامريه وارن جي ٺهيل پوڄا گهرن ۾ رکيا.
30 بابل جي ماڻهن سڪات‌بنات ديوتا جا بت، ڪوته جي ماڻهن نيرگل
جا بت، حمات جي ماڻهن اسيما جا بت ۽ 31 عوا جي ماڻهن نبحاز
۽ ترتاق جا بت ناهيا. سفروائم جي ماڻهن پنهنجي ديوتائن ادرملڪ
۽ عنملڪ لاءِ پنهنجا ٻار ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪيا. 32 هو
خداوند جي به عبادت ڪندا هئا، پر هنن پاڻ منجهان ڪي ماڻهو پڻ
چونڊي مذهبي اڳواڻ طور مقرر ڪيا هئا جيڪي هنن لاءِ غير معبودن
وارن پوڄا گهرن ۾ قربانيون پيش ڪندا هئا. 33 اهي خداوند جي
عبادت ته ڪندا هئا، پر هو پنهنجن ملڪن جي ريتن رسمن موجب
پنهنجن معبودن جي پوڄا پڻ ڪندا هئا.
34 اڄ ڏينهن تائين هو پنهنجين اڳوڻين ريتن رسمن تي قائم آهن.
هو نڪي خداوند جي عبادت ڪن ٿا ۽ نه وري انهن قاعدن قانونن
۽ حڪمن تي هلن ٿا جيڪي خداوند يعقوب جي اولاد کي ڏنا هئا.
يعقوب جو نالو خداوند ڦيرائي اسرائيل رکيو هو. 35 جڏهن خداوند
بني اسرائيل سان عهد ڪيو هو تڏهن کين خداوند جو حڪم ٻڌايو
ويو هو ته ”اوهان غير معبودن جي پوڄا نه ڪجو، نه انهن اڳيان سر

16:17 1.با 28:12 — 17:17 شر 10:18 — 34:17 پيد 32:28، 10:35 — 35:17 خر 5:20، شر 9:5

نوائجو ۽ نہ انهن لاءِ قرباني پيش ڪجو. 36 پر جنهن خداوند اوهان
کي پنهنجي وڏيءَ قدرت ۽ زورآور هٿ سان مصر جي ملڪ مان ڪڍي
ٻاهر آندو، تنهن جي ئي عبادت ڪجو. انهيءَ اڳيان سر نوائجو ۽
انهيءَ لاءِ ئي قربانيون پيش ڪجو. 37 قاعدا قانون، شريعت ۽ حڪم
جيڪي هن اوهان جي لاءِ لکيا آهن تن تي هميشہ وڏي خبرداريءَ
سان عمل ڪجو. غير معبودن جي پوڄا هرگز نہ ڪجو. 38 جيڪو
عهد هن اوهان سان ڪيو آهي سو اصل نہ وسارجو. 39 اوهين خداوند
پنهنجي خدا جي ئي عبادت ڪجو ۽ اهو ئي اوهان کي اوهان جي
سڀني دشمنن جي هٿان ڇڏائيندو.“

40 پر انهن پين ملڪن کان آيل ماڻهن انهيءَ تي ڌيان نہ ڏنو، بلڪ
پنهنجين اڳوڻين ريتن رسمن تي قائم رهيا. 41 جيتوڻيڪ هي قومون
خداوند جي عبادت تہ ڪنديون هيون، پر انهيءَ سان گڏ هو پنهنجن
ٺاهيل بتن کي بہ پوڄينديون هيون. اڄ ڏينهن تائين سندن اولاد ۽
سندن اولاد جو اولاد بہ پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر ائين ئي ڪندو ٿو
اچي.

## يهوداه جو بادشاهہ حزقياه
(2.تواريخ 29:1–2، 31:1)

18 1 اسرائيل جي بادشاهہ هوسيع ولد ايلہ جي بادشاهيءَ جي
ٽئين سال حزقياه ولد آخز يهوداه جو بادشاهہ ٿيو. 2 جڏهن
هو بادشاهہ ٿيو تڏهن سندس عمر پنجويهہ سال هئي. هن يروشلم
۾ رهي اٺتيهہ سال بادشاهي ڪئي. هن جي ماءُ جو نالو ابياه
هو جيڪا زڪرياه جي ڌيءَ هئي. 3 هن پنهنجي وڏي دائود وانگر
اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا. 4 هن ٽڪرين
تي ٺهيل غير معبودن جا پوڄا گهر ڊهرائي ڇڏيا ۽ سيپئي ٿنڀي جيان
کوڙيل بت يسيره ديويءَ وارن بتن سميت ڪيرائي ۽ ڀڃرائي ڇڏيائين.
هن موسيٰ جي ٺاهيل انهيءَ پيتلي نانگ کي بہ ڀڃي پورا پورا ڪري
ڇڏيو، جنهن کي *نحشتان سڏيو ويندو هو، ڇالاءِجو ان وقت تائين
بني اسرائيل انهيءَ آڏو ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪندا هئا. 5 حزقياه
جو يقين خداوند، بني اسرائيل جي خدا تي ئي هو. هن کان اڳ
۾ يا هن کان پوءِ يهوداه جو ڪوبہ اهڙو وفادار بادشاهہ نہ ٿيو.
6 هو خداوند سان ئي چهٽيل رهيو ۽ ڪڏهن بہ هن جي نافرماني
نہ ڪيائين. هو انهن حڪمن جي تعميل ڪندو آيو جيڪي خداوند
موسيٰ کي ڏنا هئا. 7 سو خداوند هن ساڻ هو ۽ هو جيڪي بہ ڪندو
هو تنهن ۾ ڪامياب ٿيندو هو. هو اشور جي شهنشاهہ کان باغي
ٿيو ۽ ڪڏهن بہ هن جي تابعداري نہ قبوليائين. 8 هن فلستين جي
هر ننڍڙي ڳوٺ کان وٺي وڏي شهر تائين يعني هر هنڌ، ويندي ڏکڻ
طرف غزه شهر ۽ ان جي آس‌پاس وارن علائقن تائين سندن ٺڪاڻن
تي حملا ڪري کين شڪست ڏني. 9 بادشاهہ حزقياه جي بادشاهيءَ
جي چوٿين سال، جيڪو اسرائيل جي بادشاهہ هوسيع ولد ايلہ جي
بادشاهيءَ جو ستون سال هو، تنهن ۾ اشور جو شهنشاهہ سلمنيسر
اسرائيل ملڪ تي ڪاهہ ڪري آيو ۽ سامريہ شهر کي اچي گهيرو
ڪيائين. 10 ٽن سالن کان پوءِ حزقياه جي بادشاهيءَ جي ڇهين سال،
جيڪو اسرائيل جي بادشاهہ هوسيع جي بادشاهيءَ جو نائون سال
هو، سامريہ شهر اشورين جي قبضي هيٺ اچي ويو. 11 †اشور جو
شهنشاهہ اسرائيل وارن کي قيد ڪري اشور ملڪ ڏانهن وٺي ويو.
هن انهن مان ڪن کي خلح شهر ۾، ڪن کي گوزان علائقي واري
خابور نديءَ جي ويجهو، تہ ڪن کي مادئين جي شهرن ۾ آباد ڪيو.
12 اهو انهيءَ ڪري ٿيو جو هنن خداوند پنهنجي خدا جي فرمانبرداري
نہ ڪئي. هو خدا سان ڪيل عهد ٽوڙيندي انهن سڀني حڪمن تي نہ
هليا جيڪي خداوند جي ٻانهي موسيٰ کين ڏنا هئا. هنن نہ تہ انهن
حڪمن تي عمل ڪيو ۽ نہ ئي وري انهن ڏانهن ڪو ڌيان ڏنائون.

## اشورين جي يروشلم تي ڪاهہ
(2.تواريخ 32:1–19، يسعياه 36:1–22)

13 بادشاهہ حزقياه جي بادشاهيءَ جي چوڏهين سال، اشور جو
شهنشاهہ سنحيرب يهوداه جي سڀني ڪوٽ وارن شهرن تي ڪاهہ
ڪري آيو ۽ مٿن قبضو ڪري ورتائين. 14 سو بادشاهہ حزقياه اشور
جي شهنشاهہ ڏانهن جيڪو لڪيس شهر ۾ هو پيغام موڪليو تہ
”مون قصور ڪيو آهي. اوهين مهرباني ڪري مون وٽان موٽي وڃو ۽
جيڪو بہ تاوان اوهين مون تي رکندا سو آءٌ ڏيندس.“ تڏهن اشور جي
شهنشاهہ ڪانئس ڏهہ هزار ڪلوگرام چاندي ۽ هڪ هزار ڪلوگرام
سون گهريو. 15 سو حزقياه کي خداوند جي گهر ۾ ۽ شاهي محل
۾ جيڪا بہ چاندي هٿ آئي سا سڀ ڪيس ڏياري موڪليائين. 16 هن
خداوند جي گهر جي دروازن ۽ چانئٺن تي جيڪو بہ سون پاڻ چاڙهايو
هو سو سڀ لهرايائين ۽ اهو پڻ اشور جي شهنشاهہ ڏانهن ڏياري
موڪليائين.

17 پوءِ بہ اشور جي شهنشاهہ پنهنجي سپهہ‌سالار اعليٰ، امير
اعليٰ ۽ عملدار اعليٰ کي لڪيس شهر مان وڏو لشڪر ساڻ ڏيئي
بادشاهہ حزقياه ڏانهن يروشلم تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. هو روانا
ٿي يروشلم شهر وٽ آيا. جڏهن هو اتي پهتا تڏهن مٿين ڍنڍ، جيڪا
ڌوٻي گهاٽ جي شاهي رستي تي آهي، تنهن جي موريءَ تي اچي
بيهي رهيا. 18 اتان هنن بادشاهہ حزقياه کي سڏ ڪيو ۽ الياقيم ولد
خلقياه، جيڪو محل جو انتظام سنڀاليندو هو، شبناه جيڪو شاهي

*نحشتان: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي انهن لفظن جي اچارن سان ملندڙ جلندڙ آهي جن جي معنيٰ آهي ”پتل“ ۽ ”نانگ“.

†اشور جو شهنشاهہ: ڏسو 2.بادشاهہ 17:6.

36:17 شر 13:6 4:18 گا 9:21

محرر هو ۽ يوآخ ولد آسف جيڪو شاهي منتظم هو، سي شهر کان
ٻاهر نڪري آيا.
19 اشور جي عملدار اعليٰ انهن ماڻهن هٿان بادشاهہ حزقياہ ڏانهن
هي پيغام موڪليو تہ ”شهنشاهہ اعظم، اشور جو بادشاهہ تو کي
فرمائي ٿو تہ ’تو کي ڇا تي هيڏو ڀروسو آهي؟ 20 تون سمجهين ٿو
تہ تو کي سٺي حڪمت عملي ۽ فوجي طاقت آهي، اهي تہ رڳو
لفظ آهن. آخر تو ڪنهن جي آسري تي مون سان بغاوت ڪئي آهي؟
21 تون مصر تي ڀاڙيو وينو آهين جيڪو هڪ ڦِٽل ڪاني مثل آهي ۽
جيڪو ماڻهو ان تي اَهل ڏيئي هلندو آهي تہ اهو ڪانو سندس هٿ ۾
چُبي پوندو آهي! مصر جو فرعون انهن سڀني سان اهڙو ئي سلوڪ
ڪري ٿو جيڪي مٿس ڀروسو ڪن ٿا.‘“
22 عملدار اعليٰ وڌيڪ انهن ماڻهن کي چيو تہ ”پر جيڪڏهن اوهين
مون کي چوندا تہ ’اسان جو ڀروسو خداوند پنهنجي خدا تي آهي،‘
تہ پوءِ هو اهو ساڳيو معبود نہ آهي ڇا جنهن جون عبادتگاهون
۽ قربانگاهون حزقياہ ختم ڪرائي ڇڏيون؟ بلڪ هن يروشلم وارن
توڙي سڄي يهوداہ وارن کي چيو تہ ’اوهين رڳو يروشلم واري
قربانگاهہ تي قربانيون چاڙهيو.‘ 23 سو هاڻ آءٌ پنهنجي مالڪ اشور
جي شهنشاهہ طرفان تو سان هڪ شرط ٿو رکان تہ آءٌ تو کي ٻہ
هزار گهوڙا ڏيندس، پر انهيءَ شرط سان تہ تو وٽ انهن تي سواري
ڪرڻ لاءِ ماڻهو ٻہ هجن. 24 پر تو وٽ تہ اهي ٻہ نہ هوندا، تہ پوءِ
تون ڪيئن منهنجي مالڪ جي خسيس عملدار کي ٻہ پوئتي هٽائي
سگهندين؟ جڏهن تہ تون جنگي گهوڙي گاڏين ۽ گهوڙي سوارن لاءِ
بہ مصر تي ڀروسو رکيو وينو آهين؟ 25 ٻيو تہ آءٌ هن شهر کي حملو
ڪري برباد ڪرڻ لاءِ اوهان جي معبود خداوند جي چوڻ کان سواءِ
ئي آيو آهيان ڇا؟ خداوند پاڻ مون کي چيو تہ ’هن ملڪ تي چڙهائي
ڪري کيس برباد ڪر.‘“
26 تڏهن عملدار اعليٰ کي الياقيم، شبناہ ۽ يوآخ چيو تہ ”سائين!
مهرباني ڪري اسان سان آرامي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو ڇوتہ اسين اُها
سمجهون ٿا. *يهوداہ وارن جي ٻوليءَ ۾ اسان سان نہ ڳالهايو ڇوتہ
پٽ تي ويٺل ماڻهو ٻڌن ٿا.“ 27 تنهن تي عملدار اعليٰ هنن کي چيو
تہ ”منهنجي مالڪ مون کي رڳو توهان جي مالڪ ۽ توهان ڏانهن
ئي ڪونہ موڪليو آهي. هن مون کي پٽ تي ويٺل ماڻهن ڏانهن بہ
موڪليو آهي. هو بہ اوهان وانگر ئي پاخاني جو گند ڪچرو کائيندا،
جهڙيءَ طرح اوهين کائيندا.“
28 پوءِ عملدار اعليٰ اُٿي يهوداہ وارن جي ٻوليءَ ۾ وڏي واڪي
چوڻ لڳو تہ ”اوهين شهنشاهہ اعظم، اشور جي بادشاهہ جو حڪم
ٻڌو. 29 حزقياہ جي دوکي ۾ نہ اچو. هو اوهان کي اسان جي هٿن مان
ڇڏائي نہ سگهندو. 30 حزقياہ جي انهيءَ ڳالهہ تي يقين نہ ڪجو
تہ اوهان جو خداوند اوهان کي ضرور ڇڏائيندو ۽ هي شهر اشور جي
شهنشاهہ جي قبضي ۾ نہ ڏيئي ڇڏيندو. 31 حزقياہ ڏانهن ڌيان نہ
ڏيو. اشور جو شهنشاهہ اوهان کي چوي ٿو تہ ’پنهنجي شهر مان
نڪري اچي مون وٽ پيش پئو. اوهان مان هر ڪنهن کي اها اجازت
هوندي تہ هو ايستائين پنهنجي ئي انگورن جي وَل مان انگور کائي،
پنهنجي ئي انجير جي وڻ مان انجير کائي ۽ پنهنجي ئي کوهہ مان
پاڻي پيئي، 32 جيستائين آءٌ نہ اچان. آءٌ اوهان کي وٺي اوهان جي
ملڪ جهڙي انهيءَ ملڪ ۾ آباد ڪندس جتي اناج ۽ مئي آهي، ماني
۽ انگور آهن، زيتون جو تيل ۽ ماکي آهي. سو منهنجي ڳالهہ مڃيندا
تہ مرڻ کان بچي ويندا. حزقياہ ڏانهن ڌيان نہ ڏيو، چالاڪيءَ جو هو
ائين چئي اوهان کي گمراهہ ٿو ڪري تہ اوهان جو خداوند اوهان کي
ڇڏائيندو. 33 ٻين قومن جي معبودن مان ڪنهن بہ هڪڙي پنهنجو
ملڪ مون اشور جي شهنشاهہ جي هٿن مان ڪڏهن ڇڏايو آهي ڇا؟
34 حمات ۽ ارفاد جا معبود ڪٿي آهن؟ سفروائم، هينع ۽ عوا جا
معبود ڪٿي آهن؟ ڇا انهن سامريہ کي منهنجي هٿن مان ڇڏايو؟
35 انهن ملڪن جي سڀني معبودن مان ڪير آهي جنهن پنهنجو ملڪ
منهنجي هٿن مان ڇڏايو؟ تہ پوءِ خداوند ڪيئن يروشلم کي منهنجي
هٿن مان ڇڏائيندو؟‘“
36 پر ماڻهن ماٺ ڪيو پئي ٻڌو ۽ جواب ۾ هڪڙو اکر بہ نہ
ڪڇيائون، چالاڪيءَ جو بادشاهہ حزقياہ کين اهو حڪم ڏيئي ڇڏيو هو
تہ هن کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو وڃي. 37 پوءِ الياقم، شبناہ ۽ يوآخ
ڏک ۾ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا ۽ اچي بادشاهہ حزقياہ کي عملدار اعليٰ
واريون ڳالهيون ٻڌايون.

## حزقياہ بادشاهہ جو يسعياہ نبيءَ کان صلاح وٺڻ
(يسعياہ 37:1–7)

19 1 جڏهن بادشاهہ حزقياہ اهو ٻڌو، تڏهن پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙيائين ۽ ڪٿو ڍڪي هيڪل ۾ ويو. 2 هن محل جي منتظم
الياقيم، شبناہ شاهي محرر ۽ وڏن ڪاهنن کي ڪٿا ڍڪائي آموص جي
پٽ يسعياہ نبيءَ ڏانهن موڪليو. 3 هنن وڃي يسعياہ کي حزقياہ جو
هي پيغام ڏيئي چيو تہ ”اڄوڪو ڏينهن اسان لاءِ مصيبت، ملامت ۽
خواريءَ ڀريو ڏينهن آهي. اسان ان عورت مثل آهيون جيڪا ٻار ڄڻڻ
واري آهي، پر ڪمزوريءَ سبب ڄڻي نہ ٿي سگهي. 4 اشور جي
شهنشاهہ پنهنجو عملدار اعليٰ موڪليو آهي جيڪو جيئري خدا جي
خلاف ڪفر ٿو بڪي. خداوند خدا جنهن جا اوهين خاص ٻانها آهيو،
سو شل انهيءَ عملدار اعليٰ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ۽ اشورين کي
انهيءَ جي سزا ڏئي. تنهنڪري اسان مان باقي بچيل ماڻهن جي حق
۾ تون خدا کان دعا گهر.“
5 جڏهن عملدارن بادشاهہ حزقياہ جو اهو پيغام يسعياہ کي ٻڌايو،
6 تڏهن يسعياہ کين چيو تہ ”وڃي پنهنجي مالڪ کي خداوند جو

*يهوداہ وارن جي ٻولي: يعني عبراني ٻولي.

هي فرمان ٻڌايو تہ ’اشور جي شهنشاهہ جي چاڙتن منهنجي باري ۾
جيڪا بڪواس ڪئي آهي، تن ڳالهين جي ڪري تون نہ ڊڄ. 7 ڌيان
سان ٻڌ، آءٌ هنن ۾ هڪڙو افواهہ ڦهلائيندس جنهن جي ٻڌندي ئي
شهنشاهہ پريشان ٿي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي ويندو. پوءِ اتي آءٌ
ڪيس ڪنهن جي هٿان مارائي ڇڏيندس.‘“

## اشورين جي ٻي ڌمڪي
(يسعياه 37:8–13)

8 جڏهن عملدار اعليٰ ٻڌو تہ اشور جو شهنشاهہ لڪيس شهر
مان روانو ٿي ويو آهي ۽ لبناہ شهر وارن سان جنگ جوٽيو بيٺو آهي،
تڏهن هو وٽس صلاح مشوري لاءِ ويو.
9 ساڳئي وقت اشور جي شهنشاهہ کي نياپو مليو تہ مصر جو
*سوڊاني بادشاهہ ترهاقہ مٿن حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجو لشڪر وٺيو ٿو
اچي. جڏهن هن اها خبر ٻڌي تڏهن هن وري بہ ڌمڪي وارو خط لکي
قاصدن جي هٿان يهوداہ جي بادشاهہ حزقياہ ڏانهن ڏياري موڪليو
تہ 10 “جنهن خدا ۾ تون ڀروسو ٿو رکين سو تو کي ائين چئي دوکي
۾ ٿو رکي تہ تنهنجو يروشلم شهر مون اشور جي شهنشاهہ جي
هٿن ۾ نہ ڏنو ويندو. 11 بيشڪ، تو کي معلوم آهي تہ اسان اشور
وارن سڀني ملڪن سان ڇا ڇا ڪيو آهي ۽ ڪيئن نہ کين برباد ڪيو
اٿئون. تہ پوءِ ڇا تون بچي سگهندين؟ 12 جڏهن منهنجي ابن ڏاڏن
تلسار منجهہ رهندڙ بني عدن ۽ گوزان، هاران ۽ رصف شهرن کي
ناس ڪري ڇڏيو تڏهن سندن معبود کين ڪو بچائي سگهيا ڇا؟ 13 ڀلا
حمات، ارفاد، سفروائيم، هينع ۽ عوا شهرن جا بادشاهہ ڪٿي آهن؟“

## حزقياہ جي دعا
(يسعياه 37:14–20)

14 قاصدن اهو خط حزقياہ کي آڻي ڏنو ۽ هُن اهو پڙهيو. پوءِ حزقياہ
هيڪل ۾ وڃي اهو خط خداوند جي آڏو کولي رکيو 15 ۽ خداوند جي
حضور ۾ دعا گهرندي چيائين تہ “اي خداوند، بني اسرائيل جا خدا!
تون جو †پردار آسماني مخلوق جي ٻن مجسمن مٿان تخت تي وينو
آهين، فقط تون ئي ڌرتيءَ جي سڀني بادشاهتن جو خدا آهين. تون
ئي آسمان ۽ زمين جو خلقيندڙ آهين. 16 هاڻي اي خداوند! ڌيان ڏيئي
اسان جي ٻڌ. اي خداوند! اسان ڏانهن نهاري ڏس تہ اسان سان ڇا
ٿو وهي واپري. سنحيرب جون اهي ڳالهيون ٻڌ، جيڪي هن تو زنده
خدا جي خلاف ڪفر بڪندي چيون آهن. 17 اي خداوند! اهو سچ آهي
تہ اشور جي شهنشاهن ڪيترين ئي قومن کي سندن ملڪن سميت
برباد ڪري ڇڏيو آهي. 18 هنن سندن معبودن کي باهہ ۾ اڇلائي
تباهہ ڪري ڇڏيو آهي، ڇالاءِجو اهي حقيقي معبود نہ هئا، بلڪ
ماڻهن جي هٿن جا جوڙيل رڳو ڪاٺ ۽ پٿر جا بوتا هئا. 19 هاڻ، اي
خداوند اسان جا خدا! اسان کي هن جي هٿن مان ڇڏاءِ، تانتہ دنيا
جون سڀئي قومون ۽ بادشاهہ ڄاڻي وٺن تہ رڳو تون ئي خدا آهين.“

## حزقياہ کي يسعياہ معرفت خدا جي ورندي
(يسعياه 37:21–38)

20 تڏهن يسعياہ نبيءَ حزقياہ بادشاهہ ڏانهن چوائي موڪليو تہ
“خداوند، بني اسرائيل جي خدا اشور جي شهنشاهہ سنحيرب خلاف
تنهنجي دعا ٻڌي آهي. 21 تنهن جي جواب ۾ هو سنحيرب کي فرمائي
ٿو تہ
’اي سنحيرب! يروشلم شهر وارا تو کان نفرت ٿا ڪن،
۽ ٺٺوليون ڪندي تو تي کلن ٿا.
22 خبر اٿيئي تہ اهو ڪير آهي جنهن بابت تو ڪفر بڪيو آهي،
۽ سندس خلاف بڪواس ڪئي اٿيئي؟
خبر اٿيئي تہ ڪنهن ڏانهن غرور سان اکيون ڪنيون اٿيئي؟
اهو آءٌ بني اسرائيل جو پاڪ معبود آهيان.
23 تو پنهنجي قاصدن هٿان
مون پروردگار جي توهين ڪرائي آهي.
تو ٻٽاڪ هڻي چوايو آهي تہ
”آءٌ پنهنجي بيشمار جنگي گهوڙي گاڏين سان
لبنان جي جبلن جي چوٽين
بلڪ لبنان جي آخر تائين اچي پهتو آهيان.
هائو، آءٌ لبنان جي ٻيلي منجهہ
اندرين پاڳن تائين اچي پهتو آهيان،
جتي مون انهيءَ ٻيلي جا ديال
۽ صنوبر جا ڊگها ۽ عمدا وڻ وڍي ڇڏيا آهن.
24 ڌارين ملڪن ۾ مون کوهہ کوٽرائي
پنهنجي لشڪر لاءِ پاڻي حاصل ڪيو آهي.
منهنجي لشڪر جي پيرن هيٺان لتاڙجي
مصر جون سڀ نديون سڪي ويون آهن.“

25 اي سنحيرب! هاڻي مون خداوند جي ٻڌ،
هي سڀ مون گهڻو اڳ رٿي ڇڏيو هو.
تون نہ ٿو ڄاڻين تہ اهو آءٌ ئي آهيان،
جنهن فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ
اهو سڀ ڪجهہ تو کي ڪرڻو آهي.

---

*سوڊاني: عبرانيءَ ۾ “ڪُوشي” لکيل آهي، انهن ڏينهن ۾ هنن ماڻهن جو علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

†پردار آسماني مخلوق جي ٻن مجسمن: اهي بہ مجسما عهد واري صندوق جي مٿان بيٺل هئا، جيڪا خداوند خدا جي موجودگيءَ جي نشاني هئي.

15:19 خر 22:25

مون ئي تو کي چونڊي کڻيو هو تہ
تون انهن ڪوٽ وارن شهرن کي ڦٽائي ويران ڍڳا بڻائي ڇڏين.
26 اتي جا ماڻهو ڪمزور ثابت ٿيا،
۽ خوف وچان سندن ڪنڌ جهڪي ويا.
اهي ٻنيءَ جي ٻوٽن، ساوَن نازڪ سلن
۽ ڇت تي ڦٽندڙ گاهہ وانگر هئا،
جيڪو جهولي واري گرم هوا لڳڻ سان سڪي سڙي وڃي ٿو.
27 پر مون کي تنهنجي سڀ خبر آهي تہ تون ڪٿي رهين ٿو،
ڪيڏانهن اچين وڃين ٿو،
۽ منهنجي خلاف ڪهڙي بڪواس ڪرين ٿو.
28 تنهنجي انهيءَ بڪواس ۽ گستاخيءَ جي ڪري،
آءٌ تنهنجي نڪ ۾ ناڪيلي،
۽ تنهنجي وات ۾ لغام وجهندس،
۽ جنهن رستي کان تون آيو آهين،
ساڳي ئي رستي سان تو کي لوڏي روانو ڪندس.''

29 پوءِ يسعياه نبيءَ حزقياه بادشاهہ کي وڌيڪ چيو تہ ''اي حزقياه!
تنهنجي لاءِ هيءَ نشاني ٿيندي تہ هن سال جيڪو ڪجهہ پاڻيهي
ڦٽندو سو اوهين کائيندا ۽ ٻئي سال بہ اُهو ئي کائيندا جيڪو وري اُن
مان پاڻيهي ڦٽي نڪرندو. پر ٽئين سال ۾ اوهين پاڻ پوکيندا، لڻندا،
انگورن جا باغ لڳائيندا ۽ پوءِ انهن جو ڦر کائيندا. 30 هڪ دفعو وري
يهوداه وارن مان باقي بچيل ماڻهو ٻوٽي وانگر وري هيٺ پاڙ هڻندا
۽ مٿي اپري ڦر جهليندا. 31 ڇالاءِ جو يروشلم، هائو، صيئون جبل ۾
باقي بچي ويل نڪري نروار ٿيندا. قادرِمطلق خداوند جي غيرت اهو
سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکاريندي.
32 تنهنڪري خداوند اشور جي شهنشاهہ بابت هيئن ٿو فرمائي تہ
'هو هن شهر ۾ داخل ٿي نہ سگهندو، نڪي شهر تي ڪو تير هلائي
سگهندو. سندس ڪوبہ سپاهي ڍال ڪٽي شهر جي ويجهو نہ ايندو،
۽ نہ وري هو انهيءَ جي چوڌاري دِڪا ئي ناهي سگهندا. 33 بلڪ
جنهن رستي کان هو آيو هوندو، ساڳي ئي رستي کان هو موٽي ويندو
۽ شهر ۾ داخل ڪين ٿي سگهندو. 34 ڇالاءِ جو آءٌ خود هن شهر جي
حفاظت ڪندس ۽ پنهنجي خاطر ۽ پنهنجي ٻانهي دائود جي خاطر
انهيءَ شهر کي بچائيندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.'''
35 سو انهيءَ رات ڇا ٿيو جو خداوند جو هڪڙو ملائڪ نڪري آيو
۽ اشورين جي لشڪرگاهہ ۾ هڪ لک پنجاسي هزار ماڻهن کي ماري
ڇڏيائين. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ماڻهن ڇا ڏٺو تہ رڳو لاش ئي
لاش پيا آهن. 36 اها حالت ڏسي اشور جو شهنشاهہ سنحيرب پنهنجي
منزل پٽي اتان هلي پيو. هو نينواه شهر ڏانهن موٽي آيو ۽ اتي ئي
رهي پيو. 37 پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن هو پنهنجي معبود نسروڪ جي
پوڄا گهر ۾ پوڄا ڪري رهيو هو تہ سندس ٻن پٽن ادرملڪ ۽ شراضر
ڪيس تلوار هڻي ماري وڌو ۽ اراراط جي علائقي ڏانهن ڀڄي ويا.
تنهن بعد سندس ٽيون پٽ اسرحدون هن جي جاءِ تي شهنشاهہ ٿيو.

## حزقياه جي بيماري ۽ صحتيابي
(يسعياه 38:1–8، 21–22، 2.تواريخ 32:24–26)

20 1 انهن ئي ڏينهن ۾ حزقياه بادشاهہ سخت بيمار ٿي پيو
۽ مرڻ کي وڃي پهتو. تڏهن يسعياه نبي وٽس ويو ۽ کيس
چيائين تہ ''خداوند فرمائي ٿو تہ 'پنهنجي گهر جي باري ۾ تو کي
جيڪي ڪجهہ ڪرڻو آهي، سو ڪري ڇڏ، ڇالاءِ جو تون مرڻ وارو
آهين ۽ وري صحتياب نہ ٿيندين.''' 2 تڏهن حزقياه ڦري پنهنجو
منهن ڀت ڏانهن ڪيو ۽ خداوند کان دعا گهريائين تہ 3 ''اي خداوند!
ياد ڪر تہ آءٌ ڪيئن نہ تنهنجي اڳيان وفاداريءَ ۽ دل وَ جان سان هليو
آهيان ۽ اُهي ئي ڪم ڪيا اٿم جيڪي تنهنجي نظر ۾ چڱا آهن.''
ائين چئي حزقياه زاروزار روئڻ لڳو.
4 بادشاهہ جي محل مان نڪري يسعياه اڃا مرڪزي اڱڻ وٽ مس
پهتو تہ خداوند کيس فرمايو تہ 5 ''پوئتي موٽ ۽ منهنجي قوم جي
اڳواڻ حزقياه کي وڃي چئُہ تہ آءٌ خداوند، سندس ڏاڏي دائود جو خدا
چوان ٿو تہ 'مون تنهنجي دعا ٻڌي آهي ۽ تنهنجا ڳوڙها ڏٺا اٿم.
تنهنڪري آءٌ تو کي شفا بخشيندس ۽ ٽئين ڏينهن تي تون هيڪل ۾
وڃي سگهندين. 6 آءٌ تنهنجي عمر پندرهن سال وڌايان ٿو. آءٌ تو
کي ۽ هن شهر کي اشور جي شهنشاهہ جي هٿن مان ڇڏائيندس.
هائو، آءٌ هن شهر کي پنهنجي خاطر ۽ پنهنجي ٻانهي دائود جي
خاطر بچائيندس.'''
7 يسعياه خدا جو فرمان ٻڌايو ۽ حزقياه جي نوڪرن کي چيائين
تہ ''انجير جي هڪڙي ٽڪي آڻي بادشاهہ جي ڦرڙيءَ تي رکو تہ هو
چڱو ڀلو ٿي پوندو.''
8 تڏهن حزقياه يسعياه کان پڇيو تہ ''انهيءَ جي ڪهڙي نشاني
آهي جو خداوند مون کي شفا ڏيندو ۽ ٽئين ڏينهن تي آءٌ هيڪل ۾
عبادت لاءِ ويندس؟'' 9 يسعياه وراڻيس تہ ''اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تہ
هو پنهنجو واعدو پورو ڪندو آهي خداوند تو کي هڪ نشاني ڏيندو.
ٻڌاءِ تہ تون ڇا ٿو چاهين تہ پاڇولو ڏهہ قدم اڳتي وڃي يا پوئتي هٽي
وڃي؟'' 10 حزقياه وراڻيو تہ ''پاڇولو تہ اڳتي ويندو رهندو ئي آهي. آءٌ
چاهيان ٿو تہ اهو ڏهہ قدم پوئتي هٽي وڃي.'' 11 تڏهن يسعياه نبيءَ
خداوند کان دعا گهري ۽ خداوند پاڇولي کي ڏهہ قدم پوئتي موٽايو،
جيڪو آخز بادشاهہ جي محل جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو هو.

## بابل جا ايلچي
(يسعياه 39:1–8)

12 تن ڏينهن بابل جي بادشاهہ مرودڪ بلہ‌دان ولد بلہ‌دان پنهنجي
ايلچين جي هٿان بادشاهہ حزقياه ڏانهن خط ۽ سوکڙيون پاکڙيون
موڪليون، ڇاڪاڻ‌تہ هن حزقياه جي بيماريءَ بابت ٻڌو هو. 13 حزقياه

انهن ايلچين جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ هنن کي پنهنجي قيمتي شين جو اهو
گدام ڏيکاريائين، جنهن ۾ چاندي، سون، مصالحا ۽ قيمتي عطر
موجود هئا. هن کين پنهنجا اسلح خانا ۽ ٻيو جيڪي ڪجهه سندس
خزانن ۾ موجود هو سو سڀ ڏيکاريو. مطلب ته شاهي محل توڙي
سڄيءَ بادشاهت ۾ ڪابه اهڙي شيءِ نه رهي جيڪا هنن کي ڏيکاري
نه ويئي.
14 تڏهن يسعياه نبي حزقياه بادشاهه وٽ آيو ۽ کانئس پڇيائين ته
”اهي ماڻهو ڪٿان آيا هئا ۽ تو کي ڇا چيائون؟“ حزقياه وراڻيو ته
”اهي تمام ڏورانهين ملڪ بابل کان آيا هئا.“ 15 يسعياه کانئس پڇيو
ته ”هنن تنهنجي محل ۾ ڇا ڇا ڏٺو؟“ حزقياه وراڻيو ته ”منهنجي
محل ۾ جيڪي ڪجهه آهي سو سڀ هنن ڏٺو آهي. منهنجي خزانن
۾ اهڙي ڪابه شيءِ ڪانهي، جيڪا مون هنن کي نه ڏيکاري هجي.“
16 تڏهن يسعياه حزقياه کي چيو ته ”ٻڌ، خداوند هيئن ٿو فرمائي ته
17 يقيناً اُهو وقت ايندو جڏهن جيڪي تنهنجي گهر ۾ آهي ۽ جيڪي
تنهنجي ابن ڏاڏن اڄ ڏينهن تائين گڏ ڪري رکيو آهي، سو سڀ
بابل ملڪ ڏانهن کڄي ويندو ۽ ڪابه شيءِ پٺ تي نه ڇڏي ويندي.
18 تنهنجي پنهنجي اولاد مان ڪيترن ئي کي قيد ڪري نيو ويندو ۽
کين کدڙو ڪري بابل جي بادشاهه جي محل ۾ غلام ڪري رکيو
ويندو. اهو خداوند جو فرمان آهي.“
19 تڏهن حزقياه بادشاهه يسعياه کي وراڻيو ته ”خداوند جو جيڪو
ڪلام تو ٻڌايو آهي سو ٺيڪ آهي.“ هن اهو انهيءَ ڪري چيو جو
سوچيائين ته گهٽ ۾ گهٽ سندس حياتيءَ جي ڏينهن ۾ ته امن وَ
سلامتي رهندي.

## حزقياه جي بادشاهيءَ جي پڇاڙي
(2.تواريخ 32:32–33)

20 حزقياه جا باقي ٻيا ڪم جيڪي هن پنهنجي بادشاهيءَ دوران
ڪيا، سندس ڪارناما ۽ سورهيائپ، پاڻيءَ جو تلاءُ ٺهرائڻ ۽ اها سرنگهه
جيڪا هن شهر ۾ پاڻي آڻڻ لاءِ ٺهرائي، سي سڀ ”يهوداه جي بادشاهن
جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 21 حزقياه وفات ڪري وڃي
پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو. پوءِ سندس پٽ منسي سندس جاءِ
تي بادشاهه ٿيو.

## يهوداه جو بادشاهه منسي
(2.تواريخ 33:1–20)

21 1 جڏهن منسي بادشاهه ٿيو تڏهن سندس عمر ٻارهن سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٺٽيهه پنجونجاهه سال بادشاهي
ڪئي. سندس ماءُ جو نالو حفصيباه هو. 2 جن غير قومن کي
خداوند بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي ڪڍيو هو تن جي ڪراهت
جهڙن ڪمن جي پيروي ڪندي هن به اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي
خداوند جي نظر ۾ برا هئا. 3 هن اهي ٽڪرين تي ٺهيل غير معبودن
وارا پوڄا گهر وري تعمير ڪرايا، جيڪي سندس پيءُ حزقياه ڊاهي
ڇڏيا هئا. هن بعل ديوتا لاءِ پڻ قربانگاهون ٺهرايون ۽ يسيره ديويءَ
جو هڪڙو ٿنڀو به ٺهرايائين، جهڙيءَ طرح اسرائيل جي بادشاهه
اخي‌اب ڪيو هو. هن آسماني سيارن ۽ ستارن جي پوڄا به ڪئي.
4 هن انهيءَ هيڪل ۾ بت‌پرستن جون قربانگاهون تعمير ڪرايون،
جنهن جي باري ۾ خداوند فرمايو هو ته ”يروشلم شهر ۾ آءٌ پنهنجو
نالو قائم رکندس.“ 5 هن هيڪل جي ٻنهي اڱڻن ۾ آسماني سيارن
۽ ستارن لاءِ قربانگاهون ٺاهيون. 6 هن پنهنجي پٽ کي ساڙڻ واري
قربانيءَ طور پيش ڪيو. هو جادو ڪندو هو ۽ فالون وجهندو هو.
هن ڀوپن ۽ مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن سان واسطا پڻ
رکيا. مطلب ته هن خداوند جي نظر ۾ گهڻا ئي برا ڪم ڪيا جن
جي ڪري خداوند هن جي خلاف سخت ڪاوڙيو.
7 هن يسيره ديويءَ جي جيڪا تراشيل مورتي ٺهرائي هئي، سا
انهيءَ هيڪل ۾ رکيائين، جنهن بابت خداوند دائود ۽ سندس پٽ
سليمان کي فرمايو هو ته ”هي يروشلم شهر، جنهن کي مون بني
اسرائيل جي سڀني قبيلن جي علائقن مان چونڊي ڪڍيو آهي ۽ انهيءَ
۾ ٺهيل منهنجي هيڪل ۾ آءٌ هميشه لاءِ پنهنجو نالو قائم رکندس.
8 جيڪو ملڪ مون هنن جي ابن ڏاڏن کي ڏنو آهي تنهن مان وري
ڪڏهن به آءٌ بني اسرائيل کي نه ٽيڙيندس، بشرطيڪ جيڪي حڪم
مون کين ڏنا آهن ۽ جيڪا منهنجي شريعت منهنجي ٻانهي موسيٰ
کين ڏني آهي تن تي هو عمل ڪندا رهن.“ 9 پر يهوداه وارن ڌيان
نه ڏنو ۽ منسيءَ به هنن کي گمراهه ڪيو، تان جو هنن انهن قومن
کان به وڌيڪ برا ڪم ڪيا، جن کي خداوند بني اسرائيل جي اڳيان
ناس ڪري ڇڏيو هو.
10 خداوند پنهنجي ٻانهن نبين جي معرفت فرمايو ته 11 ”يهوداه
جي بادشاهه منسيءَ ڪراهت جهڙا ڪم ڪيا آهن. اموري جيڪي
کانئس اڳ ٿي گذريا، تن کان به وڌيڪ هن بڇڙا ڪم ڪيا آهن ۽
سڄي يهوداه کي پنهنجن بتن ذريعي گمراهيءَ ۾ وجهي ڇڏيو اٿائين.
12 تنهنڪري آءٌ خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمايان ٿو ته آءٌ يروشلم
۾ بلڪ سڄي يهوداه تي اهڙي مصيبت آڻڻ وارو آهيان جو جيڪو
انهيءَ جي خبر ٻڌندو تنهن جي ڪنن مان زوڪٽ نڪري ويندا. 13 آءٌ
يروشلم کي سامريه جهڙي سزا ڏيندس. هائو، اهڙي سزا ڏيندوسانس
جهڙي اسرائيل جي بادشاهه اخي‌اب ۽ سندس اولاد کي ڏني هئم.
آءٌ يروشلم کي ائين اُگهي ڇڏيندس جيئن ڪو ماڻهو ٿالهي اُگهي
اونڌي ڪري رکي ڇڏيندو آهي. 14 آءٌ پنهنجي قوم جي باقي بچيل

---

17:20 2.با 13:24، 2.توا 10:36 18:20 2.با 14:24–15، دان 1:1–7 2:21 ير 4:15 4:21 2.سم 13:7
7:21–8 1.با 9:3–5، 2.توا 12:7–18

حصي يعني يهوداه وارن کان منهن موڙيندس ۽ کين سندن دشمنن
جي حوالي ڪري ڇڏيندس، جيڪي کين لٽيندا ۽ ڦريندا. 15 ڇالاءِجو
هنن اُهي ئي ڪم ڪيا آهن جيڪي منهنجي نظر ۾ برا آهن ۽ جنهن
ڏينهن هنن جا ابا ڏاڏا مصر ملڪ مان نڪتا هئا تنهن ڏينهن کان وٺي
اڄ ڏينهن تائين، هنن مون کي ڪاوڙ پئي ڏياري آهي.“
16 ان کان علاوه منسيءَ ايترو ته بيگناهه رت وهايو جو يروشلم
کي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين رت سان پري ڇڏيائين. انهيءَ
کان سواءِ منسيءَ اهو گناهه به ڪيو جو يهوداه وارن کي گمراهه
ڪري ڪانئن اهڙا ڪم ڪرايائين جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا.
17 منسيءَ جا باقي ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا ۽ جيڪي گناهه هن
ڪيا سي سڀ ”يهوداه جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل
آهن. 18 منسي وفات ڪري وڃي ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو. کيس
پنهنجي محل جي باغ عزا ۾ دفن ڪيو ويو. پوءِ سندس پٽ امُون
سندس جاءِ تي بادشاهه ٿيو.

## يهوداه جو بادشاهه امُون
(2.تواريخ 33:21–25)

19 جڏهن امُون بادشاهه ٿيو تڏهن سندس عمر ٻاويهه سال هئي.
هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل ٻه سال حڪومت ڪئي. سندس ماءُ جو
نالو مسلمت هو، جيڪا يطبهي شهر واري حروس نالي شخص جي
ڌيءَ هئي. 20 امُون پنهنجي پيءُ منسيءَ وانگر اهي ئي ڪم ڪيا
جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. 21 جن رستن تي هن جو پيءُ
هلندو هو، تن سيني تي هو به هليو، جن بتن جي هن جو پيءُ پوڄا
ڪندو هو تن جي هن به پوڄا ڪئي ۽ انهن جي اڳيان پنهنجو مٿو
ٽيڪيائين. 22 هن خداوند، پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا کي ڇڏي ڏنو
۽ خداوند جي واٽ تي نه هليو.
23 امُون جي عملدارن هن جي خلاف سازش ڪري کيس سندس
ئي محل ۾ قتل ڪري ڇڏيو. 24 تنهن تي ملڪ جي ماڻهن وري انهن
سيني کي قتل ڪري ڇڏيو، جن بادشاهه امُون جي خلاف سازش
ڪئي هئي. پوءِ هنن امُون بادشاهه جي پٽ يوسياه کي سندس جاءِ
تي بادشاهه بڻايو.
25 امُون جيڪي ٻيا ڪم ڪيا، سي ”يهوداه جي بادشاهن جي تواريخ
جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 26 امُون کي پنهنجي محل جي باغ عزا ۾
سندس لاءِ ٺهيل غار ۾ دفن ڪيو ويو ۽ سندس پٽ يوسياه سندس
جاءِ تي بادشاهه بڻيو.

## يهوداه جو بادشاهه يوسياه
(2.تواريخ 34:1–2)

22 1 جڏهن يوسياه بادشاهه بڻيو تڏهن سندس عمر اٺ سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل ايڪٽيهه سال بادشاهي
ڪئي. هن جي ماءُ جو نالو جديده هو، جيڪا بصقت شهر واري
عداياه جي ڌيءَ هئي. 2 هن اُهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي
نظر ۾ چڱا هئا. هو پنهنجي وڏي دائود جي سڀني رستن تي هليو،
انهن کان ساڄي يا کاٻي بلڪل نه لڙيو.

## شريعت جي ڪتاب جو لڀڻ
(2.تواريخ 34:8–28)

3 پنهنجي بادشاهيءَ جي ارڙهين سال، يوسياه بادشاهه پنهنجي
شاهي محرر سافن ولد اصلياه ولد مسلام کي خداوند جي گهر
موڪليو. هن کيس چيو ته 4 ”تون سردار ڪاهن خلقياه وٽ وڃ ۽
کيس چئُه ته خداوند جي گهر ۾ ماڻهن جا آندل پيسا، جيڪي هيڪل
جي دربانن ماڻهن کان وٺي گڏ ڪيا آهن، تن جو حساب ڪتاب ڪيو
وڃي. 5 پوءِ اهي پيسا انهن ماڻهن کي ڏنا وڃن جيڪي خداوند جي
گهر جي نظرداري ٿا ڪن، تان‌ته هو اهي پيسا خداوند جي گهر ۾
مرمت جو ڪم ڪرڻ وارن کي ڏين، 6 يعني واڍن کي، اڏاوت ڪندڙن
کي ۽ رازن کي. ان کان علاوه هيڪل جي مرمت ڪرائڻ لاءِ ڪاٺ
۽ تراشيل پٿرن جي خريداري به ڪئي وڃي. 7 جيڪي پيسا هنن کي
ڏنا وڃن تن جو ڪانئن حساب نه ورتو وڃي، ڇاڪاڻ‌ته هو ايمانداريءَ
سان ٿا هلن.“
8 جڏهن سافن بادشاهه جو حڪم ڪٺي سردار ڪاهن خلقياه وٽ
ويو، تڏهن خلقياه سافن کي چيو ته ”مون خداوند جي گهر مان
شريعت جو ڪتاب لڌو آهي.“ پوءِ هن اُهو ڪتاب سافن کي ڏنو جنهن
اُهو پڙهيو. 9 پوءِ سافن يوسياه بادشاهه وٽ موٽي آيو ۽ کيس ٻڌايائين
ته ”جيڪي پيسا خداوند جي گهر ۾ هئا سي تنهنجي عملدارن ڪڍي
ڳڻي ڪري ڪم وارن کي ۽ خداوند جي گهر جي نظرداري ڪندڙن
کي ڏيئي ڇڏيا آهن.“ 10 پوءِ سافن بادشاهه کي ٻڌايو ته ”خلقياه
ڪاهن مون کي هڪڙو ڪتاب ڏنو آهي.“ سافن اهو ڪتاب بادشاهه
جي اڳيان پڙهي ٻڌايو.
11 جڏهن يوسياه بادشاهه شريعت جي ڪتاب جون ڳالهيون ٻڌيون،
تڏهن هن پشيمان ٿيندي پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا. 12 پوءِ هن سردار ڪاهن
خلقياه، اخيقام ولد سافن، عڪبور ولد ميڪاياه، شاهي محرر سافن
۽ پنهنجي خدمتگار عساياه کي هي حڪم ڏنو ته 13 ”اوهين وڃي
منهنجي، ٻين ماڻهن جي ۽ ساري يهوداه جي طرفان هن لڌل ڪتاب
۾ لکيل ڳالهين بابت خداوند کان پڇا ڪريو. خداوند اسان تي ضرور

1:22 يр 6:3    7:22 2.با 15:12

ڏمريو هوندو، ڇاڪاڻ‌تہ اسان جي ابن ڏاڏن هن ڪتاب جي ڳالهين
کي ڪونهي مڃيو جو اسان بابت جيڪي هن ۾ لکيل آهي تنهن تي
پوريءَ طرح عمل ڪن ها."
14 تڏهن خلقياه ڪاهن، اخيقام، عڪبور، سافن ۽ عساياه، اُهي
سڀئي خلده نالي نبياڻيءَ ڏانهن ويا، جيڪا يروشلم جي نئين آباديءَ
واري علائقي ۾ رهندي هئي. هن جو مڙس سلوم ولد تقوم ولد
خرخس هو ۽ هو هيڪل جي توشاخاني جو نگران هو. هنن وڃي
نبياڻيءَ سان سڄو احوال ڪيو.
15 تڏهن انهيءَ عورت کين چيو تہ "جنهن اوهان کي مون وٽ
موڪليو آهي تنهن کي وڃي چئو تہ 16 خداوند، بني اسرائيل جو
خدا فرمائي ٿو تہ 'ياد رکو، آءٌ هن يروشلم شهر تي ۽ اتي رهڻ
وارن تي مصيبت نازل ڪرڻ وارو آهيان، يعني انهن سڀني ڳالهين
سبب جيڪي ان ڪتاب ۾ لکيل آهن جيڪو يهوداہ جي بادشاهہ کي
پڙهي ٻڌايو ويو آهي. 17 جيئن تہ هنن مون کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ غير
معبودن اڳيان قربانيون پيش ڪيون اٿن ۽ پنهنجن اعمالن سان مون
کي ڪاوڙايو اٿن، انهيءَ ڪري منهنجي ڪاوڙ يروشلم تي پڙڪي
آهي جيڪا هرگز جهڪي نہ ٿيندي.' 18 يهوداہ جو بادشاهہ جنهن
اوهان کي خداوند کان پڇا ڪرڻ لاءِ هتي موڪليو آهي، تنهن کي
وڃي چئو تہ جيڪي ڪلام هن ٻڌو آهي تنهن بابت خداوند، بني
اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ 19 'جيئن ئي تو يروشلم ۽ هتي رهندڙن
جي خلاف منهنجو ڪلام ٻڌو جنهن ۾ مون چيو آهي تہ اهي لعنتي
۽ ٻين لاءِ هڪ مثال ٿيندا، تنهنجي دل نرم هئي، سو تو پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙي منهنجي اڳيان عاجزي ڪئي ۽ رنو آهين، تنهنڪري آءٌ خداوند
چوان ٿو تہ مون بہ تنهنجي ٻڌي آهي. 20 جيڪا سزا آءٌ هن هنڌ ۽
هتي رهڻ وارن کي ڏيندس سا تون پنهنجين اکين سان نہ ڏسندين.
تون انهيءَ کان اڳ سڪون سان وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن
سان آرامي ٿيندين.'" سو اهي ماڻهو خداوند جو اهو پيغام کڻي
يوسياہ بادشاهہ وٽ موٽي آيا.

## غير معبودن جي پوڄا جو خاتمو

(2.تواريخ 34:3–7،29–33)

23 1 تڏهن يوسياہ بادشاهہ يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جا سڀ
اڳواڻ پاڻ وٽ سڏايا. 2 پوءِ بادشاهہ انهن اڳواڻن کي
يروشلم بلڪ يهوداہ جي سڀني ماڻهن، ڪاهنن، نبين مطلب تہ سڀني
ننڍن توڙي وڏن کي ساڻ ڪري خداوند جي گهر ۾ ويو. اتي هن
خداوند جي گهر مان لڌل انهيءَ عهدنامي جي ڪتاب يعني شريعت
جون سڀئي ڳالهيون انهن کي پڙهي ٻڌايون. 3 پوءِ بادشاهہ ٿنڀي جي
پرسان ٿي بيٺو ۽ خداوند جي حضور ۾ نئين سر عهد اقرار ڪيائين
تہ "اسين خداوند جا وفادار رهنداسين، سندس حڪمن ۽ قاعدن
قانونن کي پنهنجي پوريءَ دل سان مڃينداسين، يعني عهدنامي
جون ڳالهيون جيڪي هن ڪتاب ۾ لکيل آهن تن سڀني تي عمل
ڪنداسين." پوءِ سڀني ماڻهن انهيءَ عهدنامي جو قسم تي اقرار
ڪيو.
4 تڏهن يوسياہ بادشاهہ سردار ڪاهن خلقياه، نائب ڪاهنن ۽
دربانن کي حڪم ڏنو تہ "خداوند جي هيڪل مان اهي سڀ شيون
ٻاهر ڪڍيون وڃن، جيڪي بعل ديوتائن، يسيره ديويءَ ۽ آسماني
ستارن جي لاءِ جوڙايون ويون هيون." پوءِ بادشاهہ اهي يروشلم
جي ٻاهران قدرون جي برساتي نهر وٽ ساڙائي ڇڏيون ۽ انهن جي
رک بيت‌ايل ڏانهن موڪلي ڇڏي. 5 يوسياہ کان اڳ ۾ يهوداہ جي
بادشاهن يهوداہ جي شهرن ۾ ۽ يروشلم جي آس‌پاس وارن هنڌن جي
غير معبودن جي پوڄا گهرن ۾ قربانيون پيش ڪرڻ لاءِ ڪاهنن مان
ڪن کي مقرر ڪيو هو. يوسياہ بادشاهہ انهن سڀني کي اتان ڪڍي
ڇڏيو. هن انهن کي بہ ڪڍي ڇڏيو جيڪي بعل ديوتائن، سج، چنڊ،
ڪهڪشائن، آسماني تارن ۽ سيارن لاءِ قربانيون پيش ڪندا هئا.
6 هن خداوند جي گهر مان يسيره ديويءَ جي مورتي ڪڍائي يروشلم
جي ٻاهران قدرون جي برساتي نهر وٽ ساڙائي ڇڏي. هن ان کي
پيهائي اٽو ڪري عام قبرستان ۾ ڇڙڪائي ڇڏيو. 7 خداوند جي گهر
۾ جنسي فعل ڪندڙ مردن جي ڪوٺڙين کي بہ ڊهرائي ڇڏيائين جتي
عورتون يسيره ديويءَ لاءِ پوشاڪون اُڻڻ جو ڪم ڪنديون هيون.
8 يوسياہ بادشاهہ سڄي يهوداہ جي شهرن مان سڀني ڪاهنن کي
يروشلم ۾ گهرايو. هن سڄي ملڪ ۾ گبع کان وٺي بيرسبع تائين
ٽڪرن تي ٺهيل انهن غير معبودن جي پوڄا گهرن جي بي‌حرمتي
ڪرائي، جتي اهي ڪاهن قربانيون پيش ڪندا هئا. هن اهي سڀئي
قربان‌گاهون بہ ڊهرائي ڇڏيون جيڪي شهر جي حاڪم يشوع جي
دروازي جي لنگهہ وٽ شهر جي مکيہ دروازي جي کاٻي پاسي هيون.
9 انهن ڪاهنن کي اها اجازت نہ هئي تہ هو خداوند جي قربان‌گاهہ
سان واسطو رکن، البت هو پنهنجن ٻين همخدمت ڪاهنن سان گڏ
بي‌خميري ماني کائي ٿي سگهيا. 10 يوسياہ بادشاهہ غير معبودن جي
توفت نالي پوڄا گهر جيڪو هنوم جي ماٿريءَ ۾ هو، تنهن جي بہ
بي‌حرمتي ڪرائي تہ جيئن اڳتي ڪوبہ ماڻهو پنهنجي پٽ يا ڌيءَ کي
مولڪ ديوتا اڳيان ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش نہ ڪري سگهي.
11 يهوداہ جي بادشاهن طرفان سج ديوتا جي لاءِ نذراني طور ڏنل
گهوڙا جيڪي هيڪل جي دروازي وٽ ناتنملڪ عملدار جي ڪوٺيءَ
جي پرسان اڱڻ ۾ بيٺا هوندا هئا سي يوسياہ اتان ڪڍرائي ڇڏيا. سج
ديوتا لاءِ نذر ڪيل گهوڙي گاڏيون ساڙائي ڇڏيائين.
12 شاهي محل جي مٿان آخر واري ڪوٺيءَ جي ڇت تي جيڪي
قربان‌گاهون يهوداہ جي بادشاهن ٺهرايون هيون ۽ جيڪي قربان‌گاهون
هيڪل جي اڱڻن ۾ منسيءَ جوڙايون هيون سي يوسياہ بادشاهہ ڊهرائي

<u>4:23–6</u> 2.با 3:21، 2.توا 3:33 <u>10:23</u> لاو 21:18، ير 31:7، 19:1–6، 35:32 <u>12:23</u> 2.با 5:21، 2.توا 5:33

خاڪ ڪري ڇڏيون ۽ اها خاڪ ڪٽائي قدرون جي برساتي نهر ۾
اڇلرائي ڇڏيائين. 13 غير معبودن جا اهي پوڄا گهر جيڪي يروشلم
جي اوڀر ۾ ۽ *برباديءَ واري ٽڪر جي ڏکڻ طرف هئا، تن جي يوسياه
بادشاهہ بيحرمتي ڪرائي ڇڏي. اهي پوڄا گهر بادشاهہ سليمان
صيدانين جي ڪراهت جهڙي ديوي عستارات، †موآب جي ڪراهت
جهڙي بت ڪموس ۽ بني عمون جي ڪراهت جهڙي بت مولڪ جي
لاءِ جوڙايا هئا. 14 يوسياه بتن جا ڪوڙيل پٿر پورا پورا ڪرائي ڇڏيا ۽
يسيره ديويءَ وارا ٿنڀي جيان ڪوڙيل بت پيجرائي ڪيرائي ڇڏيائين ۽
انهن جون جايون مري ويلن جي هڏن سان ڀرائي ڇڏيائين.

15 تنهن کان سواءِ يوسياه اسرائيل ملڪ ڏانهن وڃي اتان جي
بيت‌ايل واري غير معبودن جي قربان‌گاهہ ۽ اسرائيل وارن کي گناهن
۾ ڌوڪيندڙ يربعام ولد نباط جي جوڙايل ٽڪر واري پوڄا گهر کي
بلڪل ڍهرائي ڇڏيو. هائو، هن اهو پوڄا گهر ساڙائي ۽ لتاڙائي خاڪ
ڪرائي ڇڏيو ۽ يسيره وارا ٿنيا پڻ ساڙائي ڇڏيائين. 16 پوءِ يوسياه
چوڌاري نظر ڦيرائي ڏٺو تہ هن کي اتي قبرون ڏسڻ ۾ آيون جيڪي
انهيءَ ٽڪر تي هيون. هن ماڻهو موڪلي انهن قبرن مان هڏا ڪڍائي
ورتا ۽ انهن کي قربان‌گاهہ تي ساڙائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هن انهيءَ
قربان‌گاهہ جي بيحرمتي ڪئي. سو جيڪي خدا جي ڪلام جون
ڳالهيون خدا جي بندي اڳڪٿي ڪندي ٻڌايون هيون، سي پوريون
ٿيون.

17 تنهن کان پوءِ بادشاهہ پڇيو تہ ”هي مقبرو ڪنهن جو آهي
جيڪو آءٌ ڏسان ٿو؟“ تنهن تي شهر جي ماڻهن کيس وراڻيو تہ ”اها ان
خدا جي بندي جي قبر آهي جيڪو يهوداه مان آيو هو ۽ جنهن اهي سڀ
ڳالهيون اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيون هيون، جيڪي توهان بيت‌ايل جي
قربان‌گاهہ خلاف ڪيون آهن.“ 18 تنهن تي هن کين چيو تہ ”انهيءَ
کي ڇڏي ڏيو، ڪوبہ ماڻهو ان جا هڏا نہ ڪڍي.“ سو هنن انهيءَ
جا هڏا ڇڏي ڏنا ۽ انهيءَ نبيءَ جا بہ، جيڪو سامريہ مان آيو هو.

19 سامريہ جي شهرن ۾ غير معبودن جا پوڄا گهر، جيڪي اسرائيل
جي بادشاهن جوڙائي خداوند کي ڪاوڙ ڏياري هئي، سي سڀ پڻ
يوسياه ڍهرائي ڇڏيا ۽ انهن سان بہ ساڳي ڪار ڪيائين جيڪا بيت‌ايل
جي پوڄا گهرن سان ڪئي هئائين. 20 انهن پوڄا گهرن جا جيڪي
مذهبي اڳواڻ هئا، تن سيني کي هن قربان‌گاهن تي قتل ڪرائي مٿن
مري ويلن جا هڏا ساڙايا. تنهن کان پوءِ هو يروشلم ڏانهن موٽي آيو.

## يوسياه جو عيد فصح ملهائڻ
(2.تواريخ 35:1–19)

21 پوءِ بادشاهہ يهوداه جي سڀني ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ ”خداوند
پنهنجي خدا جي لاءِ عيد فصح ملهائي وڃي، جيئن عهدنامي جي هن
ڪتاب ۾ لکيل آهي.“ 22 رهبر جيڪي بني اسرائيل جي اڳواڻي ڪندا
هئا، تن جي زماني کان وٺي ويندي اسرائيل ۽ يهوداه جي بادشاهن
جي زماني تائين اهڙي عيد فصح ڪڏهن بہ نہ ملهائي ويئي هئي،
23 جهڙي بادشاهہ يوسياه جي بادشاهيءَ جي ارڙهين سال خداوند جي
لاءِ يروشلم ۾ ملهائي وئي.

## يوسياه جا ٻيا ڪارناما

24 انهيءَ کان علاوه يوسياه بادشاهہ ڀوپن ۽ مئل ماڻهن جي روحن
سان ڳالهائيندڙن ۽ مورتين، بتن ۽ ٻين ڪراهت جهڙين شين، جيڪي
يروشلم شهر توڙي سڄي يهوداه جي ملڪ ۾ گهرن منجهہ توڙي
ٻاهر ڏسڻ ۾ اينديون هيون، تن سيني جي پاڙ پٽي ڇڏي. هن اهو
انهيءَ لاءِ ڪيو تہ جيئن شريعت جون ڳالهيون قائم ڪري جيڪي
انهيءَ ڪتاب ۾ لکيل هيون جيڪو سردار ڪاهن خلقياه خداوند جي
گهر مان لڌو هو. 25 هن کان اڳي ٻيو ڪوبہ بادشاهہ انهيءَ جهڙو
ڪونہ ٿيو جيڪو پنهنجي پوريءَ دل وَ جان سان ۽ پنهنجي مڪمل
طاقت سان، موسيٰ جي پوري شريعت موجب خداوند جو طالبو ٿيو
هجي، نڪي هن کان پوءِ ئي ڪو هن جهڙو ٿيو.

26 تنهن هوندي بہ خداوند جي وڏي ڪاوڙ جو جوش اجا جهڪو نہ
ٿيو، جيڪا يهوداه تي ڀڙڪي هئي، ڇالاءِ جو منسي بادشاهہ پنهنجن
گهڻن ئي بڇڙن ڪمن سان هن کي ڏاڍو ڪاوڙايو هو. 27 سو خداوند
چيو تہ ”جيئن مون اسرائيل وارن کي پنهنجي حضور مان ڪڍي
ڇڏيو، تيئن يهوداه وارن کي بہ ڪڍي ڇڏيندس. هي شهر يروشلم
جنهن کي مون چونڊيو هو ۽ هي هيڪل جنهن بابت مون چيو هو
تہ انهيءَ تي منهنجو نالو رکيو ويندو، تن ٻنهي کي آءٌ ڌڪاري
ڇڏيندس.“

## يوسياه جو موت
(2.تواريخ 35:20–36:1)

28 يوسياه جو باقي احوال جيڪي ڪجهہ هن ڪيو سو ”يهوداه جي
بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 29 يوسياه بادشاهہ جي
بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾، مصر جو بادشاهہ نڪوه اشور جي شهنشاهہ
جي جنگ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ يهوداه ملڪ جي علائقي مان گذرندي

---

*برباديءَ واري ٽڪر: يعني زيتون جي ٽڪر.

†موآب ۽ عمون: اهي علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

13:23 1.با 11:7    15:23 1.با 12:33    16:23 1.با 13:2    17:23 1.با 13:30–32    21:23 لاو 23:5–14، ڳا 28:16–25

فرات نديءَ ڏانهن پئي ويو. يوسياه بادشاهہ هن سان جنگ ڪرڻ لاءِ
نڪري آيو. پر نڪوه جي لشڪر ساڻس مقابلو ڪيو ۽ مجدو وٽ ڪيس
ماري وڌائون. 30 هن جا نوڪر سندس لاش هڪڙي جنگي گهوڙي
گاڏيءَ ۾ رکي مجدو کان يروشلم ۾ کڻي آيا ۽ ان جي اڳواٽ کوٽيل
قبر ۾ ڪيس دفن ڪيائون. پوءِ انهيءَ ملڪ جي ماڻهن يوسياه جي
پٽ يهوآخز کي مسح ڪري سندس پيءُ جي جاءِ تي بادشاهہ بڻايو.

## يهوداه جو بادشاهہ يهوآخز

(2.تواريخ 36:2–4)

31 جڏهن يهوآخز بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر ٽيويهہ سال هئي
۽ هن يروشلم ۾ رهي ٽي مهينا بادشاهي ڪئي. هن جي ماءُ جو
نالو حموطل هو جيڪا لبناه جي رهاڪو يرمياه جي ڌيءَ هئي. 32 هن
اُهي ئي خراب ڪم ڪيا جيڪي هن جي ابن ڏاڏن مان ڪن ڪيا هئا
۽ جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. 33 بادشاهہ نڪوه جو لشڪر
يروشلم تي ڪاهي آيو ۽ يهوآخز کي تخت تان لاهي ڇڏيائون. نڪوه
کيس گرفتار ڪري حمات علائقي جي ربلہ شهر منجهہ قيد ۾ رکي
ڇڏيو. هن يهوداه ملڪ کان ساڍا ٽي هزار ڪلوگرام چاندي ۽ پنجٽيهہ
ڪلوگرام سون ڏل طور ورتو. 34 بادشاهہ نڪوه الياقيم ولد يوسياه
کي سندس پيءُ يوسياه جي جاءِ تي بادشاهہ مقرر ڪيو ۽ انهيءَ جو
نالو مٽائي يهويقيم رکيائين. پوءِ نڪوه يهوآخز کي مصر ۾ وٺي ويو
۽ هو مرڻ گهڙيءَ تائين اتي ئي رهيو. 35 يهويقيم چاندي ۽ سون نڪوه
بادشاهہ کي ڏل طور پهچائي ڏيندو هو. انهيءَ لاءِ يهويقيم ملڪ
تي محصول وڌو ۽ عوام کان چاندي ۽ سون زوريءَ اُڳاڙيندو هو.

## يهوداه جو بادشاهہ يهويقيم

(2.تواريخ 36:5–8)

36 جڏهن يهويقيم بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر پنجويهہ سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل يارهن سال بادشاهي ڪئي. هن جي
ماءُ جو نالو زبوده هو، جيڪا رومہ شهر جي رهاڪو فداياه جي ڌيءَ
هئي. 37 هن اُهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا،
جيئن سندس ابن ڏاڏن مان ڪن ڪيا هئا.

24 1 يهويقيم جي بادشاهيءَ دوران، بابل جو بادشاهہ
نبوڪدنضر هن جي ملڪ تي چڙهائي ڪري آيو ۽ يهويقيم
ٽي سال هن جي ڏل ڀريندڙ ٿي رهيو، پر پوءِ هن نبوڪدنضر جي
خلاف بغاوت ڪئي. 2 خداوند بابلين، ارامين، موآبين ۽ بني عمون
جا ٽولا يهوداه ملڪ تي موڪليا. خداوند کين انهيءَ لاءِ موڪليو تہ
هو يهوداه کي تباهہ ڪن، جيئن هن پنهنجن ٻانهن نبين جي معرفت
اڳ ۾ فرمايو هو. 3 بيشڪ يهوداه سان اهو سڀ ڪجهہ خداوند
جي حڪم موجب ئي ٿيو، تہ جيئن هو يهوداه وارن کي منسيءَ جي
گناهن جي ڪري پنهنجي حضور مان تڙي ڪڍي ڇڏي. 4 خاص
طور منسيءَ بيگناهن جو ايترو تہ رت وهايو جو هن يروشلم کي
رت سان ڀري ڇڏيو هو، جنهن ڪري خداوند ڪيس معافي ڏيڻ نہ
ٿي گهري. 5 يهويقيم جي بادشاهيءَ جا ٻيا ڪم جيڪي هن ڪيا
سي ”يهوداه جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن.
6 يهويقيم وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو. پوءِ
سندس پٽ يهوياڪين سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

7 مصر جو بادشاهہ وري پنهنجي ملڪ کان ٻاهر نہ نڪتو،
ڇالاءِجو بابل جي بادشاهہ مصر جي سرحد واري برساتي نهر کان
وٺي فرات نديءَ تائين مصر جي قبضي هيٺ آيل سمورو علائقو
پنهنجي قبضي ڪري ڇڏيو هو.

## يهوداه جو بادشاهہ يهوياڪين

(2.تواريخ 36:9–10)

8 جڏهن يهوياڪين بادشاهہ ٿيو تڏهن سندس عمر ارڙهن سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل ٽي مهينا بادشاهي ڪئي. هن
جي ماءُ جو نالو نحشتا هو جيڪا يروشلم جي رهاڪو الناتن جي
ڌيءَ هئي. 9 هن اهي ئي ڪم ڪيا جهڙا سندس پيءُ ڪيا هئا
۽ جيڪي خداوند جي نظر ۾ خراب هئا. 10 انهيءَ دوران بابل جي
بادشاهہ نبوڪدنضر جا سالار يروشلم تي ڪاهي آيا ۽ ان کي گهيرو
ڪري ويهي رهيا. 11 انهيءَ دوران بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر پاڻ
بہ اتي اچي پهتو. 12 تڏهن يهوداه جو بادشاهہ يهوياڪين، سندس
ماءُ، سندس خدمتگار، سندس سپهہسالار ۽ سندس عملدار سڀ
نڪري اچي نبوڪدنضر جي آڏو پيش پيا. بابل جي بادشاهہ پنهنجي
بادشاهيءَ جي اٺين سال يهوداه جي بادشاهہ کي قيدي بڻائي وٺي ويو.
13 سو جيئن خداوند اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو، تيئن نبوڪدنضر خداوند
جي هيڪل مان ۽ شاهي محل مان سڀ خزانا ميڙي سيڙي کڻائي ويو
۽ سون جون اهي شيون بہ ٽڪرا ٽڪرا ڪرائي ڇڏيون جيڪي اسرائيل
جي بادشاهہ سليمان خداوند جي گهر لاءِ ٺهرايون هيون. 14 هو انهن
سڀني يروشلم وارن کي قيدي بڻائي وٺي ويو، جن ۾ سڀ عملدار،
سالار، ڪاريگر ۽ هنرمند، جملي ڏهہ هزار ڄڻا هئا. ملڪ جا رڳو
غريب ترين ماڻهو ئي يهوداه ۾ ڇڏيا ويا.

15 نبوڪدنضر يهوياڪين کي قيدي بڻائي بابل ڏانهن وٺي ويو.
هو بادشاهہ يهوياڪين جي ماءُ، سندس زالن، سندس عملدارن ۽
ملڪ جي سڀني مکيہ ماڻهن کي پڻ قيدي بڻائي وٺي ويو. 16 بابل
جو بادشاهہ سڄي لشڪر کي بہ قيدي بڻائي وٺي ويو جنهن ۾ ست
هزار بهادر ماڻهو کان علاوه هڪ هزار ڪاريگر ۽ هنرمند شامل هئا،

34:23 يр 22:11–12 36:23 ير 22:18–19، 26:1–6، 35:1–19 1:24 ير 25:1–38، دان 1:1–2
12:24 ير 22:24–30، 24:1–10، 29:1–2 15:24 حز 17:12

جيڪي جنگ جي فن ۾ بہ ماهر هئا. 17 يهوياڪين جي جاءِ تي بابل
جي بادشاهہ سندس چاچي متنياہ کي بادشاهہ بڻايو. هن سندس نالو
مٽائي صدقياہ رکيو.

## يهوداہ جو بادشاهہ صدقياہ

(2.تواريخ 12–11:36، يرمياہ 3–1:52)

18 جڏهن صدقياہ بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر ايڪيهہ سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل يارهن سال حڪومت ڪئي. هن جي
ماءُ جو نالو حموطل هو جيڪا يرمياہ جي ڌيءَ هئي جيڪو لبناہ شهر
جو هو. 19 هن يهويقيم وانگر اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي
نظر ۾ بُرا هئا. 20 خداوند جي غضب جي ڪري ئي يروشلم وارن
بلڪ سڄي يهوداہ وارن جو اهڙو حال ٿيو ۽ آخرڪار خداوند انهن کي
پنهنجي حضور مان تڙي ڇڏيو.

## يروشلم جو زوال

(2.تواريخ 21–13:36، يرمياہ 11–3:52)

25 1 بابل جي بادشاهہ جي خلاف صدقياہ بادشاهہ بغاوت
ڪئي. سو سندس بادشاهيءَ جي نائين سال، ڏهين مهيني
جي ڏهين تاريخ بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر پنهنجو سمورو لشڪر
وٺي يروشلم تي ڪاهي آيو. هن شهر جي ٻاهران اچي خيما کوڙيا
۽ گهيري ڪرڻ لاءِ چوڌاري مورچا تعمير ڪرايائين. 2 صدقياہ جي
بادشاهيءَ جي يارهين سال تائين اهو شهر گهيري هيٺ رهيو. 3 پوءِ
شهر ۾ اهڙو تہ سخت ڏڪار اچي پيو جو ماڻهن جي کائڻ لاءِ ڪاڌو
ئي نہ رهيو، تڏهن ساڳئي سال چوٿين مهيني جي نائين تاريخ تي
4 بابل وارن هڪڙي هنڌان شهر جي پٽ ڀڳي. تنهن وقت صدقياہ
پنهنجي لشڪر سميت ان دروازي منجهان ڀڄي نڪري ويو جيڪو
سندس باغ جي پرسان گهٽيءَ ۾ هو، جڏهن تہ بابل وارا شهر جو
گهيرو ڪيو بيٺا هئا. صدقياہ بادشاهہ پنهنجي لشڪر سوڌو اردن
ماٿريءَ وارو رستو وٺي ڀڄي هليو. 5 پر بابلي لشڪر بادشاهہ جو
پيڇو ڪيو ۽ يريحو جي ميدان ۾ وڃي انهن کي پهتو. صدقياہ جو
سڄو لشڪر هن کي ڇڏي هيڏي هوڏي ٽڙي پکڙي ويو. 6 سو هنن
بادشاهہ کي پڪڙي ورتو. پوءِ هن کي ربلہ شهر ۾ بابل جي بادشاهہ
وٽ آندو ويو جتي کيس سزا ٻڌائي ويئي. 7 صدقياہ جي پٽن کي
سندس اکين اڳيان قتل ڪيو ويو. پوءِ هن جون اکيون ڪڍيون ويون
۽ کيس زنجيرن ۾ جڪڙي بابل ڏانهن نيو ويو.

## هيڪل جي بربادي

(يرمياہ 33–12:52)

8 بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي بادشاهيءَ جي اوڻيهين سال،
پنجين مهيني جي ستين تاريخ تي محافظ دستي جو سالار نبوزرادان،
جيڪو بابل جي بادشاهہ جو هڪڙو عملدار هو، سو يروشلم ۾ اچي
پهتو. 9 هن خداوند جو هيڪل، شاهي محل ۽ يروشلم جا سمورا
مکيہ گهر يعني مکيہ ماڻهن جا سڀ گهر باهہ ڏياري ساڙائي ڇڏيا.
10 بابل جو سارو لشڪر جيڪو شاهي محافظ دستي جي سالار سان
گڏ هو، تنهن شهر جي چوڌاري واريون سڀ پٽيون ڊاهي ڇڏيون.
11 تڏهن شهر ۾ جيڪي ماڻهو باقي بچيا هئا ۽ جيڪي بابل جي
بادشاهہ ڏانهن پناهہ وٺڻ لاءِ نڪتا هئا، تن کان علاوہ باقي رهيل
ڪاريگرن کي بہ سالار نبوزرادان قيد ڪري وٺي ويو. 12 پر انهيءَ
سالار اتي جي ڪن تمام غريب ماڻهن کي ڇڏي ڏنو تہ جيئن ڀلي
انگورن جي باغن ۽ ٻنين جي سنڀال ڪن.
13 پتل جا ٿنڀا، پتل جون ريڙهيون ۽ پتل جو وڏو حوض، جيڪي
خداوند جي گهر ۾ هئا سي بابلين ڀڃي ڇڏيا ۽ سمورو پتل بابل ڏانهن
کڻي ويا. 14 قربانگاهہ جي رک ڪڍڻ لاءِ تغاريون، ڪوڏاريون، ڦلن
لاهڻ لاءِ چمٽا، لوبان‌دان ۽ پتل جا ٻيا سڀ ٿانوَ جيڪي خداوند جي
گهر جي خدمت ۾ ڪم ايندا هئا، سي بہ هو کڻي ويا. 15 ان کان
علاوہ ٿانڀن رکڻ لاءِ منگالن ۽ ٿالهن سميت ٻيون جيڪي بہ سون ۽
چانديءَ جون شيون هيون سي سڀ شاهي محافظ دستي جو سالار
کڻائي ويو. 16 هو ٻئي ٿنڀا، وڏو حوض ۽ ريڙهيون بہ کڻي ويو، جيڪي
سليمان خداوند جي گهر لاءِ ٺهرايون هيون. انهن سڀني جو پتل تورڻ
کان ٻاهر هو. 17 هر هڪ ٿنڀي جي اوچائي نوَ نوَ ميٽر هئي. ٿنڀي جي
چوٽيءَ تي پتل جو ڇٽ رکيل هو. انهيءَ ڇٽ جي اوچائي اٽڪل سوا
ميٽر هئي. ان ڇٽ تي چوڌاري پتل جي ڄاري ٺهيل هئي، جنهن ۾
پتل جا ڏاڙهون لڳل هئا. اهڙو ئي ڪم ڄاريءَ جي ڪم سميت ٻئي
ٿنڀي تي پڻ رکيل هو.
18 بابلي سالار نبوزرادان سردار ڪاهن سراياہ، نائب ڪاهن صفنياہ
۽ دربانن جي ٽن نگرانن کي قيد ڪري پنهنجي ملڪ وٺي ويو.
19 جيڪي اڃا يروشلم شهر ۾ هئا تن مان هو فوج جي سپهہ‌سالار
۽ پنجن شاهي صلاحڪارن کي پڻ قيد ڪري وٺي ويو. هن انهيءَ
منشيءَ کي بہ قيد ڪيو جيڪو ملڪ ۾ ماڻهن جي ڀرتي جو نگران
هو. هن ملڪ جي سٺ مکيہ ماڻهن کي پڻ قيد ڪيو، جيڪي کيس
شهر ۾ هٿ آيا. 20 بابلي سالار نبوزرادان انهن سڀني کي قيد ڪري
حمات علائقي جي ربلہ شهر ۾ بابل جي بادشاهہ وٽ وٺي آيو.
21 بابل جي بادشاهہ انهيءَ شهر ۾ هنن کي مارائي ڇڏيو.

---

17:24 ير 1:37، حز 13:17    18:24 ير 1:27–22، 1:28–17    20:24 حز 15:17    1:25 ير 1:21–10، 1:34–5، حز 2:24
4:25 حز 21:33    7:25 حز 13:12    9:25 1.با 8:9    13:25 1.با 15:7–26، 2.توا 15:3–17، 2:4–5    14:25 1.با 45:7، 2.توا 16:4

اهڙيءَ طرح يهوداه وارا قيد ٿي پنهنجي ملڪ کان جلاوطن ڪيا
ويا.

## يهوداه جو گورنر گدلياه
(يرمياه 40:7-9، 41:1-3)

22 يهوداه جي ملڪ ۾ باقي بچيل ماڻهو جن کي بابل جي بادشاهه
نبوڪدنضر ڇڏي ڏنو هو، تن جي مٿان بادشاهه نبوڪدنضر گدلياه
ولد اخيقام ولد سافن کي گورنر مقرر ڪيو. 23 جڏهن يهوداه وارن
جي لشڪر جي سپني سالارن ۽ سندن جنگي جوانن ٻڌو ته بابل جي
بادشاهه گدلياه کي گورنر مقرر ڪيو آهي، تڏهن هو مصفاه شهر ۾
گدلياه وٽ آيا. جيڪي وٽس آيا سي هي هئا: اسماعيل ولد نتنياه،
يوحنان ولد قريح، سراياه ولد تنحومت، عيفي نطوفاتيءَ جو اولاد
۽ يازنياه ولد معڪاتي. اهي سڀ پنهنجن ماڻهن سميت وٽس آيا.
24 تڏهن گورنر گدلياه انهن سپني ماڻهن سان واعدو ڪندي کين چيو
ته ”اوهين ڊڄو نه ۽ موٽي اچي پنهنجي ئي شهرن ۾ آباد ٿيو. اوهين
رڳو بابل جي بادشاهه ۽ سندس عملدارن جي تابعداري ڪريو. اهو
اوهان لاءِ چڱو ٿيندو.“
25 پر انهيءَ ئي سال ستين مهيني ۾ اسماعيل ولد نتنياه ولد
اليسمع، جيڪو شاهي نسل مان هو، سو ڏهه ماڻهو پاڻ سان وٺي
آيو ۽ گدلياه کي مارائي ڇڏيائين ۽ جيڪي يهوداه وارا ۽ بابلي گدلياه
سان گڏ مصفاه ۾ هئا تن کي به مارائي ڇڏيائين. 26 انهيءَ ڪري
سڀ ماڻهو، ننڍا توڙي وڏا ۽ لشڪر جا سالار پڻ بابلين جي ڊپ کان
مصر ڏانهن ڀڄي ويا.

## يهوياڪين جو قيد مان ڇٽي اچڻ
(يرمياه 52:31-34)

27 يهوداه جي بادشاهه يهوياڪين جي جلاوطن ٿيڻ جي ستٽيهين
سال، ٻارهين مهيني جي ستاويهين تاريخ تي بابل جي بادشاهه اويل
مرودڪ ولد نبوڪدنضر پنهنجي بادشاهيءَ جي شروع واري سال ۾
يهوداه جي بادشاهه يهوياڪين کي قيد مان آزاد ڪيو. 28 هن ساڻس
مهربانيءَ وارو سلوڪ ڪيو ۽ ساڻس گڏ قيد ٿيل ٻين بادشاهن کان
وڏيڪ مان مرتبو ڏنائينس. 29 سو يهوياڪين قيدين وارا ڪپڙا بدلايا
۽ پنهنجي سڄي حياتي بابل جي بادشاهه سان گڏ سندس دسترخوان
تي کائيندو رهيو. 30 جيستائين يهوياڪين جيئرو هو، تيستائين کيس
بابل جي بادشاهه وٽان هميشه روزمره جو مقرر خرچ ملندو رهيو.

---

25:26 ير 43:5-7

# 1. تواريخ

## تواريخ جو پهريون ڪتاب

### تعارف

”تواريخ“ نالي پهريون توڙي ٻيو، ٻيئي مقدس ڪتاب اڪثر ڪري اُهي ئي واقعا وري بيان ڪن ٿا، جيڪي ”سموئيل“ ۽ ”بادشاهَه“ جي مقدس ڪتابن ۾ لکيل آهن، پر انهن جي بيان ڪرڻ جو انداز مختلف آهي. تواريخ جي هنن ڪتابن ۾ هي ٻه اهم مقصد بيان ڪيل آهن، جن تي بني اسرائيل جي بادشاهتن جو دارومدار هو:

1. اهو ڏيکارڻ ته جيتوڻيڪ خدا ڏکڻ طرف واري يهوداه بادشاهت توڙي اتر طرف واري اسرائيل بادشاهت تي وڏيون مصيبتون آنديون، تنهن هوندي به اجا تائين هو پنهنجي قوم سان ڪيل واعدي تي قائم رهيو ۽ پنهنجي انهن ماڻهن لاءِ پنهنجي منصوبي تي ڪم ٿي ڪيائين، جيڪي يهوداه ۾ پئي رهيا. انهيءَ يقين ڏهانيءَ ڪي بنياد بڻائيندي ليڪڪ حضرت دائود ۽ حضرت سليمان بادشاهن جا عظيم ڪارناما بيان ڪري ٿو. انهيءَ ڪان پوءِ يهوسفط، حزقياه ۽ يوسياه بادشاهن جا سڌارا بيان ڪري ٿو. هو انهن ماڻهن جو ذڪر پڻ ڪري ٿو، جيڪي خدا سان وفادار رهيا. انهن جي ئي وسيلي ليڪڪ اهو ڏيکاري ٿو ته خدا جو پنهنجي ماڻهن سان ڪيترو نه پيار آهي ۽ خدا پنهنجي واعدي تي قائم آهي.

2. اهو بيان ڪرڻ ته يروشلم شهر ۾ هيڪل اندر خدا جي عبادت ڪرڻ جي اصليت ڇا هئي، خاص طور ڪاهنن ۽ لاوين جو منظم هجڻ، جنهن ذريعي عبادت ڪئي پئي ويئي. هن ڪتاب ۾ حضرت دائود ڪي ئي هيڪل جو حقيقي بنياد وجهندڙ ۽ انهيءَ جون ريتون رسمون قائم ڪندڙ ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هيڪل جي اڏاوت حضرت سليمان ڪرائي هئي.

### سِٽاءُ

شجرا ۽ فهرستون 1:1–9:44
سائول جو موت 1:10–14
حضرت دائود جي حڪومت 1:11–29:30
1. ڏک ۽ ڪارناما 1:11–22:1
2. هيڪل جي اڏاوت جون تياريون 22:2–29:30

---

### آدم کان وٺي ابراهيم تائين

(پيدائش 1:5–32، 1:10–32، 10:11–26)

1 ① آدم جو نسب نامو هي آهي: آدم مان سيت، انهيءَ مان
انوس، ② انهيءَ مان قينان، انهيءَ مان مهللايل، انهيءَ مان
يارد، ③ انهيءَ مان حنُوڪ، انهيءَ مان متوسلح، انهيءَ مان لمڪ،
انهيءَ مان نوح. ④ نوح کي ٽي پٽ هئا: سِم، حام ۽ يافت.
⑤ يافت جو اولاد گمر، ماگوگ، مادئي، ياوان، توبل، مسڪ ۽
تيراس هئا. ⑥ گمر جو اولاد اشڪناز، ريفت ۽ تگرماه هئا. ⑦ ياوان
جو اولاد اِليشاه، ترسيس، ڪتي ۽ دوداني هئا.
⑧ حام جو اولاد ڪُوش، مصر، لبيا ۽ ڪنعان هئا. ⑨ ڪُوش جو
اولاد صبا، حويلاه، سبته، رعمه ۽ سبتيڪ هئا. رعمه جو اولاد شبا
۽ ددان هئا. ⑩ ڪُوش کي نمرود نالي هڪڙو پٽ هو جيڪو دنيا جو
پهريون زبردست پهلوان هو. ⑪ مصر جا پٽ جن جي نالن پٺيان قومون
ٻڌيون سي هي هئا: لودي، عنامي، لهابي، نفتوحي، ⑫ فتروسي،
ڪسلوحي ۽ ڪريتي جنهن مان فلستي پيدا ٿيا. ⑬ ڪنعان جو اولاد
هي هئا: سندس پهريتو پٽ صيدا ۽ بني حِت، ⑭ يبوسي، اموري،
گِرگاشي، ⑮ حِوي، عرقي، سيني، ⑯ اروادي، صماري ۽ حماتي.
⑰ سِم جو اولاد هي هئا: عيلام، اشور، ارفڪسد، لود، ارام،
عُوض، حول، گتر ۽ مسڪ. ⑱ ارفڪسد کي سِلح ڄائو ۽ سِلح کي

عبر. 19 عبر کي ٻہ پٽ ڄاوا، هڪڙي جو نالو *فلگ هو، ڇالاءِجو
انهن ڏينهن ۾ ڌرتي مختلف حصن ۾ ورهائي ويئي هئي ۽ ٻئي جو
نالو يقطان هو. 20 يقطان جو اولاد هي هئا: بني الموداد، بني سلف،
بني حصارماوت، بني يرح، 21 بني هدورام، بني اُوزال، بني دقلہ،
22 بني عوبال، بني ابيمائيل، بني شبا، 23 بني اوفِر، بني حويلاہ ۽
بني يوباب.
24 سِم کان ابراهيم تائين نسب نامو هي آهي: سِم مان ارفڪسد،
انهيءَ مان سِلح، 25 انهيءَ مان عبر، انهيءَ مان فلگ، انهيءَ مان
رعو، 26 انهيءَ مان سروگ، انهيءَ مان نحور، انهيءَ مان تارح 27 ۽
انهيءَ مان ابرام يعني ابراهيم.

## اسماعيل جو اولاد

(پيدائش 25:12–16)

28 ابراهيم کي ٻہ پٽ اسحاق ۽ اسماعيل هئا. 29 اسماعيل جو
اولاد هي هئا: نبايوت، جيڪو سندس پهريتو پٽ هو، پوءِ قيدار،
ادبئيل، مبسام، 30 مِشماع، دوماه، مسا، حدد ۽ تيما، 31 يطور،
نفيس ۽ قدمہ.
32 ابراهيم جا سندس سريت قطوراه مان هي پٽ هئا: زمران،
يقشان، مدان، مديان، اسباق ۽ سوخ. يقشان مان شبا ۽ ددان پيدا
ٿيا. 33 مديان جا پٽ هي هئا: عيفاه، عِفر، حنُوڪ، ابيداع ۽ الداعاه.
اهي سڀيئي قطوراه مان هئا.

## عيسوءَ جو اولاد

(پيدائش 36:1–19)

34 ابراهيم جي پٽ اسحاق کي هي پٽ هئا: عيسو ۽ يعقوب.
35 عيسوءَ جا پٽ هي هئا: اليفز، رعوايل، يعوش، يعلام ۽ قوراح.
36 اليفز جو اولاد هي هئا: تيمان، اومار، صفو، گعتام، قنز، تِمنع
۽ عماليق. 37 رعوايل جو اولاد هي هئا: نحت، زارح، شماه ۽ مِزه.

## ادوم ملڪ جا اصل رهاڪو

(پيدائش 36:20–30)

38 سعير جا پٽ هي هئا: لوطان، شوبال، صِبعون، ايصر ۽ ديشان.
39 لوطان جا پٽ هي هئا: حوري ۽ هومام. تِمنع لوطان جي ڀيڻ هئي.
40 شوبال جا پٽ هي هئا: علوان، مانحت، عيبال، شفو ۽ اونام.
صِبعون جا پٽ هي هئا: آيہ ۽ عَيناه. 41 عَيناه جو پٽ دِشون هو.
دِشون جا پٽ حمدان، اشبان، يتران ۽ ڪران هئا. 42 ايصر جا پٽ هي
هئا: بِلهان، زعوان ۽ عقان. ديشان جا پٽ هي هئا: عُوض ۽ اران.

## ادوم جا بادشاهہ

(پيدائش 36:31–43)

43 بني اسرائيل جي بادشاهن کان اڳ ۾ جن †ادوم ملڪ تي
بادشاهي ڪئي، سي هي آهن. بلع ولد بعور دِنهاباه شهر مان
بادشاهي ڪئي. 44 بلع جي وفات کان پوءِ بُصراه جو رهاڪو يوباب
ولد زارح بادشاهہ ٿيو. 45 يوباب جي وفات کان پوءِ تيمان جي ملڪ
وارو حُشام بادشاهہ ٿيو. 46 حُشام جي وفات کان پوءِ هدد ولد بدد،
جنهن ‡موآب ۾ مديانين کي شڪست ڏني هئي سو بادشاهہ ٿيو.
سندس شهر جو نالو عويت هو. 47 هدد جي وفات کان پوءِ مسرقہ
جو رهاڪو سملاه بادشاهہ ٿيو. 48 سملاه جي وفات کان پوءِ فرات
نديءَ جي ويجهو رحوبوت‌عير شهر جو رهاڪو شائول بادشاهہ ٿيو.
49 شائول جي مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي عڪبور جي پٽ بعل‌حانان
بادشاهي ڪئي. 50 بعل‌حانان جي وفات کان پوءِ هدر بادشاهہ ٿيو،
هو پاعو شهر جو رهاڪو هو. هن جي زال جو نالو مهطب‌ايل هو
جيڪا مطرد جي ڌيءَ ۽ مِيَ‌زاهاب جي ڏوهٽي هئي. 51 هدر پڻ گذاري
ويو. ادوم جا رهاڪو هنن قبيلن ۾ ورهايل هئا: تِمنع، علوه، يتيت،
52 اهليباماه، ايلاه، فينون، 53 قنز، تيمان، مبصار، 54 مگدي‌ايل ۽
عرام.

## يهوداه جو اولاد

2 1 اسرائيل يعني يعقوب جا پٽ هي آهن: روبن، شمعون، لاوي،
يهوداه، اِسڪار، زبولون، 2 دان، يوسف، بنيامين، نفتالي، گد
۽ آشر. 3 يهوداه جا جملي پنج پٽ هئا. انهن مان عير، اونان ۽ شيلاه
ڪيس بتسوع نالي هڪ ڪنعاني عورت مان ڄاوا هئا. عير يهوداه
جو پهريتو پٽ هو جيڪو خداوند جي نظر ۾ بدڪار هو، جنهن کي
خداوند ماري ڇڏيو هو. 4 يهوداه جا ٻيا ٻہ پٽ فارص ۽ زارح هئا،
جيڪي ڪيس پنهنجي ننهن تامار مان ڄاوا هئا. 5 فارص جا پٽ
حصرون ۽ حمول هئا. 6 زارح جا جملي پنج پٽ هئا: زمري، ايتان،
هيمان، ڪلڪول ۽ دارع. 7 ڪرمي زمريءَ جي اولاد مان هو، جنهن
کي ¶عڪن نالي پٽ هو. عڪن وقف ٿيل شين تي ٻيل بندش جي
خلاف‌ورزي ڪري بني اسرائيل تي مصيبت آندي. 8 ايتان جو پٽ
عزرياه هو.

*فلگ: هي نالو عبراني ٻوليءِ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ورهاست“.

†ادوم: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

‡موآب: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

¶عڪن: هن شخص جو نالو يشوع 7:1 ۾ ”عڪن“ آهي. هتي اصل عبرانيءَ ۾ ”عڪر“ لکيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”مصيبت“.

7:2 يش 7:1

## دائود بادشاهه جو شجرو

9 حصرون جا پٽ يرحمئيل، رام ۽ ڪلوبئي هئا. 10 رام کان وٺي
يسيءَ تائين نسب نامو هي آهي: رام مان عميناداب، عميناداب مان
نحسون، جيڪو يهوداه قبيلي جو سردار هو، 11 نحسون مان سلمون،
سلمون مان بوعز، 12 بوعز جو پٽ عوبيد ۽ عوبيد جو پٽ يسي.
13 يسيءَ جا ست پٽ نمبروار هي هئا: الياب، ابيناداب، سمعي،
14 نتني ايل، ردئي، 15 عوضم، دائود. 16 انهن جون ڀينرون ضروياه
۽ ابيجيل هيون. ضروياه جا جملي ٽي پٽ هئا: ابي‌شي، يوآب ۽
عساهيل. 17 ابيجيل اسماعيل جي اولاد مان يتر نالي شخص سان
پرڻيل هئي، جنهن مان کيس عماسا ڄائو.

## حصرون جو پيو اولاد

18 حصرون جي پٽ ڪالب، عزوبه سان شادي ڪئي جنهن مان
کيس هڪڙي ڌيءَ يريعوت ڄائي. يريعوت کي ٽي پٽ ڄاوا: يشر،
سوباب ۽ اردون. 19 عزوبه جي وفات کان پوءِ ڪالب افراته سان
شادي ڪئي، جنهن مان کيس حور نالي پٽ ڄائو. 20 حور کي اوري
ڄائو ۽ اوريءَ کي بصل‌ايل ڄائو.
21 جيتوڻيڪ حصرون سٺ ورهين جو هو تڏهن به مڪير جي ڌيءَ
سان شادي ڪيائين جا گلعاد جي ڀيڻ هئي، تنهن مان کيس شگوب
نالي پٽ ڄائو. 22 شگوب کي يائير نالي پٽ ڄائو جنهن جو گلعاد
جي علائقي ۾ ٽيويهن شهرن تي قبضو هو. 23 پر گسور ۽ ارام جي
بادشاهتن سٺ شهرن تي انهن جي ڳوٺن سميت قبضو ڪيو جن ۾
قنات شهر ۽ يائير جا ٽيويهه شهر به شامل هئا. انهن ۾ رهندڙ سڀ
ماڻهو گلعاد جي پيءُ مڪير جو اولاد هئا. 24 حصرون جي وفات
کان پوءِ سندس زال ابياه ڪالب‌افراته ۾ اشور نالي پٽ ڄڻيو، جنهن
تقوع شهر جو بنياد وڌو.

## حصرون جي پٽ يرحمئيل جو اولاد

25 حصرون جي وڏي پٽ يرحمئيل جا پٽ هي هئا: پهريتو پٽ رام،
بونه، اورن، اوضم ۽ اخياه. 26-27 رام جا پٽ هي هئا: معض، يمين
۽ عيقر. يرحمئيل کي عطاره نالي هڪ ٻي زال هئي جنهن مان کيس
اونام نالي پٽ ڄائو. 28 اونام جا پٽ شمي ۽ يدع هئا. شمي جا پٽ
ندب ۽ ابيسور هئا. 29 ابيسور جي زال جو نالو ابيخيل هو، جنهن
مان کيس اخبان ۽ مولد ڄاوا. 30 ندب جا پٽ هي هئا: سلد ۽ افائم.
سلد بي‌اولاد مري ويو. 31 افائم کي يسعي نالي پٽ ڄائو، يسعي
کي سيسان ۽ سيسان کي اخلئي نالي پٽ ڄائو. 32 شمي جي ڀاءُ
يدع جا پٽ هي هئا: يتر ۽ يونتن. يتر بي‌اولاد مري ويو. 33 يونتن
جا پٽ فلت ۽ زازا هئا. اهي سڀ يرحمئيل جو اولاد هئا.
34 سيسان کي پٽ جو اولاد ڪونه هو رڳو ڌيئر هيون. سيسان
کي هڪڙو مصري نوڪر هو جنهن جو نالو يرخع هو. 35 سو سيسان
پنهنجي هڪڙي ڌيءَ پنهنجي نوڪر يرخع کي پرڻائي ڏني جنهن مان
کيس عتي ڄائو. 36 عتيءَ کان وٺي اليسمع تائين نسب نامو هي
آهي: عتي مان ناتن، ناتن مان زاباد، 37 زاباد مان افلال، افلال مان
عوبيد، 38 عوبيد مان ييهو، ييهو مان عزرياه، 39 عزرياه مان خلص،
خلص مان العاسه، 40 العاسه مان سسمئي، سسمئي مان سلوم،
41 سلوم مان يقمياه ۽ يقمياه مان اليسمع.

## ڪالب جو پيو اولاد

42 يرحمئيل جي ڀاءُ ڪالب جي وڏي پٽ جو نالو ميسا هو. ميسا
کي زيف نالي پٽ ڄائو ۽ زيف کي مرسيه ۽ مرسيه کي حبرون
ڄائو. 43 حبرون جا پٽ هي هئا: قوراح، تفوح، رقم ۽ سمع. 44 سمع
کي رخم ڄائو جيڪو يرقعام جو پيءُ هو. رقم کي سمئي ڄائو.
45 سمئي کي معون ڄائو ۽ معون کي بيت‌صور ڄائو.
46 ڪالب کي عيفه نالي سريت هئي جنهن مان کيس هي پٽ
ڄاوا: حاران، موضا ۽ گازز. حاران کي پڻ گازز نالي پٽ هو.
47 يهديءَ جا پٽ هي هئا: رجم، يوتام، گسام، فلط، عيفه ۽
شعف.
48 ڪالب کي معڪه نالي هڪ ٻي سريت هئي جنهن مان کيس
شبر ۽ ترحناه ڄاوا. 49 معڪه مان کيس ٻه ٻيا پٽ به ڄاوا: پهريون
شعف جيڪو مدمناه جو باني هو ۽ ٻيو سوا، جيڪو مڪبينا ۽ گبع جو
باني هو. انهيءَ کان سواءِ ڪالب کي عڪسه نالي ڌيءَ به هئي.
50 هي پڻ ڪالب جو اولاد هئا: ڪالب کي افراته نالي زال مان
پهريون پٽ حور هو. حور جي پٽ سوبل جنهن قريت‌يعريم شهر جو
بنياد وڌو. 51 سندس ٻئي پٽ سلمون بيت‌لحم جو بنياد وڌو ۽ ٽيون
پٽ خارف بيت‌جدر جو باني هو.
52 قريت‌يعريم جو بنياد وجهندڙ سوبل هو، جيڪو هرائي گهراڻي
۽ منوخوت جي اڌ رهاڪن جو پڻ وڏو هو. 53 هو قريت‌يعريم شهر
۾ رهندڙ هنن گهراڻن جو پڻ وڏو هو: اتري، فوتي، سماتي ۽
مسراعي. صرعتي ۽ استاولي انهن ئي جو اولاد آهن. 54 بيت‌لحم
جو بنياد وجهندڙ سلمون نطوفاتي، عطرات بيت‌يوآب، اڌ منوختين
يعني صرعي جو وڏو هو. 55 هو يعبيض ۾ رهندڙ ڪاتبن جي هنن
گهراڻن جو پڻ وڏو هو: ترعاتي، سمعاتي ۽ سوڪاتي. اهي سڀ
قيني هئا جيڪي ريڪابين جي وڏي حمات جي نسل مان هئا.

## بادشاهه دائود جو اولاد

3 1 دائود کي جيڪي پٽ حبرون ۾ ڄاوا سي هي هئا. پهريون پٽ
امنون جيڪو کيس اخي‌نوعم يزرعيليءَ مان ڄائو. ٻيو دانيال
جيڪو کيس ابيجيل ڪرمليءَ مان ڄائو. 2 ٽيون ابي‌سلوم جيڪو
کيس گسور جي بادشاهه تلميءَ جي ڌيءَ معڪه مان ڄائو. چوٿون،
ادونياه جيڪو کيس حگيت مان ڄائو. 3 پنجون، سفطياه جيڪو کيس
ابيطال مان ڄائو ۽ ڇهون، اترعام جيڪو کيس عجلاه مان ڄائو.

4 اهي ڇهه ئي پٽ دائود کي حبرون ۾ ڄاوا، جتي هن ساڍا ست
سال حڪمراني ڪئي. دائود يروشلم ۾ ٽيتيهه سال بادشاهي ڪئي.
5 يروشلم ۾ ڪيس هي ٻار ڄاوا: سمعي، سوباب، ناتن ۽ سليمان.
اهي چار ئي ڄڻا ڪيس عمي‌ايل جي ڌيءَ بت‌سبع مان ڄاوا. 6 دائود
جا ٻيا جملي نَو پٽ هي هئا: ابحار، اليسمع، اليفالط، 7 نجه،
نفج، يفيع، 8 اليسمع، اليدع، اليفلط. 9 انهن کان علاوه دائود کي
سندس سريتن مان ٻه پٽ ڄاوا. ڪيس تمر نالي هڪڙي ڌيءَ به هئي.

## بادشاهه سليمان جو اولاد

10 سليمان کان وٺي سلسلو هن ريت آهي: سليمان، رحبعام،
ابياه، آسا، يهوسفط، 11 يهورام، اخزياه، يوآس، 12 امصياه، عزرياه،
يوتام، 13 آخز، حزقياه، منسي، 14 امُون ۽ يوسياه. 15 يوسياه جا هي
چار پٽ هئا: يوحنان، يهويقيم، صدقياه ۽ يهوآخز. 16 يهويقيم جا
پٽ يهوياڪين ۽ صدقياه هئا.

## بادشاهه يهوياڪين جو اولاد

17 يهوياڪين، جيڪو بابل ڏانهن قيد ٿي ويو هو تنهن جا پٽ هي
هئا: سيالتي‌ايل، 18 ملڪرام، فداياه، شيناضر، يقمياه، هوسمع ۽
ندبياه. 19 فداياه جا پٽ زربابل ۽ شمعي هئا. زربابل جا پٽ مسلام
۽ حنانياه هئا ۽ سلوميت سندن ڀيڻ هئي. 20 زربابل جا ٻيا جملي پنج
پٽ هي هئا: حسوبه، اهل، برڪياه، حسدياه ۽ يوسبحسد.
21 حنانياه جا پٽ هي هئا: فلطياه، يسعياه، رفاياه، ارنان، عبدياه
۽ سڪنياه. 22 سڪنياه کي سمعياه نالي هڪڙو پٽ هو. سمعياه جا
هي پنج پٽ هئا: حطوش، اجال، بريح، نعرياه ۽ سافطه. 23 نعرياه جا
هي ٽي پٽ هئا: اليوعيني، حزقياه ۽ عزريقام. 24 اليوعيني جا هي
ست پٽ هئا: هوديواهو، الياسب، فلاياه، عقوب، يوحنان، دلاياه ۽
عناني.

## يهوداه جو اولاد

4 1 يهوداه ولد يعقوب جو اولاد هي هئا: فارص، حصرون،
ڪرمي، حور، سوبل. 2 سوبل جي پٽ رياياه کي يحت نالي
پٽ ڄائو. يحت کي اخومي ۽ لاهد نالي پٽ ڄاوا. اهي صرعتين
جي گهراڻن جا وڏا هئا.
3–4 ڪالب کي افراته نالي زال مان پهريون پٽ حور هو. حور
جي اولاد بيت‌لحم شهر جو بنياد وڌو. حور جا پٽ هي هئا: عيطام،
فنوايل ۽ عزر. عيطام جا پٽ هي هئا: يزرعيل، اسمع ۽ ادباس ۽
سندن ڀيڻ جو نالو هضل‌الفوني هو. فنوايل گدور شهر جو بنياد وڌو
۽ عزر حوسه شهر جو بنياد وڌو.
5 تقوع جي باني اشور کي ٻه زالون حيلاه ۽ نعراه هيون. 6 نعراه
مان ڪيس اخوسام، حفر، تيمني ۽ هخستري نالي پٽ ڄاوا. 7 حيلاه
مان ڪيس هي پٽ ڄاوا: ضرت، يضوآر ۽ اتنان.
8 قوض مان عنوب ۽ ضوبيبه نالي پٽ پيدا ٿيا. هو آخرخيل ولد
حروم جي گهراڻن جو وڏو هو.
9 يعبيض هڪ اهڙو شخص هو جيڪو پنهنجن ڀائرن کان وڌيڪ
عزت وارو هو. سندس ماءُ مٿس *يعبيض نالو انهيءَ ڪري رکيو
جو چيائين ته ”مون کيس ڏاڍي ڏک سان ڄڻيو آهي.“ 10 هڪ ڏينهن
يعبيض بني اسرائيل جي خدا کان دعا گهري ته ”اي خدا! مون کي
برڪت وارو ڪر ۽ هڪ وڏو ملڪ عطا ڪر. تون مون سان گڏ هج
۽ مون کي بڇڙائيءَ کان بچائي رک ته جيئن مون کي ڪو ڏک نه
پهچي.“ خدا سندس اها دعا قبول ڪئي.
11 سوخه جي ڀاءُ ڪلوب کي محير نالي هڪڙو پٽ هو. محير
کي استون نالي پٽ هو. 12 استون کي ٽي پٽ هئا: بيت‌رفا، فاسح
۽ تخنه. تخنه عيرنحس شهر جو باني هو. هنن ماڻهن جو اولاد
ريڪه ۾ رهندو هو.
13 قنز جا پٽ غتني‌ايل ۽ شراياه هئا. غتني‌ايل جا پٽ حت ۽
معوناتي هئا. 14 معوناتي کي عفره نالي هڪ پٽ هو. شراياه کي
يوآب نالي پٽ ڄائو، جيڪو خراسيم ماڙيءَ جو باني هو. ان کي
†خراسيم ماڙي انهيءَ ڪري سڏبو هو جو اتان جا ماڻهو هنرمند هئا.
15 ڪالب ولد يفنه جا پٽ هي هئا: عيرو، ايله ۽ نعم. ايله کي
قنز نالي پٽ هو.
16 يهللئيل جا پٽ هي هئا: زيف، زيفه، تيرياه ۽ اسري‌ايل.
17–18 عزره جا پٽ هي هئا: يتر، مرد، عفر ۽ يلون. مرد، مصر جي
‡فرعون جي ڌيءَ بتياه سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس مريم نالي
هڪ ڌيءَ ۽ سمي ۽ اسباح نالي ٻه پٽ ڄاوا. اسباح استموع نالي هڪ
ڳوٺ جو بنياد وڌو. مرد يهوداه قبيلي مان ٻي شادي ڪئي جنهن
مان ڪيس يرد، حبر ۽ يقوتيئل ڄاوا. گدور ڳوٺ جو بنياد يرد وڌو،
شوڪو ڳوٺ جو بنياد حبر وڌو ۽ زنوح ڳوٺ جو بنياد يقوتيئل وڌو.
19 هودياه نحم جي ڀيڻ سان شادي ڪئي. سندن اولاد مان گرمي
۽ معڪات گهراڻا ٿيا. گرمي گهراڻو قعيله ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽
معڪات گهراڻو استموه ڳوٺ ۾ رهندو هو.
20 سيمون جا پٽ هي هئا: امينون، رناه، بن‌حنان ۽ تيلون.
يسعيءَ جا پٽ هي هئا: زوحت ۽ بن‌زوحت.

*يعبيض: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ڏک“.
†خراسيم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”هنرمند“.
‡فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

4:3 2.سم 4:5–5، 1.با 11:2، 1.توا 27:29   5:3 2.سم 3:11

21-22 شلاه ولد يهوداه جو اولاد هي هو: عير، لعده، يوقيم،
يوآش، شراف ۽ ڪوزيبا ڳوٺ جا رهاڪو. عير لڪه ڳوٺ جو باني
هو. لعده مريسه ڳوٺ جو باني ۽ سنهي وڻيل سٽيءَ جو ڪپڙو
اڻندڙن جي گهراڻن جو وڏو هو، جيڪي بيت‌اشبيع جا رهاڪو هئا.
يوآش ۽ شراف موآب جا حڪمران بڻيا ۽ پوءِ بيت‌لحم ۾ آباد ٿي
ويا. هي لکتون پراڻي زماني جون آهن. 23 شلاه جي اولاد مان ڪي
ڪنير به هئا جيڪي نتائيم ۽ گديرا ڳوٺن جا رهاڪو هئا، اتي هو
بادشاهه وٽ سندس ڪم ڪار لاءِ رهندا هئا.

## شمعون جو اولاد

24 شمعون ولد يعقوب جا پٽ هي هئا: نموايل، يمين، يريب، زارح
۽ شائول. 25 شائول جو پٽ سلوم، شائول جو پوٽو مبسام ۽ شائول جو
پڙپوٽو مشماع هو. 26 مشماع جو پٽ حموايل، حموايل جو پٽ زڪور
۽ زڪور جو پٽ شمعي. 27 شمعيءَ کي سورهن پٽ ۽ ڇهه ڌيئرون
هيون، پر هن جي ڀائرن کي گهڻو اولاد ڪونه هو. انهيءَ ڪري سندن
سڄو گهراڻو ايترو گهڻو نه هو جيترو بني يهوداه جو هو. 28 اهي هنن
شهرن ۾ رهندا هئا: بيرسبع، مولاده، حصرسوعال، 29 بلها، عضم،
تولاد، 30 بتوايل، حرماه، صِقلاج، 31 بيت‌مرڪوبوت، حصرسوسيم،
بيت‌برائي ۽ شعريم. دائود بادشاهه جي دور تائين هو انهن شهرن ۾
رهندا هئا. 32 هنن جي آس‌پاس وارا ٻيا پنج شهر هي هئا: عيطام،
عين، رمون، توڪن ۽ عسن، 33 جن ۾ هو چوڌاري وارن سمورن
ڳوٺن سميت ويندي بعل تائين رهندا هئا. اها ئي هنن جي رهڻي
ڪهڻيءَ جي تواريخ آهي جيڪا وٽن هئي.

34-38 هي ماڻهو شمعون قبيلي جي گهراڻن جا وڏا هئا: مسوباب،
يمليڪ، يوشه ولد امضياه، يوايل، ييهو ولد يوسيبياه ولد شراياه ولد
عسيئيل، اليوعيني، يعقوبه، يسوخايه، عساياه، عديئيل، يسيميئيل،
بناياه، زيزا ولد شفعي ولد الون ولد يداياه ولد سمري ولد سمعياه.
هنن جا گهراڻا گهڻو وڌيا ويجهيا، 39 تان جو اهي گدور شهر تائين
پکڙجي ويا ۽ ان واديءَ جي اڀرندي پاسي تائين پنهنجا ڌڻ چاريندا
هئا جنهن ۾ اهو شهر آباد هو. 40 انهن اتي چڱو سرسبز چراگاهه
لڌو جيڪو هڪ وسيع علائقي تائين پکڙيل هو. اهو علائقو امن ۽
سڪون وارو هو. اڳ جيڪي ماڻهو اتي رهندا هئا سي بني حام
قبيلي مان هئا.

41 شمعون قبيلي جي انهن ماڻهن يهوداه جي بادشاهه حزقياه جي
ڏينهن ۾ اچي بني حام ۽ معونين تي حملو ڪيو ۽ کين رهائش‌گاهن
سميت تباهه ڪري ڇڏيو. پوءِ هو انهن جي جاءِ تي آباد ٿي ويا،
ڇاڪاڻ‌ته اتي سندن ڌڻن لاءِ چارو موجود هو. اڄوڪي ڏينهن تائين
اتي بني حام ۽ معونين جو ڪو نالو نشان ڪونه آهي. 42 شمعون
قبيلي جا ٻيا پنج سو ماڻهو سعير جبلن ڏانهن هليا ويا، جن جي
اڳواڻي يسيءَ جي هنن پٽن ڪئي: فلطياه، نعرياه، رفاياه ۽ عزي‌ايل.
43 تڏهن جيڪي عماليقي باقي بچيا هئا ۽ ڀڄي نڪتا هئا، تن کي
ماري هو پاڻ اتي رهڻ لڳا ۽ اهي اڄ ڏينهن تائين اتي رهندا پيا اچن.

## روبن جو اولاد

5 1 يعقوب جي وڏي پٽ روبن جو اولاد هي آهي. جيتوڻيڪ
روبن پهريون ڄاول ٻار هو، پر پنهنجي پيءُ جي سريت سان
همبستر ٿيڻ جي ڪري هو پنهنجو پهريتي هجڻ جو حق وڃائي ويٺو
هو. سندس اهو حق سندس ڀاءُ يوسف جي اولاد کي ڏنو ويو هو.
2 جيتوڻيڪ يهوداه قبيلو زورآور هو ۽ حڪمران به انهيءَ قبيلي مان
ٿيو، پر تنهن هوندي به پهريتي هئڻ جو حق يوسف کي ئي هو.
3 روبن جا پٽ هي هئا: حُنوڪ، فلو، حصرون ۽ ڪرمي.
4-6 يوايل جو پيڙهي به پيڙهي اولاد هي آهي: سمعياه، گوگ،
شمعي، ميڪاه، رياياه، بعل ۽ بيره. بيره جيڪو روبن قبيلي جو
سردار هو تنهن کي اشور جو شهنشاهه تگلت پلاسر قيد ڪري پاڻ
سان وٺي ويو.
7 روبن قبيلي جي گهراڻن جا وڏا سندن تواريخي لکت مطابق هي
آهن: يعي‌ايل، زڪرياه 8 ۽ بلع جيڪو عزز جو پٽ ۽ سمع جو پوٽو
هو ۽ يوايل جي گهراڻي مان هو. هي گهراڻو عروعير شهر ۽ اتر طرف
۾ نبو جبل ۽ بعل‌معون تائين رهندو هو. 9 اڀرندي ۾ هنن ان بيابان
تائين زمين تي قبضو ڪيو جيڪو فرات نديءَ تائين پکڙيل آهي،
ڇالاءِجو هنن جو چوپايو مال گلعاد جي علائقي ۾ وڌي ويو هو.
10 سائول جي بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾ روبن قبيلي هاجرين تي
حملو ڪيو ۽ کين ماري ڇڏيائون. پوءِ هنن گلعاد جي اڀرندي واري
سندن سڄي علائقي تي قبضو ڪري ڇڏيو.

## گد جو اولاد

11 گد قبيلو روبن قبيلي جي پرسان اتر طرف ۾ بسن جي علائقي
۾ اڀرندي شهر سلڪ تائين رهندو هو. 12 گد قبيلي جي سيني کان
وڏي گهراڻي جو وڏو يوايل هو ۽ سافم ٻئي نمبر گهراڻي جو وڏو
هو. يعني ۽ سافط بسن ۾ ٻين گهراڻن جا وڏا هئا. 13 گد قبيلي
جي ٻين گهراڻن جا وڏا هي هئا: ميڪائيل، مسلام، سبعه، يوري،
يعڪان، زيع ۽ عبر، جملي ست ڄڻا. 14 اهي ابيخيل ولد حوريءَ جو
اولاد هئا جن جا ابا ڏاڏا هي هئا: ابيخيل ولد حوري ولد ياروآح ولد
گلعاد ولد ميڪائيل ولد يسيسي ولد يحدو ولد بوز. 15 اخي، جيڪو
عبديئيل جو پٽ ۽ گونيءَ جو پوٽو هو، سو انهن گهراڻن جو وڏو پڻ
هو. 16 بني گد، بسن ۽ گلعاد جي علائقي ۾ ۽ اتان جي سيني ڳوٺن
۽ شارون جي سيني چراگاهن ۾ رهندا هئا. 17 يهوداه جي بادشاهه

33–28:4 يش 19:2–8   1:5 پيد 35:22، 49:3–4   2:5 پيد 49:8–10   6–4:5 2.با 15:29

يوتام ۽ اسرائيل جي بادشاھ يربعام ثاني جي ڏينهن ۾ انهن سيني
جا نالا سندن نسب‌نامن موجب لکيا ويا.

## اپرندي وارن اڍائي قبيلن جا جنگي جوڌا

18 روبن، گد ۽ منسيءَ جي اپرندي واري اڌ قبيلي ۾ چوئيتاليھ
هزار ست سؤ سٺ جنگي جوڌا هئا، جيڪي ڍالن، تلوارن ۽ تيرڪمانن
جي استعمال جا پڻ ڄاڻو هئا. 19 هو يطور، نفيس ۽ نودب جي هاجري
قبيلي سان جنگ ڪرڻ ويا. 20 جنگ ۾ خدا جي مدد ساڻن هئي، سو
خدا سيني هاجرين ۽ انهن جي اتحادين کي سندن هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو،
ڇالاءِجو جنگ دوران هنن خدا کي ٻاڏايو. خدا سندن دعا ٻڌي،
ڇاڪاڻ‌تہ هنن جو انهيءَ تي ڀروسو هو. 21 هنن سندن هي چوپايو
مال بہ قبضي ڪيو: پنجاھ هزار اٺ، اڍائي لک رڍون ٻڪريون ۽ ٻہ
هزار گڏھ. سندن هڪ لک ماڻهو پڻ قيد ڪيائون. 22 انهيءَ جنگ
۾ هنن گھڻا ئي ماڻهو ماري ڇڏيا، ڇوتہ اها جنگ خدا جي مرضيءَ
سان هئي. پوءِ *جلاوطنيءَ تائين هو انهيءَ ئي علائقي ۾ رهندا آيا.

## منسيءَ جو اپرندي وارو اڌ قبيلو

23 منسيءَ جي اپرندي واري اڌ قبيلي جا ماڻهو بسن کان وٺي
اتر طرف ۾ بعل‌حرمون، سنير ۽ حرمون جبل تائين آباد ٿي ويا ۽
سندن تعداد وڌندو ويو. 24 انهن جي گهراڻن جا وڏا هي هئا: عيفر،
يسعي، اليايل، عزرئيل، يرميہ، هوداوياه ۽ يحدايل. هو جنگي
جوڌا ۽ پنهنجن گهراڻن جا مشهور وڏا پڻ هئا.
25 پر اهي پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا کان ڦري ويا ۽ انهيءَ ملڪ
جي ماڻهن جي معبودن کي پوڄڻ لڳا، جن کي سندن ئي اڳيان
خدا ناس ڪري ڇڏيو هو. 26 سو بني اسرائيل جي خدا، اشور جي
شهنشاھ تگلت پلاسر عرف پول کي ڪڙو ڪيو، جنهن وچي هنن
تي قبضو ڪيو. هن روبين، گدين ۽ منسيءَ جي اپريندي واري اڌ
قبيلي کي جلاوطن ڪري خلح ۽ هارا شهرن ۾ ۽ گوزان علائقي جي
خابور نديءَ ويجهو آباد ڪيو، جتي هو اڄ ڏينهن تائين رهيا پيا آهن.

## لاوي ڪاهنن جو شجرو

6 1 لاويءَ ولد يعقوب جا پٽ هي هئا: گيرشون، قهات ۽ مراري.
2 قهات جا پٽ هي هئا: عمرام، اضهار، حبرون ۽ عزيايل.
3 عمرام کي ٻہ پٽ هارون ۽ موسيٰ هئا ۽ هڪ ڌيءَ مريم هئي.
هارون جا پٽ هي هئا: ندب، ابيهو، اليعزر ۽ اتمر. 4 اليعزر جو
پيڙهي بہ پيڙهي هي اولاد هو: فينحاس، ابيسوع، 5 بقي، عزي،
6 زراخياه، مرايوت، 7 امرياه، اخيطوب، 8 صدوق، اخيمعض،
9 عزرياه، يوحنان، 10 عزرياه جنهن يروشلم ۾ سليمان جي ٺهرايل
هيڪل ۾ ڪاهن طور خدمت ڪئي، 11 امرياه، اخيطوب، 12 صدوق،
سلوم، 13 خلقياه، عزرياه، 14 سراياه، يهوصدق. 15 جڏهن خداوند
يروشلم شهر بلڪ سڄي يهوداه جي ماڻهن کي نبوڪدنضر بادشاھ
جي هٿان جلاوطن ڪيو تڏهن يهوصدق بہ قيد ٿي ويو.

## لاويءَ جو پيو اولاد

16 لاويءَ جا پٽ هي هئا: گيرشون، قهات ۽ مراري. 17 گيرشون
جا پٽ لبني ۽ شمعي هئا. 18 قهات جا پٽ هي هئا: عمرام، اضهار،
حبرون ۽ عزيايل. 19 مراريءَ جا پٽ محلي ۽ موشي هئا.
لاوي قبيلي جا گهراڻا سندن ابن ڏاڏن مطابق هي آهن. 20 گيرشون
جو اولاد پيڙهي بہ پيڙهي هي آهي: لبني، يحت، زمہ، 21 يوآخ،
عيدو، زارح ۽ يتري.
22 قهات جو اولاد پيڙهي بہ پيڙهي هي آهي: عميناداب، قوراح،
اسير، 23 القانہ، ابيآسف، اسير، 24 تحت، اورييايل، عُزياه ۽ شائول.
25 القانہ جا ٻہ پٽ عماسي ۽ اخيموت هئا. 26 اخيموت جو اولاد
پيڙهي بہ پيڙهي هي آهي: القانہ، صوفي، نحت، 27 الياب، يروحام،
القانہ جيڪو سموئيل جو پيءُ هو. 28 سموئيل جو وڏو پٽ يوئيل ۽
ننڍو پٽ ابياه هو.
29 مراريءَ جو اولاد پيڙهي بہ پيڙهي هي هو: محلي، لبني،
شمعي، عُزه، 30 سمعي، حجياه، عساياه.

## عبادت لاءِ مقرر سازندا

31 دائود بادشاھ مقدس خيمي وٽ عهد واري صندوق جي پهچڻ
کان پوءِ ٽي ماڻهو سازندن جا نگران مقرر ڪيا. 32 هو واري واري
سان مقدس خيمي يعني خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڳيان
پنهنجي ٽولي سان ڳائيندي خدمت ڪندا هئا، جيستائين سليمان
يروشلم ۾ هيڪل جوڙائي تيار ڪيو. اهي مقرر قاعدن مطابق نوڪري
ڏيندا هئا. 33 انهن نگرانن جو شجرو هن طرح آهي.
قهات جي خاندان مان هيمان ولد يوايل سازندن جو وڏو نگران
هو. سندس شجرو هي آهي: هيمان ولد يوئيل ولد سموئيل 34 ولد
القانہ ولد يروحام ولد اليايل ولد توح 35 ولد صوف ولد القانہ ولد
محت ولد عماسي 36 ولد القانہ ولد يوايل ولد عزرياه ولد ضفنياه
37 ولد تحت ولد اسير ولد ابيآصف ولد قوراح 38 ولد اضهار ولد
قهات ولد لاوي ولد يعقوب.
39 هيمان جو ساٿي آسف ٻئي نمبر تي نگران هو. سندس شجرو
هن طرح آهي: آسف ولد برڪياه ولد سمعي 40 ولد ميڪائيل ولد

*جلاوطنيءَ تائين: اٽڪل سن 733 قبل مسيح اشوري قوم اتر واري ملڪ اسرائيل جي اپرندي توڙي الهندي واري سڄي علائقي تي قبضو ڪيو ۽ اتان جي ماڻهن کي قيد ڪري وٺي ويا. ڏسو 2.بادشاھ 29:15.

26:5 2.با 19:15،29، 6:17 16:6–19 خر 6:16–19 27:6 1.سمر 1:1

بعسياه ولد ملڪياه 41 ولد اتني ولد زارح ولد عداياه 42 ولد ايتان ولد
زمه ولد شمعي 43 ولد يحت ولد گيرشون ولد لاوي.
44 مراري گھراڻي جو ايتان جيڪو هيمان کان پوءِ ٽئين نمبر تي
نگران هو، تنهن جو شجرو هي آهي: ايتان ولد قيسي ولد عبدي ولد
ملوڪ 45 ولد حسبياه ولد امصياه ولد خلقياه 46 ولد امضي ولد باني
ولد سامر 47 ولد محلي ولد موشي ولد مراري ولد لاوي. 48 انهن جا
ٻيا لاوي ڀائر خدا جي گھر جي مقدس خيمي ۾ ٻين سيني خدمتن
لاءِ مقرر ٿيل هئا.

## هارون جو اولاد

49 هارون ۽ سندس اولاد سوني پٽ چڙهيل قربانگاهه تي لوبان
ساڙيندا هئا ۽ ساڙڻ وارين قربانين جي قربان‌گاهه تي قربانيون پيش
ڪندا هئا. هو مقدس ترين جاءِ ۾ خدمت بجا آڻيندا هئا ۽ جيڪي
حڪم خدا جي ٻانهي موسيٰ ڏنا هئا تن موجب بني اسرائيل پاران
ڪفارو ڏيندا هئا. 50 هارون جو اولاد پيڙهي به پيڙهي هي آهي:
اليعزر، فينحاس، ابيسوع، 51 بقي، عزي، زراخياه، 52 مرايوت،
امرياه، 53 اخيطوب، صدوق، اخيمعض.

## لاوين جي رهائش
(يشوع 21:1–42)

54 قهات گھراڻي مان هارون ڪاهن جي اولاد کي ڏنل سندن
رهائشي علائقو هي آهي. ڪين پهرين ڪُٽي وارو حصو مليو. 55 ڪين
يهوداه قبيلي جي علائقي مان حبرون ۽ انهيءَ جي آس‌پاس وارا
چراگاهه ڏنا ويا. 56 پر انهيءَ شهر جون آس‌پاس واريون ٻنيون ۽
ڳوٺ ڪالب ولد يفنه کي ڏنا ويا. 57 هارون جي اولاد کي هي شهر
آس‌پاس وارن چراگاهن سميت ڏنا ويا: *پناهه جو شهر حبرون، لبناه،
يتير، استموع، 58 حيلان، دبير، 59 عسن ۽ بيت‌شمس. 60 بنيامين جي
علائقي مان ڪين هي شهر چراگاهن سميت ڏنا ويا: گبع، علمت ۽
عنتوت. اهي جملي تيرهن شهر هئا، جيڪي ڪين رهڻ لاءِ ڏنا ويا.
61 قهات جي اولاد مان باقي رهيل گھراڻن کي منسيءَ جي الهندي
واري اڌ قبيلي جي گھراڻن جا ڪُٽن رستي ڏهه شهر ڏنا ويا.
62 گيرشون ولد لاوي جي اولاد کي، سندن گھراڻن موجب،
اِسڪار، آشر ۽ نفتالي قبيلن ۽ منسيءَ جي اڀرندي واري اڌ قبيلي
مان ڏهه شهر ڏنا ويا.
63 مراريءَ ولد لاوي جي اولاد کي، سندن گھراڻن موجب، ڪُٽن
رستي، روبن، گد ۽ زبولون قبيلن مان ٻارهن شهر ڏنا ويا.
64 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل لاوين کي چراگاهن سميت اهي شهر
ڏنا. 65 بني يهوداه، بني شمعون ۽ بني بنيامين جي قبيلن مان پڻ
ڪُٽن رستي شهر ڏنا ويا، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.
66 قهات قبيلي جي ڪن گھراڻن کي افرائيم جي علائقي مان شهر
مليا. 67 افرائيم جي جابلو علائقي ۾ ڪين چراگاهن سميت هي شهر
مليا: پناهه جو شهر سڪم، گزر، 68 يقمعام ۽ بيت‌حورون، 69 ايالون
۽ گات‌رمون. 70 منسيءَ جي الهندي واري اڌ قبيلي مان بني قهات
جي گھراڻن کي عانير ۽ بلعام شهر چراگاهن سميت مليا.
71 گيرشون جي اولاد کي هي شهر چراگاهن سميت ڏنا ويا:
منسيءَ جي اڀرندي واري اڌ قبيلي جو عستارات شهر ۽ بسن ۾
گولان شهر، 72 اِسڪار قبيلي جا قادس، دبرت، 73 رامات ۽ عانيم
شهر، 74 آشر قبيلي جا مسل، عبدون، 75 حقوق ۽ رحوب شهر،
76 نفتالي قبيلي جا حمون، قريتائم ۽ گليل ۾ قادس شهر.
77 لاوين مان باقي رهيل بني مراري گھراڻي کي هي شهر چراگاهن
سميت ڏنا ويا: زبولون قبيلي جا رمونو ۽ تبور شهر، 78 يريحو شهر
جي ڏکڻ طرف اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي روبن قبيلي جا يهصه،
79 قديمات، مفعت ۽ بيابان ۾ بصر شهر 80 ۽ گد قبيلي جا محنايم،
81 حشبون، يعزير ۽ گلعاد ۾ رامه شهر.

## اِسڪار جو اولاد

7 1 اِسڪار ولد يعقوب جا هي چار پٽ هئا: تولع، فووه، يسوب
۽ شمرون. 2 تولع جا پٽ هي هئا: عزي، رفاياه، يري‌ايل،
يحمي، ابسام ۽ سموئيل. اهي سڀ تولع گھراڻي ۾ پنهنجي ڪٽنبن
جا وڏا هئا. هو پنهنجي زماني جا مشهور جنگي جوڌا هئا ۽ دائود
بادشاهه جي ڏينهن ۾ سندن اولاد جو تعداد ٻاويهه هزار ڇهه سو
هو. 3 عزيءَ کي ازراخياه نالي هڪڙو پٽ هو. ازراخياه کي هي چار
پٽ هئا: ميڪائيل، عبديه، يوايل ۽ يسياه. ازراخياه ۽ سندس پٽ
پنهنجن پنهنجن ڪٽنبن جا وڏا هئا. 4 انهن کي گھڻيون ئي زالون
۽ ٻار هئا، انهيءَ ڪري پنهنجين پيڙهين ۽ گھراڻن مان ڇٽيهه
هزار جنگي مرد هئا. 5 سرڪاري ڪاغذن ۾ اِسڪار قبيلي جي سيني
گھراڻن مان جنگ ڪري سگھڻ وارن جو تعداد ستاسي هزار هو.

## بنيامين جو اولاد

6 بنيامين ولد يعقوب جا هي ٽي پٽ هئا: بلع، بڪر ۽ يديعيل.
7 بالع جا پٽ هي هئا: اصبون، عزي، عزي‌ايل، يريموت ۽ عيري،
جملي پنج ڄڻا. اهي پنهنجي گھراڻي جي ڪٽنبن جا وڏا هئا. هو
مشهور جنگي جوڌا هئا ۽ سندن اولاد جو تعداد، جيڪي جنگ ڪري
ٿي سگھيا، ٻاويهه هزار چوٽيهه هو. 8 بڪر جا پٽ هي هئا: زميره،
يوآس، اليعزر، اليوعيني، عمري، يريموت، ابياه، عنتوت ۽ علامت.
9 اهي پنهنجي گھراڻن جا وڏا هئا ۽ سرڪاري ڪاغذن ۾ سندن اولاد
مان جيڪي جنگي جوڌا هئا تن جو تعداد ويهه هزار ٻه سؤ هو.

*پناهه جو شهر: جيڪو به اتفاق سان ۽ بناارادي ڪنهن کي ماري وجهي، سو انهن مقرر شهرن ڏانهن ڀڄي وڃي ۽ خون جي بدلي وٺڻ واري کان پناهه ۾ رهي. ڏسو يشوع 20:1–9.

10 يدع‌ايل کي بلحان نالي هڪڙو پٽ هو. بلحان جا پٽ هي هئا:
يعوس، بنيامين، اهود، ڪنعانہ، زيتان، ترسيس ۽ اخي‌سحر. 11 هو
پنهنجي گهراڻي جي ڪٽنبن جا وڏا هئا ۽ مشهور جنگي جوڌا هئا.
سندن اولاد مان جيڪي جنگ ڪري ٿي سگهيا تن جو تعداد سترهن
هزار ٻہ سؤ هو. 12 سفيم ۽ حُفيم بہ بنيامين قبيلي مان هئا.

## دان ۽ نفتاليءَ جو اولاد

دان ولد يعقوب کي حشيم نالي هڪڙو پٽ هو.
13 نفتالي جيڪو يعقوب کي سندس ٻانهي بلهاه مان هو تنهن جا
پٽ هي هئا: يحصي‌ايل، گوني، يصر ۽ شلوم.

## منسيءَ جو اولاد

14 منسيءَ ولد يوسف ولد يعقوب جو اولاد هي هو. اسري‌ايل
سندس ارامي سريت مان هو. سندس سريت کي گلعاد جو پيءُ مڪير
ڄڻ جائو. 15 مڪير حفيم ۽ سفيم جي ڀيڻ سان شادي ڪئي، جنهن
جو نالو معڪہ هو. مڪير کي هڪ ٻيو پٽ صلافحاد بہ هو، جنهن
کي رڳو ڌيئرون هيون. 16 مڪير جي زال معڪہ کي فرس ۽ شرس
نالي ٻہ پٽ ڄاوا. فرس کي اولام ۽ رقم نالي پٽ ڄاوا. 17 اولام کي
بدان نالي هڪڙو پٽ هو. اهي هئا گلعاد ولد مڪير ولد منسيءَ جو
اولاد. 18 گلعاد جي ڀيڻ همولڪت کي اشهود، ابيعزر ۽ محلہ ڄاوا.
19 سميدع جا پٽ هي هئا: اخيان، سڪم، لقحي ۽ انيعام.

## افرائيم جو اولاد

20 افرائيم ولد يوسف ولد يعقوب جو پيڙهي بہ پيڙهي هي اولاد
هو: سوتلح، برد، تحت، اليعده، تحت، 21 زبد ۽ سوتلح. افرائيم جا
ٻہ ٻيا پٽ عزر ۽ اليعد هئا جن کي گات جي علائقي جي پيدائشي
رهاڪن ماري ڇڏيو، جڏهن اهي گات وارن جو چوپايو مال چورائڻ
ويا هئا. 22 سندن پيءُ افرائيم انهن لاءِ گهڻن ئي ڏينهن تائين سوڳ
ڪيو ۽ سندس مائٽ ڪيس دلاسو ڏيڻ لاءِ آيا. 23 پوءِ هو پنهنجي زال
وٽ ويو تہ اها پيٽ سان ٿي ۽ هڪڙو پٽ ڄڻيائين. انهيءَ جو نالو
*بريعہ رکيائين، ڇالاءِجو سندس خاندان ۾ مصيبت اچي ڪڙڪي
هئي. 24 ڪيس سراه نالي هڪڙي ڌيءَ بہ هئي، جنهن هيٺاهون ۽
مٿاهون بيت‌حورون ۽ عزن‌سراه تعمير ڪرايا هئا. 25 افرائيم کي رفح
نالي پٽ بہ هو، جنهن جو اولاد پيڙهي بہ پيڙهي هي آهي: رسف،
تلاح، تحن، 26 لعدان، عميهود، اليسمع، 27 نون، يشوع. 28 جيڪو
علائقو هنن قبضي ڪيو ۽ منجهس رهڻ لڳا تنهن ۾ بيت‌ايل ۽ ان
جي آس‌پاس وارا ڳوٺ هئا. اپرندي ۾ اهو علائقو نعران تائين ۽
الهندي ۾ گزر شهر تائين آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت هو. انهيءَ
علائقي ۾ سڪم ۽ عزه شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت شامل هئا.
29 بيت‌شان، تعناڪ، مجدو ۽ دور شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت
بني منسيءَ جي الهندي واري اڌ قبيلي جي قبضي هيٺ هئا.
هي اهي شهر ۽ علائقا آهن جن ۾ يوسف ولد يعقوب جو اولاد
رهندو هو.

## آشر جو اولاد

30 آشر ولد يعقوب جا پٽ هي هئا: يمنہ، اِشواه، اِشوي ۽ بريعاه.
ڪين سره نالي هڪ ڀيڻ هئي. 31 بريعاه جا پٽ هي هئا: حبر ۽
ملڪي‌ايل. برزاويت شهر جو باني ملڪي‌ايل هو. 32 حبر کي يفليط،
سومر ۽ خوتام نالي ٽي پٽ ۽ سوع نالي هڪڙي ڌيءَ هئي. 33 يفليط
جا پٽ هي هئا: فاساڪ، بمهال ۽ عسوات. 34 سومر جا پٽ هي
هئا: اخي، روهجہ، يحبہ ۽ ارام. 35 خوتام جا پٽ هي هئا: صوفح،
امنع، سلس ۽ عمل. 36 صوفح جا پٽ هي هئا: سوح، حرنفر، سوعل،
بيري، امراه، 37 بصر، هود، سما، سلسہ، اتران ۽ بيرا.
38 يتر جا پٽ هي هئا: يفنہ، فسفاه ۽ ارا.
39 عُلہ جا پٽ هي هئا: ارخ، حني‌ايل ۽ رضياه.
40 اهي سڀ آشر قبيلي ۾ پنهنجي پنهنجي گهراڻي جا وڏا هئا.
هو جنگجو ۽ مکيہ اڳواڻ ڄڻ هئا. آشر جي اولاد ۾ جنگ ڪرڻ جي
لائق ماڻهن جو تعداد ڇويهہ هزار هو.

## بنيامين جو اولاد

(8:1–40)

8 1 بنيامين ولد يعقوب جا پٽ هي هئا: وڏو پٽ بلع، پوءِ اشبيل،
اخرخ، 2 نوحہ ۽ رفا. 3 بلع جو اولاد هي هو: ادار، گيرا،
ابيهود، 4 ابيسوع، نعمان، اخوح، 5 گيرا، شوفان ۽ حورام.
6-7 اهود جو اولاد هي هو: نعمان، اخياه ۽ گيرا. اهي گبع شهر
۾ رهندڙ ڪٽنبن جا وڏا هئا، جن کي مناحت ڏانهن نڪري وڃڻ تي
مجبور ڪيو ويو. عزا ۽ اخيهود جو پيءُ گيرا ڪين اوڏانهن وٺي هليو
ويو.
8 سحريم کي موآب ۾ پنهنجي ٻن زالن حوسيم ۽ بعرام کي
طلاق ڏيڻ کان پوءِ پٽ ڄاوا. 9 سحريم کي سندس زال هودس مان
هي پٽ ڄاوا: يوباب، ضبيہ، ميسا، ملڪام، 10 يعوض، سڪياه ۽
مرمہ. اهي سندس سمورا پٽ گهراڻن جا وڏا هئا. 11 حوسيم مان
ڪيس ابيطوب ۽ الفعل ڄڻ ڄاوا.
12 الفعل جا پٽ هي هئا: عبر، مشعام ۽ سامد. اونو ۽ لُد شهر
آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت سامد ٺهرايا.

---

*بريعہ: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”مصيبت“.

7:13 پيد 46:25

(ايالون ۽ گات شهرن ۾ رهندڙ بنياميني)

13 بريعه ۽ سمعه ايالون شهر ۾ رهندڙ ڪٽنبن جا وڏا هئا. انهن
ڪٽنبن گات جي رهاڪن کي ڀڄائي ڪڍيو هو. 14 بريعه جو اولاد
هي هو: اخيو، شاشق، يريموت، 15 زبدياه، عراد، عدر، 16 مڪايل،
اسفاه ۽ يوحا.

(يروشلم ۾ رهندڙ بنياميني)

17 هي پڻ الفعل جو اولاد هو: زبدياه، مسلام، حزقي، حبر،
18 يسمري، يزلياه، يوباب.
19 شمعي جو اولاد هي هو: يقيم، زڪري، زبدي، 20 العيني،
ضلتي، الئيل، 21 عداياه، براياه ۽ سمرات.
22 شاشق جو اولاد هي هو: اسفان، عبر، الئيل، 23 عبدون،
زڪري، حنان، 24 حنانياه، عيلام، عنتوتيجاه، 25 يفدياه ۽ فنوايل.
26 يروحام جو اولاد هي هو: سمسري، شحارياه، عتالياه،
27 يعرسياه، الياه ۽ زڪري. 28 پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪٽنبن مطابق
اهي پنهنجي پنهنجي پيڙهين جا وڏا ۽ مکيه ماڻهو هئا، جيڪي
يروشلم ۾ رهندا هئا.

(سائول جا وڏا ۽ سندس اولاد)
(1.تواريخ 9:36–44)

29 يعي‌ايل گبعون شهر ٻڌو ۽ اتي ئي رهائش اختيار ڪيائين.
سندس زال جو نالو معڪه هو. 30 يعي‌ايل جو پهريتو پٽ عبدون هو.
سندس ٻيا پٽ هي هئا: صور، قيس، بعل، ندب، 31 گدور، اخيو،
زڪر، 32 ۽ مقلوت جيڪو سماه جو پيءُ هو. سندن اولاد پنهنجي
خاندان جي ڪٽنبن سان گڏ يروشلم ۾ رهندو هو.
33 نير کي قيس نالي پٽ ڄائو ۽ قيس کي سائول ڄائو. سائول
کي هي پٽ ڄاوا: يونتن، ملڪيشوع، ابينداب ۽ *اشبعل. 34 يونتن
کي †مريبعل نالي پٽ ڄائو ۽ مريبعل کي ميڪاه ڄائو. 35 ميڪاه
جا پٽ هي هئا: فيتون، ملڪ، تاريع ۽ اخز. 36 اخز کي يعره نالي
پٽ ڄائو. يعره کي هي پٽ هئا: علمت، عزماوت ۽ زمري. زمريءَ
کي موضا نالي پٽ ڄائو. 37 موضا کي بنعه ڄائو، بنعه کي رافعه
ڄائو، رافعه کي اليعسه ڄائو ۽ اليعسه کي اصيل ڄائو. 38 اصيل
کي ڇهه پٽ هئا جن جا نالا هي آهن: عزريقام، بوڪرو، اسماعيل،
سغرياه، عبديه ۽ حنان.
39 اصيل جي ڀاءُ عيشق جا پٽ هي هئا: وڏو پٽ اولام ۽ ٻيوءِ
يعوس ۽ اليفلط. 40 اولام جا پٽ بهادر ۽ دلير مرد ۽ تيرانداز هئا،
جن کي جملي ڏيڍ سؤ پٽ ۽ پوٽا هئا.
اهي سڀ بنيامين قبيلي جا ماڻهو هئا.

## جلاوطنن جي واپسي
(9:1–34)

9 1 اسرائيل ملڪ جي سڀني ماڻهن جو سندن ڪٽنبن موجب
شمار ڪيو ويو. اها ڳالهه "اسرائيل جي بادشاهن جو ڪتاب"
۾ لکيل آهي.
يهوداه ملڪ جي ماڻهن کي سندن ئي گناهن ڪري بابل ڏانهن
قيدي ڪري نيو ويو هو. 2 پوءِ بني اسرائيل ۾ سڀني کان پهريائين
جيڪي پنهنجن شهرن ۽ پنهنجي ملڪيتن تي موٽي آيا، تن ۾ ڪاهن،
لاوي ۽ هيڪل جا خدمتگار به شامل هئا.

(يروشلم ۾ موٽي آيل قبيلا)

3 بني يهوداه، بني بنيامين، بني افرائيم ۽ بني منسيءَ جا ڪجهه
ڪٽنب يروشلم ۾ رهڻ لاءِ موٽي آيا. 4–6 يهوداه قبيلي مان انهن
موٽي آيل ڪٽنبن جو تعداد ڇهه سؤ نوي هو، جن جا هي وڏا هئا:
فارص ولد يهوداه جي اولاد مان عوتي ولد عميهود ولد عُمري ولد
اِمري ولد باني، شيلاه ولد يهوداه جي اولاد مان پهريتو عسايا ۽
سندس پٽ ۽ زارح ولد يهوداه جي اولاد مان يعوايل.
7–9 بني بنيامين مان يروشلم ۾ موٽي آيل ڪٽنبن جو تعداد
پنهنجين پيڙهين موجب نو سؤ ڇاونجاهه هو، جن جا هي وڏا هئا:
سلو ولد مسلام ولد هوداوياه ولد هيسنوآه، ابنياه ولد يروحام، ايلا
ولد عزي ولد مڪري، مسلام ولد سفطياه ولد رعوايل ولد ابنياه.

(يروشلم ۾ موٽي آيل ڪاهن)

10–12 يروشلم ۾ موٽي آيل ڪاهنن جا وڏا هي هئا: يدعياه،
يهويريب، يڪين، عزرياه ولد خلقياه ولد مسلام ولد صدوق ولد
مرايوت ولد اخيطوب جيڪو خدا جي گهر جو نگران هو، عداياه ولد
يروحام ولد فشحور ولد ملڪياه، معسي ولد عديئيل ولد يحزيراه
ولد مسلام ولد مسلميت ولد امير. 13 جملي ڪاهن جيڪي پنهنجن
ڪٽنبن جا وڏا هئا تن جو تعداد هڪ هزار ست سؤ سٺ هو. هو خدا
جي گهر جي خدمت جي ڪم لاءِ تمام لائق شخص هئا.

---

*اشبعل: عرف اشبوست، ڏسو 2.سموئيل 2:10.

†مريبعل: عرف مفيبوست، ڏسو 2.سموئيل 4:4.

9:2–3 عز 2:27، نحم 7:73

(يروشلم ۾ موٽي آيل لاوي)

14 يروشلم ۾ موٽي آيل لاوي هي هئا: سمعياه ولد حسوب ولد
عزريقام ولد حسبياه جيڪو بني مراري هو، 15 بقبقر، حرس، گلال،
متنياه ولد ميڪا ولد زڪري ولد آسف، 16 عبديه ولد سمعياه ولد
گلال ولد يدوتون ۽ برڪياه ولد آسه ولد القانه جيڪو نطوفه ڳوٺ
جي آس‌پاس رهندو هو.

(يروشلم ۾ موٽي آيل هيڪل جا دربان)

17 يروشلم ۾ موٽي آيل هيڪل جا دربان هي هئا: سلوم، عقوب،
طلمون، اخيمان ۽ سندن مٽ مائٽ. سلوم سندن نگران هو. 18 اهي
جلاوطنيءَ جي وقت تائين *بادشاهه جي اڀرندي دروازي تي بيهندا
هئا. انهيءَ کان اڳ اهي بني لاويءَ جي لشڪرگاهه جا دربان هوندا
هئا. 19 سلوم ولد قوري ولد ابي‌آسف ۽ سندس گهراڻي بني قوراح
جا ٻيا دربان هيڪل جي دروازن جي نظرداري ڪندا هئا، جهڙيءَ طرح
سندن وڏا خداوند جي مقدس خيمي جا دربان هوندا هئا. 20 فينحاس
ڪاهن ولد اليعزر ڪنهن وقت ۾ انهن دربانن جو نگران هو ۽ ساڻس
خدا جو راضپو هو. 21 زڪرياه ولد مسلمياه خدا سان ملاقات واري
خيمي جو دربان هو.

22 اهي سڀيئي جيڪي دربان طور چونڊيا ويا سي ٻه سؤ ٻارهن ڄڻا
هئا. انهن جو شمار سندن نسب‌نامي موجب سندن ڳوٺن ۾ ڪيو
ويو. انهن دربانن کي دائود بادشاهه ۽ سموئيل نبيءَ مقرر ڪيو
هو. 23–24 اهي ۽ سندن اولاد خداوند جي گهر جي درباني ڪندا آيا.
هيڪل جي اوڀر، اولهه، اتر ۽ ڏکڻ چئني پاسن جي دروازن کان
دربان بيٺا هوندا هئا. 25 سندن مائٽ جيڪي ڳوٺن ۾ رهندا هئا سي
وقت بوقت، هفتو هفتو اچي ساڻن ڪم ۾ مدد ڪندا هئا. 26 چار
مکيه دربان لاوي هوندا هئا ۽ خاص عهدي تي هوندا هئا. اهي خدا
جي گهر ۾ حجرن ۽ خزانن تي مقرر هئا. 27 اهي خدا جي گهر جي
چوگرد رات گذاريندا هئا، ڇالاءِجو انهيءَ جي نگهباني ڪرڻ ۽ هر
روز صبح جو انهيءَ جا دروازا کولڻ سندن ذميواري هوندي هئي.

(يروشلم ۾ موٽي آيل ٻيا لاوي)

28 ٻيا لاوي عبادت ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانوَن جي سنڀال ڪندا هئا.
اهي ٿانوَ جڏهن ٻه استعمال لاءِ ٻاهر ڪڍي وجبا هئا يا موٽائي آندا
ويندا هئا تڏهن هو انهن کي ڳڻيندا هئا. 29 ٻيا لاوي هيڪل جي
سامان، ٿانوَن، ميدي، مئي، تيل، لوبان ۽ مصالحن تي مقرر ٿيل
هئا. 30 پر مصالحن کي گڏي خوشبويون ٺاهڻ ڪاهنن جي ذميواري
هوندي هئي. 31 متتياه نالي هڪڙو لاوي جيڪو سلوم قوراحيءَ جو
پهريتو ٻار هو، سو †نذراني جون مانيون پچائڻ تي مقرر هوندو هو.
32 سندن قهات گهراڻي وارن ڀائرن مان کي هر سبت تي هيڪل ۾
خداوند جي لاءِ ‡مخصوص روٽ پچائڻ واسطي مقرر هوندا هئا.
33 لاوين مان کي ڪٽنب خداوند جي گهر ۾ ڳائڻ تي مقرر هئا.
هنن ڪٽنبن جا وڏا خداوند جي گهر جي حجرن ۾ رهندا هئا. اهي ٻين
ڪمن ڪارن کان آجا هوندا هئا، ڇالاءِجو هو رات ڏينهن پنهنجي
ڪم ۾ رڌل هوندا هئا.

34 مٿي ڄاڻايل سڀ ماڻهو پنهنجي خانداني شجري موجب لاوي
ڪٽنبن جا وڏا هئا. اهي يروشلم ۾ رهي پنهنجي ڪٽنبن جي اڳواڻي
ڪندا هئا.

## سائول جا وڏا ۽ سندس اولاد
(1.تواريخ 8:29–38)

35 يعي‌ايل پنهنجي ٻڌل شهر گبعون ۾ رهندو هو. هن جي زال
جو نالو معڪه هو. 36 سندس وڏي پٽ جو نالو عبدون هو ۽ ٻين پٽن
جا نالا هي هئا: صور، قيس، بعل، نير، ندب، 37 گدور، اخيو، زڪر
۽ مقلوت. 38 مقلوت کي سماه نالي پٽ هو. سندن اولاد پنهنجي
خاندان جي ڪٽنبن سان گڏ يروشلم ۾ رهندو هو.
39 نير کي قيس نالي پٽ هو ۽ قيس کي سائول نالي پٽ ڄائو.
سائول کي هي پٽ هئا: يونتن، ملڪيشوع، ابينداب ۽ ¶اشبعل.
40 يونتن کي §مريبعل نالي پٽ هو ۽ مريبعل کي ميڪاه ڄائو.
41 ميڪاه جا پٽ هي هئا: فيتون، ملڪ، تاريع ۽ اخز. 42 اخز کي يعره
نالي پٽ ڄائو. يعره کي هي پٽ هئا: علمت، عزماوت ۽ زمري.
زمريءَ کي موضا نالي پٽ ڄائو. 43 موضا کي بنعه ڄائو، بنعه
کي رافعه ڄائو، رافعه کي اليعسه ڄائو ۽ اليعسه کي اصيل ڄائو.
44 اصيل کي ڇهه پٽ هئا جن جا نالا هي آهن: عزريقام، بوڪرو،
اسماعيل، سغرياه، عبديه ۽ حنان.

---

*بادشاهه جي اڀرندي دروازي: بادشاهه اڪثر ڪري هيڪل جي اڀرندي دروازي وٽان هيڪل ۾ داخل ٿيندو هو، جنهن سبب مٿس اهو نالو پئجي ويو.

†نذراني جون مانيون: اهي تيل ۾ ڳوهيل ميدي جون بي‌خميريون ڦڪل مانيون جيڪي خدا جي آڏو نذراني طور پيش ڪيون ويندڙيون هيون. ڏسو لاوي سرشتو 2:4–6.

‡مخصوص روٽ: اهي ٻارهن روٽ هوندا هئا جيڪي هر سبت جي ڏينهن تي خداوند جي آڏو ميز تي نذراني طور رکيا ويندا هئا. ڏسو لاو 24:5–9.

¶اشبعل: عرف اشبوست، ڏسو 2.سموئيل 2:10.

§مريبعل: عرف مفيبوست، ڏسو 2.سموئيل 4:4.

20:9 ڳا 25:11–13

## بادشاهہ سائول جي وفات
(1.سموئيل 31:1–13)

10 1 فلستين گلبوعہ نالي جبل تي بني اسرائيل سان جنگ
ڪئي. بني اسرائيل جا ڪيترائي ماڻهو اتي ماريا ويا ۽
ٻيا ڀڄي نڪتا. 2 فلستين سائول ۽ سندس پٽن جي پنيان پئي کين
سوڙهو ڪيو، نيٺ سائول جي پٽن يونتن، ابينداب ۽ ملڪيشوع کي
ماري وڌائون. 3 ويڙهہ سائول کي وڪوڙي ويئي، تيرانداز وڃي
کيس پهتا ۽ کيس زخمي ڪري وڌائون. 4 تڏهن سائول پنهنجي
هٿياربردار کي چيو تہ ”پنهنجي تلوار ڪڍي مون کي ماري ڇڏ، نہ
تہ هي اڻطهريل اچي مون کي بيعزتو ڪندا.“ پر سندس هٿياربردار
ڊڄي ويو ۽ ائين نہ ڪيائين، تنهنڪري سائول پنهنجي تلوار ڪڍي
انهيءَ تلوار مٿان ڪري پيو. 5 جڏهن انهي هٿياربردار ڏٺو تہ سائول
مري ويو آهي تڏهن هو پاڻ بہ پنهنجي تلوار مٿان ڪري پيو ۽ مري
ويو. 6 اهڙيءَ طرح سائول ۽ سندس ٽي پٽ مري ويا ۽ سندن سڄي
گهراڻي مان ڪوبہ تخت جو وارث نہ رهيو.
7 يزرعيل ماٿريءَ ۾ رهندڙ بني اسرائيل جي ماڻهن جڏهن ڏٺو
تہ سڄو لشڪر ڀڄي ويو آهي ۽ سائول ۽ سندس پٽ بہ مارجي ويا
آهن، تڏهن هو پاڻ بہ پنهنجا شهر ڇڏي اتي ڀڳا. پوءِ فلستين اچي
انهن تي قبضو ڪيو ۽ منجهن رهڻ لڳا.
8 ٻئي ڏينهن جڏهن فلستي لاشن کي لٽڻ لاءِ آيا، تڏهن سائول ۽
سندس ٽن پٽن جا لاش گلبوعہ جبل تي پيل ڏٺائون. 9 هنن سائول
جي سسي لاٿي ۽ سندس زرهہ بہ لاٿائون. پوءِ هنن قاصدن کي
اهي شيون ڏيئي پنهنجي ملڪ فلستيا ڏانهن موڪليو تہ وڃي سندن
بتخانن ۾ ۽ سڀني ماڻهن کي اها خوشخبري ٻڌائين. 10 هنن انهيءَ
جا هٿيار پنهنجن ديوتائن جي هڪڙي مندر ۾ رکيا ۽ انهيءَ جي
سسي دجون ديوتا جي مندر ۾ لٽڪائي ڇڏيائون.
11 جيڪي ڪجهہ فلستين سائول سان ڪيو هو، سو جڏهن گلعاد
علائقي جي يبيس شهر جي رهاڪن ٻڌو، 12 تڏهن اتي جا سڀ بهادر
مرد اٿيا ۽ سائول ۽ سندس پٽن جا لاش چوريءَ کڻي يبيس شهر ۾
آيا. هنن کين اتي شاهہبلوط جي وڻ هيٺ دفن ڪيو ۽ ستن ڏينهن
تائين روزو رکيائون.
13 سائول انهيءَ ڪري مئو جو هو خدا جو نافرمان هو. هو خداوند
جي حڪمن تي پوريءَ طرح نہ هليو ۽ پوڻ جي وسيلي مئلن جي
روحن کان صلاح مشورو ورتائين، 14 خدا کان نہ. انهيءَ ڪري
خداوند کيس ماري ڇڏيو ۽ بادشاهي ڦيرائي دائود ولد يسيءَ کي
ڏيئي ڇڏي.

## دائود جو بادشاهہ بڻجڻ
(2.سموئيل 5:1–3)

11 1 بني اسرائيل جا ماڻهو حبرون ۾ دائود وٽ اچي گڏ ٿيا ۽
کيس چيائون تہ ”اسين اوهان جو هڏ رت آهيون. 2 گذريل
ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ سائول بادشاهہ هو، تہ بہ اوهين ئي هئا جيڪي
جنگ ۾ بني اسرائيل جي اڳواڻي ڪندا هئا. خداوند خدا جنهن جا
اوهين خاص ٻانها آهيو، تنهن اوهان کي چيو هو تہ ’تون منهنجي
قوم بني اسرائيل جي نگهباني ڪندين ۽ سندن بادشاهہ ٿيندين.‘“
3 تڏهن دائود اتي خداوند جي آڏو حلف کنيو ۽ بني اسرائيل جا
سڀيئي اڳواڻ جيڪي حبرون ۾ آيا هئا، تن دائود کي مسح ڪري بني
اسرائيل جي مٿان بادشاهہ مقرر ڪيو، جيئن خداوند سموئيل جي
معرفت واعدو ڪيو هو.

## دائود جو يروشلم کي فتح ڪرڻ
(2.سموئيل 5:6–10)

4 پوءِ دائود ۽ بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو يروشلم تي حملو ڪرڻ
لاءِ ويا، جنهن کي يبوس سڏبو هو ۽ يبوسي اتي جا ئي رهاڪو هئا.
5 يبوس جي رهاڪن دائود کي چيو تہ ”تون شهر ۾ هرگز داخل
نہ ٿيندين.“ انهيءَ هوندي بہ دائود صيئون جو مضبوط قلعو يعني
يروشلم قبضي ڪري ورتو، جيڪو بعد ۾ ”دائود جو شهر“ سڏجڻ
لڳو.
6 دائود چيو هو تہ ”جنهن بہ سڀ کان پهريان يبوسين تي حملو
ڪري کين ماري وڌو سو ئي لشڪر جو سپهہ سالار ٿيندو.“ تڏهن
يوآب جيڪو دائود جي ڀيڻ ضروياه جو پٽ هو، تنهن پهريائين ڪاهہ
ڪئي هئي، تنهنڪري هو ئي لشڪر جو سپهہ سالار بڻايو ويو.
7 پوءِ دائود ان قلعي ۾ رهڻ لڳو، تنهنڪري اهو ”دائود جو شهر“
سڏجڻ لڳو. 8 هن اهو شهر دڙي جي چوڌاري پٽ تائين وڌائي
نهرايو ۽ باقي شهر جي مرمت يوآب ڪرائي. 9 دائود وڌندو ۽ زور
وٺندو ويو، ڇاڪاڻ تہ قادرِمطلق خداوند ساڻس هو.

## دائود جا ناليوارا سپاهي
(2.سموئيل 23:8–39)

10 دائود جا اُهي ناليوارا سپاهي جن بني اسرائيل جي ٻين سڀني
ماڻهن سان گڏجي دائود جي مدد ڪئي تہ جيئن کيس بادشاهہ
بڻائين، جهڙيءَ طرح خداوند دائود سان واعدو ڪيو هو، سي هي
آهن.
11 پهريون ناليوارو سپاهي يسوبعام حڪموني هو، جيڪو ”ٽن جو
ٽولو“ جو سالار هو. انهيءَ ٽي سؤ ماڻهن تي پنهنجو نيزو هلائيندي

---

13:10 لاو 19:31، 20:6، 1.سم 13:8–14، 15:1–24، 28:7–8 4:11 يش 15:63، رهہ 1:21

هڪڙي ئي حملي ۾ سيني کي ماري وڌو. 12 انهيءَ کان پوءِ اليعزر
ولد دودو اخوحي هو، جيڪو ”ٽن جو ٽولو“ ناليوارن مان هڪ هو.
13 هو فسدميم ۾ فلستين سان دائود جي طرفان وڙهيو. جڏهن بني
اسرائيل جي لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پيئي تڏهن هو جَوَن جي پوک ۾
هو. 14 پر هو ۽ سندن ٻيا ساٿي ميدان جي وچ ۾ ڄمي فلستين سان
وڙهندا رهيا. هنن فلستين کي ماريو ۽ خداوند کين وڏي سوڀ ڏني.
15 هڪ ڏينهن ٽيهن بهادرن مان اهي ٽي ڄڻا ٽڪريءَ ڏانهن عدلام
جي غار ۾ دائود وٽ آيا، جڏهن ته فلستين جو هڪ جٿو رفائين جي
ماٿريءَ ۾ خيما کوڙيو رهيو پيو هو. 16 تنهن وقت دائود قدرتي نهيل
قلعي ۾ هو ۽ فلستين جي ٽولي بيت‌لحم تي قبضو ڪري چڪي
هئي. 17 تڏهن دائود وطن جي سڪ مان آهه ڀريندي چيو ته ”ڪاش!
ڪو ماڻهو بيت‌لحم واري کوهه مان، جيڪو ٻاهرئين دروازي وٽ
آهي، مون کي پيئڻ لاءِ پاڻي آڻي ڏئي ته ڪيڏي نه چڱي ڳالهه
ٿئي.“ 18 تڏهن اهي ٽيئي ناليوارا سپاهي فلستين جي لشڪرگاهه
منجهان هوشياريءَ سان گذري ويا ۽ بيت‌لحم جي ٻاهرئين دروازي
واري کوهه مان پاڻي کڍي کڻي آيا ۽ آڻي دائود کي ڏنائون. پر
دائود اهو پيئڻ نه گهريو، بلڪ خداوند جي حضور ۾ نذراني طور
هاري ڇڏيائين. 19 پاڻي هاريندي دائود چيو ته ”خدا نه ڪري جو
آءٌ اهو پاڻي پيئان. ڇا آءٌ هنن ماڻهن جو رت پيئان جيڪي پنهنجي
جان جوکي ۾ وجهي اوڏانهن ويا ۽ مون لاءِ اهو پاڻي آندو اٿائون؟“
سو دائود اهو پاڻي نه پيتو. انهن ٽنهي ناليوارن سپاهين جا اهي ئي
بهادريءَ وارا ڪم هئا.
20 يوآب جو ڀاءُ ابيشي ”ٽيهن جو ٽولو“ جو اڳواڻ هو. هن
پنهنجو نيزو کڻي ٽي سؤ ماڻهن تي ڪاهه ڪري کين ماري وڌو ۽
انهن ”ٽن جو ٽولو“ وارن بهادرن جهڙو نالي وارو ٿيو. 21 ”ٽيهن جو
ٽولو“ مان هو ٻين سيني کان وڌيڪ ناليوارو هو ۽ سندن اڳواڻ بڻيو،
انهيءَ هوندي به هو انهن ”ٽن جو ٽولو“ جي مٽ نه هو.
22 انهيءَ کان علاوه بناياه ولد يهويدع هو، جيڪو قبضيل نالي
شهر جو بهادر شخص هو، جنهن وڏا وڏا ڪم ڪيا هئا. هن موآب
جي ٻن بهادرن کي قتل ڪيو ۽ برفباريءَ وارن ڏينهن ۾ هڪڙيءَ
کڏ ۾ لهي هڪڙي شينهن کي به وڃي ماريو هئائين. 23 هن هڪڙو
مصري شخص پڻ ماري وڌو جيڪو ٻن ميٽرن کان وڌيڪ ڊگهو هو.
جيتوڻيڪ ان مصريءَ جي هٿ ۾ ڪوريءَ جي لٺ جهڙو هڪڙو نيزو
هو، تڏهن به بناياه هڪڙي لٺ کڻي مٿس حملو ڪيو ۽ سندس هٿ
مان نيزو کسي سندس ئي نيزي سان ماري وڌائينس. 24 بناياه جا
اهڙا بهادريءَ جا ڪم هئا ۽ انهن ”ٽن جو ٽولو“ جي وڏن بهادرن
جهڙو نالو ڪڍيائين. 25 هو انهن ”ٽيهن جو ٽولو“ جي سپاهين ۾
وڌيڪ ناليوارو هو، پر انهن ”ٽن جو ٽولو“ جي مٽ نه هو. دائود
کيس پنهنجي ذاتي محافظن تي نگران مقرر ڪيو.

26 دائود جا ٻيا ناليوارا سپاهي هي آهن: يوآب جو ڀاءُ عساهيل،
بيت‌لحم جو رهاڪو الحنان ولد دودو. 27 سمه هروري، حلص فلطي،
28 عيرا ولد عقيس تقوعي، ابيعزر عنتوتي، 29 سبڪي حوساتي،
عيلي اخوحي، 30 مهري نطوفاتي، حلد ولد بعنه نطوفاتي، 31 بنيامين
علائقي واري گبعت جو رهاڪو اِتي ولد ربيي، بناياه فرعاتوني،
32 گعس جي برساتي نهرن واري علائقي جو ويٺل هدي، ابيعلبون
عرباتي، 33 عزماوت برحومي، اليحبه سعلبوني، 34 هشيم گزوني،
يونتن ولد شجي هراري، 35 اخي‌آم ولد سڪار هراري، الفال ولد اُور،
36 حفر مڪيراتي، اخياه فلوني، 37 حصرو ڪرملي، نغري ولد ازبي،
38 ناتن جو ڀاءُ يوايل، مبخار ولد هاجري، 39 صلق *عموني، نحري
بيروتي جيڪو يوآب جو هٿياربردار هو، 40 عيرا اتري، گاريب اتري،
41 اورياه حتي، زاباد ولد اخلي، 42 عدينه ولد سيزا روبيني جيڪو
روبينين جو سردار هو ۽ ساڻس ٽيهن ڄڻن جو ٽولو هو، 43 حنان ولد
معڪه، يوسفط متني، 44 عزيا عستاراتي، خوتام عروعيري جا پٽ
سماع ۽ يعي‌ايل، 45 يديع‌ايل ولد سمري ۽ سندس ڀاءُ يوخا تيصي،
46 الي‌ايل محاوي، النعم جا پٽ يريبي ۽ يوساوياه، يتمه موآبي،
47 الي‌ايل، عوبيد ۽ يعسي‌ايل مضوبائي.

## دائود جا پهريان ساٿي

12 1 جڏهن دائود، سائول ولد قيس کان ڇپجي وڃي صقلاج ۾
لڪي رهندو هو، تڏهن ڪجهه ماڻهو اچي ساڻس شامل ٿيا
هئا. اهي جنگي جوڌا هئا، جن اچي جنگ ۾ سندس مدد ڪئي.
2 هنن جو تعلق به سائول واري بنيامين قبيلي سان هو. هو ساڄي
يا کاٻي هٿ سان تير ۽ ڪانياٽيءَ سان پٿرن هڻڻ ۾ به ماهر هئا.
3 انهن جوڌن جا سالار سماعه گبعاتيءَ جا پٽ اخيعزر ۽ يوآس هئا.
اهي جوڌا هي هئا: عزماوت جا پٽ يزئيل ۽ فلط، تن کان علاوه
براڪ ۽ ييهو عنتوتي، 4 اسماعيه گبعوني، جيڪو ”ٽيهن جو ٽولو“
۾ هڪ ناليوارو بهادر هو ۽ انهيءَ ٽولي جي وڏن مان هڪ هو، ان
کان علاوه يرميه، يحزيئيل، يوحنان ۽ يوزباد جيڪي جديراتي هئا،
5 العوزي، يريموت، بعلياه، سمرياه ۽ سفطياه جيڪي خروفي هئا،
6 القانه، يسياه، عزرايل، يوعزر ۽ يسوبعام جيڪي قوراحي هئا،
7 يوعيله ۽ زبدياه، جيڪي گدور جي رهاڪو يروحام جا پٽ هئا.

## دائود جا گد قبيلي وارا ساٿي

8 بيابان واري قلعي ۾ گد قبيلي جا جيڪي مشهور ۽ تجربيڪار
سپاهي دائود سان اچي شامل ٿيا هئا ۽ جيڪي ڍال ۽ نيزي جا ماهر،
ڏسڻ ۾ شينهن وانگر ڪَرڙا ۽ ڊوڙڻ ۾ جابلو هرڻ وانگر تکا هئا،
9 سي پنهنجي عهدن موجب هن ترتيب سان هئا: پهريون عزر،
ٻيو عبدياه، ٽيون الياب، 10 چوٿون مسمنه، پنجون يرميه، 11 ڇهون

*عموني: انهن جو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

عتي، ستون الي ايل، 12 انون يوحنان، نائون الزباد، 13 ڏهون يرميه ۽
يارهون مڪباني. 14 گد قبيلي جا اهي ماڻهو لشڪر جا سالار هئا،
جن مان وڏي ۾ وڏا هزارن جا ۽ ننڍي ۾ ننڍا سوَن جا سالار هئا.
15 هي اُهي ئي هئا جيڪي سال جي پهرين مهيني ۾ جڏهن اردن
درياءُ ڪنارن ڪان اٿلي پيو هو، تڏهن هو درياءُ پار ڪري ويا هئا ۽
ماٿرين ۾ رهندڙن کي اڀرندي ۽ الهندي ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو هئائون.

## دائود جا بنيامين ۽ يهوداه قبيلي وارا ساٿي

16 بنيامين ۽ يهوداه قبيلن جا ڪجهه ماڻهو قلعي ۾ دائود وٽ آيا.
17 تڏهن دائود انهن جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪري آيو ۽ کين چيائين
ته ”جيڪڏهن اوهين نيڪ ارادن سان منهنجي مدد ڪرڻ آيا آهيو ته
پوءِ آءٌ اوهان کي ڀليڪار چوان ٿو ۽ اوهين مون سان شامل ٿي وڃو.
پر جيڪڏهن مون کي منهنجي دشمنن جي حوالي ڪرڻ جي نيت
سان آيا آهيو، توڙي جو مون اوهان سان ڪابه بڇڙائي نه ڪئي آهي
ته پوءِ اسان جي ابن ڏاڏن جو خدا، جيڪو انهيءَ ڳالهه کي ڄاڻي
ٿو سو ئي اوهان سان پڇندو.“ 18 عماسي جيڪو بعد ۾ ”ٽيهن جو
ٽولو“ جو سالار ٿيو، تنهن تي خدا جو روح نازل ٿيو ۽ هو چوڻ لڳو ته

”اي دائود! اسين تنهنجا آهيون،
اي يسيءَ جا پٽ! اسين تنهنجي پاسي آهيون.
تو تي ۽ تنهنجي مددگارن تي سلامتي هجي،
ڇالاءِجو خدا تنهنجو مددگار آهي.“

تڏهن دائود انهن جو آڌرياءُ ڪيو ۽ پنهنجي فوج ۾ کين سالار
بڻايائين.

## دائود جا منسي قبيلي وارا ساٿي

19 جڏهن دائود فلستين سان گڏجي بادشاهه سائول سان جنگ
ڪرڻ لاءِ نڪري آيو، تڏهن منسيءَ قبيلي جا ڪجهه سپاهي پڻ دائود
جي طرف هليا ويا. حقيقت ۾ دائود ۽ سندس ساٿين فلستين کي
ڪابه مدد ڪانه ڏني، ڇوته فلستين جي سردارن صلاح مشوري ڪان
پوءِ دائود کي موٽائي ڇڏيو هو. هنن سوچيو ته ”جيڪڏهن هو وري
پنهنجي مالڪ سائول سان شامل ٿيو ته پوءِ اسان جي سِرن کي خطرو
آهي.“ 20 جڏهن دائود صقلاج ڏانهن موٽي ويو، تڏهن منسيءَ قبيلي
مان هي ماڻهو هن سان شامل ٿيا: عدنه، يوزباد، يديع ايل، ميڪائيل،
يوزباد، اليهو ۽ ضلتي. هي منسيءَ قبيلي ۾ هزارن جي ٽولن جي
مٿان سالار مقرر هئا. 21 انهن ماڻهن حملو ڪندڙن جي ٽولن سان
وڙهڻ ۾ دائود جي مدد ڪئي، ڇالاءِجو هو سڀ بهادر مرد ۽ سندس
لشڪر جا سالار هئا. 22 تڏهن روز بروز دائود جي لشڪر ۾ ماڻهو
شامل ٿيندا ويا، ايتري قدر جو دائود جو لشڪر تمام وڏو ٿي ويو.

## حبرون ۾ دائود جو لشڪر

23 جڏهن دائود حبرون ۾ هو، تڏهن گهڻن ئي تجربيڪار سپاهين
سندس لشڪر ۾ شموليت اختيار ڪئي، ته جيئن سائول جي جاءِ تي
خداوند جي واعدي موجب کيس بادشاهه مقرر ڪن. سندن تعداد
هن طرح هو:
24 بني يهوداه جا ڇهه هزار اٺ سؤ جنگي جوڌا، نيزن ۽ ڍالن سان
مسلح، 25 بني شمعون جا ست هزار هڪ سؤ، 26 بني لاويءَ جا چار
هزار ڇهه سؤ، 27 هارون جي گهراڻي مان سالار يهويدع ۽ سندس
ٽي هزار ست سؤ ساٿي، 28 صدوق نالي هڪ دلير جوان مرد پنهنجي
گهراڻي جي ٻاويهن سالارن سميت، 29 سائول جي قبيلي بني بنيامين
جا ٽي هزار، جيتوڻيڪ ان وقت تائين بني بنيامين قبيلي جا گهڻا
ماڻهو سائول جا وفادار هئا، 30 بني افرائيم جا ويهه هزار اٺ سؤ،
جيڪي پنهنجي گهراڻي ۾ ناليوارا هئا، 31 منسيءَ جي الهندي واري
اڌ قبيلي جا ارڙهن هزار، جيڪي چونڊي ڪڍيا ويا ته وڃي دائود
کي بادشاهه بڻائين، 32 بني اِسڪار جا ٻه سؤ سالار، انهن ماڻهن
سميت جيڪي سندن حڪم هيٺ هئا. هنن سالارن ڄاتو پئي ته بني
اسرائيل کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ جو بهترين وقت ڪهڙو آهي،
33 بني زبولون جا پنجاهه هزار وفادار ۽ بااعتماد جنگي جوڌا، جن
کي هر هٿيار جي استعمال جي سکيا مليل هئي، 34 بني نفتاليءَ جا
هڪ هزار سالار، جن سان گڏ سٽيهه هزار ڍالن ۽ نيزن سان مسلح
جوان هئا، 35 بني دان جا اٺاويهه هزار ڇهه سؤ تجربيڪار جنگي
جوان، 36 بني آشر جا چاليهه هزار 37 ۽ اردن درياءَ جي اڀرندي طرف
بني روبن، بني گد ۽ منسيءَ جي اڌ قبيلي جا هڪ لک ويهه هزار
جنگي جوڌا، جيڪي هر قسم جي هٿيار هلائڻ جا ماهر هئا.
38 اهي سڀ جنگي جوڌا هئا جيڪي رضا خوشيءَ سان جنگ ڪرڻ
لاءِ اچي شامل ٿيا هئا. هو پڪي ارادي سان حبرون ۾ آيا ته جيئن
دائود کي سڄي بني اسرائيل مٿان بادشاهه بڻائين. بني اسرائيل جا
باقي ٻيا ماڻهو به دائود کي بادشاهه بنائڻ لاءِ متفق هئا. 39 اُهي
اتي ٽي ڏينهن دائود سان رهيا ۽ کاڌائون پيتائون، جنهن جو سندن
هم وطنن بندوبست ڪري ڇڏيو هو. 40 ويجهن قبيلن کان علاوه
ڏورانهن قبيلن اِسڪار، زبولون ۽ نفتاليءَ کان وني ماڻهن گڏهه،
اٺ، خچر ۽ ڍڳا پئي آندا جيڪي کاڌ خوراڪ جي شين يعني مانين،
ميدي مان ٺهيل شين، انجير، ڪشمش، مئي، زيتون جي تيل سان
لڏيل هئا. انهن ڇوپايو مال ۽ رڍون ٻڪريون به آنديون. اهو سڀ
ڪجهه انهيءَ لاءِ پئي ڪيو ويو جو بني اسرائيل ۾ خوشي هئي.

## عهد واري صندوق آڻڻ لاءِ ڪوشش
(2.سموئيل 6:1–11)

13 1 دائود بادشاهه لشڪر جي هزارن ۽ سون جي ٽولن تي
مقرر ڪيل سيني سالارن سان صلاح مشورو ڪيو. 2 پوءِ

هن بني اسرائيل جي سڀني ڳڏ ٿيل ماڻهن کي چيو تہ ”جيڪڏهن
اوهان کي مناسب نظر اچي ۽ جيڪڏهن خداوند اسان جي خدا جي
مرضي هجي تہ اسين پنهنجن باقي رهيل همروطنن ۽ ساڻن گڏ
رهندڙ ڪاهنن ۽ لاوين ڏانهن قاصد موڪليون تہ اهي سڀ اچي اسان
وٽ گڏ ٿين. 3 پوءِ اسين هلي پنهنجي خدا جي عهد واري صندوق
موٽائي کڻي اچون، ڇالاءِجو سائول جي بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾ اسان
انهيءَ کي نظرانداز ڪيو هو.“ 4 جيئن تہ اها ڳالهہ سڀني کي چڱي
نظر آئي، تنهنڪري انهن وراڻيو تہ ”اسين ائين ئي ڪنداسين.“

5 پوءِ دائود ڏکڻ طرف مصر جي سيحور نديءَ کان وٺي اتر ۾
حمات لڪ تائين بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي سڏائي گڏ ڪيو،
تہ جيئن قريت‌يعريم مان خدا جي عهد واري صندوق کڻي اچڻ وقت
اهي موجود هجن. 6 دائود بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن سميت
بعلہ يعني يهوداہ جي قريت‌يعريم شهر ڏانهن خداوند خدا جي عهد
واري صندوق انهيءَ ڪري کڻي اچڻ لاءِ ويو، ڇالاءِجو اها خداوند
جي ناليءَ سان سڏبي آهي ۽ انهيءَ تي پردار آسماني مخلوق جي
ٻن مجسمن جي وچ ۾ هو تخت‌نشين آهي. 7 هنن خدا جي عهد
واري صندوق هڪڙي نئين گاڏيءَ تي رکي ابينداب جي گهر مان
ڪڍي آندي ۽ عُزہ ۽ اخيو اُها گاڏي ڪاهي، 8 جڏهن تہ دائود ۽ بني
اسرائيل جا سڀ ماڻهو پنهنجي پوري جوش سان خدا جي حضور
۾ خوشيءَ وچان نچندا، گيت ڳائيندا ۽ دف، ٺليون شرنايون ۽ تارن
وارا ساز وڄائيندا ٿي هليا.

9 جڏهن هو ڪيدون جي اَن ڳاهڻ واري پِڙ وٽ پهتا، تڏهن عُزہ هٿ
ڊگهو ڪري صندوق کي جهليو ڇالاءِجو ڏاندن ٿاٻو کاڌو. 10 تڏهن
خداوند جي ڪاوڙ عُزہ تي اچي ڪڙڪي ۽ صندوق کي هٿ لائڻ جي
ڪري خدا اتي ئي کيس ماري ڇڏيو. سو هو خدا جي عهد واري
صندوق جي پرسان مري ويو. 11 سو دائود سخت ڪاوڙيو، ڇاڪاڻ‌تہ
خداوند جو غضب عُزہ تي اچي ڪڙڪيو هو. پوءِ انهيءَ هنڌ جو نالو
*پرض‌عُزہ پئجي ويو جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو پيو اچي.

12 دائود انهيءَ ڏينهن خدا کان ڏاڍو ڊنو ۽ چيائين تہ ”هاڻ
ڪهڙيءَ طرح آءٌ خدا جي عهد واري صندوق پاڻ سان کڻي وڃان؟“
13 تنهنڪري دائود اها صندوق پنهنجي شهر يروشلم ڏانهن نہ کڻي
ويو، پر اُها کڻائي عوبيدادوم گاتيءَ جي گهر ۾ رکايائين. 14 اهڙيءَ
طرح خدا جي عهد واري صندوق عوبيدادوم جي گهر ۾ ٽي مهينا
رهي. خداوند عوبيدادوم جي سڄي ڪٽنب ۽ سموري مال ملڪيت
۾ گهڻي برڪت وڌي.

## يروشلم ۾ دائود جون سرگرميون
(2.سموئيل 5:11–16)

14 1 صور جي بادشاهہ حيرام دائود ڏانهن ڪجهہ قاصد
موڪليا. هن دائود ڏانهن ديال جو ڪاٺ، رازا ۽ واڍا پڻ
موڪليا، تہ جيئن هن لاءِ هڪ محل تعمير ڪن. 2 دائود سمجهي
ورتو تہ خداوند کيس بني اسرائيل تي بادشاهہ طور قائم ڪيو آهي،
ڇالاءِجو سندس بادشاهي پنهنجي قوم بني اسرائيل جي خاطر بلند
وَ بالا ڪئي ويئي هئي.

3 يروشلم ۾ دائود وڌيڪ زالون پرڻيو ۽ کيس گهڻا ئي پٽ ۽
ڌيئرون پيدا ٿيون. 4 يروشلم ۾ جيڪي ٻار کيس پيدا ٿيا تن جا
نالا هي آهن: سموعہ، سوباب، ناتن، سليمان، 5 ابحار، السوع،
اليفالط، 6 نجہ، نفج، يفيعہ، 7 اليسمع، †بعليدع ۽ اليفلط.

## دائود جي فلستين تي فتح
(2.سموئيل 5:17–25)

8 جڏهن فلستين ٻڌو تہ دائود کي مسح ڪري سڄي بني اسرائيل
مٿان بادشاهہ بڻايو ويو آهي، تڏهن سڀ جو سڀ فلستي دائود کي
پڪڙڻ لاءِ نڪري پيا. سو دائود اهو ٻڌي انهن سان مقابلي ڪرڻ
لاءِ نڪري پيو. 9 فلستي اچي رفائين ماٿريءَ ۾ پهتا ۽ ڦرلُٽ شروع
ڪري ڏنائون. 10 تڏهن دائود خدا کان پڇيو تہ ”ڇا آءٌ فلستين تي
حملو ڪريان؟ ڇا تون مون کي مٿن فتح ڏيندين؟“ خداوند کيس
وراڻيو تہ ”وڃ مٿن حملو ڪر، آءٌ تو کي انهن تي فتح ڏيندس.“
11 سو دائود هڪڙي هنڌ تي آيو ۽ اتي فلستين کي شڪست ڏنائين.
تڏهن دائود چوڻ لڳو تہ ”خداوند منهنجي دشمنن کي منهنجي
هٿان ائين پيڇي وڌو آهي، جيئن اوچتو پاڻيءَ جو بند ڀڄي پوندو
آهي.“ انهيءَ سبب ئي انهيءَ هنڌ جو نالو ‡بعل‌پراضيم پئجي ويو.
12 فلستي پنهنجا بت اتي ئي ڇڏي ڀڄي ويا، سو دائود حڪم ڏنو
تہ اهي سڀيئي بت ساڙيا وڃن.

13 ڪجهہ وقت کان پوءِ فلستين انهيءَ ماٿريءَ ۾ وري اچي پيو
پيرو ڦر شروع ڪئي. 14 سو دائود جي خدا کان وري پڇڻ تي خدا
کيس چيو تہ ”تون هنن ڏانهن هتان سڌو نہ وڃ، بلڪ ڦِري ٻئي پاسي
کان توتن جي وڻن وٽان مٿن حملو ڪر. 15 پر جڏهن تون توتن جي
وڻن جي چوٽين تي قدمن جو آواز ٻڌين، تڏهن ئي تون حملو ڪجانءِ،
ڇالاءِجو انهيءَ وقت آءٌ تنهنجي اڳيان فلستين جي لشڪر کي مارڻ
لاءِ نڪري ايندس.“ 16 سو دائود ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس

*پرض‌عُزہ: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”عُزہ تي قضا جو ڪڙڪڻ“.
†بعليدع: عرف اليدع، ڏسو 1.تواريخ 3:8.
‡بعل‌پراضيم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ڀڃي ڇڏڻ وارو خداوند“.

5:13 1.سم7:1–2 6:13 خر 25:22 14:13 1.توا 26:4–5

حڪم ڏنو هو، اهڙيءَ طرح هو فلستين جي لشڪر کي گبع کان وٺي
گزر تائين ماريندو ويو.
17 پوءِ تہ سڀني ملڪن ۾ دائود مشهور ٿي ويو ۽ خداوند هر قوم
جي دل ۾ هن جو خوف وجهي ڇڏيو.

## يروشلم ڏانهن عهد واري صندوق آڻڻ جي تياري

15 1 دائود پنهنجي لاءِ *"دائود جي شهر" ۾ گهر تعمير
ڪرايا. هن خدا جي عهد واري صندوق لاءِ پڻ هڪڙي جاءِ
تيار ڪرائي، جتي انهيءَ لاءِ هڪڙو تنبو کوڙايائين. 2 پوءِ دائود
چيو تہ "لاوين کان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا جي عهد واري صندوق
نہ کڻي اچي، ڇاڪاڻتہ اهي لاوي ئي آهن جن کي خداوند پنهنجي
عهد واري صندوق کڻڻ ۽ هميشہ تائين انهيءَ جي خدمت ڪرڻ لاءِ
چونڊيو هو."
3 سو دائود بني اسرائيل جا سڀيئي ماڻهو يروشلم ۾ سڏايا، تہ
جيئن خداوند جي عهد واري صندوق کڻي اچي انهيءَ جاءِ تي رکن
جيڪا هن انهيءَ لاءِ تيار ڪرائي هئي. 4 ٻيو تہ خاص ذميوارين لاءِ
هن هارون ڪاهن جي گهراڻي سان گڏ بني لاوي جي ٻين گهراڻن کي
پڻ گهرايو. 5 بني لاويءَ جي قهات گهراڻي مان اوري‌ايل، پنهنجي
هڪ سؤ ويهن مائٽن سميت آيو، 6 مراري گهراڻي مان عساياه،
پنهنجي ٻہ سؤ ويهن مائٽن سميت آيو، 7 گيرشون گهراڻي مان
يوايل، پنهنجي هڪ سؤ ٽيهن مائٽن سميت آيو، 8 اليصفن گهراڻي
مان سمعياه، پنهنجي ٻہ سؤ مائٽن سميت آيو، 9 حبرون گهراڻي
مان الي‌ايل، پنهنجي اسي مائٽن سميت آيو، 10 عزي‌ايل گهراڻي
مان عميناداب، پنهنجي هڪ سؤ ٻارهن مائٽن سميت آيو. اهي سڀ
پنهنجي پنهنجي گهراڻي مان آندل مائٽن جا اڳواڻ هئا.
11 پوءِ دائود، صدوق ۽ ابي‌ياتر ڪاهنن کي ۽ لاوين مان اوري‌ايل،
عساياه، يوايل، سمعياه، الي‌ايل ۽ عميناداب کي سڏايو. 12 هن کين
چيو تہ "اوهين لاوي گهراڻن جا وڏا آهيو. اوهين پاڻ کي ۽ پنهنجن
لاوي ڀائرن کي پاڪ ڪريو ۽ پوءِ وڃي خداوند، بني اسرائيل جي خدا
جي عهد واري صندوق کڻي اچي انهيءَ جاءِ تي رکو جيڪا مون ان
لاءِ تيار ڪئي آهي. 13 اڳئين ڀيري جڏهن اوهان پاڻ انهيءَ کي نہ
کنيو هو، تڏهن خداوند اسان جو خدا اسان تي ڏمريو هو، ڇالاءِجو
اسان ڪانئس پڇا ڪانہ ڪئي هئي تہ اها ڪهڙيءَ طرح کڻي هلون."
14 تڏهن ڪاهنن ۽ لاوين خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي عهد
واري صندوق کڻي اچڻ لاءِ پاڻ کي پاڪ ڪيو. 15 بني لاوي خدا
جي عهد واري صندوق ۾ ٻانهيون وجهي اها پنهنجن ڪلهن تي
کڻي آيا، جيئن موسيٰ خداوند جي ڪلام موجب کين حڪم ڏنو هو.
16 دائود لاوين جي اڳواڻن کي چيو تہ هو پنهنجن لاوي ڀائرن مان
ڪي ڳائڻا مقرر ڪن تہ جيئن اهي دنبورن، سارنگين ۽ ٿلين جا ساز
وڄائي وڏي آواز سان خوشيءَ جا گيت ڳائين. 17 سو لاوين هيمان
ولد يوايل، سندس مائٽن مان آسف ولد برڪياه ۽ سندس مائٽن
بني مراريءَ مان ايتان ولد قوسياه کي مقرر ڪيو. 18 انهن سان گڏ
سندن مائٽن مان ٻئي درجي وارا ڳائڻا هي هئا: زڪرياه، يعزيئيل،
سميراموت، يحيئيل، عني، الياب، بناياه، معسياه، متتياه، الفلهو،
مقنياه ۽ هيڪل جا هي ٻہ دربان عوبيدادوم ۽ يعي‌ايل. 19 انهن سڀني
مان هيمان، آسف ۽ ايتان ٿليون وڄائي ڳائڻ تي مقرر ٿيا، 20 زڪرياه،
يعزيئيل، سميراموت، يحيئيل، عني، الياب، معسياه ۽ بناياه اوچي
سر تي تار وارا ساز وڄائڻ تي مقرر ٿيا 21 ۽ متتياه، الفلهو، مقنياه،
عوبيدادوم، يعي‌ايل، عززياه ڳائيندڙن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ نيچي
سر تي تار وارا ساز وڄائڻ تي مقرر ٿيا. 22 ڪنانياه جيئن تہ ڳائڻ
۾ ماهر هو، سو هو راڳ ڳائيندڙ لاوين جو نگران مقرر ٿيو ۽ راڳ
جو سر ڪيندو هو.
23 برڪياه ۽ القانہ عهد واري صندوق لاءِ دربان مقرر ٿيا.
24 شبنياه، يهوسفط، نتني‌ايل، عماسي، زڪرياه، بناياه ۽ اليعزر
جيڪي ڪاهن هئا، سي خداوند جي عهد واري صندوق جي اڳيان
شرنايون وڄائڻ تي مقرر ڪيا ويا. عوبيدادوم ۽ يحياه عهد واري
صندوق لاءِ پڻ دربان ٿيا.

## عهد واري صندوق يروشلم ۾ آڻڻ

(2.سموئيل 6:12–16)

25 سو دائود، بني اسرائيل جا اڳواڻ ۽ هزارن جي دستن جا فوجي
سالار عوبيدادوم جي گهران خداوند جي عهد واري صندوق کڻي
اچڻ لاءِ خوشيون ڪندا ويا. 26 جيئن تہ †خدا انهن لاوين جي مدد
ڪئي جيڪي خداوند جي عهد واري صندوق کنيو پئي آيا، سو ست
ڏاند ۽ ست گهٽا قربان ڪيا ويا. 27 دائود کي توڙي صندوق کڻي هلڻ
وارن سڀني لاوين، سڀني ڳائڻن ۽ ڳائڻ وارن جي اڳواڻ ڪنانياه کي
عمدي سٽيءَ جا جبا پهريل هئا. دائود کي سٽيءَ جو مذهبي وڳو پڻ
پهريل هو. 28 سو بني اسرائيل جا سڀيئي ماڻهو خوشيءَ وچان نعرا
هڻندي ۽ نفيلون، شرنايون، ٿليون ۽ تارن وارا ساز وڄائيندي خداوند
جي عهد واري صندوق يروشلم ۾ کڻي آيا.

---

*"دائود جي شهر": يروشلم جو اهو حصو جيڪو دائود اتي جي اصلي رهاڪن يعني يبوسين کان قبضي ڪري ورتو هو، ڏسو 1.تواريخ 11:4–7.

†خدا انهن لاوين جي مدد ڪئي: انهيءَ کان اڳ جڏهن عهد واري صندوق آندي ٿي وئي، تڏهن هڪ ماڻهوءَ ان تي پنهنجو هٿ رکي خدا کي ڪاوڙايو هو، جنهن سبب خدا انهيءَ کي ماري ڇڏيو هو، ڏسو 1.تواريخ 13:10.

2:15 شر 8:10 13:15 1.توا 5:13–11 15:15 خر 14:25

29 جيئن ئي خداوند جي عهد واري صندوق دائود جي شهر ۾
داخل ٿي، تيئن ئي سائول جي ڌيءَ ميڪل دريءَ مان ٻاهر نهاريو
۽ جڏهن دائود بادشاهه کي نچندو ٽپندو ڏٺائين تڏهن سندس دل ۾
هن لاءِ حقارت ٿيڻ لڳي.

## صندوق جو تنبوءَ ۾ رکجڻ
(2.سموئيل 6:17–19)

16 1 هنن خدا جي عهد واري صندوق اندر آڻي انهيءَ تنبوءَ
جي وچ ۾ رکي، جيڪو دائود انهيءَ لاءِ کوڙيو هو. پوءِ
هنن خدا جي حضور ۾ ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ واريون
قربانيون پيش ڪيون. 2 جڏهن دائود قربانيون پيش ڪري چڪو،
تڏهن هن خداوند جي نالي سان ماڻهن کي دعا ڪئي. 3 پوءِ هن بني
اسرائيل جي سڀني ماڻهن، مردن توڙي عورتن کي هڪڙي هڪڙي
ماني، هڪڙو پڪل گوشت جو ٽڪرو ۽ ڪشمش جي هڪڙي ٽڪي
ورهائي ڏني.
4 هن لاوين مان ڪن کي مقرر ڪيو ته هو خداوند جي عهد واري
صندوق جي اڳيان عبادت ڪرڻ ۾ اڳواڻي ڪن، تان‌ته خداوند، بني
اسرائيل جي خدا جو ذڪر، شڪر ۽ تعريف ڪئي وڃي. 5 آسف اڳواڻ
هو ۽ زڪرياه سندس مددگار هو. يعي‌ايل، سميراموت، يحيئيل،
متتياه، الياب، بناياه، عوبيدادوم ۽ يعي‌ايل دنبورا ۽ سارنگيون
وڄائڻ تي مقرر هئا. آسف ٿليون وڄائڻ تي مقرر هو. 6 بناياه ۽
يحزيئيل ڪاهن باقاعدگيءَ سان خداوند جي عهد واري صندوق جي
اڳيان شرنايون وڄائڻ تي مقرر هئا.

## خداوند جي واکاڻ جو گيت
(زبور 105:1–15، 96:1–13، 106:1،47،48)

7 انهيءَ ئي ڏينهن دائود آسف ۽ سندس ساٿين کي ڳائڻ لاءِ
پهريون دفعو خداوند جي تعريف جو هي گيت ڏنو ته هو ڳائين.
8 اوهين خداوند جو شڪر ڪريو ۽ سندس نالو پڪاريو،
اوهين سندس ڪمن کي قومن منجهه بيان ڪندا رهو.
9 اوهين انهيءَ جا گيت ڳائيندي سندس واکاڻ ڪريو،
هن جيڪي عجيب ڪم ڪيا آهن تن سڀني جو ذڪر ڪريو.
10 اوهين هن جي پاڪ نالي تي فخر ڪندا رهو،
پل ته انهن سڀني جون دليون خوش ٿين،
جيڪي خداوند جا طالبو آهن.
11 اوهين خداوند جا ۽ سندس قدرت جا طالبو رهو،
اوهين سندس ديدار جي طلب رکندي هيڪل ۾ ايندا رهو.
12-13 اي اوهين! جيڪي يعقوب،
يعني انهيءَ جي چونڊيل بندي اسرائيل جو نسل آهيو،
اوهين خدا جي انهن عجيب ڪمن کي ياد ڪريو،
جيڪي هن ڪيا آهن.
هائو، اوهين هن جي معجزن
۽ سندس ٻڌايل فيصلن کي ياد رکو.

14 بيشڪ اهو ئي خداوند اسان جو خدا آهي.
انهيءَ جا ئي فيصلا ساري ڌرتيءَ تي رائج آهن.
15 هو ابد تائين پنهنجي عهد کي ياد رکڻ وارو آهي،
يعني انهيءَ واعدي کي جيڪو هزار پيڙهين لاءِ هن فرمايو هو،
16 هائو، اهو ئي عهد جيڪو هن ابراهيم سان ڪيو هو،
هائو، اهو ئي قسم جيڪو هن اسحاق سان کنيو هو.
17 انهيءَ عهد کي هن يعقوب جي لاءِ قانونِ محڪم بڻايو،
۽ سندس اولاد لاءِ پڻ هن انهيءَ کي ابدي عهد ٺهرايو،
18 جڏهن يعقوب کي فرمايائين ته
”آءٌ تو کي ڪنعان جو ملڪ ڏيندس،
تان‌ته اهو ملڪ تنهنجي ميراث ٿئي.“

19 انهيءَ وقت بني يعقوب بلڪل ئي ٿورا هئا،
۽ جنهن ملڪ ڪنعان ۾ هو رهيا ٿي تنهن ۾ ڌاريا هئا.
20 انهيءَ وقت هو هڪڙي قوم کان
ٻيءَ قوم ڏانهن ڀٽڪندا رهندا هئا،
هائو، اهي هڪڙي بادشاهت کان ٻيءَ ڏانهن پيا ڀٽڪندا هئا.
21 مگر خدا مٿن ڪنهن کي به ظلم ڪرڻ نه ڏنو،
بلڪ انهن جي خاطر هن بادشاهن کي به ڇينڀيو هو.
22 هن انهن کي تاڪيد ڪيو هو ته
”هي منهنجا مسح ڪري چونڊيل نبي آهن،
جن کي اوهين نڪي هٿ لايو، نه وري ڪو نقصان رسايو.“

23 اي ڌرتيءَ جا سڀ رهاڪؤ! خداوند جي واکاڻ ڳايو،
اوهين روزانو سندس بچائڻ واري ڪم جو بيان ڪندا رهو.
24 اوهين سڀني قومن ۾ سندس عظمت ظاهر ڪريو.
هائو، هن جا عجيب ڪم سڀني ماڻهن کي بيان ڪري ٻڌايو،
25 ڇالاءِجو خداوند عظيم ۽ سڀني تعريفن جي لائق آهي.
بيشڪ سڀني معبودن جي ڀيٽ ۾ خدا ئي تعظيم جي لائق آهي.
26 ٻين قومن جا سڀ معبود رڳو بي‌جان بت آهن،
پر اهو خداوند ئي آهي جنهن آسمانن کي بڻايو آهي.
27 بيشڪ عظمت ۽ حشمت هن جي ئي حضور ۾ آهن،
۽ طاقت ۽ خوشي به سندس مقدس ترين جاءِ ۾ آهن.

16:16 پيد 12:7، 17:8، 26:3 16:17–18 پيد 28:13 16:21–22 پيد 20:3–7 16:27 خر 25:8، 40:34

28 اي دنيا جون سڀيئي قومون!
خداوند جي واکاڻ ڪريو،
اوهين سندس قدرت ۽ عظمت جي واکاڻ ڪريو.
29 اوهين خداوند جي نالي جي لائق سندس عظمت واکاڻيو.
اوهين هيڪل ۾ اچي سندس حضور ۾ نذرانا پيش ڪريو.
اوهين پاڪيزگيءَ جي حسن سان خداوند کي سجدو ڪريو.
30 اي ڌرتيءَ جا سڀ رهاڪؤ! اوهين هن جي آڏو ڏڪندا رهو.
هُن ڌرتيءَ کي اهڙيءَ طرح قائم ڪيو آهي،
جيئن انهيءَ کي ڪو لوڏو نہ اچي.
31 ڀلي آسمان خوشيون ڪن ۽ ڌرتي بہ ڀل سرهي ٿئي.
اوهين قومن منجهہ هي اعلان ڪريو تہ
”خداوند ئي بادشاهہ آهي.“
32 ڀلي سمنڊ ۽ انهن ۾ موجود هر ڪا مخلوق گجگوڙ ڪري،
ڀلي ميدان ۽ انهن منجهہ جيڪي بہ آهي،
سي سڀ خوشيون ڪن.
33 ڀلي تہ ٻيلن جا سڀيئي وڻ خوشيءَ وچان ڳائيندا رهن.
هائو، اهي خداوند جي حضور ۾ ڳائين،
ڇالاءِجو هو دنيا وارن جو انصاف ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي.

34 اوهين خداوند جا ٿورا مڃيو،
ڇالاءِجو هو ڀلو آهي ۽ سندس شفقت هميشہ جي لاءِ آهي.
35 اوهين ڪيس چئو تہ ”اي اسان جا بچائيندڙ خدا! اسان کي بچاءِ،
اسان کي ڌارين قومن مان ڪڍي پنهنجي وطن ۾ آڻي گڏ ڪر،
تان‌تہ اسين تنهنجو شڪر ادا ڪندا رهون،
۽ تنهنجي نالي جي حمد وَ ثنا تي فخر ڀيا ڪريون.“
36 شل خداوند، بني اسرائيل جو خدا،
ازل کان ابد تائين سڳورو هجي.

پوءِ سڀني ماڻهن ”آمين“ چيو ۽ خدا جي واکاڻ ڪيائون.

## يروشلم ۽ گبعون ۾ خداوند جي عبادت

37 دائود بادشاهہ آسف ۽ سندس ساٿين کي خداوند جي عهد واري
صندوق جي اڳيان هميشہ لاءِ خدمت ڪرڻ واسطي مقرر ڪيو،
انهيءَ لاءِ تہ هو روزبروز جي ضروري ڪم موجب خدمت ڪندا
رهن. 38 هن عوبيدادوم ۽ سندس اٺهٺ ساٿين کي ساڻن خدمت
لاءِ رکيو. عوبيدادوم ولد يدوتون ۽ حوساه دربان مقرر ڪيا ويا.
39 خداوند جي مقدس خيمي اڳيان، جيڪو گبعون وٽ مٿاهينءَ جاءِ
تي هو، اتي دائود صدوق ڪاهن ۽ سندس ٻين ساٿي ڪاهنن کي
مقرر ڪيو. 40 انهيءَ لاءِ تہ هو خداوند لاءِ هميشہ صبح توڙي شام
جو قربان‌گاهہ تي ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪن، انهيءَ طريقي
موجب جيڪو خداوند جي شريعت ۾ لکيل آهي ۽ جنهن جو هن بني
اسرائيل کي حڪم ڏنو هو. 41 انهن سان گڏ هيمان ۽ يدوتون ۽ باقي
ٻيا جيڪي چونڊيل هئا، سي بہ خداوند جي دائمي رحمت جي ڪري
سندس تعريف جا گيت ڳائن. 42 هيمان ۽ يدوتون شرنايون ۽ ٽليون
وڄائڻ تي مقرر هئا. خدا جا گيت ڳائڻ لاءِ هو ٻين سازن وڄائڻ تي پڻ
مقرر هئا. بني يدوتون وارا ٻاهرئين دروازي تي دربان مقرر ڪيا ويا.
43 پوءِ هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو ۽ دائود بہ
پنهنجي گهر موٽيو تہ جيئن پنهنجي ڪٽنب جي سار سنڀال لهي.

## ناتن نبيءَ جو دائود ڏانهن پيغام
(2.سموئيل 7:1–17)

17 1 هاڻي دائود پنهنجي محل ۾ رهندو هو. تڏهن هڪ ڏينهن
هن ناتن نبيءَ کي گهرائي چيو تہ ”ڏس، آءٌ تہ ديال جي
ڪاٺ مان ٺاهيل گهر ۾ رهان ٿو، پر خدا جي عهد واري صندوق
تنبوءَ هيٺ رهي ٿي.“ 2 تنهن تي ناتن نبيءَ کيس چيو تہ ”جيڪا
اوهان جي دل جي مرضي هجي سا ڀلي پوري ڪريو، ڇاڪاڻ‌تہ خدا
اوهان سان راضي آهي.“
3 پر انهيءَ ئي رات خداوند جو ڪلام ناتن تي نازل ٿيو تہ
4 ”وڃ، منهنجي ٻانهي دائود کي مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ
تہ ’اهو تون نہ آهين، جيڪو منهنجي رهڻ لاءِ گهر تعمير ڪندو.
5 جنهن ڏينهن کان وٺي مون بني اسرائيل کي مصر ملڪ مان ڪڍي
ٻاهر آندو آهي، تنهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين آءٌ ڪنهن بہ گهر ۾
نہ رهيو آهيان، بلڪ مختلف هنڌن تي خيمي واري مقدس جاءِ ۾
رهيو آهيان. 6 جن جن جاين تي آءٌ بني اسرائيل سان گڏ هوس، اتي
بني اسرائيل جي جن بہ رهبرن کي مون پنهنجي قوم بني اسرائيل
جي رهبريءَ لاءِ مقرر ڪيو، تن مان ڪنهن هڪ کي بہ ڪڏهن
ائين چيو اٿم ڇا تہ هنن منهنجي لاءِ ديال جي ڪاٺيءَ جو گهر ڇو
نہ جوڙيو آهي؟‘
7 سو اي ناتن! منهنجي ٻانهي دائود کي مون خداوند قادرِمطلق
جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ ’مون تو کي رڍن ٻڪرين هلندڙ ريڍار مان ڦيرائي
پنهنجي قوم بني اسرائيل مٿان حاڪم مقرر ڪيو آهي. 8 جيڏانهن
بہ تون ويندو هئين اوڏانهن آءٌ تو سان گڏ پئي رهيو آهيان ۽ تنهنجا
سڀ دشمن تنهنجي تابع ڪيا اٿم. هاڻي آءٌ تو کي دنيا جي وڏن
وڏن اڳواڻن جيان مشهور ڪندس. 9 آءٌ پنهنجي قوم بني اسرائيل
جي لاءِ هڪڙي جاءِ مقرر ڪندس ۽ انهن کي اتي ڄمائيندس، جو
هو انهيءَ جاءِ تي رهندا ايندا ۽ وري اتان نہ چرندا. بدڪار ماڻهو
انهن کي وري اهڙيون تڪليفون نہ ڏيئي سگهندا، جهڙيون شروعاتي
ڏينهن ۾ ڏيندا هئا. 10 هائو، انهن ڏينهن ۾ جڏهن مون پنهنجي

16:28–30 زب 29:1–2   16:34 2.توا 5:13، 7:3، عز 3:11، زب 100:5، 106:1، 107:1، 118:1، 136:1، ير 33:11   16:43 2.سم 6:19–20

قوم بني اسرائيل مٿان رهبر مقرر ڪيا هئا. آءٌ تنهنجا دشمن تنهنجي
اڳيان پڻ جهڪائيندس. تنهن ڪان سواءِ آءٌ تو تي پڌرو ٿو ڪريان
تہ آءٌ تو مان هڪڙو گهراڻو قائم ڪندس. 11 جڏهن تنهنجي حياتيءَ
جا ڏينهن پورا ٿيندا ۽ تون وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان
آرامي ٿيندين، تڏهن آءٌ تنهنجو نسل تنهنجي پٽن مان هلائيندس ۽
منجهائن هڪڙي کي تنهنجي تخت تي ويهاريندس. 12 اِهو ئي آهي،
جيڪو منهنجي لاءِ گهر تعمير ڪندو ۽ آءٌ هن جي بادشاهت هميشہ
لاءِ قائم ڪندس. 13 آءٌ سندس پيءُ ٿيندس ۽ هو منهنجو پٽ ٿيندو.
آءٌ پنهنجي دائمي پاجهہ جو هٿ هن تان هرگز نہ هٽائيندس، جيئن
تو ڪان اڳ ۾ سائول تان هٽايو هوم. 14 آءٌ پنهنجي قوم تي سندس
بادشاهت کي هميشہ لاءِ قائم ڪندس ۽ سندس تخت هميشہ لاءِ
قائم رهندو.‘”
15 هن سڄي الهام جون سڀئي ڳالهيون ناتن نبيءَ دائود کي چئي
ٻڌايون.

## دائود جي خداوند آڏو شڪرگذاري
(2.سموئيل 7:18–29)

16 تڏهن دائود بادشاهہ خيمي اندر لنگهي وڃي عهد واري صندوق
وٽ خداوند جي حضور ۾ ويٺو ۽ دعا گهرندي چوڻ لڳو تہ ”اي
خداوند خدا! تو مون کي جنهن درجي تي آندو آهي، آءٌ انهيءَ جي
لائق ناهيان، نہ ئي وري منهنجو خاندان انهيءَ لائق آهي. 17 تہ
بہ اي خدا! اها ڳالهہ تنهنجي نظر ۾ خسيس هئي، پر تو پنهنجي
ٻانهي جي گهراڻي بابت آئينده جي گهڻي عرصي تائين جو ذڪر ڪيو
آهي. اي خداوند خدا! تو مون کي وڏي ماڻهوءَ جي درجي موجب
سمجهيو آهي.
18 آءٌ ٻيو ڇا چوان؟ تون تہ پنهنجي هن ٻانهي کي ڄاڻين ٿو، تنهن
هوندي بہ تو پنهنجي هن ٻانهي کي ايڏي عزت ڏني آهي. 19 اي
خداوند! تو پنهنجي مرضيءَ موجب پنهنجي هن ٻانهي جي خاطر
هي سڀ وڏا ڪم ڪيا آهن ۽ پنهنجي سڀني عظيم واعدن جو پڻ
اظهار ڪيو اٿيئي.
20 اي خداوند! جيڪي ڳالهيون اسان پنهنجن ڪنن سان ٻڌيون
آهن، تن سڀني موجب تو جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي، نڪي تو ڪان
سواءِ ڪو ٻيو خدا آهي. 21 دنيا ۾ تنهنجي قوم بني اسرائيل جهڙي
ٻي ڪابہ قوم ناهي، هڪ اهڙي قوم جنهن کي تو خداوند پنهنجي
قوم بنائڻ لاءِ مصر مان ڪڍي ٻاهر آندو. تو اهو انهيءَ لاءِ بہ ڪيو
تہ جيئن تون پنهنجي قوم جي اڳيان غير قومن کي هڪالي ڪڍين
۽ عظيم ۽ هيبتناڪ ڪمن وسيلي پنهنجو نالو ظاهر ڪرين. 22 تو
پنهنجي قوم بني اسرائيل کي هميشہ جي لاءِ پنهنجي قوم بڻايو
آهي ۽ تون، اي خداوند! سندن خدا بڻيو آهين.
23 هاڻي اي خداوند! جيڪو واعدو تو پنهنجي هن ٻانهي ۽ سندس
گهراڻي جي باري ۾ ڪيو آهي، سو هميشہ جي لاءِ قائم ڪر ۽
جيئن چيو اٿيئي تيئن ئي ڪر، 24 انهيءَ لاءِ تہ تنهنجو نالو قائم ٿي
وڃي ۽ هميشہ لاءِ عظيم ٿئي، ماڻهو چون تہ ’خداوند قادرِمطلق
بني اسرائيل جو خدا آهي ۽ هو ئي سندن خدا رهندو،‘ ۽ تنهنجي
هن ٻانهي دائود جو گهراڻو تنهنجي حضور ۾ قائم دائم رهي.
25 اي منهنجا خدا! تو پنهنجي هن ٻانهي کي کولي ٻڌايو آهي تہ
تون منهنجي لاءِ هڪڙو بادشاهي گهراڻو قائم ڪندين. تنهنڪري
ئي تنهنجي هن ٻانهي کي تو ڪان دعا گهرڻ جو حوصلو ٿيو. 26 اي
خداوند! تون ئي خدا آهين جنهن انهن چڱين ڳالهين جو پنهنجي
هن ٻانهي سان واعدو ڪيو آهي. 27 هاڻي تو پنهنجي هن ٻانهي
جي گهراڻي کي برڪت ڏني آهي، تہ اهو تنهنجي حضور ۾ هميشہ
تائين قائم رهي. جيئن تہ اي خداوند! تو ڪيس برڪت ڏني آهي،
تنهنڪري بيشڪ اهو هميشہ سڳورو رهندو.“

## دائود جون فوجي فتحون
(2.سموئيل 8:1–18)

18 1 ڪجهہ وقت ڪان پوءِ دائود فلستين کي شڪست ڏيئي
پنهنجي تابع ڪيو ۽ گات شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت
فلستين ڪان ڇڏائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. 2 دائود موآبين کي
پڻ شڪست ڏني ۽ اهي دائود جا محصول ڀريندڙ تابعدار ٿيا.
3 انهيءَ ڪان سواءِ دائود *ضوباه جي بادشاهہ هددعزر تي حمات
جي ويجهو حملو ڪيو، جيڪو فرات نديءَ پاسي قبضو ڪرڻ جي
ڪوشش ۾ هو. 4 دائود ان جون هڪ هزار جنگي گهوڙي گاڏيون،
ست هزار گهوڙي سوار ۽ ويهہ هزار پيادا سپاهي پڪڙي هٿ ڪيا.
هن هڪ سؤ جنگي گهوڙي گاڏين جي گهوڙن ڪان سواءِ ٻين سيني
گهوڙن کي جڏو ڪري ڇڏيو. 5 جڏهن دمشق جا †ارامي ضوباه
جي بادشاهہ هددعزر جي مدد ڪرڻ لاءِ آيا، تڏهن دائود انهن مان
ٻاويهہ هزار ارامي ماري وڌا. 6 پوءِ هن انهن جي علائقي ۾ فوجي
چونڪيون قائم ڪيون ۽ اهي سندس محصول ڀريندڙ تابعدار ٿيا.
دائود جيڏانهن بہ ٿي ويو اوڏانهن خداوند کيس فتح ٿي بخشي.
7 هددعزر جي عملدارن جيڪي سون جون ڍالون آنديون هيون،
سي دائود يروشلم ۾ کڻي آيو. 8 هددعزر جي شهرن طبخت ۽ ڪُون
مان دائود تمام گهڻو پتل هٿ ڪيو، جنهن مان بعد ۾ سليمان هيڪل
لاءِ پلتيل وڏو حوض، ٿنڀا ۽ ٿانوَ ٺهرايا.

---

*ضوباه: موجوده شام ملڪ جي دمشق شهر جو اتر وارو علائقو.

†ارامي: ان دور ۾ انهن جو علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

13:17 2.ڪر 18:6، عبر 5:1   8:18 1.با 7:40–47، 2.توا 4:11–18

9 جڏهن حمات جي بادشاهه توغيءَ ٻڌو تہ دائود ضوباه جي
بادشاهه هددعزر جي سڄيءَ فوج کي شڪست ڏني آهي، 10 تڏهن
توغيءَ پنهنجي پٽ يورام کي دائود بادشاهه ڏانهن موڪليو تہ
کيس وڃي سلام چوي ۽ هددعزر کي جنگ ۾ شڪست ڏيڻ جي
کيس مبارڪ ڏئي، ڇالاءِجو هددعزر توغيءَ سان وڙهندو رهندو هو.
يورام پاڻ سان گڏ هر قسم جا سون، چانديءَ ۽ پتل جا ٿانوَ کڻي
آيو. 11 اهي بہ بادشاهه دائود انهيءَ چانديءَ ۽ سون سان گڏ خداوند
لاءِ وقف ڪيا، جيڪي هن سڀني قومن يعني ادومين، موآبين، بني
عمون، فلستين ۽ عماليقين مان هٿ ڪيا هئا.
12 ابيشي، جنهن جي ماءُ جو نالو ضروياه هو تنهن ارڙهن هزار
ادومي کلر واري ماٽريءَ ۾ ماري وڌا. 13 هن سڄي ادوم ۾ فوجي
چونڪيون قائم ڪيون ۽ سڀ ادومي سندس تابعدار ٿي پيا. دائود
جيڏانهن بہ ٿي ويو اوڏانهن خداوند کيس فتح ٿي بخشي.
14 دائود پنهنجي سڄي قوم بني اسرائيل تي عدل ۽ انصاف سان
بادشاهي ڪئي. 15 يوآب جنهن جي ماءُ جو نالو ضروياه هو، سو
فوج جو سپهہسالار هو ۽ يهوسفط ولد اخيلود شاهي منتظم هو.
16 صدوق ولد اخيطوب ۽ ابيملڪ ولد ابيياتر ڪاهن هئا، شراياه
شاهي محرر هو، 17 بناياه ولد يهويدع دائود جي ذاتي محافظن جي
مٿان سالار هو ۽ دائود جا پٽ اعليٰ درجي تي مقرر هئا.

## دائود جو بني عمون ۽ ارامين کي شڪست ڏيڻ

(2.سموئيل 10:1–19)

19 1 ڪجهہ وقت کان پوءِ بني عمون جي بادشاهه ناحس
وفات ڪئي ۽ سندس پٽ سندس جاءِ تي بادشاهي ڪرڻ
لڳو. 2 تڏهن دائود چيو تہ ”آءٌ حنون ولد ناحس سان مهربانيءَ وارو
سلوڪ ڪندس، ڇاڪاڻتہ سندس پيءُ مون سان بہ مهربانيءَ وارو
سلوڪ ڪيو هو.“ سو دائود پنهنجي قاصدن هٿان سندس پيءُ جي
عذرخواهي چوائي موڪلي.
جڏهن دائود جا ماڻهو بني عمون جي ملڪ ۾ حنون وٽ آيا تہ
جيئن ساڻس عذرخواهي ڪن، 3 تڏهن بني عمون جي اڳواڻن حنون
کي چيو تہ ”ڇا اوهين سمجهو ٿا تہ دائود همدرديءَ لاءِ هي ماڻهو
موڪلي اوهان جي پيءُ جو مان وڌايو آهي؟ ڇا هن جا هي ماڻهو
اوهان وٽ انهيءَ لاءِ نہ آيا آهن تہ هو جاسوسن وانگر هن ملڪ
جو حال معلوم ڪن ۽ پوءِ مٿس قبضو ڪن؟“ 4 تڏهن حنون دائود
جي قاصدن کي پڪڙي انهن جون ڏاڙهيون مڃون ڪوڙائي ڇڏيون
۽ سندن ڪپڙا وچان ويهڪ جي جاءِ تائين ڦاڙائي ڇڏيا ۽ پوءِ کين
روانو ڪري ڇڏيائين.
5 هيڏانهن ڪنهن ماڻهو وڃي دائود کي انهن قاصدن جي باري
۾ ٻڌايو، تڏهن دائود ڪجهہ ماڻهو موڪليا تہ وڃي ساڻن رستي ۾
ملن، ڇاڪاڻتہ هو ويچارا ڏاڍا شرمسار هئا. بادشاهه کين چوائي
موڪليو تہ ”اتي يريحو ۾ تيستائين ترسي پئو، جيستائين اوهان جون
ڏاڙهيون وڌي اچن. پوءِ موٽي هتي اچجو.“
6 جڏهن بني عمون ڏٺو تہ دائود هنن کان نفرت ڪرڻ لڳو آهي،
تڏهن حنون ۽ بني عمون وارن *مسوپتاميه ۽ ارام ملڪ جي صوبن
معڪه ۽ ضوباه مان جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ گهوڙي سوار ڀاڙي
تي ڪرڻ لاءِ چوٽيهہ هزار ڪلوگرام چاندي موڪلي. 7 هنن ٻٽيهہ
هزار گهوڙي گاڏيون ۽ گهوڙي سوار ۽ معڪه جي بادشاهه کي بہ
سندس فوج سميت ڪرايي تي آندو، جن اچي ميدبا جي سامهون
پنهنجا خيما کوڙيا، جڏهن تہ بني عمون پنهنجي شهرن مان گڏجي
جنگ ڪرڻ لاءِ نڪري پيا.
8 جڏهن دائود اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن يوآب کي سمورن جنگي
جوڌن جي لشڪر سان ڪڍي موڪليائين. 9 بني عمون پنهنجي
گاديءَ واري شهر ربہ کان ٻاهر نڪري شهر جي دروازي جي لنگهہ
وٽ جنگ جي لاءِ صفون ٻڌڻ لڳا، جڏهن تہ بادشاهه جيڪي اتي
آيا هئا، سي کليل ميدان ۾ جنگ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيا.
10 هاڻي جڏهن يوآب ڏٺو تہ سندس اڳيان ۽ پٺيان جنگ لاءِ صفون
ٻڌجي ويون آهن، تڏهن هن بني اسرائيل جي لشڪر مان ڪجهہ مکيہ
بهادر چونڊي ڪڍيا ۽ کين ارامين جي سامهون صفآرا ڪيائين.
11 باقي ٻيا سڀ جنگي جوان هن پنهنجي ڀاءُ ابيشيءَ جي حڪم
هيٺ رکيا ۽ اهي بني عمون جي خلاف صفون ٻڌي بيٺا. 12 يوآب
ابيشيءَ کي چيو تہ ”جيڪڏهن ارامي مون کان ڏاڍا ٿيا تہ تون
منهنجي مدد ڪجانءِ، پر جيڪڏهن بني عمون تو کان ڏاڍا ٿيا تہ
آءٌ تو کي مدد ڏيندس. 13 همت ٻڌُ تہ اسين پنهنجيءَ قوم لاءِ ۽
پنهنجي خدا جي شهرن لاءِ بهادريءَ سان وڙهون. خداوند اهو ئي
ڪجهہ ڪندو جيڪي سندس نظر ۾ چڱو هوندو.“
14 تڏهن يوآب ۽ جيڪي جوان ساڻس گڏ هئا، سي ارامين سان
وڙهڻ لاءِ اڳتي وڌيا، تہ هو سندس اڳيان وٺي ڀڳا. 15 جڏهن بني
عمون ڏٺو تہ ارامي ڀڳا ٿا وڃن، تڏهن هو بہ يوآب جي ڀاءُ ابيشيءَ
جي اڳيان وٺي ڀڳا ۽ شهر ۾ هليا ويا. پوءِ يوآب يروشلم ۾ موٽي
آيو.
16 جڏهن ارامين ڏٺو تہ هو بني اسرائيل جي اڳيان شڪست کائي
چڪا آهن، تڏهن هنن قاصد موڪلي فرات نديءَ جي اپرندي پاسي
وارن ارامي جنگي جوڌن کي هددعزر جي لشڪر جي سپهہسالار
سوبڪ جي هٿ هيٺ آڻي گڏ ڪيو. 17 جڏهن دائود کي انهيءَ ڳالهہ
جي خبر پيئي، تڏهن هو بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو گڏ ڪري اردن

*مسوپتاميه ۽ ارام: ان دور ۾ هي علائقا موجوده شام ۽ عراق ملڪن جي ڪن حصن تي مشتمل هئا.

12:18 زب 60 عنوان

درياءَ جي اپرندي پاسي ٽپي ويو. هو انهن ڏانهن اڳتي وڌيو ۽ صفون
ٻڌي ساڻن جنگ شروع ڪيائين. 18 آخرڪار ارامي بني اسرائيل جي
اڳيان وٺي ڀڳا. دائود ارامين جا ست هزار جنگي گهوڙي گاڏين جا
سوار ۽ چاليهه هزار پيادا سپاهي ماري وڌا. هن سندن فوج جي
سپهه‌سالار سوبڪ کي پڻ ماري وڌو. 19 جڏهن هددعزر جي هٿ
هيٺ وڙهندڙ بادشاهن ڏٺو ته هو بني اسرائيل جي اڳيان شڪست
کائي چڪا آهن، تڏهن هنن صلح ڪيو ۽ تابعداري قبول ڪيائون.
اهڙيءَ طرح ارامي وري ڪڏهن به بني عمون کي مدد ڏيڻ لاءِ
تيار نه ٿيا.

## ربه شهر تي دائود جو قبضو
(2.سموئيل 12:26–31)

20 1 بهار جي موسم ۾، جنهن وقت بادشاهه جنگ تي ويندا
آهن تن ڏينهن ۾ يوآب لشڪر وٺي ٻاهر نڪتو ۽ وڃي بني
عمون جي ملڪ تي حملو ڪيائين. دائود بادشاهه پاڻ يروشلم ۾ ئي
رهيو. هنن وڃي انهيءَ ملڪ جي گاديءَ واري شهر ربه کي گهيري
هيٺ آندو ۽ ان کي تباهه ڪري ڇڏيائون. 2 ان مهل دائود به آيل هو
۽ هن عمونين جي ديوتا مولڪ جي مٿي تان سونو تاج لاهي ورتو،
جنهن جو وزن چوٽيهه ڪلوگرام هو ۽ انهيءَ ۾ هڪ قيمتي هيرو
جڙيل هو. اهو هيرو دائود جي تاج ۾ لڳايو ويو. هن شهر مان تمام
گهڻو لُٽ جو مال پڻ هٿ ڪيو. 3 انهيءَ شهر ۾ جيڪي ماڻهو هئا،
تن کي هن ٻاهر وٺي وڃي ڪرتن، لوهه جي ڏندارين ۽ ڪهاڙين جي
ڪم تي لڳائي ڇڏيو. دائود بني عمون جي سڀني شهرن سان ائين ئي
ڪيو. پوءِ دائود پنهنجي سڄي لشڪر سميت يروشلم ۾ موٽي آيو.

## فلستين سان جنگ
(2.سموئيل 21:15–22)

4 ڪجهه وقت کان پوءِ گزر شهر وٽ ٻيهر فلستين سان جنگ
ڇڙي ويئي. سبڪي حوساتيءَ جڏهن سفيءَ نالي هڪڙي راڪاس
جهڙي طاقتور شخص کي قتل ڪيو، تڏهن فلستين کي شڪست
ملي. 5 فلستين سان هڪڙي ٻي جنگ ۾ الحنان ولد يعور لحمي
نالي هڪڙي ماڻهوءَ کي قتل ڪيو، جيڪو جوليت گاتيءَ جو ڀاءُ هو ۽
جنهن جو نيزو ڪوريءَ جي آڏاڻي واري لٺ جهڙو هو. 6 ان کان پوءِ
وري گات شهر ۾ جنگ لڳي، جتي هڪڙو وڏي قد وارو ماڻهو به
هو، جنهن جي هٿن ۽ پيرن ۾ ڇهه ڇهه آڱريون هيون. ڪيس جملي
چوويهه آڱريون هيون ۽ هو به راڪاس جهڙن طاقتور فلستي جوانن
مان هو. 7 جڏهن هن بني اسرائيل جي ماڻهن کي للڪاريو، تڏهن
دائود جي ڀاءُ سمعيءَ جي پٽ يونتن انهيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو.

8 گات جا رهندڙ اهي ٽي ماڻهو جيڪي دائود ۽ سندس ماڻهن
هٿان مارجي ويا، سي راڪاسن جهڙا طاقتور هئا.

## دائود جو مردم شماري ڪرڻ
(2.سموئيل 24:1–9)

21 1 شيطان بني اسرائيل جي خلاف ڪڙو ٿي دائود جي دل ۾
اهو خيال پيدا ڪيو ته هو بني اسرائيل جو شمار ڪري.
2 سو دائود پنهنجي سپهه‌سالار يوآب ۽ فوج جي سالارن کي چيو
ته ”اتر واري دان شهر کان وٺي ڏکڻ واري بيرسبع شهر تائين سڄي
ملڪ ۾ وڃي بني اسرائيل جي جوان مردن جو شمار ڪريو. پوءِ اچي
مون کي ٻڌايو ته جيئن مون کي خبر پوي ته جنگ جي لائق ڪل
ڪيترا جوان آهن.“
3 پر يوآب ڪيس وراڻيو ته ”شل خداوند تنهنجي لشڪر کي سؤڻو
وڌائي. اي منهنجا آقا بادشاهه! ڇا اهي سڀ اوهان جا ٻانها ناهن؟
منهنجو آقا بادشاهه ائين ڇو ٿو ڪرڻ گهري؟ هو بني اسرائيل کي
گناهه منجهه ڇو ٿو وجهي؟“ 4 انهيءَ هوندي به بادشاهه پنهنجي
ڳالهه تان نه لٿو. سو يوآب روانو ٿيو ۽ اسرائيل جي ساري ملڪ جو
دورو ڪيائين ۽ پوءِ موٽي يروشلم ۾ آيو. 5 يوآب دائود کي فوج
۾ شامل ٿيڻ جي لائق ماڻهن جو تعداد ٻڌايو ته چار لک ستر هزار
جوان مرد بني يهوداه جا هئا ۽ جملي يارهن لک جوان مرد باقي بني
اسرائيل جا هئا. 6 پر لاوي ۽ بنيامين قبيلي وارن کي يوآب شمار
۾ شامل نه ڪيو، ڇاڪاڻ‌ته بادشاهه جو حڪم ڪيس ناپسند هو.

## مردم شماريءَ جي سزا
(2.سموئيل 24:10–16)

7 انهيءَ حڪم مان خدا به خوش نه هو، تنهنڪري خدا بني
اسرائيل کي سزا ڏني. 8 پوءِ دائود خدا کي چيو ته ”اهو ڪم ڪري
مون وڏو گناهه ڪيو آهي. هاڻي، آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان ته
پنهنجي هن ٻانهي جو گناهه معاف ڪر. مون ڏاڍي بي‌عقلي ڪئي
آهي.“
9 تڏهن خداوند دائود جي جاد نالي غيبدان کي فرمايو ته 10 ”وڃي
دائود کي منهنجو هي فرمان ٻڌاءِ ته ’آءٌ خداوند تنهنجي اڳيان ٽي
آفتون رکان ٿو، جن مان هڪڙي چوندي ڪڻ ته آءٌ اها تو تي نازل
ڪريان.‘“ 11 سو جاد اچي دائود کي چيو ته ”خداوند فرمائي ٿو ته
هنن مان جيڪا ڳالهه تو کي وڻي سا قبول ڪر: 12 ٽي سال ڏڪار، يا
ٽي مهينا تنهنجا دشمن تلوار کنيون توهان کي پڇائيندا وتن، يا ٽي
ڏينهن خداوند جي تلوار يعني وبا اوهان جي ملڪ ۾ پوي ۽ خداوند
جو ملائڪ بني اسرائيل جي سڄي ملڪ ۾ تباهي مچائي. هاڻي
ويچار ڪري ٻڌاءِ ته جنهن مون کي موڪليو آهي تنهن کي وڃي

1:20 2.سم 11:1   5:20 1.سم 17:4–7

کھڙو جواب ڏيان." 13 دائود جاد کي چيو تہ "آءٌ ڏاڍي مشڪلات
۾ آهيان. آءٌ ماڻھن جي هٿان سزا نہ ٿو چاهيان، ڀلي تہ خداوند مون
کي سزا ڏئي ڇوتہ هن جي رحمت تمام وسيع آهي."
14 سو خداوند بني اسرائيل تي وبا جي بيماري موڪلي ۽ بني
اسرائيل جا ستر هزار ماڻھو مري ويا. 15 خدا هڪڙي ملائڪ کي
موڪليو تہ يروشلم کي تباهہ ڪري. هو اجا تباهہ ڪري ئي رهيو
هو تہ خداوند کي ترس اچي ويو سو انھيءَ ملائڪ کي چيائين
تہ "بس، هاڻي پنھنجو هٿ جھل." تنھن وقت خداوند جو ملائڪ
اُروناہ يبوسيءَ جي اَن ڳاهڻ واري پِڙ جي پاسي ۾ بيٺو هو.

## وبا ٽارڻ لاءِ دائود جو قربانگاهہ جوڙڻ

(2.سموئيل 24:17–25)

16 دائود مٿي نھاري ڏٺو تہ خداوند جو ملائڪ آسمان ۽ زمين جي
وچ ۾ اگھاڙي تلوار يروشلم جي مٿان جھليو بيٺو آهي. تڏهن دائود
۽ اڳواڻ، جن کي کٿا ڍڪيل هئا، تن زمين تي سر رکي سجدو ڪيو.
17 دائود دعا گھري تہ "اي خدا! جنگي جوانن کي شمار ڪرڻ جو
مون ئي حڪم ڏنو هو. مون ئي گناهہ ڪيو آهي ۽ غلطي ڪئي
اٿم. هنن ويچارن کھڙو قصور ڪيو آهي؟ سو اي خداوند منھنجا
خدا! مون کي ۽ منھنجي گھراڻي کي ڀلي سزا ڏي، پر هنن ماڻھن
کي وبا سان نہ مار."
18 تڏهن خداوند جي ملائڪ جاد کي حڪم ڏنو تہ "دائود کي چئُہ
تہ هو اُروناہ يبوسيءَ جي اَن ڳاهڻ واري پِڙ وٽ وڃي مون خداوند جي
لاءِ هڪڙي قربانگاهہ ٺاهي." 19 دائود جاد جي چوڻ موجب جيئن
خداوند فرمايو هو تيئن اوڏانھن ويو. 20 ان وقت اُروناہ ۽ سندس
چار پٽ اتي ڪٽڪ جو ڳاهہ ڳاهي رهيا هئا، تن جڏهن منھن ڦيرائي
ملائڪ کي ڏٺو تڏهن اُروناہ جا چار ئي پٽ وڃي لڪي پيا. 21 دائود
جڏهن اوڏانھن ويجھو پھتو، تڏهن اُروناہ دائود کي ڏٺو ۽ پنھنجي
اَن ڳاهڻ واري پِڙ مان نڪري دائود جي اڳيان جھڪي منھن زمين
تي رکي کيس تعظيم ڏنائين.
22 پوءِ دائود اُروناہ کي چيو تہ "مون کي پنھنجو اَن ڳاهڻ وارو
پِڙ ڏي، تہ آءٌ اتي خداوند جي لاءِ هڪڙي قربانگاهہ جوڙيان تہ مَن
خلق تان وبا ٽري وڃي. تون انھيءَ پِڙ لاءِ ڀلي مون کان پوري قيمت
وٺ." 23 اُروناہ دائود کي چيو تہ "ڀلي وٺو. جيئن اوهان منھنجي
آقا بادشاهہ کي وڻي تيئن ڪريو. آءٌ اوهان کي ساڙڻ واري قربانيءَ
لاءِ ڏاند، ڪاٺين جي لاءِ ڳاهڻ جا اوزار ۽ اناج جي قربانيءَ لاءِ
ڪڻڪ ڏيندس. آءٌ اهو سڀڪي رضا خوشيءَ سان اوهان کي ڏيندس."
24 پر دائود بادشاهہ کيس وراڻيو تہ "ائين نہ ٿيندو. آءٌ انھيءَ لاءِ
رقم ڏيندس. آءٌ اهڙي ڪابہ قرباني خداوند لاءِ پيش نہ ڪندس
جيڪا تنھنجي ملڪيت هجي ۽ اهڙي ڪابہ شيءِ خداوند لاءِ نہ
وٺندس جنھن جي لاءِ مون رقم نہ ڏني هجي." 25 اهڙيءَ طرح دائود
اُروناہ کي انھيءَ جاءِ لاءِ ست ڪلوگرام سون ڏنو. 26 پوءِ دائود اتي
خداوند جي لاءِ هڪڙي قربانگاهہ جوڙائي ۽ ساڙڻ واريون قربانيون
۽ سلامتيءَ جون قربانيون پيش ڪيائون. هن خداوند کان دعا گھري
۽ خداوند آسمان مان باهہ موڪلي کيس ورندي ڏني، جنھن اچي
قربانگاهہ تي پيش ڪيل قربانيون ساڙي ڇڏيون.
27 سو جڏهن خداوند ملائڪ کي حڪم ڏنو تڏهن هن پنھنجي
تلوار موٽائي مياڻ ۾ وجھي ڇڏي. 28 دائود جڏهن اهو سڀ ڏٺو تہ
خداوند کيس اُروناہ يبوسيءَ جي اَن ڳاهڻ واري پِڙ وٽ سندس دعا
جو جواب ڏنو آهي، تڏهن هن اتي ئي جانورن جون قربانيون پيش
ڪيون، 29 جڏهن تہ بيابان ۾ موسيٰ جو ٺاهيل مقدس خيمو ۽ ساڙڻ
واري قربانيءَ جي قربانگاهہ ان وقت گبعون جي ٽڪر واري جاءِ
تي هئا. 30 پر دائود خداوند جي عبادت جي لاءِ اوڏانھن نہ وڃي
22 سگھيو، ڇاڪاڻتہ هو خداوند جي ملائڪ جي تلوار کان
ڊنو ٿي. 1 سو دائود چيو تہ "هتي اَن ڳاهڻ واري پِڙ وٽ
ئي خداوند جو هيڪل ٺاهيو ويندو ۽ اڳتي هي ئي بني اسرائيل لاءِ
ساڙڻ واري قرباني پيش ڪرڻ جي قربانگاهہ ٿيندي."

## خداوند جو هيڪل تعمير ڪرڻ جي تياري

2 دائود بادشاهہ جي حڪم مطابق بني اسرائيل جي ملڪ ۾
جيڪي ڌاريا ماڻھو هئا تن کي گڏ ڪري انھن مان سنگتراش مقرر
ڪيا ويا تہ جيئن اهي خدا جي هيڪل لاءِ پٿر گھڙين. 3 دائود درن
جي طاقن ۽ جوڙن جي ڪلين لاءِ تمام گھڻو لوهہ ۽ بيِ‌انداز پتل
پڻ ڏنو. 4 هن صيدانين ۽ صور جي رهاڪن کان گھرايل تمام گھڻا
ديال جا بنڊ پڻ ڏنا. 5 دائود چيو تہ "منھنجو پٽ سليمان اجان ننڍڙو
۽ ناتجربيڪار آهي. خداوند جي لاءِ جيڪو گھر ٺاهڻو آهي سو تمام
سھڻو ۽ سڄيءَ دنيا ۾ مشھور ۽ شاندار هئڻ گھرجي. تنھنڪري
آءٌ انھيءَ لاءِ اڳي ئي تياري ڪري ڇڏيان." سو دائود انھيءَ لاءِ
پنھنجي وفات کان اڳي ئي گھڻي تياري ڪري ڇڏي هئي.
6 پوءِ هن پنھنجي پٽ سليمان کي گھرائي خداوند، بني اسرائيل
جي خدا لاءِ هڪڙو گھر تعمير ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو. 7 دائود
پنھنجي پٽ سليمان کي چيو تہ "اي پٽ! اها ڳالهہ منھنجي دل ۾
تہ هئي تہ آءٌ خداوند پنھنجي خدا جي نالي تي هڪڙو گھر ٺاهيان.
8 پر خداوند جو ڪلام مون تي نازل ٿيو تہ 'تو گھڻو رت وهايو آهي
۽ وڏيون جنگيون وڙهيو آهين. سو زمين تي انھيءَ وهايل رت جي
ڪري تون منھنجي نالي تي گھر نہ ٿو ٺاهي سگھين. 9 پر تو کي
هڪڙو پٽ ڄمندو جيڪو صلح پسند هوندو ۽ آءٌ کيس سڀني آس‌پاس

10–7:22 2.سمـ 7:1–16، 1.توا 17:1–14

وارن دشمنن کان آرام ڏيندس. هن جو نالو *سليمان هوندو ۽ آءٌ
هن جي بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾ بني اسرائيل کي امن ۽ سلامتي
ڏيندس. 10 هو ئي منهنجي نالي تي هيڪل ٺاهيندو. هو منهنجو پٽ
ٿيندو ۽ آءٌ سندس پيءُ ٿيندس. آءٌ سندس بادشاهت جو تخت هميشه
لاءِ بني اسرائيل تي قائم ڪندس.’“

11 دائود وڌيڪ چيو ته ”هاڻي اي پٽ! خداوند شل تو سان گڏ هجي
۽ خداوند تنهنجو خدا پنهنجي هيڪل ٺاهڻ ۾ شل تو کي ڪامياب
ڪري، جيئن هن تنهنجي باري ۾ فرمايو آهي. 12 جڏهن خداوند
بني اسرائيل کي تنهنجي حڪم هيٺ رکي، تڏهن شل هو تو کي
عقل ۽ سمجهه ڏئي ته جيئن تون خداوند پنهنجي خدا جي شريعت
جي پيروي ڪري سگهين. 13 جيڪڏهن تون انهن قاعدن قانونن تي
وڏي خبرداريءَ سان هلندين، جيڪي خداوند موسيٰ جي معرفت بني
اسرائيل کي ڏنا هئا، ته پوءِ تون ڪامياب ٿي ويندين. سو مضبوط ۽
همت وارو ٿيءُ، نڪي ڊڄ ۽ نه ئي وري همت هار. 14 ڏس، مون ڏاڍي
ڪوشش سان خداوند جي گهر لاءِ ساڍا ٽي هزار ٽن سون ۽ چوٽيهه
هزار پنج سؤ ٽن چاندي گڏ ڪئي آهي. انهيءَ کان سواءِ بي‌انداز
لوهه ۽ پتل به گڏ ڪيو اٿم ۽ ڪاٺ ۽ پٿر به تيار ڪيو اٿم، مگر تون
انهن کي اڃا به وڌاءِ. 15 تو وٽ گهڻا ئي ڪاريگر سنگتراش، پٿر ۽
ڪاٺ تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ ۽ اهڙا ماڻهو پڻ آهن جيڪي طرح طرح
جي ڪمن ۾ ماهر آهن، 16 يعني سون، چانديءَ، پتل ۽ لوهه جي ڪم
۾. سو هاڻ ڪم شروع ڪر، خداوند شل هميشه تو سان گڏ هجي!“

17 پوءِ دائود بني اسرائيل جي سڀني اڳواڻن کي حڪم ڏنو ته
سندس پٽ سليمان جي مدد ڪن. 18 هن کين چيو ته ”خداوند اوهان
جو خدا اوهان سان آهي. هن اوهان کي هر طرف کان آرام ڏنو آهي.
هن ملڪ ۾ جيڪي اڳ رهندا هئا، تن کي هن منهنجي هٿ ۾ ڏنو
آهي ۽ هاڻي هو سڀ خداوند جي ۽ اوهان جي تابع آهن. 19 هاڻ اوهين
پنهنجي دل وَ جان سان خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ڪريو. هاڻ
اٿو ۽ خداوند خدا جي لاءِ هڪ عبادت‌گاهه ٺاهيو، ته جيئن اوهان
خداوند جي عهد واري صندوق ۽ خدا جا پاڪ ٿانوَ آڻي انهيءَ گهر
۾ رکي سگهو، جيڪو خداوند جي نالي تي تعمير ڪيو ويندو.“

23 1 جڏهن دائود تمام پوڙهو ٿي ويو، تڏهن هن پنهنجي پٽ
سليمان کي بني اسرائيل تي بادشاهه مقرر ڪيو.

## لاوين جي مقرر خدمت

(32–2:23)

2 دائود بادشاهه بني اسرائيل جا سڀ اڳواڻ، ڪاهن ۽ لاوي پاڻ
وٽ گهرايا. 3 ٽيهن سالن ۽ انهيءَ کان مٿي عمر وارن لاوين کي
ڳڻيو ويو، جن جو تعداد اٺٽيهه هزار ٿيو. 4 بادشاهه انهن مان
چوويهه هزار خداوند جي هيڪل جي خدمت لاءِ مقرر ڪيا ۽ ڇهن
هزارن کي عملدار ۽ جج مقرر ڪيائين. 5 بادشاهه چئن هزارن کي
دربان مقرر ڪيو ۽ چئن هزارن کي مقرر ڪيائين ته اهي خداوند جي
واکاڻ انهن سازن سان ڪن جيڪي کين پاڻ موجود ڪري ڏنا هئائين.

6 دائود لاوين کي سندن گهراڻن موجب ٽن حصن ۾ ورهايو،
جهڙوڪ: گيرشون، قهات ۽ مراري.

### (بني گيرشون)

7 گيرشون ولد لاوي جا پٽ لبني ۽ شمعي هئا. 8 لبني ولد
گيرشون جا ٽي پٽ هئا: يحي‌ايل، زيتام ۽ يوايل. 9 اهي لبني جي
اولاد مان گهراڻن جا وڏا هئا. شمعي ولد گيرشون جا هي ٽي پٽ
هئا: سلوميت، حزي‌ايل ۽ حاران. 10 شمعيءَ جا هي چار پٽ به هئا:
يحت، زينا، يعوس ۽ بريعه. 11 يحت پهريتو هو ۽ زينا ٻئي نمبر تي
ڄائو. جيئن ته يعوس ۽ بريعه کي گهڻو اولاد ڪونه هو تنهنڪري
انهن کي هڪڙو ئي گهراڻو شمار ڪيو ويو.

### (بني قهات)

12 قهات جا هي چار پٽ هئا: عمرام، اضهار، حبرون ۽ عزي‌ايل.
13 عمرام ولد قهات جا پٽ هارون ۽ موسيٰ هئا. هارون ۽ سندس
اولاد کي هميشه لاءِ ڪاهن مقرر ڪيو ويو هو ته هو مخصوص
شين جي سنڀال ڪن، خداوند اڳيان جانورن جون قربانيون پيش ڪن،
سندس خدمت ڪن ۽ سندس نالي تي هميشه دعا ڏيندا رهن. 14 پر
خدا جي بندي موسيٰ جي اولاد کي رڳو لاوين جي قبيلي طور ڳڻيو
ويو. 15 موسيٰ جا پٽ گيرشوم ۽ اليعزر هئا. 16 گيرشوم جو پٽ
سبوايل پنهنجي گهراڻي جو وڏو بڻيو. 17 اليعزر کي رحبياه نالي
هڪڙو ئي پٽ هو، جنهن کي گهڻو ئي اولاد هو.
18 اضهار ولد قهات جو پٽ سلوميت پنهنجي گهراڻي جو وڏو هو.
19 حبرون ولد قهات جا ترتيبوار هي چار پٽ هئا: يرياه، امرياه،
يحزي‌ايل ۽ يقمعام.
20 عزي‌ايل ولد قهات جا ٻه پٽ هئا: پهريون ميڪاه ۽ ٻيو يسياه.

### (بني مراري)

21 مراريءَ جا پٽ محلي ۽ موشي هئا. محلي ولد مراريءَ جا
پٽ اليعزر ۽ قيس هئا. 22 اليعزر ري‌پٽيتو مري ويو، ڪيس رڳو ڌيئر
هيون. قيس جا پٽ جيڪي سندن سؤٽ هئا تن ساڻن شاديون ڪيون.
23 موشي ولد مراريءَ جا هي ٽي پٽ هئا: محلي، عيدر ۽ يريموت.
24 سو لاويءَ جو اولاد اهي هئا، جن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي
گهراڻي ۽ ڪٽنب جي وڏي طور پنهنجي پنهنجي نالي سان شمار

*سليمان: هي نالو انهيءَ عبراني لفظ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ’امن ۽ سلامتي‘.

13:22 يش 1:6–9 1:23 1.با 1:1–40 13:23 خر 1:28

ڪيو ويو. لاويءَ جي اولاد مان جيڪي ويهن سالن ۽ ان کان
مٿي جي عمر جا هئا، سي خداوند جي هيڪل ۾ خدمت تي مقرر
هئا. 25 ڇالاءِجو دائود چيو هو تہ ”خداوند، بني اسرائيل جي خدا
پنهنجيءَ قوم کي آرام بخشيو آهي ۽ يروشلم ۾ هميشہ لاءِ رهڻ
آيو آهي. 26 هاڻ لاوين کي وري ڪڏهن بہ مقدس خيمو ۽ انهيءَ
جي خدمت جا ٿانوَ کڻڻا نہ پوندا.“ 27 سو دائود جي آخري هدايتن
موجب ويهن سالن ۽ ان کان مٿي عمر وارا بني لاوي شمار ڪيا ويا.
28 لاوين تي اهو ڪم رکيو ويو تہ هو خداوند جي هيڪل جي
خدمت جي وقت، اڱڻ ۽ حجرن ۾ ۽ سڀني مخصوص شين جي
سنڀال ڪرڻ ۾ بني هارون جي مدد ڪن. 29 سندن هيءَ پڻ ذميواري
هئي: خداوند اڳيان نذر ڪيل ماني، نذرانن ۾ استعمال ٿيندڙ اٽو،
بيخميري ڍوڍا، پڪل مانين جا نذرانا ۽ زيتون جي تيل ۾ ڳوهيل اٽو
پيش ڪرڻ، خداوند جي هيڪل ۾ پيش ٿيندڙ نذرانن جي تور ماپ
ڪرڻ، 30 روز صبح ۽ شام جو خداوند جو شڪر ۽ تعريف ڪرڻ 31 ۽
سبت، نئين چنڊ جي عيد ۽ ٻين مقرر ڪيل عيدن تي قربانيون پيش
ڪرڻ وقت پڻ خداوند جو شڪر ۽ تعريف ڪرڻ. انهن لاءِ قاعدا مقرر
ڪيا ويا تہ خداوند جي حضور ۾ انهن ذميوارين پوري ڪرڻ لاءِ
هر مقرر ڪيل وقت تي ڪيتري تعداد ۾ هجن. لاوين کي هميشہ
لاءِ خداوند جي عبادت جي اها ذميواري سونپي ويئي. 32 اهڙيءَ
طرح لاوي مقدس خيمي ۽ ان جي مخصوص شين جي حفاظت وارن
قاعدن مطابق بني هارون يعني ڪاهنن جي نظرداريءَ هيٺ خداوند
جي هيڪل جي خدمت ڪندا ٿا اچن.

## ڪاهنن جي ڪمن جي ورهاست

24 1 هي آهن اهي ٽولا جيڪي هارون جي اولاد مان هئا.
هارون کي هي چار پٽ هئا: ندب، ابيهو، اليعزر ۽ اتمر.
2 ندب ۽ ابيهو پنهنجي پيءُ جي جيئري ئي مري ويا ۽ کين ڪوبہ
اولاد ڪونہ هو، تنهنڪري اليعزر ۽ اتمر ڪاهن بڻيا. 3 دائود
بادشاهہ اليعزر جي اولاد مان صدوق ڪاهن ۽ اتمر جي اولاد مان
اخيملڪ ڪاهن جي مدد سان ڪاهنن جي ذميواري پوري ڪرڻ لاءِ
بني هارون کي ٽولن ۾ ورهايو. 4 اليعزر جي اولاد مان اتمر جي
اولاد کان وڌيڪ اڳواڻ هٿ آيا، سو انهن ٽولن کي هن طرح ورهايو
ويو: اليعزر جي ڪٽنبن مان سورهن ٽولن جا اڳواڻ ۽ اتمر جي ڪٽنبن
مان اٺن ٽولن جا اڳواڻ. 5 اهي بنا ڪنهن طرفداريءَ جي ڪُڻن
رستي ورهايا ويا تہ جيئن ٻنهي گهراڻن مان هيڪل جا اهي عملدار ۽
ڪاهن ترتيبوار مقرر ڪيا وڃن. 6 لاوي قبيلي جي نتنيايل جو پٽ
سمعياه، جيڪو شاهي محرر هو تنهن بادشاهہ ۽ سندس علمدارن
جي روبرو انهن جا نالا لکيا. تنهن وقت صدوق ڪاهن، اخيملڪ ولد
ابيياتر، ڪاهنن ۽ لاوين جي گهراڻن جا وڏا پڻ شاهد طور موجود
هئا. اليعزر ۽ اتمر جي گهراڻن جو واري وٽيءَ سان ڪڻو ڪنيو ويو
7 ۽ ڪڻي ۾ هن ترتيب سان نالا نڪتا: پهريون نالو يهويريب جو
هو، ٻيو يدعياه، 8 ٽيون حارم، چوٿون شعوريم، 9 پنجون ملڪياه،
ڇهون ميامين، 10 ستون هقوض، اٺون ابياه، 11 نائون يشوع، ڏهون
سڪانياه، 12 يارهون الياسب، ٻارهون يقيم، 13 تيرهون خفاه، چوڏهون
يسباب، 14 پندرهون بلجاه، سورهون امير، 15 سترهون حزير، ارڙهون
فضيض، 16 اوڻيهون فتحياه، ويهون يحزقيل، 17 ايڪيهون ياڪن،
ٻاويهون گمول، 18 ٽيويهون دلاياه، ۽ چوويهون نالو معزياه جو هو.
19 اهو انهن جي ڪهانت واري خدمت جي ترتيب جو نمونو هو،
جڏهن هو خداوند جي هيڪل ۾ داخل ٿيندا هئا. ڪهانت جون اهي
خدمتون خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي حڪم سان سندن ابي
ڏاڏي هارون سندن لاءِ مقرر ڪيون هيون.

## باقي بچيل لاوي

20 لاويءَ جي اولاد مان باقي بچيل گهراڻن جا وڏا هي آهن:
يهدياه جيڪو سبوايل جي اولاد مان هو ۽ سبوايل عمرام جي
اولاد مان هو،
21 يسياه جيڪو رحبياه جي اولاد مان هو،
22 يحت جيڪو سلومت جي اولاد مان هو ۽ سلومت اضهار جي
اولاد مان هو،
23 حبرون جي پٽن مان ترتيبوار پهريون يرياه، ٻيو امرياه، ٽيون
يحزيايل ۽ چوٿون يقمعام هو،
24 سمير جيڪو ميڪاه جي اولاد مان هو ۽ ميڪاه عزيايل جي
اولاد مان هو،
25 زڪرياه جيڪو يسياه جي اولاد مان ۽ يسياه ميڪاه جو ڀاءُ هو،
26 مراريءَ جا پٽ محلي ۽ موشي هئا ۽ يعزياه پڻ سندس اولاد
مان هو.

27 يعزياه ولد مراريءَ جا پٽ هي هئا: سوهم، زڪور ۽ عبري.
28 محلي ولد مراريءَ کي اليعزر ۽ قيس نالي بہ پٽ هئا. اليعزر کي
پٽ جو اولاد ڪونہ هو، 29 جڏهن تہ قيس کي يرحميئيل نالي هڪ پٽ
هو. 30 موشي ولد مراريءَ کي محلي، عيدر ۽ يريموت نالي پٽ هئا.
سو اهي سڀ لاوين جي گهراڻن جا وڏا هئا. 31 جيئن سندن مائٽن
بني هارون ڪُڻا وڌا هئا، تيئن ئي هنن سڀني بہ ڪُڻا وڌا. ان وقت
بہ دائود بادشاهہ، صدوق ۽ اخيملڪ ڪاهن ۽ ڪاهنن ۽ لاوين جي
گهراڻن جا وڏا شاهد طور موجود هئا. ڪٽنن ۾ وڏ ننڍائيءَ جو ڪو
فرق نہ رکيو ويو.

26:23 شر 8:10 32–28:23 ڳا 5:3–9 2:24 لاو 1:10–2

## هيڪل جا ڳائڻا

25 1 دائود ۽ لاوي اڳواڻن گڏجي آسف، هيمان ۽ يدوتون کي
سندن پٽن سميت سندن گھراڻن مان خدمت لاءِ چونڊي ڌار
ڪيو تہ هو هيڪل ۾ سارنگيون، دنبورا ۽ ٺليون وڄائڻ سان خدا جو
ڪلام ٻڌائين. انهن خدمت ڪرڻ وارن جي فهرست ۽ سندن خدمت
هي آهي:
2 آسف سان گڏ سندس چار پٽ زڪور، يوسف، نتنياه ۽ اسري‌لاه
هئا. اهي پنهنجي پيءُ آسف جي نگرانيءَ هيٺ بادشاهہ
دائود جي حڪم موجب خدا جو ڪلام ٻڌائيندا هئا.
3 يدوتون سان گڏ سندس ڇهہ پٽ گدلياه، ضري، يسعياه،
سمعي، حسبياه ۽ متتياه هئا، جيڪي پنهنجي پيءُ يدوتون
جي نگرانيءَ هيٺ سارنگيون وڄائيندي خداوند جي شڪر
۽ تعريف سان سندس ڪلام ٻڌائيندا هئا.
4 هيمان سان گڏ سندس چوڏهن پٽ بقياه، متنياه، عزي‌ايل،
سبوايل، يريموت، حنانياه، حناني، الياتہ، گدالتي،
روممتي‌عزر، يسبقاشہ، ملوتي، هوتير ۽ محازيوت
هئا. 5 سندن پيءُ هيمان بادشاهہ جو غيبدان هو. خدا
پنهنجي واعدي موجب ڪيس وڌائڻ لاءِ چوڏهن پٽ ۽ ٽي
ڌيئرون ڏنيون. 6 اهي سڀ پنهنجي پيءُ جي نگرانيءَ
هيٺ خداوند جي هيڪل ۾ عبادت لاءِ ٺليون، دنبورا ۽
سارنگيون وڄائيندا هئا. آسف، يدوتون ۽ هيمان پاڻ
بادشاهہ جي نگرانيءَ هيٺ هئا.

7 اهي چوويهہ ئي ڄڻا ڳائڻ وڄائڻ جا ماهر هئا ۽ انهن سان گڏ
ٻيا لاوي سکيا ورتل سازندا پڻ هئا، جيڪي جملي ٻہ سؤ اٺاسي
ڄڻا هئا. 8 انهن کي پڻ ننڍ وڏائيءَ توڙي استادي شاگرديءَ جي
فرق کان سواءِ ڪُٺا وجھي خدمت لاءِ چونڊيو ويو. 9 اهي ٻہ سؤ
اٺاسي ماڻهو پنهنجي گھراڻن مطابق چوويهن ٽولن ۾ ورهايا ويا،
هر ٽولي ۾ ٻارهن ٻارهن ڄڻا شامل هئا. انهن جي ذميواريءَ جي
ترتيب موجب سندن اڳواڻ هي هئا: پهرين ٽولي جو اڳواڻ آسف جي
گھراڻي مان يوسف هو، ٻي ٽولي جو اڳواڻ گدلياه هو، 10 ٽين ٽولي
جو اڳواڻ زڪور هو، 11 چوٿين ٽولي جو اڳواڻ ضري هو، 12 پنجين
ٽولي جو اڳواڻ نتنياه هو، 13 ڇهين ٽولي جو اڳواڻ بقياه هو، 14 ستين
ٽولي جو اڳواڻ يسري‌لاه هو، 15 اٺين ٽولي جو اڳواڻ يسعياه هو،
16 نائين ٽولي جو اڳواڻ متنياه هو، 17 ڏهين ٽولي جو اڳواڻ شمعي
هو، 18 يارهين ٽولي جو اڳواڻ عزي‌ايل هو، 19 ٻارهين ٽولي جو
اڳواڻ حسبياه هو، 20 تيرهين ٽولي جو اڳواڻ سبوايل هو، 21 چوڏهين
ٽولي جو اڳواڻ متتياه هو، 22 پندرهين ٽولي جو اڳواڻ يريموت هو،
23 سورهين ٽولي جو اڳواڻ حنانياه هو، 24 سترهين ٽولي جو اڳواڻ
يسبقاشہ هو، 25 ارڙهين ٽولي جو اڳواڻ حناني هو، 26 اوڻيهين ٽولي
جو اڳواڻ ملوتي هو، 27 ويهين ٽولي جو اڳواڻ الياتہ هو، 28 ايڪيهين
ٽولي جو اڳواڻ هوتير هو، 29 ٻاويهين ٽولي جو اڳواڻ گدالتي هو،
30 ٽيويهين ٽولي جو اڳواڻ محازيوت هو، 31 ۽ چوويهين ٽولي جو
اڳواڻ روممتي‌عزر هو.

## هيڪل جا دربان

26 1 اهي لاوي جيڪي هيڪل جي دربان طور چونڊيا ويا، تن
جي ترتيب هيءَ هئي. بني قوراح مان مسلمياه ولد قوري
چونڊيو ويو، جيڪو آسف جي گھراڻي مان هو. 2 مسلمياه جا ست
پٽ چونڊيا ويا، جيڪي ترتيبوار هي هئا: زڪرياه، يدي‌عيل، زبدياه،
يتني‌ايل، 3 عيلام، يهوحانان ۽ اليهوعيني.
4 عوبيدادوم جا اٺ پٽ چونڊيا ويا، جيڪي ترتيبوار هي هئا:
سمعياه، يهوزباد، يوآخ، سڪار، نتني‌ايل، 5 عمي‌ايل، اِسڪار،
فعلتي. خدا عوبيدادوم کي انهن اٺن پٽن سان نوازيو هو. 6-
7 عوبيدادوم جي وڏي پٽ سمعياه جا هي ڇهہ پٽ چونڊيا ويا:
عتني، رفايل، عوبيد، الزباد، اليهو ۽ سماڪياه. اهي پنهنجي اباڻي
گھراڻي جا وڏا ۽ معزز ماڻهو پڻ هئا. 8 عوبيدادوم جي ڪٽنب وارا
اهي جملي ٻاهٺ ڄڻا هئا، جيڪي خدمت ڪرڻ جي لائق ۽ سگھارا
هئا.
9 مسلمياه جي ڪٽنب وارا جملي ارڙهن ڄڻا هئا، جيڪي خدمت
جي لائق هئا.
10 بني مراريءَ مان حوساه جا هي پٽ چونڊيا ويا: سمري،
جيتوڻيڪ هو پهريتو پٽ نہ هو تنهن هوندي بہ سندس پيءُ ڪيس
سردار مقرر ڪيو هو، 11 خلقياه، طبلياه ۽ زڪرياه. حوساه جي ڪٽنب
وارا اهي جملي تيرهن ڄڻا هئا.
12 هيڪل جي انهن دربانن کي سندن ڪٽنبن موجب ٽولن ۾ ورهايو
ويو ۽ هيڪل ۾ ڪين ڪم تي مقرر ڪيو ويو، جيئن ٻيا لاوي مقرر
هئا. 13 انهن مان ننڍن توڙي وڏن ڪٽنبن ڪُٺا وڌا تہ ڪين ڪهڙي
دروازي جي ذميواري سنڀالڻي آهي.
14 اوڀر واري دروازي لاءِ سلمياه جو ڪُٺو پيو. انهيءَ کان پوءِ
سندس پٽ زڪرياه، جيڪو عقلمند مشير هو، تنهن لاءِ ڪُٺو وڌو
ويو ۽ اُهو ڪُٺو اتر واري دروازي لاءِ پيو. 15 عوبيدادوم جو ڪُٺو
ڏکڻ واري دروازي لاءِ پيو ۽ سندس پٽن جو ڪُٺو گودام لاءِ پيو.
16 سفيم ۽ حوساه جا ڪُٺا اولهہ واري دروازي ۽ سلڪت دروازي
لاءِ پيو جيڪي چاڙهيءَ واري رستي تي هئا.
دربانن کي هڪٻئي پٺيان مسلسل فرض جي ادائگيءَ تي مقرر
ڪيو ويو هو. 17 اڀرندي پاسي ڇهہ دربان، اتر پاسي چار، ڏکڻ پاسي

---

26:4–5 2.سمـ 6:11، 1.توا 13:14

چار ۽ پنهي گودامن تي ٻه ٻه دربان مقرر ڪيا ويا. 18 الهندي پاسي
اڱڻ طرف چار دربان چاڙهيءَ وٽ ۽ ٻه اڱڻ منجهه مقرر ڪيا ويا.
19 بني قوراح ۽ بني مراريءَ جي اولاد مان اهي ٽولا دربانيءَ لاءِ
مقرر ڪيا ويا.

## هيڪل لاءِ ٻيا فرائض

20 هنن جا ٻيا لاوي ڀائر خدا جي هيڪل جي خزانن ۽ وقف ڪيل
شين جي خزانن جا نگران هئا. 21 لعني جيڪو گيرشون جي پٽن مان
هڪ هو، سو پنهنجي گهڻن ئي گهراڻن جو وڏو هو، جنهن مان هڪ
سندس پٽ يحي‌ايل جو گهراڻو هو. 22 يحي‌ايلي جا ٻه پٽ ايتام ۽
يوايل هيڪل جي خزانن جي مٿان نگران هئا. 23 قوراح جي گهراڻي
مان بني عمرام، بني اضهار، بني حبرون ۽ بني عزي‌ايل کي ٻه
ذميواريون سونپيل هيون.
24 اليعزر جي ڀاءُ گيرشوم ولد موسيٰ جي اولاد مان سبوايل خزانن
جي مٿان اعليٰ عملدار هو. 25 سبوايل جو مائٽ سلوميت ولد زڪري
ولد يورام ولد يسعياه ولد رحبياه ولد اليعزر 26 ۽ سندس مائٽ انهن
سڀني وقف ڪيل شين جي گودامن جي مٿان نگران هئا، جيڪي شيون
دائود بادشاهه ٽوڙي گهراڻن جي وڏن، لشڪر جي هزارن ۽ سون جي
ٽولن جي سالارن ۽ سپهه‌سالارن وقف ڪيون هيون. 27 جنگين ۾
هٿ آيل لٽ جو مال هنن خداوند جي هيڪل جي لاءِ وقف ڪيو هو.
28 اُهي سڀيئي شيون جيڪي غيبدان سموئيل، بادشاهه سائول ولد
قيس، ابنير ولد نير ۽ يوآب جنهن جي ماءُ ضروياه هئي، وقف ڪيون
هيون ۽ ٻين به جيڪي ڪجهه وقف ڪيو هو، سو سڀ سلوميت ۽
سندس مائٽن جي سنڀال هيٺ هو.

## ٻين لاوين جا فرائض

29 بني اظهار مان ڪنانياه ۽ انهيءَ جا پٽ هيڪل کان ٻاهرئين
ڪم لاءِ مقرر هئا، يعني اهي بني اسرائيل مٿان عملدار ۽ جج هئا.
30 بني حبرون مان حسبياه ۽ سندس مائٽ، جيڪي هڪ هزار ست
سؤ قابل ماڻهو هئا، سي بني اسرائيل جي مٿان اردن درياءَ جي
الهندي پاسي خداوند جي سموري ڪم ۽ بادشاهه جي خدمت لاءِ
مقرر هئا. 31 بني حبرون ۾ يرياه پنهنجي گهراڻي جو وڏو هو. دائود
جي بادشاهيءَ جي چاليهين سال تواريخ تي تحقيق ڪئي وئي تہ بني
حبرون واري گلعاد علائقي جي يعزير شهر ۾ تمام قابل ماڻهو ڏسڻ
۾ آيا. 32 يرياه کي ٻه هزار ست سؤ مائٽ هئا جيڪي قابل ماڻهو
۽ ڪٽنبن جا وڏا هئا، تن کي دائود بادشاهه اردن درياءَ جي اڀرندي
پاسي بني روبين تي، بني گد تي ۽ بني منسيءَ جي اڌ قبيلي تي
خدا جي هر ڪنهن ڪم ۽ بادشاهه جي هر ڪنهن ڪم لاءِ نگران
مقرر ڪيو.

## فوجي ٽولا

27 1 هي بني اسرائيل جا اهي ماڻهو آهن جيڪي گهراڻن جا
وڏا، لشڪر جا هزارن ۽ سون جا سالار ۽ سپهه‌سالار هئا
۽ جن ٽولن جي صورت ۾ دائود بادشاهه لاءِ ملڪ جي هر خدمت
سرانجام ٽي ڏني. پوري سال جي هر مهيني الڳ الڳ ٽولو خدمتون
انجام ڏيندو هو. انهن مان هر هڪ ٽولي ۾ چوويهه هزار ماڻهو هوندا
هئا. 2-15 هي ماڻهو ماهوار پنهنجي ٽولي جا سالار بڻايا ويندا هئا:

پهريون مهينو: يسوبعام ولد زبدي‌ايل جيڪو بني فارص ولد يهوداه مان هو.
ٻيو مهينو: دودي اخوحي. مقوت سندس نائب هو.
ٽيون مهينو: يهويدع ڪاهن جو پٽ بناياه. هي اهو بناياه آهي جيڪو ”ٽيهن جو ٽولو“ جي بهادرن مان سڀني کان طاقتور ۽ سندن اڳواڻ پڻ هو. سندس پٽ عميزباد به سندس ٽولي ۾ شامل هو.
چوٿون مهينو: يوآب جو ڀاءُ عساهيل. سندس پٽ زبدياه سندس نائب هو.
پنجون مهينو: سمهوت ازراخي.
ڇهون مهينو: عيرا ولد عقيس تقوعي.
ستون مهينو: بني افرائيم مان خلص فلطي.
اٺون مهينو: زرحي ولد يهوداه جي گهراڻي مان سبڪي حوساتي.
نائون مهينو: بني بنيامين مان ابي‌عزر عنتوتي.
ڏهون مهينو: زرحي ولد يهوداه جي گهراڻي مان مهري نطوفاتي.
يارهون مهينو: بني افرائيم مان بناياه فرعاتوني.
ٻارهون مهينو: غتني‌ايل جي گهراڻي مان خلدي نطوفاتي.

## قبيلن جا عملدار

16 دائود بادشاهه جي دور ۾ بني اسرائيل جي قبيلن مٿان هي
عملدار مقرر ٿيل هئا: روبن قبيلي جو عملدار اليعزر ولد زڪري هو،
شمعون قبيلي جو عملدار سفطياه ولد معڪه هو، 17 لاوي قبيلي
جو عملدار حسبياه ولد قموايل هو، هارون جي گهراڻي جو عملدار
صدوق هو، 18 يهوداه قبيلي جو عملدار اليهو هو، جيڪو دائود
بادشاهه جي ڀائرن مان هڪ هو، اِسڪار قبيلي جو عملدار عمري
ولد ميڪائيل هو، 19 زبولون قبيلي جو عملدار اسماعياه ولد عبدياه
هو، نفتالي قبيلي جو عملدار يريموت ولد عزري‌ايل هو، 20 افرائيم
قبيلي جو عملدار هوسيع ولد عزازياه هو، اولهه واري منسي قبيلي
جو عملدار يوايل ولد فداياه هو، 21 اوير واري منسي قبيلي جو
عملدار عيدو ولد زڪرياه هو، بنيامين قبيلي جو عملدار يعسي‌ايل
ولد ابنير هو، 22 ۽ دان قبيلي جو عملدار عزرايل ولد يروحام هو.

23 دائود بادشاهہ ويھن سالن جي عمر وارن يا انھيءَ کان گھٽ
عمر وارن کي شمار نہ ڪيو، ڇالاءِجو خداوند فرمايو هو تہ هو
بني اسرائيل کي ايترو تہ وڌائيندو جيترا آسمان ۾ تارا آهن. 24 يوآب
جنھن جي ماءُ جو نالو ضروياہ هو، تنھن آدمشماري ڪرڻ شروع
ڪئي پر اُها پوري نہ ڪيائين. انھيءَ آدمشماريءَ ڪرڻ ڪري بني
اسرائيل تي خداوند جو غضب اچي ڪڙڪيو ۽ اُهو شمار بادشاهہ
دائود جي تواريخ جي ڪتاب ۾ داخل نہ ڪيو ويو.

## شاهي ملڪيت جا باقي منتظم

25 شاهي خزانن جو نگران عزماوت ولد عدي‌ايل هو. ٻاهرين
علائقن، شهرن، ڳوٺن ۽ چونڪين جي خزانن جو نگران يونتن ولد
عُزياہ هو. 26 ٻنين ۾ پوک ڪندڙن جو نگران عزري ولد ڪلوب هو.
27 انگورن جي باغ جو نگران شمعي راماتي هو. مئي جي گدامن
واسطي انگورن جي باغ جي پيدائش جو نگران زبدي شفمي هو.
28 زيتون جا باغ، انجير جا وڻ جيڪي هيٺاهين زمين ۾ هئا تن جو
نگران بعل‌حنان جدري هو ۽ زيتون جي تيل جي گدامن جو نگران
يوآس هو. 29 جيڪو مال شارون چراگاهہ ۾ چرندو هو تنھن جو نگران
سطري شاروني هو. جيڪو مال ماترين ۾ هو تنھن جو نگران سافط
ولد عدلي هو. 30 اٺن جو نگران اوبل اسماعيل گھراڻي وارو هو.
گڏهن جو نگران يحدياہ مرونوتي هو. 31 رڍن ٻڪرين جي ڌڻن جو
نگران يازيز هاجري هو. اهي سڀ ماڻهو دائود بادشاهہ جي ملڪيت
جا منتظم هئا.

32 دائود جو چاچو يونتن عقلمند مشير ۽ شاهي محرر هو. يحي‌ايل
ولد حڪموني شهزادن جي سنڀال تي مقرر هو.

33 اخيتفل بادشاهہ جو صلاحڪار هو. حوسي ارڪي بادشاهہ جو
دوست هو. 34 اخيتفل جي وفات کان پوءِ يهويدع ولد بناياہ ۽ ابي‌ياتر
مشير بڻيا. شاهي فوج جو سپهہ‌سالار يوآب هو.

## هيڪل لاءِ دائود جون رٿون

28 1 دائود بني اسرائيل جي هنن سڀني عملدارن کي يروشلم
۾ گڏ ٿيڻ لاءِ سڏايو: قبيلن جا سردار، بادشاهہ جي خدمت
ڪندڙ ٽولن جا سالار، لشڪر جي هزارن ۽ سون جي ٽولن جا سالار،
بادشاهہ ۽ سندس پٽن جي سموري ملڪيت ۽ مال جا نگران عملدار،
محل جا خدمتگار، مکيہ ماڻهو ۽ سڀ آزمودگار جوڌا جوان. 2 دائود
بادشاهہ انهن جي اڳيان اٿي بيٺو ۽ کين چيائين تہ ”اي منھنجا
ڀائرؤ! اي منھنجي قوم! منھنجي ڳالھہ ٻڌو. منھنجي دل ۾ هو تہ
خداوند جي عهد واري صندوق لاءِ آرامگاهہ ۽ پنھنجي خدا جي
لاءِ پيرن جي صندلي ٺاهيان ۽ مون انھيءَ جي ٺاهڻ جي تياري بہ
ڪئي هئي. 3 پر خداوند مون کي چيو تہ ’تون منھنجي نالي لاءِ
گھر تعمير نہ ڪر، ڇوتہ تون جنگي جوڌو آهين ۽ رت وهايو اٿيئي.‘
4 تنھن هوندي بہ خداوند، بني اسرائيل جي خدا، منھنجي پيءُ
جي سڄي گھراڻي مان مون کي چونڊيو تہ جيئن آءٌ هميشہ تائين
بني اسرائيل مٿان بادشاهي ڪريان. پهريائين هن يهوداہ قبيلي کي
اڳواڻ طور چونڊيو، پوءِ يهوداہ جي گھراڻن مان منھنجي پيءُ جي
گھراڻي کي چونڊيائين ۽ ان سڄي گھراڻي مان هن بني اسرائيل
مٿان بادشاهي ڪرڻ لاءِ مون کي چونڊيو. 5 جيئن تہ هن مون کي
گھڻيئي پٽ ڏنا آهن، سو منھنجي سڀني پٽن مان هن منھنجي پٽ
سليمان کي پسند ڪيو تہ هو بني اسرائيل مٿان خداوند جي سلطنت
جي تخت تي ويهي. 6 هن مون کي فرمايو تہ ’تنھنجو پٽ سليمان
منھنجو گھر تعمير ڪرائيندو. مون هن کي چونڊيو آهي تہ هو
منھنجو پٽ ٿئي ۽ آءٌ سندس پيءُ ٿيان. 7 جيڪڏهن هو منھنجي
حڪمن ۽ قانونن تي عمل ڪندو رهندو، جيئن هاڻ ڪري ٿو تہ آءٌ
سندس بادشاهي هميشہ لاءِ قائم رکندس.‘

8 تنھنڪري هاڻي آءٌ خداوند ۽ سندس قوم بني اسرائيل جي
روبرو اوهان کي تاڪيد ٿو ڪريان تہ اوهين خداوند پنھنجي خدا جي
سڀني حڪمن تي عمل ڪريو، تہ جيئن اوهين هن چڱي ملڪ جا
وارث ٿيندا رهو ۽ پاڻ کان پوءِ پنھنجي اولاد واسطي اهو هميشہ
لاءِ ميراث طور ڇڏي وڃو.“

## سليمان کي نصيحت

9 دائود وڌيڪ چيو تہ ”اي منھنجا پٽ سليمان! تون پنھنجي
پيءُ جي خدا کي سڃاڻ ۽ صاف دليءَ ۽ رضا خوشيءَ سان سندس
عبادت ڪر، ڇالاءِجو خداوند سڀني دلين کي پرکي ٿو ۽ هر اُهو خيال
جيڪو دل ۾ پيدا ٿئي ٿو سو بہ ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن تون هن جو طالبو
ٿيندين تہ تو کي سندس راضپو حاصل ٿيندو، پر جيڪڏهن تون هن
کي ڇڏي ڏيندين تہ هو تو کي هميشہ لاءِ رد ڪري ڇڏيندو. 10 سو
هاڻ سوچ ڪر، خداوند تو کي چونڊيو آهي تہ تون سندس پاڪ گھر
لاءِ هيڪل تعمير ڪرين. سو همٿ ٻڌي ڪم شروع ڪر.“

11 پوءِ دائود پنھنجي پٽ سليمان کي هيڪل جي ورانڊي،
تعميراتن، گودامن، بالاخانن، اندرين ڪوٺين ۽ مقدس ترين جاءِ جو
نقشو ڏنو. 12 دائود کيس انھن سڀني جاين جو نقشو پڻ ڏنو جيڪو
پاڪ روح هن جي دل ۾ وڌو هو، يعني خداوند جي هيڪل جي اڱڻ،
آس‌پاس جي حجرن، هيڪل جي خزانن ۽ وقف ڪيل شين جي گودامن
جو نقشو. 13 هن کيس ڪاهنن ۽ لاوين جي فرائضن ۽ خداوند جي
هيڪل جي سموري ڪم ڪار ۽ ان جي خدمت ۾ استعمال ٿيندڙ
سڀني ٿانون بابت هدايتون ڏنيون. 14 هن خدمت ۾ استعمال ٿيندڙ
سڀني سون توڙي چانديءَ جي شين ٺاهڻ لاءِ سندن وزن مقرر ڪيو.

23:27 پيد 5:15، 7:22، 4:26    24:27 2.سم 1:24–15، 1.توا 1:21–14    2:28 2.سم 1:7–16، 1.توا 1:17–14

15 سون ۽ چانديءَ جي شمعدان ۽ ان جي ڏياٽين لاءِ پڻ وزن مقرر
ڪيائين. 16 هن نذراني جي روٽن واري هر ميز لاءِ سون جو وزن مقرر
ڪيو ۽ چانديءَ جي ميزن لاءِ چانديءَ جو وزن مقرر ڪيائين. 17 دائود
کيس اهي هدايتون پڻ ڏنيون ته ڪيترو نج سون گوشت جي ڪنڊن،
ٿالهن ۽ جڳن تي لاتو وڃي ۽ چانديءَ ۽ سون جي ٿانون تي ڪيتري
چاندي ۽ سون استعمال ڪيو وڃي. 18 ان کان علاوه لوبان ساڙڻ لاءِ
قربانگاهه تي ۽ ان گاڏيءَ تي ڪيترو نج سون استعمال ڪيو وڃي
جنهن تي پردار آسماني مخلوق جا مجسما ناهجن، جن جا پر خداوند
جي عهد واري صندوق مٿان پکڙيل هوندا. 19 دائود چيو ته ”اهي
سڀيئي ڳالهيون يعني انهيءَ نموني جا ڪم خداوند جي طرفان جيئن
مون کي سمجهايا ويا آهن تن جي لکت آءٌ تو کي ڏيان ٿو.“
20 دائود پنهنجي پٽ سليمان کي هي به چيو ته ”مضبوط ۽ همت
وارو ٿيءُ ۽ اهو ڪم شروع ڪر. نڪي ڊڄ نڪي بيهمت ٿيءُ،
ڇالاءِجو خداوند خدا، منهنجو خدا، تو سان گڏ آهي. هو نه تو
کي وساريندو ۽ نه وري تو کي ڇڏي ڏيندو، جيستائين خداوند جي
هيڪل جي تعمير جو سمورو ڪم پورو نه ٿي وڃي. 21 ڪاهنن ۽
لاوين کي هيڪل ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. سڀيئي
ڪاريگر جيڪي هر قسم جي مهارت رکن ٿا سي تنهنجي مدد لاءِ
تيار آهن ۽ سڀ ماڻهو ۽ سندن اڳواڻ تنهنجي حڪم هيٺ آهن.“

## هيڪل جي تعمير لاءِ نذرانا

29 1 دائود بادشاهه سڄيءَ قوم کي چيو ته ”منهنجو پٽ
سليمان، جنهن کي ئي خدا چونڊيو آهي سو اڃا نوجوان ۽
ناتجربيڪار آهي ۽ ڪم تمام وڏو آهي، ڇاڪاڻ‌ته اهو هيڪل انسان
لاءِ نه آهي پر خداوند خدا جي لاءِ آهي. 2 سو مون پنهنجي وس آهر
پنهنجي خدا جي لاءِ سون جي شين واسطي سون، چانديءَ جي شين
واسطي چاندي، پتل جي شين لاءِ پتل، لوهه جي شين لاءِ لوهه،
ڪاٺ جي شين لاءِ ڪاٺ، سليماني پٿر، جڙاوت لاءِ قيمتي پٿر، شب
چراغ، هيرا ۽ هر قسم جا رنگين پٿر ۽ گهڻي مقدار ۾ اڇو سنگ‌مرمر
مهيا ڪري رکيو آهي. 3 انهيءَ کان علاوه مون پنهنجي ذاتي خزاني
مان پنهنجي خدا جي گهر سان چاهه سبب سون ۽ چاندي پڻ مهيا
ڪري ڏني آهي. 4 مون هڪ لک ڪلوگرام کان وڌيڪ عمدو سون
ڏنو آهي ۽ ٻه لک چاليهه هزار ڪلوگرام خالص چاندي ڏني اٿم
جن سان هيڪل جي ڀتين کي مڙهيو ويندو، 5 مطلب ته ڪاريگرن
جي هر ڪنهن قسم جي ڪم لاءِ سون جي شين واسطي سون ۽
چاندي جي شين واسطي چاندي مون ڏني آهي. سو هاڻ اوهان مان
ڪير آهن جيڪي اڄ دل کولي خداوند اڳيان نذرانو پيش ڪندا؟“
6 تڏهن بني اسرائيل جي قبيلن جي سردارن، گهراڻن جي وڏن،
فوجي سالارن ۽ بادشاهي ڪم ڪار جي نگرانن رضا خوشيءَ سان
نذرانا ڏنا. 7 هنن هيڪل جي ڪم لاءِ هڪ لک ستر هزار ڪلوگرام
کان وڌيڪ سون، ٽي لک پنجيتاليهه هزار ڪلوگرام چاندي، ڇهه
لک ڏهه هزار ڪلوگرام پتل ۽ چوٽيهه لک پنجاهه هزار ڪلوگرام
لوهه ڏنو. 8 جن وٽ هيرا جواهر هئا تن اهي يحي‌ايل گيرشونيءَ
جي هٿ ۾ هيڪل جي خزاني لاءِ ڏنا. 9 تڏهن پنهنجي اڳواڻن جي
رضامنديءَ سان نذرانا ڏيڻ تي ماڻهن خوشيون ڪيون، ڇالاءِجو
انهن پنهنجي پوريءَ دل ۽ رضا خوشيءَ سان خداوند جي لاءِ ڏنو.
دائود بادشاهه به ڏاڍو سرهو ٿيو.

## دائود جي دعا

10 دائود سڄيءَ قوم جي اڳيان خداوند جي واکاڻ ڪندي چيو ته
”اي خداوند، اسان جي پيءُ يعقوب جا خدا!
ازل کان ابد تائين تنهنجي واکاڻ هجي.
11 اي خداوند! عظمت، قدرت ۽ جلال وارو،
۽ شان وَ شوڪت ۽ حشمت وارو تون ئي آهين،
ڇالاءِجو جيڪي ڪجهه آسمان ۽ زمين ۾ آهي
سو تنهنجو آهي.
اي خداوند! تنهنجي ئي بادشاهي آهي
۽ تون ئي سڀني حاڪمن جو به حاڪم آهين.
12 دولت ۽ عزت تو وٽان ئي ملندڙ آهن.
هر شيءِ تي تنهنجو حڪم هلندڙ آهي.
تنهنجي هٿ ۾ قدرت ۽ طاقت آهي.
سرفراز ڪرڻ ۽ طاقت بخشڻ تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي.
13 هاڻ، اي اسان جا خدا!
اسين تنهنجو شڪر ڪريون ٿا
۽ تنهنجي عظمت واري نالي جي واکاڻ ڪريون ٿا.

14 آءٌ ڪير آهيان ۽ منهنجي قوم ڪير آهي جو اسين هيترو سارو
نذرانو ڏيئي سگهون؟ هر ڪا شيءِ تو وٽان ئي ملي ٿي ۽ تو کان
ئي مليل شين مان اسان تو کي ڏنو آهي. 15 بيشڪ، اسين تنهنجي
نظر ۾ مهمان ۽ مسافر آهيون، جيئن اسان جا ابا ڏاڏا هئا. اسان جي
عمر هن دنيا ۾ پاڇي وانگر آهي، جيڪا هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي.
16 اي خداوند! اسان جا خدا، هي سڄو انبار جيڪو اسان لڳايو آهي
ته تنهنجي پاڪ نالي جي لاءِ هڪڙو گهر تعمير ڪريون، سو تو وٽان
ئي مليو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه تنهنجو ئي آهي. 17 اي منهنجا خدا!
آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون دلين کي جاچيندو آهين ۽ سچائيءَ مان خوش
ٿيندو آهين. هي سڀ شيون مون رضا خوشيءَ سان ۽ نيڪ‌نيتيءَ
سان ڏنيون آهن. هاڻ مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته
تنهنجي قوم، جيڪا هتي حاضر آهي تنهن ڪيئن نه تنهنجي حضور

2–1:29 1.توا 5:22 11:29 مت 13:6

۾ رضا خوشيءَ سان نذرانا آندا آهن. 18 اي خداوند، اسان جي ابن
ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جا خدا! پنهنجي قوم جي دل ۾
اها خواهش هميشه لاءِ ڄمائي رک ۽ انهن جي دلين کي پاڻ ڏانهن
وفادار رک. 19 منهنجي پٽ سليمان کي دلي چاهه عطا ڪر ته هو
تنهنجي حڪمن ۽ قاعدن قانونن تي عمل ڪري ۽ انهيءَ هيڪل کي
مڪمل ڪري جنهن جي لاءِ مون پوري تياري ڪئي آهي.“
20 پوءِ دائود سڄيءَ قوم کي چيو ته ”خداوند پنهنجي خدا جي
واکاڻ ڪريو.“ سو انهن سڀني خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا
جي واکاڻ ڪئي. پوءِ هنن جهڪي خداوند کي سجدو ڪيو ۽ بادشاهه
جي تعظيم ڪئي.

## سليمان جو بادشاهه بڻجڻ

21 ٻئي ڏينهن هنن خداوند جي لاءِ جانور ذبح ڪري قربانيءَ طور
پيش ڪيا. هنن ساڙڻ وارين قربانين طور هي پيش ڪيا: هڪ هزار
ڏاند، هڪ هزار گهٽا ۽ هڪ هزار نر گهيٽا. اهي قربانيون اوتڻ وارين
قربانين سميت ڏنائون. هنن ٻيا به گهڻا ئي جانور قربانيءَ طور ذبح
ڪري بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن جي کائڻ لاءِ پيش ڪيا. 22 هنن
انهيءَ ڏينهن خداوند جي حضور ۾ وڏي خوشيءَ سان کاڌو پيتو.
پوءِ هنن ٻيهر دائود جي پٽ سليمان کي خداوند جي حضور ۾
مسح ڪري بادشاهه مقرر ڪيو. هنن صدوق کي پڻ مسح ڪري
ڪاهن مقرر ڪيو. 23 سو سليمان خداوند جي تخت تي پنهنجي پيءُ
دائود جي جاءِ تي بادشاهه ٿي ويٺو. هو بخت ۾ وڌندو ويو ۽ سڄو
بني اسرائيل سندس فرمانبردار ٿيو. 24 سڀني اڳواڻن، فوجي سالارن
۽ بادشاهه دائود جي سڀني پٽن سندس اطاعت جو عهد ڪيو.
25 خداوند سڄي بني اسرائيل جي نگاهه ۾ سليمان جو مان مٿاهون
ڪيو ۽ کيس اهڙي شاهاڻي حشمت بخشيائين، جهڙي کانئس اڳي
بني اسرائيل ۾ ڪنهن به بادشاهه کي نصيب نه ٿي هئي.

## دائود جي وفات

26 دائود ولد يسيءَ سڄي بني اسرائيل تي بادشاهي ڪئي. 27 هن
بني اسرائيل تي جملي چاليهه سال بادشاهي ڪئي، جن مان ست
سال حبرون ۾ رهي ۽ ٽيٽيهه سال يروشلم ۾ رهي بادشاهي ڪيائين.
28 جڏهن هن وفات ڪئي تڏهن هو تمام پوڙهو هو. هن وڏي ڄمار،
دولت ۽ عزت ماڻي. هن بعد سندس پٽ سليمان تخت‌نشين ٿيو.
29 دائود بادشاهه جي بادشاهيءَ جون ڳالهيون، شروع کان وٺي
آخر تائين، سيئي سموئيل، ناتن ۽ جاد، ٽنهي نبين جي تواريخ جي
ڪتابن ۾ لکيل آهن. 30 انهن لکتن مان خبر پوي ٿي ته هن ڪيئن
حڪومت ڪئي ۽ هو ڪيڏو نه طاقتور هو. جيڪي ڪجهه هن سان،
بني اسرائيل سان ۽ آس‌پاس جي بادشاهتن سان ٿي گذريو تنهن جو
پڻ پتو پوي ٿو.

---

23:29 1.با 2:12
27:29 2.سم 5:4–5، 1.توا 3:4

# 2.تواريخ
## تواريخ جو ٻيو ڪتاب

### تعارف

”تواريخ“ نالي ھي ٻيو مقدس ڪتاب اتان شروع ٿئي ٿو، جتي پھريون ڪتاب ختم ٿئي ٿو. ان جي شروعات حضرت سليمان بادشاھ جي حڪمرانيءَ کان ٿئي ٿي. ھن ڪتاب ۾ سندس موت کان پوءِ اترين ڏھن قبيلن جي بغاوت جو بہ ذڪر آھي، جيڪا ھنن يربعام جي اڳواڻيءَ ۾ حضرت سليمان بادشاھ جي پٽ رحبعام جي خلاف ڪئي ھئي. ان کان علاوہ ان ۾ رڳو ڏکڻ واري ملڪ يھوداہ جي بادشاھت جو بيان آھي ۽ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ سن 586 قبل مسيح ۾ يروشلم جي تباھي بہ ڄاڻايل آھي.

### سِٽاءُ

حضرت سليمان جي حڪومت 1:1–31:9
1. شروعاتي سال 1:1–17
2. ھيڪل جي اڏاوت 1:2–10:7
3. پوءِ وارا سال 11:7–31:9
اترين قبيلن جو انقلاب 1:10–19
يھوداہ جا بادشاھ 1:11–12:36
يروشلم شھر جي تباھي 13:36–23

### خدا جو سليمان کي ڏاھپ عطا ڪرڻ
(1.بادشاھ 1:3–15)

1 ① سليمان ولد دائود جا ھٿ بادشاھت تي مضبوط ٿي ويا،
ڇاڪاڻتہ خداوند سندس خدا ساڻس گڏ ھو، جنھن سندس مان
مٿاھون ڪيو.
② ھڪ ڏينھن سليمان بادشاھ لشڪر جي سون ۽ ھزارن جي دستن
جي سالارن، رھبرن ۽ بني اسرائيل جي سڀني اڳواڻن ۽ گھراڻن جي
وڏن کي حڪم ڏيئي چيو تہ ③ ”اوھين سڀ مون سان گڏجي گبعون
واري مقدس ھنڌ ڏانھن ھلو.“ ھو اوڏانھن ان ڪري ويا جو اتي خدا
سان ملاقات وارو خيمو لڳل ھو، جيڪو خدا جي ٻانھي موسيٰ بيابان
۾ ٺاھيو ھو. ④ پر عھد واري صندوق يروشلم ۾ ھڪڙي تنبوءَ ۾ رکيل
ھئي، جيڪو سليمان جي پيءُ دائود تڏھن کوڙيو ھو جڏھن اھا صندوق
قريت‌يعريم مان آندي ھئائين. ⑤ پتل جي ٺھيل اھا قربان‌گاھ، جيڪا
بصلي‌ايل ولد اوري ولد حور ٺھرائي ھئي، سا پڻ گبعون ۾ مقدس
خيمي جي اڳيان رکيل ھئي. سو سليمان سڀني ماڻھن سميت اوڏانھن
عبادت ڪرڻ لاءِ ويو ⑥ ۽ انھيءَ پتل جي قربان‌گاھ تي خداوند جي
حضور ۾ ھڪ ھزار ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪيائين.
⑦ انھيءَ ئي رات خدا سليمان کي ڏيکاري ڏني ۽ چيائينس تہ
”جيڪي گھرڻو اٿيئي سو گھر تہ اھو آءٌ تو کي ڏيان.“ ⑧ سليمان خدا
کي ورندي ڏني تہ ”تو منھنجي پيءُ دائود تي وڏي مھرباني ڪئي
ھئي ۽ مون کي انھيءَ جي جاءِ تي بادشاھ بڻايو اٿيئي. ⑨ ھاڻ، اي
خداوند خدا! جيڪو واعدو تو منھنجي پيءُ دائود سان ڪيو ھو سو
برقرار رھي، ڇوتہ تو مون کي ھڪڙي اھڙيءَ قوم جو بادشاھ بڻايو
آھي جيڪا شمار ۾ واريءَ جي ذرڙن کان بہ وڌيڪ آھي. ⑩ سو ھاڻي
مون کي ڏاھپ ۽ علم عطا ڪر تہ جيئن آءٌ صحيح نموني انھن جي
اڳواڻي ڪري سگھان، نہ تہ تنھنجي ھيڏي ساري قوم جي مٿان آءٌ
ڪيئن انصاف سان حڪمراني ڪري سگھندس؟“
⑪ تڏھن خدا سليمان کي چيو تہ ”جيئن تہ اھا ئي تنھنجي دلي
خواھش ھئي ۽ تو نہ مال، نہ دولت ۽ نہ عزت گھري آھي ۽ نہ ئي
وري پنھنجن دشمنن جي لاءِ موت گھريو اٿيئي، نڪي وڏي حياتي
گھري اٿيئي، بلڪ ڏاھپ ۽ علم گھريو اٿيئي، انھيءَ لاءِ تہ پنھنجي
جنھن قوم تي مون تو کي بادشاھ بڻايو آھي تنھن تي انصاف سان

4:1 2.سم 1:6–17، 1.توا 5:13–14، 25:15–1:16 5:1 خر 1:38–7 9:1 پيد 16:13، 14:28

حڪمراني ڪري سگھين، 12 سو ڏاهپ ۽ علم تہ آءٌ تو کي عطا
ڪريان ٿو. بلڪ انهيءَ سان گڏوگڏ آءٌ تو کي مال، دولت ۽ عزت
اهڙي عطا ڪندس جهڙي نہ تو کان اڳي وارن بادشاهن مان ڪنهن
کي مِلي ۽ نہ وري تو کان پوءِ ڪنهن کي ملندي.“

## سليمان بادشاهہ جي طاقت ۽ دولت
(ا.بادشاهہ 10:26–29)

13 پوءِ سليمان گبعون واري مقدس هنڌ، جتي خدا سان ملاقات
وارو خيمو هو، اتان موٽي يروشلم ۾ آيو. اتان ئي هو بني اسرائيل
مٿان بادشاهي ڪندو رهيو. 14 وٽس هڪ هزار چار سؤ جنگي گھوڙي
گاڏيون ۽ ٻارهن هزار گھوڙي سوار هئا، جيڪي هن مختلف شهرن
۾ ۽ ڪجهہ پاڻ وٽ يروشلم ۾ رهايا هئا. 15 سندس بادشاهيءَ
دوران يروشلم ۾ چاندي ۽ سون پٿرن وانگر عام ٿي ويا ۽ ديال جو
ڪاٺ ايترو تہ جهجهو ڪري ڇڏيائين جيترا اتان جي هيٺاهين علائقي
۾ انجير جا وڻ هوندا آهن. 16 سليمان جي لاءِ مصر ۽ ڪيوُ مان
گھوڙا آندا ويندا هئا. شاهي سوداگر اهي مقرر ڪيل قيمت تي خريد
ڪري آڻيندا هئا. 17 هو مصر مان في جنگي گھوڙي گاڏي *ڇهہ سؤ
چانديءَ جي سڪن ۾ ۽ في گھوڙو †ڏيڍ سؤ چانديءَ جي سڪن ۾
خريد ڪري آڻيندا هئا. هو اهي گاڏيون ۽ گھوڙا حتين ۽ ‡ارام جي
بادشاهن کي پڻ برآمد ڪندا هئا.

## هيڪل ٺاهڻ جي تياري
(1.بادشاهہ 5:1–18)

2 1 بادشاهہ سليمان ارادو ڪيو تہ هڪڙو گھر خداوند جي نالي تي
جوڙائجي ۽ پنهنجي لاءِ هڪڙو شاهي محل پڻ تعمير ڪرائجي.
2 انهيءَ ڪم لاءِ سليمان بادشاهہ جبلن ۾ پٿر ٽڪڻ لاءِ اسي هزار
ماڻهو ۽ اهي پٿر ڍوئڻ لاءِ ستر هزار ماڻهو مقرر ڪيا. هن ٽي هزار
۽ ڇهہ سؤ ماڻهو انهن تي نگراني ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا. 3 سليمان
صور جي بادشاهہ حيرام ڏانهن چوائي موڪليو تہ ”جيئن تو منهنجي
پيءُ دائود سان سندس رهڻ جي لاءِ محل تعمير ڪرڻ واسطي ديال
جي ڪاٺ ڏيڻ جو سودو ڪيو هو تيئن مون سان بہ سودو ڪر. 4 آءٌ
خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ هڪڙو گھر جوڙائڻ چاهيان ٿو، انهيءَ
لاءِ تہ ان گھر کي خدا جي لاءِ مخصوص ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جي
اڳيان خوشبودار لوبان ساڙيو وڃي. اتي سندس حضور ۾ باقائده
مخصوص روٽ پيش ڪيا وڃن ۽ صبح شام، سبت جي ڏينهنِ تي،
نئين چنڊ جي ڏينهنِ تي ۽ خداوند اسان جي خدا جي مقرر ڪيل
عيدن تي ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪيون وڃن. ڇالاءِ جو اهو بني
اسرائيل لاءِ هميشہ جو قانون آهي.
5 جيڪو گھر آءٌ تعمير ڪرائڻ وارو آهيان سو تمام عاليشان هوندو،
ڇوتہ اسان جو خدا سڀني معبودن کان وڏيڪ عظيم آهي. 6 پر
ڪنهن کي طاقت آهي جو ان لاءِ گھر تعمير ڪرائي سگھي؟ جڏهن
تہ آسمان ۾ بلڪ عرش عظيم ۾ بہ هو سمائجي نہ ٿو سگھي، تہ
پوءِ آءٌ ڪير آهيان جو سندس حضور ۾ قربانيون پيش ڪرڻ جي خيال
کان علاوه هن لاءِ گھر بہ ٺاهي سگھان؟
7 سو تون هڪڙو اهڙو ماڻهو مون وٽ موڪل جيڪو هر قسم جو
اُڪر جو ڪم ڄاڻندو هجي ۽ سون، چانديءَ، پتل ۽ لوهہ جي ڪم ۾
۽ واڱڻائي، لال ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جي ڪپڙي جي ڪم ۾ بہ ماهر
هجي. هو يروشلم شهر بلڪ سڄي يهوداہ جي انهن ڪاريگرن سان
گڏجي ڪم ڪندو جيڪي منهنجي پيءُ دائود جا مقرر ڪيل آهن.
8 لبنان مان ديال، صنوبر ۽ چندن جو ڪاٺ مون ڏانهن ڏياري
موڪل، ڇوتہ مون کي خبر آهي تہ تنهنجا نوڪر ڪاٺ ڪٽڻ جي
ڪم ۾ ماهر آهن. اتي منهنجا ماڻهو تنهنجي ماڻهن سان گڏجي
ڪم ڪندا، 9 تہ جيئن منهنجي لاءِ تمام گھڻو ڪاٺ تيار ڪن.
ڇالاءِجو جيڪو گھر مون کي ٺهرائڻو آهي سو تمام عاليشان هوندو.
10 آءٌ تنهنجي ڪاٺير نوڪرن کي سيڌي سامان طور سوا پنجٽيهہ لک
ڪلوگرام ڏريل ڪڻڪ، سوا پنجٽيهہ لک ڪلوگرام جَوَ، چار لک
چاليهہ هزار ليٽر مئي ۽ چار لک چاليهہ هزار ليٽر زيتون جو تيل
ڏياري موڪليندس.“
11 تڏهن صور جي بادشاهہ حيرام جواب ۾ سليمان ڏانهن لکي
موڪليو تہ ”جيئن تہ خداوند کي پنهنجي قوم سان پيار آهي،
تنهنڪري ئي هن تو کي انهيءَ مٿان بادشاهہ مقرر ڪيو آهي.
12 خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي شل واکاڻ هجي، جنهن آسمان
۽ زمين کي بڻايو ۽ جنهن دائود بادشاهہ کي سمجهہ ۽ عقل وارو
هڪ پٽ عطا ڪيو، جيڪو خداوند جي لاءِ هڪ گھر ۽ پنهنجي لاءِ
هڪ محل تعمير ڪرائي ٿو. 13 آءٌ اوهان ڏانهن حورام نالي پنهنجو
وڏو ڪاريگر موڪليان ٿو جيڪو نهايت سمجهدار ۽ سٺو هنرمند
آهي. 14 هن جي ماءُ دان جي ڪٽنب مان آهي ۽ هن جو پيءُ صُور جو
رهاڪو آهي. هو سون، چانديءَ، پتل، لوهہ، پٿر ۽ ڪاٺ جي ڪم ۾
۽ واڱڻائي، نيري، لال ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙي جي ڪم ۾ ۽ سنهي
وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي جي ڪم ۾ ماهر آهي. هو هر ڪنهن اُڪر
جي ڪم ۾ ۽ هر ڪنهن نئين نموني رٿڻ ۾ ماهر آهي. هو اوهان جي
ڪاريگرن توڙي منهنجي آقا دائود، اوهان جي پيءُ جي ڪاريگرن

*ڇهہ سؤ چانديءَ جي سڪن: اٽڪل ست ڪلوگرام.

†ڏيڍ سؤ چانديءَ جي سڪن: اٽڪل پوڻا ٻہ ڪلوگرام.

‡ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

14:1 ا.با 26:4 16:1 شر 16:17 6:2 1.با 8:27، 2.توا 18:6

سان گڏجي ڪم ڪندو. (15) سو هاڻ اوهين اها ڪڻڪ، جَوَ، زيتون
جو تيل ۽ مئي اسان ڏانهن ڏياري موڪليو، جيئن اوهان واعدو ڪيو
آهي. (16) اسين لبنان جي جبلن مان ايترو ڪاٺ وڍينداسون جيترو اوهين
گهرندا. اهو سمنڊ جي رستي ٻيڙين وانگر تاري يافا شهر جي بندر
تائين آڻينداسون. پوءِ اُهو اوهين اُتان يروشلم ڏانهن ڪڻائي وڃجو.“

## هيڪل جي تعمير
(ا.بادشاهه 6:1–38)

(17) بادشاهه سليمان اسرائيل جي ملڪ ۾ رهندڙ پرڏيهين جي مردم
شماري ڪرائي، جهڙيءَ طرح سندس پيءُ دائود ڪرائي هئي. اهي
هڪ لک ٽيونجاهه هزار ڇهه سؤ ٿيا. (18) سليمان بادشاهه جبلن ۾ پٿر
ٽڪڻ لاءِ اسي هزار ماڻهو ۽ اهي پٿر ڍوئڻ لاءِ ستر هزار ماڻهو مقرر
ڪيا. هن ٽي هزار ڇهه سؤ ماڻهو انهن مٿان نگران مقرر ڪيا.

3 (1) پوءِ سليمان يروشلم ۾ مورياه جبل تي هيڪل جي تعمير شروع
ڪرائي، جتي خداوند هن جي پيءُ دائود کي ڏيکاري ڏني هئي.
اها جاءِ اُروناه يبوسيءَ جي ڳاهه ڳاهڻ جي پڙ واري جاءِ هئي، جيڪا
دائود انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئي. (2) هن تعمير جو ڪم
پنهنجي بادشاهيءَ جي چوٿين سال جي ٻئي مهيني جي ٻي تاريخ کان
شروع ڪرايو. (3) هيڪل تعمير ڪرڻ لاءِ بادشاهه سليمان جيڪي بنياد
وجهرايا تن جي ڊيگهه ستاويهه ميٽر ۽ ويڪر نوَ ميٽر هئي. (4) جيڪو
ورانڊو هيڪل اڳيان تعمير ڪيو ويو تنهن جي ڊيگهه هيڪل جي ويڪر
جيتري يعني نوَ ميٽر هئي ۽ اوچائي چوونجاهه ميٽر هيس. انهيءَ
ورانڊي کي اندران نج سون مڙهايو ويو. (5) هن مقدس جاءِ کي صنوبر
جي تختن سان ڍڪرايو ۽ انهن تختن تي نج سون جو پٽ چاڙهايو ۽
مٿان کجين جا وڻ ۽ زنجيريون اڪرايائين. (6) هن انهيءَ هيڪل کي
قيمتي پٿرن ۽ پروائم ملڪ مان گهرايل سون سان سينگاريو. (7) هن
هيڪل جي شهتيرن، چائٺن، پٽين ۽ دروازن تي سون جو پٽ چاڙهايو
۽ پٽين تي پردار آسماني مخلوق جا نقش اڪرايائين. (8) هن مقدس
جاءِ جي پٺيان مقدس ترين جاءِ به تعمير ڪرائي، جنهن جي ڊيگهه
هيڪل جي ويڪر موجب نوَ ميٽر ۽ ويڪر به نوَ ميٽر هئي. هن انهيءَ
مقدس ترين جاءِ تي اندران ايڪيهه هزار ڪلوگرام سون چاڙهايو.
(9) سونين ڪلين جي تور ڇهه سؤ گرام هئي. هن مٿين ڪمرن جي
پٽين تي پڻ سون چاڙهايو.

(10) هن مقدس ترين جاءِ جي ڪمري ۾ پردار آسماني مخلوق جا ٻه
مجسما ٺهرايا ۽ انهن تي سون چاڙهايائين. (11–13) اهي ٻئي مجسما
هڪ ٻئي جي پرسان دروازي ڏانهن منهن ڪيو بيٺا هئا. انهن جي پَرن
جي ڪل ڊيگهه ڪمري جي ويڪر جيتري يعني نوَ ميٽر هئي ۽ پَرن
جون ٻاهريون چوٽيون هيڪل جي پاسن وارين پٽين تائين ٿي پهتيون.
آسماني مخلوق جي هر هڪ پَر جي ڊيگهه سوا ٻه ميٽر هئي ۽ ڪمري
جي وچ ۾ هڪ آسماني مخلوق جو پَر ٻي آسماني مخلوق جي پَر تائين
ٿي پهتو. (14) هن مقدس ترين جاءِ جي اڳيان هڻڻ لاءِ سوٽي ڪپڙي ۽
ٻين قسمن جي ڪپڙن مان نيري، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جو پردو
ٺهرايو جنهن تي پردار آسماني مخلوق جون تصويرون اُڻيل هيون.

## هيڪل جا ٻه پتل جا ٿنڀا ناهڻ
(ا.بادشاهه 7:15–22)

(15) سليمان بادشاهه هيڪل جي لاءِ پتل جا ٻه ٿنڀا ٺهرايا، جن جي
ڪل ڊيگهه سورهن ميٽر هئي. هر هڪ ٿنڀي جي چوٽيءَ تي جيڪو
ڇٽ هو تنهن جي ڊيگهه سوا ٻه ميٽر هئي. (16) هن زنجيريون ٺهرائي
ٿنڀن جي چوٽين جي چوڌاري ٻڌرايون. هر هڪ ڇٽ لاءِ هن پتل جا
هڪ سؤ ڏاڙهون پڻ ٺهرايا جيڪي انهن زنجيرين ۾ هڻائي ڇڏيائين.
(17) هن اهي ٿنڀا هيڪل جي اڳيان کڙا ڪرايا، هڪڙو ساڄي پاسي ته
ٻيو کاٻي پاسي. ساڄي پاسي واري ٿنڀي جو *ياڪن نالو رکيو ويو ۽
کاٻي پاسي واري جو †بوعز نالو رکيو ويو.

## هيڪل جو سامان
(1.بادشاهه 7:23–51)

4 (1) بادشاهه سليمان پتل جي هڪ قربانگاهه ٺهرائي جنهن جي
ڊيگهه ۽ ويڪر هڪ جيتري يعني نوَ ميٽر هئي، جڏهن ته ان جي
اوچائي ساڍا چار ميٽر هئي. (2) هن پتل جو پلٽيل هڪ وڏو گول حوض
پڻ ٺهرايو، جنهن جي اوچائي سوا ٻه ميٽر هئي، ان جو گهيرو ساڍا
تيرهن ميٽر هو ۽ اهو هڪڙي ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين ساڍا چار
ميٽر هو. (3) حوض جي ٻاهرين پاسي ڪناري جي هيٺان چوڌاري سوا
ٻن ميٽرن تائين ڏاندن جون شڪليون ٺهيل هيون. اهي شڪليون ٻن
قطارن ۾ هيون جيڪي حوض ناهڻ وقت ئي ان تي پلٽي ناهيون ويون
هيون.

(4) اهو حوض پتل جي ٻارهن ڏاندن جي پٺين تي رکيو ويو. انهن
مان ٽن ڏاندن جو منهن اتر طرف، ٽن جو اولهه طرف، ٽن جو ڏکڻ
طرف ۽ ٽن جو اوڀر طرف هو. انهن ڏاندن جا پٺيان پاسا اندر حوض
طرف هئا. (5) اهو حوض چار آڱر ٿلهو هو ۽ سندس ڪنارو پيالي
جي ڪناري وانگر هو جيڪو ٻاهر طرف سوسن گل وانگر وريل هو.
انهيءَ حوض ۾ چاهٺ هزار ليٽر ماپي ٿي سگهيا.

(6) هن ڏهه ننڍا حوض به ٺهرايا، جن مان پنج هيڪل جي ساڄي
پاسي رکيائين ۽ پنج کاٻي پاسي. انهن ۾ جانورن جا ساڙڻ وارين

*ياڪن: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”خدا قائم ڪري ٿو“.
†بوعز: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”خدا جي قوت سان“.

1:3 پيد 2:22 8:3 خر 33:26–34 13–10:3 خر 18:25–20 14:3 خر 31:26 1:4 خر 27:1–2 6:4 خر 30:17–21

قربانين جا حصا ڌوتا ويندا هئا. پر اهو وڏو حوض ڪاهنن جي هٿ
منهن ڌوئڻ لاءِ هو.
7 هن مقرر ڪيل قاعدن موجب ڏهه سون جا شمعدان ٺهرايا ۽
اهي آڳي هيڪل ۾ رکرايائين، پنج ساڄي پاسي ۽ پنج کاٻي پاسي.
8 هن ڏهه ميزون ٺهرايون ۽ اهي به آڳي هيڪل ۾ رکرايائين، پنج
ساڄي پاسي ۽ پنج کاٻي پاسي. هن هڪ سؤ سونا ٿالهه پڻ ٺهرايا.
9 هن هيڪل ۾ به اڱڻ ٺهرايا، هڪڙو ٻاهريون اڱڻ ۽ ٻيو اندريون
اڱڻ، جيڪو رڳو ڪاهنن لاءِ هو. انهن ٻنهي اڱڻن جي وچ ۾ دروازا
ٺهرايائين جن جي طاقن مٿان پتل چاڙهايائين. 10 هن وڏو حوض هيڪل
۾ ڏاکڻي پاسي ڏکڻ اوڀر واري ڪنڊ ۾ رکرايو. 11 هن تغاريون،
ڪوڏريون ۽ ٿالهه پڻ ٺهرايا.
اهڙيءَ طرح حورام هيڪل لاءِ اهو سمورو پتل جو ڪم پورو ڪيو
جنهن جو حڪم بادشاهه سليمان ڪيس ڏنو هو، 12 يعني به ٿنڀا،
ٿنڀن جي چوٽين مٿان به پيالي نما چٽ، ٿنڀن جي چوٽين تي رکيل
چٽن کي ڍڪڻ لاءِ به ڄاريون، 13 انهن ٻنهي ڄارين لاءِ چار سؤ پتل
جي ڏاڙهن جون به به قطارون، 14 ڏهه ننڍا حوض ۽ انهن لاءِ ڏهه
ريڙهيون، 15 هڪ وڏو حوض ۽ ان جي هيٺان ٻارهن ڏاند، 16 تغاريون،
ڪوڏريون، گوشت لاءِ ڪنڍا ۽ ٻيو سڀ گهربل سامان. جيڪي شيون
ماهر ڪاريگر حورام هيڪل لاءِ بادشاهه سليمان جي حڪم موجب
ٺاهيون سي سڀ چمڪندڙ پتل جون هيون. 17 بادشاهه اهي سڀ شيون
اردن ماٿريءَ منجهه سڪات ۽ صريدا ڳوٺن جي وچ واري علائقي
۾ چيڪي مٽيءَ واري پڪل ڪالب ۾ پلترايون. 18 انهن پتل جي
ٺهيل شين جي تور نه ڪرائي وئي ڇالاءِجو اهي تمام گهڻيون هيون.
19 بادشاهه سليمان هيڪل لاءِ سون مان هي سامان پڻ ٺهرايو: لوبان
ساڙڻ لاءِ قربانگاهه، نذراني وارا روٽ رکڻ لاءِ ميزون، 20 شمعدان
جن ۾ ڏيئا قاعدي موجب مقدس ترين جاءِ جي اڳيان ٻارڻا هئا، 21 گل،
ڏيئا ۽ ڪانبڻ لاءِ چمٽا، 22 قلن لاهڻ لاءِ چمٽا، ٿالهه، لوباندان ۽ ڪانبڻ
رکڻ لاءِ منگالا. اهو سڀ سامان نج سون مان ٺهرايو ويو. هيڪل
جا دروازا يعني مقدس ترين جاءِ جا دروازا ۽ وڏي هال جا دروازا، پڻ
سون مان ٺهرايا ويا.

5 1 جڏهن اهو سمورو ڪم پورو ٿيو جيڪو هيڪل لاءِ ڪرايو ويو
هو، تڏهن سليمان بادشاهه اهي سڀ شيون ڪٿائي اچي هيڪل
اندر رکايون جيڪي سندس پيءُ دائود خداوند لاءِ مخصوص ڪيون
هيون، يعني چاندي، سون ۽ ٻيو سمورو سامان. هن اهي سڀ شيون
هيڪل جي خزاني ۾ رکايون.

## عهد واري صندوق جو هيڪل ۾ آڻڻ

(1.بادشاهه 8:1–11)

2 تنهن کان پوءِ سليمان بني اسرائيل جي سڀني قبيلن جي سردارن
۽ گهراڻن جي وڏن کي گهرائي يروشلم ۾ پاڻ وٽ سڏايو ته جيئن
خداوند جي عهد واري صندوق *دائود جي شهر صيئون مان ڪٽي
هيڪل ۾ آڻجي. 3 سو اهي سڀيئي ماڻهو ستين مهيني ۾ ڇنبن واري
عيد جي موقعي تي بادشاهه وٽ اچي گڏ ٿيا.
4 جڏهن بني اسرائيل جا سڀ اڳواڻ پهچي ويا، تڏهن لاوين اها
صندوق کنئي. 5 ڪاهن ۽ لاوي عهد واري صندوق، خدا سان
ملاقات وارو خيمو ۽ ان جو سمورو سامان هيڪل ۾ کڻي آيا.
6 بادشاهه سليمان ۽ ٻين گڏ ٿيل سڀني ماڻهن عهد واري صندوق
جي اڳيان بيهي بيشمار رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا قربان ڪيا.
7 پوءِ ڪاهنن خداوند جي عهد واري صندوق هيڪل جي اندر
مقدس ترين جاءِ ۾ پردار آسماني مخلوق جي مجسمن هيٺان مقرر
ڪيل جاءِ تي آڻي رکي. 8 پردار آسماني مخلوق جا پر عهد واري
صندوق ۽ ان جي ٻانهين جي مٿان پکڙيل هئا. 9 اهي ٻانهيون ايتريون
ته ڊگهيون هيون جو انهن جا ڇيڙا مقدس ترين جاءِ جي اڳيان مقدس
جاءِ وٽان ڏسڻ ۾ ٿي آيا، پر مقدس جاءِ جي ٻاهران اهي ڏسڻ ۾
نه ٿي آيا. اڄ ڏينهن تائين اهي اتي ئي آهن. 10 انهيءَ صندوق ۾
انهن ٻن تختين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين هو جيڪي موسىٰ ان
وقت منجهس رکيون هيون، جڏهن بني اسرائيل جي مصر مان نڪرڻ
وقت سينا جبل وٽ خداوند ساڻن عهد ڪيو هو. 11–13 اتي جيڪي
به ڪاهن هئا تن صندوق کڻي اچڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي پنهنجي
مقرر ڪيل واري جي لحاظ کان سواءِ پاڻ کي پاڪ ڪيو هو. هيڪل
جي سمورن لاوي ڳائڻن، يعني آسف، هيمان، يدوتون ۽ سندن پٽن
۽ مائٽن کي سنهي وٽيل سٽيءَ جا ڪپڙا پهريل هئا. اهي قربانگاهه
جي اوڀر پاسي بيٺا هئا ۽ ٿلين ۽ تارن وارا ساز وڄائي رهيا هئا.
انهن سان گڏ هڪ سؤ ويهن ڪاهنن شرنايون پئي وڄايون. شرناين،
ٿلين ۽ ٻين سازن وڄائڻ وارن سان گڏجي سڀيئي ڳائڻ وارا بلند آواز
سان خداوند جي تعريف ۾ ڳچي رهيا هئا ته

”خداوند جي واکاڻ هجي،
ڇالاءِجو هو ڀلو آهي
۽ سندس شفقت هميشه جي لاءِ آهي.“

جڏهن ڪاهن مقدس جاءِ مان نڪري آيا، تڏهن خداوند جو گهر
هڪڙي ڪڪر سان ڀرجي ويو. 14 ڪاهن انهيءَ ڪڪر جي ڪري

---

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

7:4 خر 25:31–40   8:4 خر 25:23–30   1:5 2.سمـ 8:11، 1.توا 11:18   2:5 2.سمـ 6:12–15، 1.توا 15:25–28   10:5 شر 5:10
13–11:5 1.توا 16:34، 2.توا 7:3، عز 3:11، زب 5:100، 1:106، 1:107، 1:118، 1:136، ير 33:11   14:5 خر 40:34–35

عبادت نہ ڪري سگھيا، ڇالاءِجو هيڪل خداوند جي جلوي سان
پرجي ويو هو.

## سليمان جو ماڻھن کي خطاب

(ا.بادشاهہ 8:12–21)

6 ①تڏهن سليمان چوڻ لڳو تہ ”اي خداوند! تو فرمايو آهي تہ
’آءٌ اونداهي ڪڪر ۾ رهندس،‘ ②پر مون تنهنجي لاءِ هڪڙو
عاليشان گھر تعمير ڪرايو آهي، هڪ اهڙو گھر جيڪو هميشہ لاءِ
تنهنجو ئي رهندو.“
③انهيءَ دوران بني اسرائيل جي سڄي قوم اتي ئي بيٺي رهي. پوءِ
بادشاهہ انهن ماڻھن ڏانهن منهن ڦيري کين دعا ڪئي. ④هن چيو
تہ ”خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي واکاڻ هجي، جنهن پنهنجي
زبان سان منهنجي پيءُ دائود سان ڪيل واعدو پورو ڪيو آهي، جو
کيس چيو هئائين تہ ⑤ ’جنهن ڏينهن مون پنهنجي قوم بني اسرائيل
کي مصر مان ڪڍي آندو، تنهن ڏينهن کان وٺي منهنجو اهڙو ڪوبہ
ارادو ڪو نہ هو تہ بني اسرائيل جي قبيلن جي ڪنهن شهر ۾
منهنجي نالي تي ڪو گھر جوڙيو وڃي ۽ نہ ئي وري پنهنجي قوم
بني اسرائيل مٿان حاڪم ٿيڻ لاءِ ڪو ماڻھو چونڊيو هوم. ⑥پر هاڻ
مون يروشلم شهر کي پنهنجي نالي لاءِ چونڊيو آهي ۽ تو دائود کي
پنهنجي قوم بني اسرائيل تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ چونڊيو اٿم.‘“
⑦سليمان وڌيڪ چيو تہ ”منهنجي پيءُ دائود جي دل ۾ اهو خيال
هو تہ خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي نالي تي هڪڙو گھر جوڙجي.
⑧پر خداوند منهنجي پيءُ دائود کي چيو تہ ’جيئن تہ تنهنجي دل
۾ اهو خيال آهي تہ تون منهنجي نالي تي هڪڙو گھر جوڙائين، سو
تنهنجو اهو خيال چڱو آهي. ⑨تنهن هوندي بہ تون اهو گھر جوڙائي
نہ سگھندين، بلڪ تنهنجو پٽ جيڪو تنهنجو ئي هڏ رت هوندو سو
منهنجي نالي تي هڪڙو گھر جوڙائيندو.‘
⑩سو خداوند جيڪو واعدو ڪيو هو سو هاڻ پورو ڪيو اٿائين. آءٌ
پنهنجي پيءُ دائود جو جاءِنشين بڻيو آهيان ۽ بني اسرائيل جي تخت
تي ويٺو آهيان. مون خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي نالي تي اهو
گھر جوڙايو آهي. ⑪انهيءَ ۾ مون اُها صندوق رکرائي آهي جنهن ۾
انهيءَ عهد واريون ٻئي تختيون آهن، جيڪو عهد خداوند اسان جي
ابن ڏاڏن سان ڪيو هو.“

## سليمان جي دعا

(1.بادشاهہ 8:22–53)

⑫–⑬سليمان پتل جو هڪڙو منبر ٺهرايو هو، جيڪو هيڪل جي
ٻاهرئين اڱڻ جي وچ ۾ قربانگاهہ جي اڳيان رکيل هو. اهو سوا
ٻہ ميٽر ڊگھو، سوا ٻہ ميٽر ويڪرو ۽ سوا ميٽر اوچو هو. سليمان
ان منبر تي چڙهي بني اسرائيل جي سڀني ماڻھن جي موجودگيءَ ۾
پنهنجا گوڏا کوڙي آسمان ڏانهن هٿ کنيا ⑭ ۽ دعا گھريائين تہ ”اي
خداوند، بني اسرائيل جا خدا! آسمان ۾ توڙي زمين تي تو جهڙو
ٻيو ڪو معبود ڪونهي. تون پنهنجن انهن ٻانهن سان پنهنجو عهد
قائم رکندي ساڻن دائمي شفقت رکين ٿو، جيڪي پنهنجي پوريءَ
دل سان تنهنجي فرمانبرداري ڪن ٿا. ⑮تو پنهنجي ٻانهي منهنجي
پيءُ دائود سان ڪيل واعدو پورو ڪيو آهي. هائو، تو پنهنجي زبان
سان واعدو ڪيو هو ۽ پنهنجي قدرت سان اُهو پورو ڪيو آهي، جيئن
اڄوڪي ڏينهن ظاهر آهي.
⑯تنهنڪري هاڻ، اي خداوند، بني اسرائيل جا خدا! جيڪو ٻيو
واعدو تون منهنجي پيءُ پنهنجي ٻانهي دائود سان ڪيو آهي سو بہ
پورو ڪر. تو کيس چيو هو تہ ’بني اسرائيل جي تخت تي ويهڻ لاءِ
منهنجي حضور ۾ تنهنجي اولاد مان ماڻھوءَ جي ڪمي ڪانہ ٿيندي،
بشرطيڪ هو منهنجي شريعت تي عمل ڪندي سڌيءَ راهہ تي هلي
جهڙيءَ طرح تون ڪندو رهيو آهين.‘ ⑰سو هاڻي، اي بني اسرائيل
جا خدا! تنهنجو اهو واعدو جيڪو تو پنهنجي ٻانهي منهنجي پيءُ
دائود سان ڪيو هو سو بہ پورو ٿئي.
⑱پر اي خدا! ڇا تون سچ‌پچ زمين تي رهندين؟ تون تہ آسمانن بلڪ
عرش عظيم ۾ بہ سمائجي نہ ٿو سگھين، تہ پوءِ هي گھر جيڪو
مون تعمير ڪرايو آهي، تنهن ۾ ڀلا تون ڪيئن سمائجي سگھندين؟
⑲تنهن هوندي بہ اي خداوند منهنجا خدا! تون پنهنجي هن ٻانهي
جي دعا ۽ عرض اگھاءِ. جيڪا دانهن ۽ دعا آءٌ تنهنجو ٻانهو تنهنجي
حضور ۾ ڪريان ٿو سا ٻڌ. ⑳هي گھر جنهن جي نسبت ۾ تو فرمايو
آهي تہ ’انهيءَ تي مون خداوند جو نالو رهندو،‘ تنهن تي ڏينهن
رات تنهنجي نگاهہ رهي، انهيءَ لاءِ تہ جيڪا دعا تنهنجو ٻانهو
انهيءَ جاءِ ڏانهن منهن ڪري گھري سا تون ٻڌندين. ㉑آءٌ تنهنجو
ٻانهو ۽ تنهنجي قوم بني اسرائيل جڏهن بہ هن هيڪل ڏانهن منهن
ڪري دعا گھرون، تڏهن تون پنهنجي عرش عظيم ۾ اها ٻڌي اسان
جا گناهہ معاف ڪج.
㉒جيڪڏهن ڪو ماڻھو پنهنجي قوم واري ڪنهن ماڻھوءَ تي گناهہ
ڪرڻ جو الزام هڻي ۽ پوءِ کيس هن گھر ۾ تنهنجي قربانگاهہ اڳيان
آڻي قسم کڻڻ لاءِ چيو وڃي، ㉓تڏهن تون عرش عظيم مان ٻڌي
پنهنجن ٻانهن جو انصاف ڪج. گناهگار کي سندس افعالن جي
جوڳي سزا ڏج ۽ سچار کي بيڏوهي ٺهرائي سندس سچائيءَ موجب
اجر ڏج.
㉔جڏهن تنهنجي قوم بني اسرائيل تنهنجو ڪو گناهہ ڪرڻ ڪري
پنهنجي دشمنن کان شڪست کائي ۽ پوءِ جيڪڏهن هو تو آڏو
توبهہ‌تائب ٿين ۽ تو کي مڃيندي تنهنجي هن گھر ۾ تو کان معافيءَ
لاءِ دعا گھرن، ㉕تڏهن تون عرش عظيم ۾ انهن جي ٻڌج. تون

پنهنجي قوم بني اسرائيل کي انهيءَ گناهہ جي معافي ڏج ۽ جيڪو
ملڪ تو سندن ابن ڏاڏن کي ميراث ڪري ڏنو آهي تنهن ۾ کين
موٽائي آڻج.
26 جڏهن تنهنجي قوم تنهنجو ڪو گناهہ ڪري ۽ انهيءَ سبب
آسمان بند ٿي وڃي ۽ مينهن نہ پوي، تڏهن جيڪڏهن هو هن جاءِ
ڏانهن منهن ڪري دعا گهرن ۽ تو کي مڃيندي پنهنجي مٿان آيل
مصيبت جي ڪري پنهنجي گناهہ کان باز اچن، 27 تہ تون عرش
عظيم ۾ انهن جي ٻڌج. تون پنهنجي ٻانهن يعني بني اسرائيل قوم
جو گناهہ معاف ڪج. تون کين سڌي راهہ تي هلڻ سيکارج ۽ جيڪو
ملڪ تو پنهنجي قوم کي ورثو ڪري ڏنو آهي تنهن تي مينهن وسائج.
28 جڏهن انهيءَ ملڪ ۾ ڏڪار پوي، يا وبا پوي، يا جهولو لڳي يا
فصلن ۾ رتي پوي، ماڪڙ ڪائي يا جيت لڳي، يا جڏهن سندن دشمن
سندن شهرن کي گهيري هيٺ آڻين، مطلب تہ ڪهڙي بہ مصيبت يا
ڪهڙي بہ بيماري اچي پوي، 29 تہ تون ماڻهن جي دعا ٻڌج. هائو،
جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا تنهنجي ساري بني اسرائيل قوم پنهنجي
ڏک ۽ درد کي ڄاڻيندي دانهن ڪري يا دعا گهري پنهنجا هٿ هن
گهر ڏانهن کڻي، 30 تہ تون پنهنجي عرش عظيم مان ٻڌج ۽ سندن
گناهہ معاف ڪج. تون ئي آهين جيڪو دلين جا راز ڄاڻين ٿو. سو
تون ماڻهوءَ جي دل کي ڄاڻيندي جيڪو جهڙي هلت هلي تنهن سان
تهڙيءَ طرح هلج، 31 انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو تو کان ڊڄن ۽ جيڪو
ملڪ تو اسان جي ابن ڏاڏن کي ڏنو آهي تنهن ۾ رهندي هو تنهنجي
واٽن تي هلن.
32 تنهن کان سواءِ جيڪڏهن ڪو ڌاريي ملڪ جو ماڻهو جيڪو
تنهنجي قوم بني اسرائيل مان ناهي، سو جڏهن تنهنجي عظيم نالي،
تنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت جي هاڪ ٻڌي انهيءَ پرانهين
ملڪ مان هتي اچي تنهنجي هن گهر ڏانهن هٿ کڻي دعا گهري،
33 تڏهن تون پنهنجي عرش عظيم مان هن جي ٻڌج. اهو ماڻهو تو
کي جهڙو عرض ڪري سو سندس پورو ڪج، تہ جيئن ڌرتيءَ جون
سڀ قومون تنهنجي قوم بني اسرائيل وانگر تو کي سڃاڻن ۽ تنهنجو
خوف رکن. پوءِ انهن کي خبر پوندي تہ هي گهر جيڪو مون جوڙايو
آهي سو تنهنجي ئي نالي آهي.
34 جڏهن تون پنهنجي قوم کي ڪيڏانهن سندن دشمنن سان جنگ
ڪرڻ لاءِ موڪلين ۽ هو جتي بہ هجن، اتان تنهنجي هن چونڊيل شهر
۽ تنهنجي نالي جوڙايل هن گهر ڏانهن منهن ڪري تو خداوند کان
دعا گهرن، 35 تڏهن عرش عظيم ۾ هنن جي دعا ٻڌي سندن عرض
اگهائج ۽ کين سوڀ ڏج.
36 جيئن تہ ڪوبہ اهڙو انسان ڪونهي جيڪو گناهہ نہ ٿو ڪري،
سو جڏهن هن قوم وارا تنهنجو گناهہ ڪن ۽ پوءِ تون ساڻن ڪاوڙجي
کين دشمن جي حوالي ڪري ڇڏين جيڪي کين قيدي بڻائي پري
يا اوري پنهنجي ملڪ ڏانهن وٺي وڃن 37-39 تہ تون هنن جي دعا
ٻڌج. هائو، انهيءَ ملڪ ۾ جتي هو قيدي آهن، اتي جڏهن سندن دل
ڦيرو کائي ۽ هو پشيمان ٿي پنهنجي پوريءَ دل ۽ جان سان تو آڏو
توبهہ‌تائب ٿين ۽ سندن ابن ڏاڏن کي ڏنل ملڪ، تنهنجي چونڊيل
شهر ۽ تنهنجي نالي جوڙايل هن گهر ڏانهن منهن ڪري منٿ ڪري
چون تہ 'اسان گناهہ ڪيو آهي، اسان غلط ڪم ڪيو آهي، اسان
بڇڙائي ڪئي آهي،' تہ تون انهن جي دعا ۽ منٿ پنهنجي عرش
عظيم ۾ ٻڌج. پنهنجي قوم کي انهيءَ ڪيل گناهہ جي معافي ڏج
۽ سندن مدد ڪج.
40 هاڻي اي منهنجا خدا! شل تون اسان جي هر اها دعا رحم ڪندي
قبول ڪرين، جيڪا هن گهر ۾ گهري وڃي.

41 هاڻ اي خداوند خدا!
تون پنهنجي قدرت واري نشان
يعني عهد واري صندوق سميت،
پنهنجي آرامگاهہ ۾ هلي اچ.
اي خداوند خدا!
شل تنهنجا ڪاهن سچائيءَ جي برڪت سان ڀرپور رهن.
شل تنهنجا نيڪ ٻندا
تنهنجي ڀلائيءَ جي ڪري خوشيون ملهائين.
42 اي خداوند خدا!
پنهنجي هن مسح ڪري چونڊيل بادشاهہ کان منهن نہ موڙ.
هائو، تون پنهنجي ٻانهي دائود تي ڪيل مهربانيون نہ وسار."

## هيڪل کي خداوند لاءِ مخصوص ڪرڻ
(1.بادشاهہ 8:62–66)

7 1 جڏهن بادشاهہ سليمان اها دعا گهري بس ڪئي، تڏهن آسمان
مان باهہ نازل ٿي ۽ قربانگاهہ تي پيش ڪيل ساڙڻ واري قرباني
۽ ٻين قربانين کي ساڙي رک ڪري ڇڏيائين ۽ هيڪل خداوند جي
جلوي سان ڀرجي ويو. 2 ڪاهن هيڪل ۾ داخل ٿي نہ سگهيا،
ڇاڪاڻ‌تہ خداوند جي جلوي سان هيڪل ڀرجي ويو هو. 3 جڏهن بني
اسرائيل جي سڀني ماڻهن باهہ کي نازل ٿيندي ۽ خداوند جي جلوي
کي هيڪل جي مٿان لهندي ڏٺو تہ هنن زمين تي منهن ڀر سجدو
ڪيو ۽ خداوند جي شڪرگذاري ادا ڪندي چيائون تہ "هو ڀلو آهي
۽ سندس شفقت هميشہ جي لاءِ آهي."
4 پوءِ بادشاهہ سليمان ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن خداوند
جي حضور ۾ قربانيون پيش ڪيون. 5 سليمان خداوند جي حضور
۾ سلامتيءَ جون قربانيون پيش ڪيون، جن ۾ هن ٻاويهہ هزار ڍور
ڏڳا ۽ هڪ لک ويهہ هزار رڍون ٻڪريون ذبح ڪيون. اهڙيءَ طرح

6:41–42 زب 132:8–10   1:7 لاو 9:23–24   3:7 1.توا 16:34، 2.توا 5:13، عز 3:11، زب 100:5، 106:1، 107:1، 118:1، 136:1، ير 33:11

بادشاهہ ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن خداوند جو گهر مخصوص
ڪيو. 6 ڪاهن پنهنجين مقرر جاين تي بيهي رهيا، ۽ لاوي بہ انهن
جي سامهون اهي ساز وڄائي خداوند جي واکاڻ ڪرڻ لڳا، جيڪي
دائود بادشاهہ خداوند جي واکاڻ ڳائڻ لاءِ ٺهرايا هئا. هنن انهيءَ
مهل ساز وڄائي دائود جو شڪرگذاريءَ وارو هي مقرر ڪيل گيت
ڳايو تہ ”خداوند جي شفقت هميشہ جي لاءِ آهي.“ ڪاهن شرنايون
وڄائيندا رهيا ۽ بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو بيٺا رهيا.
7 انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي اڱڻ جو وچ وارو حصو جيڪو خداوند
جي گهر جي اڳيان هو، تنهن کي بادشاهہ مخصوص ڪيو ۽ اتي هن
ساڙڻ واريون قربانيون، اناج جون قربانيون ۽ سلامتيءَ جي قربانين
جي چربي پيش ڪئي، ڇاڪاڻ تہ پتل جي قربان‌گاهہ جيڪا خداوند
جي حضور ۾ هئي سا انهن قربانين لاءِ تمام ننڍي هئي.
8 انهيءَ وقت سليمان ۽ ساڻس گڏ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن
ست ڏينهن تنبن واري عيد بہ ملهائي. اتر طرف حمات لڪ کان وٺي
ڏکڻ طرف مصر جي سرحد واري برساتي نهر تائين تمام گهڻا ماڻهو
آيا هئا. 9 هنن قربان‌گاهہ کي مخصوص ڪرڻ ۾ ست ڏينهن لڳايا ۽
ست ڏينهن وڏيڪ عيد ملهايائون. پندرهين ڏينهن تي خدا جي عبادت
لاءِ هنن گڏجاڻي ڪئي. 10 ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن يعني ستين مهيني
جي ٽيويهين تاريخ تي سليمان بادشاهہ ماڻهن کي پنهنجن پنهنجن
گهرن ڏانهن واپس موڪليو. هو انهن برڪتن تي ڏاڍا خوش ۽ سرها
هئا، جيڪي خداوند پنهنجي قوم بني اسرائيل، دائود ۽ سليمان کي
عطا ڪيون هيون.

## خداوند جو سليمان کي ٻيهر ڏيکاري ڏيڻ
(1.بادشاهہ 9:1–9)

11 جڏهن سليمان هيڪل ۽ پنهنجو شاهي محل ٺهرائي پورو ڪيو ۽
جيڪي ڪجهہ هيڪل ۽ پنهنجي محل بابت سوچيو هئائين سو ڪرڻ
۾ هو ڪامياب ٿيو، 12 تڏهن رات جو خداوند کيس ڏيکاري ڏيندي
چيو تہ ”مون تنهنجي دعا ٻڌي آهي ۽ هن هيڪل کي پنهنجي لاءِ
قربانين واسطي قبول ڪيو اٿم. 13 جڏهن آءٌ آسمان مان مينهن وسائڻ
بند ڪندس، يا ماڪڙ کي حڪم ڏيندس تہ فصل ڪائي چٽ ڪري
ڇڏي، يا پنهنجي قوم ۾ وبا موڪليندس 14 ۽ پوءِ جيڪڏهن منهنجي
قوم جيڪا منهنجي نالي تي سڏجي، سا عاجزيءَ سان دعا گهرندي
۽ منهنجي ٻاجهہ طلبيندي ۽ پنهنجي بڇڙائيءَ وارين راهن کان منهن
موڙيندي، تہ پوءِ آءٌ عرش عظيم مان سندن دعا ٻڌي سندن گناهہ
معاف ڪندس ۽ سندن ملڪ کي وري خوشحال بڻائيندس. 15 هاڻي
جيڪا بہ دعا هن هيڪل مان گهري ويندي سا آءٌ پنهنجي ٻاجهہ
سان قبول ڪندس. 16 ڇالاءِجو مون هن هيڪل کي چونڊي مخصوص
ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ اتي هميشہ منهنجو نالو قائم رهي. سو
منهنجي نگاهہ ۽ دل هر وقت مٿس رهندي.
17 باقي رهين تون، سو جيڪڏهن تون پنهنجي پيءُ دائود وانگر
منهنجي فرمانبرداري ڪندين ۽ منهنجي حڪمن تي هلندي منهنجي
قاعدن قانونن جي تعميل ڪندين، 18 تہ آءٌ تنهنجو شاهي تخت قائم
رکندس، جيئن مون تنهنجي پيءُ دائود سان واعدو ڪيو هو تہ
’تنهنجي اولاد مان بني اسرائيل جي تخت تي ويهڻ لاءِ ماڻهوءَ جي
ڪمي ڪانہ ٿيندي.‘ 19 پر جيڪڏهن اوهين ڦري ويندا ۽ جيڪي حڪم
۽ قاعدا قانون مون اوهان کي ڏنا آهن تن تي عمل نہ ڪندا ۽ وڃي
غير معبودن جي پوڄا ڪندا ۽ انهن اڳيان سر جهڪائيندا، 20 تہ پوءِ
مون جيڪو ملڪ بني اسرائيل کي ڏنو آهي تنهن مان سندن پاڙون
پٽي ڇڏيندس ۽ هي هيڪل جيڪو مون پنهنجي نالي لاءِ مخصوص
ڪيو آهي تنهن کي آءٌ رد ڪري ڇڏيندس. آءٌ انهيءَ کي سڀني قومن
۾ هڪڙو پهاڪو ۽ ٺوڪن‌هاب بڻائي ڇڏيندس. 21 هاڻ جيتوڻيڪ هي
هيڪل وڏي شان وَ شوڪت وارو آهي، پر پوءِ جيڪي بہ اتان لنگهندا
سي ان جي حالت ڏسي دهلجي ويندا ۽ چوندا تہ ’خداوند هن ملڪ
سان ۽ هن هيڪل سان هيئن ڇو ڪيو آهي؟‘ 22 ماڻهو ڪين ورندي
ڏيندا تہ ’هن ڪري جو بني اسرائيل خداوند پنهنجي خدا کي ڇڏي ڏنو
جنهن هنن جي ابن ڏاڏن کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو هو. هنن
غير معبودن جي اطاعت ڪئي ۽ انهن کي سجدو ڪري پوڄڻ لڳا.
اهو ئي سبب آهي جو خداوند مٿن اها سموري مصيبت آندي آهي.‘“

## سليمان جا ٻيا ڪارناما
(1.بادشاهہ 9:10–28)

8 1 هيڪل ۽ پنهنجي محل تعمير ڪرائڻ ۾ سليمان کي ويهہ سال
لڳي ويا. 2 تنهن کان پوءِ هن اهي شهر پڻ وري تعمير ڪرايا
جيڪي کيس حيرام بادشاهہ ڏنا هئا. هن بني اسرائيل مان ڪن کي
اتي رهڻ لاءِ موڪليو. 3 سليمان حمات ضوباہ نالي علائقي تي بہ
حملو ڪري مٿس قبضو ڪيو. 4 هن بيابان ۾ تدمور نالي شهر تعمير
ڪرايو ۽ حمات علائقي ۾ گدامن وارا سڀ شهر پڻ نئين سر تعمير
ڪرايائين. 5 سليمان مٿاهون بيت‌حورون ۽ هيٺاهون بيت‌حورون بہ
وري تعمير ڪرايا. اهي شهر ڪوٽن ۽ دروازن وارا شهر هئا، جن جي
دروازن ۾ گز پيل هئا. 6 هن بعلات شهر، گدامن وارا شهر ۽ اهي
شهر بہ وري تعمير ڪرايا جن ۾ سندس گهوڙي گاڏيون ۽ سندس
گهوڙي سوار رهندا هئا. هن يروشلم ۾، لبنان ۾ ۽ پنهنجي سڄي
بادشاهت ۾ ٻيو جيڪي بہ چاهيو سو تعمير ڪرايو.
7–8 سليمان ڪنعان جي انهن بچي ويل ماڻهن جو اهو اولاد بيگر
۾ لڳايو، جن کي سندن ملڪ تي قبضي ڪرڻ وقت بني اسرائيل نہ
ماريو هو. انهن ۾ حتي، اموري، فرزي، حوي ۽ يبوسي شامل هئا

18:7 1.با 4:2

جن جو اولاد اڄ ڏينهن تائين اتي غلاميءَ ۾ رهندو پيو اچي. 9 پر
سليمان بني اسرائيل مان ڪنهن کي به بيگار ۾ نه لڳايو. هن انهن
کان سپاهگيري، عملداري، گهوڙي گاڏين جي سالاري ۽ گهوڙي
سواريءَ جا ڪم ورتا. 10 سليمان بادشاهه جا ٻه سؤ پنجاهه مکيه
عملدار هئا جيڪي بيگار وارن جي نگراني ڪندا هئا.
11 سليمان پنهنجي زال جيڪا *فرعون جي ڌيءَ هئي، تنهن کي
†دائود جي شهر مان ڪڍي انهيءَ محل ۾ آندو جيڪو سندس لاءِ
جوڙايو هئائين. ڇالاءِجو هن چيو ته ”منهنجي زال کي اسرائيل جي
بادشاهه دائود جي محل ۾ نه رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ‌ته اها غير قوم
مان آهي ۽ جنهن جنهن جاءِ ۾ خداوند جي عهد واري صندوق آئي
آهي سي سڀئي پاڪ آهن.“
12 سليمان خداوند جي انهيءَ قربان‌گاهه تي ساڙڻ واريون قربانيون
پيش ڪندو هو، جيڪا هن هيڪل جي ورانڊي جي اڳيان ٺهرائي
هئي. 13 هو اهي ساڙڻ واريون قربانيون موسيٰ جي شريعت موجب
مخصوص ڏينهن تي مقرر طريقي مطابق پيش ڪندو هو، جهڙوڪ:
سبت جي ڏينهن تي، نئين چنڊ تي، سال ۾ ٽي ڀيرا مقرر عيدن تي
يعني بي‌خميري مانيءَ جي عيد تي، لاباري جي عيد تي ۽ تنبن جي
عيد تي. 14 پنهنجي پيءُ دائود جي قاعدي جي پيروي ڪندي هن
ڪاهنن جون ٽوليون واري واري سان هيڪل جي خدمت لاءِ مقرر
ڪيون. لاوين کي مقرر ڪيائين ته هو روزمره جي دستور موجب
حمد ۾ اڳواڻي ڪن ۽ ڪاهنن جي خدمت چاڪري ڪن. هن دربانن
کي به ٽولن جي صورت ۾ سڀني درن تي مقرر ڪيو، ڇالاءِجو خدا
جي ٻانهي دائود بادشاهه ائين ئي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. 15 جيڪو
حڪم دائود ڪاهنن ۽ لاوين کي ڪنهن به ڳالهه بابت يا خزانن
بابت ڏيندو هو، تنهن جي هو پيڪڙي نه ڪندا هئا. 16 هيڪل جي
بنياد پوڻ کان وٺي ان جي ٺهي راس ٿيڻ تائين سليمان انهيءَ جا ٻيا
سمورا ڪم به ڪاميابيءَ سان پورا ڪيا.
17 پوءِ سليمان عيصون‌جابر ۽ ايلات شهرن ڏانهن ويو، جيڪي
‡ادوم جي ملڪ ۾ خليج عقبه جي ڪناري تي اڏيل هئا. 18 حيرام
بادشاهه پنهنجي سالارن سميت سامونڊي جهازن سان گڏ تجربيڪار
ملاح سليمان ڏانهن ڏياري موڪليا. اهي سليمان جي ماڻهن سان
گڏجي اوفير جي علائقي ڏانهن ويا ۽ اتان اٽڪل پندرهن هزار
ڪلوگرام سون بادشاهه سليمان وٽ کڻي آيا.

## شبا جي راڻيءَ جو اچڻ

(1.بادشاهه 10:1–13)

9 1 جڏهن شبا جي راڻيءَ بادشاهه سليمان جي ڏاهپ جي هاڪ
ٻڌي، تڏهن هوءَ ڪجهه ڏکيا سوال کڻي سليمان کي آزمائڻ لاءِ
يروشلم ۾ آئي. هن سان گڏ وڏي تعداد ۾ نوڪر چاڪر هئا ۽ ساڻس
گڏ مصالحن، گهڻي سون ۽ قيمتي هيرن جواهرن سان لڏيل اٺ پڻ
هئا. هوءَ سليمان وٽ آئي ۽ جيڪي ڪجهه سوچي آئي هئي، تنهن
بابت هن کان پڇا ڳاڇا ڪيائين. 2 سليمان سندس سڀني سوالن جا
جواب ڏنا. ڪابه ڳالهه سمجهائڻ هن لاءِ مشڪل نه هئي. 3 جڏهن
شبا ملڪ جي راڻي سليمان جي ساري ڏاهپ ڏٺي ۽ جيڪو گهر سليمان
ٺهرايو هو سو ڏٺائين، 4 سندس دسترخوان جا طعام، سندس عملدارن
جو ويهڻ، سندس خدمتگارن ۽ ساقين جو پنهنجيورديءَ ۾ حاضر
رهڻ ۽ خداوند جي هيڪل ۾ جيڪي سليمان ساڙڻ واريون قربانيون
پيش ڪيون ٿي، سي سڀ ڏٺائين ته هوش وَ هواس اڏامي ويس.
5 هن بادشاهه کي چيو ته ”مون تنهنجي ڪارنامن ۽ تنهنجي
ڏاهپ بابت پنهنجي ملڪ ۾ جيڪي ڪجهه ٻڌو هو سو سڀ سچ
نڪتو. 6 پر مون تيستائين انهن تي اعتبار نه پئي ڪيو جيستائين
اچي پنهنجين اکين سان نه ڏٺم. مون کي ته تنهنجي ڏاهپ جو
اڌ به نه ٻڌايو ويو هو. مون تنهنجي جيڪا هاڪ ٻڌي هئي تنهن
کان تون گهڻو وڌيڪ آهين. 7 تنهنجا ماڻهو ڪيڏا نه خوش‌نصيب
آهن. تنهنجا عملدار ڪيڏا نه خوش‌بخت آهن جيڪي هميشه تنهنجي
حاضريءَ ۾ بيٺا تنهنجي ڏاهپ ٻڌندا آهن. 8 خداوند تنهنجي خدا
جي واکاڻ هجي، جيڪو تو مان راضي آهي ۽ تو کي پنهنجي تخت
تي ويهاريو اٿائين ته تون خداوند پنهنجي خدا طرفان بادشاهه ٿئين.
جيئن ته تنهنجي خدا جي بني اسرائيل سان محبت آهي ۽ کين هميشه
لاءِ قائم ڪرڻ گهري ٿو، تنهنڪري هن تو کي مٿن بادشاهه بڻايو
آهي ته جيئن تون انصاف ۽ سچائي قائم رکين.“
9 پوءِ راڻيءَ بادشاهه کي چار هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ سون،
مصالحن جو وڏو مقدار ۽ قيمتي هيرا جواهر ڏنا. جهڙا مصالحا شبا
جي راڻيءَ سليمان بادشاهه کي ڏنا تهڙا ڪڏهن به ڪين هئا. 10–12 شبا
جي راڻيءَ جيڪي ڪجهه چاهيو ۽ گهريو سو سليمان بادشاهه کيس
ڏنو. راڻيءَ جيڪي ڪجهه بادشاهه لاءِ آندو هو بادشاهه کيس انهيءَ
کان به وڌيڪ ڏنو. پوءِ هوءَ پنهنجي نوڪرن چاڪرن سان پنهنجي
ملڪ ڏانهن موٽي ويئي.

---

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

†دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

‡ادوم: اهو علائقو اسرائيل ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

13:8 خر 23:14–17، 34:22–23، ڳا 28:9–29:39، شر 16:16 9:1–9 مت 12:42، لو 11:31

حيرام ۽ سليمان جي جن ماڻهن اوفير مان سون آندو هو تن چندن
جو ڪاٺ ۽ قيمتي هيرا جواهر به آندا هئا. بادشاهه چندن جي ڪاٺ
مان هيڪل لاءِ ۽ پنهنجي محل لاءِ ڏاڪڻيون ٺهرايون، ان کان علاوه
ڳائڻن لاءِ تار وارا ساز پڻ ٺهرايائين. اهڙي ڪاٺ شيءِ ملڪ ۾ اڳي
ڪڏهن به نه ڏٺي ويئي هئي.

## سليمان بادشاهه جي دولت
(ا.بادشاهه 10:14–25)

13 هر سال سليمان کي جيڪو سون ملندو هو تنهن جو وزن اٽڪل
ٽيويهه هزار ڪلوگرام هو. 14 انهيءَ کان علاوه واپاري ۽ سوداگر
محصول به ڀريندا هئا. سمورا عرب بادشاهه ۽ اسرائيل ملڪ جا
حاڪم پڻ سون ۽ چاندي سليمان وٽ آڻيندا هئا. 15 سليمان بادشاهه
ٻه سؤ وڏيون ڍالون ٺهرايون جن جي مٿان سون جا پٽ چاڙهايائين.
هر هڪ ڍال تي ساڍا ٽي ڪلوگرام سون لڳو. 16 هن ٽي سؤ ننڍيون
ڍالون پڻ ٺهرايون جن جي مٿان سون جا پٽ چاڙهايائين. هر هڪ ڍال
تي پوڻا ٻه ڪلوگرام سون لڳو. اهي سڀ بادشاهه لبنان جي ٻيلي
واري ڪاٺ مان ٺهيل محل ۾ رکرايون.
17 تنهن کان سواءِ بادشاهه عاج جو هڪڙو وڏو تخت ٺهرايو ۽ ان
تي خالص سون چاڙهايائين. 18 انهيءَ تخت کي ڇهه ڏاڪا هئا ۽
هڪ سوني پيرن جي صندلي ان سان ڳنڍيل هئي. ويهڻ جي جاءِ جي
ٻنهي پاسن کان ٻه ٻانهيون به هيون. ٻنهي ٻانهين جي پرسان شينهن
جو هڪ هڪ مجسمو لڳل هو. 19 انهن ڇهن ڏاڪن تي شينهن جا
ٻارهن مجسما لڳل هئا. هر هڪ ڏاڪي جي ٻنهي پاسن کان هڪ
هڪ شينهن بيٺل هو. اهڙو تخت ٻي ڪنهن به بادشاهت ۾ ڪونه
هو. 20 بادشاهه سليمان جا سڀ پيالا سون جا هئا ۽ لبنان جي ٻيلي
واري ڪاٺ مان ٺهيل محل جا سڀيئي ٿانوَ پڻ نج سون جا هئا. ڪا
هڪڙي شيءِ به چانديءَ جي ٺهيل ڪانه هئي، ڇوته تن ڏينهن ۾
چاندي ليکي ۾ ئي نه ايندي هئي. 21 سليمان کي تجارتي سامونڊي
جهاز هئا جيڪي حيرام بادشاهه جي جهازن سان ايندا ويندا هئا. هر
ٽئين سال اهي جهاز ترسيس کان ٿي موٽندا هئا ۽ پاڻ سان سون،
چاندي ۽ عاج، باندر ۽ مور آڻيندا هئا.
22 بادشاهه سليمان دولت ۽ حڪمت ۾ دنيا جي سڀني بادشاهن کان
وڌيڪ هو. 23 دنيا جي سڀني بادشاهن کي اهو شوق هوندو هو ته هو
سليمان وٽ حاضر رهي سندس ڏاهپ ٻڌن، جيڪا خدا سندس دل ۾
وڌي هئي. 24 سال بسال هر ڪنهن پنهنجو نذرانو ٿي آندو، جنهن ۾
چانديءَ ۽ سون جا ٿانوَ، جبا، هٿيار، مصالحا، گهوڙا ۽ خچر شامل
هوندا هئا.
25 سليمان کي گهوڙن ۽ جنگي گهوڙي گاڏين جي لاءِ چار هزار
طبيلا هوندا هئا. کيس ٻارهن هزار گهوڙي سوار هئا، جيڪي هن
مختلف شهرن ۾ ۽ ڪجهه پاڻ وٽ يروشلم ۾ رهايا هئا. 26 فرات
نديءَ کان وٺي فلستين جي ملڪ تائين ۽ ويندي مصر جي سرحد
تائين هو سڀني بادشاهن تي حڪمراني ڪندو هو. 27 بادشاهه يروشلم
۾ چاندي ائين ته عام ڪري ڇڏي جيئن پٿر هوندا آهن ۽ ديال جو
ڪاٺ ايترو ته جهجهو ڪري ڇڏيائين جيترا اتان جي هيٺاهين علائقي
۾ انجير جا وڻ هوندا آهن. 28 سليمان لاءِ مصر ۽ ٻين ملڪن مان
گهوڙا آندا ويندا هئا.

## سليمان جي وفات
(1.بادشاهه 11:41–43)

29 سليمان جا ٻيا سڀيئي ڪم، شروع کان آخر تائين ”ناتن نبيءَ
جي تواريخ“، ”اخياه سيلائيءَ جي معرفت پيغام“ ۽ ”عيدو غيبدان
جون ڏٺل رويائون“ ۾ لکيل آهن. انهيءَ پوئين ڪتاب ۾ اسرائيل جي
بادشاهه يربعام ولد نباط جو بيان به لکيل آهي. 30 سليمان يروشلم
۾ رهي سڄي اسرائيل تي چاليهن سالن تائين حڪمراني ڪئي. 31 پوءِ
سليمان وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو. کيس
پنهنجي پيءُ *دائود جي شهر ۾ دفنايو ويو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ
رحبعام سندس جاءِ تي بادشاهه ٿيو.

## اتر وارن قبيلن جي بغاوت
(1.بادشاهه 12:1–20)

10 1 رحبعام سڪم شهر ڏانهن روانو ٿيو، جتي ڏهن ئي اترادي
قبيلن جا ماڻهو کيس بادشاهه بنائڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا. 2 انهيءَ
کان ڪجهه وقت اڳ ۾ يربعام ولد نباط بادشاهه سليمان کان ڀڄي
مصر ۾ وڃي رهيو هو. اتي هن جڏهن اها سڄي خبر ٻڌي ته موٽي
پنهنجي وطن آيو. 3 تڏهن اتر وارن قبيلن جي ماڻهن يربعام کي
گهرايو ۽ پوءِ ساڻس گڏجي رحبعام وٽ اچي کيس چيو ته 4 ”توهان
جي پيءُ سليمان ڳوري پاڃاري اسان جي ڳچيءَ ۾ وڌي هئي. هاڻ
توهان اها ڳوري پاڃاري اسان تان هلڪي ڪريو ته اسين توهان جي
خدمت ڪندا رهنداسين.“ 5 رحبعام کين وراڻيو ته ”اوهين ٽن ڏينهن
کان پوءِ موٽي اچي جواب وٺجو.“ تنهن تي ماڻهو موٽي هليا ويا.
6 پوءِ بادشاهه رحبعام انهن ماڻهن سان صلاح ڪئي، جيڪي
سندس پيءُ سليمان جي حياتيءَ ۾ سندس صلاحڪار هئا. هن ڪانئن
پڇيو ته ”هنن ماڻهن کي جواب ڏيڻ لاءِ اوهين مون کي ڪهڙي
صلاح ٿا ڏيو؟“ 7 هنن کيس وراڻيو ته ”جيڪڏهن توهان هنن ماڻهن

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

9:16 1.باد 7:2–3 9:25 1.با 4:26 9:26 پيد 15:18، 1.با 4:21 9:28 شر 17:16

سان مهربانيءَ وارو سلوڪ ڪندين، ڪين خوش رکندين ۽ ڪين وٺندڙ
ورندي ڏيندين تہ پوءِ هو هميشہ لاءِ تنهنجا خادم ٿي رهندا."
8 پر رحبعام انهن جي اها صلاح رد ڪري ڇڏي. پوءِ هن انهن
نوجوانن سان صلاح مصلحت ڪئي جيڪي ساڻس گڏ ننڍا ٿي وڏا ٿيا
هئا ۽ سندس خدمت ۾ رهندا هئا. 9 هن کانئن پڇيو تہ "اوهان جي
ڪهڙي صلاح آهي؟ هنن ماڻهن کي ڪهڙي ورندي ڏيڻ گهرجي،
جيڪي چون ٿا تہ 'جيڪا پاڃاري تنهنجي پيءُ اسان تي رکي آهي
سا تون هلڪي ڪر.'" 10 تڏهن انهن نوجوانن کيس وراڻيو تہ "هي
ماڻهو جيڪي چون ٿا تہ 'توهان جي پيءُ اسان تي جيڪا ڳري پاڃاري
رکي هئي سا توهين هلڪي ڪريو،' تن کي اوهين چئو تہ 'منهنجي
چيچ منهنجي پيءُ جي چيلهہ کان وڌيڪ ٿلهي آهي. 11 منهنجي پيءُ
اوهان تي جيڪا ڳري پاڃاري رکي هئي، تنهن کي آءٌ اڃا بہ ڳرو
ڪندس. منهنجو پيءُ اوهان کي چهبڪن سان سزا ڏيندو هو، پر آءٌ
اوهان کي ڪوڙن سان سزا ڏيندس.'"
12 جيئن رحبعام چيو هو، تيئن ئي يربعام ۽ ٻيا سڀ ماڻهو ٽئين
ڏينهن تي وٽس موٽي آيا. 13 رحبعام پنهنجي پيءُ جي صلاحڪارن
جي صلاح کي رد ڪندي انهن ماڻهن کي شوخيءَ سان جواب ڏنو.
14 هن جوان ماڻهن جي صلاح تي هلندي کين چيو تہ "منهنجي پيءُ
اوهان تي ڳري پاڃاري رکي هئي، تنهن کي آءٌ اڃا بہ وڌيڪ ڳرو
ڪندس. منهنجو پيءُ اوهان کي چهبڪن سان سزا ڏيندو هو پر آءٌ
اوهان کي ڪوڙن سان سزا ڏيندس." 15 سو رحبعام ماڻهن جي هڪ
بہ نہ ٻڌي، ڇوتہ اها ڳالهہ خدا جي طرفان طئي ٿيل هئي، تہ جيئن
خداوند جيڪي اخياه سيلائيءَ جي معرفت يربعام ولد نباط سان
ڳالهايو هو سو پورو ٿئي.
16 جڏهن بني اسرائيل جي انهن ڏهن قبيلن ڏٺو تہ دائود جو پوٽو
رحبعام انهن جي هڪ بہ نہ ٿو ٻڌي تڏهن انهن کيس جواب ۾ چيو تہ

"دائود ۾ هاڻ اسان جو ڪوبہ حصو پتي ڪونهي،
هائو، يسيءَ جي پٽ سان اسان جو ڪو واسطو نہ آهي.
اي اسان جي قبيلن وارؤ! هلو تہ موٽي هلون،
اي دائود جو اولاد! هاڻ هلاءِ پنهنجي بادشاهت."

پوءِ اسرائيل وارا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي هليا ويا.
17 يهوداه جي علائقي ۾ رهندڙ بني اسرائيل جي رڳو ٻن قبيلن تي
ئي رحبعام جي بادشاهي وڃي بچي.
18 پوءِ بادشاهہ رحبعام بيگارين جي نگران ادونرام کي بني
اسرائيل جي انهن ڏهن قبيلن ڏانهن موڪليو، پر هنن کيس سنگسار
ڪري ماري ڇڏيو. انهيءَ تي بادشاهہ رحبعام تڙ تڪڙ ۾ پنهنجي
گاڏيءَ ۾ چڙهي يروشلم ڏانهن ڀڄي ويو. 19 انهيءَ وقت کان وٺي
اڄ ڏينهن تائين بني اسرائيل جا اهي ڏهہ قبيلا دائود جي گهراڻي کان
باغي آهن.

## سمعياه نبيءَ جي پيشنگوئي

(1.بادشاهہ 12:21–24)

11 1 جڏهن رحبعام بادشاهہ يروشلم ۾ پهتو تڏهن هن يهوداه
۽ بنيامين قبيلن مان هڪ لک اسي هزار چونڊ جنگي جوڌا
گڏ ڪيا، انهيءَ لاءِ تہ بني اسرائيل جي ٻين قبيلن سان جنگ ڪري
وري پنهنجي سڄي بادشاهت بحال ڪري. 2 پر خداوند پنهنجي
ٻانهي سمعياه نبيءَ کي 3 رحبعام ۽ يهوداه ۽ بنيامين جي قبيلن
جي سڀني ماڻهن ڏانهن موڪليو تہ کين وڃي چوي تہ 4 "خداوند
فرمائي ٿو تہ 'اوهين پنهنجن بني اسرائيل ڀائرن سان جنگ ڪرڻ نہ
وڃجو. اوهان مان هر ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن موٽي
وڃي، ڇالاءِجو اهو ڪم منهنجو ڪيل آهي.'" تڏهن هو خداوند جو
حڪم مڃي يربعام تي ڪاهہ ڪرڻ کان باز آيا ۽ موٽي هليا ويا.

## رحبعام جو شهرن کي ڪوٽ ڪيرائڻ

5 رحبعام يروشلم ۾ رهي پيو ۽ بچاءُ جي لاءِ يهوداه ۽
بنيامين جي هنن شهرن کي چوڌاري ڪوٽ ڪيرايائين: 6 بيت‌لحم،
عيطام، تقوع، 7 بيت‌صور، شوڪو، عدلام، 8 گات، مريسہ،
زيف، 9 ادوريم، لڪيس، عزيقہ، 10 صرعاه، ايالون ۽ حبرون. 11 هن
انهن جي قلعن کي مضبوط ڪيو ۽ انهن ۾ قلعيدار مقرر ڪيا، جن
لاءِ راشن، زيتون جو تيل ۽ مئي جو ذخيرو مهيا ڪيائين. 12 هن سڀني
شهرن ۾ ڍالون ۽ ڀالا موجود ڪري رکيا ۽ انهن شهرن کي نهايت
مضبوط ڪيائين. اهڙيءَ طرح يهوداه ۽ بنيامين جا علائقا سندس ئي
قبضي هيٺ رهيا.

## ڪاهنن ۽ لاوين جو يهوداه ۾ اچڻ

13 اسرائيل ملڪ ۾ جيڪي ڪاهن ۽ لاوي هئا سي رحبعام جي
طرفداري ڪندي پنهنجي پنهنجي علائقن مان نڪري يهوداه ملڪ ۾
آيا. 14 لاوين پنهنجا چراگاهہ ۽ ملڪيتون بہ ڇڏي ڏنيون ۽ يروشلم
شهر ۽ يهوداه ملڪ جي ٻين علائقن ۾ اچي آباد ٿيا، ڇاڪاڻتہ يربعام
۽ سندس پٽن هنن کي ڪهانت واري عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو.
15 هن ٽڪرين تي ٺهيل غير معبودن جي پوڄا گهرن ۽ پنهنجي ٺاهيل
گابي ۽ ٻڪر جي شڪل وارن بتن لاءِ پنهنجن ماڻهن کي مذهبي
بزرگ مقرر ڪيو هو. 16 سو بني اسرائيل جي هر هڪ قبيلي مان
جيڪي خداوند، بني اسرائيل جي خدا جا دلي طور طالبو هئا سي بہ
لاوين جي پٺيان لڳي يروشلم ۾ آيا تہ جيئن هو خداوند، پنهنجي
ابن ڏاڏن جي خدا اڳيان قربانيون پيش ڪن. 17 اهڙيءَ طرح هنن تن

16:10 2.سم 1:20 15:11 1.با 31:12

سالن تائين دائود ۽ سليمان جي واٽن تي هلندي يهوداه جي بادشاهه
رحبعام جي حمايت ڪئي ۽ سندس بادشاهت کي زور وٺايائون.

## رحبعام جو ڪٽنب

18 رحبعام محالات نالي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن جي
پيءُ جو نالو يريموت ولد دائود هو ۽ سندس ماءُ جو نالو ابيخيل هو
جيڪا الياب ولد يسيءَ جي ڌيءَ هئي. 19 ان مان کيس هي پٽ ڄاوا:
يعوس، سمرياه ۽ زهم. 20 انهيءَ کان پوءِ رحبعام ابيسلوم جي ڌيءَ
معڪه سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس هي ٻار ٿيا: ابياه، عتي،
زيزا ۽ سلوميت. 21 هن کي جملي ارڙهن زالون ۽ سٺ سريتون هيون،
جن مان کيس اٺاويهه پٽ ۽ سٺ ڌيئر ڄايون. رحبعام پنهنجين سڀني
زالن ۽ سريتن کان وڌيڪ ابيسلوم جي ڌيءَ معڪه سان محبت ڪندو
هو. 22 رحبعام معڪه مان ڄاول پنهنجي پٽ ابياه کي ڀين ڀائرن مان
چونڊي اڳواڻ مقرر ڪيو، انهيءَ لاءِ ته جيئن پوءِ اهو بادشاهه بڻجي
سگهي. 23 هن سياڻپ کان ڪم ورتو ۽ پنهنجن سڀني پٽن کي يهوداه
۽ بنيامين جي سڀني علائقن جي ڪوٽ وارن شهرن ۾ پکيڙي ڇڏيو.
هن انهن کي بيانداز سامان ڏنو ۽ کين ڪيترين ئي زالون پرڻايائين.

## سيساق جي يروشلم تي ڪاهه

(1.بادشاهه 14:25–28)

12 1 هاڻ جڏهن رحبعام جي بادشاهي قائم ٿي وئي ۽ هو
پنهنجا پير ڄمائي ويو، تڏهن هن ۽ ساڻس گڏ سڀني يهوداه
وارن خداوند جي شريعت کي ڇڏي ڏنو. 2 جيئن ته هو خداوند کان
ڦري ويا هئا، تنهنڪري بادشاهه رحبعام جي بادشاهيءَ جي پنجين
سال مصر جو بادشاهه سيساق يروشلم تي ڪاهي آيو. 3 هن سان
ٻارهن سؤ جنگي گهوڙي گاڏيون ۽ سٺ هزار گهوڙي سوار هئا. هن
سان گڏ مصر مان آيل ماڻهو بيشمار هئا، جيڪي لبيا، سوڪي ۽
*سوڊان ملڪن مان هئا. 4 هن يهوداه جي سڀني قلعي وارن شهرن
تي قبضو ڪري ورتو ۽ يروشلم تائين اچي پهتو.

5 تڏهن سمعياه نبي يهوداه جي اڳواڻن ۽ رحبعام وٽ آيو جيڪي
سيساق جي خوف کان ڀڄي يروشلم ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. هن کين چيو
ته ”خداوند فرمائي ٿو ته ’جيئن اوهان مون کي ڇڏي ڏنو آهي تيئن
هاڻي مون به اوهان کي سيساق جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.‘“

6 تڏهن يهوداه جي اڳواڻن ۽ بادشاهه ڪنڌ ڪٽي جهڪايو ۽ چوڻ
لڳا ته ”بيشڪ خداوند عادل آهي.“

7 جڏهن خداوند ڏٺو ته هنن ڪنڌ ڪٽي جهڪايو آهي تڏهن سمعياه
تي هي ڪلام نازل فرمايائين ته ”جيئن ته هنن ڪنڌ ڪٽي جهڪايو آهي
تنهنڪري آءٌ کين ناس نه ڪندس پر ساڻن ڪجهه رعايت ڪندس.
منهنجي ڪاوڙ سيساق جي معرفت يروشلم تي نه ڪڙڪندي.
8 تنهن هوندي به هو انهيءَ جي رعيت ٿي رهندا، ته جيئن هنن کي
منهنجي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ وارن ملڪن جي بادشاهن
جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ فرق جي خبر پوي.“

9 سو جڏهن مصر جي بادشاهه سيساق يروشلم تي ڪاهه ڪئي
تڏهن هو خداوند جي گهر جا خزانا ۽ شاهي محل جا خزانا لٽي ڪٽي
ويو. هو سڀ ڪجهه ڪٽي ويو، ايستائين جو سليمان جون ٺهرايل
سونيون ڍالون به ڪٽي ويو. 10 تڏهن بادشاهه رحبعام انهن جي بدران
پتل جون ڍالون ٺهرايون ۽ اهي پهري وارن جي سالارن جي حوالي
ڪيائين جيڪي شاهي محل جي دروازي تي پهرو ڏيندا هئا. 11 جڏهن
به بادشاهه خداوند جي گهر ۾ ويندو هو، تڏهن پهري وارا اهي ڍالون
کڻي ساڻس گڏ ويندا هئا ۽ پوءِ پهري واري جاءِ ۾ موٽائي اٽي رکي
ڇڏيندا هئا.

12 جيئن ته رحبعام بادشاهه عاجزيءَ کان ڪم ورتو هو تنهنڪري
خداوند جي ڪاوڙ هن تان ٽري ويئي ۽ کيس پوريءَ طرح ناس نه
ڪيائين. بلڪ سندس ملڪ يهوداه ۾ حالات صحيح رهيا.

## رحبعام جي بادشاهت جو اختصار

13 رحبعام بادشاهه يروشلم ۾ پاڻ کي مضبوط ڪري رهڻ لڳو
۽ سندس بادشاهي جاري رهي. جڏهن هو بادشاهه ٿيو تڏهن سندس
عمر ايڪيتاليهه سال هئي. سترهن سال هن يروشلم ۾ رهي بادشاهي
ڪئي، جنهن شهر کي خداوند بني اسرائيل جي سڀني قبيلن جي
علائقن مان پنهنجي نالي کي قائم ڪرڻ لاءِ چونڊيو هو. رحبعام
بادشاهه جي ماءُ جو نالو نعمه هو جيڪا †عمونين مان هئي.
14 رحبعام اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خراب هئا، ڇاڪاڻ ته هو دلي
طور تي خداوند جو طالبو نه هو.

15 تواريخ وارو ڪتاب جيڪو نسب‌نامن موجب لکيل آهي، تنهن
۾ رحبعام جي بادشاهيءَ جا ٻيا واقعا، شروع کان آخر تائين، سمعياه
نبيءَ ۽ عدو غيبدان جي لکت ۾ آهن. رحبعام ۽ يربعام جي وچ
۾ هميشه جنگيون جهيڙا ٿيندا رهيا. 16 رحبعام وفات ڪري وڃي
پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو. کيس ‡دائود جي شهر ۾ دفن ڪيو
ويو. پوءِ سندس جاءِ تي سندس پٽ ابياه بادشاهه بڻيو.

---

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

†عمونين: انهن جو علائقو اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

‡دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

9:12 1.با 10:16–17، 2.توا 9:15–16

## يهوداه جو بادشاهه ابياه

(1.بادشاهه 15:1–8)

13 ① اسرائيل جي بادشاهه يربعام جي بادشاهيءَ جي ارڙهين
سال ابياه يهوداه ملڪ جو بادشاهه بڻيو. ② هن يروشلم ۾
رهي اٽڪل ٽي سال بادشاهي ڪئي. سندس ماءُ جو نالو ميڪاياه هو،
جيڪا گبعت واري اوري‌ايل جي ڌيءَ هئي.
ابياه ۽ يربعام جي وچ ۾ لڙائي لڳي. ③ سو ابياه چار لک چونڊ
جنگي جوڌا ساڻ ڪري جنگ لاءِ نڪتو. هوڏانهن يربعام اٺ لک
چونڊ جنگي جوڌن سان هن جي مقابلي ۾ صفون ٻڌي اچي بيٺو.
④ يهوداه جو بادشاهه ابياه افرائيم جي جابلو علائقي ۾ صمريم جبل
تي چڙهي بيٺو ۽ چوڻ لڳو تہ ”اي يربعام ۽ اي سڀ اسرائيل وارؤ!
منهنجي ڳالهہ ٻڌو. ⑤ ڇا اوهان کي خبر نہ آهي تہ خداوند، بني
اسرائيل جي خدا دائود ۽ سندس اولاد کي سچي بني اسرائيل جي
بادشاهت اٽٽ عهد سان هميشہ لاءِ ڏيئي ڇڏي آهي؟ ⑥ تنهن هوندي
بہ يربعام ولد نباط جيڪو سليمان ولد دائود جو خدمتگار هو، تنهن
پنهنجي مالڪ جي خلاف بغاوت ڪئي آهي. ⑦ ڪي لُچا لُفنگا ماڻهو
هن جي چوڌاري اچي گڏ ٿيا آهن ۽ رحبعام ولد سليمان جي مخالفت
شروع ڪئي اٿائون، جڏهن تہ هو اڃا ننڍو ۽ فيصلي ڪرڻ ۾ پختو
ڪين هو ۽ نہ وري انهن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ايتري سگهہ هيس.
⑧ هاڻ وري اوهين خداوند جي بادشاهت سان مقابلي ڪرڻ جا منصوبا
ٺاهيو، جيڪا دائود جي اولاد جي هٿن ۾ آهي. اها حقيقت آهي تہ
اوهين هڪ وڏو لشڪر آهيو ۽ اوهان وٽ سونا گابا بہ آهن جيڪي
يربعام ٺاهي اوهان کي معبود ڪري ڏنا آهن. ⑨ پر ڇا اوهان خداوند
جي ڪاهنن يعني هارون جي پٽن کي ۽ لاوين کي بہ پاڻ وٽان هڪالي
نہ ڪڍيو آهي؟ ڇا اوهان پنهنجي طرفان انهن جي جاءِ تي ٻين ماڻهن
کي مقرر نہ ڪيو آهي، جيئن ٻين ملڪن جون قومون ڪنديون آهن؟
جيڪو ماڻهو هڪڙو وهڙو ۽ ست گهٽا پاڻ سان ڪٽي پاڻ کي وقف
ڪرڻ لاءِ ٿو اچي سو انهن جو ڪاهن ٿو بڻجي وڃي جيڪي حقيقت
۾ معبود آهن ئي ڪونہ. ⑩ باقي اسان يهوداه وارن جي لاءِ خداوند
اسان جو خدا ئي آهي ۽ اسان انهيءَ کي ڇڏي ڪين ڏنو آهي. ڪاهن
اهي ئي آهن جيڪي هارون جي اولاد مان خداوند جا خدمتگار مقرر
ٿيل آهن ۽ لاوي ئي انهن جا مددگار آهن. ⑪ اهي روزانو صبح جو
۽ شام جو خداوند جي لاءِ ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪندا آهن ۽
لوبان ساڙيندا آهن. هو نذراني وارا روٽ بہ نج سون جي پٽ چڙهيل
ميز تي ٺاهي سنواري رکندا آهن ۽ سوني شمعدان ۾ رکيل ڏيئا هر
روز شام جو ٻاريندا آهن. اسين خداوند پنهنجي خدا جي حڪمن تي
قائم آهيون، پر اوهان هن کي ڇڏي ڏنو آهي. ⑫ خداوند اسان سان گڏ
آهي، هو اسان جو رهبر آهي. هن جا ڪاهن جنگي توتارا وڄائي اوهان
جي خلاف جنگ جو اعلان ڪندا. اي اسرائيل وارؤ! خداوند پنهنجي
ابن ڏاڏن جي خدا سان نہ وڙهو، ڇاڪاڻ تہ اوهين سوڀ نہ ماڻيندا.“
⑬ انهيءَ وچ ۾ يربعام يهوداه وارن جي پٺيان لڪ ڇپ ۾ ڪجهہ
لشڪر ڦيرائي آندو، جڏهن تہ باقي لشڪر ابياه جي لشڪر اڳيان بيٺل
رهيو. ⑭ يهوداه جي لشڪر پٺ تي نهاريو تہ ڇا ڏسن تہ پٺيان ۽
اڳيان ٻنهي طرفن کان مٿن حملو ٿيڻ وارو آهي، تڏهن هنن خداوند
کي پڪاريو. پوءِ جيئن ئي ڪاهنن پنهنجا توتارا وڄايا ⑮ ۽ لشڪر
وارن جنگ جو نعرو هنيون تيئن ئي خدا يهوداه جي بادشاهه ابياه
۽ سندس لشڪر جي اڳيان اسرائيل جي بادشاهه يربعام کي سندس
لشڪر سميت شڪست ڏني. ⑯ اهي يهوداه وارن جي اڳيان وٺي ڀڳا،
پر يهوداه وارا انهن جي پٺيان ڪاهي پيا. ⑰ ابياه ۽ سندس لشڪر هنن
۾ ڏاڍو ڪوس وڌو، تان جو اسرائيل ملڪ جا پنج لک سگهارا ماڻهو
مارجي ويا. ⑱ اهڙيءَ طرح اسرائيل وارن انهيءَ موقعي تي شڪست
کاڌي ۽ يهوداه وارا سوڀارا ٿيا، ڇالاءِجو هنن خداوند پنهنجي ابن
ڏاڏن جي خدا تي ڀروسو ڪيو. ⑲ انهيءَ جنگ ۾ ابياه يربعام جا هي
شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت قبضي ڪيا: بيت‌ايل، يسانہ ۽ افرون.
⑳ ان کان پوءِ ابياه جي ڏينهن ۾ يربعام وري زور وٺي نہ سگهيو
۽ خداوند کيس سزا ڏيئي ماري ڇڏيو. ㉑ پر ابياه طاقت ۾ وڌندو
ويو. هن چوڏهن شاديون ڪيون ۽ کيس ٻاويهہ پٽ ۽ سورهن ڌيئر
ڄايون. ㉒ ابياه جي بادشاهيءَ جون ٻيون ڳالهيون جيڪي هن ڪيون
يا جيڪي هن چيون، سي سڀ عيدو نبيءَ جي تفسير ۾ لکيل آهن.

## يهوداه جو بادشاهه آسا

14 ① پوءِ ابياه وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي
ٿيو ۽ کيس دائود جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس پٽ
آسا سندس جاءِ تي بادشاهه بڻيو. هن جي ڏينهن ۾ ڏهن سالن تائين
ملڪ ۾ امن امان رهيو.
② آسا اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند سندس خدا جي نظر ۾ چڱا
۽ صحيح هئا. ③ هن غير معبودن جون قربان‌گاهون، جبلن تي ٺهيل
سندن پوڄا گهر ڊاهي ڇڏيا، يسيره ديويءَ جا ٿنڀي جيان ڪوڙيل بت
ڪيرائي ڇڏيا ۽ بت‌پرستن جا مذهبي پٿر پڃائي پورا پورا ڪري ڇڏيا.
④ هن يهوداه جي رهاڪن کي حڪم ڏنو تہ اهي خداوند پنهنجي ابن
ڏاڏن جي خدا ڏانهن لاڙو رکن ۽ سندس شريعت ۽ قاعدن قانونن تي
عمل ڪن. ⑤ هن يهوداه ملڪ جي سڀني شهرن مان ٽڪرين تي ٺهيل
غير معبودن وارا پوڄا گهر ۽ سندن لوبان ساڙڻ واريون قربان‌گاهون
ختم ڪرائي ڇڏيون ۽ سندس هٿ هيٺ بادشاهت ۾ امن امان رهيو.
⑥ هن يهوداه جي ڪيترن ئي شهرن جا قلعا تعمير ڪرايا ۽ گهڻي
عرصي تائين ساڻس ڪنهن جو بہ جنگ جهيڙو ڪونہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ
خداوند کيس سلامتي بخشي هئي.
⑦ هن پنهنجي عوام کي چيو هو تہ ”اچو تہ هنن شهرن کي
چوڌاري ڪوٽ ڪيون ۽ انهن ۾ ٿُلهہ ٺاهيون ۽ ڳڙن سميت دروازا
جوڙيون. هي ملڪ اڃا تہ اسان جو آهي، ڇاڪاڻ تہ اسين خداوند
پنهنجي خدا جا طالبو آهيون ۽ سندس طلب رکڻ ڪري هن اسان کي

هر پاسي کان آرام بخشيو آهي.” اهڙيءَ طرح هنن شهرن جا قلعا
جوڙيا ۽ سک سانت ۾ زندگي گذارڻ لڳا.
8 آسا وٽ يهوداه مان ٽي لک جوانن جو هڪڙو لشڪر هو جيڪو
ڍالن ۽ نيزن سان مسلح هوندو هو ۽ بنيامين مان ٻه لک ۽ اسي هزار
جوانن جو هڪڙو لشڪر هوس جيڪو پڻ ڍالن ۽ تيرڪمانن سان مسلح
هوندو هو. اهي سڀئي بهادر جنگي جوڌا هئا.

## بادشاهه آسا جو سوڊانين کي شڪست ڏيڻ

9 هڪ دفعي زارح نالي هڪ سوڊاني ڏهه لک جوانن جو هڪڙو
لشڪر ٽي سؤ جنگي گهوڙي گاڏين سميت ساڻ ڪري اچي يهوداه
ملڪ تي حملو ڪيو ۽ مريسه شهر تائين پهچي ويو. 10 تڏهن آسا
هن جي مقابلي لاءِ نڪري آيو ۽ مريسه وٽ صفاته جي ماٿريءَ ۾
زارح جي لشڪر سامهون جنگ لاءِ صف بندي ڪيائين.
11 پوءِ آسا خداوند پنهنجي خدا کي پڪاريندي چيو ته ”اي خداوند!
تنهنجي اڳيان طاقتور ۽ ڪمزور جي وچ ۾ ڪو فرق ڪونهي. سوڀ
ڏيڻ وارو تون ئي آهين. سو اي خداوند، اسان جا خدا! اسان جي مدد
ڪر، ڇالاءِجو اسان جو ڀروسو تو تي آهي ۽ تنهنجو ئي نالو وٺي
اسين هن وڏي لشڪر سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهيون. اي خداوند!
تون ئي اسان جو خدا آهين. ائين نه ٿئي جو اسين شڪست کائون،
ڇالاءِجو اها شڪست تنهنجي ئي ٿيندي.”
12 سو خداوند سوڊانين کي يهوداه جي لشڪر هٿان شڪست ڏني
۽ هو وٺي ڀڳا. 13 آسا ۽ سندس لشڪر گرار شهر تائين هنن جو پيڇو
ڪيو. سوڊانين جا ايترا ته ماڻهو ماريا ويا جو هو وري پاڻ سنڀالي نه
سگهيا. هو خداوند ۽ سندس لشڪر جي هٿان ناس ٿي ويا. يهوداه
وارن کي تمام گهڻو لٽ جو مال هٿ آيو. 14 گرار جي آس‌پاس هنن
سڀ شهر تباهه ڪري ڇڏيا، ڇاڪاڻ‌ته خداوند جو خوف اتان جي
سيني ماڻهن تي ڇانئجي ويو هو. هنن اِهي سڀ شهر لٽيا ڦريا ۽ اتان
کين لٽ جو گهڻو مال هٿ آيو. 15 هنن ڇوپائي مال جي واڙن تي به
ڪاهه ڪئي ۽ تمام گهڻيون رڍون ٻڪريون ۽ اٺ اتان ڪاهي آيا. پوءِ
هو يروشلم ڏانهن موٽي آيا.

## آسا جا سڌارا

15 1 خدا جو روح عزرياه ولد عودد تي نازل ٿيو. 2 تڏهن هو
ٻاهر نڪري وڃي بادشاهه آسا ۽ يهوداه ۽ بنيامين قبيلي وارن
سان مليو ۽ کين چيائين ته ”اي آسا! اي سڀئي يهوداه ۽ بنيامين
وارؤ! منهنجي ڳالهه ٻڌو. جيستائين اوهين خداوند سان هوندا ته
پوءِ خداوند به توهان ساڻ هوندو. جيڪڏهن اوهين انهيءَ جا طالبو
ٿيندا ته هو به اوهان تي راضي ٿيندو. پر جيڪڏهن اوهين هن کي
ڇڏي ڏيندا ته هو به اوهان کي ڇڏي ڏيندو. 3 جيئن ته بني اسرائيل
گهڻي عرصي تائين حقيقي خدا، تعليم ڏيندڙ ڪاهن ۽ شريعت کان
سواءِ پئي رهيا، 4 پر جڏهن پنهنجي مصيبت جي وقت هو خداوند،
بني اسرائيل جي خدا آڏو توبهه‌تائب ٿيا ۽ سندس طالبو بڻيا، تڏهن
سندس راضپو حاصل ڪيائون. 5 انهن ڏينهن ۾ هيڏانهن هوڏانهن
سفر ڪرڻ ۾ سلامتي ڪانه هئي، بلڪ ملڪن جا سڀئي رهاڪو
گهڻين ئي تڪليفن ۾ هئا. 6 قوم قوم کي ٽي ڇڙيو، ۽ شهر شهر
سان ٿي وڙهيو، ڇالاءِجو خدا انهن کي هر طرح جي مصيبت ۾ ٿي
مبتلا ڪيو. 7 پر اوهين دلجاءِ ڪريو ۽ همت نه هاريو، ڇالاءِجو
اوهان جي ڪمن جو اجر اوهان کي ضرور ملندو.”
8 جڏهن بادشاهه آسا عزرياه ولد عودد نبيءَ جون اهي ڳالهيون
ٻڌيون تڏهن هن جو حوصلو وڌيو. هن يهوداه ۽ بنيامين جي سڀني
علائقن مان، ۽ جيڪي شهر هن افرائيم جي جابلو علائقي ۾ قبضي
ڪيا هيا تن مان ڪراهت جهڙيون مورتون ڪڍي ڇڏيون. هن خداوند
جي قربان‌گاهه جيڪا خداوند جي هيڪل جي ورانڊي جي اڳيان هئي،
تنهن جي به مرمت ڪرائي.
9 جڏهن اسرائيل ملڪ جي افرائيم، منسيءَ ۽ شمعون جي علائقن
جي ماڻهن ڏٺو ته خداوند يهوداه جي بادشاهه آسا جو خدا هن سان گڏ
آهي، تڏهن انهن مان تمام گهڻا ماڻهو وٽس اچي آباد ٿيا. بادشاهه
آسا سڀني يهوداه ۽ بنيامين جي سڀني رهاڪن سان گڏوگڏ انهن کي
به پاڻ وٽ سڏايو. 10 سو آسا جي بادشاهيءَ جي پندرهين سال جي
ٽئين مهيني ۾ اهي سڀئي يروشلم ۾ اچي گڏ ٿيا. 11 لٽ جي مال
مان جيڪو مال انهيءَ ڏينهن هنن پاڻ سان آندو تنهن ۾ ست سؤ ڍور
ڍڳا ۽ ست هزار رڍون ٻڪريون شامل هيون، جيڪي هنن خداوند جي
حضور ۾ قربان ڪيون. 12 هنن عهد ڪيو ته هو پنهنجي پوريءَ دل
وَ جان سان خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جا طالبو ٿي رهندا.
13 جيڪو به خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو طالبو نه ٿيندو سو قتل
ڪيو ويندو، پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت. 14 هنن
وڏي واڪي شرنايون ۽ نفيلون وڄائيندي خداوند جي آڏو اهڙو قسم
کنيو. 15 انهيءَ قسم تي سڀني يهوداه خوشيون ملهايون، ڇالاءِجو
هنن دل وَ جان سان قسم کنيو هو. ائين هو پنهنجي رضا خوشيءَ
سان خدا جا طالبو ٿيا ۽ سندس راضپو حاصل ڪيائون. پوءِ خداوند
هنن کي هر طرف کان آرام بخشيو.
16 بادشاهه آسا پنهنجي ڏاڏيءَ معڪه کي راڻي امان واري مرتبي
تان هٽائي ڇڏيو، ڇالاءِجو هن يسيره ديويءَ جي مڪروه مورتي ٺهرائي
هئي. آسا اها به ڀڃائي ٽڪرا ٽڪرا ڪرائي ڇڏي ۽ انهيءَ کي قدرون
جي برساتي نهر وٽ ساڙائي خاڪ ڪري ڇڏيائين. 17 آسا جي دل
سندس سڄي حياتي خدا سان پوريءَ طرح لڳل رهي. انهيءَ هوندي
به ملڪ مان غير معبودن جا پوڄا گهر ختم نه ڪيا ويا. 18 هن اهي
سڀ شيون خدا جي گهر ۾ آڻي رکيون، جيڪي هن جي پيءُ ابياه ۽
هن پاڻ وقف ڪيون هيون يعني چاندي، سون ۽ ٿانوَ.
19 آسا جي بادشاهيءَ جي پنجٽيهين سال تائين ڪابه جنگ ڪانه
لڳي.

## اسرائيل سان جنگ

(1.بادشاهه 15:17–22)

16 1 آسا جي بادشاهيءَ جي ڇٽيهين سال اسرائيل جو بادشاهه
بعشا يهوداه ملڪ تي ڪاهي آيو. هو رامه شهر تي قبضو
ڪري ان جي چوڌاري ڪوٽ ڪڍائڻ لڳو ته جيئن ڪوبه يهوداه
ڏانهن نه وڃي سگهي ۽ نه وري اتان اندر اچي سگهي.
2 تڏهن بادشاهه آسا خداوند جي گهر مان ۽ پنهنجي محل جي
خزانن مان چاندي ۽ سون ڪڍي ارام جي بادشاهه بن‌هدد ڏانهن
ڏياري موڪليو، جيڪو دمشق شهر مان راڄ ڪندو هو. 3 هي نياپو
پڻ موڪليائينس ته ”اسين پاڻ ۾ اهڙو معاهدو ڪريون، جيئن منهنجي
۽ تنهنجي پيءُ جي وچ ۾ هو. اِجهو، آءٌ تو ڏانهن سون ۽ چاندي
موڪليان ٿو. سو تون اسرائيل جي بادشاهه بعشا سان پنهنجو اتحاد
ختم ڪر ته جيئن هو منهنجي ملڪ مان پنهنجون فوجون ڪڍي
وڃي.“
4 بن‌هدد آسا بادشاهه جي ڳالهه مڃي ۽ پنهنجا سالار لشڪرن
سميت اسرائيل ملڪ جي شهرن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليائين.
انهن عيون، دان، ابيل بيت‌معڪه ۽ نفتاليءَ جي سيني گدامن وارا
شهر فتح ڪيا. 5 جڏهن بعشا اها ڳالهه ٻڌي تڏهن رامه شهر کي
ڪوٽ ڪڍائڻ ڇڏي ڏنائين. 6 پوءِ آسا بادشاهه يهوداه جي سيني
ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ اهي رامه ڏانهن ويا ۽ اتان اهي پٿر ۽ ڪاٺ
جيڪي بعشا استعمال ٿي ڪيا، سي سڀ کڻي آيا. انهيءَ سامان مان
آسا گبع ۽ مصفاه شهرن کي ڪوٽ ڪڍرايا.

## حناني غيبدان

7 انهيءَ دوران حناني غيبدان يهوداه جي بادشاهه آسا وٽ آيو ۽
کيس چيائين ته ”جيئن ته تو ارام جي بادشاهه تي ڀروسو ڪيو ۽
خداوند پنهنجي خدا تي توڪل نه رکي اٿيئي، تنهنڪري ارام جي
بادشاهه جو لشڪر تنهنجي هٿن مان بچي نڪري ويو. 8 ڇا سوڊان
۽ لبيا جي ماڻهن جو لشڪر بي‌شمار گاڏين ۽ گهوڙي سوارن سميت
تمام وڏو لشڪر نه هو؟ انهيءَ هوندي به تو جڏهن خداوند تي ڀروسو
ڪيو هو تڏهن هن اهي تنهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيا هئا. 9 ڇالاءِجو
خداوند جون اکيون سڄيءَ زمين تي هيڏي هوڏي پيون ڊوڙن،
انهيءَ لاءِ ته جيڪي خدا سان وفادار آهن، تن جي پاران هو پنهنجي
طاقت ڏيکاري. تو بي‌عقليءَ جو ڪم ڪيو آهي، سو اڄ کان وٺي
اڳتي تو کي جنگيون ڪندي گذارڻو پوندو.“
10 انهيءَ ڳالهه تي آسا ڏاڍو ڪاوڙيو، سو حناني غيبدان کي
زنجيرن سان ٻڌي قيد ڪرائي ڇڏيائين. انهيءَ سان گڏوگڏ هن ڪن
ٻين ماڻهن تي به ظلم ڪيو.

## آسا جي وفات

(1.بادشاهه 15:23–24)

11 آسا جي بادشاهيءَ دوران ٿيل واقعا پهريان توڙي پويان ”يهوداه ۽
اسرائيل جي بادشاهن جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 12 سندس بادشاهيءَ
جي اوڻيتاليهين سال آسا کي پيرن ۾ اچي مرض لڳو. جيتوڻيڪ سندس
اهو مرض تمام سخت هو، تڏهن به هن انهي بيماريءَ ۾ خداوند کان
مدد نه گهري، بلڪ حڪيمن کان مدد وٺندو رهيو. 13 آخرڪار آسا
پنهنجي بادشاهيءَ جي ايڪيتاليهين سال وفات ڪري وڃي پنهنجن
ابن ڏاڏن سان گڏيو. 14 هن کي انهيءَ قبر ۾ دفن ڪيو ويو، جيڪا
هن *دائود جي شهر ۾ پنهنجي لاءِ تيار ڪرائي ڇڏي هئي. هن کي
انهيءَ بستري تي کڻي سمهاريائون جيڪو خوشبوين ۽ قسم قسم جي
مصالحن سان ڀريل هو ۽ هن جي اعزاز ۾ تمام وڏو مچ ٻاريو ويو.

## يهوداه جو بادشاهه يهوسفط

17 1 آسا جو پٽ يهوسفط سندس جاءِ تي بادشاهه بڻيو ۽
اسرائيل جي خلاف پنهنجي طاقت ۾ اضافو ڪيائين. 2 هن
يهوداه جي سيني قلعن وارن شهرن ۾ لشڪر مقرر ڪيا. ان کان
علاوه افرائيم جا جيڪي شهر سندس پيءُ آسا قبضي ڪيا هئا تن
۾ ۽ يهوداه جي ٻين هنڌن تي به چوڪيون قائم ڪيائين. 3 خداوند
يهوسفط سان گڏ هو، ڇالاءِجو جيئن سندس پيءُ پنهنجي شروعاتي
دور ۾ پئي هليو تيئن هن به ڪيو ۽ بعل ديوتا جي پٺيان ڪونه لڳو.
4 هو اسرائيل جي بادشاهن جي بري رستي تي هلڻ بدران پنهنجي
پيءُ جي خدا جي طلب ۾ رهيو ۽ خدا جي حڪمن تي عمل ڪندو
رهيو. 5 سو خداوند انهيءَ جي هٿ هيٺ بادشاهت قائم ڪئي ۽
سڄي يهوداه جي ماڻهن يهوسفط وٽ نذرانا پئي آندا، تان جو هو
دولت ۽ عزت ۾ گهڻو وڌي ويو. 6 هن جي دل خدا جي واٽن تي
لڳي رهي. پيو ته هن سڄي يهوداه ۾ ٽڪرين تي ٺهيل غير معبودن
جا پوڄا گهر ۽ يسيره ديويءَ جا ٿنڀا ڊهرائي ڇڏيا.
7 هن پنهنجي بادشاهيءَ جي ٽئين سال پنهنجي عملدارن بن‌خيل،
عبدياه، زڪرياه، نتني‌ايل ۽ ميڪاياه کي موڪليو ته اهي يهوداه جي
شهرن ۾ وڃي تعليم ڏين. 8 انهن سان گڏ هي لاوي به هئا: سمعياه،
نتنياه، زبدياه، عساهيل، سميراموت، يهونتن، ادونياه، طوبياه ۽ طوب
ادونياه. انهن سان گڏ اليسمع ۽ يهورام ڪاهن پڻ هئا. 9 انهن وٽ
خداوند جي شريعت جو ڪتاب هو، جنهن جي هنن يهوداه ۾ تعليم ٿي
ڏني. اهي يهوداه جي سيني شهرن ۾ ويا ۽ ماڻهن کي تعليم ڏنائون.
10 يهوداه جي چوڌاري جيڪي ملڪ هئا تن جي سيني بادشاهن تي
خداوند جو خوف طاري ٿي ويو، جنهنڪري انهن يهوسفط سان جنگ
نه ڪئي. 11 ڪن فلستين يهوسفط کي نذرانا ۽ چاندي محصول طور

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

آڻي ڏني. عرب جي رهاڪن بہ هن کي محصول طور ست هزار ست
سؤ گهٽا ۽ اوترا ئي ٻڪر ڏنا. 12 يهوسفط تمام طاقتور ٿيندو ويو.
هن يهوداہ ۾ گدام وارا شهر ۽ قلعا تعمير ڪرايا. 13 انهن شهرن ۾
هن وٽ گهڻو ئي راشن هو.

هن يروشلم ۾ آزمودگار جنگي جوڌا مقرر ڪيا. 14 انهن جو تعداد
سندن گهراڻن موجب هيئن هو: يهوداہ مان هزارن جي دستن جو
سالار عدنہ پنهنجي ٽي لک جنگي جوڌن سميت، 15 ان کان پوءِ نمبر
تي سالار يهوحنان بہ لک اسي هزار جنگي جوڌن سميت، 16 ٽيون
عمسياہ بن زڪري، جنهن رضاڪارانہ طور تي پاڻ کي خداوند جي
خدمت لاءِ پيش ڪيو سو بہ لک جنگي جوڌن سميت، 17 بنيامين مان
هڪ همٿ ڀريو جان‌نثار سالار اليدع، بہ لک تيراندازن ۽ ڍال بردارن
سميت، 18 ان کان پوءِ يهوزبد جنهن سان هڪ لک اسي هزار ماڻهو
هئا، جيڪي جنگ جي لاءِ مسلح هئا. 19 هي اهي ماڻهو هئا جيڪي
بادشاهہ جا ملازم هئا. انهن کان علاوہ بادشاهہ ٻين ماڻهن کي بہ
سڄي يهوداہ ۾ قلعي وارن شهرن ۾ مقرر ڪيو هو.

## ميڪاياہ نبيءَ جو اخي‌اب کي خبردار ڪرڻ
(1.بادشاهہ 22:1–28)

18 1 يهوداہ جو بادشاهہ يهوسفط جڏهن گهڻو دولتمند ۽ عزت
وارو ٿي ويو، تڏهن هن اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب سان
رشتيداري ڪئي. 2 ڪجهہ سالن کان پوءِ هو اخي‌اب سان ملڻ لاءِ
سامريہ شهر ڏانهن ويو. اخي‌اب هن جي ۽ سندس ساٿين جي دعوت
لاءِ تمام گهڻيون رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا ذبح ڪيا. اتي هن يهوسفط
کي اُڪسايو تہ هو ساڻس گڏجي گلعاد جي علائقي ۾ رامات شهر
تي چڙهائي ڪري. 3 سو هن يهوسفط کان پڇيو تہ ”ڇا توهين مون
سان گڏ رامات شهر تي چڙهائي ڪري هلندا؟“ تڏهن هن اخي‌اب کي
وراڻيو تہ ”مون سان گڏ منهنجا ماڻهو بہ تنهنجا ئي آهن. سو اسين
جنگ ۾ توهان سان گڏ هونداسين.“ 4 يهوسفط اخي‌اب کي وڌيڪ
چيو تہ ”مگر پهريائين اسين انهيءَ باري ۾ خداوند کان پڇون.“
5 تڏهن اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب چار سؤ نبي سڏائيندڙن کي
گڏ ڪيو ۽ کانئن پڇيائين تہ ”اسين جنگ ڪرڻ لاءِ رامات شهر
ڏانهن وڃون يا نہ؟“ هنن وراڻيس تہ ”اوهين ڀلي چڙهائي ڪري وڃو،
ڇالاءِجو خدا بادشاهہ سلامت کي انهيءَ تي فتح بخشيندو.“ 6 پر
يهوسفط پڇيو تہ ”هتي ڪو خداوند جو نبي ڪونهي ڇا، جنهن کان
اسين پڇون؟“ 7 اخي‌اب يهوسفط کي وراڻيو تہ ”هڪڙو ماڻهو آهي،
جنهن جي معرفت اسين خداوند کان پڇا ڪري سگهون ٿا. پر آءٌ
ساڻس نفرت ٿو ڪريان، ڇالاءِجو هو منهنجي حق ۾ ڪڏهن بہ ڪا
چڱي پيشن‌گوئي نہ ٿو ڪري، بلڪ هميشہ منهنجي خلاف ٿو ڪري.
انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو ميڪاياہ ولد اِملہ آهي.“ يهوسفط اخي‌اب
کي وراڻيو تہ ”اوهان کي ائين نہ چوڻ گهرجي.“ 8 تڏهن بادشاهہ
اخي‌اب هڪڙي عملدار کي سڏي چيو تہ ”جلدي وڃي ميڪاياہ ولد
اِملہ کي وٺي اچ.“

9 اسرائيل جو بادشاهہ اخي‌اب ۽ يهوداہ جو بادشاهہ يهوسفط
پنهنجي پنهنجي شاهاڻي پوشاڪ پهريو ڪرسين تي سامريہ شهر
جي ٻاهرين دروازي وٽ ڳاهہ جي پِڙ جي ڀرسان ويٺا هئا ۽ سڀئي
نبي سڏائيندڙن سندن اڳيان اڳڪٿيون ٿي ڪيون. 10 انهن مان هڪڙي
صدقياہ ولد ڪنعانہ لوهہ جا سڱ ٺاهيا ۽ اخي‌اب کي چوڻ لڳو تہ
”خداوند فرمائي ٿو تہ ’هنن سان توهين ارامين کي اهڙو تہ ٽڪر هڻندا
جو اهي مڪمل طور ناس ٿي ويندا.‘“ 11 ٻين سڀني نبي سڏائيندڙن
بہ اهڙي ئي اڳڪٿي ڀئي ڪئي تہ ”رامات شهر تي ڪاهہ ڪريو،
فتح اوهان جي ٿيندي. خداوند اوهان کي سوڀ ڏيندو.“

12 هوڏانهن جيڪو عملدار ميڪاياہ کي سڏڻ ويو هو، تنهن وڃي
ميڪاياہ کي چيو تہ ”ڏس، سڀئي نبي يڪ زبان ٿي بادشاهہ کي
ڪاميابيءَ جي خوشخبري ٿا ڏين، سو ڀلائي ڪري تون بہ انهن
جهڙي ڳالهہ ڪج ۽ بادشاهہ کي فتح جي خوشخبري ڏج.“ 13 تنهن
تي ميڪاياہ چيو تہ ”جيئري خداوند جو قسم آهي تہ جيڪي منهنجو
خدا فرمائيندو سو ئي آءٌ ٻڌائيندس.“

14 پوءِ جڏهن هو اخي‌اب وٽ آيو تڏهن هن کيس چيو تہ ”اي
ميڪاياہ! اسين جنگ ڪرڻ لاءِ رامات شهر ڏانهن وڃون يا نہ؟“
هن وراڻيس تہ ”ها، ڇو نہ، ڀلي وڃ ۽ ماڻ ڪاميابي. تو کي سوڀ
ملندي.“ 15 پر اخي‌اب چيس تہ ”ڪيترا ڀيرا آءٌ تو کي قسم ڏيئي
چوان تہ تون خداوند جي نالي تي مون کي بلڪل سچ ٻڌاءِ؟“ 16 تڏهن
ميڪاياہ وراڻيو تہ ”مون اسرائيل وارن کي جبلن جي مٿان ائين پکڙيل
ڏٺو جيئن ڌنار کان سواءِ رڍون هونديون آهن. خداوند فرمايو تہ
’هنن جو ڪوبہ ڌڻي سائين ڪونهي، سو چڱائي انهيءَ ۾ آهي تہ اهي
هو پنهنجي پنهنجي گهر سلامتيءَ سان موٽي وڃن.‘“ 17 تنهن تي
اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب يهوسفط کي چيو تہ ”مون توهان کي
نہ چيو هو تہ هو منهنجي حق ۾ ڪا چڱي پيشن‌گوئي نہ ڪندو،
بلڪ منهنجي خلاف ڪندو!“

18 تڏهن ميڪاياہ چوڻ لڳو تہ ”هاڻ ٻڌو تہ خداوند ڇا ٿو فرمائي.
مون خداوند کي سندس تخت تي ويٺل ڏٺو، آسمان جا سمورا ملائڪ
ٻنهي پاسن کان سندس ڀر ۾ بيٺل هئا. 19 خداوند کانئن پڇيو تہ
’ڪير اسرائيل جي بادشاهہ اخي‌اب کي ڏُتاريندو تہ جيئن هو وڃي
رامات شهر تي ڪاهہ ڪري ۽ اتي ماريو وڃي؟‘ پوءِ ڪن ڇا چيو تہ
ڪن ڇا. 20 ايتري ۾ هڪڙو روح اچي خداوند جي آڏو بيٺو ۽ چيائين تہ
’آءٌ هن کي ڏُتاريندس.‘ خداوند پڇيس تہ ’ڪهڙيءَ طرح؟‘ 21 هن
وراڻيو تہ ’آءٌ نڪري وڃي اخي‌اب جي سڀني نبي سڏائيندڙن کان ڪوڙ
ڳالهرائيندس.‘ تڏهن خداوند کيس چيو تہ ’وڃ، وڃي کيس ڏُتار،

16:18 ڳا 17:27، حز 5:34، مت 36:9، مر 34:6

تون ڪامياب ٿي ويندين.' 22 سو اي اخي اب بادشاهه! خداوند انهيءَ
روح کي موڪلي تنهنجي هنن نبي سڏائيندڙن کان ڪوڙ ڳالهرايو
آهي. بلڪ خداوند تو تي مصيبت آڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي."
23 تڏهن نبي سڏايندڙن مان صدقياه ولد ڪنعانه ويجهو اچي
ميڪاياه کي چماٽ هڻي ڪڍي ۽ چيائينس ته "خداوند جو روح مون
مان نڪري ڪيئن تو سان ڳالهائڻ اچي پهتو؟" 24 ميڪاياه ڪيس
وراڻيو ته "اهو تو کي انهيءَ ڏينهن معلوم ٿي ويندو جنهن ڏينهن
تون پاڻ کي لڪائڻ لاءِ اندرين ڪوٺيءَ ۾ ويندين."
25 تڏهن اسرائيل جي بادشاهه اخي اب حڪم ڏيندي چيو ته
"ميڪاياه کي پڪڙيو ۽ ڪيس وٺي وڃي شهر جي گورنر امُون ۽
شهزادي يوآس جي حوالي ڪريو 26 ۽ کين منهنجو هي حڪم ٻڌايو
ته 'هن کي قيد ۾ وجهو ۽ تنگيءَ سان ماني ۽ پاڻي ڏيوس، جيستائين
بادشاهه سلامتيءَ سان موٽي نه اچي.'" 27 تڏهن ميڪاياه اخي اب
کي چيو ته "جيڪڏهن تون ڪنهن به طرح صحيح سلامت موٽي آئين
ته پوءِ چئبو ته خداوند منهنجي معرفت ڳالهايو ئي ناهي." پوءِ هن
اتي موجود سڀني ماڻهن کي چيو ته "اوهين سڀ اهو ٻڌي ڇڏيو."

## اخي اب جو موت

(1.بادشاهه 22:29–35)

28 انهيءَ کان پوءِ اسرائيل جي بادشاهه اخي اب ۽ يهوداه جي
بادشاهه يهوسفط رامات شهر تي چڙهائي ڪئي. 29 اخي اب يهوسفط
کي چيو ته "آءٌ پنهنجو ويس بدلائي لڙائيءَ ۾ شامل ٿيندس، پر
اوهان کي پنهنجي شاهي پوشاڪ ئي پاتل هجي." سو اخي اب ويس
بدلائي لڙائي ڪرڻ نڪتو.
30 هوڏانهن ارام جي بادشاهه پنهنجي جنگي گهوڙي گاڏين جي
سالارن کي حڪم ڏنو ته "اوهين اسرائيل جي بادشاهه کان سواءِ ٻئي
ڪنهن تي به حملو نه ڪجو." 31–32 سو جنگي گهوڙي گاڏين جي
سالارن جڏهن يهوداه جي بادشاهه يهوسفط کي ڏٺو ته چوڻ لڳا ته
"اهو ئي اسرائيل جو بادشاهه آهي." سو هو ساڻس وڙهڻ لاءِ سندس
گهيرو ڪرڻ لڳا. پر يهوسفط خداوند کي ٻاڏايو جنهن سندس دانهن
ٻڌي ۽ جڏهن انهن سالارن ڏٺو ته اهو اسرائيل جو بادشاهه ناهي،
تڏهن ڪانئس پري هٽي ويا ۽ مٿس حملو نه ڪيائون.
33 هوڏانهن اوچتو ئي ارام جي هڪڙي سپاهيءَ ائين ئي ڪٽي
پنهنجي تيرڪمان سان تير هنيو جيڪو زرهه جي جوڙن مان لنگهي
وڃي اسرائيل جي بادشاهه اخي اب کي لڳو. بادشاهه پنهنجي جنگي
گهوڙي گاڏي هلائڻ واري کي چيو ته "جنگ مان گاڏي ڪڍي مون
کي ٻاهر وٺي هل، ڇالاءِجو آءٌ زخمي ٿي پيو آهيان." 34 انهيءَ ڏينهن
سخت جنگ لڳي، ۽ زخمي هوندي به اسرائيل جو بادشاهه اخي اب
ارامين جي سامهون پنهنجو پاڻ کي جنگي گهوڙي گاڏيءَ ۾ سنڀالي
بيٺو رهيو. مگر سج لهڻ وقت هو مري ويو.

## هڪڙي نبيءَ جو يهوسفط کي ڇينڀڻ

19 1 يهوداه جو بادشاهه يهوسفط جنگ مان صحيح سلامت
موٽي يروشلم ۾ پنهنجي محل ۾ آيو. 2 تڏهن هڪڙو نبي
ييهو ولد حناني بادشاهه سان ملڻ آيو ۽ ڪيس چيائين ته "ڇا اهو
مناسب آهي جو تون بدڪارن جي مدد ڪرين ۽ خداوند جي دشمنن
سان محبت رکين؟ ياد رک، انهيءَ ڳالهه جي ڪري تو تي خدا جو
ڏمر آهي. 3 انهيءَ هوندي به تو ۾ ڪي ڳالهيون چڱيون آهن جو
تو هن ملڪ مان يسيره ديويءَ نالي ٿنڀن کي ڊاهي چٽ ڪري ڇڏيو
آهي، جنهن جي ماڻهو پوڄا ڪندا هئا. انهيءَ کان علاوه تو خداوند
جي حڪمن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي."

## يهوسفط جو ججن کي مقرر ڪرڻ

4 هاڻي جيتوڻيڪ يهوسفط يروشلم ۾ پئي رهيو، پر هو اڪثر
ڪري ڏکڻ ۾ بيرسبع کان وٺي اتر ۾ افرائيم جي جابلو علائقي تائين
پنهنجي رعيت وارن وٽ ويندو رهيو ۽ خداوند سندن ابن ڏاڏن جي
خدا ڏانهن وري کين موٽائي آندائين.
5 هن يهوداه ملڪ جي ڪوٽن وارن سڀني شهرن ۾ جج مقرر
ڪيا. 6 هن انهن کي هدايت ڪئي ته "اوهين فيصلو ٻڌائڻ وقت
خبردار رهجو، ڇالاءِجو اوهين ڪنهن انسان جي اختياريءَ سان نه
بلڪ خداوند جي اختياريءَ سان ڪم ڪريو ٿا. فيصلي ٻڌائڻ وقت
هو اوهان سان گڏ آهي. 7 تنهنڪري اوهين خداوند جو خوف رکو ۽
جيڪي ڪريو سو خبرداريءَ سان ڪريو، ڇالاءِجو خداوند اسان جي
خدا وٽ بي انصافي ناهي، نڪي هو ڪنهن جي طرفداري ٿو ڪري
۽ نه وري وٺس رشوت ٿي هلي."
8 انهيءَ کان سواءِ يهوسفط يروشلم ۾ به لاوين، ڪاهنن ۽
گهراڻن جي وڏن مان ڪن ماڻهن کي مقرر ڪيو ته اهي خداوند جي
شريعت مطابق انصاف ڪن ۽ جهيڙن جهڳڙن جا فيصلا ڪن. سو
اهي يروشلم ۾ رهي ڪم ڪرڻ لڳا. 9 يهوسفط کين تاڪيد ڪئي
ته "اوهين خداوند جو خوف رکندي ايمانداريءَ ۽ صاف دليءَ سان
پنهنجا فرائض ادا ڪجو. 10 جڏهن به يهوداه ملڪ ۾ رهندڙ اوهان
جي همروطنن مان ڪنهن جو ڪو مقدمو اوهان وٽ اچي، جيڪو
منجهن قتل جي باري ۾ هجي توڙي شريعت ۽ قاعدن قانونن جي
باري ۾ هجي، تڏهن اوهين کين خبردار ڪجو ته هو خداوند جا
گنهگار نه ٿين، متان اوهان تي ۽ اوهان جي همروطنن تي خدا جو
غضب نازل ٿئي. جيڪڏهن اوهين ائين ڪندا ته ڏوهاري نه ٿيندا.
11 ياد رکو، خداوند جي شريعت سان تعلق رکندڙ سڀني ڳالهين
جو اختيار امرياه ڪاهن وٽ هوندو ۽ بادشاهه جي قاعدن قانونن
سان تعلق رکندڙ سڀني ڳالهين جو اختيار يهوداه جو گورنر زبدياه
ولد اسماعيل وٽ هوندو. لاوي به منهنجي طرفان اوهان سان گڏ

عملدار مقرر هوندا. سو اوهين همت سان ڪم ڪريو. شل خداوند
نيڪن سان گڏ هجي."

## يهوسفط جي دعا ۽ فتح

20 1 ڪجهه عرصي کان پوءِ *موآب ۽ عمون جا لشڪر ڪن
معونين سان گڏجي يهوسفط سان جنگ ڪرڻ آيا. 2 تڏهن
ڪن ماڻهن اچي يهوسفط کي ٻڌايو تہ "کاري سمنڊ جي پرينءَ
پر ادوم کان هڪڙو وڏو لشڪر توهان تي ڪاهيو ٿو اچي. اهي
حصيصون‌تمر (يعني عين‌گديءَ) تي اڳ ۾ ئي قبضو ڪري چڪا
آهن." 3 اهو ٻڌي يهوسفط ڊڄي ويو ۽ خداوند کي ٻاڏائي ڪري
رهنمائي گهرڻ لڳو. پوءِ هن سڄي يهوداه ملڪ ۾ روزي رکڻ جو
اعلان ڪرايو. 4 تڏهن يهوداه جي هر شهر کان ماڻهو اچي يروشلم
۾ گڏ ٿيا، انهيءَ لاءِ تہ بادشاهہ سان گڏجي خداوند کي مدد لاءِ
ٻاڏائين. 5 پوءِ يهوسفط يروشلم شهر بلڪ پوري يهوداه ملڪ جي
ماڻهن جي اڳيان خداوند جي هيڪل جي نئين اڱڻ آڏو ٿي بيٺو 6 ۽
وڏي آواز سان دعا گهرڻ لڳو تہ "اي خداوند، اسان جي ابن ڏاڏن
جا خدا! عرش عظيم ۾ تو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا نہ آهي. غير
قومن جي سڀني ملڪن تي تون ئي تہ حڪمران آهين. بيشڪ قدرت
۽ طاقت تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. اهڙو ڪوبہ ناهي جيڪو تو آڏو
بيهي سگهي. 7 تون ئي تہ اسان جو خدا آهين، جنهن هن ملڪ جي
رهاڪن کي پنهنجي قوم بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي ڪڍيو ۽
هي ملڪ پنهنجي دوست ابراهيم جي اولاد کي هميشہ جي لاءِ عطا
ڪيو. 8 اسان جا ابا ڏاڏا هِتي آباد ٿي ويا ۽ تنهنجي نالي لاءِ هنن
مقدس هيڪل جوڙيو. 9 سندن ايمان هو تہ جيڪڏهن جنگ، وبا يا
ڏڪار جي ڪا مصيبت هنن تي نازل ٿيندي، تہ اهي تنهنجي نالي
سان قائم ٿيل هن هيڪل ۾ تنهنجي آڏو اچي پنهنجيءَ مصيبت ۾
تو کي پڪاريندا تہ تون سندن ٻڌندين ۽ کين بچائيندين.

10 هاڻي ڏس، عمون، موآب ۽ ادوم جا ماڻهو اسان تي چڙهائي
ڪري آيا آهن. جڏهن اسان جا ابا ڏاڏا مصر مان نڪري آيا تڏهن تون
هنن کي سندن ملڪن منجهان گذرڻ کان منع ڪئي هئي، سو اسان جا
ابا ڏاڏا سندن ملڪن جي ٻاهران ئي ڦري ويا ۽ کين ناس نہ ڪيائون.
11 پر اهي اچي اسان کي انهيءَ جو بدلو اهو ٿا ڏين جو جيڪو ملڪ
تو اسان کي ميراث ڪري ڏنو هو تنهن مان اسان کي ڪڍي ٻاهر
ڪن. 12 اي اسان جا خدا! ڇا تون انهن کي سزا نہ ڏيندين؟ ڇالاءِجو
اسان سان وڙهڻ لاءِ آيل هيڏي وڏي لشڪر سان منهن ڏيڻ جي اسان
کي طاقت ڪانهي. اسين نہ ٿا ڄاڻون تہ ڇا ڪريون، بلڪ اسين تہ
مدد لاءِ تو ڏانهن پيا واجهايون."

13 يهوداه ملڪ جا سڀيئي ماڻهو پنهنجي زالن ۽ ٻارن سميت هيڪل
آڏو خداوند جي حضور ۾ بيٺا رهيا. 14 تڏهن ماڻهن جي وچ ۾ بيٺل
بني آسف گهراڻي جي هڪڙي لاويءَ يحزي‌ايل ولد زڪرياه جنهن جا
وڏا بناياه، يعي‌ايل ۽ متنياه هئا، تنهن تي خداوند جو روح نازل ٿيو.
15 هو چوڻ لڳو تہ "اي بادشاهہ يهوسفط! ۽ اي يروشلم وارو، بلڪ
سڄي يهوداه ملڪ جا رهاڪؤ! اوهين سڀ ٻڌو. خداوند فرمائي ٿو
تہ 'اوهين بلڪل نہ ڊڄو، نڪي هن وڏي لشڪر کي ڏسي گهٻرايو،
ڇالاءِجو جنگ جي فتح يا شڪست اوهان جي هٿ ۾ نہ، پر منهنجي
هٿ ۾ ئي آهي. 16 سڀاڻي اوهين هنن تي ڪاهہ ڪريو. ڏسو، هو
صيص واري چاڙهيءَ کان چڙهندا ٿا اچن. اوهين انهن سان يروئيل
جي بيابان سامهون برساتي نهر جي ڇيڙي وٽ وڃي مدِمقابل ٿيندا.
17 هن جنگ ۾ اوهان کي وڙهڻ جي ضرورت نہ پوندي. اوهين رڳو
صفون ٻڌي ثابت‌قدميءَ سان بيٺا رهو. اوهين ڏسندا تہ آءٌ خداوند
اوهان کي فتح بخشيندس. اي يروشلم ۽ سڄي يهوداه وارؤ! اوهين
نہ ڊڄو، نڪي ڪو خوف ڪريو، بلڪ سڀاڻي هنن تي ڪاهي وڃو.
آءٌ خداوند اوهان سان گڏ آهيان.'" 18 تڏهن بادشاهہ يهوسفط زمين
تي منهن رکي سجدي ۾ ڪري پيو ۽ يروشلم بلڪ سڄي يهوداه جا
رهاڪو پڻ خداوند آڏو سجدي ۾ ڪري پيا. 19 پوءِ لاوي قبيلي جي
گهراڻي بني قهات ۽ بني قوراح وارا اٿي کڙا ٿيا، انهيءَ لاءِ تہ وڏي
آواز سان خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي واکاڻ ڪن.

20 ٻئي ڏينهن هو صبح جو سوير اٿيا ۽ تقوع جي بيابان ڏانهن
روانا ٿيا. سندن رواني ٿيڻ وقت يهوسفط اٿي بيهي کين چيو تہ "اي
يروشلم بلڪ سڄي يهوداه جا رهاڪؤ! منهنجي ڳالهہ ٻڌو. جيڪڏهن
اوهان جو ايمان خداوند پنهنجي خدا تي قائم رهي تہ اوهين بہ قائم
رهندا. اوهين سندس نبين جي چوڻ تي يقين ڪندا تہ ڪامياب ٿيندا."
21 پوءِ هن ماڻهن سان صلاح مشورو ڪري ڪي ڳائڻ وارا ماڻهو
مقرر ڪيا، جيڪي لشڪر جي اڳيان هلندي خداوند لاءِ ڳائين ۽
پاڪيزگيءَ سان سندس جمال جي واکاڻ ڪن ۽ هيئن چون تہ "خداوند
جي واکاڻ ڪريو، ڇالاءِجو سندس شفقت هميشہ جي لاءِ آهي."

22 جيئن ئي هنن ڳائڻ ۽ واکاڻ ڪرڻ شروع ڪئي، تيئن خداوند
دشمنن جي لشڪر ۾ ڙرڦلو وجهي ڇڏيو ۽ هو هڪ ٻئي جي خلاف ٿي
ويا. 23 بني عمون ۽ موآب جي لشڪر وارن پاڻ سان گڏ آيل ادوم
جي رهاڪن تي حملو ڪري ڏنو ۽ کين ماري ناس ڪري ڇڏيائون.
جڏهن اهي ادوم جي رهاڪن جو بلڪل خاتمو ڪري چڪا، تڏهن اهي
وري پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ لڳا. 24 جڏهن يهوداه جو لشڪر
بيابان جي پهري واري ٽُلهہ وٽ پهتو تہ جيئن ئي سندن نظر دشمنن
جي ڪٽڪ تي پيئي تہ ڇا ڏسن تہ زمين تي لاش ئي لاش پيا آهن ۽
منجهائن ڪوبہ جيئرو نہ بچيو آهي.

---

*موآب، عمون ۽ ادوم: اهي علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

7:20 يس 8:41، يع 23:2 10:20 شر 2:4–19 15:20–17 شر 20:1–4 17:20 خر 14:13–14

25 تڏهن يهوسفط ۽ سندس لشڪر وارا دشمنن جو مال لٽڻ لڳا.
هنن بي‌انداز ڍور ڍڳا، مال متاع، ڪپڙا ۽ قيمتي شيون پنهنجي هٿ
ڪيون. لٽ جو مال ايترو ته گهڻو هو جو هو ٽن ڏينهن تائين اهو
ميڙي گڏ ڪندا رهيا. تنهن هوندي بہ هو سمورو مال کڻي نہ سگهيا.
26 چوٿين ڏينهن اهي هڪ ماٿريءَ ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ اتي خداوند جي
واکاڻ ڳايائون. تنهنڪري انهيءَ ماٿريءَ کي *براڪاه جي ماٿري
سڏيو ويو جيئن اڄ ڏينهن تائين پيئي سڏجي.
27 تنهن کان پوءِ يهوسفط جي اڳواڻيءَ ۾ سڀ يهوداه جا ماڻهو
خوشيون ڪندا يروشلم ڏانهن موٽيا، ڇالاءِجو خداوند سندن دشمنن
تي کين فتح بخشي هئي. 28 اهڙيءَ طرح اهي دنبورا، سارنگيون ۽
شرنايون وڄائيندا يروشلم ۾ هيڪل وٽ اچي گڏ ٿيا.
29 جڏهن ٻين قومن ٻڌو تہ ڪيئن نہ خداوند يهوداه جي دشمنن
سان جنگ ڪئي آهي، تڏهن انهن ملڪن جي حڪومتن تي خدا جو
خوف طاري ٿي ويو. 30 اهڙيءَ طرح يهوسفط جي بادشاهيءَ ۾ امن
امان ٿي ويو، ڇالاءِجو سندس خدا کيس هر طرف کان امن وَ سلامتي
بخشي هئي.

## يهوسفط جي وفات

(1.بادشاهہ 22:41–50)

31 يهوسفط پنجٽيهن سالن جي عمر ۾ يهوداه جو بادشاهہ ٿيو
۽ يروشلم ۾ رهي هن اٽڪل پنجويهن سالن تائين حڪومت ڪئي.
سندس ماءُ جو نالو عزوبہ هو جيڪا سلحيءَ جي ڌيءَ هئي. 32 هن
پنهنجي پيءُ آسا وانگر هميشہ اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند
جي نظر ۾ چڱا هئا. 33 انهيءَ هوندي بہ ماڻهن جون دليون سندن
ابن ڏاڏن جي خدا ڏانهن مائل نہ ٿيون ۽ نڪي غير معبودن جا پوڄا
گهر ڊهرايا ويا. 34 يهوسفط جو باقي احوال شروع کان آخر تائين،
ييهو ولد حنانيءَ جي لکت ۾ آهي، جيڪا "اسرائيل جي بادشاهن جو
ڪتاب" ۾ موجود آهي.
35 تنهن هوندي بہ يهوداه جي بادشاهہ يهوسفط اسرائيل جي
بادشاهہ اخزياه ولد اخي‌اب سان اتحاد ڪيو هو، جيڪو وڏو بدڪار
هو. 36 هنن ٻنهي انهيءَ لاءِ اتحاد ڪيو تہ ساموندي جهاز ٺاهي
ترسيس ڏانهن روانا ڪن. سو هنن عصيون‌جابر بندر ۾ اهي جهاز
جوڙايا. 37 تڏهن اليعزر ولد دوداواهو، جيڪو مريسہ شهر جو رهاڪو
هو تنهن يهوسفط جي خلاف خدا جو هي پيغام ٻڌايو تہ "جيئن
تہ تو اخزياه سان اتحاد ڪيو آهي، سو خداوند تنهنجا ڪم بگاڙي
ڇڏيندو." سو سندن اهي جهاز اهڙا ڀڄي ٽٽي پيا جو هو ترسيس وڃي
نہ سگهيا.

## يهوداه جو بادشاهہ يهورام

(2.بادشاهہ 8:16–24)

21 1 يهوسفط وفات ڪري ويو ۽ کيس سندس ابن ڏاڏن سان
گڏ †دائود جي شهر ۾ دفنايو ويو. سندس جاءِ تي سندس پٽ
يهورام بادشاهہ ٿيو. 2 بادشاهہ يهوسفط کي يهورام کان علاوه ٻيا
پٽ هي هئا: عزرياه، يحيئيل، زڪرياه، عزرياهو، ميڪائيل ۽ سفطياه.
3 سندن پيءُ کين چاندي، سون ۽ ٻين قيمتي شين جي گهڻين ئي
سوغاتن سان گڏ يهوداه ملڪ ۾ قلعن وارا شهر بہ ڏنا هئا. پر
بادشاهت هن يهورام کي ڏني، ڇالاءِجو هو سندس پهريتو پٽ هو.
4 هاڻي يهورام جڏهن پنهنجي پيءُ جي بادشاهت حاصل ڪري پاڻ
کي مضبوط ڪيو، تڏهن هن ملڪ جي ٻين ڪيترن ئي اڳواڻن سان
گڏ پنهنجي سڀني ڀائرن کي بہ قتل ڪرائي ڇڏيو.
5 يهورام ٻٽيهين سالن جي عمر ۾ بادشاهہ ٿيو ۽ يروشلم ۾ رهي
اٽڪل اٺ سال بادشاهي ڪيائين. 6 هو بدڪردار اخي‌اب ۽ اهڙن ٻين
اسرائيل جي بادشاهن جي رستي تي هلڻ لڳو، ڇالاءِجو اخي‌اب جي
ڌيءَ سندس زال هئي. سو هن اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي
نظر ۾ برا هئا. 7 انهيءَ هوندي بہ خداوند دائود جي گهراڻي کي ناس
ڪرڻ نہ گهريو، ڇالاءِجو دائود سان عهد اقرار ڪيو هئائين تہ ڪانئس
پوءِ سندس اولاد مان هميشہ تائين هڪڙو حڪمران رهندو ايندو.
8 يهورام جي حڪومت دوران ادوم ملڪ يهوداه خلاف بغاوت
ڪئي ۽ هڪ الڳ ملڪ ٺهي پيو هو. 9 تڏهن يهورام پنهنجي سالارن
۽ سڀني جنگي گهوڙي گاڏين سميت ادومين تي چڙهائي ڪري ويو
جتي ادومين کين گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. پر رات جي وقت يهورام جو
لشڪر ادومين جو گهيرو ٽوڙي ڀڄي ويو. 10 سو ادومي اڄ ڏينهن
تائين يهوداه ملڪ کان باغي رهندا ٿا اچن. يهورام جي ئي ڏينهن
۾ لبناه شهر وارا بہ باغي ٿي ويا. اهو انهيءَ ڪري ٿيو جو يهورام
خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا کي ڇڏي ڏنو هو. 11 ايتري قدر
جو يهورام يهوداه جي جبلن تي غير معبودن جا پوڄا گهر بہ ٺهرايا.
اهڙيءَ طرح هن يروشلم بلڪ سڀ يهوداه جي ماڻهن کي خدا کان
ڦيري کين گمراهہ ڪري ڇڏيو.
12 تڏهن الياس نبيءَ وٽان کيس هڪڙو خط مليو، جنهن ۾ لکيل
هو تہ "خداوند، تنهنجي وڏي دائود جو خدا فرمائي ٿو تہ 'تون
پنهنجي پيءُ يهوسفط توڙي يهوداه جي بادشاهہ آسا جي رستن تي
نہ هليو آهين. 13 پر تون اسرائيل جي بادشاهن جي رستن تي هليو
آهين. تو يروشلم بلڪ سڀ يهوداه جي رهاڪن کي خدا کان ڦيري
گمراهہ ڪيو آهي جيئن اخي‌اب جي گهراڻي ڪيو هو. انهيءَ کان

---

*براڪاه: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي "واکاڻ".

†دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

20:21 1.تا 16:34 | 20:36 1.با 9:26 | 21:7 2.سمو 7:12‏-16

سواءِ تو پنهنجي ڀائرن کي بہ قتل ڪرائي ڇڏيو، جيڪي تو کان چڱا
هئا. ⑭ تنهنڪري ياد رک، آءٌ خداوند تنهنجي قوم، تنهنجي اولاد
۽ تنهنجي زالن کي سخت سزا ڏيندس ۽ تنهنجي ساري ملڪيت کي
تباهہ وَ برباد ڪري ڇڏيندس. ⑮ آءٌ تو کي آندن جي سخت بيماريءَ
۾ مبتلا ڪندس، ايتري قدر جو انهيءَ بيماريءَ جي ڪري روز بروز
تنهنجي حالت خراب ٿيندي ويندي.“

⑯ تڏهن خداوند يهورام جي خلاف فلستين کي ۽ سوڊان جي پرسان
رهندڙ عربن کي جوش ڏياري اٿاريو. ⑰ سو اهي يهوداہ تي چڙهائي
ڪري آيا ۽ منجهس ڪاهي پيا. بادشاهہ جي محل مان جيڪو مالُ
کين هٿ آيو سو ۽ سندس پٽ ۽ زالون بہ پاڻ سان ڪٽي هليا ويا.
سڀني کان ننڍي پٽ اخزياہ کان سواءِ سندس ڪو اولاد باقي نہ
بچيو. ⑱ انهن سڀني ڳالهين کان پوءِ خداوند بادشاهہ يهورام کي
آندن جو هڪڙو لاعلاج مرض بخشيو. ⑲ وقت گذرندو رهيو، ائين ٻن
سالن گذرڻ بعد سخت بيماريءَ جي ڪري سندس آندا ٻاهر نڪري
آيا ۽ هو انهيءَ بري بيماريءَ ۾ مري ويو. هن جي قوم وارن هن لاءِ
ڪو سوڳ نہ ڪيو ۽ نہ ڪو مچ ئي ٻاريو، جيئن سندس ابن ڏاڏن
جي اعزاز ۾ سوڳ ڪندا هئا.

⑳ يهورام ٻٽيهن سالن جي عمر ۾ بادشاهہ بڻيو ۽ يروشلم ۾ رهي
اٺ سالَ بادشاهي ڪيائين. هن جي مرڻ تي ڪنهن بہ سوڳ
نہ ڪيو. کيس دفن تہ دائود جي شهر ۾ ئي ڪيو ويو پر شاهي
قبرستان کان ٻاهر.

## يهوداہ جو بادشاهہ اخزياہ
(2.بادشاهہ 8:25–29، 9:21–28)

22 ① جيئن تہ عرب حملہآور، جيڪي لشڪرگاهہ تي چڙهائي
ڪري آيا هئا، تن بادشاهہ يهورام جي سڀني پٽن کي قتل
ڪري ڇڏيو، پر سندس ننڍو پٽ اخزياہ بچي ويو. سو يروشلم جي
رهاڪن اخزياہ کي يهورام جي جاءِ تي يهوداہ جو بادشاهہ بڻايو.
② اخزياہ ٻاويهن سالن جي عمر ۾ بادشاهہ بڻيو ۽ هن يروشلم ۾ رهي
اٽڪل هڪ سالَ بادشاهي ڪئي. سندس ماءُ جو نالو عتلياہ هو، جيڪا
اسرائيل جي بادشاهہ عمريءَ جي پوٽي ۽ اخي‌اب جي ڌيءَ هئي.
③ هو بہ اخي‌اب گهراڻي جي رستي تي هلڻ لڳو، ڇالاءِجو سندس
ماءُ کيس بڇڙن ڪمن ڪرڻ جي صلاح ڏيندي هئي. ④ هن اهي ئي
ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا، ڇالاءِجو سندس پيءُ جي
مرڻ کان پوءِ اخي‌اب جي گهراڻي وارن کيس بڇڙيون صلاحون ڏيئي
برباد ڪيو. ⑤ هو انهن جي صلاح تي هلندي اسرائيل جي بادشاهہ
يورام ولد اخي‌اب سان اتحاد ڪري ارام جي بادشاهہ حزائيل سان
جنگ ڪرڻ لاءِ رامات شهر ڏانهن ويو، جنهن ۾ ارامين يورام
کي زخمي ڪري وڌو. ⑥ سو يورام پنهنجي زخمن جي علاج لاءِ
موٽي يزرعيل شهر ۾ آيو. بادشاهہ اخزياہ کانئس پڇڻ لاءِ وٽس
آيو. ⑦ يورام وٽ اچڻ جي وقت خدا جي طرفان اخزياہ جي بربادي
لکجي ويئي، ڇالاءِجو جڏهن هو آيو تہ يورام سان گڏجي نمشيءَ
جي پوٽي ييهوءَ سان جنگ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، جنهن کي اڳ ۾
ئي خداوند اخي‌اب جي گهراڻي کي برباد ڪرڻ لاءِ چونڊي ڇڏيو هو.
⑧ جڏهن ييهو اخي‌اب جي گهراڻي کي ماري رهيو هو تہ هن يهوداہ
جي اڳواڻن ۽ اخزياہ جي انهن ڀائٽين کي ڏسي ورتو جيڪي اخزياہ
جي خدمت ڪندا هئا. سو هن انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ⑨ اخزياہ
جي ڳولها ڪئي ويئي تہ اهو کين سامريہ ۾ مليو جتي هو لڪل هو.
کيس پڪڙي ييهوءَ وٽ آندو ويو، جتي کيس قتل ڪيو ويو. پوءِ اهو
چئي کيس انهيءَ لاءِ دفن ڪيو ويو تہ هي بادشاهہ يهوسفط جو پٽ
آهي، جنهن پنهنجي دل وَ جان سان خدا جي فرمانبرداري ڪئي هئي.
اخزياہ جي گهراڻي ۾ ڪوبہ باقي نہ رهيو جيڪو بادشاهت هلائي
سگهي.

## يهوداہ جي راڻي عتلياہ
(2.بادشاهہ 11:1–3)

⑩ هاڻي جڏهن اخزياہ جي ماءُ عتلياہ کي خبر پيئي تہ سندس پٽ
مارجي ويو آهي، تڏهن هوءَ اٿي کڙي ٿي ۽ يهوداہ جي گهراڻي جي
سڄي شاهي نسل کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. ⑪ پر بادشاهہ يهورام
جي ڌيءَ ۽ بادشاهہ اخزياہ جي ڀيڻ جنهن جو نالو يهوسبع هو ۽
جيڪا يهويدع نالي هڪڙي ڪاهن جي زالُ هئي، تنهن بادشاهہ اخزياہ
جي پٽن جي قتلام وقت هڪڙي پٽ يوآس کي چورائي ورتو ۽ کيس
سندس دائيءَ سميت سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ وڃي لڪايائين. اهڙيءَ
طرح هن انهيءَ کي راڻي عتلياہ کان لڪائي کيس قتل ٿيڻ کان بچائي
ورتو. ⑫ انهيءَ کان پوءِ اهو ٻار ڇهن سالن تائين هيڪل ۾ لڪل
رهيو ۽ عتلياہ ملڪ تي بادشاهي ٿي ڪئي.

## راڻي عتلياہ خلاف بغاوت
(2.بادشاهہ 11:4–16)

23 ① پوءِ ستين سالَ ڪاهن يهويدع همت ڪندي ڪجهہ ڪرڻ
جو فيصلو ڪيو، جنهن لاءِ هن لشڪر مان سؤ سؤ جي دستي
وارن پنجن سالارن کي پاڻ سان ملايو جيڪي عزرياہ ولد يهورام،
اسماعيل ولد يهوحنان، عزرياہ ولد عوبيد، معسياہ ولد عداياہ ۽
اليسافط ولد زڪري هئا. هن ڪانئن وفاداريءَ لاءِ قسم کڻائي عهد
ورتو. ② هو يهوداہ جي سڀني شهرن ۾ ويا ۽ اتي جي لاوين ۽ سڀني
گهراڻن جي وڏن کي پاڻ سان وٺي يروشلم ۾ آئي گڏ ڪيائون. ③ انهن
سڀني هيڪل ۾ اچي شهزادي يوآس سان عهد اقرار ڪيو. يهويدع
کين چيو تہ ”ڏسو، هي اخزياہ بادشاهہ جو پٽ ئي هاڻي بادشاهي

3:23 2.سم 7:12

کندو، جيئن خداوند دائود جي اولاد بابت بادشاهيءَ جو واعدو فرمايو
آهي. 4 هاڻي اوهان تي هيئن ڪرڻ لازم آهي ته اوهان مان جيڪي
ڪاهن ۽ لاوي سبت جي ڏينهن هيڪل جي اندر مقرر ٿيل آهن تن کي
ٽن حصن ۾ ورهايو وڃي. هڪ حصو هيڪل جي دروازن تي دربان ٿي
بيهي. 5 هڪ حصو شاهي محل جي سنڀال ڪري ۽ باقي هڪ حصو
هيڪل جي بنياد نالي دروازي تي بيٺل رهي. ٻيا سڀيئي ماڻهو خدا
جي گهر جي اڱڻ ۾ رهن. 6 هيڪل جي خدمتگار ڪاهنن ۽ لاوين
کان سواءِ ٻيو ڪوبه خداوند جي گهر ۾ اندر نه اچي. رڳو اهي ئي
اندر داخل ٿين، ڇالاءِجو اهي اڳي ئي انهيءَ لاءِ مخصوص ٿيل آهن.
باقي ٻيا ماڻهو خداوند جي حڪم موجب ٻاهر بيهي رهن. 7 لاوي
بادشاهه جي چوگرد محافظ ٿي هلن ۽ سڀني کي پنهنجا هٿيار هٿن
۾ هجن. ائين اهي بادشاهه سان هر وقت گڏ رهن. جيڪو به هيڪل
۾ اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪري تنهن کي قتل ڪيو وڃي.“
8 سو لاوين ۽ يهوداه وارن سڀني ائين ئي ڪيو جيئن يهويدع
ڪاهن کين حڪم ڏنو هو. سڀني سالارن پنهنجا پنهنجا اهي ماڻهو
گڏ ڪيا جيڪي سبت جي ڏينهن ڪم تي چڙهڻا هئا يا اهي جيڪي
ڪم تان لهڻا هئا، ڇالاءِجو يهويدع ڪاهن ڪنهن کي به هيڪل کان
ٻاهر وڃڻ جي موڪل نه ڏني هئي. 9 دائود بادشاهه وارا نيزا ۽ ڍالون
جيڪي هيڪل ۾ رکيل هيون سي يهويدع ڪاهن انهن سالارن کي
کڻڻ لاءِ ڇيو. 10 هر ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هٿيار ڏيئي هن سڀني
کي هيڪل جي اڳيان جتي قربان‌گاهه آهي، ساڄي پاسي کان وٺي
کاٻي پاسي تائين بادشاهه جي حفاظت لاءِ چوڌاري بيهاري ڇڏيو.
11 تنهن کان بعد يهويدع جي اڳواڻيءَ ۾ شهزادي يوآس کي ٻاهر آندو
ويو ۽ سندس مٿي تي تاج پهرايو ويو. پوءِ شهزادي کي بادشاهيءَ
جي قاعدن قانونن جو ڪتاب ڏيئي پنهنجو بادشاهه بڻايائون. انهيءَ
لاءِ يهويدع ۽ سندس پٽن کيس مسح ڪيو ۽ پوءِ سڀيئي وڏي آواز
سان چوڻ لڳا ته ”خدا شل بادشاهه کي سلامت رکي!“
12 جيئن ئي عتلياه راڻيءَ ماڻهن جو گوڙ ٻڌو جيڪي بادشاهه کي
مبارڪ ڏيئي رهيا هئا، ته هوءَ ڊوڙندي اچي هيڪل جي اڳيان پهتي.
13 هن نهاري ڏٺو ته نئون بادشاهه هيڪل جي دروازي وٽ بادشاهن
واري ٿنڀي جي پرسان بيٺو آهي ۽ لشڪر جا سالار ۽ توتارا وڄائڻ
وارا بادشاهه جي پرسان بيٺا آهن. هن ڏٺو ته سڀيئي ماڻهو خوشيءَ
وچان نعرا هڻي رهيا هئا ۽ شرنايون پئي وڄايائون ۽ ڳائڻ وارا به ساز
وڄائي واڪاڻ جا گيت ڳائڻ ۾ ماڻهن جي رهنمائي ڪري رهيا هئا.
تڏهن عتلياه راڻي جوش وچان پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي رڙيون ڪري چوڻ
لڳي ته ”غداري! غداري! غداري!“
14 جيئن ته يهويدع ڪاهن نه ٿي چاهيو ته عتلياه کي هيڪل جي
حد اندر قتل ڪيو وڃي، سو هن لشڪر جي سالارن کي حڪم ڏيئي
ڇيو ته ”هن کي محافظن جي گهيري ۾ ٻاهر وٺي وڃو ۽ جيڪو به
کيس ڇڏائڻ لاءِ اچي تنهن کي ماري ڇڏيو.“ 15 سو هنن ان کي پڪڙي
ورتو ۽ محل ڏانهن گهلي کڻي ويس جتي گهوڙي واري دروازي وٽ
هنن کيس قتل ڪري ڇڏيو.

## يهويدع ڪاهن جا سڌارا

(2.بادشاهه 11:17–20)

16 پوءِ يهويدع ڪاهن جي هدايت موجب هن پاڻ، بادشاهه يوآس
۽ سندس ساريءَ قوم هڪڙو عهد اقرار ڪيو ته اهي سڀيئي خداوند
جي هڪ قوم ٿي رهندا. 17 تنهن کان بعد سڀيئي ماڻهو بعل ديوتا
جي پوڄا گهر ڏانهن ويا ۽ انهيءَ کي ڊاهي ڇڏيائون. هنن انهيءَ
جون قربان‌گاهون ۽ سندس مورتيون ڀڃي پورا پورا ڪري ڇڏيون ۽
بعل ديوتا جي متان نالي مذهبي اڳواڻ کي اتي ئي قربان‌گاهن جي
اڳيان قتل ڪري ڇڏيائون.
18 پوءِ يهويدع هيڪل جي ڪم تي انهن ڪاهنن ۽ لاوين کي ئي
مقرر ڪيو، جن جي ڪٽنبن کي دائود خداوند جي گهر ۾ ڪم ورهائي
ڏنا هئا، تان‌ته اهي موسيٰ جي شريعت مطابق خداوند لاءِ ساڙڻ
واريون قربانيون پيش ڪن، ۽ دائود جي حڪم مطابق خوشيون ڪندي
عبادت ۾ رهنمائي ڪن ۽ ڳائن وڄائن. 19 هن هيڪل جي دروازن تي
دربان مقرر ڪيا، ته جيئن اهي ڪنهن به طرح ناپاڪ ماڻهن کي اندر
لنگهڻ نه ڏين. 20 پوءِ يهويدع سالارن، اميرن، عملدارن ۽ ٻين سڀني
ماڻهن کي ساڻ ڪري جلوس جي صورت ۾ بادشاهه کي هيڪل کان
سندس محل ڏانهن وٺي هليو. هو مکيه دروازي کان بادشاهه جي
محل ۾ آيا ۽ اتي کيس سندس تخت تي ويهاريو ويو. 21 تڏهن سڀني
ماڻهن خوشيون ڪيون ۽ شهر ۾ امن امان ٿي ويو، ڇوته عتلياه کي
قتل ڪيو ويو هو.

## يهوداه جو بادشاهه يوآس

(2.بادشاهه 12:1–16)

24 1 يوآس ستن سالن جي عمر ۾ بادشاهه بڻيو ۽ يروشلم
۾ رهي اٽڪل چاليهه سال بادشاهي ڪيائين. سندس ماءُ
جو نالو ضبياه هو، جيڪا بيرسبع شهر جي رهاڪو هئي. 2 يهويدع
ڪاهن جي جيئري يوآس اهي ئي ڪم ڪيا، جيڪي خداوند جي نظر
۾ چڱا هئا. 3 يهويدع کيس ٻه زالون پرڻايون، جن مان کيس پٽ ۽
ڌيئر ڄايون.
4 ڪجهه عرصي کان پوءِ يوآس خداوند جي گهر جي مرمت ڪرائڻ
جو ارادو ڪيو. 5 انهيءَ لاءِ هن ڪاهنن ۽ لاوين کي سڏائي کين
حڪم ڏنو ته ”اوهين يهوداه جي شهرن ۾ وڃي سڀني ماڻهن کان
هيڪل جي ساليانی مرمت لاءِ پئسا گڏ ڪريو. ڏسو، انهيءَ ڪم ۾
اوهين جلدي ڪجو.“

پر لاوين بادشاهہ جي حڪم مطابق جلدي نہ ڪئي. 6 تڏهن
بادشاهہ يهويدع سردار ڪاهن کي سڏائي چيو تہ ”تو لاوين تي زور
چو نہ رکيو تہ هو يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ مان اهو ڏنُ وصول
ڪري اچن، جيڪو خدا جي ٻانهي موسيٰ خدا سان ملاقات واري
خيمي لاءِ سڄيءَ قوم تي مقرر ڪيو هو؟“
7 جيئن تہ بڇڙي عورت عتلياہ جي ماڻهن هيڪل جي عمارت کي
نقصان پهچايو هو ۽ انهيءَ مان گهڻيون ئي وقف ٿيل شيون ڪڍي وڃي
بعل ديوتا جي پوڄا ۾ استعمال ڪيون هئائون. 8 سو بادشاهہ جي
حڪم موجب لاوين هڪڙي پيٽي ٺهرائي ۽ اها خداوند جي گهر جي
در وٽ ٻاهر رکائي ڇڏيائون. 9 پوءِ هنن يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ
۾ اعلان ڪرائي ڇڏيو تہ ”جيڪو ڏنُ خدا جي ٻانهي موسيٰ بيابان ۾
خداوند جي لاءِ پنهنجي سڄيءَ قوم تي مقرر ڪيو هو سو کڻي اچو.“
10 انهيءَ اعلان جي ڪري عام ماڻهو ۽ سندن اڳواڻ سڀ بيحد خوش
ٿيا ۽ پنهنجو ڏنُ آڻي انهيءَ پيٽيءَ ۾ وجهندا رهيا، ايستائين جو اها
ڀرجي ويئي. 11 پوءِ جڏهن اها پيٽي لاوين جي هٿان بادشاهہ جي مقرر
عملدارن وٽ آندي ويئي تڏهن هنن ڏٺو تہ انهيءَ ۾ تمام گهڻا پيسا
پيل هئا. سو بادشاهہ جي محرر ۽ سردار ڪاهن جي مددگار اندر اچي
اها پيٽي خالي ڪئي. پوءِ اها وري کڻي ساڳيءَ جاءِ تي رکي ڇڏيائون.
اهڙيءَ طرح اهي اڪثر ائين ڪندا رهيا ۽ تمام گهڻي رقم گڏ ڪيائون.
12 پوءِ بادشاهہ ۽ يهويدع ڪاهن اها رقم هيڪل جي مرمت جي
ڪم جي نگراني ڪندڙ ماڻهن کي ڏني، جن رازن ۽ واڍن کي هيڪل
جي مرمت لاءِ مزدوري تي لڳايو ۽ انهيءَ کان سواءِ هيڪل ۾ لوهہ
۽ پتل جو ڪم ڪندڙن کي پڻ پئسا ڏنائون. 13 اهڙيءَ طرح ڪاريگرن
پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو ۽ مرمت جو سمورو ڪم پورو ڪري هيڪل
کي پهريون واري حالت ۾ آندائون ۽ انهيءَ کي مضبوط پڻ ڪيائون.
14 جڏهن هو سمورو ڪم پورو ڪري چڪا تڏهن باقي بچيل رقم هنن
بادشاهہ ۽ يهويدع جي اڳيان آڻي رکي جن انهيءَ مان خوشبودان ۽
هيڪل جي خدمت ڪرڻ لاءِ ۽ قرباني پيش ڪرڻ لاءِ سون ۽ چانديءَ
جا ٿانوَ جوڙايا.

## يوآس جو خداوند کان منهن موڙڻ

يهويدع جي جيئري رهڻ تائين باقاعدگيءَ سان هيڪل ۾ ساڙڻ
واريون قربانيون پيش ڪيون وينديون هيون.
15 هڪ سؤ ٽيهن سالن جي وڏي ڄمار تي پهچڻ کان پوءِ يهويدع
وفات ڪئي. 16 کيس دائود جي شهر ۾ بادشاهن واري قبرستان ۾
دفن ڪيو ويو، انهيءَ لاءِ جو هن خدا ۽ سندس قوم ۽ هيڪل لاءِ
چڱا ڪم ڪيا هئا.
17 يهويدع جي وفات کان پوءِ يهوداہ جي اڳواڻن اچي بادشاهہ
يوآس کي ريجهايو ۽ هو سندن ڳالهين تي هلڻ لڳو. 18 سو ماڻهن
هيڪل ۾ خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي عبادت ڪرڻ ڇڏي
ڏني ۽ يسيرہ ديويءَ جي ٿنڀن ۽ بتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. تڏهن انهيءَ
گناهہ ڪرڻ جي ڪري يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ تي غضب نازل
ٿيو. 19 انهيءَ هوندي بہ خداوند هنن ڏانهن نبي موڪليا تہ جيئن
اهي توبهہتائب ٿين. نبين کين تنبيهہ ڪئي پر هنن سندن هڪ بہ نہ
ٻڌي. 20 تڏهن خداوند جو روح زڪرياہ ولد يهويدع ڪاهن تي نازل
ٿيو ۽ هو ماڻهن جي اڳيان مٿاهين جاءِ تي بيهي کين چوڻ لڳو تہ
”خداوند ٿو فرمائي تہ ’اوهين مون خداوند جي حڪم جي نافرماني
چو ٿا ڪريو؟ چو اوهين پاڻ کي مصيبت ۾ ٿا وجهو؟ جيئن تہ اوهان
مون کي ڇڏي ڏنو آهي، تنهنڪري مون بہ اوهان کي ڇڏي ڏنو.‘ “
21 تنهن تي بادشاهہ يوآس ۽ سندس ماڻهو زڪرياہ جي خلاف ٿي
پيا. پوءِ بادشاهہ جي حڪم سان هيڪل جي اڱڻ ۾ ئي زڪرياہ کي
سنگسار ڪيو ويو. 22 اهڙيءَ طرح بادشاهہ يوآس زڪرياہ جي پيءُ
جا اهي احسان بہ وساري ڇڏيا جيڪي هن ساڻس ڪيا هئا، بلڪ
سندس پٽ کي مارائي ڇڏيائين. زڪرياہ مرڻ وقت پڪاري چيو تہ
”شل خداوند اهو ڏسي ۽ اوهان سڀني کان انهيءَ جو حساب وٺي.“

## يوآس جو قتل

23 انهيءَ سال جي پوري ٿيڻ تي ارام جو لشڪر يهوداہ تي چڙهائي
ڪري آيو. هنن يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جا اهي اڳواڻ جيڪي کين
هٿ آيا، تن سڀني کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندن سڄو مال لُٽي ارام
جي بادشاهہ ڏانهن دمشق ۾ ڏياري موڪليائون. 24 جيتوڻيڪ ارامين
جو لشڪر ٿورن ماڻهن جي جٿي سان آيو هو، پر خداوند يهوداہ وارن
جي وڏي لشڪر کي انهن کان شڪست ڏياري ڇڏي، ڇالاءِجو هنن
خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا کي ڇڏي ڏنو هو. اهڙيءَ طرح
يوآس بادشاهہ تي خدا جي طرفان سزا جو حڪم سچو ثابت ٿيو.
25 جيئن تہ يوآس لڙائيءَ ۾ سخت زخمي ٿي پيو هو، سو جڏهن
ارامي لشڪر کيس ڇڏي هليو ويو، تڏهن سندس ئي ٻن عملدارن
يهويدع ڪاهن جي پٽ جو بدلو وٺڻ لاءِ کيس سندس پلنگ تي ئي
ڪُهي ڇڏيو. کيس *دائود جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو پر بادشاهن
واري قبرستان کان ٻاهر. 26 جن يوآس جي خلاف سازش سٽي هئي
سي زبد، جيڪو هڪ عموني عورت سماعت جو پٽ هو ۽ يهوزبد،
جيڪو هڪ موآبي عورت سمريت جو پٽ هو. 27 باقي يوآس جي پٽن
بابت ۽ کيس ڪيل خدا جي تنبيهہ جي باري ۾ ۽ هيڪل جي مرمت
بابت سمورو احوال ”بادشاهن جي ڪتاب جو تفسير“ ۾ لکيل آهي.
يوآس کان پوءِ سندس پٽ امصياہ سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

6:24 خر 11:30–16 20:24–21 مت 23:35، لو 11:51

## يهوداه جو بادشاهه امصياه
(2.بادشاهه 14:2–6)

25 1 امصياه پنجويهن سالن جي عمر ۾ بادشاهه بڻيو ۽ يروشلم
۾ رهي اوڻٽيهه سال بادشاهي ڪيائين. سندس ماءُ
جو نالو يهوعدان هو جيڪا يروشلم جي رهندڙ هئي. 2 هن جيڪي
ڪم ڪيا سي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا، پر هن اهي سڀ ڪم
بي‌دليءَ سان ڪيا. 3 جيئن ئي سندس بادشاهت مضبوط ٿي، ته هن
انهن عملدارن کي قتل ڪرائي ڇڏيو جن سندس پيءُ يوآس کي ماريو
هو. 4 پر هن انهن قاتلن جي پٽن کي ڪين ماريو، بلڪ هن ائين ئي
ڪيو جيئن موسيٰ جي شريعت جي ڪتاب ۾ خداوند حڪم فرمايو
آهي ته ”پٽ جي بدلي پيءُ کي موت جي سزا نه ڏني وڃي، نڪي
پيءُ جي بدلي پٽ کي. هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي گناهه لاءِ
موت جي سزا ڏني وڃي.“

## ادوم جي خلاف لڙائي
(2.بادشاهه 14:7)

5 انهيءَ کان پوءِ امصياه يهوداه وارن جي سڄي لشڪر کي گڏ
ڪيو جنهن ۾ بني يهوداه ۽ بني بنيامين جي قبيلن جا ماڻهو هئا.
هن انهن ۾ سندن ابن ڏاڏن جي گهراڻن موجب، هزار هزار ۽ سؤ سؤ
جا دستا ٺاهي مٿن سالار مقرر ڪيا. پوءِ لشڪر ۾ ويهن سالن ۽
ان کان مٿي جي عمر وارن جو شمار ڪيو ويو ته انهن ۾ ٽي لک
چونڊيل جوان جنگ جي لائق ۽ نيزي ۽ ڍال کڻڻ جهڙا هئا. 6 هن
چانديءَ جا اٽڪل ساڍا ٽي هزار ڪلوگرام ڏيئي اسرائيل ملڪ مان
هڪ لک بهادر ۽ دلير جوان پڻ ڪرايي تي ڪيا.
7 تڏهن خدا جو هڪڙو ٻانهو بادشاهه وٽ آيو ۽ کيس چوڻ لڳو
ته ”اي بادشاهه! تون اسرائيل جي سپاهين کي پاڻ سان گڏ جنگ ۾
نه وٺي وڃ، ڇالاءِجو خداوند بني افرائيم بلڪ سڀني اسرائيل وارن
مان خوش ناهي، 8 پر جيڪڏهن تون انهن کي گڏ وٺي وڃڻ سان پاڻ
کي لڙائيءَ لاءِ مضبوط ٿو سمجهين ته ياد رک، خدا تو کي دشمن
هٿان شڪست ڏياريندو، ڇالاءِجو فتح يا شڪست خدا جي ئي اختيار
۾ آهي.“ 9 تڏهن امصياه انهيءَ نبيءَ کي چيو ته ”پر اها چاندي،
جيڪا مون اسرائيل جي انهن لشڪر وارن کي ڏني آهي تنهن جو
ڇا ٿيندو؟“ خدا جي ٻانهي وراڻيس ته ”خداوند تو کي انهيءَ کان
گهڻو وڌيڪ ڏيئي سگهي ٿو.“ 10 تنهن کان پوءِ امصياه افرائيم ملڪ
کان آيل انهيءَ لشڪر وارن کي موڪل ڏيندي چيو ته اهي پنهنجي
پنهنجي گهرن ڏانهن هليا وڃن. انهيءَ ڳالهه تي اهي يهوداه وارن
تي ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ سخت غصي وچان پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي ويا.
11 امصياه دل ٻڌي پنهنجو لشڪر وٺي لوڻ واري ماٿريءَ ڏانهن
ويو، جتي سندس لشڪر ادومي لشڪر جا ڏهه هزار ماڻهو لڙائيءَ
۾ ماري ڇڏيا. 12 ٻين ڏهن هزارن کي يهوداه وارن جيئرو پڪڙيو ۽
ڪين سلع شهر واري اڀي ٽڪريءَ تي وٺي وڃي اتان هيٺ اڇلايائون،
جنهن ڪري اهي چڪنا چور ٿي ويا.
13 انهيءَ وچ ۾ اسرائيل جو اهو لشڪر جنهن کي امصياه لڙائيءَ
۾ نه وٺي ويو هو، سو پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽندي بيت‌حورون شهر
کان وٺي سامريه شهر تائين يهوداه جي شهرن تي ڪاهي پيو ۽ اٽڪل
ٽي هزار ماڻهو ماري ڇڏيائون. هو گهڻو ئي مال پڻ لٽي ڦري کڻي ويا.
14 هيڏانهن جڏهن امصياه ادومين کي قتل ڪري واپس موٽيو،
تڏهن پاڻ سان گڏ ادومين جي ديوتائن وارا بت کڻي آيو ۽ انهن
کي پنهنجا معبود بڻائي رکي ڇڏيائين. هن انهن کي سجدو ڪيو ۽
انهن لاءِ قربانيون ڪيائين. 15 انهيءَ ڪري خداوند امصياه تي سخت
ناراض ٿيو، ۽ وٽس هڪڙو نبي موڪليائين، جنهن اچي امصياه کي
چيو ته ”تون غير قومن جي انهن معبودن جو طالب ڇو ٿيو آهين،
جيڪي خود پنهنجيءَ قوم کي تنهنجي هٿن مان نه ڇڏائي سگهيا؟“
16 جيئن ته اڃا هو بادشاهه سان ڳالهائي رهيو هو ته بادشاهه وچ ۾
چيس ته ”ڇا مون تو کي پنهنجو صلاحڪار بڻايو آهي؟ هاڻي بس
ڪر ته مارائي نه ڇڏيانءِ.“ تڏهن نبيءَ کڻي بس ڪئي، پر ويندي
ويندي بادشاهه کي ائين چيائين ته ”هاڻي مون کي معلوم ٿي ويو
ته خدا تو کي ناس ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي، ڇالاءِجو تو اهڙو ڪم
ڪيو آهي ۽ منهنجي صلاح به ٻڌڻ نه ٿو چاهين.“

## اسرائيل خلاف جنگ
(2.بادشاهه 14:8–20)

17 پوءِ يهوداه جي بادشاهه امصياه صلاح ڪري اسرائيل جي
بادشاهه يهوآس ولد يهوآخز ولد ييهو ڏانهن چوائي موڪليو ته
”اچ ته هڪ ٻئي جو مقابلو ڪريون.“ 18 يهوآس جواب ۾ امصياه
ڏانهن چوائي موڪليو ته ”لبنان جي هڪڙي ڪانڊيري لبنان جي ديال
جي وڻ ڏانهن چوائي موڪليو ته ’پنهنجي ڌيءَ منهنجي پٽ کي
پرڻائي ڏي.‘ تڏهن لبنان جو هڪڙو جهنگلي جانور اتان اچي لنگهيو
۽ ڪانڊيري کي لتاڙي هليو ويو. 19 اي امصياه! تو برابر ادوم کي
شڪست ڏني آهي، تنهنڪري ئي هاڻ تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي جو
تون غرور سان ٿو ڳالهائين. هاڻي منهنجي صلاح مڃي پنهنجي گهر
۾ ئي ويٺو رهه. ڇو ٿو پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ملڪ يهوداه لاءِ مصيبت
کي سڏين؟“
20 پر امصياه سندس ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجي ارادي تي
قائم رهيو. اهو ائين ئي ٿيو جيئن خدا چاهيو ٿي ته انهن کي سندن
دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏي، ڇالاءِجو هو ادومين جي معبودن

---

4:25 شر 16:24

جا طالبو ٿي ويا هئا. 21 تڏهن اسرائيل جو بادشاهه يهوآس ڪاهه
ڪري هليو ۽ يهوداه جي بيت‌شمس شهر وٽ يهوداه جي بادشاهه
امصياه جي مدِمقابل ٿيو. 22 انهيءَ لڙائيءَ ۾ يهوداه جي لشڪر
شڪست کاڌي ۽ سندس سپاهي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وٺي
ڀڳا. 23 يهوآس امصياه کي بيت‌شمس مان جنگي قيدي بڻائي يهوداه
جي گاديءَ واري شهر يروشلم ڏانهن وٺي آيو. هن اتي يروشلم جي
ٻاهران نڪتل ڪوٽ جي پٽ کي افرائيم دروازي کان وٺي ڪنڊ واري
دروازي تائين اٽڪل ٻه سؤ ميٽر ڊيگهه ۾ ڊاهي ڇڏيو. 24 اتان يهوآس
سون، چاندي ۽ ٻيو سمورو سامان جيڪي هيڪل ۾ عوبيدادوم جي
گهراڻي وٽ هو ۽ بادشاهه جي محل جا خزانا پڻ لٽي پاڻ سان گڏ
واپس سامريه شهر ڏانهن کڻي ويو. اتان هو ڪجهه ماڻهو به قيدي
بڻائي وٺي ويو.

25 يهوداه جو بادشاهه امصياه ولد يوآس اسرائيل جي بادشاهه
يهوآس ولد يهوآخز جي مرڻ کان پوءِ پندرهن سال جيئرو رهيو.
26 امصياه جو پهريون توڙي پويون سمورو احوال ”يهوداه ۽ اسرائيل
جي بادشاهن جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهي. 27 جڏهن کان وٺي امصياه
خداوند جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ کان ڦري ويو هو تڏهن کان
وٺي ماڻهن يروشلم ۾ سندس خلاف سازشون ٿي ڪيون. آخرڪار
هو لڪيس شهر ڏانهن ڀڄي ويو، پر تڏهن به انهن ماڻهن سندس
پٺيان لڪيس ڏانهن به ماڻهو موڪلي کيس قتل ڪرائي ڇڏيو. 28 پوءِ
سندس لاش گهوڙي تي کڻي يروشلم ۾ آندو ويو ۽ کيس دائود جي
شهر ۾ بادشاهن واري قبرستان ۾ سندس ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ڪيو
ويو.

## يهوداه جو بادشاهه عُزياه

(2.بادشاهه 14:21–22، 15:1–7)

26 1 پوءِ يهوداه جي سڀني ماڻهن امصياه جي پٽ عُزياه کي
سندس پيءُ جي جاءِ تي بادشاهه بڻايو. 2 عُزياه پنهنجي
پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ايلات شهر تي ٻيهر قبضو ڪري يهوداه ملڪ
۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ ان جي نئين سر تعمير ڪرايائين.
3 جڏهن عُزياه بادشاهي ڪرڻ لڳو، تڏهن سندس عمر سورهن
سال هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل ٻاونجاهه سال بادشاهي ڪئي.
سندس ماءُ جو نالو يڪولياه هو جيڪا يروشلم جي رهندڙ هئي.
4 پنهنجي پيءُ امصياه وانگر هن به اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند
جي نظر ۾ چڱا هئا. 5 زڪرياه هن جو مذهبي صلاحڪار هو ۽
جيستائين زڪرياه جيئرو هو تيستائين عُزياه خدا جي طلب ۾ مشغول
رهيو ۽ خدا کيس ڪاميابيون ڏنيون.
6 هڪڙي دفعي عُزياه نڪري وڃي فلستين سان جنگ ڪئي ۽
گات، يبنه ۽ اشدود شهرن جا ڪوٽ ڪيرايائين. هن پوءِ فلستين جي
علائقي ۾ اشدود شهر جي ويجهو ۽ ٻين هنڌن تي به ڪوٽن وارا شهر
ٻڌرايا. 7 فلستين، گوربعل ۾ رهندڙ عربن ۽ معونين کي شڪست
ڏيڻ ۾ خدا سندس مدد ڪئي. 8 عموني عُزياه کي ڏنُ ڏيڻ لڳا ۽
هو ايترو ته طاقتور ٿي ويو جو مصر تائين سندس هاڪ پئجي ويئي.
9 عُزياه يروشلم شهر ۾ ڪنڊ واري دروازي وٽ، ماٿريءَ واري
دروازي وٽ ۽ پٽ جي وراٽي وٽ ٺُلهَه ٺهرائي ڪوٽ کي مضبوط
ڪيو. 10 هن چراگاهن ۾ پڻ ٺُلهَه ٺهرايا ۽ اتي گهڻا ئي کوهه
کوٽايائين، ڇالاءِجو الهندي وارن هيٺاهن علائقن ۽ ميدانن ۾ وٽس
گهڻو چوپايو مال هو. جيئن ته هن کي زراعت سان گهڻو چاهه هو،
تنهنڪري جابلو علائقن ۾ توڙي پوکيءَ لائق زمين ۾ انگورن جا باغ
لڳائڻ ۽ پوک ڪرڻ تي هن ڪڙمي ويهاريا.
11 عُزياه بادشاهه وٽ جنگ لاءِ هڪ وڏو لشڪر هوندو هو، جيڪي
سندس محرر يعيئيل ۽ ناظم معسياه جي شمار موجب ٽولين ٽولين
جي صورت ۾ بادشاهه جي هڪڙي سپهه‌سالار حنانياه جي نظرداريءَ
هيٺ جنگ لاءِ تيار هوندا هئا. 12 جنگي جوانن مٿان سالارن جو
جملي تعداد ٻه هزار ڇهه سؤ هو. 13 انهن سالارن جي نظرداريءَ
هيٺ ٽي لک ساڍا ست هزار جوانن جو سڪيا ورتل لشڪر هو، جيڪي
بادشاهه لاءِ سندس دشمنن جي خلاف وڏي بهادريءَ سان وڙهڻ
لاءِ تيار هوندا هئا. 14 عُزياه سڄي لشڪر کي ڍالون، نيزا، سپرون،
زرهون، تيرڪمان ۽ ڪانياٽين ۾ هڻڻ لاءِ پٿر جا گولا موجود ڪري
ڏنا هئا. 15 هن يروشلم ۾ هنرمندن کان نئين نموني جون مشينون
ٺهرايون جيڪي تير ۽ وڏا پٿر وَسائڻ لاءِ ٺُلهن ۽ ڪوٽن جي ڪنڊن
تي رکيون ويون. سو هر طرف هن جي هاڪ پئجي ويئي، ڇالاءِجو
خدا جي مدد سان هو ڏاڍو طاقتور بڻجي ويو.

## عُزياه کي سزا ملڻ

16 پر طاقتور ٿيڻ کان پوءِ عُزياه ڏاڍو مغرور ٿي ويو ۽ هن جو غرور
ئي سندس زوال جو سبب بڻيو. هن خداوند پنهنجي خدا جي نافرماني
ڪندي هيڪل ۾ اندر گهڙي لوبان ساڙڻ واري قربان‌گاهه تي لوبان
ساڙيو. 17 تڏهن عزرياه ڪاهن، ٻين اَسي دلير ڪاهنن سان گڏ سندس
پٺيان هيڪل ۾ اندر گهڙي آيو. 18 هنن عُزياه بادشاهه کي روڪيو ۽
چيائونس ته ”اي عُزياه! اهو تنهنجو ڪم ناهي جو تون خداوند جي
لاءِ لوبان ساڙين، بلڪ اهو هارون جي اولاد جو ڪم آهي جيڪي
ڪاهن آهن ۽ جيڪي لوبان ساڙڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. سو تون
مقدس جاءِ مان نڪري وڃ. جيئن ته تو گناهه ڪيو آهي تنهنڪري
خداوند خدا وٽ هاڻي تنهنجي ڪا به عزت ڪانهي.“ 19 تڏهن عُزياه
کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هو ان وقت خداوند جي گهر ۾ لوبان ساڙڻ
واري قربان‌گاهه جي ڀرسان بيٺو هو ۽ لوبان ساڙڻ وارو ٿانوَ هٿ ۾
هوس. سو جيئن ئي هو ڪاهنن تي ڇوهه ڇنڊي رهيو هو تيئن اوچتو

18:26 خر 30:7–8، ڳا 3:10

ڪاهنن جي موجودگيءَ ۾ سندس پيشاني تي ڪوڙهه جهڙي چمڙيءَ
جي بيماري ظاهر ٿي. 20 جڏهن سردار ڪاهن عزرياه ۽ ٻين ڪاهنن
هن ڏانهن نهاريو تہ ڇا ڏسن تہ هن جي پيشانيءَ تي ڪوڙهه جهڙي
چمڙيءَ جي بيماري ظاهر ٿي چڪي هئي! تنهن تي بادشاهہ کي اتان
هڪدم ڌڪي ٻاهر ڪيڏي ڇڏيائون. حقيقت ۾ هو پاڻ ئي خوف وچان
اتان تڪڙو تڪڙو نڪرڻ لڳو، ڇالاءِجو خداوند ڪيس هڻي سٽي وڌو
هو.
21 سو عُزياه بادشاهہ کي مرندي گهڙيءَ تائين ڪوڙهه جهڙي
بيماري لڳل رهي. هو ان بيماريءَ سبب ناپاڪ ٿي پيو ۽ وري ڪڏهن
خداوند جي گهر ۾ وڃڻ جي لائق نہ رهيو. هو محل بجاءِ هڪڙي
ڌار گهر ۾ رهندو هو. سندس پٽ يوتام شاهي محل جو ڪاروبار
سنڀاليندو هو ۽ ملڪ جو انتظام هلائيندو هو.
22 عُزياه بادشاهہ جا ٻيا سمورا ڪم جيڪي هن شروع کان وٺي آخر
تائين پنهنجي بادشاهيءَ دوران ڪيا، سي سڀ آموص جي پٽ يسعياه
نبيءَ لکيا. 23 نيٺ عُزياه بادشاهہ وفات ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن
سان آرامي ٿيو. ڪيس بادشاهن واري قبرستان جي ميدان ۾ دفن ڪيو
ويو. انهيءَ بيماريءَ جي ڪري ڪيس شاهي قبرستان ۾ اندر دفن نہ
ڪيو ويو. پوءِ سندس پٽ يوتام سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

## يهوداه جو بادشاهہ يوتام
(2.بادشاهہ 15:32–38)

27 1 يوتام جڏهن بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر پنجويهہ
سال هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٺ سورهن سال بادشاهي
ڪئي. هن جي ماءُ جو نالو يروسا هو، جيڪا صدوق جي ڌيءَ هئي.
2 يوتام پنهنجي پيءُ وانگر اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي
نظر ۾ چڱا هئا. بلڪ جيئن هن جو پيءُ لوبان ساڙڻ لاءِ خداوند جي
گهر ۾ داخل ٿيو هو تيئن هن نہ ڪيو. پر اڃا تائين ماڻهو پنهنجا بڇڙا
ڪم ڪندا ٿي آيا. 3 هن خداوند جي گهر جو مٿيون دروازو لڳرايو
۽ عوفل نالي ٽڪريءَ وٽ يروشلم جي پٽ تي گهڻو ڪجهہ ڪم
ڪرايائين. 4 هن يهوداه جي جابلو علائقي ۾ ڪيترائي شهر ٻڌرايا
۽ ٻيلن ۾ قلعا ۽ ٺُلهَہ ٺهرايائين. 5 يوتام بني عمون جي بادشاهہ
سان جنگ ڪئي ۽ فتح حاصل ڪيائين. انهي ئي سال بني عمون
هن کي چانديءَ جا ساڍا ٽي هزار ڪلوگرام، ڪڻڪ جا ساڍا سترهن
لک ڪلوگرام ۽ اوترا ئي جَوَن جا ڪلوگرام ڏنَ طور ڏياري موڪليا.
ايترو ئي ڏنُ هنن ٻئي ۽ ٽئين سال پڻ وٽس موڪليو.
6 يوتام زورآور ٿيندو ويو، ڇاڪاڻتہ هو ثابتقدميءَ سان خدا جي
راهہ تي هلندو ٿي رهيو. 7 يوتام جي بادشاهيءَ جو باقي احوال،
سندس جنگيون ۽ ٻيا ڪارناما جيڪي هن ڪيا سي سڀ ”يهوداه ۽
اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 8 جڏهن
هو بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر پنجويهہ سال هئي. يروشلم ۾
رهي هن اٺ سورهن سال بادشاهي ڪئي. 9 پوءِ يوتام وفات ڪري
وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ ڪيس *دائود جي شهر ۾
دفن ڪيو ويو. هن جي جاءِ تي سندس پٽ آخز بادشاهہ ٿيو.

## يهوداه جو بادشاهہ آخز
(2.بادشاهہ 16:1–4)

28 1 جڏهن آخز بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر ويهہ سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٺ سورهن سال بادشاهي
ڪئي. هن اهي ڪم نہ ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا،
جيئن سندس وڏي دائود چڱا ڪم ڪيا. 2 بلڪ هو اسرائيل جي
بادشاهن جي رستن تي هليو ۽ بعل ديوتائن جي پوڄڻ لاءِ پلٽيل
مورتيون ٺهرايائين. 3 هن هنوم ماٿريءَ ۾ غير معبودن واسطي ساڙڻ
لاءِ قربانيون پيش ڪيون ۽ جن غير قومن کي خداوند بني اسرائيل
اڳيان هڪالي ڪڍيو هو تن جي ڪراهت جهڙين ريتن رسمن تي هلي
پنهنجي پٽن کي ساڙڻ واريءَ قربانيءَ طور پيش ڪيائين. 4 هو جبلن
تي ٺهيل غير معبودن جي پوڄا گهرن ۾، ٽڪرن جي چوٽين تي ۽ هر
ڪنهن وڏي ڇانوري واري وڻ هيٺ ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪندو هو.

## يهوداه جي اسرائيل ۽ ارام سان جنگ
(2.بادشاهہ 16:5)

5 بادشاهہ آخز کي سندس گناهن جي ڪري خداوند سندس خدا
ارام ملڪ جي بادشاهہ جي هٿان شڪست ڏياري. سو ارامي سندس
ماڻهن مان گهڻن کي قيدي بڻائي دمشق شهر ڏانهن وٺي آيا. تنهن
کان پوءِ خداوند وري کيس اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ ولد رملياه
هٿان شڪست ڏياري، جنهن يهوداه جي لشڪر ۾ وڏو ڪوس وڌو.
6 اسرائيل جي بادشاهہ يهوداه ملڪ ۾ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ هڪ لک
ويهہ هزار بهادر ماڻهو مارائي ڇڏيا، ڇالاءِجو هنن خداوند پنهنجي
ابن ڏاڏن جي خدا کي ڇڏي ڏنو هو. 7 ذڪري نالي هڪ افرائيمي
جنگي جوڌي آخز بادشاهہ جي پٽ معسياه کي قتل ڪري ڇڏيو
۽ انهيءَ سان گڏوگڏ شاهي محل جي نگران عزريقام ۽ بادشاهہ
جي نائب القانہ کي بہ قتل ڪري ڇڏيائين. 8 اسرائيل وارا پنهنجي
همقوم يهوداه وارن مان ٻہ لک عورتون ۽ ٻار قيد ڪري وٺي ويا.
هنن لٽ جو مال بہ گهڻو ئي هٿ ڪيو جيڪو هو سامريہ شهر ڏانهن
کڻي آيا.

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

23:26 يس 1:6 6–5:28 يس 1:7

## عودد نبي

9 سامريہ شهر ۾ ئي عودد نالي خداوند جو هڪڙو نبي رهندو هو،
جيڪو ٻاهر نڪري وڃي سامريہ ڏانهن موٽندڙ لشڪر سان مليو. هن
کين چيو تہ ”جيئن تہ خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن جو خدا يهوداه
تي ڪاوڙيل هو، تنهنڪري هن انهن کي اوهان جي هٿن ۾ ڏنو آهي.
پر اوهان جنهن بيدرديءَ سان کين ڪٺو آهي، تنهن جي دانهن عرش
عظيم تائين وڃي پهتي آهي. 10 هاڻ اوهين يروشلم بلڪ سڄي يهوداه
جي مردن ۽ عورتن کي پنهنجا ٻانها ۽ ٻانهيون بنائڻ جي نيت رکو
ٿا. پر اوهان پاڻ خداوند پنهنجي خدا جا گنهگار نہ آهيو ڇا؟ 11 سو
منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌو! پنهنجي همقوم وارن کي موٽائي
سندن ملڪ ڏانهن موڪليو جن کي اوهين قيد ڪري وٺي آيا آهيو،
ورنہ خداوند جو غضب اوهان تي نازل ٿيڻ وارو آهي.“

12 تڏهن اسرائيل جا اڳواڻ عزرياه ولد يهوحنان، برڪياه ولد
مسليموت، يحزڪياه ولد سلوم ۽ عماسا ولد خدلي جيڪي افرائيم
قبيلي مان هئا، تن جنگ تان موٽندڙن سان مهاڏو اٽڪايو. 13 هنن
کين چيو تہ ”انهن قيدين کي هيڏانهن نہ وٺي اچو، نہ تہ اسان
خداوند جي آڏو قصوروار ٿينداسين. ڇا اوهين اسان جي قصورن ۽
گناهن کي وڌائڻ گهرو ٿا؟ اسان جو قصور تہ اڳ ۾ ئي وڏو آهي ۽
خدا جو غضب اسان جي ملڪ اسرائيل تي پوڻ وارو آهي.“

14 تڏهن لشڪر وارن اسرائيل جي اڳواڻن ۽ سڀني ماڻهن جي روبرو
قيدين ۽ لٽ جي مال کي ڇڏي ڏنو. 15 تڏهن ڪن ماڻهن کي مقرر ڪيو
ويو تہ هو قيدين جي سنڀال ڪن. انهن لٽ جي مال مان اُگهاڙن قيدين
کي ڪپڙا پهرايا، کين جتيون پائڻ لاءِ ڏنائون، کين کاڌو کارايائون ۽
سندن زخمن جي ملم پٽي پڻ ڪيائون. انهن مان جيڪي ڪمزور هئا
تن کي گڏهن تي چاڙهيو ويو. اهڙيءَ طرح سڀني قيدين کي يهوداه
۽ اسرائيل جي سرحد وٽ کجين واري شهر يريحو ڏانهن واپس آندو
ويو. پوءِ اسرائيل وارا سامريہ ڏانهن موٽي ويا.

## آخز بادشاهہ جي اشورين کان مدد گهرڻ

(2.بادشاهہ 16:7–9)

16–17 پوءِ ادومين وري يهوداه تي اچي حملو ڪيو ۽ يهوداه وارن
مان ڪن کي قيد ڪري وٺي ويا. سو بادشاهہ آخز اشور جي شهنشاهہ
تگلت پلاسر کان مدد گهري. 18 فلستين پڻ هيٺاهين زمين وارن شهرن
تي ۽ يهوداه جي ڏکڻ وارن شهرن تي ڪاهہ ڪئي. هنن بيت‌شمس،
ايالون ۽ گديروت شهرن تي ۽ آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت شوڪہ،
تمنہ ۽ گمزو شهرن تي قبضو ڪري ورتو ۽ اتي آباد ٿي ويا. 19 خداوند
سڄي ملڪ يهوداه کي اتان جي بادشاهہ آخز جي ڪري ذليل ڪيو،
ڇاڪاڻ‌تہ آخز يهوداه ۾ بڇڙائيءَ کي وڌايو هو ۽ خداوند جو ڏاڍو
نافرمان ٿي پيو هو. 20 اشور جو شهنشاهہ تگلت پلاسر هن وٽ آيو
تہ سهي، پر مدد جي بجاءِ رهندو کيس مصيبت ۾ وڌائين. 21 آخز
بادشاهہ خداوند جي گهر مان، شاهي محل مان ۽ اڳواڻن جي گهرن
مان سون ڪٽي آڻي اشور جي شهنشاهہ جي اڳيان پيش ڪيو، تڏهن
بہ کيس ڪا مدد ڪانہ ملي.

## آخز جا گناهہ

22 آخز بادشاهہ پنهنجي تنگيءَ وارن ڏينهن ۾ اڃا بہ وڌيڪ خداوند
جو نافرمان ٿي پيو. 23 هن دمشق جي ديوتائن جي لاءِ قربانيون ڪيون،
ڇالاءِجو سندس خيال موجب هنن ئي کيس شڪست ڏياري هئي. هن
سوچيو تہ ”جيئن تہ ارام جي بادشاهن جي ديوتائن هنن جي مدد
ڪئي هئي، سو آءٌ بہ انهن جي لاءِ قربانيون ڪندس تہ جيئن هو
منهنجي بہ مدد ڪندا.“ پر آخز جو اهو عمل سڀني يهوداه وارن لاءِ
تباهيءَ جو سبب بڻيو.

24 آخز خدا جي گهر جو سمورو سامان ڀڃي پورا پورا ڪري ڇڏيو.
هن خدا جي گهر جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ يروشلم جي هر گهٽيءَ
جي ڪنڊ تي غير معبودن لاءِ قربان‌گاهون ٺهرايائين. 25 هن يهوداه
جي هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ غير معبودن جي لاءِ پوڄا گهر ٺهرايا
تہ جيئن اتي ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪيون وڃن. اهڙيءَ طرح هن
خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا کي ڪاوڙ ڏياري.

26 هن جو باقي احوال ۽ طور طريقا، شروع کان آخر تائين، ”يهوداه
۽ اسرائيل جي بادشاهن جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 27 نيٺ آخز وفات
ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس يروشلم ۾ دفن
ڪيو ويو. پر هن کي شاهي قبرستان ۾ نہ رکيو ويو. پوءِ سندس پٽ
حزقياه سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

## يهوداه جو بادشاهہ حزقياه

(2.بادشاهہ 18:1–3)

29 1 جڏهن حزقياه بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر پنجويهہ
سال هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل اوڻٽيهہ سال بادشاهي
ڪئي. سندس ماءُ جو نالو ابياه هو جيڪا زڪرياه جي ڌيءَ هئي.
2 هن پنهنجي وڏي دائود وانگر اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند
جي نظر ۾ چڱا هئا.

## هيڪل کي نئين سر پاڪ صاف ڪرڻ

3 حزقياه نئين سال جي پهرين مهيني ۾ پنهنجي بادشاهيءَ جي
پهرين سال خداوند جي گهر جا دروازا کولرايا ۽ انهن جي مرمت
ڪرايائين. 4 هن ڪاهن ۽ لاوي گهرائي خداوند جي گهر جي اڀرندي
پاسي ڪشادي اڱڻ ۾ گڏ ڪري 5 کين چيو تہ ”هاڻي اسان کي

27:28 يس 28:14

خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي گهر کي وري مخصوص ڪرڻو
آهي. سو اي لاويؤ! منهنجي ڳالهه ٻڌو. هاڻ اوهين پنهنجو پاڻ کي
پاڪ ڪريو ۽ انهيءَ مقدس هيڪل مان سموري گندگي ڪڍي ڇڏيو.
6 اسان جي ابن ڏاڏن نافرماني ڪئي. هنن خداوند اسان جي خدا کي
ڇڏي اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خدا جي نظر ۾ برا آهن. هنن پنهنجا
منهن خداوند جي گهر کان ڦيري ڇڏيا ۽ ان کي پٺي ڏنائون. 7 هنن
هيڪل جا ٻاهريان دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ ڏيئا وسائي ڇڏيائون. هنن
انهيءَ مقدس هيڪل ۾ بني اسرائيل جي خدا لاءِ نه لوبان ساڙيو ۽
نه ئي وري ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪيون. 8 اهو ئي سبب آهي
جو خداوند جو غضب يروشلم بلڪ سڄي يهوداه تي اچي ڪڙڪيو.
هن انهن کي اهڙي مصيبت ۾ وڌو جو اهي ڏهڪاءَ ۽ حيرت جو سبب
بڻيا، جيڪو اوهين اڄ به ڄاڻو ٿا. 9 اهو ئي سبب آهي جو اسان مان
ڪن جا پيئر جنگين ۾ مارجي ويا ۽ ڪن جا پٽ، ڌيئرون ۽ زالون
قيد ڪيون ويون. 10 هاڻ منهنجو ارادو آهي ته اسين خداوند، بني
اسرائيل جي خدا سان هڪڙو عهد ڪريون ته من سندس قهر اسان
تان ٽري وڃي. 11 سو اي پٽن جهڙا پيارؤ! هاڻي اوهين وڌيڪ غفلت
نه ڪريو. اهي اوهين ئي آهيو جن کي خداوند ساڙڻ لاءِ قربانيون
پيش ڪرڻ ۽ پنهنجي خدمت ۽ عبادت ۾ ماڻهن جي اڳواڻي ڪرڻ
لاءِ چونڊيو آهي."
12 تڏهن هي لاوي ڪم لاءِ اُٿي کڙا ٿيا:
بني قهات مان، محت ولد عماسي ۽ يوايل ولد عزرياه،
بني مراريءَ مان، قيس ولد عبدي ۽ عزرياه ولد يهللئيل،
بني گيرشون مان، يوآخ ولد زمه ۽ عدن ولد يوآخز،
13 اليصفن جي اولاد مان، سمري ۽ يعوايل،
آسف جي اولاد مان، زڪرياه ۽ متنياه،
14 هيمان جي اولاد مان، يحيئيل ۽ سمعي،
يدوتون جي اولاد مان، سمعياه ۽ عُزي ايل.

15 هنن ماڻهن پنهنجي لاوي ڀائرن کي گڏ ڪيو ۽ انهن سيني
پاڻ کي پاڪ ڪيو. پوءِ هنن بادشاهه جي حڪم مطابق خداوند جي
شريعت موجب خداوند جي گهر اندر وڃي ان کي پاڪ ڪرڻ شروع
ڪيو. 16 ڪاهن خداوند جي هيڪل کي پاڪ ڪرڻ لاءِ ان ۾ اندر
ويا. هر گندي شيءِ جيڪا خداوند جي گهر ۾ لڌائون سا هنن ڪڍي
آڻي اڱڻ ۾ رکي. لاوي ان گندگيءَ کي شهر کان ٻاهر قدرون جي
برساتي نهر ڏانهن کڻي ويا. 17 هنن نئين سال جي پهرين مهيني جي
پهرين تاريخ تي هيڪل کي پاڪ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ انهيءَ
مهيني جي اٺين تاريخ تي هو هيڪل جي ورانڊي تائين پهتا. وڌيڪ
اٺن ڏينهن تائين هو خداوند جي گهر کي پاڪ ڪندا رهيا ۽ سورهين
تاريخ تي اهو ڪم پورو ڪيائون.

## هيڪل کي نئين سر مخصوص ڪرڻ

18 تنهن کان پوءِ لاوي بادشاهه حزقياه وٽ لنگهي ويا ۽ کيس
ٻڌايائون ته "اسان خداوند جو سارو گهر، ساڙڻ واري قربانيءَ جي
قربان‌گاهه ۽ ٿانوَ، نذراني جي روٽن جي ميز ۽ ٿانوَ، سڀيئي پاڪ
ڪري ڇڏيا آهن. 19 تنهن کان سواءِ اسان اهي سڀ ٿانوَ به موٽائي
آڻي پاڪ ڪيا آهن جيڪي آخز بادشاهه نافرماني ڪندي پنهنجي
بادشاهيءَ دوران اتان هٽائي ڇڏيا هئا. هاڻ اهي سڀ ٿانوَ خداوند جي
قربان‌گاهه جي اڳيان رکيا اٿئون."
20 ٻئي ڏينهن صبح جو سوير حزقياه بادشاهه شهر جا سڀ عملدار
گڏ ڪيا ۽ انهن کي ساڻ ڪري خداوند جي گهر ڏانهن ويو. 21 هنن
ست ڏڳا، ست گهٽا، ست گهيٽا ۽ ست ٻڪر شاهي گهراڻي، هيڪل ۽
يهوداه وارن لاءِ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور آندا. سڀيئي ڪاهن
جيڪي هارون جي اولاد مان هئا تن کي بادشاهه حزقياه چيو ته هو
اهي خداوند جي قربان‌گاهه تي قربان ڪن. 22 تڏهن هنن پهريائين ڏڳا
ذبح ڪيا ۽ انهن جو ٿورو رت کڻي قربان‌گاهه تي ڇٽڪاريائون. پوءِ
هنن گهٽا به ذبح ڪيا ۽ انهن جو رت به قربان‌گاهه تي ڇٽڪاريائون.
تنهن کان پوءِ هنن گهيٽا به ذبح ڪيا ۽ انهن جو رت به قربان‌گاهه
تي ڇٽڪاريائون. 23 آخر ۾ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هنن بادشاهه
۽ ٻين ماڻهن اڳيان ٻڪر آندا ۽ بادشاهه ۽ ماڻهن پنهنجا هٿ انهن تي
رکيا. 24 ان کان پوءِ ڪاهن اهي ٻڪر ڪُٺا ۽ سڄي بني اسرائيل جي
ڪفاري لاءِ انهن جو رت قربان‌گاهه تي پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ
طور هاريو، ڇالاءِجو بادشاهه حڪم ڏنو هو ته سڄي قوم لاءِ ساڙڻ
واري قرباني ۽ پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني ڪئي وڃي.
25 جيئن خداوند غيبدان جاد ۽ ناتن نبيءَ جي معرفت دائود بادشاهه
کي حڪم ڏنو، تيئن ئي حزقياه خداوند جي گهر ۾ لاوين کي ٽلين،
دنبورن ۽ سارنگين سان مقرر ڪيو. 26 سو لاوي دائود جي مقرر ٿيل
سازن سان ۽ ڪاهن پنهنجين شرناين سان تيار ٿي بيٺا.
27 حزقياه بادشاهه حڪم ڏنو ته "قربان‌گاهه تي ساڙڻ واري قرباني
پيش ڪئي وڃي." جڏهن قرباني ڪرڻ شروع ٿي تڏهن شرناين ۽
ٻين مقرر ٿيل سازن سان خداوند جي واکاڻ جو گيت به شروع ڪيو
ويو 28 ۽ سڀيئي ماڻهو انهيءَ ۾ شامل ٿي ويا، جڏهن ته ڳائڻ وارا
ڳائيندا رهيا ۽ ساز وڄندا رهيا. جيستائين ساڙڻ واري قرباني پوري
ٿي تيستائين اهو سڀ ڪجهه ٿيندو رهيو.
29 جڏهن قرباني پيش ٿي چڪي تڏهن بادشاهه ۽ ٻيا جيڪي ماڻهو
ساڻس گڏ حاضر هئا تن سيني جهڪي سجدو ڪيو. 30 پوءِ حزقياه
بادشاهه ۽ سندس عملدارن لاوين کي حڪم ڏنو ته "دائود بادشاهه
۽ آسف غيبدان جا چيل خدا جي تعريف جا گيت ڳايا وڃن." سو
سيني ماڻهن خوشيءَ سان واکاڻ جا گيت ڳايا ۽ پنهنجا سر جهڪائي
سجدو ڪيائون.

31 پوءِ حزقياه سڀني ماڻهن کي مخاطب ٿي چيو تہ ”جيئن تہ اوهان
پاڻ کي خداوند جي لاءِ مخصوص ڪيو آهي. سو هاڻ خداوند جي
گهر آڏو قربانيون ۽ شڪرگذاريءَ جا نذرانا پيش ڪيا وڃن.“ تنهن تي
ماڻهن قربانيون ۽ شڪرگذاريءَ جا نذرانا پيش ڪيا. ان کان علاوه
ڪيترن ئي ماڻهن تہ پنهنجي دل جي خوشيءَ سان ساڙڻ واريون
قربانيون بہ پيش ڪيون. 32 جيڪي ساڙڻ واريون قربانيون ماڻهن
خداوند جي لاءِ پيش ڪيون، تن جو تعداد ستر ڏڳا، هڪ سؤ گهٽا
۽ ٻہ سؤ گهيٽا هو. 33 ان کان علاوه ٻيون قربانيون جن مان سڀني
ماڻهن جي کائڻ جو حصو هوندو هو، تن جو تعداد ڇهہ سؤ ڏڳا ۽
ٽي هزار رڍون ٻڪريون هو. 34 جيئن تہ ايترن ڪاهنن اڃا پاڻ کي پاڪ
نہ ڪيو هو جو سڀني ساڙڻ وارين قربانين جون کلون لاهي سگهن،
تنهنڪري سندن لاوي مائٽن انهن جي مدد ڪئي، ڇالاءِجو لاوي
پاڻ کي پاڪ ڪرڻ ۾ ڪاهنن کان وڌيڪ چست هئا. انهن ايستائين
سندن مدد ڪئي جيستائين اهو سمورو ڪم پورو نہ ٿيو ۽ باقي رهيل
ڪاهنن پاڻ کي پاڪ نہ ڪيو. 35 جيڪو ڪم ڪاهنن کي ڪرڻو هو
سو تمام گهڻو هو، ڇالاءِجو ڪين ساڙڻ واريون قربانيون ڪرڻيون
هيون، سلامتيءَ جي قربانين جي ٿلهي ساڙڻي هئي ۽ ساڙڻ وارين
قربانين سان گڏوگڏ پيش ٿيل اوتڻ وارين قربانين کي بہ پيشڻو هو.
سو خداوند جي گهر جي خدمت نئين سر قائم ڪئي وئي. 36 حزقياه
بادشاهہ ۽ ساري قوم خدا جي انهيءَ خدمت جي بحاليءَ واري ڪم
تي ڏاڍيون خوشيون ملهايون، خاص طور تہ اهو ڪم تمام جلدي ٿي
ويو.

## عيد فصح جي تياري

30 1–4 هر نئين سال جي پهرين مهيني ۾ عيد فصح ملهائڻي
هوندي هئي. پر هن سال اها مقرر وقت تي نہ ملهائي ويئي
هئي، ڇالاءِجو انهيءَ ڪم لاءِ گهربل تعداد جيترن ڪاهنن پاڻ کي
پاڪ نہ ڪيو هو ۽ نہ وري ماڻهو ئي يروشلم ۾ گڏ ٿيا هئا. سو
بادشاهہ پنهنجي سڀني عملدارن ۽ ماڻهن سان گڏجي اهو فيصلو
ڪيو تہ سال جي ٻئي مهيني ۾ عيد فصح ملهائي وڃي. اهو فيصلو
بادشاهہ ۽ سڄيءَ عوام کي چڱو لڳو. سو حزقياه بادشاهہ سڄي
اسرائيل ۽ يهوداه وارن ڏانهن چورائي موڪليو ۽ خاص طور افرائيم
۽ منسي قبيلي وارن ڏانهن بہ خط لکي موڪليائين تہ سال جي ٻئي
مهيني ۾ سڀيئي ماڻهو اچي خداوند جي گهر وٽ عيد فصح ملهائين.
5 يهوداه ملڪ جي ڏکڻ طرف بيرسبع شهر کان وٺي اسرائيل جي
اتر طرف دان شهر تائين سڄي بني اسرائيل ۾ پڙهو گهمرايو ويو تہ
سڀيئي ماڻهو خداوند، بني اسرائيل جي خدا لاءِ عيد فصح ملهائڻ
خاطر يروشلم ۾ اچي گڏ ٿين. ڇالاءِجو گهڻي عرصي کان ڪيترن
ئي ماڻهن شريعت موجب عيد فصح ڪونہ ملهائي هئي.
6 بادشاهہ ۽ سندس عملدارن جا جيڪي خط بادشاهہ جي حڪم
تي قاصد سڄي اسرائيل ۽ يهوداه وارن ڏانهن کڻي ويا، تن ۾ لکيل
هو تہ ”اي بني اسرائيل وارؤ! جيئن تہ اوهين اشور جي شهنشاهن
جي هٿن کان بچي ويا آهيو، سو خداوند، اسان جي وڏن ابراهيم،
اسحاق ۽ يعقوب جي خدا آڏو توبهہتائب ٿيو، تہ من هو اوهان تي
وري مهربان ٿئي. 7 اوهين پنهنجن ابن ڏاڏن ۽ انهن قوم وارن وانگر
نہ ٿيو، جن خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي نافرماني ڪئي،
جنهن ڪري هن ڪين عبرت جوڳو بڻائي ڇڏيو جيڪا ڳالهہ اوهين
اڳي ئي ڄاڻو ٿا. 8 هاڻي پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر پنهنجن ڳاٽن کي
اوچو نہ ڪريو، بلڪ خداوند جي آڏو جهڪو. اوهين انهيءَ مقدس
هيڪل وٽ اچو جيڪو هن هميشہ پاڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو
آهي. خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ڪريو تہ جيئن هن جي سخت
ڪاوڙ اوهان تان ٽري وڃي. 9 جيڪڏهن اوهين خداوند آڏو توبهہتائب
ٿيندا، تہ هو انهن جي دل ۾ رحم وجهندو جيڪي اوهان جي مائٽن ۽
اوهان جي اولاد کي قيد ڪري وٺي ويا آهن ۽ اهي جلاوطن ٿيل وري
هن ملڪ ڏانهن موٽي ايندا. ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا فضل ۽
رحم وارو آهي. جيڪڏهن اوهين هن آڏو توبهہتائب ٿيندا تہ هو بہ
اوهان کان منهن نہ موڙيندو.“
10 قاصد افرائيم ۽ منسيءَ جي سڄي علائقي ۾ شهر بہ شهر ٿيندا
اتر واري زبولون جي علائقي تائين وڃي پهتا، پر ماڻهو مٿن کلڻ ۽
ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. 11 تنهن هوندي بہ آشر، منسي ۽ زبولون قبيلي
وارن مان ڪن ماڻهن حزقياه جي پيغام تي ڪنڌ ڪٽي جهڪايو ۽
يروشلم ۾ اچڻ جو يقين ڏياريو. 12 هوڏانهن يهوداه جي سڀني ماڻهن
جي دلين ۾ خدا اهو خيال وڌو تہ اهي بادشاهہ ۽ سندس عملدارن
جي حڪم موجب خداوند جي ڪلام جي تعميل ڪن.

## عيد فصح ملهائڻ

13 سو ماڻهن جو هڪ تمام وڏو تعداد ٻئي مهيني ۾ *بيخميري
مانيءَ واري عيد ملهائڻ لاءِ يروشلم ۾ اچي گڏ ٿيو. 14 يروشلم ۾
غير معبودن جون جيڪي لوبان يا قربانيون ساڙڻ واريون قربانگاهون
هيون سي سڀ هنن ڊاهي قدرون جي برساتي نهر ۾ کڻي اڇلائي
ڇڏيون.
15 هنن ٻئي مهيني جي چوڏهين تاريخ تي عيد فصح جا گهيٽا ذبح
ڪيا. ڪاهن ۽ لاوي جيڪي اڃا پاڪ نہ ٿيا هئا تن پشيمان ٿي پاڻ کي
پاڪ ڪيو ۽ پوءِ ماڻهن طرفان خداوند جي هيڪل آڏو ساڙڻ واريون
قربانيون پيش ڪرڻ لاءِ 16 هر هڪ ڪاهن ۽ لاوي خدا جي ٻانهي

*بيخميري مانيءَ واري عيد: عيد فصح سان گڏوگڏ هيءَ عيد بہ ملهائي ويندي هئي.

4–1:30 ڳا 9:9–11

موسيٰ جي شريعت موجب پنهنجن پنهنجن مقرر ڪيل ڪمن کي
لڳي ويو. ڪاهنن لاوين جي هٿان قربانين جو رت وٺي قربان‌گاهہ تي
ڇنڊڪاريو. 17 جيئن تہ ميڙ ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا جن پاڻ کي پاڪ
نہ ڪيو هو، تنهنڪري لاوين انهن جي پاران خداوند لاءِ عيد فصح
جون قربانيون ذبح ڪيون، تہ جيئن اهي قربانيون خداوند وٽ قبول
پون. 18 جيتوڻيڪ افرائيم، منسي، اِسڪار ۽ زبولون قبيلي وارن مان
گهڻن ئي ماڻهن پاڻ کي پاڪ نہ ڪيو هو، تنهن هوندي بہ شريعت جي
برخلاف هنن عيد فصح کاڌي. پر حزقياه بادشاهہ هنن لاءِ دعا گهري
تہ ”اي پيارا خداوند! تون انهن سڀني ماڻهن کي معاف ڪر 19 جيڪي
تو خداوند اسان جي ابن ڏاڏن جي خدا جا پنهنجي دل وَ جان سان طالبو
آهن، توڙي جو اهي هيڪل جي قانونن موجب پاڪ نہ ٿيا هجن.“
20 خداوند حزقياه جي دعا قبول ڪئي ۽ ماڻهن کي معاف ڪيائين.
21 سو جيڪي بني اسرائيل يروشلم ۾ اچي حاضر ٿيا هئا تن ڏاڍي
خوشيءَ سان ستن ڏينهن تائين بي‌خميري مانيءَ جي عيد ملهائي،
جڏهن تہ لاوين ۽ ڪاهنن روزانو پوري جوش ۽ جذبي سان خداوند جي
تعريف جا گيت پئي ڳايا. 22 حزقياه انهن سڀني لاوين جي ڏاڍي تعريف
ڪئي، جن خداوند جي عبادت ۾ مهارت سان اڳواٽي پئي ڪئي.
سڀني ماڻهن عيد جا ست ئي ڏينهن پنهنجو پنهنجو مقرر حصو پئي
کاڌو، سلامتيءَ جون قربانيون پئي پيش ڪيائون ۽ خداوند پنهنجي
ابن ڏاڏن جي خدا جي واکاڻ پئي ڪيائون. 23 تڏهن سڀيئي ماڻهو ان
ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ ٻيا ست ڏينهن بہ عيد ملهائجي، سو هنن
خوشيءَ سان ٻيا ست ڏينهن بہ عيد ملهائي. 24 يهوداہ جي بادشاهہ
حزقياه سڀني ماڻهن لاءِ هڪ هزار ڏڳا ۽ ست هزار رڍون ٻڪريون مهيا
ڪري ڏنيون ۽ اميرن ڪين هڪ هزار ڏڳا ۽ ڏهہ هزار رڍون ٻڪريون
ڏنيون. تنهنڪري انهن هيترين قربانين پيش ڪرڻ لاءِ ڪاهنن جي وڏي
تعداد پاڻ کي پاڪ ڪيو. 25 سڀيئي يهوداہ ۽ اسرائيل ملڪن وارا،
ڪاهنن ۽ لاوين سميت ۽ اهي سڀ پرڏيهي جيڪي يهوداہ ۽ اسرائيل
ملڪن ۾ رهندا هئا ۽ عيد ملهائڻ لاءِ اچي يروشلم ۾ گڏ ٿيا هئا،
تن سڀني بيحد خوشيون ملهايون. 26 اهڙيءَ طرح يروشلم ۾ ڏاڍي
خوشي ملهائي ويئي، ڇالاءِجو بني اسرائيل جي بادشاهہ سليمان ولد
دائود کان پوءِ اهڙي خوشي يروشلم ۾ اڳ نہ ٿي هئي. 27 تنهن کان
پوءِ ڪاهنن ۽ لاوين اٿي بيهي ماڻهن لاءِ دعا گهري. سندن دعا خدا
جي عرش عظيم تائين وڃي پهتي ۽ خدا انهن جي دعا قبول ڪئي.

## مذهبي زندگيءَ ۾ سڌارا

31 1 جڏهن جشن پورو ٿيو، تڏهن اتي جيڪي ماڻهو آيا هئا
سي سڀ نڪري يهوداہ جي ٻين شهرن ڏانهن ويا ۽ سڀيئي
ٺڪيي جيان بت، يسيره ديويءَ وارن ٿنڀي جيان ڪوڙيل بتن سميت
پيچي ڪيرائي ڇڏيائون. هنن يهوداہ ۾، بنيامين جي علائقي ۾، بلڪ
افرائيم ۽ منسيءَ جي علائقن ۾ بہ ٽڪرين تي ٺهيل غير معبودن جا
پوڄا گهر ۽ قربان‌گاهون تباهہ ڪري ڇڏيون. تنهن کان پوءِ اهي ماڻهو
پنهنجي پنهنجي شهرن ۽ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي ويا.
2 حزقياه بادشاهہ ڪاهنن ۽ لاوين جي خدمتن جو نئين سر انتظام
ڪيو. انهن کي هيڪل جي هر ڪا خدمت ڪرڻي هئي، جنهن ۾ ساڙڻ
واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ واريون قربانيون پيش ڪرڻيون هيون ۽
هيڪل جي اڳيان خداوند جي شڪرگذاري ۽ سندس واکاڻ جا گيت
ڳائڻا هئا. 3 بادشاهہ پنهنجي چوپائي مال مان ساڙڻ وارين قربانين
لاءِ جانور ڏيندو هو. اهي جانور خداوند جي شريعت مطابق صبح ۽
شام وارين قربانين لاءِ، سبت تي قربانين لاءِ، نئين چنڊ جي قربانين
لاءِ، ۽ مقرر عيدن تي قربانين لاءِ پيش ڪرڻا هئا. 4 تنهن کان سواءِ
هن يروشلم جي رهاڪن کي حڪم ڏنو تہ اهي ڪاهنن ۽ لاوين لاءِ
پنهنجي ملڪيت مان مقرر ٿيل حصو ڏيندا رهن تہ جيئن اهي پاڻ
کي پوريءَ طرح شريعت موجب خداوند جي خدمت لاءِ وقف ڪري
ڇڏين. 5 انهيءَ حڪم جي جاري ٿيڻ سان ئي يروشلم جي ڪيترن
ئي پنهنجي اناج، مئي، زيتون جي تيل، ماکيءَ ۽ ٻنيءَ جي هر قسم
جي پيداوار مان پهريتي پيداوار جو ڏهون حصو گهڻي انداز ۾ آڻي
ڏنو. 6 ان کان علاوه يهوداہ وارا ۽ اسرائيل وارا جيڪي يهوداہ ملڪ
جي ٻين شهرن ۾ رهندا هئا تن بہ ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جي ڌڻن
مان ڏهون حصو آڻي ڏنو ۽ جيڪي شيون خداوند سندن خدا جي لاءِ
وقف ڪيون هيائون سي بہ آڻي ڍڳ ڪيائون. 7 سال جي ٽئين مهيني
۾ انهن ماڻهن انهيءَ حڪم تي عمل شروع ڪيو ۽ ستين مهيني ۾
اهو ڪم پورو ٿيو. 8 جڏهن بادشاهہ حزقياه ۽ سندس عملدارن اچي
اهو ڏٺو، تڏهن خداوند جي واکاڻ ڪيائون ۽ بني اسرائيل قوم کي
دعا ڏنائون.
9 پوءِ حزقياه بادشاهہ انهن نذرانن بابت ڪاهنن ۽ لاوين کان پڇا
ڪئي. 10 تڏهن عزرياه سردار ڪاهن جيڪو صدوق جي گهراڻي مان
هو، تنهن ورندي ڏيئي چيو تہ ”جڏهن کان ماڻهن خداوند جي گهر
۾ پنهنجا نذرانا آڻڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان وٺي اسان جهجهو
ئي پئي کاڌو پيتو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ بچي بہ پيو آهي. جيئن تہ
خداوند پنهنجيءَ قوم کي برڪت ڏني آهي، سو کاڌي کان پوءِ بہ
هيترو سارو بچيو پيو آهي.“
11 تڏهن حزقياه بادشاهہ حڪم ڏنو تہ ”انهيءَ سامان لاءِ خداوند
جي گهر ۾ گدام ٺاهيا وڃن.“ سو هنن اهي تيار ڪيا. 12 پوءِ اهي
نذرانا ۽ ڏهان حصا انهن گدامن ۾ حفاظت سان رکيائون. انهن شين
جي مٿان ڪنعنياه نالي لاويءَ کي نگران مقرر ڪيو ويو ۽ سندس
ڀاءُ سمعيءَ کي نائب نگران مقرر ڪيو ويو. 13 ڪنعنياه ۽ سندس
ڀاءُ سمعيءَ جي هٿ هيٺ ٻيا ڏهہ لاوي بہ مقرر ڪيا ويا، جن
جا نالا يحيئيل، عزرياه، نحت، عساهيل، يريموت، يوزبد، الي‌ايل،

اسماڪياه، محت ۽ بناياه هئا. انهن جي مقرري حزقياه بادشاهہ ۽
عزرياه سردار ڪاهن جي اختياريءَ هيٺ ڪئي ويئي.
14 قوري ولد يمنہ لاوي جيڪو هيڪل جي اڀرندي واري دروازي جو
دربان هو سو خدا لاءِ آندل خوشيءَ جي نذرانن جو نگران بہ مقرر هو.
قوري اهي نذرانا ڪاهنن ۽ لاوين ۾ سندن حصي مطابق ورهائيندو
هو. 15 انهيءَ جي هٿ هيٺ عدن، منيامين، يشوع، سمعياه، امرياه ۽
سڪنياه لاوي مقرر هئا جيڪي ايمانداريءَ سان ڪاهنن جي شهرن ۾
ڪاهنن ۽ لاوين مان وڏن توڙي ننڍن کي سندن مقرر حصو پهچائيندا
هئا.
16 انهيءَ کان علاوه هو انهن سڀني مردن کي بہ حصو ڏيندا هئا
جن جا نالا نسب نامي ۾ لکيل هئا توڙي جو اهي ٽن سالن جا هئا
يا ٽن سالن کان مٿي هئا. انهيءَ نسب نامي ۾ اهي ماڻهو بہ شامل
هئا جيڪي هر روز پنهنجي مقرر خدمت مطابق ذميواري پوري ڪرڻ
لاءِ خداوند جي گهر ۾ ايندا هئا. 17 سڀيئي ڪاهن پنهنجي پنهنجي
گهراڻن موجب نسب نامي ۾ داخل ٿيل هئا، جڏهن تہ اهي لاوي
جيڪي ويهن سالن يا ويهن سالن کان مٿي عمر وارا هئا تن جا نالا
پنهنجي پنهنجي مقرر خدمت ۽ ٽولي مطابق نسب نامي ۾ داخل ٿيل
هئا. 18 انهن جا سڀ گهراڻا بہ، زالن، ٻارن ۽ ٻين محتاجن سميت
نسب نامن ۾ داخل ٿيل هئا، ڇاڪاڻ جو هو هر وقت پنهنجي مخصوص
ذميواري پوري ڪرڻ لاءِ حاضر رهندا هئا. 19 مختلف شهرن ۽ انهن
جي پسگردائين ۾ هارون جي اولاد مان ڪجهہ ڪاهنن جا ڪٽنب
رهندا هئا، تن لاءِ ڪي ماڻهو مقرر ڪيا ويا، جيڪي انهن ڪاهنن
جي مردن کي سندن حصا پهچائي ڏيندا هئا. اهي مقرر ڪيل ماڻهو
انهن لاوين کي جيڪي اتي رهندا هئا ۽ جن جا نالا نسب نامي ۾
داخل ٿيل هئا، تن سڀني کي بہ سندن حصا پهچائي ڏيندا هئا.
20 اهڙيءَ طرح حزقياه بادشاهہ سڄي يهوداه ملڪ ۾ اهو ئي ڪجهہ
ڪيو، جيڪي خداوند سندس خدا جي نظر ۾ چڱو، درست ۽ سچائيءَ
تي ٻڌل هو. 21 جيڪو بہ ڪم هن خدا جي گهر جي خدمت لاءِ يا
شريعت تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪيو، سو خدا جي طلب رکندي دل وَ جان
سان ڪيائين. تنهنڪري هو هر ڪم ۾ ڪامياب رهيو.

## اشور جي شهنشاهہ جي يروشلم کي ڌمڪي

(2.بادشاهہ 18:13–37، 19:14–19،35–37،
يسعياه 36:1–22، 37:8–38)

32 1 جيڪي ڪجهہ حزقياه بادشاهہ ايمانداريءَ سان ڪري
چڪو هو، تنهن کان پوءِ اشور جو شهنشاهہ سنحيرب
يهوداه ملڪ تي ڪاهہ ڪري آيو. هن ڪوٽن وارن شهرن کي گهيري
هيٺ آندو تہ جيئن مٿن قبضو ڪري. 2 جڏهن حزقياه ڏٺو تہ سنحيرب
ڪاهہ ڪري آيو آهي ۽ يروشلم خلاف جنگ ڪرڻ جو ارادو اٿس،
3-4 تڏهن هن پنهنجي عملدارن ۽ فوجي سالارن سان اها صلاح
ڪئي تہ جيڪي چشما شهر کان ٻاهر آهن، تن جو پاڻي بند ڪري
ڇڏجي تہ جيئن اشور وارن کي هتي پاڻي نہ ملي. سڀيئي سندس
انهيءَ ڳالهہ تي متفق ٿيا. تڏهن وڏي تعداد ۾ ماڻهو اچي گڏ ٿيا،
جن شهر جي پسگردائيءَ مان گذرندڙ نهر ۽ سڀني چشمن کي بند
ڪري ڇڏيو. 5 پوءِ حزقياه همت ڪري شهر جي چوڌاري واري ڀت
جي انهن حصن جي مرمت ڪرائي جيڪي ڀڄي ڀري ويا هئا ۽ مٿس
ٺُلهہ تعمير ڪرايائين. هن انهيءَ ڀت جي ٻاهران هڪ ٻي ڀت ٺهرائي
۽ *دائود جي شهر واري هيناهين دڙي کي بہ مضبوط ڪرايائين. هن
وڏي تعداد ۾ هر قسم جا هٿيار ۽ ڍالون بہ ٺهرايون. 6 هن شهر جي
سڀني ماڻهن مٿان فوجي سالار مقرر ڪيا ۽ ڪين شهر جي دروازي
واري وڏي چونڪ وٽ گڏ ڪيائين ۽ ڪين هنن لفظن سان همٿايائين
تہ 7 ”اوهين مضبوط ۽ همت وارا ٿيو، اشور جي شهنشاهہ کان
يا سندس هيڏي ساري لشڪر کان نہ ڊڄو ۽ نہ گهٻرايو، ڇالاءِجو
جيڪي هنن سان آهن تن کان وڌيڪ طاقتور اسان سان گڏ آهي.
8 هنن سان رڳو انساني بازو آهن پر جنگ وڙهڻ ۾ اسان جي مدد
ڪرڻ لاءِ خداوند اسان جو خدا اسان سان گڏ آهي.“ بادشاهہ جي
انهن لفظن ماڻهن جي ڏاڍي همت‌افزائي ڪئي.
9 تنهن کان پوءِ شهنشاهہ سنحيرب جيڪو پنهنجي ساري لشڪر
سميت لڪيس شهر کي گهيرو ڪيو ويٺو هو تنهن پنهنجن عملدارن
جي هٿان يروشلم ۾ بادشاهہ حزقياه ۽ يهوداه جي سڀني ماڻهن ڏانهن
چورائي موڪليو تہ 10 ”آءٌ اشور جو شهنشاهہ سنحيرب اوهان کي
چوان ٿو تہ اوهان جو ڇا تي ڀروسو آهي جو يروشلم جي گهيري وقت
اندر رهيا پيا آهيو؟ 11 حزقياه اوهان کي چوي ٿو تہ خداوند اوهان جو
خدا اوهان کي مون اشور جي شهنشاهہ کان بچائيندو. پر هو ائين
چئي اوهان سان ٺڳي ٿو ڪري ۽ اوهان کي بک ۽ اڃ ۾ مرڻ لاءِ ٿو
ڇڏي. 12 اهو ساڳيو حزقياه ئي نہ آهي ڇا جنهن خداوند جون ڪيتريون
ئي قربان‌گاهون ۽ عبادت‌گاهون ڊهرائي ڇڏيون ۽ پوءِ يروشلم بلڪ
سڄي يهوداه وارن کي چيو هئائين تہ ’اوهين رڳو يروشلم واري
قربان‌گاهہ تي ساڙڻ لاءِ قربانيون پيش ڪريو.‘
13 اوهان کي خبر ناهي ڇا تہ مون ۽ منهنجي ابن ڏاڏن ٻين ملڪن
جي ماڻهن سان ڇا ڇا ڪيو آهي؟ انهن ملڪن جي ماڻهن جا معبود
ڪو انهن جي ملڪن کي اسان جي هٿن مان ڪنهن بہ طرح ڇڏائي
سگهيا ڇا؟ 14 جن قومن کي منهنجي ابن ڏاڏن بلڪل تباهہ ڪري
ڇڏيو تن جي سڀني معبودن مان ڪير هو جيڪو پنهنجي قوم کي
اسان جي هٿان ڇڏائي سگهيو، جو اوهان جو خدا اوهان کي منهنجي
هٿان ڇڏائي سگهندو؟ 15 تنهنڪري هاڻي ائين نہ ٿئي جو حزقياه
اوهان سان ٺڳي ڪري ۽ اوهان کي گمراهہ ڪري. هن جي ڳالهين
تي اوهين اعتبار نہ ڪريو. ڪنهن بہ قوم يا بادشاهت جي ڪنهن

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

بہ معبود ڪي منهنجي هٿان ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جي هٿان پنهنجي
قوم ڪي ڇڏائڻ جي طاقت ناهي. تہ پوءِ پڪ ڄاڻو تہ اوهان جو خدا
بہ اوهان ڪي منهنجي هٿان ڇڏائي نہ سگهندو.“
16 سنحيرب جي عملدارن خداوند خدا ۽ سندس ٻانهي حزقياہ جي
خلاف اجا بہ وڌيڪ ڪجهہ ڳالهايو. 17 سنحيرب شهنشاهہ خداوند،
بني اسرائيل جي خدا جي گستاخي ڪندي ۽ سندس بابت ڪفر بڪندي
خط موڪليا جن ۾ لکيل هو تہ ”جهڙيءَ طرح ٻين ملڪن جي قومن
جا معبود پنهنجي قوم ڪي منهنجي هٿن مان نہ ڇڏائي سگهيا،
تهڙيءَ طرح حزقياہ جو خدا بہ پنهنجي قوم ڪي منهنجي هٿن مان
ڇڏائي نہ سگهندو.“ 18 پوءِ انهن قاصدن پٽ تي ويٺل ماڻهن ڪي وڏي
واڪي *يهوداہ وارن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو تہ جيئن هو ڊڄي وڃن ۽
ڪين پريشان ڪري سندن شهر تي قبضو ڪيو وڃي. 19 هنن يروشلم
وارن جي خدا جي خلاف بہ ائين ئي بڪيو جيئن دنيا جي ٻين قومن
جي معبودن خلاف بڪيا هئا، جيڪي انسان جي هٿن جا ٺهيل هئا.
20 تڏهن حزقياہ بادشاهہ ۽ آموص جي پٽ يسعياہ نبيءَ خدا کان دعا
گهرندي مدد لاءِ پڪاريو. 21 تڏهن خداوند هڪڙو ملائڪ موڪليو
جنهن اشور جي شهنشاهہ جي لشڪرگاهہ ۾ ڪيترن ئي جنگي
جوڌن، سالارن ۽ عملدارن ڪي ماري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح اشور جو
شهنشاهہ ڦڪو منهن کڻي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي هليو ويو. پوءِ
هڪ ڏينهن جڏهن هو پنهنجي معبود جي پوڄا گهر ۾ ويٺو هو تہ
سندس ئي پٽن ڪيس تلوار سان ماري ڇڏيو.
22 اهڙيءَ طرح خداوند حزقياہ ۽ يروشلم جي رهاڪن ڪي اشور جي
شهنشاهہ سنحيرب ۽ ٻين سڀني جي هٿن مان ڇڏائي ورتو. خدا انهن
ڪي هر طرف کان امن ۽ سلامتي ڏني. 23 تنهن بعد ڪيترن ئي ماڻهن
يروشلم ۾ خداوند لاءِ نذرانا آندا ۽ يهوداہ جي بادشاهہ حزقياہ لاءِ
پڻ قيمتي تحفا آندائون. تڏهن کان وٺي هن جي هاڪ سڀني قومن ۾
پئجي وئي.

## حزقياہ جي بيماري ۽ مغروري

(2.بادشاهہ 20:1–3، 12–19، يسعياہ 38:1–3، 39:1–8)

24 انهن ڏينهن ۾ حزقياہ بيمار ٿي پيو ۽ مرڻ جي ڪنڌيءَ تي اچي
پهتو. تڏهن هن خداوند کان دعا گهري، جنهن سندس دعا ٻڌندي
ڪيس نشاني ڏني ۽ هو صحتمند ٿي ويو. 25 پر حزقياہ ڏاڍو مغرور
ٿي پيو ۽ خداوند جي ڪيل احسانن جي شڪرگذاري نہ ڪيائين،
جنهن ڪري مٿانئس ۽ يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ تي غضب نازل
ٿيو. 26 پوءِ حزقياہ ۽ يروشلم جا رهاڪو توبهہتائب ٿيا، جنهنڪري
خداوند حزقياہ جي ڏينهن ۾ انهن تان سزا ٽاري ڇڏي.

## حزقياہ جي دولت ۽ عزت

27 حزقياہ ڪي تمام گهڻي دولت ۽ عزت حاصل هئي. هن چاندي،
سون، قيمتي پٿرن، خوشبودار مصالحن، ڍالن ۽ هر قسم جي عمدن
سامانن لاءِ گودام تعمير ڪرايا. 28 هن پنهنجي اناج، مئي ۽ زيتون
جي تيل جا گودام، چوپائي مال لاءِ وٿاڻ ۽ رڍن ٻڪرين لاءِ واڙا پڻ
تعمير ڪرايا. 29 تنهن کان سواءِ هن پنهنجي لاءِ شهر تعمير ڪرايا
۽ هن وٽ وڏي تعداد ۾ رڍون ٻڪريون ۽ چوپايو مال هو، ڇاڪاڻ تہ
خدا ڪيس تمام گهڻي دولت ڏني هئي.
30 اهو حزقياہ ئي هو جنهن گيحون جي وهندڙ چشمي جو پاڻي
مٿان کان بند ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ وهڪري ڪي سڌو هيٺ لاهي دائود
جي شهر جي الهندي پاسي آندائين. حزقياہ پنهنجن سڀني ڪمن ۾
ڪامياب رهيو.
31 جڏهن بابل جي حڪمرانن ڏانهنس پنهنجا ايلچي موڪليا تہ
ڪانئس ان معجزي واري نشانيءَ بابت پڇي اچن جيڪا سندس ملڪ
۾ ظاهر ٿي هئي، تڏهن خدا هن ڪي سندس مرضيءَ تي ڇڏيو تہ
جيئن ڪيس آزمائي ۽ ڏسي تہ سندس دل ۾ ڇا آهي.

## حزقياہ جي وفات

(2.بادشاهہ 20:20–21)

32 حزقياہ جي بادشاهيءَ جو ٻيو احوال ۽ سندس چڱا ڪم ”يسعياہ
ولد آموص نبيءَ جي ڏٺل رويائن جو ڪتاب“ ۽ ”يهوداہ ۽ اسرائيل
جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 33 حزقياہ وفات
ڪري وڃي پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ ڪيس ان ٽڪريءَ تي
دفن ڪيو ويو جتي دائود جي اولاد جا مقبرا آهن. يروشلم بلڪ سڄي
يهوداہ وارن ڪيس سندس مرڻ مهل تعظيم ڏني. سندس پٽ منسي
سندس جاءِ تي بادشاهہ ٿيو.

## يهوداہ جو بادشاهہ منسي

(2.بادشاهہ 21:1–9)

33 1 جڏهن منسي بادشاهہ ٿيو تڏهن سندس عمر ٻارهن سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل پنجونجاهہ سال بادشاهي
ڪئي. 2 جن غير قومن ڪي خداوند بني اسرائيل جي اڳيان هڪالي
ڪڍيو هو تن جي ڪراهت جهڙن ڪمن جي پيروي ڪندي هن بہ
اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. 3 هن ٽڪرين
تي ٺهيل اهي غير معبودن وارا پوڄا گهر وري تعمير ڪرايا جيڪي
سندس پيءُ حزقياہ ڊهرائي ڇڏيا هئا. هن بعل ديوتائن لاءِ قربانگاهون
۽ يسيره ديويءَ جا ٿنڀا بہ ٺهرايا ۽ آسماني سيارن ۽ ستارن جي پوڄا

*يهوداہ وارن جي ٻولي: يعني عبراني ٻولي.

2:33 پر 4:15

ڪندي ڪين سجدو ڪيائين. 4 هن انهيءَ هيڪل ۾ بت‌پرستن جون
قربان‌گاهون تعمير ڪرايون، جنهن جي باري ۾ خداوند فرمايو هو
تہ ”يروشلم شهر ۾ آءٌ هميشہ تائين پنهنجو نالو قائم رکندس.“
5 هن هيڪل جي ٻنهي اڱڻن ۾ آسماني سيارن ۽ ستارن جي پوڄا
لاءِ قربان‌گاهون ٺهرايون. 6 هن پنهنجن پٽن کي هنوم ماٿريءَ ۾
باهہ ۾ قربان ڪيو. هو فالون وجهندو هو، جادو ۽ ٽوڻڪا ڪندو هو
۽ ڀوپن ۽ مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن سان واهپو رکيو
هئائين. مطلب تہ هن خداوند جي نظر ۾ گهڻا ئي برا ڪم ڪيا جن
جي ڪري خداوند هن جي خلاف سخت ڪاوڙيو.
7 هن هڪ تراشيل مورتي ٺهرائي ۽ اها ڪٽي اچي خدا جي گهر ۾
رکيائين، جنهن گهر جي باري ۾ خدا دائود ۽ سندس پٽ سليمان کي
چيو هو تہ ”هي يروشلم شهر، جنهن کي مون بني اسرائيل جي سڀني
قبيلن جي علائقن مان چونڊي ڪڍيو آهي ۽ انهيءَ ۾ ٺهيل منهنجي
هيڪل ۾ آءٌ هميشہ لاءِ پنهنجو نالو قائم رکندس. 8 آءٌ وري بني
اسرائيل کي هن ملڪ مان نہ ٽيڙيندس، جيڪو مون هنن جي ابن
ڏاڏن کي ڏنو هو، بشرطيڪ هو انهن سڀني حڪمن ۽ قاعدن قانونن
تي عمل ڪندا رهن جيڪي مون ڪين موسيٰ جي معرفت ڏنا آهن.“
9 تنهن هوندي بہ منسيءَ يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي رهاڪن
کي ايترو تہ گمراهہ ڪيو جو هنن انهن قومن کان بہ وڌيڪ برا ڪم
ڪيا جن کي خداوند بني اسرائيل جي اڳيان ناس ڪري ڇڏيو هو.

## منسيءَ جي توبهہ

10 خداوند منسيءَ ۽ سندس قوم کي تنبيهہ ڪئي پر هنن انهيءَ
ڌانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. 11 تنهنڪري خداوند هنن تي اشوري لشڪر
جي سپهہ‌سالارن کان ڪاهہ ڪرائي. اهي منسيءَ کي زنجيرن ۾
جڪڙي ۽ نڪ ۾ ناڪيلي وجهي بابل ڏانهن قيد ڪري وٺي ويا. 12 هن
مصيبت ۾ پوڻ کان پوءِ منسيءَ پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي آڏو
عاجزي ڪئي ۽ کانئس مدد گهريائين. 13 جڏهن هن خدا کان دعا
گهري تڏهن خدا کي مٿس ڪهل آئي ۽ هن جو فرياد ٻڌائين. سو
خدا کيس يروشلم ۾ سندس بادشاهت ۾ موٽائي آندو. تڏهن منسيءَ
ڄاتو ورتو تہ خداوند ئي واحد خدا آهي.
14 تنهن کان پوءِ هن *دائود جي شهر جي ڪوٽ کي وري تعمير
ڪرايو جيڪو برساتي نهر وٽ گيحون چشمي جي الهندي پاسي کان
وٺي عوفل ٽڪريءَ جي چوڌاري مڇيءَ واري دروازي تائين هو. هن
انهيءَ ڪوٽ کي تمام اوچو ٺهرايو. هن يهوداہ جي سڀني قلعن
وارن شهرن ۾ فوجي سالار مقرر ڪري ڇڏيا. 15 هن خداوند جي گهر
مان ڌارين معبودن جا بت ۽ اها تراشيل مورتي ڪڍائي ڇڏي، جيڪا
پاڻ اتي رکي هئائين. هن اهي سڀ غير معبودن جون قربان‌گاهون
جيڪي صيئون جبل تي بلڪ سڄي يروشلم ۾ ٺهرايون هئائين، سي
سڀ ڪڍي شهر جي ٻاهران اڇلرائي ڇڏيون. 16 پوءِ هن خداوند جي
قربان‌گاهہ جي مرمت ڪرائي ۽ انهيءَ تي سلامتيءَ جون قربانيون
۽ شڪرگذاريءَ جون قربانيون پيش ڪيائين. هن يهوداہ جي سڀني
ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ هو خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي عبادت
ڪن. 17 انهيءَ هوندي بہ ماڻهو اجا ٻين پوڄا گهرن ۾ قربانيون پيش
ڪندا آيا، پر رڳو خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ.

## منسيءَ جي بادشاهيءَ جي پڇاڙي
(2.بادشاهہ 21:17–18)

18 منسيءَ جا ٻيا ڪم ۽ خدا کان سندس دعا گهرڻ ۽ انهن نبين
جون ڳالهيون جيڪي هنن خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي نالي
سان کيس ٻڌايون، سي سڀ ”اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو
ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 19 هن جي دعا ۽ سندس دعا جو قبول ٿيڻ،
سندس توبهہ‌تائب ٿيڻ کان اڳ ڪيل سڀ گناهہ ۽ نافرمانيون، ۽ هن
جا مختلف هنڌن تي ٺهرايل غير معبودن جا پوڄا گهر، سندس يسيره
ديويءَ جا ٿنڀا کوڙائڻ ۽ ٻين بتن کي ٺهرائڻ، سي سڀ ”غيبدانن
جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن. 20 منسي وفات ڪري وڃي
پنهنجن ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيو ۽ کيس سندس ئي محل ۾ دفنايو
ويو. پوءِ سندس پٽ امُون سندس جاءِ تي بادشاهہ بڻيو.

## يهوداہ جو بادشاهہ امُون
(2.بادشاهہ 21:19–26)

21 جڏهن امُون بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر ٻاويهہ سال هئي.
هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل ٻہ سال بادشاهي ڪئي. 22 هن پنهنجي
پيءُ منسيءَ جي شروعاتي دور وانگر اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي
خداوند جي نظر ۾ برا هئا. جيڪي بت سندس پيءُ منسيءَ ٺهرايا
هئا، امُون انهن سڀني لاءِ قربانيون پيش ڪيون ۽ انهن کي پوڄيائين.
23 هن پنهنجي پيءُ منسيءَ وانگر خداوند اڳيان عاجزي نہ ڪئي،
بلڪ گناهن مٿان گناهہ ڪندو رهيو.
24 امُون جي عملدارن سندس خلاف سازش ڪئي ۽ کيس سندس
ئي محل ۾ ماري ڇڏيائون. 25 تنهن تي ملڪ جي ماڻهن انهن سڀني
کي قتل ڪري ڇڏيو جن امُون بادشاهہ جي خلاف سازش ڪئي هئي
۽ سندس پٽ يوسياہ کي ان جي جاءِ تي بادشاهہ بڻايائون.

---

*دائود جي شهر: يروشلم شهر جي اصلي حصي کي دائود جو شهر سڏيو ويندو هو.

4:33 2.توا 6:6    7:33–8 1.با 9:3–5، 2.توا 12:7–18

## يهوداه جو بادشاهه يوسياه
(2.بادشاهه 22:1–2)

34 (1) جڏهن يوسياه بادشاهه ٿيو تڏهن سندس عمر اٺ سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي اڪٽيهه سال بادشاهي
ڪئي. (2) هن اُهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ چڱا هئا.
هو پنهنجي وڏي دائود جي سڌي رستن تي هليو ۽ انهن کان ساڄي
يا کاٻي بلڪل نه لڙيو.
(3) سندس بادشاهيءَ جي اٺين سال جڏهن هو اڃا ننڍو هو تڏهن
کان وٺي هو پنهنجي وڏي دائود جي خدا جي طلب ۾ رهڻ لڳو. هن
پنهنجي بادشاهيءَ جي ٻارهين سال کان يروشلم بلڪ سڄي يهوداه
کي غير معبودن جي پوڄا گهرن، يسيره ديويءَ جي مورتين، ۽ ٻين
سڀني بتن کان پاڪ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. (4) هن پنهنجي روبرو
بعل ديوتائن جون قربان‌گاهون ڊهرائي ڇڏيون. انهن جي مٿان جيڪي
لوبان ساڙڻ واريون قربان‌گاهون هيون سي به ڊهرائي ڇڏيائين. يسيره
ديويءَ جا ٿنڀا، ۽ ٻيا سڀ بت ۽ مورتيون ڀڃائي پورا پورا ڪري
ڇڏيائين. هن اهي ٽڪرا انهن جي قبرن تي پکيڙائي ڇڏيا جيڪي انهن
تي قربانيون پيش ڪندا هئا. (5) هن انهن قربان‌گاهن تي سندن مذهبي
اڳواڻن جا هڏا ساڙائي ڇڏيا، جن تي هو قربانيون پيش ڪندا هئا.
اهڙيءَ طرح هن يروشلم بلڪ سڄي يهوداه کي هڪ دفعو وري انهيءَ
پليتيءَ کان پاڪ ڪري ڇڏيو. (6) هن اسرائيل ملڪ جي منسي، افرائيم
۽ شمعون وينديءَ اتر طرف نفتالي قبيلن جي علائقن جي شهرن ٽوڙي
کنڊرات ۾ (7) غير معبودن جون ٺهيل قربان‌گاهون ۽ يسيره ديويءَ جا
ٿنڀا ڪيرائي ڇڏيا ۽ بتن کي ڀڃائي دز ڪرائي ڇڏيائين. هن سڄي
اسرائيل ملڪ مان لوبان ساڙڻ واريون سڀئي قربان‌گاهون ڀڃ ٽڪرا
ٽڪرا ڪرائي ڇڏيون. پوءِ هو يروشلم ڏانهن موٽي آيو.

## شريعت جي ڪتاب جو لڀجڻ
(2.بادشاهه 22:3–20)

(8) يوسياه جي بادشاهيءَ جي ارڙهين سال جڏهن هو ملڪ کي ۽
خداوند جي گهر کي بت‌پرستن جي پوڄا کان پاڪ ڪري چڪو، تڏهن
هن سافن ولد اصلياه، يروشلم شهر جي اعليٰ عملدار معسياه ۽ يوآخ
ولد يوآخز شاهي منتظم کي خداوند پنهنجي خدا جي گهر جي مرمت
ڪرائڻ لاءِ موڪليو.
(9) هو سردار ڪاهن خلقياه وٽ آيا ۽ ڪانئس اهي پيسا ورتائون
جيڪي لاوي دربانن خداوند جي گهر ۾ گڏ ڪيا هئا ۽ خلقياه وٽ رکيل
هئا. اهي پيسا اسرائيل جي منسي ۽ افرائيم قبيلن ۽ باقي اسرائيل
وارن کان ورتا ويا هئا، تنهن کان سواءِ بنيامين قبيلي وارن، يروشلم
بلڪ سڄي يهوداه وارن کان ڀڻ وصول ڪيا ويا هئا. (10) پوءِ اهي پيسا
انهن کي ڏنا ويا جيڪي خداوند جي گهر جي ڪم تي نگران مقرر
ڪيا ويا هئا. انهن نگرانن وري اهي پيسا (11) واڍن ۽ اڏاوت ڪندڙن
کي ڏنا ته جيئن اهي هيڪل جي عمارتن جي مرمت لاءِ تراشيل پٿر ۽
شهتيرن جا ڪاٺ خريد ڪن، جيڪي عمارتون يهوداه جي بادشاهن
جي بي‌ڌيانيءَ سبب ڊهي ويون هيون. (12) مزورن ايمانداريءَ سان ڪم
ٿي ڪيو. انهن کي هدايتون ڏيڻ ۽ سندن نگراني ڪرڻ لاءِ مٿن هي
چار لاوي مقرر هئا: يحت ۽ عبدياه جيڪي مراريءَ جي خاندان مان
هئا، زڪرياه ۽ مسلام، جيڪي قهات جي خاندان مان هئا. ٻيا لاوي
جيڪي ساز وڄائڻ ۾ ماهر هئا، (13) سي مزورن جي مٿان داروغا هئا
۽ هر قسم جي ڪم تي سڀني ماڻهن جي نگراني ڪندا هئا. لاوين
مان ڪجهه نگران مقرر هئا جڏهن ته ٻيا منشي ۽ دربان بڻايا ويا.
(14) جيڪي پيسا هيڪل جي گودام ۾ رکيا ويا هئا سي جنهن وقت
ٻاهر ٿي ڪڍيا ويا تنهن وقت سردار ڪاهن خلقياه کي ڪنهن هنڌان
خداوند جي شريعت جو ڪتاب لڌو جيڪو موسيٰ جي معرفت ڏنو
ويو هو. (15) تڏهن خلقياه شاهي محرر سافن کي چيو ته ”مون خداوند
جي گهر مان هي شريعت جو ڪتاب لڌو آهي.“ پوءِ اهو ڪتاب
سافن کي ڏنائين. (16) جيڪو ڪتاب سافن کڻي بادشاهه وٽ ويو. هن
بادشاهه کي ڪم جي باري ۾ ٻڌائيندي چيو ته ”اوهان جا عملدار
اهو ڪي ڪن ٿا ٻيا جيڪي ڪين ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. (17) جيڪي
پيسا هيڪل جي گودام ۾ رکيل هئا سي اسان ڪڍي نگراني ڪندڙن
۽ ڪم ڪندڙن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن.“ (18) پوءِ سافن بادشاهه
کي ٻڌايو ته ”سردار ڪاهن خلقياه مون کي هي ڪتاب ڏنو آهي.“
سافن اهو ڪتاب بادشاهه کي پڙهي به ٻڌايو.
(19) جڏهن بادشاهه شريعت جون ڳالهيون ٻڌيون تڏهن هن پريشان
ٿي پنهنجو جبو ڦاڙيو. (20) پوءِ بادشاهه هڪدم خلقياه، اخيقام ولد
سافن، عبدون ولد ميڪاياه، شاهي محرر سافن ۽ پنهنجي خدمتگار
عساياه کي حڪم ڏنو ته (21) ”اوهين وڃي منهنجي لاءِ ۽ اسرائيل ۽
يهوداه ۾ باقي جيڪي بچيا آهن تن جي لاءِ هن لڌل ڪتاب ۾ جيڪي
ڪجهه لکيل آهي تنهن بابت خداوند کان پڇا ڪريو. اسان تي خداوند
جو تمام گهڻو غضب اچي ڪڙڪيو آهي، ڇوجو اسان جي ابن ڏاڏن
خداوند جي ڪلام کي نه مڃيو ۽ جيڪي ڪجهه هن ڪتاب ۾ لکيل
آهي تنهن تي عمل نه ڪيائون.“
(22) تڏهن خلقياه ۽ ٻيا ماڻهو جن کي بادشاهه حڪم ڏيئي موڪليو
هو سي خلده نبياڻيءَ ڏانهن ويا جيڪا يروشلم جي نئين آباديءَ واري
علائقي ۾ رهندي هئي. هن جو مڙس سلوم ولد تقوم ولد خرخس
هو ۽ هو هيڪل جي توشاخاني جو نگران هو. (23) نبياڻيءَ کين چيو
ته ”جنهن ماڻهوءَ اوهان کي مون ڏانهن موڪليو آهي تنهن کي
(24) خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو هي فرمان ٻڌايو ته ’ياد رکو، آءٌ
يروشلم شهر تي ۽ هتي جي رهاڪن تي مصيبت آڻڻ وارو آهيان. هن

1:34 ير 6:3 4:34 2.با 21:3، 2.توا 33:3 5:34 1.با 13:2

كتاب ۾ لکيل آهي سڀ لعنتون ملامتون جيڪي يهوداه جي بادشاهه
جي اڳيان پڙهيون ويون آهن سي سڀ آڻيندس. 25 انهيءَ ڪري جو
هنن مون کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ ٻين معبودن لاءِ قربانيون پيش ڪيون
اٿن، ۽ پنهنجي ئي اعمالن سان مون کي ڪاوڙايو اٿن، تنهنڪري
منهنجو قهر يروشلم تي نازل ٿيندو جيڪو هرگز جهڪو نه ٿيندو.
26 باقي يهوداه جو بادشاهه جنهن پنهنجي باري ۾ مون خداوند کان
پڇا ڪرڻ لاءِ اوهان کي موڪليو آهي، تنهن کي وڃي چئو ته آءٌ
خداوند، بني اسرائيل جو خدا تنهنجي باري ۾ چوان ٿو ته 27 جيئن ته
تو يروشلم ۽ هتي رهندڙن جي خلاف ڪلام ٻڌندي ئي پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙي منهنجي اڳيان عاجزي ڪئي آهي ۽ رنو رڙيو آهين، تنهنڪري
آءٌ خداوند چوان ٿو ته مون به تنهنجي ٻڌي آهي. 28 جيڪا سزا آءٌ
هن هنڌ ۽ هتي رهڻ وارن کي ڏيندس سا تون پنهنجين اکين سان نه
ڏسندين. تون انهيءَ کان اڳ سڪون سان وفات ڪري وڃي پنهنجن
ابن ڏاڏن سان آرامي ٿيندين.'" پوءِ اهي ماڻهو خداوند جو اهو پيغام
کڻي يوسياه بادشاهه وٽ آيا.

## خداوند جي فرمانبرداريءَ لاءِ يوسياه جو عهد
(2.بادشاهه 23:1–20)

29 تڏهن بادشاهه يوسياه ماڻهو موڪلي يروشلم بلڪ سڄي يهوداه
جي سڀني اڳواڻن کي پاڻ وٽ گهرايو. 30 پوءِ بادشاهه انهن اڳواڻن
کي يروشلم بلڪ يهوداه جي سڀني ماڻهن، ڪاهنن، لاوين مطلب ته
سڀني ننڍن توڙي وڏن کي ساڻ ڪري خداوند جي گهر ۾ ويو. هن اتي
خداوند جي گهر مان لڌل انهيءَ عهدنامي جو ڪتاب يعني شريعت
جون سڀ ڳالهيون انهن کي پڙهي ٻڌايون. 31 پوءِ بادشاهه پنهنجي
جاءِ تي بيهي خداوند جي حضور ۾ نئين سر عهد ڪيو ته "اسين
خداوند جا وفادار رهنداسين، سندس حڪمن ۽ قاعدن قانونن کي
پنهنجي دل وَ جان سان مڃينداسين، يعني جيڪي عهدنامي واريون
ڳالهيون هن ڪتاب ۾ لکيل آهن تن سڀني تي عمل ڪنداسين."
32 پوءِ هن بنيامين وارن ۽ جيڪي يروشلم ۾ هئا تن سڀني کان
ان عهد جو اقرار ورتو ته اهي پنهنجن ابن ڏاڏن جي خدا جي عهد
موجب عمل ڪندا.
33 جيڪي علائقا بني اسرائيل جي ملڪيت هئا، تن سڀني مان
يوسياه سڀ ڪراهت جهڙا بت ڪڍائي ڇڏيا ۽ جيڪي به ماڻهو هئا
تن سڀني کان خداوند سندن خدا جي عبادت ڪرايائين. جيستائين
هو جيئرو هو تيستائين اهي خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي
فرمانبرداري ڪرڻ کان نه ڦريا.

## يوسياه جو عيد فصح ملهائڻ
(2.بادشاهه 23:21–23)

35 1 بادشاهه يوسياه يروشلم ۾ خداوند جي لاءِ عيد فصح
ملهائي. هنن پهرئين مهيني جي چوڏهين تاريخ تي عيد
فصح جون قربانيون پيش ڪيون. 2 بادشاهه ڪاهنن کي پنهنجي
پنهنجي ڪم تي مقرر ڪيو ۽ خداوند جي گهر جي خدمت لاءِ انهن
کي همٿايائين. 3 اهي لاوي جن پنهنجي سڀني همقوم ماڻهن کي
تعليم ٿي ڏني ۽ جيڪي خداوند لاءِ وقف ڪيا ويا هئا تن کي هن چيو
ته "عهد واري پاڪ صندوق کڻي وڃي خداوند جي انهيءَ گهر ۾ رکو
جيڪو بني اسرائيل جي بادشاهه سليمان ولد دائود تعمير ڪرايو هو.
اڳتي وري اوهان کي اها صندوق پنهنجن ڪلهن تي کڻي هيڏانهن
هوڏانهن ڪونه ڦرڻو پوندو. هاڻي خداوند پنهنجي خدا ۽ انهيءَ جي
قوم بني اسرائيل جي خدمت ڪندا رهو. 4 بني اسرائيل جي بادشاهه
دائود ۽ سندس پٽ سليمان جي لکيل هدايتن موجب پنهنجن گهراڻن
مطابق هيڪل ۾ خدمت لاءِ پاڻ کي تيار رکو. 5 هيڪل ۾ پنهنجي
قوم جي گهراڻن جي خدمت لاءِ پاڻ کي مختلف ٽولن ۾ ورهايو،
6 انهيءَ لاءِ ته اوهين عيد فصح جون قربانيون ذبح ڪندا. سو اڳ
۾ پاڻ کي پاڪ ڪريو ۽ پنهنجي قوم وارن لاءِ جانور تيار ڪريو، ته
جيئن جيڪو ڪلام خداوند موسيٰ جي معرفت ڪيو آهي تنهن موجب
عمل ڪريو."
7 يوسياه اتي موجود ماڻهن لاءِ عيد فصح جي قربانيءَ واسطي
ٽيهه هزار گهيٽا ۽ ڇيلا ڏنا ۽ ٻين قربانين لاءِ ٽي هزار ڏاند پنهنجي
مال مان به ڏنائين. 8 سندس عملدارن پڻ پنهنجي خوشيءَ سان
ماڻهن، ڪاهنن ۽ لاوين کي به ڪي ڪجهه ڏنو. زڪرياه، يحيئيل
۽ سردار ڪاهن خلقياه جيڪي خدا جي گهر جا منتظم هئا، تن پڻ
ڪاهنن کي عيد فصح جي قربانين لاءِ ٻه هزار ڇهه سؤ گهيٽا ۽
ڇيلا ڏنا ۽ ٻين قربانين لاءِ ٽي سؤ ڏاند به ڏنائون. 9 ڪنعنياه ۽
سندس ڀائرن سمعياه ۽ نتنعيل، انهن کان علاوه حسبياه، يعي‌ايل ۽
يوزبد جيڪي لاوين جا اڳواڻ هئا تن پڻ لاوين کي عيد فصح جي
قربانين لاءِ پنج هزار گهيٽا ۽ ڇيلا ڏنا ۽ ٻين قربانين لاءِ پنج سؤ ڏاند
به ڏنائون. 10 اهڙيءَ طرح عبادت جي سامان جي تياري ٿي چڪي
۽ ڪاهن ۽ لاوي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي خدمت لاءِ تيار ٿي بيٺا،
جيئن بادشاهه حڪم ڏنو هو. 11 پوءِ عيد فصح جا گهيٽا ۽ ڇيلا ذبح
ڪيا ويا ۽ ڪاهنن انهن جو رت وٺي ڇٽڪاريو. جڏهن ته لاوين انهن
گهيٽن ۽ ڇيلن جون کلون لاٿيون. 12 هنن قربانين مان اهي حصا الڳ
ڪيا جيڪي ساڙڻ وارا هئا ته جيئن اهي سڀني ڪٽنبن ۾ ورهائي
ڏين ته اهي خداوند جي لاءِ پيش ڪن، جيئن موسيٰ جي ڪتاب ۾
لکيل آهي. هنن ڏاندن جا حصا به اهڙي ئي نموني ورهايا. 13 دستور

1:35 لاو 23:5–14، ڳا 28:16–25   4:35 2.توا 8:14   13:35 خر 12:8–9

موجب هنن عيد فصح جا جانور باهہ تي پچايا، پر هنن ڏاندن جون
مخصوص قربانيون ديڳڙن، ديڳين ۽ تئي تي پچايون ۽ پوءِ هڪدم
اهي ماڻهن کي ورهائي ڏنائون. (14) تنهن کان پوءِ هنن پنهنجي لاءِ
۽ ڪاهنن جي لاءِ عيد فصح جي قربانين جي تياري ڪئي، ڇالاءِجو
ڪاهن جيڪي هارون جو اولاد هئا سي رات تائين چربي ۽ قربانين
جا ٻيا ساڙڻ وارا حصا پيش ڪرڻ ۾ مصروف هئا. (15) ڳائڻا جيڪي
آسف جو اولاد هئا سي انهن هنڌن تي بيٺي رهيا جيڪي هنڌ بادشاهہ
دائود جي هدايت سان آسف، هيمان ۽ بادشاهہ جي غيبدان يدوتون
مقرر ڪيا هئا. دربانن کي پنهنجو پنهنجو در ڇڏڻ جي ضرورت
ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ تہ هنن جي همقوم لاوين انهن لاءِ عيد فصح
جي قربانين جي تياري پئي ڪئي.
(16) اهڙيءَ طرح بادشاهہ يوسياہ جي حڪم موجب خداوند جي
عبادت لاءِ انهيءَ مقرر ڏينهن تي هر ڪم پورو ٿيو. سو عيد فصح
ملهائي وئي ۽ خداوند جي قربانگاهہ تي ساڙڻ واريون قربانيون پيش
ڪيون ويون. (17) جيڪي بني اسرائيل اتي حاضر هئا تن انهيءَ ڏينهن
عيد فصح ۽ ستن ڏينهن تائين بيخميري مانيءَ جي عيد ملهائي.
(18) انهيءَ جهڙي عيد فصح سموئيل نبيءَ جي ڏينهن کان وٺي ڪنهن
بہ بادشاهہ ڪڏهن نہ ملهائي هئي، جهڙي بادشاهہ يوسياہ، ڪاهنن،
لاوين ۽ يروشلم جي رهاڪن سميت پوري يهوداہ ۽ اسرائيل وارن
ملهائي. (19) اها عيد فصح بادشاهہ يوسياہ جي بادشاهيءَ جي ارڙهين
سال ملهائي وئي.

## يوسياہ جي حڪومت جي پڇاڙي
(2.بادشاهہ 23:28–30)

(20) انهن ڏينهن ۾ جڏهن يوسياہ خداوند جي گهر لاءِ اِهي سمورا
ڪم ڪري چڪو، تڏهن مصر جو بادشاهہ نڪوہ يهوداہ ملڪ جي
علائقي مان گذرندي پنهنجو لشڪر وٺي ڪرڪميس شهر ڏانهن فرات
نديءَ جي ويجهو جنگ ڪرڻ لاءِ پئي ويو. يوسياہ هن سان مقابلو
ڪرڻ لاءِ نڪري آيو، (21) پر نڪوہ ايلچي موڪلي کيس چوائي موڪليو
تہ ”اي يهوداہ جا بادشاهہ! تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪهڙو جهڳڙو
آهي؟ هن وقت آءٌ تو تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪونہ آيو آهيان، پر جنهن
بادشاهہ سان منهنجي جنگ آهي تنهن سان وڙهڻ ٿو وڃان. خدا مون
کي جلدي پهچڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي، سو خدا جي ڪم ۾ رنڊڪ نہ
وجهہ. هو مون سان گڏ آهي متان هو تو کي ناس ڪري ڇڏي.“
(22) انهيءَ هوندي بہ يوسياہ ڪين مڙيو پر ساڻس جنگ جوٽڻ لاءِ
پنهنجو ويس مٽايائين. هن انهيءَ پيغام ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ
ڏنو جيڪو نڪوہ خدا جي حڪم سان هن ڏانهن چوائي موڪليو هو،
بلڪ هو مجدو ميدان وٽ ساڻس وڙهڻ لاءِ نڪري آيو. (23) جنگ دوران
تيراندازن يوسياہ بادشاهہ کي تير هنيا. تڏهن بادشاهہ پنهنجي ماڻهن
کي چيو تہ ”مون کي جنگ مان ٻاهر ڪڍي هلو، چوتہ آءٌ ڏاڍو زخمي
ٿي پيو آهيان.“ (24) تڏهن انهن کيس سندس گاڏيءَ مان لاهي سندس
ٻي گاڏيءَ ۾ وجهي کيس يروشلم وٺي آيا، جتي هو مري ويو.
هن کي سندس ابن ڏاڏن جي مقبرن ۾ دفن ڪيو ويو ۽ يروشلم وارن
بلڪ سڄي يهوداہ ملڪ يوسياہ لاءِ سوڳ ڪيو.
(25) يرمياہ يوسياہ لاءِ هڪڙو مرثيو ناهيو ۽ اڄ ڏينهن تائين سڀ ڳائڻا
۽ ڳائڻيون انهيءَ مرثئي سان کيس ياد ڪندا آهن ۽ اها بني اسرائيل ۾
هڪ روايت پئجي وئي. اهو مرثيو ٻين مرثين سان گڏ لکت ۾ موجود
آهي. (26) يوسياہ جو باقي احوال ۽ سندس چڱا ڪم جيڪي هن خداوند
جي شريعت موجب ڪيا، (27) سي شروع کان وٺي آخر تائين ”يهوداہ
۽ اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب“ ۾ لکيل آهن.

## يهوداہ جو بادشاهہ يهوآخز
(2.بادشاهہ 23:30–35)

36 (1) يهوداہ ملڪ جي ماڻهن يوسياہ جي پٽ يهوآخز کي سندس
پيءُ جي جاءِ تي يروشلم ۾ بادشاهہ بڻايو. (2) يهوآخز جڏهن
بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر ٽيويهہ سال هئي. هن يروشلم ۾
رهي ٽي مهينا بادشاهي ڪئي. (3) پوءِ مصر جي بادشاهہ نڪوہ جو
لشڪر يروشلم تي ڪاهي آيو ۽ يهوآخز کي تخت تان لاهي ڇڏيائون.
نڪوہ بادشاهہ يهوداہ ملڪ کان ساڍا ٽي هزار ڪلوگرام چاندي ۽
پنجٽيهہ ڪلوگرام سون ڏَنُ طور ورتو. (4) پوءِ نڪوہ يهوآخز جي ڀاءُ
الياقيم کي يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ تي بادشاهہ مقرر ڪيو ۽ هن
جو نالو مٽائي يهويقيم رکيائين. پوءِ نڪوہ سندس ڀاءُ يهوآخز کي
قيدي بڻائي مصر ملڪ ڏانهن وٺي ويو.

## يهوداہ جو بادشاهہ يهويقيم
(2.بادشاهہ 23:36–24:7)

(5) جڏهن يهويقيم کي يهوداہ جو بادشاهہ بڻايو ويو، تڏهن سندس
عمر پنجويهہ سال هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل يارهن سال
بادشاهي ڪئي. هن اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند سندس خدا
جي نظر ۾ برا هئا. (6) تڏهن بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر مٿس ڪاهہ
ڪري آيو ۽ کيس بابل ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ زنجيرن سان ٻڌائينس.
(7) نبوڪدنضر خداوند جي گهر جا ٿانوَ بہ بابل ڏانهن کڻي ويو ۽ هن
اهي بابل ۾ پنهنجي محل ۾ وجهي رکرائي ڇڏيا.
(8) يهويقيم جي بادشاهيءَ جو باقي احوال، هن جيڪي ڪراهت
جهڙا ڪم ڪيا ۽ جيڪي ٻيون بڇڙايون ڪيائين سي سڀ ”يهوداہ ۽

---

15:35 1.توا 1:25 17:35 خر 12:1–20 4:36 ير 22:11–12 5:36 ير 22:18–19، 26:1–6، 35:1–19
6:36 ير 25:1–38، 36:1–32، 45:1–5، دان 1:1–2

اسرائيل جي بادشاهن جي تواريخ جو ڪتاب” ۾ لکيل آهن. سندس
پٽ يهوياڪين سندس جاءِ تي بادشاهه بڻيو.

## يهوداه جو بادشاهه يهوياڪين
(2.بادشاهه 24:8–17)

9 يهوياڪين جڏهن بادشاهه بڻيو تڏهن سندس عمر ارڙهن سال
هئي. هن يروشلم ۾ رهي ٽي مهينا ڏهه ڏينهن بادشاهي ڪئي. هن
اهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند جي نظر ۾ برا هئا. 10 نئين سال جي
بهار جي موسم ۾ بادشاهه نبوڪدنضر لشڪر موڪلي هن کي بابل
۾ آڻايو ۽ ساڻس گڏ خداوند جي گهر مان قيمتي شيون به آڻايائين
۽ يهوياڪين جي چاچي صدقياه کي يروشلم بلڪ سڄي يهوداه جو
بادشاهه مقرر ڪيائين.

## يهوداه جو بادشاهه صدقياه
(2.بادشاهه 24:18–20، يرمياه 52:1–3)

11 صدقياه کي جڏهن بادشاهه بڻايو ويو، تڏهن سندس عمر ايڪيهه
سال هئي. هن يروشلم ۾ رهي اٽڪل يارهن سال بادشاهي ڪئي.
12 هن جيڪي ڪم ڪيا سي خداوند سندس خدا جي نظر ۾ بُرا هئا.
هن خداوند جي آڏو عاجزي نه ڪئي ۽ يرمياه نبيءَ جيڪو خداوند جو
ڪلام پئي ٻڌايو تنهن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو.

## يروشلم جو زوال
(2.بادشاهه 25:1–21، يرمياه 52:3–11)

13 نبوڪدنضر کان صدقياه بادشاهه به بغاوت ڪئي جنهن کيس
پاڻ سان وفادار رهڻ لاءِ خدا جو قسم کڻايو هو. هن پنهنجو ڳاٽ
اوچو رکيو ۽ اهڙو ته پٿر دل ٿي پيو جو خداوند، بني اسرائيل جي
خدا ڏانهن به لاڙو نه ڪيائين. 14 تنهن کان سواءِ هن جي دور ۾
سڄي يهوداه جي اڳواڻن، ڪاهنن ۽ ٻين ماڻهن غير قومن جي سيني
ڪراهت جهڙن ڪمن جي پٺيان لڳي بدڪاري ڪئي. سو هنن خداوند
جو گهر جيڪو خداوند لاءِ يروشلم ۾ مخصوص ڪيو ويو تنهن جي
بيحرمتي ڪندي انهيءَ کي پليت ڪري ڇڏيو.
15 سو خداوند سندن ابن ڏاڏن جي خدا پنهنجن پيغمبرن جي معرفت
هنن ڏانهن وقت بوقت پيغام موڪليا، ڇاڪاڻ‌ته هن کي پنهنجي قوم
۽ پنهنجي گهر تي رحم آيو. 16 پر هنن خدا جي پيغمبرن ۽ نبين تي کل
ٺٺوليون ڪيون ۽ سندس ڪلام کي ڌڪاريائون، تان جو خداوند جي
ڪاوڙ پنهنجي قوم تي ايتري ته ڀڙڪي اٿي، جو هو سندس سزا کان
بچي نه سگهيا. 17 تنهنڪري خداوند مٿن بابل جو بادشاهه چاڙهي
آندو، جنهن سندن جوان ماڻهو هيڪل ۾ به ماري ڇڏيا. هن ڪنهن تي
به رحم نه ڪيو، نه جوان مرد تي ۽ نه جوان عورت تي، نه ڪراڙي
تي ۽ نه جهُور ڪراڙيءَ تي. خدا انهن سڀني کي انهيءَ بادشاهه جي
هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو. 18 خدا جي گهر جا سڀ ٿانوَ، وڏا توڙي ننڍا،
ان جا خزانا ۽ بادشاهه ۽ سندس عملدارن جا خزانا، اهي سڀ جو
سڀ هو بابل ڏانهن کڻائي ويو. 19 بابلين خدا جو گهر ساڙي ڇڏيو ۽
يروشلم جون پٽيون پٽي ڊاهي ڇڏيائون. هنن سڀني محلن کي باهه
ڏيئي ساڙي ڇڏيو ۽ اتي جون سڀ قيمتي شيون ناس ڪري ڇڏيائون.
20 جيڪي مارجڻ کان بچي ويا هئا تن کي بابل جو بادشاهه جلاوطن
ڪري بابل ڏانهن وٺي ويو. اهي هن جا ۽ سندس اولاد جا تيستائين
غلام ٿي رهيا جيستائين فارس جي شهنشاهه بابل تي قبضو ڪيو.
21 اهڙيءَ طرح خداوند يرمياه نبيءَ جي معرفت جيڪي فرمايو هو سو
پورو ٿيو ته ”ملڪ ستر سالن تائين ويران رهندو ته جيئن اتي جي
زمين کي جيڪو *سبت يعني آرام ڪونه مليو هو سو ملي.“

## خورس جو يهودين کي آزاد ڪرڻ
(عزرا 1:1–4)

22 فارس جي بادشاهه خورس جي †شهنشاهيءَ جي پهرين سال
خداوند يرمياه نبيءَ جي معرفت ٻڌايل پنهنجو ڪلام پورو ڪرڻ خاطر
خورس شهنشاهه جي دل ۾ هي خيال وڌو ته هو پنهنجي سڄيءَ
شهنشاهت ۾ حڪمنامو جاري ڪري اهو اعلان ڪرائي ته 23 ”آءٌ
شهنشاهه خورس چوان ٿو ته خداوند، عرش عظيم جي خدا دنيا جون
سڀ بادشاهتون منهنجي هٿ هيٺ ڪيون آهن. هن مون کي حڪم
ڏنو آهي ته يهوداه ملڪ واري شهر يروشلم ۾ سندس لاءِ هڪڙو گهر
تعمير ڪرايان. سو هاڻ اوهين سڀ خداوند جي قوم اوڏانهن موٽي
وڃو. خداوند اوهان جو خدا شل اوهان سان گڏ هجي.“

*سبت يعني آرام: اهو خدا جي شريعت جي انهيءَ قانون ڏانهن اشارو آهي جنهن تحت هر ستين سال اتان جي زمين تي ڪا پوکي وغيره نه ڪئي وڃي. ڏسو لاوي سرشتو 25:1–7.

†شهنشاهيءَ جي پهرين سال: فارس جي بادشاهه خورس بابل شهر تي سن 539 قبل مسيح ۾ قبضو ڪيو ۽ سڄي بابل ملڪ جو شهنشاهه بڻيو.

10:36 ير 22:24–30، 24:1–10، 29:1–2، 37:1، حز 17:12–13   11:36 ير 27:1–22، 28:1–17   13:36 حز 17:15
17:36 ير 21:1–10، 34:1–5   19:36 1.با 9:8   21:36 ير 25:11، 29:10   23:36 يس 44:28

# عزرا

## عزرا ڪاهن جو ڪتاب

### تعارف

"عزرا" نالي هي مقدس ڪتاب "تواريخ" جي ڪتابن جي واقعن کان پوءِ وارا واقعا بيان ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ بابل مان جلاوطنيءَ کان موٽندڙ ڪن يهودين جو ذڪر آهي. ان کان علاوه سندن بحاليءَ ۽ يروشلم ۾ نئين سر عبادت ڪرڻ جو پڻ ذڪر آهي. اهي واقعا هيٺين مرحلن ۾ بيان ڪيا ويا آهن: 1. بابل مان يهودي جلاوطنن جي پهرين جٿي جي واپسي، جيڪو فارس جي شهنشاهه خورس جي حڪم سان واپس ٿيو. 2. هيڪل جي ٻيهر اڏاوت ۽ مخصوصي ۽ يروشلم ۾ خدا جي نئين سر عبادت ڪرڻ. 3. ڪجهه سالن کان پوءِ يهودي جلاوطنن جي ٻئي جٿي جي واپسي، جيڪو خدا جي شريعت جي ماهر عزرا جي اڳواڻيءَ ۾ واپس آيو. عزرا ماڻهن جي مذهبي ۽ سماجي زندگي ٻيهر منظم ڪرڻ جو ڪم ڪيو، ته جيئن بني اسرائيل جي روحاني ميراث جي حفاظت ڪري سگهجي.

### سِٽاءُ


جلاوطنيءَ مان پهرين جٿي جي واپسي 1:1–2:70
هيڪل جي ٻيهر اڏاوت ۽ مخصوصي 1:3–6:22
عزرا جي اڳواڻيءَ ۾ ٻئي جلاوطن جٿي جي واپسي 1:7–10:44


---

### جلاوطنن جي واپسي
(2.تواريخ 36:22–23)

1 ① فارس جي بادشاهه خورس جي *شهنشاهيءَ جي پهرين سال
خداوند يرمياه نبيءَ جي معرفت ٻڌايل پنهنجو ڪلام پورو ڪرڻ
خاطر خورس شهنشاهه جي دل ۾ هي خيال وڌو ته هو پنهنجي سڄيءَ
شهنشاهت ۾ حڪمنامو جاري ڪري اهو اعلان ڪرائي ته ② "آءٌ
شهنشاهه خورس چوان ٿو ته خداوند، عرش عظيم جي خدا دنيا جون
سڀ بادشاهتون منهنجي هٿ هيٺ ڪيون آهن. هن مون کي حڪم
ڏنو آهي ته يهوداه ملڪ واري شهر يروشلم ۾ سندس لاءِ هڪڙو
گهر تعمير ڪرايان. ③ خدا شال اوهان سڀني سان گڏ هجي جيڪي
سندس قوم آهيو. اوهان سڀني کي يروشلم ڏانهن وڃڻ جي اجازت
آهي ۽ خداوند، بني اسرائيل جي †خدا جي گهر جي نئين سِر تعمير
ڪرڻي آهي. هائو اُهو ئي خداوند آهي، جنهن جي يروشلم ۾ عبادت
ڪئي ويندي آهي. ④ جيڪڏهن سندس قوم مان ڪوبه جلاوطن ٿيل
شخص وطن موٽي اچڻ لاءِ مدد جو گهرجائو هجي ته سندس اتي
جي پاڙيسرين کي گهرجي ته چاندي، سون، سيڌي سامان ۽ جانورن
سان سندس مدد ڪن. انهيءَ کان سواءِ يروشلم ۾ خداوند جي گهر
لاءِ خوشيءَ سان نذرانا ڏين."
⑤ تڏهن بني يهوداه ۽ بني بنيامين جي گهراڻن جا وڏا، ڪاهن،
لاوي ۽ اهي شخص جن جي دل ۾ خدا اها ڳالهه وڌي ته وڃي يروشلم
۾ خداوند جو هيڪل تعمير ڪجي، سي سڀيئي تيار ٿيا. ⑥ انهن جي
سڀني پاڙيسرين چاندي ۽ سون جي شين ۽ ٻين قيمتي شين، سيڌي
سامان، ضروري استعمال جي شين ۽ جانورن سان سندن مدد ڪئي.
انهن شين کان علاوه ڪين خداوند جي گهر لاءِ نذرانا به ڏنائون.
⑦ انهيءَ کان سواءِ خورس شهنشاهه به خداوند جي گهر جا اهي
ٿانوَ جيڪي بابل جو بادشاهه نبوڪدنضر يروشلم مان ڪڍائي پنهنجي
معبودن جي گهر ۾ آڻي رکيا هئا، سي هو اتان ڪڍي ڪڍائي آيو.
⑧ اهي سڀ خورس شهنشاهه متردات نالي شاهي خزانچيءَ جي هٿان
ڪڍائي آندا، جنهن اهي بني يهوداه جي سردار شيس‌بضر کي ڳڻي

---

*شهنشاهيءَ جي پهرين سال: فارس جي بادشاهه خورس بابل شهر تي سن 539 قبل مسيح قبضو ڪيو ۽ سڄي بابل ملڪ جو شهنشاهه بڻيو.

†خدا جي گهر: يعني خداوند جو هيڪل جيڪو سليمان بادشاهه تعمير ڪرايو هو سو سن 587 کان 586 قبل مسيح ۾ بابل وارن جي هٿان ڊاٺو ويو هو.

1:1 ير 25:11، 29:10 2:1 يس 44:28

ڏنا. 9 انهن جو تعداد هي هو: ٽيهه سونا ٿالهَه، هڪ هزار چانديءَ
جا ٿالهه، اوڻٽيهه ٻيا ٿالهه، 10 ٽيهه سون جا پيالا، چار سؤ ڏهه ننڍا
چانديءَ جا پيالا ۽ هڪ هزار ٻيا ٿانوَ. 11 سون ۽ چانديءَ جا جملي ٿانوَ
پنج هزار چار سؤ هئا. اهي سڀ شيس‌بضر انهن جلاوطن ٽيل ماڻهن
سان گڏ يروشلم ۾ آندا، جيڪي بابل مان يروشلم ۾ موٽي آيا هئا.

## جلاوطنيءَ مان موٽندڙن جي فهرست

(نحمياه 7:4–73)

2 1 بابل پرڳڻي ۾ رهندڙ جلاوطن، جن جي وڏن کي بابل جو
بادشاهه نبوڪدنضر قيد ڪري بابل ڏانهن وٺي ويو هو، سي
سڀ يروشلم شهر ۽ سڄي يهوداه ملڪ ۾ پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ۾
موٽي آيا. 2 اهي زربابل، يشوع، نحمياه، سِرايا، رعلياه، مردڪي،
بِلشان، مِسفار، بِگوي، رحوم ۽ بعنه جي اڳواڻيءَ ۾ آيا. بني اسرائيل
جي انهن ماڻهن جو تعداد هن طرح هو: 3 بني پرعُوس جا ٻه هزار
هڪ سؤ ٻاهتر ماڻهو هئا، 4 بني سفطياه جا ٽي سؤ ٻاهتر ماڻهو هئا،
5 بني ارخ جا ست سؤ پنجهتر ماڻهو هئا، 6 بني پخت موآب جيڪي
يشوع ۽ يوآب جي نسل مان هئا تن جا ٻه هزار اٺ سؤ ٻارهن ماڻهو
هئا، 7 بني عيلام جا هڪ هزار ٻه سؤ چوونجاهه ماڻهو هئا، 8 بني
زتوءَ جا نوَ سؤ پنجيتاليهه ماڻهو هئا، 9 بني زڪيءَ جا ست سؤ سٺ
ماڻهو هئا، 10 بني بانيءَ جا ڇهه سؤ ٻائيتاليهه ماڻهو هئا، 11 بني
ببئيءَ جا ڇهه سؤ ٽيويهه ماڻهو هئا، 12 بني عزگاد جا هڪ هزار ٻه
سؤ ٻاويهه ماڻهو هئا، 13 بني ادونقام جا ڇهه سؤ ڇاهٺ ماڻهو هئا،
14 بني بِگويءَ جا ٻه هزار ڇاونجاهه ماڻهو هئا، 15 بني عدين جا چار
سؤ چوونجاهه ماڻهو هئا، 16 بني اطير عرف حزقياه جا اٺانوي ماڻهو
هئا، 17 بني بضيءَ جا ٽي سؤ ٽيويهه ماڻهو هئا، 18 بني يوره جا هڪ
سؤ ٻارهن ماڻهو هئا، 19 بني حاشوم جا ٻه سؤ ٽيويهه ماڻهو هئا
20 ۽ بني گٻار جا پنجانوي ماڻهو هئا.

21 اهي ماڻهو جن جا وڏا هنن ننڍن وڏن شهرن ۾ رهندا هئا، تن
جو تعداد هن طرح هو: بيت‌لحم شهر جا هڪ سؤ ٽيويهه ماڻهو
هئا، 22 نطوفه شهر جا ڇاونجاهه ماڻهو هئا، 23 عنتوت شهر جا هڪ
سؤ اٺاويهه ماڻهو هئا، 24 عزماوت شهر جا ٻائيتاليهه ماڻهو هئا،
25 قريت‌يعريم، ڪفيره ۽ بيروت شهرن جا ست سؤ ٽيتاليهه ماڻهو
هئا، 26 رامه ۽ گبع شهرن جا ڇهه سؤ ايڪيهه ماڻهو هئا، 27 مڪماس
شهر جا هڪ سؤ ٻاويهه ماڻهو هئا، 28 بيت‌ايل ۽ عئي شهرن جا ٻه
سؤ ٽيويهه ماڻهو هئا، 29 نبو شهر جا ٻاونجاهه ماڻهو هئا، 30 مجبِيس
شهر جا هڪ سؤ ڇاونجاهه ماڻهو هئا، 31 ٻئي عيلام شهر جا هڪ
هزار ٻه سؤ چوونجاهه ماڻهو هئا، 32 حارم شهر جا ٽي سؤ ويهه
ماڻهو هئا، 33 لود، حادِيد ۽ اونو شهرن جا ست سؤ پنجويهه ماڻهو
هئا، 34 يريحو شهر جا ٽي سؤ پنجيتاليهه ماڻهو هئا، 35 ۽ سناآه شهر
جا ٽي هزار ڇهه سؤ ٽيهه ماڻهو هئا.

36 ڪاهنن جا گهراڻا جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا، تن جي
ماڻهن جو تعداد هن طرح هو: يدعياه جو اولاد يعني يشوع جي
گهراڻي جا نوَ سؤ ٽيهتر ماڻهو هئا، 37 اِمير جي گهراڻي جا هڪ هزار
ٻاونجاهه ماڻهو هئا، 38 فشحور جي گهراڻي جا هڪ هزار ٻه سؤ
ستيتاليهه ماڻهو هئا، 39 ۽ حارم جي گهراڻي جا هڪ هزار سترهن
ماڻهو هئا.

40 لاويءَ جا گهراڻا جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا، تن جي ماڻهن
جو تعداد هن طرح هو: هوداوياه جي نسل مان يشوع ۽ قدمي‌ايل جي
اولاد جا چوهتر ماڻهو هئا، 41 آسف جو اولاد جيڪي هيڪل جا ڳائڻا
هئا، تن جا هڪ سؤ اٺاويهه ماڻهو هئا، 42 ۽ بني سلوم، بني اِطير،
بني طلمون، بني عقوب، بني خطيطا ۽ بني سوبي جيڪي هيڪل جا
دربان هئا، تن جو تعداد هڪ سؤ اوڻٽيتاليهه هو.

43 اهي گهراڻا جيڪي هيڪل جا خدمتگار هئا ۽ جلاوطنيءَ مان
موٽي آيا، سي هي هئا: بني ضيحا، بني حُسوفا، بني طبعوت،
44 بني قُروس، بني سيعها، بني فدون، 45 بني لِبانه، بني حجابه،
بني عقوب، 46 بني حجاب، بني شملي، بني حنان، 47 بني گِديل،
بني گحر، بني رآياه، 48 بني رصين، بني نقودا، بني گزام، 49 بني
عزا، بني فاسيخ، بني بسي، 50 بني اسناه، بني معونيم، بني نفي
سيم، 51 بني بقبوق، بني حقوفا، بني حرحور، 52 بني بضلوت، بني
محِيدا، بني حرشا، 53 بني برقوس، بني سيسرا، بني تامح، 54 بني
نضياح ۽ بني خطيفا.

55 سليمان جي نوڪرن جا گهراڻا جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي
آيا، سي هي هئا: بني سوطي، بني حسوفرت، بني فرودا، 56 بني
يعله، بني درقون، بني گِديل، 57 بني سفطياه، بني خِطيل، بني
فوڪرت‌ضبائم ۽ بني امي. 58 هيڪل جي خدمتگارن ۽ سليمان جي
نوڪرن جي اولاد جو ڪل تعداد ٽي سؤ ٻيانوي هو.

59–60 بني دلاياه، بني طوبياه ۽ بني نقودا جا ڇهه سؤ ٻاونجاهه
ماڻهو جيڪي تل ملح، تل حرسا، ڪرُوب، ادان ۽ امير مان موٽي آيا
هئا، سي اهو ثابت ڪري نه سگهيا ته هو بني اسرائيل آهن.

61–62 جيڪي ماڻهو اهو ثابت ڪري نه سگهيا ته هو ڪاهنن مان
آهن، تن جا گهراڻا هي هئا: بني حباياه، بني هقوص ۽ بني برزلي.
هي اهو برزلي هو جنهن گلعادي برزليءَ جي هڪڙي ڌيءَ سان شادي
ڪئي هئي ۽ انهيءَ نالي سان ئي ڪيس سڏيو ويو. انهن پنهنجي
خانداني نسب‌نامي کي ڏاڍو ڳولهيو پر لهي نه سگهيا، تنهنڪري
کين نااهل سمجهي ڪاهنيت مان خارج ڪيو ويو. 63 يهودي گورنر
انهن کي حڪم ڏنو ته تيستائين هو خداوند لاءِ ئي مخصوص شين

---

63:2 گا 21:27

مان ڪجهہ نہ ڪائين، جيستائين *اُوريم ۽ ٿُميم سان خدمت ڪندڙ
ڪو ڪاهن هجي جيڪو فيصلو ڪري.
64 موٽي ايندڙ جلاوطنن جو ڪل تعداد ٻائيتاليهہ هزار ٽي سؤ سٺ
هو. 65 ڪانئن علاوہ سندن نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جو تعداد ست هزار
ٽي سؤ سٽيهہ هو. ساڻن ڳائڻن ۽ ڳائڻين جو تعداد ٻہ سؤ هو.
66 گهوڙن جو تعداد ست سؤ ڇٽيهہ، خچرن جو ٻہ سؤ پنجيتاليهہ،
67 اُٺن جو چار سؤ پنجٽيهہ ۽ گڏهن جو ڇهہ هزار ست سؤ ويهہ هو.
68 جڏهن اهي يروشلم ۾ خداوند جي هيڪل جي جاءِ تي پهتا تہ
گهراڻن جي ڪن وڏن خداوند جي گهر کي پنهنجي اصل جاءِ تي
وري تعمير ڪرڻ لاءِ نذرانا ڏنا. 69 انهن پنهنجي وس آهر ڪم لاءِ
گڏ ڪيل خزاني ۾ سون جا پنج سؤ ڪلوگرام، چانديءَ جا ٻہ هزار
اٺ سؤ ڪلوگرام ۽ هڪ سؤ ڪاهنن وارا لباس ڏنا.
70 ڪاهنَ، لاوي، ۽ ڪجهہ ٻيا ماڻهو يروشلم ۾ ۽ ان جي آس‌پاس
آباد ٿي ويا. ڳائڻا، دربانَ ۽ هيڪل جا خدمتگار آس‌پاس وارن ڳوٺن
۾ آباد ٿي ويا. باقي ٻيا بني اسرائيل وارا پنهنجن پنهنجن شهرن ۾
آباد ٿي ويا

## قربان‌گاهہ جي نئين سر تعمير

3 1 ستين مهيني جي اچڻ تائين سڀ بني اسرائيل پنهنجن پنهنجن
شهرن ۾ آباد ٿي چڪا هئا. پوءِ ان مهيني ۾ سڀ ماڻهو يڪمشت
ٿي يروشلم ۾ اچي گڏ ٿيا. 2 تڏهن يشوع ولد يوصدق ۽ سندس ٻيا
ساٿي ڪاهن، زربابل ولد سالتي‌ايل ۽ سندس قوم وارا اٿيا ۽ بني
اسرائيل جي خدا جي قربان‌گاهہ تعمير ڪرڻ لڳا تہ جيئن انهيءَ تي
ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪن، جيئن خدا جي ٻانهي موسيٰ جي
شريعت ۾ لکيل آهي. 3 انهيءَ ملڪ جي رهاڪن کان ڊڄڻ جي
باوجود، هنن قربان‌گاهہ کي ساڳي ئي جاءِ تي وري تعمير ڪيو ۽
ان تي خداوند لاءِ صبح ۽ شام واريون روزاني جون ساڙڻ واريون
قربانيون پيش ڪرڻ لڳا. 4 هنن شرعي دستور موجب تنبن واري عيد
ملهائي ۽ هر روز جون باهہ سان ساڙيون ويندڙ مقرر ڪيل قربانيون
حڪم موجب پيش ڪيون. 5 انهن کان علاوہ هنن روزانو جون ساڙڻ
واريون قربانيون ۽ نئين چنڊ جون ساڙيون ويندڙ قربانيون پيش ڪيون
۽ اهي قربانيون بہ پيش ڪيون جيڪي خداوند جي سيني مقرر ٿيل
پاڪ ڏينهن تي ڪبيون هيون ۽ اهي پڻ پيش ڪيائون جيڪي پنهنجي
رضا خوشيءَ سان آنديون هئائون. 6 ستين مهيني جي پهرين تاريخ
کان وٺي هو خداوند جي لاءِ قربانيون ساڙڻ لڳا، توڙي جو خداوند
جي هيڪل جو اجا بنياد بہ نہ وڌو هئائون.

## هيڪل جي نئين سر تعمير

7 پوءِ ماڻهن رازن ۽ واڍن جي مزوريءَ لاءِ پئسا ڏنا. هنن ڪاٺ
پيئڻ جون شيون ۽ زيتون جو تيل بہ ڏنو تہ جيئن اهي شيون صيدا ۽
صور ڏانهن موڪليون وڃن، جنهن جي عيوض لبنان کان يافا تائين
سمنڊ رستي ديال جا وڻ وڍائي آندا وڃن. اهو سڀ ڪجهہ فارس جي
بادشاهہ خورس جي اجازت سان ٿي ڪيو ويو.
8 يروشلم شهر ۾ هيڪل جي جاءِ تي پهچڻ کان پوءِ، ٻئي سال
جي ٻئي مهيني ۾ زربابل، يشوع، ڪاهن، لاوي ۽ سندن ٻيا همقوم،
يعني اهي سڀ جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي يروشلم ۾ آيا هئا تن
ڪم شروع ڪري ڏنو. جيڪي لاوي ويهن سالن جا يا انهيءَ کان
وڏيءَ عمر جا هئا تن کي هنن هيڪل جي تعمير جي نظرداري ڪرڻ
لاءِ مقرر ڪيو. 9 تنهن کان سواءِ لاوي قبيلي مان يشوع پنهنجي
پٽن ۽ مٽن مائٽن سميت، هوداوياہ جي نسل مان قدمي‌ايل ۽ سندس
پُٽَ، اهي سڀ هڪ ٿي خدا جي گهر ۾ ڪم ڪندڙن جي نظرداري
ڪرڻ لڳا. لاوي قبيلي مان بني حنداد گهراڻي وارا پڻ ساڻن گڏ
نظرداري ڪرڻ لڳا. 10 جڏهن رازا خداوند جي گهر جو بنياد وجهي
رهيا هئا تڏهن ڪاهن پنهنجيون پوشاڪون پهري شرنايون سان ۽ لاوي
جيڪي آسف جو اولاد هئا، سي ٺلين سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي
خداوند جو حمد ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺا، جيئن بني اسرائيل جي بادشاهہ
دائود ترتيب مقرر ڪئي هئي. 11 هنن خداوند جي واکاڻ ۽ شڪرگذاري
ڳائيندي چيو پئي تہ
”خداوند ڀلو آهي،
بني اسرائيل مٿان هن جي شفقت هميشہ جي لاءِ آهي.“

تڏهن سيني ماڻهن وڏي واڪي خداوند جي ثنا ڪئي، ڇاڪاڻ‌تہ ان
وقت خداوند جي گهر جو بنياد وڌو پئي ويو. 12 پر گهڻا ئي وڏي عمر
وارا ڪاهن، لاوي ۽ گهراڻن جا وڏا جن پنهنجي اکين سان خداوند
جو اڳيون هيڪل ڏٺو هو سي رڙيون ڪري روئڻ لڳا، جڏهن تہ ٻين
گهڻن ئي خوشيءَ وچان واڪا ٿي ڪيا. 13 وڏي شور هئڻ ڪري ماڻهو
خوشيءَ جي آوازن ۽ روئڻ جي آوازن جو فرق نہ سمجهي سگهيا.
اهو شور پري پري تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

## هيڪل جي نئين سر تعمير جي مخالفت

4 1 جڏهن بني يهوداہ ۽ بني بنيامين جي دشمنن ٻڌو تہ جلاوطنيءَ
کان موٽي آيلن خداوند، بني اسرائيل جي خدا لاءِ هيڪل تعمير

*اُوريم ۽ ٿُميم: هي پٿر جهڙيون بہ ننڍڙيون شيون هيون، جن کي ڪاهن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“ ڏسو.

70:2 1.توا 2:9، نحم 3:11 — 2:3 خر 1:27 — 3:3 ڳا 1:28–8 — 4:3 ڳا 12:29–38 — 5:3 ڳا 11:28–39:29 — 10:3 1.توا 1:25
11:3 1.توا 34:16، 2.توا 13:5، 3:7، زب 5:100، 1:106، 1:107، 1:118، 1:136، ير 11:33

ڪرڻ شروع ڪيو آهي، 2 تڏهن هو زربابل ۽ گهراڻن جي وڏن وٽ
آيا ۽ کين چيائون تہ ”اسان کي بہ پاڻ سان گڏ تعمير جي ڪم
۾ هٿ ونڊائڻ ڏيو، ڇاڪاڻتہ اسين بہ ان سائڳي خدا جي عبادت
ڪندا آهيون جنهن جي اوهين ڪندا آهيو. اسين اشور جي شهنشاهہ
اسرحدون، جنهن اسان کي هتي آباد ڪيو هو تنهن جي وقت کان
وٺي ان خدا لاءِ قربانيون ڪندا رهيا آهيون.“
3 پر زربابل، يشوع ۽ بني اسرائيل جي گهراڻن جي وڏن کين
وراڻيو تہ ”اسان جي خدا جو هيڪل تعمير ڪرڻ ۾ اوهان جو ڪوبہ
واسطو ڪونهي. اسين پاڻ خداوند، بني اسرائيل جي خدا لاءِ هيڪل
تعمير ڪنداسين، جيئن فارس جي بادشاهہ خورس اسان کي حڪم
ڏنو آهي.“ 4 تڏهن ان ملڪ جي رهاڪن يهودين کي بيهمت ڪرڻ
شروع ڪيو ۽ تعمير جي ڪم ۾ رڪاوٽون وجهڻ لاءِ کين ڊيڄارڻ
لڳا. 5 هنن سرڪاري عملدارن کي رشوتون ڏيئي سندن خلاف ڪيو.
فارس جي بادشاهہ خورس جي ڏينهن کان وٺي فارس جي *بادشاهہ
دارا جي ڏينهن تائين هو ائين ڪندا رهيا.

## يروشلم جي نئين سر تعمير جي مخالفت

6 اخسويرس جي شهنشاهيءَ جي شروع ۾ ئي مخالفن يروشلم
شهر بلڪ سڄي يهوداہ جي رهاڪن جي خلاف لکت ۾ شڪايت
ڪئي هئي.
7 وري فارس جي شهنشاهہ ارتخششتا جي ڏينهن ۾ بشلام،
متردات، طابئيل ۽ سندن ٻين ساٿين ڏانهنس †ارامي ٻوليءَ ۾ هڪ
شڪايتي خط لکيو جيڪو ٻي ٻوليءَ ۾ ڪيس پڙهي ٻڌايو ويو.
8 انهن خطن کان علاوہ شهنشاهت واري انهيءَ علائقي جي
گورنر رحوم ۽ سندس محرر شمسيءَ هڪ خط يروشلم جي خلاف
ارتخششتا شهنشاهہ ڏانهن هن طرح لکيو تہ 9 ”هي خط ناظم
اعليٰ رحوم گورنر، سندس محرر شمسي ۽ سندن ساٿين جيڪي جج
۽ وڏا عملدار آهن، تن جي طرفان آهي. انهيءَ کان علاوہ انهن جي
طرفان بہ آهي جيڪي ارڪ، بابل ۽ عيلام جي گاديءَ واري شهر
سوسن جا اصلي رهاڪو هئا. 10 بلڪ اهو خط انهن سڀني ماڻهن
جي صلاح سان آهي، جن کي سندن شهرن مان بزرگ ۽ عالي مرتبہ
اسنفر لڏائي آڻي سامريہ شهر ۾ ۽ ‡الهندي فرات نديءَ جي صوبي
۾ ٻين هنڌن تي آباد ڪيو هو.“
11 خط جو متن هي آهي تہ
”بحضور شهنشاهہ ارتخششتا،
ازطرف اوهان جا ٻانها جيڪي الهندي فرات نديءَ جي صوبي ۾
رهن ٿا.
12 شهنشاهہ سلامت کي نيڪ روشن هجي تہ جيڪي يهودي اوهان
وٽان نڪري اسان وٽ آيا آهن سي يروشلم ۾ آباد ٿي ويا آهن ۽ ان
باغي ۽ فسادي شهر کي وري تعمير ڪرڻ لڳا آهن. هنن شهر جي
ڀتين جي مرمت شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ هو اُها پوري ڪرڻ تي آهن.
13 سو شهنشاهہ سلامت کي معلوم هجي تہ جيڪڏهن اهو شهر
وري تعمير ٿي ويو ۽ ان جون ڀتيون پوريون ٿي ويون تہ اهي ماڻهو
ڍل، محصول ۽ چونگي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا، جنهن جي نتيجي ۾
اوهان کي خراج جي وصوليءَ ۾ نقصان پهچندو. 14 هاڻ جيئن تہ
اسين شهنشاهہ سلامت جا نمڪ خوار آهيون ۽ اسان کي اهو مناسب
ناهي تہ شهنشاهہ سلامت جو نقصان ٿيندو ڏسون، تنهنڪري اسان
هي خط موڪلي اوهان شهنشاهہ سلامت کي اطلاع ٿا ڏيون 15 تہ
جيئن اوهان پنهنجي ابن ڏاڏن جي تواريخي ڪاغذات ۾ جاچ ڪري
سگهو. انهن تواريخي ڪاغذات ۾ اوهين ڏسندا تہ اهو شهر هڪ
باغي شهر آهي. اهو صوبن جي گورنرن ۽ بادشاهن لاءِ تڪليفن جو
باعث رهيو آهي ۽ پراڻي وقت کان وٺي فساد جو گڙهہ پڻ رهيو آهي.
اهو ئي سبب آهي جو هي شهر برباد ڪيو ويو هو. 16 تنهنڪري اسين
شهنشاهہ سلامت کي اطلاع ٿا ڏيون تہ جيڪڏهن هي شهر تعمير ٿي
ويو ۽ ان جون ڀتيون وري جڙي راس ٿي ويون تہ پوءِ الهندي فرات
نديءَ جي صوبي ۾ اوهان جي حڪمراني نہ رهندي.“
17 خط جي جواب ۾ شهنشاهہ هي ورندي ڏني تہ
”رحوم گورنر، سندس محرر شمسي ۽ انهن جا ٻيا ساٿي جيڪي
سامريہ شهر ۾ ۽ الهندي فرات نديءَ جي صوبي ۾ رهندڙ آهن، تن
ڏانهن سلام،
18 جيڪو خط اوهان اسان ڏانهن موڪليو سو منهنجي اڳيان ترجمو
ڪري پڙهيو ويو آهي. 19 منهنجي حڪم جاري ڪرڻ تي تواريخي
ڪاغذات ۾ جاچ ڪئي ويئي، جنهن مان معلوم ٿيو تہ اهو شهر قديم
وقت کان وٺي بادشاهن جي خلاف باغي پئي رهيو آهي ۽ فتني فساد
جو گڙهہ پئي رهيو آهي. 20 جيئن تہ يروشلم ۾ وڏا طاقتور بادشاهہ
ٿي گذريا آهن جن الهندي فرات نديءَ جي صوبي وارن سڀني ملڪن
تي بادشاهي پئي ڪئي آهي ۽ کين ڍل، محصول ۽ چونگي پئي مليا
آهن. 21 سو هاڻ اوهين انهن ماڻهن کي حڪم ڏيو تہ ڪم بند ڪن،
تہ جيئن اهو شهر تعمير نہ ٿئي جيستائين آءٌ اهڙو حڪم جاري نہ
ڪريان. 22 خبردار ٿجو، متان انهيءَ ڪم ۾ ڪا غفلت ڪريو. ائين
نہ ٿئي جو شاهي مفادن کي وڏيڪ نقصان رسي.“

---

*بادشاهہ دارا جي ڏينهن تائين: هيڪل جي تعمير جو وڌيڪ بيان 24:4 آيت کان وٺي اڳتي بہ جاري آهي. 4:6–23 تائين هڪ صدي بعد جو ٻيو واقعو بيان ٿيل آهي.

† ارامي ٻوليءَ ۾: 8:4 کان 18:6 تائين عزرا ڪتاب جو اصل متن عبراني ٻوليءَ ۾ نہ پر ارامي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي.

‡ الهندي فرات نديءَ جي صوبي ۾: فارس شهنشاهت جي ڏينهن ۾ يهوداہ ملڪ کي فرات نديءَ جي الهندي علائقي ۾ شامل ڪري هڪ صوبو بڻايو ويو هو.

2:4 2.با 17:24–41 6:4 آس 1:1

23سو جڏهن ارتخشتا جو خط رحوم گورنر، سندس محرر
شمسيءَ ۽ انهن جي ساٿين اڳيان پڙهيو ويو، تڏهن هو هڪدم يروشلم
۾ يهودين وٽ ويا ۽ زور زبردستيءَ سان انهن کان يروشلم جي نئين
سر تعمير جو ڪم بند ڪرايائون.

## دارا شهنشاهه ڏانهن تتنيءَ جو خط

24ساڳيءَ طرح خدا جو گهر جيڪو يروشلم ۾ آهي، تنهن جي تعمير
جو ڪم ٺپ ٿي ويو ۽ اهو فارس جي شهنشاهه دارا جي شاهيءَ جي
5 ٻئي سال تائين بند رهيو. 1تن ڏينهن ۾ حجي نبي ۽ زڪرياه
نبي جيڪو عدوءَ جي اولاد مان هو، سي يروشلم شهر بلڪ
سڄي يهوداه ۾ رهندڙ يهودين کي بني اسرائيل جي خدا جي ناليءِ ۾
پيغام ڏيڻ لڳا. 2تڏهن زربابل ولد سالتي‌ايل ۽ يشوع ولد يوصدق
يروشلم ۾ خداوند جي گهر کي وري تعمير ڪرڻ جي ڪم کي لڳي
ويا. انهن ٻنهي سان خدا جا نبي به گڏ هئا جن ساڻن مدد پئي ڪئي.
3انهيءَ دوران الهندي فرات نديءَ جي صوبي جو گورنر تتني
۽ شتر بوزني ۽ انهن جا ساٿي وٽن آيا ۽ ڪائن پڇيائون ته ”هن
عبادت‌گاهه ۽ انهيءَ جي ڀتين کي وري تعمير ڪرڻ جو اختيار اوهان
کي ڪنهن ڏنو آهي؟“ 4هنن اهو به ڪائن پڇيو ته ”هن عمارت
کي وري تعمير ڪرائيندڙن جا نالا ڇا آهن؟“ 5پر يهودي اڳواڻن تي
پنهنجي خدا جي نظر هئي، سو انهن عملدارن يهودين کي تيستائين
نه روڪيو، جيستائين اهو معاملو دارا شهنشاهه تائين پهتو ۽ انهيءَ
کان لکت ۾ موٽ نه ملين.
6جيڪو خط الهندي فرات نديءَ جي صوبي واري گورنر تتنيءَ
۽ شتر بوزني ۽ سندس ساٿي عملدارن دارا شهنشاهه ڏانهن موڪليو
هو، تنهن جو متن هي آهي ته
7”بخدمت دارا شهنشاهه سلامت،
8شهنشاهه سلامت کي نيڪ روشن هجي ته اسين يهوداه علائقي
۾ خدا تعاليٰ جي گهر ڏانهن وياسين. اتي ڏٺوسون ته ماڻهو ان گهر
کي وڏن وڏن پٿرن سان تعمير پيا ڪن ۽ سندس ڀتين ۾ ڪاٺ پئي
وڌائون. انهن جي اڳواڻن جي هدايتن هيٺ ڪم وڏي سوچ ويچار ۽
تيزيءَ سان ٿيندو پيو وڃي.
9تڏهن اسان انهن اڳواڻن کان پڇا ڪئي ته ’هن عمارت ۽ انهيءَ
جي ڀتين کي وري تعمير ڪرڻ جو ڪنهن اوهان کي اختيار ڏنو آهي؟‘
10اسان انهن کان سندن نالا به پڇيا ته جيئن اهي نالا اوهان ڏانهن
لکي موڪليون. 11تنهن تي هنن جيڪا اسان کي ورندي ڏني سا
هيءَ آهي ته ’اسين آسمان ۽ زمين جي خدا جا ٻانها آهيون ۽ انهيءَ
ئي گهر جي وري تعمير ٿا ڪريون جيڪو اڄ کان گهڻا ئي سال اڳ
بني اسرائيل جي هڪڙي وڏي بادشاهه تعمير ڪرايو هو. 12پر پوءِ
جڏهن اسان جي ابن ڏاڏن خدا کي ڪاوڙايو، تڏهن هن کين بابل جي
بادشاهه نبوڪدنضر ڪسديءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو، جنهن خدا جي
هن گهر کي ناس ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي بابل ڏانهن جلاوطن ڪري
وٺي ويو. 13پر شهنشاهه خورس جي بابل تي شاهيءَ جي پهرين سال
۾ هن گهر کي وري تعمير ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين. 14خدا
جي هيڪل جا سون ۽ چانديءَ جا ٿانوَ جيڪي نبوڪدنضر يروشلم
مان ڪڍي بابل واري پوڄا گهر ڏانهن کڻي ويو هو، سي به خورس
شهنشاهه بابل جي پوڄا گهر مان ڪڍي هڪڙي ماڻهوءَ جي حوالي
ڪيا جنهن جو نالو شيس‌بضر هو، جنهن کي هن يهوداه جو گورنر
مقرر ڪيو هو. 15شهنشاهه کيس چيو هو ته هو وڃي يروشلم ۾
خدا جو گهر پنهنجي اصلي جاءِ تي وري تعمير ڪري ۽ اهي ٿانوَ
انهيءَ ۾ ڪٺي رکي. 16تڏهن انهيءَ شيس‌بضر اچي يروشلم ۾ خدا
جي گهر جو بنياد وڌو. انهيءَ وقت کان وٺي هن وقت تائين، اهو
پئي تعمير ٿيو آهي پر اڃا مڪمل نه ٿي سگهيو آهي.‘
17تنهنڪري هاڻي جيڪڏهن شهنشاهه مهربانيءَ جي نظر ڪري ۽
بابل واري شاهي دفتر ۾ جاچ ڪرائي ته شهنشاهه خورس يروشلم
۾ خدا جي گهر جي وري تعمير جو حڪم جاري ڪيو هو يا نه. پوءِ
اوهين اسان ڏانهن ان بابت پنهنجو فيصلو ڏياري موڪليو.“

## خورس جي حڪم بابت دارا جي جاچ

6 1تڏهن دارا شهنشاهه هڪڙو حڪم جاري ڪيو، جنهن تحت
بابل ۾ موجود شاهي دفتر ۾ اها جاچ ڪئي وئي. 2آخرڪار
وڏيڪ جاچ دوران ماديءَ پرڳڻي جي گاديءَ واري هنڌ اخمتا جي قلعي
مان هڪڙو ويڙهوٽيو لڌو ويو. انهيءَ ۾ اهو لکيل هو ته 3”خورس
شهنشاهه جي شاهيءَ جي پهرين سال يروشلم ۾ خدا جي گهر متعلق
هن هڪڙو حڪم جاري ڪيو ته ’اهو گهر يعني اها جاءِ جتي قربانيون
پيش ڪجن ٿيون، سا ٻيلي ته وري تعمير ڪئي وڃي ۽ ٻيلي ته انهيءَ
جو بنياد وڌو وڃي. ان جي اوچائي ستاويهه ميٽر ۽ ويڪر به ستاويهه
ميٽر هجي. 4انهيءَ جي ڀتين ۾ وڏن پٿرن جي هر ٽن بارن کان پوءِ
هڪ بار نئين ڪاٺ جو هجي. انهيءَ ڪم جو سمورو خرچ شاهي
خزاني مان ڏنو وڃي. 5خدا جي گهر جا سونا ۽ چانديءَ وارا ٿانوَ
جيڪي نبوڪدنضر يروشلم مان ڪڍي بابل ۾ آندا هئا، سي به موٽائي
يروشلم ۾ ساڳيءَ جاءِ تي خدا جي گهر اندر رکيا وڃن.‘“

## هيڪل جي تعمير بابت دارا جو جواب

6شهنشاهه دارا ورنديءَ ۾ لکي موڪليو ته
”اي تتني! الهندي فرات نديءَ جي صوبي جا گورنر ۽ اي شتر
بوزني ۽ اوهان جا ساٿي عملدارا!
اوهين انهيءَ کان پري رهو. 7خدا جي گهر جي هن ڪم ۾ اوهين
اجائي ٽنگ نه اڙايو. يهودين جو گورنر ۽ سندن اڳواڻ ٻيلي ته خدا

---

4:24–5:1 حجي 1:1، زڪ 1:1 5:2 حجي 12:1، زڪ 4:6–9 5:12 2.با 25:8–12، 2.توا 36:17–20، ير 52:12–15 5:13 عز 1:2–11

جو گھر انھيءَ ساڳيءَ جاءِ تي وري تعمير ڪن. 8 انھيءَ کان علاوه
آءٌ ھي حڪم ٿو ڪريان تہ خدا جي ھن گھر جي تعمير ڪرڻ ۾ اوھين
يھودين جي اڳواڻن جي مدد ڪريو. ھنن ماڻھن جا خرچ پڪا شاھي
خزاني يعني الھندي فرات نديءَ جي صوبي جي محصول مان وقت
سر ادا ڪيا وڃن تہ جيئن ڪم رڪجي نہ وڃي. 9 يروشلم ۾ عرش
عظيم جي خدا لاءِ قربانين واسطي ڪاھنن جي جيڪا بہ روزاني جي
گھرج ھجي، سا اوھين ھر صورت ۾ انھن کي ڏيندا رھو، يعني ڳابا،
گھٽا يا گھيٽا، يا وري ڪڻڪ، لوڻ، مئي ۽ زيتون جو تيل. 10 انھيءَ
لاءِ تہ ھو عرش عظيم جي خدا جي لاءِ وڻندڙ شين جون قربانيون
پيش ڪري سگھن ۽ منھنجي ۽ منھنجي پٽن جي وڏي حياتيءَ لاءِ
دعا گھرن. 11 پيو تہ آءٌ حڪم ٿو ڏيان تہ جيڪڏھن ڪوبہ ھن حڪم
جي ابتڙ ڪندو تہ انھيءَ جي گھر مان ھڪ شھتير ڪڍي ان جي
چھنبي ٺاھي کيس ان ۾ ٽُنبيو ويندو ۽ سندس گھر ڊاھي گند جو ڍير
ڪيو ويندو. 12 جنھن خدا پنھنجو نالو يروشلم ۾ قائم ڪيو آھي سو
شل انھن سڀني بادشاھن ۽ ماڻھن کي ناس ڪري جيڪي ھن حڪم
کي نہ مڃيندي سندس ھيڪل کي ناس ڪرڻ لاءِ ھٿ ڊگھيرين.
مون اھو حڪم جاري ڪيو آھي ۽ ڪوشش ڪري ان تي پوريءَ
طرح عمل ڪيو وڃي.“

## ھيڪل کي وقف ڪرڻ

13 تڏھن الھندي فرات نديءَ جي صوبي واري گورنر تتنيءَ ۽ شتر
بوزني ۽ انھن جي ساٿين مڪمل طرح شھنشاھہ جي ان حڪم جي
تعميل ڪئي. 14 سو حجي ۽ زڪرياہ نبين جي پيغامن مطابق يھودين
جي اڳواڻن تعمير جو ڪم جاري رکيو. ھنن بني اسرائيل جي خدا جي
حڪم موجب ۽ فارس جي بادشاھن خورس، دارا ۽ ارتخششتا جي
فرمانن موجب ھيڪل جوڙي تيار ڪيو. 15 اھڙيءَ طرح دارا شھنشاھہ
جي شاھيءَ جي ڇھين سال ۾ ادار مھيني جي ٽين تاريخ تي ھيڪل
جڙي راس ٿيو.
16 پوءِ سڀني بني اسرائيل يعني ڪاھنن، لاوين ۽ ٻين جلاوطنيءَ
مان موٽي آيلن خوشيون ملھائيندي ھيڪل کي وقف ڪرڻ واري رسم
ادا ڪئي. 17 خدا جي انھيءَ گھر کي مخصوص ڪرڻ وقت ھنن
ھڪ سؤ ڍڳا، ٻہ سؤ گھٽا، چار سؤ گھيٽا قربان ڪيا ۽ سڄي بني
اسرائيل طرفان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ ٻارھن ٻڪر، ھر ھڪ
قبيلي طرفان ھڪ ٻڪر جي حساب سان قربان ڪيا. 18 موسيٰ جي
ڪتاب ۾ لکيل ھدايتن مطابق ھنن ڪاھنن کي، پنھنجي پنھنجي
حصي موجب ۽ لاوين کي پنھنجي پنھنجي ٽولي موجب، يروشلم ۾
خدا جي ھيڪل جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو.

## عيد فصح

19 جلاوطنيءَ مان موٽي آيلن، ٻئي سال جي پھرين مھيني جي
چوڏھين تاريخ تي عيد فصح ملھائي. 20 جيئن تہ ڪاھنن ۽ لاوين
پاڻ کي پاڪ ڪيو ھو سو اھي سڀ پوريءَ طرح پاڪ صاف ھئا.
پوءِ جلاوطنيءَ مان سڀني موٽي آيلن لاءِ، پنھنجن ڀائر ڪاھنن لاءِ
۽ پنھنجي لاءِ لاوين عيد فصح جي قربانيءَ جا گھيٽا ذبح ڪيا.
21 سو بني اسرائيل جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا ھئا ۽ اُھي ماڻھو
جيڪي ملڪ جي غير قومن جي گندگيءَ مان نڪري پاڻ کي ڌار
ڪري خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي عبادت ڪرڻ لاءِ ھنن
وٽ آيا ھئا، تن سڀني گڏجي کاڌو. 22 پوءِ ھنن ست ڏينھن خوشيءَ
وچان بيخميري مانيءَ جي عيد ملھائي، ڇالاءِجو خداوند *اشور جي
شھنشاھہ جي دل انھن ڏانھن ڦيرائي ڪين خوشي عطا ڪئي ھئي.
انھيءَ لاءِ تہ بني اسرائيل جي خدا جي گھر جي تعمير واري ڪم ۾
شھنشاھہ ھنن جي مدد ڪئي.

## عزرا جو يروشلم ۾ اچڻ

7 1 انھن ڳالھين کان ڪيترائي سال پوءِ فارس جي شھنشاھہ
ارتخششتا جي شاھيءَ جي ڏينھن ۾ ھڪ شخص عزرا ولد سراياہ
ولد عزرياہ ولد خلقياہ 2 ولد سلوم ولد صدوق ولد اخيطوب 3 ولد
امرياہ ولد عزرياہ ولد مرايوت 4 ولد زراخياہ ولد عُزي ولد ٻُقي 5 ولد
ابيسوع ولد فينحاس ولد اليعزر ولد ھارون سردار ڪاھن 6 بابل کان
يروشلم ڏانھن روانو ٿيو. موسيٰ جي شريعت جيڪا خداوند، بني
اسرائيل جي خدا ڏني ھئي، تنھن ۾ ھو ھوشيار عالم ھو. شھنشاھہ
ھن کي ھر اُھا شيءِ ڏني جيڪا ھن ڪانئس گھري، ڇاڪاڻتہ خداوند
سندس خدا جو ھٿ مٿس ھو. 7 سو ارتخششتا شھنشاھہ جي شاھيءَ
جي ستين سال ڪجھہ بني اسرائيل جن ۾ ڪاھن، لاوي، ھيڪل جا
ڳائڻا، دربان ۽ خدمتگار شامل ھئا، سي پڻ عزرا سان گڏ يروشلم ۾
آيا. 8–9 اھي بابل کان پھرين مھيني جي پھرين تاريخ تي روانا ٿيا
۽ پنجين مھيني جي پھرين تاريخ تي يروشلم ۾ اچي پھتا، ڇاڪاڻتہ
سندن خدا جو فضل پريو ھٿ مٿن ھو. 10 اھو انھيءَ ڪري ھو جو
عزرا خداوند جي شريعت جي مطالعي ڪرڻ، مٿس عمل ڪرڻ ۽ بني
اسرائيل ۾ قاعدن قانونن جي تعليم ڏيڻ لاءِ پنھنجو پاڻ کي وقف
ڪري ڇڏيو ھو.

---

*اشور جي شھنشاھہ: ھي فارس جي بادشاھہ دارا جو لقب ھو، ڇالاءِجو ان وقت سندس شھنشاھت ۾ اشور جو علائقو بہ شامل ھو.

14:6 حجي 1:1، زڪ 1:1 19:6 خر 12:1–20

## ارتخشستا شهنشاهه طرفان عزرا کي مليل خط

11 عزرا ڪاهن ۽ عالم هو ۽ انهن قاعدن قانونن جو چڱو ڄاڻو هو
جيڪي خداوند بني اسرائيل کي ڏنا هئا. شهنشاهه ارتخشستا عزرا
کي هڪ اختياريءَ جو خط ڏنو جنهن جو متن هي آهي ته
12 شهنشاهه ارتخشستا جي طرفان عزرا ڪاهن ڏانهن سلام،
جيڪو عرش عظيم جي خدا جي شريعت جو وڏو عالم آهي،
13 آءٌ حڪم ٿو جاري ڪريان ته منهنجي شهنشاهت مان بني
اسرائيل جا ماڻهو، ڪاهن ۽ لاوين سميت جيڪي به تو سان گڏ
يروشلم ڏانهن وڃڻ گهرن سي پلي وڃن. 14 هاڻي آءٌ ۽ منهنجا ست
مشير تو کي چئون ٿا ته تون يروشلم بلڪ سڄي يهوداه ۾ وڃي اهو
معلوم ڪر ته خدا جي شريعت جنهن جو تون عالم آهين، تنهن جي
ڪيتري قدر اطاعت ڪئي وڃي ٿي. 15 انهيءَ ڪان سواءِ تون پاڻ سان
سون ۽ چاندي به کڻي وڃ جيڪا مون ۽ منهنجي مشيرن خوشيءَ
سان بني اسرائيل جي خدا لاءِ ڏني آهي، جنهن جو گهر يروشلم ۾
آهي. 16 پيو جيڪو به سون ۽ چاندي تو کي بابل مان ملي، ۽ جيڪي
نذرانا ڪاهن ۽ ماڻهو خوشيءَ سان پنهنجي خدا جي گهر جي لاءِ
ڏين سي پڻ يروشلم ڏانهن کڻي وڃ.
17 انهيءَ رقم مان ڍڳا، گهٽا، گهيٽا ۽ اناج جي قربانين سان گڏ
اوتڻ وارين قربانين جو سامان خريد ڪج ۽ اُهي يروشلم ۾ کڻي وڃي
پنهنجي خدا جي گهر جي قربان‌گاهه تي قربان ڪج. 18 باقي جيڪو
سون ۽ چاندي بچي سو پنهنجي خدا جي مرضيءَ موجب، جيئن تو
کي ۽ تنهنجي همقوم يائرن کي مناسب نظر اچي تيئن ڪم آڻجو.
19 جيڪي ٿانوَ تنهنجي خدا جي هيڪل ۾ خدمت لاءِ تو کي ڏنا ويا
آهن، سي تون يروشلم ۾ خدا جي حضور ۾ ڏيئي ڇڏج. 20 پيو به
جيڪي ڪجهه وڌيڪ تنهنجي خدا جي گهر لاءِ گهربل هجي ۽ تو
کي ڏيڻو هجي سو پلي شاهي خزاني مان وٺي ڏج.
21 آءٌ انهن خزانچين ڏانهن هي حڪم جاري ڪريان ٿو جيڪي
الهندي فرات نديءَ جي صوبي ۾ رهن ٿا، ته ”عرش عظيم جي خدا
جي شريعت جي عالم عزرا ڪاهن کي جيڪي به گهرجي سو اوهين
سعيو ڪري ڪيس مهيا ڪري ڏجو. 22 اوهين ساڍا ٽي هزار ڪلوگرام
چاندي، ڏهه هزار ڪلوگرام ڪڻڪ، ٻه هزار ليٽر مئي ۽ ٻه هزار ليٽر
زيتون جو تيل ۽ بي‌انداز لوڻ ڏجو. 23 جيڪي به عرش عظيم جي خدا
حڪم ڪيو آهي سو سندس گهر لاءِ ڌيان سان ڪيو وڃي، انهيءَ لاءِ
ته منهنجي شهنشاهت ۽ منهنجي پٽن تي خدا جو ڪو غضب نازل نه
ٿئي. 24 اوهان کي اهو به معلوم هجي ته ڪاهن، لاوين، خدا جي
هيڪل جي ڳائڻن، دربانن ۽ خدمتگارن يا هيڪل سان واسطي رکندڙن
مان ڪنهن تي به ڪا ڍل، محصول يا چونگي ناهي مڙهڻي.“
25 اي عزرا! پنهنجي خدا جي حڪمت موجب جيڪا تو کي مليل
آهي، تون منتظمَ ۽ ججَ مقرر ڪر. اهي الهندي فرات نديءَ جي
صوبي جي انهن ماڻهن جو انصاف ڪن جيڪي تنهنجي خدا جي
شريعت کي مڃين ٿا. پر جنهن کي شريعت جي ڄاڻ نه هجي تنهن
کي اوهين سيکاريو. 26 جيڪي به تنهنجي خدا جي شريعت ۽ شاهي
قانونن تي عمل نه ڪن تن کي هڪدم موت، جلاوطنيءَ، ملڪيت
ضبطيءَ يا قيد جي سزا ڏني وڃي.

## عزرا جي خداوند لاءِ شڪرگذاري

27 عزرا چيو ته ”خداوند اسان جي ابن ڏاڏن جي خدا جي تعريف
هجي، جنهن شهنشاهه جي دل ۾ اها ڳالهه وڌي ته يروشلم ۾ جيڪو
خداوند جو گهر آهي، تنهن جي تعظيم ٿئي. 28 بلڪ خدا شهنشاهه،
مشيرن ۽ سڀني سگهارن عملدارن جي آڏو منهنجو مان وڌايو آهي.
بيشڪ منهنجي خدا جو هٿ مون تي هو، جنهن مون کي همت عطا
ڪئي جو مون بني اسرائيل مان ڪجهه مکيه ماڻهن کي گڏ ڪيو ته
جيئن هو مون سان گڏجي هلن.“

## جلاوطنيءَ مان موٽندڙن جا نالا

8
1 گهراڻن جا اهي وڏا جيڪي ارتخشستا شهنشاهه جي شاهيءَ
دوران بابل مان نڪري عزرا سان گڏ موٽيا تن جا ۽ سندن گهراڻن
جا نالا جيڪي درج ٿيل آهن، سي هي آهن: 2 فينحاس جي اولاد
مان گيرشوم هو، اتمر جي اولاد مان دانيال هو، دائود جي اولاد مان
حطوش ولد سڪنياه هو، 3 پرعُوص جي اولاد مان زڪرياه هو، جنهن
سان گڏ هڪ سؤ پنجاهه مرد هئا، 4 پخت موآب جي اولاد مان اليهو
عيني ولد زراخياه هو، جنهن سان گڏ ٻه سؤ مرد هئا، 5 زتوءَ جي
اولاد مان سڪنياه ولد يحزي‌ايل هو، جنهن سان گڏ ٽي سؤ مرد هئا،
6 عدين جي اولاد مان عبد ولد يونتن هو، جنهن سان گڏ پنجاهه مرد
هئا، 7 عيلام جي اولاد مان يسعياه ولد عتلياه هو، جنهن سان گڏ
ستر مرد هئا، 8 سفطياه جي اولاد مان زبدياه ولد ميڪاايل هو، جنهن
سان گڏ اسي مرد هئا، 9 يوآب جي اولاد مان عبدياه ولد يحي‌ايل هو،
جنهن سان گڏ ٻه سؤ ارڙهن مرد هئا، 10 بانيءَ جي اولاد مان سلوميت
ولد يوسفياه هو، جنهن سان گڏ هڪ سؤ سٺ مرد هئا، 11 ببئيءَ جي
اولاد مان زڪرياه ولد ببئي هو، جنهن سان گڏ اٺاويهه مرد هئا،
12 عزگاد جي اولاد مان يوحنان ولد هقاطان هو، جنهن سان گڏ هڪ
سؤ ڏهه مرد هئا، 13 سڀني کان آخر ۾ موٽندڙ ادونقام جي اولاد
مان اليفلط، يعي‌ايل ۽ سمعياه هئا، جن سان گڏ سٺ مرد هئا، 14 ۽
بِگويءَ جي اولاد مان عوطي ۽ زبود هئا، جن سان گڏ ستر مرد هئا.

## عزرا جو هيڪل جي خدمت لاءِ لاوين جي ڳولها ڪرڻ

15 مون انهن کي انهيءَ واهه وٽ آڻي گڏ ڪيو جيڪو اهوا شهر
ڏانهن وهي ٿو. اتي اسان خيما کوڙي ٽي ڏينهن رهي پياسين. تڏهن
مون عام ماڻهن ۽ ڪاهن ۾ جاچ ڪئي ته مون کي لاوي ڏسڻ ۾ نه
آيا. 16 سو مون اليعزر، اريئيل، سمعياه، الناتن، يريب، الناتن، ناتن،
زڪرياه ۽ مسلام اڳواڻن کي گهرايو ۽ پڻ يريب ۽ الناتن عالمن کي

گهرايو. 17 مون انهن کي ڪسيفيا ۾ رهندڙ اِدو اڳواڻ ڏانهن موڪليو
ته جيئن هو اِدو ۽ سندس لاوي ڀائر جيڪي هيڪل جا خدمتگار آهن،
تن کي اهو عرض ڪن ته اسان جي خدا جي گهر لاءِ ڪي خدمتگار
موڪلين. 18 جيئن ته اسان تي اسان جي خدا جو شفقت ڀريو هٿ هو،
تنهنڪري لاوي ولد يعقوب جي اولاد مان محلي گهراڻي جي سربياه
نالي هڪ سمجهوءَ ڪي سندس پٽن ۽ مائٽن سميت هو اسان وٽ وٺي
آيا جيڪي ڪل ارڙهن ڄڻا هئا. 19 انهن بني مراريءَ مان حسبياه،
سندس ڀاءُ يسعياه ۽ سندن پٽن کي به آندو جيڪي ڪل ويهه ڄڻا
هئا. 20 هو هيڪل جي خدمتگارن مان به سؤ ويهه ڄڻا پڻ وٺي آيا
جن جي ابن ڏاڏن کي دائود ۽ ان جي عملدارن لاوين جي مدد لاءِ
مقرر ڪيو هو. سيني جا نالا درج ٿيل هئا.

## روزي رکڻ ۽ دعا گهرڻ لاءِ عزرا جو اعلان

21 پوءِ اتي اهوا واهه وٽ مون روزو رکڻ جو اعلان ڪيو ته جيئن
اسين پنهنجي خدا جي آڏو عاجزي ڪريون ۽ ڪائنس دعا گهرون ته
اسان لاءِ ۽ اسان جي ٻارن ٻچن لاءِ سلامتيءَ واري راهه ڏيکاري ۽
اسان جي مال ملڪيت جي سلامتي هجي. 22 ڇالاءِجو مون کي شرم
ٿي آيو ته شهنشاهه کان سپاهين ۽ گهوڙي سوارن جو ڪو دستو
گهران ته اهي رستي ۾ دشمنن کان اسان جي حفاظت ڪن. اهو انهيءَ
ڪري جو اسان شهنشاهه کي چيو هو ته جيڪي خدا جا طالبو آهن
تن سيني تي خدا جو هٿ رهي ٿو، پر جيڪي کيس ڇڏي ٿا ڏين تن
سيني تي سندس غضب ٿو رهي. 23 سو اسان روزو رکيو ۽ پنهنجي
خدا کي اهو عرض ڪيوسين، جنهن اسان جو عرض قبول ڪيو.

## هيڪل لاءِ نذرانا

24 تنهن کان پوءِ مون مکيه ڪاهنن مان ٻارهن ڄڻا ڌار ڪيا جن
۾ سربياه، حسبياه ۽ سندن ڏهه مائٽ شامل هئا. 25 مون انهن کي
چاندي، سون ۽ ٿانوَ توري ڏنا، جيڪي اسان جي خدا جي گهر لاءِ
شهنشاهه، مشيرن، عملدارن ۽ بني اسرائيل وارن نذراني طور ڏنا
هئا. 26 مون کين ٻاويهه هزار ڪلوگرام خالص چاندي، ساڍا ٽي هزار
ڪلوگرام چانديءَ جا ٿانوَ، ساڍا ٽي هزار ڪلوگرام خالص سون،
27 ويهه سونا پيالا جن جي تور ساڍا اٺ ڪلوگرام هئي ۽ به ٿانوَ
عمدي چمڪندڙ پتل جا، جيڪي سون جهڙا قيمتي هئا، سي کين
توري ڏنم. 28 مون کين چيو ته ”اوهين ۽ هي سڀ ٿانوَ خداوند جي
لاءِ مخصوص آهيو، باقي خالص چاندي ۽ سون خداوند اسان جي
ابن ڏاڏن جي خدا لاءِ خوشيءَ سان ڏنل نذرانو آهي. 29 اوهين انهن
جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪجو جيستائين اوهين يروشلم ۾ خداوند جي
گهر جي خزاني ۾ مکيه ڪاهنن، لاوين ۽ بني اسرائيل جي گهراڻن
جي وڏن اڳيان توري سندن حوالي ڪريو.“ 30 پوءِ ڪاهنن ۽ لاوين
اها چاندي، سون ۽ اهي مخصوص ٿانوَ توري ورتا، انهيءَ لاءِ ته
اهي يروشلم ۾ خدا جي گهر ۾ پهچائين.

## جلاوطنن جي يروشلم ڏانهن واپسي

31 پهرين مهيني جي ٻارهين تاريخ تي يروشلم وڃڻ لاءِ اسين اهوا
واهه کان روانا ٿياسين. اسان جي خدا جو هٿ اسان تي هو، سو انهيءَ
اسان کي رستي تي دشمنن ۽ ڌاڙيلن کان بچائي رکيو. 32 اهڙيءَ
طرح اسين يروشلم ۾ پهتاسين ۽ اتي ٽي ڏينهن آرام ڪيوسون.
33 چوٿين ڏينهن اسان چاندي، سون ۽ ٿانوَ، توري پنهنجي خدا جي
گهر ۾ مريموت ولد اورياه ڪاهن جي هٿ ۾ ڏنا. هن سان گڏ اليعزر
ولد فينحاس ۽ به لاوي يوزباد ولد يشوع ۽ نوعيدياه ولد بنوي هئا.
34 سڀ شيون تعداد ۽ تور موجب ڏنيون ويون ۽ انهن جو سمورو وزن
انهيءَ مهل ئي لکيو ويو.
35 تنهن کان پوءِ جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽيا هئا تن بني اسرائيل
جي خدا لاءِ هي ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪيون: ٻارهن ڍڳا
سڄي بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن مطابق، ڇهانوي گهٽا، ستهتر
گهيٽا. اهي سڀ خداوند جي لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ طور هئا.
انهيءَ کان علاوه پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ ٻارهن ٻڪر به هئا.
36 هنن شهنشاهه جا حڪمناما سندس نائبن ۽ الهندي فرات نديءَ
جي صوبي وارن گورنرن کي پهچائي ڏنا، جنهن کان پوءِ هنن پوري
قوم ۽ خدا جي گهر جي مدد ڪئي.

## رشتيداريءَ متعلق عزرا جي دعا

9 1 انهن سيني ڳالهين کان پوءِ اڳواڻ مون وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا
ته ”بني اسرائيل ڪاهنن ۽ لاوين سميت، تن پنهنجي آس‌پاس
رهندڙ غير قومن يعني ڪنعانين، حتين، فرزين، يبوسين، *عمونين،
موآبين، مصرين ۽ امورين کان پاڻ کي ڌار نه ڪيو آهي، بلڪ انهن
جي ڪراهت جهڙين ڳالهين تي به عمل ڪري رهيا آهن. 2 هنن پاڻ
۽ پنهنجي پٽن کي سندن ڌيئرون پرڻايون آهن ۽ خدا لاءِ مخصوص
نسل کي غير قومن سان گڏيي ڇڏيو اٿن. انهيءَ گناهه ۾ اڳواڻ ۽
وڏن جو گهڻو هٿ آهي.“ 3 جڏهن مون اها ڳالهه ٻڌي تڏهن مون
پنهنجا ڪپڙا ۽ پنهنجو جبو ڦاڙيو ۽ پنهنجي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار
پٽيا ۽ واڳڙو ٿي ويهي رهيس. 4 تڏهن اهي جيڪي بني اسرائيل جي
خدا جي حڪمن کان ڏڪيا ٿي، سي سڀ جلاوطنيءَ مان موٽي آيلن
جي انهيءَ گناهه جي ڪري مون وٽ اچي گڏ ٿيا. آءٌ شام جي
قربانيءَ تائين پريشان رهيس.
5 شام جي قربانيءَ وقت، آءٌ پنهنجي ڦاٽل ڪپڙن ۽ جبي سميت
شرمندگيءَ جي حالت ۾ اٿيس ۽ گوڏن ڀر ڪري خداوند پنهنجي خدا
جي آڏو هٿ ڊگهيري 6 دعا گهريم ته ”اي منهنجا خدا! آءٌ شرمندو

---

*عمونين، موآبين: انهن جا علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

آهيان، اي منهنجا خدا! آءٌ تو ڏانهن پنهنجو منهن کڻڻ کان لڄي
ٿي رهيو آهيان، ڇالاءِجو اسان جا گناهه وڌي اسان جي ڳاٽ کان
به مٿي ٿي ويا آهن ۽ اسان جون خطائون وڃي آسمان سان لڳيون
آهن. 7 اسان جي ابن ڏاڏن جي وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اسين
وڏا ڏوهاري رهيا آهيون. پنهنجن گناهن جي ڪري اسين، اسان جا
بادشاهه ۽ اسان جا ڪاهن ٻين ملڪن جي بادشاهن جي هٿن ۾ ڏنا ويا
آهيون ته جيئن جنگ، جلاوطني ۽ ڦرلُٽ سبب اسين شرمندا ٿيون،
جيئن اڄوڪي ڏينهن ظاهر آهي.
8 هاڻي ٿوري وقت کان تو خداوند اسان جي خدا اسان تي مهرباني
ڪئي آهي جو اسان مان باقي بچيلن کي جلاوطنيءَ مان ڇڏايو اٿئي
ته جيئن اسين تنهنجي هن پاڪ هنڌ تي سلامتيءَ سان رهون. تو
اسان کي نئين زندگي ڏني آهي ۽ غلاميءَ جي باوجود اسان کي ٿورو
آرام بخشيو اٿئي. 9 جيتوڻيڪ اسين غلام آهيون، ته به تو اسان
کي وساريو ناهي، بلڪ تو فارس جي بادشاهن جي دلين ۾ اسان لاءِ
رحم وڌو آهي، ته جيئن اسين وري بحال ٿي تنهنجي گهر جي تعمير
ڪريون ۽ ان جي پڃڙ ٽٽل حصن جي مرمت ڪريون. اهڙيءَ طرح تو
اسان کي يروشلم بلڪ سڄي يهوداه ۾ پناهه عطا ڪئي آهي.
10 پر هاڻي، اي اسان جا خدا! هن کان پوءِ اسين ڇا چئون؟ ڇالاءِجو
اسان تنهنجي حڪمن جو ڪوبه لحاظ نه رکيو آهي، 11 جيڪي حڪم
تو پنهنجن ٻانهن نبين جي معرفت فرمايا هئا ته ’جنهن ملڪ تي
قبضي ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو ٿا سو اتان جي ماڻهن جي گندگيءَ جي
ڪري ناپاڪ آهي. هنن پنهنجي مڪروه عملن سان ان ملڪ کي هڪ
ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي تائين پري ڇڏيو آهي. 12 تنهنڪري اوهين
هنن سان رشتيداريءَ جي ڏي وٺ نه ڪجو، نڪي سندن سلامتيءَ ۽
سربلنديءَ لاءِ سندن مدد ڪجو، انهيءَ لاءِ ته اوهين مضبوط ٿجو،
انهيءَ ملڪ جي سٺي پيداوار کائو ۽ اُهو ملڪ پنهنجي اولاد لاءِ
هميشه واسطي ورثو ڪري ڇڏي وڃو.‘
13 جيڪي ڪجهه اسان جي بڇڙن ڪمن ۽ وڏن گناهن جي ڪري
اسان سان ٿيو آهي، بيشڪ تو اسان جي خدا، انهن جي مقابلي ۾
اسان جي گناهن کان گهٽ سزا ڏني آهي، جو اسان مان هيترا ڇٽا باقي
بچي ويا آهن. 14 تڏهن ڇا اسين وري تنهنجا حڪم نه مڃينداسين؟
جيڪي قومون اهڙا ڪراهت جهڙا ڪم ڪن ٿيون، تن سان مٽي مائٽي
ڪنداسين ڇا؟ تڏهن ڇا تون اسان تي ايترو نه ڪاوڙبين جو اسان کي
اهڙو ناس ڪري ڇڏين جو اسان مان ڪوبه نه ڇڏائجي سگهي ۽ نڪي
ڪو باقي بچي سگهي؟ 15 اي خداوند، بني اسرائيل جا خدا! بيشڪ
تون سچو آهين، تنهن هوندي به تو اسان مان ڪجهه باقي بچايا آهن.
هاڻي اسين پنهنجن گناهن سوڌو تنهنجي حضور ۾ حاضر ٿيا آهيون،
توڙي جو هن حالت ۾ ڪوبه تنهنجي حضور ۾ بيهي نه ٿو سگهي.“

## ماڻهن جو رشتيداريءَ بابت گناهه باسڻ

10 1 جنهن وقت عزرا خدا جي گهر اڳيان ڳوڏا کوڙي روئندي
دعا پئي گهري ۽ گناهه پئي باسيا، تنهن وقت هن جي
چوڌاري بني اسرائيل جي مردن، عورتن ۽ ٻارن جو هڪ وڏو ميڙ گڏ
ٿي ويو. اهي به زاروزار روئڻ لڳا. 2 تڏهن عيلام جي اولاد مان
سڪنياه ولد يحي‌ايل عزرا کي چيو ته ”اسان غير قومن جي عورتن
سان پرڻجي خدا جو گناهه ڪيو آهي. انهيءَ هوندي به بني اسرائيل
وارن کي اڃا تائين اميد آهي. 3 تنهنڪري هاڻي اچو ته پنهنجي
خدا سان هي عهد ڪريون ته اسين اهي سڀ زالون ۽ جيڪو اولاد
انهن مان ڄائو آهي سو تو اسان جي آقا ۽ جيڪي اسان جي خدا جي
حڪمن کان ڏڄن ٿا تن جي صلاح سان ڪيڏي ڇڏيون. اهو سمورو
ڪم شريعت موجب ڪيو وڃي. 4 تنهنڪري تون اٿ، ڇالاءِجو اهو
ڪم تنهنجي هٿ ۾ آهي. اسين تو سان گڏ آهيون. همت ڪر ۽ ائين
ڪري ڏيکار.“ 5 تڏهن عزرا اٿيو ۽ ڪاهنن، لاوين ۽ بني اسرائيل جي
سيني اڳواڻن کان قسم کڻايائين ته هو ائين ئي ڪندا. سو هنن اهڙو
قسم کنيو. 6 پوءِ عزرا خدا جي گهر وٽان روانو ٿيو ۽ يهوحانان ولد
الياسب جي ڪوٺيءَ ۾ رات رهيو. جيستائين هو اتي هو تيستائين نه
ڪجهه کاڌائين ۽ نه وري ڪجهه پيتائين، ڇالاءِجو هن جلاوطنيءَ
مان موٽي آيلن جي گناهه تي سوڳ پئي ڪيو.
7 پوءِ يروشلم بلڪ سڄي يهوداه ۾ سيني موٽي آيلن لاءِ اعلان
ڪيو ويو ته هو اچي يروشلم ۾ گڏ ٿين. 8 عملدارن ۽ اڳواڻن فيصلو
ڪيو ته جيڪو ٽن ڏينهن اندر اچي حاضر نه ٿيندو تنهن جي ساري
ملڪيت ضبط ڪئي ويندي ۽ کيس موٽي آيلن جي جماعت مان خارج
ڪيو ويندو.
9 تڏهن يهوداه ۽ بنيامين علائقن جا سڀيئي مرد ٽن ڏينهن جي
اندر نائين مهيني جي ويهين تاريخ تي يروشلم ۾ اچي گڏ ٿيا. اهي
سڀيئي ماڻهو خدا جي گهر اڳيان کليل ميدان ۾ ويٺا رهيا ۽ ان واقعي
۽ سخت برسات جي ڪري ڏاڍا ڏکيارا هئا. 10 تڏهن عزرا ڪاهن اٿي
بيٺو ۽ کين چوڻ لڳو ته ”اوهان ڌارين عورتن سان پرڻجي گناهه
ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح بني اسرائيل جي گناهن ۾ اضافو ڪيو اٿوَ.
11 هاڻي اوهان خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا اڳيان پنهنجا گناهه
باسيو ۽ سندس مرضيءَ مطابق هلو. ملڪ جي ٻين قومن کان ۽
ڌارين زالن کان پاڻ کي الڳ ڪريو.“ 12 تڏهن انهن ماڻهن وڏي آواز
سان ورندي ڏيئي چيو ته ”تون صحيح ٿو چوين! جيئن تون چوندين
تيئن ئي اسين ڪنداسين. 13 پر جيئن ته هتي ماڻهو تمام گهڻا آهن ۽
برسات پيئي پوي، تنهنڪري اسين ٻاهر بيهي نه ٿا سگهون. ٻيو ته
اهو ڪم هڪڙي يا ٻن ڏينهن جو ناهي، ڇالاءِجو انهيءَ معاملي جي
ڪري اسان ڏوهارين جو انگ گهڻو آهي. 14 تنهنڪري اسان سيني

12:9 خر 34:11–16، شر 7:1–5

جي ترجماني اسان جا اڳواڻ ڪن. پوءِ اسان مان جن جن ماڻھن
ڌاريون عورتون پرڻيون آھن، سي مقرر ڪيل وقت تي اچن ۽ انھن
سان پنھنجي پنھنجي شھر جا اڳواڻ ۽ جج بہ ساڻ ھجن. اھڙيءَ
طرح ھن معاملي جي ڪري خدا جي جيڪا ڪاوڙ اسان تي آھي سا
ٽري ويندي.“ 15 مسلام ۽ سبتي لاويءَ جي حمايت سان يونتن ولد
عساھيل ۽ يحازياہ ولد تقوہ انھيءَ ڳالھہ جي مخالفت ڪئي. انھن
ڪان سواءِ ٻين سڀني اھا رٿ قبول ڪئي.
16 اھڙيءَ طرح جلاوطنيءَ مان موٽي آيلن ائين ئي ڪيو جيئن رٿ
ڏني ويئي ھئي. عزرا ڪاھن گھراڻن جي ڪن وڏن کي سندن گھراڻن
مطابق نالي وار چونڊيو. اُھي ان معاملي جي جاچ ڪرڻ لاءِ ڏھين
مھيني جي پھرين تاريخ تي اچي گڏ ٿيا. 17 پھرين مھيني جي پھرين
تاريخ تائين انھن سڀني ماڻھن جي فھرست تيار ڪئي جن ڌاريون
عورتون پرڻيون ھيون.

## رشتيداريءَ جي ڏي وٺ جا ڏوھدار

18 ڪاھنن مان جن ڌاريون عورتون پرڻيون ھيون سي ھي ھئا: يشوع
ولد يوصدق جي ڀائرن ۽ اولاد مان معسياہ، اليعزر، يارب ۽ گدلياہ.
19 انھن پڪو واعدو ڪيو تہ ھو پنھنجون زالون ڪڍي ڇڏيندا ۽
پنھنجي انھيءَ گناھہ لاءِ انھن مان ھر ھڪ پنھنجي ڌڻ مان ھڪ
گھٽو قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪندو. 20 ڪاھنن
مان ھي بہ ھئا: امير جي اولاد مان حناني ۽ زبدياہ، 21 حارم جي
اولاد مان معسياہ، ايلياہ، سمعياہ، يحيايل ۽ عُزياہ، 22 فشحور جي
اولاد مان اليوعيني، معسياہ، اسماعيل، نتنيايل، يوزباد ۽ اِلعسہ.

23 لاوين مان ھي ھئا: يوزباد، شمعي، قلاياہ عرف قليتاہ، فتحياہ،
يھوداہ ۽ اليعزر.
24 ھيڪل جي ڳائڻن مان ھي ھو: الياسب.
ھيڪل جي دربانن مان ھي ھئا: سلوم، طلم ۽ اُوري.
25 باقي ٻين بني اسرائيل مان ھي ھئا: پرعوس جي اولاد مان
رمعياہ، يزياہ، ملڪياہ، ميامين، اليعزر، ملڪياہ ۽ بناياہ، 26 عيلام
جي اولاد مان متنياہ، زڪرياہ، يحيايل، عبدي، يريموت ۽ ايلياہ،
27 زتوءَ جي اولاد مان اليوعيني، الياسب، متنياہ، يريموت، زاباد
۽ عزيزا 28 ببئيءَ جي اولاد مان يھوحانان، حننياہ، زبي ۽ عطلي،
29 بانيءَ جي اولاد مان مسلام، ملوڪ، عداياہ، ياسوب، سيال
۽ يراموت، 30 پخت موآب جي اولاد مان عدنان، ڪلال، بناياہ،
معسياہ، متنياہ، بضلي‌ايل، بنوي ۽ منسي، 31 حارم جي اولاد
مان اليعزر، يشياہ، ملڪياہ، سمعياہ، شمعون، 32 بنيامين، ملوڪ
۽ سمرياہ، 33 حاشوم جي اولاد مان متنئي، متتياہ، زاباد، اليفلط،
يريمي، منسي ۽ شمعي، 34 بانيءَ جي اولاد مان معدئي، عمرام،
اُوايل، 35 بناياہ، بدياہ، ڪلُوہ، 36 وَنياہ، مريموت، الياسب، 37 متنياہ،
متنئي ۽ يعسو، 38 بنويءَ جي اولاد مان شمعي، 39 سلمياہ، ناتن،
عداياہ، 40 مڪندبي، ساسي، ساري، 41 عزرئيل، سلمياہ، سرمياہ،
42 سلوم، امرياہ ۽ يوسف، 43 نبوءَ جي اولاد مان يعي‌ايل، متتياہ،
زاباد، زبينا، يدو، يوايل ۽ بناياہ.
44 اھي سڀئي ڌاريون عورتون پرڻيا ھئا. سو ھنن انھن عورتن کي
سندن اولاد سميت گھران ڪڍي ڇڏيو.

# نحمياه

## نحمياه گورنر جو ڪتاب

### تعارف

”نحمياه“ نالي هن مقدس ڪتاب کي هيٺين ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: 1. فارس جي شهنشاهہ ارتخششتا پاران نحمياه کي يهوداه تي گورنر مقرر ڪرڻ، نحمياه جي اڳواڻيءَ ۾ يروشلم شهر جي پٽين جي نئين سر اڏاوت ۽ سندس رهنمائيءَ هيٺ ماڻهن جي مذهبي ۽ سماجي زندگيءَ جو ٻيهر بحال ٿيڻ. 2. عزرا جو مؤثر طريقي سان ماڻهن کي خدا جي شريعت مان پڙهي ٻڌائڻ ۽ ماڻهن جو گناهہ باسڻ. 3. نحمياه جا يهوداه جي گورنر جي حيثيت ۾ ٻيا ڪم ڪرڻ.

هن ڪتاب جون ٻہ اهم ڳالهيون نحمياه جو خدا تي مڪمل ڀروسو ۽ سندس خدا کان اڪثر دعا گهرڻ آهن.

### سِٽاءُ

نحمياه جي يروشلم ڏانهن واپسي 1:1–20:2
يروشلم جي پٽين جي اڏاوت 1:3–73:7
شريعت مان پڙهي ٻڌائڻ ۽ عهد جي تجديد ڪرڻ 1:8–39:10
نحمياه جا ٻيا ڪم 1:11–31:13

---

### نحمياه جي دعا

1 (1) هي نحمياه ولد حڪلياه جون ڳالهيون آهن.
فارس جي بادشاهہ ارتخششتا جي شهنشاهيءَ جي ويهين سال
جي ڪِسليوِ واري مهيني ۾، جڏهن آءٌ نحمياه عيلام صوبي جي
گاديءَ واري شهر سوسن جي قلعي ۾ هوس، (2) تڏهن منهنجي ڀائرن
مان حناني نالي هڪ ڀاءُ ڪن ٻين ماڻهن سان گڏجي يهوداه ملڪ مان
آيو. مون انهن کان يروشلم ۽ انهن يهودين بابت پڇا ڪئي، جيڪي
بابل ڏانهن جلاوطن ٿيڻ کان بچي ويا هئا. (3) انهن مون کي ٻڌايو تہ
”جيڪي بابل ڏانهن جلاوطن ٿيڻ کان بچي ويا هئا، سي ڏاڍي ڏک
۽ ذلت ۾ آهن. يروشلم جون پٽيون اجا ڀڳل آهن ۽ سندس دروازا اجا
سڙيل آهن.“
(4) جڏهن مون اهي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن ويهي روئڻ لڳس.
ڪيترائي ڏينهن آءٌ روئندو رڙندو رهيس ۽ ڪجهہ بہ ڪاڌم پيتم
ڪونہ. مون خداوند، عرش عظيم جي خدا کان دعا گهري تہ (5) ”اي
خداوند خدا! عظيم ۽ هيبت وارا خدا! تون انهن سان پنهنجو عهد
قائم رکندي ساڻن لافاني شفقت ٿو ڪرين، جيڪي تو سان محبت
ٿا ڪن ۽ تنهنجي فرمانبرداري ڪن ٿا. (6) اي منهنجا خداوند! مون
تي پنهنجي رحم جي نظر ڪر ۽ ڪن ڏيئي منهنجي دعا ٻڌ، جيڪا
آءٌ ڏينهن رات تنهنجي ٻانهن بني اسرائيل لاءِ گهرندو ٿو رهان.
آءٌ پنهنجي طرفان، پنهنجي پيءُ جي گهراڻي طرفان ۽ بني اسرائيل
جي طرفان اهي گناهہ باسيان ٿو، جيڪي اسان ڪيا آهن. (7) اسان
تنهنجي خلاف ڏاڍي خراب هلت ڪئي آهي ۽ جيڪي حڪم ۽ قاعدا
قانون تو پنهنجي ٻانهي موسيٰ جي معرفت ڏنا هئا تن جي بجاآوري
نہ ڪئي اٿئون. (8) جيڪو ڪلام تو پنهنجي ٻانهي موسيٰ سان ڪيو
هو، سو ياد ڪر. تو چيو هو تہ ’جيڪڏهن اوهان بني اسرائيل گناهہ
ڪندا تہ آءٌ اوهان کي غير قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏي ڏيندس. (9) پر
جيڪڏهن اوهين مون آڏو توبهہ‌تائب ٿيندا ۽ منهنجي حڪمن تي عمل
ڪندا تہ پوءِ جيڪي اوهان مان توڙي جو ڌرتيءَ جي آخري ڇيڙي تي
بہ جلاوطن ٿي ويا هوندا تہ آءٌ انهن کي اتان آڻي انهيءَ هنڌ گڏ
ڪندس، جيڪو هنڌ مون پنهنجي نالي قائم ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي.‘
(10) سو، اي خداوند! اهي تنهنجا ٻانها ۽ تنهنجي ئي قوم آهن، جن
کي تو پنهنجي وڏي طاقت ۽ پنهنجي زورآور هٿ سان ڇڏايو آهي.
(11) تنهنڪري تون پنهنجي هن ٻانهي جي دعا ٻڌ ۽ پنهنجي انهن
ٻانهن جي دعا ڏانهن بہ ڪن ڏي، جيڪي تنهنجي نالي جي تعظيم


---

8:1 لاو 33:26   9:1 شر 30:1–5

کري خوش ٿيندا آهن. مهرباني ڪري هاڻي مون کي ڪامياب ڪر
۽ بادشاهہ جي دل ۾ منهنجي لاءِ رحم وجهہ."
تن ڏينهن ۾ آءٌ بادشاهہ جو ساقي هوس.

## نحمياه جو يروشلم ڏانهن وڃڻ

2 1 چئن مهينن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن جڏهن بادشاهہ جي اڳيان
مئي آندي ويئي، تڏهن مون مئي کڻي بادشاهہ کي ڏني. ان کان
اڳ هن مون کي ڪڏهن بہ غمگين نہ ڏٺو هو، 2 تڏهن بادشاهہ مون
کان پڇيو تہ "تنهنجو منهن ايترو لٿل ڇو آهي، جڏهن تہ تون بيمار
بہ نہ آهين؟ اهو دل جي ڏک کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي."
تڏهن آءٌ ڏڄي ويس. 3 پر مون بادشاهہ کي چيو تہ "بادشاهہ
سلامت! منهنجو منهن ڇو نہ لٿل هجي، جڏهن تہ اهو شهر جنهن
۾ منهنجا ابا ڏاڏا دفن ٿيل آهن، سو ويران ڪيو ويو آهي ۽ ان
جا دروازا ساڙيا ويا آهن؟" 4 تنهن تي بادشاهہ مون کي چيو تہ
"تنهنجي انهيءَ چوڻ جو مطلب ڇا آهي؟"




3:2 2.با 8:25–10، 2.توا 19:36، ير 12:52–14

تڏهن مون عرش عظيم جي خدا کان دعا گهري 5 ۽ بادشاهہ کي
وراڻيم تہ ”جيڪڏهن اوهان جي مرضي هجي ۽ جيڪڏهن پنهنجي ٻِن
ٻانهي تي اوهان جي مهربانيءَ جي نظر آهي تہ مون کي موڪل ڏيو
تہ آءٌ يهوداه جي ان شهر ڏانهن وڃان جتي منهنجا ابا ڏاڏا دفن ٿيل
آهن تہ جيئن آءٌ اهو وري تعمير ڪرائي سگهان.“ 6 تڏهن بادشاهہ،
جنهن جي پر ۾ سندس راڻي بہ ويٺل هئي، تنهن منهنجو عرض قبول
ڪري مون کان پڇيو تہ ”تنهنجو سفر ڪيترن ڏينهن جو ٿيندو ۽
ڪڏهن موٽي ايندين؟“ پوءِ مون کيس پنهنجي سفر جا ڏينهن ٻڌايا.
7 مون کيس اهو بہ چيو تہ ”اي بادشاهہ سلامت! مهرباني فرمائي
مون کي *الهندي فرات نديءَ جي صوبي وارن گورنرن ڏانهن فرمان
لکي ڏيو تہ جيئن هو مون کي راهداري ڏين، تان جو آءٌ وڃي يهوداه
۾ پهچان. 8 هڪڙو فرمان مون کي شاهي ٻيلي جي رکوالي آسف
ڏانهن بہ لکي ڏنو وڃي، تہ هو مون کي عمارتي ڪاٺ ڏئي، تہ
جيئن خداوند جي گهر جي پر واري قلعي ۽ ڪوٽ جون پٽيون ۽ دروازا
۽ جنهن گهر ۾ آءٌ رهندس تنهن جا دروازا ۽ ٻيو سامان ٺهرايان.“
جيئن تہ منهنجي خدا جو مون تي مهربانيءَ جو هٿ هو، تنهنڪري
بادشاهہ منهنجا سڀئي عرض قبول ڪيا.
9 تڏهن آءٌ الهندي فرات نديءَ جي صوبن وارن گورنرن وٽ ويس
۽ کين بادشاهہ جا فرمان ڏنم. بادشاهہ مون سان گڏ پنهنجي لشڪر
جا ڪجهہ سالار ۽ گهوڙي سوار پڻ موڪليا هئا. 10 جڏهن سنبلط
حوروني ۽ طوبياه نالي هڪ عموني عملدار اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن
هو ڏاڍا رنج ٿيا، ڇالاءِجو ڪو ماڻهو بني اسرائيل جي ڀلائيءَ لاءِ آيو
آهي.

## پٽين جو معائنو

11 پوءِ آءٌ يروشلم شهر ۾ ويس ۽ اتي ٽي ڏينهن ترسڻ کان پوءِ
12 رات جو ڪجهہ ماڻهن سان گڏجي اتان نڪتس. مون ڪنهن بہ
ماڻهوءَ کي نہ ٻڌايو تہ خدا منهنجيءَ دل ۾ يروشلم بابت ڇا وڌو
آهي. جنهن وهٽ تي آءٌ چڙهيل هوس، تنهن کان سواءِ اسان کي ٻيو
ڪو وهٽ ڪونہ هو. 13 آءٌ رات جو شهر جي الهندي ماٿريءَ واري
دروازي کان نڪري ٻاهر ڏکڻ طرف ازدها واري چشمي ۽ گند واري
دروازي ڏانهن ويس. اتي مون ڏٺو تہ يروشلم شهر جون پٽيون پڳهيون
۽ ڊٺيون پيون هيون ۽ دروازا پڻ سڙيل هئا. 14 پوءِ آءٌ شهر جي اوپر
۾ چشمي واري دروازي ڏانهن ويس ۽ اڳتي هلي وري بادشاهہ واري
تلاءَ ڏانهن اتر طرف وڌي ويس، پر جنهن وهٽ تي آءٌ سوار هوس
تنهن جي لنگهڻ جي جاءِ اتان ڪانہ هئي. 15 تنهنڪري آءٌ اتان پٽين
جو معائنو ڪندو قدرون جي برساتي نهر وٽ لهي ويس. آخرڪار،
آءٌ اتان ٿي موٽي اچي ماٿريءَ واري دروازي کان شهر ۾ داخل ٿيس.

16 اڳواڻن کي اها خبر ئي ڪانہ پيئي تہ آءٌ ڪيڏانهن ڪيڏانهن
ويو هوس ۽ ڇا ڇا پئي ڪيم، ڇاڪاڻتہ اڃا تائين مون يهودين يعني
ڪاهنن، اميرن، اڳواڻن يا ڪن ٻين ماڻهن جن کي ڪم ۾ حصو وٺڻو
هو تن مان ڪنهن کي بہ ڪين ٻڌايو هو. 17 پوءِ مون هنن کي ٻڌايو
تہ ”اوهين ڏسو ٿا تہ اسان جو ڪهڙو حال ٿي ويو آهي. يروشلم
ويران ٿيو پيو آهي ۽ ان جا دروازا سڙيا پيا آهن. سو اچو تہ يروشلم
جون پٽيون وري تعمير ڪريون تہ جيئن اسين وڌيڪ خوار خراب نہ
ٿيون.“ 18 مون هنن کي اهو بہ ٻڌايو تہ منهنجي خدا جي مهربانيءَ
جو هٿ مون تي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ بادشاهہ مون کي چيو هو سو
بہ کين ٻڌايم. تڏهن هنن وراڻيو تہ ”اچو تہ انهيءَ کي وري تعمير
ڪريون.“ اهڙيءَ طرح هو ان چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا.
19 پر جڏهن سنبلط حوروني، طوبياه ۽ گشم نالي هڪ عرب اها
ڳالهہ ٻڌي، تڏهن اسان تي کل ٺٺوليون ڪندي حقارت وچان اسان
کان پڇيائون تہ ”اهو ڪهڙو ڪم آهي، جيڪو اوهين ڪريو ٿا؟
اوهين شهنشاهہ جي خلاف بغاوت ڪندءُ ڇا؟“ 20 تڏهن مون هنن
کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”عرش عظيم جو خدا اسان کي ڪامياب
ڪندو. اسين سندس ٻانها وري تعمير جو ڪم شروع ڪنداسين، پر
اوهان جو يروشلم ۾ ڪوبہ حصو پتي ڪونهي، نڪي وري اوهان کي
ڪو حڪم يا مذهبي حق آهي.“

## يروشلم جي پٽين ۽ دروازن جي نئين سر تعمير

3 1 سردار ڪاهن الياسب پنهنجي ساٿي ڪاهنن سان گڏجي اتر
واري ڍڳ جو رڍن وارو دروازو وري تعمير ڪيو. هنن انهيءَ کي
وقف ڪيو ۽ انهيءَ ۾ طاق لڳايائون. هنن پٽ کي سؤ نالي ٺُلهہ
۽ حننايل ٺُلهہ تائين وقف ڪيو. 2 انهيءَ سان اولهہ طرف وارو
لاڳيتو حصو يريحو شهر جي ماڻهن تعمير ڪيو ۽ ان کان پوءِ وارو
حصو زڪور ولد اِمريءَ تعمير ڪيو.
3 مڇيءَ وارو دروازو هسناه جي پٽن تعمير ڪيو. هنن ان مٿان
سردر رکيا، طاق لڳايائون ۽ منجهس هڙڪيون ۽ گز لڳايائون. 4 ان
سان لاڳيتو حصو مريموت ولد اورياه ولد هقوص مرمت ڪيو. ان
سان لاڳيتو حصو مسلام ولد برڪياه ولد مشيزبيل مرمت ڪيو. ان
سان لاڳيتو حصو صدوق ولد بعنہ مرمت ڪيو. 5 ان سان لاڳيتو
حصو تقوع جي رهاڪن مرمت ڪيو، پر نگراني ڪندڙن جيڪو ڪم
اتان جي اميرن کي ڪرڻ لاءِ ڏنو، تن انهيءَ ڪم کان انڪار ڪيو.
6 يشانہ دروازي جي مرمت يهويدع ولد فاسخ ۽ مسلام ولد
بسودياه ڪئي. هنن انهيءَ مٿان سردر رکيا، طاق لڳايائون ۽ منجهس
هڙڪيون ۽ گز لڳايائون. 7 ان سان لاڳيتو حصو گبعون ۽ مصفاه
جي ماڻهن جي مدد سان ملطياه گبعونيءَ ۽ يدون ميرونوتيءَ مرمت
ڪيو. مصفاه ۾ الهندي فرات نديءَ جي صوبي جي گورنر جو دفتر

*الهندي فرات نديءَ جي صوبي وارن: فارس شهنشاهت جي ڏينهن ۾ يهوداه ملڪ کي فرات نديءَ جي الهندي علائقي واري صوبي ۾ شامل ڪيو ويو هو.

هو. 8 ان سان لاڳيتو حصو عزيئيل ولد حرهياه جيڪو سونارو هو،
تنهن مرمت ڪيو. ان سان لاڳيتو حصو حنانياه جيڪو عطرفروش
هو، تنهن ويڪري پٽ تائين مرمت ڪئي. 9 ان سان لاڳيتي حصي
جي مرمت جو ڪم رفاياه ولد حور ڪرايو، جيڪو يروشلم جي اڌ
ضلعي جو حاڪم هو. 10 ان جي لاڳيتي حصي جي مرمت جو ڪم
يداياه ولد حرومف ڪيو جيڪو سندس گهر جي ويجهو هو. ان سان
لاڳيتي حصي جي مرمت حطوش ولد حسبنياه ڪئي. 11 ملڪياه ولد
حارم ۽ حسوب ولد پخت موآب ان جي لاڳيتي حصي ۽ ڪورن واري
ٽُلهه جي مرمت ڪئي. 12 ان جي لاڳيتي حصي جي مرمت جو ڪم،
يروشلم جي ٻئي اڌ ضلعي جي حاڪم سلوم ولد هلوحيش پنهنجي
ڌيئرن جي مدد سان ڪيو.

13 ماٿريءَ واري دروازي جي نئين سر اڏاوت زنواح شهر جي
رهاڪن ۽ حنون گڏجي ڪئي. هنن انهيءَ ۾ طاق، هڙڪيون ۽ گز
وڌا. هنن گند واري دروازي تائين اٽڪل ساڍا چار سؤ ميٽر پٽ جي
مرمت بہ ڪئي. 14 گند واري دروازي جي نئين سر اڏاوت بيت‌هڪرم
جي ضلعي جي حاڪم ملڪياه ولد ريڪاب ڪرائي. هن انهيءَ ۾
طاق، هڙڪيون ۽ گز وجهرايا.

15 چشمي واري دروازي جي اڏاوت مصفاه ضلعي جي حاڪم
سلوم ولد ڪل‌حوزه ڪرائي. هن ان جي مٿان ڇت وجهرائي ۽ انهيءَ
۾ طاق، هڙڪيون ۽ گز بہ وجهرايا. هن بادشاهہ جي باغ کان وٺي
ويندي *دائود جي شهر واري ڏاڪڻ تائين شيلا جي تلاءَ واري پٽ
جي مرمت پڻ ڪرائي. 16 بيت‌سور جي اڌ ضلعي جي حاڪم نحمياه
ولد عزبوق ان جي لاڳيتي حصي جي ويندي دائود واري قبرستان،
تلاءَ ۽ باريڪن تائين تعمير ڪرائي.

## پٽين تي ڪم ڪندڙ لاوي

17 انهيءَ کان پوءِ هنن لاوين پڻ مرمت جو ڪم ڪيو. رحوم ولد
باني پر واري حصي جي مرمت ڪئي. انهيءَ کان پوءِ حسبياه، جيڪو
قعيلاه جي اڌ ضلعي جو حاڪم هو، تنهن پنهنجي ضلعي جي طرفان
پر واري حصي جي مرمت ڪرائي. 18 انهيءَ کان پوءِ بنوي ولد حنداد
جيڪو قعيلاه جي ٻئي اڌ ضلعي جو حاڪم هو، تنهن پر واري حصي
جي مرمت ڪرائي. 19 انهيءَ کان پوءِ عيزر ولد يشوع جيڪو مصفاه
جو حاڪم هو، تنهن اسلحہ‌خاني جي چاڙهيءَ جي سامهون کان وٺي
ويندي پٽ جي وراٽي تائين واري حصي جي مرمت ڪرائي. 20 انهيءَ
کان پوءِ باروڪ ولد زبي وراٽي کان وٺي الياسب سردار ڪاهن جي گهر
جي در تائين دل وَ جان سان پٽ جي حصي جي مرمت ڪئي. 21 انهيءَ
کان پوءِ سردار ڪاهن الياسب جي گهر جي دروازي کان وٺي سندس
گهر جي ڇيڙي تائين مريموت ولد اورياه ولد هقوص مرمت ڪئي.

## پٽين تي ڪم ڪندڙ ڪاهن

22 انهيءَ کان پوءِ آس‌پاس واري علائقي جي ڪاهنن مرمت جو
ڪم ڪيو. 23 تنهن کان پوءِ بنيامين ۽ حسوب پنهنجي گهر جي
سامهون واري حصي جي مرمت ڪئي. انهيءَ کان پوءِ عزرياه ولد
معسياه ولد عننياه پنهنجي گهر جي پر واري حصي جي مرمت ڪئي.
24 تنهن کان پوءِ بنوي ولد حنداد ٻئي حصي جي مرمت ڪئي، جيڪو
عزرياه جي گهر کان وٺي پٽ جي موڙ ۽ ڪنڊ تائين هو. 25 پٽ جي
موڙ جي سامهون واري حصي جي ۽ جيڪو ٽُلهه پهري وارن جي پڌر
جي پر ۾ بادشاهي محل جي مٿئين حصي کان نڪتل آهي، تنهن کان
وٺي فلال ولد اوزيءَ پٽ جي تعمير ڪئي. انهيءَ کان پوءِ فداياه ولد
پرعوس 26 ۽ خداوند جي گهر جا خدمتگار جيڪي عوفل ٽڪريءَ تي
رهندا هئا، تن اوڀر طرف پاڻيءَ واري دروازي ۽ ٻاهر نڪتل ٽُلهه جي
سامهون تائين پٽ جي تعمير ڪئي.

## پٽين تي ڪم ڪندڙ ٻيا ماڻهو

27 انهيءَ کان پوءِ تقوع جي رهاڪن ٻئي حصي جي مرمت ڪئي،
جيڪو ٻاهر نڪتل وڏي ٽُلهه جي سامهون عوفل جي پٽ تائين هو.
28 گهوڙن واري دروازي جي اتر طرف کان ڪاهنن پنهنجي پنهنجي
گهر جي سامهون واري حصي جي مرمت ڪئي. 29 انهن کان پوءِ
صدوق ولد امير پنهنجي گهر جي سامهون واري حصي جي مرمت
ڪئي. تنهن کان پوءِ سمعياه ولد سڪنياه مرمت ڪئي، جيڪو اڀرندي
واري دروازي جو رکوالو هو. 30 انهيءَ کان پوءِ حنانياه ولد سلمياه ۽
حنون جيڪو صلف جو ڇهون پٽ هو، تن گڏجي ٻئي حصي جي مرمت
ڪئي. تنهن کان پوءِ مسلام ولد برڪياه پنهنجي گهر جي سامهون
واري حصي جي مرمت ڪئي. 31 انهيءَ کان پوءِ ملڪياه نالي هڪڙي
سوناري فوجي حاضريءَ واري دروازي جي سامهون واپارين ۽ خداوند
جي گهر جي خدمتگارن جي رهائش‌گاهہ تائين ۽ ڪنڊ واري برج تائين
پٽ جي حصي جي مرمت ڪئي. 32 انهيءَ ڪنڊ واري برج کان رڍن
واري دروازي جي وچ واري حصي جي مرمت سونارن ۽ واپارين ڪئي.

## پٽين جي تعمير جي مخالفت

4 1 جڏهن سنبلط ٻڌو تہ اسين پٽين جي نئين سر تعمير ٿا ڪريون،
تڏهن هو تپي باهہ ٿي ويو ۽ اسان يهودين تي ٺٺوليون ڪرڻ
لڳو. 2 هو پنهنجي ساٿين ۽ سامريہ جي فوج اڳيان چوڻ لڳو تہ
”هي ڪمزور يهودي ڇا ٿا ڪن؟ هو پاڻ تہ اهي پٽيون ٺاهي نہ ٿا
سگهن. انهيءَ لاءِ هو قربانيون پيش ڪندا ڇا؟ هي تعمير جو ڪم
هڪڙي ئي ڏينهن ۾ پورو ٿي ويندو ڇا؟ ڪچري جي ڍير ۾ جيڪي پٿر
سڙي ويا آهن، هو تن کي وري جوڙي استعمال ڪندا ڇا؟“ 3 تنهن

*دائود جي شهر: يعني اصلي يروشلم.

تي طوبياه عموني جيڪو سندس پر ۾ بيٺو هو تنهن چيو تہ “هي
جيڪي ڪجهہ ٺاهين پيا، تنهن تي جيڪڏهن ڪو لومڙ چڙهي وڃي
تہ اهو ان کي ڪيرائي وجهندو.”
4 تڏهن مون دعا گهري تہ “اي اسان جا خدا! اسان جي ٻڌ،
ڇالاءِجو اسان کي ڌڪاريو پيو وڃي. تون انهن جي ملامت ڦيرائي
سندن ئي مٿان وِجهہ. لٽ ڦر واري مال طور کين انهيءَ ملڪ جي
حوالي ڪري ڇڏ جنهن ۾ هو غلام ٿي گذارين. 5 هنن جي بڇڙائيءَ
کي نہ بخش، نہ وري هنن جا گناهہ ميٽي ڇڏ، ڇالاءِجو هو پٽين
ٺاهڻ وارن کي گهٽ وڌ ٿا ڳالهائين.”
6 سو اسان پٽيون وري تعمير ڪندا رهياسون، تان جو اهي اڌ
اوچائيءَ تائين پهچي ويون، ڇالاءِجو سڀني ماڻهن دل وَ جان سان
پئي ڪم ڪيو. 7 پر جڏهن سنبلط، طوبياه ۽ ڏکڻ وارن عربن، اوپر
وارن عمونين ۽ اولهہ وارن اشدودين ٻڌو تہ يروشلم جي پٽين جي
مرمت ٿيندي پئي وڃي ۽ انهيءَ جا ڀرڳهل بند ٿي ويا آهن، تڏهن
هو ڏاڍا ڪاوڙيا. 8 هنن سڀني گڏجي سازش تيار ڪئي تہ “اچو تہ
يروشلم وارن سان وڙهون ۽ شهر ۾ وڳوڙ وجهون.” 9 تنهن تي اسان
پنهنجي خدا کان دعا گهري ۽ ان سازش سان منهن ڏيڻ لاءِ ڏينهن
رات پهرو بيهاريوسين.
10 انهيءَ دوران اسان يهودين مان ڪي ماڻهو مايوس ٿي چوڻ لڳا
تہ

“مٽي کڻڻ وارن مان طاقت ڇڏائي ويئي آهي،
۽ مٽيءَ جو ڍير بہ اجا گهڻو پيو آهي،
سو اسين پٽيون ٺاهي نہ ٿا سگهون.”

11 اسان جا دشمن پڻ چوندا رهيا تہ “انهيءَ کان اڳ جو هنن کي
ڪا خبر پئجي وڃي ۽ ڄاڻي وٺن، اسين منجهن پهچي وينداسين ۽
کين ماري ڇڏينداسين. اهڙيءَ طرح سندن ڪم رڪجي ويندو.” 12 پر
جيڪي يهودي انهن جي آس‌پاس رهندا هئا، سي وقت بوقت اچي
اسان کي ٻڌائيندا رهيا تہ “اوهان جا دشمن اوهان تي حملي ڪرڻ جي
سازش ڪري رهيا آهن.” 13 تنهنڪري مون پٽين جي رهيل وڇوٽين
وٽ هيٺاهين ۽ ڪليل جاين تي، ماڻهن کي تلوارن، تيرڪمانن ۽ نيزن
سان سندن قبيلن موجب بيهاري ڇڏيو. 14 مون نظرداري ڪندي ڏٺو
تہ ماڻهو پريشان آهن. سو مون اميرن، اڳواڻن ۽ باقي ٻي خلق کي
چيو تہ “دشمنن کان نہ ڊڄو. ڌڻيءَ کي ياد ڪريو جيڪو عظيم
۽ هيبت وارو آهي ۽ پنهنجن ڀائرن، پنهنجن پٽن، پنهنجين ڌيئرن،
پنهنجين زالن ۽ پنهنجن گهرن لاءِ وڙهو.”
15 جڏهن اسان جي دشمنن ٻڌو تہ اسان کي سندن سازش جو پتو
پئجي ويو آهي، تڏهن سمجهيائون تہ خدا سندن سازش کي ناڪام
ٻڻائي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح اسين سڀ وري پنهنجي پنهنجي ڪم
تي لڳي وياسين.
16–17 انهيءَ ڏينهن کان وٺي منهنجا اڌ ماڻهو ڪم ڪندا هئا،
جڏهن تہ ٻيا اڌ ماڻهو نيزا، ڍالون، تيرڪمان کنيو ۽ زرهون پايو بيٺا
هوندا هئا ۽ جن پٽين تي ڪم پئي ڪيو تن جي نگراني ڪندڙ سندن
همٿ افزائي ڪرڻ لاءِ بيٺا هوندا هئا. جن سامان پئي ڍوئيو، تن
هڪڙي هٿ سان ڪم پئي ڪيو ۽ ٻئي هٿ ۾ پنهنجو هٿيار ٿي کنيو.
18 ڪم دوران هر هڪ رازي جي چيلهہ سان تلوار ٻڌل هئي. نفيل
وڄائڻ تي مقرر ماڻهو هميشہ منهنجي پر ۾ بيٺو رهندو هو. 19 مون
اميرن، اڳواڻن ۽ باقي ٻين ماڻهن کي چيو تہ “ڪم وڏو ۽ جيڏانهن
تيڏانهن پکڙيل آهي ۽ اسين هڪ ٻئي کان گهڻو پري پري جدا ٿيا بيٺا
آهيون. 20 تنهنڪري جنهن هنڌان اوهين نفيل جو آواز ٻڌو اتان اسان
وٽ اچي گڏ ٿيو. اسان جو خدا اسان جي پاران جنگ ڪندو.”
21 اهڙيءَ طرح اسان ڪم جاري رکيو ۽ انهيءَ دوران اسان مان اڌ
ماڻهو پرهہ ڦٽيءَ کان وٺي سج لٿي اوندهہ ٿيڻ تائين هٿيار کنيو بيٺا
هوندا هئا. 22 انهيءَ وقت مون ماڻهن کي ائين بہ چئي ڇڏيو هو تہ
سڀيئي ماڻهو پنهنجي مزورن سان گڏ يروشلم ۾ رهن، تہ جيئن رات
جو اهي اسان تي پهرو ڏيئي سگهن ۽ ڏينهن جو ڪم ڪن. 23 سو
مون، منهنجي ڀائرن، منهنجي نوڪرن ۽ مون سان گڏ پهري وارن
پنهنجا ڪپڙا ئي نہ بدلايا ۽ هر ڪنهن کي هٿ ۾ هٿيار هئا.

## غريبن سان ظلم

5 1 پوءِ ڪيترائي مرد ۽ سندن زالون پنهنجن ڪن يهودين خلاف
ڏاڍيون دانهون ڪرڻ لڳا. 2 ڪن چيو پئي تہ “اسين، اسان جا
پٽ ۽ اسان جون ڌيئرون پاڻ ۾ گهڻا ئي آهيون، سو پنهنجي کائڻ ۽
جيئري رهڻ واسطي اسان کي اناج ملڻ گهرجي.” 3 ٻين چيو پئي تہ
“اسين پنهنجون ٻنيون، پنهنجا انگورن جا باغ ۽ پنهنجا گهر گروي
ٿا رکون، تہ جيئن ڏڪار دوران اناج وٺي سگهون.” 4 اجا ٻين بہ چيو
پئي تہ “اسان پنهنجين ٻنين ۽ انگورن جي باغن جي ڍل شهنشاهہ
کي ڏيڻ لاءِ پيسا اڌارا ورتا آهن. 5 جيتوڻيڪ اسين پنهنجي هم‌وطنن
جو هڏ رت آهيون ۽ اسان جا ٻار بہ هنن جي ٻارن جهڙا آهن، تنهن
هوندي بہ اسان کي پنهنجا پٽ ۽ پنهنجون ڌيئرون غلاميءَ ۾ ڏيڻيون
ٿيون پون. اسان جون ڪي ڌيئر تہ اڳي ئي غلاميءَ ۾ آهن، پر کين
ڇڏائڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي، ڇوجو اسان جون ٻنيون ۽ اسان
جا انگورن جا باغ ٻين جي حوالي آهن.”
6 سو جڏهن مون انهن جي واءِويلا ۽ اهي شڪايتون ٻڌيون، تڏهن
مون کي ڏاڍو رنج پهتو. 7 مون انهن ڳالهين تي پنهنجيءَ دل ۾
ويچار ڪيو ۽ پوءِ اميرن ۽ اڳواڻن کي تنبيهہ ڪندي چيم تہ “اوهان
مان هر ڪو پنهنجي هم‌وطنن جي ملڪيت گروي ٿو رکي.” سو

---

7:5 خر 25:22، لاو 25:35–37، شر 23:19–20

مون هڪ وڏي عام گڏجاڻي ڪوٺائي ته جيئن هنن سان منهن ڏجي.
8 مون کين چيو ته ”جيتري قدر ٿي سگهيو آهي ته اسان پنهنجن
ڪن يهودين کي پيسن سان ڇڏايو آهي، جيڪي غير قومن وٽ وڪيا
ويا هئا. هاڻ وري اوهين کين پاڻ وٽ گروي رکڻ ٿا گهرو.“ تڏهن
هنن ڪٿي ماٺ ڪئي ۽ هڪڙو لفظ به نه ڪڇيائون.
9 مون کين وڌيڪ چيو ته ”جيڪي اوهين ڪريو ٿا، سو ٺيڪ ناهي.
اوهان کي خدا جو خوف ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان جون دشمن غير
قومون اسان تي ملامت نه ڪن. 10 آءٌ، منهنجا ڀائر ۽ منهنجا ماڻهو
به ٻين کي وياج تي پئسا ۽ ان ڏيون ٿا. پر اچو ته اسين وياج ڪائڻ
بند ڪريون. 11 بلڪ مهرباني ڪري اڄ جو اڄ اوهين هنن کي سندن
ٻنيون، انگورن ۽ زيتونن جا باغ ۽ سندن گهر موٽائي ڏيو. اوهين کين
سندن پيسا، اناج، مئي ۽ زيتون جو تيل پڻ موٽائي ڏيو، جيڪي اوهان
ڪائڻ وياج طور اُڳاڙيا آهن.“
12 تڏهن هنن چيو ته ”اسين اهي موٽائي ڏينداسين. اسين هنن کان
وڌيڪ ڪجهه به نه گهرنداسين. جيئن تون چوين ٿو تيئن ئي اسين
ڪنداسين.“ پوءِ مون ڪاهنن کي گهرايو ۽ اميرن ۽ اڳواڻن کان قسم
کڻايم ته هنن جيڪو واعدو ڪيو آهي سو پورو ڪندا. 13 تڏهن مون
پنهنجي جهول ڇنڊينديءَ هيئن چيو ته ”شل خداوند هن طرح هر انهيءَ
ماڻهوءَ کي پنهنجي گهر کان ۽ پنهنجي ملڪيت کان ڇنڊي اڇلائي
ڇڏي، جيڪو پنهنجي واعدي تي پورو نه رهي.“ تنهن تي اتي گڏ
ٿيل سڀني ماڻهن ”آمين“ چيو. ان کان پوءِ هو خداوند جي واکاڻ ڪرڻ
لڳا. سو انهن سڀني ماڻهن ائين ئي ڪيو، جيئن واعدو ڪيو هئائون.

## نحمياه جي سخاوت

14 پوءِ جنهن ڏينهن کان آءٌ يهوداه علائقي جو گورنر مقرر ڪيو
ويس، يعني ارتخشتا شهنشاهه جي شاهيءَ جي ويهين سال کان
ٻٽيهين سال تائين، انهن ٻارهن سالن ۾ مون ۽ منهنجي مٽن مائٽن
ڪڏهن به سرڪاري ماني کين کاڌي. 15 پر مون کان اڳ وارا گورنر
عوام تي ڳرو بوجهه هئا ۽ کائڻ روزاني جي ڪاڌي پيتي لاءِ *چانديءَ
جا چاليهه سڪا وٺندا هئا، بلڪ انهن جا نوڪر به عوام تي صاحبي
هلائيندا هئا. پر مون خدا جي ڊپ کان ائين نه ڪيو. 16 اسان مان
ڪنهن کي به ڪا زمين وغيره حاصل ڪرڻ جي لالچ ڪا نه هئي.
اٽلندو، آءٌ پاڻ ۽ منهنجا سڀيئي ساٿي انهيءَ هنڌ گڏ ٿي ڀتين جي
ڪم تي لڳي وياسون. 17 ان جي باوجود، آس‌پاس جي قومن مان
اسان وٽ ايندڙ ماڻهن کان علاوه ڏيڍ سؤ يهودي ۽ سندن اڳواڻ پڻ
منهنجي دسترخوان تي ماني کائيندا هئا. 18 هر روز آءٌ هڪ ڍڳو،
ڇهه پليل رڍون ۽ ڪجهه ڪڪڙيون کاڌي لاءِ تيار ڪرائيندو هوس ۽
هر ڏهين ڏينهن مئي جهجهي انداز ۾ مهيا ڪندو هوس. مون ڪڏهن
به گورنر جي حيثيت ۾ پنهنجي لاءِ سرڪاري کاڌي پيتي جي گهر
نه ڪئي، ڇاڪاڻ‌ته عوام تي اڳي ئي بار ڳرو هو.
19 تنهنڪري اي منهنجا خدا! جيڪي ڪجهه مون هن قوم لاءِ
ڪيو آهي، تنهن جي ڪري مون کي پنهنجي مهر سان ياد رکج.

## نحمياه خلاف سازش

6 1 سنبلط، طوبياه، گشم عربي ۽ اسان جي ٻين دشمنن کي خبر
پيئي ته مون ڀتيون نئين سر تعمير ڪرائي ڇڏيون آهن ۽ انهن جو
ڪوبه حصو ڀڳل رهجي نه ويو آهي، حالانڪ ان وقت تائين مون اڃا
دروازن ۾ طاق نه وجهرايا هئا. 2 تڏهن سنبلط ۽ گشم مون ڏانهن
هي پيغام موڪليو ته ”اچ ته اونو جي ميدان واري ڦلاڻي ڳوٺ ۾
ملاقات ڪريون.“ پر هنن مون کي نقصان پهچائڻ جو ارادو ڪيو هو.
3 سو مون هنن کي قاصدن جي هٿان هيئن چوائي موڪليو ته ”آءٌ
هڪڙي وڏي ڪم ۾ مصروف آهيان. تنهنڪري اچي نه ٿو سگهان.
جيڪڏهن آءٌ اوهان وٽ ايندس ته ڪم رڪجي ويندو.“ 4 هنن چار
دفعا مون ڏانهن ساڳيو ئي پيغام موڪليو ۽ مون به هر دفعي کين
ساڳيو ئي جواب ڏنو.
5 پوءِ سنبلط پنجين دفعي ساڳئي نموني پنهنجو هڪ نوڪر مون
ڏانهن موڪليو پر هن دفعي هن جي هٿ ۾ هڪڙو کليل خط هو،
6 جنهن ۾ لکيل هو ته ”گشم چوي ٿو ته قومن ۾ اها ڳالهه پڌري
ٿي ويئي آهي ته تون ۽ يهودي ماڻهو بغاوت ڪرڻ وارا آهيو، انهيءَ
ڪري ئي تون ڀتيون ٿو تعمير ڪرائين. انهيءَ کان سواءِ اهي به
اطلاع آهن ته تون بادشاهه بڻجڻ وارو آهين 7 ۽ تو پنهنجا نبي به
مقرر ڪيا آهن ته جيئن تنهنجي باري ۾ يروشلم ۾ اهڙو اعلان ڪن
ته 'يهوداه ۾ هڪڙو بادشاهه ٻڻيو آهي.' هاڻي اهو اطلاع شهنشاهه
تائين به پهچندو، تنهنڪري اچ ته گڏجي پاڻ ۾ صلاح ڪريون.“
8 تڏهن مون هن ڏانهن هيءَ ورندي ڏياري موڪلي ته ”جيڪي
ڳالهيون تون ڪرين ٿو، انهن ۾ ڪابه سچائي ڪانهي. تون اهي
ڳالهيون پاڻ ٿو ناهين پيو.“
9 اهي سڀيئي ڄاڻي‌ٻجهي اسان کي ڊيڄارين پيا ته جيئن اسين دل
شڪستا ٿي پئون ۽ اهو ڪم پورو نه ٿي سگهي. پر مون دعا گهري
ته ”اي خدا! تون مون کي همٿ ڏي.“
10 پوءِ هڪ ڏينهن آءٌ سمعياه ولد دلاياه ولد مهيطبيل جي گهر
ويس جيڪو گهر ۾ نظربند هو. هن مون کي چيو ته ”اچ ته خدا جي
گهر ۾ گڏ ٿي هيڪل جا دروازا بند ڪري ڇڏيون، ڇالاءِجو ماڻهو
تو کي قتل ڪرڻ ٿا گهرن. هائو، رات جو هو تو کي قتل ڪرڻ لاءِ
ايندا.“ 11 پر مون کيس چيو ته ”ڇا مون جهڙي ماڻهوءَ کي ڀڄڻ
گهرجي يا پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هيڪل اندر لڪڻ گهرجي؟ آءٌ نه
ڀڄندس ۽ نڪي لڪندس.“ 12 پوءِ آءٌ سمجهي ويس ته هن کي خدا

*چانديءَ جا چاليهه سڪا: يعني اڌ ڪلوگرام چاندي.

ائين نہ چيو آهي، پر هو اها پيشن‌گوئي منهنجي خلاف ان ڪري ٿو
ڪري جو طوبياہ ۽ سنبلط کيس لالچ ڏني آهي. 13 هن ڪي انهيءَ
لاءِ لالچ ڏني ويئي هئي تہ جيئن هو مون کي ڊيڄاري، تان‌تہ ائين
ڪرڻ سان آءٌ گنهگار ۽ بدنام ٿيان ۽ پوءِ هو مون تي ملامت ڪن.
14 تنهنڪري اي منهنجا خدا! طوبياہ ۽ سنبلط جي افعالن ڏانهن
ڌيان ڏي ۽ نبياٽي سڏائيندڙ نوعيدياہ ۽ ٻين نبي سڏائيندڙن ڏانهن بہ ڌيان ڏي،
جيڪي مون کي ڊيڄارڻ ٿا گهرن.

## ڀتين جي مرمت جي تڪميل

15 اهڙيءَ طرح ٻاونجاهہ ڏينهن ۾ الول مهيني جي پندرهين تاريخ
تي ڀتيون ٺهي راس ٿي ويون. 16 جڏهن اسان جي آس‌پاس رهندڙ
سيني دشمن قومن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن پنهنجي ئي نظرن ۾ ڪري
پيا ۽ همت هاري ويٺا، ڇالاءِجو هنن سمجهيو تہ اهو ڪم اسان جي
خدا جي مدد سان ٿيو آهي.
17 تن ڏينهن ۾ يهوداہ جا ڪيترائي امير طوبياہ ڏانهن خط
موڪليندا رهيا ۽ طوبياہ وٽان بہ وٽن ورندي ايندي رهندي هئي.
18 يهوداہ وارن مان گهڻن ئي هن سان قول اقرار ڪيا هئا، ڇالاءِجو
هو سڪنياہ ولد ارخ يهوديءَ جو ناٺي هو ۽ سندس پٽ يهوحانان
مسلام ولد برڪياہ جي ڌيءَ سان پرڻيل هو. 19 ان کان علاوه ماڻهو
منهنجي آڏو طوبياہ جي چڱن ڪمن جو بيان ڪندا رهندا هئا ۽
منهنجون ڳالهيون بہ کيس ٻڌائيندا رهندا هئا، جڏهن تہ طوبياہ مون
کي ڊيڄارڻ لاءِ خط موڪليندو رهندو هو.

## پهريدار مقرر ڪرڻ

7 1 جڏهن ڀتيون ٺهي راس ٿي ويون ۽ مون منجهن دروازا لڳرايا
۽ هيڪل ۾ دربان، ڳائڻا ۽ ٻيا لاوي مقرر ٿيا، 2 تڏهن مون
پنهنجي ڀاءُ حنانيءَ سان گڏ قلعي جي سالار حنانياہ کي پڻ يروشلم
جو نگران مقرر ڪيو، ڇالاءِجو حنانياہ هڪ ديانتدار ماڻهو هو ۽ گهڻن
ئي ماڻهن کان وڌيڪ خدا ترس هو. 3 مون ٻنهي کي چئي ڇڏيو تہ
”جيستائين سج نہ چڙهي اچي تيستائين يروشلم جا دروازا نہ کوليا
وڃن. پهريدار پڻ تيستائين پهري تي بيٺا رهن جيستائين دروازن جا
ڪڙا ۽ ڪلف ڪليل آهن. اوهين يروشلم جي رهاڪن مان پڻ پهريدار
مقرر ڪريو، جن مان ڪي چوڪين تي بيٺل هجن تہ ڪي پنهنجن
گهرن جي سامهون.“

## جلاوطنيءَ مان موٽندڙن جي فهرست

(عزرا 2:1–70)

4 يروشلم وڏو ۽ ڪشادو شهر هو، پر منجهس ماڻهو ٿورا رهندا
هئا ۽ گهر بہ اڃا نئين سر تعمير ڪونہ ٿيل هئا. 5 سو منهنجي خدا
منهنجي دل ۾ اها ڳالهہ وڌي تہ اميرن، اڳواڻن ۽ عام ماڻهن کي
هڪ هنڌ گڏ ڪريان، تہ جيئن گهراڻن موجب سندن فهرست تيار ڪئي
وڃي. سو جيڪي سڀ کان پهرين موٽيا هئا، تن جي نسب‌نامي جو
ڪتاب مون کي ملي ويو، جنهن ۾ هي لکيل هو.
6 بابل پرڳڻي جا ماڻهو جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا، جن جي
وڏن کي بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر قيد ڪري بابل ڏانهن وٺي
ويو هو سي سڀ يروشلم شهر ۽ سڄي يهوداہ ملڪ ۾ پنهنجن
پنهنجن ڳوٺن ۾ موٽي آيا. 7 اُهي زربابل، يشوع، نحمياہ، عزرياہ،
رعمياہ، نحماني، مردڪي، بِلشان، مسفرت، بگوي، نحوم ۽ بعنہ
جي اڳواڻيءَ ۾ آيا. بني اسرائيل جي انهن ماڻهن جو تعداد هن طرح
هو: 8 بني پرعُوس جا ٻہ هزار هڪ سؤ ٻاهتر ماڻهو هئا، 9 بني
سفطياہ جا ٽي سؤ ٻاهتر ماڻهو هئا، 10 بني ارخ جا ڇهہ سؤ ٻاونجاهہ
ماڻهو هئا، 11 بني پخت موآب جيڪي يشوع ۽ يوآب جي نسل مان
هئا، تن جا ٻہ هزار اٺ سؤ ارڙهن ماڻهو هئا، 12 بني عيلام جا هڪ
هزار ٻہ سؤ چوونجاهہ ماڻهو هئا، 13 بني زتوءَ جا اٺ سؤ پنجيتاليهہ
ماڻهو هئا، 14 بني زڪيءَ جا ست سؤ سٺ ماڻهو هئا، 15 بني بنويءَ
جا ڇهہ سؤ اٺيتاليهہ ماڻهو هئا، 16 بني ببئيءَ جا ڇهہ سؤ اٺاويهہ
ماڻهو هئا، 17 بني عزگاد جا ٻہ هزار ٽي سؤ ٻاويهہ ماڻهو هئا، 18 بني
ادونقام جا ڇهہ سؤ سٺهٺ ماڻهو هئا، 19 بني بِگويءَ جا ٻہ هزار
سٺهٺ ماڻهو هئا، 20 بني عدين جا ڇهہ سؤ پنجونجاهہ ماڻهو هئا،
21 بني اطير عرف حزقياہ جا اٺانوي ماڻهو هئا، 22 بني حشوم جا
ٽي سؤ اٺاويهہ ماڻهو هئا، 23 بني بضيءَ جا ٽي سؤ چوويهہ ماڻهو
هئا، 24 بني خارف جا هڪ سؤ ٻارهن ماڻهو هئا، 25 ۽ بني گبعون جا
پنجانوي ماڻهو هئا.
26 اهي ماڻهو جن جا وڏا هنن ننڍن وڏن شهرن ۾ رهندا هئا، تن جو
تعداد هن طرح هو: بيت‌لحم ۽ نطوفہ شهرن جا هڪ سؤ اٺاسي ماڻهو
هئا، 27 عنتوت شهر جا هڪ سؤ اٺاويهہ ماڻهو هئا، 28 بيت‌عزماوت
شهر جا ٻائيتاليهہ ماڻهو هئا، 29 قريت يعريم، ڪفيره ۽ بيروت شهرن
جا ست سؤ ٽيتاليهہ ماڻهو هئا، 30 رامہ ۽ گبع شهرن جا ڇهہ سؤ
ايڪيهہ ماڻهو هئا، 31 مڪماس شهر جا هڪ سؤ ٻاويهہ ماڻهو هئا،
32 بيت‌ايل ۽ عئي شهرن جا هڪ سؤ ٽيويهہ ماڻهو هئا، 33 ٻئي نبو
شهر جا ٻاونجاهہ ماڻهو هئا، 34 ٻئي عيلام شهر جا هڪ هزار ٻہ
سؤ چوونجاهہ ماڻهو هئا، 35 حارم شهر جا ٽي سؤ ويهہ ماڻهو هئا،
36 يريحو شهر جا ٽي سؤ پنجيتاليهہ ماڻهو هئا، 37 لود، حادِيد ۽ اونو
شهرن جا ست سؤ ايڪيهہ ماڻهو هئا، 38 ۽ سناآہ شهر جا ٽي هزار
نوَ سؤ ٽيهہ ماڻهو هئا.
39 ڪاهنن جا گهراڻا جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا، تن جي
ماڻهن جو تعداد هن طرح هو: يدعياہ جو اولاد يعني يشوع جي
گهراڻي جا نوَ سؤ ٽيهتر ماڻهو هئا، 40 اِمير جي گهراڻي جا هڪ هزار
ٻاونجاهہ ماڻهو هئا، 41 فشحور جي گهراڻي جا هڪ هزار ٻہ سؤ
سٺيتاليهہ ماڻهو هئا، 42 ۽ حارم جي گهراڻي جا هڪ هزار سترهن
ماڻهو هئا.

43 لاويءَ جا گهراڻا جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا، تن جي ماڻهن
جو تعداد هن طرح هو: هوداوياه جي نسل مان يشوع ۽ قدمي‌ايل جي
اولاد جا چوهتر ماڻهو هئا، 44 آسف جو اولاد جيڪي هيڪل جا ڳائڻا
هئا، تن جا هڪ سؤ انيتاليهه ماڻهو هئا، 45 ۽ بني سلوم، بني اِطير،
بني طلمون، بني عقوب، بني خطيطا ۽ بني سوبي جيڪي هيڪل جا
دربان هئا، تن جو تعداد هڪ سؤ اٺتيهه هو.

46 اهي گهراڻا جيڪي هيڪل جا خدمتگار هئا ۽ جلاوطنيءَ مان
موٽي آيا، سي هي هئا: بني ضيحا، بني حُسوفا، بني طبعوت،
47 بني قروس، بني سيحا، بني فدون، 48 بني لبانه، بني حجابه، بني
شلمي، 49 بني حنان، بني گِديل، بني گحر، 50 بني رآياه، بني رصين،
بني نقودا، 51 بني گزام، بني عزا، بني فاسيح، 52 بني بسي، بني
معونيم، بني نفوشسيم، 53 بني بقبوق، بني حقوفا، بني حرحور،
54 بني بضليت، بني محِيدا، بني حرشا، 55 بني برقوس، بني سيسرا،
بني تامح، 56 بني نضياح ۽ بني خطيفا.

57 سليمان جي نوڪرن جا گهراڻا جيڪي جلاوطنيءَ مان موٽي آيا،
سي هي هئا: بني سوطي، بني سوفرت، بني فريدا، 58 بني يعله، بني
درقون، بني گِديل، 59 بني سفطياه، بني خِطيل، بني فوڪرت‌حضبائم
۽ بني امُون. 60 هيڪل جي خدمتگارن ۽ سليمان جي نوڪرن جي
اولاد جو ڪل تعداد ٽي سؤ ٻيانوي هو.

61–62 بني دلاياه، بني طوبياه ۽ بني نقودا جا ڇهه سؤ ٻائيتاليهه
ماڻهو جيڪي تل ملح، تل حرسا، ڪرُوب، ادان ۽ امير مان موٽي آيا
هئا، سي اهو ثابت ڪري نه سگهيا ته هو بني اسرائيل آهن.

63–64 جيڪي ماڻهو اهو ثابت ڪري نه سگهيا ته هو ڪاهنن مان
آهن تن جا گهراڻا هي هئا: بني حباياه، بني هقوص ۽ بني برزلي.
هي اهو برزلي هو جنهن گلعادي برزليءَ جي هڪڙي ڌيءَ سان شادي
ڪئي هئي ۽ انهيءَ نالي سان ئي ڪيس سڏيو ويو. انهن پنهنجي
خانداني نسب‌نامي کي ڏاڍو ڳولهيو پر لهي نه سگهيا، تنهنڪري
کين نااهل سمجهي ڪاهنيت مان خارج ڪيو ويو. 65 يهودي گورنر
انهن کي حڪم ڏنو ته تيستائين هو خداوند لاءِ ئي مخصوص شين
مان ڪجهه نه کائين، جيستائين *اُوريم ۽ ٿُميم سان خدمت ڪندڙ
ڪو ڪاهن هجي جيڪو فيصلو ڪري.

66 موٽي ايندڙ جلاوطنن جو ڪل تعداد ٻائيتاليهه هزار ٽي سؤ سٺ
هو. 67 ڪانئن علاوه سندن نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جو تعداد ست هزار ٽي
سؤ ستٽيهه هو. ساڻن ڳائڻن ۽ ڳائڻين جو تعداد ٻه سؤ پنجيتاليهه هو.
68 گهوڙن جو تعداد ست سؤ ڇٽيهه، خچرن جو ٻه سؤ پنجيتاليهه،
69 اُٺن جو چار سؤ پنجٽيهه ۽ گڏهن جو ڇهه هزار ست سؤ ويهه هو.

70 ڪيترن ئي ماڻهن هيڪل جي نئين سر تعمير ڪرڻ لاءِ نذرانا ڏنا.
يهوداه جي گورنر پاڻ ٻه خزاني ۾ سون جا اٽڪل ساڍا اٺ ڪلوگرام،
پنجاهه پيالا ۽ پنج سؤ ٽيهه ڪاهنن وارا لباس ڏنا. 71 گهراڻن جي
ڪن وڏن جي طرفان هيڪل جي ڪم لاءِ خزاني ۾ سون جا اٽڪل هڪ
سؤ ستر ڪلوگرام ۽ چانديءَ جا اٽڪل هڪ هزار ٻه سؤ ڪلوگرام ڏنا
ويا. 72 باقي ٻين ماڻهن جيڪي ڪجهه ڏنو، سو جملي اٽڪل هڪ سؤ
ستر ڪلوگرام سون، هڪ هزار هڪ سؤ ڪلوگرام چاندي ۽ ڪاهنن
وارا سٺهٺ لباس هئا.

73 ڪاهن، لاوي، هيڪل جا دربان، ڳائڻا ۽ خدمتگار باقي ٻين بني
اسرائيل وارن سميت پنهنجن پنهنجن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آباد ٿي ويا.

## عزرا جو موسيٰ جي شريعت جو ڪتاب پڙهڻ

8 1 جڏهن بني اسرائيل پنهنجن پنهنجن شهرن ۾ آباد ٿي ويا،
تڏهن ستين مهيني جي پهرينءَ تاريخ تي سڀ ماڻهو يڪمشت
ٿي يروشلم جي پاڻيءَ واري دروازي جي اڳيان کليل ميدان ۾ اچي
گڏ ٿيا. شريعت جي عالم عزرا ڪاهن کي هنن عرض ڪيو ته هو
موسيٰ جي شريعت جو ڪتاب آڻي پڙهي ٻڌائي، جنهن ۾ خداوند بني
اسرائيل لاءِ حڪم ڏنا آهن. 2 تڏهن عزرا سڀني ماڻهن، جن ۾ مرد،
عورتون ۽ اهي ٻار شامل هئا جيڪي سمجهه پريا هئا، تن جي اڳيان
اهو شريعت جو ڪتاب آڻي پڙهڻ لڳو. 3 عزرا پرهه ڦٽيءَ کان وٺي
ٻن پهرن تائين انهيءَ کليل ميدان ۾ جيڪو پاڻيءَ واري دروازي جي
اڳيان هو، اهو ڪتاب پڙهي ٻڌايو ۽ سڀني اهو ڌيان سان پئي ٻڌو.

4 عزرا ڪاٺ جي انهيءَ منبر تي چڙهي بيٺو، جيڪو انهيءَ موقعي
لاءِ ٺاهيو ويو هو. سندس پرسان ساڄي پاسي متتياه، سمع، عناياه،
اورياه، خلقياه ۽ معسياه بيٺا هئا ۽ کاٻي پاسي فداياه، مسايل،
ملڪياه، حاشوم، حسبدانه، زڪرياه ۽ مسلام بيٺا هئا. 5 جيئن ته
عزرا سڀني ماڻهن کان مٿي بيٺو هو ۽ سڀيئي هن کي ڏسي ٿي سگهيا،
سو جيئن ئي عزرا ڪتاب کوليو ته سڀيئي ماڻهو اٿي بيٺا. 6 جڏهن
عزرا خداوند عظيم خدا جي واکاڻ ڪئي، تڏهن سڀني ماڻهن پنهنجا
هٿ مٿي کڻي چيو ته ”آمين! آمين!“ پوءِ هنن منهن پر زمين تي ڪري
خداوند کي سجدو ڪيو. 7 جڏهن ماڻهو وري اٿي بيٺا هئا، تڏهن
يشوع، باني، سربياه، يامن، عقوب، سبتي، هودياه، معسياه، قليطا،
عزرياه، يوزبد، حنان ۽ فلاياه جيڪي لاوي هئا، تن به عزرا کان پوءِ
ماڻهن کي شريعت جي سمجهاڻي ڏني. 8 انهن خدا جي شريعت جي
ڪتاب مان صاف صاف پئي پڙهيو ۽ ان جي معنيٰ سمجهائي ته
جيئن جيڪو پڙهيو ٿي ويو سو ماڻهو سمجهي سگهن.

*اُوريم ۽ ٿُميم: هي پٿر جهڙيون ٻه ننڍڙيون شيون هيون، جن کي ڪاهن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“ ڏسو.

65:7 خر 30:28، شر 8:33 73:7 1.توا 9:2، نحم 3:11

9 شريعت جون ڳالهيون ٻڌي ماڻهو روئڻ لڳا. تنهن تي نحمياه
گورنر، عزرا ڪاهن ۽ شريعت جي عالمن ۽ لاوين ماڻهن کي
سمجهاڻي ڏيندي چيو تہ ”اڄوڪو ڏينهن خداوند، اوهان جي خدا جي
لاءِ مخصوص آهي، سو نہ ڪو ڏک ڪريو ۽ نہ روئو 10 ۽ وڃي سٺيا
طعام کائو ۽ شربت پيئو. انهن ڏانهن بہ ڪجهہ ڏياري موڪليو
جن وٽ ڪجهہ بہ تيار ڪرڻ لاءِ نہ هجي. اڄوڪو ڏينهن اسان
جي خداوند جي لاءِ مخصوص آهي. سو غمگين نہ ٿيو، ڇاڪاڻتہ
خداوند جي خوشي اوهان جي قوت آهي.“ 11 لاوين سڀني ماڻهن کي
روئڻ کان جهليندي کين چيو تہ ”ماٺ ڪريو، ڇوتہ اڄوڪو ڏينهن
مخصوص آهي. اوهين غمگين نہ ٿيو.“ 12 پوءِ سڀيئي ماڻهو هليا
ويا ۽ وڃي کائڻ پيئڻ لڳا ۽ ٻين ڏانهن بہ ڪجهہ موڪليائون. هنن
وڏو جشن ملهايو، ڇالاءِجو جيڪو ڪلام کين پڙهي ٻڌايو ويو هو،
سو هنن سمجهي ورتو هو.

## تنبن واري عيد

13 ٻئي ڏينهن تي وري سڀني گهراڻن جا وڏا، ڪاهن ۽ لاوي عزرا
وٽ اچي گڏ ٿيا، انهيءَ لاءِ تہ شريعت جي ڳالهين تي غور ڪن.
14 هنن کي شريعت ۾ اهو لکيل مليو جيڪو خداوند موسيٰ جي
معرفت فرمايو هو تہ سال جي ستين مهيني ۾ تنبن واري عيد دوران
بني اسرائيل تنبن ۾ رهي اها عيد ملهائين. 15 ان کان علاوه هي بہ
تہ هو يروشلم ۽ پنهنجي سڀني شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اهو اعلان ڪن تہ
”جابلو علائقي ڏانهن نڪري وڃو ۽ زيتون، چيل ۽ ٻين گهاٽن وڻن
جون ٽاريون ۽ مينديءَ جي ٻوٽن جون ٽاريون ۽ کجيءَ جون ڇڙهيون
تنبن ٺاهڻ لاءِ ڪٽي اچو، جيئن لکيل آهي.“
16 سو ماڻهو اوڏانهن ويا ۽ اهي سڀ ٽاريون آندائون، جن مان
پنهنجن گهرن جي ڇتين تي، پنهنجن اڱڻن ۾، خدا جي گهر جي اڱڻن
۾ ۽ پاڻيءَ واري دروازي واري کليل ميدان ۽ افرائيم واري دروازي
واري کليل ميدان وٽ پنهنجي لاءِ تنبو ٺاهيائون. 17 جيڪي ماڻهو
جلاوطنيءَ مان واپس آيا هئا، سي سڀيئي تنبو ٺاهي انهن ۾ رهڻ
لڳا. يشوع ولد نون جي ڏينهن کان وٺي هيستائين بني اسرائيل اها
عيد ڪانہ ملهائي هئي. سو هنن تمام گهڻي خوشي ڪئي. 18 پهرين
ڏينهن کان وٺي پوئين ڏينهن تائين هر روز عزرا خدا جي شريعت جي
ڪتاب مان پڙهي ٻڌائيندو هو. هنن لاڳيتا ست ڏينهن عيد ملهائي ۽
اٺين ڏينهن شريعت موجب هنن هڪ گڏجاڻي ڪئي.

## بني اسرائيل جو گناهہ باسڻ

9 1–2 بني اسرائيل ٻين قومن وارن کان ڌار ٿي انهيءَ مهيني
جي چوويهين تاريخ تي روزو رکي، ڪٿا ڍڪي ۽ مٿي ۾ مٽي
وجهي اچي پاڻ ۾ گڏ ٿيا. هنن ويهي ڪري پنهنجا سڀ گناهہ باسيا ۽
پنهنجن ابن ڏاڏن جي بڇڙائي بہ قبول ڪيائون. 3 هو ڏينهن جي هڪ
پهر تائين بيٺا رهيا ۽ کين خداوند پنهنجي خدا جي شريعت جي ڪتاب
مان پڙهي ٻڌايو ويو. ٻئي پهر ۾ هنن پنهنجا گناهہ باسيا ۽ خداوند
پنهنجي خدا جي عبادت ڪيائون. 4 تنهن کان پوءِ لاوين مان يشوع،
باني، قدمي ايل، سبنياه، بني، سربياه، باني ۽ ڪنعاني منبر تي بيهي
خداوند پنهنجي خدا کي وڏي آواز سان ٻاڏائڻ لڳا. 5 پوءِ لاوين مان
يشوع، قدمي ايل، باني، حسبنياه، سربياه، هودياه، سبنياه ۽ فتحياه
چيو تہ ”اُٿي بيهو ۽ خدواند پنهنجي ابدي خدا جي واکاڻ ڪريو.“
تڏهن بني اسرائيل هيءَ دعا گهري تہ
”اي خداوند! شل تنهنجو عظمت وارو نالو سڳورو هجي،
جيڪو هر تعريف ۽ واکاڻ کان اعليٰ آهي.

6 رڳو تون ئي خداوند آهين.
تون عرش عظيم ۽ آسمان ۽ ان جي سڀني گرهن
۽ سيارن جو پيدا ڪندڙ آهين.
تون زمين ۽ جيڪي ڪجهہ منجهس آهي،
تن جو پيدا ڪندڙ آهين.
تون سمنڊن ۽ جيڪي ڪجهہ منجهن آهي،
تن جو پيدا ڪندڙ آهين.
هر ڪا شيءِ تنهنجي ئي وسيلي قائم آهي.
آسماني مخلوق پڻ تنهنجي عبادت ڪري ٿي.

7 تون ئي خداوند خدا آهين،
جنهن ابرام کي چونڊي
بابل ملڪ جي اُور شهر مان ڪڍي آندو،
۽ سندس نالو ابراهيم رکيو.
8 تو سندس دل کي پاڻ ڏانهن سچو ڏٺو،
۽ ساڻس عهد ڪيو تہ تون ڪنعانين، حتين، امورين، فرزين،
يبوسين ۽ گِرگاشين جو ملڪ انهيءَ جي اولاد کي عطا ڪندين.
تو پنهنجو واعدو پورو ڪيو آهي ڇالاءِجو تون سچو آهين.

9 تو مصر ۾ اسان جي ابن ڏاڏن جي مصيبت ڏٺي،
تو ڳاڙهي سمنڊ وٽ هنن جي دانهن ٻڌي.

8:14–15 لاو 23:33–36، 39–43، شر 16:13–15 7:9 پيد 11:31، 12:1، 17:5 8:9 پيد 15:18–21 9:9 خر 3:7، 14:10–12

10 تو *فرعون، سندس عملدارن ۽ ملڪ جي سيني ماڻهن خلاف
معجزا ۽ عجب جهڙا ڪم ڪري ڏيکاريا،
ڇالاءِجو تو کي خبر هئي تہ
مصري انهن سان مغروريءَ سان پيش ايندا هئا.
تو پنهنجو نالو مشهور ڪيو،
جيڪو اڄوڪي ڏينهن تائين مشهور آهي.
11 تو انهن جي اڳيان سمنڊ کي چيريو،
۽ هو انهيءَ جي وچ مان سڪيءَ زمين تي هلندا پار نڪري آيا.
پر تو هنن جي پٺيان پوڻ وارن کي
ائين سمنڊ جي تري ۾ اڇلائي وڌو،
جيئن ڪو پٿر ڪٺي اونهي پاڻيءَ ۾ اڇلائبو آهي.
12 تو ڏينهن جو ڪڪر جي ٿنڀي سان سندن رهنمائي ڪئي،
۽ رات جو باهہ جي ٿنڀي سان،
تہ جيئن جنهن رستي سان انهن کي هلڻو هو،
تنهن تي کين روشني ملي.
13 تون عرش عظيم کان سينا جبل تي لهي آئين،
۽ انهن سان اچي ڳالهيون ڪيون.
تو انهن کي قاعدا قانون ڏنا،
جيڪي سچا ۽ صحيح آهن.
تو هنن کي پنهنجا حڪم ڏنا جيڪي چڱا آهن.
14 تو انهن کي پنهنجي پاڪ سبت جي ڄاڻ ڏني،
۽ کين پنهنجي ٻانهي موسيٰ جي معرفت
حڪم ۽ شرعي قاعدا قانون ڏنا.
15 هنن جي بُک لاهڻ لاءِ تو کين آسمان مان ماني ڏني.
هنن جي اُڃ لاهڻ لاءِ تو هنن واسطي ٽڪر مان پاڻي ڪڍيو.
تو ئي کين انهيءَ ملڪ تي وڃي قبضو ڪرڻ لاءِ چيو،
جنهن جي ڏيڻ جو تو ساڻن واعدو ڪيو هو.

16 پر اسان جي ابن ڏاڏن مغروريءَ ۽ هٺ کان ڪم ورتو،
۽ تنهنجا حڪم نہ مڃيائون.
17 هنن تنهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي،
۽ جيڪي معجزا تو هنن لاءِ ڪيا هئا،
سي سڀ وساري ڇڏيائون.
هو ڏاڍا مغرور ٿي ويا،
۽ بغاوت ڪندي پاڻ مان هڪڙو اڳواڻ مقرر ڪيائون،
تہ جيئن وري وڃي مصر جي غلاميءَ ۾ پون.
پر تون اهڙو خدا آهين جيڪو معاف ڪرڻ لاءِ تيار،
مهربان، رحم ڀريو، ڪاوڙ ۾ ڍرو ۽ شفقت سان ڀرپور آهين.
انهيءَ ڪري تو هنن کي وساري نہ ڇڏيو.
18 وري هنن پنهنجي لاءِ ڍلتيل ڳابو جوڙيو ۽ چوڻ لڳا تہ
’هي ئي اسان جو خدا آهي،
جنهن اسان کي مصر مان ڪڍي آندو آهي.‘
بلڪ هنن انهيءَ کان بہ وڌيڪ ڪفر واريون ڳالهيون ڪيون.
19 تڏهن بہ پنهنجي گهڻي رحم جي ڪري،
تو هنن کي بيابان ۾ ڇڏي نہ ڏنو.
هائو، ڏينهن جو رستو ڏيکاريندڙ ڪڪر جو ٿنڀو،
توڙي رات جو رستو ڏيکاريندڙ باهہ وارو ٿنڀو
کين ڇڏي نہ ويو.
20 تو هنن کي پنهنجو سڳورو روح عطا ڪري
کين سٺي تعليم ڏني.
تو هنن جي کائڻ لاءِ مَنَ بہ بند نہ ڪئي،
۽ اڃ لاهڻ لاءِ تو کين پاڻي عطا ڪيو.
21 چاليهن سالن تائين تو هنن کي بيابان ۾ پئي پاليو،
۽ وٽن ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي ٿيڻ نہ ڏني.
نہ تہ هنن جا ڪپڙا پراڻا ٿيا ۽ نہ وري هنن جا پير سڄيا.

22 تو هنن کي بادشاهتون ڏنيون
۽ قومون سندن قبضي هيٺ ڪيون.
تو هنن جي بادشاهت جون حدون پري پري تائين وڌائي ڇڏيون.
هنن حشبون جي بادشاهہ سيحون جي ملڪ تي،
توڙي بسن جي بادشاهہ عوج جي ملڪ تي پڻ قبضو ڪيو.

23 تو هنن جو اولاد ايترو تہ وڌايو جيترا آسمان ۾ تارا.
تو کين انهيءَ ملڪ ۾ آندو،
جنهن جي باري ۾ تو سندن ابن ڏاڏن کي چيو هو تہ
’انهيءَ ملڪ ۾ وڃي مٿس قبضو ڪريو.‘
24 سو هو انهيءَ ملڪ ۾ ويا ۽ وڃي مٿس قبضو ڪيائون.
جيڪي ڪنعاني اتي رهندا هئا، تن کي بادشاهن سميت
تو هنن جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ
کين جيئن وڻي تيئن ساڻن سلوڪ ڪن.
25 هنن قلعن وارن شهرن ۽ زرخيز زمين تي قبضو ڪيو،
۽ هر قسم جي سٺين شين سان ڀريل گهرن، کوٽيل کوهن،

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

9:10 خر 7:8–12:32   9:11 خر 14:21–29، 15:4–5   9:12 خر 13:21–22   9:13–14 خر 19:18–23:33
9:15 خر 16:4–15، 17:1–7، شر 1:21   9:16–17 ڳا 14:1–4، شر 1:26–33   9:17 خر 34:6، ڳا 14:18   9:18 خر 32:1–4
9:19–21 شر 8:2–4   9:22 ڳا 21:21–35   9:23 پيد 15:5، 22:17، يش 3:14–17   9:24 يش 11:23   9:25 شر 6:10–11

انگورن ۽ زيتونن جي باغن،
توڙي بي‌شمار ميويدار وڻن تي قبضو ڪيائون.
هنن ايترو تہ ڍءَ تي کاڌو پيتو جو ٿلها متارا ٿي پيا،
هائو، تنهنجي وڏي ڀلائيءَ جي ڪري خوب مزا ماڻيائون.

26 انهيءَ هوندي بہ هو نافرمان ٿيا،
۽ تنهنجي خلاف بغاوت ڪندي
تنهنجي شريعت کي پنيءَ پويان اڇلائي ڇڏيائون.
هنن تنهنجي انهن نبين کي قتل ڪري ڇڏيو،
جن کين نصيحت ٿي ڪئي تہ هو تو آڏو توبهہ‌تائب ٿين.
ان کان علاوه هنن وڏيون ڪفر واريون ڳالهيون پڻ ڪيون.
27 تنهنڪري تو هنن کي سندن دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو،
جن کين ڏاڍو ستايو.
پوءِ جڏهن مٿن ظلم ٿيڻ لڳو، تہ وٺي تو کي ٻاڏايائون.
تڏهن عرش عظيم مان تو سندن دانهون ورنايون،
۽ پنهنجي وڏي ٻاجهہ سان تو هنن کي ڇڏائڻ وارا موڪليا،
جن کين سندن دشمنن جي هٿان ڇڏايو.
28 پر جيئن ئي هنن کي آرام مليو،
تيئن ئي هنن وري بہ اُهي ئي ڪم ڪيا،
جيڪي تنهنجي نظر ۾ بُرا هئا.
تنهنڪري تو هنن کي سندن دشمنن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو،
جن مٿن حڪمراني ڪئي.
وري جڏهن هنن تو کي ٻاڏايو،
تڏهن تو انهن جون دانهون عرش عظيم مان ورنايون.
ائين بار بار تو هنن کي پنهنجي وڏيءَ ٻاجهہ سان ڇڏايو.
29 جيتوڻيڪ تو کين خبردار بہ ڪيو تہ
’منهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪجو،‘
تڏهن بہ هنن هٺ کان ڪم ورتو ۽ تنهنجا حڪم نہ مڃيائون.
بلڪ تنهنجي انهن قاعدن قانونن جي ابتڙ ڪم ڪيائون،
جن تي جيڪڏهن انسان عمل ڪري تہ جيئرو رهي سگهي ٿو.
هنن هوڏ ڪندي تو کي پٺي ڏني،
۽ وڏائيءَ ۾ پرجي تو ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنائون.
30 تڏهن بہ ڪيترن ئي سالن تائين تو کين برداشت ڪيو،
۽ پنهنجي نبين جي معرفت
کين پنهنجي روح جي وسيلي نصيحتون ڪندو رهئين.
تنهن هوندي بہ جڏهن هنن ڪو توجهہ نہ ڏنو،
تڏهن تو هنن کي آس‌پاس وارين قومن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو.
31 پوءِ بہ تو پنهنجي وڏي رحم جي ڪري
کين صفا نيست وَ نابود نہ ڪيو،
نہ وري تو کين بلڪل ئي ڇڏي ڏنو،
ڇالاءِ‌جو تون فضل ۽ رحم وارو خدا آهين.

32 تنهنڪري هاڻي اي اسان جا خدا!
اي عظمت، قدرت ۽ هيبت وارا خدا!
تون جيڪو پنهنجو عهد قائم رکندي لافاني شفقت ڪندڙ آهين،
سو اسان جي هن مصيبت کي معمولي نہ ڄاڻ،
جيڪا اسان تي، اسان جي بادشاهن، اميرن، ڪاهنن،
نبين ۽ ابن ڏاڏن توڙي تنهنجي سڄي قوم تي،
اشور جي بادشاهہ جي وقت کان وٺي
اڄ ڏينهن تائين ايندي رهي آهي.
33 جيڪي ڪجهہ اسان سان ٿيو آهي،
تنهن ۾ تون حق تي آهين.
بيشڪ تون وفا سان هليو آهين،
پر اسين بڇڙائي ڪندا رهيا آهيون.
34 اسان جي بادشاهن، اسان جي اميرن،
اسان جي ڪاهنن ۽ اسان جي ابن ڏاڏن
تنهنجي شريعت تي عمل نہ ڪيو.
هائو، هنن نہ تنهنجي حڪمن کي مڃيو،
نڪي تنهنجي طرفان مليل نصيحتن تي ئي ڪو ڌيان ڏنائون.
35 توڙي جو تنهنجي ڀلائيءَ سان کين بادشاهت ملي،
جتي تنهنجي عطا ڪيل ڪشادي ۽ زرخيز زمين تي
هنن مزا پئي ماڻيا،
تہ بہ هنن نڪي تنهنجي عبادت ڪئي،
۽ نہ وري هو پنهنجن بڇڙن ڪمن کان ئي باز آيا.

36 اڄ اسين غلام آهيون.
هائو، اسين انهيءَ ئي ملڪ ۾ غلام آهيون،
جيڪو تو اسان جي ابن ڏاڏن کي انهيءَ لاءِ ڏنو هو،
تہ جيئن هو انهيءَ جو ميوو ۽ ٻيون چڱيون شيون واپرائين.
37 اسان جي گناهن جي ڪري
اسان جي زمين جي اپت جو گهڻو حصو
انهن بادشاهن ڏانهن ٿو وڃي،
جيڪي تو اسان تي مقرر ڪيا آهن.
هو اسان تي ۽ اسان جي چوپائي مال تي،
جيئن وڻين ٿو تيئن اختيار ٿا هلائين.
سو اسين ڏاڍي مصيبت ۾ آهيون."

9:26–28 رهہ 2:11–16 9:29 لاو 18:5 9:30 2.با 17:13–18، 2.توا 36:15–16 9:32 2.با 15:19،29، 17:3–6، عز 4:2،10

## اقرارنامو

38 انهن سڀني ڳالهين جي ڪري اسين بني اسرائيل جا سڀيئي
ماڻهو لکت ۾ اقرار ٿا ڪريون، جنهن تي اسان جا اڳواڻ، اسان جا
لاوي ۽ اسان جا ڪاهن تصديق ڪري مهر ٿا هڻن.
10 1 سڀ کان پهريائين نحمياه گورنر ولد حڪلياه تصديق ڪري
مهر هنئي.
ان کان پوءِ جن ڪاهنن تصديق ڪري مهر هنئي سي هي هئا:
صدقياه، 2 سراياه، عزرياه، يرمياه، 3 فشحور، امرياه، ملڪياه،
4 حطوش، سبنياه، ملوڪ، 5 حارم، مريموت، عبدياه، 6 دانيال،
گنتون، باروڪ، 7 مسلام، ابياه، ميامين، 8 معزياه، بلجي ۽
سمعياه.
9 جن لاوين تصديق ڪري مهر هنئي سي هي هئا: يشوع ولد
ازنياه، بنوي جيڪو حنداد جي اولاد مان هو، قدمي ايل 10 سبنياه،
هودياه، قليطاه، فلاياه، حنان، 11 ميڪا، رحوب، حسبياه، 12 زڪور،
سربياه، سبنياه، 13 هودياه، باني ۽ بنينو.
14 قوم جي اڳواڻن جن تصديق ڪري مهر هنئي سي هي
هئا: پرعوس، پخت موآب، عيلام، زتو، باني، 15 بني، عزگاد،
ببئي، 16 ادونياه، بگوي، عدين، 17 اطير، حزقياه، عزور، 18 هودياه،
حاشوم، بضي، 19 خاريف، عنتوت، نوبي، 20 مگفيعاس، مسلام،
حزير، 21 مشيزبيل، صدوق، يدوع، 22 فلطياه، حنان، عناياه،
23 هوسيع، حنانياه، حسوب، 24 هلوحيس، فلحا، سوبيق، 25 رحوم،
خسبناه، معسياه، 26 اخياه، حنان، عنان، 27 ملوڪ، حارم ۽ بعناه.

## اقرارنامي جو مضمون

28–29 اسين سڀيئي ماڻهو، ڪاهن، لاوي، هيڪل جا دربان، ڳائڻا
۽ خدمتگار ۽ اُهي سڀ ماڻهو جن خدا جي شريعت خاطر پنهنجي
ملڪ ۾ رهندڙ ڌارين قومن کان پاڻ کي ڌار ڪيو آهي، اسان جون
زالون، پٽ، ڌيئرون، پنهنجن ڀائرن ۽ پنهنجن اميرن سان شامل ٿي
پنهنجي عقل ۽ هوش حواس سان قسم ٿي چئون ٿا ۽ لکي ٿا ڏيون ۽
جيڪڏهن انهيءَ اقرار جي ڀڃڪڙي ڪريون ته اسان تي لعنت هجي.
”اسين خدا جي انهيءَ شريعت تي هلنداسين، جيڪا خدا جي ٻانهي
موسيٰ جي معرفت ڏني ويئي آهي. اسين خداوند پنهنجي خدا جي
سڀني حڪمن ۽ قاعدن قانونن کي مڃينداسون ۽ انهن تي عمل
ڪنداسون.
30 اسين هن ملڪ جي آس‌پاس وارين قومن سان رشتيداريءَ جي
ڏي وٺ نه ڪنداسون.
31 جڏهن آس‌پاس وارين قومن مان ڪي ماڻهو سبت واري ڏينهن
يا ڪنهن ٻئي وڏي ڏينهن تي ڪي‌به شيون يا اناج وڪڻڻ لاءِ کڻي
ايندا ته اسين ڪاڻئن نه وٺنداسون.
هر ستين سال اسين زمين ۾ ڪابه پوکي نه ڪنداسون ۽ پنهنجا
سمورا قرض معاف ڪري ڇڏينداسون.
32 اسان حڪمن مطابق اها ذميواري کڻون ٿا ته هر سال پنهنجي
خداوند جي هيڪل جي خدمت واسطي پنهنجي مال مان هنن ڪمن
لاءِ چانديءَ جا چار گرام ڏينداسين:
33 نذراني وارن روٽن لاءِ،
روزانو اناج جي قربانيءَ لاءِ،
روزانو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ،
سبت وارن ڏينهن تي قربانين لاءِ،
نئين چنڊ وارين عيدن تي قربانين لاءِ،
مقرر عيدن تي قربانين لاءِ،
بني اسرائيل جي ڪفاري واري قربانيءَ لاءِ،
پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ،
۽ ٻي ڪنهن به مخصوص قربانيءَ لاءِ،
۽ پنهنجي خدا جي هيڪل جي هر قسم جي ڪم لاءِ.

34 اسين سڀيئي ماڻهو، ڪاهن ۽ لاوين سميت هر سال ڪُڻا
وجهنداسون، ته جيئن اهو طئي ڪريون ته اسان جي گهراڻن مان
ڪنهن کي هيڪل ۾ مقرر وقتن تي قربانين لاءِ ڪاٺيون آڻيون آهن
ته جيئن خداوند پنهنجي خدا جي قربان‌گاهه تي شريعت جي لکيت
مطابق ساڙيون وڃن.
35 اسين پاڻ تي اها به ذميواري کڻون ٿا ته اسين پنهنجي زمين
جي پهرين پيداوار ۽ هر ميويدار وڻ جو پهريون ميوو سال به سال
خداوند جي هيڪل ۾ آڻينداسون. 36 جيئن شريعت ۾ لکيل آهي تيئن
اسين پنهنجا *پهريتا پٽ، پنهنجي چوپائي مال ۽ رڍن ٻڪرين جا
پهريتا ڦر پنهنجي خدا جي هيڪل ۾ خدمتگار ڪاهنن وٽ آڻينداسون.
37 انهيءَ کان سواءِ اسين پنهنجي فصل مان پهرين اٽي جو ڳوهيل
ڇاڻو، پنهنجي وڻن جو پهريون ميوو ۽ پنهنجي تيار ڪيل پهرين مئي
۽ زيتون مان نڪتل پهريون تيل پنهنجي نذراني طور ڪاهنن وٽ
پنهنجي خداوند جي هيڪل جي گدام ۾ رکڻ لاءِ آڻينداسون. اسين
پنهنجي زمين جي پيداوار جو ڏهون حصو لاوين وٽ آڻينداسون،
ڇالاءِجو اهي ئي اسان جي پوک وارين ٻنين جي پيداوار جو ڏهون
حصو گڏ ڪندا آهن. 38 هارون جي اولاد مان هڪ ڪاهن ڏهين حصي
اُڳاڙڻ وقت لاوين سان گڏ هوندو ۽ لاوي انهيءَ ڏهين حصي جو

*پهريتا پٽ: شريعت مطابق چوپائي مال جي پهريتن نر ڦرن کي قربان ڪيو ويندو هو، پر ماڻهن جي پهريتن پٽن جي بدران مقرر عيوضو ڏنو ويندو هو. ڏسو خروج 13:13–15.

30:10 خر 16:34، شر 7:3    31:10 خر 10:23–11، لاو 25:1–7، شر 15:1–2    32:10 خر 11:30–16
35:10 خر 19:23، 26:34، شر 26:2    36:10 خر 2:13    37:10 ڳا 21:18    38:10 ڳا 26:18

ڏهون حصو اسان جي خدا جي هيڪل جي گدام ۾ گڏ ڪندا. 39 بني
لاوي يا ٻيا بني اسرائيل نذراني طور مليل اناج، مئي ۽ زيتون جي
تيل جي ڀرين پيداوار کي گدامن ۾ ڪٺي ايندا، جتي هيڪل جا ٿانوَ
رکيل آهن ۽ جتي خدمت ڪرڻ وارا ڪاهن، دربان ۽ ڳائڻا رهندا آهن.
اسين پنهنجي خدا جي هيڪل کي ڇڏي نه ڏينداسون.”

## يروشلم جا نوان چونڊيل رهاڪو

11 1 يروشلم ۾ بني اسرائيل قوم جا اڳواڻ رهندا هئا. بني
اسرائيل جي باقي گهراڻن لاءِ به ڪٽا وڌا ويا ته جيئن
منجهائن ڏهن ڪٽنبن مان هڪڙو پاڪ شهر يروشلم ۾ اچي رهي،
جڏهن ته باقي نوَ ڪٽنب پنهنجن ئي شهرن ۾ رهن. 2 ان ڪان سواءِ
جن ماڻهن پنهنجي رضا خوشيءَ سان يروشلم ۾ رهڻ قبول ڪيو،
تن سڀني جي واکاڻ ڪئي ويئي. 3 ڪي ڪاهن، لاوي، هيڪل جا
خدمتگار ۽ سليمان جي نوڪرن جو اولاد ۽ ڪجهه ٻيا بني اسرائيل
پنهنجين پنهنجين ملڪيتن تي يهوداه جي مختلف شهرن ۾ رهندا
هئا.

يهوداه جا جيڪي اڳواڻ پنهنجي پنهنجي گهراڻي سميت يروشلم
۾ رهندا هئا سي هي آهن.
4 يهوداه قبيلي مان: عتاياه ولد عُزياه ولد زڪرياه ولد امرياه ولد
سفطياه ولد مهللايل جيڪو فارص ولد يهوداه جي اولاد مان هو،
5 معسياه ولد باروڪ ولد ڪلحوزه ولد حزاياه ولد عداياه ولد يويريب
ولد زڪرياه جيڪو شلونيءَ ولد يهوداه جي اولاد مان هو. 6 عتاياه
۽ معسياه اڳواڻن سان گڏ فارص جو اولاد، جيڪي يروشلم ۾ رهندا
هئا سي جملي چار سؤ اٺهٺ جوڌا جوان هئا.
7 بنيامين قبيلي مان: سلو ولد مسلام ولد يوئيد ولد فداياه ولد
قولاياه ولد معسياه ولد ايتيايل ولد يسعياه، 8 انهيءَ ڪان علاوه
سلوءَ جا مائٽ گبي ۽ سلي. انهيءَ قبيلي مان جملي نَو سؤ اٺاويهه
ڄڻا هئا. 9 يوايل ولد زڪري انهن جو سردار هو ۽ يهوداه ولد هسنوه
شهر جي حاڪم جو نائب هو.
10 ڪاهنن مان: يدعياه ولد يويريب، ياڪين 11 ۽ شراياه ولد خلقياه
ولد مسلام ولد صدوق ولد مرايوت ولد اخيطوب جيڪو هيڪل ۾
سردار ڪاهن هو. 12 هن گهراڻي مان جيڪي هيڪل جو ڪم ڪار
ڪندا هئا، سي اٺ سؤ ٻاويهه ڄڻا هئا. انهن ڪان علاوه عداياه ولد
يروحام ولد فللياه ولد امضي ولد زڪرياه ولد فشحور ولد ملڪياه
هو. 13 هن جي گهراڻي مان جيڪي ڪٽنبن جا وڏا پڻ هئا، سي ٻه سؤ
ٻائيتاليهه ڄڻا هئا. انهن ڪان علاوه امشي ولد عزرايل ولد اخسي ولد
مسيلموت ولد امير هو. 14 هن جي گهراڻي مان همٿ ڀريا بهادر جملي
هڪ سؤ اٺاويهه ڄڻا هئا. سندن سالار زبديايل ولد هجدوليم هو.
15 لاوين مان: سمعياه ولد حسوب ولد عزريقام ولد حسبياه ولد
بني، 16 سبتي ۽ يوزباد جيڪي لاوين جا وڏا هئا ۽ هيڪل جي ٻاهرين
ڪم ڪار جي نگراني ڪندا هئا، 17 متنياه ولد ميڪا ولد زبدي جيڪو
آسف جي اولاد مان هو ۽ متنياه جيڪو شڪرگذاريءَ جي عبادت
۾ ڳائڻن جي اڳواڻي ڪندو هو، بقبوقياه جيڪو پنهنجي ساٿين مان
متنياه ڪان پوءِ ٻي نمبر تي هو ۽ عبدا ولد سموع ولد گلال جيڪو
يدوتون جي اولاد مان هو. 18 يروشلم جي پاڪ شهر ۾ جملي ٻه سؤ
چوراسي لاوي رهندا هئا.
19 عقوب ۽ طلمون جي اڳواڻيءَ ۾ هيڪل جي دروازن تي جيڪي
پهريدار مقرر هئا سي هڪ سؤ ٻاهتر ڄڻا هئا.
20 بني اسرائيل جا باقي ماڻهو، جن ۾ ڪاهن ۽ لاوي به شامل
هئا، سي يهوداه جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پنهنجين پنهنجين اباڻي
ملڪيتن تي رهندا هئا.
21 هيڪل جا خدمتگار يروشلم ۾ عوفل ٽڪريءَ تي رهندا هئا ۽
ضيحا ۽ گسفا مٿن نگران مقرر هئا.
22 يروشلم ۾ لاوين جو نگران عزي ولد باني ولد حسبياه ولد متنياه
ولد ميڪا هو. عزي آسف جي اولاد مان هو جيڪي ڳائڻا هئا ۽ هيڪل
۾ ڳائڻ جي خدمت سندن ذمي هئي. 23 ڳائڻا شاهي حڪم هيٺ هر
روز ڳائڻ لاءِ مقرر حڪم تي عمل ڪندا هئا. 24 فتحياه ولد مشيزبيل
جيڪو زارح ولد يهوداه جي اولاد مان هو، سو عوامي مسئلن لاءِ
شهنشاهه جو مشير مقرر هو.

## ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رهڻ وارا

25 ڪيترائي ماڻهو پنهنجي ٻنين جي ويجهو شهرن ۾ رهندا هئا.
يهوداه قبيلي وارا هنن هنڌن تي رهندا هئا: قريت اربع شهر ۽ ان
جي آسپاس وارا ڳوٺ، ديبون شهر ۽ ان جي آسپاس وارا ڳوٺ،
يقبضيايل شهر ۽ ان جي آسپاس وارا ڳوٺ، 26 يشوع، مولاده،
بيتفلط 27 ۽ حصرسوعال شهرَ ۽ بيرسبع شهر ۽ ان جي آسپاس وارا
ڳوٺ، 28 صقلاج شهر، مقوناه شهر ۽ ان جي آسپاس وارا ڳوٺ،
29 عينرمون، صارعاه، يارموت، 30 زانوح، عدلام شهرَ ۽ انهن جي
آسپاس وارا ڳوٺ، لڪيس شهر ۽ ان جي آسپاس واريون ٻنيون،
عزيقه شهر ۽ ان جا ڳوٺ. اهڙيءَ طرح هو بيرسبع ڪان وٺي هنوم
جي ماٿريءَ تائين آباد هئا.
31 بنيامين قبيلي وارا هنن هنڌن تي رهندا هئا: گبع، مڪماس،
عئي شهرَ، بيتايل شهر ۽ ان جي آسپاس وارا ڳوٺ، 32 عنتوت،
نوب، عننياه، 33 حاصور، رامه، گتيم، 34 حاديد، ضبوعيم، نبلات،
35 لود، اونو شهرَ ۽ *خراسيم ماٿري.

*خراسيم: هي عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”هنرمند.“ ڏسو 1.تواريخ 4:14.

11:3 نحم 7:73

36 لاوين مان جيڪي يھوداه ۾ رھندا ھئا، سي بني بنيامين سان
رھڻ لڳا.

## ڪاھنن ۽ لاوين جي فهرست

12 1-7 جيڪي ڪاھن ۽ لاوي زربابل ولد سالتي‌ايل ۽ سردار
ڪاھن يشوع سان گڏ جلاوطنيءَ کان موٽي آيا ھئا، تن مان
ڪاھنن جا اڳواڻ ھي ھئا: سراياه، يرمياه، عزرا، امرياه، ملوڪ،
حطوش، سڪنياه، رحوم، مريموت، عدو، گنتو، ابياه، ميامين،
معدياه، بلجه، سمعياه، يويريب، يدعياه، سلو، عموق، خلقياه ۽
يدعياه.
8 ان وقت موٽي ايندڙ لاوي جيڪي شڪرگذاريءَ جي عبادت ۾
ڳائڻ جي اڳواڻي ڪندا ھئا سي ھي ھئا: يشوع، بنوي، قدمي‌ايل،
سيربياه، يھوداه ۽ متنياه. 9 ھنن جي سامھون يقبوقياه ۽ عنو ۽ سندن
ساٿي بيھي موٽ ۾ ڳائيندا ھئا.

## سردار ڪاھن يشوع جو نسل

10 سردار ڪاھن يشوع يويقيم جو پيءُ ھو، يويقيم الياسب جو پيءُ
ھو، الياسب يويدع جو پيءُ ھو، 11 يويدع يونتن جو پيءُ ھو، يونتن
يدوع جو پيءُ ھو.

## ڪاھنن جي گھراڻن جا وڏا

12 يويقيم جي سردار ڪاھنيءَ جي ڏينھن ۾ ھي ڪاھن پنھنجي
پنھنجي گھراڻي جا وڏا ھئا: سراياه گھراڻي جو وڏو مراياه ھو، يرمياه
گھراڻي جو وڏو حنانياه ھو، 13 عزرا گھراڻي جو وڏو مسلام ھو،
امرياه گھراڻي جو وڏو يھوحنان ھو، 14 ملڪو گھراڻي جو وڏو يونتن
ھو، سبنياه گھراڻي جو وڏو يوسف ھو، 15 حارم گھراڻي جو وڏو
عدنا ھو، مرايوت گھراڻي جو وڏو خلقي ھو، 16 عدو گھراڻي جو وڏو
زڪرياه ھو، گنتون گھراڻي جو وڏو مسلام ھو، 17 ابياه گھراڻي جو
وڏو زڪري ھو، *منيمين گھراڻو، موعدياه گھراڻي جو وڏو فلطي
ھو، 18 بلجه گھراڻي جو وڏو سموع ھو، سمعياه گھراڻي جو وڏو
يھونتن ھو، 19 يويريب گھراڻي جو وڏو متني ھو، يدعياه گھراڻي جو
وڏو عزي ھو، 20 سلي گھراڻي جو وڏو قلي ھو، عموق گھراڻي جو
وڏو عبر ھو، 21 خلقياه گھراڻي جو وڏو حسبياه ھو، ۽ يدعياه گھراڻي
جو وڏو نتني‌ايل ھو.
22 الياسب، يويدع، يوحنان ۽ يدوع پنھنجي پنھنجي ڏينھن ۾ لاوي
گھراڻن جا وڏا لکيا ويا. دارا فارسيءَ جي شھنشاھت ۾ ڪاھنن جي
وڏن جو پڻ اندراج ڪيو ويو. 23 لاويءَ جي اولاد مان جيڪي گھراڻن
جا وڏا ھئا سي تواريخ جي ڪتاب ۾ يوحنان ولد الياسب جي ڏينھن
تائين لکيل ھئا.

## ھيڪل ۾ خدمتن جو انتظام

24 لاوين جا اڳواڻ حسبياه، سيربياه، يشوع، بنوي ۽ قدمي‌ايل ھئا،
جن جي اڳواڻيءَ ھيٺ لاوي ٻن ٻن جي ٽولن ۾ خدا جي بندي دائود
بادشاھه جي ترڪيب موجب واکاڻ ۽ شڪرگذاريءَ جي عبادت ۾ ھڪ
ٻئي جي سامھون ٿي بيھندا ھئا.
25 متنياه، بقبوقياه، عبدياه، مسلام، طلمون ۽ عقوب ھيڪل جا
دربان ھئا، جيڪي ھيڪل جي دروازي وارن گدامن تي پھرو ڏيندا
ھئا. 26 يويقيم ولد يشوع ولد يوصدق جي ڏينھن ۾ ۽ نحمياه گورنر
۽ عزرا ڪاھن، جيڪو شريعت جو عالم پڻ ھو، تن جي ڏينھن ۾
اھي سيئي خدمت ڪندا ھئا.

## شھر جي ڀتين جو وقف ٿيڻ

27 يروشلم شھر جي ڀتين جي وقف ڪرڻ وقت لاوين کي سندن رھڻ
وارن ھنڌن تان ڳولھي يروشلم ۾ آندو ويو، تہ جيئن ھو يروشلم ۾
حاضر ٿي وقف ڪرڻ واري انھيءَ رسم کي خوشيءَ ۽ شڪرگذاريءَ
سان ٽلين ۽ تارن وارا ساز وڄائيندي بجا آڻين. 28-29 لاوي ڳائڻ
کي يروشلم جي آس‌پاس وارن علائقن مان، جتي ھنن پنھنجا ڳوٺ
ٻڌا ھئا، اتان توڙي نطوفاتين جي ڳوٺن مان آڻي ڪين گڏ ڪيو ويو
ھو. ھنن کي بيت‌گلگال، گبع ۽ عزماوت مان پڻ آندو ويو. 30 جڏھن
ڪاھن ۽ لاوي پاڻ کي پاڪ ڪري چڪا، تڏھن ھنن عام ماڻھن،
دروازن ۽ شھر جي ڀتين کي بہ پاڪ ڪيو.
31 تنھن کان پوءِ مون نحمياه يھوداه جي اڳواڻن کي ڀتين تي آندو ۽
بہ وڏيون ٽوليون پڻ شڪرگذاري ادا ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيم. انھن مان
ھڪڙي ٽوليءَ کي ڀتين تي ساڄي پاسي †گند واري دروازي ڏانھن
وڌڻو ھو. 32 انھيءَ جي پٺيان ھوسعياه ھليو ۽ ساٿس گڏ يھوداه جي
اڳواڻن مان اڌ جيترا ھليا. 33-35 سندن پٺيان جيڪي ڪاھن شرنايون
وڄائيندا پئي ھليا سي ھي ھئا: عزرياه، عزرا، مسلام، يھوداه،
بنيامين، سمعياه ۽ يرمياه. انھن جي پٺيان زڪرياه ولد يونتن ولد
سمعياه ولد متنياه ولد ميڪاياه ولد زڪور ھليو جيڪو آسف جي اولاد
مان ھو. 36 ھن جي پٺيان سندس قبيلي وارا ساز وڄائيندڙ ھر ھڪ:
سمعياه، عزرايل، مللي، گللي، ماعي، نتني‌ايل، يھوداه ۽ حناني ھئا.
اھي ساز خدا جي بندي دائود بادشاھه جا مقرر ڪيل ھئا. شريعت
جي عالم عزرا انھيءَ ٽولي جي اڳواڻي ٿي ڪئي. 37 چشمي واري
در مٿان ڀت تي ھلندا اُھي سڌو ‡دائود جي شھر جي ڏاڪڻ تان چڙھي

*منيمين گھراڻو: عبرانيءَ جي اصلي متن ۾ منيمين گھراڻي جي وڏي جو نالو ڏنل ناھي.

†گند واري دروازي: انھن ٻنھي ٽولن پنھنجي شروعات يروشلم جي ڏکڻ اولھہ واري ڀت کان ڪئي جن مان ھڪڙو ڏکڻ ويو ۽ ٻيو اتر ويو، اھڙيءَ طرح ٻيئي ڦري ھيڪل جي سامھون واري جاءِ وٽ اچي گڏيا، جيڪا شھر جي اتر اوڀر طرف ھئي.

‡دائود جي شھر: يعني اصلي يروشلم.

مٿينءَ پٽ تي پهتا ۽ دائود جي محل وٽان گذرندا ايرندي ڏانهن پاڻيءَ
واري دروازي تائين هليا ويا.
38 شڪرگذاري ڪندڙن جي ٻي ٽولي کاٻي پاسي واري پٽ تان
رواني ٿي. آءٌ به اڌ ماڻهن سميت انهن جي پٺيان هلڻ لڳس. اسين
پٽين جي مٿان کورن واري ٽُلهم کان ٿيندا ويڪري پٽ تائين هليا
وياسين، 39 تان جو اسين افرائيم واري دروازي، پراڻي دروازي، مڇيءَ
واري دروازي، حننايل ٽُلهم ۽ سؤ نالي ٽُلهم کان ويندي رڍن واري
دروازي تائين سندن پٺيان وياسين. هيڪل جي پهريدارن واري دروازي
وٽ هو بيهي رهيا.
40 اهڙيءَ طرح شڪرگذاري ڪندڙ ٻئي ٽوليون خدا جي گهر ۾
پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بيهي رهيون. مون به اڌ ماڻهن سميت ائين
ئي ڪيو. 41 جيڪي ڪاهن شرنايون وڄائيندا اسان سان گڏ بيهي رهيا
سي هي هئا: الياقيم، معسياه، منيمين، ميڪاياه، اليوعيني، زڪرياه
۽ حنانياه. 42 ان کان علاوه هي لاوي اسان سان گڏ هئا: معسياه،
سمعياه، اليعزر، عزي، يهوحنان، ملڪياه، عيلام ۽ عزر.
ازرخياه جي اڳواڻيءَ ۾ ڳائڻن وڏي آواز سان ڳايو ٿي. 43 انهيءَ
ڏينهن تي ماڻهن خوشيون ڪندي وڏيون قربانيون پيش ڪيون، ڇوته
خدا کين تمام وڏي خوشي عطا ڪئي هئي. عورتن ۽ ٻارن پڻ خوشي
ملهائي. يروشلم ۾ خوشيءَ جو آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

## هيڪل ۾ عبادت جو انتظام

44 انهيءَ ئي ڏينهن چندن لاءِ، پهريتن ڦرن لاءِ ۽ ڏهان حصا گڏ
ڪرڻ لاءِ گودامن جا نگران مقرر ڪيا ويا. شهر جي آس‌پاس وارين
ٻنين مان انهن کي اهي حصا آڻي گودامن ۾ رکڻا هئا، جيڪي شريعت
موجب ڪاهنن ۽ لاوين لاءِ مقرر هئا. ڪاهنن ۽ لاوين جي خدمت واري
ڪم کان يهوداه وارا خوش هئا، 45 ڇالاءِجو هو پنهنجي خدا جا فرض
۽ پاڪ ڪرڻ وارا فرض بجا آڻيندا هئا. هيڪل جي ڳائڻن ۽ دربانن به
دائود ۽ سندس پٽ سليمان جي حڪم موجب پنهنجا فرض پورا ڪيا.
46 انهيءَ ڪري جو گهڻو وقت اڳي دائود بادشاهه ۽ ڳائڻن جي اڳواڻ
آسف جي ڏينهن ۾ خدا جي واکاڻ ۽ شڪرگذاريءَ جي عبادت لاءِ
ڳائڻ وارن لاءِ هدايتڪار هوندا هئا. 47 اهڙيءَ طرح زربابل جي ڏينهن
۾ توڙي نحمياه جي ڏينهن ۾ سڀ بني اسرائيل هيڪل جي ڳائڻن ۽
دربانن جي لاءِ روزانو جو حصو ڏيندا هئا. ماڻهو لاوين لاءِ حصو
ڌار ڪري رکندا هئا ۽ لاوي وري ڪاهنن لاءِ حصو ڌار ڪندا هئا.

## ڌارين کي ڪڍي ڇڏڻ

13 1 انهيءَ ڏينهن عام ماڻهن جي روبرو وڏي آواز سان موسيٰ
جو ڪتاب پڙهيو ويو، جنهن ۾ اهو به لکيل مليو ته *عموني
۽ موآبي خداوند جي قوم ۾ حق حقوق رکندڙ فرد ٿي نه ٿا سگهن،
2 ڇالاءِجو بني اسرائيل جي مصر جي غلاميءَ مان نڪرڻ وقت اهي
ماني ۽ پاڻي کڻي ساڻن ملڻ لاءِ نه آيا هئا. اُٽلندو هنن بلعام کي
پاڙي تي آندو، ته جيئن هو انهن تي لعنت وجهي، جنهن لعنت کي
بني اسرائيل جي خدا برڪت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. 3 جڏهن ماڻهن
اِها شريعت ٻڌي، تڏهن هنن سڀني ڌارئي نسل وارن کان †بني اسرائيل
قوم ۾ فرد هئڻ وارا حق حقوق کسي ڇڏيا.

## نحمياه جا ٻيا سڌارا

4 انهيءَ کان اڳ، الياسب ڪاهن، جيڪو خدا جي گهر جي گودامن
تي نگران مقرر هو ۽ طوبياه سان سندس ويجها تعلقات هئا، 5 تنهن
طوبياه کي رهڻ لاءِ انهن گودامن مان هڪڙي وڏي ڪوٺي ڏني. اها
ڪوٺي هيڪل جي سامان رکڻ لاءِ مقرر هئي يعني اناج جون قربانيون،
لوبان، خدا جي گهر جا ٿانوَ، اَناج، مئي ۽ زيتون جي تيل جا ڏهان
حصا، جيڪي مقرر طريقي موجب لاوين، هيڪل جي ڳائڻن ۽ دربانن
کي ڏبا هئا. انهيءَ کان علاوه اتي ڪاهنن لاءِ گڏ ڪيل چندا پڻ رکيا
ويندا هئا.
6 انهن ڏينهن دوران آءٌ يروشلم ۾ ڪونه هوس، ڇالاءِجو ‡بابل
جي بادشاهه ارتخششتا جي شاهيءَ جي ٻٽيهين سال آءٌ انهيءَ
شهنشاهه ڏانهن موٽي ويو هوس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون کانئس
موڪل ورتي 7 ۽ موٽي يروشلم ۾ آيس. هتي اچي انهي خرابيءَ جي
خبر پيم، جيڪا الياسب ڪئي هئي جو هن طوبياه کي خدا جي گهر
جي اڱڻ ۾ رهڻ لاءِ ڪوٺي ڏني هئي. 8 مون کي انهيءَ ڳالهه تي
ڏاڍو رنج ٿيو، سو طوبياه جو سمورو سامان ڪوٺيءَ مان ڪڍي ٻاهر
اڇلائي ڇڏيم. 9 پوءِ منهنجي حڪم موجب سڀيئي ڪوٺيون پاڪ
صاف ڪيون ويون ۽ خدا جي گهر جا ٿانوَ، اناج جي قربانين ۽ لوبان
سميت موٽائي آڻي اتي رکيا ويا.
10 مون کي اها به خبر پيئي ته لاوين کي سندن حصا ڪونه ٿي
ڏنا ويا. تنهنڪري هيڪل ۾ خدمت لاءِ مقرر لاوي ۽ ڳائڻا پنهنجين
پنهنجين ٻنين ڏانهن موٽي هليا ويا هئا. 11 سو مون اڳواڻن کي ڇينڀيو

*عموني ۽ موآبي: انهن جا علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

†بني اسرائيل قوم ۾ فرد هئڻ وارا حق حقوق: حق حقوق رکڻ جي بنيادي ڳالهه انهيءَ قوم جي مذهبي سڃاڻپ سان واسطو رکي ٿي ته اهي ماڻهو خداوند جا آهن، تنهن هوندي به کين سياسي، سماجي ۽ فوجي حق پڻ حاصل هئا. اهي سڀيئي حق حقوق باقي ٻين يعني عورتن، ٻارن يا منجهن رهندڙ ڌارين کي حاصل نه هئا.

‡بابل جي بادشاهه: اصلي فارس جو بادشاهه ارتخششتا هو. پر فارس جي بادشاهه خورس جي زماني ۾ جڏهن هن بابل کي فتح ڪيو تنهن کان پوءِ فارس جي بادشاهن کي بابل جا بادشاهه به سڏيو ويندو هو.

12:45 1.توا 25:1–8، 12:26 13:1–2 شر 23:3–5 13:2 گا 22:1–6

۽ ڪائڻن پڇيو تہ ”چو خداوند جي گهر کي ڇڏي ڏنو ويو آهي؟“ پوءِ
مون انهن سڀني لاوين ۽ ڳائڻن کي گهرايو ۽ کين سندن عهدن تي
بيهاريو.
12 سڀ بني اسرائيل اناج، مئي ۽ زيتون جي تيل جا ڏهان حصا
گودامن ۾ آندا. 13 انهن گودامن تي مون سلميا ڪاهن، صدوق
شريعت جي عالم ۽ فداياه نالي هڪ لاويءَ کي نگران مقرر ڪيو
۽ حنان ولد زڪور ولد متنياه کي سندن نائب مقرر ڪيم، ڇاڪاڻتہ
اهي ماڻهو پروسي جهڙا سمجهيا ويندا هئا. انهن جي ذميواري هئي
تہ هو پنهنجي همخدمت ڀائرن کي سندن حصا ورهائي ڏين.
14 اي منهنجا خدا! انهيءَ ڳالهہ ڪارڻ مون کي ياد ڪج ۽ جيڪي
ڪم مون وفاداريءَ سان تو پنهنجي خدا جي گهر ۽ ان جي خدمتن
لاءِ ڪيا آهن سي ميٽي نہ ڇڏج.
15 انهن ڏينهن ۾ مون يهوداه ۾ سبت جي ڏينهن ڪن ماڻهن کي
انگورن جي چيچڙن کي هلائيندي ۽ اناج جي ول گڏهن تي آڻيندي
ڏٺو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ مئي، انگور، انجير ۽ ٻيو هر طرح جو
سامان سبت جي ڏينهن يروشلم ۾ ٿي آندائون. تنهنڪري مون کين
اُن ڏينهن تي وڪرو ڪرڻ کان تنبيهہ ڪئي. 16 يروشلم ۾ صور شهر
جا ماڻهو پڻ رهندا هئا، جيڪي مڇي ۽ ٻيو هر قسم جو وکري جو
سامان آڻي سبت جي ڏينهن بني اسرائيل وٽ وڪڻندا هئا. 17 تڏهن
مون يهوداه جي اميرن کي ڇينڀيندي چيو تہ ”اوهين سبت جي ڏينهن
جي بيحرمتي ڪري ڪيڏو نہ خراب ڪم ٿا ڪريو. 18 اوهان جي ابن
ڏاڏن بہ تہ ائين ئي ڪيو هو، جنهن ڪري اسان جي خدا اسان تي ۽
هن شهر تي بيحد مصيبت آندي. هاڻي اوهين سبت جي ڏينهن جي
بيحرمتي ڪري بني اسرائيل تي خدا کي وڏيڪ ڪاوڙايو ٿا.“
19 پوءِ هيئن ڪيم جو *سبت جي شروعات کان ئي يعني سج لهڻ
وقت مون حڪم ڏنو تہ يروشلم شهر جا دروازا بند ڪيا وڃن ۽ سبت
جي پوري ٿيڻ تائين نہ کوليا وڃن. مون پنهنجي ماڻهن مان ڪن کي
دروازن تي بيهاري ڇڏيو تہ جيئن سبت جي ڏينهن ڪوبہ ماڻهو ڪو
بار کڻي اندر نہ اچي. 20 سو هر قسم جي سامان جا واپاري ۽ وڪرو
ڪندڙ هڪ يا ٻہ دفعا يروشلم جي ٻاهران سبت جي رات رهي پيا.
21 تنهن تي مون کين تنبيهہ ڪندي چيو تہ ”چو اوهين شهر جي ڀتين
جي ڀرپاسي رات ٿا گذاريو؟ جيڪڏهن اوهين وري ائين ڪندا تہ پوءِ
آءٌ اوهان کي پڪڙيندس.“ تڏهن کان وٺي هو وري سبت جي ڏينهن
نہ آيا. 22 پوءِ مون لاوين کي حڪم ڏنو تہ سبت جي ڏينهن کي پاڪ
رکڻ لاءِ هو پاڻ کي پاڪ صاف ڪري اچي دروازن جي نگهباني ڪن.
اي منهنجا خدا! اهو بہ منهنجي حق ۾ ياد رکج ۽ پنهنجي وڏيءَ
رحمت موجب مون تي رحم ڪج.
23 انهن ئي ڏينهن ۾ مون ڪي يهودي ڏٺا جيڪي بني اشدود، بني
عمون ۽ بني موآب جون عورتون پرڻجي آيا هئا. 24 انهن جا اڌ ٻار
اشدودي يا وري ٻين قومن جي ڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، پر پنهنجي
عبراني ٻولي ڳالهائڻ نہ ايندي هين. 25 تڏهن مون انهن کي ڇينڀيو
۽ مٿن ڦٽلعنت ڪيم. مون انهن مان ڪن ماڻهن کي مار بہ ڏني
۽ سندن وار بہ پٽيا. مون ڪائڻن خدا جو قسم کڻائي واعدو ورتو تہ
”آئينده اسين پنهنجون ڌيئرون ڌارين جي پٽن کي پرڻائي نہ ڏينداسون
۽ نہ وري اسين هنن جون ڌيئرون پنهنجن پٽن لاءِ يا پنهنجي پرڻي لاءِ
وٺنداسون. 26 جيئن تہ بني اسرائيل جو بادشاهہ سليمان، جنهن سان
خدا جو تمام گهڻو پيار هو ۽ ڪيس سڄي اسرائيل ملڪ تي بادشاهہ
مقرر ڪيو هئائين ۽ جنهن جهڙو بادشاهہ ڪنهن بہ قوم ۾ ڪونہ
ٿيو هو، تنهن بہ اهڙو ئي گناهہ ڪري وڌو جو ڌارين عورتن سان
شادي ڪيائين. 27 پر اسين اوهان جي منع ڪرڻ کان پوءِ آئينده ائين نہ
ڪنداسون. اسين اهڙي بڇڙائي ڪري خدا جا نافرمان نہ ٿينداسون.“
28 سردار ڪاهن يوياع ولد الياسب جي پٽن مان هڪڙي پٽ سنبلط
حورونيءَ نالي ڌارئي ماڻهوءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي. مون
انهيءَ کي پنهنجي قوم مان خارج ڪري ڇڏيو.
29 اي منهنجا خدا! اها ڳالهہ ياد ڪر تہ انهن ڪيئن نہ ڪهانت
جي توڙي انهيءَ عهد جي بيحرمتي ڪئي آهي، جيڪو عهد تو
ڪاهنن ۽ لاوين سان ڪيو هو.
30 اهڙيءَ طرح مون ڪاهنن ۽ لاوين کي سڀني ڌارين ڳالهين کان
پاڪ ڪيو ۽ هر ڪنهن لاءِ سندس ڪم مقرر ڪيم. 31 مون مقرر
وقت تي ساڙيون ويندڙ قربانين لاءِ ڪاٺين ۽ پهريتن ڦرن جي نذراني
مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ پڻ بندوبست ڪيو. سو اي منهنجا خدا! مون
کي مهربانيءَ جي نظر سان ياد رکج.

---

*سبت جي شروعات: يهودين جي رسم مطابق هر ڏينهن سج لهڻ کان شروع ٿئي ٿو ۽ ٻئي ڏينهن سج لهڻ تي پورو ٿيندو آهي.

13:23–25 خر 34:11–16، شر 7:1–5    13:26 2.سم 12:24–25، 1.با 11:1–8    13:28 نحم 4:1

# آستر

## تعارف

"آستر" نالي هن مقدس ڪتاب ۾ بيان ڪيل واقعا فارس جي شهنشاهه اخسويرس جي سياري واري رهائش‌گاهه ۾ پيش آيا. انهن واقعن جو مکيه ڪردار آستر نالي هڪ يهودي عورت آهي، جنهن پنهنجي وڏيءَ همت ۽ جذبي سان پنهنجي ماڻهن کي سندن دشمنن جي وڏي قتلام جي منصوبي کان بچائي ورتو. هي ڪتاب يهودين جي "پورم" نالي عيد جي اصل حقيقت ۽ معنيٰ سمجهائي ٿو.

### سِتاءُ

آستر جو راڻي بڻجڻ 1:1–2:23
هامان جون سازشون 1:3–14:5
هامان کي موت جي سزا 1:6–10:7
يهوداه وارن جو پنهنجي دشمنن کي شڪست ڏيڻ 1:8–3:10

---

## راڻي وشتيءَ جي معزولي

1 (1) هي واقعو فارس جي بادشاهه اخسويرس جي دور جو آهي.
هي اهو اخسويرس آهي جيڪو هندستان کان وٺي *سوڊان تائين
هڪ سؤ ستاويهه پرڳڻن جو شهنشاهه هو. (2) تن ڏينهن ۾ هن جو
شاهي تخت فارس ملڪ جي سوسن شهر جي شاهي قلعي ۾ هو.
(3) پنهنجي شاهيءَ جي ٽئين سال، هن پنهنجن سڀني اميرن ۽ وزيرن
جي دعوت ڪئي. ان دعوت ۾ فارس ۽ مادئي ملڪن جا فوجي
سالار، پرڳڻن جا گورنر ۽ امير امراءَ شريڪ ٿيا هئا.
(4) پورا ڇهه مهينا هن پنهنجي وسيع شهنشاهت جي دولت ۽
پنهنجي شان وَ شوڪت جو ڏيکاءُ پئي ڪيو. (5) جڏهن اهي ڏينهن
پورا ٿيا تڏهن جيڪي به مرد، عام توڙي خاص، سوسن شهر جي
شاهي قلعي ۾ موجود هئا، تن جي هن پنهنجي شاهي محل واري
باغ جي ايوان ۾ ستن ڏينهن تائين دعوت ڪئي. (6) اتي اڇي ۽ نيري
رنگ جا سوٽي پردا، واڱڻائيءَ رنگ جي سنهي وٽيل سڻيءَ جي
ڏورين سان چانديءَ جي انهن ڇلن ۾ ٻڌل هئا جيڪي سنگ مرمر
جي ٿنڀن سان لٽڪيل هئا. ڳاڙهي، اڇي، پيلي ۽ ڪاري رنگ جي
پٿرن جي فرش تي سون ۽ چانديءَ جا پلنگ رکيل هئا. (7) جن سونن
پيالن ۾ مئي ورهائي پئي وئي، سي هڪ ٻئي کان مختلف شڪلين
جا هئا. شاهي مئي شهنشاهه جي سخاوت جي ڪري بي‌انداز هئي
(8) ۽ پيئڻ جي ڪابه حد مقرر ڪانه هئي. ڇالاءِجو شهنشاهه مئي
پيئارينڌڙ نوڪرن کي حڪم ڏيئي ڇڏيو هو ته جيڪو به جيتري چاهي
ڪيس اوتري ئي مئي ڏني وڃي.
(9) جڏهن ته راڻي وشتيءَ اخسويرس جي شاهي محل اندر عورتن
جي دعوت ڪئي هئي.
(10) ستين ڏينهن جڏهن شهنشاهه مئي جي نشي ۾ مخمور هو،
تڏهن هن پنهنجي ستن خدمتگار ڪدڙن مهومان، بزتا، خربوناه، بِگتا،
ابگتا، زتار ۽ ڪرڪس کي حڪم ڏنو ته (11) "راڻي وشتيءَ کي شاهي
تاج پارائي مون آڏو وٺي اچو ته جيئن عام ماڻهو ۽ امير وزير سندس
حسن ڏسن." ڇاڪاڻ‌ته هوءَ ڏاڍي خوبصورت هئي. (12) جڏهن انهن
خدمتگارن راڻي وشتيءَ کي شهنشاهه جو حڪم ٻڌايو ته هن اچڻ
کان انڪار ڪيو. تنهن تي شهنشاهه ڏاڍو ڇرجي پيو ۽ ڪاوڙ ۾
تپي باهه ٿي ويو.
(13) شهنشاهه جو اهو دستور هو ته هو ملڪي معاملن تي پنهنجي
درٻار ۾ حاضر رهندڙ ڏاهن ماڻهن کان ماهرانه راءِ وٺندو هو، سو
هن پنهنجي انهن صلاحڪارن آڏو اهو معاملو رکيو جيڪي گذريل
وقتن جي قانونن ۽ فيصلن جي ڄاڻ رکن پيا. (14) جن ڏاهن ماڻهن
کان هو اڪثر راءِ وٺندو هو ۽ جيڪي سندس درٻار ۾ حاضر رهندا
هئا سي هي هئا: ڪارشينا، سِتار، ادماتا، ترسيس، مرس، مرسنا ۽
مموڪان. اهي ست ڄڻا فارس ۽ مادئي ملڪن جا عملدار هئا جن کي
شهنشاهت ۾ اعليٰ مقام حاصل هو. (15) شهنشاهه انهن کان پڇيو
ته "قانون موجب راڻي وشتيءَ سان ڪهڙو سلوڪ ڪجي؟ ڇالاءِجو

---

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ "ڪُوش" لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

مون پنهنجي خدمتگارن وسيلي جيڪو پيغام ڏانهس موڪليو هو،
سو هن نہ مڃيو آهي.“
(16) تڏهن شهنشاهہ ۽ سندس اميرن جي آڏو مموڪان وراڻيو تہ
”راڻي وشتيءَ نہ رڳو اوهان جي حڪم جي نافرماني ڪئي آهي بلڪ
انهن سڀني اميرن ۽ عام ماڻهن جو بہ قصور ڪيو اٿس، جيڪي
توهان جي شهنشاهت جي سڀني پرڳڻن ۾ رهن ٿا. (17) ڇاڪاڻتہ راڻي
وشتيءَ جي انهيءَ ڳالهہ جي سڀني عورتن کي خبر پئجي ويندي
۽ پوءِ اهي بہ پنهنجن مڙسن کي حقير ڄاڻينديون ۽ چونديون تہ
’شهنشاهہ اخسويرس بہ تہ پنهنجي راڻي وشتيءَ کي پاڻ وٽ اچڻ
جو حڪم ڏنو هو، اُها بہ تہ وٽس ڪونہ آئي هئي.‘ (18) سو اڄ فارس
۽ مادئي ملڪن جي جن اميرن جي زالن راڻيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي
آهي، سي اوهان جي اميرن کي بہ ائين ئي چونديون. انهيءَ ڪري
زالن ۾ گهڻي حقارت ۽ مڙسن ۾ ڪاوڙ شروع ٿي ويندي.
(19) تنهنڪري، جيڪڏهن اوهان کي سٺو لڳي تہ هڪڙو شاهي فرمان
جاري ڪندي فارسين ۽ مادئين جي قانون جي ڪتاب ۾ اهو لکيو
وڃي تہ جيئن ان کي وري نہ بدلائي سگهجي تہ ’راڻي وشتي
وري ڪڏهن بہ شهنشاهہ اخسويرس جي سامهون نہ ايندي.‘ اوهين
انهيءَ جو راڻيءَ وارو درجو پڻ ڪنهن ٻيءَ زال کي ڏيو جيڪا ڪانئس
بهتر هجي. (20) پوءِ جڏهن اوهان جي سڄي وسيع شهنشاهت ۾ انهيءَ
فرمان جو اعلان ڪيو ويندو، تڏهن عام توڙي خاص سڀ عورتون
پنهنجن مڙسن جي عزت ڪنديون رهنديون.“
(21) اها ڳالهہ شهنشاهہ ۽ سندس اميرن کي پسند آئي. سو
شهنشاهہ ائين ئي ڪيو جيئن مموڪان کيس تجويز ڏني هئي. (22) هن
پنهنجي شهنشاهت جي سڀني پرڳڻن ڏانهن هر قوم جي رسم‌الخط
۽ سندن ٻوليءَ ۾ خط لکيا تہ هر ڪو مرد پنهنجي پنهنجي گهر جو
حاڪم آهي ۽ ان تي پنهنجو اختيار هلائي سگهي ٿو.

## آستر جو راڻي بڻجڻ

2 (1) ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن شهنشاهہ اخسويرس جي
ڪاوڙ جهڪي ٿي، تڏهن راڻي وشتي ۽ سندس عمل متعلق
جيڪو فرمان جاري ڪيو هئائين سو کيس ياد پيو. (2) تڏهن شهنشاهہ
جي ڪن خاص خدمتگارن شهنشاهہ کي صلاح ڏني تہ سندس لاءِ
سهڻيون جوان ڪنواريون ڇوڪريون ڳولهي هٿ ڪيون وڃن. (3) ان لاءِ
شهنشاهہ پنهنجي شهنشاهت جي سڀني پرڳڻن ۾ ڪي اعليٰ عملدار
مقرر ڪري تہ جيئن اُهي سڀيئي سهڻيون جوان ڪنواريون ڇوڪريون
سوسن جي شاهي قلعي واري حرم خاني ۾ آڻين. اهي شهنشاهہ جي
هيجا نالي هڪڙي کدڙي ناظر، جيڪو عورتن جو نگران آهي، تنهن
جي سنڀال هيٺ رکيون وڃن ۽ کين هار سينگار جي هر ڪا سهوليت
مهيا ڪئي وڃي. (4) پوءِ جيڪا جوان ڇوڪري شهنشاهہ کي وڻي سا
وشتيءَ جي جاءِ تي سندس راڻي ٿئي. اها صلاح شهنشاهہ کي ڏاڍي
وڻي سو هن ائين ئي ڪيو.
(5) سوسن جي شاهي قلعي ۾ بنيامين قبيلي جو هڪڙو يهودي
هوندو هو، جنهن جو نالو مردڪئي ولد يائر هو ۽ جيڪو سمعي ۽
قيس جي اولاد مان هو. (6) هو يهوداه جي بادشاهہ يهوياڪين سان
گڏ يروشلم مان قيدي بڻائي جلاوطن ڪيو ويو هو. انهن کي بابل جو
بادشاهہ نبوڪدنضر قيد ڪري وٺي ويو هو. (7) مردڪئيءَ کي هدساه
نالي هڪ سئوٽ هئي، جنهن کي هن ڌيءَ ڪري پاليو هو ڇوتہ هن
کي ماءُ پيءُ ڪونہ هئا. اها ڇوڪري، جنهن کي *آستر پڻ سڏيو
ويندو هو سا منهن مهانڊي ۾ ڏاڍي سهڻي هئي.
(8) پوءِ جڏهن شهنشاهہ جي جاري ٿيل فرمان جو اعلان ڪيو ويو،
تڏهن ڪيترين ئي ڇوڪرين سوسن جي شاهي قلعي ۾ آڻي گڏ ڪيون
ويون ۽ عورتن جي ناظر هيجا جي سنڀال هيٺ رکيون ويون. آستر
کي بہ شهنشاهہ جي محل ۾ آندو ويو ۽ کيس هيجا جي سنڀال هيٺ
رکيو ويو. (9) اها ڇوڪري هيجا کي وڻي وئي ۽ هو مٿس مهربان ٿي
پيو. تڏهن فوراً هن کي هار سينگار جي هر ڪا سهوليت ڏني وئي
۽ سٺو کاڌو پيتو پڻ مهيا ڪيو ويو. هيجا آستر کي محل مان ست
نوڪرياڻيون سندس خدمت لاءِ ڏنيون ۽ کيس حرم خاني جي سٺي ۾
سٺي جاءِ ۾ رهايو.
(10) آستر پنهنجي يهودي قوميت ۽ خاندان کي ظاهر نہ ڪيو،
ڇاڪاڻتہ مردڪئيءَ کيس ائين ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. (11) مردڪئي
هر روز حرم خاني جي اڱڻ اڳيان پيو ڦيرا پائيندو هو، انهيءَ لاءِ تہ
معلوم ڪري تہ آستر ڪيئن آهي ۽ ساڻس ڇا ڇا پيو وهي واپري.
(12) ڪنهن بہ ڇوڪريءَ جي شهنشاهہ وٽ حاضر ٿيڻ کان اڳ ۾
هن کي ٻارهن مهينا هار سينگار لاءِ ڏنا ويا. اهي هن طرح جو هر هڪ
ڇوڪريءَ کي ڇهہ مهينا مُر جو تيل مهٽڻو هو ۽ ڇهہ مهينا مختلف
قسم جي خوشبوءِ هڻڻ ۽ ٻيا هار سينگار ڪرڻا هئا. (13) هوءَ شهنشاهہ
وٽ هن طرح ايندي هئي جو حرم خاني کان شاهي محل تائين وڃڻ
لاءِ هوءَ جيڪا بہ هار سينگار جي شيءِ گهرندي هئي سا کيس ڏني
ويندي هئي. پوءِ هوءَ حرم خاني کان شهنشاهہ جي ڪمري ۾ ويندي
هئي. (14) هوءَ شام جو شهنشاهہ وٽ ويندي هئي ۽ صبح جو اُتان
موٽي ٻئي حرم خاني ۾ ويندي هئي جتان جو ناظم شعشجز کدڙو
هوندو هو. هو شهنشاهہ جي سريتن جو نگران هو. اُها ڇوڪري وري
ٻيهر شهنشاهہ وٽ موٽي نہ ويندي هئي، ايستائين جو شهنشاهہ
انهيءَ مان پاڻ خوش هجي ۽ سندس نالو وٺي کيس ٻيهر نہ سڏائي.
(15) جڏهن مردڪئيءَ جي سئوٽ يعني سندس چاچي ابيخيل جي
ڌيءَ آستر، جنهن کي هن ڌيءَ ڪري پاليو هو، تنهن جو شهنشاهہ

*آستر: هدساه انهيءَ ڇوڪريءَ جو عبراني نالو هو، جڏهن تہ بابلي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ ان کي آستر سڏيو ويندو هو.

6:2 2.با 10:24–16، 2.توا 10:36

وٽ وڃڻ جو وارو آيو، تڏهن هن ڪجهه به نه گهريو سواءِ ان جي
جيڪي شهنشاهه جي حرم خاني جي نگران هيجا هن لاءِ تجويز ڪيو.
جنهن به آستر کي ڏٺو ٿي، تنهن کي اُها وڻي ٿي ويئي. 16 نيٺ آستر
کي شاهي محل ۾، شهنشاهيءَ جي ستين سال جي ڏهين مهيني،
يعني طيبت مهيني ۾ شهنشاهه وٽ آندو ويو. 17 شهنشاهه سڀني
عورتن کان وڌيڪ آستر سان پيار ڪيو ۽ آستر سڀني ڇوڪرين کان
وڌيڪ شهنشاهه جي نظر ۾ مان لڌو ۽ کيس پسند آئي. سو شهنشاهه
شاهي تاج کڻي سندس مٿي تي رکيو ۽ کيس وشتيءَ جي جاءِ تي
راڻي بڻايائين. 18 پوءِ شهنشاهه پنهنجي سڀني اميرن ۽ عملدارن جي
هڪڙي وڏي دعوت ڪئي، يعني آستر جي راڻي ٿيڻ جي خوشيءَ ۾
دعوت. هن سڀني پرڳڻن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ۽ شاهي شان
وَ شوڪت موجب ماڻهن ۾ تحفا ورهاياائين.

## مردڪئيءَ جو سازش کي بي‌نقاب ڪرڻ

19 جڏهن ٻيون ڪنواريون ڇوڪريون آنديون ويون، تڏهن مردڪئي
شاهي قلعي جي دروازي وٽ قائم ڪيل عدالت ۾ مقرر هو. 20 آستر
اڃا تائين پنهنجو خاندان ۽ پنهنجي يهودي قوم ظاهر نه ڪئي هئي،
ڇو جو مردڪئيءَ کيس ائين ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي هئي. هوءَ
اڃا تائين ائين ئي مردڪئيءَ جي چوڻ تي عمل ڪندي رهي جيئن
هوءَ پنهنجي پالنا دوران ڪندي هئي.
21 جن ڏينهن ۾ مردڪئي شاهي قلعي جي دروازي وٽ مقرر هو
تن ڏينهن ۾ شاهي آرامگاهه جا ٻه محافظ ڪدڙا بگتان ۽ ترش
شهنشاهه تي اچي ڪاوڙيا ۽ کيس قتل ڪرڻ جي سازش رٿيائون.
22 پر مردڪئيءَ کي ان سازش جو پتو پئجي ويو، جنهن وڃي راڻي
آستر کي اها ڳالهه ٻڌائي. آستر وري وڃي اها ڳالهه مردڪئيءَ جي
نالي سان شهنشاهه کي ٻڌائي. 23 جڏهن انهيءَ ڳالهه جي جاچ پڙتال
ڪئي ويئي ۽ معلوم ٿيو ته اها ڳالهه سچي آهي، تڏهن انهن ٻنهي
کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. اهو سڀ ڪجهه شهنشاهه جي روبرو
شاهي تواريخ جي ڪتاب ۾ لکيو ويو.

## هامان جي يهودين کي تباهه ڪرڻ واري سازش

3 1 ڪجهه وقت کان پوءِ شهنشاهه اخسويرس هامان *اجاجي
ولد همداتا کي ترقي ڏيئي کيس سرفراز ڪيو ۽ پنهنجن سڀني
اميرن کان مٿاهون درجو ڏنائينس. 2 شهنشاهه جا سڀيئي خدمتگار
جيڪي شاهي قلعي جي دروازي وٽ قائم ڪيل عدالت ۾ مقرر
هئا سي هامان جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي سندس تعظيم ڪندا هئا،
ڇالاءِجو اهو شهنشاهه جو حڪم هو. پر مردڪئي نه ئي هن اڳيان
ڪنڌ جهڪائيندو هو ۽ نه ئي وري کيس تعظيم ڏيندو هو. 3 تڏهن
شهنشاهه جا ٻيا خدمتگار جيڪي شاهي قلعي جي دروازي وٽ
مقرر هئا تن مردڪئيءَ کان پڇيو ته ”تون شهنشاهه جو حڪم ڇو
نه ٿو مڃين؟“ 4 هو هر روز کيس ائين پيا چوندا هئا، پر آخرڪار
مردڪئيءَ کين ٻڌايو ته هو يهودي آهي ۽ انهيءَ ڳالهه تي عمل ڪين
ڪندو. پوءِ هنن هامان کي ٻڌايو ته جيئن ڏسن ته مردڪئي پنهنجي
ان ڳالهه تي قائم رهي ٿو يا نه. 5 جڏهن هامان ڏٺو ته مردڪئي
سندس اڳيان جهڪي سندس تعظيم نه ٿو ڪري تڏهن هو اچي ڏاڍو
ڪاوڙيو. 6 مردڪئيءَ جي يهودي هجڻ جو ٻڌڻ کان پوءِ هن رڳو
مردڪئيءَ کي مارائڻ هڪ معمولي ڳالهه سمجهيو، ڇالاءِجو هامان
سوچيو پئي ته فارس جي سڄيءَ شهنشاهت ۾ مردڪئيءَ سان گڏ
سندس سڄي يهودي قوم کي به مارائي ڇڏجي.
7 شهنشاهه اخسويرس جي شاهيءَ جي ٻارهين سال جي پهرين
مهيني يعني نيسان مهيني ۾ هامان جي مرضيءَ مطابق يهودي قوم
کي قتل ڪرڻ واسطي ڏينهن ۽ مهينو چونڊڻ لاءِ ”پُوريم“ يعني
ڪڻو وڌو ويو. انهيءَ ڪڻي ۾ ٻارهين مهيني يعني ادار مهيني جي
تيرهين تاريخ نڪتي.
8 پوءِ شهنشاهه اخسويرس کي هامان چيو ته ”هڪڙي قوم آهي
جيڪا اوهان جي شهنشاهت جي سڀني پرڳڻن ۾ ٽڙيل پکڙيل ۽ ٻين
قومن کان الڳ‌ٿلڳ رهي ٿي. انهيءَ جا رسم وَ رواج ٻين سڀني
قومن جي رسم وَ رواجن جي خلاف آهن ۽ اها قوم اوهان شهنشاهه
سلامت جي قانونن کي به ڪونه ٿي مڃي. سو اها ڳالهه اوهان
جي حق ۾ ناهي ته ان قوم کي ائين ئي ڇڏي ڏجي. 9 جيڪڏهن
شهنشاهه سلامت جي مرضي هجي ته انهيءَ قوم کي ناس ڪرڻ
لاءِ هڪڙو حڪم جاري ڪيو وڃي. آءٌ اهو ڪم ڪندڙن لاءِ ٽي
لک ڪلوگرام چاندي شاهي خزاني ۾ جمع ڪرائيندس.“ 10 تڏهن
شهنشاهه پنهنجي آڱر مان مُهر واري منڊي لاهي يهودين جي دشمن
هامان ولد همداتا اجاجيءَ کي ڏني. 11 هامان کي شهنشاهه چيو ته
”اها چاندي ۽ اها قوم تنهنجي حوالي آهي، جيئن تو کي وڻي تيئن
تون انهن سان ورتاءُ ڪر.“
12 پوءِ پهرين مهيني جي تيرهين تاريخ شاهي ڪاتبن کي سڏايو
ويو. جيئن هامان کين حڪم ڏنو تيئن هُنن شهنشاهه جي سڀني
نائبن، سڀني پرڳڻن جي گورنرن ۽ سڀني ماڻهن جي اڳواڻن ڏانهن
لکيو. اهي خط هر پرڳڻي جي رسم‌الخط ۽ هر قوم جي ٻوليءَ ۾
لکيا ويا. اهي خط شهنشاهه اخسويرس جي نالي سان لکيا ويا ۽
انهن تي شاهي منڊيءَ جي مُهر لڳائي ويئي. 13 قاصدن ذريعي اهي
خط شهنشاهت جي سڀني پرڳڻن ڏانهن اُماڻيا ويا، جن ۾ لکيل هو ته
”ٻارهين يعني ادار مهيني جي تيرهين تاريخ هڪ ئي ڏينهن تي سڀني
يهودين، ننڍن توڙي وڏن، عورتن توڙي معصوم ٻارڙن کي کهي
نيست وَ نابود ڪيو وڃي ۽ انهن جو مال ملڪيت لُٽيو ڦريو وڃي.“

*اجاجي: اجاجي عماليقي قوم جو هڪڙو بادشاهه هو، جيڪا بني اسرائيل جي ازلي دشمن قوم هئي.

14 انهي ئي مضمون واري حڪم جو اعلان قانون جي حيثيت ۾ هر
هڪ پرڳڻي ۾ ڪيو ويو ته جيئن سڀ ماڻهو ان ڏينهن لاءِ تيار رهن.
15 شاهي حڪم موجب قاصد هڪدم روانا ٿي ويا ۽ اهو حڪم
سوسن شهر جي شاهي قلعي ۾ به فوراً پڌرو ڪيو ويو. هوڏانهن
شهنشاهه ۽ هامان گڏ ويهي مئي پئي پيتي، پر سوسن شهر جا
رهواسي ڏاڍا پريشان ٿي ويا.

## مردڪئيءَ جو راڻي آستر کان مدد گهرڻ

4 1 جڏهن مردڪئيءَ کي انهيءَ سڄي ڳالهه جي خبر پيئي تڏهن
هن وڃي پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا ۽ مٿي ۾ رک وجهي بدن تي کٿو
ڍڪي شهر جي رستن تي اچي رڙيون ڪري روئڻ پٽڻ لڳو. 2 ان حالت
۾ هو شاهي قلعي جي دروازي تائين به اچي پهتو، پر جيئن ته ڪنهن
کي به اها اجازت نه هئي ته ڪوبه کٿو ڍڪي شاهي قلعي جي دراوزي
کان اندر لنگهي اچي، سو هو اندر نه ويو. 3 هوڏانهن هر هڪ پرڳڻي
۾، جتي جتي شهنشاهه جو فرمان ۽ حڪم پهتو، اتي يهودين ۾ وڏو
روج راڙو پئجي ويو. هنن کان کائڻ پيئڻ وسري ويو ۽ رڳو رنا ۽ رڙيا
پٽيا. گهڻن ته کٿا ڍڪي خاڪ کي پنهنجو بسترو بڻائي ڇڏيو.
4 جڏهن راڻي آستر کي سندس ٻانهين ۽ خدمتگار ڪدڙن اچي
مردڪئيءَ بابت ٻڌايو تڏهن هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن مردڪئيءَ
ڏانهن ڪپڙا موڪليا ته هو کٿو لاهي اهي پائي، پر هن اهي ڪپڙا نه
ورتا. 5 تڏهن راڻي آستر شهنشاهه جي هڪ خدمتگار ڪدڙي هتاڪ
کي پاڻ وٽ گهرايو، جنهن کي شهنشاهه سندس خدمت ۾ حاضر
رهڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. راڻي آستر کيس حڪم ڏنو ته مردڪئيءَ
وٽ وڃي ڪانئس احوال وٺي ته اهو سڀ ڪجهه ڇا آهي ۽ انهيءَ جو
ڪهڙو سبب آهي.
6 سو هتاڪ شاهي قلعي جي دروازي جي سامهون شهر جي کليل
چونڪ ۾ مردڪئيءَ وٽ آيو. 7 تڏهن جيڪي ڪجهه مردڪئيءَ سان
وهيو واپريو هو سو سڀ ڪجهه هن کيس ٻڌايو. هن ان چانديءَ جي
باري ۾ به کيس ٻڌايو جيڪا هامان يهودين جي تباهيءَ جي عيوض
شاهي خزاني ۾ جمع ڪرائڻ جو واعدو ڪيو هو. 8 بلڪ مردڪئيءَ
کيس ان لکيل حڪم جو نقل به ڏنو جيڪو يهودين جي ناس ڪرڻ
جي لاءِ سوسن شهر مان پڌرو ڪيو ويو هو. هن کيس چيو ته هو
اهو راڻي آستر کي ڏيکاري ۽ حال‌احوال بيان ڪري ٻڌائيس ۽ کيس
تاڪيد ڪري ته هوءَ شهنشاهه وٽ وڃي پنهنجيءَ قوم جي ٻاران
کيس منٿون ڪري.
9 تڏهن هتاڪ موٽي آستر وٽ آيو ۽ جيڪي مردڪئيءَ کيس چيو هو
سو آستر کي ٻڌايائين. 10 مگر آستر هتاڪ کي سمجهائي حڪم ڏنو ته
وڃي مردڪئيءَ کي چوي ته 11 ”شهنشاهه جا سڀيئي عملدار ۽ شاهي
پرڳڻن جا سڀيئي ماڻهو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته ڪوبه مرد يا ڪابه
عورت، جيڪڏهن بنا گهرائڻ جي شهنشاهه جي دربارِخاص ۾ لنگهي
ايندو ته انهيءَ جي لاءِ رڳو هڪڙو ئي قانون آهي ته کيس قتل ڪيو
وڃي. سواءِ ان جي جنهن ڏانهن پاڻ شهنشاهه پنهنجي سوني شاهي
لٺ ڊگهيري ته انهيءَ کي جيئدان ملي. پر مهينو ٿيندو جو شهنشاهه
مون کي پاڻ وٽ ڪين گهرايو آهي سو آءٌ وٽس ڪيئن وڃان؟“
12 جڏهن آستر جو اهو نياپو مردڪئيءَ کي ٻڌايو ويو 13 تڏهن هن
واپس آستر ڏانهن جواب چوائي موڪليو ته ”تون ائين نه سمجهه
ته شهنشاهه جي محل ۾ هجڻ ڪري سڀني يهودين مان تون بچي
ويندينءِ. 14 جيڪڏهن تون هن وقت ماٺ ڪري ويهي رهندينءَ ته
يهودين جو بچاءُ ڪنهن ٻئي هنڌان به ٿي ويندو. پر تون ۽ تنهنجي
پيءُ جو سڄو گهراڻو ناس ٿي ويندو. تو کي ڪهڙي خبر آهي ته
شايد تون هن ئي وقت لاءِ انهيءَ مقام تي پهتي هجين؟“
15 تڏهن آستر مردڪئيءَ ڏانهن هي جواب ڏياري موڪليو ته
16 ”وڃ، سوسن شهر ۾ هن وقت جيڪي به يهودي آهن تن سڀني
کي گڏ ڪري ڪين تاڪيد ڪر ته اهي ٽن ڏينهن تائين منهنجي لاءِ
روزو رکن، رات جو توڙي ڏينهن جو هو نڪي کائين نڪي پيئن. آءٌ
۽ منهنجون ٻانهيون به ائين ئي روزو رکنديونسين. پوءِ آءٌ شهنشاهه
وٽ ويندس، جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ قانون جي خلاف آهي، پوءِ جي
منهنجي جان وڃي ته پلي وڃي.“
17 تڏهن مردڪئيءَ وڃي اهو سڀ ڪجهه ڪيو جيڪو آستر کيس
چوائي موڪليو هو.

## شهنشاهه کي راڻي آستر جو عرض

5 1 روزن رکڻ جي ٽئين ڏينهن تي راڻي آستر پنهنجي شاهي
پوشاڪ پهري، شاهي محل جي اندرئين حصي ۾ تخت واري
ايوان جي سامهون اچي بيٺي. شهنشاهه پنهنجي محل جي ايوان
واري دروازي ڏانهن منهن ڪيو پنهنجي شاهي تخت تي ويٺو هو.
2 جڏهن شهنشاهه راڻي آستر کي ايوان جي آڏو بيٺل ڏٺو، تڏهن هو
راڻيءَ تي مهربان ٿيو ۽ سندس هٿ ۾ جيڪا سوني شاهي لٺ هئي سا
آستر ڏانهن وڌايائين. آستر اڳتي وڌي اچي لٺ جي چوٽيءَ کي ڇهيو.
3 پوءِ شهنشاهه پڇيس ته ”اي راڻي آستر، ڪيئن آئي آهين؟ تو کي
ڇا گهرجي؟ جيڪڏهن اڌ شهنشاهت جو گهرندينءَ ته اهو به تو کي
ڏنو ويندو.“ 4 آستر کيس وراڻيو ته ”جيڪڏهن شهنشاهه سلامت
کي سنو لڳي ته اڄ اوهان شهنشاهه سلامت ۽ هامان منهنجي دعوت
ڪائين، جيڪا مون اوهان لاءِ تيار ڪئي آهي.“ 5 تنهن تي شهنشاهه
حڪم ڏنو ته ”هامان کي جلدي گهرايو وڃي ته جيئن اسين راڻي
آستر جي دعوت ۾ شريڪ ٿيون.“
سو شهنشاهه ۽ هامان انهيءَ دعوت ۾ شريڪ ٿيا جيڪا آستر سندن
لاءِ جهلي هئي. 6 شهنشاهه مئي پيئڻ مهل راڻي آستر کي وري
چيو ته ”جيڪي گهرڻو اٿيئي سو گهر. جيڪڏهن اڌ شهنشاهت جو به
گهرندينءَ ته اهو به تو کي ڏنو ويندو.“ 7 تڏهن آستر ورندي ڏيئي
کيس چيو ته ”منهنجو عرض هي آهي ته 8 جيڪڏهن شهنشاهه مون
تي مهر جي نظر ڪئي آهي ۽ شهنشاهه منهنجو عرض قبول ڪرڻ

گهري ٿو تہ سڀاڻي اوهين شهنشاهہ ۽ هامان مون وٽ ٻيهر دعوت
کائڻ لاءِ اچو جيڪا آءٌ اوهان لاءِ تيار ڪنديس. پوءِ آءٌ شهنشاهہ
سلامت اڳيان پنهنجي خواهش بيان ڪنديس.“

## مردڪئيءَ کي مارائڻ لاءِ هامان جي سازش

9 انهيءَ ڏينهن هامان ڏاڍو سرهو ۽ هشاش بشاش ٿي اتان ٻاهر
نڪتو. پر جڏهن هن مردڪئيءَ کي شاهي قلعي جي دروازي وٽ ڏٺو،
جيڪو کيس ڏسي اٿي نہ بيٺو بلڪ پنهنجي جاءِ تان چريو بہ ڪين،
تڏهن هامان مردڪئيءَ تي تپي باهہ ٿي ويو. 10 پر ان وقت هامان پاڻ
تي ضابطو ڪري ورتو ۽ ماٺ ڪري گهر هليو ويو.
پوءِ هامان پنهنجي دوستن ۽ پنهنجيءَ زال زرش کي پاڻ وٽ
گهرايو. 11 هو انهن جي اڳيان پنهنجي گهڻيءَ دولت، گهڻي اولاد
جو ذڪر ڪندي ۽ اهي سڀ ڳالهيون ڪندي ٻاڙون هڻڻ لڳو، جن
جي ڪري شهنشاهہ سندس عزت وڌائي هئي ۽ کيس ٻين اميرن ۽
عملدارن کان مٿاهون بڻايو هئائين. 12 هامان وڌيڪ چيو تہ ”نہ رڳو
ايترو پر جيڪا دعوت راڻي آستر ڪئي آهي تنهن ۾ شهنشاهہ سان
گڏ مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ نہ سڏيو اٿائين. هن سڀاڻي
واري دعوت ۾ بہ مون کي ئي شهنشاهہ سان گڏ سڏيو آهي. 13 پر
انهن سڀني ڳالهين جي باوجود مون کي اطمينان نہ ٿو رهي جيستائين
آءٌ مردڪئي يهوديءَ کي شاهي قلعي جي دروازي وٽ قائم ڪيل
عدالت ۾ ويٺل ٿو ڏسان.“ 14 تنهن تي سندس زال زرش ۽ ٻين سڀني
دوستن کيس صلاح ڏني تہ ”ٻاويهہ ميٽر ڊگهي ڦاهي ٺهراءِ ۽ سڀاڻي
صبح جو شهنشاهہ کي چئُہ تہ مردڪئيءَ کي ان تي چاڙهي ڦاهي
ڏياري ڇڏي. پوءِ تون شهنشاهہ سان گڏجي دعوت ۾ وڃي خوشيون
ملهاءِ.“ هامان کي اها صلاح ڏاڍي وڻي، سو هن ڦاهي ٺهرائي.

## شهنشاهہ جو مردڪئيءَ کي مان ڏيڻ

6 1 انهيءَ رات شهنشاهہ کي ننڊ نہ آئي، سو هن حڪم ڏنو تہ
سندس شهنشاهت جي تواريخ وارو ڪتاب وٽس آندو وڃي ۽ اهو
ڪتاب آڏي سندس اڳيان پڙهيو ويو. 2 انهيءَ ۾ اهو لکيل مليو تہ
شهنشاهہ جا ٻہ محافظ ڪدڙا بگتان ۽ ترش جيڪي شاهي آرامگاهہ
تي پهرو ڏيندا هئا تن شهنشاهہ کي قتل ڪرڻ جي سازش تيار ڪئي
هئي، پر مردڪئيءَ انهن جي سازش کي بينقاب ڪيو هو.
3 تڏهن شهنشاهہ خدمتگارن کان پڇيو تہ ”اهڙي ڪم جي عيوض
مردڪئيءَ کي ڪيتري عزت ۽ ڪهڙو درجو ڏنو ويو آهي؟“ تنهن تي
سندس خدمتگارن وراڻيو تہ ”کيس ڪجهہ بہ نہ ڏنو ويو آهي.“
4 شهنشاهہ وري پڇيو تہ ”محل ۾ ڪو عملدار حاضر آهي؟“
انهيءَ ئي مهل هامان شهنشاهہ جي محل ۾ داخل ٿيو، تانتہ جيڪا
ڦاهي مردڪئيءَ لاءِ ٺهرائي هئائين تنهن تي انهيءَ کي چاڙهڻ لاءِ
شهنشاهہ سان ڳالهائي. 5 تڏهن شهنشاهہ کي سندس خدمتگارن
وراڻيو تہ ”هامان محل ۾ حاضر آهي.“ تنهن تي شهنشاهہ حڪم
ڏنو تہ ”هن کي مون وٽ وٺي اچو.“
6 جڏهن هامان اندر آيو تڏهن شهنشاهہ کانئس پڇيو تہ ”جنهن
ماڻهوءَ کي شهنشاهہ عزت ۽ مان ڏيڻ چاهي تنهن سان ڇا ڪرڻ
گهرجي؟“ تنهن تي هامان پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ ”مون کان
وڌيڪ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن کي شهنشاهہ عزت ڏيڻ گهرندو
هجي؟“ 7 سو هن شهنشاهہ کي ورندي ڏني تہ ”جنهن ماڻهوءَ کي
شهنشاهہ عزت ڏيڻ گهري، 8 تنهن جي لاءِ شاهي پوشاڪ جيڪا
شهنشاهہ پاڻ پائيندو آهي ۽ اهو گهوڙو جنهن تي شهنشاهہ پاڻ
سواري ڪندو آهي، سي آندا وڃن ۽ انهيءَ گهوڙي جي مٿي تي
شاهي نشان رکيو وڃي. 9 اها پوشاڪ ۽ اهو گهوڙو شهنشاهہ جي
اعليٰ مرتبي وارن اميرن مان هڪ جي حوالي ڪيو وڃي. پوءِ هو اها
پوشاڪ انهيءَ ماڻهوءَ کي پهرائي جنهن کي شهنشاهہ عزت ڏيڻ ٿو
گهري ۽ انهيءَ گهوڙي تي چاڙهي کيس سڄي شهر جي رستن تان
گهمائي ۽ سندس اڳيان پڙهو ڏياري تہ ’جنهن ماڻهوءَ کي شهنشاهہ
عزت ڏيڻ گهرندو آهي تنهن کي هيترو مان ملندو آهي.‘“
10 تڏهن شهنشاهہ هامان کي حڪم ڏنو تہ ”دير نہ ڪر. جلدي
وڃي اها پوشاڪ ۽ اهو گهوڙو ڪاهي اچ ۽ جيئن چيو اٿيئي تيئن
ئي مردڪئي يهوديءَ لاءِ ڪر، جيڪو شاهي قلعي جي دروازي وٽ
قائم ڪيل عدالت ۾ مقرر آهي. جيڪي تو چيو آهي تنهن مان ڪابہ
ڳالهہ گهٽ نہ ڪجانءِ.“
11 سو هامان اها پوشاڪ کڻي آيو ۽ اهو گهوڙو ڪاهي آيو. هن
مردڪئيءَ کي اها پوشاڪ پهرائي ۽ کيس گهوڙي تي ويهاري ان جي
اڳيان هلندي کيس شهر جي رستن تان گهمايائين. هن سندس اڳيان
هلندي هلندي پڙهو بہ پئي ڏياريو تہ ”جنهن ماڻهوءَ کي شهنشاهہ
عزت ڏيڻ گهرندو آهي تنهن کي هيترو مان ملندو آهي.“
12 بعد ۾ مردڪئي موٽي اچي شاهي قلعي جي دروازي وٽ ويٺو.
پر هامان ڏک وچان پنهنجو منهن ڍڪي گهر هليو ويو. 13 هامان
پنهنجي زال زرش ۽ پنهنجي سڀني دوستن کي اهو سڀ ڪُجهہ ٻڌايو
جيڪو ساڻس ٿي گذريو هو. تڏهن سندس صلاحڪارن ۽ سندس زال
زرش کيس چيو تہ ”جيئن تہ مردڪئي، جنهن جي اڳيان تون پاڻ
کي گهٽ سمجهڻ لڳو آهين، سو يهودي نسل جو آهي، سو تون هن
سان مقابلو نہ ڪري سگهندين. تون يقيناً برباد ٿي ويندين.“ 14 انهن
ساڻس اجا ڳالهايو ئي پئي تہ شهنشاهہ جا خدمتگار ڪدڙا وٽس آيا
۽ کيس چيائون تہ جلدي انهيءَ دعوت ۾ هلي جيڪا آستر تيار ڪئي
هئي.

2:6 آس 21:2–22

## هامان کي ڦاسي اچڻ

7 (1) سو شهنشاهه ۽ هامان راڻي آستر وٽ سندس دعوت کائڻ لاءِ
اچي پهتا. (2) ان ٻئي ڏينهن تي به مئي پيئڻ وقت شهنشاهه راڻي
آستر کان وري پڇيو ته ”راڻي آستر! تنهنجو ڪهڙو عرض آهي؟ ٻڌاءِ
ته اهو قبول ڪيو ويندو. تنهنجي ڪهڙي خواهش آهي؟ شهنشاهت
جو اڌ به گهرندينءَ ته اهو به تو کي ڏنو ويندو.“ (3) تڏهن راڻي آستر
کيس ورندي ڏيندي چيو ته ”اي شهنشاهه سلامت! جيڪڏهن مون
اوهان جي نظر ۾ عزت ۽ مان لڌو آهي ۽ اوهين جي مناسب سمجهو ته
مون کي ۽ منهنجي قوم کي جيئدان ڏنو وڃي. اهو ئي منهنجو عرض
آهي ۽ اها ئي منهنجي خواهش آهي. (4) ڇالاءِجو آءٌ ۽ منهنجي قوم
مارجي ناس ٿي وڃڻ لاءِ تباهيءَ جي حوالي ڪيا ويا آهيون. جيڪڏهن
اسان کي رڳو غلاميءَ ۾ اڇلايو وڃي ها ته آءٌ ٻڙڪ به نه ڪڇان ها
۽ اوهان کي تڪليف نه ڏيان ها. پر اسين صفا ناس ٿيڻ تي آهيون.“
(5) تنهن تي شهنشاهه اخسويرس راڻي آستر کان پڇيو ته ”اُهو ڪير
آهي؟ ڪٿي آهي اُهو، جنهن ايتري جرئت ڪئي آهي؟“ (6) آستر وراڻيو
ته ”اُهو دشمن ۽ ويري هي بڇڙو هامان آهي.“ تڏهن هامان شهنشاهه
۽ راڻيءَ جي اڳيان ڏاڍو دهلجي ويو. (7) شهنشاهه ڪاوڙ مان اٿي
بيٺو ۽ پنهنجي مئي اڌ ۾ ڇڏي ٻاهر محل جي باغ ۾ هليو ويو. پر
هامان اُتي راڻي آستر کي پنهنجي جيئدان لاءِ منٿ ميڙ ڪرڻ لڳو،
ڇالاءِجو هن محسوس ڪيو هو ته شهنشاهه کيس جيئرو نه ڇڏيندو.
(8) پوءِ شهنشاهه باغ مان واپس دعوت واري ڪمري ۾ موٽي آيو،
جتي ڏٺائين ته هامان راڻي آستر جي پلنگ تي ڪريو پيو هو. تڏهن
شهنشاهه غصي وچان رڙ ڪري چيو ته ”هو منهنجي روبرو منهنجي
راڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ کان به نه ٿو مڙي!“
شهنشاهه اهي لفظ چيا ئي مس ته سندس خدمتگار ڪدڙن
هامان جو منهن ڪٽي ڍڪيو. (9) تڏهن شهنشاهه جي حضور ۾ بيٺل
خدمتگارن مان خربوناه نالي هڪڙي چيو ته ”هامان جي گهر جي
پرسان ٻاويهه ميٽر ڊگهي ڦاهي نهيل هئي، جيڪا هامان مردڪئيءَ
لاءِ نهرائي هئي جنهن اوهان شهنشاهه سلامت جي زندگي بچائي
هئي.“ تنهن تي شهنشاهه حڪم ڏنو ته ”انهيءَ ڦاهي تي هن کي
لٽڪايو وڃي.“ (10) سو هامان کي ان ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو جيڪا هن
مردڪئيءَ لاءِ نهرائي هئي. تڏهن وڃي شهنشاهه جي ڪاوڙ جهڪي
ٿي.

## يهودين متعلق شهنشاهه جو فرمان

8 (1) انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي شهنشاهه اخسويرس راڻي آستر کي
يهودين جي دشمن هامان جي سڄي ملڪيت ڏيئي ڇڏي. راڻي
آستر شهنشاهه کي اهو پڻ ٻڌايو ته مردڪئي سندس مائٽ آهي. سو
مردڪئيءَ کي شهنشاهه جي حضور ۾ آندو ويو. (2) تڏهن شهنشاهه
پنهنجي مُهر واري منڊي، جيڪا هامان کان واپس ورتي هئائين سا
لاهي مردڪئيءَ کي ڏني. هوڏانهن آستر مردڪئيءَ کي هامان واري
ملڪيت جو سنڀاليندڙ مقرر ڪيو.
(3) پوءِ آستر وري به شهنشاهه جي پيرن تي ڪري ڪيس منٿ ميڙ
ڪرڻ لڳي. هن ڪيس روئيندي ليلائيندي چيو ته ”هامان اجاجيءَ
يهودين خلاف جيڪا بڇڙائي ۽ سازش تيار ڪئي هئي تنهن جو خاتمو
آندو وڃي.“ (4) تڏهن شهنشاهه پنهنجي سوني شاهي لٺ آستر ڏانهن
وڌائي ته آستر اٿي شهنشاهه جي اڳيان ٿي بيٺي.
(5) هوءَ کيس چوڻ لڳي ته ”جيڪڏهن شهنشاهه مون سان راضي
آهي ۽ مون سندس نظر ۾ عزت ۽ مان لڌو آهي ۽ جيڪڏهن هو مون
تي مهرباني ڪري ۽ مناسب سمجهي ته اهڙو حڪم نامو جاري ڪيو
وڃي جو جيڪي خط هامان ولد همداتا اجاجيءَ شهنشاهه جي سيني
پرڳڻن ۾ رهندڙ يهودين کي قتل ڪرڻ لاءِ روانا ڪيا هئا سي رد
ڪيا وڃن. (6) ڇالاءِجو جيڪا مصيبت منهنجي قوم تي ايندي سا آءٌ
ڪيئن پنهنجي اکين سان ڏسي سگهنديس! جيڪا تباهي ۽ بربادي
منهنجي مائٽن جي ٿيندي سا آءٌ ڪيئن برداشت ڪري سگهنديس!“
(7) تڏهن شهنشاهه اخسويرس راڻي آستر ۽ مردڪئي يهوديءَ کي چيو
ته ”ڏسو، جيئن ته هامان يهودين لاءِ برو چاهيو هو، تنهنڪري مون
سندس سڄي ساري ملڪيت آستر کي ڏني آهي ۽ هامان کي ڦاسي
ڏني ويئي آهي. (8) تنهنڪري هاڻ اوهان کي جيئن وڻي تيئن اوهين به
يهودين ڏانهن مون شهنشاهه جي نالي لکو ۽ انهيءَ تي منهنجي
مهر هڻو. ڇالاءِجو جيڪو به خط شهنشاهه جي نالي سان لکيو
ويندو آهي ۽ انهيءَ تي شهنشاهه جي منڊيءَ جي مهر هڻي ويندي
آهي، ته انهيءَ کي ڪو به ماڻهو رد نه ٿو ڪري سگهي.“
(9) تڏهن انهيءَ ئي مهل شاهي منشين کي گهرايو ويو. اها ٽئين
مهيني يعني سِيوان مهيني جي ٽيويهين تاريخ هئي. هنن مردڪئيءَ
جا سمورا حڪم هندستان کان وٺي سوڊان ملڪ جي يهودين، گورنرن،
حاڪمن ۽ پرڳڻن جي عملدارن ڏانهن موڪلي ڏنا. اهي حڪم
شهنشاهت جي سيني هڪ سؤ ستاويهه پرڳڻن ڏانهن هر هڪ قوم جي
رسم الخط ۽ ٻوليءَ ۾ ۽ يهودين ڏانهن سندن رسم الخط ۽ ٻوليءَ ۾
پڻ لکيا ويا. (10) مردڪئيءَ اهو فرمان شهنشاهه اخسويرس جي نالي
سان لکيو، جنهن تي شهنشاهه جي منڊيءَ سان مهر هنيائين. پوءِ
اهي خط شاهي گهوڙي سوار ٽپالين جي هٿان ڏياري موڪليائين،
جيڪي تيز رفتار گهوڙن تي چڙهي روانا ٿي ويا.
(11) انهن خطن ۾ لکيل شاهي فرمان مطابق هر شهر جي يهودين
کي اها اجازت مليل هئي ته اهي پاڻ ۾ گڏ ٿي پنهنجو بچاءُ ڪن.
جيڪڏهن ڪنهن به قوم جو ڪو به لشڪر مٿن حملو ڪري ته هو
انهيءَ لشڪر، سندن عورتن ۽ سندن ٻارن تي حملو ڪري کين ماري
ڇڏين ۽ ناس ڪن ۽ انهن جو مال ملڪيت لٽي پنهنجي قبضي هيٺ

ڪن. 12 ائين ڪرڻ لاءِ يهودين واسطي شهنشاهه اخسويرس جي
شهنشاهت جي سيني پرڳڻن ۾ اڳ ۾ وڌل ڪٽي مطابق ٻارهين مهيني
يعني ادار مهيني جي تيرهين تاريخ تي هڪڙو ئي ڏينهن مقرر ڪيو
ويو. 13 هر پرڳڻي ۾ ان فرمان جو نقل جاري ڪيو وڃي، انهيءَ لاءِ
هر قوميت وارن ۾ ان بابت اعلان ڪيو وڃي ته جيئن ان ڏينهن تي
يهودي پنهنجن دشمنن کان بچاءُ ڪن ۽ ڪانئن بدلو وٺي سگهن.
14 اهڙيءَ طرح شاهي حڪم موجب قاصد شاهي گهوڙن تي سوار
ٿي هڪدم روانا ٿي ويا. سوسن جي شاهي قلعي ۾ پڻ اهو فرمان
جاري ڪيو ويو.

15 تڏهن مردڪئي نيري ۽ اڇي رنگ جي شاهي پوشاڪ ۾، هڪڙو
سونو عمدو تاج پهري سنهي وٽيل سٽي جي واڱڻائيءَ رنگ واري
هڪڙي جبي سان شهنشاهه جي حضور مان اٿي ٻاهر نڪري آيو.
سوسن جي شهر ۾ خوشي ۽ جشن ملهايو ويو. 16 اهو وقت يهودين
لاءِ خوشيءَ، سرهائيءَ، جشن ۽ بلند رتبي جو وقت هو. 17 هر ڪنهن
شهر ۽ هر ڪنهن پرڳڻي ۾ جتي جتي اهو شاهي فرمان پهتو، اتي
اتي يهودين ۾ تمام گهڻي خوشي ۽ سرهائي ٿي. هنن دعوتون ڪندي
خوشيون پئي ملهايون. ٻين قوميتن وارا ڪيترائي ماڻهو يهودي بڻيا،
ڇاڪاڻ‌ته يهودين جو خوف انهن تي ڇانئجي ويو هو.

## يهودين جي سوڀ

9 1 ٻارهين مهيني ادار جي تيرهين تاريخ تي پهرين شاهي فرمان
تي عمل ٿيڻو هو. ان ڏينهن تي يهودين جي دشمنن کي اميد
هئي ته هو ڪين ماري مڃائيندا، پر معاملو انهيءَ جي ابتڙ ٿي پيو ۽
يهودي پنهنجن مخالفن تي غالب اچي ويا. 2 تڏهن شهنشاهت جي
سيني پرڳڻن ۾ يهودي پنهنجي پنهنجي شهر ۾ اچي گڏ ٿيا ته جيئن
سندن تباهي چاهيندڙن تي حملو ڪن. پر ڪوبه انهن جي سامهون نه
بيهي سگهيو، ڇاڪاڻ‌ته ٻين قوميتن وارا ڪانئن ڏڄل هئا. 3 پرڳڻن
جي سيني مختيارن يعني نوابن، گورنرن ۽ شاهي منتظمين يهودين
جي مدد ڪئي، ڇالاءِجو مردڪئيءَ جو رعب تاب مٿن سوار هو.
4 جيئن ته مردڪئي شاهي محل ۾ وڏي مان ۽ مرتبي وارو سمجهيو
ويندو هو ۽ هن جو ناموس سيني پرڳڻن ۾ پکڙجي ويو هو، سو هو
وڌ کان وڌ طاقتور ٿيندو ويو.

5 يهودين پنهنجن سيني دشمنن کي تلوار جي ڌار سان ماري
مات ڪري ڇڏيو ۽ ساڻن نفرت رکندڙن سان جيئن ڪين وڻيو تيئن
ئي ڪيائون. 6 سوسن جي شاهي قلعي ۾ به يهودين پنج سؤ ماڻهو
ماري ڇٽ ڪري ڇڏيا. 7 انهن مارجي ويلن ۾ پرشنداتا، دلفون،
اسپاتا، 8 پورتا، ادلياه، اردتا، 9 پرمشتا، اريسئي، اردي، ويزاتا به
شامل هئا. 10 اِهي يهودين جي دشمن هامان ولد همداتا جا ڏهه پٽ
هئا. پر يهودين ڦرلٽ لاءِ پنهنجا هٿ ڪين وڌايا.

11 سوسن جي شاهي قلعي ۾ مارجي وڃڻ وارن جو تعداد ان ساڳئي
ڏينهن تي شهنشاهه کي ٻڌايو ويو. 12 سو شهنشاهه راڻي آستر کي
چيو ته ”يهودين رڳو سوسن جي شاهي قلعي اندر هامان جي ڏهن
پٽن سميت پنج سؤ ماڻهن کي ماري ڇٽ ڪري ڇڏيو آهي، ته پوءِ
شهنشاهت جي ٻين پرڳڻن ۾ هنن ڇا ڇا نه ڪيو هوندو؟ هاڻ تنهنجو
ٻيو عرض ڪهڙو آهي؟ اُهو به پورو ڪيو ويندو. تون وڌيڪ ڇا ٿي
چاهين؟ تنهنجي اها ڳالهه پڻ قبول ڪئي ويندي.“ 13 تنهن تي آستر
ڪيس وراڻيو ته ”جيڪڏهن شهنشاهه جي مرضي هجي ته جيڪو ڪم
سوسن ۾ رهندڙ يهودين اڄ ڪيو تنهن جي سڀاڻي لاءِ به اجازت ڏني
وڃي ۽ هامان جي ڏهن ئي پٽن جا لاش ڦاهيءَ تي لٽڪايا وڃن.“
14 سو شهنشاهه ائين ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سوسن شهر ۾ فرمان
جاري ڪيو ويو ۽ هامان جي ڏهن ئي پٽن جا لاش ڦاهيءَ تي لٽڪايا
ويا. 15 سوسن ۾ رهندڙ يهودي ادار مهيني جي چوڏهين تاريخ تي
به گڏ ٿيا ۽ ٽي سؤ ماڻهن کي ماري ڇڏيائون، پر هنن ڪابه ڦرلٽ
ڪانه ڪئي.

16–17 شهنشاهت جي سيني پرڳڻن ۾ ٻيا جيڪي يهودي هئا سي
به ادار مهيني جي تيرهين تاريخ تي پنهنجي حفاظت لاءِ گڏ ٿيا ۽
پنهنجن دشمنن کان سک جو ساهه کنيائون. هنن انهن نفرت ڪندڙن
مان پنجهتر هزار ماڻهن کي ماري ڇڏيو، پر ڦرلٽ ڪين ڪيائون.
چوڏهين تاريخ تي هنن اهو ڪم نه ڪيو پر دعوتون ڪيائون ۽ خوشيون
ملهايائون. 18–19 اهو ئي سبب هو جو جيڪي ٻهراڙيءَ وارا يهودي
هئا سي اڄ ڏينهن تائين ادار مهيني جي چوڏهين تاريخ عيد جو ڏينهن
ڪري ملهائيندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي عيدون ڏيئي خوشيون ڪندا آهن.
جيڪي يهودي سوسن شهر ۾ هئا سي تيرهين تاريخ کان علاوه
چوڏهين تاريخ تي به پنهنجي دشمنن تي حملو ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا.
سو هنن پندرهين تاريخ تي اهو ڪم نه ڪيو بلڪ دعوتون ڪندي
خوشيون ملهايائون.

## پُوريم عيد ملهائڻ

20 مردڪئيءَ اهي سڀ ڳالهيون لکيون ۽ شهنشاهت جي سيني
پرڳڻن ۾ جيڪي اوري پري يهودي هئا تن سيني ڏانهن خط اماڻيا.
21 انهن خطن ۾ ڪين لکيائين ته اهي هر سال ادار مهيني جي چوڏهين
۽ پندرهين تاريخ تي عيد ملهائين. 22 انهيءَ ڪري جو انهن ڏينهن
تي يهودين کي پنهنجن دشمنن کان آرام مليو ۽ ان مهيني ۾ سندن
لاءِ ڏک بدلجي سک ٿيو ۽ سندن ماتم خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. هن
انهن ڏانهن لکيو ته هو اهي ڏينهن دعوتون ڪائڻ، هڪ ٻئي ڏانهن
عيدون موڪلڻ ۽ غريبن ۾ خيراتون ڪرڻ سان ملهائين. 23 يهودين
اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ جهڙيءَ طرح هنن اها خوشي ملهائي تهڙيءَ

12:8 آس 13:3

طرح هو مردڪئيءَ جي لکت موجب اها خوشي هر سال هميشہ لاءِ
ملهائيندا رهيا.

24 سڀني يهودين جي دشمن هامان ولد همداتا اجاجيءَ، يهودين
کي ناس ڪري ڇڏڻ جي رٿ رٿي هئي ۽ ڪين ماري صفا چٽ ڪرڻ
واسطي ڏينهن مقرر ڪرڻ لاءِ ”پُوريم“ يعني ڪڻو وڌو هئائين. 25 پر
جڏهن ان منصوبي جي خبر شهنشاهہ تائين پهتي تہ هن فرمان جاري
ڪري يهودين خلاف اها سازش موٽائي هامان جي ڳچيءَ ۾ وڌي
۽ هامان ۽ سندس پٽن کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. 26 انهيءَ ڪري
”پُوريم“ لفظ جي نسبت سان انهن ٻنهي ڏينهن کي پُوريم عيد جي
نالي سان سڏيو ويو. مردڪئيءَ جي انهيءَ خط ۾ جيڪي لکيل هو،
جيڪي هنن ڏٺو هو ۽ جيڪي ساڻن وهيو واپريو هو، تنهن سبب پڻ
27 يهودين اهو رواج قائم ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪري ورتو تہ هو پاڻ،
سندن اولاد ۽ اهي جيڪي يهودي بڻيا هئا، سي ضرور بل ضرور هر
سال اهي ٻہ ڏينهن مقرر طريقي سان ۽ مقرر وقت تي عيد ڪري
ملهائيندا. 28 اهو انهيءَ لاءِ ٿيو تہ جيئن هر نسل ۾، هر خاندان، هر
شهر ۽ هر پرڳڻي ۾ اهي ڏينهن ياد رکيا وڃن ۽ ملهايا وڃن. يهودين
کان پُوريم عيد جا اهي ٻئي ڏينهن ملهائجڻ کان رهجي نہ وڃن ۽
انهن جي يادگيري سندن اولاد مان اصل گم ٿي نہ وڃي.

29 راڻي آستر ولد ابيخيل مردڪئيءَ سان گڏجي پوري اختياريءَ
سان ٻئي خط ۾ پُوريم عيد کي قائم رکڻ بابت لکيو. 30 شهنشاهت
جي سڀني هڪ سؤ ستاويهن پرڳڻن ۾ رهندڙ يهودين ڏانهن امن،
سلامتيءَ ۽ حفاظت جي دعا جي لفظن سان ڀيا خط اماڻيا ويا.
31 مردڪئيءَ ۽ راڻي آستر ڪين حڪم ڪيو هو تہ جهڙيءَ طرح هنن
پاڻ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي اولاد لاءِ روزا رکڻ ۽ سوڳ جا ڏينهن
ملهائڻ متعلق ٺهراءُ بحال ڪيو هو، تهڙيءَ طرح اهي پُوريم عيد جا
ڏينهن مقرر ڪيل وقتن تي ملهائيندي قائم رکندا اچن. 32 راڻي آستر
جي حڪم سان پُوريم متعلق رسمن جي تصديق ٿي ۽ اهو ڪتاب ۾
لکيو ويو.

## مردڪئيءَ جي سربلندي

10 1 شهنشاهہ اخسويرس پنهنجي سڄي شهنشاهت ۾ ويندي
سمنڊ جي ڏورانهن ٻيٽن تائين رعيت مٿان ڍل مقرر ڪئي.
2 شهنشاهہ جي طاقت ۽ زور جا سمورا ڪم، مردڪئيءَ جي عظمت
جو احوال، جنهن تان شهنشاهہ سندس درجو وڌايو، تن جو بيان
مادئي ۽ فارس جي بادشاهن جي تواريخ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي.
3 مردڪئي جو درجو شهنشاهہ اخسويرس کان پوءِ ٻئي نمبر تي هو.
هو سڀني يهودين جو وڏو هو ۽ سڀيئي يهودي سندس عزت ڪندا
هئا، ڇاڪاڻتہ هو پنهنجي يهودي قوم جو خيرخواهہ هو ۽ پنهنجي
سڄي يهودي نسل جي فلاح وَ بهبود لاءِ آواز اٿاريندڙ هو.

24:9 آس 7:3